# ورهاڱي کان پوءِ
# سنڌي ناول جي اوسر

مقاله نگار

## نور افروز امين خواجه

## شيخ شوڪت علي اينڊ سنز


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر |
| مصنف: | پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2009ع |





تعداد: هڪ هزار
قيمت:

چپائيندڙ:
تعليمي خدمتن جي ٽين پُشت
شيخ شوڪت علي اينڊ سنز
تعليمي اشاعت ۽ ڪتابن جو وڪرو ڪندڙ
ڪراچي آفيس: اردو بازار، ايڪسٽينشن، ايم.اي جناح روڊ، ڪراچي 74200
فون: 2217767-2637577 (021) فيڪس: 2637877 (021)

لاهور آفيس: ميان مارڪيٽ، غزني اسٽريٽ، اُردو بازار، لاهور – 54000
فون: 7230609-7230909 (042)


## ارپنا

آئون پنهنجو هيءُ ڪتاب پنهنجي پيءُ سمان، پنهنجي رهبر ۽ رهنما ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نالي تي ارپيان ٿي. جنهن مون کي ڇئن سالن جي عمر کان وٺي هٿ جهلي، سنڀالي، پڙهائي، هن مقام تائين پهچايو آهي ۽ هميشه پنهنجي پيءُ جيان پيار ڏنو آهي. ۽ هميشه منهنجي رهنمائي ڪندو رهندو آهي، انهيءَ ڪري آئون سندن وڏي ڏيءَ هجڻ جي دعويٰ ڪري سگهان ٿي. آئون پنهنجي زندگيءَ جي هر لمحي، هر قدم تي

هميشه ادا الانا کي دعائون ڏيندي رهنديس. رب ڪريم سنئي صحت سان اچا به وڌي زندگي ڏي ۽ سندس پيار، رهبريءَ ۽ رهنمائي جو هٿ سدائين اسان جهڙن مٿان هجي. (آمين)

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه



# فهرست


- ناشر پاران — ضياء امجد علي شيخ — 09
- پنهنجي طرفان ٻه ٻول — ڊاڪٽر نور افروز خواجه — 11
- مقدمو — ڊاڪٽر نور افروز خواجه — 15

**باب پهريون: سنڌي نثر جو جائزو** 37
(الف) ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي نثر جو جائزو 37
(ب) ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي نثر جو جائزو 62

**باب ٻيو: سنڌي ادب ۾ ناول جي شروعات** 92
(الف) ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ناول جو مختصر جائزو: 92
(ب) ورهاڱي کان اڳ جا ڪي ناول نويس 102
(1) مرزا قليچ بيگ 102
(2) پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي 105
(3) خليق مورائي 110
(4) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي 113

**باب ٽيون: سنڌي ادب جا نوان موڙ ۽ انهن جوناول نگاريءَ تي اثر** 119
(1) ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ تبديليون 120
(2) سنڌي زبان جو مسئلو 121
(3) قيام پاڪستان کان پوءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حيثيت 123
(4) ون-يونٽ جي قيام جو سنڌي ادب تي اثر 125
(5) ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي 127
(6) جنرل ايوب خان جي مارشل لا جو نفاذ ۽ ان جو سنڌي ادب تي اثر 128
(7) جنرل يحييٰ خان ۽ جنرل ضياءُالحق جي مارشل لا جو زمانو 132

**باب چوٿون: ورهاڱي کان پوءِ لکيل، سنڌي ناولن جو تفصيلي جائزو** 136

(1) ناول جو فن، تعارف ۽ علمي دائرو 136
(2) ناول جو مقصد ۽ سنڌي ناول 144
(3) ناول جا موضوع ۽ سنڌي ناول 154
(4) پلاٽ ۽ سنڌي ناول 170
(5) ڪهاڻي ۽ سنڌي ناول 181
(6) منظرنگاري ۽ سنڌي ناول 190
(7) ناول ۾ حقيقت نگاري 196
(8) ڪردار نگاري ۽ سنڌي ناول 209
(9) مڪالمه نگاري (گفتگو) ۽ سنڌي ناول 217

**باب پنجون: مختلف ادبي نظريا، فلسفا، (مڪتب فڪر) ۽ انهن جي سنڌي ناولن ۾ عڪاسي** 223
(1) وجوديت 224
(2) رومانيت 233
(3) مارڪسي نظريو 242
(4) نفسياتي نظريو 245
(5) ترقي پسند نظريو 246
(6) قوميت پسندي يا قوم پرستيءَ وارو نظريو 252
(7) سنڌي قوميت وارو نظريو 253

**باب ڇهون: ورهاڱي کان پوءِ، ڇپيل سنڌي ناولن ۾ پيش ڪيل موضوعن جو اپياس** 256
(الف) سنڌ جي سنڌي ناولن جا موضوع 256
(ب) ڀارت جي سنڌي ناولن جا موضوع 271

**باب ستون: سنڌي ناولن ۾، سنڌي سماج جي ڌار ڌار پهلوئن جي عڪاسي** 288

**باب اٺون: سنڌي ناول نگارن جي ناولن جو تنقيدي جائزو** 304
(الف) سنڌ جا سنڌي ناول نگار 304
آغا سليم 304
الله بخش ٽالپر 317
امر جليل 320
انجم هالائي 337
سراج الحق ميمڻ 340



شيخ محمد حسن 357
شيخ عبدالرزاق ’راز‘ 361
طارق اشرف 368
عمر الدين ’بيدار‘ 376
ڊاڪٽر غلام علي الانا 379
غلام نبي مغل 402
قبول ابڙو 416
گل نصرپوري 423
محمد عثمان ڏيپلائي 427
پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم 436
ملڪ آگاڻي 445
ڊاڪٽر نجم عباسي 447
ديوان ولي رام ولڀ 454

(ب) ڀارت جا سنڌي ناول نگار 466
آسانند مامتوراءِ 466
پروفيسر رام پنجواڻي 473
پوپٽي هيراننداڻي 488
چندو لعل جئسنگهاڻي 507
ريٽا شهاڻي 525
سندري اُتم چنداڻي 532
ڪرشن کٽواڻي 548
ڪلا پرڪاش 565
گوبند مالهي 579
لعل پشپ 600
موهن ڪلپنا 613
هري موٽواڻي 642

**باب نائون: ضميمون پهريون**
ورهاڱي کان پوءِ ڇپيل طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل سنڌي ناولن جي فهرست 648
(الف) سنڌ ۾ ڇپيل ناول 648
(ب) ڀارت ۾ ڇپيل ناول 660

**ضميمون ٻيو: سنڌ ۾ علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارا** 669
(الف) ورهاڱي کان اڳ جا اشاعتي ادارا ۽ پريسون 669

(ب) ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ علمي، ادبي ادارا ۽ پريسون 675
(پ) ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ علمي، ادبي ادارا ۽ پريسون 681
سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن بابت ڄاڻ683
ببليو گرافي 699
سنڌي ناول 705
انگريزي ڪتاب 709

## ناشر پاران

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه، سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي پروفيسر آهي. هوءَ شعبي ۾ پنجن سالن کان چيئرپرسن جي عهدي تي فائز آهي. پاڻ شعبي ۾ تدريسي عمل کان علاوه مختلف موضوعن تي به لکندي رهندي آهي. هن کان اڳ سندس ڪتاب ”پرڏيهي آڪاڻيون“ جيڪو سنڌالاجي وارن، 1978ع ۾ شايع ڪيو ۽ ٻيو ڪتاب، ”ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر“ (ڀيريون ڀاڱو) گلشن پبليڪيشن، 1997ع ۾ شايع ڪيو ۽ سندس ٽيون ڪتاب ”ڀائي ڀٽ ڪٽا“، 2005ع ۾ گنج بخش پبليڪيشن وارن شايع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر صاحبه جا هي ٽيئي ڪتاب علم ادب جي مختلف موضوعن تي لکيل تحقيق، تخليقي ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب آهن. ڊاڪٽر صاحبه ان کان علاوه ادب جي مختلف صنفن تي تقريباً ستر کان مٿي تحقيقي، ۽ تنقيدي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن. سندس لکيل هنن ڪتابن مان علم ادب سان واسطو رکندڙ



۽ تحقيق ڪندڙ عالمن، اديبن ۽ شاگردن کي تمام گهڻو فائدو رسيو آهي.

ڊاڪٽر نورافروز جو هيءُ ڪتاب، ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، سندس پي-ايچ-ڊي Ph.D لاءِ پيش ڪيل مقالو آهي. جيڪو هاڻي مڪمل طور تي شايع ڪري رهيا آهيون. جنهن مان ادب ۾ تحقيق ڪندڙ شاگردن، بي.اي.، ايم.اي.، سي.ايس.ايس ۽ ڪميشن جو امتحان پاس ڪندڙن لاءِ نهايت ئي ڪارائتو ثابت ٿيندو. هن ڪتاب جي وڌيڪ اهميت ان ڪري به آهي. ”ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر“ تي ٻئي ڪنهن به اسڪالر ڪتاب نه لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ 1947ع کان پوءِ جي لکيل ناولن جي لسٽ، جنهن ۾ سنڌ کان سواءِ ڀارت ۾ لکيل ناولن جي لسٽ، پبلشرس ۽ ادارن جي لسٽ به شامل آهي، جيڪو تحقيقي ڪم هن کان اڳ ۾ ڪٿي به لکيل ۽ ڪيل ڪونهي.

اسان جي اداري طرفان، اسان هميشه سنڌي عالمن، اديبن ۽ استادن جي حوصله افزائي ڪندي، ڪيترائي ادبي ڪتاب شايع ڪيا آهن ۽ انشاءَالله شايع ڪندا رهنداسون.

اميد آهي ته هي ڪتاب به انهن ڪتابن ۾ اهم اضافو ثابت ٿيندو.

ضياء امجد علي شيخ

## پنهنجي طرفان به ٻول

هن تحقيق جي سلسلي ۾، مون 1988ع کان وٺي سيپٽمبر 1996ع تائين، پاڻ ته ضرور محنت ڪئي آهي، جيئن منهنجي طرفان لکيل مقدمي ۾ تفصيل سان بيان ڪيو اٿم، پر جڏهن آءٌ سوچيان ٿي ۽ رجسٽريشن واري وقت کان وٺي، ڏينهن ڳڻيا ٿي ته منهنجي ذهن جي اڳيان ڪيترين ئي اهڙيون شخصيتون، ڪيترائي اهڙا اديب، سخنور ۽ سڄڻ منهنجي سامهون اچن ٿا، جن هر ويلي، هر وقت ۽ هر گهڙيءَ، پنهنجي هڙان ۽ وڙان منهنجي مدد پئي ڪئي آهي. يقين ڪريو ته جيڪڏهن اهي سڀ پائر، پينرون، بزرگ هستيون ۽ شخصيتون منهنجي همت افزائي نه ڪن ها، منهنجي مدد نه ڪن ها ۽ مون سان وڙائتا نه ٿين ها، ته مون ۾ ايڏي وڏي موضوع تي تحقيق ڪرڻ جي جيڪر همت ئي نه ٿئي ها. اهڙين شخصيتن ۾ سڀ کان پهريان ئي منهنجي قابلِ احترام استاد، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ۽ سندن ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ جا احسان مڃان ٿي. آءٌ جڏهن به قاسمي صاحب جن جي گهر ويندي هيس تڏهن سندن بيگم، سندن نياڻيءَ ۽ سندن نهرن مون کي جيءَ ۾ جايون ٿي ڏنيون ۽ اکين ۾ ٿي وهاريو. انهن وٽ آءٌ ڪين اطلاع ڏيڻ بنا، ڪڏهن صبح جو ته ڪڏهن شام جو ويندي هيس، پر هنن ڪڏهن به اهڙو تاثر نه ڏنو، جنهن مان اهو محسوس ٿئي ته هيءَ بنا ڪنهن اطلاع جي يا بنا وقت وٺڻ جي، سندن گهر ڇو هلي آئي آهي؟ پر سندن گهر جو دروازو منهنجي لاءِ سدائين کليل هوندو هو. آءٌ انهن مان هر هڪ جي دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان.

ٻي اهم شخصيت ڊاڪٽر غلام علي الانا آهي، جنهن اسان کي ننڍپڻ کان ئي نه صرف پيءُ جي شفقت ڏني، بلڪ اولاد وانگر اسان کي تربيت ۽ تعليم ڏني. انهيءَ شخصيت تي مونکي تمام گهڻو فخر آهي. پاڻ هر طرحِ ۽ هر گهڙيءَ منهنجي جيڪا مدد ڪئي اٿن، تنهن لاءِ آءٌ سندن ٿورا زندگيءِ پر نٿي وساري سگهان. ٻيون شخص جنهن منهنجي هر وقت مدد ڪئي آهي، اُهو آهي، منهنجو استاد ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ صاحب. ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب مونکي هر وقت همٿايو ۽ هنِ موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ منهنجي هر طرح مدد ڪئي آهي. سندن انهيءَ نيڪي واري قدم جي ڪري آءٌ سندن هميشه ٿورائتي رهنديس. آءٌ ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ صاحب جا ٿورا ڪهڙن لفظن ۾، ۽ ڪهڙيءَ زبان سان مڃان. هو اديب، ابن اديب آهي. پاڻ نه فقط پنهنجي خانداني ڪتبخاني مان، نوان ۽ ناياب ڪتاب مون کي ڪڍي ڏيندا هئا، پر ڀارت جي مختلف اديبن کان، ڀارت ۾ ڇپيل ناول ۽ ڪتاب به گهرائي ڏنائون ۽ انهن تي ٽپال جو خرچ به پاڻ ڪيائون. ڀارت کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب مون کي لاڙڪاڻي، شڪارپور، موري، نورمحمد هاءِ اسڪول جي لائبريريءَ ۽ ٽريننگ ڪاليج فار مين جي لائبريريءَ کان سواءِ، سناگتي لائبريري ڪراچي، بسنت لاج لائبريري حيدرآباد، ۽ ٻين ڪيترين ئي لائبريرين مان ناياب ڪتاب گهرائي ڏنا، جيڪي هوندن جيڪر آءٌ هرگز هٿ ڪري نه سگهان ها.



انهيءَ کان سواءِ محترم ولي رام ولڀ، مونکي ڀارت ۾ ڇپيل ڪيترائي ناول، نه فقط پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان اٽي ڏنا، پر ڀارت مان به ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا مون کي گهرائي ڏنائون. اهڙيءَ مدد لاءِ آءٌ سندن شڪر گذار آهيان. اهڙيءَ طرح محترم شوڪت حسين شوري جي به آءٌ نهايت ئي شڪرگذار آهيان، جنهن نه صرف مون کي پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان ڪتاب ڏنا، پر هر وقت ۽ هر مسئلي جي سلسلي ۾ ٽيليفون تي به باقاعدي مشورو ڏيندا هئا ۽ منهنجي هر وقت همت افزائي ڪندا رهيا.

آءٌ انهن کان سواءِ سنڌي شعبي جي اڳوڻي چيئرمئن ۽ آرٽس فئڪلٽيءَ جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم جي به نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن به منهنجي استاد هئڻ جي حيثيت ۾ ۽ خاص طور ناول سنڌس فيلڊ هجڻ جي ڪري، منهنجي هر وقت مدد ڪئي ۽ مون کي ڪيترائي ڪتاب پنهنجي ذاتي لائبريريءَ مان به ڏنائين ۽ هر وقت منهنجي همت افزائي ڪرڻ ۽ هر مسئلي ۾ منهنجو ساٿ ڏيندو رهيو. اها سنڌس ئي مهرباني آهي، جو آءٌ هيءَ ٿيسز مڪمل ڪري سگهي آهيان.

انهيءَ کان سواءِ، آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فئڪلٽيءَ جي اَڳوڻي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر خير محمد لاڙڪ جي به شڪرگذار آهيان، جيڪو نه صرف ڊين جي حيثيت ۾ مون سان هر وقت خوش اخلاقيءَ سان پيش آيو پر منهنجي هر طرح مدد پڻ ڪئي اٿن، مون کي همٿايو پئي اٿن، جنهن لاءِ آءٌ سندن ٿورائتي آهيان.

آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي جي اُستاد محترم جاويد اقبال، پروفيسر رابعه اقبال جي پڻ شڪر گذار آهيان، جنهن مونکي سنڌس شعبي جي سيمينار لائبريريءَ مان ڪيترائي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا.

آءٌ پروفيسر ڊاڪٽر الله رکئي ٻٽ ۽ محترم مشتاق قريشيءَ جي به سندن مهربانين لاءِ شڪرگذار آهيان.

آءٌ محترم محمد اسحاق لغاريءَ، اڳوڻي لائبريرين علامه آءِ-آءِ قاضي لائبريري، سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌس عملي، مرحوم گل محمد مغل لائبريرين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ غلام محمد شاهه موجوده لائبريرين سنڌالاجي، ۽ سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ جي سڄي عملي جي به شڪرگذار آهيان، جيڪي هر وقت مونکي پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيندا هئا. آئون پنهنجي ڀاءُ جلال خواجه ۽ عبدالسلام خواجه جي پڻ شڪرگذار آهيان، جن مون کي هن ڪتاب جي سيٽنگ ۽ ڇپائيءَ ۾ مدد ڪئي. آئون شيخ شوڪت علي اينڊ سنز وارن جي پڻ شڪرگذار آهيان جن منهنجي هن ٿيسز کي شايع ڪيو آهي.

آءٌ محترم گلشير بلوچ ۽ ان سان گڏ محترم اياز چنا، عبدالحڪيم سميجو، ربنواز لاشاري جي به شڪرگذار آهيان، جن منهنجي هيءَ ٿيسز ٽائيپ ڪئي.

مون ڀارت جي ڪيترن ئي اديبن ۽ عالمن جي ڪتابن مان تمام گهڻي مدد ورتي آهي، يا جن مون کي خطن ذريعي پڻ مدد ڪئي آهي ۽ مواد موڪليو

سڀ ساراهه ان سبحان کي ٿي سونهي، جيڪو رب العالمين، ٻاجهارو ۽ مهربان آهي. هو هر چيز پيدا ڪندڙ ۽ هر نعمت عطا ڪندڙ آهي. سندس ئي ڪرم ۽ رحمت سان منهنجي هيءَ ٿيسز مڪمل ٿي آهي. سندس ئي رحمت ۽ ڪرم مون کي اها سگهه ڏني، جنهن ڪري اڄ آءٌ هيءَ ٿيسز مڪمل ڪرڻ ۾ سوڀاري ٿي آهيان. انهيءَ ڪرم لاءِ ان ٻاجهاري ڪريم جا مون تي ڪروڙين ڪرم ۽ احسان آهن.

منهنجيءَ هن ٿيسز جو عنوان آهي: ”ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي ناول جي اوسر“. هر مقالي يعني هر ٿيسز جي اهميت جو مدار ان مقالي جي موضوع تي ڪيل تحقيق ۽ محنت تي هوندو آهي. مون هر لحاظ کان علم ادب جي نقادن طرفان، علم ادب جي مطالعي ۽ تجزيي لاءِ مقرر ڪيل اصولن کي سامهون رکي، هن ٿيسز جي جدا جدا بابن جو مواد گڏ ڪري، پوءِ ان مواد جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو ورتو آهي. هن مقالي تي تحقيق ڪرڻ وقت جيڪي اهم نڪتا منهنجي سامهون رهيا، اُهي هي آهن:

(1) ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ لکيل سنڌي ناول؛ پوءِ اهي ناول چاهي طبعزاد هجن يا ترجمو ٿيل
(2) ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ لکيل سنڌي ناول جي اوسر جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو
(3) ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ لکيل سنڌي ناول جو فني مطالعو

مون تحقيق جا ابتدائي اصول ايم-اي ڪرڻ وقت پنهنجن استاد صاحبن کان سکيا هئا. ايم-فِل ۾ رجسٽرڊ ٿيڻ کان پوءِ مون کي منهنجي استاد علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب مون کي وضاحت سان تحقيق جا اصول سمجهايل، ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ جي ڪتاب ’تحقيق جو فن‘ مان به، ادب تي تحقيق ڪرڻ جي باري ۾ رهنمائي حاصل ڪيم.

ناول، ادب جي هڪ نثري صنف آهي. انهيءَ ڪري مون، پنهنجيءَ هن ٿيسز اندر، باب چوٿين ۾ ناول جي وصف بيان ڪئي آهي، پر ناول جي وصف کان اڳ، مون مختلف ماهرن جي حوالي سان ادب جي وصف سمجهائي آهي. هن ڏس ۾ مون ڪوشش ڪري غير ملڪي ماهرن جهڙوڪ: مغربي ملڪن جي نقادن، اِي-ايم- فاسٽر (E.M.Foster)، والٽر اسڪاٽ (Walter Scott)، والٽر ايلين (Walter Ellen)، رالف فاڪس (Ralph Fox)، ڊبليو-اي وليمس (W.E. Williams) ۽ ورجينا وولف (Virgena Wolf) وغيره جي ڏنل انهن وصفن کي نقل ڪيو اٿم. پرڏيهي ماهرن کان سواءِ، ڏيهي ماهرن ۾ علامه آ- آءِ قاضي، ڊاڪٽر محمد ابراهيم ’خليل‘، محترم غلام محمد شهواڻيءَ، مولانا غلام محمد گراميءَ، پروفيسر علي نواز جتوئيءَ، ڊاڪٽر قاضي خادم، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، محترم مراد علي مرزا ۽ اُن کان سواءِ اردو ادب جي ماهرن جهڙوڪ: ڊاڪٽر عبدالحق خان، ڊاڪٽر



آهي. انهن ۾ آنجهاني پروفيسر ڊي-ڪي منشاراماڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، محترم جهمو ڇڳاڻيءَ کان سواءِ مون ڀارت جي ودوانن، هر هڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، پروفيسر رام پنجواڻيءَ، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ، پروفيسر لعل سنگ اجواڻيءَ، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي، گوبند مالهيءَ، سندري اُتم چنداڻيءَ، ديوان اي-جي اُتمِ، محترم ڪيرت ٻاٻاڻي، هيري شيوڪاڻيءَ، هريش واسواڻيءَ، هري موٽواڻيءَ، گنو سامتاڻيءَ، پرم ابچنداڻيءَ، موهن ڪلپنا، جڳديش لڇاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي ڪتابن تان به تمام گهڻو استفادو ڪيو آهي، جنهن لاءِ آءٌ سندن شڪرگذار آهيان.

آخر ۾ آءٌ پنهنجي جيون ساٿيءَ، محترم امين محمد حسن علي خواجه جي دل جي گهراين سان ٿورا مڃڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهان، جن هميشه مون کي هن تحقيقي ڪم لاءِ ٻَئي همٿايو، ۽ مون کي هر هنڌ وٺي وڃڻ ۾ مون سان سهڪار ڪيو ۽ منهنجي پڻ مدد ڪئي، ۽ ڪڏهن به هن ڪم ۾ منهنجي لاءِ رنڊڪ نه بڻيا ۽ ڪڏهن ڪوسا ٿيا. انهي کان علاوه آئون پنهنجن ٻارن علي، ڊاڪٽر ناديه ۽ نرمل جي تعاون سان پنهنجي ٿيسز کي مڪمل ڪري سگهيس.

انهن سڀني شخصيتن، ودوانن، عالمن ۽ اديبن جي سهڪار ۽ ملهائتي مدد ئي هن تحقيقي ۽ تخليقي مقالي کي وڏيڪ حقيقتن سان ڀرپور، بهتر ۽ ممڪن بڻايو آهي.

منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ، انهن سڀني جي مدد ڪري، جن منهنجي مدد ڪئي آهي، انهن سڀني کي خوش رکي جيڪي مون سان وڙائتا رهيا آهن، ۽ انهن سڀني کي سلام آهي، جن مون سان وڙ ڪيو. آئون شاهه لطيف جي هن بيت سان پنهنجا هي ٻول ختم ٿي ڪريان:

چڱا ڪن چڱايون، مَٺايون مَٺن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه

## مقدمو

احسن فاروقيءَ، سيد وقار عظيم، سيد عابد علي عابد ۽ ظفر اقبال وغيره کان سواءِ، ڀارت جي سنڌي نقادن جڳديش لڇاڻيءَ، کيرت ٻاٻاڻيءَ، ڊاڪٽر ڏرم وير ڀارتيءَ، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ، پروفيسر لعل سنگ اجواڻيءَ، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ شري اُتم جا نالا قابل ذڪر آهن، جن غير ملڪي ماهرن جي راءِ کي ترجمو ڪري، سنڌي زبان جو ويس وٺايو آهي، ۽ يا انهن پنهنجي تجزيي، سمجهه، سوچ ۽ مطالعي جي آڌار تي ادب جي وصف مقرر ڪئي آهي. انهن مڙني ماهرن جي راين يا وصفن جو لُب لباب هي آهي:

(1) هڪڙن چيو آهي ته ادب براءِ ادب آهي، هو وڌيڪ لکن ٿا ته، علم ادب جو مقصد ماڻهن جي زندگين کي سڌارڻ جو نه هئڻ، مگر هڪ فن وانگر ان مان انسان کي روحاني لطف حاصل هئڻ گهرجي وغيره.

(2) ٻين يعني جديد فکر ۽ سوچ رکندڙ نقادن جي نظر ۾، ادب زندگيءَ جو تفسير يا آئينو آهي. انهن ماهرن ائين به چيو آهي ته، ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي. جيئن پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب ادب کي زندگيءَ جو تفسير يا ڪارج چوندي هيئن ٿو بيان ڪري:

”علم و ادب جي اُپرڻ جو ڪارڻ زندگيءَ جو راز آهي. زندگيءَ جي مطالعي جو ميدان ايترو نئيو آهي، جيترو انسان جو پنهنجو وجود ۽ ايترو وسيع آهي جيتري ڪل ڪائنات. انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪئين دائرا آهن. مثلاً گهرو دائرو، خانداني دائرو، قبائلي دائرو ۽ ساري سرشتيءَ جو دائرو. هر دائري کي ڪيترائي پهلو آهن. بهرحال زندگيءَ کي دائرن ۽ احاطن اندر مطالع ڪجي، زندگي کي ائين مطالعو ڪرڻ نبين، حڪيمن، رشين، فيلسوفن، مفڪرن ۽ باشعور شاعرن جو شيوو پئي رهيو آهي.“ ص 126.

پروفيسر جتوئي صاحب ساڳئي مضمون ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

”سچي تصنيف جو ترجمان آهي، مصنف ۽ سندس ماحول. منجهس زندگيءَ جو اهو نقش رڱيل هوندو آهي، جنهن تي مصنف جو پنهنجو پاڻ پلٽيل هوندو آهي. زندگي، ڪنهن کي ڪل ۽ خوشيءَ جو ڪيل (Comedy) نظر اچي ٿي، ته ڪنهن کي ڏک ۽ درد جو داستان (Tragedy)، مگر حقيقت هيءَ آهي ته زندگي نه هيئن آهي ۽ نه هوئنءَ آهي، بلڪ طلسم جو تماچو (Romance) ۽ رنگ روپ آهي. سندس ظاهري ڏيک ويک، سندس اصل حقيقت لاءِ پوش پردو آهي. ورلي ڪو شخص سندس پوش پردو پري ڪري، سندس نه مٽجندڙ ماهيت کي ماڻي ٿو. اهڙن ئي شخصن جا ڪتاب اڄ تائين جيئرا آهن ۽ هميشه حيات رهندا. زماني جو رنگ ڪين لڳي ئي ڪونه.“ (ص 126)



اهڙيءَ طرح پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم پنهنجي ڪتاب ۾ هيئن ٿو لکي:

”جديد دور ۾ ادب جو شمار سماجي علمن ۾ ٿيڻ لڳو آهي. هاڻ اهو نظريو ختم ٿي چڪو آهي ته ادب صرف تفريح جي خاطر وجود ۾ آيو آهي، يا تخليقڪار ڪنهن وجداني جذبي يا ڪيفيت ۾ ئي، ڪو فن پارو تخليق ڪري سگهي.“ ص 22

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”انهيءَ لحاظ کان جديد ادب سماجي انقلاب جو ادب آهي، جنهن ۾ اديب ان زندگي جا خواب آڻي ٿو، جيڪا هن جي تصور ۾ انساني ڀائيچاري، امن ۽ انصاف تي ٻڌل هوندي. ڪو ڪنهن جو غلام نه هوندو. جيڪو وهي سو لهي جي مصداق هر شخص پنهنجي علم، هنر ۽ حرفت جي آڌار تي پرکيو ويندو.“ ص 22

مولانا غلام محمد گراميءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر قاضي خادم اڳتي لکي ٿو:

”ادب غليظ ۽ گندي زندگيءَ کي سنواريندڙ ۽ سنئل عمل کي جاڳائيندڙ هڪ تخليقي عمل آهي ۽ ان حيثيت سان کيس هڪ مقدس سماجي فرض به چئي سگهجي ٿو ۽ اهو ادب، جو پنهنجي معاشري جي خوشي ۽ غم، رنج ۽ گنج، بيقراري ۽ اضطراب، مطالبي ۽ خواهش، ضرورت ۽ حاجت جي زنده ياداشت ٿو بڻجي، سوئي ادب آهي.“ ص 22

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ادب جي وصف بيان ڪندي، پنهنجي ڪتاب، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته:

”ادب جي وصف، ادب جي اهم صنفن سان به لاڳو ٿئي ٿي.“ مثال طور منشي پريم چند ادب بابت چوي ٿو ته:

”ادب زندگيءَ جو تفسير آهي.“ (ص 188)

ڊاڪٽر، جوڻيجو صاحب، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي، ساڳئي صفحي تي هن سلسلي ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

”ادبيات جو مشهور محقق هڊسن پنهنجي ڪتاب: ”آئن انٽروڊڪشن ٽو دي اسٽڊي آف لٽريچر“ ۾ چوي ٿو ته:

”بنيادي طور ادب، زبان جي وسيلي زندگيءَ جو اظهار آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن، ادب کي زندگيءَ جي تنقيد سڏيو، ته ڪنهن سهڻن خيالن جو ميڙ سڏيو آهي.“ (ص 188)

آءٌ جيئن ته پوئين نظريي وارن نقادن جي راءِ سان اتفاق ڪريان ٿي، انهيءَ ڪري مون به ادب کي زندگيءَ جو ترجمان يا زندگيءَ جو تفسير، يا ادب زندگيءَ جو آئينو آهي، واريءَ وصف کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي.

انهن مڙني وصفن جي باوجود ادب جي سماجي اهميت ۽ حيثيت کان ڪوبه اديب انڪار نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي وري اها راءِ ڪنهن جي تائيد جي محتاج آهي. ته ڪا به ڳالهه، ڪابه شيءِ ۽ ڪوبه جذبو اهڙو ڪونهي، جنهن جو واسطو زندگيءَ سان نه هجي. ان جي معنيٰ اِها ٿي ته انسان جو ڪو به عمل ۽ قول اهڙو ٿي نٿو سگهي، جنهن کي زندگيءَ کان الڳ ڪري سگهجي.

علم ادب جي شاگردن کي خبر آهي ته، ناول ادب جي هڪ نثري صنف آهي. انهيءَ ڪري مون ادب جي وصف کان پوءِ، پنهنجي هن ڪتاب ۾ بين الاقوامي ماهرن ۽ سنڌ ۽ هند جي نقادن طرفان ناول جي بيان ڪيل وصف يا وصفون مثال طور ڏنيون آهن. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته: ادب زندگيءَ جو تفسير، ترجمان يا آئينو آهي، تيئن ناول به ادب جي هڪ صنف هجڻ جي ڪري، زندگيءَ جو ترجمان هوندو آهي،گويا ناول ۾ جيڪي ڪجهه بيان ڪيو ويندو آهي، ان ۾ زندگيءَ ۽ سماج جي ترجماني ڪيل هوندي آهي. ان ۾ به سماج جون ڳالهيون هونديون آهن. هن ڏس ۾ مشهور بين الاقوامي نقاد، آر-اي اسڪاٽ جيمس (R.A. Scott James) پنهنجي ڪتاب 'The Making of Literature' ۾ ناول جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ناول انساني زندگيءَ جي عملن مان اپري نڪري ٿو. انساني زندگيون، هن جي ڪهاڻيءَ کي زنده رکن ٿيون ۽ هيءُ انساني زندگين تي عمل ڪري ٿو، تنهن ڪري ناول کي علم ادب ۾ فن لطيف سڏيو ويو آهي.“ (ص 360)

اهڙيءَ طرح ڀارت جي مشهور اديب جڳديش لڇاڻيءَ، ناول جي وصف هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي:

”ناول ۾ ڪافي لچڪ آهي. هن تي ڪنهن به قسم جي پابندي ڪونهي. هي ڪنهن به وقت ڪوبه روپ ڌاري سگهي ٿو. هن ۾ هڪ شخص جي سموري زندگيءَ جو احوال به ٿي سگهي ٿو ۽ پنج ڪلاڪ يا هڪ منٽ جو به.“ (اُپنياس ۽ سنڌي اپنياس) ص 182.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، هن ڏس ۾ منشي پريم چند جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”هوڏانهن ناول بابت منشي پريم چند، چيو آهي ته، آءٌ ناول کي انساني زندگيءَ جي تصوير سمجهان ٿو. انسان جي زندگيءِ تي روشني وجهڻ ۽ ان جي رازن کي کولڻ ئي ناول جو مقصد آهي.“

اردو زبان جو مشهور اديب ڊاڪٽر عبدالحق خان وري ناول جي وصف هن ريت ٿو پيش ڪري:

”ناول جو مقصد ئي اهو آهي ته اهو اسان جي روزمره جي زندگيءَ جي واقعن کي بيان ڪري.“ (پاڪستان ۾ اردو ناول)



انهن وصفن جي آڌار تي چئبو ته ناول جا موضوع انسان جي روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکن ٿا، يعني ناولن جي موضوعن ۾ زندگيءَ جو وسيع، گهرو ۽ ڀرپور احوال اچي وڃي ٿو.

هن ڪتاب ۾ پنهنجي موضوع جي بيان کان اڳ آءٌ اهو عرض ڪنديس ته ورهاڱي (1947ع) کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ واري عرصي ۾، يعني سنڌ جو بمبئيءَ کان 1936ع ۾ جدا ٿيڻ ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ڪيترن ئي نقادن هن ڏس ۾ قلم ڪنيو آهي. انهن ۾ مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ پروفيسر لطف الله بدوي (مرحوم) کان سواءِ، پاڪستان ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم محمد اسماعيل عرساڻيءَ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘، ڊاڪٽر اياز قادريءَ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر غلام حسين پٺان، ڊاڪٽر قاضي خادم حسين، محترم عبدالقيوم صائب، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ، ڊاڪٽر نواز علي ’شوق‘، ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، ڊاڪٽر عبدالغفور سنڌيءَ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ٻين تحقيقي ڪم ڪيوآهي. ٻئي طرف ڀارت ۾، پروفيسر لعل سنگ اجواڻيءَ، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ، ڊاڪٽر قيمت هري سنگهاڻيءَ ڊاڪٽر پريم پرڪاش، پروفيسر ليکراج عزيز، محترم اي-جي اُتم، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پروفيسر ڊي-ڪي منشاراماڻيءَ، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ، پروفيسر پرسي گدواڻيءَ، جڳديش لڇاڻيءَ، ستيش روهڙا، پرم ابيچنداڻيءَ، مسٽر جهموچڳاڻيءَ، پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديوَ مٽلاڻيءَ، ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻيءَ ۽ ٻين ڀڻ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. انهي ڪانسواءِ ٽماهي ’مهراڻ‘، ماهوار ’نئين زندگي‘، ماهوار ’سهڻي‘، ماهوار ’روح رهاڻ‘ ۽ ڀارت ۾ ’ڪونج‘، ’ماڪ ڀنل رابيل‘، ’رِهاڻ‘، ’ڀرهه ڦٽي‘ ۽ ’سپون‘ وغيره رسالن ۾ ڪيترائي مقالا ۽ مضمون شايع ٿيندا رهيا آهن.

منهنجو هيءُ موضوع انهيءَ ڪري به نئون آهي، جو ورهاڱي (1947ع کان پوءِ، سنڌ ۾ جيڪي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي تبديليون آيون آهن، ۽ انهن تبديلين جو سنڌي سماج ۽ سنڌي ثقافت تي جيڪو اثر ٿيو آهي، تنهن جي انهيءَ دور ۾ لکيل ناولن ۾ پوري عڪاسي ٿيل آهي، پر انهن موضوعن تي گهربل ادبي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪو خاص ڪم ڪونه ٿيو آهي. انهيءَ ڪري هن موضوع تي هڪ جامع مقالي لکڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

هن ڏس ۾ ورهاڱي کان اڳ لکيل سنڌي ناولن ۾، منهنجي استاد ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، پي ايچ-ڊي ڊگريءَ لاءِ مقالو لکيو هو، جيڪو پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان 1982ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ان کان

پوءِ ڪي ڇڙوڇڙ مضمون ضرور ڇپبا رهيا آهن، پر انهن ۾ هن موضوع سان انصاف نه ڪيو ويو آهي.

مون پنهنجي هن مقالي ۾، ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ، سنڌ جي هندو اديبن ۽ عالمن جي سنڌ مان لڏي وڃڻ ۽ پاڪستان ۾ تيزيءَ سان بدلجندڙ سياسي ۽ سماجي صورتحال جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيدا ڪيل مسئلن، جن ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي ٻوليءَ کي ذريعه تعليم تان هٽائڻ، ون-يونٽ جي قيام جي ڪري، سنڌ ۾ پيدا ٿيل سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي مسئلن، سنڌ جي نالي وٺڻ يا نالي لکڻ تي حڪومت طرفان سزا ڏيڻ، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن تي بندش، سنڌي صحافت ۽ سنڌي رسالن تي بندش، سنڌيءَ ۾ سياسي ۽ سماجي موضوعن تي تقرير ڪرڻ تي بندش جهڙن مسئلن، ايوب خان واري مارشل لا جي نفاذ کان پوءِ، شريف تعليمي ڪميشن ذريعي سنڌيءَ جي جاءِ تي اردوءَ کي ذريعه تعليم طور نافذ ڪرڻ جو فيصلو، ۽ اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن ئي پيدا ڪيل مسئلن توڙي جنرل يحيٰ خان جي زماني ۾ بنگلاديش جي آزاديءَ جي تحريڪ جو سنڌ جي حالتن تي اثر، جنرل ضياءَ جي دور ۾، سنڌ ۾ 1983ع واري هلچل، توڙي جديد دور جي بدلجندڙ تقاضائن ۽ حالتن جو اثر، سنڌي ادب جي نظم توڙي نثر تي تمام گهڻو ٿيو. هن دور ۾ سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون آيون. هن دور ۾ علم ادب جي هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي وئي. هن دور ۾ پيدا ٿيل ادب ۽ موضوعن ۽ مضمونن ۾ وڏي ڦيرڦار آئي. انهن سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي مسئلن جي ڪري، سنڌي ادب تي جيڪو اثر ٿيو، ۽ انهن اثرن جي ڪري سنڌي نثر نويسيءَ ۾ جيڪي نوان ادبي ۽نظرياتي موڙ آيا، سنڌي ادب ۾ جيڪا نواڻ آئي، جيڪي نوان رجحان پيدا ٿيا، انهن سڀني موضوعن ۽ مسئلن جو جائزو، سنڌي ناول ۾ بيان ڪيل موضوعن جي ورتل جائزي جي حوالي سان، هن مقالي ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. ان لحاظ کان هن مقالي ۾، ورهاڱي (1947غ) کان وٺي 1994ع تائين، سنڌ جي سماجي، ثقافتي، تهذيبي، تمدني ۽ نفسياتي لاڙن ۽ ادبي نظرين، ادبي فلسفن ۽ ادبي مڪتبه فڪرن جو تحقيقي اڀياس ڪيو ويو آهي. مذڪوره ادبي نظرين، فلسفن ۽ مڪتبه فڪرن ۾ وجوديت (Existentialism) جو فلسفو، رومانيت (Romanticism) جو فلسفو، حقيقت پسنديءَ (Realism) جو فلسفو، اشتراڪيت يا مارڪسي (Marxism) فلسفو، ترقي پسنديءَ (Progressive) وارو فلسفو، تصوف (Mysticism)، ويدانت (Vedant)، مهاپنٿ (Maha Panth)، گورک پنٿ (Gorakh Panth) جو فلسفو ۽ آخر ۾ قوميت (Nationalism) واري فلسفي جو، سنڌي ناول حوالي سان، اُن تي اثر جي باري ۾ به لکيو اٿم. مون چاهيو ٿي ته انهن مڙني مڪتبه فڪرن، نظرين، ادبي فلسفن جي اثرن جي باري ۾، ورهاڱي کان پوءِ لکيل ناولن مان مثال ڏيئي، تفصيل سان لکندي وڃان، پر پوءِ سوچيم ته



هر هڪ نظريي يا فلسفي جي روشنيءَ ۾، سنڌي ناولن جو جائزو، دراصل ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ لاءِ هڪ ڌار موضوع ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري مون اختصار کان ڪم وٺي، مختلف بابن ۾ ڪن ڪن ناولن مان مثال ڏيئي، مٿي ڄاڻايل مڙني ادبي نظرين ۽ فلسفن جي نشاندهي ڪئي اٿم ته جيئن آئنده ڪو محقق چاهي ته ان موضوع کي سامهون رکي، سنڌي ادب جي سڀني نثري توڙي نظمي صنفن جو انهن نظرين ۽ فلسفن جي حوالي سان جائزو وٺي، جيڪو منهنجي نظر ۾ اڃا به اڇوتو موضوع آهي.

مون ڪوشش ڪري ورهاڱي (1947ع) کان وٺي، 1994ع تائين، لڳ ڀڳ اڌ صديءَ ۾ لکيل سنڌي ناول نويسيءَ جي صنفن جي سڀني موضوعن تي، تفصيل سان مختلف ناولن جي مطالعي جي روشنيءَ ۾ مثال ڏيئي، هن ٿيسز ۾ مواد پيش ڪيو آهي.

انهن موضوعن ۽ مسئلن کي مون ٻن حصن ۾ ورهائي، انهن تي تحقيق ڪئي آهي، يعني ته سنڌ ۾ لکيل سنڌي ناول جا موضوع ۽ انهن ۾ بيان ڪيل مسئلا، انهن جي ارتقا ۽ اوسر، ۽ ٻئي طرف ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ ڀارت ۾ لکيل سنڌي ناولن ۾ بيان ڪيل موضوع ۽ مسئلا، ۽ انهن جي ارتقا ۽ اوسر. هڪ ڳالهه واضح ڪري ڇڏيان ته جيئن ته پڙهندڙن کي معلوم آهي ته ڀارت جي ناول نگارن جا مسئلا اهي ساڳيا نه آهن، جيڪي سنڌ ۾ لکيل ناولن ۾ ڄاڻايل مسئلا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ مون باب ڇهين ۾ اُن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

مون ڪوشش ڪري ورهاڱي (1947ع) کان اڳ وارن، ٽن ڏهاڪن واري عرصي ۾ تخليق ڪيل يا ترجمو ڪيل ناولن، انهن جي قسمن، ان دور ۾ لکيل خاص خاص ناولن ۽ ادبي توڙي اشاعتي ادارن جي باري ۾ مختصر تبصرو پڻ ڪيو آهي. مون تفصيل کان انهيءَ ڪري گريز ڪئي آهي جو، ڀارت ۾ پروفيسر لعل سنگ اجواڻي ۽ ٻين محققن، ۽ اڳ ۾ ڄاڻايل اديبن ۽ عالمن، پنهنجن ڪتابن ۽ مقالن ۾ هن موضوع تي ڪافي روشني وڌي آهي.

مون ڪنهن به ناول يا ناول نويس جي فن جي سلسلي ۾ پنهنجي ڪابه راءِ ڏيڻ کان اڳ، سنڌ ۽ ڀارت جي ادبي نقادن ۽ ماهرن طرفان، ناول ۽ ناول نويسيءَ جي فن متعلق ڏنل صنفن کي آڏو رکي، ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ لکيل ناولن جو گهڻي توجهه سان مطالعو ڪيو آهي. پڙهندڙن کي معلوم آهي ته مختلف ماهرن ۽ ادبي نقادن، ناول نويسيءَ جي فن جي باري ۾ مختلف وصفون مقرر ڪيون آهن. مون ڪوشش ڪري مغربي توڙي ڏيهي ماهرن طرفان مذڪوره وصفن کي گڏ ڪري، انهن کي هن ٿيسز ۾ پيش ڪيو آهي. جن جن ماهرن جون وصفون مون کي هٿ آيون آهن، اهي ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهر اهي ئي ساڳيا آهن، جن جا نالا آءٌ اڳ ۾ ڄاڻائي آيو آهيان. انهن وصفن جي آڌار تي مون هڪ هڪ ناول پڙهڻ شروع ڪيو. نقادن طرفان مقرر ڪيل

اصولن جي روشنيءَ ۾ هر هڪ ناول جون فني خوبيون يا انهن ۾ اوڻايون نوٽ ڪندي ويس.

زندگيءَ جي فلسفين يا انسان شناسيءَ جي ماهرن ۽ علم ادب جي نقادن، ادب جا جيڪي مختلف نظريا، فلسفا ۽ رجحان بيان ڪيا آهن، انهن رجحانن، لاڙنءِ ادب ۾ متواتر ايندڙ تبديلين ۽ مختلف دورن ۾ سماج ۽ سماجي قدرن ۾ آيل ڦيرين گهيرين، ۽ انهن ۾ آيل نوَن رجحانن ۽ لاڙن جي ڪري اهي نظريا به ادب تي اثرانداز ٿيندا ويندا. مطلب ته هر دور ۾ ماهرن، پنهنجن تجربن، آزمودن، سمجهه، سوچ ۽ خيال مطابق ادب جي قدرن ۾ آيل تبديلين، رجحانن ۽ لاڙن کي ڌار ڌار نظرين طور قبول ڪري، انهن جا ڌار ڌار نالا مقرر ڪيا ته جيئن ادب جا نقاد، انهن ماهرن طرفان پيش ڪيل ڪسوٽيءَ ۽ اصولن جي آڌار تي، ادب جي مختلف صنفن جو تجزيو ڪري سگهن.

علم ادب جي ماهرن، عالمن ۽ نقادن ڪي اها ڄاڻ آهي ته ادب جي ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ادب جي صنفن، خاص ڪري نثري صنفن لاءِ، هر اديب، عبارت آرائيءَ، حسن بيانيءَ ۽ اسلوب وارن اصولن جو محتاج هوندو آهي. ڪنهن به ناول جي ڪهاڻي ڪيتري به دلچسپ ڇو نه هجي، ان ناول جي ڪهاڻين جو پلاٽ ڪيتري قدر مناسب طريقي ۽ سٺاءُ سان سوچيل ۽ لکيل ڇو نه هجي، ان ناول جو پلاٽ اعليٰ طريقي وارو ۽ پختو ڇو نه هجي، پر جيستائين ڪوبه ناول نگار، عبارت آرائيءَ، حسن بيانيءَ ۽ اسلوب وارين خوبين سان مالا مال نه هوندو، جيستائين هن ڪي اهي خوبيون عطا ٿيل نه هونديون، جيستائين هن وٽ لغوي خزانو اڪٿ نه هوندو، تيستائين هو پنهنجي ناول ۾ حقيقت نگاريءَ، اصليت نگاريءَ، منظر نگاريءَ، تخيل، محاڪات، سيرت نگاريءَ، ڪردار نگاريءَ ۽ گفتگو واريءَ خوبيءَ ڪي، سهڻي ۽ ڪامياب انداز ۾ پيش ڪري نه سگهندو، هو انهن خوبين ڪان سواءِ پنهنجي ابدي شهپاري ۾ جان پيدا ڪري نه سگهندو. ان ڪري هر ناول نگار ڪي، هر لحاظ ڪان، انهن خوبين تي مدار رکڻو پوي ٿو. ان جا ڪردار سندس سماج مان ڪنيل هجن، نه ڪه اهي آسماني ڪردار هجن. هن جي ڪردارن جي گفتگو يا انهن جا مڪالما، انهن جي سماجي حيثيت، سماجي سطح ۽ انهن جي ماحول مطابق هجن، يعني هاري پنهنجي ماحول واري ٻولي ڳالهائيندو ۽ زميندار يا سرمائيدار پنهنجي ماحول واري ٻولي ڪم آڻيندو؛ منظر ڪشي ڪندي هو هر ماحول ۽ سماج جا سچا ۽ صحيح منظر چٽي، صنايع ۽ بدايع جو استعمال ڪري، پنهنجي نثر ۾ موضوع مطابق نثر جو نمونو ڪم آڻي، جتي تڪ بندي يا سجع بنديءَ جي ضرورت هجي، اتي اهوانداز بيان ڪم آڻي، موزون سٽاءَ ۽ سهڻا لفظ ۽ فقرا چونڊي، عبارت ڪي



سهڻو بنائي. مطلب ته اهي سڀ خوبيون عبارت آرائيءَ، حسن بيانيءَ يا اسلوب ۽ انداز بيان (Style) تي مدار رکن ٿيون.

مٿي ڄاڻايل خوبين کي خيال ۾ رکندي، مون پنهنجيءَ هن ٿيسز ۾ هر ناول جو تنقيدي تجزيو پيش ڪيو آهي. مون ڪوشش ڪري هر ناول نگار جي خوبين ۽ اوڻاين کي نمايان ڪيو آهي ۽ انهن جي اپٽار ڪئي آهي. مون هر ناول نويس جي عبارت آرائيءَ، اسلوبِ بيان ۽ سنڌن ٻوليءَ جي خوبين جو اڀياس ڪري انهن کي هن ٿيسز ۾ پيش ڪيو آهي.

ماهرن جي ڏنل وصفن، انهن جي طرفان مقرر ڪيل اصولن جي آڌار تي ڪيل تجزيي کان پوءِ، مون محسوس ڪيو ته سنڌي زبان ۾ لکيل ناولن جو ڪو به هڪ قسم نه آهي، پر ماهرن انهن کي ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهايو آهي. منهنجي پنهنجي مطالعي ۽ جائزي مطابق سنڌي زبان ۾ لکيل ناولن جيڪي قسم مقرر ڪيا آهن، اُهي هي آهن:

(1) سماجي ناول، (2) تاريخي ناول،
(3) رومانوي ناول، 4) مذهبي ناول،
(5) سائنسي ناول، (6) نفسياتي ناول،
(7) جاسوسي ناول، 8) جنسياتي ناول.

مون پنهنجيءَ تحقيق دوران اهو پڻ محسوس ڪيو ته نه فقط ناولن جا ڪيترائي قسم آهن، پر اهي ئي ناول، ڪيترن ئي موضوعن ۾ تقسيم ٿيل آهن، يا تقسيم ڪري سگهجن ٿا. انهن موضوعن جو مون باب پنجين ۽ باب ڇهين ۾ تفصيل سان جائزو ورتو آهي. مون ساڳئي باب ۾ اهو به لکيو آهي ته ادب جي ڪنهن به صنف جي فني سٽاءَ، موضوع ڪي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. ناول جي وصف بيان ڪندي مون ڄاڻايو آهي ته، ناول جا موضوع انسان جي روزانه زندگيءَ سان واسطو رکن ٿا، يعني ناولن جي موضوع ۾ زندگيءَ جو وسيع، گهرو ۽ ڀرپور احوال اچي ٿو. هر قسم جي ناول لاءِ ضروري آهي ته ناول نگار موضوع سان پوري واقفيت رکندو هجي. ناول نويس ۾ مشاهدي جي گهرائي هجي، هو اعليٰ تخيل وارو هجي، ڪيس زندگيءَ جي وسيع هجڻ ۽ گهرائيءَ جو احساس هجي ۽ جيڪو به موضوع هو پنهنجي ناول ۾ بيان ڪري، تنهن ۾ مخصوص معاشري جي مڪمل ترجماني ڪيل هجي وغيره. سيد وقارعظيم، پنهنجي ڪتاب ”ڈاِبنجاِلّ بنڌ اِقِبناِلّڌ جقّ“ ۾ ناول جي موضوع جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”سڀني ناولن جا موضوع انساني زندگيءَ جا قدر ئي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شخص جي شخصيت، انفرادي طور اسان جي سامهون اچي ٿي، ته ڪڏهن پوري معاشري جو نقش اسان جي سامهون هوندو آهي. ڪڏهن مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش، ته ڪڏهن وري انهن

قدرن جي پاڻ ۾ ڪشمڪش، ته ڪڏهن وري انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ يا ٽڪراءُ تقريبن هر ناول ۾ محسوس ڪجي ٿو.“

منهنجيءَ هن ٿيسز ۾ سڀني ناولن جي مطالعي کان پوءِ، جيڪي موضوع مون باب ڇهين ۾ بيان ڪيا آهن، انهن مان ڪي آءٌ هن مقدمي ۾ ڇاڻائڻ چاهيان ٿي. مون پنهنجيءَ هن ٿيسز ۾ واضح طور لکيو اهي ته مسلم سماج ۽ هندو سماج جا ڪي موضوع ساڳيا نه آهن، جهڙوڪ: هندن ۾ ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو، جيئريءَ تي جيئري شاديءَ جو مسئلو، ۽ وڏوا وواهه جو مسئلو، جيڪي صرف هندو سماج جا مسئلا آهن. مسلم سماج ۾ وڏوا وواهه ۽ جيئريءَ تي جيئري شادي ڪو عيب نه آهي. اهڙيءَ طرح مسلمانن ۾ پيٽ لکي ڏيڻ جو مسئلو، قرآن بخشائڻ جو مسئلو، ڪاروڪاريءَ جو مسئلو، بدي تي سڳ ڏيڻ جو مسئلو، زميندارن، جاگيردارن ۽ وڏيرن طرفان، سنڌن هارين نارين جي نياڻين کي ڪٽائڻ جو مسئلو يا انهن کي سريت ڪري ويهارڻ جو مسئلو، وڏن خاندانن ۾ پوٽ نه هجڻ سبب، ڇوڪريءَ کي هميشه لاءِ ويهاري ڇڏڻ جو مسئلو، ۽ اهڙا ٻيا ڪئين مسئلا آهن، جن جو مون هن ٿيسز ۾ ذڪر ڪيو آهي. مثال طور: ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جو مسئلو، گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج جي تعمير کان پوءِ، سنڌ جون زمينون سول ۽ فوجي آفيسرن ۾ ورهائڻ جو مسئلو، پنجاب ۽ سرحد صوبي مان ڪن ماڻهن کي لڏائي، سنڌي شهرن ۽ بئراج وارن علائقن ۾ آباد ڪرائڻ جو مسئلو، سنڌي ٻوليءَ کي ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ مان ذريعه تعليم طور منسوخ ڪرڻ جو مسئلو، ڪراچيءَ کان سواءِ، سنڌ جي ٻين وڏن شهرن مان سنڌي ميڊيم وارن اسڪولن کي بند ڪرڻ جو مسئلو ۽ ايوبي مارشل لا جي وقت ۾، سنڌي زبان ٽوڙي اردو زبان کي غير مادري زبان طور پڙهائڻ واري فيصلي کي ختم ڪرڻ وارو مسئلو وغيره. اهڙيءَ طرح صوبائي ۽ وفاقي اسيمبلين جي اليڪشنن وارين لسٽن ۾، سنڌي ماڻهن جا نالا زبردستي اردو رسم الخط ۾ لکڻ جي ڪري، سنڌي نالن جي غلط داخلائن جي ڪري، انهن ماڻهن جي ووٽن جي خارج ٿيڻ جو مسئلو، ايوب خان جي مارشل لا جي دور ۾ شريف تعليمي ڪميشن جي رپورٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي موجوده سطح تان هٽائي ڇڏڻ جو مسئلو، اردو زبان کي پاڪستان جي ٻين صوبن سان گڏ سنڌ ۾ به مادري زبان طور زوري رائج ڪرڻ جو مسئلو، ون-يونٽ جي قيام کان پوءِ سنڌي ماڻهن جي نوڪرين جو مسئلو. اهڙيءَ طرح قومي سڃاڻپ، قوميت، جمهوري حق، وطن جي محبت، سماج جون ريتيون رسمون، سماج جون حالتون، سماج جو ماحول تي اثر، سنڌي ثقافت جا مسئلا، سنڌي ادبي ڪتابن (نثر ٽوڙي نظم ۾) تي بندش وجهڻ جا مسئلا، سنڌي اخبارن، رسالن ۽ سنڌي مقررن جي زبان بنديءَ جا مسئلا، ايوب خان، يحيٰ خان، ضياءالحق جي مارشل لا جي رد عمل ۾ پيدا ٿيل سياسي،



سماجي ۽ ثقافتي حقن جي بحالي، سنڌي ٻوليءَ کي صحيح مقام ڏيڻ، ون يونٽ ٽوڙائڻ واري تحريڪ، معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ڪري پيدا ٿيل مسئلا، اهڙا مسئلا هئا، جن سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ اديبن، شاعرن، شاگردن ۽ قوم پرست سياسي حلقن ۾ ولولو پيدا ڪيو. انهن مان ڪن بيباڪيءَ سان نظم توڙي نثر ۾، غير سنڌي ڪامورن جي ظلمن ۽ ڪامورا شاهيءَ جي خلاف، جاگيرداري نظام جي خلاف، زميندارن جي ڏاڍاين، هارين نارين ۽ مزدورن جي مسئلن ۽ پيري مريديءَ جي خلاف، قلم کنيو، ۽ انهن پنهنجين لکڻين ۾ انهن مسئلن کي موضوع بڻايو. مثال طور: هن دور جي موضوعن بابت ڊاڪٽر نجم عباسي پنهنجي ناول ’بلنديون‘ ۾ لکي ٿو ته:

”هن دور ۾ ناولن جي وڏي اهميت ٿي وئي آهي. ناول ۾ ڪوبه پنگتي، راڄنيتي يا جيون جو ڪهڙو به مسئلو بنياد ڪان بلنديءَ تائين بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو، ۽ ان جو ڇيد ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح ان باري ۾ پڙهندڙن جي ذهن تي ويچار، صاف ۽ چٽا ۽ پختا ويهاري سگهجن ٿا ۽ عمل جي چاٻي ڏيئي سگهجي ٿي. لکندڙ کي لکڻ جو ويڪرو ۽ آجو ميدان ملي وڃي ٿو. هو ان ناول جي مرڪزي موضوع تي، جو ڪجهه هن جي من ۾ يا ذهن ۾ آهي، سو پني تي اوتي سگهجي ٿو.“

اهڙيءَ طرح سنڌي سماج جي مسئلن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ناول ’لاش‘ جي مهاڳ ۾ هيئن لکيو آهي:

”لاش..... نه فقط هڪ غريب جو لاش آهي، جنهن پنهنجي عزت ۽ غيرت خاطر سرمائيدار جي پنجوڙ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهيءَ شاهوڪار شاهيءَ جي فعلن، افعالن، ڪرتب ۽ اعمالن جو اگهاڙو ۽ ننگو لاش آهي، جنهن کي اڪرن جي ڪفن ۾ ويڙهي عوام جي اڳيان رجوع ڪيو ويو آهي. افسوس شاهوڪارن جي ڪردارن جو ذليل لاش غريبن جي غربت ۽ عزت واري لاش کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو.“

مطلب ته مولانا محمد عثمان ڏيپلائيءَ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ، سراج الحق ميمڻ، غلام نبي مغل، قبول ابڙي، آغا سليم، ماڻڪ ۽ سنڌ جي ٻين سنڌي ناول نگارن، پنهنجن ناولن ۾ سنڌي عوام جا مسئلا، سنڌ جي عورتن جا مسئلا، سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا، سنڌي هارين نارين جا مسئلا ۽ ٻين مسئلن کي پنهنجن ناولن ۾ موضوع طور ڪم آندو آهي. اهڙيءَ طرح انهن ليکڪن، سنڌ جي تاريخ کي سامهون رکي ناول لکيا آهن. انهن ناولن ۾ ارغونن، ترخانن، مغلن جي دور ۾، سنڌين سان ٿيل ظلمن جي داستانن جا، سنڌن ناولن ۾ منظر چٽيا آهن. انگريزن طرفان سنڌين تي ٿيل ظلمن ۽ ٻين تاريخي ناولن ۾، مولانا محمد عثمان ڏيپلائي صاحب تمام وڌو ڪم ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ لکيل تاريخي ناولن ۾، خليق مورائي صاحب طرفان لکيل ناول ’سُندري‘ پنهنجو مٽ پاڻ

آهي. هن ناول ۾ خليق مورائي صاحب، سنڌ جي نياٽين سان عرب سپاهين جيڪي ويل وهايا هئا، تن جا منظر چٽيا آهن، جن ۾ سنڌي قوميت ۽ قوميت جي تحريڪ کي موضوع بنايو ويو آهي. پارت جي سنڌي هندو ناول نگارن پنهنجي ماحول ۽ پنهنجن مسئلن کي، هندن طرفان لکيل ناولن جو موضوع بنايو، جنهن ۾ مٿي بيان ڪيل مسئلن کان سواءِ، سنڌ مان سندن لڏپلاڻ جا مسئلا، سنڌ لاءِ سندن سڪ ۽ وڇوڙي جا مسئلا، ڪئمپن ۾ سندن گهاريل زندگيءَ جا مسئلا، سندن روزگار جا مسئلا، ۽ پارت ۾ سندن رهائش کان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل جو مسئلو وغيره. اهم مسئلا هئا.

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ واريءَ ٿيسز ۾ ڪيل تحقيق، ورهاڱي واري زماني کان اڳ، يعني اُها 1947ع تائين واري دور تي مشتمل آهي. ان وقت برصغير جي صوبن جا عموماً ۽ سنڌ صوبي جا خصوصاً، سماجي مسئلا يا سماجي قدر ٻيا ٻيا هئا. ان وقت هندستان ۾ سڀني لاءِ وڏو مسئلو هو آزاديءَ واري هلچل. ان وقت آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي پنهنجي پليٽ فارم تان، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ هلچل پئي هلائي. ان وقت سنڌ جا سماجي مسئلا اُهي نه هئا، جيڪي ورهاڱي کان پوءِ هت يعني سنڌ ۾ پيدا ٿيا، يا پيدا ڪيا ويا. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته ورهاڱي کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ پنهنجيءَ پهرين تقرير ۾ لياقت علي خان سنڌين لاءِ چيو ته:

”سنڌين وٽ ڇا هو، سنڌي فقط گڏهه گاڏي هلائيندا هئا.“

دراصل لياقت علي خان جي انهن لفظن سنڌي عوام کي ڏاڍو مايوس ڪيو، ڇو ته سنڌين به هن هلچل ۾ وڏو حصو ورتو هو. سنڌي ليڊرن پنهنجون اڌ زندگيون جيلن ۾ گذاريون هيون، بلڪ جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي پاڪستان لاءِ، 3-مارچ 1943ع ۾، ريزوليوشن پاس نه ڪري ها ته اڄ سڄي برصغير جو نقشو ڪجهه ٻيو هجي ها، پر منهنجيءَ ٿيسز جو موضوع اهو نه آهي. سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل مسئلن جي باري ۾، پير حسام الدين راشديءَ جنهن راءِ جو اظهار ڪيو هو، سو ان وقت به اهم هو ۽ اڄ به اوترو ئي اهم آهي. جناب پير حسام الدين شاهه راشديءَ، سنڌ ۾ پيدا ٿيل حالتن جي باري ۾ فرمايو ته:

”انهيءَ دور اسان جي ادب تي خاص اثر ڪيو. زميندارن ۽ پيرن جي ٿهي، اڃا پوريءَ ريت ٺٽي ڪونه هئي، ويتر جو وزارتون، ميمبريون ۽ سنڌ جو سڄو صوبو سندن وَر چڙهي ويو، تنهن سنڌ جي عوام کان اُسهڻ ۽ اُسرڻ جو موقعو کسي ورتو. انهن حالتن، اديبن ۽ شاعرن کي نئين سِر سوچڻ تي مجبور ڪيو. اسان جي اديبن سمجهيو ٿي ته بمبئيءَ کان جدا ٿي، سنڌ جا سڄا مسئلا حل ٿي ويندا، طبقاتي فرق مٽبو، غريبن جا ڏک لهندا، ۽ سنڌ جو عوام ريان ڪيان ٿي، زندگيءَ جي جدوجهد ۾ صحتمندانه قدم اڳتي وڌائي، دنيا ۾ آبرومندانه، مقام حاصل ڪندو، ليڪن مسئلو حل ته ڪونه ٿيو،



اُلٽو غلاميءَ ۾ ڏک ڏاڪڙي جا ڪيئي زنجير سندن هٿن، پيرن، ذهن ۽ سوچ تي پئجي ويا.“

پير حسام الدين شاهه راشدي صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن هر دور ۾، ان دور جي مسئلن، طبقاتي ظلمن ۽ سماجي بي رحمين کان متاثر ٿي، ان لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هر دور جو ادب پنهنجي زماني جي، سنڌ جي، چشم ديد ۽ حقيقت پري تاريخ آهي. هر دور جو ادب بامقصد ادب آهي.“ (ص 262)

مطلب ته ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ، سنڌ ۾ سماجي قدرن ۾ جيڪو فرق آيو، سماجي حالتن ۾ بتدريج جيڪا ارتقا ٿي، بين الاقوامي حالتن جي ڪري ادبي لاڙن، ادبي رجحانن ۽ ادبي نظرين تي سڀني جو مسلسل اثر ٿيندو ويو، يا انهن ۾ جيڪو فرق ايندو ويو، انهن سڀني جو مون هن ٿيسز ۾ مطالعو پيش ڪيو آهي، ڇو ته انهن سڀني ادبي لاڙن ۽ رجحانن جي اوسر يا ارتقا جو ثبوت، مختلف دورن ۾ لکيل سنڌي ناولن ۾ شامل ڪيل موضوعن جي صورت ۾ بلڪل نمايان آهي. فقط ضرورت هن ڳالهه جي هئي ته، انهن لاڙن جي تسلسل کي سامهون رکي، انهن ناولن ۾ شامل ڪيل نظرين ۽ مطالعي کي، اهڙيءَ طرح سهيڙڻو ۽ سموهڻو هو جو اهو تسلسل يا اها ارتقا يعني اها اوسر نمايان ٿي بيهي، جيئن هن ٿيسز جي عنوان کي مضبوط مدد ملي سگهي. مون شعوري طور بلڪل ائين ئي ڪيو آهي، ۽ مختلف دورن ۾ سنڌي ناولن جي موضوعن تي ٿيل اثر، يا ان کان پوءِ ايندڙ ٻئي دور ۾ بدليل نظريي واري تسلسل جو، پنهنجيءَ هن ٿيسز ۾ ذڪر ڪيو آهي، ۽ ڪڙو ڪڙي سان ملايو آهي. اسان جي ناول نگارن اهو چٽيءَ طرح لکيو آهي ته، ڪڏهن صوفين ۽ ٻين درويشن، وجودي فلسفي کي پنهنجو ڪيو،انهن منصور حلاج جي اثرن کان ’اناالحق‘ جو نعرو هنيو، ته ڪڏهن ڪن درويشن سرمد شهيد جي تعليم کان متاثر ٿي، ’سڀ ڪجهه آءٌ پاڻ‘، جو نعرو هنيو. ڪڏهن رومانيت واري نظريي، سنڌ جي اديبن کي متاثر ڪيو، ته ڪڏهن مارڪسي نظريي ۽ ترقي پسند نظريي کان هو اثرانداز ٿيا. انهن سڀني نظرين جي اثرن جو ثبوت، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ناولن ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح اڳتي هلي، قوميت واري نظريي سڄي ملڪ کي پنهنجي دائري ۾ ورتو. انهيءَ نظريي، سنڌ جي گهڻو ڪري هر اديب کي متاثر ڪيو، جنهن جو ثبوت، ’رهبر ادبي سوسائٽيءَ‘، ’محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي‘، توڙي ’تنظيم فڪر و نظر‘ اداري طرفان ڇپايل ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي. پڙهندڙ پروفيسر عبدالڪريم لغاريءَ جي هفتيوار ’آزاد‘ اخبار ۾، لکيل تنقيدي سلسلي کان ته ضرور واقف هوندا، يا هو مولانا غلام محمد گراميءَ جي ’مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات‘ جي عنوان سان، ’مهراڻ‘ رسالي ۾ ڇپيل مقالي کان ناواقف نه هوندا. اهو سڀ ڪجهه بتدريج، لاشعوري طور ٿيندو

رهيو آهي. بين الاقوامي حالتون مختلف نظرين ۽ حالتن کي جنم ڏينديون رهيون. انهن حالتن جو اثر سڄيءَ دنيا جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن تي ٿيندو رهيو، جنهن جو تاثر ادب ذريعي، حقيقت نگاريءَ جي صورت ۾، اديبن اهڙيءَ طرح پيش ڪيو، جو ائين پئي محسوس ٿيو آهي ته پڙهڻ وقت انهن نظرين جي تسلسل ۽ تواتر جو منظر اسين پنهنجين اکين آڏو پسون ٿا.

سنڌ ۾ به، سماجي، ثقافتي، قومي ۽ اقتصادي حالتون ائين ئي ارتقا پذير رهيون آهن. سکر بئراج جي تعمير کان اڳ، سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن ۾ فرق جي سلسلي ۾، پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي سوانح عمري، ’هو ڏوٿي هو ڏينهن‘ ۽ سکر بئراج جي گولڊن جوبليءَ جي موقعي تي، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل مقالو ’سکر بئراج جي تعمير جو، سنڌ جي ثقافتي ۽ اقتصادي حالتن تي اثر‘، پڙهڻ جي لائق آهن. انهيءَ مواد مان ان وقت جي حالتن جو پليءَ پٽ پتو پوي ٿو.

اهڙيءَ طرح ورهاڱي يعني 1947ع کان اڳ، سنڌ جون سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتون، ۽ ورهاڱي (1947ع) کان پوءِ وري سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن جو احوال، يا انهن جو ذڪر، سوانح عمرين جي روپ ۾، پير علي محمد شاهه راشديءَ پنهنجي ڪتاب، ”اُهي ڏينهن، اُهي شينهن“، سائين جي-ايم- سيد پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“، پير حسام الدين شاهه راشديءَ پنهنجي ڪتاب، ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“، رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ پنهنجي ڪتاب، ”ڪيئي ڪتاب“ ۽ ”عبرت“ اخبار ۾ قاضي عبدالمجيد عابد جي ڇپيل سلسليوار مضمونن ۾ چٽيءَ طرح بيان ڪيل آهن.

انهن نقطن کي سامهون رکي، مون سنڌ ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي، قومي ۽ ثقافتي حالتن ۾ بتدريج جيڪو فرق ايندو ويو آهي، جيڪو سلسلو قائم رهيو آهي، ۽ سنڌي ناولن ۾ ڄاڻايل سماجي قدرن ۾ جيڪا ارتقا ٿيندي رهي آهي، جنهن طريقي سان، انهن موضوعن جي ذريعي عڪاسي ڪيل آهي، تن کي سامهون رکي، انهن حالتن پٺاندر ناول نويسن جي تخيل جي اوسر، انهن جي ناولن ۾ مسئلن ۽ موضوعن جي اوسر، انهن ناولن ذريعي ادبي لاڙن ۽ ادبي رجحانن جي اوسر کي سامهون رکي، مون مواد ترتيب ڏنو آهي ته جيئن ڪڙو ڪڙي سان ملي سگهي. مون اهو سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ ڪيو آهي ته، جيئن مون پنهنجيءَ ٿيسز ۾ لکيو آهي ته، آءٌ اهو ثابت ڪري سگهان ته، سنڌي ادب جي روشنيءَ ۾، سنڌي سماج جو مطالعو ڪندڙن يا تحقيق ڪي، اها رهنمائي ملي سگهي ته سنڌ جون سياسي حالتون، معاشي حالتون ۽ معاشرتي حالتون توڙي ثقافتي حالتون ڪيئن بتدريج ۽ پنهنجي تسلسل سان بدلبيون نظر اينديون آهن، ۽ انهن ۾ ارتقا ۽ اوسر ايندي رهي آهي.



منهنجي ورتل جائزي مان اهو پليءَ پٽ ظاهر ٿو ٿئي ته، ورهاڱي وقت سياسي ۽ سماجي ماحول ڪهڙو هو؟ سنڌي سماج جا قدر ڪهڙا هئا؟ سنڌي ٻوليءَ جي حالت ۽ حيثيت ڪهڙي هئي؟ ۽ سنڌي ادب جي حالت ۽ مقام ڪهڙو هو؟ ڪهڙا ڪهڙا موضوع ۽ مضمون عام ماڻهن جي پسند مطابق هئا؟ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ڇا وهيو واپريو، انهن ڳالهين ۽ موضوعن جي ارتقا ۽ اوسر جو مطالعو هن ٿيسز ۾ موجود آهي.

مون پنهنجي هن مقالي ڪي ڪوشش ڪري، 1947ع کان وٺي 1994ع تائين، يعني لڳ ڀڳ اڌ صديءَ ۾ پيدا ٿيل، سنڌي نثر جي عموماً ۽ سنڌي ناول نويسيءَ جي خصوصاً سڀني موضوعن کي تفصيل سان ۽ مختلف ناولن مان مثال ڏيئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو آهي.انهن موضوعن ۽ مسئلن کي مون هڪ ٻيءَ طرح سان به ورهايو آهي. يعني ڀارت ۾ سنڌي ناول نويسيءَ ۽ سنڌ ۾ ناول نويسيءَ ۾، ڀارت جي ناول نگارن جا مسئلا اهي ساڳيا نه آهن، جيڪي سنڌ ۾ ناول نويسن جا مسئلا آهن، جيئن اندر مواد جي مطالعي مان معلوم ٿيندو.

مون ڪوشش ڪري ورهاڱي کان اڳ وارن، ٽن ڏهاڪن واري عرصي ۾ تخليق ڪيل ۽ ترجمو ڪيل ناولن، انهن جي قسمن، اشاعتي ادارن ۽ ان دور ۾ لکيل خاص خاص ناولن جي باري ۾ مختصر تبصرو پڻ ڪيو آهي.

مون تفصيل ڏيڻ کان انهيءَ ڪري لهرايو آهي، جو پروفيسر لعل سنگ اجواڻيءَ، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، جڳديش لچاڻيءَ، منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ پوپٽي هيراننداڻيءَ وغيره جهڙن ماهرن پنهنجن ڪتابن ۽ مقالن ۾ انهن موضوعن تي تفصيل سان روشني وڌي آهي.

هن ٿيسز ۾ مون ناول جو فن ۽ سنڌي ناولن کان سواءِ سنڌي ناولن جي فني اصولن تي به روشني وڌي آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي سنڌي ناول نگارن، ناول نويسيءَ جي فن ۽ اصولن کي سامهون رکي، تمام سٺا ناول لکيا آهن، جن مان ڪن اهم، مشهور ۽ چونڊ ناولن کي، ناول نويسيءَ جي فن ۽ اصولن واري ڪسوٽيءَ جي مدد سان، مون پرکيو به آهي، انهن جو تنقيدي جائزو به ورتو اٿم.

اهڙيءَ طرح مون برصغير پاڪ-هند جي ڪن چونڊ ناول نويسن جي ناولن تي ادبي تبصرو پڻ ڪيو آهي. ان تبصري ۾ مون انهن ناولن جي فن، موضوع، پلاٽ ۽ ڪهاڻيءَ کان سواءِ، انهن ناول نويسن جي طرز تحرير ۽ حسن بيانيءَ کي به نمايان ڪيو آهي. منهنجي سامهون تنقيدي تجزئي لاءِ نقطا هي هئا:

سنڌ جو سماج ۽ ان جا قدر، سنڌي ناولن جا ڪردار، سنڌي سماج جا مسئلا، ناولن ۾ اصليت نگاري، واقع نگاري، حقيقت نگاري، ڪردار نگاري، ماحول جي عڪاسي يا منظرڪشي، سليس ۽ عام فهم زبان جو استعمال، تشبيهن، استعارن، اشارن ۽ ڪناين کان سواءِ، اهڙيون ٻيون خوبيون به شامل آهن. انهن خوبين يا اصولن جي ڪسوٽيءَ کي سامهون رکي، انهن ناولن جو

تنقيدي اڀياس پڻ پيش ڪيو اٿم. ممڪن آهي ته انهن خوبين جي آڌار تي ئي، انهن مان ڪيترن ئي ناولن تي سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، سنڌي ادبي سنگت، سگا ۽ اڪادمي ادبيات پاڪستان ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ ڪان سواءِ، ڀارت ۾ ساهتيه اڪادميءَ طرفان ادبي انعام پڻ ڏنا ويا هجن.

هن ٿيسز ۾ ورهاڱي کان اڳ يا ورهاڱي کان پوءِ جي، لڳ ڀڳ پنجاهه سالن واري عرصي ۾ ڇپيل نثر، سنڌي نثر نويسن، خصوصاً ناول نويسن، انهن جي لکيل ڪتابن کان سواءِ، علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارن جو تفصيل سان تعارف پڻ ڪرايو ويو آهي، ۽ انهن جي طرفان ڇپايل ناولن جو وچور به ڏنو ويو آهي. هي ڪم هن ڏس ۾ پهريون دفعو مون ئي ڪيو آهي، ۽ مون کي اميد آهي ته مون کان پوءِ جي محققن جي مدد لاءِ اهو مواد سندن رهنمائي ڪندو.

برصغير جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن تي، آزاديءَ جي تحريڪ کان اڳ، بنگال جي ورهاڱي جي تحريڪ، ٻن مهاڀاري لڙاين کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي تحريڪن جو اثر ٿيو. انهن اثرن سنڌ کي به متاثر ڪيو. انهن اثرن سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب کي متاثر ڪيو. انهن اثرن کي هن ٿيسز ۾ مثالن ۽ دليلن سان پيش ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ اهو بحث منهنجي مقالي جي دائري کان ٻاهر آهي.

يورپ ۾، خصوصاً فرانس ۾ French Revolution، يورپي ادب کي گهڻي قدر متاثر ڪيو. اتي ادب جون نيون صنفون تخليق ٿيون، ان جو اثر برصغير تي پڻ ٿيو. لهاذا يورپي ادب جو، سنڌي ناول تي ڪهڙو ڪهڙو اثر ٿيو، تنهن جي باري ۾ پڻ هن ٿيسز ۾ وضاحت سان لکيو ويو آهي.

هن ٿيسز ۾، سنڌ ۽ هند جي پنجاهه سالن جو سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي جائزو پڻ پيش ڪيو ويو آهي، جيئن اندر متن مان معلوم ٿيندو ته سنڌي ناولن کي موضوعن مطابق تقسيم ڪندي، انهن کي سماجي ناول، تاريخي ناول، رومانوي ناول، مذهبي ناول، سائنسي ناول، نفسياتي ناول ۽ جنسياتي ناول وغيره موضوعن ۾ ورهايو ويو آهي.

مون ڪوشش ڪري طبعزاد ناولن ۽ ترجمو ٿيل ناولن کي ڌار ڌار حصن ۾ بيان ڪيو آهي، پر ان هوندي به ڪن ناولن مان خبر نٿي پوي ته اهي طبعزاد آهن يا ترجمو ٿيل، ڇو ته ناول نويسن ترجمو ٿيل ناولن جي مهاڳ ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه ڪئي آهي.

منهنجو اهو ارادو هو ته سنڌي ماڻهن جي نفسيات، سندن نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن جي باري ۾ به ڪجهه لکان، پر اهو سڀ مواد طوالت ۾ شامل ٿئي ها. هن ٿيسز جي مطالعي دوران، ناولن جي ڪردار نگاريءَ مان مدد وٺي، سنڌ جي ڪردارن جي عملن جي اڀياس مان، سنڌ جي ماڻهن جي نفسيات جو جائزو وٺي سگهجي ٿو.



جيڪڏهن ڪو به محقق، سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ سندن نفسياتي لاڙن، جبلتن ۽ ڪيفيتن، توڙي سنڌي زبان، سنڌي زبان جي حسن بيانيءَ، اسلوب، چوڻين ۽ پهاڪن، سنڌي نثر جي صنفن ۽ انهن جي نمونن جي مطالعي ڪرڻ جي خواهش يا تمنا رکندو هجي، يا سنڌي سماج جي ڌار ڌار پهلوئن ۽ نظرين جي اڀياس لاءِ ارادو رکندو هجي، ته منهنجي هيءَ ٿيسز سندس هر طرح سان مدد ڪندي، ۽ سندس سڀ تحقيقي گهرجون پوريون ڪندي (انشاءَالله).

ڊاڪٽر نور افروز خواجه

## باب پهريون

# سنڌي نثر جو جائزو

## (الف) ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي نثر جو جائزو:

1- تاريخ ۾ هر ٻوليءَ جي، هر صنف جي نثر توڙي نظم جي ابتدا کي، وڏي اهميت هوندي آهي، 'پيڙهه' يا 'سَلي' کي پهرين اهميت ڏني ويندي آهي. ماهر هن راءِ جا آهن ته سنڌي نثر جي شروعات سومرن جي دور (1010ع – 1351ع) کان به اڳ ٿي هئي. انهيءَ لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

"غالباً سنڌي نثر جي ابتدا، سومرن جي دور (1010ع) کان به اڳ ٿي چڪي هئي."(1)

ڊاڪٽر غلام علي الانا هن ڏس ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌي ادب جا لکت ۾ اهڃاڻ، سڀ کان پهرين سومرن جي دور (1010ع – 1351ع) ۾ ملن ٿا. هيءُ دور سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙن لاءِ تمام اهم دور رهيو آهي، چاڪاڻ ته قوميت ۽ وطنيت جي جذبي ۽ خود قربانيءَ واري جذبي جي لحاظ کان هيءُ دور خاص اهميت وارو آهي. هن دور ۾ سورمن ۽ سورمين جي سبق، سنڌين ۾ جاڳرتا آڻي، سندن ارادا پختا ڪيا، ۽ سندن حوصلا بلند ڪيا. اڄ به هيءُ دور، سنڌ جي نئين نسل جي ذهنن ۾ زنده رهڻ جا اهڃاڻ اجاگر ڪري رهيو آهي. اڄ به دودي جي دليري، ننگر جي بهادري، ٻاگهل ٻائيءَ جي حب الوطني ۽ اَبڙي سمي جو سر ڏيئي، سام جهلڻ وارو روايتي سنڌي اخلاق، موضوع طور ڪم اچي رهيا آهن."(2)

سنڌي نثر کي، ٻين هندستاني ٻولين جي ادب جي پيٽ ۾، اوج ۽ ترقي، دراصل انگريزن جي سنڌ تي حڪومت شروع ٿيڻ کان پوءِ ملي.

2- ماهرن جي راءِ موجب، سنڌي نثر جي شروعات انگريزن جي دور ۾ 1843ع کان ٿي. انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ڪيترائي



نوان سڌارا عمل ۾ آيا، ۽ ڪيترائي اهڙا ڪم ٿيا، جن کي ماڻهن زندگيءَ ۾ پهريون ئي دفعو ڏٺو هو. هن ئي دور ۾ موجوده سنڌي صورتخطيءَ کي اهڙي شڪل ڏني وئي، جنهن کي سرڪاري ۽ خانگي سطح تي عام طور قبول ڪري استعمال ۾ آندو ويو. محترم محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو ته:

"انگريزن جي ڪوشش سان سنڌي الف-ب ٺهي راس ٿي ۽ پوءِ رفته رفته سنڌي ۽ انگريزي اسڪول به کليا."(3)

ان کان پوءِ، انهيءَ ئي سال ۾ پريسون شروع ٿيون، جنهن ڪري ڪيترائي علمي ۽ ادبي ڪتاب ۽ اخبارون شايع ٿيڻ لڳيون. هن دور جي سنڌي نثر بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

"ڏيهي حاڪمن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ پنهنجي آزادي ته وڃائي ويٺي، ليڪن علمي ۽ ادبي لحاظ کان انگريزن جو دور سنڌي نثر لاءِ سونهري دور هو. هن دور ۾ سنڌي علم ادب کي فرش تان عرش تائين پهچايو ويو. هن نيڪ ڪم ۾ نه صرف ڏيهي ماڻهن خاص حصو ورتو، پر حڪمران طبقي جيڪا دلچسپي ورتي ۽ سرجوشي ڪئي، سا وسارڻ جوڳي نه آهي."(4)

انگريزن جي سنڌ تي حڪومت شروع ٿيڻ بعد سنڌي نثر جي ترقي ٿي. انگريزن جا پنهنجا به سنوان سڌا مطلب هئا. هنن هن ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي-سنڌي صورتخطي مقرر ڪئي. ڊاڪٽر غلام علي الانا انهيءَ عربي رسم الخط جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ جي فتح کان اٺ ورهيه پوءِ، 1851ع ۾ سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان ۽ مسٽر ايلس جي رهبريءَ هيٺ، مخدوم ابوالحسن واريءَ سنڌيءَ کي سنواري، سڌاري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ صورتخطي مقرر ڪئي وئي. انهيءَ وقت جو سنڌي ادب گهڻو ڪري مذهبي هو، جو ملڪ جي وڌندڙ علمي ۽ ادبي ضرورتن کي منهن ڏيئي نٿي سگهيو. يورپي عملدارن انهن سڀني ڳالهين کي سمجهي، سنڌي زبان ۾ نظم ۽ نثر جا ڪتاب تيار ڪرائڻ شروع ڪيا."(5)

3- انگريز سرڪار سنڌي زبان جو گرامر به تيار ڪرايو. انگريزي ۽ پارسي زبانن ۾ لکيل ڪتابن جا ترجما ڪرائڻ شروع ڪيا. اسڪول کوليا ويا، جن ۾ بائيبل پڙهائڻ شروع ڪيو ويو. انگريزن پنهنجا تبليغي ڪم به شروع ڪري ڇڏيا، 'گاسپل آف سينٽ جان' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. حڪومت طرفان سنڌي ادب کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ واري تحريڪ سنڌ ۾ مصنفن ۾ فطري طور، پنهنجي ادب کي اجاگر ڪرڻ لاءِ چاهه جاڳايو. ڪيترائي درسي ڪتاب لکرايا ويا؛ قصا ۽ ڪهاڻيون لکيون ويون؛ ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالا

نکرڻ شروع ٿيا، جن نظم توڙي نثر جي اشاعت ۾ وڏو ڪم ڪيو. 1885ع ۾ 1986ع ۾ سنڌ ۾ ڪتابن ڇپجڻ جو سلسلو به شروع ٿيو، جنهن ڪري اديبن جو حوصلو به وڌي ويو.

هن (انگريزن) دور ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جا شهر علم ادب جا خاص مرڪز هئا، جتي ڪيترين ئي ادبي سنسٿائون ۽ اشاعتي ادارا، اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا ويا، جن ۾ نئين ۽ جديد تعليم ڏيڻ جي شروعات ڪئي وئي.

4- سنڌي نثر لاءِ شروعاتي قدم ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڊاڪٽر ٽرومپ کنيو. هنن سنڌي ڊڪشنريون ۽ گرامر جوڙيا. ڪئپٽن اسٽئڪ پنهنجي سنڌي گرامر واري ڪتاب ۾، ضميمي طور ديوان اڌارام ٿانورداس جي لکيل آکاڻي ’سورٺ ۽ راءِ ڏياچ‘ شامل ڪئي. ڊاڪٽر ٽرومپ ’سنڌي ريڊر‘ لکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هن ڪيترين ئي آکاڻين ۽ ليليٰ مجنون جو عشقيه داستان به شامل ڪيا. ان ڪان سواءِ شاهه جي رسالي جو ڀرپور پريس جو ڇاپو 1866ع ۾، جرمنيءَ مان شايع ڪيائين. ان ڪان علاوه يورپي عملدارن ۾ اهي ڪامورا، جن کي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان لازمي طور ڏيڻو هو،انهن لاءِ ڪيترائي ڪورس جا ڪتاب ڇپرايا ويا. تعليمي ۽ درسي ڪتابن ۾ ٻارن جي لاءِ پرائمر، تاريخ معصومي جو ترجمو، ڊرائنگ جا ڪتاب، حسابن جا ڪتاب، جاگرافيءَ جا ڪتاب، دنيا جي تاريخ، ڪامسين ۽ ڪامروپ، مهر منير ۽ راءِ ڏياچ جي آکاڻي، لوڪ ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ شايع ڪيون ويون.

هن دور جي اوائلي سنڌي نثر ۾ هندن ۽ مسلمانن گڏجي جاکوڙ ڪئي، جنهن ۾ ٻين عام معلومات جي ڪتابن ڪان سواءِ، مذهبي ڪتاب، ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيا. انهيءَ ڪان سواءِ، هن دور ۾ ملڪ جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن جو اثر به سنڌي ادب تي تمام گهڻو پيو. هن دور جي ادب جي باري ۾، پروفيسر ايل-ايڇ اجواڻي صاحب انگريزيءَ ۾ لکيل پنهنجي ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ ۾ لکي ٿو ته:

"Sindhi prose grew in British era, whatever claims may be made of an earlier origin for Sindh prose, for all practical purposes, the Sindhi prose came to be such only under the aegis of the British. It first developed in translations and school texts, after the present (Arabic-Sindhi) script was evolved in 1852 A.D"(6)

سنڌ جو ابتدائي نثر وارو دور، يعني شروعاتي دور، جيکو اوڻيهين



صديءَ جي آخر ۾ ويهين صديءَ جو شروعاتي دور هو، ان کي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ’ونڊر ۽ سکيا وارو دور‘ ٿو ڪوٺي. هن دور ۾ اصلوڪن ڪتابن جي کوٽ هجڻ جي ڪري، ٻين ٻولين تان ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا ويا. انهيءَ ڪري پروفيسر اجواڻي، هن ابتدائي دور کي،’ترجمن وارو دور‘ ٿو سڏي. هو لکي ٿو ته:

”انگريزن جي طرفان ٿيل تمام سرڪاري سهولتن جي ڪري، ادب ۾، انگريزي، پارسي، هندي، گجراتي ۽ اردوءَ تان ترجمو ڪيو ويندو هو، جنهن ڪري ان مان اصليت ڳولهڻ ڏکيائيءَ وارو ڪم آهي.“(7)

5- انگريزن جي آئي، سنڌي ماڻهن جو نون نون علمن سان واهپو ٿيو. انگريزي ادب جي اڀياس ماڻهن ۾ قومي امنگ پيدا ڪيو. ماڻهن کي پنهنجين ڪمزورين جو احساس ٿيو. هن دور ۾ دنيا جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون بگڙيون، جن برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ کي به متاثر ڪيو.

سنڌ ۾ سنڌي اديبن تقريباً هر صنف مثلاً: ناول، ڊراما، قصا ۽ ڪهاڻيون، تاريخ ۽ جاگرافي، گرامر، ٻهاڪن جا ڪتاب، مضمونن جا مجموعا، سائنس جي مختلف شاخن تي لکيل ڪتاب، رياضي ۽ هندستان جي تاريخ وغيره جي باري ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن جو تفصيل ڊارڊار ڪتابن ۽ رسالن ۾ موجود آهي. پروفيسر اجواڻي سر رچرڊ برٽن جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو، تڏهن ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ادب موجود ڪونه هو، جيترو سنڌيءَ ٻوليءَ ۾.“(8)

مطلب ته ٿيهن سالن اندر ستر ڪان اسي ڪتاب لکيا ويا، جن ۾ ڪيترائي قصا ۽ ناول، مثلاً راسيلاس، قصو وڪئي ڏاتار جو، قصو دلوراءِ ۽ قصو سيف الملوڪ ڪان سواءِ شاعريءَ جا ڪتاب جهڙوڪ: ديوان گل ۽ ميزان الشعر وغيره لکيا ويا. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”مختلف موضوعن تي لکيل اهڙن ٻين ڪتابن جي فهرست ڏسڻ سان اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته انگريزي حڪومت جي شروعاتي دور ۾ سنڌي نثر توڙي نظم لاءِ نيون راهون، نوان گهاٽ ۽نوان گس گهڙجي چڪا هئا.“(9)

انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لازمي قرار ڏني وئي ۽ انهيءَ ڪري سنڌ سرڪار سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکرائي شايع ڪيا. هن سلسلي ۾ منشي اڌارام ٿانورداس، ديوان ڪوڙومل چندن مل، ديوان جهمٽ مل نارومل، ديوان روچيرام، ديوان ڪيولرام سلامت راءِ شهاڻي، مرزا قليچ بيگ، ديوان ڏيارام وسڻ مل، ڪاڪو پيرومل، ديوان نانڪ رام، ديوان

ڏرمداس، ديوان ليلارام وطڻمل، سيد ميران محمد شاهه (اول) ۽ ديوان ننديرام وغيره سنڌي نثر ۾ ڌار ڌار موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا.

انگريزن جي دور ۾ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي درسي ۽ نصابي ڪتاب لکيا ويا. انهن ۾ ديوان نندي‌رام جو نالو سڀ کان اهم آهي. هن ’تاريخ معصوميءَ‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن دور ۾ سنڌيءَ ۾ اصلوڪن ڪتابن جي کوٽ جي ڪري، ٻين ٻولين مان قصا، ڪهاڻيون ۽ مضمون ترجما ڪيا ويا. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريون ڪتاب، ’ايسپ جون آکاڻيون‘ هو، جيڪو ديوان نندي‌رام، 1844ع ۾ ترجمو ڪيو.اهڙيءَ طرح ’ٻنپي زميندار جي ڳالهه‘ ۽ ’سڌا توري ۽ ڪڌا توري جي ڳالهه‘ وغيره ڪتاب هن دور ۾ سنڌي زبان ۾ لکيا ويا.

هن دور جي اديبن، سنڌي نثر کي نئين راهه تي آڻڻ لاءِ، ماڻهن ۾ شوق پيدا ڪيو. ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ اخبارون ڪڍڻ شروع ڪيائون. 1891ع ۾ ’پرڀات‘، 1896ع ۾ ’جوت‘، 1863ع ۾ ’الحق‘، ’معاون‘، ’سنڌ سڌار‘، ’سرسوتي‘، ’مسافر‘، ’الهلال‘، ’تعليم‘، ’ماتا‘، ’بهار الخلاق‘، ’ڪچڪول‘ ۽ ’تحفته الاحباب‘ وغيره نالي سان رسالا ۽ اخبارون نڪتيون، جن ۾ سنڌي قوميت، سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان کي زور وٺائڻ، ان کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ ترقي وٺائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون.

درحقيقت موجوده سنڌي ادب ۾ نئين سنڌي عبارت جوڙڻ ۾، مرحوم شمس الدين بلبل ۽ مرزا قليچ بيگ جو وڏو هٿ هو. ڊاڪٽر غلام علي الانا هن سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

”هن دور ۾ سنڌي نثر جي بانيڪارن ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ ميان شمس الدين بلبل، سنڌي نثر ۾ جان پيدا ڪئي. موجوده نثر نويسيءَ جو رنگ اول ’بلبل‘ ئي اختيار ڪيو. بلبل کان اڳ، سنڌي نثر نويسيءَ جو نمونو، مقفيٰ ۽ مسجع عبارت ۾ رائج هو. بلبل نه صرف نثر جو اهو رنگ اختيار ڪيو، پر ان کي پنهنجي خداداد قابليت ۽ قلمي طاقت سان نهايت بلند مرتبي تي پهچايائين، جنهن ڪري هر ڪنهن لاءِ سنڌي نثر لکڻ، آسان ٿي پيو. ’بلبل‘ مرحوم پنهنجي قلم ذريعي، مسلمانن کي صحيح راهه تي هلڻ ۽ پنهنجي بهبوديءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ سوچڻ تي آماده ڪيو.“(10)

شمس الدين بلبل هڪ حقيقت نگار هو. هو پهريون سنڌي نثر نويس هو جنهن سنڌ وارن کي سنڌ جي تهذيب، تمدن، سنڌي معاشري ۽ عام ماڻهن جي جذبن ۽ خيالن طرف متوجهه ڪيو. هن جي مضمونن ۾ مختلف ڏنڌي وارن ماڻهن جون، صحيح ۽ زنده تصويرون نظر اچن ٿيون. هن نظم ۽ نثر جي ذريعي ماڻهن کي خراب رسمن کان آگاهه ڪيو. هن پيرن، درگاهن ۽ ميڙن ملاکڙن ۾ ٿيندڙ خرابين ۽ براين کي سخت لفظن ۽ طنز سان ڀريل



جملن ۾ ننديو آهي.

6- هي دور سنڌي قوميت ۽ سنڌي زبان لاءِ پرچار جو دور هو. هن دور ۾ سنڌي نثر جي تمام گهڻي ترقي ٿي. هن دور ۾ مرزا قليچ بيگ به هڪ وڏي اديب جي حيثيت ۾ عزت حاصل ڪئي. هن هر جديد صنف تي قلم آزمائي ڪئي ۽ سنڌي زبان کي هر قسم جي موضوع سان مالا مال ڪيو. مرزا صاحب وارو دور اهم دور هو، جنهن ۾ سنڌ کان ٻاهر ايشيا ۾ به انگريزي حڪومت جو ڏاڪو ڄمي چڪو هو، نئين تهذيبي اٿل، ماڻهن جي ذهنن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو هو. مرزا صاحب، هن حڪومت جي فائدن جو قائل ٿي چڪو هو. هو پنهنجين لکڻين ۾ ڪٿي به شعوري يا لاشعوري طور، انگريزن کان نفرت جو اظهار نٿو ڪري. هن چاهيو ٿي ته ماڻهو نئين نظام ۽ ترقيءَ ۾ حصو وٺن، ۽ پراڻين رسمن رواجن، وهمن ۽ وسوسن کي ختم ڪن، ۽ هن نئين دور مان فائدو حاصل ڪن. هن مشرقي علم ۽ فارسي زبان سان گڏ، انگريزي تعليم به حاصل ڪئي هئي. هو مغربي علمن جو ڄاڻو هو. هن وڏي عرصي تائين انگريزي حڪومت ۾ نوڪري به ڪئي. ان سان گڏوگڏ هن، ادب ۽ فن جي ذريعي قوم جي به خدمت ڪئي ۽ ماڻهن ۾ نون خيالن کي پکيڙڻ جي ڪوشش به ڪئي. ڊاڪٽر غلام علي الانا مرزا صاحب جي باري ۾ لکن ٿا ته:

”هن زماني جي نثر نويسن ۾ مرزا صاحب جو ڪو ثاني ڪونه ٿيو. هن نثر جي هر شعبي ۾، ترجمن ۽ تصنيفن کي پيش ڪرڻ جو خاص قصد ڪيو هو.“ (11)

مرزا صاحب سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو به ڪيا. سندس سڀ ڪتاب گهڻو ڪري تعليمي ۽ تدريسي طرز جا آهن. هو سنڌيءَ ۾ ناول ۽ ناٽڪ جي صنفن جو باني پڻ آهي. ان کان سواءِ لغت، صرف ۽ نحو، علم منطق، علم رياضي، علم معاشرت، علم طب، اخلاقيات، فلسفي ۽ ڪهاڻين، قصن، مضمونن، دينيات، ٻين مذهبن، شاهه جو رسالو، اسلاميات ۽ شاعريءَ تي به ڪتاب لکيا اٿن.

مطلب ته 1864ع واري هلچل کان پوءِ، سنڌي نثر ۾ گهڻو ئي ڪجهه لکيو ويو، ۽ عام ماڻهن جي روزانه زندگيءَ جو رنگ روپ، ادب جي اُفق تي ڇٽائيءَ سان ظاهر ٿيو. سماج جي اوڻاين جي مدنظر، غلط ڪارين ۽ ٻين اهڙين ڳالهين جو عڪس نثر جي صنفن، افسانن، ناولن ۽ ڊرامن- ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو.

7- هن دور ۾ ڊراما به لکيا ويا. هن دور جي ڊرامن جو موضوع گهڻو ڪري، عام رومانوي ۽ تاريخي ڳالهين سان گڏ، سماجي ناانصافين، غلط رسمن ۽ رواجن، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ فرق وارا موضوع عام هئا. ان

ڪان سواءِ هن دور ۾، هندن ۾ ڏيتي ليتيءَ جو مرض، ۽ اُن معاشري ۾ نقصان هن دور جا خاص موضوع هئا. هن دور جي اهم ڊراما نگارن ۾ امام بخش خادم، ماستر چيٺانند، مرزا قليچ بيگ ۽ ديوان ڪوڙومل چندن مل جا نالا وٺي سگهجن ٿا.

هن دور جي سنڌي ادب تي ۽ خاص طور سنڌي نثر تي مختلف تحريڪن جو ڪافي اثر ٿيو، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ ڪيترائي نوان موضوع ۽ نوان مضمون شامل ٿيا. ادب ۾ جدت آئي، ماڻهن ۾ قومي، سياسي، ۽ مذهبي بيداري اچڻ ڪري به ادب ۾ ڪافي نواڻ آئي.

اهڙيءَ طرح 1864ع کان وٺي 1910ع وارو دور، سر سيد احمد خان جي تحريڪ وارو دور هو جنهن جو برصغير جي نثر توڙي نظم تي گهڻو ئي اثر ٿيو. هن تحريڪ جي ڪري مسلمانن ۾ سجاڳي آئي. هنن ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو.

هن دور ۾ سنڌي اخبارن، سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. انهن اخبارن جي باري ۾ وضاحت سان ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”هن دور ۾ سنڌ ۾ انجمن محمدي (Sindh Muhammadan Association) قائم ٿي، جنهن جي زير اهتمام ڪراچيءَ مان هفتيوار اخبار ’معاون‘ جاري ٿي. 1881ع ۾ ٻي اخبار ’معين الاسلام‘ نالي ڪڍي وئي ۽ 1882ع ’سنڌ سڌار‘ اخبار شايع ٿي. 1884ع ۾ ’سنڌ سڌا‘ نالي اخبار، هڪ ادبي جماعت جي حوالي ڪئي وئي، جنهن جا باني ساڌو هيرانند ۽ ٻيا هئا. هن اخبار سنڌي ادب جي گهڻي خدمت ڪئي. هن اخبار نثر توڙي نظم جي اشاعت ۾ وڏو ڪم ڪيو. هن اخبار جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، ان وقت سنڌ جي شاعرن، عروضي شاعريءَ کي ترقي وٺائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. 1885ع ۾، ماستر هريسنگهه سکر واري ۽ پوڪرداس شڪارپور واري ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن ڪري اديبن ۽ ليکڪن جو حوصلو وڌي ويو. هن ڏس ۾ اسڪولن ۽ مدرسن ۾ به شوق ڏيکاريو ويو.“(12)

انجمن محمديءَ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ مسلمانن ۾ ساڳئي قسم جو هڪ ٻيو مڪتب فڪر پيدا ٿيو، جيڪو خالص مذهب پرست عقيدن ۽ خيالن جو هو. انهيءَ نئين مڪتب فڪر جا باني ديوبند جا عالم هئا. هنن جي تعليم، تبليغ ۽ اشاعت جي پروگرام به ملڪ گير مقبوليت حاصل ڪئي.

8- انهن تحريڪن کان سواءِ 1905ع ۾ جڏهن بنگال جي تقسيم عمل ۾ آئي، تڏهن قوميت جي تحريڪ جي اثر هيٺ، گهڻي تعداد ۾ اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب شايع ٿيا. هن دور لاءِ پروفيسر اجواڻي صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ لکي



ٿو ته:

”انڊيا سميت سنڌ ۾ هڪ نئين لهر آئي، ڪرزن جي بنگال جي ورهاڱي، سڄي ملڪ ۾ سياسي سجاڳي آندي.“(13)

پر ڊاڪٽر الانا هن دور کي سياسي بيداريءَ وارو دور ٿو سڏي. هن دور جي مکيه ليکڪن، جهڙوڪ: پيرومل مهرچند آڏواڻي، ميلارام واسواڻي، قاضي اسدالله شاهه (اول)، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي ۽ شيخ عبدالمجيد ’سنڌيءَ‘ جي ڪوشش سان، نثر ۾ به گهڻو واڌارو ٿيو.

مسلم ليگ جي قائم ٿيڻ واري هلچل جي ڪري به، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن ۾ وڏو ڦيرو آيو. انهن تبديلين جو سنڌيءَ ٻوليءَ جي علم ادب تي به گهڻو اثر ٿيو. هن دور ۾ ڪيترين ئي اخبارون ۽ رسالا نڪتا، جن سنڌي نثر جي اشاعت ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪيو.

9- سنڌي ادب ۾ ٻيو وڏو انقلاب موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ آيو. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل نتيجن تي، سنڌي ماڻهو پنهنجي پراڻي تهذيب ۽ ثقافت تي فخر ڪرڻ لڳا. ڊاڪٽر الانا انهيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي سياسي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ ٻيو وڏو انقلاب، موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ آندو. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ سنڌ وارن ۾ پنهنجي وطن جي قديم ۽ عظيم ثقافت تي فخر ٿيڻ لڳو. انهيءَ هلچل کي اخبارن ۽ رسالن به گهڻي مدد ڪئي“.(14)

انهيءَ کان پوءِ 1914ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي. هن لڙائيءَ دنيا جي حالتن ۾ انقلابي تبديليون آنديون. انهن حالتن جو سنڌ تي به اثر ٿيو. عوام ۾ ذهني انقلاب جا آثار نمودار ٿيا. انهيءَ ذهني انقلاب، سجاڳيءَ جاڳرتا جو اثر، ان وقت سنڌ جي سنڌي نثر تي بلڪل ظاهر نظر اچي ٿو. سنڌي اديب عوام جي مختلف مسئلن طرف متوجهه ٿيا. هنن عام ماڻهن جي مسئلن تي سوچيو. انهن زندگيءَ جي مختلف مسئلن تان پردا هٽائي، انهن کي اصلي حالت ۾ سچي روپ ۾ پيش ڪيو. اهي حقيقتون افسانن، ناول ۽ ڊرامن ۾ پيش ڪيون ويون. ان کان علاوه ڪيترين ئي اخبارون ۽ رسالا نڪتا، جن قوميت ۽ قومي جاڳرتا انگريز سماج جي خلاف آواز اٿارڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. هن دور جي ماهوار رسالن ۾ ’لٽڪا چٽڪا‘، ’گلشن‘ ۽ ’راجپوت‘ هئا، جن ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل افسانا شايع ڪيا ويا. اهو دراصل سنڌي افسانن جو شروعاتي دور هو.

هن دور جا افسانا، سماجي مسئلن، معاشرتي برائين ۽ ٻين گهريلو

مسئلن جهڙوڪ: گڏيل ڪٽنبن جا مسئلا، زوري شاديءَ جا مسئلا، گهريلو ريتيون ۽ رسمون، عورتن جي بيوسي، عورتن سان ٿيندڙ ظلم، انهن ۾ تعليم جي گهٽتائي وغيره، ڪيترائي مسئلا ان دور جي ادب جا موضوع بڻيا.

پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ واري دور کان پوءِ، سنڌي زبان ۾ سوَن جي تعداد ۾ ڊراما لکيا ويا. انهن ۾ طبعزاد ڊرامن سان گڏ، شيڪسپيئر جي ڊرامن جو ترجمو به ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڪيترائي ڊراما اسٽيج تي به پيش ڪيا ويا. هن دور جي سنڌي ڊرامن جا موضوع هئا: عام رومانوي ۽ تاريخي ڊرامن سان گڏ، سماجي ناانصافين، غلط رسمون ۽ رواج، نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ فرق، ڏيتي ليتيءَ جو مرض ۽ انهن مان ٿيندڙ خرابيون ۽ نقصان وغيره.

هن دور جي اهم ليکڪن ۾ ديوان ڪوڙومل چندن مل، چيتمل پرسرام، ڪاڪو پيرومل، منگهارام ملڪاڻي ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا فخر سان پيش ڪري سگهجن ٿا.

1916ع ۾ ’هوم رول تحريڪ‘ جو به سنڌي ادب تي گهڻو اثر ٿيو. هن دور ۾ ڪيترائي مضمون، ناول ۽ ناٽڪ ۽ ڪهاڻيون لکيون ويون، جيڪي اخلاقي، سماجي موضوعن تي هيون، جن ۾ معاشري جي عڪاسي ٿيل هئي.

هن ئي دور ۾ ديوان چيتمل پرسرام، ’هندواسي‘ اخبار ڪڍي، جنهن سنڌي نثر جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. هن اخبار ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون ڇپيا رهيا. هن ئي دور ۾ حافظ حيات شاهه ’الحافظ‘ نالي رسالو ڪڍيو، جنهن به سنڌي ادب جي گهڻي خدمت ڪئي.

10- 1917ع کان هوم رول تحريڪ جي خلاف هلچل شروع ٿي، جنهن ۾ مسلمانن ڪي، جداگانه پنهنجي قومي، مذهبي ۽ ملڪي حق گهرڻ لاءِ چيو ويو، جيئن شمس الدين بلبل پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”اسان (مسلمانن) جي قوميت سڀني کان مٿي هئڻ گهرجي، هندن کان صد بار وڌيڪ، اسان جا پوليٽيڪل حق آهن.“(15)

انهيءَ وقت ۾ سياسي، قومي ۽ مذهبي ڇڪتاڻ هوندي به سنڌي ادب ترقي ڪندو رهيو.

1920ع تائين سنڌي علم ادب جي حالت گهڻي قدر سڌري وئي هئي. هن دور ۾ ڪيترائي معياري ڪتاب ڇپايا ويا ۽ سنڌي نثر ۾ مضمون، ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊرامن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته:

”1920ع تائين سنڌي نثر ۽ سنڌي علم ادب جي حالت، ڪافي حد تائين اميد افزا بڻجي وئي. پنجاهه کن نوان ۽ معياري ڪتاب ڇپايا ويا. هن عرصي تائين، ناٽڪ، ناول، ڪهاڻي، مضمون ۽ ٻين صنفن ۽ ترجمن توڙي تصنيفن جي ڪري نثر هيڪاري مائيدار ٿيندو ويو.“(16)



حاصل مطلب ته ملڪ جي تيزيءَ سان بدلجندڙ حالت، ماڻهن جي بدلجندڙ سوچ، سندن خيالن ۽ جذبن جو، انهيءَ ئي تيزيءَ سان ادب ۾ انڪشاف به ٿيو. ليڪن جا مشاهدا به بدليا ته اظهار به بدلجي ويا.

1922ع ڌاري ’خلافت تحريڪ‘ ۽ ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي ڪري، سنڌ جون سماجي حالتون بدلجي وئيون. هن دور ۾ سنڌي نثر جي صنفن، خاص ڪري مضمونن، ناولن، افسانن ۽ ڊرامن ۾ سنڌ جي سماجي ۽ گهرو زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيل آهي. هنن تحريڪ کان متاثر ٿي، سنڌي اديبن، ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون به ڪڍيون، ۽ ڪيترائي اديب، پنهنجيءَ پڄندي ۽ چاڻ آهر، قلم پڻ هلائي رهيا هئا. انهن مان ڪيترن ئي طبعزاد ڪتاب لکيا، جيڪي حقيقت نگاريءَ، ٻوليءَ جي پختگيءَ ۽ حسن بيانيءَ جي ڪري پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڊاڪٽر الانا هن دور جي ادب بابت هيئن ٿو لکي:

”هنن تحريڪن کان متاثر ٿي، سنڌ ۾ هندن توڙي مسلمانن، ڪيترائي ڪتاب لکيا، رسالا ۽ اخبارون ڪڍيون. هنن اخبارن ۾ ادبي، اخلاقي، تحقيقاتي ۽ مذاقي مضمون ڇپيا هئا، جيڪي خيال جي پختگيءَ، فصاحت، بلاغت، زبان جي رواني‌ءَ، شائسته عبارت جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هئا. هن دور ۾ ڪيترائي اديب سنڌي علم ادب جي نثر واري شاهراهه کي گهڙڻ ۾ مصروف هئا.“(17)

هن دور جي اهم ليکڪن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، عثمان علي انصاري، احمد چاڳلا، پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي، پرمانند ميوارام، پروفيسر رام پنجواڻي، ليلا رام ولايتراءِ، شيوارام، خان بهادر محمد صديق ميمڻ ۽ محمد صديق مسافر جا نالا فخر سان لکي سگهجن ٿا جن ڪيترائي طبعزاد ڪتاب لکيا ۽ ڪافي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيائون.

11- پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي اثر جي ڪري، سنڌي ادب ۾ سنسني خيز ناٽڪ لکجڻ شروع ٿيا. اٽڪل ڏهه سال انهن ناٽڪن جو زور هليو، ۽ ان کان پوءِ سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جو دور شروع ٿيو. هن دور جي ناٽڪن ۾ زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو عڪس پيش ڪيل آهي، منجهن اصليت ۽ حقيقت جو بيان ڪيل آهي. انهن ۾ زندگيءَ لاءِ اٿي، لٿي ۽ اَڄهي جهڙيون ضروري شين جو ذڪر ڪيل آهي. ان کان سواءِ انهن ناٽڪن ۾ مزدورن، هارين ۽ ٻين محنت ڪش ماڻهن سان همدرديءَ جو اظهار ڏيکاريل آهي. هن حقيقت نگاريءَ واري دور جو باني ديوان خانچند درياڻيءَ کي مڃيو وڃي ٿو. خانچند درياڻيءَ ڪيترائي اصلوڪا ناٽڪ لکيا ۽ ڪي ناٽڪ ترجمو پڻ ڪيائين، جن جو تعداد تقريباً پنجويهن کان مٿي هوندو. هن (درياڻي) جي ناٽڪن لکڻ جو مقصد اهو هو ته ڊرامن ذريعي سماجي اوڻاين کي ننگو ڪجي، ۽ سماج ۾

سڌارو آڻڻ جي ڪوشش ڪجي. درياڻي صاحب جي باري ۾ ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته:

”جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ نئين ناٽڪ جو پايو وجهندڙ، خانچند درياڻيءَ کي ڪوٺجي ته وڌاءَ نه ٿيندو.“(18)

خانچند درياڻيءَ کي بحيثيت حقيقي ناٽڪ نويس جي، ڊاڪٽر پريم پرڪاش هيءَ راءِ ڏي ٿو ته:

”ناٽڪ ۾ حقيقت نگاريءَ جي دور جو باني خانچند درياڻي هو. هي پهريون ناٽڪ نويس هو، جيڪو ڏيتي ليتيءَ ۽ اخلاقي موضوع تي لکندو هو.“(19)

درياڻيءَ جي ناٽڪن جا موضوع هئا: ڏيتي ليتيءَ جون خرابيون، شاهوڪاري ۽ ان جون اوڻايون، مرد خواهه عورت جا فرض، زميداري ظلم ۽ هارين سان ڪيل ڪلورَ جهڙا مسئلا. هن انهن مسئلن جي باري ۾ ڪيترائي ناٽڪ لکيا، جن مان ملڪ جا مدبر، ديش صديقي ۽ انسان کي شيطان، ترجمو ڪيل ناٽڪ آهن. سندس طبعزاد ناٽڪن ۾ ’گلاب جو گل‘، ’موتئي جي مکڙي‘، ’رتنا‘، ’زميداري ظلم‘ ۽ ’جيئري تي جيئري‘ شاهڪار ناٽڪ آهن. خانچند درياڻيءَ جي ناٽڪ نويسيءَ جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

”خانچند درياڻيءَ کي ڪن شخصي آزمودن وچان اُتساهه جاڳيو، ته سنڌي سماج ۾ انيڪ اوڻايون وڌي رهيون آهن، تن کي سڌارڻ لاءِ هن ناٽڪ لکيا.“(20)

هن دور ۾ ڄيٺمل پرسرام، پرڀوداس پيرومل، محمد عثمان ڏيپلائي، مرزا نادر بيگ ۽ عثمان علي انصاري اهم ڪهاڻيڪار هئا. هن دور جي باري ۾ اي-جي اُتم لکي ٿو ته:

”اُن سمي جي اسان کي ٻه ڪهاڻي نويس عثمان علي انصاري ۽ آسانند مامتوراءِ نظر اچن ٿا. انصاري پنهنجن ڪهاڻين جي مجموعي ’پنج‘ ۾، مظلومن ۽ مسڪينن جي زندگيءَ جون ڪهاڻيون ڏنيون آهن، ۽ مامتوراءِ ’وڏيرو رمضان ۽ ڪاريءَ‘ ۾، عورت جي محبت ڪرڻ ۽ پسندي موجب شادي ڪرڻ جي حق جي حمايت ڪئي آهي. هي ڪهاڻيون سنڌي مسلم جيوت جو آئينو آهن جن مان فوٽو گرافڪ ۽ تنقيدي حقيقت نگاري ظاهر ٿي آهي.“(21)

12- 1936ع ۾ سنڌي ادب ۾ هڪ ٻيو وڏو انقلاب، ’سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ‘ سان آيو. سنڌ وري ڌار صوبي جي حيثيت ورتي، جنهن ڪري نثر توڙي نظم ۾ ڪيترن ئي نون موضوعن جو اضافو ٿيو. سنڌ جي مسئلن



متعلق، ذهنن ۾ نئيون ڳالهيون اپتن ٿيون، ۽ سنڌ جي اديبن کي پيرن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن سان ڪلم ڪلا مقابلو ڪرڻو پيو. هي اهو دور هو، جنهن ۾ سنڌ ۾ سنڌيت جي وڏي لهر پيدا ٿي چڪي هئي. انهيءَ ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان کي نئين تقويت حاصل ٿي، ۽ ماڻهن ۾ سنڌي زبان ۾ ڇپيل علم ادب پڙهڻ جو چاهه پيدا ٿيو. هن دور جي مسئلن تي پير حسام الدين شاهه راشدي صاحب لکي ٿو ته:

”سنڌي ادب جو ٻيو دور 1936ع کان شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي، سنڌ جي ليڊرشپ، زميندار شاهيءَ جي قبضي ۾ اچي وئي. پئسو وٽن (زميندارن) جام هو، تنهن ڪري انهن پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ وزارتن ۽ اسيمبلين کي استعمال ڪري، هڪ دفعو وري پاڻ کي جيئندان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.“(22)

پير حسام الدين شاهه راشدي اڳتي لکي ٿو:

”انهيءَ دور سنڌي ادب تي خاص اثر ڪيو. زميندارن ۽ پيرن جي ٿهي، اجا پوريءَ ريت ٽٽي ڪونه هئي، ويتر جو وزارتون، ميمبريون ۽ سنڌ جو سڄو صوبو سندن وَر چڙهي ويو، تنهن سنڌ جي عوام کان اُسهڻ ۽ اُسرڻ جو موقعو ڪسي ورتو. انهن حالتن اديبن ۽ شاعرن کي نئين سر سوچڻ تي مجبور ڪيو. اسان جي اديبن سمجهيو ٿي ته، بمبئيءَ کان جدا ٿي سنڌ جا سڄا مسئلا حل ٿي ويندا. طبقاتي فرق مٽبو، غريبن جا ڏک لهندا ۽ سنڌ جو عوام زندگيءَ جي جدوجهد ۾ صحتمندانه قدم اڳتي وڌائي، دنيا ۾ آبرومندانه مقام حاصل ڪندو، ليڪن مسئلو حل ٿيڻ جي بجاءِ، غلاميءَ ۽ ڏک ڏاڪڙي جون ڪيئي زنجيرون سندن هٿن، پيرن، ذهنن ۽ سوچ تي پئجي ويون.“(23)

انهيءَ دور جو ادب، سنڌ جي انهيءَ وقت جي حقيقت پريل تاريخ آهي. ان دور ۾ داخلي ڳالهين جي بدران خارجي ڳالهيون بيان ٿيڻ لڳيون. انهيءَ دور ۾ ادب ۾ خاص طور تي سنڌ جا موضوع استعمال ڪيا ويا. مثلاً هاريءَ جي حالت، مزدور جي زندگي، وطن جي آزادي، وطن جي حب ۽ قومي جاڳرتا جي موضوعن تي لکجڻ لڳو. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”انهيءَ دور جي اديبن، پنهنجي چوطرف واري ماحول جو مطالعو ڪيو، ڇاڪاڻ ته انهن حقيقي ۽ سچين ڳالهين جو لفظن جي روپ ۾ منظر چٽيو هو، ڇاڪاڻ ته انهن عوام جي مسئلن کي سمجهائڻ لاءِ ڪردار به سچا پچا، عوام مان ئي ڪنيا هئا.“(24)

هن دور جا ڪردار، عوام جا پنهنجا ۽ عوام مان ئي هئا. اهي عوام جي مسئلن جي نمائندگي ڪندا رهيا، ۽ سنڌ جي ماحول ۽ فضا جو نقشو پيش ڪندا رهيا. هن دور جون خاص صنفون ناول، ڊراما ۽ افسانا هئا، جن ۾ سنڌ جي

سماجي ۽ گهرو زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيل آهي.

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ واري دور ۾، افسانن ڪافي ترقي ڪئي. انهن ۾ حقيقي واقعن سان گڏ، حقيقي ڪردار پيش ڪيا ويا. زندگيءَ جي مسئلن ۽ قومي امنگن جي عڪاسي به ڪئي وئي. هن دور ۾ مختصر ڪهاڻيون، ٻين ٻولين تان ترجمو به ڪيون وئيون، جن مان ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾، ماحول ۽ ڪردارن کي تبديل ڪري، سنڌي حالت مطابق پيش ڪيو ويو. ان وقت جا ڪهاڻيڪار گهڻو ڪري وچئين طبقي جا نوجوان هئا. اُهي مغربي آدرش ۽ تعليمات کان واقف هئا. ذهني طور تي هنن جو لاڙو قومي آزاديءَ ۽ قوميت (نئشنلزم) ڏانهن هو. انهن مان اڪثر ٻهراڙين ۾ ڄاوا نپنا هئا، جنهن ڪري انهن واهڻن ۽ وستين جي حقيقي ماحول کي پنهنجن افسانن ۾ پيش ڪيو. هنن جا ڪردار سماج جي هر طبقي جا فرد يعني هاري، ناري ۽ غريب ڳوٺاڻا، شهري استاد، شاگرد، مزدور ۽ غريب پورهيت وغيره هئا، جن جي سچي زندگيءَ جو نقش چٽيو ويو هو. هنن اميرن، شاهوڪارن، زميندارن ۽ سرمائيدارن جي ظلمن ۽ لالچي روين کي به ظاهر ڪيو آهي.

هن دور جي اهم ڪهاڻيڪارن ۾ آسانند مامتوراءِ، تاراچند، گوبند مالهي، مرزا نادر بيگ، لطف الله بدوي، جڳت آڏواڻي، ميلارام منگترام واسواڻي، سگڻ آهوجا، ديوَ سپاڻي ۽ هيرانند وغيره جا نالا شامل آهن. هن دور بابت اي-جي اُتم لکي ٿو ته:

”1940ع واري دور ۾ ٻي مهاڀاري جنگ وقت، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اسان جي زندگيءَ جو هڪ نئون روپ پيش ٿيو جيڪو اڳينءَ ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ بيباڪ، بردبار ۽ باغي هو. ان وقت سنڌيءَ ۾ هڪ نئين ’ترقي پسند ڌارا‘ شروع ٿي، جيڪا 1936ع ۾ منشي پريم چند جي صدارت هيٺ ٿيل پارتي ترقي پسند ليکڪن جي پهرين ڪانفرنس ۽ هلچل جو نتيجو هئي. ان نئين آواز ۾ ’اظهار‘ جو اثر ان سمي جي اسان جي ٻن ڪهاڻي نويسن، عثمان علي انصاري ۽ آسانند مامتوراءِ تي به نظر اچي ٿو.“(25)

13-1940ع کان وٺي 1947ع تائين وارو دور قومي بيداريءَ وارو دور هو. هن دور ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي تحريڪن جي ڪري، سنڌ جي سياسي، سماجي توڙي ادبي دنيا تي گهڻو اثر ٿيو. هن دور ۾ ڪانگريس جي حمايت ۾ سڀ هندو اخبارون هيون، جن ۾ ’سنسار سماچار‘، ’هندستان‘، ’هندو سنسار‘، ’هندواسي‘، ’قرباني‘ ۽ ’سوراج‘ خاص خاص اخبارون هيون. مسلم ليگ جو آواز ’الوحيد‘ اخبار هئي. انهن سڀني اخبارن ۾ ادبي، سياسي ۽ سماجي مضمون ڇپبا هئا.

1942ع ۾ انگريزن طرفان، ’حر تحريڪ‘ کي ختم ڪرڻ لاءِ مارشل



لا لڳايو ويو، جنهنجو اثر سنڌ جي سياسي، سماجي توڙي ادبي دنيا تي تمام گهڻو پيو. هن دور جي لاءِ ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته:

”1940ع کان 1947ع جي ستن سالن جي عرصي ۾ قومي بيداريءَ، سماج جي اڻنگين رسمن ۽ رواجن توڙي عام ماڻهن جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ضروري ڳالهين جو عڪس، سنڌي ادب ۾ گهڻو نظر اچي ٿو. اٿي، لٿي ۽ اَجهي سان واسطيدار عنوانن تي قلم آزمائي ڪئي وئي.“(26)

هن دور جي اهم ليکڪن ۾، پير حسام الدين شاهه راشدي، منگهارام ملڪاڻي، تيرٿ وسنت، امر لال هنگوراڻي، لالچند امر ڏنو مل، محمد خان غني ۽ محمد عثمان ڏيپلائي وغيره هئا، جن سنڌي ادب جي گهڻي خدمت ڪئي.

هي دور دراصل آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو دور هو. هن دور ۾ انگريزن جي حڪومت خلاف برصغير ۾ آزاديءَ جي تحريڪ زور وٺي وئي. هن دور ۾ هنگاما به ٿيا. هن دور ۾ سياسي ۽ سماجي تحريڪن جي ڪري، سنڌي افسانن ۾ به آزاديءَ جو جذبو سمايل هو. هن ۾ انگريز حڪومت جي خلاف باغيانه خيال پيش ڪيا ويا.

هن دور ۾ مهاتما گانڌيءَ جي، ’ڪُئٽ انڊيا تحريڪ‘ ۽ ’ترڪ موالات‘ جي هلچل جي ڪري، هر هنڌ گوڙ ۽ گهمسان برپا هو. ان کان علاوه بين الاقوامي تحريڪن جو، برصغير تي اثر پيو. هن دور ۾ سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ پورهيت طبقي جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌندي وئي. انهن سڀني تحريڪن جي خلاف هندو ۽ مسلمان اديبن گڏجي آواز اٿاريو.

هن دور ۾ سماجي، معاشي ۽ اخلاقي مسئلن کان سواءِ ڌارين جي حڪومت جي خلاف نفرت، هندو مسلم ايڪتا، شاهوڪار شاهيءَ جا ظلم، غريبن جي بدحالي ۽ اقتصادي ڦرلٽ ۽ ٻيا اهڙا مسئلا هئا، جن تي هن دور جي اديبن گهڻو ڪجهه لکيو. هي دور ڪشمڪش جو دور هو. هن دور جي ليکڪن جو مقصد عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ هو. هن دور جي ليکڪن، ڪيترائي ڪتابي سلسلا، رسالا ۽ اخبارون پڻ ڪڍيون، جن ۾ مختلف موضوعن تي مختلف اديبن جا افسانا شايع ٿيا. انهن ليکڪن ۾ گوبند پنجابي، ڀڳوان لالواڻي، شيخ عبدالستار، سگڻ آهوجا، ڪرشن کٽواڻي ۽ شيخ اياز وغيره جا نالا اهم آهن، جن جا لکيل افسانا ماڻهو وڏي چاهه سان پڙهندا هئا.

هن دور ۾ ’نئين دنيا پبليڪيشن‘، ’زندگي پبليڪيشن‘، ’باغي ساهتيه منڊل‘ ۽ ٻين رسالن ۾، افسانا شايع ٿيندا هئا.

ان کان سواءِ هن سڄي دور ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي سماج سڌار منڊليون قائم ٿيون، جن جو اثر سنڌي ادب تي ڪافي پيو. هنن منڊلين ڏيتي ليتيءَ جي

رسم ختم ڪرڻ، رواج ۾ آيل ٻين رسمن براين ڪي هندو سماج مان تڙي ڪڍڻ ۽ وڏواهه وواهه ڪي همٿائڻ وغيره هنن منڊلين جو مقصد هو، جن ڪي هنن ادب جي ذريعي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾، سناتن ڌرم جي به لهر هلي. هن جي طرفان هڪ رسالو، 'سناتن ڌرم پرچارڪ پتر' ڪڍيو ويو. هن رسالي ۾ هندي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين تان سماجي ناول، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيا ويا.

اهي سماجي ۽ ڌرمي تحريڪون هيون جن عوامي زندگيءَ تي گهڻو اثر ڪيو. ڪيترائي پنگتي ۽ سماجي ناول ۽ افسانا پڻ لکيا ويا، جن ۾ هندو سماج جا مسئلا ڪنيا ويندا هئا.

14- اهڙيءَ طرح آريه سماج جي تحريڪ به سنڌ ۾ شروع ٿي، جنهن ڪري ڪيترائي تاريخي ناول ۽ افسانا لکيا ويا. هندي، مرهٽي ۽ گجراتي زبانن ۾ لکيل ناول، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا، ۽ ڪيترائي طبعزاد ناول پڻ لکيا ويا، جن ۾ به تاريخي واقعن ڪي پنهنجي خاص رنگ ۾ پيش ڪيو ويو.

انهيءَ ڪان سواءِ 'عدم تعاون'، 'ستياگرهه' يعني 'سول نافرمانيءَ' جي تحريڪ به سنڌ ۾ هلچل پيدا ڪئي، ۽ ڪيترائي محب وطن گرفتار ڪري، قيدخانن ۾ بند ڪيا ويا. عوام آزاديءَ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد پڻ ڪئي، جنهن جو اظهار اديبن پڻ قومي امنگن ۽ خيالن سان ڀرپور طريقي سان ڪيو.

هي دور آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي عروج وارو دور هو. انگريز سرڪار نيٺ هن ملڪ ڪي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي وئي. ان وقت تعليم يافته نوجوان، آزاديءَ ۽ مساوات سان گڏ، محبت ۽ انسانيت لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. انهيءَ وقت مختلف تحريڪن جو اثر به زور هو. اهي پاڻ مان بغض ۽ نفرت وغيره ڪي ختم ڪري يڪجاءِ ٿي ويا هئا.

هن دور جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي وئي. تقريباً هر قسم جا موضوع هن دور جي ادب ۾ شامل ٿيا. هن دور جي ليکڪن. آزاديءَ، انسانيت، محبت، پيار، الفت، رنج، حسد، ڪيني، نفرت، سامراجيت، سماجي براين، سياسي نظريات، عورت جي عزت، عورت جي نفسيات ۽ ٻار جي نفسيات وغيره ڪي پنهنجين ڪهاڻين جا موضوع بڻائي، اهي سنڌي ادب ۾ شامل ڪيا.

15- علم ادب جي زاوين مان حقيقت نگاريءَ (Realism) واري موضوع تي، سنڌي زبان ۾ لکڻ جي شروعات، ورهاڱي ڪان اڳ ٿي چڪي هئي. هن ڏس ۾ مرزا نادر بيگ جو نالو سر فهرست اچي ٿو.

آزاديءَ ڪان اڳ وارن ليکڪن ۾، مرزا نادر بيگ جو نالو فخر سان وٺي سگهجي ٿو. سنڌس ڪيترين ئي ڪهاڻيون ملن ٿيون. سنڌس ڪهاڻين ۾



حقيقت جو رنگ پيش ڪيل آهي. انهيءَ ڪان علاوه سنڌس ڪهاڻين ۾ اعليٰ انساني، اخلاقي قدر به بيان ڪيل آهن. جناب عثمان علي انصاري به سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون طبعزاد افسانه نگار، مرزا نادر بيگ ڪي ڪوٺي ٿو. سنڌس ڪهاڻين ۾ 'مس رستم جي'، 'موهنيءَ جي ڊائري'، 'ماءُ جو قهر'، 'انقلاب'، 'اڇوت' ۽ 'گهر جي چڪ' وغيره سنڌي رسالي ۾ ڇپجنديون رهيون.

مطلب ته هن دور جي افسانه نگارن ۾ مرزا نادر بيگ جي افسانن، سماج ۽ معاشري جي براين ڪي حقيقي ۽ اصلاحي رنگ ۾ نمايان حيثيت حاصل آهي.

هن دور جو ٻيو حقيقت نگار امر لعل هڱوراڻي هو. هو هن دور جو اهم ڪهاڻيڪار هو، سنڌس طبعزاد ڪهاڻيون حقيقي رنگ ۾ لکيل آهن. مقصد ۽ اصولن جي واٽ وٺندڙ هي اديب، اصل ۾ وڪيل هو ۽ پنهنجن افسانن جا موضوع به پنهنجن ئي ڪيسن مان چونڊيندو هو، ۽ انهن ڪي سهڻي ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ اصلاحي انداز ۾ پيش ڪندو هو. 'ادو عبدالرحمان' ۽ 'لکيو ڪين ٽريو' وغيره سنڌس اهم ڪهاڻيون هيون. 'ادو عبدالرحمان' ته ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو به ٿيو آهي. اي-جي اُتم لکي ٿو ته:

"قومي سجاڳي ۽ هلچل جي زماني ۾، جديد حقيقت نگاريءَ واري سنڌي ڪهاڻيءَ جا باني، 'امر لعل هڱوراڻي ۽ مرزا نادر بيگ' هئا، جن لڳ ڀڳ ساڳئي وقت سنڌي زندگيءَ جو چٽر چٽيل ڪهاڻيون لکيون. انهن مان 'ادو عبدالرحمان' (امر لعل جي) ۽ 'انقلاب' (نادر بيگ جي) ڪهاڻيون اهم آهن. 'ادو عبدالرحمان' ڪهاڻي، ادبيات، عالمگيريت، جدت ۽ حقيقت جي مٺر ميلاپ سان، وقت جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي، اڄ شاهڪار بڻجي چڪي آهي. اڌ صديءَ ڪان اڳ لکيل هيءَ ڪهاڻي اڄ به نت نئين پئي لڳي، جا سنڌي سماج ۾ ڦهليل بي انصافيءَ، ٻهروپ، پاکنڊ ۽ ڏاڍائيءَ جي اوگهڙ جو نئين ٽيڪنڪ ۽ ڪلاڪاريءَ وارو چٽر پيش ڪري ٿي. نادر بيگ جي ڪهاڻي 'انقلاب'، هڪ بيباڪ مسلم عورت جي پنهنجي هوس جي پتلي، پتيءَ جي خلاف ڪيل بغاوت جي آکاڻي آهي. هيءَ به اڄ جي سنڌي جيوت جي ڪهاڻي پئي لڳي. هي ٻئي ڪهاڻيون تنقيدي ۽ تخليقي حقيقت نگاريءَ جو به مثال آهي."(27)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، امر لعل هڱوراڻيءَ ڪي پهريون 'حقيقت نگار اديب' ۽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو پايو وجهندڙ چيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"امر لعل حقيقت نگاري (Realism) تي ٻڌل، جديد ڪهاڻي نويسيءَ جي فن جو باني ڪوٺي سگهجي ٿو."(28)

امر لعل هڱوراڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ڪيترائي سماجي مسئلا پيش ڪيل آهن. هن پنهنجي سماج ۽ معاشري جا مسئلا ڪڍي، انهن ڪي نئين انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري سنڌس ڪهاڻين ۾ موضوعن جي جدت نظر اچي ٿي.

هن دور جو هڪ ٻيو اهم ليکڪ جناب عثمان علي انصاري آهي. انصاري صاحب افسانه نگاريءَ ۾ خاص مقام حاصل ڪيو آهي. هن جي افسانن جو مجموعو ’پنج‘ جي عنوان سان 1937ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ پنج مختصر ڪهاڻيون (افسانا) شامل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. سندس ڪهاڻين جا خاص موضوع آهن: ’عورت جي محبت‘، ان جي وفاداري ۽ مٿس ٿيندڙ ظلم، جن کي هوءَ صبر سان برداشت ڪندي رهي ٿي. سندس افسانو ’ململ جو چولو‘ هڪ ڪامياب افسانو آهي. سندس سڀئي افسانا نهايت ئي دلڪش انداز ۾، سادي ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهي.

آزاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ جي حقيقت نگاريءَ واري زاويي جي ميدان ۾ افسانن جا اهم ليکڪ، شيخ اياز ۽ گوبند مالهي آهن. شيخ اياز جي ڪهاڻين جا موضوع ’هندو مسلم اتحاد‘، ’سنڌي قوميت‘، ’آزاديءَ لاءِ جدوجهد‘، ’غلامي ۽ سرمائيداريءَ خلاف بغاوت‘، ’مزدور اتحاد‘، ’افلاس‘، ’بُک‘، ’اتحاد‘، ’ٻارن ۽ عورتن جا جنسياتي پهلو‘ ۽ ’رومانس‘ وغيره خاص هئا. هو هميشه پنهنجين ڪهاڻين ۾ انسانيت، پيار ۽ محبت جو پيغام ڏئي ٿو. سندس ڪهاڻيون زندگي بخش آهن.

شيخ اياز جي ڪهاڻين مان،’وحشي‘، ’ڪلٽي‘، ’مسافر مڪراني‘، ’رفيق‘ ۽ ’رولو‘ ڪهاڻين ۾، ان دور جون تحريڪون ۽ ان وقت جا ذهني رجحان پڻ نمايان نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻيون ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ڪيون ويون.

حاصل مطلب ته، آزاديءَ (1947ع) کان اڳ، سنڌي زبان ۽ سندس ادب ڪافي ترقي ڪئي هئي. ان ۾ هر مضمون، تاريخي، مذهبي، سماجي، سياسي، ادبي، نفسياتي ۽ معاشرتي، ۽ هر موضوع تي ناول، ڊراما ۽ افسانا لکيا ويا هئا. هن وقت تائين پوري عرصي جو ادب، دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب جهڙي حيثيت حاصل ڪري چڪو هو. سنڌي زبان جو ڪافي ادبي سرمايو گڏ ٿي چڪو هو. سنڌي زبان وٽ پنهنجا ليکڪ هئا، جن هر دور کان متاثر ٿي، پنهنجي ادب کي، دنيا جي ادب وانگر، جديد لاڙن سان مالا مال ڪيو هو. ان جي جديد ليکڪن وٽ نئون ذهن هو، نوان خيال هئا، ۽ ٻوليءَ جو اڻ کٽ خزانو هو. اهو ئي سبب آهي، جو قيامِ پاڪستان تائين، سنڌي ٻولي، يورپ جي ماهرن جي مطالعي لاءِ دلچسپيءَ جو موضوع بڻجي وئي هئي. انهيءَ ڪري ئي سنڌي ادب جو آزاديءَ کان اڳ وارو دور، سونهري دور سڏيو وڃي ٿو.

1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي کان اڳ هندو ليکڪن ۽ ودوانن جو تعداد، مسلمان اديبن ۽ ودوانن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو هوندو هو. انهن ۾ سنڌي ٻولي پڙهندڙن جو حلقو به گهڻو هو. ورهاڱي ٿيڻ کان پوءِ



پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هندستان لڏڻ لڳا، جنهن ڪري ادبي سلسلا، اشاعتي پروگرام ۽ سماجي ۽ ادبي تحريڪون وغيره سڀ رُڪجي ويون. آزاديءَ سان ٻه نيون مملڪتون وجود ۾ آيون، پر هندو، اديب، شاعر ۽ عالم سنڌ مان لڏڻ شروع ٿي ويا، جنهن ڪري ڪيترائي ثقافتي ۽ ادبي ادارا ۽ انجمنون ختم ٿي وئيون. اشاعتي ادارا ۽ پبلشنگ ڪمپنيون بند ٿي وئيون. سموري ادبي زندگيءَ جو وهڪرو رڪجي ويو، پر مسلمان اديبن نيٺ آهستي آهستي پاڻ سنڀاليو ۽ ادبي دنيا طرف پنهنجا قدم وڌائڻ شروع ڪيائون.

16- انگريزن جي دور ۾، سنڌي زبان لاءِ سرڪاري طور صورتخطي مقرر ٿيڻ ڪري، سنڌي زبان کي وڏو فائدو رسيو. سنڌي زبان ۾ اشاعتي ادارا، پريسون ۽ ادبي انجمنون وغيره قائم ٿيا، تنهن ڪري سنڌي زبان ۾ اخبارون، رسالا ۽ گهڻي تعداد ۾ ڪتاب به ڇپيا. انگريزن جي دور (1843ع کان 1947ع) ۾، سنڌي نظم توڙي نثر ۾ هر قسم جو مواد ڇپجي ظاهر ٿيو. هر صنف ۾ ادب مهيا ٿيڻ لڳو. نثر ۾ ناول، قصا ۽ ڪهاڻيون، ڊراما، سائنس، حڪمت، فلسفي، تاريخ، سلوڪ ۽ معرفت جا بيان، لغت ۽ لسانيات جا اصول ۽ قانون، هنر ۽ حرفت، تعليم ۽ تربيت، تحقيق ۽ معلومات جا تفصيل ڇپيا، يعني ته سنڌي نثر ۾، وڏي تعداد ۾ ڪتاب ترجمو، تاليف ۽ تصنيف ڪيا ويا.

هن دور ۾ سنڌي اديبن ۽ عالمن دنيا جي بهترين تصنيفن ۽ وڏن ليکڪن کي سنڌي زبان ۾ متعارف ڪرايو. انگريزي، روسي، فرينچ، جرمن، عربي، فارسي، ترڪي، هندي، اردو، بنگالي، سنسڪرت، گجراتي ۽ ٻين ٻولين ۾ لکيل اعليٰ پايي جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا.

مهاڀارت، رامائڻ، گيتا، انجيل، زبور، توريت ۽ قرآن پاڪ جهڙا مذهبي ۽ مقدس ڪتاب سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيا. دنيا جي مشهور مفڪرن ۽ فيلسوفن جهڙوڪ: ٽالسٽاءِ، ڪاليداس، ٽئگور، شيڪسپيئر، ڊانٽي، والٽر اسڪاٽ، ڊڪسن، ڪارلائل، ابسن، بيڪن ۽ ٻين عظيم اديبن ۽ دانشورن، عالمن ۽ ماهرن جا فلسفيانه خيال، ناول، ڊراما، افسانا، مضمون ۽ سندن تصنيفون سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب ۾ شامل ڪيا ويا.

پاڪستان جي قيام تائين، سنڌي زبان ۾ سوَن جي تعداد ۾ مشهور اديب پيدا ٿيا، انهن مان ڪي هي آهن:

مرزا قليچ بيگ، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، نارائڻداس ڀمڀاڻي، ديوان ڪوڙو مل، پيرو مل مهرچند آڏواڻي، پرمانند ميوارام، خانچند درياڻي، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، خليق مورائي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، مرزا نادر بيگ، لالچند امرڏنو مل، احمد چاڳلا، ساڌو واسواڻي، تيرٿ وسنت ۽ مولانا دين محمد وفائي وغيره.

## ببليوگرافي

1. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، 1968ع
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جا نوان موڙ، مقالو، سه ماهي مهراڻ نمبر 4، 1975ع، ص 154
3. عرساڻي، محمد اسماعيل: چار مقالا، چام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1974ع، ص 4
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1966ع، ص ص 10-9
5. ايضاً
6. Ajwani, A.L., Professor: History of Sindhi Literature, Dehli, Sahitiya Academy, 1970, Page 169
7. Ibid, Page 173
8. Ibid, Page 142
9. ڏسو حوالو نمبر 2، ص 361
10. ايضاً، ص 75
11. ايضاً، ص 158
12. ڏسو حوالو نمبر 2
13. ڏسو حوالو نمبر 6
14. ڏسو حوالو نمبر 2
15. ايضاً
16. ايضاً
17. ايضاً
18. ايضاً
19. پريم پرڪاش: سنڌي ڊرامن جي اوسر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1992ع ص ص 188 – 189
20. ڏسو حوالو نمبر 1
21. اي – جي اُتم: شبد ۽ سنسڪرتي، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1982ع
22. پير حسام الدين شاهه راشدي: ڏسو حوالو نمبر 2، ص 160
23. ڏسو حوالو نمبر 2، ص 196
24. ڏسو حوالو نمبر 2
25. ڏسو حوالو نمبر 21
26. ڏسو حوالو نمبر 2، ص 163
27. ڏسو حوالو نمبر 21
28. ڏسو حوالو نمبر 1


## (ب) ورهاڱي کان پوءِ جي، سنڌي نثر جو جائزو:

برصغير ۾ آزاديءَ جي تحريڪ 1857ع کان شروع ٿي. سڄي ملڪ



جي ماڻهن، ڌار ڌار پليٽ فارمن تان، انگريزن جي خلاف آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي، ۽ نيٺ سن 1947ع ۾، برصغير پاڪ و هند کي ٻن رياستن ۾ ورهايو ويو، پر ان ورهاست دراصل سنڌي ٻوليءَ جي اديبن، عالمن ۽ فاضلن کي به ورهائي ڇڏيو. سنڌي هندو اديبن کي سنڌ ڇڏي هندستان وڃڻو پيو، جنهن ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب ڪافي متاثر ٿيو. هندستان جو هڪ سنڌي اديب محترم قيمت هري سنگهاڻي، پنهنجي مقالي ۾ انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

”سن 1947ع ۾، هڪ ديش جي آزاديءَ جنم ورتو. ڌرم ۽ مذهب جي آڌار تي ورهاڱي کي، سنڌي ٻولي هڪڙي، پر ٻن ديشن ۾ ورچ ڪارڻ به وهڪرا، ڦٽي نڪتا. هڪ کي مخصوص پومي ملي ۽ ٻيو آئيندي کان بي خبر ٻڌجي، ڪالپنڪ انسٽا سان سهيڙي، اڻچاتل اوپري پوميءَ ڏي، ڪوچ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.“(1)

سو سنڌي هندن کي پنهنجو ملڪ ۽ پنهنجي سنڌ ڇڏي، هندستان لڏي وڃڻو پيو. انهيءَ واقعي کي ڊاڪٽر پريم پرڪاش، هيئن ٿو بيان ڪري:

”هندستان کي آزادي ملي، ملڪ جو ورهاڱو 1947ع ۾ ٿيو. سنڌ پاڪستان کي ملي. سنڌين کي سنڌ، پنهنجي زمين ۽ سڀ ڪجهه ڇڏي، لڏڻو پيو هو. سنڌي، هندستان ۾ ڪٽو ڪٽو ٿي پکڙجي ويا. سنڌي قوم جي ڦليل ڦوليل سنسڪرتيءَ جي سرسبز وڻ کي پاڙن کان اکوڙيو ويو هو. وڻ جي ٽاري ٽاري، پن پن کي ڌار زمين ۽ ماحول ۾ پاڻ ئي پاڙون پکڙڻ لاءِ بنا ڪنهن وقتائتي پاڻ ۽ سازگار حالتن ۾ ڇڏي ڏنو ويو.“(2)

سنڌ ڇڏڻ جو ڏک هر هندو سنڌيءَ جي دل ۾ دٻيل هو، تنهن جو بيان، لکيل صورت ۾ تمام گهڻو موجود آهي.

2- ورهاڱي کان پوءِ، هندو اديبن جي لڏي وڃڻ ڪري، ائين ٿي سمجهيو ويو ته سنڌي ادب پوين پساهن ۾ اچي ويندو. انهيءَ دور ۾ سرڪار طرفان نڪرندڙ رسالا ۽ ڪتاب به بند ٿي ويا. شروع شروع ۾ سنڌي ڪتابن جو لکجڻ ۽ ڇپجڻ به بند ٿي ويو. سنڌي پريسون، جن جا مالڪ گهڻو ڪري هندو هئا، انهن جي لڏي وڃڻ سان، اُهي به بند ٿي ويون. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب جي سمنڊ ۾ ڪجهه وقت لاءِ بلڪل ’ماٺار‘ ڇانئجي ويو، پر ڌڻيءَ جي فضل ۽ ڪرم سان، سنڌ ۾ ادبي سرگرميون وري زور شور سان شروع ٿي وئيون. ڪيترن ئي سنڌي اديبن وري نئين سري سان لکڻ شروع ڪيو. سنڌي پريسن کي وري چالو ڪيو ويو. ڪيترائي طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ڪتاب، ۽ اڳ ۾ ڇپيل ڪتاب ، نئين سر ڇپجڻ شروع ٿي ويا.

ورهاڱي جي ڪري، سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون آيون. هن دور ۾ علم

ادب جي هر موضوع تي طبع آزمائي شروع ٿي وئي. هن دور ۾ پيدا ٿيل ادب ۾ موضوعن ۽ مضمونن ۾ وڏي ڦيرڦار آئي. هندو ليکڪن، ناشرن، نثر نويسن، عالمن ۽ فاضلن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ، سنڌ کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. سنڌي اديبن کي ڪيترائي اهم مسئلا درپيش آيا. انهن ۾ سڀ کان اول، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جو مسئلو، ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قائم رکڻ جو مسئلو، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي زبان لاءِ ذريعه – تعليم جو مسئلو، سنڌي قوميت جو مسئلو، ون يونٽ کان پوءِ ايوب خان جي مارشل لا جو نفاذ، سنڌ ۾ وڏيرن، جاگيردارن، ميرن ۽ پيرن جي طرفان، هارين نارين ۽ غريبن لاءِ ڪئين مسئلا پيدا ڪيا ويا. مطلب ته سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي بدلجڻ جي ڪري سنڌ گهڻي قدر متاثر ٿي.

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته، جن قومن جو ماضي تمام شاندار هوندو آهي، انهن کي حال ۽ مستقبل ۾ ڏاڍا ڏک ۽ ڏاکڙا ڏسڻا پيا آهن. سنڌي قوم جو حال، ان جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال آهي. ڪنهن به قوم جي اهڙي تبديليءَ جي حقيقت، قوم جي ٻين فردن جي ڀيٽ ۾، اديب وڌيڪ شدت سان محسوس ڪندو آهي. انهن سڀني مسئلن جو اظهار سنڌ جا اديب، سنڌي ادب جي صنفن جهڙوڪ: ناولن، ڊرامن، ڪهاڻين ۽ مضمونن جي ذريعي، ڪتابن يا مختلف رسالن ۾ پيش ڪندا رهيا آهن. قيمت هري سنگهاڻي ان سلسلي ۾ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”1948ع ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري، مرڪز سان ڳنڍي، پاڪستان جي راڄڌاني بڻائي، سنڌ مٿان سورن، سختين جي سلسلي جي شروعات ڪئي وئي. 12 آگسٽ 1948ع تي پاڪستان ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪري، ايمرجنسي (Emergency) قانون لاڳو ڪيا ويا، نتيجي طور غيرسنڌين جي لامحدود آمد، سنڌين جي اڪثريت کي شهرن مان گهٽائي ڇڏيو.“(3)

آزاديءَ کان فقط اٺ سال پوءِ، سياسي چالاڪيءَ سبب، 1954ع ۾، مغربي پاڪستان جي ٽن صوبن ۽ رياستن کي ملائي، ون-يونٽ قائم ڪيو ويو. ون-يونٽ سنڌ لاءِ هاڃيڪار هو، پر هن فيصلي سنڌ ۽ سنڌي زبان جي سڄڻن کي نه فقط متحد ڪيو پر بيدار پڻ ڪيو. انهيءَ فيصلي خلاف سنڌ جي عوام، سنڌ جي سياستدانن ۽ شاگردن طرفان، حيدرآباد ۾ سول ڪورٽ واريءَ عمارت ۾ ڪوٺايل، سنڌ اسيمبليءَ جي ان اجلاس دوران عمارت کان ٻاهر، ون-يونٽ خلاف نعرا هنيا. انهن هڙتالين مٿان، سرڪار طرفان لٺيون وسايون ويون. انهن مان ڪن کي گرفتار ڪري جيل موڪليوويو. ون-يونٽ ته بحال ٿي



ويو، پر سنڌ اسيمبليءَ جي انهيءَ فيصلي سنڌ ۾ هڪ نئون انقلاب آندو. انهيءَ انقلاب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نئين تحريڪ آندي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي نوان ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ناول نويس پيدا ٿيا، جن ادب جي ذريعي عوام ۾ پرچار ڪري، پنهنجي زبان لاءِ قرباني ڏيڻ ۽ پنهنجي ماحول سان پيار ڪرڻ جو جذبو جاڳايو. ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌ اسيمبليءَ جي انهيءَ فيصلي بابت لکي ٿو ته:

”انهيءَ فيصلي، سنڌي زبان جي ليکڪن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن کي سجاڳ ڪيو. انهيءَ فيصلي، سنڌي علم ادب ۾ نئون انقلاب آندو. سنڌي ادب ۾ نئون موڙ آيو. انهيءَ انقلاب ڪئين ڪهاڻيڪار پيدا ڪيا. انهيءَ انقلاب سنڌي زبان ۽ ان جي علم ادب کي اهڙيءَ منزل تي پهچايو، جتي هوندئن جيڪر اسين ايتري ٿوري عرصي اندر مشڪل سان پهچي سگهون ها.“(4)

هن تحريڪ جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ، هڪ شاهوڪار زبان جي حيثيت ورتي. هن دور کي سنڌي ادب ۾، ’سنڌيت يا سنڌ جي جاڳرتا‘ وارو دور چئي سگهجي ٿو.

1956ع ۾، يعني ون-يونٽ جي قائم ٿيڻ کان هڪ سال پوءِ، ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ کي پهرين، ذريعه تعليم، پوءِ امتحانن ۾ سوالن جي جوابن واري ذريعي واريءَ حيثيت واري حق کان به محروم رکڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي انهيءَ فيصلي تي سنڌي شاگردن، يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جي سامهون هڪ ياداشت نامو پيش ڪيو. ون-يونٽ جي ڪري ڪراچيءَ ۾ سنڌي اسڪول هڪ ئي ڌڪ سان بند ڪيا ويا. جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي هئي، تن کي سنڌن مادري زبان ذريعي، تعليم وٺڻ کان زبردستي روڪيو ويو. سنڌي اديبن انهيءَ فيصلي خلاف آواز اٿاريو. انهن اخبارن ۽ رسالن ۾ ايڊيٽوريل لکيا. انهن انهيءَ موضوع تي ڪهاڻيون ۽ناول لکي، مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ڪرايا. انهيءَ دور جا سنڌي رسالا ’مهراڻ‘ ۽ ’روح رهاڻ‘ هئا، جن انهيءَ سلسلي ۾ اهم ڪم سرانجام ڏنو.

آڪٽوبر 1958ع ۾، جنرل محمد ايوب خان، پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو مارشل لا لڳائي، فوجي حڪومت قائم ڪئي. مارشل لا جي نفاذ کان فوراً پوءِ، پهريون حملو سنڌي ٻوليءَ تي ٿيو. سنڌي زبان کي غير مادري زبان طور سکڻ وارو فيصلو واپس ورتو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي ذريعه تعليم واري حيثيت گهٽائي، پنجين ڪلاس تائين ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنرل ايوب خان جي تعليمي ڪميشن، سنڌي ٻارن لاءِ اسڪولن مان مادري زبان طور سنڌي سکڻ ختم ڪئي، ۽ سنڌيءَ جي جاءِ تي اردو ٻولي رائج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

انهيءَ فيصلي تي سنڌي شاگردن عالمن، اديبن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن مخالفت ڪري، مارشل لا حڪومت جي هن فيصلي خلاف آواز اُٿاريو. ان وقت سنڌي اديبن، سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي گڏ ٿي، مختلف روزانه اخبارن، مثلاً، مهراڻ، عبرت، ڪاروان، نواءِ وقت ۽ هلال پاڪستان ۾ ايڊيٽوريل لکرايا ۽ سنڌي زبان جي حفاظت لاءِ مطالبا ڪيا.

انهيءَ دور ۾ ڪيترن ئي سنڌي اديبن جي تحريرن تي بندش وڌي وئي؛ ڪيترائي سنڌي ڪتاب ۽ رسالا بند ڪيا ويا، سنڌي اديبن، شاعرن ۽ شاگردن کي جيل موڪليو ويو. هن دور جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”1958ع کان 1968ع تائين، پاڪستان ۾ مارشل لا لاڳو ڪري جمهوري حق ختم ڪري، سنڌين مٿان ڏاڍا، ڏمر، زور ۽ جبر جون جٺيون ڪيون ويون، ۽ سنڌي ٻولي، ساهتيه، سنسڪرتي ۽ سنڌين جي محفوظگيءَ تي ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا. تانا شاهي طريقا اختيار ڪندي، ڦٽڪا، ڦاهيون ۽انگ ڀنگ جهڙا لڳ ڪاندارينڊڙ عذاب، عوام مٿان نازل ٿي ويا. سنڌين جي ذهني ۽ روحاني آزاديءَ مٿان لغام ٻڌو ويو، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي اشاعت تي بندش وڌي وئي. سنڌي ڪتاب فروشن وٽان ڪتاب ڪٺي ساڙيا ويا؛ اسڪولن ۾ به سنڌي ٻولي سماپت ڪئي وئي.“(5)

ڊاڪٽر غلام علي الانا، جنرل ايوب خان جي مارشل لا جي دور جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”1958ع جي ايوب خان جي مارشل لا باقي رهيل اميدون ۽ آسرا ختم ڪري ڇڏيا. غيرن (انگريزن) طرفان لڳايل 1942ع واري مارشل لا کان، هي مارشل لا، سنڌ لاءِ وڌيڪ سخت ۽ خطرناڪ هو. ايوب خان وارو مارشل لا آمريت جي سڪي جمائڻ لاءِ لڳايو ويو هو. هڪڙي فوجي آفيسر جي زباني حڪم تي، سنڌي زبان جي غير مادري زبان طور پڙهائي، بند ڪئي وئي؛ جيتوڻيڪ ان وقت ڪراچي ۽ ڪراچيءَ کان سواءِ باقي سڄيءَ سنڌ جي نون سنڌين خوشيءَ ۽ چاهه سان سنڌي زبان سکڻ ٿي چاهي، جن جي ٻارن لاءِ سنڌي زبان جي سکيا لازمي هئي. ان کان سواءِ ايوب خان طرفان مقرر ڪيل تعليمي ڪميشن، پنهنجيءَ رپورٽ ۾، سڄيءَ سنڌ ۾ انهن ٻارن لاءِ به، سنڌي ٻوليءَ ۾ تربيت ڏيڻ ختم ڪري ڇڏي، جن جي مادري زبان سنڌي هئي. حاصل مطلب ته هي سچو زمانو، ويندي 1968ع تائين مسئلن جو زمانو هو. ڪيترن ئي اديبن جي تحريرن ۽ تقريرن تي بندش وڌي وئي. ڪيترائي رسالا بند ڪيا ويا ۽ ڪتاب ضبط ڪيا ويا.“(6)

هن دور جي سنڌي اديبن ۽ دانشورن ڪيترين ئي ادبي ۽ تعليمي



ڪانفرنسون ڪوٺايون، جن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، سنڌي سکو، سنڌي پڙهو، سنڌي ڳالهايو ۽ سنڌي ادب جي تخليق ڪريو، جهڙا نهراءَ بحال ڪيا ويا.

1959ع ۾ ’سنڌي زبان سوسائٽيءَ‘ جو قيام ٿيو. هيءَ سوسائٽي، ايوب خان جي قومي تعليمي ڪميشن جي فيصلي خلاف، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ لاءِ عمل ۾ آئي هئي. هيءَ سوسائٽي سنڌي ٻوليءَ کي ذريعه تعليم جي حيثيت بحال ڪرائڻ ۾ ڪافي ڪامياب ثابت ٿي، هن سوسائٽيءَ سان سنڌ جي اديبن، ادارن، رسالن ۽ ادبي انجمنن جون ڪوششون شامل هيون.

1962ع کان، جنرل ايوب خان جي مارشل لا واري دور ۾، ڪيترائي ٻيا نوان مسئلا پيدا ٿيا. سنڌي ماڻهن کي نوڪريون نٿي مليون. ايل-ايم-سي (لياقت ميڊيڪل ڪاليج) ۾ اهليت جي بنياد تي داخلائن لاءِ، سنڌي ڳوٺن جي شاگردن کي داخلائن کان محروم ڪيو ويو. سرڪاري آفيسن مان، سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻوليءَ واري درجي تان هٽايو ويو. 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آفيسرن ۽ پروفيسرن خلاف پمفليٽ لڳايا ويا. حيدرآباد جي سيڪنڊري بورڊ مان سنڌيءَ ۾ امتحانن جا جواب لکڻ خلاف به ديوارن تي پمفليٽ هنيا ويا ۽ چاڪنگ ڪئي وئي.

1965ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن تي، يونيورسٽيءَ کان بسن ۾ موٽندي، راجپوتانه اسپتال وٽ حملو ڪري ڪين زخمي ڪرڻ ۽ ڪيترن ئي شاگردن کي گرفتار ڪرڻ وارو واقعو، ۽ سنڌ جي تذهوڪي ڪمشنر طرفان، سنڌي شاگردن سان ڏاڍايون، اِنهن سان قهر ڪرڻ جهڙن واقعن خلاف سنڌ جي عوام پنهنجو آواز بلند ڪيو. سنڌ جا شاگرد ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون، ميدان ۾ مقابلي لاءِ اچي ويا. سنڌ جو عوام هنن سان هر طرح ساٿ ۾ هو. سنڌ جي اديبن انهن واقعن خلاف تمام گهڻو لکيو.

1966ع ۽ 1967ع وارا سال به سنڌي زبان لاءِ آزمائش جا سال هئا. هن عرصي ۾ سنڌي شاگردن مختلف هنڌن تي جلسا ۽ جلوس ڪڍيا ويا، جن ۾ سنڌي زبان کي قومي زبان تسليم ڪرڻ ۽ ون-يونٽ ٽوڙڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وئيون. سنڌي اديب به انهن تحريڪن کان متاثر ٿيا ۽ انهن سنڌي ادب کي نئون موڙ ڏنو.

1970ع کان وٺي 1977ع وارو زمانو به سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ادب لاءِ ڀهرين سکيا ڏينهن ۽ ڀوءِ ضياءَ واري مارشل لا واري دور ۾ ڏکيا ڏينهن ڪٽي آيو. سوين اديب، عالم ۽ شاگرد جيل موڪليا ويا. رسالا ۽ ڪتاب بند ڪيا ويا. تحريرن ۽ تقريرن تي بندش وڌي وئي.

1983ع واري عوامي تحريڪ، سنڌي اديبن کي عوام جي وابستگيءَ جي ويجهو آڻي بيهاريو. اديبن، پنهنجون ادبي تخليقون، عوام ڏانهن جوابدار

هئڻ خاطر پيش ڪيون. هن دور ۾ ڪيترائي عوامي شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا جن جي ڪهاڻين، مضمون ۽ شعرن ۾ سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿاريو ويو هو.

هن دور تائين، تخليق ڪيل سنڌي ادب ۾، سنڌي سماج ۽ عوامي زندگيءَ جي عڪاسي نظر اچي ٿي. ائين چوڻ ۾ ڪوبه ڏاءُ ڪونه ٿيندو ته، جديد دور جو سنڌي ادب هاڻي، آمريڪا، يورپ، آفريڪا ۽ فلسطين ۾ عربي، توڙي ٻين ٻولين جي ادب سان ٽڪر ڪائي رهيو آهي، پر سندن مخصوص موضوعِ، سنڌ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل آهن. هنن سنڌ جي ماڻهن جي روزانه زندگيءَ ۽ انهن جي سماجي زندگيءَ جا مسئلا بيان ڪيا آهن. هن دور جي اديبن پنهنجي گهري سوچ، تيز فهم، وڏيءَ سمجهه ۽ مشاهدي واريءَ نظر سان، سنڌي جيوت جي هر پهلوءَ جو مطالعو ڪيو آهي. هنن نون نون مسئلن ۽ انوکن موضوعن تي قلم ڪنيو آهي. سنڌ جو موجوده اديب سماج سڌار اديب آهي. هو سماج جي مسئلن کي سڌارڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ذهني طور سجاڳ ڪرڻ، انهن ۾ همت پيدا ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو. قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”سچي اديب جو ادب، حقيقتن کان منهن نه موڙي، ديش ڪال جو عين عڪس اُتاريندي، سماج جي بهتريءَ، بهبوديءَ ۽ آسودگيءَ جي اون سان، پنهنجي علم جي قوت سان فرض نباهيندو آهي، هن جي للڪار ۾ سچائي هوندي آهي. هو روز ظلم جي زماني ۾، قلم مان تلوار جا تجلا ۽ تخليق مان بارود جيان ڌماڪا وسائيندو آهي، ۽ ان ۾ شڪ ناهي ته، سنڌ جو اديب ان ڏس ۾ پٺتي نه پيو آهي. هنن سنڌي ٻولي ۽ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو آهي.“(7)

هن دور جو سنڌي اديب پنهنجيءَ قوم، پنهنجي ملڪ ۽ سنڌ لاءِ لکندو رهي ٿو. هو قومي درد رکندڙ آهي. هن بنا ڪنهن لالچ جي لکيو آهي. هن صرف، پنهنجن جو درد دل ۾ رکي لکيو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا هن دور جي اديبن لاءِ لکي ٿو ته:

”سنڌي اديب سماج سڌار بزرگن ۽ مصلحن وانگر، مسئلن کي سڌارڻ ۽ سلجهائڻ خاطر، ماڻهن ۾ جاڳرتا آڻن خاطر، ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي، اخلاقي همت ۽ جرئت اجاگر ڪرڻ خاطر، استادن، رهبرن ۽ رهنمائن جهڙو ڪم ڪيو آهي.“(8)

مطلب ته هن دور جو ادب، سنڌ جي مسئلن جو هڪ وڏو داستان آهي. اهو هارين نارين، مزدورن، زميندارن، جاگيردارن، وڏيرن، ڪامورن ۽ پيرن فقيرن جي موضوعن سان ڀريل آهي. هن دور جي ادب ۾ پير پرستيءَ، قبر پرستيءَ، تعويذن، ٽوڻن ڦيڻن، سنڌي سماج جي برين رسمن جهڙوڪ:



حق بخشائڻ، بدو ڪرڻ، پيٽ لکي ڏيڻ، ڦلن مٿ تي نياڻي وڪڻڻ، ڏنڊ طور ننڍڙيون نياڻيون ڏيڻ، عورتن جي تعليم جي خلاف هجڻ، ڪارو ڪاريءَ جي رسم، طوائفن پٺيان دولت لُٽائڻ، ڪوڙو ٺاٺ باٺ ڪرڻ، ذهني تعصب، زبان جو تعصب، هڪ ٻئي جي خون جو پياسي هجڻ، سنڌي عورتن جي بيعزتي ڪرڻ، سنڌي نياڻين جون لڄون لٽڻ، سنڌي جوڌا جوان قتل ڪرڻ ۽ سنڌي ٻولي وغيره، سنڌي ادب جي هر صنف جو موضوع رهيا آهن.

3- پارت ۾، سنڌي نثر جي صنفن ۾، جن به موضوعن تي لکيو ويو آهي، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ وطن جي جدائي، سنڌ جي سِڪ ۽ سنڌ جي ياد، خاص موضوع آهن. اتي جي سنڌي نثر ۾ سنڌ جي شهرن، ڳوٺن ۽ سنڌي زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. پارت جو مشهور افسانه نگار، خواجه احمد عباس، هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”اسان کي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ بعد ئي معلوم ٿيو ته سنڌي ماڻهن جي تهذيب هزارين ورهيه اڳ جي آهي، ۽ اها ٻين تهذيبن کان وڌيڪ اوچ ڪوٽيءَ جي آهي. سنڌي ماڻهو هڪ قديم تهذيب جا وارث آهن، جنهن وقت سنڌي سڄڻ، سنڌ پرانت ڇڏي، پارت ۾ اچي رهيا هئا، ان قوت پاڪ و هند جي سرحد تي، پاڪستان ڪسٽم آفيسر تلاشي وٺي سندن سامان ضبط ڪري رهيا هئا، ليڪن اُهي آفيسر هڪ ڳالهه وساري ويٺا هئا ته سنڌي ماڻهو پاڻ سان گڏ، پنهنجي سامان کان به وڌيڪ قيمتي شيءِ، پنهنجي تهذيب، ٻولي ۽ ساهت کڻي وڃي رهيا هئا.“(9)

هندستان ۾ جن سنڌي ليکڪن سندن مسئلن تي نثر جي صنفن ۾ لکيو، تن ۾ آنند ٿهلرام، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، جڳديش لڇاڻي، چيٺانند لالواڻي، چمن شرما، چندو لعل جئسنگهاڻي، رام گيانچنداڻي، رام پاڳچنداڻي، رام پنجواڻي، سُندري اُتم چنداڻي، سروج پارواڻي، سندر هشمت راءِ، شيام جئسنگهاڻي، گرداس آهوجا، گل ڏوڏيجا، گوبند مالهي، ڪلا پرڪاش، ڪيرت ٻاٻاڻي، قيمت هري سنگهاڻي، ڪرشن کٽواڻي، لڇمڻ ڀاٽيا، لڇمڻ ڀمڀاڻي، لعل پشپ، منوهر نهالاڻي، موهن ڪلپنا، مدن جماڻي، موهن اُداسي، منوهر بيدي، مايا راهي، موتي لعل جوتواڻي، موتي پرڪاش، وڪرم شهاڻي، ويڙهو رفيق، نامديوَ، هري موٽواڻي، هري همٿاڻي، هوند راج، وشنو ڀاٽيا ۽ ٻلواڻي وغيره خاص هئا. هنن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي نثر، چاهي سنڌ ۾ لکيو ويو آهي يا پارت ۾، ان ۾ انقلابي تبديليون آيون آهن. همعصر دور جي علم ادب جي هر صنف ۾ هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي وئي آهي. ان ۾ نوان لاڙا ۽ نوان رجحان آندا ويا آهن، ان ۾ جدت، نواڻ ۽ نئين ٽيڪنڪ استعمال ڪئي وئي آهي.

هن دور جي ترقي پسند اديبن هاڻي، ترقي پسند ڌارائون ادب ۾ شامل ڪري، بين الاقوامي ادب سان برابري حاصل ڪري ورتي آهي. هن دور جي اديبن، وقت جي للڪار ڪي قبول ڪيو آهي، جنهن جو رد عمل سنڌي نثر ۾ ملي ٿو، پوءِ چاهي اهو ناول هجي يا افسانو، قصو هجي يا ڊرامو، مضمون هجي يا سفرنامو، تحقيقي ادب هجي يا تنقيدي ادب.

هن دور جي سنڌي نثر ۾، سنڌ ۽ هند جي سماج، اقتصادي ۽ معاشرتي مسئلن سان گڏوگڏ، بين الاقوامي ادب ۽ بين الاقوامي مسئلن ۽ انهن جي حل جي باري ۾ لکيو ويو آهي. مطلب ته هن دور ۾ سنڌي ادب جي هر صنف تي تمام گهڻو ۽ معياري مواد ملي ٿو.

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته ورهاڱي جي ڪري، سنڌي هندو ليکڪ، جيڪي علمي ۽ اشاعتي پروگرامن، سماجي ڪمن ۽ ادبي تحريڪن جا روح روان هئا، آزاديءَ کان پوءِ ترت پارت لڏي ويا. هندستان ۾ سنڌي هندن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ ڪين پارت ۾ شروع شروع ۾ ڪيترائي اقتصادي، معاشي ۽ سماجي مسئلا درپيش آيا. انهن مسئلن ۾ هنن کي روزگار جو مسئلو، رهائش جو مسئلو، کاڌي پيتي ۽ تهذيب ۽ تمدن جا مسئلا خاص. سڀني کان وڏي ڳالهه ته وطن جي جدائي ۽ وڇوڙو هو. انهن ۽ اهڙن ٻين مسئلن جو ذڪر سنڌي هندو ليکڪن، پارت ۾ ڇپيل سندن ناولن، ڪهاڻين، ڊرامن ۽ا دب جي ٻين صنفن ۾ ڪيو آهي.

هنن ڪئمپن جي زندگيءَ کان ئي لکڻ شروع ڪيو، جن ۾ هنن نه صرف نثر جي صنفن ۾ لکيو، پر انهن صنفن ۾ نواڻ به آندائون. هنن اُنهن ۾ ڪيترائي نوان موضوع پڻ آندا ۽ ڪيترين صنفن ۾ نوان رجحان ۽ نوان لاڙا آندا. مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جي پيٽ ۾ هندستان ۾ سنڌي نثر ۾ تمام گهڻو لکيو ويو آهي. اتي جي اديبن نه صرف طبعزاد ناول لکيا، پر ڪيترائي ناول ترجمو پڻ ڪيائون. ڪيترا نوان اديب پڻ پيدا ٿيا، جن ناول ۽ افسانا لکيا. ڊرامن جي صنف به پارت ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي. اتي اجا تائين ڊراما، باقاعدي اسٽيج تي پيش ڪيا ويندا آهن.

4- جديد دور ۾ سنڌي ادب ۾ مختصر ڪهاڻيءَ (افساني) جي صنف کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي، بلڪ هندستان ۾ سنڌي افساني گهڻو عروج حاصل ڪيو آهي. هن صنف ۾ ڪيترائي فني تجربا به ڪيا ويا آهن. ملڪ جي بدليل حالتن جي ڪري، ماڻهن جي سوچ، ويچار، حالتن ۽ جذبن سان گڏ، سنڌي اديبن جا مشاهدا ۽ انهن جي اظهار جا طريقا به بدلجي ويا آهن.

هن دور جي مختصر ڪهاڻيءَ، پنهنجو مقام ۽ معيار قائم رکيو آهي. هن دور جي افساني ۾ انقلاب جون ڳالهيون آهن؛ منجهس مزدورن ۽ محنت ڪش



ماڻهن جو ذڪر آهي؛ انهن ۾ حقيقي واقعن جو چٽ چٽيل آهي. هن دور جي ڪهاڻيءَ ۾ زميندارن، سرمائيدارن ۽ ڪامورن جي خلاف مواد ملي ٿو. اڄ جي سنڌي افساني ۾، بين الاقوامي مسئلن جو به ذڪر ڪيل آهي. اڄ جو سنڌي ادب بين الاقوامي ادب جا مطالعو ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڪري بين الاقوامي واقعن کان گهڻو متاثر آهي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي افساني ۾ هر لحاظ کان انقلاب اچي چڪو آهي. ان ۾ هر پهلوءَ کان جدت ۽ نواڻ آئي آهي. ان ۾ نوان رجحان، نوان لاڙا ۽ نئيون ڌارائون پيدا ٿيون آهن. موجوده افساني ۾ نه فقط ان جي موضوعن ۾ نواڻ آئي آهي، پر افساني جي فن ۾ به نوان تجربا ڪيا ويا آهن. هن ڏس ۾ محترم امر جليل لکي ٿو ته:

”اڄ جو سڀ کان مقبول ۽ ڪامياب افسانو، رٿا کان سواءِ يعني (Plotless) افسانو آهي. رٿا کان سواءِ افسانو ليکڪ لاءِ ترجمن جو لامحدود ميدان ٺاهي ڇڏي ٿو، ۽ ليکڪ پاڻ کي فني پابندين ۾ جڪڙيل محسوس نٿو ڪري. جيتوڻيڪ رٿا کان سواءِ افسانو لکڻ لاءِ به جدا ۽ سخت قسم جون پابنديون آهن، جيئن ته اهڙن افسانن ۾ ليکڪ کي زمان ۽ مڪان جون حدون اورانگهڻيون پونديون آهن، ڇو جو ٿوري غفلت، افساني کي فني نقطه نگاهه کان ناڪام ڪري ڇڏيندي. اهڙا افسانا خيالن جي، ڪڙي در ڪڙيءَ جي آڌار تي لکيا ويندا آهن. انهن افسانن ۾ مرڪزي خيال ساڳيو رهندو آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ تسلسل نه هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو رٿا کان سواءِ افسانن ۾ خيال اهم هوندو آهي.“(10)

برصغير جي آزاديءَ، ماڻهن جي سمجهه، سوچ ۽ ويچار ۾ نئون موڙ آندو. ملڪي معاملن سان گڏ، معاشرتي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن ۾ به ڦيرو آيو. افسانه نگارن ۾ شيخ اياز، جمال ابڙو، رسول بخش پليجو، امرجليل، اياز قادري، سراج الحق ميمڻ، علي بابا، ڊاڪٽر نجم عباسي، نسيم کرل، عبدالقادر جوڻيجو، غلام رباني آگرو، نورالهديٰ شاهه، آغا سليم، ماهتاب محبوب، غلام نبي مغل، قمر شهباز، حفيظ شيخ، ماڻڪ، ثميره زرين، خيرالنساءَ جعفري، شوڪت حسين شورو، طارق اشرف، مشتاق شورو، بشير مورياڻي، عبدالحق عالماڻي، ڊاڪٽر رشيده حجاب، ڊاڪٽر قاضي خادم، حميد سنڌي ۽ تنوير جوڻيجو وغيره هن دور جا وڏا ڪهاڻيڪار آهن.

هن دور جي افساني ۾، سنڌ جي مسئلن جو ذڪر ڪيل آهي. سنڌ ۾ هارين ۽ زميندارن جو مسئلو، ڪارخانيدارن ۽ مزدورن جو مسئلو، وڏيرن ۽ پيرن ۽ پيرن جا مسئلا، ملن ۽ مولوين جي متعصبانه رويي ۽ ڪامورن جي ڪٺور دليءَ جا، مشاهدي جي مدد سان نقش چٽيا ويا آهن. سنڌي سماج جي

وڏي ۾ وڏي ڪمزوري، سماج جي عدل ۽ انصاف جي ادارن جو فقدان آهي، جنهن ڪري اسان جو سماج پنتي پيل رهيو آهي. انهيءَ ڪان سواءِ پير پرستيءَ، قبر پرستيءَ، پيرن ۽ اوليائن جي قبرن تي پڙ چاڙهڻ، نذرانا ڏيڻ ۽ نياز ڪرڻ وغيره جهڙا مسئلا به هن دور جي سنڌي سماج جا مسئلا آهن. قيمت هري سنگهاڻي انهن مسئلن بابت لکي ٿو ته:

”سنڌي ڪهاڻي، ورهاڱي وقت نئي جديد لاڙا پڪڙي، ڪافي اڳتي نڪري آئي هئي. وقت پئي تهائين منجهس چڱو چوکو نکار اچي ويو، چو جو عوام جي زندگيءَ جي ترجمانيءَ، اديب کي چوواٽي تي اچي کڙو ڪيو هو. هاري ناري، پورهيت ۽ عام مظلوم باشندو، اديب جي علامت نگاريءَ جو مرڪز بڻجي ويو.“(11)

سنڌي افساني ۾ آزاديءَ کان پوءِ، ترقي پسند گروهه جي اديبن ڪيترائي نوان رجحان پيدا ڪيا. انهن ۾ هڪ ته سنڌي قوميت جو رجحان هو، جنهن ۾ ادب کي قومي سجاڳي آڻڻ لاءِ هڪ ڪامياب وسيلي طور ڪتب آندو ويو، جنهن جي ذريعي عوام جا ستل جذبا، قومي احساس ۽ امنگ بيدار ٿيا. سنڌي ڪهاڻين ۾ سنڌي قوم جي مختلف تهذيبي، تمدني، روحاني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي موضوع بڻايو ويو. هن عرصي ۾ سنڌيت جي لهر افسانوي ادب ۾ چانئجي وئي. هن موضوع تي نسيم کرل، امر جليل، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجي، عبدالحق عالمائيءَ، شوڪت حسين شوري، خيرالنساءَ جعفريءَ، ماهتاب محبوب ۽ مانڪ جون ڪهاڻيون قومي جذبن جون عڪاس آهن.

مطلب ته سنڌ جو اديب پنهنجي قلم جي وسيلي، سنڌ جي غير جمهوري تانا شاهيءَ، ڏاڍ، ڏمر، جبر ۽ ظلم و ستم کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي. اهڙن موضوعن تي امر جليل ’رني ڪوٽ جو خزانو‘، بدر ابڙي جو ’اپيمان‘، سراج الحق جو ’اڻون ماڻهو‘ ۽ فقير محمد لاشاريءَ جو ’ڌرتيءَ جي دانهن‘ نمائنده افسانا آهن، جن ۾ انهيءَ موضوع تي واضح طور لکيل آهي. مثلاً فقير محمد لاشاري ’ڌرتيءَ جي دانهن‘ ۾ لکي ٿو ته:

”خيرپور ناٿن شاهه کان نوڙهي ڦاٽڪ تائين، رت جا ريلا، پنهل چانڊيءَ ۽ لاڪاڻ وٽان واسينگ وارا وراڪا ڏيندي، ڌرتيءَ کان آسمان تائين ڳاڙهاڻ جي طوفان ۾ تبديل ٿي ويا. سنڌ جو آسمان ٽپي ٽامڻي هٽي ويو. آگسٽ 1982ع کان 17 آڪٽوبر 1984ع تائين، جتي سنڌ جي حياتيءَ کي وڍڻ نه ڏنو ويو ۽ ڦاٽڪ بند پيو هو. وقت هتي ٺپهري هٽي، ارڏي گهوڙي وانگر گهه ڪري بيٺو هو. وقت جي انهن لمحن جا گهاوَ ڪيترا گهرا آهن، تن



جو اندازو ويٽنام، فلسطين، چلي يا ڏکڻ آفريڪا جي وسندي سوويت ڪري سگهن ٿا.“(12)

1983ع واري واقعي تي عوامي تحريڪ جا تاثرات، سراج الحق پنهنجي ڪتاب ’اڻون ماڻهوءَ‘ ۾ هن ريت ٿو بيان ڪري:

”تنهن رات هن کي اُبتو ٽنگيو هئائون. رت، هن جي ماڻڪين ۾ چلڪڻ لڳو هو. هن جون اکيون رت جي بار کان چنجهيون ٿيڻ لڳيون. هن پانئيو ته آسمان تي ٿوهر چمي پيا هئا.“(13)

فقير محمد لاشاري ’ٽنگيل وقت جو ٽڪرو‘ ۾ لکي ٿو ته:

”شهر جي هر گهر ۾، بمن جي وسڪاري سبب هڪڙو نه ٻيو پاتي زخمي ٿيل آهي، ۽ آڌيءَ رات جو جڏهن زخم ٺرڻ لڳن ٿا، تڏهن سڄو شهر ان ٽپي ويل ٽئي وانگر ٿي ويو، جنهن تي ڦلا ٽڙندا آهن.“(14)

هن ئي سلسلي ۾ بدر ابڙو لکي ٿو ته:

”جيل پڳا، فوجي ۽ خانگي ٽرڪون سڙيون، ريل جون پٽڙيون اکڙجي وئيون، بئنڪون سڙي وئيون، پوليس ناڪام ٿي وئي، هاڻي فوج ئي فوج هئي، فوجن جا ڪٽڪ ۽ ماڻهن جا مچريل انبوهه، هيليڪاپٽرن گوليون وسايون، جلوس مان قطارون جون قطارون ڪرنديون ۽ وڌنديون وئيون. فصل سڙي ويا، دونهين ۽ ٽدڙ ۾ ڳيرن جا ساهه ٻوساٽجي ويا، شيطان جهمر پائي نچڻ لڳو، ماڻهن جا لڙڪ سڪي ويا، اکين ۾ جسمن مان رت ٺينديون ڪري وهڻ لڳو.“(15)

هن دور جي ادب لاءِ امر جليل پنهنجي افساني ’لهندڙ سج جي لام‘ ۾ لکي ٿو ته:

”اڄ عالمگير تخليقي ادب سچ آهي، سچ جو حامي آهي. اهڙي ادب جو هر هنڌ قدر آهي، پر سنڌ جي اديب کي سچ لکڻ جي عيوض، مصيبت ڳچيءَ ۾ پوندي آهي. اسان جو اديب سچ لکي، پنهنجي مٿان ڊيموڪليس جو خنجر ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌي لٽڪائي ڇڏيندو آهي. جيڪو اديب سچ لکندو آهي، تنهن کي باغي، تخريبڪار (Dangerous) سمجهيو ويندو آهي.“(16)

5. پارت ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ڪافي ترقي ڪئي آهي. هن دور ۾ نمائنده ترقي پسند ڪهاڻي نويسن سان گڏ، ڪيترن ئي نون ليکڪن به سنڌي زندگيءَ جون ڪهاڻيون لکيون ۽ سنڌيت جي هلچل کي هٿي ڏني. موهن ڪلپنا انهيءَ دور جو جائزو هن ريت ٿو پيش ڪري:

”اهو هڪ دور هو. اهو هڪ يُگ هو. نوڪريون ۽ ڌنڌا، محبتون ۽ مفاد، ڪچ ۾ لڪائي، سنڌي اديب هر هفتي، هڪ هنڌ گڏ ٿيندا هئا. وڏا آدرش هئا هنن جا، ۽ تن لاءِ لڙڻ جون وڏيون تياريون هيون. پوري دنيا جي ادبي

تاريخ ۾ ان جو ثاني مثال نه ملندو.“ (17)

انهن مسئلن تي لکندڙ مان تارا ميرچنداڻي، گورڌن پارتي، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، ڪرشن راهي، گنو سامتاڻي، موهن ڪلپنا، موتي پرڪاش، نارائڻ ڀارتي، منوهر لعل ۽ ڦتن پرسواڻيءَ جي افسانن ۾ زندگيءَ جا چٽ چٽيل آهن. انهيءَ کان علاوه هن دور جي ڪهاڻيڪارن جهڙوڪ: پوپٽي هيرانندانيءَ، ڪلا پرڪاش، موهن ڪلپنا، گوبند مالهيءَ، رام پنجواڻيءَ ۽ لوڪناٿ جيٽلي وغيره جي افسانن ۾ سنڌ، سنڌ سان پيار، سنڌ جي سِڪ، سنڌ جي ڳوٺن- شهرن جا پٽ، جڳهين، ڏنڌي واپار ۽ سنڌي سماج، سنڌيت کان سواءِ سنڌين جي لاءِ اٿي لٿي وغيره جي مسئلن تي گهڻو ڪجهه لکيل آهي. ان سلسلي جي باري ۾ اي-جي اُتم لکي ٿو ته:

”سنڌين جي لاءِ اٿي، لٿي، اجهي، علم ۽ علاج جو هماليه جيڏو مسئلو منهن ڪڍيو بيٺو هو. ڪيترن ڪي ته ڪئمپ جي پڳل ٽٽل ٻئرڪن ۾ ڳوٺيون ۽ پردا ٽنگي زندگي ڪاٽڻي پئي. جوان ۽ جوانڙيون ته ڇڏيو، پر ٻڍيون، ٻڍا ۽ ٻار به ٽرينن ۽ عام رستن جي فٽ پاٿن تي ڪٽمنڙا، بسڪيٽ، پنون، ڪانٽا، چانور ۽ ڪيلا وڪڻي، يا آفيس ۽ فئڪٽرين ۾ نوڪريون ڪري، ادرپورنا ڪرڻ لڳا. هنن ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگيو. ڪيترا بيمارين جو بک ٿي ويا، ته ڪن لٽبازي ۽ گوليبازي به سَٺي. سنڌي ليڪڪن هيءَ سچي حقيقت پنهنجي اکين سان ڏٺي.“(18)

انهن سپني مسئلن تي سنڌي افسانه نگارن ڪيترائي افسانا لکيا. انهن موضوعن کان علاوه سنڌي افسانن ۾ رومانوي ڌارا املهه جو اثر به ملي ٿو. 1960ع ڌاري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئون موڙ اچڻ لڳو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ رومانوي ڌارا جي شروعات ٿي. هن دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ وغيره جون ڪهاڻيون ملن ٿيون.

6- هن دور جي جديد ڪهاڻي آهي، ڪهاڻي ۽ آڪهاڻي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سماجي خواهشون، سيڪس جي آزاديءَ جو لاڙو، ڪٽنب جي بدليل معنيٰ، شادي شده زندگيءَ جو نئون روپ، بي سلامتي، شهري زندگيءَ جي بوريت ۽ پراڻن قدرن جي بيسودگي وغيره جهڙا گهڻائي عناصر آهن، جن کي اڄ جي نون ليکڪن پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. هن دور جي ڪهاڻيڪارن ۾، شيام جئسنگهاڻي، وشنو ڀاٽيا، ايشور چندر، آنند ڪيماڻي، لعل پشپ، پريم پرڪاش، پرم ابيچنداڻي ۽ موتي لعل جوتواڻيءَ جا نالا اهم شمار ڪيا وڃن ٿا. جڳديش لچاڻي لکي ٿو ته:

”هن پيڙهيءَ جا ڪهاڻيڪار، تمام مجتائن کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ نظرانداز ڪري رهيا آهن. هو بدليل جيون، مُلهن ۽ قدرن جي حوالي ۾



موجود زندگيءَ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ مشغول آهن. سنڌي نئين ڪهاڻي ۽ اَڪهاڻيءَ تي هستيواد جي فلسفي ڪافي اثر وڌو آهي. پر انهيءَ حقيقت کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته نون ليکڪن پنهنجين ڪهاڻين ۾ آسپاس جي زندگيءَ کي پنهنجي يٿارٿ روپ ۾ چٽيو آهي.“(19)

موجوده دور ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سبب، ڪيترين حالتن ۾ تبديلي اچي چڪي آهي، جن ۾ هڪڙيون ٻاهريون تبديليون آهن ۽ ٻيون اندروني تبديليون آهن. ٻاهريون تبديليون جلدي بدلجي وينديون آهن، پر اندروني تبديلين جي بدلجڻ لاءِ، اخلاقي عناصر دير سان بدلبا آهن. انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت جڳديش لچاڻي هيئن ٿو ڪري:

”سماجڪ، آرٿڪ دٻاوَن، شخص کي انتر ملي ۽ انفرادي ٻٽائي ڇڏيو آهي. انهيءَ تبديليءَ جي نئين دور ۾، پراڻين ۽ نئين ڪٽنبي پومڪائن نڀائڻ ۾ ڪٿي ڪٿي، سنگهرش نظر اچي ٿو ته ڪٿي ڪٿي تال ميل جي ڪوشش به. پٽي پتنيءَ جي سٻنڌن ۾ به اڄ جي بدليل ماحول ۾، ڏکين سماجڪ، آرٿڪ دٻاوَن سبب ڦيرو اچي ويو آهي، گڏوگڏ پٽي، پتنيءَ ڏانهن حڪمران واري رخ ۾ به تبديلي ايندي پئي وڃي، ۽ انهيءَ جي جڳهه تي برابريءَ جو نظريو اُسرڻ لڳو آهي. اخلاقي ۽ شخصي ملهه تيزيءَ سان ٽٽڻ لڳا آهن. اخلاقي ملهن جي ٽٽڻ سبب، جنسياتي سٻنڌن ۾ هڪ قسم جي آزادي اچي وئي هڪ کان وڌيڪ استرين يا پرشن واري پريم جاءِ والاري آهي.“(20)

7- هن دور جو ٻيو نئون رجحان فئنٽسيز، حقيقت ۾ رومانيت (Romanticism) ۽ انسان پرستيءَ (Humanism) يا انسان شناسيءَ جو فني لاڙو آهي.

8- افسانوي ادب ۾ شعور جي روء (Stream of Consciousness) جو جديد رجحان، آغا سليم آندو. هن افسانه نگاريءَ جي روايت کان هٽي شعور جي رو کي، پنهنجي لکڻيءَ جو انداز بنايو. اهو انداز، سندس ذاتي تجربي جو جزو ٻڻجي، ڪهاڻي ۾ اپريو ۽ ان مان هڪ انتهائي خوبصورت آهنگ پيدا ٿي.

9- سنڌيءَ ۾ نفسياتي موضوعن جا افسانا پڻ لکيا ويا. نفسياتي افسانن جي رجحان کي، سنڌي افساني ۾ محترم جمال ابڙي، حفيظ شيخ، سراج الحق ميمڻ، غلام نبي مغل ۽ بشير موريانيءَ پنهنجو فن بنايو.

10- هن کان اڳ ادب جي فلسفي يا نظرين وارن لاڙن ۾ جديديت، وجوديت، ترقي پسندي، رومانيت ۽ انسان پرستيءَ جي باري ۾ اشارا ڏنا ويا آهن. هتي هي بيان ڪرڻ به مناسب ٿي سمجهان ته سنڌي ادب ۾، ’حقيقت پسندي‘ (Realism) واري نظرئي يا فلسفي کي آزمايو به ويو.

اهڙيءَ طرح موجوده دور جي افسانه نويسيءَ ۾، وجوديت (Existentialism) جي فلسفي وارو رجحان پڻ داخل ٿي چڪو آهي، ۽ سنڌيءَ جي ڪيترن ئي افسانه نگارن، هن نظرئي تي افسانه لکيا آهن. انهن ۾ شيخ اياز، زينت عبدالله چنا، جمال ابڙو، امر جليل، غلام رباني آگرو، غلام نبي مغل، آغا سليم، ماڻڪ، سُندري اُتم چنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن راهي، گوبند مالهي ۽ موهن ڪلپنا وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا. انهن بابت جڳديش لچاڻي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”موهن ڪلپنا انهن سڀني ۾ اڳرو رهيو آهي. هن ئي پهرين سنڌي ڪهاڻيءَ کي سطحي حقيقت نگاريءَ کان نجات ڏياري. ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيئي، ڪهاڻيءَ کي جدت جي حد تائين پهچائي، ڪيس فرد جي اندروني شخص جي مانسڪ ۽ ذهني عڪاسيءَ جو واهڻ بڻايو. هن ڪهاڻين جي رٿا ۽ ٽيڪنڪ ۾ گهربل ڪساءُ ۽ پختگي پيدا ڪئي، ڪلپنا اسٿول مسئلن جي بدران سوڪيم ونووگيان جو سهارو ورتو. هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين درشٽيءَ ۽ فلسفياڻي گهرائي ڏني. سندس ڪهاڻين جي گفتگو به بيحد دلچسپ آهي.“(21)

11- جديد سنڌي ادب کي ريڊيو ۽ ٽي-ويءَ کان سواءِ، اسٽيج- ڊرامن جي صورت ۾ تمام گهڻي اهميت حاصل رهي آهي. هن دور ۾ سنڌي ڊرامي تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. هن دور جي ڊرامن ۾ نوان تجربا ڪيا ويا آهن. اڄ جا ڊراما سنڌي سماجي زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪن ٿا. جديد ڊرامن ۾، سماجي عڪاسيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ڇاڻ ۾، سنڌي ڊرامو ارتقائي ماڳ جهاڳيندو، اڄ اُتاهين منزل ڏي اُسري رهيو آهي، پوءِ چاهي اسٽيج ڊرامو هجي، خواه ريڊيو يا ٽي- ويءَ تي ٿيندڙ ناٽڪ هجن.“(22)

سنڌي سماج ۾ شادين جون رسمون، ٿلهي ليکي هڪ جهڙيون آهن، البت هر قوم ۽ قبيلي جا پنهنجا قانون، پنهنجا سماجڪ بنڌڻ هوندا آهن. ڪن قبيلين ۾ ڏيءَ جو سڱ قبيلي کان ٻاهر ڪونه ڏين، ڪو سرمائيدار پنهنجي حيثيت کان، گهٽ واري کي سڱ ڪونه ڏئي، ڪو زميندار، پنهنجي هاريءَ جي پٽ سان پنهنجي ڌيءَ ڪونه پرڻائيندو آهي.

سنڌي سماج ۾ هندو سماج جا مسئلا جدا آهن ته مسلم سماج جا مسئلا الڳ آهن، پر مجموعي طور ڪجهه مسئلا جيڪي طبقاتي مسئلا آهن، سي سڄيءَ سنڌ لاءِ ساڳيا آهن. مثلاً زميندارن ۽ هارين ۾ ڪشمڪش، ڪارخانيدارن ۽ مزدورن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ، سرمائيدار ۽ غريب جي وچ ۾ فرق، شادين جا مسئلا، گهرو مسئلا، حق بخشائڻ، بدو ڏيڻ، پيٽ لکي ڏيڻ ۽ بيروزگاريءَ ۽



پير پرستي جهڙا مسئلا، جيڪي سڄيءَ سنڌ جا مسئلا آهن، جيڪي جديد سنڌي ڊرامي جا خاص موضوع رهيا آهن.

12- هن دور جي انهن مسئلن تي لکندڙن ڊراما نگارن مان ڪي هي آهن: منظور نقوي، مراد علي مرزا، ممتاز مرزا، آغا سليم، شوڪت حسين شورو، علي بابا، امر جليل، قمر شهباز، عبدالقادر جوڻيجو، سليم جمالي، يوسف شاهين، شمشير الحيدري، عبدالڪريم بلوچ، قاضي خادم، ڪيهر شوڪت، منظور قريشي، نور گهلو، عبدالحق ابڙو، نورالهديٰ شاهه، غلام نبي مغل ۽ فيض محمد ٻگهيو. انهن اديبن جا ريڊيو ۽ ٽي- وي ڊراما نشر ٿيندا رهن ٿا ۽ اهي عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن.

جديد ڊرامن ۾ منظور نقويءَ جا ڊراما، عشق ۽ محبت، جاسوسي ۽ سائنسي، پراسراريت ۽ لوڪ ڪهاڻي، تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪهاڻين جهڙن موضوعن تي لکيل آهن.

ان کان پوءِ مراد علي مرزا صاحب سنڌي ڊراما جو ليکڪ آهي. مرادعلي مرزا صاحب جا ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد تان ڪيترائي سنڌي ڊراما پيش ڪيا ويا آهن. سندس بهترين ڊرامو ’زنجير‘ آهي جيڪو هڪ سماجي ڊرامو آهي. سندس ڊرامن ۾ گهرو زندگيءَ جا مسئلا ۽ ٻيا ڪيترائي نفسياتي ۽ سماجي موضوعن تي لکيل ڊراما ملن ٿا. سندس ڊرامن جو مجموعو به ڇپيل آهي.

ممتاز مرزا، سنڌيءَ ۾ تاريخي ڊرامن جي ڪري مشهوري حاصل ڪئي. ’آخري رات‘ سندس بهترين ناٽڪ آهي. ممتاز مرزا صاحب عام طور قوميت جي مسئلي تي خاص طور سنڌي قوم جي مسئلن تي ڊراما لکيا آهن.

آغا سليم به هڪ ڪامياب ڊرامه نگار رهيو آهي. سندس ڊرامن ۾ موضوعن جي رنگا رنگيءَ سان گڏ، خيال جي بلندي پڻ اعليٰ نموني سان پيش ڪيل هوندي آهي. سندس الميه ڊراما (Trajetic Dramas) پڻ لکيل آهن، جن ۾ ’گلن جهڙا گهاوَ‘ ۽ ’گل چنو گرنار جو‘ جهڙا ڊراما شامل آهن. سندس تاريخي ڊراما ’دودو چينسر‘ ۽ ’دولهه دريا خان‘، سنڌي ادب جا بهترين ڊراما مڃيا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح آغا سليم ’تماشو‘ نالي، طنزيه ناٽڪ به لکيو هو، جنهن ۾ چڱي شهرت حاصل ڪئي هئائين. شوڪت حسين شوري به سنڌ جي سماجي مسئلن تي ڪيترائي ڊراما لکيا آهن. سندس ڊرامو ’فيصلو‘ هڪ اهم ڊرامو آهي.

اهڙيءَ طرح علي بابا، سنڌي سماج جي طبقاتي مسئلن تي گهڻو ڪجهه لکيو آهي. هي هڪ مڃيل ڊراما نگار آهي. سندس ڊرامي ’دنگي منجهه دريا‘ ۾، سماجي ۽ طبقاتي فرق ڏيکاريل آهي. سندس هن ڊرامي کي

1976ع ۾ جرمنيءَ ۾ ٿيل ڊراما فيسٽيول (Drama Festival 1976) ۾، انعام پڻ مليو آهي. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي پورهيت ماڻهن جي طبقي جي عڪاسي ڪيل آهي.

قمر شهباز به سماجي مسئلن تي لکيو آهي. هن هڪ پراڻي، انوکي ۽ سماجي موضوعن کي ڊرامائي شڪل ڏني آهي. سندس ڊرامو 'ڪاري' ڪافي مشهور آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ وڏيري جي ذهينت ڏيکاري آهي. وڏيري غريب ڪڙميءَ جي عزت تي وار ڪرڻ کان پوءِ، ان جي ڌيءَ جنت کي 'ڪاري' مشهور ڪري، پنهنجي ڪوٺ ۾ آڻي رکيو، ۽ سبب ٻڌائي ٿو ته سنڌ ۾ اها صدين جي رسم آهي، يعني ڪاري سندس سام آهي. هي ڊرامو سنڌ جي وڏيرن جي ظلم ۽ سنڌ جي وڏيرڪي ماحول جو هڪ تصوير آهي.

امر جليل به پنهنجن ڊرامن ۾ سنڌ جي روزمره جي مسئلن کي موضوع بنايو. هن (امر جليل) نوجوان جوڙن جو پاڻ ۾ پيار ڪرڻ ۽ پيار جي شاديءَ ۽ سماج سان بغاوت ڪرڻ وغيره جهڙن موضوعن تي ڊراما لکيا آهن.

انهيءَ کان سواءِ عبدالقادر جوڻيجي، سنڌ جي ڳوٺاڻن جي گهرو ۽ سماجي مسئلن تي ڊراما لکيا آهن. سندس ڊرامن جهڙوڪ: 'وانئون واٽن جهڙيون'، 'راڻيءَ جي ڪهاڻي'، 'ويندڙ وهي' ۽ 'جانچ' وغيره ۾، هڪ پراڻي جمعدار جي جانچ جو طريقو ۽ مختلف ماڻهن سان سندس ورتاءُ، گهر جي مالڪ جي پوڙهي ٿيڻ ۽ ناڪاره ٿيڻ جو احساس، هڪ گهر جي ڀاتين جا هڪ ٻئي سان رويا، زال مڙس ۽ پوڙهي پيءُ ۽ نوجوان پٽ جو رويو ۽ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي سماج ۾ سڱابندي ۽ انهن مان نڪتل خراب نتيجا وغيره جهڙا خاص موضوع پيش ڪيل آهن.

هن دور جي سنڌي ڊراما نويسن ۾ نورالهديٰ شاهه جو نالو به فخر سان ورتو ويندو آهي. نورالهديٰ شاهه، خاص طور عورتن جي مسئلن تي پنهنجن ڊرامن جو موضوع بنايو آهي. ان لحاظ کان هوءَ عورتپڻي جي نمائنده ڊراما نگار آهي. هن جي هر ڊرامي ۾ سنڌي سماج جي مسئلن، سنڌ جي نياڻيءَ جي مظلومي، سنڌ جي پيرن، ميرن، سيدن، وڏيرن، زميندارن ۽ ڪامورن جا ڦهر، سنڌ جي نياڻين جا پنهنجن مفادن خاطر قرآن تي حق بخشائڻ، ٻَدو ڪرڻ، پيٽ لکي ڏيڻ، خاندان ۾ پنهنجو سوٽ نه هجڻ جي حالت ۾، سڄي عمر ڪنواري ويهارڻ ۽ حويلين ۾ ٿيندڙ ظلم وغيره نهايت ئي بيباڪيءَ سان پيش ڪيا آهن. سنڌ ۾ ته ڇا پر پوري پاڪستان ۾ سندس ڊراما ڪامياب ويا آهن.

13- ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪ نويسيءَ تي تمام گهڻو اثر



پيو. اُتي ورهاڱي کان وٺي 1980ع تائين تمام گهڻا ڊراما لکيا ويا. ڊاڪٽر پريم پرڪاش ڀارت ۾ سنڌي ڊراما جو تفصيل هن ريت لکي ٿو:

”هن ۾ شروعات ننڍين ناٽڪن يا ايڪانڪين سان ٿي. 1960ع تائين ڪافي زور رهيو. 1965ع تائين مند پيو ۽ پوءِ ڪجهه سال ٺپ، وري شروعات 1975ع جي لڳ ڀڳ ٿي. ورهاڱي بعد اٽڪل 41 ڪن وڏا ناٽڪ ڇپيا آهن. موجوده دور ۾ 1980ع کان 1990ع تائين ڇپيل ناٽڪن جو تعداد وڌو آهي، جن ۾ 17 وڏا ناٽڪ، 260 ننڍا ناٽڪ ۽ 235 اصلوڪا آهن.“(23)

انهن ناٽڪن ۾ رام پنجواڻيءَ جا، شاهه جي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل ست ناٽڪ، ڊاڪٽر ارجن شاد جا ناٽڪ، ڊاڪٽر پريم پرڪاش جا ناٽڪ ۽ موتي پرڪاش جا ناٽڪ نمايان حيثيت رکن ٿا.

رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪن ۾ سنڌين جي حقيقي زندگيءَ جي عڪاسي، 'فائيل گم، ليڊر ليڀي ئي نٿو' ۾ ڪيل آهي. موتي پرڪاش جي ناٽڪ 'رات هڪ طوفان جي' ۾، رومانيت کي ڪٽي، سسپينس (Suspense) ۽ شاهوڪار طبقي تي گهري طنز، گورڌن ڀارتيءَ جي ناٽڪ 'بگڙيل گهر' ۾، ائب نارمل (Abnormal) ڪردارن تي طنز، پريم پرڪاش جي ناٽڪن 'پڪنڪ' ۽ 'مڪتي' ۽ موهن ڪلپنا جي ناٽڪن 'فرشتن جي دنيا' ۾، جديد زندگيءَ جا موضوع، ڪرشن کٽواڻيءَ جي ناٽڪ 'آشيانو' ۾ شهري زندگيءَ جي عڪاسي؛ ڪنيو اگناڻيءَ جي ناٽڪ 'ٻنيا' ۾ سماجي مسئلن تي لکيل، مدن جماڻيءَ جو ناٽڪ 'گهر گروءَ جو در' ۾ به سماجي مسئلن تي نڪته چيني پيش ڪيل آهي.

انهيءَ کان سواءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، داس طالب، گوبند مالهيءَ، واسديوَ نرمل، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، برج موهن، ڪيرت مهرچنداڻيءَ، سُندري اُتم چنداڻيءَ، موهن ڪلپنا، پوپٽي هيراننداڻيءَ، جڳديش لچاڻيءَ، ڪرشن کٽواڻيءَ، شيام جئسنگهاڻيءَ، لڇمڻ ڪومل ۽ ٻين جا مختلف موضوعن تي لکيل ناٽڪ ملن ٿا. اهي موضوع آهن: سنڌ جي مسلمانن سان پيار، فرقي پرستيءَ جي نابوديءَ جو حل، ڀارتي باشندن جو سنڌين سان بغض ڀريو ورتاءُ، ڀارت جا هر قسم جا مسئلا، بلئڪ مارڪيٽنگ، مهانگائي، رشوت خوري، مختلف مذهبن جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي پيار جي شادي، هندو مسلم ميلاپ جو حل، خانداني جهيڙا جهٽا، پيار، محبت، عورت جي سماجي حيثيت، عورت جي عزت، عورت جي زندگيءَ جي مسئلن جا حل، ڏيتي، ليتيءَ جا خراب اثرات ۽ سنڌي زندگيءَ جا اهم سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلا، هنن جي ناٽڪن جا اهم موضوع هئا. انهيءَ کان علاوه سنڌ توڙي ڀارت ۾ ٻارن لاءِ ڪيترين ئي اڪاٽيون ۽ ناٽڪ لکيا ويا، جيڪي ريڊيو، ٽيويءَ، اسٽيج، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڏيکاريا ويا.

## 14- سفرناما:

سفرنامو به سنڌي نثر جي هڪ بهترين صنف طور اُڀريو آهي. موجوده دور جي سنڌي نثر ۾، سفرناما تمام گهڻا شايع ٿيا آهن. ان صنف ۾ الطاف شيخ کي صف اول جو سفرنامه لکندڙ اديب مڃيو ويو آهي. هن جا سفرنامه دلچسپ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، جن ۾ مختلف ملڪن جي متعلق مڪمل معلومات پيش ڪيل آهي. الطاف جي سفرنامن ۾: ’وايون وڻجارن جون‘، ’مڪليءَ کان ملاڪا تائين‘ ۽ ٻيا به ڪيترائي سفرناما آهن جيڪي سنڌي ادب جا شاهڪار مڃيا ويا آهن.

ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾، سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو ’سير ۽ سفر‘ 1962ع ۾، قاضي عبدالمجيد عابد جو ’سفر يورپ جي ڊائري‘ 1960ع ۾، ڊاڪٽر سليمان شيخ جو ’سون ورني ڌرتي‘ 1986ع ۾، عنايت بلوچ جا ’پرديسي ڪهڙا پرين‘ 1987ع ۾، ’پرين جي پرديس‘ 1984ع ۾، ماهتاب محبوب جا ’اندر جنين اُڃ‘ ۽ ’سُرهي سُرهي سار‘ 1987ع ۾، ڊاڪٽر فهميده حسين جو ’هوائن جي آڌار‘ 1981ع ۾، عمر قاضيءَ جو ’ديسين وٺ پرديس ۾‘ 1984ع ۾، نصير مرزا جو ’سفر من اندر جو‘ 1985ع ۾، ڊاڪٽر احمد علي قريشي ’نائجيريا ۾ سورنهن سال‘ 1987ع ۾، محمد بخش جوهر جو ’برف ۾ رهندڙ ديوَ‘ 1992ع ۾، فقير امداد سرائيءَ جو ’قدم ڪاپڙين جا‘ 1987ع ۾،ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جو ’آمريڪا جا رنگ‘ 1993ع ۾، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ’ڏوري ڏوري ڏيهه‘ 1984ع ۾، اڪبر سومري جو ’چهرا چهرا شهر‘ 1992ع ۾،ڊاڪٽر نواز علي شوق جو ’سامي سفر هليا‘ 1981ع ۾ ۽ عبدالقادر جوڻيجي جو ”ايوريسٽ تي چڙهائي‘ 1987ع ۾ شايع ٿيا.

ان کان سواءِ خيرالنساءِ جعفريءَ جا سفرناما به سنڌي ادب ۾ چڱو مقام رکن ٿا.

## 15. ڪالم:

اهڙيءَ طرح اخباري ڪالم، مزاحيه خاڪا، ۽ بامقصد طنزيائي ڪالم ۽ ڪيترائي ننڍا ناٽڪ به سنڌي نثر ۾ لکيا ويا آهن، انهن ۾ علي احمد بروهيءَ جي ڪالمن جو، ’اٺون گهر‘ هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. روزانه اخبارن ۾ ڪالم لکندڙن ۾ پير علي محمد شاهه راشدي، اعجاز منگي، انعام شيخ، امر جليل، سلطانه وقاصي، امير بخاري، تاجِ جويو، خاڪي جويو ۽ انب گوپانگ پنهنجي طرزِ تحرير ۽ معامله فهميءَ ۾ مهارت رکن ٿا.

## 16- تحقيقي مقالا:

جديد دور ۾ سنڌي ادب ۾ اعليٰ ۽ معياري تحقيقي ۽ تنقيدي ادب به تمام



گهڻو لکيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ، سنڌي تنقيدي ادب، لسانيات، لغت، لوڪ ادب، علم الانسان، ديني ادب، لطيف شناسي يعني شاهه لطيف تي تحقيق، سچل تي تحقيق، جديد طرز جا تحقيقي مقالا، سفرناما، آتم ڪهاڻيون ۽ سوانح عمريون وغيره جي سلسلي ۾، سنڌي علم ادب ۾ بهترين مقالا ۽ ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا آهن. ان ڏس ۾ جن اديبن جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا، انهن مان ڪي هي آهن: علامه آءِ-آءِ قاضي، مخدوم طالب الموليٰ، علامه ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيد حسام الدين شاهه راشدي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، آغا تاج محمد، محمد عثمان ڏيپلائي، سيد عطا حسين شاهه موسوي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘، ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ، رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، محمد صديق مسافر، پروفيسر علي نواز جتوئي، پروفيسرمحرم خان، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، الله بچايو سمون، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ڪريم بخش چنا، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، عبدالله ورياهه، فقير بشير لغاري، ڊاڪٽر الياس عشقي، محترم تاج محمد صحرائي، ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر نوازعلي ’شوق‘، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر قاضي خادم، ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، محمد اسماعيل عرساڻي، رائچند چيلهاري، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ۽ ٻيا هن دور جا اهم محقق آهن، جن جا ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب مختلف موضوعن تي شايع ٿي چڪا آهن. انهن ۾ مذهبي ادب ۾ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ، ڪافي اضافو ڪيو. سندن ڪتابن ۾ اسلامي تصوف ۽ امام غزالي جا خطوط، بهترين تصنيفون آهن. آغا تاج محمد روزمره جي زندگيءَ ۽ روزانه ماحول واري زبان ۾ مقالا لکيا ۽ اسڪولن جي لاءِ درسي ڪتاب لکيا. علامه آءِ-آءِ قاضيءَ جو فلسفو سنڌي ادب ۾ اهميت رکي ٿو. ڊاڪٽر دائودپوٽو، آسان ۽ سلوڻي سنڌيءَ جو حامي هوءِ ان ڏس ۾ پرچار ڪندو هو، ۽ ڪيترائي سنڌي ليکڪ پيدا به ڪيائين. سيد حسام الدين شاهه راشدي، سنڌ جي تاريخ کي نئون موڙ ڏنو. ان کي قومي رنگ ۾ رڱيو آهي. الله بچائي سمي ’سير ڪوهستان‘ ۽ محمد اسماعيل عرساڻيءَ ’سير ريگستان‘ ڪتاب لکيا، سنڌ جي انهن خطن جو سير ڪرايو جيڪي عام شهري ماڻهن جي نظرن کان دور آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي لوڪ ادب تي تحقيق ڪري اڻکل

چاليهه ڪتاب لکيا ۽ انهيءَ کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جامع سنڌي لغات، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي لسانيات تي به بهترين ڪتاب لکيا، جيڪي تحقيق جي لحاظ کان هر طرح سان معياري ڪتاب مڃيا ويا آهن. ڊاڪٽر صاحب هن دور ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري چڪو آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، سنڌيءَ ۾ مذهبي ادب ۽ دينيات کان سواءِ شاهه لطيف تي تمام گهڻو ڪم ڪيو. پاڻ شاهه ولي الله اڪيڊمي جي سربراهه جي حيثيت ۾، 'الرحيم' ۽ 'الولي' رسالن ۾ لاثاني مقالا لکيا اٿن ۽ آخري وقت تائين تحقيقي ڪم ڪندا رهيا. علامه قاسمي جامع سنڌي لغات جا پويان ٽي جلد ترتيب ڏيئي ڇپايا. پاڻ سنڌي ادب جو زنده جاويد ۽ حقيقي سرمايو هئا.

الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه، سنڌي معاشري جي تعليم تي مقالا لکيا. ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، سنڌي ادب ۾ سنڌي تنقيد جو ماهر، شاعر ۽ سندس ڪيترائي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب شايع ٿيل آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا جا سنڌي ثقافت، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب تي ڪيترائي تحقيقي ڪتاب شايع ٿيل آهن. پاڻ پاڪستان ۾ سنڌي لسانيات جو پهريون ئي ماهر آهي. انهن کان علاوه لاڙ جي علم ادب ۽ ثقافت تي سندس تحقيقي ڪم به ڪيل آهي.

اهڙيءَ طرح خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي سنڌي جي ادبي تاريخ، محمد ابراهيم جويي جو 'شاهه، سچل ۽ سامي'، محمد صديق مسافر، سراج الحق ميمڻ جي سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو 'لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ'، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي 'علم ادب ۽ لسانيات تي تحقيق'، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جو سنڌي افسانوي ادب، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ جو سنڌي ناول جي تاريخ، ڊاڪٽر قاضي خادم جو سنڌي داستان نويسي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، آپا شمس عباسيءَ کان علاوه ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جو حيدرآباد جي ٽالپر دور جي تاريخ، ڊاڪٽر فهميده حسين جو شاهه لطيف جي ڪلام ۾ عورت جو روپ، لسانيات، سنڌي سماج، تهذيب، ريتيون رسمون ۽ تنقيد تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. سراج الحق ميمڻ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب جو اضافو ڪيو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد جي سلسلي ۾ نيون ڪوجنائون ۽ نوان نظريا پيش ڪيا آهن. سنڌ جي انهيءَ تحقيقي ڪم تي پارت جي هڪ سنڌي اديب جڳديش لڇاڻي لکي ٿو:

"1977ع کان پوءِ واري دور ۾، سنڌ جي پهرين صف والاريندڙ باشعور قلمڪارن، ڌرتي ساڻ هئڻ، سياسي اٿل پٿل هئڻ ڪارڻ، وشو راڄ نيتي، مختلف ملڪن جي نظامن نسبت ڇنڊڇاڻ ۽ سنڌ جي آسودگي، بهترين،



بهبودگيءَ خاطر ان نقطه نگاهه کان پنهنجي نظام ۾ تقاضا، جمهوريت لاءِ مسلسل هلچل وغيره اهڙا موضوع آهن، جن تي اسان جي عالمن، اديبن، دانشورن، صحافين، پنهنجي قلم کي قوت ڏني آهي."(24)

17- ڀارت ۾ به تحقيق جو ڪم تمام گهڻو ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو 'شاهه جو رسالو'، پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻيءَ جو 'شاهه جون ڪافيون' ۽ 'ڍولا مارو' ڪتاب، ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ جو انگريزيءَ ۾، 'شاهه لطيف، هِز لائيف ائنڊ هز ورڪ' (Shah Latif, his life & his work)، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو "شاهه جي ٻولي" کان سواءِ 'شاهه، سچل،ساميءَ' تي تحقيق، محترم هيري ٺڪر جي، قاضي قادن جي ڪلام تي تحقيق، سنڌي ڊرامن تي تحقيق، روحل ۽ بيدل جي ڪلام يعني ڪلاسيڪي شاعريءَ تي تحقيق، لال سنگ اجواڻيءَ، پوپٽي هيرانندڻيءَ طرفان لکيل 'سنڌي ادب جي تاريخ'، جيرامداس دولترام، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، جهمون ڇڳاڻيءَ، ڊي-ڪي منشاراماڻيءَ، ستيش روهڙا، نارائڻ ڀارتيءَ، ڪشنچند عزيز، گوبند مالهيءَ، نارائڻ ڀارتي ديال آشا ۽ ٻين عالمن طرفان، سنڌي ٻولي، سماجي لسانيات، سنڌي لغات، لوڪ ادب ۽ ٻين موضوعن تي لکيل تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا، خاص اهميت وارا شمار ڪيا وڃن ٿا.

همعصر دور ۾ نثري صنفن تي ڇپيل ڪتاب سنڌ ۾ سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن طرفان شايع ٿيندا رهيا آهن. سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، سنڌ سرڪار جو اطلاعات کاتو، وفاقي سرڪار جو اطلاعات کاتو، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، سنڌ سرڪار جو تعليمي کاتو، سنڌ سرڪار جو ثقافت ۽ ٽوئرزم کاتو، پاڪستان اسٽڊيز سينٽر سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، شاهه لطيف چيئر، سچل چيئر، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، سنڌي شعبو شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور، وزارت تعليم وفاقي حڪومت اسلام آباد، نئين زندگي پبليڪيشن حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد، زندگي پبليڪيشن حيدرآباد، انڊس پبليڪيشن ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سنگم پبليڪيشن ڪراچي، سڳنڌ پبليڪيشن، ناري پبليڪيشن، سرتيون پبليڪيشن، سنڌي ادبي بورڊ، زيب ادبي مرڪز، روشني پبليڪيشن، ڪويتا پبليڪيشن، يادگار پبلشرس، عظمت ادبي اڪيڊمي، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ تحقيقي بورڊ ۽ سنڌي رائيٽرس ڪو آپريٽو سوسائٽي طرفان هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن تي سنڌ جي ماڻهن کي هميشه فخر رهندو.

## ببليوگرافي


(1) قيمت هري سنگھاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ساهتيه جي اوسر، پوپال، رميش پبلشرس، 1992ع، ص 11

(2) پريم پرڪاش، ڊاڪٽر: سنڌي ناٽڪ جي اوسر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، پارت، 1993ع، ص 261

(3) ڏسو حوالو نمبر 1، ص 12

(4) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جا نوان موڙ، سماهي مهراڻ، نمبر4، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1975ع، ص 163

(5) ڏسو حوالو نمبر 1، ص 13

(6) ڏسو حوالو نمبر 4، ص 163

(7) ڏسو حوالو نمبر 1، ص 15

(8) ڏسو حوالو نمبر 4 ص 164

(9) ڏسو حوالو نمبر 4، ص 166

(10) امر جليل: لهندڙ سج جي لام، ڪهاڻي، سهڻي، / امر جليل نمبر، حيدرآباد سهڻي پبليڪيشن 1970ع ص 85

(11) ڏسو حوالو نمبر 1 ص 26

(12) فقير محمد لاشاري: ڌرتيءَ جي دانهن، سجاڳ پبليڪيشن ڪراچي، 1988ع 126

(13) سراج الحق ميمڻ: اڻون ماڻهو نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1985 ص 33

(14) فقير محمد لاشاري: ڻنگيل وقت جو ٽڪرو، حوالو نمبر 1، ص 33

(15) بدر ابڙو: حوالو نمبر 1، ص 33

(16) امر جليل: لهندڙ سج جي لام، حوالو نمبر 1، ص 44

(17) موهن ڪلپنا: ڏسو حوالو نمبر 1، ص 177

(18) اي-جي اُتم: شبد ۽ سنسڪرتي، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1982ع ص85

(19) جڳديش لڇاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ساهتيه جي اوسر، نيو دهلي، 1992ع ص 140

(20) ايضاً ص 177

(21) ايضاً ص 130

(22) حوالو نمبر 1، ص 140

(23) ڏسو حوالو نمبر 2

(24) حوالو نمبر 19




باب ٻيو

# سنڌي ادب ۾ ناول جي شروعات

## (الف) ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ناول جو مختصر جائزو

شروعاتي ناول، قصي ۽ داستان واري انداز ۾ لکيو ويندو هو، ۽ ان جو خاص مقصد، تفريح جي ذريعي انسان جي آڏو زندگيءَ جا تلخ رخ پيش ڪرڻ هوندو هو. هنن ناولن جا موضوع حسن ۽ عشق، جرئت ۽ بهادري وغيره هوندا هئا.

واقعاتي ناولن جي معنيٰ ئي اها آهي ته، زندگيءَ جي ڪنهن اڻ ڏٺي رخ تان پردو هٽائڻ، زندگيءَ جي ڪنهن انوکي راز يا اسرار کي معلوم ڪرڻ، يا حياتيءَ جي ڪنهن رومانوي پهلوءَ کي بيان ڪرڻ. اهڙن ناولن ۾ ڪنهن واقعي جي رونما ٿيڻ سان ئي اهم نتيجو حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ دور ۾ بيان

ڪرڻ جي انداز، طريقي ۽ حسن بياني يعني ٻولي بيان ڪرڻ جي سونهن تي گهڻو زور ڏنو ويندو هو. ڪن خاص ڪردارن جي واتان، فلسفي ۽ ڏاهپ سان ڀريل گفتا چوايا ويندا هئا ۽ ڪردار به اهڙا هوندا هئا جيڪي پنهنجي طبقي جي نمائندگي ڪندا هئا. انهن ۾ خاص طور تي بهادري ۽ سورهيائيءَ جون ڪهاڻيون، ۽ عشق ۽ محبت جون ڳالهيون بيان ڪيون وينديون هيون.

راسيلاس سنڌي زبان ۾ پهريون مڪمل ناول هو جيڪو ساڌو نولراءِ ۽ منشي اُڌارام، 1870ع ۾، انگريزيءَ تان ترجمو ڪيو، جيڪو ڊاڪٽر جانسن جو لکيل آهي جنهن ۾، خوشي ۽ زندگيءَ جي هر منزل بيان ڪيل آهي. هن ناول ترجمو ڪرڻ تي ڪين انعام به مليو هو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”انگريز سرڪار هي ناول، پنهنجي خاص مقصد لاءِ ترجمو ڪرايو ۽ انهن جو مقصد اهو هو ته مشرقي ملڪن جا ماڻهو، انگريزن جي حڪومت کي تسليم ڪن ۽ انهن جي خلاف بغاوت نه ڪن.“(1)

هن شروعاتي دور کي ’ونڊر ۽ سکيا وارو دور‘ چيو وڃي ٿو. هن دور ۾ سنڌي زبان ۾، لکيل پهريون طبعزاد ناول ’دلارام‘ هو، جيڪو مرزا قليچ بيگ، 1887ع ۾ لکيو هو. هي ناول قديم ڪهاڻين ۽ قصن جي نموني تي لکيو ويو هو. هن ۾ واقعا ۽ ٻيون ڳالهيون، انساني فطرت پٽاندر پيش ٿيل آهن. هن ناول ۾ اتفاق جو سهارو، گهڻي انداز ۾ پيش ڪيل آهي ۽ غيبي امداد به هن ۾ هر هنڌ پيش ڪئي وئي آهي. هن ناول لاءِ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”دلارام، مرزا قليچ بيگ جو پهريون طبعزاد ناول آهي. صحيح معنيٰ ۾، اهو پهريون ناول هو، جنهن جي ڪري سنڌي ادب ۾ طبعزاد ناولن جي شروعات ٿي، اگرچ اهو ننڍڙو ناول هو.“(2)

مرزا صاحب جي هن ناول جو خاص مقصد هو، گهريلو اصلاح، اسلام جو احترام ۽ اسلامي تعليم جو پرچار ۽ زالن جي دلين تي نيڪيءَ جو اثر وجهڻ. مرزا صاحب هن ناول ۾ انسانن کي پيش ايندڙ زماني جي گردش جو نقش، به پوريءَ ريت چٽيو آهي.

2- سنڌي ناول جو ٻيو دور حقيقت نگاريءَ وارو دور هو. هن دور جي ناول نگارن اها ڪوشش ڪئي ته اُهي پنهنجي معاشري کي اڻنگين رسمن، رواجن، اخلاقي براين کان صاف ڪن، تنهن ڪري هنن پنهنجن ناولن ۾، اخلاقي ۽ اصلاحي پهلوءَ وارن موضوعن کي اهميت ڏني. هن دور جي ناولن ۾ حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتي، زندگيءَ جي روزمره جي حالتن کي عام رواجي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو ويو. ڪيترن ئي سنڌي ناولن ۾ عام زندگيءَ ۾



ان جي انقلابن ۾ سماجي ريتين، رسمن وغيره جي عڪاسي ڪئي وئي، جنهن کي نقادن حقيقت نگاري سڏيو آهي. حقيقت نگاريءَ جي باري ۾، فرينچ نقاد، جعفري برينيوٽن (Geofry Breanutan) پنهنجي ڪتاب ’شارٽ هسٽري آف فرينچ لٽريچر‘ (Short History of French Literature) ۾ لکي ٿو ته:

”اسان کي ناول انهيءَ ڪري دلچسپ نٿو لڳي ته ڪو هن ۾ عظيم خيالات پيش ڪيا ويندا آهن، بلڪ انهيءَ ڪري جو هن ۾ انساني زندگيءَ جي سماجي وهنوار جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. هن ۾ ڏيکاريو ويندو آهي ته ڪنهن خاص وقت ۽ دور ۾ انسان سماجي گروهن جي صورت ۾ ڪيئن ان وقت جي ريتن رسمن پٽاندر گذري گهاريندا هئا.“(3)

حقيقت نگاريءَ جي موضوع تي مرزا قليچ بيگ به سنڌي ناول لکيا هئا. مرزا قليچ بيگ جو طبعزاد ناول ’زينت‘ هو، جيڪو هن 1890ع ۾ ناول نويسيءَ جي جديد ٽيڪنڪ مطابق لکيو هو. هن ناول جي ڪهاڻي، پنهنجي ئي سنڌي معاشري ۽ ماحول جي آهي. هن ۾ گهريلو ماحول، ريتيون رسمون، تعليم ۽ تربيت، نياڻين جي سليقي مندي ۽ زالن جي تعليم حاصل ڪرڻ جهڙا موضوع بيان ڪيل آهن. مرزا صاحب جو هي هڪ ڪامياب ناول مڃيو ويو آهي. هن ناول جي باري ۾ مرزا صاحب خود لکي ٿو ته:

”جڏهن منهنجو اهو به مطلب هو ته زالن جي دل تي نيڪيءَ جو اثر وجهان، تڏهن هن ۾ جيڪي خيال ۽ ماڻهو آندا اٿم، تن مان هڪڙي مکيه زال آهي، جنهن تي ساري قصي جو مدار آهي.“(4)

زينت جي ڪهاڻي هن ناول جي سچي ڪهاڻي آهي. هن ناول ۾ ان وقت جون معاشرتي، اقتصادي، سياسي ۽ سماجي حالتون، سماج جا طور طريقا، خانداني رسم و رواج، ڏيتي ليتي، گهريلو اصلاح، اسلامي تعليم وغيره جي خاص طور تي عڪاسي ڪيل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو ٻيو طبعزاد ناول ’عجيب پيٽ‘ آهي، جيڪو ديوان پريتمداس حڪمتراءِ 1892ع ۾ لکيو هو. هن ناول ۾ به روزمره جي زندگيءَ جي عڪاسي ٿيل آهي. هن ناول ۾ سنڌي عالمن ۽ پائيبندن جي سماجي زندگي، سندن رسمن ۽ رواجن ۽ تعليمي، اخلاقي ۽ ڌرمي زندگيءَ جو نقشو چٽيل آهي. هي سچو ناول حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهي.

ان کان پوءِ ويهين صديءَ جي شروع ۾ هڪ طرف ته ناول جي ڇپائيءَ جو سلسلو گهڻي تيزيءَ سان شروع ٿي ويو، ٻئي طرف ماڻهن ۾ ناولن پڙهڻ جو گهڻو شوق پيدا ٿيو، ته وري ٽئين طرف سنڌي اديبن ۾ سنڌي ادب کي ترقي وٺائڻ جو جذبو گهڻو وڌي ويو هو. هن دور ۾ قوميت جو زور

وڌڻ لڳو هو. اهڙين حالتن ۾، سنڌي ناول تمام گهڻي ترقي ڪئي، ۽ ان جي اشاعت ۾ به واڌارو ٿيو.

3- ان ڪان سواءِ هن دور ۾ بنگال جو ورهاڱو پڻ ٿيو هو، جنهن ڪري قوميت جي تحريڪ جو اثر وڌڻ لڳو، جنهن ڪان سنڌي ادب پڻ متاثر ٿيو، جنهن جي ڪري ڪيترائي بنگالي زبان جا اصلاحي ۽ قومي موضوع تي لکيل ناول، سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيڻ لڳا. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ناولن ۾ نوان موضوع جهڙوڪ: قومي بيداري ۽ معاشري جي اخلاقي اصلاح وغيره سنڌي ناولن جا موضوع بڻجي ويا.

1914ع ڪان سنڌي ادب ۾ جاسوسي ناولن جو دور شروع ٿئي ٿو. هن قسم جي ناولن ۾ انگريزي زبان تان ڪيترائي جاسوسي ناول ترجما ڪيا ويا. هن دور جا پهريان ناول خوشيرام، رينالڊ ترجمو ڪيا. ان ڪان پوءِ مختلف ٻولين مان ٻيا به ڪيترائي جاسوسي ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. مرزا قليچ بيگ ’گونگو دوست‘، شرلاڪ هومز جا عجيب و غريب ڪم جي عنوان وارا جاسوسي ناول، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ان ڪان سواءِ نانڪرام ميرچنداڻي به جاسوسي ناول ترجمو ڪيا. سنڌيءَ ۾ پڙهيل لکيل طبقو جاسوسي ناولن کي گهڻو پسند ڪرڻ لڳو هو. انهيءَ ڪري هنن ناولن جو تعداد، ٻين ناولن جي پيٽ ۾ گهڻو آهي، جن ۾ خاص طور ’غيبي خزانو‘، ’خوني داستان‘، ’عجيب ڏاڙيل‘ ۽ ’چورن مٿان مور‘ وغيره اهم ناول آهن. اهي سڀ ناول ترجمو ڪيل آهن، پر ڪي ٿورا طبعزاد ناول اهڙا به آهن، جيڪي سنڌ جي جرائم پيشي ماڻهن ۾ ديسي ماحول ۽ ڌوهن جي وارداتن ۽ ٻين موضوعن تي ٻڌل آهن. اهڙن ناولن ۾ ’وريل نعمت‘ خاص قابل ذڪر آهي.

پهرين ۽ ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي ڪري به، سنڌي ناول نگارن، انهن موضوعن تي، انساني همدرديءَ لاءِ قدم کنيو. هن دور ۾ جيڪي وهيو ۽ واپريو، انهن کي پنهنجي ناولن جي ڪهاڻيءَ ذريعي بيان ڪيو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي طبعزاد ناول لکيا ويا ۽ ڪيترائي ناول ٻين ٻولين جهڙوڪ: هندي، گجراتي، بنگالي، مرهٽي وغيره تان ترجمو ڪيا ويا. انهن ناولن ۾ لعلچند امرڏني مل جو لکيل ناول’پوتناٿ جي جيوني‘ (26 پاڱا)، مرزا قليچ بيگ جو ناول ’گلن جي ٽوڪري‘، ’ٽي گهر‘، ديوان واڌو مل جا ترجما ڪيل ’سچو متر‘، ’جيئري جو لاش‘، مرزا صاحب جو ’غلاميءَ ڪان مٿي چاڙهو‘، ’هندو ڪٽنب‘، ’گنگا جو ڪٽنب‘، ’روهني‘، ’سچي محبت‘، ’ڳوناٽو سماج‘، ’پاپ ۽ پاڪيزگي‘ وغيره مشهور ناول آهن، جيڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا هئا.

4- انهيءَ دور ڪان پوءِ، سنڌيءَ ۾ تاريخي ناولن جو دور شروع ٿئي



ٿو. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي تاريخي ناول لکيا ويا، جن ۾ گذريل زماني يا گذريل دور جي ماڻهن جي حالتن، واقعن، تاريخي شخصيتن کي افسانوي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو. تاريخي ناولن لکڻ ۾، ناول نگارن جي فن ۽ تخيل وڏو ڪم ڪيو. ناول نگار، تاريخي ڪردارن کي به نمايان طور پيش ڪندا رهيا ۽ واقعا به اهڙا ئي پيش ڪندا رهيا، جيڪي تاريخي واقعن سان واسطو رکندڙ هوندا آهن.

هن دور ۾ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪامياب تاريخي ناول لکيا ويا، انهن ۾ غلام احمد نظاميءَ جو ترجمو ڪيل ناول ’حور دمشق‘ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ’نورجهان‘ ناول ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن. هن سڄي دور جي تاريخي ناولن ۾ محترم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. ڏيپلائي صاحب تبليغ ۽ قوم جي اصلاح کي مقصد بڻائي ڪيترائي ناول لکيا.

ڏيپلائي صاحب شروع ۾ ڪيترائي تاريخي ناول ترجمو ڪيا پر پوءِ طبعزاد ناول به لکيائين. سندس ناولن ۾: ’نورِ توحيد‘، ’جلوه اسلام‘، ’شهيدِ ڪربلا‘، ’غازي صلاح الدين‘، ’شير ايران‘، ’فتح فلسطين‘، ’نازنين يورپ‘، ’غازي محمد بن قاسم‘، ’آفريڪا جي شهزادي‘، ’سيرت محمد صلي الله عليه وسلم‘، ’قسطنطنيه جي شهزادي‘، ’حورِ بغداد‘، ’ٽيپو سلطان شهيد‘، ’غازي امان الله‘، ’ڪارا ڪافر‘، ’شيوا جي شيش محل‘، ’ڪنيز الاسلام‘، ’شهنشاهه همايون‘، ’احمد شاهه ابدالي‘، ’ڏاهري رنگ محل‘، ’مينا بازار‘ ۽ ’سانگهڙ‘ وغيره خاص ناول آهن.

ڏيپلائي صاحب جو ناول ’سانگهڙ‘، حُر تحريڪ جي جدوجهد تي لکيل آهي. ڏيپلائي صاحب جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”هن دور ۾ ڏيپلائي صاحب جو قلم به تيز هو. هن ڪيترائي ناول لکيا. زنده اديبن ۾ ڏيپلائي صاحب جيترا ڪتاب، اڃا تائين ڪنهن به نه لکيا آهن. سنڌي قوميت جي مسئلي تي لکڻ ڪري، هن کي جيل به موڪليو ويو، جتي حُر تحريڪ تي، ’سانگهڙ‘ جي عنوان سان تمام ضخيم ناول لکيائين. هن ناول مان سنڌي مردن ته خير، پر عورتن جي همت ۽ جرئت جا ڪئين مثال ملن ٿا.“(5)

محمد عثمان ڏيپلائي جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. ڏيپلائي صاحب تبليغ ۽ قوم جي اصلاح کي مقصد بڻائي ڪيترائي ناول لکيا.

تاريخي ناولن جي سلسلي ۾ ان ڪان پوءِ خليق مورائي صاحب جو نالو به اچي ٿو. مورائي صاحب جا ٽي ناول ڇپيل آهن. انهن مان هڪ ’سُندري‘ ناول آهي، جيڪو 1928ع ۾ ڇپيو هو، ٻيو ’ستيءَ جي ستيا‘ ناول آهي ۽ ٽيون ناول ’چتر پتي‘ آهي. اهي ٽيئي ناول، سنڌ جي برهمڻ حاڪم راجا ڏاهر

جي دور کان شروع ٿين ٿا ۽ راجا ڏاهر جي دور تي ختم ٿين ٿا. اهي ٿيئي ناول، سنڌي ادب ۾ ڪافي اهميت رکن ٿا. خليق مورائي صاحب جي تاريخي ناولن لکڻ جو مقصد اهو هو ته، هو مسلمان حاڪمن جي ڪمن کي نمايان ڪري ۽ سنڌن هلت چلت کي پيش ڪري، ۽ انهن جي تاريخي شخصيتن ۽ تاريخي واقعن بابت صحيح عڪاسي ڪري.

1937ع ۾ ميلارام واسواڻي جو تاريخي ناول ”رتنا“ ڇپيو ۽ 1944ع ۾ سندس ٻيا ناول جهڙوڪ: ’شيوا جي‘، ’چندر پالڪ‘، ’هندو وير پالڪ‘، ’منزل‘ ۽ ’سُشيلا‘ شايع ٿيا. اهڙيءَ طرح احمد زئي جو نالو ’حسن جي بهار‘ ۽ ارجن سامتاڻي جا تاريخي ناول ’شهنشاهه جهانگير‘ ۽ ’بلرام‘ شايع ٿيا.

هن دور ۾ ترقي پسند ڌارا جو اثر ڪليو ڪلايو قبول ڪرڻ ۽ ان جو زوردار ڦهلاءَ ڪرڻ جو شرف، ان وقت جي اُسريل نوجوان ترقي پسند ليکڪن کي آهي. هنن سماجي، معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جي بيباڪ ۽ بردبار تصوير ڪڍي، جيتوڻيڪ ترقي پسند اديبن پنهنجن ناولن ۾ نه رڳو انگريزن جي ظلم، پر زميندارن جي ڏاڍاين جو بيباڪيءَ سان ذڪر ڪيو آهي، ۽ زال ۽ مڙس جي پيار ۽ برابريءَ جو نقش چٽيو آهي.

هن سڄي دور يعني ورهاڱي واري سال (يعني 1947ع تائين)، سنڌي سماج تي مختلف تحريڪن جي اثر جي ڪري، سنڌي ناولن جا موضوع به بدلجندا رهيا. مثلاً: بنگال جو ورهاڱو، آزاديءَ جي جنگ، هوم رول تحريڪ 1916ع، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي تحريڪ، خلافت تحريڪ ۽ ڪُئٽ انڊيا تحريڪ 1942ع جي ڪري، جيئن سماج اثرانداز ٿيو هو، تيئن جو ان اثر ملڪ جي معاشرتي، معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن تي به پوندو ويو، تنهن ڪري سنڌي اديبن جا خيال ۽ نظريا به بدلجندا ويا، جنهن سبب جي ڪري سنڌي ادب ۾ نوان نوان موضوع به پيدا ٿيندا ويا.

جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته، ماڻهن ۾ انگريزن جي خلاف نفرت وڌڻ لڳي هئي، جنهن جو اظهار ادب ذريعي به ڪيو ويو. هن ڏس ۾ آزاديءَ جي اُڀار ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو لکيل ناول، ’قيدي‘ ۽ ديو سپاڻيءَ جو لکيل ناول ’انقلابي‘، آزاديءَ لاءِ اُتساهه ڏياريندڙ ناول هئا. انهن ناولن ۾ انگريزن جي ظلم کان سواءِ قوم جي اصلاح، ڪفايت شعاري،، گهريلو زندگيءَ جو عڪس ۽ عام ماڻهن تي شاهوڪارن ۽ زميندارن طرفان ڪيل ظلمن وارن موضوعن تي ناول لکيا ويا.

هن ئي دور ۾ انگريزن جي چالاڪين ۽ حرفتن جي ڪري هندو-مسلم نفرت واري تحريڪ به شروع ٿي. هندو-مسلم نفاق جي تحريڪ جي ڪري



هندن ۽ مسلمانن هڪ ٻئي جي خلاف ڪيترائي ناول لکيا، جيڪي گهڻو ڪري تاريخي ناول هوندا هئا. اهڙيءَ طرح هندو-مسلم اتحاد لاءِ به ڪوشسون ٿيون. اهي ڪوششون به ادب ذريعي ڪيون ويون. گلي سدارنگاڻيءَ جو ناول ”اتحاد“ ۽ ڇيئانند پاونداس لعلواڻيءَ جو ”ڳوناٽو سماج“ هن سلسلي جا ڪامياب ناول آهن.

هوم رول تحريڪ جي اثر جي ڪري، اديبن پنهنجي معاشري کي سڌارڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي، جنهن ڪري به ڪيترائي ناول لکيا ويا. انهن ناولن ۾ ڪاڪي ڀيرومل جا لکيل ناول، ”موهن ۽ آنند“ ۽ ”سندري“ سٺا ناول آهن. هنن ناولن ۾ هندن جي ريتن رسمن، هندن جا سماجي مسئلا، ڏيتي ليتي، عورتن جي تعليم ۽ شاديءَ جا مسئلا پيش ڪيل آهن.

انهن ناولن کان سواءِ، هن دور ۾ پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جي لکيل ناولن کي خاص اهميت حاصل آهي. ڀمڀاڻي صاحب جي ناولن ۾ ’مالهڻ‘، ’وڌوا‘ ۽ ’غريبن جو وارثو‘ خاص ناول آهن. هنن ناولن ۾ اسان جي معاشري ۾ عورت جي اهميت، ان جي وفاداري، سچائي، قرباني، عورتن تي معاشري ۾ ريتن رسمن جي ڪري ٿيندڙ ظلم ۽ جبر وغيره کي حقيقي ۽ فڪري رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن دور جي ناولن ۾ تقريباً هر قسم جو موضوع شامل آهي، جيئن گهريلو ناول، سماجي ناول، نفسياتي ناول، ۽ تاريخي ناول وغيره. ناول نويسيءَ ۾ ايتري ترقيءَ جي لحاظ کان هن سڄي دور کي ’سنڌي ناول جو سونهري دور‘ چئي سگهجي ٿو.

5- هن دور جي ناميارن ناولن (طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل) مان ڪي هي آهن:

| **ناول جو عنوان** | **ليکڪ جو نالو** |
|---|---|
| چوٿ جو چنڊ | لعل چند امرڏنو مل |
| نورجهان | ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي |
| سُندري | عبدالخالق مورائي |
| جهان آرا | عبدالرزاق عبدالسلام |
| ڪملا | پرسرام شهاڻي |
| شاعر | آسانند مامتوراءِ |
| اتحاد | گلي سدارنگاڻي |
| زنده دل | چندو لعل جئسنگهاڻي |
| قيدي | رام پنجواڻي |
| مالهڻ | نارائڻ داس ڀمڀاڻي |

| | |
|---|---|
| غريبن جو ورثو | نارائڻ داس ڀمڀاڻي |
| وِڇوا | نارائڻ داس ڀمڀاڻي |
| اسان جو گهر | رام پنجواڻي |
| چانديءَ جو چمڪو | رام پنجواڻي |
| راڻي | ج-ٻ آهوجا |
| رام محل | نانڪرام ڌرمداس |
| ستيءَ جو تياڳ | مهراج وشنو شرما |
| سنڌ جو ٺوڳي | مهراج وشنو شرما |
| وير جوڙامڻي | موهن لعل |
| دادا شيام | شيوڪ ڀوڄراج |
| پتي ڀڳتي | ميلارام منگترام واسواڻي |
| هار جيت | پرمانند ميوارام |
| نيڪي بدي | پرمانند ميوارام |
| منورما | پرمانند ميوارام |
| هندو مارشلا | تيجورام روچيرام |
| دلي ابلا | موٽومل منگهارام |
| اڌڪار | ديوَسياڻي |
| ڏکن پٺيان سک | ٺهلرام آسودومل |
| ڳوٺاڻو سماج | شري شرت بابو |
| سوامي | ڇيٺانند لعلواڻي |
| زنده دل | چندو لعل جئسنگهاڻي |

حاصل مطلب ته هن سڄي دور جو تنقيدي جائزو وٺڻ سان اهو واضح ٿئي ٿو ته، هن دور ۾ ترجمو ڪيل، ناولن جو تعداد طبعزاد ناولن جي ڀيٽ ۾ گهڻو آهي.

هن دور۾ تقريباً هر موضوع تي ناول ملن ٿا، جن مان ناول نگار خاص طور هيٺين موضوعن تي زور ڏيندا رهيا: سنڌي ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد، قومي بيداري ۽ اصلاح، سياسي سجاڳي، معاشري ۽ ماحول کي سڌارڻ۽ سنوارڻ لاءِ ڪوشش، اقتصادي حالتن تي نڪته چيني، ۽ سنڌي قوم کي جهالت جي انڌيري مان ڪڍڻ وغيره. هن دور جي اهم ۽ ناميارن ناول نگارن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل آڏواڻي، لالچند امرڏنو مل، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ديوَ سياڻي، آسانند مامتوراءِ، ميلارام منگترام واسواڻي، خليق مورائي، نانڪرام ميرچنداڻي، گلي سدارنگاڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي اهم حيثيت رکن ٿا. هنن



ناولن نويسن آزادي، انگريزي حڪومت جي ظلم ۽ ناانصافيءَ خلاف نفرت، غريبن تي ظلم، شاهوڪارن ۽ زميندارن جي ظلمن، سماج جي غلط ريتن رسمن جي ڪري تباهيءَ کان بچاءُ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي سماجي مسئلا پنهنجي ناولن ۾ پيش ڪيا آهن.

1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو. سنڌ جا گهڻو ڪري سڀ سنڌي هندو ناول نويس سنڌ مان لڏي ڀارت هليا ويا، جنهن ڪري سنڌي ناول جي صنف کي وڏو ڌڪو رسيو. ناول لکجڻ في الحال بند ٿي ويا، پر ڪجهه عرصي کان پوءِ ان جي جاءِ تي، سنڌي افساني گهڻي ترقي ڪئي.

مطلب ته، آزاديءَ کان اڳ واري دور جي سنڌي ناول نگارن، سنڌي زبان جي ناولن ۾ هر هڪ موضوع ۽ مضمون کي پنهنجو مقصد بڻائي، پنهنجي قوم کي جهالت ۽ انڌيري کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ آزادي ڏيارڻ لاءِ، عوام ۾ بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري ۽ قوم کي آزادي ڏياري. سنڌ جي ناول نگارن پنهنجي قلم جي زور تي قوم کي عروج تي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌي ماڻهن جي مئل جذبن کي بيدار ڪيو. منجهن حقيقت شناسيءَ جا جذبا اُجاگر ڪيا ۽ منهنجن ايتري ته سجاڳي پيدا ڪئي، جو انهن ظلم، ستم ۽ غلاميءَ جي خلاف قدم کنيو ۽ انقلاب آندو، ۽ قربانيون ڏنيون. هنن نيٺ پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي غلاميءَ جي زنجيرن مان ڪڍي آزاديءَ جي نعمت ڏيارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

## (ب) ورهاڱي کان اڳ جا ڪي ناول نويس:

هن پوري عرصي دوران جن جن ناول نگارن، سنڌي ٻوليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، تن مان ڪن جي ناولن تي هيٺ تبصرو ڪجي ٿو:

### (1) مرزا قليچ بيگ:

مرزا قليچ بيگ هڪ بسيار نويس اديب هو. هن سڄي زندگي يا ته طبعزاد ڪتاب لکيا ۽ يا ته ٻين ٻولين جا نامور ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. سنڌي ناول جي صنف جي ابتدا جو سهرو به هن جي ئي سِر تي آهي. مرزا صاحب ترجمن سان گڏ، طبعزاد ناولن جو باني به مڃيو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مرزا صاحب کي سنڌي زبان جو مايه ناز اديب، مترجم ۽ سنڌي ادب جي ’چاسر‘ لقب سان نوازيو ويو آهي.

مرزا صاحب جو پهريون طبعزاد ناول ”دلارام“ آهي، ۽ سندس ٻيو طبعزاد ناول ”زينت“، سندس ڪامياب ترين ناول آهي. هن ناول کي اڄ به اُهائي اهميت حاصل آهي. پروفيسر لعل سنگهه اجواڻي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي

ادب جي تاريخ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”مرزا قليچ بيگ جي سڀ کان وڏي ڪاميابي، سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اصلوڪو ناول ’زينت‘ (1890ع) هو. زينت خاص ذڪر جي قابل ناول آهي، جنهن ۾ ڪٽنبي ماحول آهي، جنهن ۾ پنهنجي وقت جي وچولي طبقي جي هڪ سنڌي ڪٽنب جي جيون جهانڪي پيش ڪئي وئي آهي ۽ جنهن ۾ چاتل سچاتل، ٻولي، محاورا ۽ استعارا ڪم آندل آهن.“(6)

**(i) دلارام:**

هي ناول مرزا صاحب 1887ع ۾ لکيو هو. جيئن مٿي چيو ويو آهي. هي ناول مرزا صاحب جو، طبعزاد ناول آهي. هن ناول جي ڪهاڻي پراڻي قصي وانگر آهي، جنهن ۾ بادشاهن جو ذڪر، عدل ۽ انصاف جون ڳالهيون، صبر ۽ تحمل، ظلم ۽ ستم جي باري ۾، نصيحتون بيان ڪيل آهن. هي ناول، سنڌي زبان جو پهريون ناول هو. هن ناول جا ڪردار عام انسان آهن ۽ هن ناول ۾ واقعا به اهڙا ئي پيش ٿيل آهن. جيڪي عام ماڻهن ڪي سندن روزانه زندگيءَ ۾ پيش ايندا آهن. هن جو موضوع ۽ مقصد به عام انساني اعمالن سان واسطو رکي ٿو.

هن ناول ۾ هڪڙي ننڍڙي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي؛ منجهس هر هنڌ اتفاق جو سهارو ورتو ويو آهي، هر مصيبت ۾ غيبي مدد ڏياري وئي آهي. هن ناول جو موضوع وفاداري، نيڪ نيتي، ايمانداريءَ تي ٻڌل آهي. هن ناول لکڻ ۾ مرزا صاحب جو مقصد پڙهندڙن جي اڳيان مختلف شخصيتن جي ڪردارن ڪي، نصيحت طور پيش ڪرڻ ۽ انهن جون خوبيون ۽ خاميون ۽ انهن جا نتيجا بيان ڪرڻ هو.

**(ii) زينت:**

هي ناول، مرزا صاحب جو ٻيو طبعزاد ناول آهي، جيڪو پاڻ 1890ع ۾ لکيو هئائين. هي ناول سنڌي ادب ۾، فني لحاظ کان، اعليٰ حيثيت ٿو رکي. هن ناول ۾ مرزا صاحب سنڌي معاشري جي زندگيءَ جي ڪهاڻي پيش ڪئي آهي. هن ناول جو موضوع، عورت جي گهريلو زندگي، تعليم ۽ تربيت، سندس سليقي، نشست و برخاست ۽ سندس خانداني ماحول آهي. هي ناول، ناول نويسيءَ جي جديد ٽيڪنڪ ۽ فن جي لحاظ کان مڪمل ۽ هڪ اعليٰ قسم جو ناول آهي.

**مرزا صاحب جا ترجمو ڪيل ناول:**



انهيءَ کان علاوه مرزا صاحب جي ترجمو ڪيل ناولن مان ڪي هي آهن:

(1) ٽي گهر: هي ناول "Three Homes" تان 1912ع ۾ ترجمو ڪيائين.
(2) راحيل: هي ناول انگريزي ٻوليءَ تان 1914ع ۾ ترجمو ڪيائين.
(3) جولئن هوم: هي ناول انگريزيءَ تان 1919ع ۾ ترجمو ڪيائين.
(4) گلن جي ٽوڪري: انگريزيءَ تان 1920ع ۾ ترجمو ڪيائين.
(5) صحت النساءَ: هي اردو ناول تان 1888ع ۾ ترجمو ڪيائين.
(6) نيلو پکي: هي ناول انگريزيءَ تان 1926ع ۾ ترجمو ڪيائين.
(7) لڇمي: هي ناول اردوءَ تان ترجمو ڪيائين.
(8) غلاميءَ کان مٿي چاڙهو: هي ناول انگريزي ناول Up from Slavery تان ترجمو ڪيائين.

هن ناول ۾ هڪ شخص جي آتم ڪهاڻي آهي، جيڪو آزادي حاصل ڪرڻ جا جذبا پيش ڪري ٿو.

اهڙيءَ طرح ’ڪامل انسان‘ ناول ۾ هڪ ڪامل انسان جون وصفون پيش ڪيل آهن.

مرزا صاحب جي ناولن جي ٻولي ۽ عبارت نهايت سليس، آسان ۽ سهڻي آهي. مرزا صاحب جي ناولن ۾ ڪم آندل عبارت جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

”مرزا صاحب جي عبارت ۽ اصلاح پڻ سندس دستور موجب، نهايت سليس ۽ دلپسند آهي ۽ گهريلو اصلاحن ۽ پهاڪن سان پريل عبارت ڪم آندي آهي.“(7)

**(2) پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي:**

(الف) پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ ڪي، سنڌي علم ادب جي اعليٰ ناول نگارن مان هڪ مڃيو وڃي ٿو. ڪيس سنڌي علم، ادب ۽ سنڌي زبان سان خاص محبت هئي. پاڻ سنڌي زبان جي ترقيءَ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول، ڊراما ۽ مضمون پڻ لکيا ۽ ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيائين. سنڌي ۾ لکيل سندس طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ناول شايع به ٿيا، سندس سڀ ناول گهرو زندگيءَ جا عڪس پيش ڪن ٿا.

هوسماج سڌار ليکڪ به هو. سماج کي سڌارڻ ۽ سماج مان براين ۽ خرابين کي ختم ڪرڻ، سماج جي پراڻين ريتن ۽ رسمن سان انهن جي بربساديءَ کي روڪڻ سندس ناولن جو خاص مقصد هو. اهوئي سبب آهي جو

هن پنهنجن ناولن لاءِ سماج مان اُهي موضوع چونڊيا، جيڪي روزمره جي عام زندگيءَ ۾، هر انسان کي پيش اچن ٿا. هن جا پيش ڪيل مسئلا، هر ماڻهوءَ جا پنهنجا مسئلا هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڀمڀاڻي صاحب واري دور بابت لکي ٿو ته:

”پروفيسر ڀمڀاڻي صاحب، ان د ور جي پيداوار هو، جنهن کي قومي جاڳرتا وارو دور سڏيو ويو آهي. ملڪ ۾ اتي، لٽي ۽ اَجهي جهڙن مسئلن لاءِ، ڪشمڪش جاري هئي. سرمائيدارن، ڪارخانيدارن، زميندارن ۽ ٻين جن پاڻ کي ملڪ جا مدبر ۽ چڱا مڙس سمجهي، اندر ئي اندر سماج کي بگاڙيو ٿي، انهن جي خلاف سچي ملڪ ۾ اديبن قلم کنيو هو. سنڌي اديبن ۾ ڀمڀاڻي به هو، جنهن سنڌي جوان ۾ اهڙي جاڳرتا آڻڻ لاءِ، ناول لکڻ شروع ڪيا. هن جي منشا هئي ته غريب پاڻ کي نيچ نه سمجهن.“(8)

پروفيسر ڀمڀاڻي غربت واري موضوع تي ٽي ناول لکيا، جن جا نالا آهن:’وڏوا‘، ’غريبن جو ورثو‘ ۽ ’مالهڻ‘. هنن ٽنهي ناولن جا موضوع، سنڌي سماج جا موضوع آهن. پروفيسر ڀمڀاڻيءَ انهن ناولن ۾ سنڌي سماجي زندگيءَ جا عڪس پيش ڪيا آهن. سندس ناول فني توڙي ادبي لحاظ کان اعليٰ درجي وارا شمار ڪيا وڃن ٿا.

**(i) مالهڻ:**

پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جو هي ناول 1942ع ۾ ٻاپا پرنٽنگ پريس وارن، حيدرآباد مان شايع ڪيو. هيءُ سندس بهترين ۽ ڪامياب ناول آهي. هن ناول جو مقصد، قرباني ڏيڻ آهي. پروفيسر صاحب جي نظر ۾، هن دنيا ۾ قرباني ڏيڻ هڪ اهم ڪارنامو آهي، جنهن ۾ جان ۽ مال توڙي ڌن ۽ دولت جي قرباني شامل آهي.

**(ii) وڏوا:**

پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جو ٻيو ناول ’وڏوا‘، 1942ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. هي هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. هي سندس بهترين ۽ ڪامياب ناول آهي. هن ناول جو موضوع وڏواپڻو ۽ ٻن دوستن جي محبت، قرباني، هندن جي شادين جون بيجا ريتيون ۽ رسمون وغيره آهن، جنهن نموني پروفيسر ڀمڀاڻيءَ هن ناول ۾ اصلاحي مسئلن کي پيش ڪيو آهي، تنهن لاءِ ڪيس داد ڏيئي سگهجي ٿو.

**(iii) غريبن جو ورثو:**



پروفيسر ڀمڀاڻيءَ، هي ناول 1946ع ۾ لکيو هو. هن ناول ۾ پروفيسر ڀمڀاڻيءَ، سنڌ جي مسلم سماج کي پيش ڪيو آهي. هن ناول جو موضوع به عورت جي سچي دوستي ۽ قرباني آهي. ڀمڀاڻي صاحب غريبن جو همدرد ۽ دوست رهيو آهي. سندس هن ناول جي پلاٽ جي باري ۾ هو لکي ٿو ته:

”غم بيشڪ غريبن جو ورثو آهي. سانده ڏکن جي سهڻ ڪري سندن سيرت گهڙجيو پوي ٿي، جيتوڻيڪ ڪين ڏيڻ ۾ هرڪو ڪيبائي ٿو ته به هو ڏيئي ڄاڻن. ٻيو ڪجهه ڏيڻ لاءِ نه اٿن ته پنهنجو پاڻ ته اٿن، جيڪڏهن ڌن نه اٿن ته تن ۽ من جو تياڳ ته ڪو هنن کان سِڪي.“(9)

هن ناول جي ڪهاڻي به سنڌ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ سنڌي سماج جي هڪ ڪهاڻي آهي. سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن ۽ حالتن جي ڪهاڻي آهي. ڀمڀاڻي صاحب زندگيءَ جي حقيقتن جي تهه تائين پهچي ٿو. هو اهڙين حقيقتن ۽ ڳالهين کي پنهنجن ناولن جي ڪهاڻيءَ ۾ آڻي ٿو، جن کي اڃا عام ماڻهوءَ ڏٺو يا پنهنجي ذهن تي آندو به نه آهي. هن پنهنجن ناولن ۾ پنهنجي دور جي حالتن ۽ واقعن جي عڪاسي نهايت ئي سهڻي نموني ڪئي آهي. هوانهن جي عڪاسي به ڪري ٿو ۽ اصلاح به ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ڀمڀاڻي صاحب جي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ ڀمڀاڻيءَ، ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي حقيقتن جي تهه تائين پهچي ۽ انهن کي پڙهندڙن جي اڳيان تمام عمدي نموني پيش ڪيو آهي، جنهنجو مثال پيرو مڱڻهار ۽ دادن، جنت ۽ حميد جي ڪردارن مان ملي ٿو. هن جي تنقيد جو مرڪز اهڙا سماجي واقعا آهن، جيڪي سماج جي معصوم زندگين کي تباهه ڪن ٿا. هن ناول ۾ غريب ۽ معصوم زندگي جي تباهيءَ جو سبب سندن اقتصادي حالتون ڏيکاريون ويون آهن جنهن ڪري پيروءَ جو موت ٿئي ٿو ۽ جنت جي زندگي تباهه ٿئي ٿي.“(10)

پروفيسر ڀمڀاڻي صاحب پنهنجي هن ناول لاءِ غريبن سان همدردي، انهن جي ڏکن ۽ تڪليفن، انهن جي مجبورين ۽ انهن جي قربانين کي، حميد ۽ جنت جي ڪردارن جي ذريعي نمايان ڪري ٿو. اهي ٻئي ڪردار، ننڍي هوندي کان وٺي، غربت جو شڪار رهن ٿا. حميد، پيرو مڱڻهار جو پٽ، غربت جي ڪري علم حاصل ڪرڻ کان رهجي ٿو وڃي. جنت، هاريءَ جي ڌيءَ آهي، جيڪا معصوم ۽ سهڻي آهي، سچائي ۽ واعدي جي پتلي آهي. اها به غربت جي ڪري قرباني ڏئي ٿي. دادن به پنهنجي دوستيءَ جي ڪري قرباني ڏئي ٿو. مطلب ته ڀمڀاڻيءَ صاحب جي هن ناول جو خاص موضوع غربت ۽ قرباني آهي، جيڪا هو هر ڪردار جي ذريعي نمايان ڪري ٿو. هو پنهنجي هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”ڀمڀاڻي هر ڪردار کي پنهنجو دوست، پنهنجو همدرد ۽ پنهنجي سماج جو فرد محسوس ڪري ٿو. هن سندس ناول جي ڪردارن کي ايماندار، محبتي ۽ انسان جو همدرد ڏيکاريو آهي، جيکي پنهنجي زندگيءَ جي قرباني ڏيڻ ڪان به نٿا ڪيٻائين. هنن جي اها همدردي،انسان ذات سان رهي ٿي. هي هر وقت انسانيت جي بنياد تي انصاف گهرن ٿا ۽ ڪن ٿا. اهي ڪردار انساني احساسن جا مرڪز آهن ۽ هر انسان جا احساس هنن ۾ عملي صورت ۾ ڏسي سگهجن ٿا. سندس ڪردار ناول جي ڪهاڻي لاءِ راهه هموار ڪندا آهن.“(11)

پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جي ناولن جا ڪردار سچا، سادگي ۽ سونهن سان ڀريل، معصوم۽ همدرد، صابر ۽ سنجيده، هميشه غربت جو شڪار ٿيل، هميشه نااميديءَ ۾ گهيريل، هر وقت قرباني ڏيندڙ، هميشه محبت رکندڙ بي آسرا، بي سهارا، ڪمزور، بنا ڪنهن ڌن دولت جي، هر ڪنهن کي پنهنجو ڪندڙ، رحمدل، پڪي ارادي وارا، هر ڪنهن جا هڏڏوکي، بهادر ۽ همت وارا، هر مصيبت ۽ تڪليف جو مقابلو ڪندڙ ملن ٿا.

پروفيسر ڀمڀاڻيءَ ناولن ۾ ٻولي نهايت سليس، سلوڻي ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ ۽ آسان استعمال ڪئي آهي، انهيءَ سان گڏ، اصطلاح، پهاڪا ۽ موقعي موافق چوڻيون سهڻي انداز ۾ پيش ڪيون اٿس. مثال طور:

”پاڻيءَ جي سرديءَ ۽ گرميءَ جو اثر،
پيتل لوڻ ۽ کنڊ ۾ فرق چکڻ تي منحصر هئڻ،
ٻهراڙيءَ جي غريبن جو ڪاغذ جا طوطا اڏائڻ،
رانديڪا وڪڻڻ، نار جي ڪنگرين سان زندگيءَ جي ڦرندڙ حالتن جي مشابهت ڏيڻ. (12)

دل ڏيڻ انهن جو ڪم، جيڪي ڏيئي نه هٽن دم.(13)

سندس ٻوليءَ جو هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

”حميد تون منهنجا خواب ئي خواب ڪري ٿو وجين. تنهنجي محبت مون کي اڌامڻ سيکاريو، ائين سمجهندي آهيان ته هوا تي ٿي هلان. تو مون کي خوشي ڏيکاري، پر غم به وري تون ئي ٿو ڏيکارين. غم جي ته مون کي اميد ئي ڪانه هئي. تنهنجي پيار منهنجي لاءِ ساري دنيا هڪ روشن گهر ڪري ڇڏيو، پر تون مون ڪان سڀ ڪسي ٿو وٺين. جيڪي ڏنئه، تنهن ڪان، وڌيڪ ڪسي ٿو وٺين. “(غريبن جو وارثو، ص 80)(14)

”محبت اٿس ته اسان کي سڀ ڪان محروم ڇو رکيو اٿس؟ غريب ڪنهن به چيز تي دل ڪري نٿو سگهي! تعليم به چئو ته ڳنهڻي پوي ٿي، ماڻهو اَنُ ۽ پاڻيءَ جي خيرات ڪن ٿا، پر تعليم ڏيڻ هڪ وڏي خيرات آهي. ابا، توهان ساري ڄمار ڪامورن ۽ دولتمندن، زميندارن جي خدمت ۾ گذاري



آهي، سو ڪم چڙهي به سندن سڌ تي ڊوڙندا ويا آهيو.“(15)

**(v) پاپ ۽ پاڪيزگي:**

پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جو چوٿون سماجي ناول ’پاپ ۽ پاڪيزگي‘ آهي. ڀمڀاڻي صاحب هي ناول هارڊي (Hardy) جي ناول (Tess) تان ترجمو ڪيو. هي ناول، موضوع ۽ طرز تحرير جي لحاظ ڪان، سنڌي ادب ۾ هڪ قيمتي اضافو آهي. هن ناول جي باري ۾ ڀمڀاڻي صاحب خود لکي ٿو ته:

”سنيها جي زندگيءَ جو سمورو احوال، انهيءَ تي ئي ٻيٺل آهي ته ڪيئن هڪ پاڪ عورت جي زندگي، سماج جا ڪوڙا ۽ نقلي نيم برباد ڪري سگهن ٿا، تنهن جو پورو پورو نقش پاپ ۽ پاڪيزگيءَ کي ناول ۾ چٽيو ويو آهي. جدا جدا حالتن ۽ جدا جدا هنڌن تي عورت جي دل ۾ ڇا ٿو وهي واپري، انهن جو مفصل ذڪر هن ناول ۾ ڏنو ويو آهي.“(16)

**(5) خليق مورائي:**

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم، اديب، حڪيم ۽ صحافي جناب خليق مورائي، بي پناهه خوبين جو مالڪ هو. هن جو سچو نالو مولوي قاضي عبدالخالق هو. سندس تخلص ’خليق مورائي‘ هو. هو 23-ربيع الثاني، 1311 هجري مطابق 1893ع ۾، قاضي نبي بخش مورائيءَ جي گهر، موري ۾ ڄائو هو.ابتدائي تعليم پنهنجي والد ڪان جامع مسجد موري ۾ ورتائين، ۽ پوءِ لوڪل بورڊ اسڪول، نواب شاهه ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد ثانوي تعليم پڻ موري ۾ پرايائين. طب، فارسي، فقهه ۽ ٻيا علم سڀ پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيائين. هو 1336هجري ۾ مدرسه خدا بخش پرڳڙي، تعلقي جيمس آباد، ضلعي ٿرپارڪر (هاڻي ضلعو ميرپورخاص) ۾ پڙهڻ لاءِ ويو ۽ پنجويهه سالن جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

سنڌي ناول نويسيءَ جي فن کي ترقي ڏيارڻ ۾ خليق مورائيءَ جو وڏو هٿ هو. سندس ڪيترائي رومانوي، تاريخي ۽ سماجي ناول پڻ لکيل آهن. مثلاً:

**(i) عبرت:**

هي تاريخي ناول آهي، جيڪو 1930ع ۾ تڏهن لکيو هئائين جڏهن هو (خليق مورائي) ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪو آپريٽوَ انسٽيٽيوٽ جو پروپيگنڊا سيڪريٽري هو.ان وقت ڪيس ڪراچي ضلعي جي رهاڪن جي، ڳوٺاڻي زندگيءَ تي هڪ ناول جو ڪم سپرد ڪيو ويو. ان وقت ٺٽي ضلعي جي

ماضيءَ جي حيثيت، هندستان جي شهر دهليءَ سان مشابهت رکندڙ هئي، تنهن ڪري هن ٺٽي ۾ قيام ڪيو ۽ ان شهر بابت ناول لکيائين. هن ناول لکڻ جو سندس مقصد ڳوناڻن جي حقيقت ظاهر ڪرڻ ۽ اڻ سڌيءَ طرح انهن ڪي سڌاري ۽ واڌاري جي ترڪيب ڏيڻ هو. ٻوليءَ ۽ مواد جي لحاظ کان هي انهيءَ دور جو بهترين ناول هو.

**(ii) نسيما:**

هي هڪ رومانوي ناول آهي. هن ناول ۾ عجيب و غريب نموني ۾ عشق ۽ محبت جي نئين انداز سان، اصلاح جي پهلوءَ ڪي، عوام جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. هي به سندس هڪ بهترين ۽ ڪامياب ناول آهي.

**(iii) چترپتي:**

هي به هڪ رومانوي ناول آهي. هن پنهنجو هي ناول، هندو ليکڪن جي لکيل ڪتاب’چتر سا‘ جي جواب ۾ لکيو هو، جنهن ۾ هندوناول نويسن اورنگزيب عالمگير جي پيڻ ۽ نياڻيءَ جي فرضي نالن تي ناپاڪ حملا ڪيا هئا. چتر پتي ناول، اورنگزيب عالمگير ۽ آڏيپور جي راڻيءَ جي عشق ۽ محبت جو بيحد وڻندڙ دلچسپ ناول آهي.

**(iv) ستيءَ جي ستيا:**

هيءُ، فتح سومناٿ تي لکيل هڪ دلچسپ تاريخي ناول آهي. هي ناول، سنڌ جي آڳاٽي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ راجا ڏاهر ۽ راجا چچ جو دور ڏيکاريو ويو آهي. هي ناول انهيءَ وقت جي لکيل هندن جي ناولن جي جواب ۾ لکيو ويو هو، جن ۾ هنن مسلمانن جي لاءِ سخت ڪلامي ڪئي هئي. خليق مورائيءَ جي هن ناول جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکي ٿو ته:

”1920-22ع ڌاري حڪيم عبدالخالق مورائيءَ، هندو زندگيءَ تي ناول جوڙڻ ۾ اهڙي دلچسپي ورتي، جو سچا سارا ٽي حصا، ’سندري‘، ’ستيءَ جي ستيا‘ ۽ ’چتر پتي‘ هڪ ٻئي پٺيان لکي ورتائين. هي سڀ آڳاٽيءَ سنڌ جي تاريخي پس منظر ۾ بيهاريل هئا. جڏهن راجا چچ ۽ ڏاهر سين راڄ ڪندا هئا ۽ آخرڪار محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي. اهي ناول گهڻو ڪري ٽٽو چچ نامي جي اختياريءَ تي ٻڌل هئا، ۽ منجهن هندو مسلم اختلافن تي زور ڏنل هو ۽ سخت ڪلامي ڪيل هئي، پر حڪيم صاحب جي عاليشان عبارت ڪي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.“(17)



**(v) درس آموز:**

هي هڪ معاشرتي ناول آهي.

**(vi) سُندري:**

خليق مورائي صاحب جو هيءُ هڪ تاريخي ناول آهي، جيڪو 1928ع ۾ ڇپيو هو. سندس هن ناول، سنڌي ناول نگاريءَ ۾ اهم ۽ ايڏي ته مقبوليت حاصل ڪئي جو ڪيترائي دفعا شايع ٿيندو رهيو آهي.

هي ناول (سُندري) سنڌ جي فتح جي سچي واقعي تي ٻڌل آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم باب کي ناول جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هڪ طرف راجا ڏاهر جي ظلمن ۽ بدڪارين تان پردو هٽايو ويو آهي، ته ٻئي طرف عشق ۽ محبت جي رمزن جو نهايت ئي سهڻي انداز ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ناول بابت محترم اسدالله ڀٽو لکي ٿو ته:

”سُندري سنڌي ادب جو اهو شهپارو آهي، جيڪو موتين، جواهرن ۽ لعلن ۾ پويل ۽ گلستان جي خوبصورت گلن مان ناهيل هڪ گلدستو آهي، جنهن جي چو طرف ڦهلجندڙ خوشبو، قاريءَ جي دل و دماغ ۾ رابيل ۽ گلاب جي هٻڪار پيدا ڪري ٿي. سندريءَ جون تحريرون، روح ۾ رچي، تندن جون تنوارون بڻجي، لونءَ لونءَ کي لوڏي عزم ۽ خوشيءَ جا ساز ڇيڙي، ڪڏهن اکين ۾ نيسار وهائين ٿيون، ته ڪڏهن اندر جا اُڌما بڻجي، ٻاهر ٻاڦ ڪڍن ٿيون، ته ڪڏهن قلب سوز ۽ جگر ۾ جوش پيدا ڪن ٿيون، ته ڪڏهن سيني ۾ سرور پيدا ڪن ٿيون.“(18)

خليق مورائيءَ جي هن ناول ۾ هڪ سچو تاريخي قصو بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ حسن ۽ عشق، هجر و وصال سان گڏ انهيءَ دور جون تاريخي روايتون، تهذيب ۽ تمدن، معاشري، اخلاقي جي عڪاسي ۽ جذبات، طرز بيان جو خيال زياده رکيل آهي، ۽ انهيءَ سان گڏ وري سنڌ ۾ اسلام جي آمد جي خوشخبري پڻ ٻڌائي وئي آهي ۽ ڪٿي وري حق ۽ باطل جو معرڪو ڏيکاريل آهي ۽ نيٺ ڪفر جي جاءِ تي توحيد جو نعرو لڳڻ ۽ ظلم، شرڪ ۽ بت پرستيءَ جو انت ڏيکاريو ويو آهي.

**(6) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي:**

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ 1915ع ۾، نورجهان ناول لکيو هو. هي هڪ تاريخي ناول آهي. هن ناول جو پلاٽ مغل شهنشاهه جهانگير جي قصي تي رٿيل آهي، جنهن جو موضوع محبت آهي. انهيءَ باري ۾

ڊاڪٽر غلام علي الانا وڌيڪ وضاحت سان لکي ٿو:

”هن ناول جي واقعي ڪي نورجهان وانگر، جنهن پنهنجي محبت سان جهانگير جي دل ۽ دماغ تي حڪمراني ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح هن ناول ۾ گربخشاڻي، ماڻهن جي دلين ۽ دماغن تي حڪمراني ڪري ويو.“(19)

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي انگريزي ادب ۾ ڊاڪٽر هو. هو فارسيءَ جو معلم، عربي، سنسڪرت، هندي ۽ سنڌيءَ جو عالم ۽ اديب هو. ڊاڪٽر صاحب کي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان گهڻو شوق هو. هو سنڌي ادب جو هڪ اعليٰ اديب پڻ هو. ڪيس سنڌي ادب جو هڪ تمام وڏو عالم مڃيو ويندو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي باري ۾ ڊاڪٽر اياز قادري هن ريت لکي ٿو ته:

”آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي سنڌي زبان ۽ ادب سان گهڻو چاهه هو. پاڻ هڪ اعليٰ اديب هو. جيتوڻيڪ سندس تصنيفون ٿوريون آهن، پر موضوع ۽ تحقيق جي لحاظ کان سنڌي ادب جو اهم ترين سرمايو آهن.“(20)

ڊاڪٽر صاحب جون تصنيفون حالانڪ گهٽ آهن، پر هن جون جيڪي به تصنيفون آهن مثلاً: شاهه جو رسالو، روح رهاڻ، نورجهان ۽ لنواريءَ جا لال. اهي سڀ موضوع ۽ تحقيق جي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ غير فاني حيثيت رکن ٿيون.

ڊاڪٽر صاحب، سنڌي زبان جي اهڙي باڪمال نثر نويسن ۾ شمار ٿئي ٿو جن سنڌي نثر کي نئون روپ ڏنو. سندس اندازِ بيان نهايت ئي عمدو آهي. هن هندن توڙي مسلمانن کي پنهنجن لکڻين سان فيضياب ڪيو. سندس سهڻي سوچ، تخيل، ۽ تحرير ادبي حلقن ۾ عام ٿي ۽ دلچسپيءَ جو باعث بڻجي.

سنڌي ادب ۾ هن ناول (نورجهان) کي هڪ مثالي ۽ تاريخي ناول جي حيثيت حاصل آهي، ۽ اڄ به هن ناول جي اهائي مقبوليت آهي، جيڪا ان وقت، يعني 1915ع ۾ هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾، صحفي 84 تي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”هن دور جو ٻيو اهم ناول ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جو ’نورجهان‘ (1915ع) هو، جو سنڌيءَ ۾ پهريون اصلوڪو لکيل تاريخي ناول هو، جيتوڻيڪ ڪن جو چوڻ آهي ته اهو سردار جوگيندر سنگهه جي اردو قصي جي آڌار تي لکيل هو. ڊاڪٽر صاحب منجهس عاليشان ادبي عبارت استعمال ڪئي هئي، جنهن ۾ ٺيٺ سنڌيءَ ۽ فارسيءَ جو جوڳو ميزان رکيل هو، مکيه ڪردارن جي سيرت نگاري، محبت ۽ جنگ جا چٽر نهايت رنگين چٽيل هئا.“(21)



ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو هي ناول فني سٽاءَ، توڙي ادبي لحاظ کان هڪ ڪامياب تاريخي ناول آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”نورجهان ناول، هڪ اعليٰ پايي جو تاريخي ناول ليکيو وڃي ٿو، جنهن کي فني سٽاءَ توڙي ادبي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت ملندي رهي آهي. ناول جو پلاٽ مغل گهراڻي جي شهنشاهه جهانگير ۽ سندس راڻيءَ نورجهان جي محبت تي رکيل آهي. ادبي لحاظ کان سنڌي زبان جو هي هڪ مثالي تاريخي ناول آهي. هي ناول پڙهندڙن وٽ اڄ به ايترو ئي مقبول آهي.“(22)

هن ناول جو پس منظر تاريخي آهي. هن ناول جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ڊاڪٽر صاحب هڪ ڪامياب ناول نگار جي حيثيت رکي ٿو. سندس هي ناول پڙهندي دل ۽ دماغ تي هڪ ڪيفيت ڇانئجي وڃي ٿي. هن ناول جي اصليت بابت ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب پاڻ ناول جي منڍ ۾ لکي ٿو ته:

”جڏهن هي ڪتاب پهريائين ڇپجي پڌرو ٿيو هو، تڏهن ڪيترن ئي صاحبن ائين سمجهيو هو ته منجهس نورجهان جو سچو تاريخي احوال ڏنو ويو آهي، پر ائين هرگز نه آهي، البت بنياد تاريخ تي ٻڌل اٿس ۽ اصل حوالا جهڙوڪ: تاريخ فرشته، منتخب التواريخ، اقبال نامه، تزڪري جهانگير ٿاڌ صاحب جو راجسٿان ۽ سردار جوڳيندر سنگهه وارو نورجهان نظر مان ڪڍيا ويا آهن، پر تڏهن به انهن مڙني ڪتابن مان ڪنهن هڪ جي مضمون جي طرز جي پابندي نه ڪئي وئي آهي. پڙهندڙن جي رس ۽ مزي لاءِ ڪيترين ئي ڳالهيون مغز مان ڪڍي پيش ڪيون وئيون آهن. حقيقت ۾ هن ڪتاب کي هڪ تاريخي ناول يا افسانو ڪري سمجهڻ گهرجي ۽ نه نورجهان ۽ جهانگيري جي سچي سوانح عمري. سرشتيءَ جي نرمل نظارن جا داستان، قدرتي ۽ انساني حسن جي جلوي جون حڪايتون، مجلسن ۽ محفلن جي رونق جون روايتون، جي ڪتاب ۾ جاءِ بجاءِ نظر اينديون، سي اڪثر من گهڙت آهن.“(23)

هن ناول ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي پلاٽ، ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ ٻولي اهڙي ته وڻندڙ، دلڪش ۽ اثرانداز نموني پيش ڪئي آهي، جو پڙهندڙ، ناول پڙهندي اهو محسوس ٿو ڪري ته هو اهي منظر، اهي واقعا ۽ ڪردار وغيره هو روبرو پنهنجي اکين آڏو ڏسي رهيو آهي. سندس بيان جو انداز، عشق ۽ محبت جي حڪايت فنڪارانه انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي.

هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ جهانگير ۽ نورجهان جي قصي بابت ڊاڪٽر پٺاڻ لکي ٿو ته:

”اهڙيءَ طرح هڪ منظر نگاري، فطرت نگاري ۽ ٻوليءَ کي وڻندڙ،

دل وندرائيندڙ انداز ۾ پيش ڪيو اٿس، جنهن ڪري جهڙو ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ جهانگير ۽ نورجهان جو عشق ۽ محبت جو تاريخي ناتو رهي ٿو، تهڙو ئي ناول پڙهندڙ ۽ ناول جي وچ ۾ رهي ٿو ۽ ناول پڙهندڙ ناول پڙهڻ وقت، پڙهندو نه، پر پسند ڪندو رهي ٿو. هر هڪ منظر، واقعو ۽ ڪردار اکين آڏو ڦرندا رهن ٿا.“(24)

هن ناول ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ٻولي ۽ سندس عبارت وڏي خوبيءَ واري آهي. پاڻ نهايت ئي سهڻي طريقي، سادي پر اصطلاحن ۽ محاورن واري ٻوليءَ ۾ پورو ناول لکيو اٿس. سندن ناول مان ٻوليءَ جو مثال پيش ڪجي ٿو:

”سچي محبت اڳيان سڀ ڳالهيون آسان آهن. عشق اهڙي عجيب چيز آهي، جو رڪ کي به ڳاريو، پاڻيءَ جهڙو نرم ڪريو ڇڏي.“(25)

هن ناول ۾ ٻوليءَ وانگر، منظر نگاري به نهايت ئي عمدي نموني جي ڪيل آهي، جيڪا هن ناول جي ڪاميابيءَ جي اهم خوبي آهي. هن ناول مان منظر نگاريءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. هن ناول ۾ صفحي 45 تي لکيل آهي:

”شام جي وقت شاهي محلات ۾ شمعن ۽ هنڊين جي جهرمر لڳي ويئي، انهن جي روشنائيءَ جي سفيد سنگ مرمر جي پٽ جهلڪا پئي ڏنا. آسپاس مر ۽ لوبان مجمرن ۾ پئي ٻريا. جن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ مغز کي تراوت ٿي ڏني. اڪبر ڏاڍو سرهو ٿي ڏٺو. سڀني ساڻ ڪيڪاري، جوڏا ٻائيءَ جي پر ۾ ٿي ويٺو.“(26)

هي سچو ناول اهڙن مثالن سان ڀريو پيو آهي. هن ناول ۾ هر هنڌ بامحاوره ۽ مائيدار ٻولي، جملا ۽ محاورا استعمال ڪيا ويا آهن. هن ناول واري دور ۾ هي ناول هڪ بهترين ۽ ڪامياب ۽ اعليٰ ادبي مقام حاصل ڪري چڪو هو، ۽ اڄ به هن ناول کي اهو ئي اعليٰ مقام حاصل آهي. اهي ڊاڪٽر صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتون ئي آهن، جو ’نورجهان‘ جهڙو اعليٰ ناول سنڌيءَ ۾ لکي، سنڌي ادب جو مقام گهڻو اوچو ڪري ڇڏيو.

## ببليوگرافي


1- پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1982ع، ص 205

2- ايضاً، ص 229

3. Geofry Brenutan, Short History of French Literature

4. مرزا قليچ بيگ: زينت (ناول)، سنڌي ادبي بورڊ 1988ع، ص 258





5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز 1974ع، ص 198

6. لعل سنگهه اجواڻي: سنڌي ادب جي تاريخ، ساهتيه اڪادمي، بمبئي، 1991ع، ص 142

7- منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1977ع

8. ڏسو حوالو نمبر 5

9. نارائڻ داس ڀمڀاڻي: غريبن جو وارثو، ڪراچي، سنڌي ادبي گهر 1961ع

10. ڏسو حوالو نمبر 1

11. ڏسو حوالو نمبر 9

12. ڏسو حوالو نمبر 1

13. ڏسو حوالو نمبر 9

14. ايضاً

15. ايضاً

16. ايضا، پاپ ۽ پاڪيزگي، حيدرآباد، ڪرائون پرنٽنگ پريس، 1945ع

17. ڏسو حوالو نمبر 7

18. ڀٽو اسدالله، پروفيسر: مقدمو، سُندري، ص 2

19. ڏسو حوالو نمبر 5

20. اياز قادري: ڊاڪٽر: نورجهان ناول، مقدمو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1977، ص الف

21. ڏسو حوالو نمبر 7

22. ڏسو حوالو نمبر 1

23. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر: نورجهان، زيب ادبي مرڪز، 1977ع

24. ڏسو حوالو نمبر 1

25. ڏسو حوالو نمبر 23

26. ايضاً

## باب ٽيون

# سنڌي ادب جا نوان موڙ ۽ انهن جو ناول نگاريءَ تي اثر

برصغير جي آزاديءَ، ماڻهن جي سمجهه، سوچ ۽ ويچار ۾ نئون موڙ آندو. ملڪي معاملن سان گڏ معاشرتي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن ۾ به ڦيرو آيو. اها حقيقت آهي ته هر دور جو ادب، ان دور جو جديد ادب هوندو آهي. ادب جي سڃاڻي عملن ڪي جاچڻ ڪان پوءِ هي احساس ٿئي ٿو ته، ادب انساني ضمير جو آواز آهي، جنهن ڪي هر دور ۾ بلند رکڻ لاءِ اديبن پهرين ترجيح ڏني آهي. هر نسل جو زمانو پنهنجو آهي. ان جي آزمائش جا طريقا به پنهنجا آهن، انهن آزمائشن مان رونما ٿيندڙ ذميداريون به انهن جون پنهنجون آهن؛ گويا هر دور جي نسل جو ادب، سندس ئي دور جي ترجماني ڪندو آهي ۽ ان ڪري هر دور جي ادب ڪي جديد ادب تصور ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي ماڻهن، خصوصاً سنڌ جي نئين نسل، جدت ڪي هميشه پنهنجو ڪيو آهي، پراڻين ۽ فرسوده ڳالهين، رسمن ۽ روايتن جو هميشه مقابلو ڪيو آهي. سيد حسام الدين شاهه راشدي ان حقيقت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”1947ع ڪان اسان جو جديد دور شروع ٿئي ٿو. هن دور ڪي سونهري دور، قيمتي دور ۽ ابدي ۽ ازلي دور چئجي ٿو. هن عرصي ۾ سنڌي ادب جي ڪايا پلٽي، ۽ وڏو انقلاب آيو. هن دور جو سچو ادب بامقصد آهي.“(1)

### 1. ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌي ادب ۾ تبديليون:

آزاديءَ ڪان پوءِ واري عرصي ۾ سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون آيون. هن دور ۾ عام ماڻهن جي روزانه زندگيءَ جو عڪس، سنڌي نثر توڙي نظم ۾ نظر اچي ٿو. هن دور ۾ نظم سان گڏ نثر جي صنفن جهڙوڪ: ناول، ڊرامي ۽ ڪهاڻيءَ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو. هن دور جي موضوعن ۽ مضمونن ۾ به وڏي تبديلي آئي. هن دور جو ادب، سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جو هڪ وڏو داستان آهي. هن دور جي اديبن ۽ شاعرن، پنهنجي گهري سوچ، تيز فهم، سمجهه ۽ مشاهدي سان، سنڌي زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي، پنهنجن لکڻين ۾ عڪاسي ڪئي آهي. هنن سنڌي زندگيءَ ۽ سنڌي سماج جي هر مسئلي ڪي سڌارڻ ۽ سُلجهائڻ جي سلسلي ۾ ڪوشش ڪئي آهي. هنن، ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي ۽ جاڳرتا، همت ۽ جرئت اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪاوش ڪئي آهي. گويا هي دور جدت ۽ نواڻ وارو دور ثابت ٿيو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا، هن دور جي سنڌي ادب ۾ جدت جي باري ۾ هيئن ٿو لکي:

”ورهاڱي ڪان پوءِ ملڪ جي معاملن ۽ مسئلن ۾ گهڻي تبديلي آئي آهي. ماڻهن جي سمجهه ۽ فهم نئون رخ اختيار ڪيو آهي ۽ ڪيترائي سماجي ۽ معاشرتي مسئلا سوچ جو موضوع بڻيل آهن. ڪيتريون ئي پراڻيون رسمون، جيڪي ناسور جهڙو روڳ بڻجي چڪيون هيون، سي ختم ٿي رهيون آهن ۽ زماني جون نيون تقاضائون اُسري رهيون آهن. سنڌي اديب به زندگيءَ جي نون قدرن مان واقف ٿي رهيا آهن، ۽ انهن (اديبن) پنهنجي قلم جي قوت جي ذريعي، سنڌ جي عوام ۾ ڪافي حد تائين ذهني انقلاب ۽ جاڳرتا آندي آهي.“(2)

### 2. سنڌي زبان جو مسئلو:

هن دور جي اديبن ۽ شاعرن وٽ سڀ ڪان وڏو مسئلو سنڌي زبان جو هو. ان ڪان پوءِ ڪراچيءَ ڪي سنڌ ڪان ڌار ڪرڻ، ڪراچيءَ مان سنڌي ٻوليءَ جي پاڙ پٽڻ، ڪراچيءَ مان سنڌي اسڪول بند ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ڪي مادري زبان طور پڙهائڻ وارو تعليمي طريقو ختم ڪرڻ وغيره ڪان سواءِ، ٻين ننڍن صوبن ۽ رياستن سان گڏ سنڌ مٿان، 1954ع ۾، زوري ون يونٽ مڙهڻ ۽ ون يونٽ سرڪار جي آمر حاڪمن جي سازش ۽ مدد سان، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي ٻوليءَ ڪي ذريعه تعليم ۽ ذريعه امتحان واري ٻوليءَ طور ڪم آڻڻ ڪان منع ڪرڻ، اهم مسئلا هئا. ان ڪان علاوه، 1958ع ۾ جنرل ايوب خان جي مارشل لا نافذ ٿيڻ ڪان پوءِ، سنڌي زبان ڪي سنڌ ۾ ڪلاس چوٿين ڪان غير مادري زبان طور پڙهائڻ وارو فيصلو به واپس ورتو ويو؛ نه فقط ايترو پر اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي هئي، انهن ٻارن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ذريعي پڙهڻ وارو انگريزي دور جو پراڻو قانون به ختم ڪيو ويو. ايوب شاهيءَ جي هن آمرانه ۽ غيرمنصفانه قدم تي سڄيءَ سنڌ ۾ گوڙ مچي ويو. سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ، ’سنڌي زبان

سوسائٽي' ٺهي، جنهن سڄيءَ سنڌ ۾ تحريڪ هلائي. نيٺ 13 آڪٽوبر 1962ع تي صدارتي حڪم موجب، سنڌي زبان جي ساڳي حيثيت بحال ڪئي وئي. ان کان پوءِ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ 1965ع ۽ 1970ع ۾ ٻه جنگيون لڳيون، جن ۾ به سنڌ جي عوام سان تعديون ٿيون. ون يونٽ جي قيام سان ئي سنڌين ۽ غير سنڌين جي وچ ۾ هڪ ٻئي لاءِ شڪ شبها ۽ نفرتون وڌيون، جن 1972ع ۾ لساني جهڳڙن جي صورت اختيار ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ طبقي، زبان جي بنياد تي، سنڌن لاءِ ڌار صوبي جي گهر ڪئي. انهن جهڳڙن ۾ ڪيترن ئي نوجوان سنڌين جو قتل عام ڪيو ويو، ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ عوام سان ڪيتريون ئي ٻيون زيادتيون به ٿيون. انهن سڀني ڳالهين جو اثر، سنڌي ادب جي نثر توڙي نظم تي تمام گهڻو ٿيو. انهيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مقالي ۾ هيئن لکيو آهي:

”هن دور ۾ پيدا ٿيل ادب ۾ موضوعن ۽ مضمونن ۾ وڏي ڦيرڦار آئي. سنڌي اديبن ۽ شاعرن وٽ جيڪڏهن سڀ کان اهم ۽ اُتم مسئلو هو، ته اهو هو سنڌي زبان جو مسئلو؛ ان کان پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جو مسئلو؛ ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي زبان جي پاڙ پٽڻ جهڙا مسئلا. هر اديب ۽ شاعر جي نظر ۾ اهي ئي مسئلا هئا، ۽ انهن مسئلن کان سواءِ قومي جاڳرتا، سماجي، ملڪي، سياسي ۽ اقتصادي مسئلا. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي ڪهاڻين، ناولن ۽ نظم جا موضوع رهيا.“(3)

هن دور ۾ وقت جي ضرورت ۽ تقاضا مطابق سنڌي زبان جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌي علم ادب جي وڌائڻ جي سلسلي ۾، ڪيتريون ئي ادبي انجمنون ۽ علمي ادارا تيز ٿي ويا. هن دور جي افسانوي ادب ۾ سنڌي ماحول ۽ سنڌي زندگيءَ جي جهلڪ گهڻي نظر اچي ٿي، جن جي مطالعي سان هن خطي جي اهم خصوصيت ۽ سنڌي ادب ۾ پيش ڪيل معاشي، معاشرتي، تاريخي، سياسي، قومي امنگن ۽ لاڙن جو پتو پوي ٿو.

هن دور جو ادب سنڌ جي مسئلن، سنڌ جي اديبن، شاعرن، سنڌي شاگردن، هارين نارين، مزدورن ۽ محنت ڪش ماڻهن يا پورهيتن جي مسئلن جو ترجمان آهي. ادب جي اهڙي سرمايي جي وڌيڪ وضاحت ڪندي ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته:

”هن دور جو سنڌي ادب، سنڌ جي عوام جي ڏکن ۽ سورن جو داستان آهي. هن دور ۾ نه فقط موضوعن ۾ اضافو ٿيو. پر ساڳئي وقت نظم توڙي نثر ۾ نوان تجربا ٿيا. هن دور ۾ ون-يونٽ کان وٺي 1970ع تائين سنڌ ۾ سنڌي ادب جي قسمت ۾ هڪ زبردست انقلاب اچي چڪو هو. هن انقلاب سنڌي جيوت ۽ سنڌي زندگيءَ ۾ هڪ وڏي اٿل آڻي ڇڏي هئي. انهيءَ اٿل



سنڌي زبان جي اديبن ۽ شاعرن، دانشورن، عالمن توڙي فاضلن جي سوچ، سمجهڻ جي رنگ ڍنگ ۾ به ڦيرو آندو هو. سنڌ ۾ سنڌي قوميت ۽ جاڳرتا جا سڪل سلا وري نئين سر نسريا ۽ اُسريا.“(4)

انهن تحريڪن جي اثر ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻا ناول ۽ ناوليٽ لکيا ويا. انهن مان ڪي طبعزاد هئا ته ڪي ترجمو پڻ ڪيا ويا هئا. سنڌي ادب جي انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي معاشري ۽ سنڌي سماج جي جهلڪ نظر اچي ٿي. انهن ۾ به سنڌي ماحول جو مطالعو ۽ سنڌي زندگي جو عڪس نظر اچي ٿو.

هن دور جي اديبن جي لکيل ڪتابن تي پابندي وڌي وئي. انهن اديبن کي جيل ۾ وجهي، ڪين سخت سزائون ڏنيون ويون. انهن کي هر طرف کان ڊسڪريج (Discourage) ڪيو ويو. مطلب ته سنڌي ادب کي ختم ڪرڻ لاءِ هر طريقو اختيار ڪيو ويو.

### 3. قيام پاڪستان کان پوءِ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حيثيت:

ورهاڱي کان پوءِ هندو اديبن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ ائين ٿي سمجهيو ويو ته سنڌي ادب پوين پساهن ۾ اچي ويندو. ان وقت سنڌ سرڪار طرفان نڪرندڙ 'مهراڻ' رسالو به بند ٿي ويو. سنڌي ڪتاب ڇپجڻ بند ٿي ويا، پر جيئن اڳ ۾ عرض ڪري آئي آهيان ته ڌڻيءَ جي فضل سان سنڌي ادب ۾ وري نئين جوت جلي. ادبي سرگرميون وري زور شور سان چالو ٿي وئيون. وقت جي ضرورت مطابق ادبي انجمنون ۽ علمي ادارا سنڌي زبان جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌي ادب کي وڌائڻ ۾ سرگرم ٿي ويا. ڪيترائي ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا. ڪيترائي اديب، عالم، ناول نگار، ڊرامه نويس، تنقيد نگار ۽ شاعر، علمي ۽ ادبي ميدان ۾ نروار ٿيا، جن سنڌي ادب کي وڌائڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون.

جلد ئي ناول، ناٽڪ ۽ ڪهاڻيون لکجڻ شروع ٿيون. هن دور جي ناولن ۾ ڪيترائي نوان نوان موضوع شامل ڪيا ويا ۽ ناول توڙي افسانوي جي فن ۾ ڪيترائي نوان رجحان ۽ نوان امنگ پيدا ٿيا. ناول ۾ هر لحاظ کان جدت آئي. زميندارن جا ظلم، سرمائيدارن جا قهر ۽ سرڪاري ڪامورن جون ڏاڍايون، سنڌي ادب، خاص ڪري ناول جا خاص موضوع بڻيا. هن دور جي ناولن ۾ گهريلو سنڌي زندگيءَ، سنڌ ۽ سنڌ جو سماجي ماحول، سنڌ سان پيار ۽ محبت جهڙا جذبا هن دور جي ناولن ۾ پيش ڪيل آهن، گويا سنڌي نثر نويسن خصوصاً ناول نويسن جي نظر ۾، سنڌ سنڌن محبوبه ۽ معشوقه مثل آهي. هنن جي لکڻين ۾ سنڌ امڙ سان سنڌن عشق سمنڊ جيان ڇوليون ٿو ڪائي. هندستان

جي ليڪڪن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ڪرشن ڪتواڻي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي ۽ سنڌ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، راز بلڙائي، حافظ شاهه حسيني، عبدالرزاق راز، ڊاڪٽر غلام علي الانا وغيره اهم ناول نگار آهن. انهن ليڪڪن سنڌ جي مسئلن طرف ڌيان ڏنو ۽ انهن کي پنهنجي ناولن ۾ نمايان ڪيو. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌي ادب ۾ سنڌي جيون جو گوناگون ۽ پرپور چٽر ملي ٿو. هڪ ته ان ڪري جو اتي جو سنڌي ليکڪ پنهنجي زماني تي، پنهنجي ماحول ۾ ڪتل آهي، ٻيو ان ڪري به ته هتي هن لاءِ پنهنجي سنڌي وجود کي بچائڻ، پنهنجي قومي ڀاشائي ۽ ثقافتي ورثي کي تاتي رکڻ جو حق لازم ٿيو آهي. سنڌ جي سنڌي ادب ۾ هڪ طرف ڳوناڻي جيوت يا ڀانت ڀانت روپ، ته ٻئي طرف پاڪستان جي هڪ صوبي طور آمريت ۽ تانا شاهي نظام اندر جي تصوف پسند ۽ غير تعصبي قوم کي اسلام جي نالي ۾ سياسي ۽ سماجي طور نيست نابود ڪرڻ جي پس منظر ۾، شهرن ۾ اسرندڙ نئين پيڙهيءَ جي بيقراريءَ ۽ بيوسي آڪريائي رهي آهي. ان ڪان سواءِ مون کي ائين به لڳو آهي ته سنڌ جو هر سچو اديب، ذهن، من ۽ پنهنجي قوم جي اڏو لاحق هر مسئلي جي سڀني سمتن طرف سجاڳ ۽ جانبدار آهي.“(5)

ورهاڱي کان پوءِ ڪيترائي ادبي ادارا ۽ انجمنون وجود ۾ آيون، جن سنڌيءَ ۾ ناول ڇپيا. هن دور ۾ ڪيترائي پراڻا ناول وري نئين سر ڇپايا ويا، ۽ ڪيترائي ناول ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيا ويا. هن دور ۾ ڪيترائي سماجي، تاريخي ۽ رومانوي ناول لکيا ويا. انهن مان ڪي ناول هي آهن:

| ناول نويس جو نالو | سندس لکيل ناول |
|---|---|
| محمد عثمان ڏيپلائي | ٽيپو سلطان، غازي احمد شاهه ابدالي، روم جي راڻي، مسلمان بادشاهه ۽ مسلمان عورت وغيره. |
| غلام علي الانا | لاش |
| راز بلڙائي | گناهه |
| گوبند مالهي | پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، شرم ٻوٽي وغيره |
| موهن ڪلپنا | جلاوطن وغيره |

## 4. ون يونٽ جي قيام جو سنڌي ادب تي اثر:

سياسي مصلحت خاطر 1954ع ۾ مغربي پاڪستان جي ٽنهي صوبن ۽ رياستن کي ملائي، ون يونٽ قائم ڪيو ويو. ون يونٽ جي فيصلي سنڌ ۽ سنڌي زبان جي سڃاڻ کي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ بيدار ڪيو ۽ انهن کي



پڻ متحد ڪيو. ون يونٽ جي قيام سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن، شاگردن، مزدورن ۽ پورهيتن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي. هن دور جي سنڌي شاگردن طرفان، سنڌ اسيمبليءَ جي ان اجلاس جي ٻاهر، ون يونٽ قائم ڪرڻ جي خلاف نعرا هنيا، جنهن ۾ ون يونٽ جو ٺهراءُ پيش ٿي رهيو هو. انهن مٿان لٺيون وسايون وئيون؛ ڪين پوليس گرفتار ڪري ٽرڪن ۾ چاڙهي، حيدرآباد کان ٻاهر، ٿئي طرف نئين باران جي پل جي ڀيءَ پر لاهي ڇڏيو. سنڌ اسيمبليءَ جي مذڪوره اجلاس ۾ ون يونٽ بحال ٿي ويو. هن دور بابت قمر شهباز لکي ٿو ته:

”ون يونٽ خلاف نفرت وڌندي پئي وئي. سنڌ جا ماڻهو ڪنهن قيمت تي اهو غلاميءَ جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. اخبارن، اشتهارن ۽ جلسن جلوسن ذريعي نوجوان طبقي حڪومت جي ان ظالماڻي رٿ تي دل کولي مخالفت ڪئي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسٽرائيڪون ٿيون. سنڌ جي سرزمين تي پهريون دفعو نوجوان جاڳي اٿيو هو. ون-يونٽ ٺهي ويو. سنڌ جي ماڻهن جو گلو گهُٽي، ڪين پاڪستان جي وحدت ۽ اسلام جي نالي ۾ هڪ دفعو لٽيو ويو. سنڌ حقن تي ڌاڙا هڻڻ لاءِ رستو هموار ڪيو ويو. سڀ ڪجهه ٿيو.“(6)

انهيءَ فيصلي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نئون انقلابي موڙ آندو. انهيءَ انقلابي موڙ ڪيترائي نوان نوان اديب پيدا ڪيا، گويا سنڌ اسيمبليءَ جي انهيءَ فيصلي، سنڌي ادب ۾ نئون موڙ آندو.

هن دور جي ادب ۾ پنهنجي ماحول سان پيار. پنهنجن سان پيار ۽ سنڌي زبان سان پيار جو پرچار گهڻو ملي ٿو. هن دور ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي. هن دور کي ڊاڪٽر غلام علي الانا ’سنڌيت يا سنڌ جي جاڳرتا‘ وارو دور سڏي ٿو. هو لکي ٿو ته:

”انهيءَ فيصلي (ون يونٽ جي قيام واري فيصلي) سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب کي انهيءَ منزل تي پهچايو، جتي هونئن جيڪر اهو ايتري عرصي اندر مشڪل سان پهچي سگهي ها. سنڌي ٻوليءَ، هن دور ۾ ترقيءَ جا سڀ مرحلا طي ڪري، هاڻ بلڪل شاهوڪار، مالدار ۽ سرمائيدار زبان جي حيثيت وٺي چڪي هئي. هن زبان سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو. هن کي سڀ ڪجهه مليو.“(7)

هن دور ۾ سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ انقلابي تبديلي آئي. ادب جي صنفن جي ٽيڪنڪ ۽ موضوعن ۾ نواڻ ۽ جدت آئي. ڪيترائي نوان موضوع اُسريا. قيمت هري سنگهاڻي هن دور بابت لکي ٿو ته:

”سنڌ جي ادبي اُڪاس تي، ون يونٽ دور نهايت خطرناڪ دور هو.

سنڌ جو وجود ختم ٿي ويو هو. ٻئي طرف اديبن جي آزاد اظهارن تي بندش وڌي وئي. ڪين جيلن ۾ بند ڪيو ويو. انهن حالتن جا پاڇا اديبن تي پيا. دانشورن اديبن جي سوچ جي رخ ۾ انقلابي ڦيرو آندو. هنن جي اندر ۾ آڳ پچرڻ لڳي، نئين جاڳرتا جنم ورتو. اديبن ڪي وقت ۽ حالتن مطابق نوان موضوع مليا، مثلاً ديس، ڌرتي ۽ ٻوليءَ جي مهما، مٿن ٿيندڙ ظلم، ستم، سنڌيت خطري ۾ پوڻ خاطر، ان جي بچاءَ واسطي واهن، وسيلن جي ڪوج، خبر، ان ڪان سواءِ وشو ادب جو سنڌي اديب تي اثر نه پوڻ اٽڙ هو. سو جهونين صنفن ڪي نواڻ ۽ جدت جو جامو پهرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي.“(8)

هن دور ۾ پارت ۾ سنڌي ادب ۾ ترقي ۽ مختلف تحريڪن جي اثر ڪي بيان ڪندي هيري شيوڪاڻيءَ به پنهنجا رايا ڏنا آهن. هو لکي ٿو ته:

”مون جڏهن به ان سموري، سنڌيت جي غلبي واريءَ ڪٿا ڪي ساهتيه ۾ جهانڪيو آهي ته مون ڪي ان ۾ فني ضبط ۽ پوڳائيندڙ فڪر جي ڪوتاهي، ليڪن جذبي جي اُڇل يا جذبات وهيٽائي وڏيڪ نظر آئي آهي. ان نسبت ۾ ممڪن آهي ته اسين ڏيري ڏيري هتي پارت ۾ ٿيندڙ بيگانيت جي احساس ڪري جذبات وهيٽائيءَ ڪان هٽي، شايد وري نئين سر پنهنجي گذريل 34 سالن جي نيم بيهوشيءَ واري ڪيفيت تي غور سان سوچڻ شروع ڪريون ۽ بي زمين ۽ ٻئي درجي جي ناگرڪ هجڻ جو درد اسان ڪي تخليقي سطح تي وري ان چئلينج جي دوبدو آڻي بيهاري. اها منهنجي اڻ چٽي اميد آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ زور پڪڙيندڙ ’جيئي سنڌ‘ جي هلچل جو اثر به نمايان آهي.“(9)

هن دور جي اهم ناول نگارن ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، آسانند مامتوراءِ، امر جليل، آغا سليم، سراج الحق ميمڻ ۽ عبدالحق عالماڻي وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا.

## 5. ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي:

1956ع ۾، يعني ون يونٽ جي قائم ٿيڻ ڪان ٻه سال پوءِ، سنڌي ٻوليءَ تي وار شروع ٿي ويا. 1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ ڪي امتحاني ذريعي واري حيثيت ۽ ان حق ڪان به محروم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا، ۽ ان جي بدران فقط اردوءَ ڪي اها حيثيت ڏني وئي. ون يونٽ دور ۾ سنڌ سرڪار، ڪراچيءَ مان هڪ ٻئي پٺيان سنڌي اسڪول بند ڪيا ۽ جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي هئي، تن ڪي مادري زبان ذريعي تعليم وٺڻ ڪان زبردستي روڪيو ويو. انهيءَ ڪري سنڌي اديبن، ليکڪن، ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۽ سنڌي قوميت جو جذبو رکندڙ سياستدانن، سرڪار جي انهيءَ



فيصلي جي سخت مخالفت ڪئي. اديبن پنهنجن لکڻين ۾ انهيءَ مسئلي ڪي خاص موضوع بڻايو. صحافين ۽ ايڊيٽرن ڪالم لکيا. مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن، ون يونٽ سرڪار جي انهيءَ فيصلي خلاف ايڊيٽوريل لکيا ۽ ليک شايع ڪيا. هن دور جي هڪ عظيم دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هن دور بابت ’مهراڻ‘ رسالي 1956ع ۾ لکي ٿو ته:

”هيءَ حقيقت آهي ته پاڪستان ڪان اڳ ڪراچيءَ واري ايراضيءَ ۾ سنڌي، اسڪولن، ڪاليجن، ڪورٽن ۽ سرڪاري رڪارڊ جي زبان هئي. جڏهانڪر ڪراچيءَ واري ايراضي مرڪزي حڪومت جي انتظام هيٺ آئي، تڏهانڪر اڙدو ڪي اڳڀرو ڪيو ويو. اهو هڪ فطري امر آهي، مگر هنن نه صرف اڙدوءَ ڪي اڳتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سنڌي ٻوليءَ جي بيخ ڪني ڪرڻ شروع ڪئي.“(10)

هن دور جي سنڌي اديبن، سنڌ جي غير جمهوري، تاناشاهي، ون يونٽ سرڪار جي ڪامورن جي ڏاڍ، ڏمر، زور، جبر، ظلم ۽ ستم جي خلاف آواز اُٿاريو. هنن مختلف تحريرن ۽ تقريرن جي ذريعي سنڌي ادب ڪي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن جي باعث هنن ڪي ڪيترن ئي تڪليفن ۽ سختين ڪي برداشت ڪرڻو پيو. هن حالت بابت امر جليل لکي ٿو ته:

”پاڪستان ۾ غير جمهوري تاناشاهي نظام ڪارڻ سنڌ جو عوام، زمان حال ڪان باخبر ضرور آهي. مٿس ٿئندڙ زور، ظلم، ڏمر ۽ ڏاڍ جو ڏنبو سدا سوار آهي. ڪنهن به وقت ڦهري ڪال ڪڙڪي سندن جاودانيءَ تي ڏاڙو هڻي، ڪين نيست و نابود ڪري وجهندو.“(11)

## 6. ايوب خان جي مارشل لا جو نفاذ ۽ ان جو سنڌي ادب تي اثر:

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته آڪٽوبر 1958ع ۾ جنرل ايوب خان ملڪ جي بگڙيل حالتن سبب، ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، ملڪ تي قبضو ڪيو. پاڪستاني عوام تي پهريون ڀيرو فوجي حڪومت قائم ڪئي وئي.

ڪجهه عرصي ڪان پوءِ ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته اهو مارشل لا صرف سنڌ لاءِ ئي سخت هو، ڇو ته فوج ۾ صرف پنجاب، سرحد توڙي بلوچستان جي پٺاڻن جي هجڻ سبب، هن دور ۾ سنڌ لاءِ سختيون ڪيون ويون. سنڌين تي وطن دشمن ۽ اسلام دشمن جهڙا الزام لڳايا ويا. فوج ۾ ته ڪو سنڌي هو ئي ڪونه، باقي سول سروس مان ڪيترائي سنڌي ڪامورا تبديل ڪيا ويا. انهن جي جاين تي پنجاب مان ڪامورا بدلي ڪري آندا ويا. ڪوٽڙي ٻئراج جي زمين رٽائرڊ فوجين ۽ سول بيوروڪريٽس ۾ تقسيم ڪئي وئي، جن ۾ سو فيصد پنجابي آفيسر هئا. ايوب خان ڪنهن منصوبي تحت، ڪراچيءَ ۾

پناٹن ڪي آباد ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري 1955ع کان وٺي، ڪراچيءَ ۾ پنجابين ۽ پناٹن جي آباديءَ جي ڪري، ڪراچيءَ ۾ اصلوڪا سنڌي اٽي ۾ لوڻ برابر وڃي بچيا هئا. مطلب ته هن دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي زبان کي ڪافي ڌڪ رسيو. ايوب خان واري مارشل لا کان اڳ غير سنڌي ٻارن لاءِ سنڌي غير مادري زبان طور پڙهائڻ ۽ ان جو امتحان ڏيڻ لازمي قرار ڏنل هو. هن فيصلي کي مارشل لا جي حڪم تحت رد ڪيو ويو. هن دور  بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”هي مارشل لا 1942ع واري مارشل لا کان به سخت هئي. هي دراصل ڪامورا شاهيءَ جو دور هو. ڪامورا شاهيءَ عوام جو رت چوسيو. هنن ڏاڍا ڪلور ڪيا. مارشل لا جو ٻهريون وار سنڌي زبان تي هو.“(12)

سياسي ۽ سماجي ماڻهن، اديبن، عالمن ۽صحافين جي سخت اعتراضن ڪرڻ تي جنرل ايوب خان، سنڌ جي ماڻهن جي مختلف مسئلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ، ڏار ڏار ڪميٽيون ۽ ڪميشنون مقرر ڪيون. تعليم جي مسئلي لاءِ به هن هڪ تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي. هن ڪميشن کي اهو ڪم سونپيل هو ته اها پاڪستان جي تعليمي مسئلن جي باري ۾ رپورٽ ٺاهي، پيش ڪري ۽ تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪي سفارشون ڪري. تعليمي ڪميشن جي سفارش تي سڄيءَ سنڌ ۾ هنگاما ٿيا. سنڌ جي تعليمي ماهرن، عالمن، اديبن، ليکڪن، دانشورن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن، پنهنجي مادري زبان (سنڌي ٻوليءَ) جي بچاءَ لاءِ مارشل لا جي سخت ترين دور ۾ به، هن فيصلي جي مخالفت ڪئي. هن ڏس ۾ سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ ’سنڌي زبان سوسائٽي‘ ٺهي، جنهن جنرل ايوب خان کي هزارن جي تعداد ۾ تارون موڪليون ۽ خط لکيا.

انهيءَ دور ۾ سنڌي ليکڪن ۽ روزانه اخبارن مثلاً: عبرت، هلالِ پاڪستان ۽ ڪاروان، مهراڻ ڪان سواءِ، نئين زندگي ۽ روح رهاڻ وغيره رسالن ۾ ڪيترائي ليک ۽ ايڊيٽوريل لکيا ويا، ۽ ڪيترن ئي عالمن جا مضمون به شايع ٿيا. انهن عالمن ۽ اديبن سنڌي زبان جي حق ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا، اهي هي هئا:

”سنڌي هڪ قديم ۽ تاريخي زبان آهي. سنڌي زبان هڪ علمي ۽ سرمائيدار زبان آهي، جنهن کي پنهنجي لغت آهي، منجهس به لک الفاظ، اصطلاح، بي انداز محاورا موجود آهن. هن ٻوليءَ جو پنهنجو رسم الخط آهي، جيڪو ٻين ٻولين کان قديم رسم الخط آهي. هن رسم الخط ۾ هزارين ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو گرامر پڻ آهي. سنڌي ٻولي سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور کان ذريعه تعليم رهندي آئي آهي،



۽ سنڌيءَ کي مادري زبان جو حق پڻ صدين کان حاصل آهي.“(13)

مارشل لا حڪومت جي دور ۾ سنڌي زبان لاءِ، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي شاگردن، مزدورن، محنت ڪش ماڻهن ۽ سنڌي عوام گڏجي آواز بلند ڪيو. فوجي حڪومت انهن تي ڪيترائي ڏاڍ، ظلم ۽ قهر ڪيا. انهن مان ڪيترن کي جيل اُماڻيو ويو. سنڌي رسالا بند ڪيا ويا، سنڌي ڪتابن تي به بندش وڌي وئي. محمد عثمان ڏيپلائيءَ، شيخ اياز، امر جليل، طارق اشرف ۽ ٻين اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن تي بندش وڌي وئي ۽ ڪين گرفتار ڪري جيل روانو ڪيو ويو.

هن دور جي اهم ليکڪن ۾ سيد حسام الدين شاهه راشدي، جي-ايم سيد، محمد عثمان ڏيپلائي، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، قاضي فيض محمد، قمر شهباز، سيد سردار علي شاهه، جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، نسيم ڪرل، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، عبدالڪريم گدائي، محمد خان مجيدي، حميد سنڌي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ محمد خان غني وغيره شامل آهن، جن هن دور جي ڏاڍاين جو ذڪر پنهنجين لکڻين ۾ ڪيو آهي.

مارشل لا دور ۾ سنڌي ماڻهن کي سرڪاري نوڪرين ڏيڻ کان محروم ڪيو ويو. ان کان علاوه لياقت ميڊيڪل ڪاليج، حيدرآباد ۾ مغربي پاڪستان جي بنياد تي ميرٽ تي داخلائون ڏيڻ جو فيصلو ڪرڻ جي ڪري، سنڌ جي شاگردن جي لاءِ، انهيءَ ڪاليج ۾ داخلائن جا دراوزا بند ڪيا ويا. ان کان سواءِ 1964ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ آفيسرن خلاف پمفليٽ ڪڍيا ويا. سيڪنڊري بورڊ، حيدرآباد، مان سنڌيءَ ۾ امتحانن جي جواب ڏيڻ کي هميشه ختم ڪرڻ لاءِ پوسٽر لڳايا ويا. سرڪاري آفيسن، سول اسپتال ۽ پوسٽ آفيس مان سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪيو ويو. مختلف وڏين آفيسن ۽ ريلوي اسٽيشن تان سنڌيءَ ۾ لکيل بورڊ هٽايا ويا. انهن جي جاءِ تي اردوءَ ۾ لکيل بورڊ لڳائي، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌي نوجوانن ۽ شاگردن حڪومت جي انهن حرڪتن خلاف آواز اُٿاريو. 1965ع ۾، انهن فيصلن جي خلاف سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ٻين تعليمي ادارن جي سنڌي شاگردن گڏجي آواز اُٿاريو، جنهن تي 4 مارچ 1965ع ۾، ان وقت جي ڪمشنر (مسرور حسن خان)، سنڌي شاگردن تي راڄپوتانه اسپتال واري هنڌ وٽ، لاٺي چارج ڪرائي، ڪيترن ئي شاگردن کي زخمي ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي کي گرفتار ڪيو ويو، پر انهن حرڪتن جي باوجود شاگرد جدوجهد ڪندا رهيا. هنن جو حوصلو وڌيڪ بلند ٿيندو ويو، ۽ هو هر مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا هئا. انهن سان گڏ ان دور جا سنڌي سياستدان، اديب، عالم ۽ دانشور پڻ عوام سان شامل

هئا. انهن ڪيترين ئي تحريڪون شروع ڪيون، جن ۾ ’جيئي سنڌ تحريڪ‘ سڀني کان وڌيڪ زور ورتي وئي. انهيءَ تحريڪ ون يونٽ ٽوڙائڻ، سنڌين جي سياسي ۽ ثقافتي حقن جي بحالي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ وغيره لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي. انهيءَ کان علاوه سنڌي اديبن، سنڌي ماڻهن ۾ قومي بيداري ۽ شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن دور جي سنڌي ناولن ۾ انهن موضوعن سان گڏوگڏ، سنڌي عوامي زندگيءَ ۽ سنڌ جي سماجي مسئلن جي عڪاسي پڻ ڪيل آهي.

ڀارت ۾ هن زماني ۾ به سنڌي ناول ۾ ڪيترائي نوان موضوع شامل ڪيا ويا. انهن ۾ به سنڌي معاشري جي ڪيترن ئي روزمره جي مسئلن کي ڪنيو ويو. هن دور جا ناول نويس عوام دوستي، امن، جمهوريت ۽ سماجي انصاف جي ترجماني ڪن ٿا.

## 7. يحيٰ خان ۽ جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا جو زمانو:

1969ع ۾ جنرل ايوب خان خلاف تحريڪ ايتري قدر ته زور ورتو جو هن (جنرل ايوب خان) مجبور ٿي، حڪومت جون واڳون، جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيون، گويا 1969ع ۾ جنرل يحيٰ خان نئون مارشل لا لڳائي پنهنجي حڪومت شروع ڪئي.

هن نئين مارشل لا جي زماني ۾ سنڌ جي ماڻهن زور شور سان پنهنجا مطالبا جاري رکيا، جن ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي قبول ڪرڻ، ڪراچيءَ جي اسڪولن ۾ سنڌي زبان جي تعليم کي شروع ڪرڻ ۽ اليڪشن جون لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپائڻ جهڙا مطالبا شامل هئا. سنڌ جي شاگردن، استادن، عالمن ۽ اديبن هن دور جي مسئلن متعلق تمام گهڻو لکيو. فبروري 1970ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾، واقع انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ کي ڪن شرپسند ماڻهن باهه لڳائي، سنڌ ۾ آيل سڪون کي وري تيلي لڳائي ڇڏي. انهن تحريرن ۽ تقريرن جي ذريعي عوامي جوش پيدا ڪيو ويو. هن دور ۾ سنڌي اديبن جي تحريڪ ’سنڌي ادبي سنگت‘، انهن بي انصافين خلاف ۽ سنڌ جي قومي حقن لاءِ آواز اٿاريو. سنڌي رسالن ۾ ’مهراڻ‘، ’سهڻي‘ ۽ ’روح رهاڻ‘ رسالا، هن قومي تحريڪ جا ترجمان هئا. هنن رسالن ذريعي ترقي پسند اديبن جو هڪ مضبوط گروپ ٺهيو. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ادبي ۽ قومي اجتماعي ۽ محفلن ۽ فنڪشن وغيره ۾ قومي پروگرام پيش ڪيا ويا.

هن دور ۾ سنڌيت جي تحريڪ جي زور وٺڻ ڪري، قومي جدوجهد تي مبني ناول لکيا ويا. هن مقصد وارن لکيل ناولن ۾ عوام جي اندر جي پيڙا،



قومي درد، عوام جون الجهنون ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي موضوع پيش ڪري، سنڌي قوم جي لاءِ محبت ۽ همدرديءَ جا جذبا پيدا ڪيا ويا. هن دور جي اهم ناولن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جو ’سانگهڙ‘، غلام علي الانا جو ’لاش‘، سراج الحق ميمڻ جو لکيل ناول ’ڀڙاڏو سوئي سڏ‘، عبدالحق عالماڻيءَ جو ’ڪارو ڪارونڀار‘، علي بابا جو ناول ’موهن جو دڙو‘ ۽ ماڻڪ جو ناول ’لڙهندڙ نسل‘ اهڙا ناول آهن، جن ۾ مٿي بيان ڪيل جذبن ۽ موضوعن جي سهڻي طريقي سان اپٽار ڪيل آهي.

هن دور ۾، ڀارت ۾ لعل پشپ جا ناول ’آتم مريادا‘ ۽ ’هڪ سرد ديوار‘، سنڌي ادب ۾ وجوديت واري فلسفي تي لکيل اهن. ان کان علاوه شيام جئسنگهاڻي جو ناول ’ڪچا ڌاڳا‘، آنند ڪيماڻيءَ جو ’هڪ شخص جي واسنا‘ نئين تقاضائن مطابق لکيل آهي.

ون - يونٽ جنهن چالاڪيءَ سان قائم ڪيو ويو تنهن نيٺ گل ڪيا. نون ۽ پراڻن سنڌين ۾ نفرت جو پوکيل ٻج، هاڻ وڌي وڻ ٿي ويو هو، جيڪي پندرهن سال گڏ رهيا هئا، هڪ ٻئي سان شاديون مراديون ڪري سماجي ناتا ڳنڍيا هئائون، سي هڪ ٻئي جا ويري ٿي پيا. هڪ ٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳا. نيٺ 1972ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ لساني جهڳڙا شروع ٿيا. اهي جهڳڙا هر سال وڌندا ويا. هنن جهڳڙن ۾ ڪيترن ئي بيگناهه سنڌين کي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ قتل ڪيو ويو. انهن جا گهر لٽيا ويا، انهن جي عورتن جي بي عزتي ڪئي وئي. ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سنڌي وسندين مان، سالن کان رهندڙ سنڌين کي لڏايو ويو ۽ انهن کي هر طرح تباهه ڪيو ويو. سنڌ جي عوام، سنڌي اديبن، عالمن، دانشورن انهن واقعن جي خلاف لکيو. انهن ۾ خاص طور تي آغا سليم، امر جليل، نجم عباسي ۽ ٻين اديبن گهڻو ئي لکيو.

مطلب ته آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کي منصوبي تحت ختم ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌي ڪتاب ضبط ڪيا ويا، سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ ناياب ڪتابن ۽ قلمي نسخن کي جلايو ويو، جنهن جو ڏک سڄيءَ سنڌ کي هميشه رهندو. سنڌي ٻولي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ سيکارڻ تي بندش وڌي وئي. سنڌ جو نعرو هڻندڙ، سنڌي اديبن، شاعرن، شاگردن، عالمن، سياسي اڳواڻن ۽ سنڌي عورتن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو، انهن تي لاٺي چارج ڪرڻ ۽ ٽيئر گيس اڇلائڻ، گوليون هلائڻ، شاگردن کي زخمي ڪرڻ، انهن تي کلي عام راجپوتانه اسپتال واري ميدان وٽ حملو ڪري سنڌي نوجوانن جو قتل عام ڪيو ويو، پر سنڌي ماڻهن انهن ظلمن جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. اُهي مسلسل جدوجهد کان پوءِ ڪامياب ٿيا. هاڻي ڪوبه اهڙو

اديب ۽ شاعر سنڌ ۾ ڪونهي، جيڪو سنڌ ڌرتيءَ، سر زمين سنڌ، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي عوام، سنڌي عورتن، سنڌ جي هارين نارين، مزدورن، محنت ڪش ماڻهن جي ڏکن، سورن ۽ تڪليفن کي پنهنجين لکڻين ۾ ظاهر نه ٿو ڪري، بلڪ هن دور جو سنڌي اديب، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مسئلن، سنڌ جي سياسي زندگيءَ جي مسئلن، سنڌ جي عوامي زندگيءَ جي مسئلن، سنڌ جي پورهيت ۽ محنت ڪش ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي آڻي، انهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي آهي. هاڻي سنڌي قوم متحد آهي، هاڻي ڪوبه ڌاريو سنڌي قوم جو وار به ونگو نٿو ڪري سگهي.

ان کان علاوه سنڌي ادبي سنگت جون سرگرميون وقت بوقت جاري رهيون. مطلب ته انهن سڀني مسئلن جي ڪري سنڌي ادب ۾ ڪيترائي نوان موڙ آيا، ڪيترائي نوان موضوع شامل ٿيا، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ جدت آئي ۽ نواڻ آئي.

## ببليو گرافي


(1) سيد حسام الدين شاهه راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ڪراچي، انجمن تاريخ سنڌ، 1981ع
(2) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1966ع، ص 46
(3) ايضاً، مقالو، ’سنڌي ادب جا نوان موڙ‘، ٽماهي مهراڻ 4، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1946ع، ص 163
(4) ايضاً، ص 164
(5) هيرو شيوڪاڻي، پروفيسر: سنڌي ڪٿا، ساهتيه ۽ سنڌي جيون، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1982ع، ص 78
(6) قمر شهباز: سهڻي رسالي جو امر جليل نمبر، حيدرآباد، سهڻي پبلشرس، 1970ع، ص 110
(7) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: پاڪستان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد، اڻ ڇپيل ڪتاب جو هڪ باب.
(8) قيمت هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ۾ سنڌي ادب، ڀوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 23
(9) حوالو نمبر 5
(10) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: سماهي مهراڻ، نمبر 2
(11) امر جليل، سهڻي نمبر، حيدرآباد، سهڻي پبليڪيشن 1970ع
(12) حوالو نمبر 2
(13) ايضاً




باب چوٿون

# ورهاڱي کان پوءِ لکيل سنڌي ناولن جو تفصيلي جائزو

### 1. ناول جو فن، تعارف ۽ علمي دائرو:

سڀ کان پهرين اهو سمجهڻ ضروري آهي ته ناول ڇا آهي؟ ناول جو فن ڇا آهي؟ ۽ ان لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول، قاعدا ۽ قانون مقرر ٿيل آهن، يعني ته ناول نويسي لاءِ ماهرن ڪهڙا ڪهڙا اصول ۽ قانون مقرر ڪيا آهن؟ ان موضوع تي روشني وجهڻ يا ان جي باري ۾ ڪي رهنما اصول ڄاڻائڻ نهايت ئي ضروري آهن، ڇاڪاڻ ته جيستائين اهي نقطا بيان نه ڪبا ۽ جيستائين اهي ڳالهيون نه سمجهبيون، تيستائين هن موضوع تي اڳتي وڌي نه سگهبو.

جيتوڻيڪ جناب محمد اسماعيل عرساڻيءَ، مولانا غلام محمد گراميءَ، محترم عبدالقيوم ’صائب‘ ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ناول جي فن ۽ ارتقائي تاريخ جي باري ۾ تمام گهڻيءَ وضاحت سان لکيو آهي، پر تنهن هوندي به مناسب ٿيندو ته مختصر طور هت به انهن ڳالهين کي دهرايو وڃي ته جيئن تسلسل قائم رهي سگهي.

منهنجي هن تحقيق جو موضوع آهي، ’ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر‘. ورهاڱي واري عرصي تائين پهچندي پهچندي، سنڌي ناول پنهنجون سڀئي ارتقائي منزلون طي ڪري چڪو آهي. ورهاڱي واري دور تائين ناول جي نه فقط موضوعن، رجحانن ۽ لاڙن ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي آهي، پر فني لحاظ کان به هن ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون اهڙيون شامل آهن، جيڪي ناول جي فن ۾ ڪجهه قدر نواڻ ته ضرور پيدا ڪن ٿيون، پر انهن ۾ ڪا بنيادي تبديلي نٿيون ظاهر ڪن، تنهن ڪري ناول جي فن تي تفصيلي بحث جي بدران، ان جي مختصر فني اصولن کي سامهون رکيو ويو آهي، جيڪي ناول جي تحقيق لاءِ، ڪنهن طرح سان اهميت رکن ٿا، يا انهن کي ورجائڻ ضروري سمجهيو ويو آهي ۽ اهو ورجاءُ ان ڪري به ضروري سمجهيو ويو

آهي ته جيئن، جيڪي نيون تبديليون هن تحقيق ۾ ثابت ڪري بيان ڪيون ويون آهن، انهن کي ظاهر ڪري، پڙهندڙن جي اڳيان آڻي سگهجي. اهو ورجاءُ ان ڪري به ضروري سمجهيو ويو آهي ته جيئن تحقيق ٿيل ڳالهين، چاٽايل رجحانن، لاڙن ۽ فني اصولن جي سلسلي ۾ ناول لکندڙن، جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، انهن کي نمايان ڪري سگهجي ۽ ائين ڪرڻ سان تحقيق جي اصل مقصد کي به واضح ڪري سگهجي ۽ اديبن جي مذڪوره شعور جي بلندي ۽ اعليٰ صلاحيتن کي به ظاهر ڪري سگهجي، جيڪي هوندئن ناولن پڙهڻ وقت عام پڙهندڙن جي سامهون اچي نٿيون سگهن، يا جن کي عام پڙهندڙ پرکي نٿو سگهي. تحقيق ڪندڙ جو خاص مقصد اهوئي هوندو آهي ته هو انهن خوبين، صلاحيتن ۽ ڪوشش کي نمايان ڪري، جيڪي زير بحث ناولن ۾ لکل آهن. هن باب ۾ اهڙين ڳالهين، خوبين ۽ صلاحيتن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

علم ادب جون گهڻيئي صنفون آهن. ناول انهن صنفن مان هڪ نثري صنف آهي. انسان پنهنجن احساسن، اُمنگن، خواهشن، اميدن، ويچارن ۽ خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ جيڪي طريقا اختيار ڪيا آهن، انهن سڀني ۾ مقبول ترين طريقو ’ناول‘ ئي رهيو آهي.

’ناول‘ انگريزي زبان جو لفظ آهي. آڪسفورڊ ڊڪشنري آف گريٽ برٽن (Great Britain) ۾، ناول جي لغوي معنيٰ ۽ وصف بيان ڪندي مصنف لکي ٿو ته:

”انگريزي زبان ۾، ’ناول‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’عجيب شيءِ‘ يا ’نئين شيءِ‘.(1)

انهيءَ وصف کي جيڪڏهن ڏسندا سين ته معلوم ٿيندو ته انهيءَ پوريءَ وصف جو دائرو، ناول جو دائرو ئي آهي، چو ته ناول لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي:

”افسانوي ڪردارن جو نثر ۾ بيان ڪرڻ، يا اها ڪهاڻي جيڪا مختصر ڪهاڻي (افساني) کان وڏي هجي.“

اينسائيڪلوپيڊيا آف آمريڪانا (Encyclopedia of Americana) ۾ ناول جي وصف بيان ڪندي، هيئن لکيو ويو آهي:

”هي لفظ اطالوي زبان جي لفظ ’ناوس‘ (Navus) مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نئون. ’ناوس‘ ويا ڪرڻ ۾ اسم آهي، ان جي صفتي صورت آهي ’ناولس‘ (Novellus).“(2).

اطالوي زبان ۾ 1383ع ۾ گيوني بئڪيشيو (Giovanni Baccauiou) ۽ ڊيڪامران (Decameran) جيڪي نثري ڪهاڻيون لکيون، تن کي ’ناويلا‘ سڏيو ويو آهي.



’ناول جي مقصد‘ (Aspect of Novel) ڪتاب ۾ ناول جي لغوي معنيٰ ۽ وصف بيان ڪندي، مٿي ڏنل ٻنهي وصفن کي ملائي، هيءَ وصف ٺاهي وئي آهي:

”ناول لفظ جي معنيٰ، ’نئون يا نئين شيءِ‘، جا اطالوي زبان جي ’ناويلا‘ مان ورتل آهي.“(3)

اٽليءَ ۾ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ رائج ۽ چالو آکاڻيءَ جي روپ ۾، جدا نئين قسم جي ننڍين توڙي وڏين آکاڻين کي ’نوويلا‘ سڏيو ويندو آهي. ان کان پوءِ فرانس، اسپين ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾، ننڍين توڙي وڏين آکاڻين جي لاءِ نئين نئين ترتيب، نئين نئين سٽاءَ، نوان نوان ڍنگ ۽ طريقا آزمائجڻ لڳا، ۽ اهڙيءَ متواتر تبديليءَ ۾ نواڻ جي ڪري، ’ناويلا‘ لفظ جو مفهوم ۽ معنيٰ مقرر ٿي وئي ۽ هر ملڪ جي ضرورت ۽ حالتن پٽاندڙ، ناول جو روپ به بدلجندو رهيو ۽ پنهنجي نواڻ واري صلاحيت جي ڪري ادب ۾ اهميت حاصل ڪري ويو.

مٿين سڀني وصفن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته، علم ادب جي ڪارج موجب، ناول جو مفهوم ۽ معنيٰ ئي، نئين شيءِ يعني نئين صنف آهي، جيتوڻيڪ ناول ڪيتري وقت کان رائج رهيو آهي، پوءِ به اهو پنهنجي نواڻ جي ڪري اڄ به مقبول آهي.

برطانيه جي مشهور اديب ۽ نقاد، سر والٽر اسڪاٽ (Sir Walter Scott) ناول جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

”ناول هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي حقيقي آزمودن جو نقش چٽيل هوندو آهي.“(4)

هن جي راءِ موجب ناول ۾ جيڪي به آزمودا پيش ڪيل هوندا آهن، اهي حقيقت تي مبني هوندا آهن. آمريڪي مصنف ايف مئريون ڪرافورڊ (F.Marion Crawford) جي راءِ موجب:

”ناول هڪ اهو ٿيئٽر آهي، جيڪو ڪيسي ۾ سمايل هوندو آهي، جنهن ۾ پلاٽ، اداڪار، لباس، منظر ۽ ٻيو ضروري سامان هوندو آهي، جيڪو گفتگو ۽ ڊائيلاگ لاءِ ضروري سمجهيو ويندو آهي.“(5)

يعني پلاٽ، اداڪار، لباس، منظر، گفتگو ۽ ڊائيلاگ ناول لاءِ ضروري جزا سمجهيا وڃن ٿا، جن کان سواءِ، ناول مڪمل نه هوندو آهي، جيئن ڊراما لاءِ به اهي جزا ضروري سمجهيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ناول لاءِ به اهي جزا ضروري آهن.

آمريڪي نقاد، والٽر ايلن (Walter Ellen) وري ناول نويسن کي ٻين فنڪارن جيان تخليق ڪندڙ مڃيو آهي. هو حاصل ڪيل آزمودن ۽ تجربن جي

آڏار تي زندگيءَ جو هو اهڙو نمونو (Model) تيار ڪري ٿو، جنهن ۾ حالتون عموماً هونديون آهن. ڪردار عمل پيرا هوندا آهن ۽ انهن لاءِ هو لفظ جو سهارو وٺندو آهي.

اينسائيڪلوپيڊيا آف برٽانيڪا موجب ناول جي وصف هيءَ بيان ڪئي وئي آهي:

”ناول هڪ سلسليوار ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي حقيقت ۾ تاريخي روپ ۾ سچي ڪانه هوندي آهي، پر اها سولائيءَ سان سچي ٿي سگهي ٿي.“(6)

هن وصف ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي ته ناول اها سلسليوار ڪهاڻي آهي، جيڪا خيالي نه، پر حقيقتن تي مبني هوندي آهي، جنهن ۾ حقيقي زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل هوندي آهي. هن وصف جي وڌيڪ وضاحت نيو انگلش ڊڪشنري (New English Dictionary of English Language) ۾ هن ريت ڪيل آهي:

”وڏن ليڪڪن نثري ڪهاڻي، جنهن ۾ حقيقي زندگيءَ جي نمائندگي ڪرڻ جي هام هڻندڙ ڪردارن ۽ سندن زندگيءَ کي پيش ڪيو ويندو آهي.“(7)

انهيءَ وصف مطابق ناول ۾ حقيقي زندگين کي به پيش ڪيو ويندو، نه کي خيالي زندگين کي. نيو انٽرنئشنل ڊڪشنري آف انگلش لئنگئيج (New International Dictionary of English Language) ۾ بولفرٽ (Bolfurt) ناول کي وري زندگيءَ جي ويچارن ۽ خواهشن جو اظهار بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”زندگيءَ جو ٻوليءَ ۾ ويچارن ۽ خواهشن جو نثري ترجمو، ناول ئي آهي.“(8)

هن راءِ جي مطابق زندگيءَ جي ويچارن ۽ خواهشن جي ٻوليءَ ۾ نثري ترجمو ناول ئي آهي.

ناول جي وصف جي باري ۾ ’ڊبليو.اي. ولئيمس (W.A. Williams) هيءَ راءِ پيش ڪئي آهي:

”نثر ۾، خيالي ۽ تصوراتي ڪردارن جي وسيع فنڪارانه بيان کي ناول سڏبو آهي.“(9)

فاڪس (Fox)، ناول جي باري ۾ ساڳي راءِ ڏيندي هيئن ٿو لکي:

”ناول رڳو تصوراتي نثر نه آهي، پر اهو زندگيءَ جو نثر آهي. ناول ئي علم ادب جو اهو پهريون نثري ادب آهي، جيڪو انسان کي سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ ظاهر ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. ٻين فنن جهڙوڪ: شاعري ۽ مصوري (Painting) ۾ زندگيءَ جي چٽيل چٽن جي پيٽ ۾، ناول ۾ حقيقت جو بيان نرالي نموني ۾ ڪيل هوندو آهي. هن ۾ هڪ مرد، هڪ عورت ۽



هڪ ٻار، يعني ڌار ڌار ڪردارن جي سيرت جو، چڱيءَ طرح اظهار هوندو آهي. اهڙي اظهار ڪان سواءِ ناول جي ڪابه افاديت ۽ ٻيو ڪوبه ڪارج نه هوندو آهي.“(10)

فاڪس (Fox) پنهنجي وصف بيان ڪندي چوي ٿو ته:

”ناول جو مفهوم رڳو، ناول نگار جي خيالن جو اظهار آهي ۽ هو پنهنجي اظهار کي سمجهائڻ چاهيندو آهي، جيڪڏهن ڪو، پنهنجي اظهار کي سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، ته اها سندس ڪاميابي هوندي آهي.“

جڳديش لڇاڻي، ناول جي باري ۾ هيءَ راءِ ٿو پيش ڪري:

”ناول، نثر ۾ انساني ڪارنامن جي حقيقي تصوير آهي، جيڪا ناول نويس، لفظن جي سهاري، اسان جي آڏو پيش ڪندو آهي. شخصي طور تي اڄ جو انسان پنهنجي اندر ڪافي ڪوڪلو آهي. ناول اڄ جي انساني زندگيءَ جو لفظن ۾ هڪ چٽ پيش ڪري ٿو.“(11)

جڳديش لڇاڻي، ناول کي زندگيءَ جي حقيقت سمجهي ٿو، ۽ زندگيءَ جي هڪ سچي ۽ حقيقي تصوير پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ناول ۾ جنهن قصي جي اپٽار هوندي آهي، سو بيشڪ ان قوم جي جذبات ۽ خيالات جو مجموعو هجڻ سان گڏ، ان قوم جي زندگيءَ جي تفسير ۽ تاريخ هوندو آهي.“(12)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي راءِ ۾ ناول، قومي جذبات سان ڀرپور هوندو آهي ۽ سندس راءِ ۾ ناول قوميت کي پيش ڪري ٿو.

ڪلداريو وري ناول کي حقيقي زندگيءَ جي تصوير ٿو سڏي. هو لکي ٿو ته:

”ناول حقيقي زندگيءَ ۾ وقت جي حالتن جي هڪ تصوير آهي، جنهن کي لفظن جي صورت ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. روزانه زندگيءَ ۾ اسان جي اکين جي سامهون جيڪي ڪجهه ٿيندو رهندو آهي، يا جيڪي ڪجهه اسان سان، اسان جي دوستن ۽ احبابن سان ٿي گذريو آهي، ناول ۾ ان جي تصوير چٽي ويندي آهي. انهن جو بيان اهڙيءَ طرح ته ڪيو ويندو آهي جو پڙهندڙ پاڻ انهن کي محسوس ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اسان خود انهيءَ بيان ۽ چٽيل چٽ ڪان ٺڳجي ويندا آهيون.“(13)

هن راءِ مطابق ته ناول ۾، روزانه زندگيءَ جي عڪاسي اهڙيءَ طرح پيش ڪئي ويندي آهي، جو اها بلڪل حقيقي محسوس ٿيندي آهي. انهيءَ ڪان سواءِ ناول ۾ معاشري جي عڪاسي پيش ڪئي ويندي آهي. ماڻهن جي هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت، دوستيءَ، دشمنيءَ وغيره کي ناول ۾ پيش ڪيو ويندو

آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم، ناول جي، افساني ۽ ڊرامي سان ڀيٽ ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

”منهنجي نظر ۾ ادب جي ڪابه صنف، ناول جي ڀيٽ ۾ مڪمل ڇئي نٿي سگهجي. افساني ۽ ڊرامي سان ته ڪي پابنديون لاڳو آهن، جن ۾ وقت جي پابندي، خيال جي پابندي، پيشڪش لاءِ هڪ مدو شامل هوندو آهي، پر ناول سان اهڙي ڪابه پابندي لاڳو ڪانهي. اهوئي سبب آهي جو ناول هڪ طرف ادبي چاهه جي اُڃ اُجهائي ٿو ته ٻئي طرف هڪ مخصوص دور جي معاشري جي پاسباني به ڪري ٿو. عام انسان، سياءُ متعلق ڄاڻ به ڏئي ٿو، ته معاشري ۾ رهندڙ مختلف فردن جي ڄاڻ، لڳ لاڳاپي، دوستيءَ، دشمنيءَ، پيار ۽ نفرت، بهادريءَ ۽ بزدليءَ کي به واضح ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو ناول لکڻ، افساني توڙي ڊرامي لکڻ کان ڏکيو ڪم آهي.“(14)

ناول درحقيقت قديم قصه گوئيءَ جي اها صورت آهي،جيڪا ان کي جديد دور ۾ حاصل ٿي. جديد دور مان مراد اها آهي ته اهو دور جڏهن صنعت و حرفت ۽ تجارت ترقي ڪئي ۽ ان جي اثر، وچولي طبقي کي متاثر ڪيو. عبدالحق خان، ناول جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”قصن ٻڌڻ جو شوق، انسان جي دل ۾ انسان جي ابتدا کان ئي رهيو آهي. اهو اهڙا واقعا ٻڌڻ چاهي ٿو، جيڪي هن جي دنيا جا هجن. انسان جي انهيءَ مطالبي ’ناول‘ کي جنم ڏنو. ناول جو لفظ، انگريزيءَ ۾ ’نئين‘ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ رچرڊسن جي ’پاميلا‘ کي انهيءَ ڪري ناول چيو ويو، جو ان ۾ بجاءِ ديوَن ۽ پرين جي قصن جي، وچولي طبقي جي هڪ ڇوڪريءَ جو قصو هو ۽ ديوَ جي جاءِ تي هڪ نوجوان زميندار هو.“(15)

اڳئين زماني ۾ بادشاهن ۽ غلامن جي وچ ۾ ڪوبه ٻيو طبقو نه هوندو هو، مگر جديد دور ۾ جيڪي تجارتي ادارا قائم ٿيا، انهن سان واسطو رکندڙ ادارا ۽ آفيسون ٺهيون ۽ جن کي قابو رکڻ لاءِ حڪومتن به انتظامي دفتري ملازم چونڊيا ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ تعليم به عام ٿي ۽ استادن جو هڪ گروهه انهيءَ مٿئين طبقي سان شامل ٿي ويو. انهيءَ طبقي جي اهم خصوصيت هيءَ هئي جو اهي انسان کان پوءِ، انسانيت ڏانهن متوجهه ٿيا ۽ مافوق البشر هستين جي ايتري قدر مخالف هئا جو مذهب ۽ معجزن کان انڪار ڪرڻ لڳا، اهو طبقو يورپ ۾ ارڙهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان اُڀريو ۽ هند و پاڪ ۾ پوءِ اُڀريو.

تاريخ ثابت ڪيو آهي ته قصي، ٻڌڻ جو شوق ازل کان ئي انسان جي معاشري ۾ هلندو ٿو اچي، پر اڄ جو انسان، اهڙا قصا ٻڌڻ چاهي ٿو، جيڪي



پنهنجي يعني سندس دنيا کان پوري نه هجن. انهيءَ ئي مطالبي يا ضرورت ئي ’ناول‘ کي جنم ڏنو.

مٿي ڏنل وصفن مان ثابت ٿو ٿئي ته جديد ناول، قديم قصن ۽ داستانن جي جديد ۽ گهٽايل يعني ننڍي ڪيل شڪل آهي، جيڪا مافوق الفطرت ڳالهين ۽ قديم حقيقت مان ترقي ڪري، جديد صنعتي دور جي ضرورت پٽاندڙ، حقيقتن کي پيش ڪري ٿو. همعصر دور ۽ وقت ۽ حالتن جي تاريخ هڪ طرف آهي ته حالتن تي تنقيد ٻئي طرف. انهيءَ ڪري چئبو ته ناول نگاريءَ جو فن، تفصيلي وضاحت ۽ صداقت جو فن آهي. ناول نگار لاءِ ضروري آهي ته هن ۾ تخليقي قوت هجي، تعميري صلاحيت هجي جيڪا فڪري ۽ منطقي سوچ کي بيان ڪري پيش ڪري سگهي. هو ناول ۾ ايتري ته جاذبيت پيدا ڪري، جو پڙهندڙ نه رڳو اهو پڙهي، پر هو مسلسل اهو ڏسي ۽ انهيءَ تي ئي سوچي ۽ انهيءَ خيال جو اظهار ڪرڻ لاءِ اهڙا ذريعا اختيار ڪري، جيڪي ناول ۾ پيش ٿيل، احساسن جي گهٽائڻ لاءِ ڪا راهه هموار ڪري سگهي.

ناول کي فن جي حيثيت انهيءَ ڪري به ڏني وئي آهي، جو اهو لکندڙ جي قابليت جي فن جو مظهر آهي. انهيءَ ڪري ناول تخليق آهي ۽ تخليق به اها، جيڪا مصنف جي پنهنجي راءِ جو اظهار هوندي آهي ۽ ٻين لفظن ۾ جيڪا (اها راءِ) مصنف جي انفراديت جو اظهار هوندي آهي، ڇو ته مصنف معاشري ۾ جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو، ان جي ڇوٽڪاري لاءِ سوچي ٿو، انهن کي حقيقت سان گڏي ۽ ملائي پيش ڪري ٿو. اها سندس ٻي خوبي هوندي آهي، جيڪا انفرادي حيثيت جي هوندي آهي ۽ ان جهڙي تخليق ٻيو ڪوبه پيش نٿو ڪري سگهي.

هر ناول نگار کي اهائي حيثيت حاصل هوندي آهي، انهيءَ ڪري ناول هڪ فني تخليق آهي.

**2. ناول جو مقصد ۽ سنڌي ناول:**

(1) ادب جو انساني زندگيءَ، قوم ۽ ملڪ سان تمام گهرو ۽ گهاٽو لاڳاپو آهي. ادب زندگي جو آئينو آهي. ادب سماج ۽ ان سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگين / زندگيءَ جو آئينو آهي. ادب جي ذريعي ڪنهن ملڪ يا دنيا جي ملڪن جي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري ادب لفظ تمام گهڻو وسيع آهي. رسڪن جي چوڻ مطابق:

"The worth of man is in his literature, not in money earring capacity."(16)

سندس چوڻ مطابق ادب هڪ اهڙو خالص خزانو آهي، جنهن کي ڪوبه چورائي نٿو سگهي. بادشاهن جو به سچو خزانو، ان ملڪ جو اعليٰ ادب ئي هوندو آهي.

ادب انسان جو همدرد، سچڻ ۽ دوست آهي، انهيءَ ڪري ئي اديب کي ’شاهه عالم‘ چيو ويو آهي. شيڪسپيئر جي راءِ موجب:

"My crown is in my heart. It is not decked with diamonds, not with gold, it is my literature and I am contented with it."(17)

ادب جو سڌو سنئون لاڳاپو انسانيت سان آهي. ڪامياب اديب پنهنجي ماحول جي چوڌاري موجود ڪردارن جي خوشين ۽ غمن، محبتن ۽ نفرتن جو اُمنگن ۽ ولولن، مقصدن ۽ منزلن جي ترجماني ڪري، سندن ٻانهن ٻيلي ٿي؛ سندن ڪاميابين ۽ شڪستن ۾ ساڻن شريڪ ۽ ڀائيوار ٿي، سندن همت افزائي ڪري ٿو. سندن ڊهيل امنگن ۽ جذبن کي لفظن ذريعي اظهار جو رنگ ڏئي ٿو، گويا ادب انساني ضمير جو اظهار ۽ آواز آهي. هندستاني سنڌي اديبه سشيلا موٽواڻي، پنهنجي مضمون ’ساهتيه جو مقصد‘ ۾، ادب جي تعريف هن ريت ٿي بيان ڪري:

”ناول، ادب جي هڪ صنف آهي.“

ادب جي حوالي سان ۽ ادب جي لاءِ جيڪي ضروري نقطا مٿي بيان ڪيا ويا آهن، انهن لاءِ ناول نويس کي ئي سوچڻو آهي. انسان ذات جي ڀلي لاءِ ناول نويس کي پنهنجي ناول کي ئي ذريعو بڻائڻ گهرجي. ناول نگار لاءِ ناول لکڻ وقت هڪ ئي مقصد هوندو آهي، جيڪو هو پنهنجن پڙهندڙن تائين پهچائڻ چاهيندو آهي ۽ اهو ئي مقصد آهي، جيڪو هن کي قلم کڻڻ لاءِ آماده ڪندو آهي. ناول جي انهيءَ مقصد تي جدا جدا ماهرن ۽ نقادن جيڪي رايا ڏنا آهن، انهن کي هيٺ پيش ڪجي ٿو. اينسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا (Encyclopaedia Brittainica) ۾ ناول جا مقصد بيان ڪندي ڄاڻايل آهي ته:

”ناول زندگيءَ جي وسعتن جو حامل آهي.“(18)

هن وصف جو مقصد هيءُ آهي ته زندگيءَ کي، اهڙيءَ طرح ادب جي سانچي ۾ وڌو وڃي ٿو جو ان جون سڀئي وسعتون ۽ گهرايون، انهيءَ سانچي ۾ سمائجي وڃن. اهڙو ادب، سواءِ ناول جي، ڪنهن ٻيءَ صنف جي ذريعي پيش ڪرڻ ممڪن نه آهي. زندگيءَ کي، جن جن شين زندگي بڻايو آهي، اُهي آهن: ان جون گهرائيون،ان جون الجهنون ۽ انهن جو ڦهلاءُ، جن جي ڪا حد ئي ڪانهي. انسان جيترو انهيءَ کي سلجهائڻ چاهيندو، اوترو هن



جي پيچيدگين ۾ اضافو ٿيندو ويندو. انهيءَ ڪري فنڪار جي قابليت جي ڪسوٽي (ڪٽ) اها آهي ته هو انهيءَ ڦهلاءُ ۽ گهرائيءَ کي اوترو پيش ڪري، جيترو هو انهن کي سمجهي سگهيو آهي، يا سمجهائي سگهي ٿو، هن کي گهرجي ته هو انهن الجهنن کي اهڙي انداز سان بيان ڪري، جو اهي الجهنون، الجهنون محسوس نه ٿين، پر زندگيءَ جو سلجهاءُ پيدا ڪن. هو زندگيءَ کي اهڙيءَ طرح ڏسي ۽ ڏيکاري، جو زندگيءَ جا لکل راز سامهون اچن ۽ آخر اُهي الجهنون، سلجهاءَ محسوس ٿين.

منشي پريم چند جي حوالي سان. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ناول جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”آءٌ ناول کي انساني زندگيءَ جي تصوير سمجهان ٿو. انسان جي زندگيءَ تي روشني وجهڻ ۽ ان جي رازن کي کولڻ ئي ناول جومقصد آهي.“(19)

هر ناول ۾، ناول نويس جي زندگيءَ جو تجزيو ۽ تجربو پيش ڪيل هوندو آهي ۽ اهو تجربو ۽ تجزيو ئي ناول جو مواد هوندو آهي. اهو مواد يا تجربو ئي ناول نگار جي هستيءَ سان گهرو واسطو رکندو آهي. درحقيقت اهو تجربو، ناول نگار جي ذاتي تجربو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجن ذاتي مشاهدن کي ئي گڏ ڪري ناول لکندو آهي.

ناول ۾ زندگيءَ جي تمام ننڍين ۽ معمولي حقيقتن جو اظهار به، گهٽيءَ چٽائيءَ سان بيان ڪيل هوندو آهي. ’شلپ‘ جي راءِ مطابق:

”ناول ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سهنجو آهي. ناول نگار به ٻين فنڪارن وانگر تخليق ڪندڙ آهي. هو زندگيءَ کي جيئن ڏسي ٿو، تيئن پنهنجيءَ لکت ۾ پيش ڪري ٿو.“(20)

مشهور فرينچ ناول نگار موپاسان لکي ٿو ته:

”اسان جي عام رواجي، روزانه زندگيءَ جا واقعا، اوچتو ٿيندڙ ۽ هڪ ٻئي سان نه ٺهڪندڙ ۽ اڻ وڻندڙ حادثا بي ترتيب عناصرن سان ڀريل آهن.“(21)

ناول جو مقصد ئي اهو آهي ته، اهو روزانه زندگيءَ جو آئينه دار هجي، ان ۾ ترتيب ڏنل عنصرن کي گڏي ترتيب ڏيئي پيش ڪري. فنڪار پنهنجي ناول ۾ زندگيءَ جو هر پهلو نٿو کڻي، پر ڪجهه چونڊيل پهلو کڻي ٿو ۽ انهن ۾ ئي پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪري ٿو ۽ پنهنجيءَ راءِ ۾ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان، ڪونه ڪو قدر ضرور هوندو آهي. فنڪار جو مقصد به اهوئي هوندو آهي ته، زندگيءَ جي انهن پهلوئن کي نمايان ڪري، جيڪي ڪجهه خاصيتون رکندا هجن. اهڙيءَ طرح ناول ۾ سچي زندگيءَ جو نقشو

نه، پر زندگيءَ جي نئين سري سان تخليق ملي ٿي، جيڪا اهميت رکندڙ واقعن کي پيش ڪري ٿي، ته جيئن زندگيءَ جي اهميت، وڌيڪ اهميت واري ثابت ڪري سگهجي.

گمائل بيلي (Gamail Bailey) انهيءَ نقطي کي وڌيڪ بيان ڪندي هيئن ٿو لکي:

”ناول نگار پنهنجن آزمودن جي آڌار تي، انساني من جي لڪل رازن، خواهشن، خوابن ۽ وهنوار جي تصوير چٽي ٿو. انهيءَ ڪم ۾ ناول نگار جي خواهش، سنڌس تصور ۽ طاقت، سنڌس مددگار بڻجن ٿا.“(22).

ناول نگار ۾ انسان جي خواهشن، امنگن، محبتن، نفرتن، پيار، فريب، زندگيءَ جي لڪل رازن، تمنائن، سوچن ۽ خوابن جي جڏهن تصوير چٽي ٿو، ته انهيءَ ۾ هو پنهنجين خواهشن، تصور ۽ طاقت کي پيش ڪري ٿو. منشي پريم چند، انهيءَ کي وڌيڪ واضح ڪندي ٻڌائي ٿو ته، انساني ناتن جي عڪاسي ناول جو اهم مقصد آهي. هو لکي ٿو ته:

”اهو ادب دائمي رهي سگهي ٿو، جيڪو انسان جي بنيادي چاهن تي آڌار رکي ٿو. حسد، ساڙ، وير، پريم، ڪروڌ، لالچ، ڀڳتي ۽ ويراڳ، ڏک ۽ رنج وغيره جو عڪس پسائڻ ئي ادب جو مقصد آهي.“(23)

2. ناول انسان جي زندگيءَ جي رهبري ڪري ٿو. انسان جي الجهن جو حل پيش ڪري ٿو، زندگيءَ سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿو ۽ اسان جي دلين ۾ ڪڏهن ڪڏهن جذباتن جي ڪري، زندگيءَ ڪان جيڪو نفرت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو، ان کي روڪي ٿو. ناول نگار نه رڳو ڪنهن نفرت کي روڪي ٿو، پر ڪن ڳالهين لاءِ، جن کي ناول نگار پيش نٿو ڪري، انهن لاءِ نفرت پيدا ٿئي ٿي، تنهن ڪري ائين چئجي ته ناول نگار پنهنجين انهن محبتن ۽ نفرتن جو اظهار ڪري ٿو، جن جو هو حامي ۽ مددگار هوندو آهي.

3. ناول اسان جي ئي زندگين جي ڪهاڻي آهي ۽ اسان جي روزمره جي واقعن جو بيان آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اهو ناول جيڪو انساني زندگيءَ جي عڪاسي نٿو ڪري، اهو ڪيترو ئي سٺو ڇو نه هجي اُن کي ناول نه چونداسين، پر پڙهندڙ ان کي اهميت نه ڏيندا. عبدالحق خان، ناول جو اهو ئي مقصد بيان ڪندي لکي ٿو:

”ناول جو مقصد ئي اهو آهي ته هو اسان جي روزمره جي زندگيءَ جي واقعن کي بيان ڪري.“(24)

ناول نگار جي حيثيت هڪ رهنما وانگر هوندي آهي. هن وٽ زندگيءَ جا ٿوس تجربا هوندا آهن. هو تهذيبي ۽ تمدني مطالعي جو عادي هوندو آهي. ان ڪري هو پنهنجي ناول ۾ هڪ اهڙي زندگي پيش ڪري ٿو،



جيڪا حقيقت جي بلڪل ويجهو محسوس ٿيندي آهي. ناول نگار جي انهيءَ راءِ جي تائيد ڪندي ريڪس وارنر (Rex Warner) لکي ٿو ته:

”ناول لکڻ هڪ فلسفياڻو مشغلو آهي ۽ اها حقيقت آهي ته ناول دراصل مشاهدن، تجربن ۽ علمي توڙي ادبي اظهار جو نالو آهي.“(25)

مٿينءَ راءِ جي تصديق ڪندي سيد وقار عظيم لکي ٿو ته:

”ڪامياب ناول اهو آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي تصوير هجي، زندگيءَ جو ڦهلاءُ هجي ۽ ڪٿي ڪٿي گهرائي به هجي. زندگيءَ جي گهرائي ۽ رنگيني، ۽ اُن جي وسعت کي فن جي نزاڪتن ۽ لطافتن ۾ سمايو وڃي.“(26)

ناول اسان جي زندگيءَ جي تصوير به آهي ته اُن جو تفسير به آهي، زندگيءَ جو ڦهلاءُ به آهي ته زندگيءَ جي گهرائيءَ جو اپياس به آهي، خوابن جي تعبير به آهي، ته زندگيءَ جي صحتمند تنقيد به. ناول نگار زندگيءَ جي چهري تان نقاب ڪڻي ٿو ۽ ان جو گهرو مطالعو ڪري، ٻين جي سامهون اُن جو نتيجو پيش ڪري ٿو. هوزندگيءَ جا تجربا ۽ نظارا، جنهن انداز سان بيان ڪري ٿو، اُهي اسان کي زندگيءَ سان محبت ڪرڻ سيکارين ٿا. اهو سچو عمل ڪيئن ٿو ٿئي، تنهن بابت ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”جيئن ته ناول انسانيت سان ڀرپور آهي، تنهن ڪري ناول جي مدد سان ناول نگار انسانن کي تباهه ڪندڙ عمل مان ڪڍي، سجاڳي ۽ زندگين جي ڪن خاص حقيقي واقعن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ هڪ اهڙي نثري ڪهاڻي تيار ڪري ٿو، جنهن ۾ حقيقي واقعن ۽ حادثن کي پيش ڪندي، زندگين جي خارجي ۽ داخلي ٽڪرائن کي هڪ نئين شڪل ۾ پيش ڪري ٿو. ان ۾ هن جا ذاتي احساس، رايا، خيال ۽ جذبا شامل هوندا آهن. حقيقي واقعن ۽ حادثن کي پنهنجن احساسن ۽ جذبن سان اهڙي ته فني مهارت سان ملائي پيش ڪري ٿو جو اهي عجيب ۽ نوان معلوم ٿين ٿا. جيتوڻيڪ اُهي واقعا ۽ ڪردار، حالتون، احساس ۽ جذبا پڙهندڙن کي پيش ايندا رهندا آهن، پر هو انهن کي محسوس نه ڪندا آهن، يا انهن جي خامين ۽ خوبين کي پرکي نه سگهندا آهن. ناول نگار انهن کي اهڙي انداز سان پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ انهن کي محسوس ڪري ٿو ۽ انهن نتيجن تي سوچي ٿو. هو ناول نگار جي پرک، پنهنجي پرک محسوس ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح پڙهندڙ، ڏنل واقعن ۽ ڪردارن ۽ حالتن کي نئون محسوس ڪري ٿو ۽ اهائي ناول نگار جي خاص خوبي آهي.“(27)

4. ناول نگاري هڪ حڪيمانه ۽ فلسفيانه مشغلو آهي. هڪ عام لکڻ واري ۽ هڪ پختي ليکڪ ۾ فرق اهو آهي جو، عام لکڻ وارو زندگيءَ کي ويجهو نٿو پسي، هو صرف جذبات جي زور تي لکي ٿو. هن جي لکڻ ۾ هڪ قسم جي تبليغ ۽ پروپئگنڊا هوندي آهي، پر هڪ پختو ليکڪ زندگيءَ

ڪي فلسفيانه نقطه نظر سان ڏسڻ جو عادي هوندو آهي. هو جيڪو تاثر پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي واقعات جي بيان ۽ حوالن سان پيش ڪري ٿو، هو جذبات کان گريز ڪري ٿو، هو پروپئگنڊا ۽ تبليغ نٿو ڪري، هو خوامخواهه مصلح، ناصح ۽ راوي بڻجي، پنهنجي راءِ پڙهندڙ جي مٿان نٿو مڙهي، هو پنهنجي مقصد کي دلچسپ انداز سان پيش ڪري ٿو. انهيءَ حقيقت کي ڊاڪٽر ابوالليث صديقي هن طرح بيان ڪيو آهي:

”ناول جي مقبوليت طرف ماڻهن جي جهالت يا محض جنسي محرڪات جي ڪري نه آهي، ان جو اصل مقصد اهو آهي ته ناول جي آئيني ۾ هر معمولي پڙهڻ وارو پنهنجي يا پنهنجي چوطرف زندگيءَ جي تصوير ڏسي سگهي. هن جا پنهنجا چاتل سڃاتل ڪردار ملن ٿا، جيڪي هن سان هن جي ئي ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪن ٿا. ناول ۾ هن جو انهن ئي مسئلن سان واسطو پوي ٿو، جيڪي هن جي روزمره جي زندگيءَ کي ان ڪشمڪش ۾ مبتلا رکن ٿا. ناول پڙهندڙ ۽ ناول لکندڙ ٻئي انهيءَ تير جو شڪار آهن.“(28)

اهو تسليم ڪرڻو پوي ٿو ته، سڀني ناولن جا موضوع، انساني زندگيءَ جا قدر ئي رهيا آهن. ڪڏهن انفرادي طور تي ڪنهن فرد جي شخصيت، اسان جي سامهون اچي ٿي، ته ڪڏهن پورو معاشرو سامهون اچي ٿو؛ ڪڏهن مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ، تقريباً هر ناول ۾ ملي ٿي، جنهن جي مدد سان زندگي اُڀري ۽ نمايان ٿي، اسان جي اڳيان اچي ٿي.

ناول نگار پنهنجي ناول ۾ اها فضا، ماحول ۽ احساس پيدا ڪري ٿو، جيڪو اسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ لطف اندوز ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. هڪ ناول نگار وٽ سچائيءَ جو عنصر ايتري قدر ته نمايان هوندو آهي، جو پڙهڻ وارو سوچڻ لڳندو آهي ته شايد اهو سندس ئي قصو آهي. بقول ورجينيا وولف:

”ناول خصوصاً عام ماڻهن جي جذبات کي بيدار ڪندو آهي.“(29)

ناول نگار انساني جذبات جي گهرائيءَ جو تجربو پيش ڪندو آهي. محبت، عقيدت، حب الوطني ۽ هڪ مڪمل زندگيءَ جي خواب کي هو، لفظن جي ذريعي عجيب و غريب روپ ڏيندو رهيو آهي. هو زندگيءَ جي تلخ حقيقت مان ئي اپري، ان دنيا ۾ پهچندو آهي، جتي اُهي حقيقتون سڌري، نروار ٿي، خوبصورت ترين ۽ عظيم ترين ۽ دردناڪ ترين ڏسڻ ۾ آيون، جن تي انسانن عمل پئي ڪيو.انهن جي زندگيءَ وڌيڪ گهري ۽ وڌيڪ حقيقي هئي. هنن اهڙو فني عمل ڪري ڏيکاريو، عام زندگيءَ کي هڪ اهڙي مقام تي پهچائي ڏيکاريو، جتي معمولي انسانن به ديوتا يا شيطان نظر اچي ٿو.



ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جو خيال آهي ته:

”ڪلا جو مقصد اسان جي اندروني آتما کي ڏونڌاڙڻ، انسان جي سڀاءَ کي انسانيت سان سروپار ڪرڻ، اسان جي حياتيءَ کي ترقيءَ ڏي وٺي هلڻ ۽ من ۾ اهڙو گنڀير سنتوش پيدا ڪرڻ آهي، جو ڌيري ڌيري من جي دائمي فطرت بڻجي وڃي.“(30)

5. جديد انسان حياتيءَ جي محدود واقعن جي حد پار ڪري، هينئر سيٽلائيٽ جي دور ڪان به اڳتي نڪري رهيو آهي. سندس طبيعت ۽ ماحول هزارين واقعن کي جنم ڏيندو رهي ٿو. چوڌاري بيچينيءَ جو ماحول، بدانتظامي، خود مطلبي پڻو، آزاديءَ جي نالي تي ڇڙواڳي، فرض جي بدران محض حقن جي وڏي واڪي گهُر، بدلاءُ جي نالي تي انساني پيار، ڏيا يا رحم جي جذبن جو جنازو ڪڍڻ جي ڏس ۾ ادب جي مختلف صنفن ۾ موجود اشارو، ڪڏهن ڪڏهن ايترو ڪجهه سمجهايو وڃي ٿو، جو ٿلها ۽ ڳرا ڪتاب به نٿا سمجهائي سگهن. ڊاڪٽر ظفر اقبال هن ريت لکي ٿو ته:

”انساني حياتيءَ جي ارتقا ۽ انقلاب جي اها تصوير ڪشي، جيڪا پوءِ افسانوي رنگ ۾ ظاهر ٿئي ٿي، ناول جو مقصد چئجي ٿي.“(31)

ناول نگار معاشري جي فردن جو نفسياتي جائزو پيش ڪري، سندس رهڻيءَ ڪهڻيءَ، تهذيب ۽ تمدن، ريتين ۽ رسمن، سندن طور طريقن، ۽ انهن جي چڱاين مٺاين کي پرکي، معاشري جي هر پهلوءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. ائين ناول نگار پنهنجي معاشري جي عڪاسي ڪندي، پاڻ کي ۽ پنهنجي معاشري کي ادبي تاريخ ۾ هميشه زنده رکي ٿو.انهيءَ خيال کي ظاهر ڪندي سيد عابد علي عابد لکي ٿو ته:

”ناول نگار هيئت جي مدد سان، پنهنجي طريقي جي زندگي، تمثيل جي ذريعي پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ پنهنجن واقعن ۽ تجربن جو اظهار، فن ۾ لڪائي اسان جي اڳيان آڻي ٿو.“(32)

6. ناول ۾ زندگيءَ جو انڪشاف، ناول نگار جي راءِ مطابق هوندو آهي. ڪيترائي ناول نگار، زندگيءَ کي بلڪل خارجي طور پيش ڪن ٿا، حالانڪ زندگي ڪجهه داخلي به هوندي آهي. اعليٰ ناول نگار هميشه زندگيءَ جي ان دائري جو ذڪر ڪن ٿا، جيڪو هن جو ذاتي تجربن سان تعلق رکي ٿو.

پر اڄڪلهه ادب براءِ زندگيءَ جا حامي، ناولن ۾ اهڙي قسم جي زندگي، جنهن ۾ نفسياتي ۽ سياسي اصول آهن، جن جون راهون لاتعداد آهن، تخليق ڪري رهيا آهن. ناول جي مقصد بابت ڪجهه هيٺيان رايا پڻ ملن ٿا؛

(الف) پهرين راءِ اها آهي ته: جديد نفسياتي علم جي اصول مطابق ناول ۾ انساني فطرت جي عڪس ڪشي ڪئي وڃي ٿي. دماغي ڪيفيتن جو

هوبهو نقش چٽيو وڃي ٿو، ڪردارن جي دماغ ۾ اوندا سڌا خيال، جيڪي ڪنهن به وقت ۽ گهڙي به حالت ۾ پيدا ٿين ٿا، تن کي هوبهو ظاهر ڪيو وڃي ٿو.

(ب) ٻي راءِ به جديد نفسيات تي مبني آهي، پر ان ۾ فرائڊ جو اثر گهڻو نمايان آهي، جنهن جو گهڻو ڪري جنسياتي محرڪات سان واسطو آهي ۽ عريان نگاريءَ کي ئي فطرت نگاري، بلڪ زندگيءَ جي صحيح مصوري سمجهيو ويندو آهي.

(پ) ٽين راءِ اها آهي ته زندگي کي ڪارل مارڪس (Karl Marx) جي اشتراڪي ۽ انقلابي نظريي جي تحت ڏٺو وڃي ٿو. هن نظريي تحت زندگي ڪنهن خاص نظريي تحت نٽي آندي وڃي. ڊاڪٽر احسن فاروقي وري هيءَ راءِ ڏي ٿو ته:

”ناول نگار جي نظر ٽن طريقن جي آهي: (i) هوانساني فطرت جي گهرائين تائين پهچي ٿو، (ii) هو فطرت مان اهي جزا اخذ ڪري ٿو، جيڪي دائمي آهن، (iii) هو انهن جزن کي ملائي هڪ اهڙي چيز تيار ڪري ٿو، جيڪي حقيقي نه ته به حقيقت جي ويجهوضروري هوندي آهي.“(33)

مٿي ڏنل راين مان هي نتيجو ٿو نڪري ته، ناول نگار انساني زندگيءَ جي ڪن خصوصيتن سان دلچسپي رکي ٿو. اهي ئي انساني خصوصيتون ۽ تجربا، انهن جي ناولن جا موضوع ٿين ٿا. سپني ناولن جا موضوع انساني قدر (Human Values) هوندا آهن. مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ هر ناول ۾ ملي ٿي.

7. ناول ۾ زندگيءَ جو اظهار، ڪردار نگاريءَ جي ذريعي ڪيو ويندو آهي. ناول جي ڪردارن کي زندگيءَ مطابق هئڻ گهرجي، چاڪاڻ ته اُهي جيترو زندگيءَ مطابق هوندا، اوترو وڌيڪ دلچسپ هوندا ۽ حقيقت تي مبني هوندا، جيئن جڳديش لچاڻي لکي ٿو ته:

”ناول ۾ ڪافي لچڪ آهي، هن تي ڪنهن به قسم جي پابندي ڪونهي. هو ڪنهن به وقت ڪوبه روپ ڌاري سگهي ٿو. هن ۾ هڪ شخص جي سموري زندگيءَ جو احوال به ٿي سگهي ٿو ۽ هڪ ڪلاڪ يا هڪ منٽ جو به.“(34)

8. مطلب ته ناول زندگيءَ جي گهراين، الجهن ۽ مونجهارن کي پيش ڪري ٿو، جيڪي زندگين ۾ سمايل آهن ۽ اهو ئي ناول نگار جو مقصد هوندو آهي، جيڪو هو پيش ڪري ٿو. ناول جو بهترين مقصد آهي ته، سماج جي براين کي دور ڪرڻ، سماج جي براين، ڪهنين ريتين رسمن کي ڇڏڻ ۽ نئين سماج کي اڏڻ. ناول ۾ حقيقت ۽ صداقت وڌو ڪم ڪري ٿي، پراڻا رواج ۽ رسمون، جيڪي اسان جي سماج کي اونهي کُنَ ۾ غرق ڪري رهيون آهن، انهيءَ ڪري بنا ڪنهن مطلب، لالچ ۽ خواهش جي، سچائيءَ ۽ صداقت سان



سماج جي برين رسمن کي ختم ڪرڻ ناول جو خاص مقصد هوندو آهي.

اڄوڪي دور ۾ امن ۽ سڪون جي سخت ضرورت آهي. اهڙي وقت ۾ ناول نگار جي اها به جوابداري آهي ته، هو ناولن جي ذريعي ماڻهن کي خوشي پهچائي، امن قائم ڪري ۽ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ سڪون حاصل ڪرڻ جا حل پيش ڪري، ناول جي اهميت جو مقصد نهايت وسيع، گهرو ۽ گنڀير ٿي هوندو آهي.

هو ٻين ڳالهين سان گڏ قومي اتحاد کي قائم رکڻ لاءِ سپني قومن، مذهبن، مختلف ٻولين جي ماڻهن، مختلف تهذيبن، ثقافت، ريتين رسمن کي سمجهي ناول ۾ پيش ڪندو آهي.

## 3. ناول جا موضوع ۽ سنڌي ناول:

ادب جي ڪنهن به صنف تي فني سٽاءَ ۾ موضوع کي تمام گهڻي اهميت حاصل هوندي آهي. ناول جي وصف بيان ڪندي اهو چيو ويو آهي ته ناول، انسان جي روزانه زندگيءَ سان واسطو رکي ٿو، يعني ناول جي موضوع ۾ زندگيءَ جو وسيع، گهرو ۽ پرپور احوال اچي وڃي ٿو.

ڪنهن به قسم جي ناول جي موضوع لاءِ ضروري آهي ته ناول نويس، موضوع سان پوري واقفيت رکندڙ هجي. منجهس (ناول نويس ۾) مشاهدي جي گهرائي هجي، ڪيس زندگيءَ جي وسيع هجڻ ۽ گهرائيءَ جو احساس هجي، ۽ جيڪو موضوع بيان ڪري ٿو تنهن ۾ مخصوص معاشري جي مڪمل ترجماني هجي، وقار عظيم پنهنجي ڪتاب ’داستان ښد افسانڌ تڪ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”سپني ناولن جا موضوع انساني زندگيءَ جا قدر ئي رهيا آهن. ڪڏهن ڪنهن شخص جي شخصيت انفرادي طور اسان جي سامهون اچي ٿي، ته ڪڏهن پوري معاشري جو نقش اسان جي سامهون هوندوآهي. ڪڏهن ڪڏهن ته مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ انهن قدرن جي پاڻ ۾ ڪشمڪش ته ڪڏهن انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ يا ٽڪراءُ، تقريباً هر ناول ۾ محسوس ڪجي ٿو.“(35)

يعني زندگيءَ جا قدر، اپري ۽ نمايان ٿي، اسان جي سامهون اچن ٿا. زندگيءَ جا سٺا يا خراب پهلو، سڀ اسان جي سامهون اجاگر ٿين ٿا ۽ اسان ۾ پنهنجي زندگيءَ جو تجربو ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي ٿي.

ناول نگار پنهنجي فن پاره ۾ اهڙي ته فضا، ماحول ۽ احساس پيدا ڪري ٿو، جو اهي انسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ لطف وٺڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. ناول نگار وٽ سنڌس ناول ۾ سچائيءَ جو عنصر ايتري قدر

ناول نگار جي فلسفي کي پرکڻ لاءِ ٻن ڳالهين جو به خيال رکڻو پوندو آهي. هڪ ته هن جو اهو فلسفو ڪيتريءَ حد تائين حقيقت تي مبني آهي ۽ ٻيو ته ناول ۾ واقعا ڪيتريءَ حد تائين زندگيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئڻ گهرجن. انسان جي زندگي، حقيقي زندگيءَ کي تڏهن ويجهو هوندي آهي، جڏهن اها فني اصولن تي ٻڌل هوندي آهي. زندگيءَ جو اهو عمل ناول نگار افسانوي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو، جيڪو فن سان واسطو رکي ٿو. ڊاڪٽر احتشام حسين، ناول کي سماجي فلسفو ٿو سڏي. هو لکي ٿو ته:

”ناول به سماجي فلسفي جو هڪ ڪتاب آهي، فرق صرف اهو آهي ته فلسفي جي ڪتابن ۾ منطقيانه انداز هوندو آهي ۽ ناول ۾ قصي گوئيءَ جو انداز اختيار ڪيو ويندو آهي.“(37)

رابرٽ لِڊل (Robert Liddel)، پنهنجي ڪتاب 'A Treatise on the Novel' ۾ لکي ٿو ته:

”هر فن زندگيءَ مان اُپري نڪري ٿو، ان تي عمل ڪري ٿو ۽ زندگي ئي ڪيس زنده رکي ٿي.“(38)

زندگي واقعات جو مجموعو آهي. زندگيءَ ۾ اسان کي ڪيترائي واقعا ۽ حادثا پيش اچن ٿا، انهن حادثن ۽ واقعن جو انسان ذات تي ڪافي اثر ٿئي ٿو. هن ڏس ۾ پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي لکي ٿو ته:

”انساني طبيعت ۽ سڀاءُ جي طرحين طرحين نظارن جو نماءُ ڪرڻ، زندگيءَ جو اظهار ڪرڻ، آدميءَ جي حياتيءَ ۾ جيڪي به سمائجي سگهجي ٿو، جهڙوڪ: سولايون ۽ مونجهارا، گناهه ۽ ڀچڙا ڪم، نيڪ ناميون ۽ ثواب جا ڪم، اونداهيون ۽ سوجهرا، لاهيون ۽ چاڙهيون؛ اهي سڀ مختصر طور ڪٽي چئجي ته، افساني لکندڙ جي ڪتابن جو مضمون ٿي سگهن ٿيون. قصو انسان جي مشغولين جو هڪ قسم جو دفتر آهي. زندگي قصي لکندڙ جو مکيه وشئه آهي. ساهتيه آهي زندگي، ۽ افسانو ساهتيه جو هڪ ڀاڱو آهي. قصو زندگيءَ مان اُپري ٿو ۽ زندگيءَ ۾ ئي سندس گذران ٿئي ٿو.“(39)

سڀني مخلوقات ۾ انسان ئي آهي، جيڪو اجتماعي زندگيءَ ڏانهن مائل رهي ٿو، تنهن ڪري انساني زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ حقيقتن کي هڪ مخصوص سماجي روح هوندو آهي. ناول نگار به هڪ سماجي فرد آهي، انهيءَ ڪري هو جيڪي ڪجهه پنهنجي آسپاس ڏسي ٿو، ان کي ٻين تائين پهچائي ٿو.

محترم غلام محمد شهواڻي پنهنجي ڪتاب ’ادبي اصول‘ ۾ ادبي ڪتابن جي موضوع بابت هيئن ٿو لکي:

”ادب هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ اديب، پنهنجي شخصيت جي معرفت ادبي صداقت سان زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي پڙهندڙ جي اڳيان پيش



ته نمايان هوندو آهي، جو پڙهندڙ سمجهڻ لڳندو آهي ته اها سندس ئي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته، ناول جا موضوع زندگيءَ جي واقعن، حادثن ۽ وارداتن جا ترجمان ئي هوندا آهن. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ناول جي موضوع بابت لکي ٿو ته:

”ناول جو موضوع زندگيءَ تي ٻڌل هوندو آهي، پوءِ چاهي اهو موضوع زندگيءَ جي ڪنهن هڪ پهلوءَ سان واسطو رکندڙ هجي يا هڪ کان وڌيڪ پهلوئن سان. ناول ۾، ناول نگار جي جذبات جو اظهار هوندو آهي. ناول نگار جو اهو اظهارِ زندگيءَ جي آزمودن جو نتيجو هوندو آهي، جنهن کي هو ناول جو موضوع پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪندو آهي.“(36)

مٿي چيو ويو آهي ته ناول نگار پنهنجي ناول ۾ جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو، سو حقيقت تي مبني هوندو آهي. هن جو بيان ڪيل هر موضوع انسان، ان جي معاشري ۽ ماحول سان وابسته هوندو آهي. ناول نگار انهيءَ حقيقت کي پيش ڪري، ان تي پنهنجي فن تخليق جو تهه چاڙهي ۽ ان کي پنهنجو بڻائي پيش ڪري ٿو.

ناول ۾ زندگيءَ جو فلسفو به گهڻي اهميت رکي ٿو. اعليٰ ناول نگار زندگيءَ جو گهرو مطالعو ڪندا آهن ۽ انهيءَ مان هو ڪنهن نه ڪنهن نتيجي تي پهچي، اسان کي به متاثر ڪندا آهن. ناول ۾ زندگيءَ جو فلسفو ٻن طريقن سان پيش ڪيو وڃي ٿو: هڪ طريقو اهو آهي ته ناول نگار، زندگيءَ جي انهن حصن کي ڪٽي ٿو، جيڪي خاص اخلاقي حيثيت رکن ٿا. هو ڪردارن جي عمل تي روشني وجهندي، پلاٽ جي ترتيب ۾، انهن واقعن کي وڌيڪ روشن ڪري ٿو، جيڪي هن جي زندگيءَ جا خاص تجربا آهن ۽ گڏوگڏ مختلف قسمن جي بيانن ۾ هڪ اخلاقي پهلو به پيدا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ناول نگار هڪ قسم جو خالق هوندو آهي ۽ ناول جي اندر اها دنيا خلقيل هوندي آهي، جيڪا ناول نگار جي اصولن تي هلي ٿي. اهڙيءَ طرح ناول نگار جو سچو فلسفو سامهون اچي وڃي ٿو. ٻيو اهو آهي، جنهن ۾ ناول نگار پنهنجن فلسفن کي ظاهر ڪري ٿو. اهو هي آهي ته ناول نگار، ناول ۾ پنهنجي هر جاءِ تي ڪردارن جي عمل جي وضاحت ڪندو ويندو آهي. هو هر عمل کي همدرديءَ سان بيان ڪندو آهي. ڪنهن کي تعريف ۽ ساراهه واري طريقي سان، ته ڪنهن کي طنز ۽ طعني سان، ۽ اهڙيءَ طرح ته بيان ڪري ٿو، جو جيئن اسان کي معلوم ٿي سگهي ته هن (ناول نگار) جا زندگيءَ جي باري ۾ ڪهڙا خيال ۽ رايا آهن. اهڙيءَ طرح ناول نگار پنهنجن ڪردارن جو خود ئي نقاد ٿي وڃي ٿو، جنهن جي ذريعي هن جي دنيا جي اخلاقي اصولن جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.

ڪري ٿو. ڪهڙو زندگيءَ جو راز آهي، جنهن تي اديب پنهنجا جذبا، احساسات ۽ خيالات ظاهر نٿو ڪري؟ اديب حياتيءَ جي سڀ ڪنهن پهلوءَ ۽ راز تي روشني وجهي سگهي ٿو. هن کي آزادي آهي ته هو ڀلي، ڪنهن به حياتيءَ جي شعبي کي پنهنجي ڪتابن لاءِ منتخب ڪري، ايڏي وسيع دائري ۾ پنجن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهريون، ڪنهن شخص جا ذاتي يا شخصي تجربا جي هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻاهر، دنيا ۽ دل جي اندروني دنيا ۾ ڪيا هجن، سي ادبي ڪتاب جا موثر ۽ موزون، موضوع ٿي سگهن ٿا.

ٻيو، اهي تجربا جيڪي ڪنهن شخص انسان جي حيثيت ۾ ڪيا هجن، سي ادبي ڪتابن جو سينگار ٿي سگهن ٿا، يعني اهي عام ۽ اهم مسئلا جن جو تعلق فقط اديب جي ذات تائين محدود هجي، جهڙوڪ: حياتي ۽ موت، گناهه ۽ ثواب، تقدير ۽ تدبير، قضا ۽ قدرت، بنده جو ڌڻيءَ سان تعلق، مطلب ته انهيءَ قسم جا مسئلا، جيڪي سڄيءَ انسان ذات ۽ بني نوع انسان لاءِ هڪجهڙا ۽ ضروري هجن.

ٽيون اهو، ته ڪنهن انسان جون ٻين انسانن سان تعلق يا رواداريءَ بنسبت ڳالهيون، ادبي ڪتابن جو مضمون ٿي سگهن ٿيون. اهڙين ڳالهين جو ذڪر سڀني ادبي ڪتابن ۾ عام هوندو آهي.

چوٿون اهو، ته قدرت ۽ انسان جو قدرت سان تعلق ڪهڙو آهي، تنهن متعلق حقيقتون پڻ ادبي ڪتابن جا موضوع ٿي سگهن ٿا.

پنجون، ڪنهن اديب جي اها ڪوشش جنهن ۾ هو تصور جي گهوڙي تي خيالي دنيا جو خاڪو ڪڍي، انهن کي عجيب ۽ غريب احساسات مان لطف اندوز ڪري، اهي پڻ ادبي ڪتابن جا موضوع ٿي سگهن ٿا.“(40)

جيئن اڳ ۾ چيو ويو ته، ناول ۾ زندگيءَ جي عڪاسي هوندي آهي. ناول نگار پنهنجي آزمودي ۽ مشاهدي سان، سڀ ڪجهه معاشري مان حاصل ڪري ٿو، تنهن ڪري زندگيءَ جو هر پهلو، ناول جو موضوع ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار، سماج جي فردن جي جائزي وٺڻ لاءِ انهن جي حقيقتن، عقيدن ۽ روين کي پروڙي ٿو، جن مان هنن جي شخصيت ٺهي ٿي. فردن جي حقيقتن ۽ عقيدن کي پروڙڻ لاءِ هن جي خاندان ٿي، فردن جي حقيقتن ۽ عقيدن کي پروڙڻ لاءِ هن جي خاندان، قبيلي ۽ مذهب جي اثر، تهذيب، تمدن ۽ ريتين رسمن کي، پنهنجي پرک جي دائري ۾ آڻي ٿو، چو ته ناول نگار جي نظر ۾ سڀني انسانن جا بنيادي حق ساڳيا هوندا آهن، پر انهن جي پورائيءَ يا نه پورائيءَ ڪري، انهن جا اعتماد، رويا، سمجهه ۽ فيصلا مختلف ٿين ٿا.



ناول نگار جي نظر ۾ بکئي جو اعتقاد ڪمزور ۽ سمجهه گهڻو ڪري گهٽ هوندي آهي. ڏڪويل جو رويو سخت ۽ فيصلو اڪثر غلط هوندو آهي. عياش جو رويو غير واجبي ۽ ظالماڻو هوندو آهي، تنهن ڪري ناول نگار، هر ڪردار جو نفسياتي جائزو به وٺندو آهي.“(41)

ناول نگار نه فقط سماج کان متاثر ٿئي ٿو پر هو سماج تي اثرانداز به ٿيندو آهي. هو پنهنجي فن جي ذريعي پنهنجي ماحول کي ٺاهي پيش ڪري ٿو ته جيئن پڙهندڙ انهن کان متاثر ٿين ۽ جڏهن به سماج ۾ ڪا تبديلي ايندي آهي، تڏهن ناول نگار ان جو جائزو وٺندو آهي ۽ پوءِ ان جو اظهار ٻين تائين پهچائيندو آهي. هو فرضي ڪردار پيش ڪري ٿو ۽ سماج مان جيڪي ڪجهه مواد حاصل ڪري ٿو، اهوسماج جي مدد سان ئي پيش ڪري ٿو. هن جي طرفان معاشري جي عڪاسيءَ تي گهڻو توجهه ڏيڻ سان گڏوگڏ، هر معاشري جي گهراين ۽ وسعتن تي به توجهه ڏيڻ ضروري سمجهندو آهي.

ناول نگار ڪنهن خاص فرد، گروهه يا جماعت يا معاشري جي ڪنهن مسئلي تي سوچي ٿو. هڪ خاص قسم جو احساس محسوس ڪري ٿو ۽ ان مان جيڪي مشاهدا حاصل ڪري ٿو، انهن کي هڪ نئين روپ ۾ پيش ڪري ٿو. ناول جا موضوع، زندگين جي الجهنن جي پيدائش به آهن. جيڪڏهن انهن الجهنن جو، تخيل جي مدد سان گهرو مطالعو ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته زندگيءَ جون پيچيدگيون تمام وسيع آهن ۽ انهن جي ڪابه حد مقرر ڪانهي. هو (ناول نويس) وسيع زندگيءَ جي دائره عمل مان موضوع چونڊي، ان کي تخليقي قوت سان پرکي لفظن جي مدد سان هڪ خوبصورت تصوير پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر انوارالحسن هاشمي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”ناول جي قصي جي هر ڪردار جي پس منظر ۾ ڪونه ڪو مسئلو پوشيده هوندو آهي ۽ سندس عمل، مسئلي جي پيچيدگين ۽ ان جو حل ٻئي سامهون ڪٽي اچي ٿو. اڄڪلهه ڪامياب ناول اهو آهي، جنهن کي عام ماڻهو دلچسپيءَ سان پڙهي سگهي ۽ سماجي علم جا ماهر به ان مان لطف اندوز ٿي سگهن.“(42)

ائين ڪٽي چئجي ته ناول نگار زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي. هو پنهنجيءَ پرک سان هر زنده شخصيت مان مواد حاصل ڪري ٿو. هو زندگيءَ مان صرف اهو مواد حاصل ڪندو آهي، جيڪو سندس مقصد وارو هوندو آهي، جنهن سان هڪ طرف پنهنجن پڙهندڙن ۽ ٻئي طرف معاشري کي اثرانداز ڪري ٿو.

ناول، فن هجڻ جي ڪري، زندگيءَ مان ئي اُپري نڪري ٿو، پر اهو (ناول)، حقيقي زندگيءَ کي پيش نٿو ڪري، پر حقيقي زندگيءَ جو عڪس

پيش ڪري ٿو، يعني ناول نگار انسان جي زندگيءَ مان جيڪي ڪجهه حاصل ڪري ٿو، ان کي هوبهو پيش نٿو ڪري، پر ان کي فن جي اصولن تحت آڻي ٿو ۽ حقيقي ڪردارن جهڙن ڪردارن جي ذريعي ان کي بيان ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”ناول زندگيءَ جو آئينو آهي ۽ ناول نگار ان جي مدد سان، دلي جذبا ۽ لاڙا، جيڪي هن ۾ فطري طور اپرندا آهن، يا اُتپن ٿيندا آهن، تن کي فني قابليت سان پيش ڪري ٿو. هو جيڪي به تجربا حاصل ڪري ٿو، انهن کي پيش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪي واقعا پيش ڪري ٿو، اهي معاشري جي روزمره جي زندگيءَ ۾ ٿيندا رهندا آهن. هو جيڪي به تجربا ڪري ٿو، اهي سندس ذاتي مشاهدن مان حاصل ڪندو آهي. هو اهي معاشري مان ئي حاصل ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هو خود به انهيءَ معاشري جو ئي هڪ فرد آهي.(43)

ناول جي موضوع تي معاشري جي معاشي حالتن، سياسي ڦيرين گهيرين ۽ اجتماعي زندگيءَ جو اثر هوندو آهي. ان کان علاوه هر موضوع تي، پڙهندڙن جي خواهش ۽ وقت جي گهرجن جو به اثر هوندو آهي. انهن اثرن جي نمائندگي، ناول جي مقبوليت جو سبب هوندي آهي. انهن اثر جي ڪري، هر زبان جي علم و ادب ۾ بيان ڪيل خيال، نظريا ۽ موضوع وقت بوقت بدلجندا رهندا آهن.

جڏهن سائنس جي ترقيءَ جي ڪري صنعتي انقلاب آيو، تڏهن انسان زندگيءَ کي گهري نظر سان جاچيندي، پنهنجي ماحول کي اخلاقي سوچ جي بجاءِ، واقعاتي ۽ نفسياتي نظرين سان ڏسڻ لڳو. جيئن جيئن انساني شعور ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن ناول نويس جي ناولن ۾ واقعن ۾ به وڌيڪ پيچيدگي پيدا ٿيندي وئي ۽ سندس ناول ۾ مڪمل ڪردار، گوناگون حالتن مان گذرندي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا ۽ پوءِ اهو عام رواجي قصي جي بجاءِ، سماجي، تاريخي ۽ انساني ذهن جو مڪمل تجربو بڻجي ويو.

ناول ۾ سماجي زندگيءَ جو مطالعو هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. ناول جي ذريعي سماجي زندگيءَ ۽ سماج جا مسئلا اسان جي سامهون ايندا رهيا آهن. ناول کان پهرين سماجي مسئلن جي اظهار لاءِ اسان وٽ ڪو بيو طريقو ايترو نمايان ڪونه هو.

ناول ۾ اوڻيهين صديءَ ۾ پيش ڪيل، تحريرن جي ذريعي سماجي سائنس جو بنياد پيو، جنهن جون شاخون هاڻي به اقتصاديات، سياسيات، عمرانيات، نفسيات، سماجيات، علم السان ۽ علم الانسان شامل ڪيون وينديون آهن. ناول نگارن سماجي سائنس (عمرانيات) کي جنم ڏنو، ۽ ان سان گڏوگڏ، انهيءَ سائنس جي مدد سان، ناولن ۾ واقفيت جو به اضافو ڪيو ويو ۽ هن



صديءَ جي آخر تائين ناول نگارن سماجي پهلوءَ کي نمايان ڪيو، جنهن جي ڪري، هر وڏي ناول نگار ڪنهن نه ڪنهن خاص سماجي پهلوءَ کي پنهنجو ڪيو (اپنايو) هو.

ويهين صديءَ ۾ جڏهن انساني شعور هزارين قسمن جي علمن جي ڪري، زندگيءَ کي هڪ عجيب پراسرار حقيقت وانگر ڏسڻ لڳو ته، ناول به انساني نفسياتي کي گهراين ۾ وڃي ۽ ان جي تبديليءَ ۽ ارتقا جا نقشا پيش ڪرڻ لڳو.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ، هندو مسلم پائيچاري واريءَ گڏيل تهذيب جو مرڪز هئي. سنڌي قوم جا مذهبي ۽ روحاني قدر، هڪ وسيع پائيچار ۽ عالمگير امن ۾ اعتبار رکندڙ هئا. تصوف هتي جي انسانن جو فلسفه حيات هو.

هن دور جي ناولن جا موضوع سادا سودا هئا. انهن ۾ ليکڪن پنهنجي ذاتي مشاهدي تي ٻڌل حالتن کي عام ڪردارن ۽ ماحول ذريعي پيش ڪيو. هنن طبعزاد ناولن ۾ پنهنجي ديس جي تهذيب ۽ تمدن، اخلاقي ۽ اصلاحي حالتن ۽ سياسي رجحانن کي پيش ڪيو، جنهن ۾ ماضيءَ جي يادگيرين کي دهرائيندي، مستقبل جي راهن کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ پنهنجي ذاتي مشاهدن جي مدد سان، جذبن۽ احساسن کي پيش ڪندي، تخيل جي پرواز سان معاشري جي انتشار کي واقعات جي شڪل ڏيئي، ان کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ کان سواءِ، معاشري جي فرد جو عمل ۽ ردعمل، ۽ حالتن جي ڦندي ۾ ڦاٿل هجڻ، جهڙن واقعن کي ناول نگار پنهنجي وطن جي موضوع بنايو. اهڙيءَ طرح ناول نگار معاشري جي هر فرد جي زندگيءَ جي مسئلن جي اندر پهچي، هر فرد جي ذهن جي پرک ورتي ۽ انهن جي مسئلن جي تهه تائين ويا ۽ پوءِ هر فرد ۽ جماعت جي هڪ ٻئي سان تعلق کي پنهنجن ناولن جو موضوع بنايو.

اهڙيءَ طرح وطن جي محبت، سماج جون ريتون ۽ رسمون، سماج جون حالتون ۽ ماحول تي نڪته چينيءَ جهڙا موضوع به انهن بيان ڪيا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي نوان نوان موضوع ۽ مسئلا به منظر عام تي آيا. ناول نگارن، پنهنجي معاشري جي معاشرتي، اخلاقي بدحاليءَ جون تصويرون، موضوع طور بيان ڪيون ۽ قوم جي غيرت کي للڪاريو هو.

ورهاڱي کان پوءِ واري دور جي ناولن ۾ سڀ کان نمايان موضوع قومي، جمهوري حقن، ثقافت ۽ ٻوليءَ جا ڪئين مسئلا هئا، جنهن کان هر فرد اثرانداز ٿيڻ لڳو. انهن جي رد عمل ۾ پيدا ٿيل تحريڪون، ورهاڱي کان فوراً بعد ۽ 1965ع تائين چوٽ چڙهي ويون هيون. سياسي ۽ ثقافتي حقن جي

بحالي، سنڌي ٻوليءَ کي صحيح مقام ڏيارڻ ۽ ون يونٽ ٽوڙائڻ جهڙين تحريڪن گڏجي، هڪ وڏي تحريڪ جي صورت اختيار ڪئي، جنهن ۾ ٻين سان گڏ سنڌي اديبن به گهڻي ۾ گهڻو حصو ورتو. اهو ئي سبب آهي جو، تعميري دور ۾ واضح مقصدن تحت، نوان موضوع داخل ٿيا. هن دور جي ناولن کي قومي سجاڳي آڻڻ لاءِ هڪ ڪامياب وسيلي طور ڪتب آندو ويو، جنهن جي ذريعي عوام جا ستل جذبا، قومي احساس ۽ امنگ بيدار ٿيا. ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ سنڌي ناول ۾ ان جو اثرائتي ۽ ٽيڪنيڪي نموني سان استعمال نظر اچي ٿو. ان ۾ سنڌي قوميت جي مختلف تهذيبي، تمدني، لسانياتي، روحاني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي موضوع بڻايو ويو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ رومانوي طرز فڪر ۽ نفسيات ۾ نوان نوان زاويه ظاهر ٿيا آهن، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ به ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ جديديت جو فلسفو وڏيڪ اُڀري آيو. ان سان نه رڳوناول نويس جي سوچ ۽ فڪر ۾ تبديلي آئي آهي، پر ناول جي اسلوب ۽ ٽيڪنڪ جا انوکا پيمانه پڻ واضح ٿيا آهن.

جهڙيءَ طرح فنڪار جي تخليق جو مقصد صرف ذات جو اظهار نه هوندو آهي، بلڪ اُن جو محرڪ انسان ذات جي ڀلائي، اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ جو ڪونه ڪو جذبو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ناول نگاريءَ جو هميشه کان وٺي مقصد، معاشري جي بهتري رهيو آهي. آزاديءَ بعد تعميري دور جي اوائل ۾ غلط رسمن جي عڪاسي ڪئي وئي يا وري ظلمن ۽ ڏاڍاين جي برخلاف، مظلومن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ وري سنڌي ناولن ۾ اڪثر انساني ۽ جمهوري حقن جي طلب جو شدت سان اظهار ڪيو ويو.

هن دور جي لکيل ناولن جي موضوع تي آزاديءَ ۽ بيداريءَ واريءَ سياسي تحريڪ ۽ قومي اصلاح تي خاص توجهه ڏنو ويو. هن دور ۾ تاريخي احوال، معاشي، معاشرتي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن کي سڌارڻ ناول جا خاص موضوع هئا. هن دور جي موضوعن بابت ڊاڪٽر نجم عباسي لکي ٿو ته:

”هن دور ۾ ناولن جي وڏي اهميت ٿي وئي آهي. هن دور جي ناول ۾ ڪوبه پنگتي، راڄنيتي يا جيون جو ڪهڙو به مسئلو بنياد ڪان بلنديءَ تائين بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو ۽ اُن جو چيد ۽ چنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح ان باري ۾ پڙهندڙ جي ذهن تي، ويچار، صاف، چٽا ۽ پختا ويهاري سگهجن ٿا ۽ عمل جي چاٻي ڏيئي سگهي ٿي. لکندڙ کي لکڻ جو ويڪرو ۽ آجو ميدان ملي وڃي ٿو. هو ان ناول جي مرڪزي موضوع تي جو



ڪجهه هن جي من ۽ ذهن ۾ آهي، سو پني تي اوتي سگهي ٿو.“(44)

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي راءِ موجب، سماجي يا زندگيءَ جو ڪو به پهلو ناول جو موضوع ٿي سگهي ٿو، جيڪو ناول نگاريءَ جي سهڻي طريقي سان عام پڙهندڙن جي ذهن کي اثر انداز ڪري سگهي.

ورهاڱي کان پوءِ نمايان رجحان،سماجي حقيقت نگاري ۽ طبقاتي شعور پيدا ڪرڻ آهي، جيڪو اصل ترقي پسند ادبي جماعت جو حقيقي مقصد آهي. ان ڪري حقيقت نگاريءَ (Realism) جو هڪ نئون انداز پيدا ٿيو، جنهن ۾ ادبي تخليق ۾ موجوده ناول نگاريءَ، انسان جي لطيف احساس، خواهشن ۽ امنگن کي، تلخ حقيقي واقعن ۾ بيان ڪيو.

هن دور جا ناول نگار جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه نظام کي هر برائيءَ جو ذميوار سمجهن ٿا. هنن، پنهنجن ڪن تخليقن ۾ واقعات سان گڏ، ڪردارن جي نفسياتي رخ کي سهڻي انداز ۾ چٽيو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته موجوده ناول جي موضوعن جو دائرو ايڏو ته وسيع آهي، جو ان ۾ هر قسم جي تجربن جي کپت آهي ۽ فنڪاريءَ ۾ به مختلف تجربا ڪيا ويا آهن. هن دور ۾ سنڌي ناول نگارن، سنڌي زبان جي ناولن جي هر موضوع ۽ هر تحريڪ کي پنهنجو مقصد بڻائي، پنهنجيءَ قوم کي جهالت ۽ انڌيري کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر قاضي خادم، ناول جي موضوع جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار کي صرف ڏات نه، پر ڏانوَ جي به ضرورت آهي. هن کي پنهنجي قصي ۾ پيش ايندڙ واقعات جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. ملڪي رسمن، رواجن، عادتن ۽ خصلتن جي مڪمل معلومات هجڻ ضروري آهي. معاشري جي جنهن رخ کي واضح ڪرڻو هجي ته ان جي ننڍين ننڍين تفصيلن جي، ڄاڻ هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هر سال هزارين ناول ڇپجن ٿا، جيڪي دلچسپيءَ سان به پڙهيا وڃن ٿا، پر انهن کي ڪا مستقل حيثيت حاصل نه ٿي ٿئي. ڪي چند ناول اهڙا ڇپجن ٿا، جيڪي انساني سڀاءُ جي حقيقي تصوير چٽين ٿا.“(45)

جديد دور جي ادب ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جي ڪري انسان جي چوڌاري، جيڪي تڪڙيون تبديليون آيون آهن، تن انسان جي سوچ، ويچار، فڪر ۽ وهنوار ۾ ڪافي ڦيرو آندو آهي. سائنس انساني زندگيءَ ۾ نئين سوچن جا دائرا وسيع ڪيا آهن، جن ۾ انساني زندگيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم، جوابدارين ۽ ذميوارين ۾ جيڪو ڦيرو اچي ويو آهي، اهي نيون حالتون، هڪ نئين انسان کي گهڙي رهيون آهن. هو جيڪي ڪجهه خلقي ٿو، تنهن کي اسين نئون ادب چئون ٿا. ناول به ان نئين ادب جو هڪ روپ آهي. هڪ تصوير آهي. اهو ان نئين شخص جي شعور جو ئي خلقيل ادب آهي ۽ اهو ادب،

انسان کي تيستائين سمجهه ۾ نه ايندو، جيستائين ان انسان، ان نئين شخص کي سمجهيو نه آهي. اهو نئون نهندڙ شخص، روايتي زندگيءَ جي، انساني قدرن سان وڙهي رهيو آهي. اهي انساني قدر، سندس خواهشن کي نئين ماحول ۽ نئين فضا مان، سندس شعور قبول نٿو ڪري. انهيءَ ڪري اڄ جو هر ذهين ۽ حساس شخص بيچين آهي. اها بيچيني جيتري يورپ جي شخص جي آهي، اوتري ئي هتي جي شخص جي آهي. اتان ئي جديد شعور جي شروعات ٿئي ٿي.

اڄوڪي افراتفريءَ واري دور ۾ انسان جي انفرادي حيثيت گم ٿيندي پئي وڃي. گذريل ڪجهه وقت کان جيڪي حالتون پيدا ٿيون آهن، انهن جذباتي ۽ ذهين شخص کي پريشان ڪري وڌو آهي. اهو جذباتي شخص سماج کان ڪٽجي، بيگانو ۽ اجنبي بڻجي ويو آهي. هو اڪيلي پڻي يا تنهائيءَ جي احساس جي ڪري، جيئري ئي مري رهيو آهي. هو پنهنجي ذاتي خواهشن مطابق زندگي گذاري نٿو سگهي ۽ انهيءَ حالت ۾ زندگي گذارڻ سندس وس ۾ نه رهيو آهي ۽ مرڻ جي به آزادي وٽس ڪونهي.

انهيءَ ڪري نئين ناول ۾ زندگيءَ کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو نظريو بدلجي وڃي ٿو، يا نئين سچ جي جيڪڏهن ڪوجنا ڪجي ٿي ته اظهار جو ڍنگ خودبخود بدلجي وڃي ٿو. نئين ناول، غير سماجي خواهشن، سيڪس جي آزاديءَ ڏانهن لاڙو، ڪٽنب جي بدليل معنيٰ ۾ ايثار، شادي شده زندگيءَ جو نئون روپ، نااميدي، شهري زندگيءَ ۾ بوريت ۽ بي سلامتيءَ ۽ بي اعتمادي وغيره ڪيترائي نوان موضوع آهن، جن کي هن دور جي ناول نويسن پنهنجي ناولن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جديد دور جي جن ٿورن ناولن نگارن، جديد شعور کي پنهنجن ناولن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن ۾ آغا سليم، غلام نبي مغل، لعل پشپ، موتي لعل جوتواڻي، پرم ابيچنداڻي ۽ آنند کيماڻي وغيره جا ناول شامل آهن.

مطلب ته هن دور ۾ سنڌي ناولن ۾ بيشمار موضوع اچي وڃن ٿا. مثلاً: ڪن ناولن جو مواد سماج مان ورتو ويو آهي، ته ڪن ناولن ۾ وري طبقاتي ڪشمڪش پيش ڪيل آهي. ڪن ناولن ۾ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ تي روشني وڌي وئي آهي، ته ڪن ناولن ۾ ڪٽنبن جي باهمي رقابت يا وري خاندان جي فردن جي باري ۾، جن ۾ ڪي اعليٰ ڪردار جا مالڪ آهن، ته ڪي وري بدڪردار آهن. ڪن ناولن ۾ وري حسن ۽ عشق جا قصا بيان ڪيل آهن ته ڪن ناولن ۾ وري ڪنهن عهد يا دور جي عڪاسي ڪيل آهي، ته ڪن ناولن ۾ وري ڪردارن جي زندگيءَ جي مختلف روين ۽ انهن جي سوچ، انهن جي ذاتي زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل آهي، ته ڪٿي وري تفريحي ۽ جاسوسي واقعا پيش ڪيا ويا آهن. ڪن ناولن ۾ جنسيات واري موضوع کي پيش ڪيو ويو آهي، ته ڪن ۾ وجوديت جي نظريي کي؛ ڪن ناولن ۾ قوميت جو نظريو پيش ڪيل



آهي، ته ڪن ۾ طبقاتي شعور، ته ڪن ۾ سماجي حقيقت نگاري پيش ڪيل آهي، ته ڪن ناولن ۾ وري سماجي شعور، سرمائيداري ۽ ڪن ناولن ۾ رومانوي پهلو پيش ڪيل آهن.

حاصل مطلب ته سنڌي زبان ۾ لکيل ناول، ادب جي سيني فلسفن ۽ نظرين جي ترجماني ڪن ٿا، جن جي باري ۾ وضاحت سان ۽ مثالن ذريعي اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

## ببليو گرافي


1. آڪسفورڊ ڊڪشنري آف گريٽ برٽن، لنڊن، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1951
2. اينسائيڪلوپيڊيا آف آمريڪانا ڪارپوريشن، نيويارڪ، 1955
3. گيواني بئڪشينو ۽ ڊيڪامران، ايضاً
4. Walter Scott, Sir, Aspect of Novel, England, 1996
5. Marison F. Craford, An Introduction to the study of Novel and People
6. اينسائيڪلوپيڊيا آف برٽننيڪا، لنڊن، 1980
7. نيو انگلش ڊڪشنري آف انگلش لئنگئيج
8. ايضاً
9. ڊبليو – اي- ولئيمس، ايضاً
10. فاڪس، ايضاً
11. جڳديش لڇاڻي: اپنياس ۽ سنڌي اپنياس، الهاس نگر، وينا پبليڪيشن 1982
12. عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، زيب ادبي مرڪز 1983
13. ڪلداريو حوالو نمبر 8
14. قاضي خادم، ڊاڪٽر: درد جي خوشبو، پيش لفظ حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1986ع
15. عبدالحق خان: پاڪستان ۾ اردو ناول، شعبه اردو، جامع سنده، 1968
16. ايضاً
17. ڏسو حوالو نمبر 6
18. ڏسو حوالو نمبر 12
19. شلپ حوالو نمبر 11
20. حوالو نمبر 12
21. موپاسان حوالو نمبر 11
22. گمائل بيلي حوالو نمبر 11
23. ايضاً
24. عبدالحق خان: پاڪستان ۾ اردوناول، شعبه اردو، جامع سنده، 1968
25. ريڪس وارنر، ايضاً
26. وقار عظيم: داستان بنڌ افسانڌ تڪ، ڪراچي، اردو اڪيڊمي، سنڌ 1960ع
27. پناڻ غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص 130.
28. ابو الليث صديقي، ڊاڪٽر: ناول فني نقطه نگاهه بنڌ، ڪراچي، نگار پاڪستان 1966ع
29. ورجينا وولف، حوالو ايضاً
30. راڌا ڪرشن، ڊاڪٽر: حوالو ايضاً
31. ظفر اقبال، ڊاڪٽر: اردو مين تاريخ نويسي: ڪراچي، ذڪي سنز، 1966ع





32. سيد عابد علي، عابد، پروفيسر: اسلوب مجلس ترقي ادب، لاهور، اردو بازار، 1966ع
33. ايضاً
34. ڏسو حوالو نمبر 11
35. ڏسو حوالو نمبر 26
36. ڏسو حوالو نمبر 27
37. احتشام حسين، ڊاڪٽر: ادب اور سماج، بمبئي، ڪتاب پبليڪيشن لميٽيڊ 1948ع
83. Robert Liddel, A treatise on the Novel, 5th edition London, Janathan Cape, Tirty Beadford Square, 1958u, p.34
39. پمپاڻي، نارائڻداس، پروفيسر: پاپ ۽ پاڪيزگي، حيدرآباد ڪرائون پرنٽنگ پريس، 1945ع، ص الف
40. شهواڻي، غلام محمد: ادبي اصول، حيدرآباد، آر-ايچ احمد اينڊ برادرس، 63-1962ع، ص 10
41. ڏسو حوالو نمبر 27
42. انور الحسن هاشمي، ڊاڪٽر: ڪراچي، الڪتاب، آرام باغ، 1948ع، ص 38
43. ڏسو حوالو نمبر 27
44. نجم عباسي، ڊاڪٽر: بلنديون (ناول)، پيش لفظ، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1986ع
45. ڏسو حوالو نمبر 14

## 4. پلاٽ ۽ سنڌي ناول:

ڪنهن به ناول نگار جي تخليق جي فني معيار کي پرکڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته ان جي لکيل ناول جي فني نقطن کي نمايان ڪيو وڃي. ناول هڪ طرف زندگيءَ جي تصوير هوندو آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، ته وري ٻئي طرف ان ۾ فڪري انداز به هوندو آهي. جيڪڏهن ان ۾ زندگيءَ جا اهم واقعا هوندا آهن ته وري انهن واقعن لاءِ مناسب ڪردار به تخليق ڪيا ويندا آهن ۽ انهن ڪردارن ۾ ذهني ۽ جذباتي ٽڪراءُ به هوندو آهي. ان ٽڪراءَ مان ڪو نتيجو به نڪرندو آهي. نقادن هڪ ڪامياب ناول جا جيڪي حصا يا عنصر مقرر ڪيا آهن، اهي آهن: (i) پلاٽ، (ii) ڪردار، (iii) مڪالمه، (iv) منظر نگاري ۽ (v) واقعا نگاري.

ڪن ماهرن وري انهن ۾ ٽن وڌيڪ عنصرن جو اضافو ڪيو آهي، اهي آهن: (i) زمان ۽ مڪان، (ii) نظريه حيات ۽ (iii) اسلوبِ بيان.

سڀ کان پهرين پلاٽ جي باري ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي، جو دراصل ناول لاءِ اهم هوندو آهي. ڪنهن به ناول، افساني، ڪهاڻيءَ يا ناٽڪ لاءِ پلاٽ جو هجڻ تمام ضروري آهي. ڪن واقعن کي مناسب ترتيب ۽ تنظيم يعني رٿا سان پيش ڪرڻ واري عنصر کي ’پلاٽ‘ چئبو آهي.

پلاٽ، ڪنهن به ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هوندي آهي. اها رٿا جيڪا ان ڪهاڻيءَ جي بيان جي سلسلي کي قائم رکندي آهي. هڪ طرف، اها ناول نگار جي مقصد کي ڪامياب بنائيندي آهي، ته ٻئي طرف، ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي، رٿيل دائري اندر بيان ڪندي آهي. اها رٿا ناول نگار، پنهنجي ذهن ۾ ناول لکڻ کان اڳ ۾ تيار ڪندو آهي ۽ ناول لکڻ وقت هو رڳو، انهن سوچيل، واقعن کي سلسليوار ۽ رٿا موجب بيان ڪندو ويندو آهي. انهن واقعن جو سلسليوار بيان يا تسلسل، ڪردارن جي چرپر يا تحريڪ ۽ عمل تي مدار رکندو آهي. اهڙيءَ طرح پلاٽ کي هڪ رٿيل منصوبي يا سوچ جو بيان يا وضاحت آهي، جنهن جو عمل، ڪردارن کان ڪرايو ويندو آهي.

ناول نگار پنهنجي ناول ۾، پنهنجا خيال يا نظريه حيات (نظريو) پيش ڪرڻ چاهيندو آهي. ان لاءِ هو مناسب واقعن کي تشڪيل ڏيئي بنيادي نظريي تحت، انهن واقعن جو انتها تائين تسلسل قائم رکندو آهي. اهڙيءَ طرح اهو قصو يا ڪهاڻي مڪمل ٿي ويندي آهي، پر هو ان ۾ هن ڳالهه جو خاص طور خيال رکندو آهي ته انهن واقعن جي تسلسل ۾ ڪٿي به رڪاوٽ نه اچي، يا ڪٿي به پڙهندڙ کي اهو محسوس نه ٿئي ته اها ڳالهه هن واقعي جي خلاف آهي،



يا پڙهندڙ اهو سوچي ته هيءَ ڳالهه وچ ۾ ڪٿان آئي ۽ ڪيئن آئي؟

ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ائين هجي، جو هر واقعو، حالتن جي منطقي نتيجي مطابق معلوم ٿئي. واقعن جي چونڊ ۾ به پلاٽ اهم حيثيت رکي ٿو، ڇو ته هت ناول نگار جي اهائي وڏي خوبي آهي ته هو اهڙا واقعا چونڊي، بيان ڪري، جيڪي پڙهندڙ جي دل تي اثر ڪن ۽ قصي ۾ به دلچسپي پيدا ڪن، ۽ پلاٽ جي وحدت تي به اثرانداز نه ٿين. پلاٽ جي وحدت لاءِ ضروري آهي ته، ڪوبه اهڙو واقعو پيش نه ڪيو وڃي، جو پلاٽ جي تاثر تي اثرانداز ٿئي، جنهن جو مرڪزي قصي سان به ڪو واسطو نه هجي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته پڙهندڙ جو ذهن اصل قصي کان هٽي ويندو ۽ انهن اضافي واقفن ڏانهن هليو ويندو، جن جي ڪري پلاٽ جي مجموعي تاثر تي غلط اثر پئجي سگهي ٿو.

ليڪن اڄڪلهه انهن ڳالهين جو خيال نٿو رکيو وڃي ۽ ڪيترائي اهڙا واقعا به بيان ڪيا ويا آهن، جن جو مرڪزي قصي سان ڪو واسطو ئي نه هوندو آهي، پر ان جي بيان ۾ هڪ خاص اسلوب يا حسن بيانيءَ کان ڪم ورتو ويندو آهي، جنهن جي ڪري اهو اسلوب، پلاٽ تي اثرانداز ٿيڻ جي بدران، ناول ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪري ٿو. انهيءَ جو اهو به سبب ٿي سگهي ٿو ته، انساني ذهن مسلسل، ڪنهن به هڪ شيءِ کي گهڻي عرصي تائين قبول نٿو ڪري ۽ اهي ضروري واقعا هن جي ذهن کي ڪجهه وقت لاءِ، اصل موضوع کان هٽائي، ڪنهن ٻئي طرف متوجهه ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ذهن ۾ ڪجهه تازگي اچي وڃي ٿي، ۽ پوءِ اُهي ئي واقعا واپس اصل قصي طرف اچن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح پلاٽ ۾ هڪ قسم جي خوبصورتي ۽ دلچسپي وارو عنصر پيدا ٿئي ٿو.

پلاٽ جي هڪ ٻي خصوصيت، ان جي پيچيدگي هوندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن هڪ ئي قصي کي سادي سودي طريقي سان بيان ڪيو ويو ته اُن ۾ دلڪشي يا دلچسپي پيدا نه ٿيندي، دلچسپي اهڙي قصي ۾ هوندي آهي، جنهن ۾ داخلي ۽ خارجي ڪشمڪش سان زندگيءَ جا واقعا به بيان ڪيل هجن.

مختلف هنڌن تي حادثا، قدرتي آفتون، پنهنجن سان جهيڙا جهڳڙا، حسد ۽ ٻين سياسي، معاشرتي، تهذيبي واقعن جي اثر ڪري، قصي ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهجي ٿي، ڇو ته پڙهندڙ نهايت ئي بيچينيءَ سان انهن واقعن جي نتيجن جو منتظر هوندو آهي.

پلاٽ ڪنهن به ناول جي پوري خاڪي جي تڪميل جو راز به هوندو آهي. اهڙو پلاٽ، ڪهاڻيءَ جي خاڪي جي مڪمل ٿيڻ تائين ظاهر ڪرڻ نه ڏيندو آهي ۽ جڏهن به اهو راز ظاهر ٿئي ٿو، تڏهن ڪهاڻي جي اهميت ختم

ٿي وڃي ٿي. اهو ئي راز ناول نگار مخفي رکندو آهي، جنهن لاءِ پڙهندڙ پنهنجو ذهن، دل ۽ دماغ ڪهاڻيءَ سان ٻڌل رکندا آهن.

مٿي چيو ويو آهي ته ناول نگار، ڪهاڻي لکڻ کان اڳ، پهرين پلاٽ تي سوچيندو آهي ۽ پلاٽ جي سوچ کان پوءِ ئي هو، ڪهاڻيءَ جو خاڪو تيار ڪندو آهي. خاڪي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، واقعن ۽ انهن جي تسلسل کي، ڪردارن جي عمل سان پيش ڪندو ويندو آهي. يعني ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ ڪردارن جو عمل گڏجي، ڪهاڻيءَ جي خاڪي جي تڪميل ڪن ٿا. ناول نگار جو اصل مقصد پلاٽ ئي هوندو آهي ۽ ان مقصد جو عمل، ڪردارن جي ذريعي ڏيکاريو ويندو آهي، ۽ ڪردارن جي عمل جو سلسلو ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ ئي ٺاهي ٿو.

پلاٽ ڪردارن جي عمل تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري ڪردارن جي عمل کي پيش ڪندي، ناول نگار کي جذباتي نه ٿيڻ کپي، جيڪڏهن ناول نگار، پنهنجي جوش ۽ جذباتي اثر هيٺ آيو ته پوءِ ڪهاڻيءَ جي خاڪي ۽ پلاٽ جون حدون پچي، ڪردارن جي شخصيت ۽ انهن جي عمل جي دائري کي فني اصولن کان ٻاهر ڪڍي ويندو، جنهن ڪري ڪهاڻيءَ جو ايڪو (اتحاد) يا تسلسل ٽٽي پوندو. ان ڪري ناول نگار لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجن ڪردارن جي شخصيت کي، ڪهاڻيءَ جي خاڪي ۽ پلاٽ جي مدد سان پيش ڪري. هن لاءِ لازمي آهي ته انهن سڀني تي پنهنجو قبضو رکي ۽ شخصيت کي فن جي دائري ۾ قابو ڪري، ڪهاڻيءَ جو اتحاد قائم رکي. علي عباس حسيني پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ناول اهو آهي، جنهن ۾ پلاٽ تي زور ڏنو ويو هجي.“(1)

اهڙيءَ طرح اِي-ايم فاسٽر (E.M. Foster) پنهنجي ڪتاب 'Aspects of Novel' ۾ لکي ٿو ته:

”پلاٽ اهو آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ مان اپري ٿو.“(2)

پر اهو (پلاٽ) ڪهاڻي نه هوندو آهي. ڪنهن به ناول جو پلاٽ نه رڳو ڪهاڻيءَ کي اهميت ڏئي ٿو، پر ناول کي اعليٰ پڙ بنائي ٿو. ڪنهن به ناول جو پلاٽ، ناول جو ڪو جز نه هوندو آهي، پر ڪهاڻي انهن جزن جو نالو آهي، جيڪي بنيادي آهن ۽ جن مان پلاٽ تعمير ڪيو ويندو آهي. آسٽن وان (Austin Warren) ۽ ريني ويلڪ (Rene Wellek)، ٿيوري آف لٽريچر 'Theory of Literature' ۾ رايو ڏيندي لکن ٿا ته:

”ناول جي ڪهاڻيءَ جي بناوت کي رسمي طور ناول جو پلاٽ چيو وڃي ٿو.“(3)

افسانوي ادب ۾، افسانوي زندگيون پلاٽ تحت پيش ڪيون وينديون آهن. اُهي حقيقي زندگيون نه هونديون آهن. انهيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين



پٺاڻ هيئن ٿو لکي:

”ناول جي پلاٽ تحت، زندگي ناول نگار جي هٿ ۾ هوندي آهي، جيڪا فن جي اصولن جي دائري کان ٻاهر عمل نه ڪري سگهندي آهي. هيءَ زندگي تمام تيز رفتار هوندي آهي، جيڪا هر موڙ تي رٿيل حالتن ۽ واقعن تان گذرندي ويندي آهي. هن زندگيءَ کي، ناول نگار جي خيالن جو پابند رهڻو پوندو آهي. سندس هر عمل فطري نه، پر ان ارادي تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو ارادو فنڪار ڪري ٿو. هي تفڪر تحت جڙنديون آهن. حقيقي زندگيءَ ۾ ڪابه منزل چاتل سچاتل نه هوندي آهي ۽ هر منزل فطري انداز ۾ پيش ايندي آهي. هن جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميابيون اوچتو اينديون آهن، پر رٿيل زندگين جي ڪاميابي يا ناڪامي، فنڪار جي ذهن ۾ اڳي ئي هوندي آهي، جنهن جي نتيجي کي آخر ۾ آندو ويندو آهي. ناول نگار پنهنجي ڪماليت سان انهيءَ نتيجي کي ڳجهو رکي ٿو ۽ انهي راز کي آخر ۾ ظاهر ڪري ٿو.“(4)

اهو راز ناول نگار مخفي رکندو آهي، جنهن لاءِ پڙهندڙ جو ذهن ۽ اُن جي دل، ڪهاڻيءَ سان ٻڌل رکندو آهي. ناول نگار، ڪهاڻي لکڻ کان پهرين، پلاٽ تي سوچي ٿو ۽ پلاٽ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي ڪهاڻيءَ جو خاڪو تيار ڪري ٿو. خاڪي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ واقعن ۽ انهن جي سلسلي کي ڪردارن جي عمل سان پيش ڪندو ويندو آهي. يعني ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ۽ ڪردارن جو عمل گڏجي، ڪهاڻيءَ جي خاڪي جي تڪميل ڪن ٿا. پلاٽ، ناول نگار جو مقصد هوندو آهي ۽ انهيءَ مقصد جو عمل ڪردار ڏيکاريندا آهن ۽ ڪردارن جي عمل جو سلسلو ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ ٺاهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ واقعاتي توڙي ڪرداري ٻنهي قسمن جي پلاٽن جا مثال موجود آهن ۽ سنڌيءَ ۾ اهڙا به سماجي ۽ نفسياتي ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ پلاٽ يا ته صرف ڪرداري آهن، يا وري مرڪب پلاٽ ۾ رٿيا ويا آهن. انهيءَ کان علاوه پلاٽ جا ٻيا قسم هي آهن:

### (i) سادو پلاٽ:

سادي پلاٽ جو مقصد آهي ته ڪنهن هڪ راز تي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ جوڙيل هجي، جنهن تي پوري ڪهاڻي ٻڌل هجي. هڪ سورمو ۽ هڪ سورمي هجي. ٻيا ڪردار انهن جي مدد لاءِ هجن. سنڌيءَ ۾ ’حليما‘ ۽ ’ٻُولي‘ سادي پلاٽ وارا ناول آهن.

### (ii) مرڪب پلاٽ:

مرڪب پلاٽ ان پلاٽ کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ کان

وڏيک راز رکيل هجن ۽ اهي هڪٻئي سان لاڳاپيل هجن ۽ مرڪزي راز جي اهميت کي ظاهر ڪن، پر اهي مرڪزي ڪهاڻيءَ سان چڱيءَ طرح واسطو رکندا هجن يا ان سان جڙيل هجن. وليم هينري هڊسن (William Henry Hudson) پنهنجي ڪتاب 'An Introduction to Literature' ۾ مرڪب پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مرڪب پلاٽ اهو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ کان وڏيک راز رکيا وڃن، جيڪي هڪ ٻئي کان مختلف هجن ۽ جن جي رٿا به جدا جدا هجي.“(5)

هو اڳتي لکي ٿو ته:

”مرڪب پلاٽ اهڙن ناولن ۾ ڏنا ويندا آهن، جن ۾ ٻه ڪهاڻيون گڏوگڏ هلنديون آهن، جن جو هڪ ٻئي سان واسطو هوندو آهي.“(6)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ انهيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مرڪب پلاٽ انهيءَ کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ هڪ کان وڏيک رازن تي ڪهاڻي رٿيل هجي.“(7)

مرڪب پلاٽ جي تاثر ۾ وحدت قائم رکڻ مشڪل ڪم هوندو آهي. ڪيترن ئي قصن کي اهڙيءَ طرح گڏ ڪرڻ، جو اهو هڪ ٻئي تي اثرانداز نه ٿين ۽ مرڪزي ڪهاڻيءَ سان به انهن جو رابطو هجي، ۽ اها مرڪزي ڪهاڻيءَ کان وڏيک به نه. انهيءَ جي تخليق جو مقصد صرف بنيادي ڪهاڻي جي تاثر ۾ وحدت پيدا ڪرڻ آهي. گوبند مالهيءَ جو ناول ’جيون ساٿي‘ هن قسم تي لکيل آهن.

**(iii) مربوط يا پختو پلاٽ:**

مربوط پختو پلاٽ (Organic Plot) ان کي چئبو آهي، جنهن جي رٿا ڪهاڻيءَ سان ٺهي اچي ۽ آخر تائين سڀ جزا، ان ۾ هڪ نظر اچن ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي جهول نظر نه اچي. نڪي ڪردارن جي عمل ۾، ڪهاڻيءَ جي رٿا جي لحاظ کان ڪا خامي پيدا ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح پوري رٿا، ابتدائي مقصد سان اتحاد ۾ رهڻ ڪري، ناول جي ڪهاڻيءَ جو مقصد پورو نظر ايندو. اهڙيءَ ڪهاڻيءَ جي پلاٽ کي پختي پلاٽ جي ڪهاڻي چيو ويندو آهي، پر جيڪڏهن ناول نگار جي خيالن ۾ ڪٿي به تبديلي آڻي ۽ ڪهاڻي بيان ڪندي، ڪٿي ترتيب ۾ به ڪمي پيشي ڪئي وئي، ته اهڙي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ مربوط نه هوندو ۽ اهڙي پلاٽ کي ’گهرگهلو‘ يا ’غير مربوط‘ (Loose plot) يا ڍلو پلاٽ چيو ويندو.



**(iv) بنا پلاٽ يا رٿا کان سواءِ ناول (Plotless novel):**

ويهين صديءَ جي ادب ۾ وڏي تبديلي اها آئي، جو يورپ جي هڪ گروپ، رٿا کان سواءِ (Plotless) ناول لکيا. هنن اهو سوچيو ته انساني زندگيءَ ۾ ڪوبه سسٽم يا ڪابه رٿا نه آهي، جنهن تي انسان بنا ڪنهن سوچڻ جي عمل ڪندو رهي ٿو. ناول ۾ اهائي رٿا شامل ڪئي وڃي. انهن ناول جي شروعات آمريڪي اديب ’ورجينا وولف‘، جرمن اديب ’ڪافڪا‘، ’جيمس جوائس‘ ۽ ’البرٽ ڪامئو‘ ڪئي. اڄڪلهه اهو ئي مقبول ۽ ڪامياب اديب آهي جنهن جو بنا پلاٽ (Plotless) ادب آهي.

رٿا کان سواءِ يعني Plotless ناول ۾، ليکڪ لاءِ تجربن جو لامحدود ميدان ٺاهي ڇڏي ٿو ۽ ليکڪ پاڻ کي فني پابندين ۾ جڪڙيل محسوس نٿو ڪري. اهڙا ناول خيالن جي ڪڙيءَ ڪڙيءَ (Association ideas) جي آڌار تي رکيا ويندا آهن. اهڙن ناولن ۾ ليکڪ پنهنجن خيالن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ، ڪهاڻي رٿي ٿو، جنهن ۾ نه ڪردار جو هڪٻئي سان ڪو تعلق رهي ٿو ۽ نه ئي وري واقعن جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو هوندو آهي، پر فقط گفتگو جي آڌار تي هڪ ڪهاڻي رٿي ويندي آهي، جنهن ۾ تبليغي انداز ۾ مقصد کي نباهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اهڙن ناولن کي اگر تبليغي ناول چئجي ته بهتر ٿيندو. ڇو ته انهن ۾ واقعن ۽ ڪردارن جو اتحاد نه هوندو آهي، صرف خيال پيش ڪيا ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جو ناول ’زوال‘، آغا سليم جو ناول ’همه اوست‘، رام پنجواڻي جو ناول ’آهي نه آهي‘ ۽ ولي رام ولڀ جو ترجمو ڪيل ناول ’ڏاريو‘ هن طرز تي لکيل آهن.

ناول نويس جيڪي ڪجهه لکي ٿو، اهو هو ڪنهن مقصد سان، ڪنهن خاص نظريي جي تعليم ۽ تبليغ لاءِ ئي لکندو آهي، ليڪن هڪ فنڪار ۽ معمولي لکڻ واري ۾ فرق صرف اهو آهي ته، عام لکڻ وارو پنهنجي مقصد کي واضح ڪري ڇڏي ٿو. سندس تصنيف صرف تبليغ ۽ پروپئگنڊا ٿي وڃي ٿي، پر هڪ فنڪار جيڪي اثر پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، انهن کي هو واقعن جي بياني ترتيب سان حاصل ڪري ٿو، پر هو پروپئگنڊا نٿو ڪري؛ هو خواهه مخواهه مصلح، ناصح ۽ منصف بڻجي، پنهنجي راءِ ٻين تي نٿو مڙهي؛ هو پڙهندڙ کي آهستي آهستي، ڳالهين ۾ يعني قصي ۾ لڳائي، پنهنجي رستي تي آڻي ٿو، ۽ هڪ غير محسوس طريقي سان خيالن ۾ تبديلي آڻي ٿو. مطلب ته ناول نگار جو مقصد تڏهن ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن ڪهاڻيءَ جي بيان ۾ تسلسل هوندو، واقعا، وقت ۽ جاءِ جي لحاظ کان صحيح پيش ڪيا ويا هوندا؛ ڪردارن جو عمل پنهنجي دائري اندر ڪيل هوندو، يعني ناول جي اها ترتيب جيڪا ناول نگار شروع ۾ پنهنجي مقصد کي نپائڻ لاءِ ذهن ۾ رکي ٿو، تنهن

جو نتيجو اهو ئي نڪري ٿو، جيڪو ناول نگار جو ابتدائي مقصد هوندو آهي. ناول جي ترتيب جو اهو لازمي نتيجو، ناول جو پلاٽ آهي.

ناول ۾ سڀ ڪردار، ناول نگار جي مقصد جي چوڌاري عمل ڪندا رهندا آهن، ۽ ڪردارن جي عمل لاءِ واقعن، ماحول، سماج، منظر، گفتگو، وقت ۽ جاءِ جو تصور، ناول نگار جي ذهن ۾ اڳي ئي هوندو آهي، جنهن کي هو بيان ڪندو ويندو آهي. هو پنهنجي بيان جي مدد سان انهن سڀني پهلوئن کي ملائي، اتحاد ۾ اهڙي انداز سان پيش ڪندو ويندو آهي جو سڀ هڪ ئي ڳالهه جا پهلو نظر ايندا آهن، ۽ اهو ئي ناول نگار جو مقصد يا مرڪزي خيال هوندو آهي، جنهن لاءِ هو ڪهاڻيءَ کي ترتيب ڏيندو آهي. تنهن ڪري ترتيب جي مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪو مقصد ساڳيو ٿيو ته پلاٽ پختو چيو ويندو ۽ جيڪڏهن مقصد ۾ ڪٿي به ڪا ڪمي نظر آئي ته ڪهاڻي بي ترتيب نظر ايندي ۽ پلاٽ ڍلو ٿي پوندو. ناول جي سڀني جزن جي اتحاد ۾ رهڻ سان جو راز ظاهر ٿئي ٿو، اهو پلاٽ آهي ۽ اهوئي راز ناول جي مقصد کي جنم ڏئي ٿو.

مطلب ته پلاٽ، واقعن جي انهيءَ خاڪي کي چون ٿا، جيڪو ناول نويس جي نظر ۾ شروع ڪان ئي رهي ٿو. قصي جون سڀئي دلچسپيون ان جي ترتيب تي مبني هونديون آهن. هن کي اها ڄاڻ هوندي آهي ته قصو ڪيئن لکجي، ۽ ماڻهن ۾ ڪيئن انهيءَ قصي لاءِ دلچسپي پيدا ڪجي. هنن کي اهو قصو اهڙيءَ طرح ٻڌائڻو آهي، جو اهو اثرانداز به ٿئي ۽ ان مان پڙهندڙ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ به ڪامياب ٿئي. سراج الحق ميمڻ پنهنجي ناول، ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘ جي پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ڪڏهن ڪڏهن تاريخ پاڻ ورجائيندي آهي. سنڌ جي تاريخ به شايد پاڻ کي ورجايو آهي. تازين چونڊن ۾ سنڌين هڪڙو فيصلو ڏنو آهي، ان فيصلي کي سمجهڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه آهي. سنڌين وٽ نياڻي ست قرآن آهي. سنڌين وٽ هڪڙي ٻي به روايت آهي ته جيڪو سنڌن بنهه پنهنجو هجي، سو سندن پنهنجي حوالي سان بي گناهه ماريو وڃي، ان کي وسارڻ هنن جي وس ڪان ٻاهر آهي. هنن موهن جي دڙي جي ساک تي فيصلو ڪيو آهي. ان فيصلي جي صحيح يا غلط هجڻ جو سوال پڇڻ وارا تاريخ کي وساري ٿا ويهن. هو شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلال شهيد کي وساري ٿا ويهن. سنڌين جا فيصلا نتيجن ڪان بالاتر آهن. انهن کي جذباتي فيصلا سڏڻ به غلط آهن. اهي سپردگيءَ جا فيصلا آهن. اهي احساس جا فيصلا آهن، انهن فيصلن کي تاريخ تي چڙهي ڏيڻو آهي.“(8)

اهوئي سندس ناول جو پلاٽ آهي، جنهن تي هن هڪ مڪمل ناول لکيو آهي. اهڙو هڪ ٻيو مثال ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ناول ’لاش‘ مان ڏجي



ٿو، ته هن هڪ واقعي ڪان پوءِ متاثر ٿي لکيو:

”تهه سياري جي رات هئي.... هر طرف خاموشي هئي.... اوچتو موٽر جي بريڪ جي چيچاٽ... هڪ تيز رفتار موٽر ڪار بتيون گل ڪري وڃي رهي هئي. هڪ دردناڪ چيخ هئي.... فضا خاموش هئي... ٻاهر ڪَنَ ڦيرڻ سان معلوم ٿيو ته ڪو ڪنجهي رهيو آهي. هلڪي روشني واريءَ بتيءَ جي هيٺان، هڪ مڪان جي ڪنڊ وٽ، هڪ فقير رت جي تلاءَ ۾ تڙپي ۽ مدد لاءِ واجهائي رهيو آهي... هر فرد ننڊ جي خمار ۾ مخمور هو؛ هن مسڪين جي رنج و الم واري پر غم پڪار منهنجي بيوس دل کي مغموم ڪيو. غريب ۽ بيحال جي حالت مون کي پريشان ڪيو. اميرن جي مغروريءَ مون کي فڪر ۾ غلطان ڪيو. انقلاب جو مادو غريب جي جسم ۾ سمايل آهي. فقط وقت، تقاضا انهيءَ کي ٻاهر آڻڻ لاءِ ضروري آهي... انهن سرمائيدارن جي ظلم ۽ ستم جا پول پڌرا ڪندس.“(9)

انهيءَ واقعي ڪان متاثر ٿي سندس ذهن ۾ پلاٽ تيار ٿيو، جنهن تي پوءِ هي ناول لکيائين.

حاصل مطلب ته پلاٽ ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ سوچيل سمجهيل رٿا هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جي بيان جي سلسلي کي قائم رکندي آهي. هڪ طرف اها ناول نگار جي مقصد کي ڪامياب بنائي ٿي ته ٻئي طرف هو ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي رٿيل دائري اندر بيان ڪري ٿو. اها رٿا ناول نگار جي ذهن ۾ ناول لکڻ ڪان اڳ تيار هوندي آهي ۽ ناول لکڻ وقت، صرف انهن واقعن کي سلسليوار بيان ڪندو ويندو آهي ۽ اهو بيان ڪرڻ ڪردارن جي عمل تي مدار رکي ٿو.

## ببليو گرافي


1. علي عباس حسيني: ناول کي تاريخ و تنقيد، لکنو، انڊين بک ڊيپو
2. Foster, E.m., Aspects of Novel, England, Penguin Book Ltd., 1966, p. 157
3. Austin Warren & Rene Wellek, Theory of Literature, London, Jonathan Com: Thirty Bedford Square, 196, p.224
4. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄامشورو، حوالو ڏنل آهي، 1982ع، ص 92
5. William Henry Hudson. An Introduction to the Literature,

London, George O. Harrap Co. Ltd., 1963, p.139
6. Ibid
7. ڏسو حوالو نمبر 4، ص 92
8. سراج الحق، ميمڻ: منهنجي دنيا هيڪل وياڪل، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاش (ناول) آر-ايچ- احمد ائنڊ برادرس، 1953ع



**5. ڪهاڻي ۽ سنڌي ناول:**

هن ڪان اڳ پلاٽ جي اهميت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ناول جي فني سٽا ۾ ڪهاڻيءَ ڪي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، بلڪ اهو ڪٿي چئجي ته ناول جو دارومدار ڪهاڻيءَ تي ئي هوندو آهي.

قصه نويسيءَ جو فن تمام گهڻو پراڻو آهي، پر ان ۾ سماجي شعور جي گهڻتائي هئي. اهي قصا، زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪونه هئا. انهن قصن يا داستانن جو بنياد، فرض ۽ خيالي آکاڻيون هونديون هيون، جن ۾، جِن، پريون، ديوَ ۽ راڪاس مرڪزي ڪردار هوندا هئا. انهن ۾ مافوق الفطرت ڳالهين ۽ شين جو ذڪر هوندو هو. اهي سڀ وِندر ۽ ورونهن خاطر جوڙيا ويندا هئا. جڏهن مذهب ۽ اخلاقيات، سماجي شعور ڪي اڳتي وڌايو ۽ انساني زندگيءَ ۾ اخلاقي طاقت جي مداخلت ڏسڻ ۾ آئي، ته قصي نويسي، جادوءَ جي دنيا مان نڪري، اخلاقيات جي دنيا ۾ آئي. ان ڪري ان دور جا پوءِ جيڪي به قصا ملن ٿا، اهي رومانوي نه، پر تمثيلي هئا، جن ۾ انسان ڪي نيڪيءَ بديءَ، لالچ، حوص ۽ انصاف جا ڪردار ڏسڻ ۾ آيا. اهي ڪردار نالي ماتر عمل ڪندا نظر اچڻ لڳا. اهڙيءَ طرح انهن ۾ جيڪي واقعا پيش ٿيندا هئا، اُهي اخلاقي هوندا هئا، ڇاڪاڻ ته قصي جو مقصد اخلاقي سبق ئي هوندو هو.

انسان ۾ ڪهاڻي ٻڌڻ جو شوق فطري آهي، پوءِ چاهي ان ۾ ڪيترائي مافوق الفطرت عناصر ئي موجود هجن، پر هو هر قسم جي ڪهاڻي ٻڌڻ جو شوق رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو به انهيءَ ئي برادريءَ جو هڪ اهڙو فرد آهي، جنهن جا قصا هن ڪي ٻڌايا وڃن ٿا. انهيءَ ڪري ئي هو ڪڏهن اهو ٿو سوچي ته سڀ ڪجهه جيڪڏهن مٿس ئي گذري ته ڇا ٿيندو. هو ڪڏهن اهو به سوچي ٿو ته سندس اهي ساٿي بهادر به ٿين ٿا. هو انسان ذات سان جيڪي به ڪجهه وهي واپري يا ٿي گذري ٿو، ان ڪي ڏسي به ٿو ۽ انهن سان همدردي به ڪري ٿو. انسان تي جيڪي وڏيون مصيبتون نازل ٿين ٿيون، انهن جي مقابلي ۾ ننڍين مصيبتن جي باري ۾ سوچي، هو مطمئن ٿي وڃي ٿو. هو سوچيندو آهي ته انهن مصيبتن جي مقابلي ۾ سندس تڪليفون پوءِ به گهٽ آهن. انسان جو انهن ڪهاڻين ۾ دلچسپيءَ جو راز اهو ئي آهي، جو هو بني نوع انسان هئڻ جي حيثيت ۾ انساني ڪمن ۾ دلچسپي رکي ٿو.

شروعاتي ڪهاڻيون بلڪل ساديون هونديون هيون، پر پوءِ وقت گذرڻ سان، انسان جي سوچ ۾ اضافو ٿيندو ويو. جيئن جيئن انساني مسئلا پيچيده ٿيڻ لڳا، تيئن تيئن ڪهاڻين ۾ به پيچيدگي اچڻ لڳي. اوائلي ڪهاڻين جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيون آڳاٽي دور ۾ اُسريون ۽ ڪافي آڳاٽي وقت کان رائج هيون. اول جن شخصن تي جيڪي ٿي گذريو سو، انهن پنهنجن ساٿين سان بيان ڪيو، پوءِ سورمن جا ڪارناما وڏن، ننڍن کي ٻڌايا ۽ انهن پنهنجن اولاد کي سُڻايا، جيئن وقت وچان پوندو ويو تيئن حقيقتن تي حڪايتن جو رنگ چڙهندو ويو، تان جو حقيقي ڪشالا ۽ ڪارناما، قصا ۽ ڪهاڻيون بنجي ويا.“(1)

اسان جي معاشري جون اقتصادي، سياسي ۽ معاشرتي گهرجون، مختلف منزلن مان گذرنديون، ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتيون آهن. انهيءَ ڪري ڪهاڻين جا موضوع به بدلبا رهيا آهن. ڪهاڻيون به اڳتي هلي پيچيده لکجڻ لڳيون.

هر روايتي ڪهاڻي ڪونه ڪو انساني سماجي پس منظر رکي ٿي، ليڪن ان کي مخصوص سماج يا ڪنهن خاص ملڪ جي تهذيب جو عڪس ٺهرائي نٿو سگهجي، بلڪ دنيا جون اڪثر ڪهاڻيون ٿوريءَ ڦيرگهير سان رائج رهيون آهن ۽ زماني سان گڏوگڏ هن فن به ترقي ڪئي آهي.

سائنس جي ترقي ڪرڻ سان، صنعتي انقلاب کان پوءِ هڪ مضبوط طبقو وجود ۾ آيو. بدلجندڙ سماج ۾ نئين تهذيب، ادب ۾ وڏيڪ تبديلي آندي ۽ انهن ادب ۾ هڪ نئين صنف، ’ناول‘ جي نالي سان آندي ۽ اهو ناول ماڻهن ۾ هڪدم مقبول ٿي ويو. هن صنف ۾ عام رواجي انسان يا سماج جي فردن کي ادب جو موضوع بنايو ويو. هن دور ۾ انهيءَ مضبوط طاقتور طبقي جي جدوجهد ۽ واردات جو نقشو ناول ۾ ملي ٿو. ڪيترن ئي سفيد پوش ماڻهن جي زندگين کي مثال بنائي ناول ۾ پيش ڪيو ويو.

ناول ۾ ڪهاڻي ڇا کي ٿو چئجي؟ ان لاءِ ماهرن جدا جدا رايا ڏنا آهن، پر مقصد سڀني جو ساڳيو ئي آهي. هينري جيمس (Henry James) پنهنجي ڪتاب 'The House of Fiction' ۾ ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو:

”ناول ۾ ڪهاڻيءَ کي سڀ ڪجهه سمجهيو وڃي ٿو.“(2)

اِي- ايم فاسٽر (E.M. Foster)، پنهنجي ڪتاب 'Aspect of the Novel' ۾ لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيءَ کي، ناول جي پٺيءَ جو ڪنڊو چئي سگهجي ٿو.“(3)

ساڳيو مصنف ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”ناول ۾ ڪهاڻيءَ کي سڀ ڪجهه، سمجهيو وڃي ٿو.“(4)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به پنهنجي ڪتاب ’لوڪ ڪهاڻيون‘ ۾، ڪهاڻيءَ جي صنف تي روشني وڌي آهي. هو لکي ٿو ته:

”ڪهاڻي هڪ ڳالهه آهي، انهيءَ ڪري هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پوري ڳالهه جو هئڻ ضروري آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪوبه ذڪر هڪ بيان ٿي سگهي ٿو،



پر انهيءَ کي ڪهاڻي نه چئبو.“(5)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ڪهاڻيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل ڳالهه ابتدا کان آخر تائين سڀني سببن سان گڏ بيان ڪيل هجي، انهيءَ ۾ سلسلو پوري طرح رکيل هجي ته جيئن ڪهاڻي ٽٽل ۽ اڌوري معلوم نه ٿئي.“(6)

بهرحال زندگيءَ جي سلسليوار يا مسلسل ۽ متواتر بيان کي ڪهاڻي چئجي ٿو، پوءِ اهو فرضي قصو هجي يا حقيقي، زندگيءَ جو اهو سلسلو ٻالڪپڻ، جوانيءَ يا ٻڍاپڻ کان به شروع ٿي سگهي ٿو، پر ان ۾ ڳالهه جو مقصد پورو بيان ڪيل هجي. عبدالحق خان ’پاڪستان مين اردو ناول‘ ۾ لکي ٿو ته:

”قصو ڇوڻ يا لکڻ واري کي پنهنجي موضوع ۽ مقصد سان گهري وابستگي هئڻ گهرجي.“(7)

ڪهاڻيءَ ۾ زندگي جا حادثا ۽ واقعا تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. ڪابه ڳالهه جيڪا ڪهاڻيءَ جي واڌاري ۾ مدد ڏئي ٿي، ان کي ڪهاڻيءَ جو واقعو يا حادثو چيو وڃي ٿو. اصول موجب ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ هر واقعو اهڙو پيش ٿيل هجي، جيڪو انسانن کان ٿيڻ جهڙو هجي ۽ هر عمل انسانن جو ڪيل هجي. ڪهاڻيءَ جا موضوع به انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن ۽ واقعن مان چونڊيل هجن، جيڪي انسانن لاءِ رهبريءَ جو ڪم ڏين. ڪهاڻيءَ جو هر واقعو نصيحت آموز ۽ اصلاحي هئڻ گهرجي. مطلب ته ناول جي ڪهاڻيءَ جو مرڪز، ڪو انسان، ڪو جانور يا ٻيو ڪوبه ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ هن جي زندگيءَ جو سلسليوار بيان ڪيل هوندو آهي. اهو بيان زندگيءَ ۾ ايندڙ واقعن، حادثن ۽ حالتن سان پريل هوندو آهي، جيڪو حقيقي محسوس ٿيندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل ڳالهه، ابتدا کان آخر تائين سڀني سببن سان گڏ ڪيل هوندي آهي ۽ انهيءَ ۾ سلسلو هوندو آهي. جيئن ڪهاڻي ڪٿي به نه ٽٽي، ۽ هڪ مڪمل ڪهاڻي هجي.

جڏهن سائنس جي ترقي ٿي، تڏهن انسان زندگيءَ کي گهري نظر سان جاچيندي، پنهنجي ماحول کي اخلاق جي بجاءِ واقعاتي ۽ نفسياتي نظرن سان ڏسڻ لڳو. جيئن جيئن انسانن ۾ شعور ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن ناول نويس جي ڪهاڻيءَ جي واقعن ۾ به وڏيڪ پيچيدگيون پيدا ٿينديون ويون ۽ ناول ۾ مڪمل ڪردار، گوناگون حالتن مان گذرندي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا، پوءِ عام رواجي قصي جي بجاءِ، سماجي، تاريخي ۽ انساني ذهن جو مڪمل تجزيو ٿڃي ويو.

ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي زندگي جي عڪاسي کي اهم حيثيت هوندي آهي. ناول جي ذريعي سماجي زندگي ۽ سماج جا مسئلا، اسان جي سامهون

ايندا رهيا آهن. انهن سماجي مسئلن جي اظهار لاءِ، ناول ڪان وڌيڪ ڪو طريقو ايترو نمايان نه هو.

انگلستان ۾ فرانس جي ناول نگار، سماجي پهلوءَ کي وڌيڪ نمايان ڪيو، جنهن جي ڪري، اتي جي هر وڏي ناول نگار ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن خاص پهلوءَ کي اپنايو هو. جڏهن انساني شعور هزارين قسمن جي علمن جي ڪري، زندگيءَ کي هڪ عجيب پراسرار حقيقت وانگر ڏسڻ لڳو ته ناول نگاري به، انساني نفسيات کي گهرائين ۾ وٺي ۽ ان جي تبديلي ۽ ارتقا جا نقش پيش ڪرڻ لڳي.

ناول جي ڪهاڻيءَ ۾، ڪردارن جي سادي بيان ۾، زندگي پيش ڪيل هوندي آهي ۽ اهي هن جي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعا ۽ تجربا هوندا آهن. وقار عظيم پنهنجي ڪتاب، ’ڏاِسنجاِلّ بنڌ اِبسناِلّذ جڦ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار معلم حيات هوندو آهي، زندگيءَ کي ڏسڻ ۽ پرکڻ لاءِ هن وٽ هڪ مخصوص نظريو هوندو آهي. انهيءَ نظريي جي آڌار تي ئي هو قصي گوئيءَ جو سهارو وٺي ٿو ۽ اهڙن ڪردارن کي جنم ڏي ٿو، جيڪي هميشه هميشه ذهن ۾ محفوظ رهن ٿا.“(8)

ناول نگار کي پنهنجي مقصد تي چڱيءَ طرح سوچڻ گهرجي. هن کي ان ماحول جي پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي، جنهن کي هو پنهنجي قصي جو پس منظر بنائي ٿو. قصي جي ڪردارن کي، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي ويجهو هئڻ باوجود، زندگيءَ جو حامل هئڻ گهرجي. ڪهاڻيءَ ۾ مڪالمن جي مدد سان دلچسپي پيدا ڪرڻي پوي ٿي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول نگار پهرين ڪهاڻيءَ جو خاڪو تيار ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ کي اثرائتي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي فن جي مدد سان تصور (Imaginaiton) جي رستي ترتيب ڏئي ٿو ۽ واقعن، ڪردارن، منظرن ۽ گفتگو ۾ روح ڦوڪي ٿو. بهرحال ڪهاڻيءَ ۾ هر ڪردار جو عمل، مرڪزي خيال ۾ ايترو ته جذب ٿيل هوندو آهي، جو پڙهندڙ ڪردارن جي دل ۽ دماغ جون حالتون معلوم ڪري، خود به هنن جي احساسن ۽ عملن ۾ شامل ٿئي ٿو.“(9)

ناول نگار لاءِ اهو ضروري آهي ته، هو پنهنجي انفرادي نظر سان معاشري کي ڏسي ۽ پنهنجي نظريي کي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪو مخصوص رنگ اختيار ڪري، جنهن جي ذريعي معاشرو هڪ تخليقي وجود اختيار ڪري ۽ دلڪشي ۽ دلچسپ محسوس ٿئي.

مطلب ته ناول نگار ناول جي پلاٽ تي سوچڻ ڪان پوءِ، پهرين ڪهاڻي تيار ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ کي اثرائتو بنائڻ لاءِ واقعن، ڪردارن، منظرن ۽ گفتگو جي ذريعي ناول کي ڪامياب ۽ عمدو بنائي ٿو، يعني ناول نگار جي



ڪهاڻيءَ جي بيان ڪرڻ ۾، ڳالهه ۾، پوريءَ طرح تسلسل قائم رکندو آهي. ان ڪان سواءِ ڪهاڻيءَ جي سلسليوار بيان سان موقعي ۽ محل جو به گهرو تعلق هوندو آهي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ واقعن کي پيش ڪندي، وقت جي دائري جو به خيال رکيو ويندو آهي، مرڪزي خيال ۽ مقصد تي به روشني وڌي ويندي آهي.

ناول نگار زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي. هو پنهنجي پرک سان هر زنده شخصيت مان مواد حاصل ڪري ٿو. هو زندگيءَ مان صرف اهو مواد حاصل ڪندو آهي، جيڪو سندس مقصد جو هوندو آهي. ناول، فن هجڻ جي ڪري زندگيءَ مان ئي اپري نڪري ٿو، پر هو حقيقي زندگي نه پر حقيقي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪري ٿو، يعني ناول نگار جيڪي ڪجهه انسان جي زندگيءَ مان حاصل ڪري ٿوان کي هو هوبهو پيش نٿو ڪري، پر ان کي فن ۽ اصولن تحت آڻي ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول نگار جن آزمودن جي پرزن مان ڪهاڻي تيار ڪري ٿو، اُن کي هو پنهنجي ماحول مان چونڊي ٿو ۽ جيڪي شخصيتون انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ آڻي ٿو، سي هو پنهنجي معاشري ۾ ڏسي ٿو، هو جيڪي ڪجهه پرائي ٿو ۽ حاصل ڪري ٿو، سو سڀ سندس ماحول ۾ ئي هوندو آهي.“(10)

مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته، سنڌي ناولن ۾ ڪهاڻيون مختلف طريقن سان پيش ڪيون وڃن ٿيون. هڪ طريقو اهو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ئي ڳالهه ابتدا ڪان وٺي آخر تائين بيان ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ ۾ ناول نگار هڪ ئي واقعي يا تجربي کي پوريءَ ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪندوآهي، جنهن ۾ واقعو هڪ ئي هوندو آهي، پر ان سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي پهلوئن کي ملائي، هڪ ڪهاڻي تيار ڪندو آهي. سنڌيءَ ۾ ناول ’حليمان‘، ’نوران‘ ۽ ’بُولي‘ وغيره ناولن جون ڪهاڻيون انهيءَ قسم جون ڪهاڻيون آهن. ٻئي قسم جي ناولن ۾ ڪهاڻين ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ڳالهيون ۽ واقعا پيش ڪيل هوندا آهن، انهن جو تعلق مرڪزي خيال سان گهٽ هوندو آهي. اهڙن ناولن ۾ خاص طور تي موهن ڪلپنا ۽ گوبند مالهيءَ جا ناول ملن ٿا، جن ۾ ٻن ٻن يا ٽن ٽن جوڙن جون ڪهاڻيون پيش ڪيل هونديون آهن. ٽيون قسم ڪهاڻيءَ جو، جنهن ۾ صرف بيان ئي بيان هوندو آهي، جيڪو جديد ناولن ۾ خاص طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي.

ماڻڪ ۽ ٻيا نئين پيڙهيءَ جا سنڌي ليکڪ جيڪي جديد ادب جا علمبردار آهن ۽ انهن کي سنڌي هجڻ تي فخر به آهي، پنهنجي ناول، ’لڙهندڙ نسل‘ ۾، سنڌ جي انهيءَ نسل جي ڪهاڻي پيش ڪئي آهي، جيڪو پاڪستان جي آمريت پرست فوجي تاناشاهي نظام جي شڪنجي ۾ ڦاٿل، سنڌي عوام جي بيوس حالت، خاص طور تي سنڌ ۾ مهاجرن جي اچڻ سان سنڌين

جي گھٽجندڙ طاقت جي پيڙيندڙ احساس سبب آواز اٿاري رهيو آهي. هن ناول جي آڪاٽي هڪ اهڙي اعليٰ تعليم يافته مگر بيروزگار نوجوان جي ذهني سوچ، ۽ خيالن جي اِردگرد پيش ڪيل آهي، جيڪو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڄائو آهي، پر سياسي چاپلوسي ۽ پاسخاطريءَ ۾ پنهنجي ئي ملڪ ۾ پنهنجن ئي سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن جو گواهه به آهي ۽ شڪار به ٿيل آهي. سنڌ جي موجوده سياسي، سماجي حالتن کي ماڻڪ هن طرح بيان ڪيو آهي:

”ڪيڏو انسان سان مذاق، جو ويهه سال! يعني هڪ نوجوان نسل جو ذهن هراس، ٻوساٽ، بي يقيني، رڳو نعري بازيءَ ۽ مارشل لا جي اثر هيٺ پرورش پاتي آهي. ذهن بند، زبان بند، جذبات مروٽيل، احساس ڪچليل، چنگهون جڪڙيل ۽ هينئر نيٺ ڇا ٿيندو!؟“(11)

هڪ ٻئي هنڌ به هن سنڌ جي حالت تي لکيو آهي ته:

”سنڌ جي مڊل ڪلاس مان سياسي ورڪر ۽ اڳواڻ گهٽ پيدا ٿيا آهن. شاعر، اديب، ايڊيٽر، انٽيليڪچوئل ڍاڍا! ڪاٺو ئي ڪونهي. سياست ۾ وري نعري باز، تقرير باز، يا پارٽ ٽائيم سياست ڪندڙ... بس ڪنهن حادثي مون کي سنڌ ڌرتيءَ تي، تاريخي وهڪري جي انهيءَ دور ۾ ڦٽو ڪيو آهي.... ۽ مون جهڙن ٻين انسانن کي به، هي تاريخي وهڪرو مون وانگر، هن هنڌ تي به گهلي اچي ٻيهاريندو. ٻيءَ حالت ۾ هو، ذهني طور ۽ اعصابي طور پيچاڙجي، ڇيچاڙجي، چچلجي چچلجي ناس ٿي ويندا.“(12)

گهڻو ڪري اڄڪلهه جي سنڌي نسل جي اهائي نئين سوچ آهي، جيڪا سنڌي ليکڪ ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ اڻ ڇٽيءَ، جذباتي ته ڪنهن فڪرانه، بيباڪ ۽ باغي بڻجي، پوري ۽ اڌوري سماجي، ثقافتي پس منظر ۽ زندگيءَ جي حوالن ۾ اپري اچي ٿي. مطلب ته موجوده جديد دور ۾ بين الاقوامي ادب جي اثر جي ڪري، سنڌي ناول جي ڪهاڻين ۾ جدت، نواڻ ۽ نوان موضوع شامل ڪرڻ، نئين سوچ ۽ نئين ٽيڪنڪ سان ناولن ۾ نواڻ آندي آهي.

## ببليو گرافي


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: لوڪ ڪهاڻيون، جلد 1، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ،





1987ع، مقدمو

2. Henry James: The House of Fiction, London, Mercury Book, 1962
3. Foster, E.M., Aspects of the Novel, England, Penguin Books, Ltd., 1966, p.31
4. Ibid
5. ڏسو حوالو نمبر 1، مقدمو
6. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 48
7. عبدالحق خان: پاڪستان مين اردو ناول، شعبه اردو، جامع سنده، 1968
8. وقار عظيم: ڏاِسجاڵ بندَ اِبساِلَد جڦ، ڦڏاِغي، اِڏڏو اِپيِڏلي، بنلڏو، 1960ع
9. ڏسو حوالو نمبر 6 ص 35
10. ايضاً
11. ماڻڪ: لڙهندڙ نسل (ناول)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1971ع
12. ايضاً: ص ص 79 ۽ 95

## 6. منظر نگاري ۽ سنڌي ناول:

ناول جي بنيادي عنصرن ۾ منظرنگاري به بنيادي اهميت رکي ٿي. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن جاءِ، ڪنهن هنڌ ۽ ڪنهن شي جو مقصد هوندو آهي ته، اتي ڪنهن ڪردار جو عمل ڏيکارجي ته جيئن اهو واقعو ۽ اهو عمل حقيقي ثابت ٿئي. انهيءَ ڪي ناول جي منظرنگاري سڏجي ٿو. ڪامياب ناول نگار جڏهن به ڪنهن مقام يا منظر جو بيان ڪري ٿو، تڏهن پڙهندڙ اهو منظر هوبهو سندس اکين سان محسوس ڪري ٿو. ڪنهن به منظر ڪي، ڪردارن جي فطرت، انهن جي جذبات ۽ سيرت سان اهڙي انداز سان پيش ڪجي، جو ناول جا واقعا، ڪردار ۽ منظر، حقيقي ۽ سچا معلوم ٿين. ناول نگار، ناول جي ڪهاڻي پيش ڪرڻ لاءِ، جدا جدا ڪردارن ڪي مختلف جاين تي ڏيکاري ٿو، جن تي مختلف وقتن ۾ اهي ڪردار پنهنجو عمل ڪندا آهن. اهو عمل هو مختلف ماحول ۽ مختلف مقامن تي ڪندي ڏيکاري ٿو، جنهن ڪي هو اهڙيءَ طرح پيش ڪري ٿو، جو اهي بلڪل فطري معلوم ٿين ٿا. پروفيسر عابد علي پنهنجي ڪتاب ’اصول انتقاديات‘ ۾ منظر نگاريءَ بابت لکي ٿو:

”منظرنگاريءَ جي ڪري زمان و مڪان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. وقت ۽ موسمن جو بيان، ڪمرن ۽ گهرن جا خاڪا، آبادين جا نقشا، ضرورت جو سامان، ميلا ملاڪڙا ۽ ناچ وغيره اکين جي آڏو نظر اچن ٿا.“(1)

ناول جي منظر نگاريءَ ۾ محل محلات، ميدان، بيابان، جبل، پهاڙ، درياءَ ۽ سمنڊ وغيره هر جاءِ جو منظر بيان ڪري سگهجي ٿو. ناول نگار ڪي گهرجي ته هو انهن شين جو بيان اهڙيءَ ته خوبصورتيءَ سان ڪري، جو انهن جي تصوير پڙهندڙ جي بلڪل سامهون اچي وڃي، ۽ اهي شيون انهيءَ خوبي سان سامهون اچن، جنهن خوبيءَ ڪي شاعريءَ ۾ محاڪات چيو وڃي ٿو. منظر نگاريءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”منظر نگاري ناول جي زيب ۽ زينت هوندي آهي. جيڪڏهن ناول ۾ منظر نگاري نه هوندي ته ان جي ڪهاڻي خشڪ معلوم ٿيندي. ناول ۾ منظر نگاري ائين آهي، جيئن هڪ پتليءَ ڪي ڪپڙا پهرائي، سينگاري، هوبهو انسان وانگر تيار ڪري پيش ڪري.“(2)

منظر نگاري اهڙيءَ طرح ته پيش ڪرڻ گهرجي، جو پڙهندڙ پاڻ ڪي اتي ئي بيٺل محسوس ڪري ۽ هن ڪي سچي ۽ فطرتي خوشي حاصل ٿئي. جيڪڏهن منظر ڪشي، خياليءَ جي بجاءِ، حقيقي واقعن تي مبني هوندي ته ان ۾ تاثر به وڌيڪ محسوس ڪبو ۽ جيڪڏهن منظرڪشيءَ دوران ناول نگار جي ذهن ۾ تاريخي ۽ جاگرافيائي معلومات هوندي، ته اها به پنهنجي بيان ۾ شامل



ڪرڻ سان منظر نگاري ۾ وڌيڪ خوبصورتي ۽ اصليت پيدا ٿيندي.

ناول ۾ ناول نگار، منظر ڪشي مختلف طريقن سان پيش ڪندو آهي. هو سماج ڪي مختلف ڪردارن جي سماجي ماحول ۽ سماجي حالتن ۾ پيش ڪندي، سماجي منظر پيش ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي قدرتي منظر پيش ڪري ٿو، ته ڪٿي هو تاريخي پس منظر بيان ڪري ٿو، جن ۾ مختلف دورن جي مختلف تاريخي جاين جڳهين جا نقش هوندا ته ڪٿي جنگ ۽ انقلاب وغيره جو منظر پيش ڪندو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ تاريخي منظر نگاريءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”منظر نگاري، تاريخي ناولن ۾ وڏي اهميت رکي ٿي، ڇو ته تاريخي ناولن ۾ ڪنهن خاص زماني جي ريتين رسمن، رواجن ڪي زنده ڪري پيش ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ڪم تاريخي ناولن ۾ منظرنگاري ادا ڪري ٿي. تاريخي ناولن ۾ انهيءَ وقت جون خوشيون، شادمانيون، سرگرميون، محلن ۽ محلاتن ۽ بازارن وغيره جا هوبهو منظر پيش ڪن ٿا، جن مان تاريخي ۽ ثقافتي معلومات حاصل ٿئي ٿي.“(3)

ناول نگار انهن منظرن ڪي ڪردارن جي معرفت پيش ڪندو آهي. ڪردارن جي عادتن، رهائشن ۽ ماحول ڪي سماج جي حالتن ۽ ماحول مطابق پيش ڪندو آهي. مثلاً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تاريخي ناول ’نورجهان‘ ۾، هڪ هنڌ صفحي 18 تي ڊاڪٽر صاحب هي منظر پيش ڪري ٿو:

”غياث بيگ، ملڪ مسعود سان گڏجي هڪ عاليشان گاڏيءَ ۾ چڙهي، دربار ڏانهن راهي ٿيو. ٻنهي ڪي نهايت عمدي ۽ جلويدار پوشاڪ پهريل هئي. غياث بيگ انهيءَ لباس ۾ اهڙو شاندار ٿي لڳو، جو ڄڻ ته ڪو امير يا نواب آهي، واٽ تي دڪان ۽ گهر هئا، تن مٿان وائنٽيون پئي ورڪيون. راجپوت، راجا ۽ مغل مير، پربت جيڏن هاٿين تي سوار هئا. انهن اڳيان چوبدار سونيون چوبون ڦيرائيندا، دورباش! دورباش! ڪندا پئي هليا.... شهر لنگهي، جڏهن شاهي قلعي ۾ پهتا، تڏهن ته اهڙو ڇهڇٽو نظر آين جو بيان ڪان ٻاهر، قلعي ڪي ڪٽي ڪيمخاب سان سينگاريو هئائون، تنهن تي وري سچ جا روشن ترورا پئي پيا، سو ته هيڪاري پئي ٻهڪيو. هنڌ هنڌ سهڻا تنبو ڪڙي ويا هئا، جن تي سونهري قبن سج وانگر پئي جهلڪا ڏني.“(4)

هو اڳتي لکي ٿو ته:

”اڪبر بادشاهه ٺهرايل وقت تي اچي، تخت تي چڙهي ويٺو. هڪدم بندوقن جي ٺاٺا ۽ توبن جو ڌڌڪو مچي ويو. دربار جا عام دروازا کلي ويا ۽ سارو مجموعو اندر لنگهي ويو. امير ۽ امرا، نواب ۽ راجائون، ڪرش ڪري، پنهنجي پنهنجي مرتبي موافق جايون والاري ويٺا. بادشاهه جي ڪاٻي هٿ شهزادو سليم ويٺل هو. اجا ٽن ورهين جي ڇمار جو مس هو. منهن جو

موچارو، وار پوري رنگ جا، اکيون پونرن جهڙيون، ڪنن ۾ سونيون واليون پيل هيس، چاڪاڻ جو شيخ سليم چشتيءَ جو ڏنل هو. تخت جي ساڄي پاسي حڪيم ابوالفضل وزير اعظم بيٺل هو، ۽ سندس پر ۾ پاڻس فيضي شاعر. لاڳيتو هٺيلا راجپوت راڻا بيٺا هئا، جن هڪ هٿ سان مڇون پئي موڙيون ۽ ٻيو هٿ ترار جي هٿئي تي پئي ڦيريو. شڪل ۾ شوخ جهڙا شينهن ۽ ائين پئي لڪايائون جو چڻ ته شڪار جي لاءِ آتا آهن. ٻئي طرف درٻارين جون صفون لڳيون پيون هيون، جن اڪبر جي گفتي گفتي تي وڏي ڪنڌ ڌوڻ ۽ ڏاڙهيءَ جي لوڏ پئي ڪئي. تخت جي پٺيان نقيب ۽ خدمتگار بيٺل هئا، جن اميرن ۽ راجائن جا نالا ۽ لقب پئي پڪاريا.“(5)

آغا سليم پنهنجي ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ ۾ صفحي 42 تي هن طرح منظر ڪشي ڪئي آهي:

”صبح جو هو پنپرڪي مهل، ڪار تي حيدرآباد روانا ٿيا. شهر کان ٻاهر نڪتا، ته هن جي آڏو غريبن جي دلين جهڙا ڪشادا ۽ سندن حياتيءَ جهڙا ويران ميدان پکڙجي ويا. ڪٿي ڪو ٻڪرار ڌڻ ڪاهيو ٿي آيو ته ڪٿي وري ڪو ڳوٺاڻو ڍڳي گاڏي هڪليندو ٿي آيو. ڪٿي ڪٿي رستي جي پاسي کان ڪو ڳوٺ هو. مَنَهه، جهوپڙيون، ڪکاوان گهرڙا، مسيت، واٽئي جو هٽ، کوهه، جنهن تي ڪاريون ڪوجهيون لُڪن ۾ لوُساٽيل، اُس ۾ ڪاراٽيل عورتون پاڻي ڀري رهيون هيون. هڪڙو ڳوٺاڻو ڪنواٽيءَ ۾ دلا لڙڪايو ڪنيو ٿي آيو. ڪارا، بدصورت ميرا، گدلا ۽ اڌ اگهاڙا ٻار، رانديون ڪيڏي رهيا هئا، ۽ هڪ ٻئي کي گاريون ۽ ٻُجا ڏيئي رهيا هئا. اهي ٻار سنڌ جو آئيندو هئا. ڪارو، ڪوجهو، ميرو، گدلو آئيندو.ساري هندستان ۾ آزاديءَ جي جنگ جاري هئي. جلسا جلوس، پوليس، جيل، لاٺي چارج، ٽيئر گيس، ڪنهن پاڪستان جا خواب ٿي ڏٺا، ڪنهن اکنڊ ڀارت جا، ته ڪنهن انقلاب جا، پر هنن ڳوٺاڻن وٽ ڪو خواب نه هو. نه رمونءَ وٽ ڪو خواب هو ۽ نه پريميءَ وٽ. هو صدين کان هڪ ئي نموني جي ٺهيل جڙيل ۽ سٽيل حياتي گذاري رهيا هئا. زندگيءَ جي گهاڻي ۾ پيسجي رهيا هئا. هنن لاءِ ڪو ڏک نئون نه هو. ڪو ڏاڍ، ڪو ڏنڀ نئون نه هو. اهي سور، اهي ڏاڍ ۽ ڏنڀ هنن جي وڏن به سَٺا هئا ۽ هو به سهي رهيا هئا، ۽ هنن جي چپن تي ڪا شڪايت، ڪا ميار، ڪو ڏوراپو نه هو، پر هنن جي حياتي خود قدرت کي مهڻو، ڏوراپو ۽ ميار هئي.“(6)

ناول نگار کي گهرجي ته منظر نگاريءَ کي، هر ڪردار جي فطرت ۽ سيرت جي هر پهلوءِ سان چڱي طرح پڙهندڙ جي اڳيان آڻي. ناول نگار لاءِ اهو به لازمي آهي ته هو ڪردارن جي زندگين جي هر گهرائيءَ کي نروار ڪري، منظر کي اهڙيءَ خوبصورتيءَ سان بيان ڪري، جو پڙهندڙ ڪردارن



مان دلچسپي حاصل ڪري سگهن. پروفيسر سيد عابد علي انهيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”منظر نگاري ڪردارن جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ئي ضروري آهي. باڪمال ناول نويس جو اهو ئي فرض آهي ته هو منظر نگاريءَ کي اهڙيءَ طرح ڪارآمد بنائي، جو ڪردارن جي ڪردار نگاري، عمل، ڪم، رجحان ۽ مزاج کي به متاثر ڪري ۽ سليقه منديءَ جو ثبوت ڏي.“(7)

ڪامياب ناول ۾ فطرت جا منظر، ڪنهن جذباتي واقعي کي آڌار بنائي پيش ڪيا ويندا آهن. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ڪردارن جي دلين ۾ طوفان برپا هوندا آهن، ته خارجي طوفان ان جي علامت بڻجي ويندو آهي. بهار جي رنگارنگي، ناول جي ڪردار جي دل جو سڪون بڻجي ويندو آهي. اڪثر ناولن ۾ اهڙا ڪيترائي فطري منظر نظر ايندا آهن. علي بابا پنهنجي ناول ”موهن جو دڙو“ ۾ هن ريت منظر پيش ڪري ٿو:

”ساري سنڌو گهاٽ تي هزارين آوازن جو پڙالو پيدا ٿيو هو. پري اتر پار ڏانهن، جتي سنڌ گول دائري سان ورڪايو، نيڻ نهار کان اوجهل ٿيو ٿي وئي. سٽارون سڙن منهن ڪڍيا هئا. ڇڄ جي آجيان لاءِ پوڄارين سنگ کي وڏي ڦوڪ ڏني. جنگي جوانن پير تي ڌونڪا هنيا. ساري سنڌو گهاٽ تي ٻوڙ ٻوڙان لڳي پئي هئي. هر ماڻهوءَ، هر هنڌ، هر ٻار، ڪنوار کي ويجهو ڏسڻ ٿي گهريو.“(8)

انهيءَ کان سواءِ آغا سليم جي ناول ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ جي منظرنگاريءَ جو هڪ ٻيو به مثال پيش ڪجي ٿو:

”روپا جو شهر ڏاڍو سهڻو هو. ويڪرا رستا، رستن جي ٻنهي طرفن وڻراهه، وڏا ۽ ڪشادا گهر، مسجدن جا گنبذ ۽ منارا، مندرن جا ڪلس، سرائون ۽ ڌرم شالائون، چانديءَ جا پنڙا ۽ هس، عاج جون ٻانهيون، چريل ڪپڙا، گل جي جتي پاتل، مسلمان عورتون، ريشمي چريل پڙا، چريل گهگهريون، اڇن ۽ ڳاڙهن مٽين جا ٻُولا پاتل هندو عورتون.“(9)

حاصل مطلب ته هڪ سٺي ۽ ڪامياب ناول لاءِ منظرنگاري ضروري آهي. ڪنهن به ناول جي ڪاميابيءَ ۾ منظرنگاري اهم خاصيت هوندي آهي. انهيءَ ڪري ڪامياب ناول نگار جڏهن به ڪنهن منظر کي پيش ڪري ٿو ته هوبهو نقاش يا مصور وانگر صحيح ۽ حقيقي نقش چٽي ٿو ته جيئن پڙهندڙ ان کان متاثر ٿئي ۽ اهو نقش هميشه هن کي ياد رهي ۽ منجهس دلچسپي پيدا ڪندو رهي ۽ اها بلڪل حقيقي تصوير معلوم ٿئي.

## ببليو گرافي

1. پروفيسر عابد علي: اسلوب، مجلس ترقي ادب، اردو بازار، لاهور 1966ع
2. ٻناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي.
3. ايضاً.
4. گربخشاڻي، ڊاڪٽر: نورجهان (ناول)، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1977ع، ص 18
5. ايضاً، ص 18
6. آغا سليم: اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1978ع، ص 42
7. ڏسو حوالو نمبر 1
8. علي بابا: موهن جو دڙو (ناول) نيوفيلڊس پبليڪيشن 1985
9. ڏسو حوالو نمبر 6




### 7. ناول ۾ حقيقت نگاري:

ناول جي فني خوبين ۾ حقيقت نگاري به هڪ اهم خوبي آهي. هن خوبيءَ جو واسطو به طرز بيان يا طرز تحرير سان آهي. حقيقت جو بيان ئي ڪنهن ادبي تخليق لاءِ زنده جاويد مواد هوندو آهي. حقيقتون اُهي آهن جيڪي ڏسي سگهجن ٿيون، ٻڌي سگهجن ٿيون يا جيڪي محسوس ڪري سگهجن ٿيون. جهڙيءَ طرح سائنسي علم جو ڄاڻو پنهنجي تجربيگاهه ۾ ويهي ڏٺل يا حاصل ڪيل حقيقت جو اظهار ڪري ٿو، ڪو راز سلي ٿو، اهڙيءَ طرح اديب به حقيقتن کي ڳولي ڦولهي، پنهنجي دماغ جي تجربيگاهه ۾ انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، انهن جي صحيح روپ کي پرکي، ان جي نتيجي کي قلمبند ڪري ٿو. سندس اهي تحرير ٿيل تجربا اهڙيءَ صورت ۾ بيان ڪري ٿو جو پڙهندڙ ان سچائيءَ جي جهلڪ کي حقيقي تصور وانگر محسوس ڪري ٿو.

هن دنيا ۾ اسان جي سامهون ٿيندڙ حقيقي واقعن کان مٿي ڀي ڪابه ڳالهه ڪانهي. اديب لاءِ سچائيءَ سان وفاداريءَ کان مٿي ٻيو ڪوبه اصول ڪونهي. هن وٽ سچي حياتي ۽ سچي دنيا جي تصوير چِٽڻ کان مٿي ڀي ڪا زوردار ڳالهه ئي ڪانهي. ٿيوفل گيٽر چوي ٿو ته:

”مان اهو انسان آهيان، جنهن لاءِ صرف هيءَ دنيا ئي موجود آهي، جنهن کي مان اکين سان ڏسي سگهان ٿو.“(1)

اها ئي سوچ ۽ عمل، هر قسم جي تخليق جو بنياد آهي، جنهن جي لاءِ گورڪي لکي ٿو ته:

”انسان ذات بي پناهه طاقت جو سرچشمو آهي، جنهن ۾ ايتري طاقت آهي، جو هو ضرورتن کي امڪان ۾، ۽ سپنن کي حقيقت ۾ بدلائي سگهي ٿو، چاڪاڻ ته انساني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ مڙيئي حقيقتون، ادب لاءِ مواد آهن.“(2)

ادب جو اڃا شروعاتي دور هو جڏهن جنن، ڀُوتن، ديوَن، ۽ پرين جون ڪهاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون، انساني دماغ جي پيدائش بڻيون هيون، تڏهن به حقيقت ئي ادب جو روح هئي. ان وقت انساني زندگي اڃا ترقي به ڪانه ڪئي هئي، ۽ انساني دماغ اڃا حقيقت کي سمجهي به نه سگهيو هو. انسان ۾ اڳتي وڌڻ ۽ مقابلي ڪرڻ جي خواهش جي ڪري، هن ڪجهه اهڙا ڪردار ايجاد ڪيا، جن انسانن کي حقيقتن جي تلاش لاءِ آماده ڪيو. هنن انسانن جي مستقبل جي ترقيءَ جا اهڃاڻ ڏنا، انسان اڳتي اهڙين تصوراتي ڳالهين کي حقيقت جو جامو پهرائي سگهندو. افلاطون ادب ۾ حقيقت جي نظريي کي هن ريت ٿو

بيان ڪري:

”سٺي ۽ جٽادار ادب جو بنياد آهي، زندگيءَ جي آزمودن ۽ حقيقتن جي سچائيءَ ڏانهن پوري ايمانداريءَ جو اظهار.“(3)

ادبي ڪتابن ۾ اها حقيقت پيش ڪئي وڃي ٿي، جيڪا ڪنهن اديب ذاتي طور پنهنجي مشاهدي ۾ آندي آهي. هو جيئن ڏسي ٿو، متاثر ٿئي ٿو، تيئن پنهنجو تاثر ٻين تائين پهچائي ٿو. اهائي حقيقت آهي، ان کي حقيقت چئبو آهي.

ساري مخلوقات ۾ انسان ئي هڪ اهڙو جاندار آهي، جيڪو اجتماعي زندگي ڏانهن مائل رهي ٿو، تنهن ڪري انساني زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ حقيقتن کي هڪ مخصوص سماجي روپ آهي. اديب پڻ هڪ سماجي فرد آهي، ان ڪري هو جيڪي ڪجهه پنهنجي آسپاس ڏسي ٿو، ان تي سوچي ٿو. ان ڪان متاثر ٿئي ٿو، ان تي رنج يا خوشي ظاهر ڪري ٿو، ان کي ٻين تائين پهچائي ٿو ۽ ان تي نئي روشني وجهي ٿو ۽ ان کي بدلائڻ جي تمنا ڪري ٿو. انهيءَ راءِ تي هاورڊ فاسٽ (Haward Fost) لکي ٿو ته:

”جڏهن مان ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي ڳالهه ٿو ڪريان ته منهنجو مطلب ان مان اها حقيقت نگاري ۽ سچ آهي، جنهن جو سماج، ماحول ۽ حالتن سان واسطو آهي، حقيقت نگاري وڏي ڪسوٽي آهي، پر اها تاريخي پس منظر ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي ڏسڻي آهي.“(4)

اديب جي اڳيان ڪيترين ئي حقيقتون رونما ٿين ٿيون، ۽ هو سڀني ڪان متاثر ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري زندگيءَ جون چڱيون توڙي خراب ڳالهيون ۽ حقيقتون، هن لاءِ ادب جو مواد هونديون آهن، البت اديب پنهنجي سر، پنهنجي فن پاره ۾ حسن پيدا ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هو سڀني حقيقتن کي پنهنجي فڪري صلاحيتن تي پرکي ٿو. انهيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”هر فنڪار پنهنجي تاثر کي ٻين تائين ڪامياب نموني پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ جيترو ڪامياب وڃي ٿو، اوترو ئي ڪامياب شاهڪار پيدا ڪري ٿو، تنهن ڪري علم ادب جي شاهڪار جي تخليق ۽ مصنف جي ٻين شين کي دخل آهي. هڪ سندس دل ۽ ٻي سندس زبان. سندس دل قدرت جي ڪرشمن ۽ سماج جي مختلف ڏيکائن ڪان متاثر ٿئي ٿو يا انسان ذات جي ماضي جي ڪارنامن ڪان متاثر ٿئي ٿو ۽ پوءِ جيڪي منجهس احساسات، جذبات ۽ تصورات پيدا ٿين ٿا، تن کي اثرائتي انداز ۾ اظهار ڪري ٿو.“(5)

اديب زندگيءَ جا سڀئي پهلو ڏسي ٿو. هو اڄ جي زندگيءَ جي



سونهن، نيکي ۽ خوشي به ڏسي ٿو، ته ان ۾ ڏک ۽ تڪليفون، برائيون، ظلم ۽ گندگي به محسوس ڪري ٿو. ڪي اديب صرف حياتيءَ جو سهڻو ۽ سٺو پهلو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ خراب ۽ برين حقيقتن ڪان منهن موڙيندا آهن. انهن جو خيال اهو آهي ته حياتيءَ جي صرف سهڻي تصوير ڏيکارجي ۽ گندگيءَ کي ڇڏي ڏجي، ۽ خراب ۽ بري پهلوءِ ڪان منهن موڙيندا آهن، پر گورڪيءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ خراب ۽ برين حقيقتن کي ادب جو مواد بنايو هو. هو لکي ٿو ته:

”منهنجي حياتيءَ ۾ ڪي اهڙيون گهڙيون به اينديون آهن، جڏهن مان سوچيندو آهيان ته ان گندگيءَ تي لکان يا نه، پر يقين سان چوندو آهيان ته انهن حياتيءَ جي گندگين تي ضرور لکندس. اها گندگي هڪ نئر ۽ نگرو سچ آهي، جو اڃا تائين ناس نه ٿيو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي انسان جي حياتيءَ مان هوند پاڙون پٽي ٻاهر اڇلائجي ۽ ان کي پسم ڪري ڇڏجي.“(6)

گندگي جڏهن انساني روح تي ناسور بڻجي وڃي ٿي تڏهن اها انساني زندگيءَ کي بدصورت بڻائي ٿي. جڏهن اها گندگي ادب جي مواد ۾ اچي وڃي ٿي، تڏهن اها انساني زندگيءَ لاءِ خطرو بڻجي وڃي ٿي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ اديب اُن ڪان منهن موڙي نٿو سگهي، پر ان کي کليل لفظن ۾ پيش ڪري ٿو.

ڪي اديب حقيقت کي جيئن جو تيئن پيش ڪري اُن کي حقيقت نگاري سمجهندا آهن. اهي حقيقت کي ئي سڀ ڪجهه سمجهندا آهن ۽ انهن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ کي ادبي تخليق سمجهندا آهن. حقيقتن جي تفصيل کي ئي سچ سمجهندا آهن ۽ ڪا به اصولي يا اخلاقي ڇنڊڇاڻ نه ڪندا آهن. انهن جو مقصد اهو هوندو آهي ته انسان جو حيواني ۽ وحشياڻي پهلو ۽ انسان جي زندگيءَ جي بيڪسي ۽ بي بقائي پيش ڪجي. هو حقيقتن جي تصوير ڪشيءَ کي بنا ڪنهن مقصد جي صحيح ادب سمجهن ٿا، پر حقيقتن جي تهه تائين پهچي، ان مان سچ ڳولهي ۽ حقيقت جو صحيح روپ ڏيکاري نٿا سگهن. گورڪي اهڙن ئي اديبن لاءِ چوي ٿو ته:

”انهن جو ادب، اصليت، سونهن ۽ جذبن ڪان خالي هوندو آهي، اهو گهٽي پاڳي ڪوڪلو ۽ نمائشي هوندو آهي، جنهن کي رڳو، حقيقت نگاريءَ جو اعليٰ لفظ پٺيان لڳايو وڃي ٿو.“(7)

صحيح ۽ سچو حقيقت نگار اهي ئي تفصيل چوندي ٿو، جيڪي ادب پاره ۾ آيل ڪردارن ۽ واقعن جي پٺيان بيان ڪيل ۽ زوردار منطق يا ويچار کي ظاهر ڪندا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

''اهي حقيقتون جيڪي زندگيءَ جون زوردار ۽ بنيادي سچايون پڌريون ڪن ٿيون، سي ئي اهم حقيقتون آهن، جيڪي هڪ ڪلاڪار جي تخليق جو مواد آهن.''(8)

جيڪڏهن اسين ڪلاسيڪي ادب جي فنڪارن جي حقيقت نگاريءَ واري بيان ڪي ڏسنداسون ته دنيا جي آڳاٽي ۽ آڳاٽي يوناني اديب 'هومر' جون 'ايليڊ' يا 'آديسي' اهڙيون تخليقي تحريرون آهن، جيڪي حقيقي واقعن تي ٻڌل آهن، پر انهن جي پڙهڻ مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته اهي رڳو اتفاق، حادثا يا واقعا نه آهن، پر ان زماني جي گويا پوري، روحاني، اخلاقي ۽ سماجي زندگيءَ جي تصوير آهن، يعني انهن حقيقتن مان وقت جون اهم سچايون ظاهر پذير ٿين ٿيون، جي انهن واقعن ۽ حادثن جو روح آهن.

اديب جو درجو هڪ تاريخ نويس ڪان گهڻو مٿي آهي. تاريخ نويس، حقيقت ۽ تفصيلن کي ٺلهي بيان ڪرڻ جي لحاظ ڪان پل مٿي هجي، پر انهن حقيقتن جو روح پڌرو ڪرڻ اديب جو ئي ڪم آهي. تاريخ نويس جي تحريرن ۾ حياتيءَ جي سچائي ۽ تڪميل موجود نه هوندي آهي.

ادب جي ترقي، سماجي ترقيءَ تي ٻڌل هوندي آهي. ادب سماجي حقيقت جي تصوير پيش ڪري ٿو. انهيءَ ڪري جيئن سماجي شعور وڌندو ويندو آهي، تيئن اديب به زندگيءَ کي ويجهڙائي ڪان ڏسندو ويندو آهي ۽ وڌيڪ حقيقت پرست ٿيندو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح حقيقت نگاريءَ جو فن وڌيڪ وسيع ٿيندو ويندو آهي.

حقيقت نگاريءَ جو تصور، سماجي صورتحال مطابق ڦرندو رهي ٿو. هر دور ۾ حقيقت نگاريءَ جو نظريو ساڳيو رهيو آهي. اديب، حقيقت نگاري، سماجي حقيقت نگاريءَ جي تقاضا جو عڪس چٽي ٿي. جيئن جيئن سماجي شعور وڌندو رهي ٿو، تيئن تيئن اديب زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ تان ڏسي ٿو، ۽ هو (اديب) جيترو جيترو زندگيءَ کي ويجهو ٿو اچي، اوترو وڌيڪ حقيقت پرست ٿيندو ٿو وڃي، جيترو حقيقت نگاريءَ واري سندس خوبي وڌيڪ وسيع ٿئي ٿي. ادبي حقيقت نگاري، وقت ۽ حالتن پٽاندڙ ادب ۾ سمائجي وڃي ٿي. گورڪيءَ جي چوڻ موجب:

''انگلينڊ حقيقت نگاريءَ جي ماءُ ۽ چاسر حقيقت نگاريءَ جو اَبو آهي. چاسر سن 1340ع ۾ ڄائو هو، جنهن جون پهريون حقيقت پريون لکيتون 'ڪئنٽر بري ٽيلس' نالي ڪتاب ۾ ظاهر ٿيون. هن ڪان پوءِ 'شيڪسپئر' جهڙو اعليٰ اديب پيدا ٿيو، ۽ ان ڪان پوءِ ڪيترائي حقيقت نگار انگلينڊ جي ادب تي چمڪيا.''(9)

دنيا جي ادب جي تاريخ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو ته اوڻيهين



صديءَ ۾ ادب جو هڪ اهم ۽ زوردار دور انگلينڊ مان شروع ٿيو، جيڪو سماجي حالتن جي پيدائش جو دور هو. انهيءَ دور ۾ هڪ نئين سماجي طاقت جيڪا سرمائيدار طاقت هئي، وجود ۾ آئي. هن طاقت زندگيءَ جي فلسفي ۾ نوان قدر، نوان جذبا ۽ نوان اُمنگ پيدا ڪيا ۽ هڪ نئين دنيا جي ڀڃ شروعات ڪئي، پر پوءِ جلد ئي اهو ثابت ٿيو ته اها شروعات ڏک ڏيندڙ، پيڙهيندڙ، زندگيءَ جي گهاٽي ۾ پيسجندڙ ۽ خود غرض آهي. انهيءَ ڪري وقت جي وڏن حقيقت نگارن جهڙوڪ: چيخوف، گوگول، ڊڪنس ۽ بالزڪ وغيره انهن تي تنقيد ڪئي. انهن سماج جي غلط ڪارين (حقيقتن) ۽ سماج جي زخمن جي ڪلي تصوير ڪشي ڪئي. انهن انسان جو حيواني حالتن ڪي پهچڻ، انساني قدرن جو مذاق، لوڀ لالچ ۽ لٽ مار وغيره جهڙيون سڀ حقيقتون پنهنجن ڪردارن ذريعي ناولن ۾ سچائيءَ سان پيش ڪيون. انهن، انهيءَ طبقي کي بي نقاب ڪيو، جيڪو هر شي جو قدر پيسي سان ماپيندو هو. دنيا جي ادب ۾ هيءُ تنقيدي حقيقت نگاريءَ جو دور، حقيقت نگار ناولن جي تمام گهڻي اوسر ٿي، جن ۾ زندگيءَ ۽ سماج جي صحيح ۽ سچي تصوير (حقيقت) کي بلڪل سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان پيش ڪيو ويو هو. اهو دور، حياتيءَ تي تنقيدي لحاظ ڪان تمام اهم دور هو.

ادب جي تاريخ ۾ رومانيت واري نظريي جو رجحان به اوڻيهين صديءَ ۾ شروع ٿيو، جڏهن زندگيءَ جي حقيقت جو تخيل ۽ اعليٰ مقصدن سان ڀريل خوبصورت تصور پيش ڪيو ويو، جنهن انساني اُمنگن ۽ احساسن واري جذبي کي ڪشادو ڪري، انهن (انسانن) جي اِرادن کي محڪم بنائي منجهن بهتر زندگيءَ لاءِ تڙپ واري جبلت پيدا ڪري، ڪين (انسانن کي) حسين خواب ڏيکارڻ سان گڏ انهن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ، جدوجهد ڪرڻ تي آماده ڪيو. هن ئي صديءَ ۾ انگلينڊ ۾ 'شيلي' ۽ 'ڪيٽس' جهڙا رومانوي شاعر پيدا ٿيا، جن انسانن ۾ سهڻين شين لاءِ تڙپ پيدا ڪئي، گورڪيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار پڻ اهڙا بانڪا ۽ بهادر آهن، جيڪي پنهنجين حالتن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ لڙن ٿا ۽ بهتر زندگيءَ لاءِ جاکوڙ ڪن ٿا ۽ همت ڏيکارين ٿا. رومانوي ڪردار ايترو ته نمايان ۽ اعليٰ اُمنگن سان ڀرپور ٿين ٿا، جو ان ڪي حقيقي زندگيءَ ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. دراصل رومانيت ۽ حقيقت نگاري پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح گڏيل هوندا آهن جو انهن ڪي جدا ڪري نٿو سگهجي.

ويهين صديءَ ۾، حقيقت نگاريءَ جو نئون دور شروع ٿيو. هيءُ دور حقيقت نگاريءَ جو تخليقي ۽ سماجي دور هو. هن دور ۾ حياتيءَ جو نئون نظريو پيدا ٿيو. حياتيءَ جو اهو نئون نظريو، سماجي شعور جي پيداوار هو،

جنهن ۾ سماج جي تبديلي (بدل سدل) ۽ انساني زندگيءَ جي منطق کي صحيح نموني پيش ڪيو ويو آهي. سماجي حقيقت نگاريءَ جو نظريو وسيع آهي. اڄ جو سماجي حقيقت نگار، پنهنجي چوڌاري حقيقتن کي سامهون ڏسي، ان جو نقش چٽي ٿو. بلڪ انهن جو بدلجندڙ روپ به پرکي ٿو ۽ ان مان اهو تصور حاصل ڪري ٿو ته زندگي ڪهڙي طرف ترقي ڪري رهي آهي ۽ انسان ذات لاءِ ڪهڙي روشن راهه کلي رهي آهي. سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل جي تصوير بلڪل صحيح ۽ چٽي ڏسي سگهجي ٿي. سماجي حقيقت نگاري اها آهي جنهن ۾ ڪن به حقيقي شخصن کي، جيڪي حياتيءَ ۾ زنده ڏسجن ٿا، تن جي حياتيءَ کي سچائيءَ ۽ چٽائيءَ سان پيش ڪري ٿو. انهن جي پنيان لڪل سچ کي ظاهر ڪجي ٿو. هيءُ، حقيقت نگاريءَ جو هڪ نئون شعور آهي، جو هر چيز کي پوري انداز ۾ پرکي ٿو. سابق سوويت يونين جي هڪ ليکڪ اي- ڪي واسيليوف ان نظريي جي هنن لفظن ۾ سمجهاڻي ڏني آهي. هو لکي ٿو ته:

”صرف سماجي حقيقت کي چٽڻ، سماجي حقيقت نگاري نه آهي. سڀ اهميت پريون حالتون ۽ ويچار جيڪي اڄ جي زندگيءَ مان اُپرن ٿا، ۽ سماجڪ (سماج) ويچارن کي اڳتي وٺي وڃن ٿا. سي (اهي ويچار) سماجي حقيقت نگاريءَ جون دلچسپيءَ واريون ڳالهيون آهن ۽ ان جي حدن اندر ئي اچي وڃن ٿا.“(10)

سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ ’گورڪي‘، ’گوگول‘، ’ٽالسٽاءِ‘، ’بالزڪ‘، ’ڊڪنس‘ ۽ ’ايبسن‘ جا نالا اعليٰ حقيقت نگارن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، جيڪي پنهنجي ماحول جي حقيقتن۽ حالتن جا سخت نقاد هئا، پر اهي محدود تاريخي حدن جا پابند پڻ هئا. هنن اديبن ۾ سماجي ترقي پسند اديب ’گورڪيءَ‘ پنهنجي لکيل ناول ’ماءُ‘ ۾، اعليٰ درجي جي حقيقت نگاريءَ جو هڪ بهترين مثال پيدا ڪيو آهي ۽ هن ناول ۾ گورڪيءَ، سماج ۽ انسان جي وچ ۾ هڪ نئون رشتو پيدا ڪيو آهي ۽ هن ناول ۾ سماجي گروهن جي وچ ۾ ڪشمڪش ڏيکاري آهي. سماجي گروهه اها ڪشمڪش ڪنهن اعليٰ مقصد لاءِ ئي ڪن ٿا. اهي مقصد خود مشعل راهه بڻجي اڳتي وڌن ٿا ۽ اهي (مقصد) پاڻ کي، پنهنجي ذاتي، تنگ ۽ خود غرض ماحول مان آجو ڪري، هڪ گڏيل سماجي مفاد لاءِ جاڳي اٿن ٿا. هي هڪ اعليٰ ۽ نئون مقصد آهي، جنهن ڏانهن انسان اجتماعي طور وڌي رهيو آهي. ’ماءُ‘ نه صرف هڪ پيڙهيل طبقي جي ڪهاڻي آهي، پر نئين انسانيت کي جنم ڏيندڙ پڻ آهي. هن ناول جا ڪردار تاريخي حقيقتن جا مجسما آهن، جيڪي دنيا جي مظلوم ۽ دکي انسانن کي زندگيءَ جي هڪ نئين ۽ بهتر حقيقت جو پيغام ڏيئي رهيا آهن.



روسي اديبن جي حقيقت نگاري، فرانسيسي اديبن جي حقيقت نگاريءَ کان وڌيڪ سچي، وڌيڪ زنده جاويد ۽ وڌيڪ اثرائتي ثابت ٿي آهي. انهن (روسي اديبن) جي حقيقت نگاريءَ، پڙهندڙ ۾، زندگيءَ ڏانهن رغبت، صدق ۽ اعتماد پيدا ڪيو آهي. ’آشا درگاپوري‘، روسي ۽ فرانسيسي اديبن جي حقيقت نگاريءَ جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”روسي ليکڪن، حقيقت نگاريءَ جي فن جي نئين عبارت اختيار ڪئي. انهن جي حقيقت نگاري، فرانسيسي ليکڪن جي حقيقت نگاريءَ جي بنسبت وڌيڪ آزمودي تي بيٺل، وڌيڪ لڳاءُ پري هئي. اها (روسي اديبن جي حقيقت نگاري) زندگيءَ کي وڌيڪ ويجهي، وڌيڪ سڌي، وڌيڪ زنده ۽ وڌيڪ چمڪندڙ هئي. روسي اديبن جي حقيقت نگاري، زندگي جي خوبصورت، چٽن ۽ حقيقي بيان سان گڏ، ڏکئي ۾ ڏکئي مسئلي ۽ نازڪ کان نازڪ من جي حالت بيان ڪرڻ جي طاقت ۽ هوشياري انهن ۾ ڏيکاريل ۽ شاندار آهي. فرانسيسي حقيقت نگاريءَ ۾ قدرتي پس منظر (ان وقت جي صحيح زندگي) تان پردو هٽايو ويو ۽ ايتريقدر جو انهن پنهنجي فن جي ضرورت جي حد مقرر ڪئي، جنهن جو اثر پڙهندڙن تي اهو پوي، جو انهن زندگيءَ کي نااميديءَ واري نظرن سان ڏسو، دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ نفرت جو نظريو پيدا ڪيو.“(11)

اسان جي ملڪ ۾ اڄوڪي جمهوري انداز فڪر سان حقيقت نگاريءَ جو اهو رجحان گهڻي مطابقت رکي ٿو.

اهڙيءَ طرح حقيقت نگار اديب نه صرف پنهنجي چوڌاري حقيقتن ۽ واقعن کي اکين سان ڏسي، انهن جو سچو نقش چٽي ٿو، پر هو بدلجندڙ روپ کي به پرکي ٿو، ۽ ان مان تصور حاصل ڪري ٿو ته زندگي ڪهڙيءَ ريت ترقي ڪري رهي آهي، ۽ انسان ذات لاءِ ڪهڙي روشن راهه کلي رهي آهي.

ناول نگار پنهنجي انفرادي نظر سان معاشري کي ڏسي ۽ پنهنجي نظريي کي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو مخصوص رنگ يا انداز اختيار ڪري ٿو، جنهن جي ذريعي معاشرو هڪ تخليقي وجود اختيار ڪري ٿو ۽ وڌيڪ دلڪش ۽ دلچسپ ٿئي ٿو.

هر انسان جي زندگيءَ جو مدار، سماج ۽ ماحول تي هوندو آهي.ماحول ۽ سماج هر انسان جي زندگيءَ جي پرورش ڪن ٿا، جيڪي هن کي پنهنجن قانونن ۽ اصولن جي سکيا ڏين ٿا. هن کي تهذيب ۽ تمدن کان واقف ڪن ٿا ۽ انسانيت جو شرف بخشين ٿا. ناول نگار جيڪي ڪجهه پيش ڪندو آهي، اهو سندس ماحول جي تصوير هوندو آهي. ناول نگار جو مقصد ئي انسانيت کي فروغ ڏيڻ هوندو آهي ۽ هو رڳو انسانيت ۽ انسانن جي

همدرديءَ جو مبلغ هوندو آهي، هو ڪنهن قانون، ڪنهن سماجي اصول ڪان مٿي نٿو سمجهي. اهوانسان دوست آهي ۽ انسانيت، سندس اصول ۽ مقصد آهي. اهڙيءَ طرح هو انساني حقيقت کي پنهنجي ناول جو موضوع بڻائيندو آهي. هن راءِ جو دليل ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن ريت وضاحت سان ٿو بيان ڪري:

”ناول نگار جو خاص مقصد اهو ئي هئڻ گهرجي ته هو معاشري جي هر برائيءَ کي اهڙي انداز سان پيش ڪري، اهڙو رنگ ڏي جو هر ڳالهه نئين ۽ عجيب معلوم ٿئي ۽ پڙهندڙ کي صحيح رستو ڏسي سگهي. اهڙيءَ طرح ناول ۾ جيڪي به حقيقتون ڏنل هجن، سي سماجي ۽ سياسي حقيقتون هئڻ گهرجن، جن کي هو اصلاحي انداز ۾ پيش ڪري، ڇو ته هن جو مقصد ئي سماج جي حقيقتن کي پيش ڪرڻ هوندو آهي.“(12)

ناول نگار سماج جي مسئلن، ڇڱاين ۽ براين کي گهري نظر سان ڏسي ٿو. هن جو خاص مقصد اهو هوندو آهي ته معاشري جي هر چڱيءَ يا بري ڳالهه کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪري، جو اها ڳالهه نئين، اصلاح ڪندڙ محسوس ٿئي. انهيءَ سان هو پنهنجي سماج ۾ ڪيترين ئي نيون تبديليون آڻڻ چاهيندو آهي.

ناول نگار پنهنجي ناول لاءِ جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو، اهو سندس زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪري، ناول جو مفهوم طور پيش ڪري ٿو. ناول جا موضوع جيئن ته زندگيءَ تي ٻڌل هوندا آهن، پوءِ چاهي اُهي زندگيءَ جي کهڙي به پهلوءَ سان واسطو رکندڙ هجن، هو سماج جي عام زندگيءَ مان اهڙيون حقيقتون چونڊيندو آهي، جيڪي هن جي مقصد جون هونديون آهن. هو زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي ۽ سماج جي زندگين جو جائزو وٺي، حقيقت جي لاءِ روشن راهون ڳوليندو آهي. ناول ۾ اهڙيون حقيقتون پيش ڪندو آهي، جيڪي اگر سنئون سڌو پيش ڪجن ته سماج انهن کي برداشت ئي نه ڪري سگهندو. انهيءَ ڪري ناول نگار سماج ۾ اڻ سڌيءَ طرح انهن کي موضوع جي صورت ۾ ناول ۾ پيش ڪري ٿو. انهيءَ جي باري ۾ ٽي- ايس ايليئٽ (T.S Elliot) جو رايو آهي ته:

”انسان گهڻي حقيقت برداشت نه ڪندو آهي. انهيءَ ڪري شايد انهيءَ کي ناول ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، يا انهيءَ کي ٿورو مختلف ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري جو انسان ان کي سڌيءَ طرح برداشت نٿو ڪري سگهي، تنهن ڪري ڪيس اڻ سڌيءَ طرح ۽ سٺي نموني برداشت ڪرايو وڃي ٿو.“(13)

ناول نگار، جيڪي پيش ڪري ٿو، سو حقيقت تي مبني هوندو آهي،



جيڪا انسان ۽ ان جي معاشري ۾ ماحول سان وابسته هوندي آهي. ناول نگار انهيءَ حقيقت کي پيش ڪندي، ان تي پنهنجي فني تخليق جو ته چاڙهي ٿو ۽ ان کي پنهنجو پاڻ ئي پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول نگار، ناول لاءِ مواد گهڻن ماڻهن مان ڪٺي ٿو، يا اهو مواد هن کي گهڻن ماڻهن جون زندگيون ڏين ٿيون. انهيءَ مواد مان هي کي حقيقتون چونڊي، ڪهاڻيءَ کي ترتيب ڏي ٿو. حقيقتن کي پيش ڪرڻ لاءِ هي ڪردار ايجاد ڪري ٿو ۽ عملي صورت ۾ انهن جا مقصد ظاهر ڪري ٿو.“(14)

ناول نگار جو مقصد ئي هوندو آهي، ته پڙهندڙ واقعات کي فطري محسوس ڪري. ڪردارن کي حقيقت سمجهي سچاڻي ۽ انهن ۾ دلچسپي وٺي، جيئن ته ڪردار عام زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هوندا آهن ان ڪري اسان ذهني طور انهن جي قريب ٿي وڃون ٿا، انهن جا خيالات ۽ احساسات اسان کي پنهنجا خيال معلوم ٿين ٿا، انهن تي جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، انهيءَ مان اسان به ذهني طور متاثر ٿيون ٿا. جيئن ته زندگيءَ ۾ يڪسانيت تمام گهٽي ٿئي ٿي، انهي ڪري ليکڪ جي انهيءَ يڪسانيت کي حقيقت هوندي به نهايت دلچسپ تاثر رکندي آهي. مطلب ته سماجي حقيقت نگاريءَ جو اهو مطلب نه آهي ته ڪن ويچارن ۽ خيالن کي اڳيان رکي ادب جي تخليق ڪئي وڃي، بلڪ انهن جي حياتيءَ کي سچائيءَ ۽ چٽائيءَ سان پيش ڪري، انهن جي حياتيءَ پٺيان لڪل سچ کي ظاهر ڪرڻ سان حقيقت نگاري پيدا ٿئي ٿي. مقصد ته ناول نگار جيڪي به ڏسي ٿو، انهيءَ جو نقش پيش ڪري ٿو ۽ انهيءَ سان گڏ اهو به خيال رکي ٿو ته ان مان ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو يا ڇا حاصل ڪرڻ ممڪن آهي.

سنڌيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جي شروعات مذهبي ۽ سماجي تحريڪن جي اثر ڪري، سنڌي سماج جي سماجي مسئلن ۽ هندو سماج جا ڪيترائي مسئلا ان جو مثال آهن. سنڌي ٻوليءَ جي شروعاتي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ جو ’زينت‘ ناول، پروفيسر نارائڻ ڀمڀاڻيءَ جا ناول ’غريبن جو ورثو‘، ’وڏوا‘ ۽ ’مالهڻ‘، ۽ مرزا نادر بيگ، آسانند مامتوراءِ ۽ امر لعل هنگوراڻيءَ جا افسانا وغيره، اهڙي ادب ۽ فلسفي جا شهپارا آهن، جن ۾ معاشري ۾ پيدا ڪيل ڪيترن ئي مسئلن، انساني حياتي جي پيچيدگين، نئين تمدن جي پريشان حالي ۽ فڪر حيات مان پيدا ٿيندڙ نون نظرين جو اثر شامل آهن.

سنڌيءَ ۾ موجوده دور ۾ حقيقت نگاريءَ جي رجحان تي لکيل ناولن ۾، رام پنجواڻيءَ جو ناول ’ڏيئر نه ڇمن‘ ۽ ’مايا جو موهه‘، چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جو ناول ’منهنجي شادي‘، هري همٿاڻي جو ناول ’هڪ پرش

ٿي استريون‘، وشنو ڀاٽيا جو ناول ’دردن ماري دل‘، سراج جو ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ناول ’لاش‘، شيخ حسن جو ناول ’بولي‘، عبدالحق عالماڻي جو ناول ’ڪارو ڪارونڀار‘، آسا نند مامتوراءِ جو ناول ’حليما‘، آغا سليم جو ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ وغيره. ۽ نون ليکڪن ايشور ڀارتي، آنند ٽهلراماڻي، ريٽا شهاڻي، هولارام هنس، ڪرشن کٽواڻي ۽ ڏوڏيجا جا مثالي ناول آهن ۽ اڄ به هن مقصد وارا ناول لکجي رهيا آهن.

## ببليو گرافي


1. حوالو کيرت ٻاٻاڻي: ادب ۾ قدرن جو سوال، بمبئي، سورٺ پبليڪيشن، 1974ع، ص 12
2. ايضاً، ص 15
3. ايضاً، ص 11
4. حوالو ڌرم وير ڀارتي، ڊاڪٽر: وشو اپياس ساهت، جئپور ساهتيه رتن، 1986ع ص 16

(5) پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 37

6. ڏسو حوالو نمبر 1، 15
7. ڏسو حوالو نمبر 5، ص 91
8. کيرت ٻاٻاڻي، ايضاً
9. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 15
10. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 85
11. ڏسو حوالو نمبر 5، ص 80
12. ڏسو حوالو نمبر 5، ص 78
13. ڏسو حوالو نمبر 1، صه 44
14. ڏسو حوالو نمبر 5




## 8. ڪردار نگاري ۽ سنڌي ناول:

ناول نويسيءَ جي فني سٽا ۾ ڪردار نگاري به هڪ اهم خوبي آهي. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ انساني عملن کي پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي. اهي انسان، جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ حصو وٺن ٿا، انهن کي ناول جا ڪردار چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ انهيءَ اصول کي هنن لفظن ۾ وڌيڪ واضح ڪري ٿو ته:

”ناول نگار کي پنهنجي مقصد نڀائڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جي رٿا تيار ڪرڻي پوندي آهي ۽ انهيءَ رٿا موجب ڪردارن جي عملن کي پيش ڪندو آهي، جنهن جي مدد سان انهن جي جذبن، احساسن، خيالن ۽ راين کي پيش ڪندو آهي.“(1)

ناول، ادب جي نثري صنف آهي. ناول نويسيءَ ۾ ڪردار نگاريءَ جو تعلق حسن بيانيءَ يا طرز تحرير سان آهي. ناول ۾ تخيل سان گڏوگڏ حقيقت نگاري به شامل هوندي آهي، انهيءَ ڪري سڀني ڪردارن ۾، حقيقت سان گڏ، ان جو مجازي پهلو به ضرور شامل ڪيو ويندو آهي، تڏهن ئي ڪردار نگاري ڪامياب ويندي آهي. احمد نديم قاسمي ناول جي ڪردارن جي باري ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”ناول جا ڪردار فرشتا نه هوندا آهن. اهي سڌا سادا انسان هوندا آهن، جيڪي پنهنجي دنيا جي بيشمار معاشرتي، اقتصادي، اخلاقي ۽ تهذيبي رشتن سان ڳتيل هوندا آهن. انهن ۾ بي عيب خوبيون هونديون آهن ته منجهن خاميون به هونديون آهن، جن جا پنهنجا ضابطا هجن، اهي امنگن ۽ جذبن سان پريل هوندا آهن.“(2)

ڪردارن جي زندگيءَ جي حالتن ۽ واقعن جي مطالعي ۽ تجزئي سان، ادب ۾ جتي جتي گهڻين خوبين جي خبر پئجي سگهندي آهي، اُتي ان جي نقصن ۽ عيبن جو به پتو پوندو آهي.

ادب پاره جي ڪردارن جي وڏي خوبي اها هئڻ گهرجي ته اُهي زنده محسوس ٿيندا هجن. پڙهندڙ سندن ڳالهين، ڪمن ۽ انهن جي جدوجهد، مطلب ته سڄي ڪردار کي اهڙيءَ طرح ياد ڪن، جيئن زنده انسانن جي ڪمن، عملن ۽ جدوجهد کي ياد ڪبو آهي. وڏي ناول نگار جي عظمت انهيءَ ۾ آهي، ته هو کي اهڙا ڪردار تخليق ڪري، جيڪي سچا ۽ حقيقي محسوس ٿين ۽ حقيقت کان به مٿي لڳن. وقار عظيم صاحب پنهنجي ڪتاب ’ڏاِبنجاِلُ بنذ اِفبناِلُذ جڤ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار جن ڪردارن کي پيش ڪري ٿو، اهي زنده ۽ سچا معلوم ٿين ٿا.“(3)

ناول نگار جي لاءِ اهو ضروري آهي ته هو هر ڪردار جي زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي ڪري ۽ ڪردارن جون چڱايون، مٺايون، نيڪيون ۽ بديون، ڪامياب ۽ ناڪامياب جي عڪاسي پيش ڪري. هر ڪردار ۾ جيڪڏهن برايون آهن ته ان ۾ چڱايون به ضرور موجود هونديون، هو جيڪڏهن نيڪيون ڪندو هوندو ته برائي به قدرتي طور ڪندو هوندو، ڇاڪاڻ ته انسان خطا جو گهر آهي، پر اهي سڀ هو پنهنجي ماحول ۽ معاشري مان حاصل ڪري ٿو. جڳ مشهور ناول نگار سمرسيٽ مام لکي ٿو ته:

”ناول جي دوران ناول نگار جي خلقيل ڪردارن جا ڪم، انهن جي خوبين مان ئي پڌرا ٿيڻ گهرجن. ليڪ ڪڏهن به ائين نه چوي ته هن ڪردار ڪڏهن ائين به ڪيو هوندو؟ مان سمجهان ٿو ته ڪردار جو دلچسپ هئڻ ئي ان جو هڪ وڏو گڻ آهي.“(4)

ناول ۾ ڪردار جي خاصيت جو تجزيو انساني جذبات جي لاهه چاڙهه، باهمي تعلقات جي پيچيدگين وغيره جو ذڪر اهڙيءَ طرح ڪيل هوندو آهي، جو انهيءَ مان ڪونه ڪو نتيجو ظاهر ٿيندو آهي. هن وٽ جيڪو مواد ڪردارن جو هوندو آهي، انهيءَ ڪي هو ڪردارن جي ظاهري شخصيت سان گڏ ان جي ذهني ڪيفيتن، عملن ۽ معاشري جي حالتن ۽ حادثن ڪي پيش ڪندي ظاهر ڪندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ڪردارن جي باري ۾ خاصيت بيان ڪندي لکي ٿو:

”ناول جي هر ڪردار جي شخصيت جداگانه طبيعت واري هوندي آهي، پر سڀني ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ ظاهر ٿينديون آهن. سڀني ڪردارن جي شخصيتن مان هڪ شخصيت اهڙي هوندي آهي، جيڪا ٻين سڀني ڪان انوکي ۽ نرالي هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جو مرڪز به هوندي آهي ۽ سڀني شخصيتن سان واسطو رکندڙ به، تان ته انهن سڀني جو ميلاپ يا اتحاد قائم رهي ۽ پوري ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي قائم رهي.“(5)

### (الف) ڪردارن جا قسم:

ناول ۾ ٻن قسمن جا ڪردار هوندا آهن. هڪڙا اُهي جن ڪي مزاحيه ڪردار چون ٿا، انهن جو صرف هڪ پهلو نظر ايندو آهي. اهي ڪردارن جي بجاءِ خاڪا ۽ ڪارٽون نظر ايندا آهن. ٻيا ڪردار اُهي آهن، جن جي شخصيت جا سڀ پهلو سامهون ايندا آهن. اهي ايترا ته حقيقي ۽ مڪمل شخصيت جا علم بردار هوندا آهن، جو اهي اسان ڪي حقيقي انسانن وانگر نظر ايندا آهن. انهن ٻنهي ڪي هڪ ٻئي تي ترجيح نٿي ڏني وڃي، بلڪ انهن جو تعلق ناول



نگار جي پنهنجي فطرت سان هوندو آهي، ظفر اقبال صاحب ناول جي ڪردارن جي باري ۾ هيئن ٿو لکي:

”هڪ سٺي ناول لاءِ لازمي آهي ته هو اهڙا ڪردار تخليق ڪري جو اهي پڙهندڙ جي ذهن تي گهڻي عرصي تائين ڇانيل رهن. خاص ڪردارن ۽ عام ڪردارن ۾ فرق اهو آهي ته، خاص ڪردار، عام ڪردارن جي مقابلي ۾ آسانيءَ سان سڃاڻي سگهجن ٿا ۽ اهي ڪردارن جي هجوم ۾ پنهنجو هڪ خاص تاثر ڇڏين ٿا.“(6)

ناول نگار جيڪي ڪردار پيش ڪري ٿو، انهن ۾ ڪي ڪردار صرف اُهي هوندا آهن، جيڪي اوترو وقت ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ موجود هوندا آهن، جيترو وقت هنن جو عمل هوندو آهي. انهن ڪان ڪو به اهم ڪم نه ڪرايو ويندو آهي. انهن جو ڪنهن به هڪ ڪم يا هڪ خيال سان واسطو هوندو آهي. اهڙن ڪردارن ڪي ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ’سطحي ڪردار‘ سڏي ٿو، هو لکي ٿو:

”سطحي ڪردار جو ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪو خاص مقصد هوندو آهي، جنهنجو ڪنهن هڪ خيال يا ڪنهن هڪ ڪم سان واسطو هوندو آهي ۽ هو بلڪل ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هنن جي گفتگو بلڪل صاف لفظن ۾ هوندي آهي. هنن ڪردارن ڪي پنهنجي سطحي حالت ۾ مقصد ۽ صفت ڪري سڃاڻي سگهبو آهي ۽ پڙهندڙن جي ذهن تي جلد ئي اثرانداز ٿئي ٿو. اهي ڪردار نڪي شوخ هوندا آهن ۽ نڪي غمگين ۽ نه وري منجهيل شخصيت وارا. اهي خوش مزاج هوندا آهن، جنهن ڪري هنن ڪي چرچائي يا چٽيا به سڏيو ويندو آهي.“(7)

ناول ۾ ٻيا ڪردار اهڙا پيش ڪيا ويندا آهن، جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ڪم سرانجام ڏيندا آهن. هو همت وارا ۽ بهادر هوندا آهن، ۽ هر مشڪل ڪي منهن ڏيئي سگهندا آهن، اُهي سڄي ناول تي ڇانيل رهندا آهن. اهڙن ڪردارن ڪي ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ’گول مول قسم جا ڪردار‘ سڏي ٿو. ڊاڪٽر پٺاڻ لکي ٿو ته:

”گول مول ڪردار اُهي آهن، جن جي شخصيت توڙي عمل پيچيده هوندو آهي ۽ ڪين آسانيءَ سان سمجهي نه سگهبو آهي. اهي ڪردار شوخ ۽ گنڀير نظر ايندا آهن. هنن جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي مقصد، خيال ۽ جذبا سمايل هوندا آهن. هنن جو ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪم هوندو آهي، زندگيءَ جا اهم ڪارناما انجام ڏيڻ. اهي ڪردار تمام برجستا هوندا آهن. اهي ڪهاڻيءَ ۾ شروع ڪان وٺي آخر تائين عمل ۾ سرگرم هوندا آهن. ناول جو دارومدار انهن ڪردارن سان وابسته هوندو آهي.“(8)

ڪردارن جي اهڙي خاصيت هئڻ گهرجي جو عام پڙهندڙ به ڪردارن

جي ڏکن، تڪليفن ۽ مصيبتن کي پنهنجو ڏک محسوس ڪري. پنهنجيءَ دل ۾ انهن لاءِ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪري، جيڪڏهن ڪردار خراب هوندا آهن ته پڙهندڙ انهن کان نفرت ڪندو آهي ۽ هن جي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿيندي آهي، ته ڪاش! اهڙا ڪردار هن دنيا ۾ نه هجن ها. ڪردار نگاريءَ جي باري ۾ ’رابنسن‘ جو رايو آهي ته:

”ڪردار نگاريءَ جي معنيٰ ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جو نقش اهڙي خوبصورتيءَ سان چٽيل هجي، جو اهي ڪتابن جي بيجان پنن مان ٻاهر نڪري اچن.“(9)

ناول نگار زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي. هو پنهنجي پرک سان هر زنده شخصيت مان پنهنجي ناول لاءِ مواد ۽ مقصد حاصل ڪري ٿو. هو زندگيءَ مان جيڪي ڪجهه حاصل ڪري ٿو، تنهن کي ساڳئي انداز ۾ پيش نٿو ڪري، پر انهن کي افسانوي رنگ ڏيئي، ڪردارن جي ذريعي پيش ڪري ٿو. جيئن رابنسن جو خيال آهي، رابنسن لکي ٿو ته:

”ناول نگار انسان جي انهن دلچسپين جو جائزو وٺي، انهن جو تجزيو ڪري ۽ افسانوي ڪردار جي ذريعي ان زماني جي معاشري جي تصوير ڪڍي ٿو.“

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”فنڪار پنهنجي فن ۾ ائين پنهان هوندو آهي، جيئن هن جڳ ۾ خدا جو وجود مڃيو ويو آهي. خداوند ڪريم هر هنڌ موجود آهي، پر ظاهر ڪٿي به نظر نٿو اچي. فن به هڪ طرح جي تخليق آهي، انهيءَ ڪري ان جو رچيندڙ به ساڳيءَ طرح لڪل رهي ٿو.“(10)

ناول جي ڪردارن جي زندگي، حقيقي زندگي نه، پر حقيقت جي ويجهو هوندي آهي. ڪردارن جي زندگين جو عمل، ناول نويس جي پلاٽ موجب، افسانوي رنگ ۾ هوندو آهي، پر ان جو فن سان واسطو هوندو آهي.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته ناول، فن هئڻ جي ڪري زندگيءَ مان اپري نڪري ٿو، پر اهو حقيقي زندگيءَ جو صرف عڪس پيش ڪري ٿو. ڪردارن جي مدد سان زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيو ويندو آهي. اها حقيقي زندگيءَ جي تصوير هوندي آهي. ڪي ناول نگار وري ڪردارن کي مڪمل آزادي ڏين ٿا، جيئن گستاو فلابرٽ جو رايو آهي، هو لکي ٿو ته:

”مان پنهنجن ڪردارن کي مڪمل آزادي ڏيندو آهيان ته اهي زندگيءَ ۾ جيئن جيڪي مناسب سمجهن ٿا ڪندا رهن.“(11)

ان سلسلي ۾ مشهور ناول نويس ٿئڪري (Thackeray) جو رايو آهي:



”مان پنهنجن ڪردارن مٿان ضابطو نٿو رکان. مان پاڻ انهن جي آڌار تي هوندو آهيان، ڀل هو مون کي جيڏانهن چاهين وٺي هلن.“(12)

ناول جي هر ڪردار جي شخصيت جداگانه طبيعت واري هوندي آهي، پر سڀني ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون، هڪٻئي جي مقابلي ۾ ظاهر ٿينديون آهن. سڀني ڪردارن جي شخصيت اهڙي هوندي آهي، جيڪا ٻين کان انوکي ۽ نرالي هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جو مرڪز به هوندي آهي ۽ سڀني شخصيتن سان واسطو رکندڙ به هوندي آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ناول جي ڪردارن کي ٽن طريقن سان پيش ڪري ٿو، هو لکي ٿو:

”ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن کي پيش ڪرڻ جي ٽن طريقن مان پهرئين طريقي ۾، ڪهاڻيءَ ۾ رڳو سورمو ۽ سورمي (Hero & Heroine) هوندا آهن. ٽئين طريقي ۾ اهم ڪردار هڪ هوندو آهي. پر ٻيا ڪردار مرڪزي ڪردار جي چوطرف ڦرندا نظر ايندا آهن، جن جو ڪم مرڪزي ڪردار جي شخصيت کي اُڀارڻ ۽ نمايان ڪرڻ هوندو آهي.“(13)

ناول جا ڪردار اسان جي زندگيءَ مان اُپري نڪرن ٿا ۽ اسان وانگر ئي هلن، گهمن ۽ ڦرن ٿا. انهن ۾ ڪڏهن مونجهارا به پيدا ٿين ٿا. هو منزل يا مقصد تي پهچندي ڏڪا، ٿاٻا کائيندي، پاڻ سنڀاليندي، پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ شروع ڪن ٿا. انهن جو اهو رستو خطرناڪ به هوندو آهي. انهن جي رستي ۾ تڪليفون به هونديون آهن. سمرسيٽ مام (Somerset Muagham) پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ هيئن لکيو آهي:

”جيستائين مون پنهنجي تخيل ۾، ڪنهن زنده انسان جي خاص شخصيت کي ذهن ۾ رکندي، ان ۾ ڪا دائمي زوردار ۽ نرالي هلت پيدا نه ڪئي، تيستائين ڪردار به پيدا نه ڪري سگهيس.“(14)

ناول نگار پنهنجن سڀني ڪردارن جي خاص خاصيتن ۽ عملن کي پيش ڪندو آهي ته جيئن سندس مقصد پورو ٿئي. هو انهن سڀني ڪردارن جو اتحاد قائم ڪري ٿو ۽ ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي پيدا ڪري ٿو، جنهن جو دارومدار ڪردارن تي هوندو آهي. جيئن پروفيسر سيد عابد علي عابد پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”مڪمل ڪردار انهن کي چئي سگهجي ٿو، جيڪي انساني خصوصيتون رکن ٿا، گڏوگڏ ڪجهه انفرادي خصوصيتون به رکن ٿا. اهڙن ڪردارن وارا ناول نگار گهڻو ڪري ڪامياب ليکيا ويندا آهن.“(15)

ڪامياب ناول نگار جي سامهون جيڪي به زندگيون هونديون آهن، تن کي هو پرکيندو آهي ۽ پوءِ جيڪي ڪجهه محسوس ڪندو آهي، اُن کي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ناول نگار ڪردار بابت جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو تنهن ۾ هن جي شخصيت جون مکيه ڳالهيون هونديون آهن. اهڙا خيال جڏهن هو ڪردارن جي ذريعي چوائي ٿو ته پڙهندڙ انهيءَ ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ وندر حاصل ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ناول نگار اهڙن ڪردارن جي هلت چلت خاص مزاج واري پيش ڪري ٿو، ته جيئن پڙهندڙ ڪي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري سگهن. ڊاڪٽر ابوالليث صديقي پنهنجي ڪتاب ’لٰاِوٗلْ فِلٰي لَقْشٰىٗ لُفاِيٗ بنذ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”اعليٰ درجي جي ڪردار نگاريءَ جي هڪ تقاضا اها به آهي ته هر ڪردار، عام انساني سرشت ۾ شامل هوندي به انهن صفتن ۽ خصوصيتن جو، جن کي ناول نگار پيش ڪرڻ چاهيندو هجي، جتي توهان کي ملي سگهٽي وٺو، انهن جو هر فعل (ڪم) هر مڪالمو، انهن جي انفراديت ۽ شخصيت جو اعلان ڪري، اها ڳالهه صرف گفتگو يا تڪيه ڪلام مان حاصل نٿي ٿئي. بلڪ اصل شيءِ ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيتن جي آهي. ناول نگار جو فرض آهي ته ڪردار نگاريءَ ۾ ان جي تشريح ۽ تفصيل تي پوري توجهه ڏئي.“(16)

انهيءَ ڪري ناول ۾، ڪردار نگاريءَ واري خصوصيت بيحد ضروري آهي. اهي ڪردار ئي بهتر سمجهيا ويندا آهن، جن ۾ دلڪشي هوندي آهي. ناول نگار جيتري وسيع دائري ۾ ڪردار پيش ڪندو، ان کي ايترو ئي اهم سمجهيو ويندو آهي، پر هو محدود دائري ۾ به ڪردارن کي اطمينان بخش زندگي ڏئي سگهي ٿو ۽ انهن کي پُراثر به بنائي سگهي ٿو. سنڌي ناول ۾ به ڪيترائي اهم ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، جن جي ڪري ناولن ۾ جان پيدا ٿي آهي ۽ اهي ڪامياب ناول مڃيا وڃن ٿا؛ مثلاً سراج الحق ميمڻ جا ناول، آغا سليم جو ناول ’همه اوست‘ ۽ آسانند مامتوراءِ جو ’حليما‘ ناول وغيره.

## ببليو گرافي


1. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، 1982ع، ص 58
2. احمد نديم قاسمي: هزار داستان، ديباچو
3. وقار عظيم: ’ڈاِبنجاِلٰ بنذ اِبناِلٰذ جقٗ‘ اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي، 1960ع
4. Somerset Maugham: The Summing up, 1938.
5. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 6
6. ظفر اقبال: حوالو ڏنو ويو آهي.
7. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 69
8. ايضاً، ص 69
9. ڪيرت ٻاٻاڻي: ادب ۾ قدرن جو سوال، بمبئي، سورٺ پبليڪيشن، 1974ع، ص 64
10. ايضاً





11. ايضاً، ص 11
12. ايضاً
13. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 59
14. ڏسو حوالو نمبر 4
15. عابد علي عابد، پروفيسر: اسلوب، لاهور، مجلس ترقي ادب، 1966ع
16. ابوالليث صديقي ڊاڪٽر: لٰاِوٗلْ فِلٰي لَقْشٰىٗ لُفاِيٗ بنذ، ڪراچي، نگار پاڪستان، 1966ع

## 9. مڪالمه نگاري (گفتگو) ۽ سنڌي ناول:

ناول جي فني سٽاءَ ۾ مڪالمه نگاري يا گفتگو کي به تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ناول، ڊراما، افساني يا مختصر ڪهاڻيءَ ۾ انساني ڪردارن کي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ڏيکاريو ويندو آهي. اهڙيءَ گفتگو جي لکڻ واري انداز کي ’مڪالما نگاري‘ چيو ويندو آهي. ڪهاڻيءَ کي شروع کان پڇاڙيءَ تائين گفتگو جي ذريعي ئي پهچائي سگهجي ٿو. گفتگو جو تعلق سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح پلاٽ سان هوندو آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي قائم رکيو ويندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ انسانن کي پيش ايندڙ واقعا بيان ڪيا وڃن ٿا. اهي واقعا انسانن کي معاشري ۾ سماجي حالتن جي ڪري يا ماحول ۾ پين سببن جي ڪري پيش اچن ٿا، جن کي هو پنهنجي زبان سان بيان ڪن ٿا. زبان يا ٻولي، هر ڪنهن معاشري يا سماج جي، پنهنجي پنهنجي هوندي آهي ۽ ان جي مدد سان ئي سماج جي هر پهلوءَ کي پرکي سگهجي ٿو. انهيءَ پرک جو تعلق سماج جي سڀني تعلق رکندڙ انسانن جي ذهين ۽ جسماني تحريڪن، سندن خواهشن ۽ عملن، سندن قوتن ۽ سوچن سان هوندو آهي. ان ۾ سماج جي ريتين رسمن، تهذيب ۽ تمدن، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ روزمره جي زندگي جي هڪ طرف خبر ملي ٿي ۽ ٻئي طرف سماجي زندگيءَ جي نمائندگي پڻ ٿئي ٿي.“(1)

ناول ۾ ڪردارن جي شخصيت ۽ سندن عمل توڙي ڪارگذارين، انهن جا سبب ۽ نتيجا سڀ گفتگو جي مدد سان ظاهر ڪيا ويندا آهن. ناول نگار مڪالمن يا گفتگو جي مدد سان، ڪردارن جي شخصيت کي اُجاگر ڪندو آهي، ۽ پڙهندڙ کي ڪردارن جي، ڪيترين ئي خوبين کان آگاهه ڪندو آهي. ڪي ناول نگار مڪالمن کي خيالن جي اظهار جو ذريعو بنائي، ڪردارن جي داستان، پنهنجا خيال، پڙهندڙن تائين پهچائيندو آهي. سٺن مڪالمن جي پڙهڻ سان ناول مان لطف ايندو آهي ۽ پڙهندڙ جي به دلچسپي وڌندي آهي.

مڪالمه نويسي ڇا آهي؟ ان ڏس ۾ علي عباس حسيني پنهنجي ڪتاب، ’ناول ڪي تاريخ و تنقيد‘ ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار جي اختيار ۾ خيالن جي اظهار جو بهترين طريقو يا وسيلو، مڪالمه نويسي آهي. هوان (مڪالمن) مان باقاعدي فائدو حاصل ڪري ٿو. مصنف پنهنجي ڪردارن جي زباني جيڪو به چاهي ٿو، ۽ جيڪو ضروري سمجهي ٿو سو چوارائي ٿو.“(2)

انهن مڪالمن جي صحيح جڳهه ۽ موقعي تي استعمال ڪرڻ هڪ وڏي



ڪاميابي آهي. اهوئي سبب آهي جو سقراط پنهنجي قوم جي اصلاح مڪالمن جي ذريعي ڪئي، ۽ افلاطون ’جمهوريت‘ نالي ڪتاب لکيو. ان ۾ مڪالمن جي ذريعي پنهنجو فلسفو سمجهايو ۽ اهڙيءَ طرح ’برڪلي‘ به مڪالمن جي ذريعي پنهنجو فلسفو سمجهايو.

ناول نگار پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، يا پنهنجي منزل تائين پهچڻ لاءِ، پنهنجي قدرن کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ پڙهندڙن سان ڪي اهڙا سمجهوتا ڪري ٿو. مڪالمن ۾ اهڙي قسم جي سمجهوتن جا وڏيڪ پهلو روشن ۽ واضح نظر ايندا آهن.

مڪالمن جي لاءِ هڪ خاص اهميت واري ڳالهه هيءَ آهي ته مڪالما، ڪردارن جي حيثيت ۾، انهن جي حال مطابق هئڻ گهرجن. تعليم يافته ماڻهوءَ جي گفتگو جي انداز ۽ غير تعليم يافته ماڻهوءَ جي گفتگو جي انداز ۾ فرق هوندو آهي. اهڙيءَ طرح انهن جي رهائش، طور طريقن سان گڏوگڏ گفتگو جو طريقو به بدلجي ويندو آهي. مثال طور آغا سليم پنهنجي ناول ’اڻ پورو انسان‘ ۾ صفحي 118 تي لکي ٿو ته:

”او! اِٽ سائونڊس سو رومانٽڪ (Oh! It sound so romantic) هي ته والٽر اسڪاٽ جي ناول جو ڪردار ٿو لڳي. ٻيءَ ڇوڪريءَ چيو: ”مان ماضيءَ کي ۽ ماضيءَ جي سڀني مٿز ۽ ليجينڊز کي ڊس اون ٿو ڪريان ۽ نئين دور جي نون مٿز، نون ليجينڊز ۽ نئين انسان جي آجيان ٿو ڪريان.“

”نئون انسان! هڪ نوجوان جنهن ايليٽ کي پڙهيو هو، تنهن ٺوڪزنيءَ سان چيو: ”اعليٰ قدرن کان خالي، وفادارين کان خالي ۽ کوکلو انسان هالو مئن آهي ته هن جي پيدا ٿيڻ تي ايليٽ وانگر ماتم چو ٿا ڪريو. هن کي قبول چو نٿا ڪريو.“(3)

ٻئي هنڌ وڏيري جي ڪردار جا مڪالما يا گفتگو، سراج الحق پنهنجي ناول ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ ۾ صفحي 33 تي هن ريت بيان ڪري ٿو:

”تر ۾ گهرام خان جي ڪا نيڪي ڪانه هئي، ذات چور، لنب ۽ شودو هن جي اوطاق جو سلامي هو. اوڙي پاڙي ۾ چوري چڪاري ٿيندي هئي ته پيري پير ڪٽي اچي گهرام خان جي اوطاق تي بيهندا ۽ پاڳيا پنگ ڏيئي پنهنجو مال ڪاهي ويندا هئا، ۽ ڏينهن جا ڏينهن رئيس جا مزمان ٿي رهندا هئا. ماڻهن جي ٻڌڇوڙ ۾ رئيس جو نالو ڪٽي بس ڪر. دنگئي وڏيرا هن کان اهڙو وئن ويندا هئا جو ڪنهن ميڙي ملاڪڙي ۾، يا شادي مراديءَ تي مڪاميلو ٿيندو هون ته پانءِ ته پيرن هيٺان ٽانڊو اچي ويندو هئن. وڏيري خان محمد وارو مامرو سڀني کي ياد اچي ويندو هو. ٿيو هيئن جو وڏيري خان محمد وٽ هڪڙو بلڊاگ ڪُتو هوندو هو، جنهن جو نالو ئي رکيائين ’شيرل‘. هوئنن

ته رئيس گهرام خان وٽ ڪتن جي لوڊ هئي، پر جڏهن ڪان وڏيري جي ’شيرل‘ جي ناموس ٻڌي هئائين، تڏهن ڪان هن جو سڪ ڦٽي پيو هو... هيڪاري جڏهن وڏيرو خان محمد پنهنجي ويانهن جي خوشيءَ ۾ رڇ ۽ ڪتن جي ويڙهه ڪرائي ۽ وڏيري گهرام پنهنجي اکين سان اها ويڙهه ڏٺي، تڏهن ڪان ’شيرل‘ لاءِ هن جي تقاضا چوٽ چڙهي وئي. رڇ، چئن پنجن پلن تازي ڪتن کي واري واري سان ڏڪ ئي هڪڙو هنيو ۽ ڪتا ڪيڪڙاٽ ڪندا، پڇ ٽنگن ۾ ڏيئي گولي ٿي ويا.“(4)

مڪالمن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”سماج ۾ رهندڙ انسان تي هر وقت معاشي، معاشرتي، سياسي ۽ ٻيون حالتون، جيڪو اثر ڪنديون رهن ٿيون، تن تي هر وقت هو سوچيندو رهي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه سوچي ٿو، تنهن کي ٻين تائين آڻڻ لاءِ زبان استعمال ڪري ٿو، يعني هن جي زبان، هن جي سوچ جو اظهار هوندي آهي، يعني سماج جي ترجماني ڪندي آهي. هر ڪنهن سماج جي سوچ جدا جدا هوندي آهي، جنهن جو تعلق گهرو حالتن سان آهي ۽ هر ڪنهن سماج ۾ رهندڙ جو سڀاءُ کي ظاهر ڪندي آهي. هر سماج جا فرد پنهنجي زبان ۾ گفتگو جي ذريعي ئي پرکيا ويندا آهن.“(5)

اهڙيءَ طرح هر سماج جي ڪردارن جي اظهار جو وسيلو گفتگو ئي آهي. مڪالمن جي هڪ خوبي اها به آهي ته جيئن ڊاڪٽر اختر حسين پنهنجي ڪتاب ’جلقيڊ اِوڏ جقڦيڦي ضاِيڏڏ‘ ۾ لکيو آهي:

”مڪالمن جي هڪ خوبي اها به آهي ته انهن ۾ چستي، اختصار ۽ جامعيت به هوندي آهي.“(6)

ڪنهن به سٺي ناول ۾ مڪالما ان جي جان هوندا آهن. اهي ڪردارن جي سيرت جي عڪاسي ڪرڻ ۽ پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڏين ٿا. انهيءَ ڪري ئي گفتگو کي ناول جو اهم جزو سمجهيو وڃي ٿو، ۽ جنهنجو واسطو ’طرز بيان‘ سان آهي. مڪالما نگاري ناول جي خوبين مان هڪ آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول ۾ ڪردارن جي شخصيت ۽ سندن عمل ۽ انهن جا سبب ۽ نتيجا سڀ گفتگو جي مدد سان ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ به گفتگو تي مدار رکي ٿو.“(7)

آغا سليم پنهنجي ناول ’روشنيءَ جي تلاش‘ ۾ صفحي 64 تي لکي ٿو ته:

”منهنجون ڳالهيون دل ۾ نه ڪندو ڪر. مان بيمار عورت آهيان. اسان سڀئي روحاني ۽ ذهني طور بيمار آهيون. اسان ۾ تندرست انسان صرف اهو ڳوناٺو آهي، جيڪو وڻ جي ڇانوَ هيٺ، پٿر تي مٿو رکي، اجرڪ تاڻي، ستو



پيو هو. اصل ۾ اسان جڏهن ٻار جي پرورش ڪندا آهيون، تڏهن ڪيس جدا جدا هٿيار ڏيندا آهيون، جن سان هو زندگيءَ جي ميدان ۾ وڃي، حالات جو مقابلو ڪندو آهي. مان ڀڳل ٽٽل ۽ مُڏا هٿيار کڻي ميدان ۾ آئي آهيان ۽ پنهنجن خواهشن ۽ خيالن جي هٿان شهيد ٿي وئي آهيان، پر مون اجا شڪست ڪانه قبولي آهي.“(8)

ناول جي گفتگوءَ لاءِ ضروري آهي ته ناول نگار انهيءَ کي مختصر لفظن ۾ پيش ڪري ۽ اها آسان ۽ سولن لفظن ۾ هئڻ گهرجي. اها بامقصد هئڻ گهرجي، اها موقعي ۽ محل، وقت ۽ جاءِ مطابق ۽ حقيقت جي ترجماني ڪندڙ هجي. انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت ڪندي ڊاڪٽر اختر حسين لکي ٿو ته:

”واقعات نگاري، زندگي جي صحيح ترجماني ۽ ڪردارن جي عمل جي روش، انهيءَ ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿي ته هڪ خاص قسم جي ٻولي استعمال ڪن. پر انهيءَ جي باوجود فنڪار مجبور آهي ته هو مڪالمن لاءِ هڪ خاص قسم جي ادبي ٻولي استعمال ڪري ٿو، جا معمولي زندگيءَ جي زبان ڪان ويجهي ڪردارن جي اسلوب، فڪر ۽ ذهن جي مطابق ۽ پلاٽ جي تقاضا مطابق هجي.“(9)

ناول نگار ڪهاڻي تيار ڪري ٿو. انهيءَ ۾ هو پنهنجي مرضيءَ سان ڪردار آڻي ٿو. ڪيترائي واقعا بيان ڪري ٿو ۽ اِهي هو ڪردارن جي گفتگو جي ذريعي حقيقت معلوم ڪرائي ٿو. اهوئي ناول نگار جي ڪاميابيءَ جو سبب آهي.

آغا سليم پنهنجي ناول ۾ زندگيءَ جي باري ۾، مختلف راءِ پيش ڪري ٿو. هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

”زندگي ايتري اهم آهي ئي ڪانه جو ان جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان ويهي سوچجي. زندگي عورت جيان آهي، جيئن تون ڪيس ٺوڪرون هڻندين، تيئن هوءَ تنهنجي پيرن ۾ ڪِرندي ۽ جيئن تون سندن پيرن ۾ ڪرندين تيئن هوءَ توکي ٺوڪرون هڻندي.“(10)

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”منهنجا خواب پرست مارڪسٽ دوست! زندگي مقابلي ۽ چٽاپيٽيءَ جو نالو آهي. هر ڪنهن کي موقعو ڏنو ويو آهي ته هو ان چٽاپيٽيءَ ۾ حصو وٺي ۽ زندگيءَ جي حسن ۽ مسرت کي ماڻي، جن ۾ قوت آهي، اهي، ان ۾ ڪامياب ٿي زندگيءَ جون مسرتون ٿا ماڻين ۽ جن ۾ قوت ڪانهي، جيڪي مقابلو ڪري نٿا سگهن، اهي زندگيءَ جي مسرتن ڪان محروم رهجي ٿا وڃن.“(11)

مطلب ته سنڌي ناولن ۾ مڪالما يا گفتگو، پُر معنيٰ، وزندار ۽ موقعي جي مناسبت سان، مختلف ڪردارن جي واتان، مختلف وقتن تي وزندار ۽ دلچسپ جملا چورايا آهن. سماج جي مختلف طبيعتن وارن فردن جي گفتگو

شامل هوندي آهي. ناول نگار گفتگو جي مدد سان ئي سماج جو تجزيو پيش
كندو آهي.

## ببليوگرافي


1. پناڻ غلام حسين: ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي.
2. علي عباس حسيني: ڵاۆڵ ڦي جاڈيڪ ۆ جلڦيڈ، ڵڦيڵۆ، اِڵڈيڵ بڦ ڈيصۆ، 1982ع، ص 70-71
3. آغا سليم: اڻپورو انسان، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن 1985ع، ص 118
4. سراج الحق: پياسي ڌرتي رمندا بادل، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1989ع، ص 33
5. ڏسو حوالو نمبر 1 ص 71
6. ڊاڪٽر اختر حسين: جلڦيڈ اِۆڎ جڦڦيڦي ضائزڎ،لاهور، سنگ ميل پبليڪيشن.
7. ڏسو حوالو نمبر 1 ص 71
8. آغا سليم: روشني جي تلاش، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1989ع، 69
9. ڏسو حوالو نمبر 6
10. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 65
11. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 99

باب ٽيون

# سنڌي ادب جا نوان موڙ ۽ انهن جو ناول نگاريءَ تي اثر

برصغير جي آزاديءَ، ماڻهن جي سمجهه، سوچ ۽ ويچار ۾ نئون موڙ آندو. ملڪي معاملن سان گڏ معاشرتي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن ۾ به ڦيرو آيو. اها حقيقت آهي ته هر دور جو ادب، ان دور جو جديد ادب هوندو آهي. ادب جي سڄي عملن ڪي جاچڻ کان پوءِ هي احساس ٿئي ٿو ته، ادب انساني ضمير جو آواز آهي، جنهن کي هر دور ۾ بلند رکڻ لاءِ اديبن ڀرپور ترجيح ڏني آهي. هر نسل جو زمانو پنهنجو آهي. ان جي آزمائش جا طريقا به پنهنجا آهن، انهن آزمائشن مان رونما ٿيندڙ ذميداريون به انهن جون پنهنجون آهن؛ گويا هر دور جي نسل جو ادب، سندس ئي دور جي ترجماني ڪندو آهي ۽ ان ڪري هر دور جي ادب کي جديد ادب تصور ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي ماڻهن، خصوصاً سنڌ جي نئين نسل، جدت کي هميشه پنهنجو ڪيو آهي، پراڻين ۽ فرسوده ڳالهين، رسمن ۽ روايتن جو هميشه مقابلو ڪيو آهي. سيد حسام الدين شاهه راشدي ان حقيقت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”1947ع کان اسان جو جديد دور شروع ٿئي ٿو. هن دور کي سونهري دور، قيمتي دور ۽ ابدي ۽ ازلي دور چئجي ٿو. هن عرصي ۾ سنڌي ادب جي ڪايا پلٽي، ۽ وڏو انقلاب آيو. هن دور جو سچو ادب بامقصد آهي.“(1)

## 1. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ تبديليون:

آزاديءَ کان پوءِ واري عرصي ۾ سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون آيون. هن دور ۾ عام ماڻهن جي روزانه زندگيءَ جو عڪس، سنڌي نثر توڙي نظم ۾ نظر اچي ٿو. هن دور ۾ نظم سان گڏ نثر جي صنفن جهڙوڪ: ناول،



ڊرامي ۽ ڪهاڻيءَ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو. هن دور جي موضوعن ۽ مضمونن ۾ به وڏي تبديلي آئي. هن دور جو ادب، سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جو هڪ وڏو داستان آهي. هن دور جي اديبن ۽ شاعرن، پنهنجي گهري سوچ، تيز فهم، سمجهه ۽ مشاهدي سان، سنڌي زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي، پنهنجن لکڻين ۾ عڪاسي ڪئي آهي. هنن سنڌي زندگيءَ ۽ سنڌي سماج جي هر مسئلي کي سڌارڻ ۽ سُلجهائڻ جي سلسلي ۾ ڪوشش ڪئي آهي. هنن، ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي ۽ جاڳرتا، همت ۽ جرئت اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪاوش ڪئي آهي. گويا هي دور جدت ۽ نواڻ وارو دور ثابت ٿيو آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا، هن دور جي سنڌي ادب ۾ جدت جي باري ۾ هيئن ٿو لکي:

”ورهاڱي کان پوءِ ملڪ جي معاملن ۽ مسئلن ۾ گهڻي تبديلي آئي آهي. ماڻهن جي سمجهه ۽ فهم نئون رخ اختيار ڪيو آهي ۽ ڪيترائي سماجي ۽ معاشرتي مسئلا سوچ جو موضوع بڻيل آهن. ڪيتريون ئي پراڻيون رسمون، جيڪي ناسور جهڙو روڳ بڻجي چڪيون هيون، سي ختم ٿي رهيون آهن ۽ زماني جون نيون تقاضائون اُسري رهيون آهن. سنڌي اديب به زندگيءَ جي نون قدرن مان واقف ٿي رهيا آهن، ۽ انهن (اديبن) پنهنجي قلم جي قوت جي ذريعي، سنڌ جي عوام ۾ ڪافي حد تائين ذهني انقلاب ۽ جاڳرتا آندي آهي.“(2)

## 2. سنڌي زبان جو مسئلو:

هن دور جي اديبن ۽ شاعرن وٽ سڀ کان وڏو مسئلو سنڌي زبان جو هو. ان کان پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ، ڪراچيءَ مان سنڌي ٻوليءَ جي پاڙ پٽڻ، ڪراچيءَ مان سنڌي اسڪول بند ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان طور پڙهائڻ وارو تعليمي طريقو ختم ڪرڻ وغيره کان سواءِ، ٻين ننڍن صوبن ۽ رياستن سان گڏ سنڌ مٿان، 1954ع ۾، زوري ون يونٽ مڙهڻ ۽ ون يونٽ سرڪار جي آمر حاڪمن جي سازش ۽ مدد سان، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي ٻوليءَ کي ذريعه تعليم ۽ ذريعه امتحان واري ٻوليءَ طور ڪم آڻڻ کان منع ڪرڻ، اهم مسئلا هئا. ان کان علاوه، 1958ع ۾ جنرل ايوب خان جي مارشل لا نافذ ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي زبان کي سنڌ ۾ ڪلاس چوٿين کان غير مادري زبان طور پڙهائڻ وارو فيصلو به واپس ورتو ويو؛ نه فقط ايترو پر اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي هئي، انهن ٻارن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ذريعي پڙهڻ وارو انگريزي دور جو پراڻو قانون به ختم ڪيو ويو. ايوب شاهيءَ جي هن آمرانه ۽ غيرمنصفانه قدم تي سڄيءَ سنڌ ۾ گوڙ مچي ويو. سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ، ’سنڌي زبان

سوسائٽي‘ ٺهي، جنهن سڄيءَ سنڌ ۾ تحريڪ هلائي. نيٺ 13 آڪٽوبر 1962ع تي صدارتي حڪم موجب، سنڌي زبان جي ساڳي حيثيت بحال ڪئي وئي. ان ڪان پوءِ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ 1965ع ۽ 1970ع ۾ ٻه جنگيون لڳيون، جن ۾ به سنڌ جي عوام سان تعديون ٿيون. ون يونٽ جي قيام سان ئي سنڌين ۽ غير سنڌين جي وچ ۾ هڪ ٻئي لاءِ شڪ شبها ۽ نفرتون وڌيون، جن 1972ع ۾ لساني جهڳڙن جي صورت اختيار ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ طبقي، زبان جي بنياد تي، سندن لاءِ ڌار صوبي جي گهر ڪئي. انهن جهڳڙن ۾ ڪيترن ئي نوجوان سنڌين جو قتل عام ڪيو ويو، ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ عوام سان ڪيتريون ئي ٻيون زيادتيون به ٿيون. انهن سڀني ڳالهين جو اثر، سنڌي ادب جي نثر توڙي نظم تي تمام گهڻو ٿيو. انهيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مقالي ۾ هيئن لکيو آهي:

”هن دور ۾ پيدا ٿيل ادب ۾ موضوعن ۽ مضمونن ۾ وڏي ڦيرڦار آئي. سنڌي اديبن ۽ شاعرن وٽ جيڪڏهن سڀ ڪان اهم ۽ اُتم مسئلو هو، ته اهو هو سنڌي زبان جو مسئلو؛ ان ڪان پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ ڪان ڌار ڪرڻ جو مسئلو؛ ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي زبان جي پاڙ پٽڻ جهڙا مسئلا. هر اديب ۽ شاعر جي نظر ۾ اهي ئي مسئلا هئا، ۽ انهن مسئلن ڪان سواءِ قومي جاڳرتا، سماجي، ملڪي، سياسي ۽ اقتصادي مسئلا. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي ڪهاڻين، ناولن ۽ نظم جا موضوع رهيا.“(3)

هن دور ۾ وقت جي ضرورت ۽ تقاضا مطابق سنڌي زبان جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌي علم ادب جي وڌاءُ جي سلسلي ۾، ڪيتريون ئي ادبي انجمنون ۽ علمي ادارا تيز ٿي ويا. هن دور جي افسانوي ادب ۾ سنڌي ماحول ۽ سنڌي زندگيءَ جي جهلڪ گهڻي نظر اچي ٿي، جن جي مطالعي سان هن خطي جي اهم خصوصيت ۽ سنڌي ادب ۾ پيش ڪيل معاشي، معاشرتي، تاريخي، سياسي، قومي امنگن ۽ لاڙن جو پتو پوي ٿو.

هن دور جو ادب سنڌ جي مسئلن، سنڌ جي اديبن، شاعرن، سنڌي شاگردن، هارين نارين، مزدورن ۽ محنت ڪش ماڻهن يا پورهيتن جي مسئلن جو ترجمان آهي. ادب جي اهڙي سرمايي جي وڌيڪ وضاحت ڪندي ڊاڪٽر الانا لکي ٿو ته:

”هن دور جو سنڌي ادب، سنڌ جي عوام جي ڏکن ۽ سورن جو داستان آهي. هن دور ۾ نه فقط موضوعن ۾ اضافو ٿيو. پر ساڳئي وقت نظم توڙي نثر ۾ نوان تجربا ٿيا. هن دور ۾ ون-يونٽ ڪان وٺي 1970ع تائين سنڌ ۾ سنڌي ادب جي قسمت ۾ هڪ زبردست انقلاب اچي چڪو هو. هن انقلاب سنڌي جيوت ۽ سنڌي زندگيءَ ۾ هڪ وڏي اٿل آڻي ڇڏي هئي. انهيءَ اٿل



سنڌي زبان جي اديبن ۽ شاعرن، دانشورن، عالمن توڙي فاضلن جي سوچ، سمجهڻ جي رنگ ڍنگ ۾ به ڦيرو آندو هو. سنڌ ۾ سنڌي قوميت ۽ جاڳرتا جا سڪل سلا وري نئين سر نسريا ۽ اُسريا.“(4)

انهن تحريڪن جي اثر ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻا ناول ۽ ناوليٽ لکيا ويا. انهن مان ڪي طبعزاد هئا ته ڪي ترجمو پڻ ڪيا ويا هئا. سنڌي ادب جي انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي معاشري ۽ سنڌي سماج جي جهلڪ نظر اچي ٿي. انهن ۾ به سنڌي ماحول جو مطالعو ۽ سنڌي زندگي جو عڪس نظر اچي ٿو.

هن دور جي اديبن جي لکيل ڪتابن تي پابندي وڌي وئي. انهن اديبن کي جيل ۾ وجهي، ڪين سخت سزائون ڏنيون ويون. انهن کي هر طرف ڪان ڊسڪريج (Discourage) ڪيو ويو. مطلب ته سنڌي ادب کي ختم ڪرڻ لاءِ هر طريقو اختيار ڪيو ويو.

### 3. قيام پاڪستان ڪان پوءِ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حيثيت:

ورهاڱي ڪان پوءِ هندو اديبن جي لڏي وڃڻ ڪان پوءِ ائين ٿي سمجهيو ويو ته سنڌي ادب پوين پساهن ۾ اچي ويندو. ان وقت سنڌ سرڪار طرفان نڪرندڙ ’مهراڻ‘ رسالو به بند ٿي ويو. سنڌي ڪتاب ڇپجڻ بند ٿي ويا، پر جيئن اڳ ۾ عرض ڪري آئي آهيان ته ڌڻيءَ جي فضل سان سنڌي ادب ۾ وري نئين جوت جلي. ادبي سرگرميون وري زور شور سان چالو ٿي وئيون. وقت جي ضرورت مطابق ادبي انجمنون ۽ علمي ادارا سنڌي زبان جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌي ادب کي وڌائڻ ۾ سرگرم ٿي ويا. ڪيترائي ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا. ڪيترائي اديب، عالم، ناول نگار، ڊرامه نويس، تنقيد نگار ۽ شاعر، علمي ۽ ادبي ميدان ۾ نروار ٿيا، جن سنڌي ادب کي وڌائڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون.

جلد ئي ناول، ناٽڪ ۽ ڪهاڻيون لکجڻ شروع ٿيون. هن دور جي ناولن ۾ ڪيترائي نوان نوان موضوع شامل ڪيا ويا ۽ ناول توڙي افساني جي فن ۾ ڪيترائي نوان رجحان ۽ نوان امنگ پيدا ٿيا. ناول ۾ هر لحاظ ڪان جدت آئي. زميندارن جا ظلم، سرمائيدارن جا قهر ۽ سرڪاري ڪامورن جون ڏاڍايون، سنڌي ادب، خاص ڪري ناول جا خاص موضوع بڻيا. هن دور جي ناولن ۾ گهريلو سنڌي زندگيءَ، سنڌ ۽ سنڌ جو سماجي ماحول، سنڌ سان پيار ۽ محبت جهڙا جذبا هن دور جي ناولن ۾ پيش ڪيل آهن، گويا سنڌي نثر نويسن خصوصاً ناول نويسن جي نظر ۾، سنڌ سندن محبوبه ۽ معشوقه مثل آهي. هنن جي لکڻين ۾ سنڌ امڙ سان سندن عشق سمنڊ جيان ڇوليون ٿو ڪائي. هندستان

جي ليکڪن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ڪرشن ڪتواڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي ۽ سنڌ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، راز بلڙائي، حافظ شاهه حسيني، عبدالرزاق راز، ڊاڪٽر غلام علي الانا وغيره اهم ناول نگار آهن. انهن ليکڪن سنڌ جي مسئلن طرف ڌيان ڏنو ۽ انهن کي پنهنجي ناولن ۾ نمايان ڪيو. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌي ادب ۾ سنڌي جيون جو گوناگون ۽ ڀرپور چٽر ملي ٿو. هڪ ته ان ڪري جو اتي جو سنڌي ليکڪ پنهنجي زماني تي، پنهنجي ماحول ۾ ڪٽل آهي، ٻيو ان ڪري به ته هتي هن لاءِ پنهنجي سنڌي وجود کي بچائڻ، پنهنجي قومي ڀاشائي ۽ ثقافتي ورثي کي تاتي رکڻ جو حق لازم ٿيو آهي. سنڌ جي سنڌي ادب ۾ هڪ طرف گوناڻي جيوت يا ڀانت ڀانت روپ، ته ٻئي طرف پاڪستان جي هڪ صوبي طور آمريت ۽ تانا شاهي نظام اندر جي تصوف پسند ۽ غير تعصبي قوم کي اسلام جي نالي ۾ سياسي ۽ سماجي طور نيست نابود ڪرڻ جي پس منظر ۾، شهرن ۾ اسرندڙ نئين پيڙهيءَ جي بيقراريءَ ۽ بيوسي آڪريائي رهي آهي. ان ڪان سواءِ مون کي ائين به لڳو آهي ته سنڌ جو هر سچو اديب، ذهن، من ۽ پنهنجي قوم جي آڏو لاحق هر مسئلي جي سڀني سمتن طرف سجاڳ ۽ جانبدار آهي.“(5)

ورهاڱي کان پوءِ ڪيترائي ادبي ادارا ۽ انجمنون وجود ۾ آيون، جن سنڌيءَ ۾ ناول ڇپيا. هن دور ۾ ڪيترائي پراڻا ناول وري نئين سر ڇپايا ويا، ۽ ڪيترائي ناول ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيا ويا. هن دور ۾ ڪيترائي سماجي، تاريخي ۽ رومانوي ناول لکيا ويا. انهن مان ڪي ناول هي آهن:

| ناول نويس جو نالو | سندس لکيل ناول |
|---|---|
| محمد عثمان ڏيپلائي | ٽيپو سلطان، غازي احمد شاهه ابدالي، روم جي راڻي، مسلمان بادشاهه ۽ مسلمان عورت وغيره. |
| غلام علي الانا | لاش |
| راز بلڙائي | گناهه |
| گوبند مالهي | پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، شرم ٻوٽي وغيره |
| موهن ڪلپنا | جلاوطن وغيره |

## 4. ون يونٽ جي قيام جو سنڌي ادب تي اثر:

سياسي مصلحت خاطر 1954ع ۾ مغربي پاڪستان جي ٽنهي صوبن ۽ رياستن کي ملائي، ون يونٽ قائم ڪيو ويو. ون يونٽ جي فيصلي سنڌ ۽ سنڌي زبان جي سڃاڻ کي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ بيدار ڪيو ۽ انهن کي



پڻ متحد ڪيو. ون يونٽ جي قيام سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن، شاگردن، مزدورن ۽ ڀورهيتن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي. هن دور جي سنڌي شاگردن طرفان، سنڌ اسيمبليءَ جي ان اجلاس جي ٻاهر، ون يونٽ قائم ڪرڻ جي خلاف نعرا هنيا، جنهن ۾ ون يونٽ جو ٺهراءُ پيش ٿي رهيو هو. انهن مٿان لٺيون وسايون وئيون؛ ڪين پوليس گرفتار ڪري ٽرڪن ۾ چاڙهي، حيدرآباد کان ٻاهر، ٿڌي طرف نئين باران جي پل جي ٻيءَ پر لاهي ڇڏيو. سنڌ اسيمبليءَ جي مذڪوره اجلاس ۾ ون يونٽ بحال ٿي ويو. هن دور بابت قمر شهباز لکي ٿو ته:

”ون يونٽ خلاف نفرت وڌندي پئي وئي. سنڌ جا ماڻهو ڪنهن قيمت تي اهو غلاميءَ جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. اخبارن، اشتهارن ۽ جلسن جلوسن ذريعي نوجوان طبقي حڪومت جي ان ظالماڻي رٿ تي دل کولي مخالفت ڪئي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسٽرائيڪون ٿيون. سنڌ جي سرزمين تي پهريون دفعو نوجوان جاڳي اٿيو هو. ون-يونٽ نهي ويو. سنڌ جي ماڻهن جو گلو گهُٽي، ڪين پاڪستان جي وحدت ۽ اسلام جي نالي ۾ هڪ دفعو لٽيو ويو. سنڌن حقن تي ڌاڙا هڻڻ لاءِ رستو هموار ڪيو ويو. سڀ ڪجهه ٿيو.“(6)

انهيءَ فيصلي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نئون انقلابي موڙ آندو. انهيءَ انقلابي موڙ ڪيترائي نوان نوان اديب پيدا ڪيا، گويا سنڌ اسيمبليءَ جي انهيءَ فيصلي، سنڌي ادب ۾ نئون موڙ آندو.

هن دور جي ادب ۾ پنهنجي ماحول سان پيار. پنهنجن سان پيار ۽ سنڌي زبان سان پيار جو پرچار گهڻو ملي ٿو. هن دور ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي. هن دور کي ڊاڪٽر غلام علي الانا ’سنڌيت يا سنڌ جي جاڳرتا‘ وارو دور سڏي ٿو. هو لکي ٿو ته:

”انهيءَ فيصلي (ون يونٽ جي قيام واري فيصلي) سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب کي انهيءَ منزل تي پهچايو، جتي هونئن جيڪر اهو ايتري عرصي اندر مشڪل سان پهچي سگهي ها. سنڌي ٻوليءَ، هن دور ۾ ترقيءَ جا سڀ مرحلا طي ڪري، هاڻ بلڪل شاهوڪار، مالدار ۽ سرمائيدار زبان جي حيثيت وٺي چڪي هئي. هن زبان سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو. هن کي سڀ ڪجهه مليو.“(7)

هن دور ۾ سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ انقلابي تبديلي آئي. ادب جي صنفن جي ٽيڪنڪ ۽ موضوعن ۾ نواڻ ۽ جدت آئي. ڪيترائي نوان موضوع اُسريا. قيمت هري سنگهاڻي هن دور بابت لکي ٿو ته:

”سنڌ جي ادبي اُڪاس تي، ون يونٽ دور نهايت خطرناڪ دور هو.

سنڌ جو وجود ختم ٿي ويو هو. ٻئي طرف اديبن جي آزاد اظهارن تي بندش وڌي وئي. ڪين جيلن ۾ بند ڪيو ويو. انهن حالتن جا پاڇا اديبن تي پيا. دانشورن اديبن جي سوچ جي رخ ۾ انقلابي ڦيرو آندو. هنن جي اندر ۾ آڳ پچرڻ لڳي، نئين جاڳرتا جنم ورتو. اديبن ڪي وقت ۽ حالتن مطابق نوان موضوع مليا، مثلاً ديس، ڌرتي ۽ ٻوليءَ جي مهما، مٿن ٿيندڙ ظلم، ستم، سنڌيت خطري ۾ پوڻ خاطر، ان جي بچاءَ واسطي واهن، وسيلن جي ڪوج، خبر، ان ڪان سواءِ وشو ادب جو سنڌي اديب تي اثر نه پوڻ اڻٽر هو. سو جهونين صنفن ڪي نواڻ ۽ جدت جو جامو پهرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي."(8)

هن دور ۾ پارت ۾ سنڌي ادب ۾ ترقي ۽ مختلف تحريڪن جي اثر ڪي بيان ڪندي هيري شيوڪاڻيءَ به پنهنجا رايا ڏنا آهن. هو لکي ٿو ته:

"مون جڏهن به ان سموري، سنڌيت جي غلبي واريءَ ڪٿا ڪي ساهتيه ۾ جهانڪيو آهي ته مون ڪي ان ۾ فني ضبط ۽ پوڳائيندڙ فڪر جي ڪوتاهي، ليڪن جذبي جي اُڇل يا جذبات وهيڻائي وڌيڪ نظر آئي آهي. ان نسبت ۾ ممڪن آهي ته اسين ڏيري ڏيري هتي پارت ۾ ٿيندڙ بيگانيت جي احساس ڪري جذبات وهيڻائيءَ ڪان هٽي، شايد وري نئين سر پنهنجي گذريل 34 سالن جي نيم بيهوشيءَ واري ڪيفيت تي غور سان سوچڻ شروع ڪريون ۽ بي زمين ۽ ٻئي درجي جي ناگرڪ هجڻ جو درد اسان ڪي تخليقي سطح تي وري ان چئلينج جي دوبدو آڻي بيهاري. اها منهنجي اڻ چٽي اميد آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ زور پڪڙيندڙ 'جيئي سنڌ' جي هلچل جو اثر به نمايان آهي."(9)

هن دور جي اهم ناول نگارن ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، آسانند مامتوراءِ، امر جليل، آغا سليم، سراج الحق ميمڻ ۽ عبدالحق عالماڻي وغيره جا نالا اڇي وڃن ٿا.

## 5. ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي:

1956ع ۾، يعني ون يونٽ جي قائم ٿيڻ ڪان ٻه سال پوءِ، سنڌي ٻوليءَ تي وار شروع ٿي ويا. 1956ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ ڪي امتحاني ذريعي واري حيثيت ۽ ان حق ڪان به محروم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا، ۽ ان جي بدران فقط اردوءَ ڪي اها حيثيت ڏني وئي. ون يونٽ دور ۾ سنڌ سرڪار، ڪراچيءَ مان هڪ ٻئي پٺيان سنڌي اسڪول بند ڪيا ۽ جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي هئي، تن ڪي مادري زبان ذريعي تعليم وٺڻ ڪان زبردستي روڪيو ويو. انهيءَ ڪري سنڌي اديبن، ليکڪن، ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۽ سنڌي قوميت جو جذبو رکندڙ سياستدانن، سرڪار جي انهيءَ



فيصلي جي سخت مخالفت ڪئي. اديبن پنهنجن لکڻين ۾ انهيءَ مسئلي ڪي خاص موضوع بڻايو. صحافين ۽ ايڊيٽرن ڪالم لکيا. مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن، ون يونٽ سرڪار جي انهيءَ فيصلي خلاف ايڊيٽوريل لکيا ۽ ليک شايع ڪيا. هن دور جي هڪ عظيم دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هن دور بابت 'مهراڻ' رسالي 1956ع ۾ لکي ٿو ته:

"هيءَ حقيقت آهي ته پاڪستان ڪان اڳ ڪراچيءَ واري ايراضيءَ ۾ سنڌي، اسڪولن، ڪاليجن، ڪورٽن ۽ سرڪاري رڪارڊ جي زبان هئي. جڏهانڪر ڪراچيءَ واري ايراضي مرڪزي حڪومت جي انتظام هيٺ آئي، تڏهانڪر اڙدو ڪي اڳڀرو ڪيو ويو. اهو هڪ فطري امر آهي، مگر هنن نه صرف اڙدوءَ ڪي اڳتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سنڌي ٻوليءَ جي بيخ ڪني ڪرڻ شروع ڪئي."(10)

هن دور جي سنڌي اديبن، سنڌ جي غير جمهوري، تاناشاهي، ون يونٽ سرڪار جي ڪامورن جي ڏاڍ، ڏمر، زور، جبر، ظلم ۽ ستم جي خلاف آواز اُٿاريو. هنن مختلف تحريرن ۽ تقريرن جي ذريعي سنڌي ادب ڪي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن جي باعث هنن ڪي ڪيترن ئي تڪليفن ۽ سختين ڪي برداشت ڪرڻو پيو. هن حالت بابت امر جليل لکي ٿو ته:

"پاڪستان ۾ غير جمهوري تاناشاهي نظام ڪارڻ سنڌ جو عوام، زمان حال ڪان باخبر ضرور آهي. مٿس ٿيندڙ زور، ظلم، ڏمر ۽ ڏاڍ جو ڏنبو سدا سوار آهي. ڪنهن به وقت ڦهري ڪال ڪڙڪي سندن جاودانيءَ تي ڌاڙو هڻي، ڪين نيست و نابود ڪري وجهندو."(11)

## 6. ايوب خان جي مارشل لا جو نفاذ ۽ ان جو سنڌي ادب تي اثر:

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته آڪٽوبر 1958ع ۾ جنرل ايوب خان ملڪ جي بگڙيل حالتن سبب، ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، ملڪ تي قبضو ڪيو. پاڪستاني عوام تي پهريون پيرو فوجي حڪومت قائم ڪئي وئي.

ڪجهه عرصي ڪان پوءِ ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته اهو مارشل لا صرف سنڌ لاءِ ئي سخت هو، ڇو ته فوج ۾ صرف پنجاب، سرحد توڙي بلوچستان جي پٺاڻن جي هجڻ سبب، هن دور ۾ سنڌ لاءِ سختيون ڪيون ويون. سنڌين تي وطن دشمن ۽ اسلام دشمن جهڙا الزام لڳايا ويا. فوج ۾ ته ڪو سنڌي هو ئي ڪونه، باقي سول سروس مان ڪيترائي سنڌي ڪامورا تبديل ڪيا ويا. انهن جي جاين تي پنجاب مان ڪامورا بدلي ڪري آندا ويا. ڪوٽڙي بئراج جي زمين رٽائرڊ فوجين ۽ سول بيوروڪريٽس ۾ تقسيم ڪئي وئي، جن ۾ سو فيصد پنجابي آفيسر هئا. ايوب خان ڪنهن منصوبي تحت، ڪراچيءَ ۾

پناهن کي آباد ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري 1955ع کان وٺي، ڪراچيءَ ۾ پنجابين ۽ پناهن جي آباديءَ جي ڪري، ڪراچيءَ ۾ اصلوڪا سنڌي اٽي ۾ لوڻ برابر وڃي بچيا هئا. مطلب ته هن دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي زبان کي ڪافي ڌڪ رسيو. ايوب خان واري مارشل لا کان اڳ غير سنڌي ٻارن لاءِ سنڌي غير مادري زبان طور پڙهائڻ ۽ ان جو امتحان ڏيڻ لازمي قرار ڏنل هو. هن فيصلي کي مارشل لا جي حڪم تحت رد ڪيو ويو. هن دور  بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”هي مارشل لا 1942ع واري مارشل لا کان به سخت هئي. هي دراصل ڪامورا شاهيءَ جو دور هو. ڪامورا شاهيءَ عوام جو رت چوسيو. هنن ڏاڍا ڪلور ڪيا. مارشل لا جو ڦهريون وار سنڌي زبان تي هو.“(12)

سياسي ۽ سماجي ماڻهن، اديبن، عالمن ۽صحافين جي سخت اعتراضن ڪرڻ تي جنرل ايوب خان، سنڌ جي ماڻهن جي مختلف مسئلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ، ڌار ڌار ڪميٽيون ۽ ڪميشنون مقرر ڪيون. تعليم جي مسئلي لاءِ به هن هڪ تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي. هن ڪميشن کي اهو ڪم سونپيل هو ته اها پاڪستان جي تعليمي مسئلن جي باري ۾ رپورٽ ٺاهي، پيش ڪري ۽ تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪي سفارشون ڪري. تعليمي ڪميشن جي سفارش تي سڄيءَ سنڌ ۾ هنگاما ٿيا. سنڌ جي تعليمي ماهرن، عالمن، اديبن، ليکڪن، دانشورن ۽ سنڌ جي عام ماڻهن، پنهنجي مادري زبان (سنڌي ٻوليءَ) جي بچاءَ لاءِ مارشل لا جي سخت ترين دور ۾ به، هن فيصلي جي مخالفت ڪئي. هن ڏس ۾ سنڌي زبان جي تحفظ لاءِ ’سنڌي زبان سوسائٽي‘ ٺهي، جنهن جنرل ايوب خان کي هزارن جي تعداد ۾ تارون موڪليون ۽ خط لکيا.

انهيءَ دور ۾ سنڌي ليکڪن ۽ روزانه اخبارن مثلاً: عبرت، هلالِ پاڪستان ۽ ڪاروان، مهراڻ کان سواءِ، نئين زندگي ۽ روح رهاڻ وغيره رسالن ۾ ڪيترائي ليک ۽ ايڊيٽوريل لکيا ويا، ۽ ڪيترن ئي عالمن جا مضمون به شايع ٿيا. انهن عالمن ۽ اديبن سنڌي زبان جي حق ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا، اهي هي هئا:

”سنڌي هڪ قديم ۽ تاريخي زبان آهي. سنڌي زبان هڪ علمي ۽ سرمائيدار زبان آهي، جنهن کي پنهنجي لغت آهي، منجهس به لک الفاظ، اصطلاح، بي انداز محاورا موجود آهن. هن ٻوليءَ جو پنهنجو رسم الخط آهي، جيڪو ٻين ٻولين کان قديم رسم الخط آهي. هن رسم الخط ۾ هزارين ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو گرامر پڻ آهي. سنڌي ٻولي سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور کان ذريعه تعليم رهندي آئي آهي،



۽ سنڌيءَ کي مادري زبان جو حق پڻ صدين کان حاصل آهي.“(13)

مارشل لا حڪومت جي دور ۾ سنڌي زبان لاءِ، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي شاگردن، مزدورن، محنت ڪش ماڻهن ۽ سنڌي عوام گڏجي آواز بلند ڪيو. فوجي حڪومت انهن تي ڪيترائي ڏاڍ، ظلم ۽ قهر ڪيا. انهن مان ڪيترن کي جيل اُماڻيو ويو. سنڌي رسالا بند ڪيا ويا، سنڌي ڪتابن تي به بندش وڌي وئي. محمد عثمان ڏيپلائيءَ، شيخ اياز، امر جليل، طارق اشرف ۽ ٻين اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن تي بندش وڌي وئي ۽ ڪين گرفتار ڪري جيل روانو ڪيو ويو.

هن دور جي اهم ليکڪن ۾ سيد حسام الدين شاهه راشدي، جي-ايم سيد، محمد عثمان ڏيپلائي، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، قاضي فيض محمد، قمر شهباز، سيد سردار علي شاهه، جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، نسيم کرل، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، عبدالڪريم گدائي، محمد خان مجيدي، حميد سنڌي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ محمد خان غني وغيره شامل آهن، جن هن دور جي ڏاڍاين جو ذڪر پنهنجين لکڻين ۾ ڪيو آهي.

مارشل لا دور ۾ سنڌي ماڻهن کي سرڪاري نوڪرين ڏيڻ کان محروم ڪيو ويو. ان کان علاوه لياقت ميڊيڪل ڪاليج، حيدرآباد ۾ مغربي پاڪستان جي بنياد تي ميرٽ تي داخلائون ڏيڻ جو فيصلو ڪرڻ جي ڪري، سنڌ جي شاگردن جي لاءِ، انهيءَ ڪاليج ۾ داخلائن جا دراوزا بند ڪيا ويا. ان کان سواءِ 1964ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ آفيسرن خلاف پمفليٽ ڪڍيا ويا. سيڪنڊري بورڊ، حيدرآباد، مان سنڌيءَ ۾ امتحانن جي جواب ڏيڻ کي هميشه ختم ڪرڻ لاءِ پوسٽر لڳايا ويا. سرڪاري آفيسن، سول اسپتال ۽ پوسٽ آفيس مان سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪيو ويو. مختلف وڏين آفيسن ۽ ريلوي اسٽيشن تان سنڌيءَ ۾ لکيل بورڊ هٽايا ويا. انهن جي جاءِ تي اردوءَ ۾ لکيل بورڊ لڳائي، سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌي نوجوانن ۽ شاگردن حڪومت جي انهن حرڪتن خلاف آواز اٿاريو. 1965ع ۾، انهن فيصلن جي خلاف سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ٻين تعليمي ادارن جي سنڌي شاگردن گڏجي آواز اُٿاريو، جنهن تي 4 مارچ 1965ع ۾، ان وقت جي ڪمشنر (مسرور حسن خان)، سنڌي شاگردن تي راڄپوتانه اسپتال واري هنڌ وٽ، لاٺي چارج ڪرائي، ڪيترن ئي شاگردن کي زخمي ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي کي گرفتار ڪيو ويو، پر انهن حرڪتن جي باوجود شاگرد جدوجهد ڪندا رهيا. هنن جو حوصلو وڌيڪ بلند ٿيندو ويو، ۽ هو هر مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا هئا. انهن سان گڏ ان دور جا سنڌي سياستدان، اديب، عالم ۽ دانشور پڻ عوام سان شامل

هئا. انهن ڪيترين ئي تحريڪون شروع ڪيون، جن ۾ ’جيئي سنڌ تحريڪ‘ سڀني ڪان وڌيڪ زور ورتي وئي. انهيءَ تحريڪ ون يونٽ ٽوڙائڻ، سنڌين جي سياسي ۽ ثقافتي حقن جي بحالي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ وغيره لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي. انهيءَ ڪان علاوه سنڌي اديبن، سنڌي ماڻهن ۾ قومي بيداري ۽ شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن دور جي سنڌي ناولن ۾ انهن موضوعن سان گڏوگڏ، سنڌي عوامي زندگيءَ ۽ سنڌ جي سماجي مسئلن جي عڪاسي پڻ ڪيل آهي.

ٻئي پارت ۾ هن زماني ۾ به سنڌي ناول ۾ ڪيترائي نوان موضوع شامل ڪيا ويا. انهن ۾ به سنڌي معاشري جي ڪيترن ئي روزمره جي مسئلن کي ڪنيو ويو. هن دور جا ناول نويس عوام دوستي، امن، جمهوريت ۽ سماجي انصاف جي ترجماني ڪن ٿا.

## 7. يحيٰ خان ۽ جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا جو زمانو:

1969ع ۾ جنرل ايوب خان خلاف تحريڪ ايتري قدر ته زور ورتو جو هن (جنرل ايوب خان) مجبور ٿي، حڪومت جون واڳون، جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪيون، گويا 1969ع ۾ جنرل يحيٰ خان نئون مارشل لا لڳائي پنهنجي حڪومت شروع ڪئي.

هن نئين مارشل لا جي زماني ۾ سنڌ جي ماڻهن زور شور سان پنهنجا مطالبا جاري رکيا، جن ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي قبول ڪرڻ، ڪراچيءَ جي اسڪولن ۾ سنڌي زبان جي تعليم کي شروع ڪرڻ ۽ اليڪشن جون لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپائڻ جهڙا مطالبا شامل هئا. سنڌ جي شاگردن، استادن، عالمن ۽ اديبن هن دور جي مسئلن متعلق تمام گهڻو لکيو. فبروري 1970ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾، واقع انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ کي ڪن شرپسند ماڻهن باهه لڳائي، سنڌ ۾ آيل سڪون کي وري تيلي لڳائي ڇڏي. انهن تحريرن ۽ تقريرن جي ذريعي عوامي جوش پيدا ڪيو ويو. هن دور ۾ سنڌي اديبن جي تحريڪ ’سنڌي ادبي سنگت‘، انهن بي انصافين خلاف ۽ سنڌ جي قومي حقن لاءِ آواز اٿاريو. سنڌي رسالن ۾ ’مهراڻ‘، ’سهڻي‘ ۽ ’روح رهاڻ‘ رسالا، هن قومي تحريڪ جا ترجمان هئا. هنن رسالن ذريعي ترقي پسند اديبن جو هڪ مضبوط گروپ ٺهيو. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ادبي ۽ قومي اجتماعي ۽ محفلن ۽ فنڪشن وغيره ۾ قومي پروگرام پيش ڪيا ويا.

هن دور ۾ سنڌيت جي تحريڪ جي زور وٺڻ ڪري، قومي جدوجهد تي مبني ناول لکيا ويا. هن مقصد وارن لکيل ناولن ۾ عوام جي اندر جي پيڙا،



قومي درد، عوام جون الجهنون ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي موضوع پيش ڪري، سنڌي قوم جي لاءِ محبت ۽ همدرديءَ جا جذبا پيدا ڪيا ويا. هن دور جي اهم ناولن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جو ’سانگهڙ‘، غلام علي الانا جو ’لاش‘، سراج الحق ميمڻ جو لکيل ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘، عبدالحق عالماڻيءَ جو ’ڪارو ڪارونڀار‘، علي بابا جو ناول ’موهن جو دڙو‘ ۽ ماڻڪ جو ناول ’لڙهندڙ نسل‘ اهڙا ناول آهن، جن ۾ مٿي بيان ڪيل جذبن ۽ موضوعن جي سهڻي طريقي سان اپٽار ڪيل آهي.

هن دور ۾، ٻئي پارت ۾ لعل پشپ جا ناول ’آتم مريادا‘ ۽ ’هڪ سرد ديوار‘، سنڌي ادب ۾ وجوديت واري فلسفي تي لکيل اهن. ان ڪان علاوه شيام جئسنگهاڻي جو ناول ’ڪچا ڌاڳا‘، آنند کيماڻيءَ جو ’هڪ شخص جي واسنا‘ نئين تقاضائن مطابق لکيل آهي.

ون - يونٽ جنهن چالاڪيءَ سان قائم ڪيو ويو تنهن نيٺ گل ڪڍيا. نون ۽ پراڻن سنڌين ۾ نفرت جو پوکيل ٻج، هاڻ وڌي وڻ ٿي ويو هو، جيڪي پندرهن سال گڏ رهيا هئا، هڪ ٻئي سان شاديون مراديون ڪري سماجي ناتا ڳنڍيا هئائون، سي هڪ ٻئي جا ويري ٿي پيا. هڪ ٻئي ڪان نفرت ڪرڻ لڳا. نيٺ 1972ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ لساني جهڳڙا شروع ٿيا. اهي جهڳڙا هر سال وڌندا ويا. هنن جهڳڙن ۾ ڪيترن ئي بيگناهه سنڌين کي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ قتل ڪيو ويو. انهن جا گهر لٽيا ويا، انهن جي عورتن جي بي عزتي ڪئي وئي. ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سنڌي وسندين مان، سالن ڪان رهندڙ سنڌين کي لڏايو ويو ۽ انهن کي هر طرح تباهه ڪيو ويو. سنڌ جي عوام، سنڌي اديبن، عالمن، دانشورن انهن واقعن جي خلاف لکيو. انهن ۾ خاص طور تي آغا سليم، امر جليل، نجم عباسي ۽ ٻين اديبن گهڻو ئي لکيو.

مطلب ته آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب کي منصوبي تحت ختم ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌي ڪتاب ضبط ڪيا ويا، سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ ناياب ڪتابن ۽ قلمي نسخن کي جلايو ويو، جنهن جو ڏک سڄيءَ سنڌ کي هيمشه رهندو. سنڌي ٻولي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ سيکارڻ تي بندش وڌي وئي. سنڌ جو نعرو هڻندڙ، سنڌي اديبن، شاعرن، شاگردن، عالمن، سياسي اڳواڻن ۽ سنڌي عورتن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو، انهن تي لاٺي چارج ڪرڻ ۽ ٽيئر گيس اڇلائڻ، گوليون هلائڻ، شاگردن کي زخمي ڪرڻ، انهن تي ڪلي عام راجپوتانه اسپتال واري ميدان وٽ حملو ڪري سنڌي نوجوانن جو قتل عام ڪيو ويو، پر سنڌي ماڻهن انهن ظلمن جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. اُهي مسلسل جدوجهد ڪان پوءِ ڪامياب ٿيا. هاڻي ڪوبه اهڙو

ادیب ۽ شاعر سنڌ ۾ ڪونهي، جيڪو سنڌ ڌرتيءَ، سر زمين سنڌ، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي عوام، سنڌي عورتن، سنڌ جي هارين نارين، مزدورن، محنت ڪش ماڻهن جي ڏکن، سورن ۽ تڪليفن کي پنهنجين لکڻين ۾ ظاهر نه ٿو ڪري، بلڪ هن دور جو سنڌي اديب، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مسئلن، سنڌ جي سياسي زندگيءَ جي مسئلن، سنڌ جي عوامي زندگيءَ جي مسئلن، سنڌ جي پورهيت ۽ محنت ڪش ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي آڻي، انهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي آهي. هاڻي سنڌي قوم متحد آهي، هاڻي ڪوبه ڌاريو سنڌي قوم جو وار به ونگو نٿو ڪري سگهي.

ان کان علاوه سنڌي ادبي سنگت جون سرگرميون وقت بوقت جاري رهيون. مطلب ته انهن سڀني مسئلن جي ڪري سنڌي ادب ۾ ڪيترائي نوان موڙ آيا، ڪيترائي نوان موضوع شامل ٿيا، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ جدت آئي ۽ نواڻ آئي.

## ببليو گرافي


(1) سيد حسام الدين شاهه راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ڪراچي، انجمن تاريخ سنڌ، 1981ع

(2) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1966ع، ص 46

(3) ايضاً، مقالو، 'سنڌي ادب جا نوان موڙ'، ٽماهي مهراڻ 4، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1946ع، ص 163

(4) ايضاً، ص 164

(5) هيرو شيوڪاڻي، پروفيسر: سنڌي ڪٿا، ساهتيه ۽ سنڌي جيون، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1982ع، ص 78

(6) قمر شهباز: سهڻي رسالي جو امر جليل نمبر، حيدرآباد، سهڻي پبلشرس، 1970ع، ص 110

(7) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: پاڪستان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد، اڻ ڇپيل ڪتاب جو هڪ باب.

(8) قيمت هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ۾ سنڌي ادب، ڀوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 23

(9) حوالو نمبر 5

(10) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: سماهي مهراڻ، نمبر 2

(11) امر جليل، سهڻي نمبر، حيدرآباد، سهڻي پبليڪيشن 1970ع

(12) حوالو نمبر 2

(13) ايضاً




باب چوٿون

# ورهاڱي کان پوءِ لکيل سنڌي ناولن جو تفصيلي جائزو

### 1. ناول جو فن، تعارف ۽ علمي دائرو:

سڀ کان پهرين اهو سمجهڻ ضروري آهي ته ناول ڇا آهي؟ ناول جو فن ڇا آهي؟ ۽ ان لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول، قاعدا ۽ قانون مقرر ٿيل آهن، يعني ته ناول نويسي لاءِ ماهرن ڪهڙا ڪهڙا اصول ۽ قانون مقرر ڪيا آهن؟ ان موضوع تي روشني وجهڻ يا ان جي باري ۾ ڪي رهنما اصول جتائڻ نهايت ئي ضروري آهن، ڇاڪاڻ ته جيستائين اهي نقطا بيان نه ڪبا ۽ جيستائين اهي ڳالهيون نه سمجهبيون، تيستائين هن موضوع تي اڳتي وڌي نه سگهبو.

جيتوڻيڪ جناب محمد اسماعيل عرسائيءَ، مولانا غلام محمد گراميءَ، محترم عبدالقيوم 'صائب' ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ناول جي فن ۽ ارتقائي تاريخ جي باري ۾ تمام گهڻيءَ وضاحت سان لکيو آهي، پر تنهن هوندي به مناسب ٿيندو ته مختصر طور هت به انهن ڳالهين کي دهرايو وڃي ته جيئن تسلسل قائم رهي سگهي.

منهنجي هن تحقيق جو موضوع آهي، 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر'. ورهاڱي واري عرصي تائين پهچندي پهچندي، سنڌي ناول پنهنجون سڀئي ارتقائي منزلون طي ڪري چڪو آهي. ورهاڱي واري دور تائين ناول جي نه فقط موضوعن، رجحانن ۽ لاڙن ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي آهي، پر فني لحاظ کان به هن ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون اهڙيون شامل آهن، جيڪي ناول جي فن ۾ ڪجهه قدر نواڻ ته ضرور پيدا ڪن ٿيون، پر انهن ۾ ڪا بنيادي تبديلي نٿيون ظاهر ڪن، تنهن ڪري ناول جي فن تي تفصيلي بحث جي بدران، ان جي مختصر فني اصولن کي سامهون رکيو ويو آهي، جيڪي ناول جي تحقيق لاءِ، ڪنهن طرح سان اهميت رکن ٿا، يا انهن کي ورجائڻ ضروري سمجهيو ويو آهي ۽ اهو ورجاءُ ان ڪري به ضروري سمجهيو ويو

آهي ته جيئن، جيڪي نيون تبديليون هن تحقيق ۾ ثابت ڪري بيان ڪيون ويون آهن، انهن کي ظاهر ڪري، پڙهندڙن جي اڳيان آڻي سگهجي. اهو ورجاءُ ان ڪري به ضروري سمجهيو ويو آهي ته جيئن تحقيق ٿيل ڳالهين، چاڻايل رجحانن، لاڙن ۽ فني اصولن جي سلسلي ۾ ناول لکندڙن، جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، انهن کي نمايان ڪري سگهجي ۽ ائين ڪرڻ سان تحقيق جي اصل مقصد کي به واضح ڪري سگهجي ۽ اديبن جي مذڪوره شعور جي بلندي ۽ اعليٰ صلاحيتن کي به ظاهر ڪري سگهجي، جيڪي هوندي ناولن پڙهڻ وقت عام پڙهندڙن جي سامهون اچي نٿيون سگهن، يا جن کي عام پڙهندڙ پرکي نٿو سگهي. تحقيق ڪندڙ جو خاص مقصد اهوئي هوندو آهي ته هو انهن خوبين، صلاحيتن ۽ ڪوشش کي نمايان ڪري، جيڪي زير بحث ناولن ۾ لڪل آهن. هن باب ۾ اهڙين ڳالهين، خوبين ۽ صلاحيتن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

علم ادب جون گهڻيئي صنفون آهن. ناول انهن صنفن مان هڪ نثري صنف آهي. انسان پنهنجن احساسن، اُمنگن، خواهشن، اميدن، ويچارن ۽ خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ جيڪي طريقا اختيار ڪيا آهن، انهن سڀني ۾ مقبول ترين طريقو ’ناول‘ ئي رهيو آهي.

’ناول‘ انگريزي زبان جو لفظ آهي. آڪسفورڊ ڊڪشنري آف گريٽ برٽن (Great Britain) ۾، ناول جي لغوي معنيٰ ۽ وصف بيان ڪندي مصنف لکي ٿو ته:

’’انگريزي زبان ۾، ’ناول‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’عجيب شيءِ‘ يا ’نئين شيءِ‘.(1)

انهيءَ وصف کي جيڪڏهن ڏسنداسين ته معلوم ٿيندو ته انهيءَ پوريءَ وصف جو دائرو، ناول جو دائرو ئي آهي، چو ته ناول لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي:

’’افسانوي ڪردارن جو نثر ۾ بيان ڪرڻ، يا اها ڪهاڻي جيڪا مختصر ڪهاڻي (افساني) کان وڏي هجي.‘‘

اينسائيڪلوپيڊيا آف آمريڪانا (Encyclopedia of Americana) ۾ ناول جي وصف بيان ڪندي، هيئن لکيو ويو آهي:

’’هي لفظ اطالوي زبان جي لفظ ’ناوس‘ (Navus) مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نئون. ’ناوس‘ ويا ڪرڻ ۾ اسم آهي، ان جي صفتي صورت آهي ’ناولس‘ (Novellus).‘‘(2).

اطالوي زبان ۾ 1383ع ۾ گيوني بئڪيشيو (Giovanni Baccauiou) ۽ ڊيڪامران (Decameran) جيڪي نثري ڪهاڻيون لکيون، تن کي ’ناويلا‘ سڏيو ويو آهي.



’ناول جي مقصد‘ (Aspect of Novel) ڪتاب ۾ ناول جي لغوي معنيٰ ۽ وصف بيان ڪندي، مٿي ڏنل پنهي وصفن کي ملائي، هيءَ وصف ٺاهي وئي آهي:

’’ناول لفظ جي معنيٰ، ’نئون يا نئين شيءِ‘، جا اطالوي زبان جي ’ناويلا‘ مان ورتل آهي.‘‘(3)

اٽليءَ ۾ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ رائج ۽ چالو آکاڻيءَ جي روپ ۾، جدا نئين قسم جي ننڍين توڙي وڏين آکاڻين کي ’نوويلا‘ سڏيو ويندو آهي. ان کان پوءِ فرانس، اسپين ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾، ننڍين توڙي وڏين آکاڻين جي لاءِ نئين نئين ترتيب، نئين نئين سٽاءَ، نوان نوان ڍنگ ۽ طريقا آزمائجڻ لڳا، ۽ اهڙيءَ متواتر تبديليءَ ۾ نواڻ جي ڪري، ’ناويلا‘ لفظ جو مفهوم ۽ معنيٰ مقرر ٿي وئي ۽ هر ملڪ جي ضرورت ۽ حالتن پٽاندڙ، ناول جو روپ به بدلجندو رهيو ۽ پنهنجي نواڻ واري صلاحيت جي ڪري ادب ۾ اهميت حاصل ڪري ويو.

مٿين سڀني وصفن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته، علم ادب جي ڪارج موجب، ناول جو مفهوم ۽ معنيٰ ئي، نئين شيءِ يعني نئين صنف آهي، جيتوڻيڪ ناول ڪيتري وقت کان رائج رهيو آهي، پوءِ به اهو پنهنجي نواڻ جي ڪري اڄ به مقبول آهي.

برطانيه جي مشهور اديب ۽ نقاد، سر والٽر اسڪاٽ (Sir Walter Scott) ناول جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

’’ناول هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي حقيقي آزمودن جو نقش چٽيل هوندو آهي.‘‘(4)

هن جي راءِ موجب ناول ۾ جيڪي به آزمودا پيش ڪيل هوندا آهن، اهي حقيقت تي مبني هوندا آهن. آمريڪي مصنف ايف مئريون ڪرافورڊ (F.Marion Crawford) جي راءِ موجب:

’’ناول هڪ اهو ٿيئٽر آهي، جيڪو کيسي ۾ سمايل هوندو آهي، جنهن ۾ پلاٽ، اداڪار، لباس، منظر ۽ ٻيو ضروري سامان هوندو آهي، جيڪو گفتگو ۽ ڊائيلاگ لاءِ ضروري سمجهيو ويندو آهي.‘‘(5)

يعني پلاٽ، اداڪار، لباس، منظر، گفتگو ۽ ڊائيلاگ ناول لاءِ ضروري جزا سمجهيا وڃن ٿا، جن کان سواءِ، ناول مڪمل نه هوندو آهي، جيئن ڊراما لاءِ به اهي جزا ضروري سمجهيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ناول لاءِ به اهي جزا ضروري آهن.

آمريڪي نقاد، والٽر ايلن (Walter Ellen) وري ناول نويسن کي ٻين فنڪارن جيان تخليق ڪندڙ مڃيو آهي. هو حاصل ڪيل آزمودن ۽ تجربن جي

آڏار تي زندگيءَ جو هو اهڙو نمونو (Model) تيار ڪري ٿو، جنهن ۾ حالتون عموماً هونديون آهن. ڪردار عمل پيرا هوندا آهن ۽ انهن لاءِ هو لفظ جو سهارو وٺندو آهي.

اينسائيڪلوپيڊيا آف برٽانيڪا موجب ناول جي وصف هيءَ بيان ڪئي وئي آهي:

”ناول هڪ سلسليوار ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي حقيقت ۾ تاريخي روپ ۾ سچي ڪانه هوندي آهي، پر اها سولائيءَ سان سچي ٿي سگهي ٿي.“(6)

هن وصف ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي ته ناول اها سلسليوار ڪهاڻي آهي، جيڪا خيالي نه، پر حقيقتن تي مبني هوندي آهي، جنهن ۾ حقيقي زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل هوندي آهي. هن وصف جي وڌيڪ وضاحت نيو انگلش ڊڪشنري (New English Dictionary of English Language) ۾ هن ريت ڪيل آهي:

”وڏن ليکڪن نثري ڪهاڻي، جنهن ۾ حقيقي زندگيءَ جي نمائندگي ڪرڻ جي هام هڻندڙ ڪردارن ۽ سندن زندگيءَ کي پيش ڪيو ويندو آهي.“(7)

انهيءَ وصف مطابق ناول ۾ حقيقي زندگين کي به پيش ڪيو ويندو، نه کي خيالي زندگين کي. نيو انٽرنئشنل ڊڪشنري آف انگلش لئنگئيج (New International Dictionary of English Language) ۾ بولفرٽ (Bolfurt) ناول کي وري زندگيءَ جي ويچارن ۽ خواهشن جو اظهار بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”زندگيءَ جو ٻوليءَ ۾ ويچارن ۽ خواهشن جو نثري ترجمو، ناول ئي آهي.“(8)

هن راءِ جي مطابق زندگيءَ جي ويچارن ۽ خواهشن جي ٻوليءَ ۾ نثري ترجمو ناول ئي آهي.

ناول جي وصف جي باري ۾ ’ڊبليو.اي. ولئيمس (W.A. Williams) هيءَ راءِ پيش ڪئي آهي:

”نثر ۾، خيالي ۽ تصوراتي ڪردارن جي وسيع فنڪارانه بيان کي ناول سڏبو آهي.“(9)

فاڪس (Fox)، ناول جي باري ۾ ساڳي راءِ ڏيندي هيئن ٿو لکي:

”ناول رڳو تصوراتي نثر نه آهي، پر اهو زندگيءَ جو نثر آهي. ناول ئي علم ادب جو اهو پهريون نثري ادب آهي، جيڪو انسان کي سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ ظاهر ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. ٻين فنن جهڙوڪ: شاعري ۽ مصوري (Painting) ۾ زندگيءَ جي چٽيل چٽن جي پيٽ ۾، ناول ۾ حقيقت جو بيان نرالي نموني ۾ ڪيل هوندو آهي. هن ۾ هڪ مرد، هڪ عورت ۽



هڪ ٻار، يعني ڌار ڌار ڪردارن جي سيرت جو، چڱيءَ طرح اظهار هوندو آهي. اهڙي اظهار ڪان سواءِ ناول جي ڪابه افاديت ۽ ٻيو ڪوبه ڪارج نه هوندو آهي.“(10)

فاڪس (Fox) پنهنجي وصف بيان ڪندي چوي ٿو ته:

”ناول جو مفهوم رڳو، ناول نگار جي خيالن جو اظهار آهي ۽ هو پنهنجي اظهار کي سمجهائڻ چاهيندو آهي، جيڪڏهن ڪو، پنهنجي اظهار کي سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، ته اها سندس ڪاميابي هوندي آهي.“

جڳديش لڇاڻي، ناول جي باري ۾ هيءَ راءِ ٿو پيش ڪري:

”ناول، نثر ۾ انساني ڪارنامن جي حقيقي تصوير آهي، جيڪا ناول نويس، لفظن جي سهاري، اسان جي آڏو پيش ڪندو آهي. شخصي طور تي اڄ جو انسان پنهنجي اندر ڪافي ڪوڪلو آهي. ناول اڄ جي انساني زندگيءَ جو لفظن ۾ هڪ چٽ پيش ڪري ٿو.“(11)

جڳديش لڇاڻي، ناول کي زندگيءَ جي حقيقت سمجهي ٿو، ۽ زندگيءَ جي هڪ سچي ۽ حقيقي تصوير پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ناول ۾ جنهن قصي جي اپٽار هوندي آهي، سو بيشڪ ان قوم جي جذبات ۽ خيالات جو مجموعو هجڻ سان گڏ، ان قوم جي زندگيءَ جي تفسير ۽ تاريخ هوندو آهي.“(12)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي راءِ ۾ ناول، قومي جذبات سان ڀرپور هوندو آهي ۽ سندس راءِ ۾ ناول قوميت کي پيش ڪري ٿو.

ڪلداريو وري ناول کي حقيقي زندگيءَ جي تصوير ٿو سڏي. هو لکي ٿو ته:

”ناول حقيقي زندگيءَ ۾ وقت جي حالتن جي هڪ تصوير آهي، جنهن کي لفظن جي صورت ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. روزانه زندگيءَ ۾ اسان جي اکين جي سامهون جيڪي ڪجهه ٿيندو رهندو آهي، يا جيڪي ڪجهه اسان سان، اسان جي دوستن ۽ احبابن سان ٿي گذريو آهي، ناول ۾ ان جي تصوير چٽي ويندي آهي. انهن جو بيان اهڙيءَ طرح ته ڪيو ويندو آهي جو پڙهندڙ پاڻ انهن کي محسوس ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اسان خود انهيءَ بيان ۽ چٽيل چٽ ڪان ٽڳجي ويندا آهيون.“(13)

هن راءِ مطابق ته ناول ۾، روزانه زندگيءَ جي عڪاسي اهڙيءَ طرح پيش ڪئي ويندي آهي، جو اها بلڪل حقيقي محسوس ٿيندي آهي. انهيءَ ڪان سواءِ ناول ۾ معاشري جي عڪاسي پيش ڪئي ويندي آهي. ماڻهن جي هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت، دوستيءَ، دشمنيءَ وغيره کي ناول ۾ پيش ڪيو ويندو

آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم، ناول جي، افساني ۽ ڊرامي سان ڀيٽ ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

”منهنجي نظر ۾ ادب جي ڪابه صنف، ناول جي ڀيٽ ۾ مڪمل چئي نٿي سگهجي. افساني ۽ ڊرامي سان ته ڪي پابنديون لاڳو آهن، جن ۾ وقت جي پابندي، خيال جي پابندي، پيشڪش لاءِ هڪ مدو شامل هوندو آهي، پر ناول سان اهڙي ڪابه پابندي لاڳو ڪانهي. اهوئي سبب آهي جو ناول هڪ طرف ادبي چاهه جي اُڃ اُجهائي ٿو ته ٻئي طرف هڪ مخصوص دور جي معاشري جي پاسباني به ڪري ٿو. عام انسان، سياءُ متعلق ڄاڻ به ڏئي ٿو، ته معاشري ۾ رهندڙ مختلف فردن جي ڄاڻ، لڳ لاڳاپي، دوستيءَ، دشمنيءَ، پيار ۽ نفرت، بهادريءَ ۽ بزدليءَ ڪي به واضح ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو ناول لکڻ، افساني توڙي ڊرامي لکڻ کان ڏکيو ڪم آهي.“(14)

ناول درحقيقت قديم قصه گوئيءَ جي اها صورت آهي،جيڪا ان ڪي جديد دور ۾ حاصل ٿي. جديد دور مان مراد اها آهي ته اهو دور جڏهن صنعت و حرفت ۽ تجارت ترقي ڪئي ۽ ان جي اثر، وچولي طبقي ڪي متاثر ڪيو. عبدالحق خان، ناول جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”قصن پڙهڻ جو شوق، انسان جي دل ۾ انسان جي ابتدا کان ئي رهيو آهي. اهو اهڙا واقعا پڙهڻ چاهي ٿو، جيڪي هن جي دنيا جا هجن. انسان جي انهيءَ مطالبي ’ناول‘ کي جنم ڏنو. ناول جو لفظ، انگريزيءَ ۾ ’نئين‘ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ رچرڊسن جي ’پاميلا‘ کي انهيءَ ڪري ناول چيو ويو، جو ان ۾ بجاءِ ديون ۽ پرين جي قصن جي، وچولي طبقي جي هڪ ڇوڪريءَ جو قصو هو ۽ ديوَ جي جاءِ تي هڪ نوجوان زميندار هو.“(15)

اڳئين زماني ۾ بادشاهن ۽ غلامن جي وچ ۾ ڪوبه ٻيو طبقو نه هوندو هو، مگر جديد دور ۾ جيڪي تجارتي ادارا قائم ٿيا، انهن سان واسطو رکندڙ ادارا ۽ آفيسون ٺهيون ۽ جن ڪي قابو رکڻ لاءِ حڪومتن به انتظامي دفتري ملازم چونڊيا ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ تعليم به عام ٿي ۽ استادن جو هڪ گروهه انهيءَ مٿين طبقي سان شامل ٿي ويو. انهيءَ طبقي جي اهم خصوصيت هيءَ هئي جو اهي انسان کان پوءِ، انسانيت ڏانهن متوجهه ٿيا ۽ مافوق البشر هستين جي ايتري قدر مخالف هئا جو مذهب ۽ معجزن کان انڪار ڪرڻ لڳا، اهو طبقو يورپ ۾ ارڙهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان اُڀريو ۽ هند و پاڪ ۾ پوءِ اُڀريو.

تاريخ ثابت ڪيو آهي ته قصي، پڙهڻ جو شوق ازل کان ئي انسان جي معاشري ۾ هلندو ٿو اچي، پر اڄ جو انسان، اهڙا قصا پڙهڻ چاهي ٿو، جيڪي



پنهنجي يعني سندس دنيا کان پوري نه هجن. انهيءَ ئي مطالبي يا ضرورت ئي ’ناول‘ کي جنم ڏنو.

مٿي ڏنل وصفن مان ثابت ٿو ٿئي ته جديد ناول، قديم قصن ۽ داستانن جي جديد ۽ گهٽايل يعني ننڍي ڪيل شڪل آهي، جيڪا مافوق الفطرت ڳالهين ۽ قديم حقيقت مان ترقي ڪري، جديد صنعتي دور جي ضرورت پٽاندڙ، حقيقتن کي پيش ڪري ٿو. همعصر دور ۽ وقت ۽ حالتن جي تاريخ هڪ طرف آهي ته حالتن تي تنقيد ٻئي طرف. انهيءَ ڪري چئبو ته ناول نگاريءَ جو فن، تفصيلي وضاحت ۽ صداقت جو فن آهي. ناول نگار لاءِ ضروري آهي ته هن ۾ تخليقي قوت هجي، تعميري صلاحيت هجي جيڪا فڪري ۽ منطقي سوچ کي بيان ڪري پيش ڪري سگهي. هو ناول ۾ ايتري ته جاذبيت پيدا ڪري، جو پڙهندڙ نه رڳو اهو پڙهي، پر هو مسلسل اهو ڏسي ۽ انهيءَ تي ئي سوچي ۽ انهيءَ خيال جو اظهار ڪرڻ لاءِ اهڙا ذريعا اختيار ڪري، جيڪي ناول ۾ پيش ٿيل، احساسن جي گهٽائڻ لاءِ ڪا راهه هموار ڪري سگهي.

ناول کي فن جي حيثيت انهيءَ ڪري به ڏني وئي آهي، جو اهو لکندڙ جي قابليت جي فن جو مظهر آهي. انهيءَ ڪري ناول تخليق آهي ۽ تخليق به اها، جيڪا مصنف جي پنهنجي راءِ جو اظهار هوندي آهي ۽ ٻين لفظن ۾ جيڪا (اها راءِ) مصنف جي انفراديت جو اظهار هوندي آهي، ڇو ته مصنف معاشري ۾ جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو، ان جي چونڪاري لاءِ سوچي ٿو، انهن کي حقيقت سان گڏي ۽ ملائي پيش ڪري ٿو. اها سندس ٻي خوبي هوندي آهي، جيڪا انفرادي حيثيت جي هوندي آهي ۽ ان جهڙي تخليق ٻيو ڪوبه پيش نٿو ڪري سگهي.

هر ناول نگار کي اهائي حيثيت حاصل هوندي آهي، انهيءَ ڪري ناول هڪ فني تخليق آهي.

## 2. ناول جو مقصد ۽ سنڌي ناول:

(1) ادب جو انساني زندگيءَ، قوم ۽ ملڪ سان تمام گهرو ۽ گهاٽو لاڳاپو آهي. ادب زندگي جو آئينو آهي. ادب سماج ۽ ان سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگين / زندگيءَ جو آئينو آهي. ادب جي ذريعي ڪنهن ملڪ يا دنيا جي ملڪن جي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري ادب لفظ تمام گهڻو وسيع آهي. رسڪن جي چوڻ مطابق:

"The worth of man is in his literature, not in money earring capacity."(16)

سندس چوڻ مطابق ادب هڪ اهڙو خالص خزانو آهي، جنهن کي کوبه چورائي نٿو سگهي. بادشاهن جو به سچو خزانو، ان ملڪ جو اعليٰ ادب ئي هوندو آهي.

ادب انسان جو همدرد، سچڻ ۽ دوست آهي، انهيءَ ڪري ئي اديب کي ’شاهه عالم‘ چيو ويو آهي. شيڪسپيئر جي راءِ موجب:

"My crown is in my heart. It is not decked with diamonds, not with gold, it is my literature and I am contented with it."(17)

ادب جو سڄو سنئون لاڳاپو انسانيت سان آهي. ڪامياب اديب پنهنجي ماحول جي چوڌاري موجود ڪردارن جي خوشين ۽ غمن، محبتن ۽ نفرتن جو اُمنگن ۽ ولولن، مقصدن ۽ منزلن جي ترجماني ڪري، سندن ٻانهن ٻيلي ٿي؛ سندن ڪاميابين ۽ شڪستن ۾ ساٿن شريڪ ۽ پائيوار ٿي، سندن همت افزائي ڪري ٿو. سندن دٻيل امنگن ۽ جذبن کي لفظن ذريعي اظهار جو رنگ ڏئي ٿو، گويا ادب انساني ضمير جو اظهار ۽ آواز آهي. هندستاني سنڌي اديبه سشيلا موٽواڻي، پنهنجي مضمون ’ساهتيه جو مقصد‘ ۾، ادب جي تعريف هن ريت ٿي بيان ڪري:

”ناول، ادب جي هڪ صنف آهي.“

ادب جي حوالي سان ۽ ادب جي لاءِ جيڪي ضروري نقطا مٿي بيان ڪيا ويا آهن، انهن لاءِ ناول نويس ڪي ئي سوچڻو آهي. انسان ذات جي ڀلي لاءِ ناول نويس کي پنهنجي ناول کي ئي ذريعو بنائڻ گهرجي. ناول نگار لاءِ ناول لکڻ وقت هڪ ئي مقصد هوندو آهي، جيڪو هو پنهنجن پڙهندڙن تائين پهچائڻ چاهيندو آهي ۽ اهو ئي مقصد آهي، جيڪو هن کي قلم کڻڻ لاءِ آماده ڪندو آهي. ناول جي انهيءَ مقصد تي جدا جدا ماهرن ۽ نقادن جيڪي رايا ڏنا آهن، انهن کي هيٺ پيش ڪجي ٿو. اينسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا (Encyclopaedia Brittainica) ۾ ناول جا مقصد بيان ڪندي ڄاڻايل آهي ته:

”ناول زندگيءَ جي وسعتن جو حامل آهي.“(18)

هن وصف جو مقصد هيءُ آهي ته زندگيءَ کي، اهڙيءَ طرح ادب جي سانچي ۾ وڌو وڃي ٿو جو ان جون سڀئي وسعتون ۽ گهرايون، انهيءَ سانچي ۾ سمائجي وڃن. اهڙو ادب، سواءِ ناول جي، ڪنهن ٻيءَ صنف جي ذريعي پيش ڪرڻ ممڪن نه آهي. زندگيءَ کي، جن جن شين زندگي بنايو آهي، اُهي آهن: ان جون گهرائيون،ان جون الجهنون ۽ انهن جو ڦهلاءُ، جن جي ڪا حد ئي ڪانهي. انسان جيترو انهيءَ کي سلجهائڻ چاهيندو، اوترو هن



جي پيچيدگين ۾ اضافو ٿيندو ويندو. انهيءَ ڪري فنڪار جي قابليت جي ڪسوٽي (ڪٽ) اها آهي ته هو انهيءَ ڦهلاءُ ۽ گهرائيءَ کي اوترو پيش ڪري، جيترو هو انهن کي سمجهي سگهيو آهي، يا سمجهائي سگهي ٿو، هن کي گهرجي ته هو انهن الجهنن کي اهڙي انداز سان بيان ڪري، جو اهي الجهنون، الجهنون محسوس نه ٿين، پر زندگيءَ جو سلجهاءُ پيدا ڪن. هو زندگيءَ کي اهڙيءَ طرح ڏسي ۽ ڏيکاري، جو زندگيءَ جا لکل راز سامهون اچن ۽ آخر اُهي الجهنون، سلجهاءَ محسوس ٿين.

منشي پريم چند جي حوالي سان. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ناول جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”آءٌ ناول کي انساني زندگيءَ جي تصوير سمجهان ٿو. انسان جي زندگيءَ تي روشني وجهڻ ۽ ان جي رازن کي کولڻ ئي ناول جومقصد آهي.“(19)

هر ناول ۾، ناول نويس جي زندگيءَ جو تجزيو ۽ تجربو پيش ڪيل هوندو آهي ۽ اهو تجربو ۽ تجزيو ئي ناول جو مواد هوندو آهي. اهو مواد يا تجربو ئي ناول نگار جي هستيءَ سان گهرو واسطو رکندو آهي. درحقيقت اهو تجربو، ناول نگار جي ذاتي تجربو هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجن ذاتي مشاهدن کي ئي گڏ ڪري ناول لکندو آهي.

ناول ۾ زندگيءَ جي تمام ننڍين ۽ معمولي حقيقتن جو اظهار به، گهڻيءَ چٽائيءَ سان بيان ڪيل هوندو آهي. ’شلپ‘ جي راءِ مطابق:

”ناول ٻين ادبي صنفن جي پيٽ ۾ وڌيڪ سهنجو آهي. ناول نگار به ٻين فنڪارن وانگر تخليق ڪندڙ آهي. هو زندگيءَ کي جيئن ڏسي ٿو، تيئن پنهنجيءَ لکت ۾ پيش ڪري ٿو.“(20)

مشهور فرينچ ناول نگار موپاسان لکي ٿو ته:

”اسان جي عام رواجي، روزانه زندگيءَ جا واقعا، اوچتو ٿيندڙ ۽ هڪ ٻئي سان نه ٺهڪندڙ ۽ اڻ وڻندڙ حادثا بي ترتيب عناصرن سان ڀريل آهن.“(21)

ناول جو مقصد ئي اهو آهي ته، اهو روزانه زندگيءَ جو آئينه دار هجي، ان ۾ ترتيب ڏنل عنصرن کي گڏي ترتيب ڏيئي پيش ڪري. فنڪار پنهنجي ناول ۾ زندگيءَ جو هر پهلو نٿو کڻي، پر ڪجهه چونڊيل پهلو کڻي ٿو ۽ انهن ۾ ئي پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪري ٿو ۽ پنهنجيءَ راءِ ۾ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان، ڪونه ڪو قدر ضرور هوندو آهي. فنڪار جو مقصد به اهوئي هوندو آهي ته، زندگيءَ جي انهن پهلوئن کي نمايان ڪري، جيڪي ڪجهه خاصيتون رکندا هجن. اهڙيءَ طرح ناول ۾ سچي زندگيءَ جو نقشو

نه، پر زندگيءَ جي نئين سري سان تخليق ملي ٿي، جيڪا اهميت رکندڙ واقعن کي پيش ڪري ٿي، ته جيئن زندگيءَ جي اهميت، وڌيڪ اهميت واري ثابت ڪري سگهجي.

گمائل بيلي (Gamail Bailey) انهيءَ نقطي کي وڌيڪ بيان ڪندي هيئن ٿو لکي:

”ناول نگار پنهنجن آزمودن جي آڌار تي، انساني من جي لڪل رازن، خواهشن، خوابن ۽ وهنوار جي تصوير چٽي ٿو. انهيءَ ڪم ۾ ناول نگار جي خواهش، سنڌس تصور ۽ طاقت، سنڌس مددگار بڻجن ٿا.“(22).

ناول نگار ۾ انسان جي خواهشن، امنگن، محبتن، نفرتن، پيار، فريب، زندگيءَ جي لڪل رازن، تمنائن، سوچن ۽ خوابن جي جڏهن تصوير چٽي ٿو، ته انهيءَ ۾ هو پنهنجين خواهشن، تصور ۽ طاقت کي پيش ڪري ٿو. منشي پريم چند، انهيءَ کي وڌيڪ واضح ڪندي ٻڌائي ٿو ته، انساني ناتن جي عڪاسي ناول جو اهم مقصد آهي. هو لکي ٿو ته:

”اهو ادب دائمي رهي سگهي ٿو، جيڪو انسان جي بنيادي چاهت تي آڌار رکي ٿو. حسد، ساڙ، وير، پريم، ڪروڌ، لالچ، ڀڳتي ۽ ويراڳ، ڏک ۽ رنج وغيره جو عڪس پسائڻ ئي ادب جو مقصد آهي.“(23)

2. ناول انسان جي زندگيءَ جي رهبري ڪري ٿو. انسان جي الجهنن جو حل پيش ڪري ٿو، زندگيءَ سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿو ۽ اسان جي دلين ۾ ڪڏهن ڪڏهن جذباتن جي ڪري، زندگيءَ ڪان جيڪو نفرت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو، ان کي روڪي ٿو. ناول نگار نه رڳو ڪنهن نفرت کي روڪي ٿو، پر ڪن ڳالهين لاءِ، جن کي ناول نگار پيش نٿو ڪري، انهن لاءِ نفرت پيدا ٿئي ٿي، تنهن ڪري ائين چئجي ته ناول نگار پنهنجين انهن محبتن ۽ نفرتن جو اظهار ڪري ٿو، جن جو هو حامي ۽ مددگار هوندو آهي.

3. ناول اسان جي ئي زندگين جي ڪهاڻي آهي ۽ اسان جي روزمره جي واقعن جو بيان آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اهو ناول جيڪو انساني زندگيءَ جي عڪاسي نٿو ڪري، اهو ڪيترو ئي سٺو ڇو نه هجي اُن کي ناول نه چونداسين، پر پڙهندڙ ان کي اهميت نه ڏيندا. عبدالحق خان، ناول جو اهو ئي مقصد بيان ڪندي لکي ٿو:

”ناول جو مقصد ئي اهو آهي ته هو اسان جي روزمره جي زندگيءَ جي واقعن کي بيان ڪري.“(24)

ناول نگار جي حيثيت هڪ رهنما وانگر هوندي آهي. هن وٽ زندگيءَ جا نوس تجربا هوندا آهن. هو تهذيبي ۽ تمدني مطالعي جو عادي هوندو آهي. ان ڪري هو پنهنجي ناول ۾ هڪ اهڙي زندگي پيش ڪري ٿو،



جيڪا حقيقت جي بلڪل ويجهو محسوس ٿيندي آهي. ناول نگار جي انهيءَ راءِ جي تائيد ڪندي ريڪس وارنر (Rex Warner) لکي ٿو ته:

”ناول لکڻ هڪ فلسفياڻو مشغلو آهي ۽ اها حقيقت آهي ته ناول دراصل مشاهدن، تجربن ۽ علمي توڙي ادبي اظهار جو نالو آهي.“(25)

مٿينءَ راءِ جي تصديق ڪندي سيد وقار عظيم لکي ٿو ته:

”ڪامياب ناول اهو آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي تصوير هجي، زندگيءَ جو ڦهلاءُ هجي ۽ ڪٿي ڪٿي گهرائي به هجي. زندگيءَ جي گهرائي ۽ رنگيني، ۽ اُن جي وسعت کي فن جي نزاڪتن ۽ لطافتن ۾ سمايو وڃي.“(26)

ناول اسان جي زندگيءَ جي تصوير به آهي ته اُن جو تفسير به آهي، زندگيءَ جو ڦهلاءُ به آهي ته زندگيءَ جي گهرائيءَ جو اپياس به آهي، خوابن جي تعبير به آهي، ته زندگيءَ جي صحتمند تنقيد به. ناول نگار زندگيءَ جي چهري تان نقاب ڪڍي ٿو ۽ ان جو گهرو مطالعو ڪري، ٻين جي سامهون اُن جو نتيجو پيش ڪري ٿو. هوزندگيءَ جا تجربا ۽ نظارا، جنهن انداز سان بيان ڪري ٿو، اُهي اسان کي زندگيءَ سان محبت ڪرڻ سيکارين ٿا. اهو سچو عمل ڪيئن ٿو ٿئي، تنهن بابت ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”جيئن ته ناول انسانيت سان ڀرپور آهي، تنهن ڪري ناول جي مدد سان ناول نگار انسانن کي تباهه ڪندڙ عمل مان ڪڍي، سجاڳي ۽ زندگين جي ڪن خاص حقيقي واقعن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ هڪ اهڙي نثري ڪهاڻي تيار ڪري ٿو، جنهن ۾ حقيقي واقعن ۽ حادثن کي پيش ڪندي، زندگين جي خارجي ۽ داخلي ٽڪرائن کي هڪ نئين شڪل ۾ پيش ڪري ٿو. ان ۾ هن جا ذاتي احساس، رايا، خيال ۽ جذبا شامل هوندا آهن. حقيقي واقعن ۽ حادثن کي پنهنجن احساسن ۽ جذبن سان اهڙي ته فني مهارت سان ملائي پيش ڪري ٿو جو اهي عجيب ۽ نوان معلوم ٿين ٿا. جيتوڻيڪ اُهي واقعا ۽ ڪردار، حالتون، احساس ۽ جذبا پڙهندڙن کي پيش ايندا رهندا آهن، پر هو انهن کي محسوس نه ڪندا آهن، يا انهن جي خامين ۽ خوبين کي پرکي نه سگهندا آهن. ناول نگار انهن کي اهڙي انداز سان پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ انهن کي محسوس ڪري ٿو ۽ انهن نتيجن تي سوچي ٿو. هو ناول نگار جي پرک، پنهنجي پرک محسوس ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح پڙهندڙ، ڏنل واقعن ۽ ڪردارن ۽ حالتن کي نئون محسوس ڪري ٿو ۽ اهائي ناول نگار جي خاص خوبي آهي.“(27)

4. ناول نگاري هڪ حڪيمانه ۽ فلسفيانه مشغلو آهي. هڪ عام لکڻ واري ۽ هڪ پختي ليکڪ ۾ فرق اهو آهي جو، عام لکڻ وارو زندگيءَ کي ويجهو نٿو پسي، هو صرف جذبات جي زور تي لکي ٿو. هن جي لکڻ ۾ هڪ قسم جي تبليغ ۽ پروپئگنڊا هوندي آهي، پر هڪ پختو ليکڪ زندگيءَ

ڪي فسلفيانه نقطه نظر سان ڏسڻ جو عادي هوندو آهي. هو جيڪو تاثر پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، ان ڪي واقعات جي بيان ۾ حوالن سان پيش ڪري ٿو، هو جذبات ڪان گريز ڪري ٿو، هو پروپئگنڊا ۾ تبليغ نٿو ڪري، هو خوامخواهه مصلح، ناصح ۽ راوي بڻجي، پنهنجي راءِ پڙهندڙ جي مٿان نٿو مڙهي، هو پنهنجي مقصد ڪي دلچسپ انداز سان پيش ڪري ٿو. انهيءَ حقيقت ڪي ڊاڪٽر ابوالليث صديقي هن طرح بيان ڪيو آهي:

”ناول جي مقبوليت طرف ماڻهن جي جهالت يا محض جنسي محرڪات جي ڪري نه آهي، ان جو اصل مقصد اهو آهي ته ناول جي آئيني ۾ هر معمولي پڙهڻ وارو پنهنجي يا پنهنجي چوطرف زندگيءَ جي تصوير ڏسي سگهي. هن جا پنهنجا چاتل سڃاتل ڪردار ملن ٿا، جيڪي هن سان هن جي ئي ٻوليءَ ۾ گفتگو ڪن ٿا. ناول ۾ هن جو انهن ئي مسئلن سان واسطو پوي ٿو، جيڪي هن جي روزمره جي زندگيءَ ڪي ان ڪشمڪش ۾ مبتلا رکن ٿا. ناول پڙهندڙ ۽ ناول لکندڙ ٻئي انهيءَ تير جو شڪار آهن.“(28)

اهو تسليم ڪرڻو پوي ٿو ته، سڀني ناولن جا موضوع، انساني زندگيءَ جا قدر ئي رهيا آهن. ڪڏهن انفرادي طور تي ڪنهن فرد جي شخصيت، اسان جي سامهون اچي ٿي، ته ڪڏهن پورو معاشرو سامهون اچي ٿو؛ ڪڏهن مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ، تقريباً هر ناول ۾ ملي ٿي، جنهن جي مدد سان زندگي اُڀري ۽ نمايان ٿي، اسان جي اڳيان اچي ٿي.

ناول نگار پنهنجي ناول ۾ اها فضا، ماحول ۽ احساس پيدا ڪري ٿو، جيڪو اسان ڪي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ لطف اندوز ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. هڪ ناول نگار وٽ سچائيءَ جو عنصر ايتري قدر ته نمايان هوندو آهي، جو پڙهڻ وارو سوچڻ لڳندو آهي ته شايد اهو سندس ئي قصو آهي. بقول ورجينيا وولف:

”ناول خصوصاً عام ماڻهن جي جذبات ڪي بيدار ڪندو آهي.“(29)

ناول نگار انساني جذبات جي گهرائيءَ جو تجربو پيش ڪندو آهي. محبت، عقيدت، حب الوطني ۽ هڪ مڪمل زندگيءَ جي خواب ڪي هو، لفظن جي ذريعي عجيب و غريب روپ ڏيندو رهيو آهي. هو زندگيءَ جي تلخ حقيقت مان ئي اڀري، ان دنيا ۾ پهچندو آهي، جتي اُهي حقيقتون سڌري، نروار ٿي، خوبصورت ترين ۽ عظيم ترين ۽ دردناڪ ترين ڏسڻ ۾ آيون، جن تي انسانن عمل پئي ڪيو.انهن جي زندگيءَ وڌيڪ گهري ۽ وڌيڪ حقيقي هئي. هنن اهڙو فني عمل ڪري ڏيکاريو، عام زندگيءَ ڪي هڪ اهڙي مقام تي پهچائي ڏيکاريو، جتي معمولي انسانن به ديوتا يا شيطان نظر اچي ٿو.



ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جو خيال آهي ته:

”ڪلا جو مقصد اسان جي اندروني آتما ڪي ڏونڌاڙڻ، انسان جي سڀاءَ ڪي انسانيت سان سروپار ڪرڻ، اسان جي حياتيءَ ڪي ترقيءَ ڏي وٺي هلڻ ۽ من ۾ اهڙو گنڀير سنتوش پيدا ڪرڻ آهي، جو ڌيري ڌيري من جي دائمي فطرت بڻجي وڃي.“(30)

5. جديد انسان حياتيءَ جي محدود واقعن جي حد پار ڪري، هينئر سيٽلائيٽ جي دور ڪان به اڳتي نڪري رهيو آهي. سندس طبيعت ۽ ماحول هزارين واقعن ڪي جنم ڏيندو رهي ٿو. چوڌاري بيچينيءَ جو ماحول، بدانتظامي، خود مطلبي پڻو، آزاديءَ جي نالي تي چڙواڳي، فرض جي بدران محض حقن جي وڏي واڪي گهُر، بدلاءُ جي نالي تي انساني پيار، ڏيا يا رحم جي جذبن جو جنازو ڪڍڻ جي ڏس ۾ ادب جي مختلف صنفن ۾ موجود اشارو، ڪڏهن ڪڏهن ايترو ڪجهه سمجهايو وڃي ٿو، جو ٿلها ۽ ڳرا ڪتاب به نٿا سمجهائي سگهن. ڊاڪٽر ظفر اقبال هن ريت لکي ٿو ته:

”انساني حياتيءَ جي ارتقا ۽ انقلاب جي اها تصوير ڪشي، جيڪا پوءِ افسانوي رنگ ۾ ظاهر ٿئي ٿي، ناول جو مقصد چئجي ٿي.“(31)

ناول نگار معاشري جي فردن جو نفسياتي جائزو پيش ڪري، سندس رهڻيءَ ڪهڻيءَ، تهذيب ۽ تمدن، ريتين ۽ رسمن، سندن طور طريقن، ۽ انهن جي چڱاين مٿاين ڪي پرکي، معاشري جي هر پهلوءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. ائين ناول نگار پنهنجي معاشري جي عڪاسي ڪندي، پاڻ ڪي ۽ پنهنجي معاشري ڪي ادبي تاريخ ۾ هميشه زنده رکي ٿو.انهيءَ خيال ڪي ظاهر ڪندي سيد عابد علي عابد لکي ٿو ته:

”ناول نگار هيئت جي مدد سان، پنهنجي طريقي جي زندگي، تمثيل جي ذريعي پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ پنهنجن واقعن ۽ تجربن جو اظهار، فن ۾ لڪائي اسان جي اڳيان آڻي ٿو.“(32)

6. ناول ۾ زندگيءَ جو انڪشاف، ناول نگار جي راءِ مطابق هوندو آهي. ڪيترائي ناول نگار، زندگيءَ ڪي بلڪل خارجي طور پيش ڪن ٿا، حالانڪ زندگي ڪجهه داخلي به هوندي آهي. اعليٰ ناول نگار هميشه زندگيءَ جي ان دائري جو ذڪر ڪن ٿا، جيڪو هن جو ذاتي تجربن سان تعلق رکي ٿو.

پر اڄڪلهه ادب براءِ زندگيءَ جا حامي، ناولن ۾ اهڙي قسم جي زندگي، جنهن ۾ نفسياتي ۽ سياسي اصول آهن، جن جون راهون لاتعداد آهن، تخليق ڪري رهيا آهن. ناول جي مقصد بابت ڪجهه هيٺيان رايا پڻ ملن ٿا؛

(الف) پهرين راءِ اها آهي ته: جديد نفسياتي علم جي اصول مطابق ناول ۾ انساني فطرت جي عڪس ڪشي ڪئي وڃي ٿي. دماغي ڪيفيتن جو

هوبهو نقش چٽيو وڃي ٿو، ڪردارن جي دماغ ۾ اونڌا سڌا خيال، جيڪي ڪنهن به وقت ۽ ڪهڙي به حالت ۾ پيدا ٿين ٿا، تن کي هوبهو ظاهر ڪيو وڃي ٿو.

(ب) ٻي راءِ به جديد نفسيات تي مبني آهي، پر ان ۾ فرائڊ جو اثر گهڻو نمايان آهي، جنهن جو گهڻو ڪري جنسياتي محرڪات سان واسطو آهي ۽ عريان نگاريءَ کي ئي فطرت نگاري، بلڪ زندگيءَ جي صحيح مصوري سمجهيو ويندو آهي.

(پ) ٽين راءِ اها آهي ته زندگي کي ڪارل مارڪس (Karl Marx) جي اشتراڪي ۽ انقلابي نظريي جي تحت ڏٺو وڃي ٿو. هن نظريي تحت زندگي ڪنهن خاص نظريي تحت نٿي آندي وڃي. ڊاڪٽر احسن فاروقي وري هيءَ راءِ ڏي ٿو ته:

”ناول نگار جي نظر ٽن طريقن جي آهي: (i) هوانساني فطرت جي گهرائين تائين پهچي ٿو، (ii) هو فطرت مان اهي جزا اخذ ڪري ٿو، جيڪي دائمي آهن، (iii) هو انهن جزن کي ملائي هڪ اهڙي چيز تيار ڪري ٿو، جيڪي حقيقي نه ته به حقيقت جي ويجهوضروري هوندي آهي.“(33)

مٿي ڏنل راين مان هي نتيجو ٿو نڪري ته، ناول نگار انساني زندگيءَ جي ڪن خصوصيتن سان دلچسپي رکي ٿو. اهي ئي انساني خصوصيتون ۽ تجربا، انهن جي ناولن جا موضوع ٿين ٿا. سڀني ناولن جا موضوع انساني قدر (Human Values) هوندا آهن. مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ هر ناول ۾ ملي ٿي.

7. ناول ۾ زندگيءَ جو اظهار، ڪردار نگاريءَ جي ذريعي ڪيو ويندو آهي. ناول جي ڪردارن کي زندگيءَ مطابق هئڻ گهرجي، چاڪاڻ ته اُهي جيترو زندگيءَ مطابق هوندا، اوترو وڌيڪ دلچسپ هوندا ۽ حقيقت تي مبني هوندا، جيئن جڳديش لچاڻي لکي ٿو ته:

”ناول ۾ ڪافي لچڪ آهي، هن تي ڪنهن به قسم جي پابندي ڪونهي. هو ڪنهن به وقت ڪوبه روپ ڌاري سگهي ٿو. هن ۾ هڪ شخص جي سموري زندگيءَ جو احوال به ٿي سگهي ٿو ۽ هڪ ڪلاڪ يا هڪ منٽ جو به.“(34)

8. مطلب ته ناول زندگيءَ جي گهراين، الجهنن ۽ مونجهارن کي پيش ڪري ٿو، جيڪي زندگين ۾ سمايل آهن ۽ اهو ئي ناول نگار جو مقصد هوندو آهي، جيڪو هو پيش ڪري ٿو. ناول جو بهترين مقصد آهي ته، سماج جي براين کي دور ڪرڻ، سماج جي براين، ڪهنين ريتين رسمن کي ڇڏڻ ۽ نئين سماج کي اڏڻ. ناول ۾ حقيقت ۽ صداقت وڏو ڪم ڪري ٿي، پراڻا رواج ۽ رسمون، جيڪي اسان جي سماج کي اونهي کُنَ ۾ غرق ڪري رهيون آهن، انهيءَ ڪري بنا ڪنهن مطلب، لالچ ۽ خواهش جي، سچائيءَ ۽ صداقت سان



سماج جي برين رسمن کي ختم ڪرڻ ناول جو خاص مقصد هوندو آهي.

اڄوڪي دور ۾ امن ۽ سڪون جي سخت ضرورت آهي. اهڙي وقت ۾ ناول نگار جي اها به جوابداري آهي ته، هو ناولن جي ذريعي ماڻهن کي خوشي پهچائي، امن قائم ڪري ۽ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ سڪون حاصل ڪرڻ جا حل پيش ڪري، ناول جي اهميت جو مقصد نهايت وسيع، گهرو ۽ گنڀير ٿي هوندو آهي.

هو ٻين ڳالهين سان گڏ قومي اتحاد کي قائم رکڻ لاءِ سڀني قومن، مذهبن، مختلف ٻولين جي ماڻهن، مختلف تهذيبن، ثقافت، ريتين رسمن کي سمجهي ناول ۾ پيش ڪندو آهي.

## 3. ناول جا موضوع ۽ سنڌي ناول:

ادب جي ڪنهن به صنف تي فني سٽاءَ ۾ موضوع کي تمام گهڻي اهميت حاصل هوندي آهي. ناول جي وصف بيان ڪندي اهو چيو ويو آهي ته ناول، انسان جي روزانه زندگيءَ سان واسطو رکي ٿو، يعني ناول جي موضوع ۾ زندگيءَ جو وسيع، گهرو ۽ ڀرپور احوال اچي وڃي ٿو.

ڪنهن به قسم جي ناول جي موضوع لاءِ ضروري آهي ته ناول نويس، موضوع سان پوري واقفيت رکندڙ هجي. منجهس (ناول نويس ۾) مشاهدي جي گهرائي هجي، ڪيس زندگيءَ جي وسيع هجڻ ۽ گهرائيءَ جو احساس هجي، ۽ جيڪو موضوع بيان ڪري تنهن ۾ مخصوص معاشري جي مڪمل ترجماني هجي، وقار عظيم پنهنجي ڪتاب ’داستان بنڌ افسانڌ تڪ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”سڀني ناولن جا موضوع انساني زندگيءَ جا قدر ئي رهيا آهن. ڪڏهن ڪنهن شخص جي شخصيت انفرادي طور اسان جي سامهون اچي ٿي، ته ڪڏهن پوري معاشري جو نقش اسان جي سامهون هوندوآهي. ڪڏهن ڪڏهن ته مختلف انسانن جي جدا جدا قدرن جي باهمي ڪشمڪش ۽ انهن قدرن جي پاڻ ۾ ڪشمڪش ته ڪڏهن انهن قدرن جي پاڻ ۾ جنگ يا ٽڪراءُ، تقريباً هر ناول ۾ محسوس ڪجي ٿو.“(35)

يعني زندگيءَ جا قدر، اڀري ۽ نمايان ٿي، اسان جي سامهون اچن ٿا. زندگيءَ جا سٺا يا خراب پهلو، سڀ اسان جي سامهون اجاگر ٿين ٿا ۽ اسان ۾ پنهنجي زندگيءَ جو تجربو ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي ٿي.

ناول نگار پنهنجي فن پاره ۾ اهڙي ته فضا، ماحول ۽ احساس پيدا ڪري ٿو، جو اهي انسان کي سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ لطف وٺڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. ناول نگار وٽ سندس ناول ۾ سچائيءَ جو عنصر ايتري قدر

ته نمايان هوندو آهي، جو پڙهندڙ سمجهڻ لڳندو آهي ته اها سندس ئي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته، ناول جا موضوع زندگيءَ جي واقعن، حادثن ۽ واردادتن جا ترجمان ئي هوندا آهن. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ ناول جي موضوع بابت لکي ٿو ته:

”ناول جو موضوع زندگيءَ تي ٻڌل هوندو آهي، پوءِ چاهي اهو موضوع زندگيءَ جي ڪنهن هڪ پهلوءَ سان واسطو رکندڙ هجي يا هڪ کان وڌيڪ پهلوئن سان. ناول ۾، ناول نگار جي جذبات جو اظهار هوندو آهي. ناول نگار جو اهو اظهار زندگيءَ جي آزمودن جو نتيجو هوندو آهي، جنهن کي هو ناول جو موضوع پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪندو آهي.“(36)

مٿي چيو ويو آهي ته ناول نگار پنهنجي ناول ۾ جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو، سو حقيقت تي مبني هوندو آهي. هن جو بيان ڪيل هر موضوع انسان، ان جي معاشري ۽ ماحول سان وابسته هوندو آهي. ناول نگار انهيءَ حقيقت کي پيش ڪري، ان تي پنهنجي فن تخليق جو تهه چاڙهي ۽ ان کي پنهنجو بڻائي پيش ڪري ٿو.

ناول ۾ زندگيءَ جو فلسفو به گهڻي اهميت رکي ٿو. اعليٰ ناول نگار زندگيءَ جو گهرو مطالعو ڪندا آهن ۽ انهيءَ مان هو ڪنهن نه ڪنهن نتيجي تي پهچي، اسان کي به متاثر ڪندا آهن. ناول ۾ زندگيءَ جو فلسفو ٻن طريقن سان پيش ڪيو وڃي ٿو: هڪ طريقو اهو آهي ته ناول نگار، زندگيءَ جي انهن حصن کي ڪٽي ٿو، جيڪي خاص اخلاقي حيثيت رکن ٿا. هو ڪردارن جي عمل تي روشني وجهندي، پلاٽ جي ترتيب ۾، انهن واقعن کي وڌيڪ روشن ڪري ٿو، جيڪي هن جي زندگيءَ جا خاص تجربا آهن ۽ گڏوگڏ مختلف قسمن جي بيانن ۾ هڪ اخلاقي پهلو به پيدا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ناول نگار هڪ قسم جو خالق هوندو آهي ۽ ناول جي اندر اها دنيا خلقيل هوندي آهي، جيڪا ناول نگار جي اصولن تي هلي ٿي. اهڙيءَ طرح ناول نگار جو سچو فلسفو سامهون اچي وڃي ٿو. ٻيو اهو آهي، جنهن ۾ ناول نگار پنهنجن فلسفن کي ظاهر ڪري ٿو. اهو هي آهي ته ناول نگار، ناول ۾ پنهنجي هر جاءِ تي ڪردارن جي عمل جي وضاحت ڪندو ويندو آهي. هو هر عمل کي همدرديءَ سان بيان ڪندو آهي. ڪنهن کي تعريف ۽ ساراهه واري طريقي سان، ته ڪنهن کي طنز ۽ طعني سان، ۽ اهڙيءَ طرح ته بيان ڪري ٿو، جو جيئن اسان کي معلوم ٿي سگهي ته هن (ناول نگار) جا زندگيءَ جي باري ۾ ڪهڙا خيال ۽ رايا آهن. اهڙيءَ طرح ناول نگار پنهنجن ڪردارن جو خود ئي نقاد ٿي وڃي ٿو، جنهن جي ذريعي هن جي دنيا جي اخلاقي اصولن جي ڇاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.



ناول نگار جي فلسفي کي پرکڻ لاءِ ٻن ڳالهين جو به خيال رکڻو پوندو آهي. هڪ ته هن جو اهو فلسفو ڪيتريءَ حد تائين حقيقت تي مبني آهي ۽ ٻيو ته ناول ۾ واقعا ڪيتريءَ حد تائين زندگيءَ سان ملندڙ جلندڙ هئڻ گهرجن. انسان جي زندگي، حقيقي زندگيءَ کي تڏهن ويجهو هوندي آهي، جڏهن اها فني اصولن تي ٻڌل هوندي آهي. زندگيءَ جو اهو عمل ناول نگار افسانوي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو، جيڪو فن سان واسطو رکي ٿو. ڊاڪٽر احتشام حسين، ناول کي سماجي فلسفو ٿو سڏي. هو لکي ٿو ته:

”ناول به سماجي فلسفي جو هڪ ڪتاب آهي، فرق صرف اهو آهي ته فلسفي جي ڪتابن ۾ منطقيانه انداز هوندو آهي ۽ ناول ۾ قصي گوئيءَ جو انداز اختيار ڪيو ويندو آهي.“(37)

رابرٽ لِڊل (Robert Liddel)، پنهنجي ڪتاب 'A Treatise on the Novel' ۾ لکي ٿو ته:

”هر فن زندگيءَ مان اُپري نڪري ٿو، ان تي عمل ڪري ٿو ۽ زندگي ئي ڪيس زنده رکي ٿي.“(38)

زندگي واقعات جو مجموعو آهي. زندگيءَ ۾ اسان کي ڪيترائي واقعا ۽ حادثا پيش اچن ٿا، انهن حادثن ۽ واقعن جو انسان ذات تي ڪافي اثر ٿئي ٿو. هن ڏس ۾ پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي لکي ٿو ته:

”انساني طبيعت ۽ سڀاءُ جي طرحين طرحين نظارن جو نماءُ ڪرڻ، زندگيءَ جو اظهار ڪرڻ، آدميءَ جي حياتيءَ ۾ جيڪي به سمائجي سگهجي ٿو، جهڙوڪ: سولايون ۽ مونجهارا، گناهه ۽ ٻڇڙا ڪم، نيڪ ناميون ۽ ثواب جا ڪم، اونداهيون ۽ سوجهرا، لاهيون ۽ چاڙهيون؛ اهي سڀ مختصر طور ڪٽي چئجي ته، افساني لکندڙ جي ڪتابن جو مضمون ٿي سگهن ٿيون. قصو انسان جي مشغولين جو هڪ قسم جو دفتر آهي. زندگي قصي لکندڙ جو مکيه وشئه آهي. ساهتيه آهي زندگي، ۽ افسانو ساهتيه جو هڪ ڀاڱو آهي. قصو زندگيءَ مان اُپري ٿو ۽ زندگيءَ ۾ ئي سندس گذران ٿئي ٿو.“(39)

سڃي مخلوقات ۾ انسان ئي آهي، جيڪو اجتماعي زندگيءَ ڏانهن مائل رهي ٿو، تنهن ڪري انساني زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ حقيقتن کي هڪ مخصوص سماجي روح هوندو آهي. ناول نگار به هڪ سماجي فرد آهي، انهيءَ ڪري هو جيڪي ڪجهه پنهنجي آسپاس ڏسي ٿو، ان کي ٻين تائين پهچائي ٿو.

محترم غلام محمد شهواڻي پنهنجي ڪتاب ’ادبي اصول‘ ۾ ادبي ڪتابن جي موضوع بابت هيئن ٿو لکي:

”ادب هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ اديب، پنهنجي شخصيت جي معرفت ادبي صداقت سان زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي پڙهندڙ جي اڳيان پيش

ناول نگار جي نظر ۾ بکئي جو اعتقاد ڪمزور ۽ سمجهه گهڻو ڪري گهٽ هوندي آهي. ڏڪويل جو رويو سخت ۽ فيصلو اڪثر غلط هوندو آهي. عياش جو رويو غير واجبي ۽ ظالماڻو هوندو آهي، تنهن ڪري ناول نگار، هر ڪردار جو نفسياتي جائزو به وٺندو آهي.“(41)

ناول نگار نه فقط سماج کان متاثر ٿئي ٿو پر هو سماج تي اثرانداز به ٿيندو آهي. هو پنهنجي فن جي ذريعي پنهنجي ماحول کي ٺاهي پيش ڪري ٿو ته جيئن پڙهندڙ انهن کان متاثر ٿين ۽ جڏهن به سماج ۾ ڪا تبديلي ايندي آهي، تڏهن ناول نگار ان جو جائزو وٺندو آهي ۽ پوءِ ان جو اظهار ٻين تائين پهچائيندو آهي. هو فرضي ڪردار پيش ڪري ٿو ۽ سماج مان جيڪي ڪجهه مواد حاصل ڪري ٿو، اهوسماج جي مدد سان ئي پيش ڪري ٿو. هن جي طرفان معاشري جي عڪاسيءَ تي گهڻو توجهه ڏيڻ سان گڏوگڏ، هر معاشري جي گهراين ۽ وسعتن تي به توجهه ڏيڻ ضروري سمجهندو آهي.

ناول نگار ڪنهن خاص فرد، گروهه يا جماعت يا معاشري جي ڪنهن مسئلي تي سوچي ٿو. هڪ خاص قسم جو احساس محسوس ڪري ٿو ۽ ان مان جيڪي مشاهدا حاصل ڪري ٿو، انهن کي هڪ نئين روپ ۾ پيش ڪري ٿو. ناول جا موضوع، زندگين جي الجهنن جي پيدائش به آهن. جيڪڏهن انهن الجهنن جو، تخيل جي مدد سان گهرو مطالعو ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته زندگيءَ جون پيچيدگيون تمام وسيع آهن ۽ انهن جي ڪابه حد مقرر ڪانهي. هو (ناول نويس) وسيع زندگيءَ جي دائره عمل مان موضوع چونڊي، ان کي تخليقي قوت سان پرکي لفظن جي مدد سان هڪ خوبصورت تصوير پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر انوارالحسن هاشمي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”ناول جي قصي جي هر ڪردار جي پس منظر ۾ ڪونه ڪو مسئلو پوشيده هوندو آهي ۽ سندس عمل، مسئلي جي پيچيدگين ۽ ان جو حل ٻئي سامهون ڪٽي اچي ٿو. اڄڪلهه ڪامياب ناول اهو آهي، جنهن کي عام ماڻهو دلچسپيءَ سان پڙهي سگهي ۽ سماجي علم جا ماهر به ان مان لطف اندوز ٿي سگهن.“(42)

ائين ڪٽي چئجي ته ناول نگار زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي. هو پنهنجيءَ پرک سان هر زنده شخصيت مان مواد حاصل ڪري ٿو. هو زندگيءَ مان صرف اهو مواد حاصل ڪندو آهي، جيڪو سندس مقصد وارو هوندو آهي، جنهن سان هڪ طرف پنهنجن پڙهندڙن ۽ ٻئي طرف معاشري کي اثرانداز ڪري ٿو.

ناول، فن هجڻ جي ڪري، زندگيءَ مان ئي اُپري نڪري ٿو، پر اهو (ناول)، حقيقي زندگيءَ کي پيش نٿو ڪري، پر حقيقي زندگيءَ جو عڪس



ڪري ٿو. ڪهڙو زندگيءَ جو راز آهي، جنهن تي اديب پنهنجا جذبا، احساسات ۽ خيالات ظاهر نٿو ڪري؟ اديب حياتيءَ جي سڀ ڪنهن پهلوءَ ۽ راز تي روشني وجهي سگهي ٿو. هن کي آزادي آهي ته هو ڀلي، ڪنهن به حياتيءَ جي شعبي کي پنهنجي ڪتابن لاءِ منتخب ڪري، ايڏي وسيع دائري ۾ پنجن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهريون، ڪنهن شخص جا ذاتي يا شخصي تجربا جي هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻاهر، دنيا ۽ دل جي اندروني دنيا ۾ ڪيا هجن، سي ادبي ڪتاب جا موثر ۽ موزون، موضوع ٿي سگهن ٿا.

ٻيو، اهي تجربا جيڪي ڪنهن شخص انسان جي حيثيت ۾ ڪيا هجن، سي ادبي ڪتابن جو سينگار ٿي سگهن ٿا، يعني اهي عام ۽ اهم مسئلا جن جو تعلق فقط اديب جي ذات تائين محدود هجي، جهڙوڪ: حياتي ۽ موت، گناهه ۽ ثواب، تقدير ۽ تدبير، قضا ۽ قدرت، بنده جو ڌڻيءَ سان تعلق، مطلب ته انهيءَ قسم جا مسئلا، جيڪي سڄيءَ انسان ذات ۽ بني نوع انسان لاءِ هڪجهڙا ۽ ضروري هجن.

ٽيون اهو، ته ڪنهن انسان جون ٻين انسانن سان تعلق يا رواداريءَ بنسبت ڳالهيون، ادبي ڪتابن جو مضمون ٿي سگهن ٿيون. اهڙين ڳالهين جو ذڪر سڀني ادبي ڪتابن ۾ عام هوندو آهي.

چوٿون اهو، ته قدرت ۽ انسان جو قدرت سان تعلق ڪهڙو آهي، تنهن متعلق حقيقتون پڻ ادبي ڪتابن جا موضوع ٿي سگهن ٿا.

پنجون، ڪنهن اديب جي اها ڪوشش جنهن ۾ هو تصور جي گهوڙي تي خيالي دنيا جو خاڪو ڪڍي، انهن کي عجيب و غريب احساسات مان لطف اندوز ڪري، اهي پڻ ادبي ڪتابن جا موضوع ٿي سگهن ٿا.“(40)

جيئن اڳ ۾ چيو ويو ته، ناول ۾ زندگيءَ جي عڪاسي هوندي آهي. ناول نگار پنهنجي آزمودي ۽ مشاهدي سان، سڀ ڪجهه معاشري مان حاصل ڪري ٿو، تنهن ڪري زندگيءَ جو هر پهلو، ناول جو موضوع ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار، سماج جي فردن جي جائزي وٺڻ لاءِ انهن جي حقيقتن، عقيدن ۽ روين کي پروڙي ٿو، جن مان هنن جي شخصيت ٺهي ٿي. فردن جي حقيقتن ۽ عقيدن کي پروڙڻ لاءِ هن جي خاندان ٿي، فردن جي حقيقتن ۽ عقيدن کي پروڙڻ لاءِ هن جي خاندان، قبيلي ۽ مذهب جي اثر، تهذيب، تمدن ۽ ريتين رسمن کي، پنهنجي پرک جي دائري ۾ آڻي ٿو، ڇو ته ناول نگار جي نظر ۾ سڀني انسانن جا بنيادي حق ساڳيا هوندا آهن، پر انهن جي پورائيءَ يا نه پورائيءَ ڪري، انهن جا اعتماد، رويا، سمجهه ۽ فيصلا مختلف ٿين ٿا.

پيش ڪري ٿو، يعني ناول نگار انسان جي زندگيءَ مان جيڪي ڪجهه حاصل ڪري ٿو، ان کي هوبهو پيش نٿو ڪري، پر ان کي فن جي اصولن تحت آڻي ٿو ۽ حقيقي ڪردارن جهڙن ڪردارن جي ذريعي ان کي بيان ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”ناول زندگيءَ جو آئينو آهي ۽ ناول نگار ان جي مدد سان، دلي جذبا ۽ لاڙا، جيڪي هن ۾ فطري طور اڀرندا آهن، يا اُڀپن ٿيندا آهن، تن کي فني قابليت سان پيش ڪري ٿو. هو جيڪي به تجربا حاصل ڪري ٿو، انهن کي پيش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪي واقعا پيش ڪري ٿو، اهي معاشري جي روزمره جي زندگيءَ ۾ ٿيندا رهندا آهن. هو جيڪي به تجربا ڪري ٿو، اهي سندس ذاتي مشاهدن مان حاصل ڪندو آهي. هو اهي معاشري مان ئي حاصل ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هو خود به انهيءَ معاشري جو ئي هڪ فرد آهي.(43)

ناول جي موضوع تي معاشري جي معاشي حالتن، سياسي ڦيرين گهيرين ۽ اجتماعي زندگيءَ جو اثر هوندو آهي. ان کان علاوه هر موضوع تي، پڙهندڙن جي خواهش ۽ وقت جي گهرجن جو به اثر هوندو آهي. انهن اثرن جي نمائندگي، ناول جي مقبوليت جو سبب هوندي آهي. انهن اثر جي ڪري، هر زبان جي علم و ادب ۾ بيان ڪيل خيال، نظريا ۽ موضوع وقت بوقت بدلجندا رهندا آهن.

جڏهن سائنس جي ترقيءَ جي ڪري صنعتي انقلاب آيو، تڏهن انسان زندگيءَ کي گهري نظر سان جاچيندي، پنهنجي ماحول کي اخلاقي سوچ جي بجاءِ، واقعاتي ۽ نفسياتي نظرين سان ڏسڻ لڳو. جيئن جيئن انساني شعور ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن ناول نويس جي ناولن ۾ واقعن ۾ به وڌيڪ پيچيدگي پيدا ٿيندي وئي ۽ سندس ناول ۾ مڪمل ڪردار، گوناگون حالتن مان گذرندي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا ۽ پوءِ اهو عام رواجي قصي جي بجاءِ، سماجي، تاريخي ۽ انساني ذهن جو مڪمل تجربو بڻجي ويو.

ناول ۾ سماجي زندگيءَ جو مطالعو هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. ناول جي ذريعي سماجي زندگيءَ ۽ سماج جا مسئلا اسان جي سامهون ايندا رهيا آهن. ناول کان پهرين سماجي مسئلن جي اظهار لاءِ اسان وٽ ڪو ٻيو طريقو ايترو نمايان ڪونه هو.

ناول ۾ اوڻيهين صديءَ ۾ پيش ڪيل، تحريرن جي ذريعي سماجي سائنس جو بنياد پيو، جنهن جون شاخون هاڻي به اقتصاديات، سياسيات، عمرانيات، نفسيات، سماجيات، علم السان ۽ علم الانسان شامل ڪيون وينديون آهن. ناول نگارن سماجي سائنس (عمرانيات) کي جنم ڏنو، ۽ ان سان گڏوگڏ، انهيءَ سائنس جي مدد سان، ناولن ۾ واقفيت جو به اضافو ڪيو ويو ۽ هن



صديءَ جي آخر تائين ناول نگارن سماجي پهلوءَ کي نمايان ڪيو، جنهن جي ڪري، هر وڏي ناول نگار ڪنهن نه ڪنهن خاص سماجي پهلوءَ کي پنهنجو ڪيو (اپنايو) هو.

ويهين صديءَ ۾ جڏهن انساني شعور هزارين قسمن جي علمن جي ڪري، زندگيءَ کي هڪ عجيب پراسرار حقيقت وانگر ڏسڻ لڳو ته، ناول به انساني نفسياتي کي گهراين ۾ وڃي ۽ ان جي تبديليءَ ۽ ارتقا جا نقشا پيش ڪرڻ لڳو.

ورهاڱي کان اڳ سنڌ، هندو مسلم ڀائيچاري واريءَ گڏيل تهذيب جو مرڪز هئي. سنڌي قوم جا مذهبي ۽ روحاني قدر، هڪ وسيع ڀائيچار ۽ عالمگير امن ۾ اعتبار رکندڙ هئا. تصوف هتي جي انسانن جو فلسفه حيات هو.

هن دور جي ناولن جا موضوع سادا سودا هئا. انهن ۾ ليکڪن پنهنجي ذاتي مشاهدي تي ٻڌل حالتن کي عام ڪردارن ۽ ماحول ذريعي پيش ڪيو. هنن طبعزاد ناولن ۾ پنهنجي ديس جي تهذيب ۽ تمدن، اخلاقي ۽ اصلاحي حالتن ۽ سياسي رجحانن کي پيش ڪيو، جنهن ۾ ماضيءَ جي يادگيرين کي دهرائيندي، مستقبل جي راهن کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ پنهنجي ذاتي مشاهدن جي مدد سان، جذبن۽ احساسن کي پيش ڪندي، تخيل جي پرواز سان معاشري جي انتشار کي واقعات جي شڪل ڏيئي، ان کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ کان سواءِ، معاشري جي فرد جو عمل ۽ ردعمل، ۽ حالتن جي ڦندي ۾ ڦاٿل هجڻ، جهڙن واقعن کي ناول نگار پنهنجي وطن جي موضوع بنايو. اهڙيءَ طرح ناول نگار معاشري جي هر فرد جي زندگيءَ جي مسئلن جي اندر پهچي، هر فرد جي ذهن جي پرک ورتي ۽ انهن جي مسئلن جي تهه تائين ويا ۽ پوءِ هر فرد ۽ جماعت جي هڪ ٻئي سان تعلق کي پنهنجن ناولن جو موضوع بنايو.

اهڙيءَ طرح وطن جي محبت، سماج جون ريتون ۽ رسمون، سماج جون حالتون ۽ ماحول تي نڪته چينيءَ جهڙا موضوع به انهن بيان ڪيا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي نوان نوان موضوع ۽ مسئلا به منظر عام تي آيا. ناول نگارن، پنهنجي معاشري جي معاشرتي، اخلاقي بدحاليءَ جون تصويرون، موضوع طور بيان ڪيون ۽ قوم جي غيرت کي للڪاريو هو.

ورهاڱي کان پوءِ واري دور جي ناولن ۾ سڀ کان نمايان موضوع قومي، جمهوري حقن، ثقافت ۽ ٻوليءَ جا ڪئين مسئلا هئا، جنهن کان هر فرد اثرانداز ٿيڻ لڳو. انهن جي رد عمل ۾ پيدا ٿيل تحريڪون، ورهاڱي کان فوراً بعد ۽ 1965ع تائين چوٽ چڙهي ويون هيون. سياسي ۽ ثقافتي حقن جي

بحالي، سنڌي ٻوليءَ کي صحيح مقام ڏيارڻ ۽ ون يونٽ ٽوڙائڻ جهڙين تحريڪن گڏجي، هڪ وڏي تحريڪ جي صورت اختيار ڪئي، جنهن ۾ ٻين سان گڏ سنڌي اديبن به گهڻي ۾ گهڻو حصو ورتو. اهو ئي سبب آهي جو، تعميري دور ۾ واضح مقصدن تحت، نوان موضوع داخل ٿيا. هن دور جي ناولن کي قومي سجاڳي آڻڻ لاءِ هڪ ڪامياب وسيلي طور ڪتب آندو ويو، جنهن جي ذريعي عوام جا ستل جذبا، قومي احساس ۽ امنگ بيدار ٿيا. ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ سنڌي ناول ۾ ان جو اثرائتي ۽ ٽيڪنيڪي نموني سان استعمال نظر اچي ٿو. ان ۾ سنڌي قوميت جي مختلف تهذيبي، تمدني، لسانياتي، روحاني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي موضوع بڻايو ويو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ رومانوي طرز فڪر ۽ نفسيات ۾ نوان نوان زاويه ظاهر ٿيا آهن، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ به ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ جديديت جو فلسفو وڌيڪ اُڀري آيو. ان سان نه رڳو ناول نويس جي سوچ ۽ فڪر ۾ تبديلي آئي آهي، پر ناول جي اسلوب ۽ ٽيڪنڪ جا انوکا پيمانه پڻ واضح ٿيا آهن.

جهڙيءَ طرح فنڪار جي تخليق جو مقصد صرف ذات جو اظهار نه هوندو آهي، بلڪ اُن جو محرڪ انسان ذات جي ڀلائي، اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ جو ڪونه ڪو جذبو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ناول نگاريءَ جو هميشه کان وٺي مقصد، معاشري جي بهتري رهيو آهي. آزاديءَ بعد تعميري دور جي اوائل ۾ غلط رسمن جي عڪاسي ڪئي وئي يا وري ظلمن ۽ ڏاڍاين جي برخلاف، مظلومن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ وري سنڌي ناولن ۾ اڪثر انساني ۽ جمهوري حقن جي طلب جو شدت سان اظهار ڪيو ويو.

هن دور جي لکيل ناولن جي موضوع تي آزاديءَ ۽ بيداريءَ واريءَ سياسي تحريڪ ۽ قومي اصلاح تي خاص توجهه ڏنو ويو. هن دور ۾ تاريخي احوال، معاشي، معاشرتي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن کي سڌارڻ ناول جا خاص موضوع هئا. هن دور جي موضوعن بابت ڊاڪٽر نجم عباسي لکي ٿو ته:

”هن دور ۾ ناولن جي وڏي اهميت ٿي وئي آهي. هن دور جي ناول ۾ ڪوبه ڀنگتي، راڄنيتي يا جيون جو ڪهڙو به مسئلو بنياد کان بلنديءَ تائين بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو ۽ اُن جو ڇيد ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح ان باري ۾ پڙهندڙ جي ذهن تي، ويچار، صاف، چٽا ۽ پختا ويهاري سگهجن ٿا ۽ عمل جي چاٻي ڏيئي سگهي ٿي. لکندڙ کي لکڻ جو ويڪرو ۽ آجو ميدان ملي وڃي ٿو. هو ان ناول جي مرڪزي موضوع تي جو



ڪجهه هن جي من ۽ ذهن ۾ آهي، سو پني تي اوتي سگهي ٿو.“(44)

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي راءِ موجب، سماجي يا زندگيءَ جو ڪو به پهلو ناول جو موضوع ٿي سگهي ٿو، جيڪو ناول نگاريءَ جي سهڻي طريقي سان عام پڙهندڙن جي ذهن کي اثر انداز ڪري سگهي.

ورهاڱي کان پوءِ نمايان رجحان،سماجي حقيقت نگاري ۽ طبقاتي شعور پيدا ڪرڻ آهي، جيڪو اصل ترقي پسند ادبي جماعت جو حقيقي مقصد آهي. ان ڪري حقيقت نگاريءَ (Realism) جو هڪ نئون انداز پيدا ٿيو، جنهن ۾ ادبي تخليق ۾ موجوده ناول نگاريءَ، انسان جي لطيف احساس، خواهشن ۽ امنگن کي، تلخ حقيقي واقعن ۾ بيان ڪيو.

هن دور جا ناول نگار جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه نظام کي هر برائيءَ جو ذميوار سمجهن ٿا. هنن، پنهنجن ڪن تخليقن ۾ واقعات سان گڏ، ڪردارن جي نفسياتي رخ کي سهڻي انداز ۾ چٽيو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته موجوده ناول جي موضوعن جو دائرو ايڏو ته وسيع آهي، جو ان ۾ هر قسم جي تجربن جي ڪپت آهي ۽ فنڪاريءَ ۾ به مختلف تجربا ڪيا ويا آهن. هن دور ۾ سنڌي ناول نگارن، سنڌي زبان جي ناولن جي هر موضوع ۽ هر تحريڪ کي پنهنجو مقصد بڻائي، پنهنجيءَ قوم کي جهالت ۽ انڌيري کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر قاضي خادم، ناول جي موضوع جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار کي صرف ذات نه، پر ڏانوَ جي به ضرورت آهي. هن کي پنهنجي قصي ۾ پيش ايندڙ واقعات جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. ملڪي رسمن، رواجن، عادتن ۽ خصلتن جي مڪمل معلومات هجڻ ضروري آهي. معاشري جي جنهن رخ کي واضح ڪرڻو هجي ته ان جي ننڍين ننڍين تفصيلن جي، ڄاڻ هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هر سال هزارين ناول ڇپجن ٿا، جيڪي دلچسپيءَ سان به پڙهيا وڃن ٿا، پر انهن کي ڪا مستقل حيثيت حاصل نه ٿي ٿئي. ڪي چند ناول اهڙا ڇپجن ٿا، جيڪي انساني سڀاءُ جي حقيقي تصوير چٽين ٿا.“(45)

جديد دور جي ادب ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جي ڪري انسان جي چوڌاري، جيڪي تڪڙيون تبديليون آيون آهن، تن انسان جي سوچ، ويچار، فڪر ۽ وهنوار ۾ ڪافي ڦيرو آندو آهي. سائنس انساني زندگيءَ ۾ نئين سوچن جا دائرا وسيع ڪيا آهن، جن ۾ انساني زندگيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم، جوابدارين ۽ ذميوارين ۾ جيڪو ڦيرو اچي ويو آهي، اهي نيون حالتون، هڪ نئين انسان کي گهڙي رهيون آهن. هو جيڪي ڪجهه خلقي ٿو، تنهن کي اسين نئون ادب چئون ٿا. ناول به ان نئين ادب جو هڪ روپ آهي. هڪ تصوير آهي. اهو ان نئين شخص جي شعور جو ئي خلقيل ادب آهي ۽ اهو ادب،

انسان ڪي تيستائين سمجهه ۾ نه ايندو، جيستائين ان انسان، ان نئين شخص ڪي سمجهيو نه آهي. اهو نئون ٺهندڙ شخص، روايتي زندگيءَ جي، انساني قدرن سان وڙهي رهيو آهي. اهي انساني قدر، سندس خواهشن ڪي نئين ماحول ۾ نئين فضا مان، سندس شعور قبول نٿو ڪري. انهيءَ ڪري اڄ جو هر ذهين ۽ حساس شخص بيچين آهي. اها بيچيني جيتري يورپ جي شخص جي آهي، اوتري ئي هتي جي شخص جي آهي. اتان ئي جديد شعور جي شروعات ٿئي ٿي.

اڄوڪي افراتفريءَ واري دور ۾ انسان جي انفرادي حيثيت گم ٿيندي پئي وڃي. گذريل ڪجهه وقت کان جيڪي حالتون پيدا ٿيون آهن، انهن جذباتي ۽ ذهين شخص کي پريشان ڪري وڌو آهي. اهو جذباتي شخص سماج کان ڪٽجي، بيگانو ۽ اجنبي بڻجي ويو آهي. هو اڪيلي پڻي يا تنهائيءَ جي احساس جي ڪري، جيئري ئي مري رهيو آهي. هو پنهنجي ذاتي خواهشن مطابق زندگي گذاري نٿو سگهي ۽ انهيءَ حالت ۾ زندگي گذارڻ سندس وس ۾ نه رهيو آهي ۽ مرڻ جي به آزادي وٽس ڪونهي.

انهيءَ ڪري نئين ناول ۾ زندگيءَ کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو نظريو بدلجي وڃي ٿو، يا نئين سچ جي جيڪڏهن ڪوجنا ڪجي ٿي ته اظهار جو ڍنگ خودبخود بدلجي وڃي ٿو. نئين ناول، غير سماجي خواهشن، سيڪس جي آزاديءَ ڏانهن لاڙو، ڪٽنب جي بدليل معنيٰ ۾ ايثار، شادي شده زندگيءَ جو نئون روپ، نااميدي، شهري زندگيءَ ۾ بوريت ۽ بي سلامتيءَ ۽ بي اعتمادي وغيره ڪيترائي نوان موضوع آهن، جن کي هن دور جي ناول نويسن پنهنجي ناولن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جديد دور جي جن ٿورن ناولن نگارن، جديد شعور کي پنهنجن ناولن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن ۾ آغا سليم، غلام نبي مغل، لعل پشپ، موتي لعل جوتواڻي، پرم ابيچنداڻي ۽ آنند ڪيماڻي وغيره جا ناول شامل آهن.

مطلب ته هن دور ۾ سنڌي ناولن ۾ بيشمار موضوع اچي وڃن ٿا. مثلاً: ڪن ناولن جو مواد سماج مان ورتو ويو آهي، ته ڪن ناولن ۾ وري طبقاتي ڪشمڪش پيش ڪيل آهي. ڪن ناولن ۾ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ تي روشني وڌي وئي آهي، ته ڪن ناولن ۾ ڪٽنبن جي باهمي رقابت يا وري خاندان جي فردن جي باري ۾، جن ۾ ڪي اعليٰ ڪردار جا مالڪ آهن، ته ڪي وري بدڪردار آهن. ڪن ناولن ۾ وري حسن ۽ عشق جا قصا بيان ڪيل آهن ته ڪن ناولن ۾ وري ڪنهن عهد يا دور جي عڪاسي ڪيل آهي، ته ڪن ناولن ۾ وري ڪردارن جي زندگيءَ جي مختلف روين ۽ انهن جي سوچ، انهن جي ذاتي زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل آهي، ته ڪٿي وري تفريحي ۽ جاسوسي واقعا پيش ڪيا ويا آهن. ڪن ناولن ۾ جنسيات واري موضوع کي پيش ڪيو ويو آهي، ته ڪن ۾ وجوديت جي نظريي کي؛ ڪن ناولن ۾ قوميت جو نظريو پيش ڪيل



آهي، ته ڪن ۾ طبقاتي شعور، ته ڪن ۾ سماجي حقيقت نگاري پيش ڪيل آهي، ته ڪن ناولن ۾ وري سماجي شعور، سرمائيداري ۽ ڪن ناولن ۾ رومانوي پهلو پيش ڪيل آهن.

حاصل مطلب ته سنڌي زبان ۾ لکيل ناول، ادب جي سڀني فلسفن ۽ نظرين جي ترجماني ڪن ٿا، جن جي باري ۾ وضاحت سان ۽ مثالن ذريعي اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

## ببليو گرافي


1. آڪسفورڊ ڊڪشنري آف گريٽ برٽن، لنڊن، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 1951
2. اينسائيڪلوپيڊيا آف آمريڪانا ڪارپوريشن، نيويارڪ، 1955
3. گيواني بئڪشينو ۽ ڊيڪامران، ايضاً
4. Walter Scott, Sir, Aspect of Novel, England, 1996
5. Marison F. Craford, An Introduction to the study of Novel and People
6. اينسائيڪلوپيڊيا آف برٽنيڪا، لنڊن، 1980
7. نيو انگلش ڊڪشنري آف انگلش لئنگئيج
8. ايضاً
9. ڊبليو – اي- ولئيمس، ايضاً
10. فاڪس، ايضاً
11. جڳديش لڇاڻي: اپنياس ۽ سنڌي اپنياس، الهاس نگر، وينا پبليڪيشن 1982
12. عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، زيب ادبي مرڪز 1983
13. ڪلداريو حوالو نمبر 8
14. قاضي خادم، ڊاڪٽر: درد جي خوشبو، پيش لفظ حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1986ع
15. عبدالحق خان: پاڪستان ۾ اردو ناول، شعبه اردو، جامع سنده، 1968
16. ايضاً
17. ڏسو حوالو نمبر 6
18. ڏسو حوالو نمبر 12
19. شلپ حوالو نمبر 11
20. حوالو نمبر 12
21. موپاسان حوالو نمبر 11
22. گمائل بيلي حوالو نمبر 11
23. ايضاً
24. عبدالحق خان: پاڪستان ۾ اردوناول، شعبه اردو، جامع سنده، 1968
25. ريڪس وارنر، ايضاً
26. وقار عظيم: داستان کان افساني تڪ، ڪراچي، اردو اڪيڊمي، سنه 1960ع
27. پناڻ غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص 130.
28. ابوالليث صديقي، ڊاڪٽر: ناول فني نقطه نگاهه کان، ڪراچي، نگار پاڪستان 1966ع
29. ورجينا وولف، حوالو ايضاً
30. راڌا ڪرشن، ڊاڪٽر: حوالو ايضاً
31. ظفر اقبال، ڊاڪٽر: اردو مين تاريخ نويسي: ڪراچي، ذڪي سنز، 1966ع





32. سيد عابد علي، عابد، پروفيسر: اسلوب مجلس ترقي ادب، لاهور، اردو بازار، 1966ع
33. ايضاً
34. ڏسو حوالو نمبر 11
35. ڏسو حوالو نمبر 26
36. ڏسو حوالو نمبر 27
37. احتشام حسين، ڊاڪٽر: ادب اور سماج، بمبئي، ڪتاب پبليڪيشن لميٽيڊ 1948ع
83. Robert Liddel, A treatise on the Novel, 5th edition London, Janathan Cape, Tirty Beadford Square, 1958u, p.34
39. پمپاڻي، نارائڻداس، پروفيسر: پاپ ۽ پاڪيزگي، حيدرآباد ڪرائون پرنٽنگ پريس، 1945ع، ص الف
40. شهواڻي، غلام محمد: ادبي اصول، حيدرآباد، آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس، 63-1962ع، ص 10
41. ڏسو حوالو نمبر 27
42. انور الحسن هاشمي، ڊاڪٽر: ڪراچي، الڪتاب، آرام باغ، 1948ع، ص 38
43. ڏسو حوالو نمبر 27
44. نجم عباسي، ڊاڪٽر: بلنديون (ناول)، پيش لفظ، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1986ع
45. ڏسو حوالو نمبر 14

## 4. پلاٽ ۽ سنڌي ناول:

ڪنهن به ناول نگار جي تخليق جي فني معيار کي پرکڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته ان جي لکيل ناول جي فني نقطن کي نمايان ڪيو وڃي. ناول هڪ طرف زندگيءَ جي تصوير هوندو آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، ته وري ٻئي طرف ان ۾ فڪري انداز به هوندو آهي. جيڪڏهن ان ۾ زندگيءَ جا اهم واقعا هوندا آهن ته وري انهن واقعن لاءِ مناسب ڪردار به تخليق ڪيا ويندا آهن ۽ انهن ڪردارن ۾ ذهني ۽ جذباتي ٽڪراءُ به هوندو آهي. ان ٽڪراءَ مان ڪو نتيجو به نڪرندو آهي. نقادن هڪ ڪامياب ناول جا جيڪي حصا يا عنصر مقرر ڪيا آهن، اهي آهن: (i) پلاٽ، (ii) ڪردار، (iii) مڪالمه، (iv) منظر نگاري ۽ (v) واقعا نگاري.

ڪن ماهرن وري انهن ۾ ٽن وڌيڪ عنصرن جو اضافو ڪيو آهي، اهي آهن: (i) زمان ۽ مڪان، (ii) نظريه حيات ۽ (iii) اسلوبِ بيان.

سڀ کان پهرين پلاٽ جي باري ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي، جو دراصل ناول لاءِ اهم هوندو آهي. ڪنهن به ناول، افساني، ڪهاڻيءَ يا ناٽڪ لاءِ پلاٽ جو هجڻ تمام ضروري آهي. ڪن واقعن کي مناسب ترتيب ۽ تنظيم يعني رٿا سان پيش ڪرڻ واري عنصر کي ’پلاٽ‘ چئبو آهي.

پلاٽ، ڪنهن به ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هوندي آهي. اها رٿا جيڪا ان ڪهاڻيءَ جي بيان جي سلسلي کي قائم رکندي آهي. هڪ طرف، اها ناول نگار جي مقصد کي ڪامياب بنائيندي آهي، ته ٻئي طرف، ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي، رٿيل دائري اندر بيان ڪندي آهي. اها رٿا ناول نگار، پنهنجي ذهن ۾ ناول لکڻ کان اڳ ۾ تيار ڪندو آهي ۽ ناول لکڻ وقت هو رڳو، انهن سوچيل، واقعن کي سلسليوار ۽ رٿا موجب بيان ڪندو ويندو آهي. انهن واقعن جو سلسليوار بيان يا تسلسل، ڪردارن جي چرپر يا تحريڪ ۽ عمل تي مدار رکندو آهي. اهڙيءَ طرح پلاٽ کي هڪ رٿيل منصوبي يا سوچ جو بيان يا وضاحت آهي، جنهن جو عمل، ڪردارن کان ڪرايو ويندو آهي.

ناول نگار پنهنجي ناول ۾، پنهنجا خيال يا نظريه حيات (نظريو) پيش ڪرڻ چاهيندو آهي. ان لاءِ هو مناسب واقعن کي تشڪيل ڏيئي بنيادي نظريي تحت، انهن واقعن جو انتها تائين تسلسل قائم رکندو آهي. اهڙيءَ طرح اهو قصو يا ڪهاڻي مڪمل ٿي ويندي آهي، پر هو ان ۾ هن ڳالهه جو خاص طور خيال رکندو آهي ته انهن واقعن جي تسلسل ۾ ڪٿي به رڪاوٽ نه اچي، يا ڪٿي به پڙهندڙ کي اهو محسوس نه ٿئي ته اها ڳالهه هن واقعي جي خلاف آهي،



يا پڙهندڙ اهو سوچي ته هيءَ ڳالهه وچ ۾ ڪٿان آئي ۽ ڪيئن آئي؟

ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ائين هجي، جو هر واقعو، حالتن جي منطقي نتيجي مطابق معلوم ٿئي. واقعن جي چونڊ ۾ به پلاٽ اهم حيثيت رکي ٿو، ڇو ته هت ناول نگار جي اهائي وڏي خوبي آهي ته هو اهڙا واقعا چونڊي، بيان ڪري، جيڪي پڙهندڙ جي دل تي اثر ڪن ۽ قصي ۾ به دلچسپي پيدا ڪن، ۽ پلاٽ جي وحدت تي به اثرانداز نه ٿين. پلاٽ جي وحدت لاءِ ضروري آهي ته، ڪو به اهڙو واقعو پيش نه ڪيو وڃي، جو پلاٽ جي تاثر تي اثرانداز ٿئي، جنهن جو مرڪزي قصي سان به ڪو واسطو نه هجي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته پڙهندڙ جو ذهن اصل قصي کان هٽي ويندو ۽ انهن اضافي واقفن ڏانهن هليو ويندو، جن جي ڪري پلاٽ جي مجموعي تاثر تي غلط اثر پئجي سگهي ٿو.

ليڪن اڄڪلهه انهن ڳالهين جو خيال نٿو رکيو وڃي ۽ ڪيترائي اهڙا واقعا به بيان ڪيا ويا آهن، جن جو مرڪزي قصي سان ڪو واسطو ئي نه هوندو آهي، پر ان جي بيان ۾ هڪ خاص اسلوب يا حسن بيانيءَ کان ڪم ورتو ويندو آهي، جنهن جي ڪري اهو اسلوب، پلاٽ تي اثرانداز ٿيڻ جي بدران، ناول ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪري ٿو. انهيءَ جو اهو به سبب ٿي سگهي ٿو ته، انساني ذهن مسلسل، ڪنهن به هڪ شيءِ کي گهڻي عرصي تائين قبول نٿو ڪري ۽ اهي ضروري واقعا هن جي ذهن کي ڪجهه وقت لاءِ، اصل موضوع کان هٽائي، ڪنهن ٻئي طرف متوجهه ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ذهن ۾ ڪجهه تازگي اچي وڃي ٿي، ۽ پوءِ اُهي ئي واقعا واپس اصل قصي طرف اچن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح پلاٽ ۾ هڪ قسم جي خوبصورتي ۽ دلچسپي وارو عنصر پيدا ٿئي ٿو.

پلاٽ جي هڪ ٻي خصوصيت، ان جي پيچيدگي هوندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن هڪ ئي قصي کي سادي سودي طريقي سان بيان ڪيو ويو ته اُن ۾ دلڪشي يا دلچسپي پيدا نه ٿيندي، دلچسپي اهڙي قصي ۾ هوندي آهي، جنهن ۾ داخلي ۽ خارجي ڪشمڪش سان زندگيءَ جا واقعا به بيان ڪيل هجن.

مختلف هنڌن تي حادثا، قدرتي آفتون، پنهنجن سان جهيڙا جهڳڙا، حسد ۽ ٻين سياسي، معاشرتي، تهذيبي واقعن جي اثر ڪري، قصي ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهجي ٿي، ڇو ته پڙهندڙ نهايت ئي بيچينيءَ سان انهن واقعن جي نتيجن جو منتظر هوندو آهي.

پلاٽ ڪنهن به ناول جي پوري خاڪي جي تڪميل جو راز به هوندو آهي. اهڙو پلاٽ، ڪهاڻيءَ جي خاڪي جي مڪمل ٿيڻ تائين ظاهر ڪرڻ نه ڏيندو آهي ۽ جڏهن به اهو راز ظاهر ٿئي ٿو، تڏهن ڪهاڻي جي اهميت ختم

ٿي وڃي ٿي. اهو ئي راز ناول نگار مخفي رکندو آهي، جنهن لاءِ پڙهندڙ پنهنجو ذهن، دل ۽ دماغ ڪهاڻيءَ سان ٻڌل رکندا آهن.

مٿي چيو ويو آهي ته ناول نگار، ڪهاڻي لکڻ ڪان اڳ، پهرين پلاٽ تي سوچيندو آهي ۽ پلاٽ جي سوچ ڪان پوءِ ئي هو، ڪهاڻيءَ جو خاڪو تيار ڪندو آهي. خاڪي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، واقعن ۽ انهن جي تسلسل کي، ڪردارن جي عمل سان پيش ڪندو ويندو آهي. يعني ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ ڪردارن جو عمل گڏجي، ڪهاڻيءَ جي خاڪي جي تڪميل ڪن ٿا. ناول نگار جو اصل مقصد پلاٽ ئي هوندو آهي ۽ ان مقصد جو عمل، ڪردارن جي ذريعي ڏيکاريو ويندو آهي، ۽ ڪردارن جي عمل جو سلسلو ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ ئي ٺاهي ٿو.

پلاٽ ڪردارن جي عمل تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري ڪردارن جي عمل کي پيش ڪندي، ناول نگار کي جذباتي نه ٿيڻ کپي، جيڪڏهن ناول نگار، پنهنجي جوش ۽ جذباتي اثر هيٺ آيو ته پوءِ ڪهاڻيءَ جي خاڪي ۽ پلاٽ جون حدون ٽٽي پوندون، ڪردارن جي شخصيت ۽ انهن جي عمل جي دائري کي فني اصولن ڪان ٻاهر ڪڍي ويندو، جنهن ڪري ڪهاڻيءَ جو ايڪو (اتحاد) يا تسلسل ٽٽي پوندو. ان ڪري ناول نگار لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجن ڪردارن جي شخصيت کي، ڪهاڻيءَ جي خاڪي ۽ پلاٽ جي مدد سان پيش ڪري. هن لاءِ لازمي آهي ته انهن سڀني تي پنهنجو قبضو رکي ۽ شخصيت کي فن جي دائري ۾ قابو ڪري، ڪهاڻيءَ جو اتحاد قائم رکي. علي عباس حسيني پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ناول اهو آهي، جنهن ۾ پلاٽ تي زور ڏنو ويو هجي.“(1)

اهڙيءَ طرح اِي-ايم فاسٽر (E.M. Foster) پنهنجي ڪتاب 'Aspects of Novel' ۾ لکي ٿو ته:

”پلاٽ اهو آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ مان اپري ٿو.“(2)

پر اهو (پلاٽ) ڪهاڻي نه هوندو آهي. ڪنهن به ناول جو پلاٽ نه رڳو ڪهاڻيءَ کي اهميت ڏئي ٿو، پر ناول کي اعليٰ پڙ بنائي ٿو. ڪنهن به ناول جو پلاٽ، ناول جو ڪو جز نه هوندو آهي، پر ڪهاڻي انهن جزن جو نالو آهي، جيڪي بنيادي آهن ۽ جن مان پلاٽ تعمير ڪيو ويندو آهي. آسٽن وان (Austin Warren) ۽ ريني ويلڪ (Rene Wellek)، ٿيوري آف لٽريچر 'Theory of Literature' ۾ رايو ڏيندي لکن ٿا ته:

”ناول جي ڪهاڻيءَ جي بناوت کي رسمي طور ناول جو پلاٽ چيو وڃي ٿو.“(3)

افسانوي ادب ۾، افسانوي زندگيون پلاٽ تحت پيش ڪيون وينديون آهن. اُهي حقيقي زندگيون نه هونديون آهن. انهيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين



پٺاڻ هيئن ٿو لکي:

”ناول جي پلاٽ تحت، زندگي ناول نگار جي هٿ ۾ هوندي آهي، جيڪا فن جي اصولن جي دائري ڪان ٻاهر عمل نه ڪري سگهندي آهي. هيءَ زندگي تمام تيز رفتار هوندي آهي، جيڪا هر موڙ تي رٿيل حالتن ۽ واقعن تان گذرندي ويندي آهي. هن زندگيءَ کي، ناول نگار جي خيالن جو پابند رهڻو پوندو آهي. سندس هر عمل فطري نه، پر ان ارادي تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو ارادو فنڪار ڪري ٿو. هي تفڪر تحت جڙنديون آهن. حقيقي زندگيءَ ۾ ڪابه منزل چاتل سچاتل نه هوندي آهي ۽ هر منزل فطري انداز ۾ پيش ايندي آهي. هن جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميابيون اوچتو ايندڀون آهن، پر رٿيل زندگين جي ڪاميابي يا ناڪاميابي، فنڪار جي ذهن ۾ اڳي ئي هوندي آهي، جنهن جي نتيجي کي آخر ۾ آندو ويندو آهي. ناول نگار پنهنجي ڪماليت سان انهيءَ نتيجي کي ڳجهو رکي ٿو ۽ انهي راز کي آخر ۾ ظاهر ڪري ٿو.“(4)

اهو راز ناول نگار مخفي رکندو آهي، جنهن لاءِ پڙهندڙ جو ذهن ۽ اُن جي دل، ڪهاڻيءَ سان ٻڌل رکندو آهي. ناول نگار، ڪهاڻي لکڻ ڪان پهرين، پلاٽ تي سوچي ٿو ۽ پلاٽ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ئي ڪهاڻيءَ جو خاڪو تيار ڪري ٿو. خاڪي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ واقعن ۽ انهن جي سلسلي کي ڪردارن جي عمل سان پيش ڪندو ويندو آهي. يعني ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ۽ ڪردارن جو عمل گڏجي، ڪهاڻيءَ جي خاڪي جي تڪميل ڪن ٿا. پلاٽ، ناول نگار جو مقصد هوندو آهي ۽ انهيءَ مقصد جو عمل ڪردار ڏيکاريندا آهن ۽ ڪردارن جي عمل جو سلسلو ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ ٺاهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ واقعاتي توڙي ڪرداري ٻنهي قسمن جي پلاٽن جا مثال موجود آهن ۽ سنڌيءَ ۾ اهڙا به سماجي ۽ نفسياتي ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ پلاٽ يا ته صرف ڪرداري آهن، يا وري مرڪب پلاٽ ۾ رٿيا ويا آهن. انهيءَ ڪان علاوه پلاٽ جا ٻيا قسم هي آهن:

### (i) سادو پلاٽ:

سادي پلاٽ جو مقصد آهي ته ڪنهن هڪ راز تي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ جوڙيل هجي، جنهن تي پوري ڪهاڻي ٻڌل هجي. هڪ سورمو ۽ هڪ سورمي هجي. ٻيا ڪردار انهن جي مدد لاءِ هجن. سنڌيءَ ۾ ’حليما‘ ۽ ’ٻُولي‘ سادي پلاٽ وارا ناول آهن.

### (ii) مرڪب پلاٽ:

مرڪب پلاٽ ان پلاٽ کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪان

وڏيک راز رکيل هجن ۽ اهي هڪٻئي سان لاڳاپيل هجن ۽ مرڪزي راز جي اهميت کي ظاهر ڪن، پر اهي مرڪزي ڪهاڻيءَ سان چڱيءَ طرح واسطو رکندا هجن يا ان سان جڙيل هجن. وليم هينري هڊسن (William Henry Hudson) پنهنجي ڪتاب 'An Introduction to Literature' ۾ مرڪب پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مرڪب پلاٽ اهو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪان وڏيک راز رکيا وڃن، جيڪي هڪ ٻئي ڪان مختلف هجن ۽ جن جي رٿا به جدا جدا هجي.“(5)

هو اڳتي لکي ٿو ته:

”مرڪب پلاٽ اهڙن ناولن ۾ ڏنا ويندا آهن، جن ۾ ٻه ڪهاڻيون گڏوگڏ هلنديون آهن، جن جو هڪ ٻئي سان واسطو هوندو آهي.“(6)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ انهيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مرڪب پلاٽ انهيءَ کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ هڪ ڪان وڏيک رازن تي ڪهاڻي رٿيل هجي.“(7)

مرڪب پلاٽ جي تاثر ۾ وحدت قائم رکڻ مشڪل ڪم هوندو آهي. ڪيترن ئي قصن کي اهڙيءَ طرح گڏ ڪرڻ، جو اهو هڪ ٻئي تي اثرانداز نه ٿين ۽ مرڪزي ڪهاڻيءَ سان به انهن جو رابطو هجي، ۽ اها مرڪزي ڪهاڻيءَ ڪان وڏيک به نه. انهيءَ جي تخليق جو مقصد صرف بنيادي ڪهاڻي جي تاثر ۾ وحدت پيدا ڪرڻ آهي. گوبند مالهيءَ جو ناول ’جيون ساٿي‘ هن قسم تي لکيل آهن.

**(iii) مربوط يا پختو پلاٽ:**

مربوط پختو پلاٽ (Organic Plot) ان کي چئبو آهي، جنهن جي رٿا ڪهاڻيءَ سان ٺهي اچي ۽ آخر تائين سڀ جزا، ان ۾ هڪ نظر اچن ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي جهول نظر نه اچي. نڪي ڪردارن جي عمل ۾، ڪهاڻيءَ جي رٿا جي لحاظ کان ڪا خامي پيدا ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح پوري رٿا، ابتدائي مقصد سان اتحاد ۾ رهڻ ڪري، ناول جي ڪهاڻيءَ جو مقصد پورو نظر ايندو. اهڙيءَ ڪهاڻيءَ جي پلاٽ کي پختي پلاٽ جي ڪهاڻي چيو ويندو آهي، پر جيڪڏهن ناول نگار جي خيالن ۾ ڪٿي به تبديلي آڻي ۽ ڪهاڻي بيان ڪندي، ڪٿي ترتيب ۾ به ڪمي پيشي ڪئي وئي، ته اهڙي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ مربوط نه هوندو ۽ اهڙي پلاٽ کي ’گهرگهلو‘ يا ’غير مربوط‘ (Loose plot) يا ڍلو پلاٽ چيو ويندو.



**(iv) بنا پلاٽ يا رٿا کان سواءِ ناول (Plotless novel):**

ويهين صديءَ جي ادب ۾ وڏي تبديلي اها آئي، جو يورپ جي هڪ گروپ، رٿا کان سواءِ (Plotless) ناول لکيا. هنن اهو سوچيو ته انساني زندگيءَ ۾ ڪوبه سسٽم يا ڪابه رٿا نه آهي، جنهن تي انسان بنا ڪنهن سوچڻ جي عمل ڪندو رهي ٿو. ناول ۾ اهائي رٿا شامل ڪئي وڃي. انهن ناول جي شروعات آمريڪي اديب ’ورجينا وولف‘، جرمن اديب ’ڪافڪا‘، ’جيمس جوائس‘ ۽ ’البرٽ ڪامئو‘ ڪئي. اڄڪلهه اهو ئي مقبول ۽ ڪامياب اديب آهي جنهن جو بنا پلاٽ (Plotless) ادب آهي.

رٿا کان سواءِ يعني Plotless ناول ۾، ليکڪ لاءِ تجربن جو لامحدود ميدان ٺاهي ڇڏي ٿو ۽ ليکڪ پاڻ کي فني پابندين ۾ جڪڙيل محسوس نٿو ڪري. اهڙا ناول خيالن جي ڪڙيءَ ڪڙيءَ (Association ideas) جي آڌار تي رکيا ويندا آهن. اهڙن ناولن ۾ ليکڪ پنهنجن خيالن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ، ڪهاڻي رٿي ٿو، جنهن ۾ نه ڪردار جو هڪٻئي سان ڪو تعلق رهي ٿو ۽ نه ئي وري واقعن جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو هوندو آهي، پر فقط گفتگو جي آڌار تي هڪ ڪهاڻي رٿي ويندي آهي، جنهن ۾ تبليغي انداز ۾ مقصد کي نباهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اهڙن ناولن کي اگر تبليغي ناول چئجي ته بهتر ٿيندو. ڇو ته انهن ۾ واقعن ۽ ڪردارن جو اتحاد نه هوندو آهي، صرف خيال پيش ڪيا ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جو ناول ’زوال‘، آغا سليم جو ناول ’همه اوست‘، رام پنجواڻي جو ناول ’آهي نه آهي‘ ۽ ولي رام ولڀ جو ترجمو ڪيل ناول ’ڏاريو‘ هن طرز تي لکيل آهن.

ناول نويس جيڪي ڪجهه لکي ٿو، اهو هو ڪنهن مقصد سان، ڪنهن خاص نظريي جي تعليم ۽ تبليغ لاءِ ئي لکندو آهي، ليڪن هڪ فنڪار ۽ معمولي لکڻ واري ۾ فرق صرف اهو آهي ته، عام لکڻ وارو پنهنجي مقصد کي واضح ڪري ڇڏي ٿو. سندس تصنيف صرف تبليغ ۽ پروپئگنڊا ٿي وڃي ٿي، پر هڪ فنڪار جيڪي اثر پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، انهن کي هو واقعن جي بياني ترتيب سان حاصل ڪري ٿو، پر هو پروپئگنڊا نٿو ڪري؛ هو خواهه مخواهه مصلح، ناصح ۽ منصف بڻجي، پنهنجي راءِ ٻين تي نٿو مڙهي؛ هو پڙهندڙ کي آهستي آهستي، ڳالهين ۾ يعني قصي ۾ لڳائي، پنهنجي رستي تي آڻي ٿو، ۽ هڪ غير محسوس طريقي سان خيالن ۾ تبديلي آڻي ٿو. مطلب ته ناول نگار جو مقصد تڏهن ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن ڪهاڻيءَ جي بيان ۾ تسلسل هوندو، واقعا، وقت ۽ جاءِ جي لحاظ کان صحيح پيش ڪيا ويا هوندا؛ ڪردارن جو عمل پنهنجي دائري اندر ڪيل هوندو، يعني ناول جي اها ترتيب جيڪا ناول نگار شروع ۾ پنهنجي مقصد کي نپائڻ لاءِ ذهن ۾ رکي ٿو، تنهن

جو نتيجو اهو ئي نڪري ٿو، جيڪو ناول نگار جو ابتدائي مقصد هوندو آهي. ناول جي ترتيب جو اهو لازمي نتيجو، ناول جو پلاٽ آهي.

ناول ۾ سڀ ڪردار، ناول نگار جي مقصد جي چوڌاري عمل ڪندا رهندا آهن، ۽ ڪردارن جي عمل لاءِ واقعن، ماحول، سماج، منظر، گفتگو، وقت ۽ جاءِ جو تصور، ناول نگار جي ذهن ۾ اڳ ئي هوندو آهي، جنهن کي هو بيان ڪندو ويندو آهي. هو پنهنجي بيان جي مدد سان انهن سڀني پهلوئن کي ملائي، اتحاد ۾ اهڙي انداز سان پيش ڪندو ويندو آهي جو سڀ هڪ ئي ڳالهه جا پهلو نظر ايندا آهن، ۽ اهو ئي ناول نگار جو مقصد يا مرڪزي خيال هوندو آهي، جنهن لاءِ هو ڪهاڻيءَ کي ترتيب ڏيندو آهي. تنهن ڪري ترتيب جي مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪو مقصد ساڳيو ٿيو ته پلاٽ پختو چيو ويندو ۽ جيڪڏهن مقصد ۾ ڪٿي به ڪا ڪمي نظر آئي ته ڪهاڻي بي ترتيب نظر ايندي ۽ پلاٽ ڍلو ٿي پوندو. ناول جي سڀني جزن جي اتحاد ۾ رهڻ سان جو راز ظاهر ٿئي ٿو، اهو پلاٽ آهي ۽ اهوئي راز ناول جي مقصد کي جنم ڏئي ٿو.

مطلب ته پلاٽ، واقعن جي انهيءَ خاڪي کي چون ٿا، جيڪو ناول نويس جي نظر ۾ شروع ڪان ئي رهي ٿو. قصي جون سڀئي دلچسپيون ان جي ترتيب تي مبني هونديون آهن. هن کي اها ڄاڻ هوندي آهي ته قصو ڪيئن لکجي، ۽ ماڻهن ۾ ڪيئن انهيءَ قصي لاءِ دلچسپي پيدا ڪجي. هنن کي اهو قصو اهڙيءَ طرح ٻڌائڻو آهي، جو اهو اثرانداز به ٿئي ۽ ان مان پڙهندڙ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ به ڪامياب ٿئي. سراج الحق ميمڻ پنهنجي ناول، ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘ جي پلاٽ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ڪڏهن ڪڏهن تاريخ پاڻ ورجائيندي آهي. سنڌ جي تاريخ به شايد پاڻ کي ورجايو آهي. تازين چونڊن ۾ سنڌين هڪڙو فيصلو ڏنو آهي، ان فيصلي کي سمجهڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه آهي. سنڌين وٽ نياڻي ست قرآن آهي. سنڌين وٽ هڪڙي ٻي به روايت آهي ته جيڪو سنڌن ٻنهه پنهنجو هجي، سو سنڌن پنهنجي حوالي سان بي گناهه ماريو وڃي، ان کي وسارڻ هنن جي وس کان ٻاهر آهي. هنن موهن جي دڙي جي ساک تي فيصلو ڪيو آهي. ان فيصلي جي صحيح يا غلط هجڻ جو سوال پڇڻ وارا تاريخ کي وساري ٿا ويهن. هو شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلال شهيد کي وساري ٿا ويهن. سنڌين جا فيصلا نتيجن کان بالاتر آهن. انهن کي جذباتي فيصلا سڏڻ به غلط آهن. اهي سپردگيءَ جا فيصلا آهن. اهي احساس جا فيصلا آهن، انهن فيصلن کي تاريخ تي چڙهي ڏيڻو آهي.“(8)

اهوئي سندس ناول جو پلاٽ آهي، جنهن تي هن هڪ مڪمل ناول لکيو آهي. اهڙو هڪ ٻيو مثال ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ناول ’لاش‘ مان ڏجي



ٿو، ته هن هڪ واقعي ڪان پوءِ متاثر ٿي لکيو:

”تهه سياري جي رات هئي.... هر طرف خاموشي هئي.... اوچتو موٽر جي بريڪ جي چيچاٽ... هڪ تيز رفتار موٽر ڪار بتيون گل ڪري وڃي رهي هئي. هڪ دردناڪ چيخ هئي.... فضا خاموش هئي... ٻاهر ڪَنَ ڦيرڻ سان معلوم ٿيو ته ڪو ڪنجهي رهيو آهي. هلڪي روشني واريءَ بتيءَ جي هيٺان، هڪ مڪان جي ڪنڌ وٽ، هڪ فقير رت جي تلاءَ ۾ تڙپي ۽ مدد لاءِ واجهائي رهيو آهي... هر فرد ننڊ جي خمار ۾ مخمور هو؛ هن مسڪين جي رنج و الم واري پر غم پڪار منهنجي بيوس دل کي مغموم ڪيو. غريب ۽ بيحال جي حالت مون کي پريشان ڪيو. اميرن جي مغروريءَ مون کي فڪر ۾ غلطان ڪيو. انقلاب جو مادو غريب جي جسم ۾ سمايل آهي. فقط وقت، تقاضا انهيءَ کي ٻاهر آڻڻ لاءِ ضروري آهي... انهن سرمائيدارن جي ظلم ۽ ستم جا پول پڌرا ڪندس.“(9)

انهيءَ واقعي کان متاثر ٿي سندس ذهن ۾ پلاٽ تيار ٿيو، جنهن تي پوءِ هي ناول لکيائين.

حاصل مطلب ته پلاٽ ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ سوچيل سمجهيل رٿا هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جي بيان جي سلسلي کي قائم رکندي آهي. هڪ طرف اها ناول نگار جي مقصد کي ڪامياب بنائي ٿي ته ٻئي طرف هو ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي رٿيل دائري اندر بيان ڪري ٿو. اها رٿا ناول نگار جي ذهن ۾ ناول لکڻ کان اڳ تيار هوندي آهي ۽ ناول لکڻ وقت، صرف انهن واقعن کي سلسليوار بيان ڪندو ويندو آهي ۽ اهو بيان ڪرڻ ڪردارن جي عمل تي مدار رکي ٿو.

## ببليو گرافي


1. علي عباس حسيني: ناول کي تاريخ و تنقيد، لکنو، انڊين بک ڊيپو
2. Foster, E.m., Aspects of Novel, England, Penguin Book Ltd., 1966, p. 157
3. Austin Warren & Rene Wellek, Theory of Literature, London, Jonathan Com: Thirty Bedford Square, 196, p.224
4. پنهور، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄامشورو، حوالو ڏنل آهي، 1982ع، ص 92
5. William Henry Hudson. An Introduction to the Literature,

London, George O. Harrap Co. Ltd., 1963, p.139

6. Ibid

7. ڏسو حوالو نمبر 4، ص 92

8. سراج الحق، ميمڻ: منهنجي دنيا هيڪل وياڪل، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاش (ناول) آر-ايچ- احمد ائنڊ برادرس، 1953ع



## 5. ڪهاڻي ۽ سنڌي ناول:

هن ڪان اڳ پلاٽ جي اهميت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ناول جي فني سٽا ۾ ڪهاڻيءَ کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، بلڪ اهو ڪڏي چئجي ته ناول جو دارومدار ڪهاڻيءَ تي ئي هوندو آهي.

قصه نويسيءَ جو فن تمام گهڻو پراڻو آهي، پر ان ۾ سماجي شعور جي گهٽتائي هئي. اهي قصا، زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪونه هئا. انهن قصن يا داستانن جو بنياد، فرض ۽ خيالي آکاڻيون هونديون هيون، جن ۾، جِن، پريون، ديوَ ۽ راڪاس مرڪزي ڪردار هوندا هئا. انهن ۾ مافوق الفطرت ڳالهين ۽ شين جو ذڪر هوندو هو. اهي سڀ وِندر ۽ ورونهن خاطر جوڙيا ويندا هئا. جڏهن مذهب ۽ اخلاقيات، سماجي شعور کي اڳتي وڌايو ۽ انساني زندگيءَ ۾ اخلاقي طاقت جي مداخلت ڏسڻ ۾ آئي، ته قصي نويسي، جادوءَ جي دنيا مان نڪري، اخلاقيات جي دنيا ۾ آئي. ان ڪري ان دور جا پوءِ جيڪي به قصا ملن ٿا، اهي رومانوي نه، پر تمثيلي هئا، جن ۾ انسان کي نيڪيءَ بديءَ، لالچ، حوص ۽ انصاف جا ڪردار ڏسڻ ۾ آيا. اهي ڪردار نالي ماتر عمل ڪندا نظر اچڻ لڳا. اهڙيءَ طرح انهن ۾ جيڪي واقعا پيش ٿيندا هئا، اُهي اخلاقي هوندا هئا، ڇاڪاڻ ته قصي جو مقصد اخلاقي سبق ئي هوندو هو.

انسان ۾ ڪهاڻي ٻڌڻ جو شوق فطري آهي، پوءِ ڇاهي ان ۾ ڪيترائي مافوق الفطرت عناصر ئي موجود هجن، پر هو هر قسم جي ڪهاڻي ٻڌڻ جو شوق رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو به انهيءَ ئي برادريءَ جو هڪ اهڙو فرد آهي، جنهن جا قصا هن کي ٻڌايا وڃن ٿا. انهيءَ ڪري ئي هو ڪڏهن اهو ٿو سوچي ته سڀ ڪجهه جيڪڏهن مٿس ئي گذري ته ڇا ٿيندو. هو ڪڏهن اهو به سوچي ٿو ته سندس اهي ساٿي بهادر به ٿين ٿا. هو انسان ذات سان جيڪي به ڪجهه وهي واپري يا ٿي گذري ٿو، ان کي ڏسي به ٿو ۽ انهن سان همدردي به ڪري ٿو. انسان تي جيڪي وڏيون مصيبتون نازل ٿين ٿيون، انهن جي مقابلي ۾ ننڍين مصيبتن جي باري ۾ سوچي، هو مطمئن ٿي وڃي ٿو. هو سوچيندو آهي ته انهن مصيبتن جي مقابلي ۾ سندس تڪليفون پوءِ به گهٽ آهن. انسان جو انهن ڪهاڻين ۾ دلچسپيءَ جو راز اهو ئي آهي، جو هو بني نوع انسان هئڻ جي حيثيت ۾ انساني ڪمن ۾ دلچسپي رکي ٿو.

شروعاتي ڪهاڻيون بلڪل ساديون هونديون هيون، پر پوءِ وقت گذرڻ سان، انسان جي سوچ ۾ اضافو ٿيندو ويو. جيئن جيئن انساني مسئلا پيچيده ٿيڻ لڳا، تيئن تيئن ڪهاڻين ۾ به پيچيدگي اچڻ لڳي. اوائلي ڪهاڻين جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيون آڳاٽي دور ۾ اُسريون ۽ ڪافي آڳاٽي وقت کان رائج هيون. اول جن شخصن تي جيڪي ٿي گذريو سو، انهن پنهنجن ساٿين سان بيان ڪيو، پوءِ سورمن جا ڪارناما وڏن، ننڍن کي ٻڌايا ۽ انهن پنهنجن اولاد کي سُڻايا، جيئن وقت وچان پوندو ويو تيئن حقيقتن تي حڪايتن جو رنگ چڙهندو ويو، تان جو حقيقي ڪشالا ۽ ڪارناما، قصا ۽ ڪهاڻيون بنجي ويا.“(1)

اسان جي معاشري جون اقتصادي، سياسي ۽ معاشرتي گهرجون، مختلف منزلن مان گذرنديون، ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتيون آهن. انهيءَ ڪري ڪهاڻين جا موضوع به بدلبا رهيا آهن. ڪهاڻيون به اڳتي هلي پيچيده لڪجڻ لڳيون.

هر روايتي ڪهاڻي ڪونه ڪو انساني سماجي پس منظر رکي ٿي، ليڪن ان کي مخصوص سماج يا ڪنهن خاص ملڪ جي تهذيب جو عڪس ٺهرائي نٿو سگهجي، بلڪ دنيا جون اڪثر ڪهاڻيون ٿوريءَ ڦيرگهير سان رائج رهيون آهن ۽ زماني سان گڏوگڏ هن فن به ترقي ڪئي آهي.

سائنس جي ترقي ڪرڻ سان، صنعتي انقلاب کان پوءِ هڪ مضبوط طبقو وجود ۾ آيو. بدلجندڙ سماج ۽ نئين تهذيب، ادب ۾ وڏيڪ تبديلي آندي ۽ انهن ادب ۾ هڪ نئين صنف، ’ناول‘ جي نالي سان آندي ۽ اهو ناول ماڻهن ۾ هڪدم مقبول ٿي ويو. هن صنف ۾ عام رواجي انسان يا سماج جي فردن کي ادب جو موضوع بنايو ويو. هن دور ۾ انهيءَ مضبوط طاقتور طبقي جي جدوجهد ۽ واردات جو نقشو ناول ۾ ملي ٿو. ڪيترن ئي سفيد پوش ماڻهن جي زندگين کي مثال بنائي ناول ۾ پيش ڪيو ويو.

ناول ۾ ڪهاڻي ڇا کي ٿو چئجي؟ ان لاءِ ماهرن جدا جدا رايا ڏنا آهن، پر مقصد سڀني جو ساڳيو ئي آهي. هينري جيمس (Henry James) پنهنجي ڪتاب 'The House of Fiction' ۾ ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو:

”ناول ۾ ڪهاڻيءَ کي سڀ ڪجهه سمجهيو وڃي ٿو.“(2)

اِي- ايم فاسٽر (E.M. Foster)، پنهنجي ڪتاب 'Aspect of the Novel' ۾ لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيءَ کي، ناول جي ڍنيءَ جو ڪنڊو چئي سگهجي ٿو.“(3)

ساڳيو مصنف ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”ناول ۾ ڪهاڻيءَ کي سڀ ڪجهه، سمجهيو وڃي ٿو.“(4)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به پنهنجي ڪتاب ’لوڪ ڪهاڻيون‘ ۾، ڪهاڻيءَ جي صنف تي روشني وڌي آهي. هو لکي ٿو ته:

”ڪهاڻي هڪ ڳالهه آهي، انهيءَ ڪري هر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پوري ڳالهه جو هئڻ ضروري آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪوبه ذڪر هڪ بيان ٿي سگهي ٿو،



پر انهيءَ کي ڪهاڻي نه چئبو.“(5)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ڪهاڻيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل ڳالهه ابتدا کان آخر تائين سڀني سببن سان گڏ بيان ڪيل هجي، انهيءَ ۾ سلسلو پوري طرح رکيل هجي ته جيئن ڪهاڻي ٽٽل ۽ اڌوري معلوم نه ٿئي.“(6)

بهرحال زندگيءَ جي سلسليوار يا مسلسل ۽ متواتر بيان کي ڪهاڻي چئجي ٿو، پوءِ اهو فرضي قصو هجي يا حقيقي، زندگيءَ جو اهو سلسلو ٻالڪپڻ، جوانيءَ يا ٻڍاپڻ کان به شروع ٿي سگهي ٿو، پر ان ۾ ڳالهه جو مقصد پورو بيان ڪيل هجي. عبدالحق خان ’پاڪستان مين اردو ناول‘ ۾ لکي ٿو ته:

”قصو چوڻ يا لکڻ واري کي پنهنجي موضوع ۽ مقصد سان گهري وابستگي هئڻ گهرجي.“(7)

ڪهاڻيءَ ۾ زندگي جا حادثا ۽ واقعا تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. ڪابه ڳالهه جيڪا ڪهاڻيءَ جي واڌاري ۾ مدد ڏئي ٿي، ان کي ڪهاڻيءَ جو واقعو يا حادثو چيو وڃي ٿو. اصول موجب ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ هر واقعو اهڙو پيش ٿيل هجي، جيڪو انسانن کان ٿيڻ جهڙو هجي ۽ هر عمل انسانن جو ڪيل هجي. ڪهاڻيءَ جا موضوع به انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن ۽ واقعن مان چونڊيل هجن، جيڪي انسانن لاءِ رهبريءَ جو ڪم ڏين. ڪهاڻيءَ جو هر واقعو نصيحت آموز ۽ اصلاحي هئڻ گهرجي. مطلب ته ناول جي ڪهاڻيءَ جو مرڪز، ڪو انسان، ڪو جانور يا ٻيو ڪوبه ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ هن جي زندگيءَ جو سلسليوار بيان ڪيل هوندو آهي. اهو بيان زندگيءَ ۾ ايندڙ واقعن، حادثن ۽ حالتن سان ڀريل هوندو آهي، جيڪو حقيقي محسوس ٿيندو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل ڳالهه، ابتدا کان آخر تائين سڀني سببن سان گڏ ڪيل هوندي آهي ۽ انهيءَ ۾ سلسلو هوندو آهي. جيئن ڪهاڻي ڪٿي به نه ٽٽي، ۽ هڪ مڪمل ڪهاڻي هجي.

جڏهن سائنس جي ترقي ٿي، تڏهن انسان زندگيءَ کي گهري نظر سان جاچيندي، پنهنجي ماحول کي اخلاق جي بجاءِ واقعاتي ۽ نفسياتي نظرن سان ڏسڻ لڳو. جيئن جيئن انسانن ۾ شعور ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن ناول نويس جي ڪهاڻيءَ جي واقعن ۾ به وڌيڪ پيچيدگيون پيدا ٿينديون ويون ۽ ناول ۾ مڪمل ڪردار، گوناگون حالتن مان گذرندي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا، پوءِ عام رواجي قصي جي بجاءِ، سماجي، تاريخي ۽ انساني ذهن جو مڪمل تجزيو بڻجي ويو.

ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي زندگي جي عڪاسي کي اهم حيثيت هوندي آهي. ناول جي ذريعي سماجي زندگي ۽ سماج جا مسئلا، اسان جي سامهون

ايندا رهيا آهن. انهن سماجي مسئلن جي اظهار لاءِ، ناول کان وڌيڪ کو طريقو ايترو نمايان نه هو.

انگلستان ۽ فرانس جي ناول نگار، سماجي پهلوءَ کي وڌيڪ نمايان ڪيو، جنهن جي ڪري، اتي جي هر وڏي ناول نگار ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن خاص پهلوءَ کي اپنايو هو. جڏهن انساني شعور هزارين قسمن جي علمن جي ڪري، زندگيءَ کي هڪ عجيب پراسرار حقيقت وانگر ڏسڻ لڳو ته ناول نگاري به، انساني نفسيات کي گهرائين ۾ وٺي ۽ ان جي تبديلي ۽ ارتقا جا نقش پيش ڪرڻ لڳي.

ناول جي ڪهاڻيءَ ۾، ڪردارن جي سادي بيان ۾، زندگي پيش ڪيل هوندي آهي ۽ اهي هن جي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعا ۽ تجربا هوندا آهن. وقار عظيم پنهنجي ڪتاب، 'ڏاستان سي افسانيِ تڪ' ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار معلم حيات هوندو آهي، زندگيءَ کي ڏسڻ ۽ پرکڻ لاءِ هن وٽ هڪ مخصوص نظريو هوندو آهي. انهيءَ نظريي جي آڌار تي ئي هو قصي گوئيءَ جو سهارو وٺي ٿو ۽ اهڙن ڪردارن کي جنم ڏئي ٿو، جيڪي هميشه هميشه ذهن ۾ محفوظ رهن ٿا.“(8)

ناول نگار کي پنهنجي مقصد تي چڱيءَ طرح سوچڻ گهرجي. هن کي ان ماحول جي پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي، جنهن کي هو پنهنجي قصي جو پس منظر بنائي ٿو. قصي جي ڪردارن کي، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي ويجهو هئڻ باوجود، زندگيءَ جو حامل هئڻ گهرجي. ڪهاڻيءَ ۾ مڪالمن جي مدد سان دلچسپي پيدا ڪرڻي پوي ٿي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول نگار پهرين ڪهاڻيءَ جو خاڪو تيار ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ کي اثرائتي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي فن جي مدد سان تصور (Imaginaiton) جي رستي ترتيب ڏئي ٿو ۽ واقعن، ڪردارن، منظرن ۽ گفتگو ۾ روح ڦوڪي ٿو. بهرحال ڪهاڻيءَ ۾ هر ڪردار جو عمل، مرڪزي خيال ۾ ايترو ته جذب ٿيل هوندو آهي، جو پڙهندڙ ڪردارن جي دل ۽ دماغ جون حالتون معلوم ڪري، خود به هنن جي احساسن ۽ عملن ۾ شامل ٿئي ٿو.“(9)

ناول نگار لاءِ اهو ضروري آهي ته، هو پنهنجي انفرادي نظر سان معاشري کي ڏسي ۽ پنهنجي نظريي کي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪو مخصوص رنگ اختيار ڪري، جنهن جي ذريعي معاشرو هڪ تخليقي وجود اختيار ڪري ۽ دلڪشي ۽ دلچسپ محسوس ٿئي.

مطلب ته ناول نگار ناول جي پلاٽ تي سوچڻ کان پوءِ، پهرين ڪهاڻي تيار ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ کي اثرائتو بنائڻ لاءِ واقعن، ڪردارن، منظرن ۽ گفتگو جي ذريعي ناول کي ڪامياب ۽ عمدو بنائي ٿو، يعني ناول نگار جي



ڪهاڻيءَ جي بيان ڪرڻ ۾، ڳالهه ۾، پوريءَ طرح تسلسل قائم رکندو آهي. ان کان سواءِ ڪهاڻيءَ جي سلسليوار بيان سان موقعي ۽ محل جو به گهرو تعلق هوندو آهي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ واقعن کي پيش ڪندي، وقت جي دائري جو به خيال رکيو ويندو آهي، مرڪزي خيال ۽ مقصد تي به روشني وڌي ويندي آهي.

ناول نگار زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي. هو پنهنجي پرک سان هر زنده شخصيت مان مواد حاصل ڪري ٿو. هو زندگيءَ مان صرف اهو مواد حاصل ڪندو آهي، جيڪو سندس مقصد جو هوندو آهي. ناول، فن هجڻ جي ڪري زندگيءَ مان ئي اپري نڪري ٿو، پر هو حقيقي زندگي نه پر حقيقي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪري ٿو، يعني ناول نگار جيڪي ڪجهه انسان جي زندگيءَ مان حاصل ڪري ٿو ان کي هو هوبهو پيش نٿو ڪري، پر ان کي فن ۽ اصولن تحت آڻي ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول نگار جن آزمودن جي پرزن مان ڪهاڻي تيار ڪري ٿو، اُن کي هو پنهنجي ماحول مان چونڊي ٿو ۽ جيڪي شخصيتون انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ آڻي ٿو، سي هو پنهنجي معاشري ۾ ڏسي ٿو، هو جيڪي ڪجهه پرائي ٿو ۽ حاصل ڪري ٿو، سو سڀ سندس ماحول ۾ ئي هوندو آهي.“(10)

مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته، سنڌي ناولن ۾ ڪهاڻيون مختلف طريقن سان پيش ڪيون وڃن ٿيون. هڪ طريقو اهو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ئي ڳالهه ابتدا کان وٺي آخر تائين بيان ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ ۾ ناول نگار هڪ ئي واقعي يا تجربي کي پوريءَ ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪندوآهي، جنهن ۾ واقعو هڪ ئي هوندو آهي، پر ان سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي پهلوئن کي ملائي، هڪ ڪهاڻي تيار ڪندو آهي. سنڌيءَ ۾ ناول 'حليمان'، 'نوران' ۽ 'بُولي' وغيره ناولن جون ڪهاڻيون انهيءَ قسم جون ڪهاڻيون آهن. ٻئي قسم جي ناولن ۾ ڪهاڻين ۾ هڪ کان وڌيڪ ڳالهيون ۽ واقعا پيش ڪيل هوندا آهن، انهن جو تعلق مرڪزي خيال سان گهٽ هوندو آهي. اهڙن ناولن ۾ خاص طور تي موهن ڪلپنا ۽ گوبند مالهيءَ جا ناول ملن ٿا، جن ۾ ٻن ٻن يا ٽن ٽن جوڙن جون ڪهاڻيون پيش ڪيل هونديون آهن. ٽيون قسم ڪهاڻيءَ جو، جنهن ۾ صرف بيان ئي بيان هوندو آهي، جيڪو جديد ناولن ۾ خاص طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي.

ماڻڪ ۽ ٻيا نئين پيڙهيءَ جا سنڌي ليکڪ جيڪي جديد ادب جا علمبردار آهن ۽ انهن کي سنڌي هجڻ تي فخر به آهي، پنهنجي ناول، 'لڙهندڙ نسل' ۾، سنڌ جي انهيءَ نسل جي ڪهاڻي پيش ڪئي آهي، جيڪو پاڪستان جي آمريت پرست فوجي تاناشاهي نظام جي شڪنجي ۾ ڦاٿل، سنڌي عوام جي بيوس حالت، خاص طور تي سنڌ ۾ مهاجرن جي اچڻ سان سنڌين

جي گھٽجندڙ طاقت جي پيڙيندڙ احساس سبب آواز اٿاري رهيو آهي. هن ناول جي آڪاڻي هڪ اهڙي اعليٰ تعليم يافته مگر بيروزگار نوجوان جي ذهني سوچ، ۽ خيالن جي اِردگرد پيش ڪيل آهي، جيڪو پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ ڄائو آهي، پر سياسي چاپلوسي ۽ پاسخاطريءَ ۾ پنهنجي ئي ملڪ ۾ پنهنجن ئي سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن جو گواهه به آهي ۽ شڪار به ٿيل آهي. سنڌ جي موجوده سياسي، سماجي حالتن کي ماڻڪ هن طرح بيان ڪيو آهي:

”ڪيڏو انسان سان مذاق، جو ويهه سال! يعني هڪ نوجوان نسل جو ذهن هراس، ٻوساٽ، بي يقيني، رڳو نعري بازيءَ ۽ مارشل لا جي اثر هيٺ پرورش پاتي آهي. ذهن بند، زبان بند، جذبات مروٽيل، احساس ڪچليل، ڄنگهون جڪڙيل ۽ هينئر نيٺ ڇا ٿيندو!؟“(11)

هڪ ٻئي هنڌ به هن سنڌ جي حالت تي لکيو آهي ته:

”سنڌ جي مڊل ڪلاس مان سياسي ورڪر ۽ اڳواڻ گهٽ پيدا ٿيا آهن. شاعر، اديب، ايڊيٽر، انٽيليڪچوئل ڏاڍا! ڪاٿو ئي ڪونهي. سياست ۾ وري نعري باز، تقرير باز، يا پارٽ ٽائيم سياست ڪندڙ... بس ڪنهن حادثي مون کي سنڌ ڌرتيءَ تي، تاريخي وهڪري جي انهيءَ دور ۾ ڦٽو ڪيو آهي.... ۽ مون جهڙن ٻين انسانن کي به، هي تاريخي وهڪرو مون وانگر، هن هنڌ تي به گهلي اچي بيهاريندو. ٻيءَ حالت ۾ هو، ذهني طور ۽ اعصابي طور پيچاڙجي، چيچاڙجي، چچلجي چچلجي ناس ٿي ويندا.“(12)

گهڻو ڪري اڄڪلهه جي سنڌي نسل جي اهائي نئين سوچ آهي، جيڪا سنڌي ليکڪ ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ اڻ ڇٽيءَ، جذباتي ته ڪنهن فڪرانه، بيباڪ ۽ باغي بڻجي، پوري ۽ اڌوري سماجي، ثقافتي پس منظر ۽ زندگيءَ جي حوالن ۾ اپري اچي ٿي. مطلب ته موجوده جديد دور ۾ بين الاقوامي ادب جي اثر جي ڪري، سنڌي ناول جي ڪهاڻين ۾ جدت، نواڻ ۽ نوان موضوع شامل ڪرڻ، نئين سوچ ۽ نئين ٽيڪنڪ سان ناولن ۾ نواڻ آندي آهي.

## ببليو گرافي


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: لوڪ ڪهاڻيون، جلد 1، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ،





1987ع، مقدمو

2. Henry James: The House of Fiction, London, Mercury Book, 1962
3. Foster, E.M., Aspects of the Novel, England, Penguin Books, Ltd., 1966, p.31
4. Ibid
5. ڏسو حوالو نمبر 1، مقدمو
6. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 48
7. عبدالحق خان: پاڪستان مين اردو ناول، شعبه اردو، جامع سنده، 1968
8. وقار عظيم: ڏاِبنجاِلَ بندَ اِبنساِلَذ جڦ، ڦڏاِغي، اِڏڏو اِپيِڏلي، بنلڏو، 1960ع
9. ڏسو حوالو نمبر 6 ص 35
10. ايضاً
11. ماڻڪ: لڙهندڙ نسل (ناول)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1971ع
12. ايضاً: ص ص 79 ۽ 95

## 6. منظر نگاري ۽ سنڌي ناول:

ناول جي بنيادي عنصرن ۾ منظرنگاري به بنيادي اهميت رکي ٿي. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن جاءِ، ڪنهن هنڌ ۽ ڪنهن شي جو مقصد هوندو آهي ته، اتي ڪنهن ڪردار جو عمل ڏيکارجي ته جيئن اهو واقعو ۽ اهو عمل حقيقي ثابت ٿئي. انهيءَ ڪي ناول جي منظرنگاري سڏجي ٿو. ڪامياب ناول نگار جڏهن به ڪنهن مقام يا منظر جو بيان ڪري ٿو، تڏهن پڙهندڙ اهو منظر هوبهو سندس اکين سان محسوس ڪري ٿو. ڪنهن به منظر ڪي، ڪردارن جي فطرت، انهن جي جذبات ۽ سيرت سان اهڙي انداز سان پيش ڪجي، جو ناول جا واقعا، ڪردار ۽ منظر، حقيقي ۽ سچا معلوم ٿين. ناول نگار، ناول جي ڪهاڻي پيش ڪرڻ لاءِ، جدا جدا ڪردارن ڪي مختلف جاين تي ڏيکاري ٿو، جن تي مختلف وقتن ۾ اهي ڪردار پنهنجو عمل ڪندا آهن. اهو عمل هو مختلف ماحول ۽ مختلف مقامن تي ڪندي ڏيکاري ٿو، جنهن ڪي هو اهڙيءَ طرح پيش ڪري ٿو، جو اهي بلڪل فطري معلوم ٿين ٿا. پروفيسر عابد علي پنهنجي ڪتاب ’اصول انتقاديات‘ ۾ منظر نگاريءَ بابت لکي ٿو:

”منظرنگاريءَ جي ڪري زمان و مڪان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. وقت ۽ موسمن جو بيان، ڪمرن ۽ گهرن جا خاڪا، آبادين جا نقشا، ضرورت جو سامان، ميلا ملاڪڙا ۽ ناچ وغيره اکين جي آڏو نظر اچن ٿا.“(1)

ناول جي منظر نگاريءَ ۾ محل محلات، ميدان، بيابان، جبل، پهاڙ، درياءَ ۽ سمنڊ وغيره هر جاءِ جو منظر بيان ڪري سگهجي ٿو. ناول نگار ڪي گهرجي ته هو انهن شين جو بيان اهڙيءَ ته خوبصورتيءَ سان ڪري، جو انهن جي تصوير پڙهندڙ جي بلڪل سامهون اچي وڃي، ۽ اهي شيون انهيءَ خوبي سان سامهون اچن، جنهن خوبيءَ ڪي شاعريءَ ۾ محاڪات چيو وڃي ٿو. منظر نگاريءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”منظر نگاري ناول جي زيب ۽ زينت هوندي آهي. جيڪڏهن ناول ۾ منظر نگاري نه هوندي ته ان جي ڪهاڻي خشڪ معلوم ٿيندي. ناول ۾ منظر نگاري ائين آهي، جيئن هڪ پتليءَ ڪي ڪپڙا پهرائي، سينگاري، هوبهو انسان وانگر تيار ڪري پيش ڪري.“(2)

منظر نگاري اهڙيءَ طرح ته پيش ڪرڻ گهرجي، جو پڙهندڙ پاڻ ڪي اتي ئي بيٺل محسوس ڪري ۽ هن ڪي سچي ۽ فطرتي خوشي حاصل ٿئي. جيڪڏهن منظر ڪشي، خياليءَ جي بجاءِ، حقيقي واقعن تي مبني هوندي ته ان ۾ تاثر به وڌيڪ محسوس ڪبو ۽ جيڪڏهن منظرڪشيءَ دوران ناول نگار جي ذهن ۾ تاريخي ۽ جاگرافيائي معلومات هوندي، ته اها به پنهنجي بيان ۾ شامل



ڪرڻ سان منظر نگاري ۾ وڌيڪ خوبصورتي ۽ اصليت پيدا ٿيندي.

ناول ۾ ناول نگار، منظر ڪشي مختلف طريقن سان پيش ڪندو آهي. هو سماج ڪي مختلف ڪردارن جي سماجي ماحول ۽ سماجي حالتن ۾ پيش ڪندي، سماجي منظر پيش ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي قدرتي منظر پيش ڪري ٿو، ته ڪٿي هو تاريخي پس منظر بيان ڪري ٿو، جن ۾ مختلف دورن جي مختلف تاريخي جاين جڳهين جا نقش هوندا ته ڪٿي جنگ ۽ انقلاب وغيره جو منظر پيش ڪندو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ تاريخي منظر نگاريءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”منظر نگاري، تاريخي ناولن ۾ وڏي اهميت رکي ٿي، ڇو ته تاريخي ناولن ۾ ڪنهن خاص زماني جي ريتين رسمن، رواجن ڪي زنده ڪري پيش ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ڪم تاريخي ناولن ۾ منظرنگاري ادا ڪري ٿي. تاريخي ناولن ۾ انهيءَ وقت جون خوشيون، شادمانيون، سرگرميون، محلن ۽ محلاتن ۽ بازارن وغيره جا هوبهو منظر پيش ڪن ٿا، جن مان تاريخي ۽ ثقافتي معلومات حاصل ٿئي ٿي.“(3)

ناول نگار انهن منظرن ڪي ڪردارن جي معرفت پيش ڪندو آهي. ڪردارن جي عادتن، رهائشن ۽ ماحول ڪي سماج جي حالتن ۽ ماحول مطابق پيش ڪندو آهي. مثلاً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تاريخي ناول ’نورجهان‘ ۾، هڪ هنڌ صفحي 18 تي ڊاڪٽر صاحب هي منظر پيش ڪري ٿو:

”غياث بيگ، ملڪ مسعود سان گڏجي هڪ عاليشان گاڏيءَ ۾ چڙهي، دربار ڏانهن راهي ٿيو. ٻنهي ڪي نهايت عمدي ۽ جلويدار پوشاڪ پهريل هئي. غياث بيگ انهيءَ لباس ۾ اهڙو شاندار ٿي لڳو، جو ڄڻ ته ڪو امير يا نواب آهي، واٽ تي دڪان ۽ گهر هئا، تن مٿان وائنٽيون پئي ورڪيون. راجپوت، راجا ۽ مغل مير، پربت جيڏن هاٿين تي سوار هئا. انهن اڳيان چوبدار سونيون چوبون ڦيرائيندا، دورباش! دورباش! ڪندا پئي هليا.... شهر لنگهي، جڏهن شاهي قلعي ۾ پهتا، تڏهن ته اهڙو ڇهڇٽو نظر آين جو بيان کان ٻاهر، قلعي ڪي ڪٽي ڪيمخاب سان سينگاريو هئائون، تنهن تي وري سج جا روشن ترورا پئي پيا، سو ته هيڪاري پئي ٻهڪيو. هنڌ هنڌ سهٽا تنبو کڙي ويا هئا، جن تي سونهري قبن سج وانگر پئي جهلڪا ڏني.“(4)

هو اڳتي لکي ٿو ته:

”اڪبر بادشاهه ٺهرايل وقت تي اچي، تخت تي چڙهي ويٺو. هڪدم بندوقن جي ٺاٺا ۽ توبن جو ڌڌڪو مچي ويو. دربار جا عام دروازا کلي ويا ۽ سارو مجموعو اندر لنگهي ويو. امير ۽ امرا، نواب ۽ راجائون، ڪرش ڪري، پنهنجي پنهنجي مرتبي موافق جايون والاري ويٺا. بادشاهه جي ڪاٻي هٿ شهزادو سليم ويٺل هو. اڃا ٿن ورهين جي ڇمار جو مس هو. منهن جو

موچارو، وار پوري رنگ جا، اکيون پونرن جهڙيون، ڪنن ۾ سونيون واليون پيل هيس، چاڪاڻ جو شيخ سليم چشتيءَ جو ڏنل هو. تخت جي ساڄي پاسي حڪيم ابوالفضل وزير اعظم بيٺل هو، ۽ سندس پر ۾ پاڻس فيضي شاعر. لاڳيتو هٿيلا راجپوت راڻا بيٺا هئا، جن هڪ هٿ سان مڇون پئي موڙيون ۽ ٻيو هٿ ترار جي هٿئي تي پئي ڦيريو. شڪل ۾ شوخ جهڙا شينهن ۽ ائين پئي لڪايائون جو چڙ ته شڪار جي لاءِ آتا آهن. ٻئي طرف درٻارين جون صفون لڳيون پيون هيون، جن اڪبر جي گفتي گفتي تي وڏي ڪنڌ ڌوڻ ۽ ڏاڙهيءَ جي لوڏ پئي ڪئي. تخت جي پٺيان نقيب ۽ خدمتگار بيٺل هئا، جن اميرن ۽ راجائن جا نالا ۽ لقب پئي پڪاريا.“(5)

آغا سليم پنهنجي ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ ۾ صفحي 42 تي هن طرح منظر ڪشي ڪئي آهي:

”صبح جو هو پنيرڪي مهل، ڪار تي حيدرآباد روانا ٿيا. شهر کان ٻاهر نڪتا، ته هن جي آڏو غريبن جي دلين جهڙا ڪشادا ۽ سندن حياتيءَ جهڙا ويران ميدان پکڙجي ويا. ڪٿي ڪو ٻڪرار ڌڻ ڪاهيو ٿي آيو ته ڪٿي وري ڪو ڳوٺاڻو ڍڳي گاڏي هڪليندو ٿي آيو. ڪٿي ڪٿي رستي جي پاسي کان ڪو ڳوٺ هو. مَنهه، جهوپڙيون، ڪکاوان گهرڙا، مسيت، واٽئي جو هٽ، ڪوهه، جنهن تي ڪاريون ڪوجهيون لُڪن ۾ لوُسائيل، اُس ۾ ڪارائيل عورتون پاڻي ڀري رهيون هيون. هڪڙو ڳوٺاڻو ڪنواٽيءَ ۾ دلا لڙڪايو ڪنيو ٿي آيو. ڪارا، بدصورت ميرا، گدلا ۽ اڌ اگهاڙا ٻار، رانديون ڪيڏي رهيا هئا، ۽ هڪ ٻئي کي گاريون ۽ ٻُجا ڏيئي رهيا هئا. اهي ٻار سنڌ جو آئيندو هئا. ڪارو، ڪوجهو، ميرو، گدلو آئيندو.ساري هندستان ۾ آزاديءَ جي جنگ جاري هئي. جلسا جلوس، پوليس، جيل، لاٺي چارج، ٽيئر گيس، ڪنهن پاڪستان جا خواب ٿي ڏٺا، ڪنهن اکنڊ ڀارت جا، ته ڪنهن انقلاب جا، پر هنن ڳوٺاڻن وٽ ڪو خواب نه هو. نه رمونءَ وٽ ڪو خواب هو ۽ نه پريميءَ وٽ. هو صدين کان هڪ ئي نموني جي ٿهيل جڙيل ۽ سٽيل حياتي گذاري رهيا هئا. زندگيءَ جي گهاڻي ۾ پيسجي رهيا هئا. هنن لاءِ ڪو ڏک نئون نه هو. ڪو ڏاڍ، ڪو ڏنڀ نئون نه هو. اهي سور، اهي ڏاڍ ۽ ڏنڀ هنن جي وڏن به سَٺا هئا ۽ هو به سهي رهيا هئا، ۽ هنن جي چپن تي ڪا شڪايت، ڪا ميار، ڪو ڏوراپو نه هو، پر هنن جي حياتي خود قدرت کي مهڻو، ڏوراپو ۽ ميار هئي.“(6)

ناول نگار کي گهرجي ته منظر نگاريءَ کي، هر ڪردار جي فطرت ۽ سيرت جي هر پهلوءِ سان چڱي طرح پڙهندڙ جي اکيان آڻي. ناول نگار لاءِ اهو به لازمي آهي ته هو ڪردارن جي زندگين جي هر گهرائيءَ کي نروار ڪري، منظر کي اهڙيءَ خوبصورتيءَ سان بيان ڪري، جو پڙهندڙ ڪردارن



مان دلچسپي حاصل ڪري سگهن. پروفيسر سيد عابد علي انهيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”منظر نگاري ڪردارن جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ئي ضروري آهي. باڪمال ناول نويس جو اهو ئي فرض آهي ته هو منظر نگاريءَ کي اهڙيءَ طرح ڪارآمد بنائي، جو ڪردارن جي ڪردار نگاري، عمل، ڪم، رجحان ۽ مزاج کي به متاثر ڪري ۽ سليقه منديءَ جو ثبوت ڏي.“(7)

ڪامياب ناول ۾ فطرت جا منظر، ڪنهن جذباتي واقعي کي آڌار بنائي پيش ڪيا ويندا آهن. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ڪردارن جي دلين ۾ طوفان برپا هوندا آهن، ته خارجي طوفان ان جي علامت بڻجي ويندو آهي. بهار جي رنگارنگي، ناول جي ڪردار جي دل جو سڪون بڻجي ويندو آهي. اڪثر ناولن ۾ اهڙا ڪيترائي فطري منظر نظر ايندا آهن. علي بابا پنهنجي ناول ”موهن جو دڙو“ ۾ هن ريت منظر پيش ڪري ٿو:

”ساري سنڌو گهاٽ تي هزارين آوازن جو پڙالو پيدا ٿيو هو. پري اتر پار ڏانهن، جتي سنڌ گول دائري سان ورڪايو، نيڻ نهار ڪان اوجهل ٿيو ٿي وئي. سٽارون سڙن منهن ڪڍيا هئا. ڇچ جي آجيان لاءِ پوڄارين سنگ کي وڏي ڦوڪ ڏني. جنگي جوانن پير تي ڏونڪا هنيا. ساري سنڌو گهاٽ تي ٻوڙ ٻوڙان لڳي پئي هئي. هر ماڻهوءَ، هر هنڌ، هر ٻار، ڪنوار کي ويجهو ڏسڻ تي گهريو.“(8)

انهيءَ کان سواءِ آغا سليم جي ناول ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ جي منظرنگاريءَ جو هڪ ٻيو به مثال پيش ڪجي ٿو:

”روپا جو شهر ڏاڍو سهڻو هو. ويڪرا رستا، رستن جي ٻنهي طرفن وڻراهه، وڏا ۽ ڪشادا گهر، مسجدن جا گنبذ ۽ منارا، مندرن جا ڪلس، سرائون ۽ ٽرم شالائون، چانديءَ جا پنڙا ۽ هس، عاج جون ٻانهيون، چريل ڪپڙا، گل جي جتي پاتل، مسلمان عورتون، ريشمي چريل پڙا، چريل گهگهريون، اڇن ۽ ڳاڙهن مٽين جا ٻُولا پاتل هندو عورتون.“(9)

حاصل مطلب ته هڪ سٺي ۽ ڪامياب ناول لاءِ منظرنگاري ضروري آهي. ڪنهن به ناول جي ڪاميابيءَ ۾ منظرنگاري اهم خاصيت هوندي آهي. انهيءَ ڪري ڪامياب ناول نگار جڏهن به ڪنهن منظر کي پيش ڪري ٿو ته هوبهو نقاش يا مصور وانگر صحيح ۽ حقيقي نقش چٽي ٿو ته جيئن پڙهندڙ ان کان متاثر ٿئي ۽ اهو نقش هميشه هن کي ياد رهي ۽ منجهس دلچسپي پيدا ڪندو رهي ۽ اها بلڪل حقيقي تصوير معلوم ٿئي.

## ببليو گرافي


1. پروفيسر عابد علي: اسلوب، مجلس ترقي ادب، اردو بازار، لاهور 1966ع
2. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي.
3. ايضاً.
4. گربخشاڻي، ڊاڪٽر: نورجهان (ناول)، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1977ع، ص 18
5. ايضاً، ص 18
6. آغا سليم: اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1978ع، ص 42
7. ڏسو حوالو نمبر 1
8. علي بابا: موهن جو دڙو (ناول) نيوفيلڊس پبليڪيشن 1985
9. ڏسو حوالو نمبر 6




## 7. ناول ۾ حقيقت نگاري:

ناول جي فني خوبين ۾ حقيقت نگاري به هڪ اهم خوبي آهي. هن خوبيءَ جو واسطو به طرز بيان يا طرز تحرير سان آهي. حقيقت جو بيان ئي ڪنهن ادبي تخليق لاءِ زنده جاويد مواد هوندو آهي. حقيقتون اُهي آهن جيڪي ڏسي سگهجن ٿيون، ٻڌي سگهجن ٿيون يا جيڪي محسوس ڪري سگهجن ٿيون. جهڙيءَ طرح سائنسي علم جو ڄاڻو پنهنجي تجربيگاهه ۾ ويهي ڏٺل يا حاصل ڪيل حقيقت جو اظهار ڪري ٿو، ڪو راز سلي ٿو، اهڙيءَ طرح اديب به حقيقتن کي ڳولي ڦولهي، پنهنجي دماغ جي تجربيگاهه ۾ انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، انهن جي صحيح روپ کي پرکي، ان جي نتيجي کي قلمبند ڪري ٿو. سندس اهي تحرير ٿيل تجربا اهڙيءَ صورت ۾ بيان ڪري ٿو جو پڙهندڙ ان سچائيءَ جي جهلڪ کي حقيقي تصور وانگر محسوس ڪري ٿو.

هن دنيا ۾ اسان جي سامهون ٿيندڙ حقيقي واقعن کان مٿي ٻي ڪابه ڳالهه ڪانهي. اديب لاءِ سچائيءَ سان وفاداريءَ کان مٿي ٻيو ڪوبه اصول ڪونهي. هن وٽ سچي حياتي ۽ سچي دنيا جي تصوير چٽڻ کان مٿي ٻي ڪا زوردار ڳالهه ئي ڪانهي. ٿيوفل گيٽر چوي ٿو ته:

”مان اهو انسان آهيان، جنهن لاءِ صرف هيءَ دنيا ئي موجود آهي، جنهن کي مان اکين سان ڏسي سگهان ٿو.“(1)

اها ئي سوچ ۽ عمل، هر قسم جي تخليق جو بنياد آهي، جنهن جي لاءِ گورڪي لکي ٿو ته:

”انسان ذات بي پناهه طاقت جو سرچشمو آهي، جنهن ۾ ايتري طاقت آهي، جو هو ضرورتن کي امڪان ۾، ۽ سپنن کي حقيقت ۾ بدلائي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته انساني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ مڙيئي حقيقتون، ادب لاءِ مواد آهن.“(2)

ادب جو اڃا شروعاتي دور هو جڏهن جنن، ڀُوتن، ديوَن، ۽ پرين جون ڪهاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون، انساني دماغ جي پيدائش بڻيون هيون، تڏهن به حقيقت ئي ادب جو روح هئي. ان وقت انساني زندگي اڃا ترقي به ڪانه ڪئي هئي، ۽ انساني دماغ اڃا حقيقت کي سمجهي به نه سگهيو هو. انسان ۾ اڳتي وڌڻ ۽ مقابلي ڪرڻ جي خواهش جي ڪري، هن ڪجهه اهڙا ڪردار ايجاد ڪيا، جن انسانن کي حقيقتن جي تلاش لاءِ آماده ڪيو. هنن انسانن جي مستقبل جي ترقيءَ جا اهڃاڻ ڏنا، انسان اڳتي اهڙين تصوراتي ڳالهين کي حقيقت جو جامو پهرائي سگهندو. افلاطون ادب ۾ حقيقت جي نظريي کي هن ريت ٿو

بيان ڪري:

”سٺي ۽ جٽادار ادب جو بنياد آهي، زندگيءَ جي آزمودن ۽ حقيقتن جي سچائيءَ ڏانهن پوري ايمانداريءَ جو اظهار.“(3)

ادبي ڪتابن ۾ اها حقيقت پيش ڪئي وڃي ٿي، جيڪا ڪنهن اديب ذاتي طور پنهنجي مشاهدي ۾ آندي آهي. هو جيئن ڏسي ٿو، متاثر ٿئي ٿو، تيئن پنهنجو تاثر ٻين تائين پهچائي ٿو. اهائي حقيقت آهي، ان ڪي حقيقت چئبو آهي.

ساري مخلوقات ۾ انسان ئي هڪ اهڙو جاندار آهي، جيڪو اجتماعي زندگي ڏانهن مائل رهي ٿو، تنهن ڪري انساني زندگيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ حقيقتن کي هڪ مخصوص سماجي روپ آهي. اديب پڻ هڪ سماجي فرد آهي، ان ڪري هو جيڪي ڪجهه پنهنجي آسپاس ڏسي ٿو، ان تي سوچي ٿو. ان ڪان متاثر ٿئي ٿو، ان تي رنج يا خوشي ظاهر ڪري ٿو، ان کي ٻين تائين پهچائي ٿو ۽ ان تي نئي روشني وجهي ٿو ۽ ان ڪي بدلائڻ جي تمنا ڪري ٿو. انهيءَ راءِ تي هاورڊ فاسٽ (Haward Fost) لکي ٿو ته:

”جڏهن مان ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي ڳالهه ٿو ڪريان ته منهنجو مطلب ان مان اها حقيقت نگاري ۽ سچ آهي، جنهن جو سماج، ماحول ۽ حالتن سان واسطو آهي، حقيقت نگاري وڏي ڪسوٽي آهي، پر اها تاريخي پس منظر ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ئي ڏسڻي آهي.“(4)

اديب جي اڳيان ڪيترين ئي حقيقتون رونما ٿين ٿيون، ۽ هو سڀني ڪان متاثر ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري زندگيءَ جون چڱيون توڙي خراب ڳالهيون ۽ حقيقتون، هن لاءِ ادب جو مواد هونديون آهن، البت اديب پنهنجي سر، پنهنجي فن پاره ۾ حسن پيدا ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هو سڀني حقيقتن کي پنهنجي فڪري صلاحيتن تي پرکي ٿو. انهيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”هر فنڪار پنهنجي تاثر کي ٻين تائين ڪامياب نموني پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ جيترو ڪامياب وڃي ٿو، اوترو ئي ڪامياب شاهڪار پيدا ڪري ٿو، تنهن ڪري علم ادب جي شاهڪار جي تخليق ۽ مصنف جي ٻين شين کي دخل آهي. هڪ سندس دل ۽ ٻي سندس زبان. سندس دل قدرت جي ڪرشمن ۽ سماج جي مختلف ڏيکائن ڪان متاثر ٿئي ٿو يا انسان ذات جي ماضي جي ڪارنامن ڪان متاثر ٿئي ٿو ۽ پوءِ جيڪي منجهس احساسات، جذبات ۽ تصورات پيدا ٿين ٿا، تن کي اثرائتي انداز ۾ اظهار ڪري ٿو.“(5)

اديب زندگيءَ جا سڀئي پهلو ڏسي ٿو. هو اڄ جي زندگيءَ جي



سونهن، نيڪي ۽ خوشي به ڏسي ٿو، ته ان ۾ ڏک ۽ تڪليفون، برائيون، ظلم ۽ گندگي به محسوس ڪري ٿو. ڪي اديب صرف حياتيءَ جو سهڻو ۽ سٺو پهلو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ خراب ۽ برين حقيقتن کان منهن موڙيندا آهن. انهن جو خيال اهو آهي ته حياتيءَ جي صرف سهڻي تصوير ڏيکارجي ۽ گندگيءَ کي ڇڏي ڏجي، ۽ خراب ۽ بري پهلوءِ کان منهن موڙيندا آهن، پر گورڪيءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ خراب ۽ برين حقيقتن کي ادب جو مواد بنايو هو. هو لکي ٿو ته:

”منهنجي حياتيءَ ۾ ڪي اهڙيون گهڙيون به اينديون آهن، جڏهن مان سوچيندو آهيان ته ان گندگيءَ تي لکان يا نه، پر يقين سان چوندو آهيان ته انهن حياتيءَ جي گندگين تي ضرور لکندس. اها گندگي هڪ ننڙ ۽ نگرو سچ آهي، جو اڃا تائين ناس نه ٿيو آهي. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي انسان جي حياتيءَ مان هوند پاڙون پٽي ٻاهر اڇلائجي ۽ ان کي ڀسم ڪري ڇڏجي.“(6)

گندگي جڏهن انساني روح تي ناسور بڻجي وڃي ٿي تڏهن اها انساني زندگيءَ کي بدصورت بڻائي ٿي. جڏهن اها گندگي ادب جي مواد ۾ اچي وڃي ٿي، تڏهن اها انساني زندگيءَ لاءِ خطرو بڻجي وڃي ٿي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ اديب اُن کان منهن موڙي نٿو سگهي، پر ان کي کليل لفظن ۾ پيش ڪري ٿو.

ڪي اديب حقيقت کي جيئن جو تيئن پيش ڪري اُن کي حقيقت نگاري سمجهندا آهن. اهي حقيقت کي ئي سڀ ڪجهه سمجهندا آهن ۽ انهن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ کي ادبي تخليق سمجهندا آهن. حقيقتن جي تفصيل کي ئي سچ سمجهندا آهن ۽ کا به اصولي يا اخلاقي ڇنڊڇاڻ نه ڪندا آهن. انهن جو مقصد اهو هوندو آهي ته انسان جو حيواني ۽ وحشياڻي پهلو ۽ انسان جي زندگيءَ جي بيڪسي ۽ بي بقائي پيش ڪجي. هو حقيقتن جي تصوير ڪشيءَ کي بنا ڪنهن مقصد جي صحيح ادب سمجهن ٿا، پر حقيقتن جي تهه تائين پهچي، ان مان سچ ڳولهي ۽ حقيقت جو صحيح روپ ڏيکاري نٿا سگهن. گورڪي اهڙن ئي اديبن لاءِ چوي ٿو ته:

”انهن جو ادب، اصليت، سونهن ۽ جذبن کان خالي هوندو آهي، اهو گهٽي پاڳي ڪوڪلو ۽ نمائشي هوندو آهي، جنهن کي رڳو، حقيقت نگاريءَ جو اعليٰ لفظ پنيان لڳايو وڃي ٿو.“(7)

صحيح ۽ سچو حقيقت نگار اهي ئي تفصيل چوندي ٿو، جيڪي ادب پاره ۾ آيل ڪردارن ۽ واقعن جي پٺيان بيان ڪيل ۽ زوردار منطق يا ويچار کي ظاهر ڪندا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

’’اهي حقيقتون جيڪي زندگيءَ جون زوردار ۽ بنيادي سچايون پڌريون ڪن ٿيون، سي ئي اهم حقيقتون آهن، جيڪي هڪ ڪلاڪار جي تخليق جو مواد آهن.‘‘(8)

جيڪڏهن اسين ڪلاسيڪي ادب جي فنڪارن جي حقيقت نگاريءَ واري بيان ڪي ڏسنداسون ته دنيا جي آڳاٽي ۽ آڳاٽي يوناني اديب ’هومر‘ جون ’ايليڊ‘ يا ’آديسي‘ اهڙيون تخليقي تحريرون آهن، جيڪي حقيقي واقعن تي ٻڌل آهن، پر انهن جي پڙهڻ مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته اهي رڳو اتفاق، حادثا يا واقعا نه آهن، پر ان زماني جي گويا پوري، روحاني، اخلاقي ۽ سماجي زندگيءَ جي تصوير آهن، يعني انهن حقيقتن مان وقت جون اهم سچايون ظاهر پذير ٿين ٿيون، جي انهن واقعن ۽ حادثن جو روح آهن.

اديب جو درجو هڪ تاريخ نويس ڪان گهڻو مٿي آهي. تاريخ نويس، حقيقت ۽ تفصيلن کي ٺلهي بيان ڪرڻ جي لحاظ ڪان پل مٿي هجي، پر انهن حقيقتن جو روح پڌرو ڪرڻ اديب جو ئي ڪم آهي. تاريخ نويس جي تحريرن ۾ حياتيءَ جي سچائي ۽ تڪميل موجود نه هوندي آهي.

ادب جي ترقي، سماجي ترقيءَ تي ٻڌل هوندي آهي. ادب سماجي حقيقت جي تصوير پيش ڪري ٿو. انهيءَ ڪري جيئن سماجي شعور وڌندو ويندو آهي، تيئن اديب به زندگيءَ کي ويجهڙائي ڪان ڏسندو ويندو آهي ۽ وڌيڪ حقيقت پرست ٿيندو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح حقيقت نگاريءَ جو فن وڌيڪ وسيع ٿيندو ويندو آهي.

حقيقت نگاريءَ جو تصور، سماجي صورتحال مطابق ڦرندو رهي ٿو. هر دور ۾ حقيقت نگاريءَ جو نظريو ساڳيو رهيو آهي. اديب، حقيقت نگاري، سماجي حقيقت نگاريءَ جي تقاضا جو عڪس چٽي ٿي. جيئن جيئن سماجي شعور وڌندو رهي ٿو، تيئن تيئن اديب زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ تان ڏسي ٿو، ۽ هو (اديب) جيترو جيترو زندگيءَ کي ويجهو ٿو اچي، اوترو وڌيڪ حقيقت پرست ٿيندو ٿو وڃي، جيترو حقيقت نگاريءَ واري سندس خوبي وڌيڪ وسيع ٿئي ٿي. ادبي حقيقت نگاري، وقت ۽ حالتن پٽاندڙ ادب ۾ سمائجي وڃي ٿي. گورڪيءَ جي چوڻ موجب:

’’انگلينڊ حقيقت نگاريءَ جي ماءُ ۽ چاسر حقيقت نگاريءَ جو ابو آهي. چاسر سن 1340ع ۾ ڄائو هو، جنهن جون پهريون حقيقت پريون لکيتون ’ڪئنٽر بري ٽيلس‘ نالي ڪتاب ۾ ظاهر ٿيون. هن ڪان پوءِ ’شيڪسپئر‘ جهڙو اعليٰ اديب پيدا ٿيو، ۽ ان ڪان پوءِ ڪيترائي حقيقت نگار انگلينڊ جي ادب تي چمڪيا.‘‘(9)

دنيا جي ادب جي تاريخ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو ته اوڻيهين



صديءَ ۾ ادب جو هڪ اهم ۽ زوردار دور انگلينڊ مان شروع ٿيو، جيڪو سماجي حالتن جي پيدائش جو دور هو. انهيءَ دور ۾ هڪ نئين سماجي طاقت جيڪا سرمائيدار طاقت هئي، وجود ۾ آئي. هن طاقت زندگيءَ جي فلسفي ۾ نوان قدر، نوان جذبا ۽ نوان اُمنگ پيدا ڪيا ۽ هڪ نئين دنيا جي پڻ شروعات ڪئي، پر پوءِ جلد ئي اهو ثابت ٿيو ته اها شروعات ڏک ڏيندڙ، پيڙهيندڙ، زندگيءَ جي گهاٽي ۾ پيسجندڙ ۽ خود غرض آهي. انهيءَ ڪري وقت جي وڏن حقيقت نگارن جهڙوڪ: چيخوف، گوگول، ڊڪنس ۽ بالزڪ وغيره انهن تي تنقيد ڪئي. انهن سماج جي غلط ڪارين (حقيقتن) ۽ سماج جي زخمن جي ڪلي تصوير ڪشي ڪئي. انهن انسان جو حيواني حالتن ڪي پهچڻ، انساني قدرن جو مذاق، لوڀ لالچ ۽ لٽ مار وغيره جهڙيون سڀ حقيقتون پنهنجن ڪردارن ذريعي ناولن ۾ سچائيءَ سان پيش ڪيون. انهن، انهيءَ طبقي کي بي نقاب ڪيو، جيڪو هر شي جو قدر پيسي سان ماپيندو هو. دنيا جي ادب ۾ هيءُ تنقيدي حقيقت نگاريءَ جو دور، حقيقت نگار ناولن جي تمام گهڻي اوسر ٿي، جن ۾ زندگيءَ ۽ سماج جي صحيح ۽ سچي تصوير (حقيقت) کي بلڪل سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان پيش ڪيو ويو هو. اهو دور، حياتيءَ تي تنقيدي لحاظ ڪان تمام اهم دور هو.

ادب جي تاريخ ۾ رومانيت واري نظريي جو رجحان به اوڻيهين صديءَ ۾ شروع ٿيو، جڏهن زندگيءَ جي حقيقت جو تخيل ۽ اعليٰ مقصدن سان پريل خوبصورت تصور پيش ڪيو ويو، جنهن انساني اُمنگن ۽ احساسن واري جذبي کي ڪشادو ڪري، انهن (انسانن) جي اِرادن کي محڪم بنائي منجهن بهتر زندگيءَ لاءِ تڙپ واري جبلت پيدا ڪري، ڪين (انسانن کي) حسين خواب ڏيکارڻ سان گڏ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، جدوجهد ڪرڻ تي آماده ڪيو. هن ئي صديءَ ۾ انگلينڊ ۾ ’شيلي‘ ۽ ’ڪيٽس‘ جهڙا رومانوي شاعر پيدا ٿيا، جن انسانن ۾ سهڻين شين لاءِ تڙپ پيدا ڪئي، گورڪيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار پڻ اهڙا بانڪا ۽ بهادر آهن، جيڪي پنهنجين حالتن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ لڙن ٿا ۽ بهتر زندگيءَ لاءِ جاکوڙ ڪن ٿا ۽ همت ڏيکارين ٿا. رومانوي ڪردار ايترو ته نمايان ۽ اعليٰ اُمنگن سان پرپور ٿين ٿا، جو ان کي حقيقي زندگيءَ ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. دراصل رومانيت ۽ حقيقت نگاري پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح گڏيل هوندا آهن جو انهن کي جدا ڪري نٿو سگهجي.

ويهين صديءَ ۾، حقيقت نگاريءَ جو نئون دور شروع ٿيو. هيءُ دور حقيقت نگاريءَ جو تخليقي ۽ سماجي دور هو. هن دور ۾ حياتيءَ جو نئون نظريو پيدا ٿيو. حياتيءَ جو اهو نئون نظريو، سماجي شعور جي پيداوار هو،

جنهن ۾ سماج جي تبديلي (بدل سدل) ۽ انساني زندگيءَ جي منطق کي صحيح نموني پيش ڪيو ويو آهي. سماجي حقيقت نگاريءَ جو نظريو وسيع آهي. اڄ جو سماجي حقيقت نگار، پنهنجي چوڌاري حقيقتن کي سامهون ڏسي، ان جو نقش چٽي ٿو. بلڪ انهن جو بدلجندڙ روپ به پرکي ٿو ۽ ان مان اهو تصور حاصل ڪري ٿو ته زندگي ڪهڙي طرف ترقي ڪري رهي آهي ۽ انسان ذات لاءِ ڪهڙي روشن راهه کلي رهي آهي. سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل جي تصوير بلڪل صحيح ۽ چٽي ڏسي سگهجي ٿي. سماجي حقيقت نگاري اها آهي جنهن ۾ ڪن به حقيقي شخصن کي، جيڪي حياتيءَ ۾ زنده ڏسجن ٿا، تن جي حياتيءَ کي سچائيءَ ۽ چٽائيءَ سان پيش ڪري ٿو. انهن جي پٺيان لڪل سچ کي ظاهر ڪجي ٿو. هيءُ، حقيقت نگاريءَ جو هڪ نئون شعور آهي، جو هر چيز کي پوري انداز ۾ پرکي ٿو. سابق سوويت يونين جي هڪ ليکڪ اي- ڪي واسيليوف ان نظريي جي هنن لفظن ۾ سمجهاڻي ڏني آهي. هو لکي ٿو ته:

”صرف سماجي حقيقت کي چٽڻ، سماجي حقيقت نگاري نه آهي. سڀ اهميت پريون حالتون ۽ ويچار جيڪي اڄ جي زندگيءَ مان اُڀرن ٿا، ۽ سماجڪ (سماج) ويچارن کي اڳتي وٺي وڃن ٿا. سي (اهي ويچار) سماجي حقيقت نگاريءَ جون دلچسپيءَ واريون ڳالهيون آهن ۽ ان جي حدن اندر ئي اچي وڃن ٿا.“(10)

سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ ’گورڪي‘، ’گوگول‘، ’ٽالسٽاءِ‘، ’بالزڪ‘، ’ڊڪنس‘ ۽ ’ايبسن‘ جا نالا اعليٰ حقيقت نگارن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا، جيڪي پنهنجي ماحول جي حقيقتن۽ حالتن جا سخت نقاد هئا، پر اهي محدود تاريخي حدن جا پابند پڻ هئا. هنن اديبن ۾ سماجي ترقي پسند اديب ’گورڪيءَ‘ پنهنجي لکيل ناول ’ماءُ‘ ۾، اعليٰ درجي جي حقيقت نگاريءَ جو هڪ بهترين مثال پيدا ڪيو آهي ۽ هن ناول ۾ گورڪيءَ، سماج ۽ انسان جي وچ ۾ هڪ نئون رشتو پيدا ڪيو آهي ۽ هن ناول ۾ سماجي گروهن جي وچ ۾ ڪشمڪش ڏيکاري آهي. سماجي گروهه اها ڪشمڪش ڪنهن اعليٰ مقصد لاءِ ئي ڪن ٿا. اهي مقصد خود مشعل راهه بڻجي اڳتي وڌن ٿا ۽ اهي (مقصد) پاڻ کي، پنهنجي ذاتي، تنگ ۽ خود غرض ماحول مان آجو ڪري، هڪ گڏيل سماجي مفاد لاءِ جاڳي اٿن ٿا. هي هڪ اعليٰ ۽ نئون مقصد آهي، جنهن ڏانهن انسان اجتماعي طور وڌي رهيو آهي. ’ماءُ‘ نه صرف هڪ پيڙهيل طبقي جي ڪهاڻي آهي، پر نئين انسانيت کي جنم ڏيندڙ پڻ آهي. هن ناول جا ڪردار تاريخي حقيقتن جا مجسما آهن، جيڪي دنيا جي مظلوم ۽ دکي انسانن کي زندگيءَ جي هڪ نئين ۽ بهتر حقيقت جو پيغام ڏيئي رهيا آهن.



روسي اديبن جي حقيقت نگاري، فرانسيسي اديبن جي حقيقت نگاريءَ کان وڌيڪ سچي، وڌيڪ زنده جاويد ۽ وڌيڪ اثرائتي ثابت ٿي آهي. انهن (روسي اديبن) جي حقيقت نگاريءَ، پڙهندڙ ۾، زندگيءَ ڏانهن رغبت، صدق ۽ اعتماد پيدا ڪيو آهي. ’آشا درگاپوري‘، روسي ۽ فرانسيسي اديبن جي حقيقت نگاريءَ جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”روسي ليکڪن، حقيقت نگاريءَ جي فن جي نئين عبارت اختيار ڪئي. انهن جي حقيقت نگاري، فرانسيسي ليکڪن جي حقيقت نگاريءَ جي بنسبت وڌيڪ آزمودي تي بيٺل، وڌيڪ لڳاءُ پري هئي. اها (روسي اديبن جي حقيقت نگاري) زندگيءَ کي وڌيڪ ويجهي، وڌيڪ سڌي، وڌيڪ زنده ۽ وڌيڪ چمڪندڙ هئي. روسي اديبن جي حقيقت نگاري، زندگي جي خوبصورت، چٽن ۽ حقيقي بيان سان گڏ، ڏکئي ۾ ڏکئي مسئلي ۽ نازڪ کان نازڪ من جي حالت بيان ڪرڻ جي طاقت ۽ هوشياري انهن ۾ ڏيکاريل ۽ شاندار آهي. فرانسيسي حقيقت نگاريءَ ۾ قدرتي پس منظر (ان وقت جي صحيح زندگي) تان پردو هٽايو ويو ۽ ايتريقدر جو انهن پنهنجي فن جي ضرورت جي حد مقرر ڪئي، جنهن جو اثر پڙهندڙن تي اهو پوي، جو انهن زندگيءَ کي نااميديءَ واري نظرن سان ڏٺو، دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ نفرت جو نظريو پيدا ڪيو.“(11)

اسان جي ملڪ ۾ اچوڪي جمهوري انداز فڪر سان حقيقت نگاريءَ جو اهو رجحان گهڻي مطابقت رکي ٿو.

اهڙيءَ طرح حقيقت نگار اديب نه صرف پنهنجي چوڌاري حقيقتن ۽ واقعن کي اکين سان ڏسي، انهن جو سچو نقش چٽي ٿو، پر هو بدلجندڙ روپ کي به پرکي ٿو، ۽ ان مان تصور حاصل ڪري ٿو ته زندگي ڪهڙيءَ ريت ترقي ڪري رهي آهي، ۽ انسان ذات لاءِ ڪهڙي روشن راهه کلي رهي آهي.

ناول نگار پنهنجي انفرادي نظر سان معاشري کي ڏسي ۽ پنهنجي نظريي کي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجو مخصوص رنگ يا انداز اختيار ڪري ٿو، جنهن جي ذريعي معاشرو هڪ تخليقي وجود اختيار ڪري ٿو ۽ وڌيڪ دلڪش ۽ دلچسپ ٿئي ٿو.

هر انسان جي زندگيءَ جو مدار، سماج ۽ ماحول تي هوندو آهي.ماحول ۽ سماج هر انسان جي زندگيءَ جي پرورش ڪن ٿا، جيڪي هن کي پنهنجن قانونن ۽ اصولن جي سکيا ڏين ٿا. هن کي تهذيب ۽ تمدن کان واقف ڪن ٿا ۽ انسانيت جو شرف بخشين ٿا. ناول نگار جيڪي ڪجهه پيش ڪندو آهي، اهو سندس ماحول جي تصوير هوندو آهي. ناول نگار جو مقصد ئي انسانيت کي فروغ ڏيڻ هوندو آهي ۽ هو رڳو انسانيت ۽ انسانن جي

همدرديءَ جو مبلغ هوندو آهي، هو ڪنهن قانون، ڪنهن سماجي اصول ڪان مٿي نٿو سجهي. اهوانسان دوست آهي ۽ انسانيت، سندس اصول ۽ مقصد آهي. اهڙيءَ طرح هو انساني حقيقت کي پنهنجي ناول جو موضوع بڻائيندو آهي. هن راءِ جو دليل ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن ريت وضاحت سان ٿو بيان ڪري:

”ناول نگار جو خاص مقصد اهو ئي هئڻ گهرجي ته هو معاشري جي هر برائيءَ کي اهڙي انداز سان پيش ڪري، اهڙو رنگ ڏي جو هر ڳالهه نئين ۽ عجيب معلوم ٿئي ۽ پڙهندڙ کي صحيح رستو ڏسي سگهي. اهڙيءَ طرح ناول ۾ جيڪي به حقيقتون ڏنل هجن، سي سماجي ۽ سياسي حقيقتون هئڻ گهرجن، جن کي هو اصلاحي انداز ۾ پيش ڪري، چو ته هن جو مقصد ئي سماج جي حقيقتن کي پيش ڪرڻ هوندو آهي.“(12)

ناول نگار سماج جي مسئلن، چڱاين ۽ براين کي گهري نظر سان ڏسي ٿو. هن جو خاص مقصد اهو هوندو آهي ته معاشري جي هر چڱيءَ يا بري ڳالهه کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪري، جو اها ڳالهه نئين، اصلاح ڪندڙ محسوس ٿئي. انهيءَ سان هو پنهنجي سماج ۾ ڪيترين ئي نيون تبديليون آڻڻ چاهيندو آهي.

ناول نگار پنهنجي ناول لاءِ جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو، اهو سندس زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪري، ناول جو مفهوم طور پيش ڪري ٿو. ناول جا موضوع جيئن ته زندگيءَ تي ٻڌل هوندا آهن، پوءِ چاهي اُهي زندگيءَ جي کهڙي به پهلوءَ سان واسطو رکندڙ هجن، هو سماج جي عام زندگيءَ مان اهڙيون حقيقتون چونڊيندو آهي، جيڪي هن جي مقصد جون هونديون آهن. هو زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي ۽ سماج جي زندگين جو جائزو وٺي، حقيقت جي لاءِ روشن راهون ڳوليندو آهي. ناول ۾ اهڙيون حقيقتون پيش ڪندو آهي، جيڪي اگر سنئون سڌو پيش ڪجن ته سماج انهن کي برداشت ئي نه ڪري سگهندو. انهيءَ ڪري ناول نگار سماج ۾ اڻ سڌيءَ طرح انهن کي موضوع جي صورت ۾ ناول ۾ پيش ڪري ٿو. انهيءَ جي باري ۾ ٽي- ايس ايليئٽ (T.S Elliot) جو رايو آهي ته:

”انسان گهڻي حقيقت برداشت نه ڪندو آهي. انهيءَ ڪري شايد انهيءَ کي ناول ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، يا انهيءَ کي ٿورو مختلف ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري جو انسان ان کي سڌيءَ طرح برداشت نٿو ڪري سگهي، تنهن ڪري ڪيس اڻ سڌيءَ طرح ۽ سٺي نموني برداشت ڪرايو وڃي ٿو.“(13)

ناول نگار، جيڪي پيش ڪري ٿو، سو حقيقت تي مبني هوندو آهي،



جيڪا انسان ۽ ان جي معاشري ۽ ماحول سان وابسته هوندي آهي. ناول نگار انهيءَ حقيقت کي پيش ڪندي، ان تي پنهنجي فني تخليق جو تهه چاڙهي ٿو ۽ ان کي پنهنجو پاڻ ئي پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول نگار، ناول لاءِ مواد گهڻن ماڻهن مان ڪٺي ٿو، يا اهو مواد هن کي گهڻن ماڻهن جون زندگيون ڏين ٿيون. انهيءَ مواد مان هي ڪي حقيقتون چونڊي، ڪهاڻيءَ کي ترتيب ڏي ٿو. حقيقتن کي پيش ڪرڻ لاءِ هي ڪردار ايجاد ڪري ٿو ۽ عملي صورت ۾ انهن جا مقصد ظاهر ڪري ٿو.“(14)

ناول نگار جو مقصد ئي هوندو آهي، ته پڙهندڙ واقعات کي فطري محسوس ڪري. ڪردارن کي حقيقت سمجهي سچاڻي ۽ انهن ۾ دلچسپي وٺي، جيئن ته ڪردار عام زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هوندا آهن ان ڪري اسان ذهني طور انهن جي قريب ٿي وڃون ٿا، انهن جا خيالات ۽ احساسات اسان کي پنهنجا خيال معلوم ٿين ٿا، انهن تي جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، انهيءَ مان اسان به ذهني طور متاثر ٿيون ٿا. جيئن ته زندگيءَ ۾ يڪسانيت تمام گهڻي ٿئي ٿي، انهي ڪري ليکڪ جي انهيءَ يڪسانيت کي حقيقت هوندي به نهايت دلچسپ تاثر رکندي آهي. مطلب ته سماجي حقيقت نگاريءَ جو اهو مطلب نه آهي ته ڪن ويچارن ۽ خيالن کي اڳيان رکي ادب جي تخليق ڪئي وڃي، بلڪ انهن جي حياتيءَ کي سچائيءَ ۽ چٽائيءَ سان پيش ڪري، انهن جي حياتيءَ پٺيان لڪل سچ کي ظاهر ڪرڻ سان حقيقت نگاري پيدا ٿئي ٿي. مقصد ته ناول نگار جيڪي به ڏسي ٿو، انهيءَ جو نقش پيش ڪري ٿو ۽ انهيءَ سان گڏ اهو به خيال رکي ٿو ته ان مان ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو يا ڇا حاصل ڪرڻ ممڪن آهي.

سنڌيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جي شروعات مذهبي ۽ سماجي تحريڪن جي اثر ڪري، سنڌي سماج جي سماجي مسئلن ۽ هندو سماج جا ڪيترائي مسئلا ان جو مثال آهن. سنڌي ٻوليءَ جي شروعاتي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ جو ’زينت‘ ناول، پروفيسر نارائڻ ڀمڀاڻيءَ جا ناول ’غريبن جو وارثو‘، ’وڌوا‘ ۽ ’مالهڻ‘، ۽ مرزا نادر بيگ، آسانند مامتوراءِ ۽ امر لعل هنگوراڻيءَ جا افسانا وغيره، اهڙي ادب ۽ فلسفي جا شهپارا آهن، جن ۾ معاشري ۾ پيدا ڪيل ڪيترن ئي مسئلن، انساني حياتي جي پيچيدگين، نئين تمدن جي پريشان حالي ۽ فڪر حيات مان پيدا ٿيندڙ نون نظرين جو اثر شامل آهن.

سنڌيءَ ۾ موجوده دور ۾ حقيقت نگاريءَ جي رجحان تي لکيل ناولن ۾، رام پنجواڻيءَ جو ناول ’ڏيئر نه چمن‘ ۽ ’مايا جو موهه‘، چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جو ناول ’منهنجي شادي‘، هري همٿاڻي جو ناول ’هڪ پرش

ٿي استريون‘، وشنو ڀاٽيا جو ناول ’دردن ماري دل‘، سراج جو ناول ’ڀڙاڏو سوئي سڏ‘، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ناول ’لاش‘، شيخ حسن جو ناول ’ٻولي‘، عبدالحق عالماڻي جو ناول ’ڪارو ڪاروڻيار‘، آسا نند مامتوراءِ جو ناول ’حليما‘، آغا سليم جو ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ وغيره. ۽ نون ليکڪن ايشور ڀارتي، آنند ٽهلراماڻي، ريٽا شهاڻي، هولارام هنس، ڪرشن ڪٽواڻي ۽ ڏوڏيجا جا مثالي ناول آهن ۽ اڄ به هن مقصد وارا ناول لکجي رهيا آهن.

## ببليو گرافي


1. حوالو کيرت ٻاٻاڻي: ادب ۾ قدرن جو سوال، بمبئي، سورٺ پبليڪيشن، 1974ع، ص 12
2. ايضاً، ص 15
3. ايضاً، ص 11
4. حوالو ڌرم وير ڀارتي، ڊاڪٽر: وشو اپياس ساهت، جئپور ساهتيه رتن، 1986ع ص 16

(5) پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 37

6. ڏسو حوالو نمبر 1، 15
7. ڏسو حوالو نمبر 5، ص 91
8. کيرت ٻاٻاڻي، ايضاً
9. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 15
10. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 85
11. ڏسو حوالو نمبر 5، ص 80
12. ڏسو حوالو نمبر 5، ص 78
13. ڏسو حوالو نمبر 1، صه 44
14. ڏسو حوالو نمبر 5




## 8. ڪردار نگاري ۽ سنڌي ناول:

ناول نويسيءَ جي فني سٽا ۾ ڪردار نگاري به هڪ اهم خوبي آهي. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ انساني عملن کي پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي. اهي انسان، جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ حصو وٺن ٿا، انهن کي ناول جا ڪردار چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ انهيءَ اصول کي هنن لفظن ۾ وڌيڪ واضح ڪري ٿو ته:

”ناول نگار ڪي پنهنجي مقصد نباهڻ لاءِ ڪهاڻيءَ جي رٿا تيار ڪرڻي پوندي آهي ۽ انهيءَ رٿا موجب ڪردارن جي عملن کي پيش ڪندو آهي، جنهن جي مدد سان انهن جي جذبن، احساسن، خيالن ۽ راين کي پيش ڪندو آهي.“(1)

ناول، ادب جي نثري صنف آهي. ناول نويسيءَ ۾ ڪردار نگاريءَ جو تعلق حسن بيانيءَ يا طرز تحرير سان آهي. ناول ۾ تخيل سان گڏوگڏ حقيقت نگاري به شامل هوندي آهي، انهيءَ ڪري سٺن ڪردارن ۾، حقيقت سان گڏ، ان جو مجازي پهلو به ضرور شامل ڪيو ويندو آهي، تڏهن ئي ڪردار نگاري ڪامياب ويندي آهي. احمد نديم قاسمي ناول جي ڪردارن جي باري ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”ناول جا ڪردار فرشتا نه هوندا آهن. اهي سڌا سادا انسان هوندا آهن، جيڪي پنهنجي دنيا جي بيشمار معاشرتي، اقتصادي، اخلاقي ۽ تهذيبي رشتن سان ڳنڍيل هوندا آهن. انهن ۾ بي عيب خوبيون هونديون آهن ته منجهن خاميون به هونديون آهن، جن جا پنهنجا ضابطا هجن، اهي امنگن ۽ جذبن سان پريل هوندا آهن.“(2)

ڪردارن جي زندگيءَ جي حالتن ۽ واقعن جي مطالعي ۽ تجزئي سان، ادب ۾ جتي جتي گهٽين خوبين جي خبر پئجي سگهندي آهي، اُتي ان جي نقصن ۽ عيبن جو به پتو پوندو آهي.

ادب پاره جي ڪردارن جي وڏي خوبي اها هئڻ گهرجي ته اُهي زنده محسوس ٿيندا هجن. پڙهندڙ سندن ڳالهين، ڪمن ۽ انهن جي جدوجهد، مطلب ته سچي ڪردار کي اهڙيءَ طرح ياد ڪن، جيئن زنده انسانن جي ڪمن، عملن ۽ جدوجهد کي ياد ڪبو آهي. وڏي ناول نگار جي عظمت انهيءَ ۾ آهي، ته هو ڪي اهڙا ڪردار تخليق ڪري، جيڪي سچا ۽ حقيقي محسوس ٿين ۽ حقيقت ڪان به مٿي لڳن. وقار عظيم صاحب پنهنجي ڪتاب ’ڏاسِتانِ سِے اِفسانِے تڪ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار جن ڪردارن کي پيش ڪري ٿو، اهي زنده ۽ سچا معلوم ٿين ٿا.“(3)

ناول نگار جي لاءِ اهو ضروري آهي ته هو هر ڪردار جي زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي ڪري ۽ ڪردارن جون چڱايون، مٺايون، نيڪيون ۽ بديون، ڪامياب ۽ ناڪامياب جي عڪاسي پيش ڪري. هر ڪردار ۾ جيڪڏهن برايون آهن ته ان ۾ چڱايون به ضرور موجود هونديون، هو جيڪڏهن نيڪيون ڪندو هوندو ته برائي به قدرتي طور ڪندو هوندو، ڇاڪاڻ ته انسان خطا جو گهر آهي، پر اهي سڀ هو پنهنجي ماحول ۽ معاشري مان حاصل ڪري ٿو. جڳ مشهور ناول نگار سمرسيٽ مام لکي ٿو ته:

”ناول جي دوران ناول نگار جي خلقيل ڪردارن جا ڪم، انهن جي خوبين مان ئي پڌرا ٿيڻ گهرجن. ليڪ ڪڏهن به ائين نه چوي ته هن ڪردار ڪڏهن ائين به ڪيو هوندو؟ مان سمجهان ٿو ته ڪردار جو دلچسپ هئڻ ئي ان جو هڪ وڏو گڻ آهي.“(4)

ناول ۾ ڪردار جي خاصيت جو تجزيو انساني جذبات جي لاهه چاڙهه، باهمي تعلقات جي پيچيدگين وغيره جو ذڪر اهڙيءَ طرح ڪيل هوندو آهي، جو انهيءَ مان ڪونه ڪو نتيجو ظاهر ٿيندو آهي. هن وٽ جيڪو مواد ڪردارن جو هوندو آهي، انهيءَ ڪي هو ڪردارن جي ظاهري شخصيت سان گڏ ان جي ذهني ڪيفيتن، عملن ۽ معاشري جي حالتن ۽ حادثن ڪي پيش ڪندي ظاهر ڪندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، ڪردارن جي باري ۾ خاصيت بيان ڪندي لکي ٿو:

”ناول جي هر ڪردار جي شخصيت جداگانه طبيعت واري هوندي آهي، پر سڀني ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ ظاهر ٿينديون آهن. سڀني ڪردارن جي شخصيتن مان هڪ شخصيت اهڙي هوندي آهي، جيڪا ٻين سڀني کان انوکي ۽ نرالي هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جو مرڪز به هوندي آهي ۽ سڀني شخصيتن سان واسطو رکندڙ به، تان ته انهن سڀني جو ميلاپ يا اتحاد قائم رهي ۽ پوري ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي قائم رهي.“(5)

**(الف) ڪردارن جا قسم:**

ناول ۾ ٻن قسمن جا ڪردار هوندا آهن. هڪڙا اُهي جن کي مزاحيه ڪردار چون ٿا، انهن جو صرف هڪ پهلو نظر ايندو آهي. اهي ڪردارن جي بجاءِ خاڪا ۽ ڪارٽون نظر ايندا آهن. ٻيا ڪردار اُهي آهن، جن جي شخصيت جا سڀ پهلو سامهون ايندا آهن. اهي ايترا ته حقيقي ۽ مڪمل شخصيت جا علم بردار هوندا آهن، جو اهي اسان کي حقيقي انسانن وانگر نظر ايندا آهن. انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي تي ترجيح نٿي ڏني وڃي، بلڪ انهن جو تعلق ناول



نگار جي پنهنجي فطرت سان هوندو آهي، ظفر اقبال صاحب ناول جي ڪردارن جي باري ۾ هيئن ٿو لکي:

”هڪ سٺي ناول لاءِ لازمي آهي ته هو اهڙا ڪردار تخليق ڪري جو اهي پڙهندڙ جي ذهن تي گهڻي عرصي تائين ڇانيل رهن. خاص ڪردارن ۽ عام ڪردارن ۾ فرق اهو آهي ته، خاص ڪردار، عام ڪردارن جي مقابلي ۾ آسانيءَ سان سڃاڻي سگهجن ٿا ۽ اهي ڪردارن جي هجوم ۾ پنهنجو هڪ خاص تاثر ڇڏين ٿا.“(6)

ناول نگار جيڪي ڪردار پيش ڪري ٿو، انهن ۾ ڪي ڪردار صرف اُهي هوندا آهن، جيڪي اوترو وقت ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ موجود هوندا آهن، جيترو وقت هنن جو عمل هوندو آهي. انهن کان ڪوبه اهم ڪم نه ڪرايو ويندو آهي. انهن جو ڪنهن به هڪ ڪم يا هڪ خيال سان واسطو هوندو آهي. اهڙن ڪردارن کي ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ ’سطحي ڪردار‘ سڏي ٿو، هو لکي ٿو:

”سطحي ڪردار جو ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪو خاص مقصد هوندو آهي، جنهنجو ڪنهن هڪ خيال يا ڪنهن هڪ ڪم سان واسطو هوندو آهي ۽ هو بلڪل ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هنن جي گفتگو بلڪل صاف لفظن ۾ هوندي آهي. هنن ڪردارن کي پنهنجي سطحي حالت ۾ مقصد ۽ صفت ڪري سڃاڻي سگهبو آهي ۽ پڙهندڙن جي ذهن تي جلد ئي اثرانداز ٿئي ٿو. اهي ڪردار نڪي شوخ هوندا آهن ۽ نڪي غمگين ۽ نه وري منجهيل شخصيت وارا. اهي خوش مزاج هوندا آهن، جنهن ڪري هنن کي چرچائي يا چٽيڻا به سڏيو ويندو آهي.“(7)

ناول ۾ ٻيا ڪردار اهڙا پيش ڪيا ويندا آهن، جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ڪم سرانجام ڏيندا آهن. هو همت وارا ۽ بهادر هوندا آهن، ۽ هر مشڪل کي منهن ڏيئي سگهندا آهن، اُهي سڄي ناول تي ڇانيل رهندا آهن. اهڙن ڪردارن کي ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ ’گول مول قسم جا ڪردار‘ سڏي ٿو. ڊاڪٽر پناڻ لکي ٿو ته:

”گول مول ڪردار اُهي آهن، جن جي شخصيت توڙي عمل پيچيده هوندو آهي ۽ ڪين آسانيءَ سان سمجهي نه سگهبو آهي. اهي ڪردار شوخ ۽ گنڀير نظر ايندا آهن. هنن جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي مقصد، خيال ۽ جذبا سمايل هوندا آهن. هنن جو ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪم هوندو آهي، زندگيءَ جا اهم ڪارناما انجام ڏيڻ. اهي ڪردار تمام برجستا هوندا آهن. اهي ڪهاڻيءَ ۾ شروع کان وٺي آخر تائين عمل ۾ سرگرم هوندا آهن. ناول جو دارومدار انهن ڪردارن سان وابسته هوندو آهي.“(8)

ڪردارن جي اهڙي خاصيت هئڻ گهرجي جو عام پڙهندڙ به ڪردارن

جي ڏکن، تڪليفن ۽ مصيبتن ڪي پنهنجو ڏک محسوس ڪري. پنهنجيءَ دل ۾ انهن لاءِ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪري، جيڪڏهن ڪردار خراب هوندا آهن ته پڙهندڙ انهن کان نفرت ڪندو آهي ۽ هن جي دل ۾ اها خواهش پيدا ٿيندي آهي، ته ڪاش! اهڙا ڪردار هن دنيا ۾ نه هجن ها. ڪردار نگاريءَ جي باري ۾ ’رابنسن‘ جو رايو آهي ته:

”ڪردار نگاريءَ جي معنيٰ ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جو نقش اهڙي خوبصورتيءَ سان چٽيل هجي، جو اهي ڪتابن جي بيجان پنن مان ٻاهر نڪري اچن.“(9)

ناول نگار زندگيءَ جو پارکو هوندو آهي. هو پنهنجي پرک سان هر زنده شخصيت مان پنهنجي ناول لاءِ مواد ۽ مقصد حاصل ڪري ٿو. هو زندگيءَ مان جيڪي ڪجهه حاصل ڪري ٿو، تنهن کي ساڳئي انداز ۾ پيش نٿو ڪري، پر انهن کي افسانوي رنگ ڏيئي، ڪردارن جي ذريعي پيش ڪري ٿو. جيئن رابنسن جو خيال آهي، رابنسن لکي ٿو ته:

”ناول نگار انسان جي انهن دلچسپين جو جائزو وٺي، انهن جو تجزيو ڪري ۽ افسانوي ڪردار جي ذريعي ان زماني جي معاشري جي تصوير ڪڍي ٿو.“

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

”فنڪار پنهنجي فن ۾ ائين پنهان هوندو آهي، جيئن هن جڳ ۾ خدا جو وجود مڃيو ويو آهي. خداوند ڪريم هر هنڌ موجود آهي، پر ظاهر ڪٿي به نظر نٿو اچي. فن به هڪ طرح جي تخليق آهي، انهيءَ ڪري ان جو رچيندڙ به ساڳيءَ طرح لڪل رهي ٿو.“(10)

ناول جي ڪردارن جي زندگي، حقيقي زندگي نه، پر حقيقت جي ويجهو هوندي آهي. ڪردارن جي زندگين جو عمل، ناول نويس جي پلاٽ موجب، افسانوي رنگ ۾ هوندو آهي، پر ان جو فن سان واسطو هوندو آهي.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته ناول، فن هئڻ جي ڪري زندگيءَ مان اپري نڪري ٿو، پر اهو حقيقي زندگيءَ جو صرف عڪس پيش ڪري ٿو. ڪردارن جي مدد سان زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيو ويندو آهي. اها حقيقي زندگيءَ جي تصوير هوندي آهي. ڪي ناول نگار وري ڪردارن کي مڪمل آزادي ڏين ٿا، جيئن گستاو فلابرٽ جو رايو آهي، هو لکي ٿو ته:

”مان پنهنجن ڪردارن کي مڪمل آزادي ڏيندو آهيان ته اهي زندگيءَ ۾ جيئن جيڪي مناسب سمجهن ٿا ڪندا رهن.“(11)

ان سلسلي ۾ مشهور ناول نويس ٿڪري (Thackeray) جو رايو آهي:



”مان پنهنجن ڪردارن مٿان ضابطو نٿو رکان. مان پاڻ انهن جي آڌار تي هوندو آهيان، پل هو مون کي جيڏانهن چاهين وٺي هلن.“(12)

ناول جي هر ڪردار جي شخصيت جداگانه طبيعت واري هوندي آهي، پر سڀني ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون، هڪٻئي جي مقابلي ۾ ظاهر ٿينديون آهن. سڀني ڪردارن جي شخصيت اهڙي هوندي آهي، جيڪا ٻين کان انوکي ۽ نرالي هوندي آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جو مرڪز به هوندي آهي ۽ سڀني شخصيتن سان واسطو رکندڙ به هوندي آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ناول جي ڪردارن کي ٽن طريقن سان پيش ڪري ٿو، هو لکي ٿو:

”ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن کي پيش ڪرڻ جي ٽن طريقن مان پهرئين طريقي ۾، ڪهاڻيءَ ۾ رڳو سورموءِ سورمي (Hero & Heroine) هوندا آهن. ٽئين طريقي ۾ اهم ڪردار هڪ هوندو آهي. پر ٻيا ڪردار مرڪزي ڪردار جي چوطرف ڦرندا نظر ايندا آهن، جن جو ڪم مرڪزي ڪردار جي شخصيت کي اُڀارڻ ۽ نمايان ڪرڻ هوندو آهي.“(13)

ناول جا ڪردار اسان جي زندگيءَ مان اُپري نڪرن ٿا ۽ اسان وانگر ئي هلن، گهمن ۽ ڦرن ٿا. انهن ۾ ڪڏهن مونجهارا به پيدا ٿين ٿا. هو منزل يا مقصد تي پهچندي ڏڪا، ٿاٻا ڪائيندي، پاڻ سنڀاليندي، پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ شروع ڪن ٿا. انهن جو اهو رستو خطرناڪ به هوندو آهي. انهن جي رستي ۾ تڪليفون به هونديون آهن. سمرسيٽ مام (Somerset Muagham) پنهنجن ڪردارن جي باري ۾ هيئن لکيو آهي:

”جيستائين مون پنهنجي تخيل ۾، ڪنهن زنده انسان جي خاص شخصيت کي ذهن ۾ رکندي، ان ۾ ڪا دائمي زوردار ۽ نرالي هلت پيدا نه ڪئي، تيستائين ڪردار به پيدا نه ڪري سگهيس.“(14)

ناول نگار پنهنجن سڀني ڪردارن جي خاص خاصيتن ۽ عملن کي پيش ڪندو آهي ته جيئن سندس مقصد پورو ٿئي. هو انهن سڀني ڪردارن جو اتحاد قائم ڪري ٿو ۽ ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي پيدا ڪري ٿو، جنهن جو دارومدار ڪردارن تي هوندو آهي. جيئن پروفيسر سيد عابد علي عابد پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

”مڪمل ڪردار انهن کي چئي سگهجي ٿو، جيڪي انساني خصوصيتون رکن ٿا، گڏوگڏ ڪجهه انفرادي خصوصيتون به رکن ٿا. اهڙن ڪردارن وارا ناول نگار گهڻو ڪري ڪامياب ليکيا ويندا آهن.“(15)

ڪامياب ناول نگار جي سامهون جيڪي به زندگيون هونديون آهن، تن کي هو پرکيندو آهي ۽ پوءِ جيڪي ڪجهه محسوس ڪندو آهي، اُن کي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

ناول نگار ڪردار بابت جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو تنهن ۾ هن جي شخصيت جون مکيه ڳالهيون هونديون آهن. اهڙا خيال جڏهن هو ڪردارن جي ذريعي چوائي ٿو ته پڙهندڙ انهيءَ ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ وندر حاصل ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ناول نگار اهڙن ڪردارن جي هلت چلت خاص مزاج واري پيش ڪري ٿو، ته جيئن پڙهندڙ ڪي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري سگهن. ڊاڪٽر ابوالليث صديقي پنهنجي ڪتاب ’ڷاۆڷ ڦڷي ڷڦضئ ڷفاۑئ ٻنڌ‘ ۾ لکي ٿو ته:

”اعليٰ درجي جي ڪردار نگاريءَ جي هڪ تقاضا اها به آهي ته هر ڪردار، عام انساني سرشت ۾ شامل هوندي به انهن صفتن ۽ خصوصيتن جو، جن ڪي ناول نگار پيش ڪرڻ چاهيندو هجي، جتي توهان ڪي ملي سجاڳي وٺو، انهن جو هر فعل (ڪم) هر مڪالمو، انهن جي انفراديت ۽ شخصيت جو اعلان ڪري، اها ڳالهه صرف گفتگو يا تڪيه ڪلام مان حاصل نٿي ٿئي. بلڪ اصل شيءِ ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيتن جي آهي. ناول نگار جو فرض آهي ته ڪردار نگاريءَ ۾ ان جي تشريح ۽ تفصيل تي پوري توجهه ڏئي.“(16)

انهيءَ ڪري ناول ۾، ڪردار نگاريءَ واري خصوصيت بيحد ضروري آهي. اهي ڪردار ئي بهتر سمجهيا ويندا آهن، جن ۾ دلڪشي هوندي آهي. ناول نگار جيتري وسيع دائري ۾ ڪردار پيش ڪندو، ان ڪي ايترو ئي اهم سمجهيو ويندو آهي، پر هو محدود دائري ۾ به ڪردارن ڪي اطمينان بخش زندگي ڏئي سگهي ٿو ۽ انهن ڪي پُراثر به بنائي سگهي ٿو. سنڌي ناول ۾ به ڪيترائي اهم ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، جن جي ڪري ناولن ۾ جان پيدا ٿي آهي ۽ اهي ڪامياب ناول مڃيا وڃن ٿا؛ مثلاً سراج الحق ميمڻ جا ناول، آغا سليم جو ناول ’همه اوست‘ ۽ آسانند مامتوراءِ جو ’حليما‘ ناول وغيره.

## ببليو گرافي


1. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، 1982ع، ص 58
2. احمد نديم قاسمي: هزار داستان، ديباچو
3. وقار عظيم: ’ڈاٻنجاڷ ٻنڌ اٻنباڷڌ جڦ‘ اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي، 1960ع
4. Somerset Maugham: The Summing up, 1938.
5. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 6
6. ظفر اقبال: حوالو ڏنو ويو آهي.
7. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 69
8. ايضاً، ص 69
9. ڪيرت ٻاٻاڻي: ادب ۾ قدرن جو سوال، بمبئي، سورٺ پبليڪيشن، 1974ع، ص 64
10. ايضاً





11. ايضاً، ص 11
12. ايضاً
13. ڏسو حوالو نمبر 1، ص 59
14. ڏسو حوالو نمبر 4
15. عابد علي عابد، پروفيسر: اسلوب، لاهور، مجلس ترقي ادب، 1966ع
16. ابوالليث صديقي ڊاڪٽر: ڷاۆڷ ڦڷي ڷڦضئ ڷفاۑئ ٻنڌ، ڪراچي، نگار پاڪستان، 1966ع

## 9. مڪالمه نگاري (گفتگو) ۽ سنڌي ناول:

ناول جي فني سٽاءَ ۾ مڪالمه نگاري يا گفتگو کي به تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ناول، ڊراما، افساني يا مختصر ڪهاڻيءَ ۾ انساني ڪردارن کي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ڏيکاريو ويندو آهي. اهڙيءَ گفتگو جي لکڻ واري انداز کي ’مڪالما نگاري‘ چيو ويندو آهي. ڪهاڻيءَ کي شروع کان پڇاڙيءَ تائين گفتگو جي ذريعي ئي پهچائي سگهجي ٿو. گفتگو جو تعلق سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح پلاٽ سان هوندو آهي، جيڪو ڪهاڻيءَ جي سلسلي کي قائم رکيو ويندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ انسانن کي پيش ايندڙ واقعا بيان ڪيا وڃن ٿا. اهي واقعا انسانن کي معاشري ۾ سماجي حالتن جي ڪري يا ماحول ۾ پين سببن جي ڪري پيش اچن ٿا، جن کي هو پنهنجي زبان سان بيان ڪن ٿا. زبان يا ٻولي، هر ڪنهن معاشري يا سماج جي، پنهنجي پنهنجي هوندي آهي ۽ ان جي مدد سان ئي سماج جي هر پهلوءَ کي پرکي سگهجي ٿو. انهيءَ پرک جو تعلق سماج جي سڀني تعلق رکندڙ انسانن جي ذهين ۽ جسماني تحريڪن، سندن خواهشن ۽ عملن، سندن قوتن ۽ سوچن سان هوندو آهي. ان ۾ سماج جي ريتين رسمن، تهذيب ۽ تمدن، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ روزمره جي زندگي جي هڪ طرف خبر ملي ٿي ۽ ٻئي طرف سماجي زندگيءَ جي نمائندگي پڻ ٿئي ٿي.“(1)

ناول ۾ ڪردارن جي شخصيت ۽ سندن عمل توڙي ڪارگذارين، انهن جا سبب ۽ نتيجا سڀ گفتگو جي مدد سان ظاهر ڪيا ويندا آهن. ناول نگار مڪالمن يا گفتگو جي مدد سان، ڪردارن جي شخصيت کي اُجاگر ڪندو آهي، ۽ پڙهندڙ کي ڪردارن جي، ڪيترين ئي خوبين کان آگاهه ڪندو آهي. ڪي ناول نگار مڪالمن کي خيالن جي اظهار جو ذريعو بڻائي، ڪردارن جي داستان، پنهنجا خيال، پڙهندڙن تائين پهچائيندو آهي. سٺن مڪالمن جي پڙهڻ سان ناول مان لطف ايندو آهي ۽ پڙهندڙ جي به دلچسپي وڌندي آهي.

مڪالمه نويسي ڇا آهي؟ ان ڏس ۾ علي عباس حسيني پنهنجي ڪتاب، ’ناول ڪي تاريخ و تنقيد‘ ۾ لکي ٿو ته:

”ناول نگار جي اختيار ۾ خيالن جي اظهار جو بهترين طريقو يا وسيلو، مڪالمه نويسي آهي. هوان (مڪالمن) مان باقاعدي فائدو حاصل ڪري ٿو. مصنف پنهنجي ڪردارن جي زباني جيڪو به چاهي ٿو، ۽ جيڪو ضروري سمجهي ٿو سو چوارائي ٿو.“(2)

انهن مڪالمن جي صحيح جڳهه ۽ موقعي تي استعمال ڪرڻ هڪ وڏي



ڪاميابي آهي. اهوئي سبب آهي جو سقراط پنهنجي قوم جي اصلاح مڪالمن جي ذريعي ڪئي، ۽ افلاطون ’جمهوريت‘ نالي ڪتاب لکيو. ان ۾ مڪالمن جي ذريعي پنهنجو فلسفو سمجهايو ۽ اهڙيءَ طرح ’برڪلي‘ به مڪالمن جي ذريعي پنهنجو فلسفو سمجهايو.

ناول نگار پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، يا پنهنجي منزل تائين پهچڻ لاءِ، پنهنجي قدرن کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ پڙهندڙن سان ڪي اهڙا سمجهوتا ڪري ٿو. مڪالمن ۾ اهڙي قسم جي سمجهوتن جا وڌيڪ پهلو روشن ۽ واضح نظر ايندا آهن.

مڪالمن جي لاءِ هڪ خاص اهميت واري ڳالهه هيءَ آهي ته مڪالما، ڪردارن جي حيثيت ۾، انهن جي حال مطابق هئڻ گهرجن. تعليم يافته ماڻهوءَ جي گفتگو جي انداز ۽ غير تعليم يافته ماڻهوءَ جي گفتگو جي انداز ۾ فرق هوندو آهي. اهڙيءَ طرح انهن جي رهائش، طور طريقن سان گڏوگڏ گفتگو جو طريقو به بدلجي ويندو آهي. مثال طور آغا سليم پنهنجي ناول ’اڻ پورو انسان‘ ۾ صفحي 118 تي لکي ٿو ته:

”او! اِٽ سائونڊس سو رومانٽڪ (Oh! It sound so romantic) هي ته والٽر اسڪاٽ جي ناول جو ڪردار ٿو لڳي. ٻيءَ ڇوڪريءَ چيو: ”مان ماضيءَ کي ۽ ماضيءَ جي سڀني مٿز ۽ ليجينڊز کي ڊس اون ٿو ڪريان ۽ نئين دور جي نون مٿز، نون ليجينڊز ۽ نئين انسان جي آجيان ٿو ڪريان.“

”نئون انسان! هڪ نوجوان جنهن ايليٽ کي پڙهيو هو، تنهن ٺوڪزنيءَ سان چيو: ”اعليٰ قدرن کان خالي، وفادارين کان خالي ۽ کوکلو انسان هالو مئن آهي ته هن جي پيدا ٿيڻ تي ايليٽ وانگر ماتم چو ٿا ڪريو. هن کي قبول ڇو نٿا ڪريو.“(3)

ٻئي هنڌ وڏيري جي ڪردار جا مڪالما يا گفتگو، سراج الحق پنهنجي ناول ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ ۾ صفحي 33 تي هن ريت بيان ڪري ٿو:

”تر ۾ گهرام خان جي ڪا نيڪي ڪانه هئي، ذات چور، لنب ۽ شودو هن جي اوطاق جو سلامي هو. اوڙي پاڙي ۾ چوري چڪاري ٿيندي هئي ته پيري پير ڪٽي اچي گهرام خان جي اوطاق تي بيهندا ۽ پاڳيا پنگ ڏيئي پنهنجو مال ڪاهي ويندا هئا، ۽ ڏينهن جا ڏينهن رئيس جا مزمان ٿي رهندا هئا. ماڻهن جي ٻڇوڙ ۾ رئيس جو نالو ڪٽي بس ڪر. دنگئي وڏيرا هن کان اهڙو وئن ويندا هئا جو ڪنهن ميڙي ملاڪڙي ۾، يا شادي مراديءَ تي مڪاميلو ٿيندو هون ته پاڻءِ ته پيرن هيٺان ٽانڊو اچي ويندو هئن. وڏيري خان محمد وارو مامرو سڀني کي ياد اچي ويندو هو. ٿيو هيئن جو وڏيري خان محمد وٽ هڪڙو بلڊاگ ڪُتو هوندو هو، جنهن جو نالو ئي رکيائين ’شيرل‘. هوئن

ته رئيس گهرام خان وٽ ڪتن جي لوڏ هئي، پر جڏهن ڪان وڏيري جي ’شيرل‘ جي ناموس ٻڏي هئائين، تڏهن ڪان هن جو سک ڦٽي پيو هو... هيڪاري جڏهن وڏيرو خان محمد پنهنجي ويانهن جي خوشيءَ ۾ رڇ ۽ ڪتن جي ويڙهه ڪرائي ۽ وڏيري گهرام پنهنجي اڪين سان اها ويڙهه ڏٺي، تڏهن ڪان ’شيرل‘ لاءِ هن جي تقاضا چوٽ چڙهي وئي. رڇ، ڇئن پنجن پلن تازي ڪتن کي واري واري سان ڏک ئي هڪڙو هنيو ۽ ڪتا ڪيڪڙاٽ ڪندا، پڇ ٽنگن ۾ ڏيئي گولي ٿي ويا.“(4)

مڪالمن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”سماج ۾ رهندڙ انسان تي هر وقت معاشي، معاشرتي، سياسي ۽ ٻيون حالتون، جيڪو اثر ڪنديون رهن ٿيون، تن تي هر وقت هو سوچيندو رهي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه سوچي ٿو، تنهن کي ٻين تائين آڻڻ لاءِ زبان استعمال ڪري ٿو، يعني هن جي زبان، هن جي سوچ جو اظهار هوندي آهي، يعني سماج جي ترجماني ڪندي آهي. هر ڪنهن سماج جي سوچ جدا جدا هوندي آهي، جنهن جو تعلق گهرو حالتن سان آهي ۽ هر ڪنهن سماج ۾ رهندڙ جو سڀاءُ ڪي ظاهر ڪندي آهي. هر سماج جا فرد پنهنجي زبان ۾ گفتگو جي ذريعي ئي پرکيا ويندا آهن.“(5)

اهڙيءَ طرح هر سماج جي ڪردارن جي اظهار جو وسيلو گفتگو ئي آهي. مڪالمن جي هڪ خوبي اها به آهي ته جيئن ڊاڪٽر اختر حسين پنهنجي ڪتاب ’جلَڦيڏ اِوڙ جقڦيِڦي ضاِيڏڏ‘ ۾ لکيو آهي:

”مڪالمن جي هڪ خوبي اها به آهي ته انهن ۾ چستي، اختصار ۽ جامعيت به هوندي آهي.“(6)

ڪنهن به سٺي ناول ۾ مڪالما ان جي جان هوندا آهن. اهي ڪردارن جي سيرت جي عڪاسي ڪرڻ ۽ پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڏين ٿا. انهيءَ ڪري ئي گفتگو کي ناول جو اهم جزو سمجهيو وڃي ٿو، ۽ جنهنجو واسطو ’طرز بيان‘ سان آهي. مڪالما نگاري ناول جي خوبين مان هڪ آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:

”ناول ۾ ڪردارن جي شخصيت ۽ سندن عمل ۽ انهن جا سبب ۽ نتيجا سڀ گفتگو جي مدد سان ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ به گفتگو تي مدار رکي ٿو.“(7)

آغا سليم پنهنجي ناول ’روشنيءَ جي تلاش‘ ۾ صفحي 64 تي لکي ٿو ته:

”منهنجون ڳالهيون دل ۾ نه ڪندو ڪر. مان بيمار عورت آهيان. اسان سڀيئي روحاني ۽ ذهني طور بيمار آهيون. اسان ۾ تندرست انسان صرف اهو ڳوناٺو آهي، جيڪو وڻ جي ڇانوَ هيٺ، پٿر تي مٿو رکي، اجرڪ تاڻي، سٽو



پيو هو. اصل ۾ اسان جڏهن ٻار جي پرورش ڪندا آهيون، تڏهن ڪيس جدا جدا هٿيار ڏيندا آهيون، جن سان هو زندگيءَ جي ميدان ۾ وڃي، حالات جو مقابلو ڪندو آهي. مان پڳل ٽٽل ۽ مُڏا هٿيار ڪڻي ميدان ۾ آئي آهيان ۽ پنهنجن خواهشن ۽ خيالن جي هٿان شهيد ٿي وئي آهيان، پر مون اجا شڪست ڪانه قبولي آهي.“(8)

ناول جي گفتگوءَ لاءِ ضروري آهي ته ناول نگار انهيءَ کي مختصر لفظن ۾ پيش ڪري ۽ اها آسان ۽ سولن لفظن ۾ هئڻ گهرجي. اها بامقصد هئڻ گهرجي، اها موقعي ۽ مهل، وقت ۽ جاءِ مطابق ۽ حقيقت جي ترجماني ڪندڙ هجي. انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت ڪندي ڊاڪٽر اختر حسين لکي ٿو ته:

”واقعات نگاري، زندگي جي صحيح ترجماني ۽ ڪردارن جي عمل جي روش، انهيءَ ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿي ته هڪ خاص قسم جي ٻولي استعمال ڪن. پر انهيءَ جي باوجود فنڪار مجبور آهي ته هو مڪالمن لاءِ هڪ خاص قسم جي ادبي ٻولي استعمال ڪري ٿو، جا معمولي زندگيءَ جي زبان ڪان ويجهي ڪردارن جي اسلوب، فڪر ۽ ذهن جي مطابق ۽ پلاٽ جي تقاضا مطابق هجي.“(9)

ناول نگار ڪهاڻي تيار ڪري ٿو. انهيءَ ۾ هو پنهنجي مرضيءَ سان ڪردار آڻي ٿو. ڪيترائي واقعا بيان ڪري ٿو ۽ اِهي هو ڪردارن جي گفتگو جي ذريعي حقيقت معلوم ڪرائي ٿو. اهوئي ناول نگار جي ڪاميابيءَ جو سبب آهي.

آغا سليم پنهنجي ناول ۾ زندگيءَ جي باري ۾، مختلف راءِ پيش ڪري ٿو. هو هڪ هنڌ لکي ٿو:

”زندگي ايتري اهم آهي ئي ڪانه جو ان جي باري ۾ سنجيدگيءَ سان ويهي سوچجي. زندگي عورت جيان آهي، جيئن تون ڪيس نوڪرون هٽندين، تيئن هوءَ تنهنجي پيرن ۾ ڪرندي ۽ جيئن تون سندن پيرن ۾ ڪرندين تيئن هوءَ توکي نوڪرون هٽندي.“(10)

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”منهنجا خواب پرست مارڪسٽ دوست! زندگي مقابلي ۽ چٽاڀيٽيءَ جو نالو آهي. هر ڪنهن کي موقعو ڏنو ويو آهي ته هو ان چٽاڀيٽيءَ ۾ حصو وٺي ۽ زندگيءَ جي حسن ۽ مسرت کي ماڻي، جن ۾ قوت آهي، اهي، ان ۾ ڪامياب ٿي زندگيءَ جون مسرتون ٿا ماڻين ۽ جن ۾ قوت ڪانهي، جيڪي مقابلو ڪري نٿا سگهن، اهي زندگيءَ جي مسرتن ڪان محروم رهجي ٿا وڃن.“(11)

مطلب ته سنڌي ناولن ۾ مڪالما يا گفتگو، پُر معنيٰ، وزندار ۽ موقعي جي مناسبت سان، مختلف ڪردارن جي واتان، مختلف وقتن تي وزندار ۽ دلچسپ جملا چورايا آهن. سماج جي مختلف طبيعتن وارن فردن جي گفتگو

شامل هوندي آهي. ناول نگار گفتگو جي مدد سان ئي سماج جو تجزيو پيش ڪندو آهي.

## ببليوگرافي


1. پناڻ غلام حسين: ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي.
2. علي عباس حسيني: لاؤل ڦي جاڏيڪ ۆ جلڦيڊ، لڦيلۆ، اِلڍيل بڦ ڍيصۆ، 1982ع، ص 70-71
3. آغا سليم: اڌورو انسان، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن 1985ع، ص 118
4. سراج الحق: پياسي ڌرتي رمندا بادل، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1989ع، ص 33
5. ڏسو حوالو نمبر 1 ص 71
6. ڊاڪٽر اختر حسين: جلڦيڊ اِۆڈ جڦڦيڦي ضائزذ،لاهور، سنگ ميل پبليڪيشن.
7. ڏسو حوالو نمبر 1 ص 71
8. آغا سليم: روشني جي تلاش، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1989ع، 69
9. ڏسو حوالو نمبر 6
10. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 65
11. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 99

باب ائون

# سنڌي ناول نگارن جي ناولن جو تنقيدي جائزو

## (الف) سنڌ جا سنڌي ناول نگار

### 1. آغا سليم:

(**تعارف:** آغا سليم جو اصلي نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان آهي. هو 7 اپريل، 1945ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.

آغا سليم پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن ۾ اعليٰ عهدي، ڪنٽرولر براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن تان ريٽائرڊ ٿيو ۽ پوءِ ڪافي عرصي تائين ’جاڳو‘ اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

آغا صاحب هڪ ذهين ۽ صوفي منش شخص آهي. علم ادب کان سواءِ، راڳ سان به گهڻي دلچسپي اٿس. هو نهايت ئي حساس طبيعت وارو، خوش مزاج ۽ خوش خلق انسان آهي. سندس ڊرامو ’دودو چنيسر‘ جڏهن اڳوڻيءَ اوريئنٽ هوٽل ۾ اسٽيج ڪيو ويو، تڏهن ويٺل اديبن مان مرحوم حيدر بخش جتوئي ايتري قدر ته متاثر ٿيو جو هڪ نظم لکيائين، جنهن جو رديف هو: ’جيئي سنڌ، جيئي سنڌ‘. دراصل سنڌي نوجوانن ’جيئي سنڌ‘ نعرو، ان ڏينهن کان ئي شروع ڪيو هو، جنهن ڏينهن حيدر بخش جتوئيءَ سندس اهو نظم حاضرين جي سامهون پڙهيو. آغا سليم قومي جذبو رکندڙ اديب آهي. هن نه صرف افسانه لکيا پر سندس ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي- وي ڊراما پڻ نشر ٿيل آهن.

آغا سليم، شاهه لطيف جي چونڊ شاعري، اردو زبان ۾ ترجمو ڪئي آهي، جنهن جو عنوان آهي ’لٰاِلّٰ لّضيِف ڦٖنڌ‘. سندس اهو ڪتاب لوڪ ورثي جي قومي اداري طرفان، اسلام آباد مان، شايع ٿيو. اهڙيءَطرح بابا فريد گنج شڪر جي ڪلام مان سنڌي ڪلام چونڊيائين، جيڪو سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيو. آغا سليم جا لکيل ٻيا ڪتاب هي آهن:

(1) اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)
(2) اڻ پورو انسان (ناول)



(3) همه اوست (ناول)
(4) ٻه ننڍا ناول (ناول)
(5) ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)
(6) چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)

آغا سليم جو نالو موجوده دؤر جي وڏن اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. آغا سليم، سنڌي ادب ۾، هڪ وڏو نالو آهي. هن سنڌيءَ ۾ جديد طرز تي ناول به لکيا آهن. سندس افسانا، ناول ۽ ڊراما قوميت جي رنگ ۾ رڱيل آهن. هن پنهنجن ڪهاڻين ۾ نون نون موضوعن سان گڏ، ٽيڪنڪ ۾ به نوان نوان تجربا ڪيا. سندس فن جي باري ۾ هو پاڻ لکي ٿو ته:

”اهو دؤر اسان جي ڪهاڻين جو عبوري دؤر آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جي موضوعن سان گڏ ٽيڪنڪ ۾ به نوان تجربا ڪيا ويا.“(1)

آغا سليم جو تخليقي عمل به پنهنجي پهلوءَ ۾ هڪ نئون فني تجربو رکي ٿو).

آغا سليم، سنڌي ٻوليءَ ۾ فڪشن لکندڙ هڪ منفرد ليکڪ آهي. هن جو شمار، ترقي پسند ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. ساڳئي وقت هو رومانوي ليکڪ پڻ آهي. اهڙيءَ طرح ڪي وري هن کي، وجوديت واري نظريي تحت لکندڙ اديب مڃين ٿا. هو حقيقت پسند ليکڪ آهي. هن تقريباً هر نئين نظريي ۽ رجحان کي اپنائي، انهيءَ ۾ ادب تخليق ڪيو.

آغا سليم هڪ حقيقت نگار اديب آهي. هن سماج جي سچن مسئلن تي لکيو آهي. رومانيت واري نظريي جو هي ليکڪ يا فنڪار، زندگيءَ جي سادن سودن واقعن، ناخوشگوار موضوعن کي، پنهنجي اظهار جو ذريعو بنائڻ بدران، تخيل جي مدد سان رومانوي نظريي وارا منظر، واقعا ۽ ڪردار واضح ڪندو رهيو آهي.

هن جي تخيل جو بنياد مشاهدي تي ٻڌل نه هوندو آهي، بلڪ ان جي بدران هو ان لاءِ تخيل ۽ تصور جو سهارو وٺندو آهي. آغا سليم وٽ زندگيءَ کان فرار واري رومانيت نه آهي، بلڪ سندس ذهن، شعور جي وهڪري ۾ لڙهندو، زمان ۽ مڪان جا تفاوت مٽائيندو، تاريخ جي مختلف تهذيبي دؤرن ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو. سندس تصور انسان جي بلند ترين ۽ ارفع مقامات تائين پهچي وڃي ٿو ۽ نيٺ اهو فن جي مثاليت جو اهڙو روپ ڌاري ٿو، جيڪو ابديت جو ضامن بنجي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح محبت جو جذبو، رومانيت جو اهم عنصر بنجي وڃي ٿو. آغا سليم پنهنجين تخليقن ۾ محبت کي مرڪزي جاءِ ڏني آهي. هن انساني فطرت ۾ محبت جي جذبي کي سطحي طرح نه، پر هڪ سحر آفرين جذبي جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي، ۽ محبت کي انساني

تهذيب ۾، هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو اٿس. هو معموليءَ جي بجاءِ، غير معمولي، ظاهر ۽ واضح شين بدران، پوشيده ڳالهين کي واضح ڪرڻ جو قائل آهي. انهيءَ ڪري جديد سنڌي افسانوي ادب جي تخليقڪارن ۾ ڪيس نمايان حيثيت حاصل آهي.

آغا سليم وٽ هڪ خاص قسم جو تصور يا انداز نظر آهي. هن جون نظرون زندگيءَ ۾ اهڙن پهلوئن کي تلاش ڪري وٺن ٿيون، جيڪي سچائيءَ ۾ ترنديون ۽ رنگينيءَ جي آغوش ۾ پلجنديون رهن ٿيون. سندس فني تجربي جو پنهنجو جداگانه رنگ آهي، ۽ تخليقي ڪاوش ۾ هن تقليد جي بدران، پنهنجي واٽ ورتي آهي.

آغا سليم جا موضوع بلڪل نوان آهن. هن پنهنجن موضوعن ۾، گهٽوگهٽ پنهنجي ديس جي محبوب تهذيبي قدرن جي زوال جو ذڪر ڪيو آهي. هن رومانيت کي، سنڌي تهذيب جي قدرن جي احساس کي منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

آغا سليم جو مشاهدو تمام گهڻو تيز آهي. هو جيڪي ڪجهه پنهنجي چوڌاري واري ماحول ۾ ڏسي ٿو، جنهن واقعي سان هن کي خوشي غم حاصل ٿئي ٿو، اهو هو ٻين سان ونڊڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ هن طرح ٻڌائي ٿو:

”جيڪي ڪردار، ارادا، مقصد ۽ آدرش ليکڪ وٽ هوندا آهن، اهي ليکڪ ذهن ۾ تيار ڪري پوءِ پلاننگ سان ويهي لکندو آهي... هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪانه ڪا مام، ڪونه ڪو مقصد ۽ ڪونه ڪو ميسيج، ان جي مرڪز ۾ رکيل ته ضرور هوندو آهي، يا اها ڳالهه ٻيءَ طرح سمجهايان ته، مان پنهنجي لکيل ادب ۾، فڪشن ۾، پنهنجين خوشين، غمن ۽ پيڙائن کي ٻين سان ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ به پنهنجو آدرش سمجهان ٿو. مثال طور: رات جو هلندي هلندي چنڊ جو اهڙو روپ نظر اچي، جنهن کي ڏسڻ سان منهنجي دل چوندي آهي ته مان توکي به ٻڌايان... ڏس ڏس چنڊ ڪهڙو نه سهڻو پيو لڳي... تخليقي عمل ۾ به اهوئي آهي ته ليکڪ ٻين کي حصيدار بنائي، شيئر ڪري، جيڪو هن پاڻ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي.“(2)

آغا سليم جي خيال مطابق جيڪو، ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگي چيو وڃي ٿو، ته ادب براءِ ادب ٿيندو ئي ناهي. ادب آهي ئي براءِ زندگي، جيڪو ماڻهو حسن جي ڳالهه ڪري ٿو ته اها به زندگي آهي. انهيءَ ڪري هو جيڪو حسن ڏسي ٿو، جيڪي حسين شيون سندس آڏو اچن ٿيون، اهو هو ٻين کي ٻڌائڻ ۾ پنهنجو آدرش، اهو ئي سندس ارادو ۽ اهوئي سندس ميسيج آهي، هو پنهنجي انهيءَ انقلابي تصور جو جواب ڏيندي ٻڌائي ٿو ته:



”مون وٽ انقلاب جو تصور رومانوي آهي. منهنجي آڏو رومانيت ڪان سواءِ فن اڌورو آهي. منهنجي فن ۾ انقلاب جو تصور ڳاڙها جهنڊا، لڙڪيل لاش، يا رت جون نديون ڪٽي اچڻ وارو ڪونهي... مون لاءِ انقلاب جو تصور پرينءَ جي روپ ۾ ٿو اچي ۽ مان ان لاءِ ائين ٿو چوان ته منهنجو پرين ايندو، جنهن جي پيشاني پرهه جهڙي آهي. مون وٽ انقلاب جو اهڙو ئي رومانوي تصور آهي ۽ سچ ته رومانيت ڪان سواءِ لکڻ جو تصور آهي ۽ سچ ته رومانيت ڪان سواءِ لکڻ جو تصور به ڪري نٿو سگهان.“(3)

آغا سليم پنهنجن ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ هڪ نئين نفسياتي رخ، ’شعور جي روءِ‘ کي اهميت ڏني آهي، بلڪ اهو چئجي ته بجا ٿيندو ته، آغا سليم سنڌي افسانوي ادب ۾ ’شعور جي روءِ‘ (Stream of Consciousness) جو جديد رجحان، سڀ کان اول آندو. شعور جي روءِ، سندس ذاتي تجربي جو جز بڻجي، ناول ۾ اُڀري، ۽ اُن مان هڪ انتهائي خوبصورت آهنگ پيدا ٿي، جنهن سندس فن کي دلڪشيءَ سان گڏ انفراديت به بخشي آهي.

دراصل انگريزي ادب ۾، ورجينا وولف ۽ هڪسلي پنهنجي فڪشن جو بنياد شعور جي روءِ کي بنايو ۽ پنهنجي احساس جو ڪئنواس صدين تائين پکيڙيو. اردو ادب ۾ به انهيءَ نظريي کي قائم رکڻ ۽ مقبول بنائڻ لاءِ قرة العين حيدر جون ڪوششون بارآور ثابت ٿيون. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب ۾ آغا سليم جو هي فني تجربو، دائمي قدرن جو حامل آهي. انهيءَ نظريي مطابق، هو ڪنهن خاص واقعي تي زور ڏيڻ بدران، صرف ڪردار جي ذهن ۽ شعور جون تصويرون پڙهندڙ جي اڳيان آڻڻ چاهيندو آهي.

آغا سليم پنهنجن ناولن ۾ وڌيڪ ڪامياب نظر اچي ٿو. هن پنهنجي فڪر ۽ بيان کي قابوءَ ۾ رکيو آهي، ۽ پيچيده ڳالهين کي اهڙيءَ طرح ته آسان ۽ سولي طريقي سان بيان ڪيو آهي، جو انهن مان هڪ صاف ۽ سلجهيل تاثر ملي ٿو.

آغا سليم جي لکيل ناولن ۽ ناولٽ پڙهڻ سان، تهذيبي قدرن جو شعور پيدا ٿئي ٿو. هو قوم جي تاريخي لاڳاپن کان آگاهه ڪرائي ٿو. هو قوم يا فرد جي نفسياتي ڪيفيتن يا طبقاتي يا ثقافتي پهلوءَ جو هڪ اهڙو عرفان بخشي ٿو، جنهن جي حيثيت مان ڪامياب يا شڪست جو ذڪر، ڪونه ڪو رخ ظاهر ٿيندو رهي ٿو. نصير مرزا، عبرت مئگزين ۾ آغا سليم جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”پنهنجي فڪشن ۾ آغا صاحب مون کي اتهاس جو ليکڪ ۽ تاريخ جو ماڻهو لڳندو آهي. هن جي ذهن کي سنڌ جي پنج هزار ساله عظيم تاريخ ۽ تاريخ جي زوال ۽ تباهين، وقت جي اُٿل پٿل ۽ پونچال گهڻو هنٺ ڪيو ٿو

ڏسجي... سندس ناول، سنڌ جي لهو لهو تاريخ تي ڳوڙها ڳاڙيندا ٿا نظر اچن.“(4)

آغا سليم جو لکيل ناولٽ ’روشنيءَ جي تلاش‘، 1960ع ۾ شايع ٿيو ۽ سندس ٻيا لکيل ناول هي آهن: ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘، ’اڌ پورو انسان‘ ۽ ’همه اوست‘. سندس لکيل ناولن مان ڪن تي هيٺ تبصرو ڪجي ٿو:

**(1) همه اوست:**

آغا سليم جو ناول (همه اوست)، نيو فيلڊس پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هي ناول صوفي شاهه عنايت شهيد جي دؤر جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي، جيڪو ان دؤر جي مزاج ۽ وحدت الوجود جي فلسفي جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. هي ناول سنڌ جي تاريخ جي پس منظر، ارغون دؤر جي پڇاڙي ۽ مغلن جي دؤر ۽ ڪلهوڙن جي دؤر تي لکيو ويو آهي. ٻيو ته هي ناول ان وقت سنڌ ۾ رائج تصوف جي بنيادن تي روشني وجهي ٿو. هن ۾ هندو ڌرم، اسلام ۽ ڪرسچنن جي مذهب ۾، ان عنصر کي موجود ڏيکاريو ويو آهي، ته انسانيت ئي، هڪ بين الاقوامي مذهب آهي. هن ناول ۾ بيان ڪيل ٽيون نقطو سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مختلف رنگن روپن جي منظر ڪشي آهي ۽ چوٿون نقطو اهو آهي ته هن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعر، شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شعر ۽ شاهه عنايت شهيد جي تصور جي نقطي جي اپٽار ڪيل آهن.

آغا سليم جي ناول، ’همه اوست‘ جي ڪهاڻيءَ جو مک پلاٽ ٽن، سب پلاٽن ۾ ورهايل آهي. اهي هن طرح آهن:

(1) سارنگ جي ڪهاڻي، (2) ماڻڪ جي ڪهاڻي، (3) الفانسو باربوسا جي ڪهاڻي. هن ناول ۾ هر پلاٽ پنهنجيءَ جڳهه تي مڪمل ڪهاڻي آهي، ۽ ان جي انجام تائين رسائيندڙ به آهي.

همه اوست ناول ۾ ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون بيان ڪيل آهن، جيڪي هن ناول جي اهم خوبين ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون. اهي آهن: پهرين ته هي ناول (Third Person) جي صورت ۾ لکيل آهي، ٻيو اهو ته هي ناول نيم تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي ۽ ٽين اهم خوبي اها آهي ته هي ناول رومانوي ڪيفيت ۾ لکيو اٿس.

جيئن اڳ ۾ ٻڌايل آهي ته، آغا سليم هن ناول ۾ ٽن مختلف ڪردارن: هڪ مسلمان، سارنگ، ٻيو هندو ماڻڪ ۽ ٽيون ڪرسچن الفانسو جي ڪهاڻي پيش ڪئي آهي.

ناول جو مرڪزي ڪردار سارنگ آهي، جيڪو سنڌي مسلمان آهي. هو بهادر آهي. هن ۾ اڳتي وڌڻ ۽ ڪجهه ٻڌجي ڏيکارڻ جو وڏو جذبو آهي. هو



عالم به آهي ته مذهب ۽ فلسفي جي سمجهه به اٿس. وڏن وڏن مسئلن تي عالماڻو جائزو پيش ڪري ٿو. تصوف جي تاريخ ٿو بيان ڪري ۽ ان سان گڏ پنهنجا نظريا به پيش ڪري ٿو، پر جڏهن مغلن وٽ وڏو عهدو ماڻي ٿو، تڏهن انهن جي حڪم موجب تلوار سان پنهنجن سنڌي ماڻهن جون سسيون لاهي ٿو. نيٺ هڪ وقت اهڙو اچي ٿو، جڏهن هن کي اهو احساس ٿئي ٿو ته، هو انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيئي رهيو آهي، جن هن تي ڪيترائي ظلم ڪيا هئا. ٻئي طرف هو سنڌ جو عاشق به آهي، ۽ سنڌ سان ڪيس بيحد پيار به آهي.

سارنگ جو ڪردار دولت پرست، جاهه پرست، ماديت ۾ يقين رکندڙ ۽ منڪرالمذهب آهي. هو آتش پرستيءَ ۾ ايترو ته محو ٿي وڃي ٿو، جو هو اعليٰ قدرن، اخلاق، نياز، نوڙت، حلم ۽ برداشت کي هيچ سمجهي ٿو، جنهن جو ذڪر سندس زباني، ناول ۾ هن طرح ٿيل آهي:

”انسان جي عزت، لياقت سان نه پر طاقت آهي.“(5)

هن ناول جو ٻيو اهم ڪردار ماڻڪ آهي، جنهن جو واسطو هندو ڌرم سان آهي. هو فطري طور تي عيش آرام ڪان پري، فطرت ۽ انسان جي تعلق تي سوچيندڙ نوجوان آهي. هو صوفي طبيعت جو مالڪ آهي. هو شاهه لطيف ڪان ورد وٺڻ وڃي ٿو، پر اتي سندس ملاقات شاهه صاحب سان نٿي ٿي سگهي ۽ پوءِ هو مايوس ٿي روحاني سڪون جي تلاش ۾ شادي ڪري ٿو، پر تڏهن به سندس روحاني تڙپ جو علاج نٿو ٿئي. نيٺ هو دنيا کي تياڳي ٿو، سنياس وٺي ٿو ۽ سفر ڪندي، جبل ۽ جهر جهنگ جهاڳيندي، اچي صوفي شاهه عنايت جي درگاهه تي پهچي ٿو جتي روحاني تسڪين حاصل ڪري ٿو، ۽ زندگيءَ مان ايترو ته مطمئن ٿي وڃي ٿو، جو آخر ۾ بخوشي موت قبولي ٿو.

هن ناول ۾ موضوع جي نواڻ سان گڏ هڪ پختي ڪردار نگاري، سيرت نگاري ۽ اسلوب بيان جي خوبصورتي پڻ شامل آهي. آغا صاحب هن ناول ۾ تصوف جو هڪ اهڙو موضوع ڪنيو آهي، جنهن تي شايد ئي هن ڪان اڳ ڪنهن لکيو هجي. هن انساني فطرت ۾ محبت جي جذبي کي هڪ سحر آفرين جذبي جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي ۽ محبت کي انساني تهذيب ۽ هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو آهي. هن معمولي شين جي بدران غير معمولي شين کي ۽ انهن جي پوشيده ڳالهين کي واضح ڪيو آهي. حاصل مطلب هي ناول، آغا سليم جو هڪ بهترين ناول مڃيو وڃي ٿو.

**(2) اڌ پورو انسان:**

آغا سليم جو هي ناول 1985ع ۾ نيو فيلڊس وارن شايع ڪيو. سندس هي ناول اعليٰ سوسائٽي جي ماڻهن جي کوکلي زندگيءَ جو هڪ نقش آهي.

هن ناول ۾ هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جنهن وٽ جسماني عيش و آرام ۽ لذتون، دولت، اختيار ۽ هر شيءِ، هر طرح موجود آهي، ليڪن ان هوندي به هو اندر ۾ سڪون ۽ آسودگيءَ لاءِ تڙپي رهيو آهي. هن ڪنهن به عورت سان سچو پيار نه ڪيو آهي، پر هن جي خوبصورتيءَ ۾ شوق صرف، جسماني لذت تائين محدود آهي. هن ڪنهن دوست سان دل جي سچائيءَ ۽ خلوص سان محبت يا دوستي ڪئي، ۽ نه ڪنهن انسان جي ڏک کي، پنهنجي دل ۾ گهرائيءَ سان محسوس نه ڪيو. هن پنهنجيءَ زال کي به ڪڏهن سچو پيار نه ڏنو. اولاد کي به ڪڏهن شفقت نه ڏنائين، انهيءَ ڪري اهي سڀ بگڙجي ويا، جنهن ڪري به سندس زندگي جهنم بڻجي وئي ۽ هو هر وقت تنهائيءَ ۽ اڪيلائيءِ جي احساس جي ڪري بيچين رهندو هو. هو حق ۽ سچائيءَ جي واٽ اختيار نٿو ڪري، هو نفسياتي خواهشن ۾ ڦاسي، دولت ۽ لذت جو غلام بنجي پوي ٿو.

هو اعليٰ ڪلاس جو فرد بنجڻ ڪان پوءِ به پاڻ کي ماحول ساڻ هم آهنگ (adjust) نٿو ڪري سگهي. هن تي اها حقيقت واضح ٿئي ٿي ته اپر ڪلاس جي ظاهري زندگي ته ڏاڍي چمڪندڙ ۽ مهذبانه آهي، پر اندروني طور اها بلڪل ڪوڪلي ۽ خالي آهي. انهيءَ ڪري هو حالتن ڪان شڪست ڪائي، جيئڻ جا عارضي سهارا ڳوليندو، پنهنجي وجود کي پاڻ ڪان جدا ٿيندو محسوس ڪري ٿو. بهرحال آغا صاحب جو هي ناول به هڪ اهم موضوع تي لکيل ۽ ڪامياب ناول آهي.

**(3) اونداهي ڌرتي روشن هٿ:**

آغا سليم جو ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ 1984ع ۾، نيو فيلڊس وارن ئي شايع ڪيو.

آغا سليم جو هي ناول سنڌ جي پنج هزار ساله، تاريخ جي پس منظر ۾ انساني تهذيب، فرد ۽ سوسائٽيءَ جي ازلي ۽ ابدي ڪشمڪش جو داستان آهي. موهن جي دڙي ڪان وٺي، ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي تائين هن ناول جو ڪئنواس پکڙيل آهي.

هن ناول جو پهريون حصو، جنهن ۾ موهن جي دڙي وارو عهد، پنهنجي سمورين خصوصيتن سان جڻ ته زنده بڻجي پيو آهي. ناول جو ٻيو دؤر سومري سلطان پونگر راءِ جي زماني ۾ شروع ٿئي ٿو، ۽ دودي چنيسر جي گهرو لڙائيءَ ۽ تاتارين جي ڪاهن تي ختم ٿئي ٿو. ان ڪان پوءِ، ميرن، انگريزن ۽ قيام پاڪستان واري دؤر ۾ شعوري ڳانڍاپو ۽ سلسلو مليل آهي.

آغا سليم، هن ناول ذريعي تاريخ جي ڇڳاين تان به پردو ڪنيو آهي. هن پنهنجي مشاهدي، جذبات ۽ تجربن کي حقيقي روپ بخشڻ لاءِ، مختلف



زمانن کي هڪ ئي ليڪ ۾ ڇڪيو آهي، ۽ مڪمل تصوير سان، هڪ مجموعي تهذيبي احساس پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. منجهس زمان و مڪان جي فاصلن کي مختلف ڪڙين سان ڳنڍي، يڪسان ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح جو هڪ فرد جي ڪرب ۽ پريشاني، ساري قوم جو تهذيبي الميو ۽ درد محسوس ٿيڻ لڳو.

هن ناول ۾ آغا سليم جون، فنڪارانه صلاحيتون نقطه عروج تي پهتل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سندس هن ناول ۾ اسلوب بيان، طرز تحرير ۽ منظر نگاري نهايت ئي شاندار طريقي سان پيش ڪيل آهي. مثلاً، هو پنهنجي ناول ۾ لکي ٿو، ته:

”سنڌ جي سياست کهڙو نه ڪٽي رخ ڪري، پر شڪارپور جا ماڻهو، واهن تي ميلا لڳائيندا هئا. هر موسم ۾ هندن ۽ مسلمانن جو ڪو ڏڻ يا ميلو ٿيندو، هندو ۽ مسلمان ٻئي شريڪ ٿيندا هئا. ٽڏڙي، ترموڙي، لال لوئي، عيدون، ڏياري، شوَ جا پلا مرندا، ساٺياٺيون پهريان پلا ڪٽي اينديون، آرائين، موسم جا پهريان گل ۽ ڀاڄين جي پهرين رُت ڪٽي ايندا؛ مجال آهي جو ڪو ڪين موٽائي. اصل قيمت ڪان ٻيڻا ٽيڻا پئسا ڏيڻا پوندا هئا. شهر جي چوڌاري گلن جا باغ هوندا هئا.(6)

هن ناول ۾ صفحي 171 تي آغا سليم لکي ٿو ته:

”پيشيءَ جا پاچا لڙيا ته سارنگ ۽ ماڻڪ ڪراچيءَ جي ويجهو پهتا، سامهون ناريل، ڪجين، زيتونن ۽ انبن جا باغ هئا، پويان لياري ندي هئي، ۽ نديءَ جي هن پار ڪراچيءَ جي ڪوٽ جون پٽيون ۽ برج ٿي نظر آيا.“(7)

هو هڪ ٻيو مثال پيش ڪندي لکي ٿو ته:

”اڄ وري مها پوڄارڻ جي چونڊ ٿيڻي هئي. شهر جون ڪنواريون، هار سينگار ڪري، سرهاڻ سان تن بدن ڌوئي، چوٽن ۾ چندن جو چورو وجهي، مها پوڄارڻ بڻجڻ جي آس ڪٽي آيون هيون. شهر جا سڀئي ماڻهو ميدان ۾ مِڙيا هئا ۽ دهل ڪڙتال وڄائي، ماکي ۽ سرنهن گلن مان ٺهيل مڌ ۽ خوشبو، مليل تاڙيءَ جون جمنيون پي، ناچ ڪيچ ڪري رهيا هئا، پر سنڌوءَ جو من ماندو هو. مها پوڄاري هن کي ڏاڍو پائيندو هو ۽ هن کي پڪ هئي ته هن سال ته هوءَ ئي ديوي ٿيندي، پر مرد جي دل ۽ درياهه تي کهڙو ويساهه، چڙهي لس ليٽ ڪري ۽ لهي ته ڪنڌيءَ جا ڪانهن سڪائي.... پوءِ هن کي داسي بڻجي گذارڻو پوندو. راڻيءَ مان داسي بڻجڻ جي خيال سان ئي، هن جي ڳلن تي ڳوڙها لڙي آيا.“(8)

هن ناول ۾ آغا سليم جي پيش ڪيل سيرت نگاري ۽ ڪردار نگاري نهايت ئي اعليٰ درجي جي آهي.

سارنگ جو هن ناول ۾ اهم ڪردار آهي. هو هر دؤر ۾ محبت ۾ مار ڪائي ٿو، ۽ سونهن ۽ سر واسطي مري مات ٿئي ٿو. سارنگ، سنڌو، ماڻڪ، باربار روپ بدلائي، هر دؤر ۾ اپرن ٿا. ان کان علاوه ماڻڪ به هن ناول جو اهم ڪردار آهي. ماڻڪ مورتيون ٺاهيندو هو ۽ انهيءَ کي آغا سليم هن ناول ۾ هيئن ٿو پيش ڪري:

”سارنگ، ماڻڪ وٽ رهڻ لڳو. ماڻڪ مورتيون ٺاهيندو هو ۽ هو ماٽ ڪري هن ڪي مورتيون ٺاهيندو ڏسندو هو. تن ڏينهن ۾ ماڻڪ مهاپوڄاريءَ جي مورتي ٺاهي رهيو هو. سارنگ ڏٺو ته، جيئن ماڻڪ جي هٿن ۾ چهاءُ سان اڻ گهڙيل پٿر مان، مورتي اپرڻ لڳي. هن به مورتيون ٺاهڻ شروع ڪيون. مورتي ٺاهي، ماڻڪ کي ڏيکاريندو هو. ماڻڪ سندس مورتيون ڏسي منهن ڦيري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن ته جوش ۾ اچي، تيشيءَ سان سندس مورتيون پيچي ڇڏيائين ۽ چيائين، مورتيون ٺاهه نه، پر مورتين کي جنم ڏي.“(9)

هو بئي هنڌ لکي ٿو ته:

”گذريل سال مهاپوڄاريءَ سنڌوءَ جي مٿي تي تاج رکيو هو، ۽ ان ڏينهن کان سنڌو مها پوڄارڻ بڻجي، محل ۾ رهڻ لڳي هئي. هن پنهنجي سونهن، سوپيا ۽ نوڙت سان مهاپوڄاريءَ جي من کي موهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.“(10)

آغا سليم جو هي ناول هڪ نئين موضوع ۽ نئين ٽيڪنڪ تي لکيل ناول آهي، جيڪو سندس هڪ ڪامياب ناول آهي. انهيءَ کان سواءِ آغا سليم جو لکيل ناولٽ، ’روشنيءَ جي تلاش‘ به هڪ نئين ٽيڪنڪ تي لکيل آهي، هن ناول ۾ حقيقي دنيا جا ننڍا ننڍا واقعا پيش ڪيل آهن. هن ناول ۾ هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي مقام تي احوال پيش ڪيل آهي. هن ناول ۾ سڀئي ڪردار، هڪئي علائقي جا رهواسي آهن. هن ناول جا مرڪزي ڪردار نعيم ۽ شميم آهن، جن ۾ نعيم پنهنجي زباني، آسپاس جي حالتن، واقعن ۽ ماحول جا حالات بيان ڪري ٿو.

آغا سليم جي ناولن، ’روشنيءَ جي تلاش‘، ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘، ’اڌ پورو انسان‘ ٽيئي ناول سلسليوار شايع ٿيل آهن، ليڪن ٽنهي ناولن ۾ تلازم، خيالات، زندگيءَ بابت ويچار ۽ تشبيهن ۾ ڪن ڪن هنڌن تي مشابهت پاتي وڃي ٿي.

آغا سليم جي ٽنهي ناولن ۾ فن جي ارتقا، دراصل سندس ذهن جي ارتقا جي عڪاسي ڪري ٿي. هن انساني زندگي، تاريخ ۽ تهذيب جي شعور ڪي تخليقي فن ۾ اظهار ڪيو آهي. انهيءَ ڪري ئي هو مهذب اديب جو درجو رکي ٿو. هن زندگيءَ جي مقصديت، ان مان پيدا ٿيندڙ بيزاري، فرد جي تنهائيءَ جي محروميءَ جي شديد احساس ڪي ناول جي روپ ۾ پيش ڪيو



آهي.

مطلب ته آغا سليم سنڌي ناول واريءَ صنف جو هڪ مهان ناول نويس آهي:

## ببليوگرافي


1. نصير مرزا: آغا سليم جو انٽرويو، عبرت مئگزن، حيدرآباد، 15 مارچ 1994ع، ص 19
2. ايضاً، ص 19
3. ايضاً، ص 19، حوالو اڳي ويو آهي.
4. نصير مرزا: ڏسو حوالو نمبر پهريون
5. آغا سليم: همه اوست (ناول) نيو فيلڊس پبليڪيشن
6. آغا سليم: اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1984ع، ص 171
7. ايضاً، ص 171
8. ايضاً، ص 17
9. ايضاً، ص 14
10. ايضاً، ص 14

## الله بخش ٽالپر (1914 کان 1976ع)

(**تعارف:** الله بخش ٽالپر هڪ تعليمي ماهر هو. سندس جنم ڳوٺ دريا خان تعلقي هالا ۾ ٿيو. اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولز تان رٽائر ٿيو. هن ڪيترائي رسي ۽ معلوماتي ڪتاب لکيا. الله بخش ٽالپر ورهاڱي کان پوءِ ناول پڻ لکيا آهن. سندس لکيل ناول، پرديسيءَ جو پيار 1952ع، مالهڻ 1960ع، اُداسيءَ جون آهون 1993ع، راهه نجاب، ترجمو شامل آهن.)

**اداسيءَ جون آهون:**

هي ناول محترم الله بخش ٽالپر 1963ع ۾ لکيو، اداره آواز ادب حيدرآباد وارن شايع ڪرايو.

هڪ عشقيه ناول آهي، هن ناول جو مقصد اصلاح آهي. انهيءَ ڪري هن ناول ۾ روايتي عشق، وفاداري، قول جي پاسداري، ۽ ساهه صدقو ڪرڻ ۽ ڪنهن جي ياد ۾ حياتيءَ جون سڀ گهڙيون گهارڻ واري موضوع سان گڏ، ذري ذري جون ڪيتريون ئي نصيحتون ۽ اصلاحي پهلو پيش ڪيا ويا آهن.

هن ناول ۾، سنڌ جي شهر ٽنڊي محمد خان جو هڪ فرضي واقعو پيش ڪيل آهي. هن سچي ناول ۾ غريبن جي غربت، زميندارن ۽ وڏيرن جي ظلم ۽ عياشيءَ جو تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. انهيءَ سان گڏ پيار جي ڪهاڻي به پيش ڪيل آهي. ٽالپر صاحب جو هي ڪامياب ناول آهي. هن ناول ۾ ٻولي نهايت آسان، سادي، چوٽين ۽ پهاڪن سان پريل معنيٰ ۽ نصيحت پريا جملا پيش ڪيل آهن. مثال طور هن ناول ۾ هڪ هنڌ صفحي 96 تي ليکڪ لکي ٿو.

”تقدير آهي تدبير نه هلندي، لکيو هر حالت ۾ پرندو، پُرندو ڪين، ازل جي ڪاتب، انسان جي قسمت ۾ جيئن قلم وهائي ڇڏيو آهي، تيئن ضرور ٿيندو.“( 1)

ٻئي صفحي 13 تي لکي ٿو ته:

”انسان جي به جڏهن ٽٽندي آهي، تڏهن هٿ به انگون ٿي پوندا آهن، سنئين ڪر ته اونڌي ٿيندي آهي، جيتري قدر ڪوشش ڪبي آهي ته مٿي چڙهان، اوتري قدر هيٺ لهبو آهي، هي ته ذاتار جي ذات آهي، جنهن تي عطا ٿئي.“(2)

هن ناول ۾ هو سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندي لکي ٿو ته:

”اي رسم جا پوڄاريو! ڪيستائين ههڙيون گونگيون ڳانئيون رسومات جي ميوي اڳيان قربان ڪندا رهن؟ يا اوهان جي مذهب ۾ انسان جون ٻليون چاڙهڻ اجا به جائز آهن؟ اوهان کان ته اهي جاهل عرب ڪيئن مٿي هئا،



جيڪي پنهنجين نياڻين کي چمندي ئي دفن ڪري ڇڏيندا هئا، ڇوته انهن معصومن لاءِ ته هڪڙوئي عذاب هوندو هو ۽ پوءِ بس، پر هنن لاءِ ته حياتيءَ جو لمحو عذاب آهي؛ گهڙي گهڙي قيامت آهي، منٽ منٽ مصيبت آهي، پلڪ پلڪ ڪسڻ آهي، ڇا ڪنهن کي مڏي ڪاتيءَ سان ڪهڻ مان اوهان کي مزو ٿو اچي؟ ڪنهن کي لڇندو تڙپندو ڏسي اوهان کي خوشي ٿي ٿئي؟ آخر اوهان انسان آهيو يا درندا؟ ڇا اوهان جو ڪم ئي آهي انسانن کي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ.“(3)

اجا به اڳتي صفحي 70 تي لکي ٿو ته:

”هي زمانو به ڏاڍو ظالم آهي. هو اهڙن عاشقن جي خون سان ئي پنهنجا هٿ لال ڪندو آهي. هو ڪاسائيءَ وانگر ڪهندي قياس نه ڪندو آهي. هن وٽ رحم جي رتي به نه آهي. هن اڳيان سڪندر جهڙا شهزور به شڪست کائي ويا. هت به اداسي هن جي اک ۾ ٿي پيو. هن تي پهريون ئي وار اهڙو خونخوار ڪيائين، جو هن جي سهپ کان ٻاهر هو.“(4)

هي سچو ناول هڪ سماجي ۽ عشقيه ناول آهي. هن ناول جو موضوع سنڌي سماج جواهم موضوع آهي. سندس هن ناول جي ڪهاڻي، ڪردار نگاري ۽ منظر نگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. هي پلاٽ وارو ناول آهي. ٻوليءَ عبارت جي لحاظ کان هي الله بخش ٽالپر جو ڪامياب ناول آهي.

### ببليوگرافي


1. الله بخش ٽالپر: اداسيءَ جون آهون، حيدرآباد، اداره آواز ادب، 1963ع، ص 96
2. ايضاً، ص 13
3. ايضاً، ص 23
4. ايضاً، ص 70

## امر جليل

(**تعارف:** امر جليل جو اصلي نالو قاضي عبدالجليل آهي. هو 1936ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄائو هو. ادبي دنيا ۾ کيس 'امر جليل' جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. امر جليل سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب جو هڪ اعليٰ پايه جو اديب، مشهور ڪهاڻيڪار، نامور ڪالم نويس، ڊراما نگار ۽ ناول نويس آهي، ادب کان سواءِ ريڊيو، ٽي-ويءَ ۽ اسٽيج تان سندس لکيل ڪيترائي ڊراما نشر ٿيا آهن. هن سنڌي فلمن لاءِ به مڪالما لکيا آهن. هوفنڪار به رهيو آهي. سندس لکيل ڪالم مختلف اخبارن جهڙوڪ: هلال پاڪستان، عبرت ۽ ڪاوش وغيره ۾ ڪيترن ئي سالن کان ڇپبا رهيا آهن.

امر جليل شاگرديءَ واري وقت کان ئي لکندو پيو اچي. هو هڪ مها ڪهاڻيڪار آهي. هن جون ڪهاڻيون شروع ۾، سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهرين ۾ پڙهيون وينديون هيون. هو باقاعدگيءَ سان ڪهاڻيون لکندو ۽ ڇپرائيندو رهيو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن ۽ سندس ڪيترين ئي لکيل ڪهاڻين تي کيس ادبي انعام پڻ مليا آهن. مثلاً 1962ع ۾ ڪونج رسالي طرفان، سنڌ ڪهاڻيءَ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ هن کي پهريون انعام ۽ روح رهاڻ رسالي طرفان 1965ع ۾، کيس ادبي انعام پڻ مليو. 1967ع ۾، بادل رسالي جي عوامي ايوارڊ جي لاءِ بهترين افسانه نگار جا سپني کان وڌيڪ ووٽ هن کي مليا. 1969ع ۾ پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان، 'دل جي دنيا' مجموعي تي انعام مليس. 1970ع ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان به سندس هن مجموعي تي کيس انعام مليو. 1972ع ۾، کيس 'رائيٽرس گلڊ' جو انعام، 'جڏهن مان نه هوندس' مجموعي تي مليو؛ آرٽ اڪيڊميءَ تي پڻ کيس ايوارڊ مليو. انهيءَ کان علاوه 1972ع ۾، مهراڻ آرٽ اڪيڊميءَ طرفان، کيس بهترين مڪالمه نويس قرار ڏنو ويو. پاڪستان ٽيليويزن طرفان 1973ع ۾، 'ماءُ' ڊرامو لکڻ تي کيس 'رول آف آنرز' جو ايوارڊ مليو.

امر جليل انهيءَ کان علاوه ڪيترائي مضمون ۽ ادبي خط وغيره به لکندو رهيو آهي، پر کيس، ڪيترين ئي ٽيليفون به برداشت ڪرڻيون پيون آهن. مثلاً: سندس ڪهاڻي 'سرد لاش جو سفر' ۽ 'راتين جا رولاڪ' تي، 1968ع ۾ بندش پئي. 1971ع ۾، سندس ڪتاب 'جڏهن مان نه هوندس' تي انڪوائري هلي ۽ سندس ڪهاڻي 'سرد لاش جو سفر' جي لکڻ تي سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ به نڪتا هئا پر پوءِ رد ڪيا ويا.

امر جليل بنيادي طور تي هڪ بهترين ڪرڪيٽ رانديگر به هو. هو ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪئپٽن به رهي چڪو آهي. پاڪستان جي ڳڏيل يونيورسٽين جي



ڪرڪيٽ مقابلي ۾، سندس وڪيٽ ڪيپنگ جو رڪارڊ اڄ تائين به موجود آهي.

امر جليل نهايت ئي گهڻو ملنسار طبيعت جو هئڻ ڪري ۽ هر ڪنهن اديب، عالم، مفڪر جي عزت ۽ احترام ڪندڙ ۽ سندس ادبي ذوق جي ڪري، هن جي توجهه گهڻو ڪري ادب جي صنفن افسانوي، ناول، ڊراما ۽ ڪالم وغيره ڏانهن رهي.

سنڌيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ ڪهاڻين جا مجموعا، ناول ۽ ڊراما شامل آهن. امر جليل جا لکيل، ڪهاڻين جا مجموعا هن ريت آهن:

1969ع ۾، 'دل جي دنيا'، سگهنڊ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو
1971ع ۾، 'جڏهن مان نه هوندس' ايضاً
1976ع ۾، 'ٽيون وجود' ايضاً
1983ع ۾، 'تاريخ جو ڪفن'، ايضاً
1983ع ۾، 'منهنجو ڏس آسمان کان پڇو'، ايضاً
۽ 'سنڌو منهنجي ساهه ۾' ڪالم ڪهاڻيون، ايضاً

اهڙيءَ ريت امر جليل 'تنهنجون منهنجون ڳالهيون' عنوان سان ڪالم لکندو رهيو، ۽ 1994ع ۾، امر جليل هڪ ناول 'نيٽ گونگي ڳالهايو' به لکيو آهي. انهيءَ کان علاوه هن 1965ع ۾، 'انسان'، 1967ع ۾، 'درياهه ٽوٽي دانهن'، 1968ع ۾، 'سڄڻ سفر هليا'، 1970ع ۾،'زخم زندگيءَ جا'، 'اوندهه ۽ روشني'، 'منٽيءَ جا ماڻهو'، 1972ع ۾ 'هوندا سي حيات'، 'عيد ٿي وئي'، 'دوزخ'، 'ماءُ ۽ فرمان برداري' ۽ موجوده دؤر ۾ به سندس ڪيترائي ڊراما ٽي-ويءَ تي پيش ڪيا ويا آهن. سندس ڪالم 'سچ ڪوڙ' نالي سان ڪاوش اخبار ۾ ڇپبا رهيا.

انهيءَ کان علاوه امر جليل سنڌي فلمن، 1968ع ۾، 'نوري ڄام تماچي'، 1970ع ۾، 'گهونگهٽ لاهه ڪنوار'، 1972ع ۾، 'بادل' ۽ 'منڙا شال ملن' ۽ 'الببلي' فلمن لاءِ مڪالمه پڻ لکيا هئا.

انهيءَ کان سواءِ هن جا لکيل تاثرات، مزاحيه ڪالم، ڪهاڻيون ۽ مضمون وغيره نئين زندگي، روح رهاڻ، بادل، ڪراچي يونيورسٽي مخزن، برسات، سوجهرو، آزاد، رهبر ڊائجسٽ، چوڏس، سهڻي، سه ماهي مهراڻ، هلال پاڪستان، عبرت ۽ ڪاوش کان علاوه ڪونج (ممبئي)، ساهت ڌارا (دهلي)، نئين دنيا (ممبئي) ۽ پونا، سرهاڻ ممبئيءَ ۾ پڻ شامل ٿيندا رهيا آهن.

امر جليل هڪ وڏو ۽ اعليٰ درجي جو ڪهاڻيڪار آهي. هو پنهنجي دؤر جي ٻين ڪهاڻيڪارن کان منفرد حيثيت رکندڙ آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين جي موضوعن توڙي ٽيڪنڪ ۾ هڪ نئين قسم جي جدت آندي آهي. انهيءَ ڪري

ئي سندس ڪهاڻيون عام ماڻهن ۾ وڏيڪ پسند ڪيون وڃن ٿيون. ڇاڪاڻ ته سندس ڪهاڻين ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي پس منظر موجود هوندو آهي. هو جڏهن به حالتن جي ڪري پريشانيءَ ۾ هوندو آهي، تڏهن ئي لکندو آهي. هو انهن سڀني حقيقتن کي نهايت ئي سهڻي، مزاحيه ۽ طنزيه انداز ۾ بيان ڪندو آهي.

امر جليل جي لکڻين جا اڪثر موضوع سنڌ جي سماجي مسئلن ۽ قوميت جي جذبي تي ٻڌل هوندا آهن. هو سنڌي قوم جي روحاني، تهذيبي ۽ قومي امنگن ۽ سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌي ٻوليءِ سان اڻل پيار ۽ محبت واري جذبي ۽ قوم لاءِ دل ۾ پيدا ٿيل قومي جذبي جي ترجماني پڻ ڪري ٿو. اها سندس دليري ۽ همت آهي، جو هو سنڌ جي مسئلن تي مسلسل لکندو رهي ٿو. هو چاهي سنڌ جي ڪهڙي به علائقي ۾ هجي، يا اسلام آباد ۾ هجي، سنڌ سان ٿيندڙ هر ظلم ۽ هر ناانصافيءَ جي عڪاسي پنهنجين لکڻين ۾ پيش ڪندو رهي ٿو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ جڏهن به، چاهي ون-يونٽ ٺهڻ وقت، چاهي مارشل لا جي وقت، چاهي لساني جهيڙن جي وقت، سنڌ تي ۽ سنڌين سان جيڪي به ظلم ۽ قهر ٿيا، جن ۾ سنڌين جو قتل عام ٿيو، انهن کي جيلن ۾ موڪلي ڪين سخت کان سخت سزائون ڏنيون وينديون هيون وغيره، امر جليل هميشه انهن جي خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجين لکڻين، چاهي اُهي ڪالم هجن يا افسانه يا طنزيه مضمون، ذريعي انهن کي نه صرف ننديوآهي، پر سنڌي قوم ۾ سجاڳي پڻ پيدا ڪئي آهي. هو سڀني سنڌي اديبن سان شانه بشانه رهيو آهي. هو ڪنهن به مصيبت ۽ تڪليف جي وقت پوئتي نه هٽيو آهي. هن پنهنجي سنڌڙيءَ کي سرسبز ۽ شاداب بنائڻ جو پڪو عزم ڪيو آهي. انهيءَ ڪري هو سنڌ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندو رهي ٿو. هو پنهنجن اهڙن جذبن جو اظهار هن ريت ٿو ڪري:

”مون کي اعتراف آهي ته منهنجو دين ڌرم سنڌ آهي. سنڌ مون لاءِ عبادت گاهه آهي. سنڌ جي مٽي مون لاءِ طورِ سينا جي سُرمي کان به وڌيڪ مقدس آهي ۽ اهو ئي منهنجين ڪهاڻين جو موضوع آهي.“(1)

امر جليل سنڌي قوم سان پيار ڪندڙ آهي. هن سنڌ، جنهن کي هو عبادتگاهه سڏي ٿو، جنهن جي سچيءَ دل سان ۽ نيڪ نيتيءَ سان پوڄا ڪري ٿو، انهيءَ سنڌ تي اڪثر ڌارين جو قبضو رهيو آهي ۽ اهي ڌاريون قومون هميشه سنڌين سان ظلم، قهر ۽ ناانصافي ڪنديون رهن ٿيون. اهي قومون سنڌين کي هميشه ڏک، تڪليفون، اذيتون ۽ مصيبتون ڏينديون رهن ٿيون. اهي قومون سنڌ کي هر حال ۾ تباهه ۽ برباد ڪرڻ چاهينديون آهن. اهي سنڌ جي



ماڻهن کان، هيمشه علم حاصل ڪرڻ، نوڪريون ڪرڻ، واپار ڪرڻ، سرمايو گڏ ڪرڻ يا سيڙپ ڪرڻ وغيره جهڙا حق کسين ٿيون. انهن کي هر حال ۾ انهن کان روڪڻ جا منصوبا تيار ڪيا ويندا آهن. امر جليل انهن سڀني سان نفرت ڪري ٿو، هو پنهنجي انهيءَ نفرت جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

”ڪجهه گنجا، ٺوڙها ۽ سياڻا ماڻهو نوڪري ڏيڻ کان اڳ بي روزگار، ڪنگلن ۽ بيوقوفن کان ڪجهه حساب ڪتاب وٺندا آهن... انگريز مائي باپ، منهنجي پيءُ کي نوڪريءَ ۾ ان ڪري نه رکيو هو جو هو انگريزي نه ڄاڻندو هو، مون کي توهان نوڪري ان ڪري نه ٿا ڏيو جو مون کي اردو نه ٿي اچي. ڇا ائين ته ناهي ته انگريز سوٽ لاهي، شيرواني پائي، موٽي آيا آهن.“(2)

امر جليل جي ڪهاڻين جا موضوع جيئن ته، سنڌي ماڻهن جي بک، بيروزگاري ۽ انهن سان ٿيل ڏاڍيون ۽ ظلم، انهن جون مصيبتون، انهن سان ڪيل نفرتون، عداوتون، دولاب ۽ ويساهه گهاتي وغيره ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل آهن، اهي موضوع جڏهن هو پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ٿو، تڏهن سندس ادبي رويي جي ڪري اعليٰ پايي جا موضوع بڻجي وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت امر جليل جا موضوع، حياتيءَ جي گهربل ۽ ضروري مسئلن، هارين نارين، مزدورن، محنت - ڪش ماڻهن ۽ محتاجن جي مسئلن کي به نهايت ئي سهڻي طريقي بيان ڪري ٿو. هو انهن سان پنهنجي همدردي ڏيکاري ٿو، هو انهن ۾ اصلاح آڻڻ چاهي ٿو. هو زميندارن، جاگيردارن، وڏيرن، ڪارخانيدارن، سرمائيدارن، ڪامورن، پيرن فقيرن، ملن مولوين جي ظالماڻي روين ۽ ڪنور دليءَ کي پنهنجي مشاهدي جي مدد سان، پنهنجي قلم جي ذريعي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪري ٿو. انهيءَ کان علاوه جيئن آءٌ اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪي آهيان ته سنڌ ۾ هلندڙ مختلف تحريڪن، مختلف نسلن ۽ قومن جي ماڻهن جو سنڌي ماڻهن سان، سنڌي اديبن ۽ شاعرن سان ۽ سنڌي عورتن سان ٿيندڙ ناانصافين، جن ۾ انهن جا گهر لٽيا ويا، انهن جون عصمتون لٽيون ويون، انهن کي اگهاڙو ڪري کلي عام قتل ڪيو ويو، مائرن جي اڳيان انهن جي ٻارن کي ماريو ويو وغيره، هر طرح جي موضوع تي امر جليل بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي بيباڪيءَ سان لکيو آهي.

امر جليل جو مشاهدو نهايت ئي گهرو آهي. هو رستي تي هلندڙ واٽهڙن، گهورڙين، دڪاندارن، گراهڪن ۽ پينو فقيرن وغيره تي گهري نظر وجهي، سندن هلت چلت جو هوبهو نقشو چٽي ٿو. هو معاشري جي ناسور جي عڪاسي ڪري ٿو. هو هر طبقي جي ماڻهن جي ڏکن، سورن، اُنهن جي زندگيءَ جي محرومين ۽ تڪليفن جو تجزيو ڪري ٿو. هو مختلف وارداتن ۾ زندگيءَ جي حقيقتن ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي اثرن کان به آگاهه

ڪري ٿو. هو هر ڪنهن جي درد ۽ پيڙا کي محسوس ڪري ٿو. هو خود لکي ٿو ته:

”منهنجو ادب، درد ۽ تڪليف مان جنم وٺندو آهي.“(3)

امر جليل هڪ حقيقت نگار آهي، هو سماج ۽ معاشري جي حقيقتن کي بيان ڪري ٿو. سندس لکڻين ۾ وقت جون صداقتون، بي چينيون ۽ بي قراريون بيان ڪيل آهن. سندس لکڻين ۾، فن ۽ رومان يعني ٻئي پهلو پيش ڪيل آهن. هو حقيقت ۽ رومان، ٻنهي کي هڪ ئي قالب ۾ جَڙي ٿو. اهڙيءَ طرح هو حقيقت ۽ رومان جو جلوو پسائي سگهي ٿو ۽ سندس رومانيت واري بيان ۾، حقيقت جو عڪس نظر اچي ٿو.

امر جليل ادب ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو سچ لکيو آهي، حقيقت کي بيان آهي. هن پنهنجين لکڻين ۾ جن به مسئلن کي ڪنيو آهي، انهن کي هن نهايت ئي سچائيءَ ۽ بيباڪيءَ سان پيش ڪيو آهي. هن ڪٿي به ۽ ڪڏهن به، انهن تي سودي بازي ڪانه ڪئي آهي. اهائي ته سندس عظمت جي نشاني آهي. سندس باري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي بلڪل صحيح لکيو آهي ته:

”اديب جي عظمت اها آهي ته هو سچ ڳالهائيندو رهي ۽ سندس الميو به اهو آهي ته، هو سچ ڳالهائڻ کان نه مڙي. امر جليل به سراپا سچ آهي. اهائي سندس عظمت آهي، اهوئي سندس الميو آهي.“(4)

امر جليل سنڌ جي سماجي حقيقت نگاريءَ جي عڪاسي ڪري ٿو. هو هڪ سچي اديب وانگر پاڻ ته معاشري سان گڏ هلي ٿو، پر هو پڙهندڙن کي به پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٿو. سندس انهيءَ مشاهدي ۽ تجربي تي سندس جذبي جو گهرو رنگ چڙهيل هوندو آهي. مثلاً: هن سنڌ ۾ آيل مختلف قومن ۽ قبيلن جي ماڻهن جو پاڻ کي پير ۽ مرشد سڏائي، سنڌ جي سادن ۽ ابوجهه ماڻهن کي ڦرڻ ۽ لٽڻ وغيره جو ذڪر ڪيو آهي مثلاً: هن پنهنجي ڪهاڻي ’رُج‘ ۾، سنڌ جي اندر پيرن ۽ مرشدن طرفان ڪيل هاڃن جي پيش نظر، پيرن جي ذهنيت هن طرح بيان ڪري ٿو:

”ڪِلي ڪِلي چريا ٿي پياسين ته سنڌ جا ماڻهو پير ڪري پوڄيندا.“(5)

اهڙيءَ ريت هو پنهنجي هڪ ٻئي افساني ’اروڙ جو مست‘ ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ ۾ ڪاني ڪرامتن جو پير ٿجي يا رهزن ڌاڙيل، ٻئي ڌنڌا هڪ جهڙا آهن، ٻنهي ۾ ڪمائي هڪ جيتري آهي.“(6)

اهڙيءَ ريت امر جليل سنڌ ۾ رائج ڦرمار واري نظام ۾، طبقاتي جدوجهد جو ذڪر، پنهنجيءَ ڪهاڻي، ’منهنجي دل موهن جو دڙو‘ ۾ ڪندي لکي ٿو ته:

”اسان جي شادي، منهنجي پيءُ ۽ تنهنجي ڏيڏيءَ جي سماجي رتبن



جي فٽ بال مئچ تي منحصر آهي، جنهن ۾ منهنجو پيءُ زخمي گول ڪيپر آهي. مان طبقاتي ڪشمڪش جي ڏيڻ سان اپري، تنهنجي خاندان سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي نٿو سگهان.“(7)

سنڌ تي سڀ کان گهڻو ظلم وڏيرڪي نظام ۽ ڪامورڪي ذهنيت جي ڪري ٿيو آهي. هن نظام تحت سنڌ جي هاريءَ جي رت ۽ پورهيت جي پگهر جي پورهئي جي ڪمائي، وڏيرو کهڙي طريقي سان خرچ ڪري ٿو؛ لٽي ٿو، ڦٽائي ٿو، عيش عشرت ڪري ٿو، الڪيشن وڙهي ٿو، ليڊر ٿئي ٿو، مطلب ته هر قسم جي عياشي ڪري ٿو. انهيءَ حقيقت کي هو نهايت ئي دليرانه انداز ۾ بيان ڪري ٿو:

”ووٽ به وٺن عوام کان ۽ چونڊجڻ کان پوءِ رعب به رکن عوام تي. هي سنڌي نمائندا، سڄي رات، پنجاب ۾ ڪن عيش، عورت ۽ شراب. صبح جو اجلاس ۾ جهوٽا کائين، سنڌ جي قسمت ئي ستل آهي. بي شرم پنهنجين عورتن کي ڦٽو ڪري، فصلن جو پئسو ڪٽي، ڪراچيءَ ۾ اچن ۽ هر عورت کي تاڙيندا رهن. ائين گهوُريندا، جيئن بکايل ڍاند وڏين اکين سان ڏاري ڏانهن ڏسندو آهي.“(8)

سنڌي سماج ۾ ڪي پوڙها، شاديءَ جو شوق مرڻ گهڙيءَ تائين رکندا آهن. انهن مان ڪي، جن جو هڪ پير قبر جي ڪنڌي تي هوندو آهي، سي به نئين ونيءَ ۽ نئين سامايل ناريءَ سان لائون لهڻ جا خواهشمند هوندا آهن ۽ ڪي سنڌي وري پنهنجي بک لاهڻ لاءِ پنهنجين نياڻين جي عصمت کي وڪڻي به زنده رهندا آهن. امر جليل اهڙن سڀني مسئلن کي نهايت ئي سچائيءَ ۽ بيباڪيءَ سان بيان ڪيو آهي. هو پنهنجي افساني ”هڪ دل جي اڪيلائي“ ۾ لکي ٿو ته:

”اسان وٽ هر غير شادي شده عورت کي ڪنواري سڏائڻ جو حق آهي، وراڻيم: جيڪڏهن اهو حق کائن ڦري وٺجي ته پوءِ جيڪر گهڻن ئي خاندانن جا ڏينگا ڏير ٿي وڃن.“(9)

هن وقت سنڌ اندر قومي وجود جو احساس ۽ جاڳرتا پنهنجي عروج تي پهتل آهي. انهيءَ جي جهلڪ سنڌي ادب ۾ هر هنڌ نمايان آهي. امر جليل انهيءَ احساس ۽ جاڳرتا کي پنهنجين لکڻين ۾ تمام گهڻي قابليت ۽ فنائتي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. هن جي لکڻين ۾ نعري بازي نه آهي ۽ نه ئي وري سطحي جذباتيت محسوس ٿيندي.

زندگي گوناگون آهي. ان جا رخ به انيڪ آهن. امر جليل زندگيءَ کي جيئن محسوس ڪيو، پرکيو ۽ پروڙيو آهي، تيئن ئي ان جي عڪاسي ڪئي اٿس، ۽ نهايت ئي ايمانداريءَ ۽ جرئت سان، ان جي تصوير چٽي اٿس. سنڌ جي

ترقي پسند قومي ادب، کي مالا مال ڪرڻ ۾ امر جليل جو به وڏو حصو آهي. نئين سنڌ جي اڏاوت ۽ سجاڳي آڻڻ ۾ امر جليل انقلابي ذهن ۽ فڪر رکي ٿو. سندس لکڻين ۾ احتجاج آهي، دانهن آهي، فرياد آهي، اپيل آهي، عاجزي ۽ انکساري آهي. سماج ۽ سوسائٽيءَ جي خامين ۽ برائين تي طنز و مزاح به ڪيل آهي. اهي سڀ مثال زندگيءَ جي پرپور عڪاسي آهن، جن جي ترجماني امر جليل ڪئي آهي.

امر جليل جي ڪهاڻين ۾ موضوع توڙي ٽيڪنڪ ۾ نئين ۽ انوکي قسم جي جدت اوتجي آئي آهي، جيڪا حيرت انگيز طور تي لطف بخشيندڙ ثابت ٿئي ٿي. ڏسندي ڏسندي سندس اهو تجربو هڪ ڌارا ۾ تبديل ٿي ويو ۽ سندس فني عظمت کي هاڻ هرڪو تسليم ڪري ٿو. قيمت هري سنگهاڻي، امر جليل جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”امر جليل جا موضوع، ماضي، حال ۽ مستقبل جون زنده تصويرون آهن ۽ سنڌين سان ٿمثار علامت نگاري، جليل جي تخليق جي تاجي پيٺو آهن. هن جون ڪهاڻيون عوام ۾ وڏي چاهه سان پڙهيون وينديون آهن، ڇڻ پانک وٺ هن لاءِ جذباتي لڳاءُ آهي.“(10)

اهڙيءَ ريت امر جليل جي ڪهاڻين جا ڪردار اهي انسان آهن، جيڪي حقيقي زندگي ماڻين ٿا. اهي اسان مان آهن، اسان جهڙا آهن ۽ اسان جهڙي ئي زندگي گذارين ٿا.

وقت جي زندگيءَ جي هر مسئلي جو روزانه زندگيءَ سان واسطو آهي. هو زندگيءَ جي ڏکن سکن، امنگن ۽ جذبن سان واسطو رکن ٿا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، امر جليل جي افسانن ۾ آيل ڪردارن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”امر جليل جا ڪردار کي هٿرادو، گهڙيل ۽ فرضي نه آهن. سندس ڪردار آسماني فرشتا به نه آهن، پر اهي عام انسان آهن. امر جا کي ڪردار صابر، حال تي هلڻ وارا، بردبار ۽ همت وارا آهن، ته کي وري زماني کان شڪست کاڌل... جيئن واحد، چاچا ربو، ڪمو ۽ زيبو، اروڙ جو مست ۽ ساجن وغيره.“(11)

امر جليل جي لکڻين جي خاص خوبي آهي طنز و مزاح، هن طنز و مزاح جي وسيلي، فن ۽ شگفتگيءَ جي فضا پيدا ڪئي آهي، جنهن جي ڪري تلخ حقيقت ۾ به خوشگواري پيدا ٿي وڃي ٿي. هو موقعي ۽ وقت جي مناسبت سان طنز ڪري ٿو. اڄوڪي وقت ۾ جيئن سياسي ۽ ذهني ڪشمڪش ۽ تصادم جو دؤر آهي، انهيءَ ڪري طنز و مزاح سان نهايت ئي هڪ سازگار فضا قائم ٿئي ٿي. مثلاً: هو ’سڄل سرمست ٽربل ۾‘، ڪهاڻي هن ريت لکي ٿو ته:



(1) سنڌي صاحب بڻيو، ڇڻ الله اڙيو.
(2) مانگر مڇ چيو: ”اڄ سڄل سرمست تون گرفتار ٿيو آهين، سڀاڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وارو آهي.“(12)
(3) ”هتان جا ماڻهوسخت امن پسند آهن. ڇؤرون پالڻ سندن عادت آهي، ادب سان وراڻيم: هن علائقي ۾ ٻڪري، شينهن جي ساهيڙي ۽ شينهن ڏوٻيءَ جي گڏهه جو دوست هوندو آهي.“(13)

امر جليل پنهنجي ڪهاڻي ’پل صراط‘ ۾ لکي ٿو ته:

”دوزخ ۾ ويندس، جو آسمان تي به ڇڻ انڌير آهي، وراڻيم: هڪ دفعو رڳو ’مغز ڦاڙ‘ معاملي جو صحيح حل نڪرڻ ڏي، پوءِ ويٺي تماشا ڏسجانءِ هڪ مسيت ٺهرائيندس، ٻه حج ڪندس، ۽ پنجن فقيرن کي هڪ ويلو ماني کارائيندس، پوءِ ڇو دوزخ ۾ ويندس.“(14)

امر جليل پنهنجين ڪهاڻين ۾، موضوع جي ڪيفيت مطابق طنز و مزاح آندي آهي. هن جي مزاح ۾ شيريني ۽ ميٺاج آهي. هو ڪٿي به اعتدال کان ٻاهر نه ٿو وڃي. اها ڪيفيت نهايت قابوءَ ۾ ورتل آهي. هو پنهنجي ڪهاڻيءَ ’ڇربٺ ۽ قلفي‘ ۾ لکي ٿو ته:

”شائين توهان چيو نه ته بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان هوندو آهي! اڙي هائو! چيم: هڪ لک دفعا چيم، ”ته ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت هوندو آهي.“

”پر شائين منهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان ته باٽا جو چمپل هوندو آهي.“(15)

## ناول نويسي

### **(1) نيٺ گونگي ڳالهايو:**

امر جليل سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکڻ کان پوءِ، 1994ع ۾ هڪ ناول، ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ نالي لکيو آهي. هي سندس پهريون ناول آهي. هي ناول به سندس ٻين تصنيفن وانگر، بهترين ناول شمار ڪري سگهجي ٿو.

امر جليل جي هن ناول (نيٺ گونگي ڳالهايو)، جو موضوع نهايت ئي اهم آهي، يعني هن ناول ۾ رياست، ان جا گماشتا، مظلوم ۽ بي درياافتا سنڌي ماڻهو، جن جو اسلام آباد ۾ ڪير به ٻڌڻ وارو ڪونهي، سرڪاري گماشتا، جيئن به چاهين، جڏهن به چاهين، تيئن انهن سان ڪري سگهن ٿا. سنڌ مان اسلام آباد آيل، گلاب گونگي ۽ جوڳيءَ کي، دهشتگرد ۽ هندستان جو ايجنٽ قرار ڏيئي، اخبارن ۾، سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف اهڙي نفرت پکيڙين ٿا، جو گلاب گونگي ۽ جوڳيءَ جي سچائيءَ تي، سندس مائٽن کي به اعتبار نٿو اچي،

حالانڪ حقيقت هيءَ آهي ته، گلاب گونگي ۽ جوڳيءَ جو نه ڪو سياست سان واسطو آهي ۽ نه ئي ڪين ملڪي سياست جي باري ۾ ڪا ڄاڻ آهي. هو اسلام آباد صرف پنهنجن مائٽن وٽ گهمڻ ويا هئا، پر سرڪاري گماشتن ڪين الاهي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو.

هن ناول ۾ امر جليل پنهنجي زندگيءَ جو تجربو، مشاهدو ۽ تخليقي سگهه ڪتب آندي آهي، جنهن ڪري هيءُ ناول موضوع سميت اعليٰ معياري تخليق جو ثبوت ڏيئي رهيو آهي. هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ اينترو ته تسلسل ۽ دلچسپي آهي جو پڙهڻ وقت، ناول مڪمل ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

هن ناول ۾ امر جليل مڪمل ڄاڻ ۽ معلومات ڏني آهي، جنهن ۾ هن ڪيترين ئي اهم ڳالهيون، مثال طور: افغانستان ۾ روسي فوجن تي اثر وغيره جو جائزو پيش ڪيو آهي. هن ناول ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ ڪهڙي نموني ملڪي ۽ بين الاقوامي سازش جو شڪار ٿي رهي آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ابوجهه ۽ سياسي شعور ڪان وانجهيل عوام، پاڻ ۾ ادبي اڄ اُجهائڻ سان گڏ، حقيقي سياسي طور شعور به پيدا ڪيو آهي.

امر جليل جي هن ناول ۾ ڪردار جي دنيا به تمام وسيع آهي. هو فردن جي احساسن، جذبن ۽ سماجي ريتن مطابق، اٿڻي ويهڻيءَ ۽ هر عمل ۽ ڳالهه ڪان واقف آهن. مثال طور: ڪلارڪ، آفيسر، ماستر، داداگير، ليڊر، سياستدان، مزدور، هاري، زميندار، وڏيرو ۽ ڪارخانيدار. مطلب ته هر طبقي جي فردن جي زندگيءَ جو هن نقش چٽيو آهي. هن سچي ناول ۾ ڪردار نگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان ڪئي وئي آهي. مثلاً: گلاب گونگي جو ڪردار، جنهن ڪي بنا ڪنهن ڏوهه جي جيل ۾ تڪليفون، اذيتون ۽ غير اخلاقي ۽ غير انساني تشدد ڪيو وڃي ٿو، پر ٻيو ڪردار هيرو جوڳي، ذهني عقوبتن، رياستي ادارن ۽ ايجنسين جي وٽ پڪڙ ۽ ڳولا ڪان پڇندو رهي ٿو. هن ناول ۾ مراد ٿاٿاري جي ڪردار جي حقيقي عڪاسي ڪئي وئي آهي، ته اهي نوڪريءَ خاطر پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم خلاف سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن، جنهن لاءِ هو هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”سندس ذهانت جي انتها هئي، جو گهر جي جنهن ڪمري ۾ ذوالفقارعلي ڀٽي جي تصوير رکيل هئي، تنهن ڪمري ۾ جنرل ضياءَ جا صلاحڪار، ڪاڻئن سنڌ جي باري ۾ معلومات هٿ ڪرڻ ايندا هئا.... سنڌ جو سنڌي خوش ته مضبوط مرڪز ۾ اسان جو دانشور، خيما ڪوڙيو ويٺو آهي، ۽ سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪري رهيو آهي.“(16)

هن ناول جي هڪ ٻئي ڪردار، مراد جي ڪردار نگاري ڪندي، امر جليل ڏيکاري ٿو ته، زندگيءَ جي هن اهم مقام ڪي حاصل ڪرڻ جا اهي طريقا يا



ٽئڪٽ (Tact) جيڪي اسان جا آفيسر استعمال ڪندا رهندا آهن. هو لکي ٿو ته:

”مون ڪي مراد ٿاٿاري جي رويي تي تعجب نه ٿيو. هن ڏاڍي محنت ڪئي هئي. اسلام آباد جهڙي نامراد شهر ۾ پير ڄمائڻ لاءِ هن وسان ڪين گهٽايو هو. سنڌ ۾ بيروزگاريءَ ڪان مجبور ٿي، ڪلارڪي ڪرڻ لاءِ اسلام آباد آيو هو ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي ويو ڏاڪن پٺيان ڏاڪا چڙهندو. شڪارپور جي مٺائي ۽ آچار، روهڙيءَ ۽ خيرپور جون ڪارڪون، ماڪين جا شيشا ڪارائي، هن ڪامورن جي مت ماري وڌي. هرڪو پيو مٺي ويهاريندس. ويو چوٽ چڙهندو، سنڌ بابت خبرون هٿ ڪرڻ وارا، مراد ٿاٿاري ڪي سنڌ جي اٿارٽي سمجهڻ لڳا.“(17)

ڪردار نگاريءَ ۾ سندس فني صلاحيت وڏيڪ اپريل نظر اچي ٿي. هن جا ڪردار جيئري جاڳندي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ آهن. اهي اسان ڪي زندگيءَ ۾ مهڪندي هلندي چلندي، محبت ڪندي، نفرت ڪندي، ڏک ڏسندي، سک ماڻيندي، رحم ڪندي، انتقام وٺندي ۽ قرباني ڏيندي نظر اچن ٿا. هنن جي دلين ۾ خوشي ۽ مسرت، ڏکن ۽ تڪليفن جا جذبا ملن ٿا. هنن جون ڪمزورين به عام انسانن جهڙيون آهن.

امر جليل پنهنجا ڪردار حقيقي زندگيءَ مان چونڊي، انهن ڪي فني لحاظ ڪان انفراديت بخشي ٿو. سندس ڪردار حقيقي رنگ ۾ رڱيل آهن ۽ اسان جي ئي معاشري جا فرد آهن، ليڪن هنن ۾ انفراديت موجود آهي. ڊاڪٽر امان الله ڪان چارڻ جي باري ۾، جيڪي اسلام آباد جا آفيسر چون ٿا، اهي جملا امر جليل هن ريت ٿو چورائي:

”ائين ڪرڻ سان سنڌ مان طاقت جو توازن ختم ٿي ويندو، جنهن وٽ هٿيارن جو ذخيرو هوندو، سو بي هٿيار ٿي دٻڙ دونس سان راڄ ڪندو.

ڊاڪٽر وراڻيو: اهوئي سبب آهي، جو اسان،سنڌين ڪي پنهنجي ڪم ۾ شامل ڪيو آهي.

جواب ڏنائين: اسان بيشمار هٿيار وڪڻيا آهن، ڌارين ڪي ڇڏي سنڌين ورلي ڪي اسان ڪان هٿيار ورتا آهن. توهين سنڌي مارجي ويندؤ. نعرن سان نه پيٽ ڀربو آهي ۽ نه ئي تاريخ جو نئون باب کوليو ويو آهي.

هن چيو: چارڻ پنهنجي طرفان ڪوشش ڪئي هئي، پر نتيجي ۾ فقط ڏهه-ٻارهن ڪلاشنڪوف ڪدي سگهيو هو. مون ڪان چرڪ نڪري ويو. چيم: چارڻ سچ پچ هٿيارن جي سمگلنگ ڪندو هو.“(18)

هن ناول ۾ امر جليل جو اسلوب بيان ۽ طرز تحرير هميشه وانگر نهايت ئي اثرانداز آهي، جنهن سان ناول ۾ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي ۽ اهائي خصوصيت ناول ڪي ڪامياب بنائي ٿي. سندس ٻولي هميشه وانگر طنز سان

پريل علامتن، اصطلاحن، پهاکن ۽ چوڻين سان ڀرپور آسان ۽ سادي آهي، جنهن کي هرکو سمجهي سگهي ٿو ۽ ان مان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو: مثال طور:

(1) ”اسلام آباد ۾ گم ٿيل اسلام کي ڳولڻ لاءِ، مون سالن جا سال، مهينن جا مهينا ۽ ڏينهن جا ڏينهن وڃائي ڇڏيا آهن. مان کيس ڳولهي نه سگهيو آهيان. تون کيس ڪيئن ڳولهي سگهندين؟“

(2) ”جڏهن باهه لڳندي آهي، تڏهن سڪن سان گڏ ساوا به سڙي ويندا آهن.“(19)

(3) ”جنگ به انسانن جي جهنگ ۾ لڳل باهه آهي، جنهن ۾ جيڪي جنگ ۾ شامل هوندا آهن، انهن سان گڏ اهي به اجل جو شڪار ٿي ويندا آهن، جيڪي جنگ ۾ شامل نه هوندا آهن.“(20)

(4) ”دغا ۽ فريبن جي دنيا م عشق جا علم ڪٽي گهمندا آهيون ۽ عشق جي صليبن تي دم ڏيئي ڇڏيندا آهيون.“(21)

(5) ”اسان جي حياتي ته، ڪيل ڏوهن ۽ گناهن بابت پنهنجي بيگناهي ثابت ڪندي، گذرندي ويندي آهي.“(22)

(6) ”هن صديءَ ۾ خاموشي تدبر جي نشاني آهي. هيءَ صدي بکواس ۽ بکواس ڪرڻ واري جي صدي آهي. هن صديءَ ۾ خاموش رهڻ وارا سوريءَ جو سينگار آهن.“(23)

(7) ”جوڳي برابر ڪنوارو آهي، پر هر بدنصيب ڪنواري جي نصيب ۾ هڪ عدد چوهڙ جماليءَ جهڙو سهرو ضرور لکيل هوندو آهي.“(24)

(8) ”سندس لهجي ۾ مون کي ماءُ جي مامتا محسوس ٿي، زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ڪا هستي اهڙي نه ملندي آهي، جنهن جي وجود ۾ هڪ ڪان وڏيڪ علامتون محسوس ٿينديون آهن.“(25)

(9) ”هي دنيا ڪوڙ، مڪر ۽ فريب جي سگ تي بيٺل آهي، هتي اسان مولائين ۽ بيوقوفن لاءِ زنده رهڻ جي ڪابه گنجائش نه آهي.“(26)

(10) ”جڏهن صحافت جي سچائي، حڪومت، وقت جون اکيون بند ڪري ساٿ ڏيندي آهي، تڏهن وڻ چانورَ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ درياهن ۾ مڻي پاڻيءَ ۾ سمنڊ ڪاهي پوندو آهي ۽ مڻي پاڻيءَ کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي.“(27)

امر جليل طنز ۽ مزاح جي وسيلي شگفتگي ۽ طرب انگيز فضا آڻي ٿو، جنهن ڪري تلخ حقيتن ۾ به خوشگواري پيدا ٿي وڃي ٿي. هو مناسب موقعي ۽ وقت طنز استعمال ڪري ٿو. اجوڪو دؤر جيئن ته سياسي ۽ ذهني



ڪشمڪش ۽ تصادم جو دؤر آهي، ان ڪري طنز جي لاءِ هڪ نهايت سازگار فضا قائم آهي. هن جي مزاح ۾ شيريني ۽ ميٺاج آهي، ليڪن ڪٿي به هو اعتدال کان ٻاهر نه ٿو وڃي. هن جي طنز ۽ مزاح ۾ ڪوبه اجايو، فضول ۽ ڇنڪو پوڳ شامل نه آهي. هو پڙهندڙن کي ڏونڌاڙي ڪونه ٿو، بلڪ ڇشما وٺائي، رکي رکي ٺهڪ ڏياري ٿو. ”طنز ۽ مزاح باعث هن جو رد عمل هڪ صحتمند انسان جو رد عمل بڻجي پوي ٿو ۽ هو ڪشادگيءَ سان اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ تلخ نظارا پسائيندي، خوشيءَ جو سامان پيدا ڪري ٿو.“(28)

حاصل مطلب ته سندس لکيل هي ناول بامقصد ۽ ڪامياب ناول آهي. هو پنهنجي سيني ۾ هڪ دردمند دل رکي ٿو. هو انسانن سان، حيوانن طرفان ٿيندڙ ظلم ۽ ڪلور ڏسي، برداشت نٿو ڪري سگهي. انساني ناانصافي ۽ ناهمواري خلاف آواز اُٿاري ٿو. هو مظلومن جو يار ۽ ظالمن جو، جيڪي سنڌ ۽ سنڌين سان ظلم ڪن ٿا، انهن جو سخت دشمن آهي. سنڌ جا دشمن، جيڪي سنڌين جا حق غصب ڪن ٿا سندس جنگ هميشه سنڌي قوم کي غريب، ڪمزور ۽ هيٺو بنائي رکڻ لاءِ، مذهب جو غلط استعمال ۽ استحصال پئي ڪيو آهي. سنڌين جو استحصال صدين کان پيو ٿيندو اچي. امر جليل انهن جي لاءِ هميشه کان لکندو ٿو اچي. انهيءَ کان علاوه ون-يونٽ جي قهري دؤر ۾ به سنڌين سان حد درجي جا ظلم ڪيا ويا هئا.

سنڌي ٻوليءَ جو بل سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيڻ وقت، امر جليل اسيمبليءَ جو گيٽ ٽپي اندر هليو ويو. بل پاس ٿيڻ کان پوءِ هنگامن، جلسن، جلوسن ۽ ميٽنگن ۾ باقاعدي شرڪت ڪندو رهيو، حالانڪ سرڪاري نوڪريءَ ۾ به هو، پر تڏهن به نه مڙيو. امر جليل انهيءَ درد کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪيو ۽ انهيءَ خلاف تمام گهڻو لکيائين ۽ اڄ به انهن ظلمن جي خلاف جيڪي سنڌ ۽ سنڌين تي ٿين پيا، تن تي لکندو رهي ٿو ۽ هميشه لکندو رهندو. هو باهمت ۽ محبِ وطن اديب آهي. هو سنڌ ۽ سنڌين کي ڪڏهن به تڪليف ۾ ڏکئي وقت ۾ ڏسڻ برداشت نٿو ڪري.

## ببليوگرافي


1. امر جليل: امر جليل نمبر، انٽرويو، حيدرآباد، سهڻي پبليڪيشن، 1973ع، ص 203
2. امر جليل: عشق ۽ انٽرويو، حوالو نمبر پهريون، ص 45
3. ڏسو حوالو نمبر پهريون، ص 203
4. تنوير عباسي ڊاڪٽر: ڏسو حوالو نمبر پهريون، ص 173
5. امر جليل: ڪهاڻي ’رڄ‘، دل جي دنيا، لاڙڪاڻو، سڳند پبليڪيشن
6. امر جليل: ڪهاڻي ’اروڙ جو مست‘، ’دل جي دنيا‘، مجموعا، لاڙڪاڻو، سڳند

پبليڪيشن
7. امر جليل: ڪهاڻي ’منهنجي دل موهن جو دڙو‘، ’جڏهن مان نه هوندس‘ مجموعا، نيو فيلڊس پبليڪشن، 1991ع، ص 25
8. امر جليل: ڪهاڻي ’جڏهن مان نه هوندس،‘ حوالو نمبر 7
9. ايضاً، ڪهاڻي،’هڪ دل جي اڪيلائي‘، حوالو نمبر 7
10. قيمت هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌ ۾ سنڌي ادب، پوپال، رميش پرنٽرس، 1990ع، ص 27
11. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: امر جليل نمبر، سهڻي، پبليڪيشن حيدرآباد 1973
12. امر جليل: ’سچل سرمست ٽربل ۾‘ ايضاً
13. ايضاً
14. ايضاً ، پل صراط
15. امر جليل: چريٽ ۽ قلفي
16. امر جليل: ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ ناول، عبرت گروپ آف پبليڪيشن 1994ع
17. ايضاً
18. ايضاً
19. ايضاً
20. ايضاً
21. ايضاً
22. ايضاً
23. ايضاً
24. ايضاً
25. ايضاً
26. ايضاً
27. ايضاً
28. ايضاً



## انجم هالائي (1902ع کان 1975)

(**تعارف**: عبدالرحمان انجم هالائي جو جنم هالا ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ جو مشهور ناول نگار آهي. سندس ناولن ۾ ڪاروان زندگي 1952ع، پياري نازنين لکيل آهي.)

### 1. ڪاروان زندگي:

هي ناول محترم عبدالرحمان ’انجم‘ هالائيءَ جو لکيل آهي. هن ناول جو موضوع ڪفايت شعاري ۽ محنت تي ٻڌل آهي، جنهن لاءِ خود ناول نگار لکي ٿو:

”اُهي فضول خرچ ۽ ناداني، جيڪي شيطان جا پائر آهن ۽ اهي ڪفايت شعار ۽ سياڻا آهن، جيڪي محنت ۽ ڪفايت کي پنهنجو غلام ڪري هلائين ٿا.“(1)

هن ناول ۾ مکيه ٻه فرضي ماڻهو محمود ۽ حميد آهن. محمود هڪ سرمائيدار جو اڪيلو فرزند آهي، مگر پنهنجي فضول خرچيءَ جي عادتن سبب، ۽ اوباش زندگي بسر ڪندي، آخر نه فقط پاڻ کي، پر پنهنجي خاندان کي به تباهيءَ جي کُن ۾ غرق ڪري ٿو.

هوڏانهن حميد باوجود مفلس هجڻ جي، صبر ۽ شڪر سان الله ۽ الله جي رسول صلي الله و آلہ وسلم جي حڪمن جي پيروي ڪندي، ۽ ڪفايت شعاريءَ سان هلندي، پنهنجي اُجڙيل دنيا کي آباد ڪري ٿو. ٻنهي شخصن جي حياتيءَ جو احوال، نصيحت ۽ هدايت کان خالي نه آهي.

هي ناول وقت ۽ حالات مطابق، ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ضرورت مطابق لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي هاري ناري، زميندار ۽ جاگيردار طبقي جي ماڻهن جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. هن ناول ۾ نه صرف مردن پر عورتن کي پڻ بيدار ڪيو ويو آهي. انهن ۾ پڻ ظلم ۽ جبر جي خلاف جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو ويو آهي.

هن ناول ۾ ڪيترائي اهم ۽ ڪامياب نڪتا پيش ڪيل آهن. مثلاً: جيئن پيش لفظ ۾ مصنف خود لکي ٿو ته:

”جڏهن هاري بيدار ٿئي ٿو ته، زميندار ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي، سواءِ گردن جهڪائڻ جي. عورت بيدار ٿي وڃي ته ڪجهه نه ٿو ڪري سگهجي، سواءِ ڪنڌ نمائڻ جي. وقت آيو آهي ته عورت بيدار ٿئي ۽ سجاڳ ٿي پنهنجي هستيءَ ۽ پنهنجن حقن کي سمجهي، سوچي ۽ سڃاڻي.“(2)

اڄڪلهه جي دؤر ۾، دولت ۽ پئسي کي هر ڪوئي اهميت ڏئي ٿو، ڪو

شخص دولتمند هجي پوءِ هو چاهي ڪهڙا به بُرا ڪم ڪري، ڪيترو به ظالم ۽ عياش هجي، پر ان کي ئي عزت ڏني ويندي آهي. انهيءَ جي وضاحت انجم هالائي صاحب ناول جي صفحي 153 تي هيئن ٿو ڪري:

”دنيا جو نالو روپيا آهي ۽ روپئي جو نالو، دنيا. دنيا ۾ عزت خواه آبروءَ سان رهڻ لاءِ پيسو گهرجي. اڄ شرافت يا اخلاق جو ٻيو نالو دولت ئي آهي. سرمائيدار جي هرڪو عزت ڪري ٿو ۽ اڄڪلهه هر هنڌ مانُ پائي ٿو؛ برعڪس ان جي مفلس انسان کي هر ڪو نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو.“(3)

ناول نويس پنهنجي هن ناول ۾ سماج ۾ ڇوڪرين جي قيد هجڻ ۽ انهن جي آزاديءَ بابت مختلف رايا پيش ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته:

”شريف ڇوڪرين کي ڍورن ڍنگرن وانگر ڪنهن جانورن جي ڍڪ ۾ به نٿو چورائي سگهجي.“(4)

هو اڳتي لکي ٿو ته:

”والدين، اولاد جا ڪي بدخواهه نه آهن. اولاد کي اهو يقين رکڻ گهرجي ته هو ضرور سوچي سمجهي قدم کڻندا. هي سڀ ڪجهه اڄوڪي آزاديءَ جا انگور آهن. مون کي ته خوف آهي ته مهذب سوسائٽيءَ ۽ مغربي تهذيب وارا خيال ۽ اها آزادي ڪنهن ڏينهن آزاد افرادن کي ٻوڙي هميشه لاءِ غرق نه ڪري.“(5)

هن ناول ۾ ناول نگار نه صرف سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي، پر هو بين الاقوامي مسئلن کي به کڻي ٿو. هن مسلمانن جي هن دنيا ۾ حالت جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

”اڄ مسلمان دنيا ۾ ذليل و خوار آهن. مفلسي ۽ غربت، بيڪسي ۽ بي بسي، مظلومي ۽ زبردستيءَ جون لعنتون، ان تي مسلط آهن. فلسطين جي عربن ۾ يهودين جي حرڪات کان هراس آهي. مراڪش، تيونس، الجزائر ۽ ٻين اسلامي ملڪن جا باشندا، بيعت ۽ بربريت جو شڪار ٿي رهيا آهن. مصر برطانوي فوجن جي هٿن کان تباهه ۽ برباد ٿي رهيو آهي. جهوناڳڙهه، حيدرآباد دکن ۽ ڪشمير هندو هٿ ڪري رهيا آهن.“(6)

هن ناول ۾ ٻولي نصيحت وارن نڪتن سان ڀريل ۽ سادي، عبارت ڀاڪن ۽ چوڻين واري استعمال ڪئي وئي آهي. ناول نگار ڪيترن ئي اهم مسئلن کي بيان ڪندي نصيحتون ڪندو، مسئلن جو حل تلاش ڪندو رهيو آهي. هو (ناول نويس) پيش لفظ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”دنيا ۾ جيڪو ماڻهو صرف الله جي خوشنوديءَ خاطر هرڪو قدم کڻي ٿو، پنهنجا فرائض ادا ڪري ٿو، چڱا ڪم ڪري ٿو، اهو اگر ظاهر مري ٿو ته پر حقيقت ۾ زنده آهي. هر مسافر کي سچ ۽ رُج درپيش اچي ٿي، مگر انهن



جو مقابلو همت ۽ مردانگيءَ سان ئي ڪرڻو آهي.“(7)

## ببليوگرافي


1. انجم هالائي: ڪاروان زندگي، حيدرآباد، فردوس پبليڪيشن، 1952ع
2. ايضاً
3. ايضاً
4. ايضاً، ص 273
5. ايضاً، ص 276
6. ايضاً
7. ايضاً

## سراج الحق ميمڻ:

**(تعارف:** سراج الحق ميمڻ، 23-آڪٽوبر 1933ع ڌاري، ٽنڊي ڄام شهر، اڳوڻي ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم اتي ئي حاصل ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين، پوءِ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن طرفان ڪرايل، سي. ايس. ايس امتحان پاس ڪري، انڪم ٽئڪس آفيسر طور ڀرتي ٿيو ۽ هاڻي وڪالت ڪري رهيو آهي.

سراج الحق ميمڻ صاحب ناول، ڊراما، افسانا، مضمون ۽ لسانيات جي موضوع تي، هن وقت تائين ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. انهيءَ کان علاوه هن ڪيترائي افسانا ترجمو پڻ ڪيا آهن. سندس ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن:

’ڀڙاڏو سوئي سڏ‘ (ناول)، 1970ع، ’منهنجي دنيا مرگهه ترشنا‘ (ناول)، ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘ (ناول)، ’مرڻ مون سين آءُ‘ (ناول)، ’تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ (ناول)، ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ (ناول)، ’اٺون ماڻهو‘ (افسانا)، ’ڏاهپ ڏاهپ رنگ‘ (افسانا)، ’اي درد هلي آءُ‘، ’چونڊ امريڪي افسانا‘ (ترجمو)،’ڏکڻ مان ٿو سج اڀري‘ (ترجمو)، ’سنڌ جي اقتصادي تاريخ‘ (ترجمو)، ’ويران اکيون‘ (ناٽڪ)، ’زخمي دل‘، ’ٻيجل‘ ۽ ’گهاتو گهر نه آيا‘، ’سنڌي ٻولي‘، ’علم معاشيات‘ ۽ ’ذوالفقار علي ڀٽو‘. انهيءَ کان علاوه سراج، ’اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن‘ به لکيو، ڪيترائي مزاحيه ڪالم جهڙوڪ: ’ملان جي ٻوڙ‘ ۽ ’رتيءَ جي رهاڻ‘ به لکيائين. هن جا ڪيترائي مقالا ۽ مضمون جن ۾، ’سنڌي ٻوليءَ جا چند مسئلا‘، ’اسان جو نفاذ‘، ’سڪر سيئي ڏينهن‘، ’مهٽي‘، ’چنڊ گرهڻ‘، ’لطيف‘، ’وحدت الوجود‘ ۽ ’اوندهه جو وڻ‘ وغيره خاص آهن، جيڪي ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن مثلاً: هلال پاڪستان ۽ ٻين اخبارن ۾ ڇپيل موجود آهن.

انهن ڪتابن، مضمونن، مقالن، ڊرامن، ناولن، افسانن ۽ ڪالمن کان سواءِ، سراج ڪيترائي ادبي ۽ نصابي ڪتابن تي مهاڳ ۽ مقدما پڻ لکيا آهن. هو صحافت جي ميدان ۾ به تجربو رکي ٿو. هن سلسلي ۾ ’هلال پاڪستان‘ ۽ ’جاکوڙ‘ جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

سراج الحق ميمڻ شاعري به ڪئي آهي، جيڪا ’مهراڻ‘ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل آهي. ان کان علاوه ’نئين زندگي‘، ’ادا‘، ’شاعر‘، ’لطيف ڊائجسٽ‘، ’روح رهاڻ‘ ۽ ’مهراڻ‘ رسالن ۾ پڻ سندس ڪيترائي مضمون، تبصرا ۽ تنقيدون شايع ٿيل آهن.

سراج جيڪي به ڪتاب لکيا آهن، اهي نيوفيلڊس پبليڪيشن، سنڌ پريس،



حيدرآباد پبليڪيشن، راما بڪ ڊيپو حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيل آهي).

سراج الحق ميمڻ، سنڌيءَ ۾ جيڪي به ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا آهن، اهي گهڻي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. انهن ناولن توڙي ڪهاڻين ۾، تاريخي پس منظر کان سواءِ قوميت جو رنگ، مقامي رنگ ۽ ٻهراڙيءَ جي ٺيٺ سنڌي ماحول جو عڪس گهڻو نمايان آهي. هن پنهنجين لکڻين ۾ سنڌي قوميت جي مختلف تهذيبي، تمدني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي ئي موضوع بنائي لکيو آهي.

انهيءَ کان علاوه سندس ڪهاڻين توڙي ناولن ۾ رومانوي پهلو چٽو نظر اچي ٿو. جيئن مٿي چيو ويو آهي. هن، رومانيت کي نئون رنگ ڏيئي، ان ۾ وسعت آندي آهي. سندس ناولن ۾ رومانوي فڪر ۽ نفسيات جا نوان نوان زاويا پيش ڪيل آهن، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ جديديت جي تحريڪ اُڀارڻ ۾ سراج جو وڏو هٿ مڃيو ويو آهي.

سراج پنهنجن افسانن ’ڏاهپ رنگ‘ ۽ ’اٺون ماڻهو‘ جي مجموعن ۾ به سنڌ جي سماجي مسئلن کي پيش ڪيو آهي. سندس لکيل افسانن جي مجموعي ’اٺون ماڻهو‘، جيڪو 1985ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن وارن شايع ڪيو آهي، انهيءَ ۾ هن جيڪي افسانا لکيا آهن؛ مثلاً: رت ورني رات، نچڻي، هڪ مڙدو، ٽي لاش، وڻ جو موت، ڪارونجهر جا مور، مان جوئي آهيان سو ئي آهيان ۽ اٺون ماڻهو ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي لکيو آهي. هن مجموعي جي ڪهاڻيءَ ’مان جوئي آهيان، سوئي آهيان‘ ۾ صفحي 107 تي هو لکي ٿو ته:

”امڙ ڳالهه آهي ڪجهه ڪونه، پر هاڻ ڳالهه ڳري ٿي پئي آهي. هي ننڍا ننڍا جوان مڙس الائي ڪنهن جي ڳالهين ۾ اچي ويا آهن. چون ٿا ته لوڪ راڄ کپي، انصاف کپي، نوڪريون کپن، پورهيو کپي، زمينون کپن ۽ ٻيو به الائي ڇا ڇا کپي. ٻئي پاسي سرڪار آهي....

خير هاڻ مڙئي ڳالهه ڳري ٿي پئي آهي. وردين وارا ڳوٺن ۾ ڪاهيو پون ۽ زوري ماڻهن کي ٻڌيو وڃن، نه داد نه فرياد. چي اوهان وڳوڙي آهيو، ڌاڙيل آهيو، ڌاڙيلن کي پناهه ٿا ڏيو“(1)

سراج صاحب افسانن کان علاوه ناول پڻ لکيا آهن، جن جو جائزو هتي پيش ڪجي ٿو:

### (1) ڀڙاڏو سوئي سڏ:

سراج جو هي ناول (ڀڙاڏو سوئي سڏ)، 1970ع ۾ ڇپيو آهي. هي ناول سنڌ جي تاريخ تي لکيل آهي. هونئن ته سنڌ جي تاريخ، هر مظلوم قوم جي

تاريخ وانگر، ظلم جي داستانن سان ڀري پئي آهي، پر هن ناول ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر، سنڌ جي ماضيءَ جي بدترين دؤر طور پيش ڪيل آهي. جڏهن شاهه بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن هن سنڌين سان تمام گهڻا ظلم ڪيا.

ترخانن جي حڪومت ۾ مرزا باقيءَ جو دؤر سڀ کان اونداهو ۽ سڀ کان روشن دؤر هو. سڀ کان اونداهو انهيءَ ڪري جو ارغون حاڪمن ۾ هن کان وڌيڪ ظالم حاڪم ٻيو ڪو به ڪونه ٿيو ۽ سڀ کان روشن دؤر انهيءَ ڪري هو جو، ان ظلم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي، بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

مرزا باقيءَ ڪيترائي بيگناهه سنڌي قتل ڪرايا، ڪيترائي ماڻهو، هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارايا ۽ ڪيترن ئي عورتن سان ظلم ڪيائين. سنڌين انهن ظلمن خلاف بغاوت ڪئي. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪٿي به انهيءَ بغاوت جي پڪي ۽ سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف تاريخن ۽ مختلف شهرن ۾، ننڍي ۾ ننڍيا واقعا بيان ٿيل آهن، پر هي ئي هڪ ناول آهي، جنهن ۾ انهن واقعن جو مڪمل ۽ تفصيلي ذڪر پيش ڪيل آهي.

ترخان دؤر ۾ مرزا باقيءَ جي حڪومت ۾ عوام تي ايترو ته ظلم ڪيو ويو هو، ايترا ته بيگناهه ماڻهو قتل ڪرايا ويا هئا، جو ماڻهو خوف ۽ هراس جي ڪري، رات به سک ۽ چين سان سمهي نٿي سگهيا. پير حسام الدين شاهه راشدي هن دؤر لاءِ هيئن ٿو لکي ته: ”مرزا باقيءَ جي حڪم تي سوين خدا جا بيگناهه بنده قتل ڪيا ويا. ڪو ڏينهن خالي نه هو، جو ڪو ماڻهو قتل نه ٿيو هو. ڪنهن جو نڪ، ڪنهن جو ڪنڌ، ڪنهن جو هٿ ته ڪنهن جي ٻانهن، هر روز وڍرائيندو هو. هاٿيءَ جي پيرن هيٺان بيگناهه ماڻهن کي لتاڙائيندو ۽ انهن کي مارائيندو هو.“(2)

انهن ظلمن ۽ ڦهرن کان بيزار ٿي، سنڌ جي ماڻهن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو. هن سڄي گڏجي بغاوت ڪئي ۽ اهڙيءَ ظالمانه حڪومت جو خاتمو آندو. انهيءَ وقت جي سنڌين جي مقصد ۽ جدوجهد کي ذهن ۾ رکي، سراج الحق ميمڻ، هن دؤر کي ناول جي شڪل ۾ پيش ڪيو، جنهن لاءِ هو پاڻ لکي ٿو ته:

”انهن ظلمن جي ردعمل طور سنڌين ڪئين شورشون ڪيون، جن جو هڪ ئي مقصد هو، هڪ ئي آدرش هو. ان آدرش کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ئي، مون ان کي ناول جي صورت ڏني.“(3)

هن ناول ۾ سراج الحق صاحب هنن ڳالهين کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سنڌي ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، ريتن رسمن، تهذيب ۽ ڪلچر جي عڪاسي، سنڌي قوم سان محبت، سنڌي قوم جي بهادري، سنڌن



سورهيائيءَ جا واقعا، سنڌين جي طاقت، سنڌي قوم جي سادگي، نوڙت، سنڌ ۽ سنڌين جي خوبصورتي، سنڌ جي مشهور شهرن جو ذڪر، سنڌين جي غيرت، عزت، سنڌي عورتن جو ڀنهنجن مردن (مڙسن) لاءِ اوسيئڙو ۽ انتظار، عورتن ۽ مردن جو سياست ۾ حصو وٺڻ، هندن ۽ مسلمانن جو گڏجي رهڻ، ڌارين قومن جا، سنڌ ۽ سنڌين تي حملا ۽ ظلم، سنڌين تي ڌاريون ٻوليون زوري مڙهڻ، مذهبي ڪٽرپڻي وغيره ۽ ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر جي حاڪمن جي درٻار جو ماحول وغيره جي عڪاسي نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪئي آهي. جناب جمال ابڙو صاحب، سراج جي هن ناول جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته:

”سراج انهن سڀني مسئلن کي، ننڍي ناول دوران سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سمجهوڻ دور رس نگاهه، ماضيءَ، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري، تاريخي پس منظر ۾ حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي. سندس تڙپندڙ دل، ماضيءَ جون رت اڏيون، حال جون ڪاوشون ۽ مستقبل جون اميدون ۽ خدشا ڪنيو، ڏاڍي نهڻائيءَ ۽ نماڻائيءَ سان دوائون ۽ دعائون جهليو بيٺي آهي. سندس قلم ۾ قرب آهي. مشورو آهي ۽ انتباهه. سندس اٿاهه مصلحت جا ٻنا اورانگهي، لوڪ لڇا لاهي، پاڻ ٻوهي ۾ ڏيئي، سچ ڪٽا پلئه پائي، سئن پيو ڏئي. اها سئن جا تاريخ جي هر دؤر ۾، هر سورهيه ور ور ڪري ورجائي آهي. تنظيم، تربيت، مسلسل جدوجهد، سچائيءَ ۽ اخلاق سان گڏوگڏ، مرڪزيت، صحيح فيصلا، حڪم جي پابندي ۽ پاڻ تي ضابطو ڏسٽو ورنه سنگهار جي انفراديت، جذباتيت ۽ هوڙهائي جي باوجود دليريءَ، سچائيءَ جي، نور وجائيندي ۽ دادن جي سياست زنجيرن ۾ جڪڙائيندي، هٽ صرف سودا ڪپن، جي پاڻ وڃائي راڇن جا ويڇا وساري، غريبن ۽ مسڪينن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي، شيهي جي ديوار بنائي ڇڏين. مسلمان، هندو، پارسي ۽ عيسائي هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي وڃن. سڀ ڪجهه ڀُلائي هڪ قوم ٿي وڃن، بس هڪ قوم رهندي، جنهن جو هر فرد سوڍو هوندو. پل ته هڪ سوڍو سوريءَ تي چڙهي وڃي، سوري تي لکين سوڍا سندس جاءِ ڀريندا.“(4)

سراج صاحب جي هن ناول جو پس منظر قوم پرستيءَ جي موضوع تي لکيل آهي. سندس مقصد اهم ۽ افاديت وارو. هن سنڌي قوم کي يڪجا ڪرڻ چاهيو. هن ڏاڍ جو مقابلوڪرڻ جي واٽ ڏيکاري آهي. سندس هن ناول بابت ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ڀنهنجيءَ ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ ترخانن جي زماني جي تاريخي واقعن کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ ناول پڙهندي جوش ۾ اچيو وڃي. هن ناول جذبات نگاريءَ جو بهترين شاهڪار چئي سگهجي ٿو.“(5)

سراج الحق هن ناول ۾، انهن خوبين بيان ڪرڻ کان پوءِ، سندس اسلوب بيان ۽ طرز تحرير جي خوبين کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. سندس هن ناول جي ٻولي نهايت ئي وزندار ۽ اصطلاحن ۽ پهاڪن سان ڀريل آهي. مثلاً هو پنهنجي هڪ ناول ۾ لکي ٿو ته:

”ٿڌي جي سيند اڇا ستارن سان سينگاريل هئي، ٿڌي ڪير جهڙي چانڊوڪي، پاڇولن سان راند ڪندي، سوڍل جي دل کي جيئن دل ٽلڪڻ لڳي هئي.“(6)

مجموعي طور تي ڏٺو وڃي ته سراج جو هيءُ ناول هڪ تاريخي ۽ قومي رنگ ۾ رنڱيل، ڪامياب ناول آهي.

**(2) تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول:**

سراج صاحب جو هي ناول به سنڌ، سنڌ جي آزاديءَ ۽ دولتمند طبقي، زمينداريءَ ۽ سيٺين جي ظلم وغيره جي موضوع تي لکيل آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي عام ماڻهن، غريبن، مسڪينن، هارين نارين ۽ مزدورن وغيره کي، انهن کان آزادي ۽ ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جا طريقا ٻڌايا ويا آهن. سندس هن ناول موضوع توڙي ٽيڪنڪ جي لحاظ کان نئون ۽ دلچسپ ناول آهي.

سندس هن ناول جي منظر نگاري، ڪردار نگاري، اسلوبِ بيان ۽ ٻولي وغيره نهايت ئي شاندار طريقي سان پيش ڪيل آهن. سندس هن ناول پڙهڻ وقت جوش، ولولو ۽ قربانيءَ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو ۽ خاص طور تي سنڌيت جو جذبو وڌيڪ نمايان ٿئي ٿو. مثلاً: هو پنهنجي ناول ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين... ڪيڏو سور آهي انهن لفظن ۾ ڪيڏي نه پنپلائيندڙ حقيقت! منهنجو ماضي پرديسي پرينءَ جهڙو ته نه هو ۽ منهنجو حال ڪنهن ديسي سيڻ جهڙو آهي.“(7)

**(3) منهنجي دنيا هيڪل وياڪل:**

سراج الحق ميمڻ جو هي ناول، 1988ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪشن وارن ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هن ناول جو موضوع به سنڌي معاشرو آهي، جنهن کي هن صاحب چڱيءَ طرح پرکي ۽ پروڙي، غور و فڪر ڪرڻ کان پوءِ، هن ناول ۾ انهن جي عڪاسي پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ وڏيرا شاهي جي ظلمن ۾ پيڙهيل غريب هارين ۽ ڪڙمين جي مظلوميت جي عڪاسي پيش ڪيل آهي.

سراج صاحب جي هن ناول لکڻ جو مقصد، سنڌ جي ان ماحول کان آگاهه ڪرڻ ۽ جدا جدا شخصيتن سان متعارف ڪرائڻ آهي، جيڪي سنڌ جي



ڳوٺن ۽ شهرن ۾ نظر اچن ٿيون. سندس هن ناول ۾ نوجوان نسل جي نمائندگي به ڀرپور نموني ڪيل آهي، جيڪي معاشري ۾ انقلاب آڻين ٿا. غلط ريتن رسمن، طور طريقن، ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف آواز اُٿارين ٿا ۽ ان ۾ تڪليفون برداشت ڪن ٿا، يعني هر طرح پاڻ کي قربان ڪن ٿا.

انهيءَ کان سواءِ، سراج جي هن ناول ۾ وڏيرن جي بگڙيل نظام، غريبن جي رت جي پورهئي، هندو ۽ مسلمانن ۾ محبت ۽ ڀائيچاري وڌائڻ ۽ انگريزن جي غلاميءَ کان نفرت ڪرڻ ۽ سنڌ کي آزاد ۽ سکيو ستابو ڏسڻ وغيره کي به هن نهايت سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي.

سراج صاحب پنهنجن اڪثر ناولن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان پيار، سنڌي ماڻهن سان محبت، انگريزن جا سنڌي ماڻهن سان ظلم ۽ زيادتيون، ناانصافيون، سنڌ جي سياسي، سماجي، معاشرتي، تهذيبي زندگي ۽ عورتن کي سکيا ڏيئي، عورتن جي نفسيات ۽ سنڌ جون ريتون رسمون ۽ سنڌ جي گهريلو ماحول جو ذڪر پڻ پيش ڪيو آهي. مطلب ته سندس ناولن ۾ اڄوڪيءَ سنڌ جي مڪمل عڪاسي پيش ڪيل آهي.

سندس هي ناول به سنڌيءَ ۾ ڪامياب ناول ليکيو وڃي ٿو.

**(4) منهنجي دنيا مرگهه ترشنا:**

سراج صاحب جي هن ناول ۾ به سنڌ جون موجوده حالتون بيان ڪيل آهن. هن ناول ۾ سنڌي قوم جي حالت، سنڌ جي وڏيرن جي عياشين، فضول خرچين، علم جي گهٽتائي، شعور جي ڪمي، ابوجهائيءَ ۽ سادگيءَ جي حالت بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ هڪ هنڌ سراج لکي ٿو ته:

”مون کي ڊپ آهي ته اهو وقت پري ڪونهي، جڏهن پان جون مانڊيون جتي چرس جو زهر ٿو وڪامي، سنڌي قوم جي وجود کي اڏوهيءَ وانگر ڪائي ڪوڪلو ڪري، تاريخ جي ’اگالدان ۾ اُڇلي ڇڏيندو‘؛ ان کي بچائڻ وارو ڪوبه ڪونه هوندو. وڏيرا اڳي ئي هنن جي مقرر ڪيل صوبيدارن ۽ ڊپٽين جي کيسن ۾ پيا آهن. اُهي چوندن ته اٿي بيهو ته اُٿي بيهندا، چوندن ته ويهي رهو ته ويهي رهندا! انهن جو هنن پيو به بندوبست ڪيو آهي ته پنهنجيءَ زال ۽ سريتن سان گڏ، ڪين هيرامنڊيءَ جي معشوقن جي اهڙي هير وڌي اٿن، جو اسان جي چڱن چڱن معتبرن هنن کي لاهور ۾ بنگلا وٺي ڏنا ۽ باقاعدي هنن کي ماهوار خرچ پيا ڏين.“(8)

سراج صاحب پنهنجي هن توڙي ٻين ناولن ۾، سنڌي عوام کي گمراهيءَ مان ڪڍي، روشنائي ۾ آڻڻ لاءِ جتن ڪيو آهي. هو سنڌي عوام کي سکيو ستابو ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ، نوجوان نسل جي رهنمائي ڪري ٿو. هو پنهنجي هن ناول ۾ سنڌين جي حالت هن ريت ٿو بيان ڪري:

”سنڌي، شهرن مان بي دخل ٿي رهيا آهن. سنڌن ڳوٺن جو به رت چوسي ڪين چٽياڙي مريض بڻائي ڇڏيو آهي. پنهنجي شناخت ته پري رهي، سنڌ ۽ سنڌين جو وجود به اهڙي جوکم ۾ آهي، جو مون کي سموري تاريخ ۾ اهڙو دور نظر ۾ ڪونه ٿو اچي. سنڌ جو رت شايد ڏاڍو مٺو آهي، جو هر جوُر ان کي چهٽي پئي آهي. جڏهن جوُرن مان ئي اسين پنهنجي جند آزاد نٿا ڪري سگهون.“(9)

بهرحال سراج صاحب پنهنجي هن ناول ۾ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن جي عڪاسي پيش ڪري ٿو. هو نوجوان نسل جيڪو مستقبل جو رهنما آهي، قوم کي ايندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اڳواٽ آگاهه ڪري ٿو. مثلاً: هو لکي ٿو ته:

”سڀ ڪان وڏي سازش اسان جي خلاف تعليم جي ميدان ۾ ٿي آهي. اسان کان اسان جي زبان کسي، هڪ اهڙي زبان مڙهي وئي آهي، جنهن جو اسان جي تهذيب، اسان جي سياءُ، اسان جي سوچ، اسان جي تاريخ ۽ اسان جي ماڻهپي سان ڪو پري جو به لاڳاپو ڪونهي. ويچارا بنگالي ان سازش کي اٿندي ئي سهي ڪري ويا ۽ پنهنجا ڪونڌر مارائي، گهٽ ۾ گهٽ ان ميدان ۾ پاڻ بچائي ويا. اسان جي ٻارن کي اهڙي تعليم ڏني پئي وڃي، جيڪا هنن کان پنهنجي سڃاڻپ وسارائي رهي آهي. اها تعليم به اهڙي زبان ۾ ڏني ٿي وڃي، جيڪا سوچڻ جي سرچشمن کي آفيم وانگر ڳهرائي ماٺو ڪري، هميشه لاءِ سمهاري ڇڏيندي.“(10)

اهڙيءَ ريت هن ناول ۾ سراج صاحب نوجوانن کي علم سان چاهه پيدا ڪرڻ جا به مشورا ڏنا آهن ۽ يا هدايت پڻ ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ئي نوجوان نسل ايندڙ دوُر يا مستقبل جا رهنما ۽ رهبر هوندا آهن.

**(5) پياسي ڌرتي رمندا بادل:**

سراج صاحب جي هن ناول ۾ هُن سنڌي ماڻهن جي فطرت، ان جي تهذيب و تمدن، انهن جي ريتن، رسمن ۽ سنڌي سماج ۾ وڏيرن ۽ زميندارن جي هٽ ٺوڪين قاعدن ۽ قانونن ۽ سنڌي ماڻهن جي فطرت کي مثلاً: جيڪڏهن ڪو سنڌي، ڪو وڏو عهدو حاصل ڪندو ته هو، پهرين پنهنجن سنڌين کي ئي ماريندو يعني نقصان پهچائيندو ۽ ٻيو ته جيڪڏهن سنڌين ۾ ڪو ماڻهو وڏي عهدي تي هوندو ته ٻيا سنڌي ان جي مخالفت ڪندا، جيستائين هن کان اهو عهدو نه ڇڏرائيندا، تيستائين سک ۽ آرام سان نه ويهندا. جيئن عام طور تي چيو ويندو آهي ته سنڌي، سنڌيءَ کي نه سهندو آهي. هن ناول ۾ سراج اهي سڀ ڳالهيون تمام گهڻي تفصيل سان بيان ڪيون آهن.



انهيءَ کان علاوه سراج سنڌ ۾ عورت جي جيڪا عزت آهي، اُن کي برقرار رکڻ جي به هدايت ڪئي آهي. سنڌ ۾ نياڻي کي ست قرآن چيو وڃي ٿو. پوءِ انهيءَ نياڻيءَ سان اسان جي سماج ۾ اهڙو قهر ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ ڪٿي هن کي ڏيٺيءَ ۾ ٻڪريءَ جي عيوض ڏنو وڃي ٿو (تازو ويجهڙائيءَ ۾ ڪاوش اخبار ۾ اهڙو بيان آيو هو، جنهن ۾ ڏيٺيءَ جي بدران 12 سالن جي ڇوڪري پرڻائي ڏني وئي). اهو هميشه کان هلندو اچي يا بدي ۾ ڏني وڃي ٿي يا نياڻيءَ جو حق بخشايو وڃي، نه ته به قرآن پاڪ سان نڪاح ڪرايو وڃي ٿو. هن کي ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو. ان کان ٻيو وڌيڪ کهڙو قهر هوندو؟ سراج پنهنجي هن ناول ۾ سنڌين جي انهيءَ روايت جي باري ۾ هيئن لکي ٿو ته:

”سنڌين وٽ هڪڙي ٻي به روايت آهي ته جيڪو سندس ٻنهه پنهنجو هجي، سو سنڌن حوالي سان بي گناهه ماريو وڃي ۽ ان کي وسارڻ هنن جي وس کان ٻاهر آهي. هنن موهن جي دڙي جي ساک تي فيصلو ڪيو آهي. ان فيصلي جي صحيح يا غلط هجڻ جو سوال پڇڻ وارا، تاريخ کي وساري ويهن ٿا. هو شاهه عنايت ۽ مخدوم بلاول کي وساري ويهن ٿا. سنڌين جا فيصلا نتيجن کان بالاتر آهن. انهن جا جذباتي فيصلا سڌڻ به غلط آهي. اهي سپردگيءَ جا فيصلا آهن. اهي احساس جا فيصلا آهن. انهن فيصلن کي تاريخ تي ڇڏي ڏيڻو آهي، ڇاڪاڻ ته لطيف فقط سنڌين لاءِ هي لفظ چيا هئا ته: ”عاشق زهر پياڪ، وِهه ڏسي وهسن گهڻو“. تاريخ جو وِهه پيئڻ ئي، سنڌي قوم کي ٻين قومن کان ممتاز ۽ مختلف ڪري ٿو. عجيب ڳالهه اها آهي ته، وِهه پيئڻ کان پوءِ به نه رڳو اسين جيئرا آهيون، پر جيئري هجڻ جي هام به هڻي سگهون ٿا.“(11)

سندس لکيل هن ناول جو موضوع ئي وڏيرو ۽ زميندار آهي، جنهن پنهنجن هارين نارين، غريبن ۽ مسڪينن جي نارين کي پڇائڻ، انهن کي زوري ويهارڻ، سريتون ڪري رکڻ وغيره، جيڪي سنڌن برايون ۽ عياشيون آهن، انهن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس مقصد سنڌي قوم ۾ اصلاح آڻڻ آهي. پاڻ هن ناول ۾ جتي ڪٿي، اهڙا ڪيترائي جملا استعمال ڪيا اٿس، جن سان انهن براين کي ختم ڪري سگهجي ٿو. هڪ هنڌ هو شاهه عنايت شهيد جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هن کي شهيد، هن جي وڏيرن ڪرايو ۽ هن کي ان ڪري شهيد ڪرايائون جو هن ٿي چيو ته: ”زمين الله جي آهي، ان تي حق ان جو آهي، جيڪو ان کي کيڙي!... هنن ئي پڙن ۾ جيڪي زمينون غيرآباد پيون هيون، تن کي به هن جي مريدن ۽ فقيرن آباد ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ جيڪي ٿي اُپايائون سو

پاڻ ۾ ورهائي ورچي ٿي ڪنيائون. هنن ڪان حصو پٽي چڪڻ وارو ڪوبه نه هو. زمينون به هنن جون، پورهيو به هنن جو، ته اُپت به سڄي جي سڄي هنن جي. حد جي وڏيرن زمينن کي آباد ٿيندي ڏٺو... هاريءَ جي بدن تي سڄو ڪپڙو به نه هوندو هو، سي ائين سموري اُپت کڻن... سو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري وقت جي حاڪم وٽ دانهين ٿيا... وڏيرن جي چوڻ تي فقيرن تي وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو ويو... ملن مولوين ڪان فتويٰ لڪائي ورتائون ته، شاهه عنايت شهيد ڪافر هو. پوءِ ٺڳيءَ سان شاهه عنايت کي شهيد ڪيائون. شاهه عنايت رڳو هڪڙو گفتو چيو، ”هي مٽي اسان جي ماءُ جيجل آهي، ان تا سِر ويو ته گهوريو.“(12)

سراج صاحب سنڌ جي وڏيرن، رئيسن ۽ زميندارن جي برين عادتن ۽ پرائين نياڻين ۾ اکيون وجهڻ، ڪين زوري ڪڍائڻ، انهن کي سريتون ڪري ويهارڻ، انهن سان زوري نڪاح ڪرڻ ۽ قيد ۾ بند ڪرڻ وغيره جهڙن مسئلن کي به پنهنجي هن ناول م پيش ڪيو آهي. مثلاً هو لکي ٿو ته:

”رئيس گلڻ خان جڏهن ڪان توکي ڏٺو آهي، تڏهن ڪان چت چريو ٿي پيو اٿس... ڪيس ٻانهن جي ڪا کوٽ ڪانهي، هينئر به سوني ڪنپارڻ کي ويهاريو ويٺو آهي، جنهن جي انگ انگ ۾ اهڙي سونهن آهي، جو هلي ٿي ته ڌرتي ٿي ڌڏي... پر توکي ڏٺو اٿس... اها ٻانهن نه ملي ته آءٌ زهر کائي مرندس... تيرهين تاريخ مون کي اوهان جي قبوليت نه پهتي، ته پوءِ مون تي ميار نه رکجو. ٻانهن آءٌ زوري کڻي ويندس.“(13)

هڪ ٻئي هنڌ هو، ٻئي هڪ وڏيري جا به ساڳيائي ڪرتوت بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”وڏيري گهرام، پنهورن ڪان ياروءَ جي پيڻ جو سڱ گهريو هو، پنهنجي پٽ گلڻ خان لاءِ. پنهورن جواب ڏنس، ٿين رات وڏيرو گهرام ٻانهن زوري کڻي ويو. يارو گهر ۾ هو، وڏيري جي شاهينگن ياروءَ کي اڦٽ ماري وڌو.“(14)

سراج صاحب جي هن ناول ۾ سنڌ جي وڏيرن، هارين، ظالمن ۽ مظلومن، نياڻين وغيره مطلب ته هر ڪردار کي هن حقيقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪان علاوه هن ناول جو پلاٽ ۽ ٻولي، منظرنگاري ۽ سيرت نگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪئي آهي. سندس ناول ۾ صفحي 85 تي منظرنگاريءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. هو لکي ٿو:

”چوڏهينءَ جي چانڊاڻ سنڌ جي آسمان تي ائين ڪڙندي آهي، جيئن ڪنهن نئين سهاڳڻ جي منهن ۾ حياءُ ۽ حجاب جو رنگ، پر اڄ ته چوڏهينءَ جو چنڊ ائين ڪاراٽيل هو، ڄڻ ڪنهن ڏهاڳڻ جو ورلاپ. آسپاس ويٺلن جي



دلين ۾ درد جو دونهون ٻڌجي ويو هو. مهروءَ جون اکيون ذري ذري چنڊ ڏانهن کڄي ٿي ويون. هن جي دل ٿي چاهيو ته ڪي ڪارا ڪڪر، ڪارونپار ڪان اچي چنڊ کي ڍڪي ڇڏين، جيئن هنن جو چونئرو اوندهه جي تابوُت ۾ بند ٿي وڃي. اڄ چنڊ هن جو دشمن هو، ويري هو. هنن جي ڳوٺ جو ويري، اوچتو ڪنڊيءَ رنپ ڪئي ۽ هن ڪان هڪ ٻگهو چرڪ نڪري ويو.“(15)

سراج جي هن سڄي ناول ۾ سندس همدردي، سنڌي سماج جي غريبن، مسڪينن ۽ عورتن سان پيش ڪيل آهي. هو پنهنجيءَ سنڌي قوم کي پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي دشمنن ڪان هر وقت خبردار ڪندو رهي ٿو. سندس هيءُ ناول رومانوي انداز ۾ لکيل آهي.

**(6) مرڻ مون سين آءُ:**

سراج ميمڻ جي هن ناول ۾ پڻ سنڌ جي تاريخ جي عڪاسي ڪيل آهي. مغلن جي دؤر ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالت، سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جو ان وقت جو ذڪر، نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. سندس هن ناول ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جو جذبو، سنڌ جي مٽيءَ سان، سنڌ جي ماڻهن، سنڌ جي درياهن، واهن، واهڻن، ڳوٺن، شهرن سان سندس سڪ ۽ محبت جو جيڪو جذبو آهي، پيار ۽ اُڪير آهي، ان کي هن پنهنجن ناولن ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن کي پوءِ ڪڏهن مغلن جي دؤر يا ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾، ڪڏهن شاهه عنايت جي قصي جي شڪل ۾ شهيد ته ڪڏهن سنڌ تي ڌارين جي حملن جي صورت ۾، سنڌين سان ڪيل ظلمن ۽ ناانصافين جي حالتن ۾ ۽ ڪڏهن ون-يونٽ ۽ لساني جهيڙن ڪان پوءِ، سنڌين سان ٿيل ڦهرن جي شڪل ۾ بيان ڪيو آهي، پر سندس ناولن توڙي افسانن، ڪهاڻين يا مضمونن ۾، سنڌ جو ذڪر ضرور موجود هوندو آهي. جيئن پاڻ هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ، منهنجي مٽي جيجل! اڄ تنهنجي موچاري ڌرتيءَ تي انسانن جي گيتن جي گونجار بدران، رڳو ڪتن جون اونائيون وڃي بچيون آهن. الاهي هن کي چو اهو خيال آيو ته شايد سنڌ تي خدا جو ڏمر آهي، جو ان ڪڏهن به گهڻو وقت سک نه ڏٺو آهي. هن جي اکين اڳيان تاريخ جا اهي دؤر اچي ويا، جن ۾ سنڌ تي اُتر، ڏکڻ، اوڀر، اولهه ڪان ڪاٽڪن جا ڪٽڪ آيا، ۽ سنڌ کي تاراج ڪري، سنڌين جي خون جا دريا وهائي هليا ويا. ڪي ڪاٽڪو رهجي ويا ۽ صدين تائين سنڌ جو رت چوُسيندا رهيا، تان جو سنڌ سندن قبرستان ٻڻجي وئي. هن کي اهو به دؤر ياد آيو، جڏهن سنڌ ڌارين ڪان آجي هئي ۽ پري پري تائين سنڌ جي شادابيءَ جي هاڪ هوندي هئي، پر ان شادابيءَ جي هاڪ تي سنڌ تي ڏولاون جا ڪڪر آندا. جڏهن به سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي لڄ رکڻ ۾ ناڪام ٿيا، جڏهن به نفرتن جو ڪارو پاڻي، مذهبن جي نفرت، ڪٽرپڻو سنڌين ۾ سجاڳ ٿيو، تڏهن سنڌ جو آسمان اونداهو ٿي ويو ۽ سنڌ جي مهر پري

ڏرتي، رڪ ۽ ريتيءَ جو بيابان بڻجي وئي ۽ ڌرتي تي گلن ۽ گاهن جي ساوڪ بدران، سينور جي ساناواڻ ڦهليل هئي، غلاميءَ جو ڪنو پاڻي، ماڻهن جي حياتي ۾ زهر پري رهيو هو.“(16)

انهيءَ دؤر ۾ سنڌ ۾ ٺٽي شهر کي بندرگاهه جي ڪري تمام گهڻي اهميت هوندي هئي. ٺٽو، واپار جو مرڪز هو، ٺٽو سياحن جومرڪز هو. وقت جي حاڪمن، ٺٽي جي رونق ۽ خوبصورتيءَ کي وڌائڻ لاءِ ثقافتي مرڪز، مقبرا ۽ مسجدون وغيره ٺهرائڻ ۾ پنهنجي دلچسپي ڏيکاري. انهيءَ ڪري ٺٽو نه صرف واپاري، پر ثقافتي مرڪز پڻ هو، ۽ ٺٽو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ به هو، پر ڌارين جي حملن ٺٽي کي برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهيءَ واقعي جي منظرڪشي هن ناول ۾ نهايت ئي سهڻي طريقي سان ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

”ٺٽي جو آسمان ظلم ۽ جبر جي دونهاٽيل چٽ وانگر ڇڻ ته هيٺ لهي آيو هو. تارن ۾ به اها جوت نه هئي ۽ نه چنڊ ۾ به اها چانڊوڪي هئي، جيڪا سنڌ جي سدا ملوڪ آسمان ۾ هوندي هئي.... آزاديءَ جو آسمان ڪيترو نه اجرو ۽ روشن هوندو آهي ۽ هي غلام آسمان ڪيترو نه گدلو ۽ دونهاٽيل ٿو لڳي.“(17)

سراج جي هن ناول ۾ سنڌي معاشري جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. هن ناول ۾ هن سنڌي نياڻين جي زوري حق بخشائڻ ۽ بدي جي شادي وغيره جهڙن موضوعن کي به نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي. يعني هن ناول ۾ سراج، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي پيش ڪئي آهي، سندس هن ناول جو اهم ڪردار انور آهي، جيڪو دولتمند به آهي ۽ زميندار جو اولاد به آهي، پر هو پنهنجي معاشري ۾ وڏا وڏا اصلاحي ڪم ڪري ٿو. هن وٽ جيڪا به دولت آهي اها هو غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندي ورهائي ٿو. هو زميندارن ۽ وڏيرن واريون عياشيون نٿو ڪري پر سادو ۽ نيڪ شخص آهي. هو هڪ مجبور عورت سان شادي ڪري ٿو ۽ هن کي معاشري ۾ عزت جو مقام ڏياري ٿو. سراج پنهنجي هن ڪردار کي هڪ مثالي ڪردار ڪري پيش ڪيو آهي.

حاصل مطلب ته سراج جي ناولن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿيو آهي، يا انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته، هن کي سنڌ سان بيحد پيار آهي: هو سنڌ ۾ جديد اصلاحي رجحان آڻڻ ٿو چاهي. هو سنڌي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ٿو چاهي. هو سنڌ جي پراڻين ريتن رسمن ۽ روايتن کي ختم ڪري نيون روايتون پيدا ڪرڻ ٿو چاهي. سراج هميشه پراڻي فرسوده، عياشيانه ۽ ظالمانه نظام جو خاتمو آڻڻ چاهي ٿو. هو هميشه نئين نظام کي آڻڻ، ماڻهن ۾ ترقيءَ جو رجحان ۽ جذبو پيدا ڪرڻ، انهن کي پنهنجي ملڪ ۽ وطن، پنهنجي زمين ۽ خاص طور تي، سنڌ لاءِ قرباني ۽ ڀلائيءَ جو پيغام ڏيندو رهي ٿو. هو



پنهنجي هن ناول ۾ انهن سپني جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ جي اڄوڪي حالت ڏسي، منهنجا جهور پوڙها هڏا به ڪُرڪڻ لڳا آهن ته آءٌ هٿ ماٺ ڪريو ويٺو آهيان. اسان جي پيهي ماٺ ڪريو، تماشو ڏسي! ننڍا نيڍا جوان، پنهنجو سمورو الهه تلهه قربان ڪري تعليم کي تياڳي، پنهنجي معاشرتي مفادن کي ٻَن ڏيئي، ميدان تي بيهي پيا، للڪارين ۽ اسين هميشه جيان ساڳي ٻچاپڙائيءَ جو شڪار آهيون. پنهنجي ذاتي سک، پنهنجي ذاتي سڪون کي جوکم ۾ ڏسي، ڪڇونءَ وانگر پنهنجي کُک ۾ اندر گهڙندا ٿا وڃون، تيسين سنڌ جي هر شيءِ تي قبضو ٿيندو وڃي. اسان جا شهر، اسان جا نه رهيا آهن. اسان جي ٻهراڙين کي زندگيءَ جي سمورين چڱاين کان وانجهو ڪري، ڪين فلمي دنيا جا خواب ڏيکاري، چرس ۽ گانجي جي حوالي ڪيو پيو وڃي. سڀ ڪان وڏو موتمار ڏک اسان کي اهو پيو هنيو وڃي ته، اسان کان پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي تهذيب کسي پئي وڃي. اسان جي تعليمي سرشتي ۾ اندران ئي اندران اهڙو ڪاٽ هڻڻ شروع ڪيو اٿن، جو اسان جا استاد، پڙهائڻ بدران اونداهيءَ ڪڏ ۾ اڇلائڻ لڳا آهن.“(18)

**لسانيات جو ماهر:**

سراج هن جديد دؤر جو لسانيات جو هڪ ڪامياب ليکڪ به آهي، جنهن سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ افسانوي ادب کي جديد رجحان مطابق لکيو آهي ۽ ڪيس اُن ڪيتر ۾ سنڌي ادب ۾ تمام وڏو مقام حاصل آهي. هو نه صرف ڪهاڻيڪار يا ناول نگار آهي پر سراج لسانيات جو به وڏو ماهر آهي ۽ سنڌ جي چوٽيءَ جي لساني ماهرن مان هڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ تي سندس ڪتاب پڻ لکيل آهن. انهيءَ کان سواءِ هن ٻوليءَ تي ڪيترائي اهم مقالا پڻ لکيا آهن.

سراج جو ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘، 1964ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ هن، سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترن ئي عالمن جا دليل پيش ڪيا آهن ۽ پنهنجو نظريو به پيش ڪيو آهي. بقول هدايت پريم ته:

”سنڌ جا اديب، دانشور توڙي ماهرين لسانيات، سنڌي ٻوليءَ تي آيل ڏکين ڏينهن جي مدنظر، سنڌي ٻوليءَ جو مانُ مٿاهون ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ مصروف آهن. اهڙي اٽانگي راهه جي پانڌيئڙن جي قافلي ۾ سراج ڇڻ هڪ علمبردار اڳواڻ جي روپ ۾ سڀ کان اڳ اڳ هلي رهيو آهي. سراج پنهنجي هن نظريي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل جدوجهد جي حوالي سان سنڌي لسانيات جي دنيا ۾ هميشه ياد ڪيو ويندو.“(19)

مطلب ته سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ عظيم افسانه نگار، وڏو ناول نويس، ڊرامه نگار، نامور اديب، ۽ لسانيات جو ماهر، ليکڪ ۽ شاعر

آهي، جنهن پنهنجي شخصيت پاڻ مڃائي آهي. حالانڪ اُن ۾ سندس والد محمد يعقوب (جيڪو خود هڪ وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو) جي تربيت جو اثر به آهي، پر پاڻ انهيءَ ڪان تمام وڏو ۽ گهڻو اعليٰ مقام حاصل ڪيو اٿن.

ببليو گرافي


1. سراج الحق: اٺون ماڻهو (مجموعو) مان جوئي آهيان سوئي آهيان ڪهاڻي)، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن 1994ع
2. پير حسام الدين شاهه راشدي: پڙاڏو سوئي سڏ، حيدرآباد نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1988ع
3. سراج الحق: پڙاڏو سوئي سڏ، ايضاً
4. جمال ابڙو: پيش لفظ، ايضاً
5. غلام حسين پٺاڻ: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع
6. ڏسو حوالو نمبر 3
7. سراج الحق: تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول، نيوفيلڊس، 1989ع
8. ايضاً، منهنجي دنيا مرگهه ترشنا، ايضاً، 1990ع ص 221
9. ايضاً ص 236
10. ايضاً، ص 207
11. ايضاً، پياسي ڌرتي رمندا بادل، ايضاً، 1989ع
12. ايضاً، ص 494
13. ايضاً، ص 12، 56
14. ايضاً، 84
15. ايضاً، 85
16. ايضاً، مرڻ مون سين آءُ، ايضاً، 1988ع، ص 262
17. ايضاً، 59
18. ايضاً، 202
19. هدايت پريم: سنڌي ٻوليءَ جا محقق، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص50.




## 5. شيخ محمد حسن:

### 1. ٻُولي:

هي ناول شيخ محمد حسن ڪنڊياروي‌ءَ 1958ع ۾ شايع ڪيو هو. شيخ محمد حسن جي سوانح عمري جي باري ۾ ڪجهه به حاصل ٿي نه سگهيو آهي. بهرحال هي سندس هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي، جو حقيقت نگاريءَ واري فلسفي تي ٻڌل آهي. هن ناول ۾ اهڙا واقعا ۽ حقيقتون بيان ڪيل آهن، جيڪي سنڌي سماج ۾ هميشه رونما ٿينديون رهن ٿيون. هن ناول ۾ سنڌي سماج جا نهايت ئي غمناڪ، ڏکوئيندڙ ۽ داغدار پهلو پيش ڪيل آهن، حالانڪ انهن براين مان ڪيترائي خراب نتيجا نڪرندا رهن ٿا، پر انهن کي روڪڻ جي لاءِ اڃا تائين ڪو منصوبو يا ڪو طريقو اختيار نه ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري اهي برايون روزبروز وڌنديون رهن ٿيون ۽ سڄي معاشري کي تباهه ڪنديون رهن ٿيون.

هن ناول (ٻولي) ۾ هڪ علامتي چيز آهي، جنهن جي پس پرده هوسناڪ شيطان صفت، نفس پرست، حيوان نما انسانن جي پوري تصوير چٽيل آهي. هن ناول ۾، ’ٻوُلي‘ جي زندگيءَ جي عڪاسي نهايت ئي پرپور طريقي سان پيش ڪيل آهي، جيڪا پنهنجي عزت، عصمت کي بچائڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندي، پنهنجي زندگي ڪشمڪش جي حالت ۾ گذاري ٿي. هيءَ، هن دؤر جي ننگ واري غيرتمند ۽ شرافت واري طبقي جي ڪهاڻي آهي، جيڪي پيسن جي خاطر پنهنجو ايمان، عزت ۽ حيا شرم وڪڻن ٿا، جيڪي پنهنجين خواهشن خاطر هڪ شريف ۽ نيڪ سيرت عورت جي عزت ۽ عصمت وڪڻي، پنهنجا پيٽ پالين ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ جون ضرورتون پوروين ڪن ٿا. هن ناول جي باري ۾ مرحوم غلام محمد گرامي هن ريت تبصرو ڪري ٿو:

”انسان جڏهن زورآزمائيءَ جي منزل تي اچي ٿو، جڏهن سرمائيدارن ۽ وڏن ماڻهن جي هٿ ۾ زندگيءَ جون نعمتون اچن ٿيون، تڏهن اهي، غلط، امن سوز ۽ انسانيت ڪشش ۽ احمقانه حرڪتون ڪن ٿا، تن جي هڪ پهلوءَ جو داستان هن ناول ۾ موجود آهي.“ (1)

هي هڪ اصلاحي ناول آهي. هن ناول ۾ موجوده دؤر جي نوجوان عورتن جي پيسي وارن سان شاديون ڪرائي، انهن جي زندگي برباد ڪئي وڃي ٿي، انهن مان ڪيترائي اگرا نتيجا نڪرن ٿا. انهن نتيجن کي ليکڪ نهايت ئي سهڻي طريقي سان بيان ڪيو آهي. انجم هالائي صاحب هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هن ناول (ٻوليءَ) ۾ جن رازن جو انڪشاف ڪيو ويو آهي، تن تي اڄ تائين ڪنهن به قلم ڪڻڻ جي جرئت به ڪانه ڪئي آهي، ۽ جنهن نموني ليکڪ پنهنجي بيباڪ قلم جي روانيءَ ۽ جادو بيانيءَ سان هن ناول کي نپايو آهي. تنهن ڪان متاثر ٿيڻ ڪان سواءِ رهي نٿو سگهجي.“(2)

هن ناول ۾ ليکڪ ’ٻوليءَ‘ جي زندگيءَ جا ٻئي پهلو يعني نيڪي ۽ بدي نمايان ڪيا آهن. سندس هن ناول تي فضل احمد بچاڻي صاحب تبصرو ڪندي هيئن ٿو لکي ته:

”ٻولي هڪ اهڙو عنوان آهي، جنهن جي پردي ۾ هزارها حقيقي افسانه پوشيده آهن. هن ناول ۾ هڪ اهڙي دنيا جي گوشئه عشرت جو ذڪر آهي، جنهن جي دروازي تي ٻوليءَ جو هڪ اهڙو عارضي نالو لڳل رهي ٿو، جنهن جو افتتاحي عمل ان گناهه جي ابتدا آهي، جنهن بعد بدڪارين ۽ غلاظتن جا مستقل باب کلي وڃن ٿا. اهڙيءَ دنيا جي مڪمل معلومات جو نالو ’ٻوُلي‘ آهي. هڪ قابل فنڪار پنهنجي فني قابليت سان نيڪي ۽ بديءَ جا ٻئي پهلو، جنهن عمدگيءَ سان ڏيکاري ٿو، تنهن ڪان پڙهندڙ ضرور متاثر ٿئي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن چڱي سان محبت ۽ بري ڪان نفرت رکي آهي.(3)

هن ناول پڙهڻ ڪان پوءِ، شيخ محمد حسين صاحب کي، عظيم فنڪارن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. هن مختلف ڪردارن کي يڪجاءِ ڪري، انهن کي حقيقي روپ ۾ پيش ڪري، سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي. هن هڪ غيرتمند ۽ شرافت واري خاندان جي زندگيءَ جي عڪاسي آهي، ۽ انهن سان معاشري جي ڏاڍن ماڻهن جيڪي ڏاڍايون ڪيون آهن، انهن ڏاڍين جي به تصوير چٽي اٿس. هو پنهنجي هن ناول جي باري ۾ پاڻ هن ريت ٿو لکي:

”هيءَ، هن دنيا جي ننگ، غيرت وشرافت جي طبقي جي ڪهاڻي آهي، جي پيسن خاطر پنهنجو شرم ۽ ايمان وڪڻن ٿا، جي حرام جي مايا ڪائي، مچي موٽا ٿي پيا آهن، ۽ بي غيرتيءَ جي لقمن، جن کي روڄي بنائي ڇڏيو آهي، جن نيڪ فطرت عورت کي، پنهنجي معاش جو ذريعو بنايو آهي، جن جا بي شرم ڪن، بند ڪوٺين مان ايندڙ آواز تي ٿهي ويا آهن... جنهن نظر فريب، دنيا جي در و ديوار تي، انهن بيڪس ’ٻولين‘ جا خون جر سان لڪيل حقيقي افسانا موجود آهن.“(4)

مطلب ته هن ناول ۾ سماج جي مختلف پهلوئن ۽ قدرن جي عڪاسي ڪيل آهي، جنهن ۾ مظلومن جون آهون ۽ دانهون، درد ۽ سوز، وفا، جفا، مڪر، فريب، هوس، اخلاق، عزت، ناموس، نوجوانن جي زندگيءَ ۾ ڪشمڪش، پيسي وارن ۽ پوڙهن لاءِ سبق، تلخ معلومات، نصيحت ۽ دردناڪ



نتيجا پيش ڪيا ويا آهن.

هي هڪ ڪامياب اصلاحي ناول آهي، جيڪو حقيقت نگاريءَ واري فلسفي جو هڪ نمائنده ناول مڃي سگهجي ٿو.

ٻوليءَ جي لحاظ ڪان به هي ناول پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هر ڪردار جي زبان پنهنجي آهي، جنهن ڪري هر ڪو انسان پنهنجي اصلي روپ ۾ نظر اچي ٿو. عجيب و غريب واقعات اهڙي عمدي پيرائي ۾ پيش ڪيا ويا آهن جو محسوس ٿو ٿئي ته سڀ ڪجهه ان جي اڳيان آهي.

عبارت آرائيءَ جي لحاظ ڪان به هي هڪ سٺو ناول آهي. منجهس بهترين منظر نگاري، پرجوش مڪالما، سنسني خيز واقعا، طنز و مزاح، ادب لطيف جو فني ڪمال، هر هنڌ موجود آهي. هن ناول جي منظر نگاريءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

”موڪل جي هڪ خوشگوار ڏينهن، جڏهن آسمان تي هلڪا هلڪا ڪڪر ڇٽين جيان ڇانوَ ڪري، سج جي تپش کي روڪي رهيا هئا، چوطرف روح پرور هوائون ٿڌڪار پيدا ڪري رهيون هيون. هن مزيدار جهڙالي ۾، آءٌ تفريح جي خيال ڪان ٻاهر گهمڻ لاءِ تيار ٿيس.“(5)

هن ناول ۾ ٻوليءَ ۽ عبارت جو هڪ ٻيو مثال به پيش ڪجي ٿو:

”آءٌ تنهنجي مجبور عصمت ڏانهن وڌندڙ هٿن کي ڪاٽي ڇڏيندس. اهو وقت به ايندو، جڏهن بي زبان نياڻين جي نڪن ۾ زبردستي ناڪيليءَ جي لعنت وجهڻ وارن کي، مجبور عصمتن جو خوني قرار ڏيئي، حق ۽ انصاف جي تلوار سان ڪانئس قصاص ورتو ويندو. معصوم نياڻين کي زنده دفن ڪرڻ وارن بي ترس وحشين جو ڇا حشر ٿيندو؟ مظلوم زندگين جي دردناڪ چيخن هڪ ٿرٿلو پيدا ڪري، قهر خداونديءَ کي جوش ۾ آڻي، انسانيت جي جانثارن هٿان ظالمن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. مظلومن جون چيخون عرش کي به جنبش ۾ آڻي سگهن ٿيون.“(6)

## ببليوگرافي


1. غلام محمد گرامي، شيخ محمد حسن ڪنڊيارو: ٻولي، حيدرآباد، آر ايڇ احمد اينڊ برادرس، 1958)
2. انجم هالائي: ايضاً
3. فضل احمد بچاڻي: ايضاً،
4. حوالو 1 ايضاً،
5. ايضاً، ص 128
6. ايضاً، ص 226

## شيخ عبدالرزاق ”راز“

(**تعارف:** هي ناول شيخ عبدالرزاق ’راز‘ جو لکيل آهي. شيخ عدبالرزاق ’راز‘ 1919ع ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم سکر ۾ ئي حاصل ڪيائين. پوءِ علي ڳڙهه ۽ پنجاب يونيورسٽين ۽ ڊي-جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. هي اسلاميه ڪاليج سکر جي باني مان هڪ هو، ۽ اتي ئي مسلم هسٽري واري شعبي ۾ پروفيسر ٿي رهيو، ۽ پوءِ ’عطا حسين شاهه موسوي ڪاليج‘ جو پرنسپال به رهيو.

شيخ عبدالرزاق ’راز‘ صاحب، سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي باني ۾ شمار ٿئي ٿو. هو ادب جي جديد لاڙن کي، سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ ضروري سمجهندو هو. سندس ئي ڪوشش سان سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ، ’سنڌي ادبي سرڪل‘ جو بنياد پيو، جنهن جو سرپرست ڊاڪٽر گربخشاڻي هو ۽ باقي ميمبرن ۾ هو پاڻ، پروفيسر رام پنجواڻي، شيخ اياز، نارائڻ شيام، سگڻ آهوجا ۽ ارجن شاد شامل هئا.

’راز‘ صاحب، هڪ باڪمال شاعر، بلند پايه نقاد، منفرد افسانه نويس، ناول نگار، مضمون نويس ۽ ڊرامه نگار ٿي گذريو آهي. سندس نثر جا ڪتاب ’ڊاڪ بنگلو‘ (افسانن جو مجموعو)، ’فاتح سنڌ‘ (ڊرامو)، ’سانگي ڪي ساريام‘ (ناول)، ”ماروي ڪي ديس مين (داستان)، ’سکر ماضي ۽ حال‘ (Sukkur Past & Present)، ’نئون آدمي‘ (ناول)، جيڪو هاڻي ’مسافر‘ جي نالي سان ٻيهر شايع ٿيو آهي.

شاعريءَ ۾ ’شرح سُر يمن ڪلياڻ‘، شرح ديوان گل، شرح ڪلام گرهوڙي ۽ تاريخ سلطنت دهلي ۽ ٻيا ڪتاب لکيائين. ترقي پسند تحريڪ جي باني مان هجڻ ڪري، هن جديد فني توڙي فڪري لاڙا قبول ڪيا. هي پهريون شاعر هو، جنهن سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهريون ’آزاد‘ نظم لکيو. هن جدت ۽ انفراديت، صداقت ۽ زندگيءَ جي حقيقتن کي نمايان ۽ پُراثر طريقي سان بيان ڪيو. هن غزل، آزاد نظم، نظم، گيت، وائي ۽ بيت جهڙين صنفن تي، چار مجموعا شايع ڪيا. ’سارنگ‘، ’پيهي منجهه پاتال‘، ’سچڻ سفر هليا‘ ۽ ’غزل‘ کان سواءِ اردوءَ ۾ مجموعو ’دهڙڪنين‘ شايع ڪيا.

’راز‘ صاحب، سنڌي افسانه نويسيءَ واري صنف ۾ به جديد سنڌي ڪهاڻيءَ کي فروغ ڏنو. هن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾، سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي، حقيقي رنگ ۾ پيش ڪئي. انهيءَ کان علاوه، ”مسافر“ ناول پنج هزار سال جي تاريخي پس منظر ۾، هڪ نئين نموني ۽ انداز سان لکيائين.

هو (عبدالرزاق ”راز“) هڪ اعليٰ نقاد به هو. هن پنهنجي تنقيدي



مضمونن ۾ نثر توڙي نظم جي ڪلاسيڪي شاعريءَ، جديد شاعريءَ، روايتي ۽ عروضي شاعريءَ جو، فني ۽ فڪري، تفصيلي جائزو پيش ڪيو. هن ڪيتر ۾ هن ڪيترائي تنقيدي مضمون لکيا. هن پنهنجن تنقيدي مضمونن ۾ هڪ حقيقت پسند ۽ منفرد نقاد جي حيثيت ۾ تجزياتي، فڪري، تاثراتي، پرک ۽ پروڙ وارو جائزو پيش ڪيو.)

**مسافر:**

عبدالرزاق ”راز“ جو لکيل هي ناول (مسافر)، 1993ع، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچيءَ طرفان شايع ڪيو ويو.

”راز“ صاحب جو هي ناول، سنڌ جي پنجن هزار سالن جي تاريخي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي تاريخ جا مختلف واقعا ۽ ثقافتي اهڃاڻ، غير جانبدارانه نموني ۽ حقيقت پسندانه انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن. هن ۾ هر دؤر جي واقعن سان گڏ، ان دؤر جي ماڻهن جي مزاج، فطرت، ذهني سوچ ۽ سمجهه، مذهبي عقيدن، ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن، اخلاقي لاڙن ۽ ان دؤر جي ثقافتي قدرن جي سهڻي نموني سان عڪاسي ڪئي وئي آهي.

هن ناول ۾، سنڌ جي تهذيب جا مختلف زماني ۾ لاها ۽ چاڙها پيش ڪيل آهن. مثلاً هو صفحي 19 تي هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”سنڌو درياهه، سنڌ سونهاريءَ جو ساهه هو. ماڻهو هر انياءُ کان آجو هئا. هو هڪٻئي سان گڏيل ميل محبت سان رهندا هئا، جن ۾ پاءُ ۽ پائپي، جن ۾ سِڪ ۽ سواد هو. انهن ۾ نه ڪوئي ننڍو هو ۽ نه ڪوئي وڏو، سڀ هڪجهڙا هئا، جن ۾ برابري هئي، جن ۾ هڪجهڙائي ۽ جن ۾ برادري هئي.“(1)

هن ناول جا ڪردار، ان دؤر جي ثقافت ۽ مزاج موجب، حق ۽ سچ جا علمبردار هئڻ سان گڏ، حقيقت پسند، روشن خيال، معاشري جي غلط ريتن رسمن، اخلاقي گمراهيءَ کان آجا هئا. هن ناول جو مرڪزي ڪردار ”ساجن“ آهي، جيڪو هڪ علامتي ڪردار آهي. هن ڪردار بابت ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي لکي ٿو ته:

”ساجن امر آهي، ۽ هر دؤر ۾ هلندو، مسافر وانگر سنڌ جو سير سفر ڪندو، ۽ ساڳئي مثبت انداز ۾ سوچيندو نظر اچي ٿو. هي هڪ علامتي ڪردار آهي. ناول نگار جو نقطه نظر هي آهي، ته هر دؤر ۾ ساجن جي وصفن ۽ خصوصيتن وارو ڪردار ضرور موجود رهيو آهي، جيڪو ان زماني جي لوڪن وانگر نمودار نه ٿو رهي، پر انهن جي ابتڙ اوپارو هلي ٿو. گمراهه معاشري، غلط ريتين رسمن، انسان دشمن حالتن ۽ مشرڪانه عقيدن تي سندن

دل تڙپي اُٿي ٿي. هر دؤر ۾ هو اصلاح جو خواهان رهي ٿو ۽ انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيندو نظر اچي ٿو، جيڪي صحيح سوچ رکن ٿا، جن جي هيڪڙائيءَ جو پرچار ڪن ٿا ۽ ظالمن، پرمارن ۽ ڌرمي دوڪاندارن سان جنگ جوٽيندا رهن ٿا. يعني فطرت جي قانون پٽاندڙ هي ڪردار تخليق ڪيو ويو آهي.“(2)

ناول نگار ساجن جي ڪردار جي عڪاسي هن ريت ٿو ڪري:

”ساجن سوچي رهيو هو ته سندس ديس ۾ چو ماڻهو، ماڻهوءَ جو ويري هو، وڏو نندي کي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار هو، ڏيهي پرڏيهيءَ تي ڏاڍائي ڪري، سندس جيوت کي وهه ڪري ڇڏي ٿو، جتي ماڻهو، ماڻهوءَ ۾ فرق آهي، جتي پريت جو نالو ئي ڪونهي، جتي ماڻهو جانور جي جيوت گذاري ٿو، تڏهن ته هو نئين ڏيهه ۾ آيو هو. امن ۽ آشتيءَ جي نگريءَ ۾ جنهن جي هن نندي هوندي، پنهنجن وڏن کان واڪاڻ ٻڌي هئي.“(3)

ساجن هٽ پهاڙي علائقي جي وحشي رهاڪن جو هڪ ٻاهريون ماڻهو آهي. هو سنڌ جي سونهن جي تعريف ٻڌي، سنڌ جو سير ڪرڻ اچي ٿو. هو سنڌو درياءَ تي پاڻي پيئي ٿو جيڪو ڪيس امر ٻڌائي ڇڏي ٿو. انهيءَ واقعي ڪي ناول نگار هن ريت بيان ڪري ٿو:

”سنڌوءَ جي ڪناري تي وڻن جي ساوڪ ۽ منڙي هير، هن جي من ڪي موج ۾ آڻي ڇڏيو هو. هو خوشيءَ ۾ مستيءَ وچان ٻڪندو ۽ ٻوڙندو، ٽڙندو ۽ ٽاپڙندو وڃي، درياءَ جي ڪپر تي ويٺو ۽ تڙتڪڙ ۾ پنهنجي ٻُڪ ۾ پاڻي جهلي، وڏي چاهه ۽ پاپوهه مان تڪڙا ڍڪ پرڻ لڳو، ڇڻ ته هن ماءُ جي منڙي ڇاتيءَ مان امرت جي نج ٿڃ ٿي ڏاتي.“(3)

ساجن هڪ سيلاني طبيعت رکندڙ ماڻهو آهي. هو مختلف هنڌ گهمندو ڦرندو رهي ٿو، ۽ موهن شهر ۾ پهچي ٿو، ۽ هڪ صراف جي دڪان تي اُن جي ڌيءُ، روپ متي سان سندس ملاقات ٿئي ٿي، جيڪا ٻين کان مختلف طبيعت جي آهي. هن کي معاشري جي فضول ريتن رسمن، طور طريقن، ڌرمن، پوڄا پاٺ کان نفرت آهي. هوءَ ساجن کي تمام گهڻو گهري ٿي ۽ ساڻس محبت ڪري ٿي.

انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ ساجن سان گڏ هڪ عورت به هر دؤر ۾ اهم ڪردار انجام ڏئي ٿي. هن ناول ۾ انيلا، گهوشا، اوشا ۽ ساتوهي وغيره جا ڪردار انسانيت ۽ محبت جو مجسمو، مثالي ۽ مثبت سوچ رکندڙ، صحيح ۽ انقلابي واٽ ۾ مرد جو ساٿ ڏيندڙ، بهادر، همت واريون ۽ جرئت منديءَ جو مظاهرو ڪندڙ عورتون آهن. هر دؤر ۾ ساجن جو ساٿ ڏيندڙ ۽ ساجن کي پنهنجي محبت، خلوص ۽ وفاداريءَ سان متاثر ڪندڙ آهن. هن جي ڪردارن جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ لکيو آهي ته:



”انهن ڪردارن جي ذريعي ناول نگار، حق ۽ سچ جي ايثار ڪئي آهي. انسان جي احترام جو عملي نمونو ڏيکاريو آهي. انسانيت جا اصول بيان ڪيا آهن ۽ تهذيبن جي تباهيءَ جا ڪارڻ واضح ڪيا آهن. انهن ڪردارن جي مڪالمن ذريعي فڪري نقطا، زندگيءَ جا حق حقائق، عروج ۽ زوال جا اسباب ۽ فطرت جي قانون جي وضاحت ڪئي وئي آهي. سچي ناول جو مول مقصد هي آهي ته، جڏهن انسان پرمار ٿئي ٿو ۽ ظلم ۽ ڏاڍ سان نٽو گهٽائي، جڏهن انسان پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ ٻين جا حق کائي ٿو، جڏهن ماڻهن ۾ ماڻهپو نٽو رهي ۽ فحاشي ۽ عريانيءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا، جڏهن ڌرمي اڳواڻ گمراهي اختيار ڪن ٿا ۽ واحد جي وحدانيت کي ڇڏي، ديوين، ديوتائن ۽ بتن جي پوڄا ۾ لڳيو وڃن ٿا، تڏهن تهذيبون تباهه ٿين ٿيون. حڪومتون ختم ٿين ٿيون ۽ انقلاب اچن ٿا.“(4)

ناول نگار، ڪردارن جي ذريعي حق ۽ سچ جي ايثار ڪئي آهي. انسان جي احترام جو عملي نمونو ۽ انسانيت جا اصول بيان ڪيا آهن، ۽ مختلف تهذيبن جي تباهيءَ جا ڪارڻ به بيان ڪيا آهن. انهيءَ کان علاوه سنڌي قوم جي تهذيب ۽ ثقافت جي عڪاسي به ڪئي آهي. مثلاً: جيئن ساجن سنڌو درياءَ جي مهاڻن جي گهر وڃي ٿو ته، اتي هن کي ”لاڏي“ ملي ٿي. لاڏيءَ جي معصوميت، ڇڻ ته سنڌ جي معصوميت جو اهڃاڻ آهي. ساجن ڪٽڪ جي ماني ۽ مڪڻ جو گرهه پري، وات ۾ وڌو ته سندس وات هڪ اهڙي لذت محسوس ڪئي، جو خوشيءَ مان جهومڻ لڳو. ماڪن، دکيءَ مان ڪمري ۾ لسي اوتي، ڪمرو سندس هٿ ۾ ڏنو، ۽ ساجن لسيءَ جو ڍڪ پريو، جنهن سندس رڳ رڳ کي ٺاري ڇڏيو. انهيءَ کان علاوه هن سنڌ جي سونهن، ساوڪ، سرسبزيءَ، خوشحاليءَ، مهمان نوازيءَ، ماڻهپي، سک سلامتيءَ ۽ پيار ۽ محبت، سک، خلوص، آدرياءَ، مسافر جي ٿهل ٽڪور وغيره جي شاندار طريقي سان عڪاسي پيش ڪئي آهي. هن ناول ۾ تاريخي حقيقتن سان پريل، زندگيءَ جا حق حقائق، عروج، زوال، فڪري نقطا ۽ فطرت جا قانون بيان ڪيا ويا آهن. شيخ صاحب جي هن ناول ۾ مقصد ۽ فڪري انداز هن طرح پيش ڪيل آهي:

”ساجن! ڪام ڪروڌ، لوڀ ۽ موهه، ماڻهوءَ تي غلبو ڪري ٿو، ته هو جانور بڻجي پوي ٿو. اڄڪلهه هن واڌاري جي سمي، هر جاءِ تي توکي اهڙيون ڳالهيون ملنديون، جن ماڻهن جي ماڻهپي کي ناس ڪيو آهي. غريبن جو پرماتما آهي. وڏن، ننڍن کي گهاٽي ۾ پيڙهي رکيو آهي، مها پوڄارين ۽ مها پرشن وٽ ڌن جا انبار ڪٺا ٿيا آهن، جن جنتا جو رت چوسيو آهي.“(5)

هن ناول جي مڪمل جائزي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته، هيءُ ناول

پلاٽ جي سٽاءَ، واقع نگاريءَ، منظر نگاريءَ، سيرت نگاريءَ، ٻوليءَ ۽ عبارت جي لحاظ کان هڪ ڪامياب آهن. هن ناول ۾ رومانوي واقعا به گهڻا بيان ڪيا ويا آهن، پر رومانوي جذبا ۽ امنگ، پاڪيزه محبت جو اظهار آهن. ڪٿي به اخلاق کان ڪريل عرياني وغيره پيش ڪيل ئي ڪانهي. انهيءَ ڪري ئي پڙهندڙ کي هن ناول ۾ دلچسپي محسوس ٿئي ٿي. هڪ هنڌ ناول نگار هي چٽ، نهايت ئي خوبصورتيءَ ۽ اثرانداز طريقي سان چٽي ٿو:

”مهراڻ جو ڪنارو جيڪو آسمان تائين پکڙيل هو، ڪناري تي ڪٿي ڪٿي ٻڙ ۽ پپل جا وڻ هئا. هن جا پير ڏڌڙ ۾ پرجي ويا هئا. ڪجهه پرڀرو ساوڪ نظر اچي رهي هئي. درياءَ ۾ ڪٿي ڪٿي ٻيڙين جا ملاح چوڪڙيون ٺاهي ڪچهري ڪري رهيا هئا. پرسان ٻيڙيءَ ۾ ناڪئوسر سان راڳ آلاپي رهيو هو. ساجن مهينن جا مهينا، مهراڻ جي ڪپر جي مختلف پيچرن تان هلندو رهيو. مهراڻ جي ڪناري تي هن ٻيڙين جي سڙهن کي جرڪندي ڏٺو.“(6)

هن ناول ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

”مهراڻ جي رڻ ۽ مينهن جي پاڻيءَ جي پالوٽ ڪري، سنڌو ماٿر جي زمين سگهاري ۽ متاري هئي، ملڪ سائو ۽ ستابو هو. هر ڪنهن جاءِ تي ساوڪ ۽ سرهاڻ هئي. هر هڪ پرديسي، سيلاني هو، جنهن چڻ، سنڌ جي تاريخ ٺاهڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. چڻن ۽ ڪٽڪ جون سايون ڇڇ ڀنيون ڏسي، خوش ٿيندو هو. پپل جي ڇانوَ هيٺ ويهي، سنڌ ڏيهه لاءِ سوچيندو رهندو هو. سنڌين جي ورتاءَ جي من ئي من ۾ ساراهه ڪندو هو. هن جو سفر جاري هو. مهراڻ جو ڪنارو سندس پراڻو ساٿي ۽ سرواڻ هو. هن ڪنارو ورتو. درياهه جي گهاٽ تي ٿي چار جوان نينگريون رهاڻ ڪري رهيون هيون. ساجن ڪين وڏي چاهه ۽ پاٻوهه مان ڏسي رهيو هو. سنڌ ڏيهه جو هر ماڻهو ديوتا هو ۽ هر ناري ديوي هئي.“(7)

مطلب ته هن ناول ۾ سنڌ جي مڪمل طور تي سياسي ۽ سماجي، اقتصادي ۽ جاگرافيائي تاريخ کي، ناول جي ويس ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ماڳن، مڪانن، رهڻيءَ ڪهڻيءَ، طور طريقن، مذهبي ۽ اخلاقي عقيدن، پوڄا پاٺ وغيره جي مڪمل عڪاسي، نهايت ئي شاندار طريقي سان ان ۾ پيش ڪيل آهي. هي ناول موجوده دؤر جي اهم ناولن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

## ببليوگرافي

1. شيخ عبدالرزاق راز: مسافر، ناول. ڪراچي، اڪيڊمي، 1993ع، ص 19
2. شيخ عبدالمجيد سنڌي، ايضاً، ص 22



3. ايضاً، ص 22
4. ايضاً، ص 19
5. ايضاً، ص 16
6. ايضاً، ص 17
7. ايضاً، ص 21

**طارق اشرف**

(طارق اشرف جو اصلي نالو سيد اشرف علي شاهه ولد سيد لطف علي شاهه آهي. حيدرآباد ۾، پنجين جولاءِ، 1940ع تي ڄائو. هو 'سهڻي' رسالي جو ايڊيٽر ۽ 'اداره ادب نو' جو بانيڪار پڻ هو. هن سهڻي رسالي جي ذريعي، سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. هن ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب پڻ ڇپايا هئا. هن نه صرف سنڌي اديبن جا ڪتاب ڇپرايا بلڪ هندستان جي ڪيترن ئي اديبن جا به ڪتاب شايع ڪرايائين، جنهن ڪري ڪيس ڪيترن ئي ناموافق حالتن سان مقابلوڪرڻو پيو. ڪيس موهن ڪلپنا جي ناول 'جلاوطني' ڇپرائڻ جي الزام ۾ جيل به موڪليو ويو، جتي جيل ۾ هن هڪ ڪتاب لکيو هو. سندس وفات 1991ع ۾ ٿي.)

طارق اشرف کي سنڌي ادب جي جديد دؤر جي اهم ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا ۽ ناول ڇپيا آهن، مثلاً:

(1) پهريون قدم، ڪهاڻيون 1960ع ۾
(2) سونهن، پٿر ۽ پيار، ڪهاڻيون 1962ع
(3) زندگيءَ جو تنها مسافر، 1964ع ۾
(4) ڪڙندا ڪنٺهار، 1968ع ۾
(5) ٻيو دم، ڪهاڻيون 1968ع ۾

انهن مجموعن کان علاوه، طارق اشرف جو لکيل ناول 'ميرو ڏاڙيل' به شايع ٿيو. انهن کان سواءِ، سندس ڪيترائي تبصرا، تنقيدون، مضمون ۽ ادبي خط به شايع ٿيل آهن.

طارق اشرف کي سنڌي ادب ۾ بحيثيت اديب اهم مقام حاصل آهي. سندس تمام گهڻيون لکيتون موجود آهن، ۽ انهن لکيتن جا موضوع عام طور تي سنڌي سماج ۽ سنڌي معاشرو آهن. انهن موضوعن کي هن مختلف افسانن ۽ ناولن ۾ پيش ڪيو آهي.

طارق اشرف جي اڪثر لکڻين ۾ اخلاقي ۽ سماجي پابندين ۽ جذبات کان سواءِ محبت ۾ ڪشمڪش ڏيکاري وئي آهي، ۽ انهن هن جو هڪ خاص نفسياتي نتيجو ڪڍيو آهي.

طارق اشرف جون لکڻيون سنڌي قوم ۽ ان (سنڌي قوم) جي زندگيءَ سان واسطو رکن ٿيون.

**(1) ميرو ڏاڙيل:**

طارق اشرف، 1980ع ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ميرو ڏاڙيل' جي نالي سان



هڪ ناول پڻ لکيو هو، جيڪو سهڻي پبليڪيشن حيدرباد طرفان شايع ٿيو. اهو ناول سندس ڪامياب ناول آهي. اهو هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول جي خاص خوبي اها آهي ته هي ناول هڪ زنده انسان، جيڪو ڏاڙيل آهي، تنهن جي زندگيءَ جي حقيقي ۽ سچي ڪهاڻيءَ تي لکيل آهي. سنڌي ادب ۾ هن نوعيت جو هي پهريون ناول آهي.

طارق اشرف جڏهن ڪجهه وقت جيل ۾ هو، ان وقت سندس ملاقات 'ميروءَ' سان ٿي هئي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جي سچي ڪهاڻي ڪيس (طارق اشرف کي) ٻڌائي هئي، ۽ هن انهيءَ ڪهاڻيءَ کي ناول جو روپ ڏيئي پيش ڪيو. هن ناول لکڻ بابت خود طارق اشرف لکي ٿو ته:

”هي ناول هڪ آتم ڪهاڻي آهي، جيڪا ٻڌائي ميري ۽ لکي مون آهي. اڳ ۾ مختصر طور، سندس ڪهاڻي تخليق پبليڪيشن جي ڇئن ڪتابن ۾ ڏني هئي، پر اها مختصر هئي، ائين ڪٿي چوان ته ميري جي زندگيءَ تي جيڪو ناول پوءِ لکيم، انهي جو ٽريلر هو. اهو ٽريلر پڙهندڙ کي تمام گهڻو پسند آيو، ۽ پوءِ مون ميري جي سچي زندگيءَ تي لکڻ جو سوچيو.“(1)

ميرو ڏاڙيل، ناول جي ڪهاڻي هن ريت آهي. ميرو هڪ محنتي هاري هو. هو نيڪ، ايماندار، سچار، بهادر ۽ نيڪ نمازي شخص هو، پر هن کي پنهنجي ڳوٺ جي وڏيري ۽ ڪمدار بنا ڪنهن الزام جي جيل ۾ موڪليو ۽ جيل ۾ مٿس ڪيترين سختيون ڪيون ويون. هو سر شاهنواز ڀٽي جو هاري هو، انهيءَ ڪري هن ڪيس ضمانت تي آزاد ڪرايو، پر وري به ڪيس بنا ڪنهن ڏوهه جي گرفتار ڪيو ويو، ۽ ڪورٽ هن کي ٽن سالن جي سخت سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. جيل ۾ هن کي اذيتون به ڏنيون ويون، جنهن ڪري هو، بدمعاش ٿي پيو. طارق اشرف ميري جي ڪردار جي واتان چوائي ٿو:

”مان به انسان آهيان. انهيءَ واقعي منهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو. مون کي حقيقت ۾ حڪومت ئي پاڻ بدمعاش ڪيو هو.“(2)

ميروءَ ۽ سندس ڀاءُ پيرل جي شادي، سنڌن ئي قوم جي ڇوڪرين سان ٿيل هئي. پيرل جي زال ٿوري ئي عرصي ۾ مري وئي، ۽ پيرل پوءِ ٻي شادي ڪئي. اها زال هنن ٽڪن تي ورتي هئي، جيڪا سوني ڪنير جي ڌيءَ هئي ۽ ان جي عيوض سؤ روپيا ڏنا هئائون. انهيءَ عورت جا، پيرل سان شاديءَ کان ٿورو عرصو پوءِ، هڪ ٻئي مرد (جيڪو سندس ئي سوٽ هو) سان ناجائز تعلقات ٿي ويا. سندس مڙس به هنن کي ناجائز حالت ۾ ڏسي ورتو، جيڪو هن کان برداشت نه ٿيو، ۽ ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ ميري ۽ پيرل گڏجي پنهنجي سوٽ کي ڪهاڙيون هڻي ماري وڌو. اهڙيءَ طرح ميرو ڏوهن پٺيان ڏوهه ڪندو، جيل ۾ ويندو رهيو ۽ آزاد ٿيندو رهيو. هن پنهنجي زندگي

اهڙي طرح پئي گذاري. هن تي هميشه ڪوڙا الزام لڳائي، ڪيس داخل ڪندا ويا ۽ نيٺ هو، انهن ڪان باغي ٿي، هڪ وڏو خوني ۽ ڌاڙيل بڻجي ويو، جنهن ۾ وڏو هٿ، تر جي وڏيرن ۽ زميندارن جو هو. هينئر هن کي سڀ کان وڏي سزا يعني چوڏهن ۽ ارڙهن سالن جي سزا ملي هئي. مصنف انهيءَ جي باري ۾ هن ريت ٿو لکي:

”هو، هڪ سچار، بهادر ۽ هر ظلم جو مقابلو ڪندڙ هو، انهيءَ ڪري اگر سنڌي وڏيرو، پنهنجي رستي ڪان هٽائڻ لاءِ ڪيس ايترين تڪليفون ۽ اذيتون نه ڏياري ها، يا پوليس ڪيس بنا ڏوهه جي گرفتار نه ڪري ها، ۽ ميري جي پاڄائي غلط ڪم نه ڪري ها، يا هڪ ڪمدار ڪيس ڪوڙ ۾ نه ڦاسائي ها، ته ميرو ڌاڙيل نه بڻجي ها.“(3)

ميروءَ جهڙا ايماندار ۽ بهادر ماڻهو، خود ڌاڙيل نه بڻبا آهن، انهن کي هي سماج ۽ سماجي حالتون ئي انهيءَ رستي ڏانهن وٺيو وڃن ٿيون، ۽ پوءِ هو هميشه لاءِ ڌاڙيل بڻجي، پنهنجي سوسائٽيءَ ۽ پنهنجيءَ قوم لاءِ بدنما داغ بڻجيو وڃن، ۽ پوءِ اُهي ڌاڙيل هر ڌاڙ، هر ظلم، هر وڏيري ۽ هر زميندار کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏين ٿا.

ميري کي ڌاڙيل بنائڻ ۾ هن سماج ۽ معاشري جي ڇڳن مڙسن ۽ وڏن ماڻهن جو ئي هٿ هو. هو جيل ۾ هجڻ ۽ مختلف وقتن تي بي ڏوهي ثابت ٿيڻ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ڊپٽي ڪليڪٽر مان کي اڪيلائيءَ ۾ چيو ته، ميرا اهو ثابت ٿي چڪو آهي، ته تون بي ڏوهي آهين، پر مان کي مٿان حڪم مليو آهي ته توکي سزا ڏني وڃي، تنهن ڪري مان مجبور آهيان ۽ توکي سزا ملندي. نيٺ جرڳي مان کي چوڏهن سال سزا ڏئي ڇڏي.“(4)

ميرو نه صرف اڳ ۾ ئي بهادر هو، پر ڌاڙيل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي علائقي ۾ ۽ جيل ۾ همت ۽ بهادريءَ سان رهندو هو. هو چوندو هو ته:

”ڪمزور نه ٿيڻ گهرجي. بهادريءَ سان هر ڌاڙ کي جهڪائي سگهجي ٿو.“(5)

هن تي جيل ۾ ڪيتريون ئي سختيون ڪيون ويندیون هيون، پر هو هڪ اهڙو ته جرئتمند شخص بڻجي چڪو هو جو انهن سختين جي ڪابه پرواهه نه ڪندو هو. طارق اشرف هن جي بهادري، هن ريت ٿو بيان ڪري:

”مون جيل ۾ وڏن وڏن ليڊرن کي ڪمزور ٿيندي ڏٺو آهي. جن کي ’اي‘ ڪلاس ايئرڪنڊيشن ۽ هر سهولت مليل هئي، پر ’سي‘ ڪلاس ۾ هڪ ڪرمنل قيدي، ايڏي بهادريءَ ۽ شان مان سان رهي، اهڙي بهادري گهٽ ماڻهن ۾ هوندي آهي.“(6)



ميرو ڌاڙيل پنهنجي جيل جي ڪهاڻي بيان ڪندي، پنهنجي بهادريءَ جو ثبوت هن ريت ٿو پيش ڪري:

”پوئين دفعي جيل ۾ مان ڦڏا به ڪيا. جهيڙا جهڳڙا به ڪيا. مان کي جيل جون سخت ۾ سخت سزائون ڏنائون. هڪ سو ويهه ڦٽڪا به ڪاڻم، اُبتو ٽنگي ڪٽيائون به، برف تي به سمهاريائون، پر مان مڙيس اصل ڪونه، جيئن ٿي ماريائون، تيئن ٿي گار ڏنم، تنهن ڪري پويون عرصو مان کي تنگ نه ڪيائون ۽ مان به جيل وارن کي تنگ نه ڪيو.“(7)

طارق اشرف هن ناول ۾، سنڌي ڌاڙيلن جي مختلف روايتن، انهن جي اصولن کي نهايت سهڻي طريقي سان بيان ڪيو آهي. سنڌ جا ڌاڙيل جڏهن ڌاڙو هڻن ٿا ته، پهرين انهن تي ڪجهه فرض عائد ڪيا وڃن ٿا. انهن ۾ عورتن کي هٿ ناهي لڳائڻو، انهن کان زيور وغيره لهرائڻا نه آهن، انهن عورتن جي عزت ڪرڻي آهي وغيره. انهن سڀني ڳالهين جو تفصيل ميري واتان هن ريت ٿو چوائي:

”جنهن واٽئي جو اسان ڌاڙو هنيوسين، وڏو سکيو آسودو هو، وڏو زميندار هو، پنهنجا دڪان به هيس. اسان جي همراهن کي سختيءَ سان منع ٿيل هئي ته، ڪنهن به زائفان کي هٿ نه لائجو. هڪڙي ڪمري ۾ مائي منهن تي هٿ ڏيو ويٺي روئي. مان پڇيو: مائي روئين ڇو ٿي؟ هوءَ ڊڄي پئي هئي. مان چيو، امان نه روءِ، مان کان نه ڊڄ. اسين زائفان تي هٿ نه کڻندا آهيون. مائيءَ ۾ حوصلو پيدا ٿيو ۽ هن چيو، ته ادا هي منهنجو پيڪو آ. مان مائٽن سان ملڻ آئي آهيان. اوهان منهنجي ڳهه ڳٽن جي پيتي کڻي ويا آهيو. منهنجا ساهرا مون کي مهڻا ڏيندا ته پيڪين وئي ته سڀ ڪجهه ڦرائي آهي. سچي چمار تعديون ڪندا. مون کي خيال ٿيو ته واٽين ۾ ڏيتي ليتيءَ جي لعنت گهڻي آ، واقعي ساهرا طعنن سان ڇٽي ڇڏيندا، هن جي حياتي جنجال بڻجي ويندي.“(8)

انهيءَ کان علاوه ڌاڙيلن جا پنهنجا اصول، پنهنجا قاعدا ۽ قانون آهن. هو خون جو بدلو خون، ۽ ٻانهن جي بدلي ۾ ٻانهن کڻندا آهن، پر وري سنڌي قوم جو اخلاق ڪيترو نه بلند آهي، جو هو اهو بدلو وٺڻ وقت عورتن جي عزت ۽ احترام ڪهڙيءَ ريت ڪن ٿا. هو هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”سيال قوم جي شهدادڪوٽ ۾ وڏي حيثيت هئي. اهي وڏا طاقتور هئا. انهيءَ پاسي، ڪوسا، چانديا ۽ مستوئي به زبردست قومون هيون، پر انهن سڀني کان سيالن جي طاقت وڌيڪ هئي. جنهن وقت اسين انهن جي ڳوٺ پهتاسون. اسان کي خبر پئي ته پرينءَ جي پاءَ رانجهو جي زال سهڻي آهي، تنهن ڪري اسان رانجهوءَ کي چيوسين ته، تون پنهنجيءَ زال اسان کي آڻي

ڏي. توهان اسان جي ٻانهن ڪٽي ويا آهيو، اها انهيءَ جي عيوض ۾ اسان ڪٽيو ويندا سون."(9)

حالانڪ انهيءَ عورت جي خوبصورتي، سونهن ۽ معصوميت ڪان هو، ناجائز فائدو حاصل ڪري سگهيو ٿي، پر هنن جو پنهنجو ايمان، پنهنجي سوچ ۽ پنهنجو اخلاق هو، جو هن، انهيءَ عورت لاءِ هي لفظ چيا:

"رانجهوءَ جي زال شهزادي هئي شهزادي. مان سيالن ڪي چيو، اسين هن وقت، اوهان سان جهڙي به حالت چاهيون ڪري سگهون ٿا، پر مان ڪي شرم ٿو اچي. مان اوهان جي ٻانهن ڪنيو پيو وڃان، پر مان اوهان ڪي يقين ٿو ڏيان ته، مان هن نينگريءَ ڪي اهڙي حفاظت سان رکندم، جهڙي منهنجي نياڻي! هن جي منهن تي، هن ڇوڪريءَ جو مٿو چميو ۽ وري چيو، توهان جي بي غيرت ٿيا، مان نه ٿيندم. ڳالهه فقط ايتري آهي، ته اوهان پنجن ڏينهن ۾ اسان جي ٻانهن واپس ڪري ڇڏيو، ته مان اوهان جي ٻانهن واپس ڏيندم."(10)

طارق اشرف جو لکيل هي ناول (ميرو ذاڙيل) هڪ سماجي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. هن ناول کي يارهن بابن ۾ ورهايو آهي ۽ هر هڪ باب تي جدا جدا عنوان ڏنو اٿس. مثلاً:

بدمعاشيءَ جا سبب، ڪاروڪاري جي شروعات، ڪوسن سان جهيڙو، عجيب ڇوڪري، ڪوڙو الزام، علحدگي، موت، پوليس جي ڀاڄ، جيل ۾ جهيڙو، ٻانهن تان جهيڙو، پٽي صاحب سان جهيڙو، جرڳي جو فيصلو ۽ موڪلاڻي وغيره.

هي هڪ بهترين ناول آهي. هن ۾ ذري ذري تي سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج جي عڪاسي ڪيل آهي. هن ناول ۾ سنڌي قوم جي تهذيب، ثقافت، ڪلچر، ريتن رسمن سان گڏ، سنڌي عورتن جي عزت، احترام ۽ انهن جي سماج ۾ حيثيت کي نهايت خوبصورت نموني بيان ڪيو ويو آهي. هو سنڌي سماج ۾ ڪارو ڪاريءَ جي بري رسم کي هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو:

"مائيءَ کي جو خبر پئي ته ڪيس واپس ٿا ڪن، ته هوءَ اچي ڊني. ڪيس خبر هئي ته جيڪڏهن مائٽن وئي ته اهي ڪيس ڪاري ڪري ماري ڇڏيندا."(11)

ٻئي هنڌ هو عورت جي معصوميت، بي گناهيءَ ۽ مسڪينيءَ کي بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"زالون ته ڪنهن کي نه چونديون آهن ته اوهين ڪنهن سان وڃو يا برو ڪيو. هن زائفان جو ته ڏوهه ئي ڪونهي، جيڪو به ڏوهه آهي، سو هن جي ڏيرن يا هن جي مڙس جو آ. هيءَ بيگناهه آ، هيءَ منهنجي نياڻي آ،



جنهن نظر سان مان هن کي ڏسان ٿو، اوهان کي به انهيءَ نظر سان هن کي ڏسڻو پوندو."(12)

هن ناول جي مطالعي سان هن ناول جو اسلوب بيان ۽ منظر نگاري نهايت عمدي نموني ۾، سهڻن لفظن ۽ ٻوليءَ جي خوبين سان ڀرپور انداز ۾ ڪيل آهي. انهيءَ کان علاوه ميروءَ جي ڪردار نگاري به بلڪل حقيقي ۽ سچي معلوم ٿئي ٿي.

هن ناول جي جائزي وٺڻ کان پوءِ، اهو معلوم ٿئي ٿو ته، هن ناول ۾ سنڌي سماج ۽ سنڌي معاشري جي هوبهو، حقيقي عڪاسي پيش ڪئي وئي آهي. هن ناول ۾ ذاڙيل جو ڪردار، سنڌي عورت ۽ سنڌي سماج ۾ نياڻين کي جانورن وانگر وڪرو ڪرڻ، عورت جي عزت، ٻانهن جي بدلي ٻانهن ڪٽڻ، ۽ خون جو بدلو خون ڪرڻ، جيلن ۾ بي ڏوهي قيدين کي اذيتون ڏيڻ، مٿن ناروا ظلم ڪرڻ، ڪين ڦٽڪا هڻڻ، ناانصافي ڪرڻ، ملڪ ۾ بدانتظامي ڦهلجڻ، ظلم، قهر، وڏيرن، زميندار ۽ جاگيردارن کي هر ظلم جي مڪمل آزادي هجڻ، انهن جي عياشي، انهن جو غريبن سان ناجائز برتاءُ ۽ پوليس جو ڪرپٽ هجڻ وغيره ڪيترن ئي سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ سياسي مسئلن جي عڪاسي، طارق اشرف هن ناول ۾ ڪئي آهي.

اهڙيءَ طرح هن، ون يونٽ جي تحريڪ کي به، پنهنجي هن ناول ۾ پيش ڪيو آهي. هن لکيو آهي ته، انهيءَ وقت هيءَ تحريڪ گهڻي زور هئي، جنهن ڪري سنڌي شاگردن، اديبن، دانشورن، شاعرن، مصنفن ۽ پبلشرن کي جيل ۾ وڌو ويو. سنڌي ڪتابن تي بندش وڌي وئي وغيره. انهيءَ ڳالهين جو بيان ميرو هن طرح ٿو ڪري:

"ڪجهه وقت مان کي سينٽرل جيل ۾ رکي، حيدرآباد جيل اُماڻيو ويو، اهو ون يونٽ جو دور هو. قيديءَ جي نه فقط مختلف جيلن ۾ بدلي ٿيندي هئي، پر جيئن ته صوبن کي ختم ڪيو ويو هو، تنهن ڪري ڪڏهن پنجاب جي جيلن ۾، ڪڏهن سرحد جي جيلن ۾، اتان جا قيدي وري سنڌ ۾ موڪليا ويندا هئا."(13)

انهيءَ جائزي مان معلوم ٿيندو ته سندس لکيل هي ناول هڪ ڪامياب ناول آهي.

## ببليوگرافي


1. طارق اشرف: ميرو ذاڙيل (ناول) حيدرآباد، سهڻي پبليڪيشن، 1980ع، مقدمو
2. ايضاً، ص 16
3. ايضاً، ص 18
4. ايضاً، ص 8

5. ايضاً، ص 22
6. ايضاً، ص 8
7. ايضاً، ص 54
8. ايضاً، ص32
9. ايضاً، ص 54
10. ايضاً، ص 143
11. ايضاً، ص 133 – 145
12. ايضاً، ص 146
13. ايضاً، ص 170



## عمرالدين بيدار (1929ع کان 2003ع)

(**تعارف:** عمر الدين بيدار ولد محمد آچر سهتو جو جنم نوشهروفيروز جي ڳوٺ ۾ ٿيو هو هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نگار هو. سندس شاعريءَ جو مجموعو، ماحول جي مهرباني، 1964ع ۾ شايع ٿيل آهي. سندس لکيل ناولن ۾، وساريان نه وسرن، 1962ع ۾ ”مهرو“ 1967ع ۾ شايع ٿيل آهن. سندس هي ٻئي ناول رومانوي اصلاحيءَ سماجي آهن. هن پنهنجن هنن ناولن ۾ هڪ ئي وقت سماجي، اقتصادي، سياسي، جاگرافيائي ۽ ادبي پهلو پيش ڪيا آهن.)

**مهرو:**

هي ناول محترم عمرالدين بيدار، 1967ع ۾ لکيو ۽ اداره آواز ادب وارن شايع ڪيو. هي هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ناول ۾ ليکڪ جا هڪ ئي وقت سماجي، اقتصادي، سياسي، جاگرافيائي ۽ ادبي پهلو نمايان ڪيا آهن. انساني ذهن لاءِ چاڙهه ۽ معاشرتي ڪان هن جو مشاهدو گهڻو ۽ گهرو ڏسجي ٿو.

عمرالدين بيدار جي هن ناول ۾ به اهڙي ئي ڪجهه ڪردار نگاري، منظر ڪشي ڪئي وئي آهي، جو نه رڳو پڙهندڙ بي اختيار داد ڏيڻ تي آماده ٿيو وڃي، پر هر هڪ ڪردار ۽ ڏيک کي چڻ ته روبروپيو ڏسي. ناول نويس جيڪڏهن اهڙيءَ ريت هڪ ئي، ٿيڻ جوڳيون حقيقتون پيش ڪرڻ سميت انهن کي ڪنهن خاص نفسياتي ۽ نظرياتي لحاظ کان ۽ تسلي بخش جذبي تحت ڪاغذ تي آڻڻ لاءِ رقم طراز ٿئي ٿو ته لازمي طرح ان شيءِ جي قدر افزائي ڪرڻ ناشر ۽ پڙهندڙ ٻنهي کي ضروري ٿيو پوي.“(1)

هي هڪ ڪرداري ناول آهي. هن ناول ۾ مهروءَ جي ڪردار جي عڪاسي ڪيل آهي. مصنف مهروءَ جي ڪردار جو تعارف هن ريت ٿو ڪرائي:

”وچولي قد جي، پريءَ مثان هيءَ، عورت جي حسن جو جيئرو جاڳندو ۽ لاجواب نمونو هئي، جنهن کي طالب پنهنجي مفهوم ۾ ’مهرو‘، سڏيندو هو. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪيس به ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو هئائين ته، سندس مهربان طبيعت ۽ من موهيندڙ مهانڊي جي تشبيهه لاءِ، هن سندس لاءِ اهو ئي مناسب خطاب پسند ڪيو هو. ’مهرو‘ جو اصل ۽ سندس راءِ مطابق، ’مهربان‘ جو مخفف هو، گويا طالب هن کي مهربان به سمجهندو هو ته ماهرو پڻ.“(2)

هي ناول ڪردار نگاريءَ، منظر نگاريءَ، سيرت نگاريءَ، ٻوليءَ ۽ عبارت جي لحاظ کان هڪ سٺو ناول آهي. هن ناول ۾ ڪيترن ئي اهم نڪتن

ڪي پڻ پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ هڪ منظر بيان ڪندي مصنف لکي ٿو:

”ڊسمبر شروعات ڪئي، ڪافي سردي محسوس پئي ٿي. هي ٻئي بيٺڪ جي هڪ پرواري ڪشاده ڪمري ۾، جنهن جو هڪڙو پاسو، شاهراهه ڏانهن ۽ٻيو طرف پرواري گهٽيءَ ڏانهن ڪلندو هو، ويٺا هئا. آمهون سامهون صوفن تي بي تڪلف گفتگو ۽ جيئن روزمره معمول هجين، البت ماحول تي اڻ لکو ٻوساٽ ۽ پابندي محسوس ڪندي هن چيو.“(3)

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”انهيءَ ڪان تون چٽينءَ، ٿيو باقي تنهنجو نانءُ، جيڪو پنهنجي دل تي نقش ڪري رکيو اٿم، سو ڪتاب تان به پنهنجن ئي هٿن سان ڪيئن مٽائي سگهندس.“(4)

اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

”جيڪڏهن عورت محبت ۾ اچي ته پوءِ سموري جوابداري مرد جي آهي، وٽيس ته ڪيس انسانيت جو روشن چراغ ٻڌائي نه ته ڪيس عام نگاهن جي آڏو وٺي آٽي، هوس وارن خيالن جو صدف ٻڌائي.“(5)

مطلب ته هي، عمرالدين بيدار جو لکيل ناول هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ۾ سنڌي معاشري جي عڪاسي هوبهو پيش ڪيل آهي. سندس ٻولي نهايت سادي، وزندار ۽ پرلطف آهي. هي ناول موجوده دؤر جي ناولن ۾ پختي پلاٽ وارو ۽ ڪامياب ناول آهي.

## ببليوگرافي


1. عمرالدين بيدار: مهرو، حيدرآباد، اداره آواز ادب، 1967ع ص، 6
2. ايضاً، ص 4
3. ايضاً، ص 19
4. ايضاً، ص 25
5. ايضاً، ص 79




## ڊاڪٽر غلام علي الانا

(**تعارف:** پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، مشهور عالم، دانشور، ماهرِ لسانيات، اديب، سنڌ کان سواءِ پاڪستان، ڀارت ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي شخصيت هئڻ جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي علم ۽ ادب، ۽ خاص طور تي سنڌالاجيءَ جي نانءُ ڪيل، سڄي عمر ۽ تعليم جي ميدان ۾ سندس ڪيل خدمتون هيمشه ياد رهنديون. ڀارت جو، اعليٰ پايه جو هڪ اديب قيمت هري سنگهاڻي سندس انهن خدمتن کي هنن لفظن ۾ ساراهي ٿو:

”سنڌين جي سنسڪرتڪ ورثي جي موشگافيءَ واسطي، حيدرآباد سنڌ ۾ اسٿاپت، سنڌالاجي ۾ اهم پومڪ نباهڻ واري ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊائريڪٽر جي عهدي تي رهي، سيلانين جيان ساريءَ سنڌ جو چپو چپو جاچي، جاننفشانيءَ، جاکوڙ، ادبي اوک ڊوک ۽ لاشڪ ثاني، علمي، عملي، تهذيبي ۽ تمدني ڄاڻ سڃاڻ ڪري، سنڌين جي قرب ڪشالي جو مرڪب مرڪز قائم ڪيو آهي. هڪ ماهر ڪوجنيڪ جون خوبيون، سندس ادبي خدمتن مان به بخوبي لياڪا پائينديون آهن، سو ڊاڪٽر الانا جي قلمي نسخن سندو ثمر آهي.“(1)

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ٺٽي ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺ تڙ خواجه ۾، 15-مارچ، 1930ع تي پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ورتائين ۽ پوءِ ثانوي تعليم لاءِ ميرپور بٺوري شهر ويو، جتان وري ٺٽدي محمد خان ويو ۽ نيٺ ڪراچيءَ جي اين-جي-وي (N.J.V) هاءِ اسڪول مان، 1949ع ۾، فرسٽ ڊويزن ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، ڊي-جي سنڌ گورنمينٽ ڪاليج، حيدرآباد مان 1953ع ۾ بي-اي (آنرس) ڪري، ۽ پوءِ 1955ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان، سنڌيءَ ۾ ايم-اي ڪيائين. پهرين ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد ٿيا ۽ پوءِ 1954ع ۾ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيا، جتي پروفيسر عبدالرحيم ڏيٿي، مرزا عابد عباس، پروفيسر سميع صديقيءَ ۽ پروفيسر قوي احمد جي صحبت جو مٿس اثر ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر محبوب علي چنا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جهڙا استاد نصيب ٿيس. 28-جولاءِ 1958ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ڪيو ويو. اتان 1961ع ۾، اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ويو، جتان لنڊن يونيورسٽيءَ جي اسڪول آف اوريئنٽل ائنڊ آفريڪن اسٽڊيز مان ’عام لسانيات ۽ صوتيات‘ ۾ (General Linguistics & Phonetics) ۾ ايم-اي ڪيائين. 1971ع ۾ علامه غلام

مصطفيٰ قاسمي صاحب جي رهبريءَ ۾، پي-ايچ-ڊي (Ph.D) ڪيائين. سندس Ph.D واري مقالي جو عنوان هو: ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“. هن مقالي جي تحقيق لاءِ پاڻ لاڙ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي، مواد حاصل ڪيائين. سندن هن تحقيق جي باري ۾ سنڌ جو ماهر تعليم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

”سندس تحقيق جو دائرو سڄي لاڙ پٽ تي محيط هو، ۽ ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ جي عنوان سان ٿيسز لکيائون. 1956ع کان وٺي سندن هن تحقيق جو سلسلو شروع ٿيو هو. سڄي ايراضيءَ ۾، مواد ۽ مطالعي لاءِ گهميا. بدين ۾ پهريون پيرو ان ئي سال آيا، جو مالهين جي دڙو گڏجي گهمياسين.“(2)

لندن کان موٽڻ کان پوءِ، آگسٽ 1963ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو، جتان آگسٽ، 1983ع ۾، پروفيسر انچارج جي ذميواريءَ واري زماني ۾، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي وائيس چانسلر مقرر ٿيڻ کان پوءِ اسلام آباد روانو ٿيو.

پروفيسر الانا صاحب سنڌي شعبي ۾ 1976ع ۾، پروفيسر جي آساميءَ تائين پهتو. سنڌالاجيءَ جي اضافي عهدي جي چارج به وٽن ئي رهي، حالانڪ اهو سڄو عرصو جيئن قيمت هري سنگهاڻيءَ لکيو آهي: محنت، مشقت، محبت، خلوص ۽ ڪشالن سان، سنڌالاجيءَ جي تعمير، ترقي ۽ واڌاري لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيائون.

پاڪستان جي هن اداري (سنڌالاجيءَ) کان متاثر ٿي، ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي آدرشي ماڻهن، ڀارت جي آديپور شهر ۾، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي قائم ڪئي، گويا سنڌ يونيورسٽيءَ جي فيصلي، ڀارت جي سنڌين کي ههڙو ادارو ٺاهڻ لاءِ مجبور ڪيو.

بهرحال سنڌالاجيءَ کي، موجوده بين الاقوامي حيثيت وارو ادارو بنائڻ ۾ سندن ئي جستجو شامل هئي، جيئن ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب وضاحت سان لکيو آهي ته:

”سچ ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۽ پوءِ ان سان گڏ اچوڪي سنڌالاجيءَ کي پنهنجين علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۽ علمي جدوجهد سان هڪ سونهن ڀريو علمي ادارو بڻايائون. الانا صاحب ليڪچرار کان وٺي پروفيسر ٿيڻ تائين، سنڌي شعبي ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون. سنڌالاجيءَ کي الانا صاحب هڪجهڙو بهترين، محنتي ۽ بي لوث ڪارڪن مليو هو. الانا صاحب جي محنت، سنڌالاجيءَ جي هر شعبي ۾ نظر اچي ٿي. مون کي ذاتي طور ڄاڻ آهي ته هن صبح کان رات تائين هن اداري جي ڀلائي



لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي... هن جيڪي به ڪجهه ڪيو، سو سنڌالاجيءَ جي ترقي ڏيارڻ لاءِ هو. هو جتي به رهيو، سندس ڪم جي رفتار وڌندي رهي.“(3)

ڪنهن ٿي ڄاتو ته سنڌ جي ٺٽي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ، ٽڙ خواجه جو هي ٻار، وڏو ٿي، 1983ع ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جهڙي بين الاقوامي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيندو. اهڙيءَ طرح سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو به هميشه فخر ڪندو ته سندس پيدا ڪيل هيءُ شاگرد، ڪنهن ڏينهن (21 جون، 1993ع تي)، سنڌ يونيورسٽيءَ جو به وائيس چانسلر بڻبو! ان کان پوءِ ڊاڪٽر الانا، 22 جولاءِ 1998ع تي ’سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري‘ (Sindhi Language Authority) جي چيئرمئن جي عهدي تي مقرر ٿيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا کي ڪيترائي علمي، ادبي ۽ اعليٰ اعزاز ۽ ايوارڊ به مليل آهن. 1992ع ۾ حڪومت پاڪستان طرفان، سندس علمي ۽ ادبي ۽ سنڌالاجيءَ ۾ ڪيل خدمتن جي عيوض ڪيس، ’ستاره امتياز‘ جو ايوارڊ عطا ڪيو ويو. انهيءَ کان علاوه پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ’نان فارمل فاصلاتي نظامِ تعليم‘ جي چيئر تي ڊائريڪٽر طور 1992ع کان 1993ع تائين رهيا. انهيءَ کان علاوه پاڻ، 1990ع کان بين الاقوامي اوپن يونيورسٽي هونولولو، جا پاڪستان ۾ نمائنده پڻ رهيا آهن، ۽ Senior University ڪئناڊا کين سنيئر پروفيسر (Senior Professor) مقرر ڪيو. پاڻ ملڪي توڙي غير ملڪي انجمنن جا ميمبر ۽ اعزازي عيوضي پڻ رهيا آهن؛ مثلاً:

(1) پاڪستان آرڪيالاجيڪل ائنڊ هسٽارڪيل ائسوسيئيشن، اسلام آباد جا صدر رهيا.
(2) اقليتن لاءِ مذهبي تعليم جي ڪميٽي (تڏهوڪي وزير اعظم جناب محمد خان جوڻيجي پاران مقرر ڪئي وئي هئي) جا ساٿي صدر رهيا.
(3) ڪنوينر: قومي نصاب ڪميٽي (سنڌي)، حڪومت پاڪستان
(4) اعزازي سيڪريٽري، صلاحڪار بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
(5) ميمبر سينيٽ، سنڌيونيورسٽي
(6) ميمبر اڪيڊمڪ ڪائونسل، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
(7) ميمبر بورڊ آف اسٽڊيز (سنڌي) سنڌي، يونيورسٽي، ڄام شورو
(8) ميمبر بورڊ آف اسٽڊيز (سنڌي)، ڪراچي يونيورسٽي
(9) ميمبر بورڊ آف اسٽڊيز (سرائڪي)، اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور
(10) ميمبر فائننس ڪميٽي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
(11) ميمر پاڪستان ميوزيمس ائسوسيئيشن

(12) ميمبر انٽرنيشنل ڪائونسل فار ميوزيمس

(13) ميمبر ڪميٽي فار سيرت بڪس، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد.

(14) ميمبر بورڊ آف گورنرس، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

(15) ميمبر ائڊوائزري ڪميٽي، سنڌ آرڪائيوز، ڪراچي

(16) ميمبر اسماعيليه فيڊرل / نئشنل ڪائونسل، فار پاڪستان

(17) ميمبر بورڊ آف گورنرس، اڪيڊمي آف ايجوڪيشنل پلاننگ اينڊ مئنيجمينٽ، وفاقي وزارتِ تعليم، اسلام آباد

(18) ميمبر ڊائريڪٽرس يو-ايس-ايجويڪشن فائونڊيشن، پاڪستان، اسلام آباد

(19) ميمبر لٽريسي اينڊ ماس ايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد

(20) ميمبر فيڊرل بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، اسلام آباد

(21) ميمبر بورڊ آف گورنرس، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

(22) ميمبر بورڊ آف گورنرس، انسٽيٽيوٽ آف بزنيس ائڊمنسٽريشن، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

(23) ميمبر ايڊوائزري ڪميٽي، نئشنل ڊاڪيومينٽيشن سينٽر، اسلام آباد

(24) ميمبر سينيٽ، اردو يونيورسٽي، ڪراچي.

(25) ميمبر بورڊ آف ڊائريڪٽرس مقتدره قومي زبان، اسلام آباد

(26) ڊائريڪٽر بورڊ آف ڊائريڪٽر، TVO، اسلام آباد.

(27) ميمبر بورڊ آف ڊائريڪٽرس نئشنل فنڊ فار ڪلچرل هيريٽيج، اسلام آباد

(28) ميمبر: بورڊ آف گورنرس، قائداعظم اڪيڊمي، اسلام آباد

ان کان سواءِ ۽ اڃا به ڪيترن ئي ادارن ۾ ميمبر طور ڪم ڪري رهيا آهن.

ڊاڪٽر الانا پنهنجي تجربي ۽ آزمودي سان هر هڪ اداري کي فائدو پهچايو. پنجاهه کن اهم ادارن جا صدر، ساٿي صدر، نائب صدر، ميمبر ۽ ڪنوينر رهيا آهن. انهيءَ کان علاوه ڪن پرڏيهي حڪومتن ۽ ادارن سان علمي سهڪار به ڪيو اٿن، جن مان عرب امارات، حڪومت سعودي عربيه، برٽش ڪائونسل، يونيسڪو، يونيسيف اهم آهن. پاڻ ڪيترن ئي ملڪن ۾ علمي، ادبي،



تعليمي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ حصو ورتو اٿن. هن وقت به پاڻ ڪن ادارن جا ميمبر آهن.

سندن علمي صلاحيتن ۽ خدمتن جي عيوض، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سندن ڄاڻ مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ، وقت بوقت ڪانفرنسن ۽ سيمينارن جي سلسلي ۾، ڪين پئي گهرايو آهي. ڊاڪٽر الانا پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. پاڻ اسڪول واري زماني کان وٺي، علمي ادبي ذوق رکندڙ رهيا آهن. پاڻ جڏهن ٽنڊي محمد خان جي اي-وي اسڪول ۾ پنجون درجو پڙهندا هئا، تڏهن مرحوم سيٺ سلطان علي ’فدائيءَ‘ جي سهڪار ۽ صحبت ۾، پهرين’ميراث‘ رسالو ۽ پوءِ ماهوار ’روشني‘ اخبار ڪڍيائين. 1952ع کان وٺي باقاعدگيءَ سان افسانا، مضمون ۽ مقالا لکڻ شروع ڪيائين. سندس افسانن جو مجموعو ’چور‘ جي نالي سان، سلسله اشاعت ٽنڊي محمد خان وارن شايع ڪيو. سندس سڀ کان پهريون تحقيقي مقالو، ’سومرن جي دور جي سنڌي شاعري‘ آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، انهيءَ جي وضاحت ڪندي هن ريت ٿو لکي:

”ميراث رسالي ۾ ئي، سندس تحقيقي نوعيت جو مقالو، ’سومرن جي دور جي سنڌي شاعري‘ شايع ٿيو، جنهن ۾ اسماعيلي پيرن جا گنان ظاهر ٿيا، جن تي بحث به ٿيو، ۽ پوءِ سنڌي ادب جي تاريخ جي ابتدائي دور ۾ حصو بنيا.“(4)

انهيءَ کان علاوه، ’سنڌي صورتخطي‘ نالي عنوان واري پنهنجي ڪتاب ۾، سڀ کان پراڻي سنڌي صورتخطي، جنهن کي پير صدرالدين سنڌاري ۽ سنواري، خواجڪي صورتخطي نالو ڏنو هو، اُن جي باري ۾ تحقيق ڪندڙ به پاڻ ئي هئا. ڊاڪٽر الانا جي تحقيقي ڪم جي معيار جي باري ۾ ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب هيئن ٿو لکي:

”سندن عنوان هو، ”لاڙ، جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“. الانا صاحب جي ڪيل جملي تحقيق جي ڪم جو جائزو وٺبو ته ان جون پاڙون سندس ٿيسز ۾ ڪٽل ملنديون. لاڙ تي تحقيق جي سلسلي ۾، بدين ۽ ٺٽي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃڻ، سگهڙن ۽ اديبن سان ملڻ، درگاهن ۽ تاريخي مقام، دڙا ۽ پڙا ڏسڻ، ميلن ۽ ڏڻن تي وڃي، گهربل معلومات وٺڻ سان گڏ، زمين، پوک، واهن، واهڻن، ڍنڍن ڍورن، وڻن ٽڻن ۽ چوپائي مال جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ نه گهٻرايائون. هن سلسلي ۾ سندن راوي دانشور، سگهڙ، هاري ناري، ڏاها، چڱا مڙس ۽ هنرمند آهن. تاريخ ۽ جاگرافيءَ لاءِ هي ڪتاب سندن بنيادي ماخذ آهن.“(5)

ڊاڪٽر الانا صاحب پاڻ فخر سان چوندو آهي ته، پاڻ، سنڌيءَ ۾ پهريان پي

ايچ ڊي پاڻ ئي آهن. ڪانئن اڳ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي ڪوبه صاحب پي ايچ-ڊي ڪري نه سگهيو هو، ان لاءِ به سنڌي شعبي کي فخر آهي. پي ايچ-ڊي واري مقالي لاءِ سندن ﭘﻬريان گائيڊ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هئا، پر پوءِ علامه قاسمي صاحب جن جي رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ ۾ پنهنجو مقالو مڪمل ڪيائون. ان ڪان علاوه ڊاڪٽر الانا جا ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ۽ تحقيقي مقالا لکيل آهن. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، پنهنجي ڪتاب ۾، ڊاڪٽر الانا صاحب جي باري ۾ صفحي 26 تي هن ريت لکي ٿو ته:

”هي ﭘﻬريون خوشنصيب آهي، جنهن ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘ ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتي آهي. پاڻ ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ آهي. درس و تدريس سان گڏ، سنڌي زبان ۽ ادب جي جيڪا نمايان خدمت ڪئي اٿس، شايد ئي ڪنهن سنڌيءَ ڪان پڳي هجي. ’سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد‘، اصولن ۽ جوڙجڪ بابت سندس لکيل ڪتاب مثالي حيثيت رکن ٿا.“(6))

سندن لکيل ڪتابن مان ڪي ڪتاب هي آهن:

’لاش‘ (ناول)، ’چور‘ (ڪهاڻين جو مجموعو)، ’ناصر خسرو ايراني‘ (سوانح حيات)، ’منتخب ديوان فاضل‘، ’سنڌي صوتيات‘، ’سنڌي صورتخطي‘، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، ’ادبي اوسر‘، ’سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ‘، چونڊ سنڌي مقالا ۽ مضمون، ’علمي آئينو‘ (ايڊيٽر) ’سنڌي زبان جي بنيادي لغت‘ (ساٿي ايڊيٽر)، ’سنڌي زبان جي ڪاروباري لغت‘ (ساٿي ايڊيٽر)، ’سنڌي زبان جي وڌايل بنيادي لغت‘ (ساٿي ايڊيٽر)، ’سنڌي ٻوليءَ جو بُڻ بنياد‘، ’سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي‘ (آزاديءَ ڪان پوءِ)، ’سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري‘ (نگران)، ’سنڌي علم ادب‘، ’منتخب جديد سنڌي شاعري‘، ’آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد‘، ’سنڌي اٺون ڪتاب‘، ’سنڌي ٿيون ڪتاب‘ (غير مادري زبان وارن ٻارن لاءِ)، ’لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ‘، ’سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي‘، ’سندهي معلم‘، ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘، ’زبان اور ثقافت‘، ’تحريک پاڪستان ۾ سنده ڪا حصه‘ (اردو ۾)،

'Folk Music of Sindh', 'The Arabic elements in Sindhi' (Compilation)' ۽

'An Introduction to Sindhi Literature'

'Papers in sindhi language and linguistics' ۽

'Origin and growth of Sindhi Language'

انهيءَ ڪان سواءِ پاڻ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، ثقافت، موسيقي، علم ادب، تعليم، لئبرري سائنس، لسانيات، آثارِ



قديمه، آرڪائيوز ۽ علم الانسان وارن موضوعن تي ڪيترائي مقالا لکيا اٿن، ۽ ڪيترائي مقالا ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪانفرنس ۾ به پڙهيا اٿن.

انهيءَ ڪان علاوه سنڌ جي صوفي شاعرن: شاهه ڀٽائي رحمته الله عليه، سچل سرمست رحمته الله عليه، ڪان سواءِ پير حسام الدين شاهه راشدي ۽ هزهائنس، سر آغا خان سوئم وغيره جي سوانح تي به مقالا لکيا اٿن. ڊاڪٽر هدايت ’پريم‘ سندن علمي ۽ ادبي تحقيق ۽ لسانيات جي باري ۾ هن ريت لکي ٿو:

”الانا صاحب جي علمي، ادبي خدمتن جو اعتراف علمي حلقن ۾ خوب ڪيو ويندو آهي. الانا صاحب بطور ماهر لسانيات، ساري ملڪ ۾ مڃيل حيثيت رکي ٿو.“(7)

سندن لکيل ڪتابن جهڙوڪ: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ تي، سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئيشن پاران، ڏيپلائي ايوارڊ ۽ 1981ع ۾، پاڪستان رائيٽرس گلڊ پاران به هن ڪتاب تي ڪين ﭘﻬريون انعام ڏنو ويو.

انهن ٻنهي انعامن لاءِ معتبر مصنفن جي راءِ ۾ هن ڪتاب کي معياري ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو هو. مثلاً محترم ڊي-ڪي- منشاراماڻي، هن ڪتاب تي پنهنجي راءِ هنن لفظن ۾ پيش ڪئي:

”هن ڪان اڳ ڊاڪٽر الانا، جو هن وقت انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو انچارج پروفيسر آهي، گهڻي ئي ادبي ڪتاب ۽ لسانيات متعلق تحقيقي مقالا، مضمون ۽ تصنيفون پيش ڪري چڪو آهي، ۽ ڄاڻن ۽ عالمن ڪان خراج تحسين حاصل ڪري چڪو آهي. محترم ڊاڪٽر الانا لسانيات جو ماهر آهي ۽ سنڌين مان انهن چند فدائين مان هڪ آهي، جن ان موضوع جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. ڊاڪٽر الانا جي محنت جو اعتراف ڪرڻ ڪان رهي نٿو سگهان، جو هن ﭘﻬريون دفعو ان طرح جو مطالعو سنڌي زبان ۾ پيش ڪيو آهي. يقين اٿم ته هن سنڌي زبان ۽ علم ادب جي فدائيءَ، لسانيات جي ماهر جي قلم مان، گهڻين اهم تصنيفن جي اميد رکي سگهجي ٿي.“(8)

ڊاڪٽر الانا صاحب جهڙن، عظيم، محنتي، ايماندار، جفاڪش، عالم، ماهر، علم ادب سان چاهه رکندڙ، قوميت جو جذبو رکندڙ، تحقيق ڪندڙ، ادب ۽ ٻوليءَ ۾ نواڻ آڻيندڙ، شخصيتن لاءِ جيترو به لکبو اوترو ٿورو آهي.

الانا صاحب پنهنجي ادبي زندگيءَ جي ابتدا افسانن لکڻ سان ڪئي. سندس افسانا ماهوار ’نئين زندگي‘، ’سهڻي‘، ٽماهي ’مهراڻ‘ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيا هئا. شروع ۾ ٿوري شاعري به ڪيائين پر پوءِ علم الانسان ۽ لسانيات جي موضوعن تي تحقيق ڪين افسانه لکڻ يا شاعري ڪرڻ ڪان پري ڪري ڇڏيو. شروع ۾ پاڻ ’ناشاد‘ تخلص به ڪم آڻيندا هئا. الانا صاحب صرف هڪ

ناول لکيو پر پاڻ چوندو آهي ته، ”آءٌ هينئر به جيڪڏهن چاهيان ته وڏيک ناول لکي سگهان ٿو، ڇو ته ايترا ملک گهميا اٿم، ايترو ته ڪجهه ڏٺو اٿم ۽ دنيا جي ماڻهن کان، سندن رويي سبب ايترو ته تجربو حاصل ڪيو اٿم جو جيڪڏهن لسانيات ۽ بشريات وارن موضوعن کان نجات ملي ته جيکر مختلف روين رکندڙ ماڻهن جي باري ۾ ناول لکان. بهرحال هيٺ سندس ناول تي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

**لاش:**

ڊاڪٽر غلام علي الانا، هي ناول (لاش) 1952ع ۾ لکيو هو، جيڪو آر-ايچ-احمد ائنڊ برادرس وارن شايع ڪيو. هي ناول تڏهن لکيو هئائين جڏهن پاڻ ڪراچيءَ ۾ مئٽرڪ جو شاگرد هو. سندن هي ناول هڪ سماجي ناول آهي، جنهن ۾ سنڌي سماج ۾ غريبن، بيواهن، هارين ۽ مظلوم ماڻهن جي حالت جي عڪاسي، بلڪل حقيقي ۽ فطري رنگ ۾ پيش ڪئي وئي آهي. هن ناول جي باري ۾ محمد بخش جوهر صاحب تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”هي ناول حقيقت ۾ سماج جو لاش آهي. موجوده سماج، جنهن هر خوددار عورت ۽ مرد کي تباهه ڪيو آهي، جنهن، قوم ۾ افراد ۽ تفريط جو طوفان برپا ڪيو آهي، جنهن جي ٻاريل باهه ۾ هزارين نه بلڪه لکين سڙي خاڪ ٿي ويا، ۽ جنهن جا تباهه ڪيل گهر وري آباد نه ٿيا آهن. انهيءَ سماج کي مصنف مذڪوره هن ناول ۾ بلڪل اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ لاءِ ته قوم ان جو ڪوڙهه وارو جسم ڏسي، ۽ نفرت سان ان کي ڪٽي قبر ۾ پُوري.“(9)

هي ناول هڪ حقيقي ۽ سچي واقعي تي مشتمل آهي، جيڪو الانا صاحب جي چشم ديد واردات تي ٻڌل آهي، جنهن کي هن افسانوي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هن ناول ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو ته:

”لاش نه فقط هڪ غريب جو لاش آهي، جنهن پنهنجي عزت ۽ غيرت خاطر سرمائيدار جي پنجوڙ کي ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهيءَ شاهوڪار شاهيءَ جي فعلن، افعالن، ڪرتوتن ۽ اعمالن جو اگهاڙو ۽ ننگو لاش آهي، جنهن کي اکرن جي ڪفن ۾ ويڙهي، عوام جي اڳيان رجوع ڪيو ويو آهي. افسوس، شاهوڪارن جي ڪردارن جو ذليل لاش، غريبن جي غيرت ۽ عزت واري لاش کان وڏيک اهميت رکي ٿو.“(10)

هن ناول (لاش) ۾ غريبن، مسڪينن ۽ بيواهن جي غربت ۽ مفلسيءَ کان پُر ۽ سرمائيدارن ۽ شاهوڪارن جي ظلمن ۽ عياشيءَ سان ڀريل، سنڌي سماج کي پيش ڪيو ويو آهي. هن سماج ۾ اُهي بيواهه ۽ بيوس عورتون به



رهندڙ آهن، جيڪي پيٽ گذر لاءِ خون پسينو هڪ ڪري ڇڏين ٿيون. ڳوٺن جا غريب هاري، ڪڙمي ۽ ڪاسبي، پنهنجي پنهنجي ڪمن تي روانا ٿين ٿا. اهڙي غربت واري ماحول ۾، زينت جهڙي خوددار، مجبور عورت، پنهنجي بيوسيءَ ۽ مسڪينيءَ تي روئي ٿي. سندس مڙس فوت ٿي ويو هو.

هن ناول جي ڪهاڻي هن ريت ڪيل آهي:

”زينت هڪ شاهوڪار ماڻهوءَ جي زال هئي، پر مڙس جي مري وڃڻ کان پوءِ، هن جي سڄي ملڪيت، زمين، جاءِ ۽ پئسو، ڳوٺ جي هڪ زميندار، جيڪو پاڻ کي هن جو چاچو چورائيندو هو، تنهن قبضو ڪري ڇڏيو. زينت هڪ خوددار عورت هئي. ان سان گڏ هوءَ شريف به هئي. هوءَ پنهنجن ٻارن جي پيٽ گذر لاءِ جهنگ وڃي، ڪاٺيون ڪري، انهن مان ٻارن جو پيٽ گذر ڪندي هئي. هوءَ پنهنجي بيوسيءَ ۽ مسڪينيءَ تي روئندي ته هئي پر همت ڪانه هاري هئائين. سندس پٽ عباس کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هو هميشه چوندو هو ته:

اما! آءٌ توکي ائين ڏک ۾ ڏڌل ڏسي نٿو سگهان، آءٌ تنهنجا اهي ڏک سور ڏسڻ نٿو گهران. آءٌ تعليم حاصل ڪري، خاندان جو نالو هميشه لاءِ زنده ڪندس. آءٌ تنهنجا اهي درد ۽ سور دور ڪندس، آءٌ پنهنجي ملڪ جو بهادر سپاهي ٿيندس ۽ قوم ۽ ملت جي خدمت ڪندس، غريبن جي مدد ڪندس. امڙ تنهنجي مامتا جي مهربانيءَ سان اهو ڏينهن به ايندو، جڏهن تون منهنجو سر، قوم جي عزت ۽ غريبن جي همدرديءَ ۾ قربان ٿيندو ڏسنديئين.“(11)

عباس کي، زينت پنهنجي پاءُ وٽ پڙهڻ موڪليو، پر سندس پاءُ جي بي رُخي ۽ ذلت ڀري روش کي برداشت نه ڪرڻ جي ڪري، هو مامي جي گهران ڀڄي نڪتو. سنس ماءُ، جنهن جي زندگيءَ جو مقصد هي هو ته سندس پٽ پڙهي، وڏو درجو ماڻي ۽ پنهنجي پيءُ جو نالو ڪڍي، پر آخر هو مختلف گهرن جا ڌڪا ٿاٻا ڪائي، پڙهي پيو ۽ ايڪسائيز انسپيڪٽر ٿئي ٿو.

زينت جي ڌيءَ مريم، جيڪا پنهنجي پاءُ کان وڏي هئي، پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ ڪاٺيون ڪرڻ ۽ ٻيا ڪم ڪار ڪري پيٽ پاليندي هيون. سندس ماءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، سندن سرمائيدار فريبي چاچي ڪيس پاڻ وٽ رکيو، پر سندس چاچيءَ، ان کان غلط ۽ ناجائز ڪم وٺڻ چاهيا. انهيءَ تي هوءَ گهر مان نڪري وڃي ٿي ۽ نيٺ ٻن طوائفن جي هٿ اچي ٿي، جن هن کي پاڻ وٽ رهايو. اتي به هوءَ ساڳيو ماحول ڏسي، اتان يتيم خاني ۾ هلي وڃي ٿي، پر يتيم خاني ۾ به هن ڏٺو ته اهو ساڳيو حال هو، جيڪو طوائف خاني ۾ هو. هوءَ اتان نڪري انهن ئي طوائفن وٽ واپس اچي ٿي ۽ ناچ وغيره سکي ٿي. هتي ساڻس سندس پاءُ جي دوست جي ملاقات ٿئي ٿي. هوءَ هن سان گڏ نڪري

وجي ٿي ۽ وڃي ونس پناهه حاصل ڪري ٿي.

هيءُ ناول (لاش) سچو غربت ۽ افلاس ۽ مسڪين ماڻهن جي غربت وارن منظرن سان ڀريل آهي. هو ظاهر ۾ ته تمام غريب آهن، هن وٽ ڪائڻ لاءِ به ڪجهه ڪونهي، آٽين ۽ چاڙهين ڏٺ ڏهاڙي سومرا، وارو ڪم آهي، پر سندن دليون تمام وڏيون ۽ ڪشاديون آهن. هو ڪنهن به غريب، مسڪين ۽ بکئي ڪي خالي هٿين ڪونه ٿا موٽائين، جيترو به انهن جي وس ۾ آهي اوترو هو انهن جي مدد ڪن ٿا. انهن جي مهمان نوازي ئي هنن جي وڏي خوبي آهي. هو پنهنجي گهر آيل مهمان کي بکيو واپس ڪونه ٿا موڪلين. ’جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان‘، سندن عادت آهي. جڏهن عباس پنهنجي مامي جي گهران پڇي نڪري ٿو، ته هڪ غريب پوڙهي جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي ٿو، تڏهن اهو غريب ڪيس چوي ٿو:

”آءٌ هڪ مسڪين آهيان... هي آواز ٻڌي ڳوناٽو ويجهو آيو. ههڙيءَ ٿڌي رات ۾، مسڪين ڪي ڪنبندو ڏسي هن ڪي اندر وٺي آيو. جهوپڙيءَ جي وچ ڏاري هڪ ٻنڊ دکي رهيو هو. يڪدم باهه مچايائين. هن غريب لڳ ڪوسا ڪيا. ٻيڙو اُپ- ڪُڙين ويهي، هٿ سيڪيندي هن ڏانهن نهاري رهيو هو. ماني پور ڪو آهي؟ ٻيڙي پنهنجيءَ زال کان پڇيو. بکايل ٿو ڏسڻ ۾ اچين... نه ته مڙهي وٽ ڳڙ ته آهي ۽ مڪڻ ٿورو گهڻو هوندو، ڪٽي مهڻي ڏينس ته ڪائي ڍ ۆ ڪري، پوءِ آهن خبرون.“(12)

اهي غريب جن جي دل ايڏي وڏي آهي، تن جي گهرن جون حالتون ڏسو:

”هنن جو بسترو به هڪ عجيب هو! ڪکن جو گاديلو، تنهن جي سري ڪان تهن جو نهيل وهاٽو، ڪهڙي نه عجيب زندگي! جيڪي شب و روز محنت ڪن، جيڪي دنيا وارن جي خوشين لاءِ خون پسينو هڪ ڪن، جيڪي اگهاڙين پٺين سان تونگرن کي سلام ڪن، تن جي زندگي به عجيب آهي. نه اٺن کي گرم بسترا ۽ نه وري ڪي مضبوط مڪان؛ صرف هڪ ڦاٽل رلي، سندن اَجهو هئي.“(13)

هن ناول ۾ ڪردار نگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪئي وئي آهي. مثلاً: زينت جو ڪردار، عباس جو ڪردار، زميندار ۽ اُن جي سريت جو ڪردار وغيره. زينت جي ڪردار جي باري ۾ هن ريت عڪاسي ٿيل آهي:

”زينت سجاڳ ٿي، مالڪ جا احسان مڃي اُٿي ويٺي. سنس مايوس نگاهون سندس انمول پٽ ڏانهن ڪٽل هيون، جيڪو سندس آخري سهارو هو. سندس دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ۽ هوءَ ڪنهن اونهي خيال ۾ محو هئي. زماني جي بيوفائيءَ ۽ يتيميءَ جو نقشو سندس اکين اڳيان سنيما جي پردي مٿل ڦرڻ لڳو. هن دوباره پنهنجن معصوم ٻارن ڏانهن نهاريو. هوءَ



خود به مجبور هئي. هوءَ هن ظالم زماني تي مسڪرائڻ لڳي، جنهن ڪيس چند عرصي اندر سرمائيدار مان، هڪ بيوس پينو گدا بڻائي ڇڏيو هو. ڪاڏي ويا اهي هيرا ۽ جواهر، ۽ ڪاڏي ويا اهي پلنگ ۽ گاديلا! اهو وقت هو جو ڪنهن کي ڏانهنس اک کڻي نهارڻ جي جرئت به ڪانه ٿيندي هئي، ليڪن اڄ هوءَ خود تونگرن لاءِ تماشو هئي. اها ملڪيت جنهن تي ڪيس ناز هو، سا هڪ لحظي اندر دغا ڏيئي، عدم موجود ٿي وئي. اهي جواهر جن جي شعاعن سندس سچي جسم کي سجايو ٿي، سي سڀ ڪافور ٿي ويا.“(14)

مطلب ته مختصر عرصي اندر هڪ تونگر گهر، مفلسيءَ ۽ بيوسيءَ جو مثال بڻجي ويو. ههڙي بيگاهه وقت، زينت بيواهه رهجي وئي. غربت ۽ بيڪسيءَ ۽ مڙس جي هميشه لاءِ جدائيءَ، ڪيس بي آرام بنايو هو. هوءَ اڃا جوان هئي، پر هاڻ سندس جوانيءَ مان به ٻڍاپڻ جا آثار نظر اچي رهيا هئا. هوءَ بي سهاري هئي. سندس اکيون سدائين اشڪبار هونديون هيون. آرام ڪانئس موڪلائي چڪو هو. هوءَ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي وئي. سندس چوڏهن سالن جي ڌيءَ جي ڳڻتيءَ، ڪيس مايوس ڪري ڇڏيو هو.

انهيءَ کان پوءِ ٻيو اهم ڪردار عباس جو آهي، جيڪو زينت جو پٽ آهي. عباس جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي، سندس پيءُ وفات ڪري ويو هو. عباس پيدائشي ڏک، تڪليفون ۽ غربت ڏٺي هئي. هو پنهنجي ماءُ کي هر وقت اهائي دلداري ڏيندو رهندو هو ته آءٌ علم حاصل ڪري، وڏو ماڻهو ٿيندس ۽ تنهنجو ۽ پنهنجي پيءُ جو نالو برقرار رکندس، ۽ پنهنجيءَ قوم جي غريبن جو همدرد ۽ مددگار ٿيندس. هو چوي ٿو ته:

”آءٌ تعليم حاصل ڪري خاندان جو هميشه لاءِ نالو زنده ڪندس. آءٌ تنهنجا اهي درد ۽ سورَ دور ڪندس. آءٌ ملڪ جو بهادر سپاهي ٿيندس. قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندس، غريبن جي مدد ڪندس ۽ ملڪ جي دشمنن سان چوٽون کائيندس.“(15)

هڪ غريب يارهن سالن جي ٻار ۾ قوميت جو ايڏو جذبو موجود هو. هن جي دل ۾ وطنيت جو ساگر موجزن هو، جو وقت جي موجن جي موج ۾ اچي اٿل کائيندو هو، ته ڪڏهن پنهنجو پاڻ تي نظر ڪري ارمان جون اُڇلون ڏيندو هو. آخر ڇو نه هوندو؟ هو هڪ سچي مسلمان جو پٽ هو. هن جي جسم ۾ به اسلامي خون جو قطرو هو، ۽ آخر محنت ۽ جدوجهد ڪندي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ٿو.

هن ڪردار کان پوءِ ٻيو ڪردار مريم جو آهي، جيڪا زينت جي نوجوان ڌيءُ ۽ عباس جي ڀيڻ آهي. هن به پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻيون تڪليفون ڏٺيون ۽ پنهنجن طرفان ڏنل ڌڪا ۽ ڌارين جون نفرتون سٺائين. سندس

چاچيءَ، لالچ ۾ اچي ڪيس ناجائز ڪم ڪرڻ جي لاءِ چيو، جنهن ڪري هوءَ اتان نڪري وڃي ٿي. هوءَ هڪ ته خوبصورت آهي ٻيو ته غريب ۽ يتيم آهي. انهيءَ ڪري هر سرمايه دار جي اک، هن ۾ هئي، ڇاڪاڻ ته هن جو ڪوبه ٻڌڻ وارو يا مددگار ڪونه هو، سواءِ غريبن جي. هڪ پوڙهي غريب، جنهن مريم کي پناهه ڏني، اهو چوي ٿو:

”هو احسان فراموش نه هو. هو مريم جي مٿي تان پنهنجو ڏڪندڙ هٿ ڦيري چوڻ لڳو... ڌيءَ تون ڪوبه فڪر نه ڪر؛ ٺيڪ آهي ته آءٌ غريب آهيان ۽ ٻڍو آهيان، ليڪن منهنجي نس نس ۾ تنهنجي مرهياتي پيءُ جا ٽڪر آهن! جيڪڏهن تو سان ڪنهن به حرڪت ڪئي ته هن ڳوٺ کي باهه لڳائي ڇڏيندس! تون هڪ پرديسيءَ جي نشاني آهين. ٻڍڙي چيو ته، تون منهنجي ڌيءَ آهين. هي تنهنجو ئي گهر آهي. هن گهر جي هر چيز تنهنجي آهي.“(16)

انهيءَ ڪان پوءِ هوءَ ڪن سببن جي ڪري اُتان به نڪتي ۽ ٻن عورتن جي هٿ آئي. اهي ٻئي عورتون شهر جون مشهور معروف طوائفون هيون. اهي به عورتون هيون. انهيءَ ڪري مريم جي لاءِ هنن جي دل ۾ محبت ۽ رحم هو. مريم هنن کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي چوي ٿي:

”منهنجي ڪهاڻي به مظلومن جي ڪهاڻين وانگر آهي. اسان جهڙيون غريب ڇوڪريون، زميندارن ۽ سرمايه دارن لاءِ کيل ۽ راند جو سامان آهن... اسان جي عزت ۽ عصمت انهن لاءِ هڪ معمولي شيءِ آهي... مان به انهن وانگر هڪ غريب آهيان، جيڪي روزانه تونگرن جي چارن ۾ ڦاسجن ٿيون؛ آءٌ به گهڻن جي نظرن ۾ اچي ويس. هن حسن ۽ جوانيءَ مون کي به برباد ڪيو آهي. جيستائين ٻالڪ هيس تيستائين آزاد هيس، جواني آئي ته مون لاءِ غمن جا پهاڙ ڪٽي آئي. ماءُ وئي ۽ پاءُ پڙهڻ لاءِ گهر ڇڏي ويو. مان بي يارو مددگار رهجي ويس. ٻالڪپڻ ۾ ڪنهن کي منهنجي مدد ڪرڻ جو خيال ڪونه هو، جواني آئي ته سوين مون کي مدد ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ آيا. هر ڪو مون ڏانهن مدد جو هٿ ٻگهيرڻ لڳو.“(17)

ان ڪان پوءِ هوءَ انهن طوائفن وٽ رهڻ لڳي. اهي طوائفون به زماني جي ستايل عورتن مان هيون. اُهي پنهنجو قصو بيان ڪندي ٻڌائين ٿيون ته:

”ڀيڻ! توکي شايد اِها خبر ناهي ته اسين ڪير آهيون. توکي جڏهن اسان جي حال جي خبر پوندي، تڏهن تون اسان کان نفرت ڪنديئين ۽ حقارت به! ليڪن اسين به عورتون آهيون. اسان جي جسم ۾ به رب پاڪ دل رکي آهي، جا محبت جو مرڪز آهي، جنهن ۾ هميشه محبت جو قطرو رهي ٿو. اسان توکي اڪيلو ڏسي، پنهنجو فرض سمجهيو ته هڪ مظلوم عورت جي مدد ڪريون. اهڙي بيگاهه وقت ۾ عورت ئي عورت جي مدد نه ڪندي ته ٻيو ڪير



ڪندو؟“(18)

”اسين به ڪنهن وقت تو وانگر ڏکن ۽ سورن جي سٺن کي نه ڄهلڻ سبب، گهر ڇڏي ٻي گهر ٿيونسين. انهن ئي تونگرن، اسان ڏي لالچي نظرن سان ٿي نهاريو... ليڪن اسين هڪ اهڙي هنڌ اچي پهتيونسين، جت اهي ظالم زميندار ۽ سرمايه دار سيٺيا، هيمشه لاءِ غلام هوندا آهن؛ جنهن هنڌ هلي هلي، انهن جي جتين جا ترا به گسي وڃن ٿا. غريب هارين ۽ مسڪينن کي پيڙڻ ۽ انهن جو خون چوُسڻ ڪان پوءِ، جيڪو سرمايو انهن کي هٿ اچي ٿو، سو اسين هڪ اشاري سان انهن کان ڪسيو وٺون.“(19)

اهي طوائفون، جيڪي طوائف خاني ۾ رهن ٿيون ۽ جيڪي سرمايه دار انهن تي ظلم ۽ قهر ڪندا رهن ٿا، انهن (سرمائيدارن) کان هو ڪهڙيءَ ريت بدلا وٺن ٿيون، انهن سڀني جو ذڪر اهي (طوائفون) نهايت ئي طريقي سان بيان ڪن ٿيون. مثلاً هو چون ٿيون ته:

”اسان جي هنن هٿن کي پڪڙڻ لاءِ، اهي، هزارين روپيا قربان ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ليڪن ائين نٿا سمجهن ته اهي ئي هٿ ڪنهن وقت سندن گلو ڪپيندا. اسان جي لال لبن جي مسڪراهٽ تي هو قربان پيا ٿيندا آهن. هو نفس جي دام ۾ قيد ٿي، اسان جي قمر ۾ هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ليڪن اسين اهڙن تونگرن ۽ ظالمن لاءِ ڪامياب نسخا استعمال ڪنديون آهيون. اهڙن ظالم زميندارن جون مُڇون اسان جي هٿن ۾ هونديون آهن. مصنوعي محبت جي دام ۾ انهن کي ڦاسائي، شراب جو هڪ پيالو کين پياري، نشي جي حالت ۾ کين مدهوش ڪري، انهنجي کيسن جي تلاشي ڪان پوءِ، اسين هنن کي پنهنجن گهرن جي دروازي تان ڌڪا ڏيو هٽايو ڇڏيون... اسين ٻاهر مرليءَ مثل آهيون، پر اندر ۾ ڪاريهر نانگ مثل!“(20)

پر مريم هتان به نڪري ٿي ۽ ڌڪا ٿاٻا ڪائيندي، هڪ يتيم خاني ۾ اچي، پناهه ٿي وٺي. هن يتيم خاني ۾ يتيم ڇوڪرين کي علم ۽ هنر جي سکيا ڏني ويندي ئي، ليڪن هڪ ڏائڻ عورت هتي جي انچارج هئي. هوءَ به نوجوان نياڻين جي عصمت، سرمايه دارن جي حوالي ڪندي هئي. جنهن بورڊ جي هٿ هيٺ هي يتيم خانو هو، ان جي ميمبرن لاءِ هي يتيم خانو، هڪ محفل خانو هو. انهيءَ يتيم خاني ۾ جتي يتيم ۽ مجبور نياڻين کي پناهه ڏني ويندي هئي، انهيءَ جي حالت جو بيان هن ريت ڪيل آهي:

”هي جڳهه يتيم خانو هئي جنهن ۾ ڇوڪرين کي علم ۽ هنر جي سکيا ڏني ويندي هئي. هتي نوجوان نياڻين جي عصمت، سرمايه دارن جي حواليِ ڪئي ويندي هئي. پيسي جي لالچ ۾ اها بدڪار عورت، ڇوڪرين جي مجبوريءَ جي حالت جو وجهه وٺي، شهري بدمعاشن جي خوف ۽ سرمايه دارن جي

ظلم جي ڏپ کان، اهي يتيم عورتون، انهن بدمعاشن جي حوالي ڪندي هئي، ۽ اهي يتيم عورتون پنهنجي عصمت، برباد ڪرائيندي خاموش رهنديون هيون. اگر ڪنهن نفس پرست ظالم کي، ڪوبه شخص اُن يتيم خاني اندران نڪرندي ڏسندو هو ته اهڙن ماڻهن لاءِ چيو ويندو هو ته، هي مدد ڏيڻ لاءِ آيا آهن.“(21)

هن ئي ناول ۾ صفحي 107 تي هن يتيم خاني جي باري ۾ هن ريت تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي:

”هتي وڏا وڏا نفس پرست انسان، پنهنجي نفس جي تمنا پوري ڪرڻ لاءِ، ڪن معصوم نياڻين جي عزت لٽيندا هوندا. اهي يتيم گهر، اهڙين معصوم ڇوڪرين جي ڪهاڻين جو هڪ ڪتب خانو آهن، جتي روزانه نوان نوان ڪيل ڪيڏيا ويندا هوندا. اهي فرد جيڪي پاڻ کي صاحب سرزمين سمجهندا هوندا، جيڪي وڏا وڏا وعدا ڪري پاڻ کي معزز ۽ قوم جا ٺيڪا سمجهن ٿا، تن لاءِ هي گهرَ، عياشيءَ ۽ عيش جا گهر آهن. اهڙيون نگهبان عورتون نئين مکڙين کي ڦاسائي، انهن جي جواني، شاهوڪارن کان برباد ڪرائين ٿيون.“(22)

جڏهن مريم هر هنڌ ۽ هر جاءِ تي اهائي حالت ڏٺي، تڏهن محسوس ڪيائين ته ملڪ ۾ ڪٿي به شريف، يتيم ۽ غريب نياڻين جي عزت جو تحفظ ڪونهي، بلڪ هرڪو انهن ۾ لالچي نظرون رکندو آهي، پوءِ آخر هوءَ پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ، انهيءَ طوائفه خاني ۾ واپس وڃي ٿي ۽ ناچ گانو سکي ٿي.

هن ناول ۾، ڊاڪٽر الانا اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته غريب جي دانهن، غريب جون آهون ۽ فرياد، صرف غريب ئي ٻڌي سگهي ٿو. اهو ئي هنن جي مدد ڪري سگهي ٿو، جيئن پاڻ هن ناول جي مقدمي ۾، ناول جي پلاٽ جي باري ۾ لکندي ٻڌائين ٿا ته:

”هڪ مڪان جي ڪنڊ وٽ هڪ فقير، رت جي تلاءُ ۾ تڙپي ۽ مدد لاءِ واجهائي رهيو آهي. ڳالهه دماغ ۾ ويٺي ته انهيءَ موٽر جي بريڪن جو آواز، فقير جي موت جو باعث هو، ۽ ڊرائيور پنهنجي بچاءُ ۾ بتيون گل ڪري، ماڻهن جي نظرن کان فرار ٿيڻ ٿي چاهيو، هتي فقط اهو ڏيکارڻو هو ته ان بي ڪفن فقير جي چيخ ۽ پڪار، ڪنهن به امير کي خواب مان بيدار نه ڪري سگهي.“(23)

پاڻ اڳتي لکن ٿا ته، هي ناول هن اخلاقي نقطي جي لحاظ کان لکيو ويو آهي ته:

”اسان کي هڪ نقطو ياد رکڻ کپي ته قوم جي ترقي يا بهبودي، شاهوڪار شاهيءَ کي همٿائڻ تي منحصر ڪانهي، پر فقط قوم جي انهن بي اجهن فردن تي، جيڪي ڪم جي وقت هر ۽ نار وهائي، خون ۽ پسينو هڪ ڪري،



اناج پيدا ڪن ٿا، ۽ سرمائيدارن جا پيٽ ٿا ڀرين ۽ جنگ جي وقت انهيءَ نار کي تلوار جي صورت ۾ بدلائي، دشمنن سان مقابلو ٿا ڪن.“(24)

اُهي سرمائيدار، غريب کي هميشه غريب ڏسڻ چاهين ٿا. اهي ڪڏهن به نٿا چاهين ته غريب علم حاصل ڪري يا ترقي ڪري ۽ سندن مدِمقابل ٿئي. مثلاً: صفحي 22 تي لکيل آهي:

”ڳوٺ جا تونگر ۽ سرمائيدار نٿا چاهين ته مان، هڪ رن زال جو ٻار پڙهي، پنهنجي ڳوٺ ۾ غريب ٻارن جي چاڪري ڪريان. پئسي وارا چاهين ٿا ته جيئن سندن ٻار جوا ڪرڻ ۽ سوُٽا هڻڻ ۾ ڪانئن به وڌيڪ هوشيار آهن، تيئن آءٌ به اهڙو ٿيان ۽ سندن غلامي ڪريان؛ بدمعاشيءَ ۽ آواره گردي، اهڙن پئسي وارن جو خاص ڪم آهي. هو نٿا چاهين ته ڳوٺ جو ڪو غريب سڌري. هو سمجهن ٿا ته سڀ انهن وانگر خوش آهن. هنن جي اها مرضي آهي ته غريب ڪڙمي ۽ ڳوٺاڻا، سڄي زندگي سندن غلاميءَ ۾ گذارين، انهن جي اها تمنا آهي ته ڳوٺ جو ڪو اهڙو فرد نه هجي، جو سندن پول پڌرا ڪري، سندن چالبازيون ۽ ڪڌا ڪرتوت عالم آشڪار ڪري. هو غريبن جي عصمتن سان هٿ چراند ڪرڻ ۾ فخر سمجهن ٿا.“(25)

انهن ئي سرمائيدارن جي ڪڌن ڪرتوتن کي ظاهر ڪندي، مصنف صفحي 26 تي هن ريت لکيو آهي:

”شراب، ڪباب، تتر ۽ چيلن جون سيخون تيار رهن ٿيون، ڪڪڙن جي ويڙهه جو وقت مقرر هوندو آهي؛ شڪار جو اسباب موجود رکيو ويندو آهي. انهن جي ڪتن کي، اسان غريبن کان به وڌيڪ عزت ملي ٿي. رات ٿي نه آهي، طوائف جو راڳ شروع ٿيو نه آهي. نخريلي نانگڻ، ناز ۽ نخري سان رئيس کي ريجهائي، هزارين روپيا روزانه ڪٺي ويندي آهي، هوڏانهن غريب هاريءَ وٽ پنج روپيا به ڪين هوندا، بدن کي زور ڏيڻ لاءِ وٽن هڪ واهي موجود هوندو. مطلب ته غريبن جو رت چوسي، هي ظالم زميندار خوب موجون وٺن ٿا. عيش عشرت لاءِ غريب مسڪين جي عورت يا نياڻي، زوري گهرائي وئي هوندي، اگر هو ڪا چون چران ڪندو ته ڪيس جيل جي چوديواريءَ ۾ اڇلائڻو پوندو.“(26)

هن ناول ۾ رشيد جيڪو زميندار جو پٽ آهي، ان جي ڪردار جي عڪاسي، هن ريت ڪئي وئي آهي:

”رشيد جيئن ته زميندار جو پٽ هو ۽ شوقين به هو. ڪشميري ڪوٽ ۽ پتلون، اوچو بوٽ ۽ سگريٽ جو دٻو هٿ ۾، سوٽا هڻندو، هيڏي هوڏي نهاريندو وڃي رهيو هو. سندس پاسي ۾ اڇي پاجامي ۽ قميص سان، سادو بوٽ پهريل هڪ غريب، عباس نالي شاگرد، هٿ مهٽي ڪجهه سوچي رهيو

هو.“(27)

هن ناول ۾، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جتي انهن وڏيرن ۽ زميندارن جي ڪڌن ڪرتوتن کي بيان ڪيو آهي، اتي ڪن نيڪ، رحمدل، شريف ۽ قوميت جو درد رکندڙ ماڻهن جي ڪردار جي به عڪاسي ڪئي آهي. مثلاً: عباس جي پيءُ جي لاءِ هيئن لکيو اٿن:

”عباس.... ڪاش اهو زمانو موٽي اچي، جڏهن تنهنجو پيءُ هن زمين تي وارد ٿيو هو. هو کهڙو نه ايماندار ۽ شريف ماڻهو هو. رلڻو ملڻو ۽ خوش مزاج به هڪ ئي هو. هتان مسافر به لنگهندي ڊڄندا هئا. هتي بگهڙن ۽ ٻين جانورن جو خوف هوندو هو. اهو تنهنجو والد ئي هو، جنهن هن برباد بيابان کي، خيابان جي صورت ۾ آندو. تنهنجي پيءُ ئي هن ويران زمين کي، بستيءَ ۾ بدلايو؛ پنهنجي ڪيسي مان هزارين روپيا ڏيئي، دور دور مفاصلي تان غريبن کي گهرائي، زمين تي آباد ڪرايائين. انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ٿي ڪيائين.“(28)

ڊاڪٽر الانا صاحب جو هي ناول سنڌي سماج جي هڪ سچي ۽ حقيقي تصوير آهي. هن ۾ سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ ظلمن۽ ناانصافين جي عڪاسي ڪيل آهي. هونئن ته اسان جي سنڌي سماج ۾ نياڻيءَ کي ست قرآن سمجهيو ويندو آهي، انهيءَ نياڻيءَ جي در تي اچڻ سان خون به معاف ڪيا ويندا آهن، پر اها ساڳي نياڻي جيڪڏهن غريب، يتيم ۽ بي سهارا آهي ته هرڪو ان جي خوبصورتي ۽ جوانيءَ تي اک رکندو آهي. ان کي ڪوبه پناهه ڏيڻ وارو ڪونه هوندو آهي. ان کي ڪوبه اپنائڻ وارو يا مٿي تي هٿ رکڻ وارو ڪونه ملندو آهي. انهيءَ ئي نياڻيءَ کي در در جي ٺوڪرن کائڻ لاءِ دربدر ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر الانا صاحب هن ناول ۾، صفحي 24 تي هن د وَر جي نوجوانن کي نصيحت ڪندي لکي ٿو ته:

”توهين انهن خود غرض انسانن کان دوُر رهو ۽ انهن سان نفرت ڪريو، جيڪي جهالت جي ڪري اسان کي، جانورن کان بدتر سمجهن ٿا ۽ غريبن جو خون وهائين ٿا؛ پاڻ لذيذ ۽ خوشبودار طعام کائي، فرحت ۽ مزي واري ننڊ ڪن ٿا، ليڪن غريب ڪڙمين ۽ مزورن جا ٻار بک ۽ پياس ۾ پاهه ٿيندي، چلهين ڏي تڪيندي، آخر بنا کائڻ پيئڻ جي زمين تي سمهي پون ٿا. انهن جون غريب مائرون، اکين مان نير وهائيندي،انهن جون پٺيون ٺپريندي، خشڪ گلي مان لولي ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اها آهي اوهان جي حالت! ڇا اوهين سمجهو ٿا ته سچي زندگي اوهان جي اهائي حالت رهندي؟ انهيءَ ڪري اهڙين حالتن کان ٻاهر نڪرڻ جو حال اهو ئي آهي ته، تعليم حاصل ڪريو، محنت ڪريو ۽ وڏا مرتبا ماڻيو.“(29)



ڊاڪٽر الانا صاحب جي هن ناول جو مقصد به اهوئي آهي، جيئن عباس علم حاصل ڪري رتبو ماڻيو. اهڙيءَ طرح، هر هاريءَ جو ٻار، هر غريب جو ٻار، هر يتيم ۽ هر رن زال جو اولاد، علم حاصل ڪري، پنهنجي خاندان، پنهنجيءَ قوم ۽ پنهنجي سماج کي انهن براين ۽ ظلمن کان آجو ڪري سگهي ٿو.

سندس هي ناول جيئن ته سماجي ناول آهي، انهيءَ ڪري هن ۾ جيڪي ڪردار آيل آهن. جيڪا ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. ان جا سڀ ڪردار هن سماج جا ئي آهن. سندن هن ناول جي خاص خوبي منظر نگاري ۽ اسلوب بيان آهي. مثلاً صفحي پهرئين تي لکيل آهي:

”چوڌاري سناٽو ڇانيل هو. خاموشي هر هڪ دائري ۾ ڏاڪو ڄمايو هو. سڪون جو سايو ڪائنات کي قيد ڪري چڪو هو، ٿوريءَ ٿوريءَ مدت کان پوءِ ڪتن جا دل ڏاريندڙ آواز، واٽهڙن جي دلين کي بستيءَ جو ڀيانڪ نظارو ڀڏائي رهيا هئا. رکي رکي هوا جي جنبش کان خس و خاشاڪ ۾ چرپر ٿي ٿي، ۽ هو تحرڪ ۾ اچي لڏي رهيا هئا. جهوپڙي پڻ انهيءَ لرزش جي اثر کان، هوا کي پنهنجيءَ حالت کان واقف ڪري رهي هئي، ۽ منجهس رهندڙ ماڻهن جي دلين کي شادگي ۽ مسرت جو پيغام ڏيئي رهي هئي. ظلمت ۽ تاريڪيءَ جي جبري جن سان وڙهي، روشنيءَ جي راهه تڪي رهي هئي. غريبن جو محلات، بيوس ۽ بيڪس ماڻهن جو قلعو اهو ئي هو، جنهن ۾ هو اگهور خواب جي خيال ۾ محو هئا، ۽ دنيا کي سلام ڪري سمهي پيا هئا.“(30)

مقصد ته سندن هن ناول جي جائزي وٺڻ کان پوءِ اهو واضح ٿئي ٿو ته پلاٽ، ڪهاڻي، ڪردار، سيرت نگاري ۽ اسلوب، طرز تحرير، منظرنگاريءَ وغيره جي لحاظ کان هي هڪ ڪامياب ناول چئي سگهجي ٿو.

## ببليوگرافي


1. قيمت، هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ساهتيه جي اوسر، ڀوپال، 1992ع
2. جوڻيجو، عبدالجبار: ماهوار نئين زندگي، انفارميشن ڊپارٽمينٽ آف پاڪستان 1993ع
3. ايضاً
4. ايضاً
5. ايضاً
6. ميمڻ، عبدالغفور سنڌي: سنڌي ادبي شخصيتون، 1990ع
7. پريم، هدايت، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جا محقق سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد 1996ع
8. ڊي-ڪي- منشاراماڻي: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، 1995ع
9. محمد بخش جوهر: ’لاش‘ مقدمو 1953ع

10. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: لاش (ناول)، حيدرآباد، آر-ايچ-احمد ائنڊ برادرس، 1953ع
11. ايضاً
12. ايضاً
13. ايضاً
14. ايضاً
15. ايضاً
16. ايضاً
17. ايضاً
18. ايضاً
19. ايضاً
20. ايضاً
21. ايضاً
22. ايضاً
23. ايضاً
24. ايضاً
25. ايضاً
26. ايضاً
27. ايضاً
28. ايضاً
29. ايضاً
30. ايضاً



## غلام نبي مغل

(**تعارف:** غلام نبي مغل سنڌ جو هڪ ڄاتل سڃاتل، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. هو ڪيتري عرصي کان لکندو ٿو اچي. هن جي فن ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ نکار ايندو وڃي ٿو. سنس ڪهاڻين ۾ ناولن ۾ جيڪا پختگي نظر اچي ٿي، اها سپاويڪ آهي.

غلام نبي مغل 12 مارچ، 1946ع تي، حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. سندس پرائمري تعليم اي-ٿي هوپفل اسڪول ۾ ٿي، ۽ مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان، 1962ع ۾ ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ هن گرئجوئيشن سچل سرمست ڪاليج مان، 1966ع ۾ ڪئي. 1989ع ۾ ايل-ايل بي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ هن ايم-اي انٽرنئشنل رليشنز ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1990ع ۾ ڪئي. هو لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ جي عهدي تي فائز رهيو.

مغل صاحب کي لکڻ پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق آهي. انهيءَ ڪري هن وقت تائين، نوڪريءَ جي وقت کان فارغ وقت، لکڻ ۾ صرف ڪندو هو. سندس پهرين ڪهاڻي، 1960ع ۾ روح رهاڻ رسالي ۾ ’ٽِر‘ جي عنوان سان شايع ٿي. انهيءَ کان پوءِ پاڻ ڪهاڻيون لکندو رهيو. 1964ع ۾ سنس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ’نئون شهر‘ شايع ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سندس ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو ’رات جا نيڻ‘ 1969ع ۾ شايع ٿيو. 1979ع ۾ سندس ڪهاڻين جون ٽيون مجموعو شايع ٿيو. سندس انهيءَ مجموعي کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان انعام پڻ مليو هو. 1989ع ۾ سندس هڪ ٻيو مجموعو ’سٺ، ستر، اسي‘ نالي سان شايع ٿيو.

غلام نبي مغل جي لاءِ اعزاز جي ڳالهه اها آهي ته ڀارت ۾ سنڌي ليکڪ، حشو ڪيولراماڻيءَ، ڪهاڻين جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري 'Sindhi Short Stories' جي نالي سان، 1964ع ۾ شايع ڪرايو. انهيءَ ڪتاب ۾ سڀني ڀارتي ليکڪن جون ڪهاڻيون به شامل هيون ۽ سنڌ مان صرف چئن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون شامل هيون، انهن ۾ شيخ اياز جهڙي سينيئر ڪهاڻيڪار سان گڏ، غلام نبي مغل، جيڪو ان وقت بلڪل جونيئر ليکڪ هو، اُن جي ڪهاڻي، ’شيشي جو گهر‘ (Glass house) نالي سان ترجمو ڪئي وَئي، جيڪا ڀارت ۾ تمام گهڻي پسند ڪئي وئي. انهيءَ ڪتاب مان سندس اعليٰ فني صلاحيت جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.

انهيءَ کان علاوه مغل صاحب جو هڪ ناول ’اوڙاهه‘، 1994ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي، ۽ سندس ٻيو ناول به هاڻي جلد ئي شايع ٿيڻ وارو آهي. مغل صاحب جي افسانن ۽ ناولن جي موضوعن ۽ جدت نواڻ کي اپنايو آهي.

سندس انهيءَ ناول جي ٽيڪنڪ تي سنڌيءَ ۾ بئي ڪنهن به ليکڪ اجا لکيو ئي نه آهي. غلام نبي مغل جي افسانن ۾ ڪيترائي موضوع پيش ڪيل آهن. هن سنڌي جيوت جي ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جي مسئلن، شهري زندگيءَ جي اوچي طبقي جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي. هي (غلام نبي) پهريون سنڌي اديب آهي، جنهن جنسياتي مسئلن تي به لکيو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي، غلام نبي مغل جي موضوعن جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

”غلام نبي مغل وٽ شهري زندگيءَ جي پيچيدگين وارو انوکو موضوع آهي، جيڪو هن جي شهري زندگيءَ جي اونهي مشاهدي توڙي اپياس جي شاهدي ٿو ڏي. هو شهري زندگيءَ جي مسئلن ۽ شهر جي ڪردارن جون پيچيدگيون، توڙي زير زمين زندگيءَ جي منهن تان اصلي نقاب لاهي، ان جو اصلي چهرو پيش ڪيو آهي. انهن ۾ وطن پرستي ۽ انسان دوستيءَ جا اعليٰ قدر موجود آهن. سندس ڪردار به شهري زندگيءَ جي وچولي توڙي هيٺين طبقي مان ڪنيل آهن.“(1)

غلام نبي مغل جي لکڻين جا موضوع نوان آهن. انهيءَ ڪري انهن مان هڪ جهڙو تاثر ڪونه ٿو ملي. هن انساني حياتيءَ جي مختلف پهلوئن کي چونڊي، انهن کي حقيقي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

غلام نبي مغل صاحب جون لکڻيون ڪٿي سماجي فرق ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿيون ته ڪٿي وري مذهبي ۽ معاشي پراڻن قدرن جي ڪوڪلائپ تي به حملو ڪن ٿيون، ڇو جو اُهي نون سماجي تقاضائن جي ڏس ۾ رنڊڪ ٿا پيدا ڪن.

غلام نبي مغل جي لکڻين مان معلوم ٿو ٿئي ته، هن سماج ۾ حقيقت کي صداقت ۽ بيباڪيءَ سان پيش ڪيو آهي. هن زندگيءَ جي قدرن کي پرکيو آهي ۽ رات جي تاريڪين ۾ ٿيندڙ وارداتن کي ظاهر ڪيو آهي. هن زندگيءَ کي اصلي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هن زندگيءَ جي واقعن ۽ ڪردارن جي حقيقي ۽ فڪري جذبن جي عڪاسي ڪئي آهي. سندس لکڻين ۾ زندگيءَ جي حقيقت، سٺائيءَ، برائيءَ، پستيءَ، بلنديءَ، ڪمزوريءَ، تصادم ۽ ڪشمڪش وغيره کي پيش ڪري ٿو. هن زندگيءَ جي انهن ڪنڊن ۽ پاسن تي روشني وجهي، ظاهر ڪيو آهي، جيڪي هرڪو ڏسڻ نه چاهيندو آهي. هن ڪرنڊڙ ۽ نظرانداز ٿيل شين کي به لازوال حسن ڏيئي پيش ڪيو آهي. هن اهو سڀ ڪجهه پنهنجين لکڻين ۾ ڏيکاريو آهي، جيڪو اسان جي پنهنجين زندگين ۾، اسان جي پنهنجي معاشري ۾، ۽ اسان جي پنهنجي سوسائٽيءَ ۾، عام نظر ايندو آهي. هو پنهنجين لکڻين ۾ انهن سڀني مسئلن کي اهڙيءَ طرح ته پيش ڪري ٿو جو هرڪو ان ۾ دلچسپي وٺي ٿو. اهو ئي فنڪار جو ڪمال آهي).



غلام نبي مغل سنڌيءَ ۾ 'اوڙاهه' جي عنوان سان ناول به لکيو آهي. هيٺ سندس اُن ناول تي تبصرو ڪجي ٿو:

**اوڙاهه:**

غلام نبي مغل جو هي پهريون ناول آهي، جيڪو نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد 1994ع ۾، شايع ڪيو هو. هي ناول سنڌي اديب، طارق اشرف مرحوم، ڏانهن منسوب ڪيل آهي، جنهن، سنڌي ادب جي هر دور ۾ ۽ هر حالت ۾ خدمت ڪئي هئي.

هي ناول تاريخي واقعن تي ٻڌل ۽ افسانوي انداز ۾ پيش ڪيل آهي. هن ناول جو خاص موضوع، سنڌي قوم ۾ هميشه وچولي طبقي جي کوٽ هجڻ آهي. ڪنهن به قوم ۾ وچولي طبقي جو هجڻ ضرور آهي. سنڌي قوم ۾ اهو ڇو ڪونهي ۽ اهو ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو، انهن سوالن جا جواب هن ناول ۾ ڏنل آهن. ناول جو مصنف خود لکي ٿو ته:

”هر غاصب قوم، سنڌ جي شهري آباديءَ کي نهس نهس ڪري، باقي بچيلن کي، جهنگ منهن ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. نتيجي طور نئون پيدا ٿيندڙ وچولو طبقو هميشه غير سنڌين جو رهيو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي آبادي هميشه ڪان واضح طور تي شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي ويچي ۾ ورهايل رهي.“(2)

هو اڳتي سنڌ جي انهيءَ طبقاتي فرق بابت لکي ٿو ته:

ناول 'اوڙاهه'، انهيءَ سموري تاريخي جاکوڙ بابت آهي، جنهن ۾ ساڍن چار سؤ سالن جي تاريخ کي، سوشيو-پوليٽيڪل (Socio-Political) حوالي سان پيش ڪيو ويو آهي، ۽ سنڌ جي سورُن ۽ ڏکن جو ڪارڻ به اهوئي آهي ته شهري وچولو طبقو ۽ شهري هيٺيون طبقو وجود ۾ رهيو ئي ناهي. مٿئين طبقي (اميرن ۽ سردارن جي طبقي) هميشه ڌارين توڙي پنهنجن حاڪمن سان سندن چڱمڙسي بچائڻ لاءِ سودا ڪيا آهن.“(3)

هي ناول پنجاهه حصن يا بابن ۾ ورهايل آهي. هن ناول جي شروعات، آخري دور يعني موجوده دور جي حالتن کان ٿئي ٿي ۽ وري ماضيءَ ڏانهن وڃي ٿي، آخر ۾ وري موجوده دور تي ئي ختم ٿئي ٿي. تقريباً چار سؤ سالن جي حالات جي عڪاسي ڪيل آهي، حالانڪ ايڏي وڏي تاريخ جي حصي کي ناول ۾ سمائڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي.

سنڌ جي هڪ عظيم حڪمران، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، ان حقيقت کي محسوس ڪندي، حيدرآباد جو شهر اڏائڻ مهل، خالص سنڌي وچولي طبقي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو ڪامياب ويو. هن ڌارين جي

ڪاهن جو خيال رکندي، حيدرآباد شهر ۾ قلعو به تعمير ڪرايو. حيدرآباد شهر جي ترقي ٽالپرن جي د وُر ۾ به ٿيندي رهي. البت ٽالپرن جي د وُر ۾ سنڌي هندو، سچي واپار تي حاوي پئجي ويا. ٿلهي ليکي سنڌي قوم جو وچولو طبقو هندن تي ئي مشتمل هو. ٽالپرن جي د وُر ۾، مذهبي نفرتون وڌڻ ڪري، ۽ حڪمرانن پاران ان ڪي صحيح طريقي سان حل نه ڪرڻ ڪري، مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ ڪجهه چڪتاڻ رهي، هندو آبادي، حڪمرانن ڪان ان سبب جي ڪري ئي ناراض هئي، پر بنيادي طرح هو سڀ سنڌي هئا، تنهن ڪري انهن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي ترقيءَ جو اُونو هوندو هو، پر بعد ۾ برصغير جي سياسي حالتن جي ڪري، اهي ويچا، ايترا ته وڌي ويا جو آخر ورهاڱي ڪان پوءِ، هندن جي اڪثريت ڪي، سنڌ ڇڏڻي پيئي، ۽ هڪ دفعو وري سنڌ وچولي طبقي ڪان خالي ٿي وئي. هندن جي جاءِ، جن هندستاني مسلمانن اچي پري، سي اڄ تائين نه صرف سنڌ ۽ سنڌين سان سچا نه ٿي سگهيا آهن، پر هر دؤر ۾ سنڌ ۽ سنڌي دشمن سازشن ۾ شريڪ رهيا آهن، ۽ سندن هٿ، سنڌين جي رت سان رڱيل رهيا آهن. انهن سببن جي ڪري ئي باقي بچيل سنڌي شهري وچولي طبقي ڪي، شهر ڇڏڻا پيا.

پر هن دفعي معاملو سنڌين جي وجود ۽ بقا جو هو، تنهن ڪري هن پيري گهبرائجي جهنگ منهن ڪرڻ بدران، هنن حيدرآباد ڪان ٻاهر، نئين سنڌي وسندي، قاسم آباد قائم ڪئي، جيڪا هاڻ سنڌي وچولي طبقي جو اهڃاڻ بڻجي چڪي آهي.

هن ناول ۾ غلام نبي مغل پنهنجن ڪردارن جي وچ ۾، ٻگهن مڪالمن جي مدد سان، سمن حاڪمن جي آخري دؤر (1351ع ڪان 1521ع) تائين اڄ جي سموري سنڌي سماج، پچ ڏاهه، هلچلءِ انهن جي ڪارڻن جو نهايت ئي ڀرپور انداز ۾ تجزيو پيش ڪيو آهي. هتي هن ناول جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

**ناول جا ڪردار:**

هن ناول ۾ ڪجهه تاريخي ۽ ڪجهه افسانوي ڪردار ڏيکاريا ويا آهن. تاريخي ڪردارن ۾ ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن، ٽالپرن، انگريزنءِ موجوده دؤر جا حاڪم اهلڪار، اديب ۽ دانشور شامل آهن، ۽ افسانوي ڪردارن جو تعلق ڪجهه خاص خاندانن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ فردن سان آهي، جن جو تسلسل انهن جي اولاد جي شڪل ۾ سمن جي دؤر ڪان وٺي، موجوده دؤر تائين ڏيکاريو ويو آهي. مثال طور: ارغونن جي دؤر ۾ پوڙهو احمد بخش سمو ڏيکاريل آهي، جيڪو ارغونن جي ظلمن جو اکين ڏٺو شاهد آهي. ان (احمد بخش) جو پٽ علي بخش آهي، جيڪو مرزا عيسيٰ خان



ترخان جي فوج ۾ آهي، يا احمد بخش جو پائٽيو سائينداد، جيڪو مزاحمتي جنگ جو شهيد ڏيکاريو ويو آهي. ان ڪان سواءِ محمود جت آهي، جيڪو مرزا صالح، يعني مرزا عيسيٰ جي يقيني جاءِ نشين ڪي قتل ڪري ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح ابراهيم، سارنگ جو ڪردار آهي، جيڪو ترقي پسند ۽ سلجهيل عالم جي روپ ۾، نوجوان سنڌي شاگردن جي تربيت ڪري ٿو، ۽ آخرڪار ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي ٿو. ان ڪان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ڪردار آهن، جيڪي جيتوڻيڪ ٿوري دير منظر تي رهن ٿا، پر اهي به اهميت رکن ٿا. مٿي ذڪر ڪيل سائينداد جي پوٽي (سائينداد جو مغل دؤر ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي) ۽ سندس خاندان جي حالت زار بيان ڪئي وئي آهي.

مغل دؤر ڪان، ايراني نسل جو قاضي خاندان، ناول ۾ داخل ٿئي ٿو، جنهن ڪي صرف انهيءَ مرزا يوسف خان هٿان دربدر ٿيڻو پيو، جو ان خاندان جي هڪ نوجوان، قاضي عبدالهاديءَ، پاڻ ڪي سنڌي سمجهڻ ۽ سنڌين سان همدردي ڪرڻ شروع ڪئي هئي. هن خاندان جو نسل جڏهن ٽالپر دؤر تائين پهچي ٿو ته، معاشي بدحالي سندس نصيب ۾ لکيل نظر اچي ٿي، ۽ علمي خاندان جو فرد وقت جون نوڪرون ڪائي، اڻ پڙهيل رهجي ٿا وڃن، پر آخر اهي علم جي اهميت سڃاڻي ٿا وڃن، ۽ وڃي پنهنجو وڃايل مقام هٿ ڪن ٿا.

انگريزن جي دؤر ۾ به، مٿئين خاندان ڪان سواءِ ڪيترائي هندو ۽ مسلمان سنڌي فرد ۽ خاندان نظرن اچن ٿا، جهڙوڪ: هيرآباد جي عامل خاندان مان هيرانند، جيڪو ورهاڱي ڪان پوءِ پهرين هندستان هليو ٿو وڃي، سندس ناٺي جڳت، جيڪو ڪنهن به طرح، پنهنجي ديس جي مٽيءَ سان ناتو ٽوڙڻ لاءِ تيار نه هو. هو سنڌ ۾ ئي پنهنجي ترقي پسند دوستن سان رهيو، ۽ آخرڪار لساني فسادن ۾، پنهنجي هڪ اردو ڳالهائيندڙ شاگرد هٿان مارجي ويو. موجوده دؤر ۾ قاضي عبدالهاديءَ جي نسل مان قاضي عبدالهادي ۽ سندس پاڙيجو محمد بخش بلوچ وغيره شامل آهن، جن ڪي خاص اهميت حاصل آهي.

موجوده دؤر ۾ ئي اُستو علي محمد سومرو، به پنهنجي خاندان سميت ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جا پٽ ۽ ناٺي وڏا آفيسر آهن، ۽ پاڻ به هڪ وڏي عهدي تان رٽائر ٿيل آهي. اهي سڀ ڪردار، وچئين طبقي سان تعلق رکن ٿا. هن خاندان سان ويجهو، احمد بخش به اهم ڪردار آهي، جيڪو سنڌي سماجي زندگيءَ جو هڪ متاثر فرد آهي، ۽ پنهنجي پاڃائيءَ سان شادي ڪرڻ تي مجبور ٿيو هو. هن ڪي سياست ڪندي به ڏيکاريو ويو آهي، ته هن جي وڏي عهدي تي پهچڻ واري ڪهاڻي به ٻڌائي وئي آهي. انهيءَ ڪان سواءِ سندس

ٻيءَ شاديءَ جو به ذڪر ڪيل آهي، جيڪا هن بنگال جي هڪ بهاري عورت، نفيسه سان ڪئي هئي، جيڪا سمورين دهشتگردين وارين ڪاروائين کان نفرت ٿي ڪري، ڇاڪاڻ جو هوءَ پاڻ به بنگلاديش ۾ سموريون بدمعاشيون اکين سان ڏسي چڪي هئي. هن جو ڪردار ان ڪري به اهم آهي، جو مصنف هن ڪردار ذريعي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سمورا اردو ڳالهائيندڙ دهشتگرد نه آهن. اهڙا ٻيا به ڪردار آهن، مثال طور: اعجاز ڪريمي، جيڪو جڳت جو مسواڙي آهي ۽ ڪيس قتل ڪرڻ مهل، ڪيس بچائڻ خاطر، سندس اڳيان اچي وڃي ٿو ۽ زخمي ٿئي ٿو.

**تاريخي ۽ سماجي حقيقتون:**

هن ناول ۾ غلام نبي مغل جيڪي تاريخي واقعا ۽ معاشرتي مسئلا بيان ڪيا آهن، اهي نهايت ئي اهم آهن. مثلاً: هن ناول ۾ ڄام نظام الدين جي سحرانگيز ۽ رحمدل شخصيت جو ذڪر ڪيل آهي. هو صفحي 92 تي هن ريت ٿو لکي:

”هن نيڪ دل حاڪم، شاهي ڪڙهه منجهه، گهوڙن کي مخاطب ٿي چيو ته، خدا اهڙو اٽائو ڏينهن نه آڻي جو آءٌ اوهان تي سوار ٿي، ڪنهن پرائي ملڪ تي ڪاهه ڪرڻ وڃان، يا نه ڪو اوپرو، اسان تي ڪاهه ڪري اچي. شال ڌڻي سڀ ڪنهن کي پنهنجي ماڳ تي امن امان سان آباد رکي.“(4)

هن حوالي مان نه صرف ڄام نظام الدين جي شخصيت جي ڄاڻ ملي ٿي، بلڪه اهو به اندازو ٿئي ٿو ته شايد سنڌ ئي دنيا جو واحد ملڪ آهي، جنهن ڪڏهن به ڪنهن ملڪ تي هلان نه ڪئي، بلڪه سندس حاڪمن هميشه امن ۽ سڪون سان رهڻ پسند ٿي ڪيو.

ناول نگار دولهه دريا خان ۽ ڄام نظام الدين جي راڻيءَ، ملڪه مدينه جو به ذڪر ڪيو آهي، جيڪا صرف دريا خان سان بُغض رکڻ ڪري، سنڌ جي سرزمين تي شاهه بيگ ارغون جهڙي ڌاڙيل کي وٺي آئي هئي، جنهن جا ڏنل زخم، تاريخ جي صفحن تي چٽيا پيا آهن. هن شخص (شاهه بيگ ارغون) ڪيترن ئي سنڌين کي قتل ڪيو ۽ ڪيترائي ماڻهو، شهر بدر ڪيا هئا. اهي سڀ ڪارروايون، ارغونن جي دؤر کان وٺي، مغل دؤر تائين واري عرصي ۾ ڦهليل آهن، جنهن ۾ باغين (آزاد پسند سنڌين) کي ته ڌاڙيل ڪوٺي ماريو ويندو هو، پر ٺٽي شهر جو ڪاروباري طبقو به، سندن شرپسندن کان محفوظ نه هو.

ارغونن سان دولهه دريا خان ته وڙهي پاڻ مڃايو پر ڄام فيروز پنهنجي بزدليءَ ۽ عياشيءَ سبب، سنڌ هٿن مان ائين وڃائي ڇڏيو ته ارغونن



جي پيءُ جي جاگير هئي.

انهيءَ کان علاوه 1555ع ۾، ٺٽي ۾ پورچوگيزن جي ڦرلٽ ۽ قتل عام جو به هن ناول ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. ٺٽي تي پورچوگيزن جو اهو پهريون حملو هو، جيڪو ترخانن جي دؤر ۾ ٿيو هو، ۽ جنهن ۾ پورچوگيزن سڄي ٺٽي شهر ۾ ڦرلٽ ڪري، باهه ڏيئي ساڙيو هو.

هن ناول ۾ سنڌو درياءَ جي عظيم وهڪري جو به ذڪر ڪيو آهي، جيڪو سنڌ ۾ ان جي چوڙ وٽ به ايترو ته تکو ۽ ويڪري پيٽ وارو هوندو هو، جو ان مان لنگهڻ به ناممڪن هوندو هو. ان دريا مان ئي لنگهي، پورچوگيز جا پربت جيڏا جهاز، مٿي ٺٽي، شهر جي حدن تائين ڪاهي آيا هئا، بعد ۾ اليگزينڊر برنس، هن درياءَ مان پنهنجو شاهي ٻيڙو اڪاري پنجاب تائين (سنڌونديءَ جي ٻئي ڇيڙي تائين) ويو هو. ليڪڪ باربار ان عظيم درياءُ جو ذڪر اُن لاءِ به ڪيو آهي، جو اڄ اتي جو پاڻي به هيٺو ٿي چڪو آهي. درياءَ جو پيٽ واريءَسي رڻ جو ڏيک ڏئي ٿو. ظاهر آهي ته جبلن تان پاڻي لهڻ جو گهٽ نه ٿيو آهي، پر رستي تي سنڌو درياءَ تي بند ٻڌايا ويا آهن.

مرزا عيسيٰ خان ترخان، مجبوريءَ تحت سنڌي ماڻهن کي واپس ٺٽي ۾ آباد ڪرڻ ۽ انهن کي رکڻ لاءِ ويهه هزار سنڌي پنهنجي فوج ۾ شامل ڪيا. سنڌي قوم جي ان طويل جبر ۽ ڏاڍ جي دؤر ۾ نفسياتي حالت جو جائزو به ناول نگار هن ناول ۾ پرپور طريقي سان پيش ڪيو آهي ۽ ماڻهن جي جذبن جو اظهار به حقيقي انداز ۾ ڪيو اٿس. هو ان بربريت واري دؤر ۾ سنڌي قوم جي ڇڙوڇڙ ويڙهاند ۽ بهادريءَ جو ذڪر به ڪري ٿو ته ماڻهن ۾ پيدا ٿيندڙ بيچينيءَ ۽ بزدليءَ جو اظهار ڪري ٿو. هڪ هنڌ مايوسيءَ جي اوڙاهه ۾ ڦاٿل ٻن پوڙهن جو تاثر هن طرح ٿو پيش ڪري:

”جوان ڪيئن ٿا پنهنجن سرن جو آهو لاهين، هڪ ماڻهوءَ چيو! بابا جبل سان ٽڪرائڻ سان پنهنجو مٿو ئي ڦاڙائبو آهي. ٻئي چيو، انهن جملن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهو آهن.“(5)

سادگي ۾ وهن ۽ سنڌي قوم جو حال نهايت ئي صاف ۽ چڱن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي، جيئن جڏهن فرنگين، سنڌو درياءَ ۾، ٻيڙا وڌا ته اهو چيو ويو ته:

”جيئن ته اڄ تائين ڪير به اها همت نه ڪري سگهيو آهي، جيڪا فرنگين ڪئي آهي. اهي پڪ سنڌ جا حاڪم ٿيندا.“(6)

جڏهن انگريزن، حڪمرانيءَ جي سازش ڪئي، تڏهن اهو چيو ويو ته:

”نافرمان قومن تي، خدا پاران عذاب نازل ٿيندو آهي. پڪ سان سنڌي قوم جا گناهه ايترا وڌي ويا آهن، جو خدا نصراني حاڪمن جي شڪل ۾،

عذاب نازل ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي قوم وهمن ۾ ڦاسي انگريزن سان مقابلي جو ست نه ساري سگهي،“(7)

محترم غلام نبي مغل، هن ناول ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دؤر جون حالتون به بيان ڪيون آهن. هو صاحب غلام شاهه ڪلهوڙي جي معامله فهميءَ جو خاص ذڪر ڪري ٿو، جنهن سمجهيو پئي ته سنڌ ۾ وچولو طبقو آهي ئي ڪونه. انهيءَ مقصد لاءِ هن حيدرآباد جو شهر اڏايو، ۽ ڪجهه پيڙهيون آٽي، شهر مان لڏي ويل ماڻهن جي اولاد توڙي، سنڌي هنرمندن ۽ فنڪارن کي رٿابنديءَ تحت، هن شهر ۾ رهايائين. شهر جي بچاءَ لاءِ قلعو به ٺهرايائين. شهر جي اڏاوت ۽ ترقي، ٽالپرن جي دؤر ۾ به جاري رهي. ٽالپرن، ڪلهوڙن جي پيري مريديءَ واري اثر کي گهٽائڻ لاءِ، سنڌ ۾ سيدن جي پيري مريديءَ کي زور ونرايو، جنهن ڪري سنڌي مسلمان تنگ نظر ٿيڻ لڳا، ۽ هندن کي تنگ ڪرڻ لڳا. سنڌي هندو، جيڪي سنڌ جي شهري واپاري، وچولي طبقي طور، اُڀري چڪا هئا، اهي هن حالت، سخت پريشان هئا. ٽالپرن جي ان سلسلي ۾ صحيح پاليسي نه هئڻ ڪري، سيٺ نائون مل ۽ ٻيا اهڙا هندو ڪانئن باغي ٿي ويا. نتيجي طور انهن انگريزن کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ مدد ڏني، ۽ ان ڪان پوءِ انهن (هندن)، انگريزن جي حڪومت ۾ وڌيڪ ترقي ڪئي، ۽ ٻئي طرف سنڌي مسلمان ڏينهون ڏينهن پٺتي پوندا ويا. ايتري ساري فرق هوندي به، سنڌ جا هندو ۽ مسلمان، هڪ ٻئي جي رت جا پياسا نه هئا، چو ته مذهبي ويڇو هوندي به ٻئي ڌريون سنڌي هيون. اهوئي سبب هو جوورهاڱي بعد سنڌ ۾ ڪوبه قتلام وغيره ڪونه ٿيو، بلڪه انهيءَ وڇوڙي ۽ جدائيءَ جو ڏک، هر سنڌيءَ تي، پوءِ چاهي اُهو هندو سنڌي هو يا مسلمان سنڌي، اڄ تائين انهيءَ جدائيءَ کي وساري نه سگهيا آهن.

انهيءَ کان علاوه، ٽالپرن ۽ انگريزن جي جنگين جو ذڪر به هن ناول ۾ پيش ڪيو ويو آهي. چارلس نيپيئر صرف اڍائي هزار لشڪر سان، مياڻيءَ جي جنگ فتح ڪئي. ٽالپر ڌاريان هئا، پر اهڙا حڪمران، جن کي سنڌ جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڌاريو نه ليکيو ويو آهي. ٽالپر حڪمرانن مقامي سنڌين تي ڪڏهن به اعتبار نه ڪيو، جنهن ڪري هو جنگ ۾ صرف بلوچ سردارن کي شامل ٿيڻ لاءِ سڏيندا هئا. سندن فوج به فقط بلوچن تي ٻڌل هئي، ۽ انهيءَ جنگ ۾ صرف حڪمران ئي وڙها ۽ هار کاڌائون ۽ سنڌ کي هميشه لاءِ غلام بنائي ڇڏيائون.

هن ناول ۾، ليکڪ انهيءَ تاريخي حقيقت جو به ذڪر ڪيو آهي ته جڏهن انگلنڊ جي راڻيءَ جي سالگره جي ڏينهن تي، سنڌ جي جاگيردارن ڪنڊ ڪڙڇ مان ننڍا وڏا جاگيردار اڇي قلعي ۾ حاضر ٿيا. انهن ۾ ڪيترائي ميرن



جي درٻار سان تعلق رکندڙ هئا، پر هاڻي سندن نظر ۾ فقط پنهنجي مفاد جي اهميت هئي.

هن ناول ۾ ليکڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ واري صورتحال تي پڻ لکيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”هندو، بمبئيءَ سان سنڌ جي ڳنڍيل هجڻ جي صورت ۾ اڪثريت ۾ ٿيا ٿي، تنهن ڪري انهن الڳ صوبي جي مخالفت ڪئي، سواءِ ڪن ٿورن جي، جيڪي مسلمانن سان گڏ سنڌ جي جداگانه حيثيت جا حامي هئا.“(8)

سنڌ ۾ جهڙيءَ طرح منظم انداز ۾، ڌارين جي آبادڪاري ڪرائي وئي آهي، اها آبادڪاري اڄ به اسان جي ڪن ساده لوح ماڻهن کي، اسلامي ڀائيچاري جو مثال لڳي ٿو، پر ان وقت به ڪن ڏاهن، ان عمل کي سنڌين جي حق ۾ غلط سمجهيو ٿي. ان سلسلي ۾ مصنف پنهنجا تجربا ۽ ويچار پيش ڪيا آهن، ۽ ڪن اديبن جا رايا به ڏنا آهن. جيئن الطاف گوهر جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”هڪ سي-ايس-پي آفيسر، الطاف گوهر پنهنجين يادگيرين ۾ لکيو آهي ته، 1952ع ۾، جڏهن هو ڪراچي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو ته کيس محسوس ٿيندو هو ته سنڌي ٻوليءَ تي لڳندڙ راڻاهن جي سلسلي ۾، مصنف هڪ ڪردار جي واتان چورائي ٿو ته، انگريز ڌاريو حاڪم هو، تنهن 1851ع کان قانون نافذ ڪيو، ته جيڪو به انتظامي آفيسر سنڌ ۾ ايندو ته، ان کي سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪرڻو پوندو، پوءِ ڀلي اهو آفيسر يورپي هجي يا ديسي صاحب. هاڻ جڏهن مسلمان ڀائرن جي حڪومت آهي ته سنڌ جي سڃاڻپ به ختم ۽ آفيسر اهڙا ويٺا آهن، جن کي سنڌيءَ جي ’س‘ جي به خبر نه آهي.“(9)

انهيءَ کان سواءِ هن ناول ۾، ناول نويس ’ون يونٽ‘ جي ڪهاڻي، ۽ چوٿين مارچ، 1967ع واري جدوجهد جو به ذڪر ڪري، تاريخي حقيقتن کي سامهون رکندي، نهايت ئي پراثر انداز ۾ ڪيو آهي.

انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ سنڌي سماج ۾ دولت ۾ جائيداد هوس ۽ لالچ جي ڪري، ڪيترين ئي غلط شاديون ڪيون وڃن ٿيون، جن جو ذڪر هن ناول ۾ مصنف هن طرح پيش ڪيو آهي ته: ”احمد بخش جي، سندس ڀاڃائيءَ سان شادي ڪرائي وئي، جنهن کيس ننڍي هوندي پاليو هو. اها شادي صرف انهيءَ ڪري زوري ڪرائي وئي هئي ته جيئن ڀاڃائيءَ جي زمين سندس خاندان ۾ رهي.“

انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ مصنف سنڌين جي صاف نيتي ۽ سادگيءَ جو مثال ڏيندي لکي ٿو ته:

”بهتر آهي ته اسين اردو سنڌيءَ جي چڪر مان نڪرون، ۽ ملڪ به اسلام جي نالي ۾ مليو آهي، انهيءَ ڪري عربيءَ کي نئشنل لئنگويج بڻائجي، الله ۽ الله جو رسول به خوش ته عام ماڻهو به خوش ٿيندا.“(10)

سنڌس ناول جي مطالعي ڪان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو ته، هن ناول ۾ غلام نبي مغل صاحب سنڌ جو جيڪو ساڍن چئن سؤ سالن جو جائزو پيش ڪيوآهي، انهيءَ جا واقعا سچا ۽ تاريخي آهن. انهيءَ ڪان علاوه هن جو بنيادي مقصد سنڌي قوم جو وچولو طبقو ناهڻ آهي، جيڪو ڌارين جي حڪومت جي اثر جي ڪري دربدر ۽ ختم ٿيندو رهي ٿو. انهيءَ جي بقا ۽ شعور لاءِ ڪوششون ڪيل ملن ٿيون. انهيءَ ڪان علاوه هن ناول جي خاص خوبي اها به آهي ته هن ۾ حيدرآباد شهر جي گهر گهر ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ جو، تفصيلي ذڪر پيش ڪيل آهي. مثلاً جيئن هو لکي ٿو ته:

”ظفر شاهه، جو امريڪن ڪلچرل سينٽرل ۾ انگريزيءَ جا سبق پڙهندو هو، سپاٽي سنڌس ٽيسٽ هئي، سنڌس ٽيڪسٽ بُڪ احمد علي وٽ هئا. سنڌس چوڪراٽي ذهن ۾ ماحول منجهه ڦهليل بيچينيءَ جو ڪو خاص اثر نه پئي ٿيو، سمجهئين پئي ته هو دوڙ پائي، ڪاهي روڊ اُڪري، عرساڻين ۽ سيدن جي گهرن وٽان ٿيندو، ناهين جي پڙ ڪان ٿيندو، سرور قبي لين واري گهٽيءَ جي وچ مان پار پئي، ڪاسائين جي پڙ ۾ پهچندو، اتان پوءِ اولهائين گهٽيءَ منجهان نڪري، فقير جي پڙ جي بازار مان ٿيندو، سامهون ڏاڪٽي سنهڙي گهٽيءَ منجهان، شهوانين جي پاڙي ۾ پهچندو. انهيءَ سان لڳ ئي پاٽولين جو پاڙو آهي ۽ چونڪ تي احمد عليءَ جو گهر آهي.“(11)

انهيءَ ڪان سواءِ هن ناول جي هڪ خوبي اسلوب بيان آهي، مثلاً جيئن هن ناول ۾ اڪبر جي دين الاهيءَ جو جائزو هن ريت پيش ڪيل آهي:

”اوهان سڀ مون ڪان وڏا ڄاڻو ۽ عالم آهيو، پر منهنجو مطلب هو هت اسين هن، هند سنڌ جي ڌرتيءَ تي متحد ٿي، هڪ قوم بڻجي وڃون، ته پوءِ هڪ اڻ ڪٽ طاقت ۾ بدلجي ويندا سين، ۽ الله جي ڌرتيءَ تي فساد جا امڪان گهٽبا رهبا، شايد اڪبر اعظم به اهوئي چاهي ٿو ته سنڌس رعيت ۾ فساد جا امڪان ختم ڪرڻ لاءِ ڪي قدر معمولي قدم ڪنيا وڃن.“(12)

هو اڳتي لکي ٿو ته:

”ڪي به غير معمولي قدم اجايا آهن. فساد پنهنجي جاءِ تي موجود رهندو. سواءِ طاقت جي استعمال جي. زورآور ڪي پنهنجي حڪم ۽ طريقن نافذ ڪرڻ لاءِ طاقت استعمال ڪرڻي آهي، نه ته ٻيو فريق موقعي ملڻ تي ڪيس ختم ڪري ڇڏيندو. قدرت جو اٽل فيصلو آهي ته ڪمزور ڪي نيٺ نابود ٿيڻو آهي ۽ طاقتور ڪي غالب اچڻو آهي، بس.“(13)



حاصل مطلب ته غلام نبي مغل صاحب جو هي ناول، هن جنهن خاص مقصد لاءِ لکيو آهي، انهيءَ ڪي هن ڀرپور طريقي سان، اعليٰ ڪردار نگاريءَ ۽ سيرت نگاريءَ جي مدد سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪان علاوه جيئن ته ڪلهوڙن حاڪمن ڪي مرشد جي حيثيت حاصل هئي، ۽ ٽالپر شيعا هئا، انهيءَ ڪري انهن سنڌن مان مرتبو به رڪيو ۽ حڪومت به هلائيندا رهيا. ٽالپرن جو اهو نظريو ته، مرشد سيد آهن باقي سڀ ڪوڙ آهي. البت ڪردارن جو تعداد گهڻو شامل ڪيل اهي. انهيءَ ڪان سواءِ هن ناول ۾ جذبات اُڀاريندڙ، جوش پيدا ڪندڙ، حساس ڏياريندڙ ٻولي، محاورا ۽ پهاڪا وغيره استعمال ڪري، ناول ڪي جاندار بنائي ڇڏيو آهي. سنڌس ناول ۾ اهي ئي خوبيون آهن، جن ناول ڪي ڪاميابي بخشي آهي.

## ببليوگرافي


1. ڊاڪٽر تنوير عباسي: سٽ، سٽر، اسي (تبصرو)، حيدرآباد، سهڻي پرنٽرس، 1989ع
2. غلام نبي مغل: اوڙاهه (ناول، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، مقدمو، 1994ع
3. ايضاً
4. ايضاً
5. ايضاً
6. ايضاً
7. ايضاً
8. غلام نبي مغل: اوڙاهه (ناول)، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، مقدمو، 1994ع
9. ايضاً، ص 5
10. ايضاً، ص 331
11. ايضا، ص 323
12. ايضاً، ص 17
13. ايضاً، ص 143

**قبول ابڙو:**

(**تعارف:** قبول ابڙو سنڌي ادب ۾ نالي وارن اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هن ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن، ۽ ڪيترائي ڪتاب طبعزاد لکيا آهن، ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون به لکيون اٿس. سندس اصلوڪن افسانن جي مجموعي ”سنڌو وهندو رهيو“ تي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران، سنڌي افسانوي ادب جو ايوارڊ به ملي چڪو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ زندگي جي ڌار ڌار پهلوئن تي مواد موجود آهي. سندس ناول ”جيون جيون سڏڪا سڏڪا“ به سنڌي ادب جي چاهيندڙ ۽ پڙهندڙن طرفان گهڻو پسند ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن جا موضوع خاص طور تي سنڌي سماج جا مسئلا ۽ رومانوي پهلو آهن. سندس ٻئي ناول ”ٻنل اکين جا خواب“ جو موضوع به رومانوي آهي. هي ناول 1987ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو هو. انکان پوءِ ٽيون ناول ”ڌرتيءَ جي جنگ“ نالي سان شايع ٿيو. هي سندس ترجمو ڪيل ناول آهي. هن پنهنجي سپني ناولن ۽ ڪهاڻين ۾، سنڌي سماج جي ڪيترن ئي مسئلن کي، حقيقي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. هيٺ سندس ڪن ناولن تي تبصرو ڪجي ٿو:

**ٻنل اکين جا خواب:**

هي ناول 1987ع ۾ ڪلاڪار پبليڪيشن، لاڙڪاڻي طرفان شايع ٿيو هو. قبول ابڙي صاحب جو هي ناول، بنگالي ماڻهن جي جدوجهد جي پس منظر تي لکيل آهي. هن ناول جو موضوع، طبقاتي استحصال جو وڌي، قومي استحصال، نو بيٺڪيت ۾ تبديل ٿي وڃڻ ۽ ان نسبت سان مظلوم قوم جي ظالمۭ استحصالي قدم خلاف چوٽڪاري جي جنگ جوٽڻ ۽ ان قومي جدوجهد کي عوامي هٿياربند جدوجهد جي منطقي منزل تي پهچائڻ، ۽ اهڙيءَ ريت نجات جي مراد ماڻڻ، هن ناول جو خاص موضوع آهي.

هي ناول، 1971ع واري بنگلاديش هلچل کي، قبول ابڙي صاحب پنهنجي مقصد وارو ۽ حقيقت جو رنگ ڏيئي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ مشرقي پاڪستان ۾ رهندڙ بنگالين جي قومي نجات جي لاءِ جدوجهد کي، پنهنجي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. محترم رشيد ڀٽي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”دنيا ۾ جيئن طبقا به استحصالي ۽ استحصال ٿيندڙ آهن، اهڙيءَ ريت قومون به ٻن درجن ۾ ورهايل آهن. ظالم ۽ مظلوم، حاڪم ۽ محڪوم، ڦريندڙ ۽ ڦرجندڙ، فاتح ۽ مفتوح، قومن جيان، مظلوم ۽ معصوم قومن جي به تاريخ، نفسيات، سورن جي سهپ ۽ ان خلاف جدوجهد جو داستان ساڳيو هوندو آهي. پيڙا، ڦرمار، ڏاڍ ۽ جبر، انهن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي ڇڏيندا آهن.



اسان جي هن ملڪ پاڪستان ۾ ننڍين قومن ۽ بنگال جي سورن، سختين ۽ پيڙائن جي پچر ۾، ساڳي ئي هڪجهڙائي آهي. بنگال ۾ جيڪي ٿيو، ان موضوع تي سياسي لحاظ کان گهڻو ئي ڪجهه لکيو ويو، پر افسانوي انداز ۾، دلچسپ ۽ دلڪش نموني سان قبول ابڙي لکيو آهي.“(1)

حقيقت ۾ قبول ابڙي صاحب، بنگال جي واقعي جي پس منظر۾ سنڌ ڌرتيءَ تي، ان وقت ٿيندڙ جيڪي ڏاڍ ۽ جبر، پابندين ۽ حالتن جي سچائيءَ سان عڪاسي ڪئي آهي. هن ناول ۾ هڪ اهڙيءَ قوم جي آزاديءَ جي جنگ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جيڪا مظلوميت ۽ استحصال جي خلاف جنگ جوٽي چڪي آهي ۽ جيڪا نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪفن سِر سان ٻڌي، ميدان ۾ اچي چڪي آهي. ان قوم جي سامهون توبون، ٽئڪون ۽ جهاز وغيره مطلب ته هر شيءِ موجود آهي، پر اها قوم انهن جي ڪابه پرواهه نٿي ڪري ۽ مقابلو ڪندي ڪندي، لاشن جا ڍير پيش ڪندي، آزاديءَ لاءِ جدوجهد جاري رکندي، آخر اها منزل حاصل ٿي ڪري.

رشيد ڀٽي صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

”جنهن قوم جو ماڳ آزادي ۽ ان تائين رسڻ جو مارگ موت آهي، ان قوم جي جدوجهد جو داستان ئي هن ناول جي زيب و زينت آهي، جنهن جو هر فرد، پنهنجي مقدر جي بجاءِ، ساريءَ قوم جي مقدر کي، پنهنجو مقدر ٿو سمجهي. اها قوم پنهنجي ذاتي غيرت ۽ نفسياتي مونجهاري کي خيرباد چئي قومي غيرت کي پنهنجي زندگيءَ جو شمار ٿي بڻائي، اها قوم پنهنجي قومي ڪردار ۾ اُڀري ۽ اُجاگر ٿي ثابت ٿي ڪري ته، هن جو هر فرد، موت ان ڪري ٿو قبول ڪري، ته جيئن سندس بي مقصد زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ملي، سندس اٿل جيون سڦلتائي ماڻي! اهو ئي ڪجهه هن ناول جو ارٿ ۽ مراد آهي.“(2)

هن ناول جو اهم ڪردار هڪ سنڌي قوم پرست آهي، جيڪو جيل جي ٽارچر سيل جي سختين جي ڪري بنگال پڄي وڃي ٿو، جتي سنڌ کان متاثر ٿيل تحريڪ، جنهن بنگال پچي راس ٿي هئي. ان کان علاوه هن ناول جا ڪردار اقبال ۽ جاويد پاڪستاني آهن. انهن جي خيال ۾ هو بنگال ۾ انهن لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري رهيا آهن. بلڪل اهو رويو اسلام پسندي ۽ نظريه پاڪستان جي نسبت سان هٽ به ننڍن صوبن جو استحصال ڪندڙ قوتون اختيار ڪري رهيون آهن. هن ناول جو هڪ ٻيو ڪردار ’اقبال‘ پنجابي آهي، جنهن وٽ عورت جي عزت ۽ غيرت ڪا به حيثيت نٿي رکي. هو عورت کي سواءِ وئشيا جي ڪجهه به نٿو سمجهي. پنجابين جي نظر ۾ محڪوم ۽ مظلوم قوم جي عزت ۽ غيرت جو وجود ئي ڪونهي. ’ديبا‘ هڪ اهڙي ئي مظلوم قوم جو، قومي غيرت رکندڙ ڪردار آهي. ’پدمنا‘ جو مرڪزي ڪردار، انسانيت ۽ ڌرتيءَ سان

پيارِ جو اهڃاڻ آهي. سندس قوم هميشه سورَ ۽ سختيون برداشت ڪندي رهي. هوءَ سڄي قوم جي فردن جي سوچ ۽ شعور جي نمائندگي ڪري ٿي.

مقصد ته هن ناول جا ڪردار پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪندا رهن ٿا. ناول نگار هنن ڪردارن جي ذريعي ئي پنهنجو مطلب ۽ مقصد پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو هو. هنن جي عمل ۽ گفتگوءِ جي ذريعي هنن ڪن فردن ۽ طبقن جي ڪوششن، ۽ قومي جدوجهد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

هن ناول ۾ ناول نگار، پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن لاءِ جدوجهد جو نقش چٽيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي استحصال خلاف هلچل، ون يونٽ ٽوڙائڻ ۽ سنڌي زبان جو درجو ۽ حيثيت بحال ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اديبن، شاعرن، دانشورن، سياستدانن، شاگردن ۽ٻين ماڻهن جي قومي بيداري، جدوجهد جي تحريڪ ذريعي، نام نهاد ۽ مفاد پرست ماڻهن ۽ سياستدانن جا پول پڌرا ڪيا آهن، جن پنهنجن مفادن لاءِ سنڌ جي عوام۽ قوم جي مفادن لاءِ الڳ ۽ ڌار پوءِ عام ماڻهن جا مسئلا حل نه ڪرايا، انهن جي خلاف گڏجي جدوجهد ڪئي.

ان کان سواءِ هن ناول ۾، رومانيت جو پهلو به نمايان آهي. عورت جو پيار، وفاداريءَ جا مثال جا بجا پيش ڪيل آهن. هن ناول ۾ پيار جي نفيس ۽ نازڪ جذبن جي اپٽار ڪيل آهي. هن ناول ۾ سچي پچي ۽ حقيقي رومانيت، زندگيءَ سان،انسانيت سان، حق سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت پيش ڪيل آهي. رشيد ڀٽي صاحب ان سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ رومانيت، ’قبول‘ جي روايتي رومانيت کان بغاوت واري رومانيت آهي. هن ناول ۾ رومانيت رستي، انساني زندگيءَ جي درد کي مختلف پيراين ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“(3)

هن ناول ۾ ناول نگار، سنڌ جي سياسي، اقتصادي، قومي حالتن جي مڪمل عڪاسي پيش ڪئي آهي. هن پنهنجي دؤر جي ڪيترين ئي تلخ حقيقتن کي، سچائيءَ سان بهادريءَ سان نه صرف پيش ڪيو آهي، بلڪ انهيءَ لاءِ رهنمائي به ڪندو رهي ٿو. هن ناول ۾ هو لکي ٿو ته:

”انسان ذات ڪا پتلي ته نه آهي، جنهن کي طاقت جي زور تي نچايو وڃي. هر ماڻهو، پنهنجي اندر جو سچ، تمام رازداريءَ ۾ سانڍيو پيو هلي. جيڪو ڪجهه ساڻس ٿئي ٿو، پنهنجو مقدر سمجهي ۽ پنهنجو مقدر قوم جي مقدر کان الڳ ٿو رکي، جنهن ڏينهن اهو مقدر، قوم جو مقدر بڻيو، ان ڏينهن ناحق جي رستي ۾، هميشه لاءِ رڪاوٽ اچي ويندي. تڏهن ئي ڪنهن جي حياتيءَ جي ڪا قيمت ٿيندي.“(4)

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”دبيا، ڇا تون چاهين ٿي ته، غريبن جو استحصال ٿيندو رهي؟



عورت جي عزت لٽبي رهي؟ آخر ٻڌاءِ ته سهي، تنهنجي اها امن پسندي چاهي ٿي ته غلامي هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن منتقل ٿيندي رهي ۽ تون چاهين ٿي، ته اها غلامي هميشه لاءِ هڪ ئي نسل جي ميراث ئي رهي.“(5)

زندگيءَ جي باري ۾ قبول ابڙو صاحب هيئن ٿو لکي:

”مان زندگي جي پوڄارڻ ناهيان، پر جيئڻ جو حق سڀ کي آهي؟ اهو حق زوريءَ ڇو ٿو کسيو وڃي؟ زندگي هن ڪائنات جي علامت آهي، پوءِ هن ڪائنات کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ٿي ڪئي وڃي؟

”مون کي جيئڻ جو حق آهي. تون جيئڻ چاهين ٿو، ڪنهن ٻئي کي به ساڳيو جيئڻ جو حق آهي. هڪ زنده ڪِول، مئل ماڻهوءَ کان وڌيڪ آهي، ڇو ته اها ڪائنات جي علامت رهي ٿي. ڌرتيءَ تي زنده شيءِ ان کان بهتر آهي، جيڪا آسمان جي بلنديءَ تائين اوچي هجي، پر زنده ته هجي.(6)

**ڌرتيءَ جي جنگ:**

قبول ابڙي صاحب جو ٻيو ناول ’ڌرتيءَ جي جنگ‘ آهي، جيڪو ڪلاڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻي طرفان 1987ع ۾ شايع ڪرايو هو. هي انگريزن جي دؤر تي لکيل ناول آهي. انگريزن جي دؤر ۾ سنڌين سان تمام گهڻا ظلم ڪيا ويا هئا، ڪيترا ئي ماڻهو ماريا ويا، ڪيترا ڦاهيءَ تي چاڙهيا ويا ۽ ڪيترائي ڳوٺ ساڙيا ويا. انهن جي نظر ۾ هر سنڌي غدار هو. انهيءَ ڪري سنڌي ماڻهن انهن سان بغاوت شروع ڪئي. ڪيترائي مرد ۽ عورتون گڏجي، انهيءَ غلاميءَ جي خلاف جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا. هنن پنهنجون جانيون، عزت ۽ مال قربان ڪري، پنهنجي وطن کي آزاد ڪرايو. انهن ۾ نه صرف حر تحريڪ قابل ذڪر هلچل هئي. پر سنڌ جو هر ننڍو خواهه وڏو، ٻار ٽوڙي پوڙهو دانشور، اديب، سياستدان۽ عالم وغيره سڀ ڌار ڌار تحريڪن ۾ شامل هئا.

قبول ابڙي صاحب جي هن ناول (ڌرتيءَ جي جنگ) جو خاص موضوع، پنهنجي وطن يعني سنڌ سان وفاداري، سنڌ جي ماڻهن سان جيڪي ظلم ۽ قهر ٿيا، تن جي خلاف آواز اٿارڻ، سنڌي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ، سنڌين سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ، سنڌين کي متحد ڪرڻ، انهن ۾ بهادري پيدا ڪرڻ جهڙا مسئلا سندس هن ناول جا خاص موضوع آهن. ابڙو صاحب هيمشه سچ لکي ٿو ۽ سچائيءَ سان هر ڳالهه جو تفصيل پيش ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته:

”مان شديد نفرت ڪئي آهي، انهن سان جن سدائين سچ کي ننديو آهي. سچ منهنجي ڪمزوري آهي ۽ مون ان ڪمزوري سبب ڏاڍو ڀوڳيو آهي ۽ اها ئي ڀوڳنا مون کي آهستي آهستي ان دنيا ڏانهن گهلي رهي آهي. ڀوڳنا جا مون کي آهستي آهستي اُن دنيا ڏانهن گهلي رهي آهي يا گهلي چڪي آهي، جت اِهي خواب لڪجي رهيا آهن.“(7)

سندس هن ناول جا مرڪزي ڪردار ’بصران‘ ۽ ’پائي‘ آهن، جيڪي

عورتون هوندي به، انگريزن جي خلاف جاسوسيءَ جو ڪم ڪندي، انهن لاءِ نفرت ڪندي، اعليٰ عملدارن ڪي غلط رستي تي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون ۽ انهن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنديون رهن ٿيون. هن ناول ۾ ليکڪ هڪ هنڌ سنڌين جي تباهيءَ جو منظر چٽيندي لکي ٿو ته:

”چؤطرف باهه ٻري رهي آهي، اصل پاٽي ٿو ٻري، ڳوٺن جا ڳوٺ اک ڇنڀ ۾ خاڪ ٿيندا ٿا رهن. سنڌي ماڻهو ڪڏهن ته آڌيءَ رات جو ئي بي گهر ٿي وڃن ٿا، ڪن ڪي ته پنهنجي تن جي ڪپڙن ڪڍڻ جي به ويسند نٿي ملي، مون ڪي انهيءَ ناحق خون خرابي ڪان نفرت ٿي پئي آهي. ماڻهو، ماڻهوءَ سان ڪهڙي نه وحشي نموني ۾ برتاءُ پيو ڪري، هاڻي به ائين ٿو لڳيم. هڪ ٻانهن مٿين تائين ٻڏگهي ٿي، هتي پهچندي ۾ منهنجي ڳچيءَ ڪي سوگهو ڪري نپوڙي ڇڏيندي.“(8)

هڪ ٻئي هنڌ انهيءَ تحريڪ جي باري ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته:

”اسان جو ڳوٺ، توکي خبر آهي، پير صاحب جن جو ڪو مريد نه هو ۽ نه وري ڪنهن سياسي، انقلاب يا رهزنيءَ جي تحريڪ سان ڪو واسطو هو. سڌاسادا مزدور ماڻهو، ڪين وهم ۾ گمان ۾ ئي ڪونه هين ته ڪو مٿن بي گناهه، بي سبب مليٽري حملو ڪندي. ڇهه مهينا ٿيندا، جو هڪ ڏينهن ٽاڪ منجهند جو ڳوٺ ڪي مليٽري ڦري آئي ۽ يڪدم ڳوٺ ڏانهن انڌا ڌنڌ فائر ڪرڻ ۽ باهه لڳائيندڙ ننڍا بم اڇلڻ لڳي. ڪکاوان گهر ۽ لوڙها جتي بم ٿي ڪريو، باهه ڇپيون ڪري وڪوڙيندي ٿي وئي. ڳوٺ وارا گهبرائجي پڇڻ لڳا ته مٿن گولين جي بارش وسڻ لڳي. ٻار ۽ ٻڍا، مرد ۽ عورتون سڀئي ڳولين جو ڪاچ ٿيندا ويا.“(9)

قبول ابڙي صاحب هن ناول ۾ عبارت نهايت سادي ۽ با محاورا استعمال ڪئي آهي. مثال طور هو صفحي 97 ۾ لکي ٿو ته:

”زندگيءَ ۾ مون تمام گهڻا ڏک ڏٺا آهن. اهي ڏک سهندي منهنجي زندگيءَ ۾ سختي آئي آهي. تون منهنجيءَ هن زهريلي زندگيءَ تي رحم ڪرين يا وڌيڪ زهر پرين، اها تنهنجي مرضي آهي. ڇا تون مون ڪي وڌيڪ ڏک ڏسڻ لاءِ پاڻ ڪان پري ڌڪي ڇڏيندين؟“(10)

مطلب ته سندس ٻئي ناول نهايت ڪامياب ناول آهن. هو هڪ بي باڪ ليکڪ آهي. هو ڪنهن به ڳالهه، ڪنهن به ظلم، ڪنهن تي به ٿيل ظلم ڪي، سنڌ جي ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم ڪي برداشت نٿو ڪري سگهي. هوقوم پرست اديب آهي، جنهن پنهنجي ماڻهن ڪي، سجاڳ ڪرڻ لاءِ قلم ذريعي تمام گهڻا ۽ اهم قدم کنيا آهن.

## ببليوگرافي


1. قبول ابڙو: ٻنل اکين جا خواب، لاڙڪاڻو، ڪلاڪار پبليڪيشن، 1987ع،




2. ايضاً
3. ايضاً
4. ايضاً، ص 87
5. ايضاً، ص 11
6. ايضاً، ص 117
7. ايضاً، ڌرتيءَ جي جنگ، لاڙڪاڻو، ڪلاڪار پبليڪيشن، 1987ع، ص 15
8. ايضاً ص 23
9. ايضاً، ڌرتيءَ جي جنگ، لاڙڪاڻو، ڪلاڪار پبليڪيشن، 1987ع، ص 22
10. ايضاً، ص 97

**گل نصرپوري:**

**(تعارف:** مرحوم گل حسن ميمڻ، نصرپور جو رهاڪو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ايم-اي ڪيائين. هو هڪ تمام ذهين شاگرد هو. سنڌي شعبي ۾ هر وقت ڪيس ياد ڪيو ويندو آهي). هو پرائمري ٽيچر پڻ هو.

**درياءَ جي ڪپ تي:**

هي ناول محترم گل نصرپوريءَ 1960ع ۾ لکيو ۽ اداره آواز ادب، حيدرآباد وارن شايع ڪيو. هي هڪ سماجي ناول آهي، جنهن ۾ رومانوي پهلوءَ سان گڏ، زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون، قرب ۽ پيار جي دنيا به سمايل آهي، جنهن ۾ اقرار ۽ تڪرار آهي، ته لڙڪ ۽ ٽهڪ به آهن، معافيون ۽ ميارون به آهن، ته جفائون ۽ وفاداريون به آهن. گويا هي ناول به حقيقت نگاريءَ واري فلسفي سان واسطو ٿو رکي. هن ناول جي ديباچي ۾ ليکڪ لکي ٿو ته:

”ننڍپڻ جون اهي سڀ حسين ۽ دلفريب يادون، جن کي وطن ڇڏڻ وقت زندگيءَ جو سرمايو سمجهي، سيني ۾ سانڍي نڪتو هوس، دل جي گهراين ۾ پيون ئي رهيون. زماني ڪئين رنگ بدلايا، ڏينهن ۽ راتيون، جهڪون ۽ جهولا، سانوڻ ۽ سيارا، ڪئين آيا ۽ ويا، پر آسروندين اکيون اتي ئي اٽڪيون رهيون. تات ۽ طلب، تار ۽ تانگهه، اُڪنڊ ۽ آهون، اباڻن آستانن ڏي ئي رهيون، ويتر 1956ع ۾ سخت مينهن ۽ ٻوڏن جي اوچتن حادثن جون متواتر خبرون ٻڌي، خيالن ۾ وداع ۽ وڇوڙي جا نوان نوان نقش نهڻ ۽ ڦٽڻ لڳا، دل جي پراڻن زخمن ۾ نئين سر رس پرجي آيو، چاڪ وري چڪڻ لڳا، چڪندا رهيا، تان جو چوُر ٿيل دل چيري ڪٽي دنيا جي اڳيان رکيم.“(1)

اهوئي هن ناول جو مقصد ۽ موضوع آهي، جنهن کي گل نصرپوريءَ نهات ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي. هن ناول ۾ ليکڪ نهايت ئي سهڻي منظر نگاري به پيش ڪئي آهي. مثلاً صفحي 71 تي لکي ٿو ته:

”ملهار جي من موهيندڙ موسم هئي، ڪارن ڀوُرن ڪڪرن جون قطارون، خلا ۾ ائين هلي رهيون هيون، جيئن ٽڪل سپاهين جا دستا ڪمانڊر جي حڪم تي مجبور، اڳتي وڌي رهيا هئا. وچ نئين نويليءَ ڪنوار وانگر، ڪڪرن جي گهونگهٽ مان هر هر منهن ڪڍي ڪائنات کي روشن ڪري، وري لڪي ٿي وئي. مهراڻ به اڄ موج ۾ هو، وهڪري جو شور، لهرن جا ڪنارن سان لڳڻ جا آواز، چولين جو گوڙ، ڪتن جا ڀونڪاٽ، ڍڳن جي چنگن جا



سريلا آواز، گگن جون گجڪارون، وڻن جي پنن جي سرسراهٽ، آبي جانورن ۽ جيتن جا آواز، گڏڙن جون اونايون، ۽ ڪناري تي بيٺل ملاحن جي ڳالهائڻ جو آواز فضا ۾ چوطرف پکڙجي رهيا هئا.“(2)

مصنف ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”درياءَ جو دور بدستور جاري هو، چولين به چيهه چني ڇڏيا هئا، قدرتاً اهو تختو هڪ وڏي چوليءَ سان گهيلبو ڪناري جي بلڪل قريب آيو. وچ چمڪي، ۽ ٻار سيني کي صاف نظر آيو.“(3)

هن ناول ۾ سماج جي ڪيترن ئي براين جو عڪس پيش ڪيل آهي. هن ۾ سرمائيدارن، ڪامورن جا ڪرتوُت ۽ معاشري ۾ عورت کي ڪمزور سمجهڻ، هن جي عزت يا احترام نه ڪرڻ جهڙا ڪيترائي مسئلا پيش ڪيل آهن. مثلاً صفحي 14 تي هو سماج جي عڪاسي هن ريت ٿو ڪري:

”هن پڪو ارادو ڪيو، ته هڪ ڏينهن سماج جي انهيءَ پير تان پڙ لاهي، معاملو ظاهر ڪندس، ۽ چوندس ته ”اي سماج جا پوڄاريو! ڏسو، هيءَ هڪ شيطان جي لڳايل ڳڙ جي ڳوڙهي آهي، جنهن کي توهان پارا خودغرض مڪين وانگر چنبڙي رهيا آهن.“(4)

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”پلو، توکي شاباس هجي، تون مرد ٿي ڪري جنهن معاملي کي حل نه ڪري سگهين، تنهن کي هڪ عورت جي ڪمزور ٻانهن ڪيئن نبائي ڇڏيو!“(5)

انسان جي ارادي ۽ تقدير جو فرق واضح ڪندي لکي ٿو:

”چو اچي دل لوڏي اٿو، قدرت سخت ڪان سخت چولين مان به بچائڻ واري آهي. پاڻ ته اڃا سڪيءَ تي آهيون. انسان جي ارادن ۽ تقدير ۾ ڪو فرق به ٿيندو آهي ڇا؟ تقدير ته هڪ نقش آهي، جنهن جي ليڪن مٿان انسان هلندو رهي ٿو. جڏهن ائين آهي ته پوءِ انسان ڪهڙيءَ حالت ۾ انهن ليڪن جي ابتڙ هلي سگهي ٿو. معنيٰ اسان جا ارادا تقدير مطابق ئي هوندا آهن.“(6)

هن ناول ۾ منظرنگاري به نهايت ئي سهڻي طريقي سان ڪئي وئي آهي، چاهي ڳوٺ هجي، درياءَ هجي، برسات هجي، موسم هجي، سپني جي تصوير سهڻي چٽي اٿس. مثلاً 17 ۽ 18 صفحي تي لکي ٿو:

”برساتن جي مند ختم ٿي وئي، ٻوڏن جو سلسلو بند ٿي ويو، ڪڪر اولهه ڪان اوپر تائين تازه دم مجاهدن وانگر آسماني ميدان تي ڊبل مارچ ڪرڻ لڳا. سج بعضي ظاهر ٿي، بعضي لکي ٿي ويو، ۽ اس ۽ ڇانوَ جي ڇپ ڇپان راند لڳي پيئي هئي. مهراڻ هاڻي ماٺو هو، آسروند ملاح جي رات ڏينهن اُڀ ۾ اکيون اٽڪايو عاجزي ڪندا هئا، اڄ الله توهار ڪري تنبيون ۽ رڇ ڪٽي گهيڙن ڏانهن هلڻ لڳا.“(7)

ٻئي هنڌ صفحي 18 تي لکي ٿو ته:

”ڳوٺ، ڳوٺ جهڙو هو، ڪچا ۽ ڪکائان گهر، مٽيءَ سان پريل آڏيون ڦڏيون گهٽيون، گهرن ۽ گهٽين ۾ نمن ۽ ٽالهين جا وڻ، سادو ماحول، سادي زندگي، ڳوٺ جي هر شيءِ امن سادي ظاهر هئي. جيڪڏهن پري کان هن ڳوٺ ڏانهن نهاربو هو ته وڻن جي جهرمٽ ۾ 10-20 گهرڙا ڳوٺاٽي سادگيءَ، خاموشيءَ جو دليل ڏيندا نظر ايندا هئا. ظاهرداري، نمائش، لالچ، فريب، ڪوڙ، ڪيني ۽ ڪلفت جو هن ماحول ۾ نالو به ڪونه هو. محبت ۽ پيار جا پليل ملاح ۽ ٻاجهه پريا ٻيڙياتا، جنهن مهل ڏس، تنهن مهل خوش، تندرست ۽ همدرد نظر آيا هئا.“(60)

گل حسن نصرپوري صاحب هن ناول جي عبارت نهايت صاف ۽ ٻولي تمام سهڻي ۽ سولي آهي. ڪٿي به ڪي ڏکيا لفظ يا منجهائيندڙ جملا پيش ڪيل ڪونهن، بلڪه هر ڳالهه سادگيءَ سان بيان ڪيل آهي. سندس هن ناول جي ٻوليءَ جي ڪري ئي هي ناول ڪامياب ويو آهي. مثال طور، هن ناول مان ٻوليءَ جو مثال پيش ڪجي ٿو:

”هتي جي هوا نج هئي، کاڌو پيتو نج هو، وٽن محبت جا مال ۽ ايمان جا اڻ کٽ خزانا هئا، غريبي گذران هو، مگر پيٽ پري کاڌائون ٿي، مفلس هئا، مگر محبت ۽ ميٺ وٽائن موڪلائي نه وئي هئي، گهڻو هون ته به راضي ۽ جي ٿورو هون ته به سرها ٿي رهيا، پلا جي ماڳهين ڪونه هون ته به صبر ۽ شڪر ڪي هٿان نه ٿي ڇڏيائون. ڳوٺ ۾ حالانڪ دولت جا نت نوان ڪرشما ۽ عيش جا علحده علحده رنگ ۽ روپ نه هئا، تاهم قدرت هن ساري ۽ نج ماحول کي دل ڪلي ويهي سينگاريو ويو هو. هتي جي وڏي ۾ وڏي خوبي هئي ته قرب ۽ سادگي، تنهن کان سواءِ سباجهڙي سنڌوءَ جو دلفريب ۽ هوشربا نظارو، جنهن جي ڏسڻ سان دل بهار بهار ٿي ويندي هئي.“(8)

گل نصرپوريءَ جو اهو هڪڙو ئي ناول لکيل آهي. هن کي رب وڏيڪ مهلت ئي ڪانه ڏني. هو نوجوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. بهرحال اهو هڪ ناول ئي سنڌي ادب جي ڪامياب ناولن ۾ شمار ٿئي ٿو، ۽ گل خود ناميارو ناول نگار جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي.

## ببليو گرافي


1. گل نصرپوري: درياءَ جي ڪپ تي، حيدرآباد، اداره آواز ادب، 1960ع
2. ايضاً، ص 9
3. ايضاً، ص 12
4. ايضاً، ص 13
5. ايضاً، ص 177





6. ايضاً، ص 17 ۽ 18
7. ايضاً، ص 18
8. ايضاً، ص 18 ۽ 15

## محمد عثمان ڏيپلائي:

(**تعارف:** محمد عثمان ڏيپلائي صاحب، هڪ زنده دل انسان ۽ سنڌي ادب جو تيز لکندڙ ۽ پورهيت اديب رهيو آهي. هو پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو ناول نويس، افسانه نگار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ صحافي رهيو آهي. هو بذات خود هڪ نظريو، هڪ ادارو ۽ هڪ لائبريري هو.

اها حقيقت آهي ته سنڌي قوم جا سياسي، سماجي، توڙي معاشي مسئلا سدائين هڪجهڙا نه رهيا آهن. حالتن جي بدلجڻ ڪري، سنڌ واسي تاريخي توڙي سياسي طور استحصال جا شڪار رهيا آهن.

ڏيپلائي صاحب هڪ ماهر طبيب طور، سنڌ جي مسئلن کي ڄاتو، سڃاتو ۽ محسوس ڪيو. سنڌين جي انهن اگهاين جي علاج لاءِ، هن قلم کي علاج طور ڪتب آندو، ۽ مرض کي جڙ کان ڪوري ڪڍڻ لاءِ، ڏينهن رات ايڏي ته جاکوڙ ڪيائين، جو سندس وفات وقت سندس ڪيترائي ڪتاب، ڇپيل توڙي اڻڇپيل حالت ۾، ٽڙيل پکڙيل اخبارن، رسالن ۽ پمفليٽن جي شڪل ۾ موجود هئا. سندن ڏيڍ سؤ کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪافي مواد اڃا اڻ ڇپيل حالت ۾ سندس فرزند وٽ موجود آهي.

ڏيپلائي صاحب سنڌ جي هڪ معروف ادبي شخصيت جو مالڪ رهيو آهي. هو ٿرپارڪر ضلعي جي ننڍي وستيءَ، ڏيپلي ۾ پيدا ٿيو، ۽ هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. ٿر ۾ ڏڪار پوڻ ڪري، روزگار جي تلاش ۾ پهرين ٽنڊي باگي آيو، جتي هڪ زميندار وٽ ڪمدار ٿي رهيو. هتي ڪيس اخبارن، رسالنۡ ڪتابن پڙهڻ جو سٺو موقعو مليو. پاڻ سنڌيءَ جا ست درجا پاس ڪيل هو، ۽ ان سان گڏ عربي، فارسي، اردو، هنديءَ ۽ انگريزي ٻين ٻولين کان سواءِ گرمکي رسم الخط به سکيو هئائين. قرآن شريف، ترجمي سان مطالعو ڪندو هو.

ڏيپلائي صاحب ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو ذهين هوندو هو. اکاڻين پڙهڻۡ لکڻ سان ته ننڍپڻ کان ئي نينهن هوندو هوس. سندس انهيءَ شوق جي ڪري، چوٿون درجو پڙهندي، هڪ هفتيوار اخبار ڪڍيائين، جنهن جو نالو 'فرحتِ آثار' رکيائين. انهيءَ اخبار ۾ هو ڪهاڻيون لکي، شايع ڪندو هو. ان وقت هو انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر به هو ۽ پوءِ پبلشر ٿيو، ۽ آهستي آهستي انهيءَ جو مالڪ پڻ بڻجي ويو.

ڏيپلائي صاحب 1942ع ۾ حيدرآباد اچي رهيو، جتي اسلاميه 'دارالاشاعت' نالي ڪتابي سلسلسو شروع ڪيائين، ۽ ان سان گڏ پنهنجي اخبار 'فرحتِ آثار' پڻ حيدرآباد منتقل ڪيائين. 1945ع ۾ هن پنهنجي پريس به



ورتي، ۽ 'عبرت' نالي سان رسالي ۾ شايع ٿيندڙ سندس ڪهاڻيون، مضمون، تاريخي ناول ۽ ناٽڪ ڇپجڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.

ڏيپلائي صاحب پهريون مضمون سورهن سالن جي عمر م لکيو، ۽ 1930ع ۾ جڏهن سنڌي ادب ۾ نوان رجحان آيا ته هن هڪ افسانو 'چنڊ سهڻو يا انسان' لکي شايع ڪرايو. سندس ناول سڄيءَ سنڌ ۾ 'ڏيپلائيءَ جا ناول' جي نالي سان مشهور آهن. اهائي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن هن کي هڪ غير معمولي شخصيت بڻائي ڇڏيو. ڪيس عام طور اسلامي تاريخي ناولن جي ڪري شهرت ملي. سندس باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ' ۾ لکي ٿو:

"ڏيپلائي سنڌيءَ جو گهڻو لکندڙ اديب ليکيو وڃي ٿو. مضمون به اهڙا ڳوليو ڪڍي، جن تي اسان ۽ اوهان جو ڌيان ئي نه ويو هوندو. سوين ناول، افسانا، توڙي ناٽڪ لکيا اٿس."(1)

ڏيپلائي، صاحب، پنهنجن ناولن لکڻ جو سلسلو عبرت رسالي کان شروع ڪيو. هن انهيءَ رسالي ۾ نهايت ئي تيزيءَ سان ۽ تمام گهڻا تاريخي ناول لکي شايع ڪيا. سندس ناول لکڻ جو خاص مقصد اهو هو ته اسلامي مجاهدن جي ڪارنامنۡ مسلمانن جي روايتي واقعن ۽ مسئلن کان ماڻهن کي متعارف ڪرائجي. هن مذهبي ڪٽرپڻي ۽ پيري مريديءَ جهڙن موضوعن تي تمام گهڻو لکيو آهي.

ڏيپلائي صاحب جي مجاهدانه زندگيءَ تي سوچڻ سان، هڪ وڏي تاريخي جدوجهد جو منظر اکين اڳيان اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ سنڌ جو اڻڄاڻ ۽ ستايل عوام، آهستي آهستي هر قسم جي شخصي، خانداني ۽ طبقاتي دٻاءُ جي زور کي ٽوڙيندو، مڃتا ۽ عقيدت جي انهن بتن کي ڀڃندو، وهم ۽ ويساهه جي مڪارين مان نڪرندو، ڪاميابيءَ سان انسانيت ۽ زندگيءَ جي آزاد راهن تي ايندو نظر اچي ٿو.

سندس انهيءَ عمل کي سنڌي عوام جي هڪ وڏي اڪثريت قبول ڪري چڪي آهي. سنڌ جي خوشحاليءَ جي انهيءَ جدوجهد ۾، هڪ ترجمان جي حيثيت ۾، ڏيپلائي صاحب هڪ فرد، هڪ جماعت، هڪ شخصيت نه پر هڪ نظريو آهي.

سنڌي معاشرو ڪيترن ئي واقعن سان ڀريو پيو آهي. علم جي ڪمي ۽ ناخواندگيءَ، اڻڄاڻائيءَ، جهالت، سنڌ جي ماڻهن کي زماني جي قدرن کان گهڻو پري پئي رکيو آهي، ۽ سنڌي ماڻهن جي اهڙي اڻڄاڻائيءَ ۽ اٻوجهائيءَ مان، ٺڳ ۽ چالاڪ قسم جي ماڻهن سدائين فائدا پئي ورتا آهن، ۽ سندن

استحصال ڪري، ڪين پئي لٽيو ۽ ڦريو آهي. عقيدي جي ڪچن ماڻهن، مٽيءَ ۽ پٿرن جي قبر ڪان وٺي، عام ماڻهن تي پروسو ۽ يقين ڪيو آهي، پر پنهنجي الله تي گهڻو ايمان ۽ يقين نه رکيو آهي، جيڪو ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. ٽوٽا ڦيٽا، تعويذ ۽ ڳنڍيون سڀ، پنهنجو پاڻ ڪي دوکي ۾ وجهڻ جون ڳالهيون آهن، جن خلاف ڏيپلائيءَ وڏو جهاد ڪيو.

ڏيپلائي صاحب سنڌ جي هارين نارين سان، زميندارن ۽ وڏيرن جي ظلم، ڪارخانيدارن جي مزدورن سان رويي، پيرن، مُلن ۽ مولوين جي فريب جي باري ۾ گهڻو لکيو آهي. هو پير پرستيءَ جي خلاف هو، ان ڪري هن انهيءَ موضوع تي ڪيترائي ڪارائتا ڪتاب پڻ لکيا آهن.

ڏيپلائي صاحب براين ۽ بديءَ جي خلاف مسلسل جدوجهد ۾، نه صرف قلم ڪان ئي ڪم ورتو، پر سندس زبان به هن جهاد ۾ قلم ڪان وڌيڪ مصروف رهي. هو ڪوڙ منافقيءَ، مڪر، ڌهڪاءَ، ڏاڍ، ظلم، ٺڳيءَ، بي ايمانيءَ ۽ بي اعماليءَ جي خلاف، بي ريائيءَ ۽بي ڊپائيءَ سان ڳالهائيندو ۽ لکندو رهيو.

ڏيپلائي صاحب ڪي نئين نسل سان نه صرف قلبي لڳاءُ هو، پر هو انهن جي آئيندي جي اهميت ۽ احترام جي واقفيت پڻ رکندو هو. هو چاهيندو هو ته اڄ جي تاريخ جي ترتيب، انهن ئي نوجوانن جي اختيار ۾ هوندي، ۽ اهي ئي هن قوم جي مستقبل جا نمائندا آهن. اهو ئي سبب هو، جو هن سنڌ جي هر ادبي ۽ قومي رجحان ۾، نئين نسل جي نمائندگيءَ ڪي ترجيح ڏني. هن هيشه پاڻ ڪان ننڍن جي همراهيءَ ۽ هم خياليءَ ڪي پنهنجي لاءِ فخر چاتو هو. هو نه صرف هڪ ايڊيٽر، پبلشر، ناول نگار، افسانه نگار، ناٽڪ نويس ۽ تخليقڪار هو، پر ساڳئي وقت هو هڪ سٺو نقاد پڻ هو.

ڏيپلائي صاحب، ابتدا ۾ پنهنجا ڪي ناول، مذهبي ڪٽرپڻي جي ردعمل ۾ لکيا هئا، ۽ انهن واقعن ڪي حقيقي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي هن ڪوشش به ڪئي، جن ڪي ڪٽر هندو اديبن غلط نموني پيش ڪيو هو.

ڏيپلائي صاحب جا تاريخي ناول، ان وقت جي لحاظ ڪان ايترا ته جذباتي هوندا هئا، جو پڙهندي وار ڪاندارجي ويندا هئا. هن جي ناولن ۾ ’سانگهڙ‘، ’انقلاب ايران‘، ’مينا بازار‘، ’نورِ توحيد‘، ’ڏاهري رنگ محل‘، ’امڙ‘ (گورڪيءَ جو ترجمو) ۽ ’انور پاشا‘ مثالي ناول هئا، جن مان ڪن تي هيٺ مختصر تبصرو ڪجي ٿو):

**مينا بازار:**

ڏيپلائي صاحب هي ناول 1949ع ۾ لکيو هو. هي اهو زمانو هو، جڏهن ’قرارداد مقاصد‘ منظور ٿيڻ جي باوجود اسلامي اصولن جي



برعڪس، ملڪ ڪي جلد سڌارڻ ۽ جاهل عورتن ڪي ماڊرن ڪرڻ جي شوق ۾ ڪن صاحبِ اقتدار جي بيگمات، ملڪ ۾ مينا بازار لڳائڻ جو شغل شروع ڪيو.

سندس حساس دل تي مينا بازار جو جيڪو ردعمل ٿيو، تنهن جو اندازو هيٺئين اقتباس مان لڳائي سگهجي ٿو:

(i) هاڻي مينا بازار جو ڪم نهايت تيزيءَ سان ٿيڻ لڳو. ملڪ سڄي ۾ اعلان ٿي ويو ته ايندڙ موسم ۾ نواب ممتاز محل صاحب جي طرفان، شهر ڪان ٻاهر هڪ مينا بازار لڳائي ويندي، سڀني هنر وارين عورتن ڪي ان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، جو ڪين منهن منگيا پئسا ملندا ۽ وڏا فائدا رسندا؛ بادشاهه سلامت خود درٻار ۾ داخل ٿيندو ۽ پنهنجن نياڻين جي ڪماليت ڪي ملاحظه فرمائيندو.

(ii) انهيءَ مينا بازار ۾ امير عورتن، لباس ۽ زيورن جا نوان نوان طريقا ايجاد ڪيا، ۽ غريب هنرمند عورتن، پنهنجي هنر جا ڪمال ڏيکاريا، پر ڪٿي امير عورتن، غريبن جو هنر خريد ڪيو، ته وري ڪي اهڙيون امير عورتون به هيون، جن وٽ هنر به هو ته پئسو به، اهي نهايت خوش هيون، ڇاڪاڻ ته انسان جي اصل خوشي هنر ۾ آهي، نه پئسي ۾.

(iii) مينا بازار ۾ گهڙڻ سان راڻي صاحبه ته بت بڻجي وئي، ڇو ته ڪيس نڪي ايڏو گمان هو ته ڪي بي انداز عورتون دور دراز علائقن ڪان اينديون، نه ڪيس ڪو اهو گمان هو ته سرزمين هند تي اهڙا بي بها جواهر به موجود آهن، جن جي پيشانين جي شعاعن ڪان ڪوهه قاف جون پريون به ماند آهن... هي حسن بي پناهه جڏهن شهنشاهه اڳيان بي پرده پيش ٿيو، تڏهن اسان پورهيتن جو ڪم پورو ٿيو... ڇيائين، ڏسو بادشاهه نهايت دينڊار آهي. هن ڪي ڪنهن جو ناز ونخرو ۽ بيدينيءَ جي ڳالهه پسند نه ايندي، بلڪ هن سان هو نگاهه ملائڻ ڪان به باز رهجو، ڇاڪاڻ ته هو رعيت جي هر عورت ڪي نياڻي سمجهي ٿو، ۽ هڪ نياڻيءَ لاءِ اها شرم جي ڳالهه ٿيندي، جو پنهنجيءَ پيءُ سان بي حجاب نگاهه ملائي.

ڏيپلائي صاحب جو هي ناول جوش ۽ جذبي واريءَ عبارت سان پريل آهي. سندس هن ناول جي ٻولي بامحاوره ۽ اصطلاحي آهي.

**سانگهڙ:**

ڏيپلائي صاحب جو لکيل ناول ’سانگهڙ‘، سندس سڀني ناولن ۾ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. هن ناول تي رائٽرس گلڊ طرفان ڪيس انعام پڻ مليو

هو. هي ناول 1963ع ۾ ڇپيو هو ۽ هاڻي هن ناول جو تازو ڇاپو نيو فيلڊس پبليڪيشن پڻ پڌرو ڪيو آهي.

هي ناول حُر تحريڪ ۽ پير صبغت الله شاهه راشدي، پير پاڳاري (ثانيءَ) جي جدوجهد جي باري ۾ آهي. هي ناول حقيقتن ۽ سچن واقعن تي مبني آهي، پر ناول کي دلچسپ بنائڻ لاءِ، افسانوي انداز اختيار ڪيو اٿس.

حُر ڪمشنر، مسٽر لئمبرڪ، جنهن حر تحريڪ جي باري ۾ 'دي ٽيررسٽ' (The Terrorist) جي عنوان سان ڪتاب لکيو هو، سو دراصل هن تحريڪ کي سمجهي ئي نه سگهيو هو. انگريز، حرن کي صرف ڌاڙيل ئي سمجهندا هئا، جڏهن ته هو انگريز سامراج جي بالاستيءَ جي خلاف، ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ناليءَ ۾ وڙهي رهيا هئا. ڏيپلائي صاحب پنهنجي هن ناول ۾، انهن (حُرن) جي حريت پسنديءَ جي عنصر کان اُجاگر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، هن ناول بابت پنهنجن خيالن کي هن ريت پيش ڪري ٿو:

"هن دؤر ۾، ڏيپلائي صاحب جو قلم به تيز هليو. هن صاحب ڪيترائي ناول لکيا. زنده اديبن ۾ ڏيپلائي صاحب جيترا ڪتاب اچا تائين ڪوبه لکي ڪونه سگهيو آهي. سنڌي قوميت جي مسئلي تي لکڻ جي ڪري هن بزرگ کي جيل به موڪليو ويو، جتي حر تحريڪ تي، سانگهڙ جي عنوان سان تمام ضخيم ناول لکيائين. هن ناول مان سنڌي مردن ته خير، پر عورتن جي همت ۽ جرئت جا ڪئين مثال ملن ٿا."(2)

هن ناول بابت خود مصنف، مقدمي ۾ لکي ٿو:

"منهنجو هي پهريون اوريجنل ناول آهي، جو سنڌ جي عوامي حالات تي مشتمل آهي ۽ انهن چاليهن ڏينهن ۾ لکيل آهي، جي مون حيدرآباد سينٽرل جيل جي ڪلاس 'سي' ۾ گذريا."

"هن ناول ۾ اوهان کي لڙڪ ۽ مرڪ، ٺهڪ ۽ ڇهڪ، حيرت ۽ عبرت، غم ۽ غصو، جوش ۽ هوش، محبت ۽ وحشت، فرض ۽ عزازت، رحم ۽ قهر، عقل ۽ عشق، حب الوطني ۽ غداري وغيره نظر ايندا."(3)

ڏيپلائي صاحب جي هن ناول (سانگهڙ) جا ڪيترائي اهم ڪردار، جن ۾ مرد به آهن ته عورتون به. انهن جي ڪردار نگاري نهايت ئي دلچسپ پيش ڪئي اٿس. مثلاً: بچو بادشاهه جي ڪردار جي باري ۾ لکي ٿو:

"گلو گورنر ۽ جيجو جرنيل کي هن طرح پيش ڪيو اٿس:

"سندس پٽن کي جو اٿاهه دولت هٿ اچي وئي، سي به حال ته ٽال ڪرڻ لڳا، پر جڏهن گلو گورنر جي صحيح سان، جيجو جرنيل جي قاصد اچي نوٽيس پهچايو، ته هيترا پئسا فلاڻي هنڌ پهچايو، نه ته اماڻيون ٿا پڙهين



وٺ، ته نوخيز نوجوان ڏڃي ويا ۽ هٿ پير جوڙي، هر ڪا طلب پئي ڪيائون."

انهيءَ ڪان علاوه عورتن ۾ بيگو رنڊڻ، بصران خاصخيلي، زهران، عاقلان، فريدان، هوندل ماڇياڻي، مائي مرڪان، مائي مريم، مرادان خاصخيلڻ، مائي خاصخيلڻ، مائي سون ٻائي، لال خاصخيلڻ، زينت،، نوري رنڊڻ وغيره نهايت ئي بهادر، همت واريون ۽ پهلوان عورتون هيون، جن پنهنجي جان، مال، عزت ۽ آبروءَ جي پرواهه نه ڪري، قربانيون ڏيئي، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري، ڪاميابي حاصل ڪئي.

سندس هن ناول ۾ نهايت ئي رنگين، وڻندڙ نموني تهلڪو مچائيندڙ واقعا، عبرت انگيز فضا، ۽ جنگ و جدل جي منظرن سان پرپور آهن، جن ۾ ٻولي ۽ گفتگو نهايت دلچسپ ڪم آندي اٿس.

انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ سنڌيءَ جون اڻ ڳڻيون چوڻيون، ٻي انداز پهاڪا، اصطلاح ۽ محاورا پيش ڪيل آهن، جيڪي هن ناول کي نهايت ئي خوبصورت ۽ دلچسپ بنائين ٿا، مثلاً:

- ڳوهه کي جا ڪٽندي آهي ڪُتي، ته وڄي شڪارين جا گهر ڳوليندي. (صفحو 38)
- لڙڪن لاڙڻ مان ڪجهه نه ورندو.
- ٻاري ۾ ٻاڻي ٿا جهاڳين ۽ لکن ۾ لنديون ٿا لتاڙين.
- جٽ جا ٻار، جيئن ٿورا، تيئن چڱا
- اُپ ڦاٽي پيو. (ص 36)
- گهوڙو ورلوڙو پيو. (ص 37)
- اک نه ڏسي گوڏي کي،
- ڪانگن جي ڪٽنب مان ڪوبه نه بچيو آهي، جو لولو ويندو حج تي، (ص 40)
- جيئجي ته شينهن وانگر، مرجي ته شينهن وانگر، (ص 42)
- پوليس جي مار کان ته جن به ڀڄي ويندا آهن.

ڏيپلائي صاحب جي هن ناول، هڪ نئين رنگ ڍنگ سان ماڻهن کي آشنا ڪيو، جنهن جو پرپور تاثر سندس هن ناول کي هڪ شاهڪار بنائي ويو.

ڏيپلائي صاحب جي هن ناول جي باري ۾ پروفيسر هيرو شيوڪاڻي پنهنجي مضمون، 'سنڌي ڪٿا ساهتيه ۽ سنڌي جيون' ۾ لکي ٿو ته:

"ڏيپلائيءَ سنڌي جيون جي هن، انيڪ امڪاني قوتن سان ڀريل داستان کي، پوري ميزان، صحيح تاريخي مفهوم ۽ گهري چيد ۽ ڪٽ سان پنهنجي شاهي ناول، سانگهڙ ۾ پيش ڪيو آهي... هي ناول لاشڪ اڄ تائين سنڌيءَ جو

هڪڙو ئي ضخيم ناول آهي. هن ناول جي وسيع گهيري ۾ حرن جا منظم ۽ بهادرانه انداز وارا ڪارناما، وستار سان پيش ڪيل آهن. سڀ ڪان اهم ڳالهه ته ليڪڪ، زمينداري ظلم ۽ بغاوت، فضول عياشي ۽ سرڪار سان سندن سازڪار بنهه تاريخي ساڃاهه سان چٽي آهي. هڪڙي غريب مگر خوددار سنڌ جي هاريءَ گامڻءَ جي ولولي خيز زندگيءَ جي اردگرد، ناول جي سموري واقعاتي ڍانچي جو تاڃي پيٽو، ڏيپلائي صاحب حقيقت نگاريءَ سان اُٽيو آهي.

پنهنجي اظهار ۾ هو انتهائي بيباڪ آهي. اهي صفتون لاشڪ هن ناول کي پارٽي ٻولين جي اهڙن برڪ ناولن جي صف ۾ آٽيو بيهارين، جيڪي پنهنجي سماج جو نه فقط دستاويز آهن، بلڪ معقول چيد ۽ ڪٿ به، ليڪڪ ڪٿي به انساني جذبن جو پابند نه ڇڏيو آهي.“(4)

ڏيپلائي صاحب ٻيا ڪيترائي تاريخي، مذهبي ۽ اسلامي موضوعن تي ناول لکيا آهن. حقيقت ۾ هن ناول لکڻ جو مقصد، هن جي آڏو صرف پنهنجي مشن جي تبليغ ۽ قوم جو اصلاح ڪرڻ هو. هن تاريخي ناول جي فن، ناول کي سنڌيءَ ۾ فروغ ڏنو. شروع شروع ۾ هن صرف ترجمن تي اڪتفا ڪئي، پر پوءِ پنهنجي تخليقي قوت کان ڪم وٺندي، انهن ۾ ڦير ڦار ڪئي ۽ آزاد ترجمن سان گڏ، بعد ۾ تقريباً ٻه ڊزن ڪن طبعزاد ناول لکيائين، جن مان ڪجهه پاڪستان کان ٻاهر به ڇپجندا رهيا آهن.

## ببليوگرافي


1. جوٽيجو عبدالجبار: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1966ع
3. ڏيپلائي، محمد عثمان: سانگهڙ (ناول) رائيٽرس گلڊ، مقدمو، 1963ع
4. هيرو شيوڪاڻي، پروفيسر: سنڌي ڪٿا ساهتيه ۽ سنڌي جيون، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1982ع، ص ص 68 – 69




**پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم:**

(**تعارف:** سنڌي زبان ۾ ناولن کي ترجمو ڪندڙن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم جو نالو به وڏو نالو آهي. پروفيسر قاضي خادم حسين صاحب جو اصل نالو، خادم حسين قريشي آهي. هو 21 نومبر 1945ع تي، پراڻن هالن جي معزز قاضي خاندان جي فرد، قاضي محمد لائق جي گهر ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ نور محمد هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ سٽي آرٽس ڪاليج ۽ سچل ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ آنرس سائيڊ تي ايم-اي ڪيائين. هن انگريزي لٽريچر ۾ به ايم-اي، جي ڊگري حاصل ڪئي. ڊاڪٽر قاضي خادم حسين، (سنڌي داستان نويسيءَ تي) تحقيقي مقالو لکي ڊاڪٽريٽ جي ڊگهري حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر قاضي خادم سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. انهن ۾ پهريون اردو ناول ’ٻسلغ نڈ ڈلف لٰيِ ضلجي يڈ‘ ۽ ’ٻنقڈ نۆلٰڈ جڦ‘ لکيائين. سنڌيءَ ۾ هن جو پهريون ڪتاب البرٽ ڪاميو جي ناول The Fall جو سنڌيءَ ۾ ’زوال‘ جي نالي سان ترجمو ڪيائين. سندس هي ناول 1967ع ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ ’يان پال سارتر‘ جي ناول جو ترجمو ’پيار‘ جي نالي سان ڪيائين. سندس ٿيون ناول ’سونهن جي ديوي‘ آهي، جيڪو ’پيري لوئيءَ‘ جي ناول جو ترجمو آهي. ان کان پوءِ ’دوستو وسڪيءَ‘ جي ناول جو ترجمو ’جوئاري‘ نالي سان ڪيائين. سندس طبعزاد ناولن ۾ ’پيار ۽ سپنا‘ (1977ع) ۽ ’درد جي خوشبو‘ (1981ع) نالي سان آهن.

ڊاڪٽر قاضي خادم حسين، سنڌي ادب ۾ بحيثيت ڪهاڻيڪار به مڃيو وڃي ٿو. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون آهن. سندس افسانن جو مجموعو ’سمنڊ اُپسمنڊ‘ (1983ع) جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

انهيءَ کان سواءِ پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم حسين، ڪيتري ئي عرصي کان، ريڊيو ۽ ٽي-ويءَ لاءِ ڪيترائي سنڌي ڊراما لکيا آهن. سندس ريڊيو ۽ ٽي-وي ڊرامن جو مجموعو، 1982ع ۾ ’لڙڪ لڙڪ زنجير‘ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. ڊاڪٽر قاضي خادم حسين نه صرف ڪهاڻيون، ناول ۽ ڊراما لکيا آهن، پر سندس ڪيترائي تحقيقي، تخليقي ۽ تنقيدي مضمون پڻ شايع ٿيل آهن.

ڊاڪٽر قاضي خادم حسين جا سنڌيءَ ۾ لکيل ناول تمام گهڻا ڪامياب ناول آهن. هن انهن ناولن ۾ جديد رجحان جي مطابق تجربا پڻ ڪيا آهن. موجوده جديد دؤر ۾ سنڌي ناول نگارن ۾ سندس نالو نمايان حيثيت رکي ٿو.

هن، ناول جي صنف تي ڪيترائي مضمون به لکيا آهن. ناول جي موضوع بابت پنهنجي هڪ مضمون ۾ هو لکي ٿو ته:

”منهنجي نظر ۾ ادب جي ڪابه صنف ناول جي پيٽ ۾ مڪمل چئي نٿي سگهجي. افساني ۽ ڊرامي سان ته ڪي پابنديون لاڳو آهن، جن ۾ وقت جي پابندي، خيال جي پابندي ۽ پيشڪش لاءِ هڪ مدو شامل آهي، پر ناول هڪ طرف ادبي چاهه جي اُڃ اُجهائي ٿو ته ٻئي طرف هڪ مخصوص دؤر جي معاشري جي پاسباني به ڪري ٿو، عام انساني سياءَ متعلق ڄاڻ به ڏي ٿو ته معاشري ۾ رهندڙ مختلف فردن جي ڄاڻ ۾ لڳ لاڳاپي، دوستي، دشمني، پيار ۽ نفرت، بهادري ۽ بزدلي ڪي به واضح ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو ناول لکڻ، افساني توڙي ڊرامي کان ڏکيو ڪم آهي.“)(1)

ڊاڪٽر قاضي خادم حسين جي ناولن مان ڪن تي هيٺ تبصرو ڪجي ٿو:

**1. زوال:**

ڊاڪٽر قاضي خادم حسين صاحب، هي ناول ’البرٽ ڪاميو‘ جي ناول The Fall جو، 1977ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو شايع ڪرايو. البرٽ ڪاميو به دنيا جي انهن وڏن اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، جن دنيا جي ادب تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي آهي. هن پنهنجي تحرير ذريعي، زندگيءَ کي، هڪ مخصوص ڍنگ جي ذريعي ظاهر ڪرڻ گهريو آهي، جيڪو ڍنگ يا اسٽائيل، ڪاميو جا احساس زندگي، دنيا ۾ انسان بابت سندس خيال ۽ فڪر، ڪاميو جي فلسفي طور مشهور آهن. هن جيڪي به لکيو آهي، اهو دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ڀڻ ڪيو ويو آهي. سندس هي ناول The Fall ادب جي جديد رجحانن مطابق آهي. هي ناول ’پلاٽ ليس‘ (Plotless) ناول آهي. پروفيسر قاضي خادم، هي ناول ترجمو ڪري، جديد دؤر جي مطابق، ’پلاٽ ليس‘ ناول کي، سنڌي ناولن ۾ شامل ڪيو آهي. هن ناول جو ترجمو قاضي خادم نهايت ئي آسان ٻوليءَ ۾، سهڻي طريقي سان ڪيو آهي. هن ناول ۾ ماحول اهو ئي آندو اٿس. سندس هن ناول مان، ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ٻه ٽي مثال پيش ڪجن ٿا:

”چڱو سائين سڀاڻي تائين موڪلاڻي، خدا حافظ! هاڻي اوهين سولائيءَ سان پنهنجو رستو ڳولي سگهندا. آءٌ اوهان کي پل تائين ڇڏي ٿو اچان. آءٌ رات جو ڪڏهن به هن پل کان پرتي نه ويندو آهيان. مون ان لاءِ قسم کڻي ڇڏيو آهي. فرض ڪريو اتفاق آهي، ڪو ماڻهو ڪٽي هيٺ درياءَ ۾ ٽپو ڏئي ته پوءِ ڇا ڪجي؟ ضرور ٻن مان هڪڙي ڳالهه ڪرڻي پوندي، يا ته ان کي بچائڻ لاءِ اوهين هيڙي ٿڌ ۾ پاڻيءَ اندر ٽپي پئو، جا وڏي جوکم جي ڳالهه آهي، يا ته وري ان کي موت جي منهن ۾ ڇڏي، اوهين پنهنجي واٽ هليا وڃو؛ پر



اهڙيءَ حالت ۾، ڪنهن کي ٻڏندي ڏسي، درياءَ ۾ ٽپي پوڻ جي خواهش کي دٻائڻ، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي عجيب اندروني عذاب ۾ مبتلا ڪريو ڇڏي.“(2)

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”آءٌ ڏاڍو سڀاڳو سمجهندو هوس، جڏهن خوش قسمتيءَ سان مون کي ڪو اهڙو موقعو ملي ويندو هو جو آءٌ بس ۾ يا ٽرام ۾ پنهنجيءَ جاءِ تان اُٿي، اها ڪنهن ٻئي اهڙي بيٺل ماڻهوءَ کي پيش ڪندو هوس، جيڪو مون کان وڌيڪ مستحق هوندو هو، يا ڪنهن ٻڍڙيءَ جي هٿ مان ڪري پيل شيءِ پٽ تان کڻي، ڪيس اهڙيءَ مرڪ سان موٽائيندو هوس، جيڪا اهڙن موقعن تي خودبخود منهنجن چپن تي اچي ويندي هئي، يا پنهنجي لاءِ روڪيل ٽئڪسي، ڪنهن ٻئي اهڙي ماڻهوءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هوس، جنهن کي مون کان وڌيڪ تڪڙو ڪيڏانهن وڃڻو هوندو هو، تڏهن منهنجي خوشيءَ جي اصل انتها ڪانه هوندي هئي. ٽرين جي گاڏي ۾ عورتن کي سندن سامان چاڙهڻ ۽ تختي مٿان لاهي رکڻ ۾ مدد ڪندو هوس. اهي سڀ خدمتون آءٌ ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪندو هوس. انهن مان دل کي جيڪا فرحت حاصل ٿيندي هئي تنهن مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ آءٌ وڌيڪ تيار هوندو هوس.“(3)

**پيار ۽ سپنا:**

ڊاڪٽر قاضي خادم، هي ناول 1977ع ۾ لکيو ۽ زيب ادبي مرڪز ان کي شايع ڪيو. هي سندس طبعزاد ناول آهي. هي هڪ رومانوي ناول آهي. هن ناول ۾ حقيقي انسانن جي محبت جو ذڪر ڪيل آهي، ۽ ان سان گڏوگڏ هن ناول ۾ سماج جي ريتن، رسمن ۽ ڏاڍن جي ظلمن جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. مراد علي مرزا صاحب هن ناول تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”هن هڪ ازلي ۽ ابدي حقيقت جي اپٽار ڪئي آهي. هڪ اهڙي حقيقت جيڪا هر هنڌ موجود آهي، جنهن جو هر انسان کي احساس آهي، ۽ جنهن کان سواءِ زندگي اجائي ۽ بيڪار آهي. اها حقيقت هئي محبت، ٻن انسانن جي پاڻ ۾ محبت، محبت جيڪا تخليق جو سرچشمو آهي. محبت جي ڪري ڪائنات جي رنگينيءَ ۾ رونق آهي. محبت، جيڪا دلين ۾ سونهن جو سوداءُ پيدا ڪري ٿي، جيڪا دلين ۾ گرمي، جوش ۽ ولولو جاڳائي ٿي، جنهن کان سواءِ هر شيءِ بُسي ۽ بي رنگ آهي.“(4)

هن ناول ۾ ڪهاڻيءَ سان گڏ حسن بيانيءَ جي خوبين ۾ منظرنگاري ۽ عبارت آرائي سهڻي طريقي سان ڪئي وئي آهي. مثلاً صفحي 19 تي لکي ٿو ته:

”هو ٻئي ڏاڪڻيون لهي هيٺ پهتيون ته موسم ڏاڍي خوشگوار ٿي وئي هئي. وڏا وڏا ڪڪر آسمان ۾ ۽ اُڀن جهڙا ڪڪر مٿي جي مٿان هوا ۾ تري رهيا هئا. عجيب رومانوي ماحول ٿي لڳو. اهوئي ته طلسم هو، جنهن هن جي روح کي ڏنگيو هو. اهي ئي ڪڪرن جا پاڇولا هئا، جن جي هيٺان هن پهريون ڀيرو سڪندر سان ڳالهايو هو. ها ان نوجوان سان هن جا قدم ڊاليءَ سان گڏ ڪشمير پوائنٽ ڏانهن وڌي رهيا هئا. خوبانيون ڪائي رهي هئي ۽ سامهون لوئر ٽوپا جي واديءَ مٿان اڇا اڇا ڪڪر دونهين جي ڪڪرن وانگر اچ وڃ ڪري رهيا هئا.“(5)

پروفيسر صاحب هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”ٻاهر آسمان تي گهرا ميرا ڪڪر ڇانيل هئا، هوا به تمام ٿڌي ٿي وئي هئي. سج جا ڪرڻا سُئِن وانگر جسم ۾ چڀيو وڃن، پر ٿوروڪر سج جي سامهون آيو ناهي ۽ سيءُ شروع ٿيو ناهي. ڪوٺر نوجوان جوڙي سان قدم سان ملائي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.“(6)

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته هن ناول ۾ ڏاڍن جي ظلمن جو نقشو چٽيو ويو آهي. انهن ۾ دولتمندن، سرمائيدارن ۽ سماج جي ٺيڪيدارن جي ڏيکا ڏيکي وغيره کي خاص طور ننديو آهي. جيئن ڊاڪٽر صاحب صفحي 75 تي فرمايو آهي:

”بلڪل ظاهر آهي ته اسين پنهنجي دولتمنديءَ جي اظهار لاءِ ٿا پهاڙ تي اچون. انگريز ته واقعي گرمين کان بچي پهاڙن تي پناهه وٺندا هئا، پر اسين انگريزن جا نقال آهيون. تمام گرم علائقن جي رهندڙ، پر صرف دولت جي زور تي پنهنجي ماحول کان ڀڄيو اچيو پهاڙن کان پناهه گهرون. هو هڪ وڏي گهراڻي جو لاڏلو ٻار هو ۽ ڄمڻ کان وٺي هن عمر تائين، سواءِ پئسي جي چٽڪاڻ جي ٻيو آواز سندس ڪنن تي ڪونه پيو هو، تنهن کي ڀلا هي نقطا ۽ ڳالهيون ڪيئن سمجهه ۾ اينديون.“(7)

هن ناول ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم ڪيترائي اهم نڪتا پيش ڪيا آهن: مثلاً:

(1) عورت ۽ مرد جو پڙهيل لکيل هئڻ سان سڀني برائين کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

(2) جٽ جو ساٿي ڏنڊو هوندو آهي ۽ پڙهيل جو ساٿي ذهن هوندو آهي. مرد، عورت لاءِ ذهن جي حيثيت رکندو آهي.“(8)

ٻئي هنڌ عورت ۽ مرد جي فطري طور شڪي ۽ حساس هجڻ جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

”عورت ڪيتري به پڙهي پوندي، پر رهندي ساڳي حاسد، مرد ڪيڏو به آزاد خيال ڇو نه ٿي وڃي، پر رهندو ساڳيو شڪي.“(9)



هي ناول، قاضي خادم جو پهريون، طبعزاد ناول هئڻ جي حيثيت ۾ هڪ ڪامياب ۽ جديد ٽيڪنڪ سان لکيل ڪامياب ناول آهي.

**درد جي خوشبوءِ:**

ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب هي ناول 1981ع ۾ لکيو. هي سندس ٻيو طبعزاد ناول آهي، جيڪو نيو فيلڊس پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هي هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ناول ۾ اهڙا واقعا ۽ ڪردار پيش ڪيل آهن، جيڪي پنهنجي اندر جي پيڙا پاڻ ڀوڳين ٿا، پر انهيءَ سان ٻئي ڪنهن کي به شامل نٿا ڪن. هن ناول ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جيڪي اهم نڪتا ڪڍي هي ناول لکيو آهي، انهن ۾ خاص طور زندگيءَ جي وڏن حادثن مان ننڍن ننڍن واقعن جي ميلاپ مان رنگ حاصل ڪرڻ، هڪ نوجوان جو محبت جي جذبي سان پهريون ٽڪر، هڪ خوبصورت عورت جو پهرئين پيار جو تجربو، هڪ زنده دل شخص جو پهريون ڏک جو واسطو، هڪ انسان جو پهريون موت جو ذائقو. انساني سڀاءُ ۾ لڪل لطيف جذبا جيڪي هر گذرندڙ هر پل کي امر بڻائي ٿا ڇڏين، انهن جو نالو ’درد جي خوشبو‘ آهي. هن ناول جي باري ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم خود لکي ٿو ته:

”آءٌ ته صرف پنهنجي معاشري جي عام انسانن جي زندگي، هنن جي هلت چلت، سوچ جو انداز ۽ پنهنجن مسئلن کي پاڻ نبيرڻ واري رخ کي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.“(10)

ڊاڪٽر قاضي خادم جو خيال آهي ته زندگي وڏن واقعن يا حادثن جو نالو ناهي، پر زندگيءَ جو اصل مزو ننڍن ننڍن مسئلن ۽ مختصر واقعن جي گڏيل تاثر ۾ آهي، پوءِ اهو تاثر ڪڏهن خوشبوءِ آڻي ٿو ته ڪڏهن ڏک ۽ تڪليفون، پر ڪي ڏک ۽ سورَ اهڙا به ٿيندا آهن، جو ماڻهو چاهيندو آهي ته پنهنجون خوشيون انهن مٿان گهوري ڇڏي. ڊاڪٽر صاحب صفحي 28 تي لکي ٿو ته:

”منهنجو اهو ايمان آهي ته، حقيقي خوشيون صرف تڏهن حاصل ٿي سگهن ٿيون، جڏهن اسين سڀ خوش هجون، پنهنجين خوشين ۾ هڪٻئي کي شريڪ ڪريون، ننڍيون ننڍيون حقيقتون ئي وڏن واقعن جو بنياد بڻجنديون آهن. اهي ئي زندگيءَ جي طويل ٿڪائيندڙ سفر ۾ مختلف فاصلن تي ننڍڙن ساون ۽ شاداب نخلستانن جي حيثيت رکن ٿيون. آءٌ انهن حقيقتن جي تلاش ۾ آهيان.“(11)

پروفيسر خادم حسين هن ناول ۾ ڪهاڻيءَ کان سواءِ ڪردار نگاريءَ سان گڏ، منظر نگاري به سهڻي پيش ڪئي آهي. مثلاً هو صفحي 134 تي هڪ منظر هن ريت ٿو پيش ڪري:

”هو مال روڊ تي نڪري آيا. يونيورسٽيءَ جي خاموش پڪين ديوارن

مان نڪري، گوڙ ۽ هجوم سان ڀريل رستو بلڪل جدا ڏيک ڏيئي رهيو هو. هرڪو پنهنجيءَ ۾ ئي مست، هيڏانهن هوڏانهن، اچ وڃ ڪري رهيو هو. پراڻي انارڪليءَ مان نئين انارڪليءَ ڏانهن ويندڙ ماڻهو، بولٽن مارڪيٽ مان خريداريون ڪري، نڪرندڙ جوڙا، سامهون ميوزم ۾ ويندڙ سياح ۽ اسڪالر، ڪيمرا ڪلهن ۾ وجهيو، فوٽو ڪڍندڙ، سنڌ جا وڏيرا وڏين وڏين ڪارن ۾، ڀلا آخر مغربي پاڪستان جي گادي هئي، لاهور اڃا به مغليه دؤر ۾ هو.“(12)

ٻئي هنڌ صفحي 170 تي منظرنگاري هن ريت ٿو ڪري:

”هو مريءَ پهتا ته برفباري شروع ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري بس مان لهي، مال روڊ تائين چاڙهيون ۽ ڏاڪڻيون چڙهندي، هنن جا ڪلها ۽ مٿان برف جي اڇي ڀوري سان ڍڪجي پيا هئا، نرم نرم برف جا ذرڙا جسم تي لڳي، ڏاڍي فرحت بخشي رهيا هئا. هن کي، جوڙا ۽ ننڍڙا ٻار خوشيءَ وچان برف جا گولا ٺاهي، هڪٻئي ڏانهن اڇلائيندا نظر پئي آيا. گرم ڪپڙن ۽ اڇن ٽوپن ۾ ويڙهيل ٻار ڏاڍا سهڻا نظر اچي رهيا هئا. هو هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڊوڙي ٻڪي رهيا هئا. هنن جا ڪلن جا ڪوڪرا، ڪنهن ۾ زندگيءَ جي نواڻ ۽ معصوميت جا عجيب احساس اُڀاري رهيا هئا.“(13)

هن ناول ۾ ٻولي به نهايت سولي ۽ آسان استعمال ڪيل آهي. مثال طور هي مثال ملاحظه فرمايو:

”هوءَ ڏاڍي مايوس ٿي هئي. هن جي اتان دل ڪٽي ٿي پئي هئي، هوءَ واپس هلي آئي، هڪ اهڙي شخص وانگر، جيڪو جوُئا جي ميز تي سڀ ڪجهه هارائي چڪو هجي. هن دل ۾ جيڪي جملا گهڙيا هئا، اهي ور ور ڪري ڪيس ڏنگي رهيا هئا. هن کي خبر هئي ته اهي جملا هاڻ صرف دل ۾ رهندا ۽ جيئن ڪنهن ڦڳل رڪارڊ تي سئي اٽڪي پوندي آهي، ۽ بار بار ساڳيو لفظ پيو وڄندو آهي، تيئن هي جملا هن جي دل ۾ بار بار پيا وڄندا.“(14)

مطلب ته پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم جو نالو موجوده دؤر جي اهم ناول نگارن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. سندس ناول، زندگيءَ جي معمولي واقعن ۽ مسئلن جي اپٽار ڪري ٿو. هن موجوده مصروف زندگيءَ مان تجربو حاصل ڪري ۽ خوش رهڻ ۽ وندر حاصل ڪرڻ لاءِ هي ناول لکيا آهن. هن جا ناول پيار ۽ محبت جي واقعن سان ڀريل آهن.

ان ڪان علاوه ڊاڪٽر قاضي خادم جو ترجمو ڪيل ناول ’پيار‘، جيڪو هن ’سارتر‘ جي ناوليٽ تان ترجمو ڪيو آهي. 1973ع ۾ شايع ٿيو. سندس ٻيو ترجمو ٿيل ناول ’جواري‘ آهي، جيڪو ’دوستو وسڪيءَ‘ جي ناول تان ترجمو ڪيو هئائين، هي ٻئي ناول سنڌي ادب ۾ اهم ناول شمار ڪيا وڃن ٿا.



## ببليوگرافي


1. قاضي خادم، ڊاڪٽر: زوال، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، 1967ع
2. ايضاً، ص 17
3. ايضاً، ص ص 21 ۽ 25
4. ايضاً، پيار ۽ سپنا، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد
5. ايضاً 1977ع
6. ايضاً، ص 19
7. ايضاً، ص 64
8. ايضاً، ص 129
9. ايضاً، ص 55
10. ايضاً، ڊاڪٽر: درد جي خوشبو، حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1981ع
11. ايضاً، ص 28
12. ايضاً، ص 133
13. ايضاً، ص 170
14. ايضاً، ص 170

## ملڪ آگاڻي (1949ع کان 2001ع)

(**تعارف:** ملڪ آگاڻي جو اصل نالو محمد صفر هو ۽ ڳوٺ آگاڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس هو. آگاڻيءَ جا ناول ”نيروليءَ جو ڪن“ 1987ع، ”سچ جا پاڇا“ 2005ع شايع ٿيل آهن. هن جون ڪهاڻيون پڻ شايع ٿيل آهن ۽ سندس ٽي- وي ڊراما پڻ پيش ٿيندا رهيا.)

**نيروليءَ جو ڪن:**

هي ناول ملڪ آگاڻي 1983ع ۾ لکيو. هن ناول ۾ گهريلو زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل آهي. ليڪ هن ناول جو دائرو گهڻو وسيع ڪيو آهي. هن ۾ هڪ گهر جي ماحول جي عڪاسيءَ سان گڏ، ڳوٺ جا مسئلا، بلڪ سڄيءَ سنڌ جا مسئلا پيش ڪيل آهن. هن ۾ ٻن ڪردارن يعني هڪ مرد ۾ هڪ عورت جي گفتگو جي ذريعي، سڄي سنڌ جي عورتن ۽ مردن جو نفسياتي جائزو پيش ڪيل آهي.

هن ناول ۾ سنڌي قوم جي زندگيءَ جي عڪاسي، سنڌي سماج ۽ سنڌي تهذيب جي عڪاسي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي زندگيءَ جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. ان کان علاوه سنڌ جي سياست ۽ سنڌ جي سياسي شخصيتن جو ادب ۽ اهم ڪردار پيش ڪيل آهي.

هن ناول ۾ ناول نگار جي لکڻ جو مقصد هيءُ آهي ته، اسان سڀ سنڌي ماڻهو يڪجاءِ ٿي، سنڌ جي حقن جي لاءِ جنگ ڪريون، سنڌ کي براين ۽ بڇڙاين کان پاڪ ڪريون، ۽ سنڌي ماڻهن جي چوڪاري لاءِ سنڌ جي سياستدانن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻ، ۽ منجهائن اتفاقي، هڪ ٻئي کي نقصان رسائڻ، هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي ڪردار ڪشي ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ چئون ۽ متحد ٿي پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪري، پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ خاطر، جدوجهد ڪري سنڌ ۾ انقلاب آڻيون.

هن ناول ۾، سنڌ ۾ 1983ع واري عوامي تحريڪ جي جدوجهد، سنڌ ۾ مايوسي، بيچيني ۽احتجاج جي عڪاسي ڪيل آهي.

هن ناول جي فني اسٽائيل هڪ نرالي قسم جي آهي. هن ناول ۾ سنڌي معاشري ۾ امن، سڪون، آزاديءَ ۽ سلامتيءَ جي لاءِ تبليغ ڪيل آهي. مصنف هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”اسان جيڪڏهن اڄ جي سڌريل انقلابن، ڪميونزم ۽سرمائيداري کي، ڪلهه جي غلامي واري دور، رومن، اميه، عباسي، چنگيزي دؤرن سان ڀيٽ



ڪريون ته آخر ڪهڙو فرق محسوس ٿيندو؟ فرق جي آهي به ته اهو، جو ڪلهه مذهب جي نالي ۾ رت وهايو ٿو وڃي. اڄ اسٽيٽ جي نالي ۾ ٿا انسان ڪٺا وڃن، ته جنهن سچائيءَ جي اسان کي ضرورت هئي، آهي ۽ جنهن سک شانتي، امن سلامتي جي تلاش ۾ انسان صدين کان ڀٽڪندو رهيو آهي، اها سچائي اشتراڪيت ۾ به نه ٿي ملي. اسان کي شروع کان ڪنهن اهڙي معاشري جي ضرورت رهي آهي، جنهن ۾ آزادي، امن، شانتي، سک ۽ سلامتي هجي.“(1)

هن ناول جي ٻولي به چوٽين، پهاڪن سان ڀرپور آهي. مثال طور:

(1) ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏو هٽي تيرهن.

(2) اهڙو ادب ئي ڇا، جيڪو ڪنهن مجبور جي اوگهڙ نه ڍڪي.

(3) ذاتي دوستيءَ تي نظرياتي دوستي کي ترجيح ڏيو.

ببليوگرافي

1. ملڪ آگاڻي: نيروليءَ جو ڪن، لاڙڪاڻو، سرسوتي پبليڪيشن، 1987ع، ص

## ڊاڪٽر نجم عباسي:

(تعارف: سنڌ ڌرتيءَ ڪيترائي دانشور، محقق، عالم ۽ فاضل، مفڪر، شاعر ۽ اديب پيدا ڪيا آهن، جن سنڌ جي خوشحاليءَ، عوام جي ڀلائيءَ ۽ انهن جي ڏکن سکن لاءِ هميشه لاءِ پاڻ پئي پتوڙيو آهي. اهڙين شخصيتن ۾ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو نالو به وڏي ادب ۽ احترام سان ورتو ويندو آهي. پاڻ افسانه نگار ۽ ناول نويس به هو. هو پنهنجين ڪهاڻين توڙي ناولن جي ذريعي، سنڌ ڌرتيءَ جي مختلف مسئلن ۽ سنڌي عوام سان ٿيندڙ ظلمن، ڏاڍين ۽ جبر جي خلاف لاڳيتو چاليهه سال لکندو رهيو.

نجم عباسي، هونئن ته M.B.B.S ڊاڪٽر هو، پر هو پنهنجي ڪلينڪ هلائڻ سان گڏوگڏ لکندو به رهيو. هو حساس طبيعت رکندڙ اديب هو. هن پنهنجيءَ قوم جون تڪليفون ۽سندن ڏکن ۽ سورُن جو علاج قلم ذريعي به ڪرڻ پئي چاهيو.

ڊاڪٽر نجم عباسي، 18 آڪٽوبر 1927ع تي نوابشاهه ضلعي جي ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ، خانواهڻ ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ئي حاصل ڪيائين. پوءِ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، سنڌ مسلم ڪاليج، حيدرآباد مان انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪيائين. پوءِ ڊؤ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ايم.بي.بي.ايس جو امتحان پاس ڪيائين. شروع ۾ سرڪاري نوڪري به ڪيائين پر پوءِ حيدرآباد ۾ پنهنجي خانگي ڪلينڪ هلائڻ لڳو.

ڊاڪٽر نجم عباسي، هن دنيا ۾ پنهنجي اک کوليندي ئي، گهر ۾ ڪتاب موجود ڏٺا. سندس پيءُ استاد هو ۽ انهيءَ ئي حوالي سان هن پنهنجي گهر ۾ بي انداز ڪتاب ۽ رسالا وٺڻ ۽ پڙهڻ جو شوق ڏٺو. هن (ڊاڪٽر نجم) ڪي به ننڍپڻ کان ڪتاب پڙهڻ ۽ سنڀالڻ جو شوق هوندو هو. نوابشاهه هاءِ اسڪول ۾ ڪيس قابل، محنتي ۽ ادب دوست استادن جي رهبري حاصل ٿيڻ ڪري، اتي ادبي ڪيتر ۾، مشاعرن، ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ، بيت بازيءَ، بحث مباحثن ۽ اسٽيج ڊرامن ۾ حصو وٺڻ جي ڪري، هو هڪ وڏو تخليقڪار بڻجي ويو.

ڊاڪٽر نجم عباسي تقريباً ٽيهه ڪتاب لکيا، جن مان ڪي ته ٻه ٻه دفعا شايع ٿيا. انهن مان سندس ڪهاڻين جا ڪتاب: ’طوفان جي تمنا‘ (1961ع)، ’پٿر تي ليڪو‘ 1973ع)، ’ناچڻي‘ 1979ع)، ’جيڪي منهنجي من ۾ آهي‘ 1977ع)، ’ايڏو سور سهي‘ (1979ع)، ’للڪار‘، ’رشتا ناتا‘، ’اڪيلا نه آهيون‘، ’پهاڙن ۾ پڪار‘ (ڪهاڻيون)، ’پروفيسر‘، ’دارون هن ديوان جو‘، ’ڳاڙهو لالٽين‘ ۽ ٻيا به ڪتاب شايع ٿيل آهن. ان ڪان علاوه هو ننڍي هوندي



ڪان شاعري به ڪندو هو. هو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌائي ٿو ته:

”مون پنهنجي ادبي زندگي شاعريءَ سان شروع ڪئي. اسڪول ۾ مشاعرا ٿيندا هئا، اتي مون به شعر ٺاهڻ شروع ڪيا، روايتي شعر، گل ۽ بلبل جا ٺاهيم.“(1)

سندس شاعريءَ جو مجموعو ’مون پڻ ڳايو هو‘ شايع به ٿيو. انهيءَ ڪان علاوه ’ڏنم اڻ ڏٺل‘ (جيون ڪهاڻيءَ جون جهلڪيون) ۽ سندس ناول: ’پيار ڪهاڻي‘، ’بلنديون‘، ’تلاش‘، ’ماسترياڻي‘ ۽ ’زلزلو‘ به شايع ٿيل آهن.

انهيءَ ڪان علاوه هن جا ڪيترائي مضمون پڻ لکيل آهن، جهڙوڪ: ’گانڌيءَ جي زندگي‘ ۽ ’تصوف جي چيرڦاڙ‘ نالي سان سندس مضمون به شايع ٿيل آهن. انهيءَ ڪان سواءِ سندس ڪتاب’ڪهاڻيءَ جو قافلو‘، ’مٿي سنڌ سڪار‘. ’لينن جي انقلابي ڪهاڻي‘، ’منهنجيون بهترين ڪهاڻيون‘ ۽ ’سورج هوندي مرجهايل‘ پڻ شايع ٿيل آهن.

ڊاڪٽر نجم عباسي، ترقي پسند اديبن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن جي اندر ۾ قومي احساس، قومي جذبو ۽ سياسي سجاڳيءَ جي پيدا ڪرڻ ۾ سنڌي اديبن جو ئي هٿ آهي. هو خود پنهنجي انٽرويوءِ ۾ چوي ٿو ته:

”سنڌ ۾ جيڪو سياسي، سجاڳي ۽ نظرياتي شعور آهي، ان ۾ صرف ترقي پسند ڪهاڻيءَ جو ئي هٿ آهي، ۽ ان ڏس ۾ سنڌي سياستدانن ڪان وڌيڪ، بلڪ گهڻو وڌيڪ اثر سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪهاڻيڪارن جو آهي.“(2)

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين توڙي ناولن جا موضوع پيار، محبت، نفرت، حسد ۽ ساڙ، سماجي اڻ برابري، جاگيرداري نظام، سرمائيدار نظام، وڏيرا شاهي، سماجي برايون، قومي جاڳرتا، غير طبقاتي سماج جي خوشحالي ۽ گڏل پيٿل براين، ريتن ۽ رسمن ڪان نفرت شامل آهي. هو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”جڏهن زندگيءَ سان پرپور ۽ باشعور دوستن جي سنگت نصيب ٿي ۽ مارڪسي فلسفي جي مطالعي جي ڪري رسول بخش پليجي جي صحبت نصيب ٿي ته پنهنجي لکڻين ڪي مقصد بنائڻ جي ڪوشش ڪيم. شروع ۾ مون گهٽوڪري سماجي براين تي لکيو، پر پوءِ جيئن شعور وڌندو ويو ته سنڌ ۾ سماجي ۽ سياسي انقلاب، قومي جاڳرتا ۽ غير طبقاتي سماج پيدا ڪرڻ لاءِ مون پنهنجين لکڻين ۾ جدوجهد ڪئي ۽ منهنجي لکڻ جو مرڪزي مقصد ئي پوءِ سماج بدلائڻ جو ٿي ويو. هاڻ سنڌي سماج ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ئي لکان ٿو ۽ پنهنجي ان لکڻ ڪي مان سنڌيت جو جذبو سڏيندو آهيان.“(3)

ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌي ادب ۾ خاص طور تي سنڌيت جي جذبي جي اپٽار ڪئي آهي. هو پنهنجي جيون ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته:

”مان سنڌيت کي ئي ادب جي وڏي ۾ وڏي خدمت سمجهان ٿو... ماڻهن ۾ سنڌيت جو جذبو پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو پڪو پختو ٿيندو ويندو. هنن ۾ قومي سجاڳي وڌندي، طبقاتي سماج جي ڪوٽ کي ڪيرائڻ لاءِ ميدان ۾ ٽپي پوندا.“(4)

سندس ڪهاڻين توڙي ناولن جا موضوع عام حقيقتن تي ٻڌل آهن، جيڪي گهڻا تلخ ۽ گهرا نظر اچن ٿا. هو ڪردارن جي شخصي تجربي بدران اجتماعي احساسن ۽ مشاهدن کي پيش نظر رکي لکي ٿو. هن پنهنجين تصنيفن ۾ هڪ قسم جي واقعاتي فن، جنهن ۾ مسئلن کي سنئين سڌي نموني سان پيش ڪيو آهي. هو پنهنجي دؤر جي سنڌي عوام جو هڪ مبصر پڻ هو. هن سنڌ جي سماجي ۽ سياسي مسئلن کي ڳولهي، عوام جي آڏو آندو ۽ عوام ۾ شعور پيدا ڪيو. هو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ لکي ٿو ته:

”ماحول ۾ تبديلي آئي ته تبديل ٿيڻو پيو، خاص ڪري ون-يونٽ ٺهڻ کان پوءِ جيڪا افراتفري آئي، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ چڪتاڻ پيدا ٿي ته ان جو اثر منهنجين لکڻين۽ جذبن تي به پيو. بس اهڙين حالتن ۾ ڌيان سماجي مسئلن جي فريم مان نڪري، سياسي مسئلن ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ ضرورت محسوس ٿي ته سماجي اوڻاين تي لکڻ سان گڏوگڏ جاڳرتا پريو ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ وارو ادب به سرجڻ گهرجي. ان دوران حالتن جو جائزو وٺڻ سان گڏوگڏ، مون ساڳئي وقت مارڪسزم جو به ڪافي اڀياس ڪيو. مارڪس سان گڏ اينگلس، مائوزي تنگ، هوچي من، چي گويرا، ڪاسترو ۽ ٻين ڪامريڊن کي ڪافي پڙهيم ۽ انهن جي اثر هيٺ پنهنجي سماج جو جائزو وٺي، ڪهاڻين ۾ مسئلا ۽ انهن جا حل ڳولي ماڻهن آڏو ڪڍي ظاهر ڪيم.“(5)

ڊاڪٽر نجم عباسي هڪ حقيقت نگار وانگر ۽ معاشري جي برائين تي نگاهه رکي ٿو ۽ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن رخ کي ظاهر ڪري ٿو، پر ان ۾ هن جي طبقاتي نظام جي خلاف جدوجهد واري سوچ ۾ سمايل آهي. اهوئي سبب آهي جو هن جي هر تصنيف ۾ فرد سان ٿيندڙ ظلم جو داستان بيان ڪيل آهي. انهيءَ ڪري هن جي لکڻين جا ڪردار شاگرد، هاري، مزدور، ڪلارڪ، هيٺين ۽ وچين ڪلاس جا ماڻهو آهن. سندس چوڻ مطابق:

”منهنجي پهچ به اهڙن ماڻهن تائين آهي، جيڪي گهٽ پڙهيل طبقي سان واسطو رکن ٿا.“(6)

ڊاڪٽر نجم عابسيءَ وٽ زندگيءَ جا گوناگون موضوع آهن. هن پنهنجي چؤطرف ڦهليل زندگيءَ ۾ سک، ڏک، ڏاڍ ۽ ظلم، زندگيءَ جون مسرتون، نفسياتي لاڙا، سياسي هلچل، جنس جي لذت، محروميون، ناڪام محبت، پير پرستي، قبر پرستي ۽ معاشري جون ٻيون اوڻايون ۽ قومي مسئلا



۽ بين الاقوامي مسئلا، سندس تصنيفن جا خاص موضوع آهن. هو انهي تي اطمينان سان سوچي ۽ انهن جا حل تلاش ڪري ٿو. جيئن ته هو هڪ ترقي پسند ليکک هو، انهيءَ ڪري هن انهن سڀني موضوعن ۽ مسئلن کي ڪٽي، انهن ۾ جوش، ولولو ۽ سجاڳي پيدا ڪئي، جيڪو ترقي پسند ادب جي مقصدن ۾ شامل هوندو آهي. هو چوي ٿو ته:

”غريب جي وصف آهي، اهو شخص جو پنهنجو علاج نه ڪرائي سگهي، بيماريءَ جي سور ۽ درد ۾ تڙپندو رهي، پيڙا ڀوڳيندو رهي، عذاب سهندو رهي، موت سامهون ڏسندو رهي، پر ڪيسي ۾ ڏوڪڙ نه هجڻ جو دوا وٺي سگهي. بيماريءَ ۽ علاج ۾، طبقاتي فرق پڌرو هوندو آهي. اهو فرق محسوس ڪري منهنجي دل جلندي آهي. شاهوڪار طبقي ۽ غريب طبقي جا ڊاڪٽر الڳ الڳ، اسپتالون الڳ الڳ، دوائون الڳ الڳ، بيماريون الڳ الڳ، بيماريءَ جا ڪارڻ به الڳ الڳ هوندا آهن. هن ڪان وڌيڪ ٻيو طبقاتي فرق ڪهڙو ٿيندو ته هڪ شاهوڪار ولايت وڃي به علاج ڪرائي صحتياب ٿئي ٿو ۽ غريب ساڳي بيماريءَ ۾ هتي چڙي چڙي مري وڃي ٿو.“(7)

ڊاڪٽر نجم عباسي انهن مسئلن سان گڏ اهو ادب چاهي ٿو، جيڪو اسان جي قومي امنگن جي ترجماني ڪري، جيڪو هن ديس جي ثقافت ۽ ڪلچر جي عڪاسي ڪري، جيڪو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو علمبردار هجي ۽ قومي ۽ طبقاتي سماج خلاف نفرت پيدا ڪري. اهڙو ادب جيڪو سياسي ۽ قومي شعور جون چڻنگون ٻاري ۽ هڪ انسان جي هٿان ٻئي انسان تي ٿيندڙ ظلمن ۽ پراڻي ۽ فرسوده سماج جي خلاف باه ٻاري ۽ نئين سماج جي انقلاب جي نئين راهه هموار ڪري. اهڙو ادب عوام لاءِ اثرائتو ۽ دلچسپ هوندو آهي.

سندس لکيل ناول ’بلنديون‘ جو مقصد اهوئي آهي ته ماڻهن ۾ نئين سوچ ۽ نئين نظام ۽ رشوت خوري وغيره کي ختم ڪرڻ لاءِ سندس نوجوان طبقي ۽ شاگردن کي سجاڳ ڪري ٿو، ۽ انهن ۾ شعور پيدا ڪري ٿو ته، جيئن اهي عملي طرح مختلف تحريڪن جي ذريعي انقلاب آڻين ۽ جمهوري نظام ۾ مساوات قائم ڪن ۽ طبقاتي ڪشمڪش ۽ سماجي ۽ معاشي مسئلا حل ڪن.

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي لکيل ڪهاڻين ۾ گهڻو ڪري سندس شخصي آزمودا، ٻڌل واقعا ۽ ڏٺل گهٽنائون پيش ڪيل آهن. هن پنهنجن ڄاتل سڃاتل شخصن کي ڪهاڻيءَ جو بنياد بنايو آهي. هن پنهنجي اردگرد جي عام ماڻهن جي زندگيءَ ۽ انهن جي مسئلن، انهن جي احساسن ۽ امنگن ۽ انهن سان ٿيل ظلمن، انهن ظلمن خلاف انهن جي دانهن، آهُن، انهن جي فريادن کي پيش ڪيو آهي.

نجم عباسي پنهنجين لکڻين ۾ سنڌ، سنڌيت، سنڌي زبان جي ۽ سنڌين ۾

چڱي چوکي، سياسي سمجهه ۽ قومي شعور پيدا ڪرڻ جهڙن مسئلن کي پيش ڪري ٿو ۽ پڙهندڙ انهن کي پسند ڪري ٿو، جنهن جي اظهار ڪندي هو خود لکي ٿو ته:

”پڙهندڙن کي منهنجيون سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌيت جون ڳالهيون پسند آهن. مان لکڻ وقت سائنس، سوشلزم، سيڪيولرزم ۽ سنڌيت جي ساڄهه سان ترقي پسند، روشن خياليءَ ۽ ذهني آجائيءَ جي واٽ وٺڻ جو جتن ڪندو آهيان.“(8)

مطلب ته ڊاڪٽر نجم عباسي، سنڌي ادب ۾ پوءِ چاهي ناول هجن يا افسانه يا مضمون وغيره بي انداز ڪتاب لکيا آهن ۽ هن پنهنجن ڪتابن ۾ پيار، محبت، قرباني، ايثار، اعتقاد، سنڌي سماج جي ڪيترن ئي مسئلن، زميندارن ۽ هارين جو ذڪر، عورتن جي مسئلن ۽ انهنجي معصوميت جو ذڪر ڪيو آهي ته، سنڌي قوم ۾ پنهنجي ٻولي، پنهنجي ادب ۽ پنهنجي سنڌ سان پيار، سچائيءَ ۽ قربانيءَ جو درس پڻ ڏنو آهي. هن سنڌي قوم ۾ همت ۽ جرئت پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ حوصلو آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.



## ببليوگرافي


1. نجم عباسي، ڊاڪٽر: انٽرويو، سه ماهي ’مهراڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
2. نجم عباسي ايضاً
3. ايضاً
4. نجم عباسي، ڏنم اڻ ڏٺل، جيون ڪهاڻي، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، 1980، ص 76
5. حوالو نمبر 1
6. ايضاً
7. ايضاً
8. ايضاً

## ديوان ولي رام 'ولڀ'

(**تعارف**: ديوان ولي رام 'ولڀ' جو شمار سنڌ جي اهم ليکڪن ۾ ترجمو ڪندڙن ۾ ڪيو وڃي ٿو. هو 1941ع ۾ مٺي شهر، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ئي شهر ۾ حاصل ڪيائين. پوءِ ايم-اي (ماس ڪميونيڪيشن)، ايم-اي (سوشيالاجي)، ايم-اي (اردو) ۽ ايل ايل بي ڪيائين. پي ايڇ ڊي ۾ رجسٽريشن به ڪرائي هئائين).

ديوان ولي رام 'ولڀ' مختلف هنڌن تي نوڪريون ڪندي، نيٽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ مان ڊپٽي ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيائين. ولي رام صاحب سنڌي زبان جو هڪ ڄاتل سڃاتل اديب آهي. هن سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب طبعزاد به لکيا ۽ ترجمو به ڪيا اٿس. انهن ۾ چار ناول، مختصر افسانن جا ٻه ڪتاب، هڪ ڪتاب مذهب ۽ فلاسفيءَ جي موضوع تي، ۽ هڪ سوانح عمريءَ تي شايع ٿيل آهن. ان کان سواءِ هن وٽ پنج ناول، ڇهه افسانن جا مجموعا، هڪ شاعريءَ جو ڪتاب، دنيا جي عظيم افسانن جا چار مجموعا پڻ اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهن. ولي رام جيئن ته سنڌي، اردو، انگريزي، هندي سنسڪرت، گجراتي، سرائيڪي، پنجابي ۽ ڍاٽڪي ٻوليون ڄاڻندو آهي، انهيءَ ڪري هن انهن ٻولين مان ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. سنڌس انهن ترجمن تي ڪيس 1992ع ۾ 'قومي ڪلچرل اقليتي ايوارڊ' ۽ 'قليچ ايوارڊ' 1987ع ۾، بين الاقوامي قليچ ڪانفرنس ۾ مليو. انهيءَ کان سواءِ ولي رام 'ولڀ' ڪيترين ئي ادبي محفلن، ادبي ادارن ۽ ادبي رسالن جو سرگرم ڪارڪن پڻ رهيو آهي. هن سنڌيءَ ۾ جيڪي ناول ترجمو ڪيا آهن، اهي هي آهن: 'بند دروازو'، 'سيتا هرن' (1977ع)، 'غدار' (1990ع) ۽ 'ڏاريو' (1993ع). اهي سڀ ناول سنڌس اعليٰ ۽ معياري ادبي حيثيت جي گواهي ڏين ٿا. انهن مان ڪن ناولن تي هيٺ تصبرو ڪجي ٿو.

### سيتا هرن:

ديوان ولي رام، هي ناوليٽ ''قرت العين حيدر'' جي ناول تان ترجمو ڪيو، جيڪو آگم پبليڪيشن، حيدرآباد وارن شايع ڪيو. سيتاهرن ناول جي ترجمي ڪرڻ جو سبب ٻڌائيندي مترجم لکي ٿو ته:

''سيتاهرن ۾ فن جون بنيادي ڏارائون هڪ هنڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جنهن ڪري اهو ناوليٽ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن ناوليٽ جو ڪينواس جاگرافي، تاريخي ۽ تمدني طور وسيع آهي، جنهن ۾ هندستان جي عظيم



رزميه شاعري 'رامائڻ' جي واقعن کي System of reference بنائي، سيتا ميرچندڻيءَ جي ڪهاڻي (Personal Involvement) سان پيش ڪئي وئي آهي.''(1)

هي ناوليٽ (سيتاهرن) پنهنجي وطن مان لڏڻ جي تجربي جي جذبي تحت لکيو ويو آهي. تهذيبن جو مٽجڻ، لکين ماڻهن جو ڏنڙجي جلاوطن ٿي ٻي گهر ٿيڻ، خوبصورت عورت جي محبت جو ڏکائيندڙ ڪلائمڪس ۾ انسان پرستي خاص موضوع آهن.

هن ناوليٽ جي مرڪزي ڪردار، سيتا آهي، جيڪا پڙهيل لکيل ۽ ترقي پسند گروهه جي آهي. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان، هندستان جي سماجي انقلاب جي موضع تي پي ايڇ ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس. هوءَ هندو عورت آهي، پر سنڌس شادي مسلمان مرد جميل سان ٿئي ٿي، جيڪو اصل ۾ سنڌي آهي، پر پوءِ نوڪريءَ جي ڪري آمريڪا هليو وڃي ٿو.

سيتا هڪ ذهين، هوشيار ۽ پروگريسو عورت آهي. هوءَ مذهب، سياست، زندگيءَ، موت ۽ دنيا جي هر شيءِ جي باري ۾ سوچي ٿي، ۽ ان تي بحث ڪري ٿي. هوءَ جميل جي ٻيءَ شادي کان پوءِ ڀاڄ ڪي علمي، ادبي ۽ ثقافتي قسم جي گڏجاڻين ۾ مشغول رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سنڌس دوستي، مٿئين طبقي جي پڙهيل لکيل امير نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان ٿئي ٿي. سنڌس دوست ذهين، خوبصورت ۽ آزاد خيال آهن. زندگي انهن لاءِ خوشيءَ جي هڪ ڪيڏ آهي، ڇهڇٽو آهي، پر زندگيءَ جي دک جو ايذاءُ ڪيس (سيتا کي) ڇيندو ۽ ڪيرائيندو رهي ٿو. زندگيءَ جي ڏکن سکن مان گذرندي، سنڌس بنيادي احساس وڌيڪ گهرا ٿيندا وڃن ٿا. هن ناوليٽ جي باري ۾ ولي رام صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو:

''سيتا جي جذباتي محرومي، هن ناوليٽ جي دل آهي. اها محرومي هڪ ماءُ جي محرومي آهي، هڪ زال جي محرومي آهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي جنم ڀوميءَ کان به محروم آهي، جيڪا ليکڪا پنهنجو وطن ڇڏي، پرڏيهه ۾ اچي محسوس ڪئي هئي ۽ سيتا جي ڪردارن ۾ سموئي، تاريخ فريم ۾ رکي، موضوع ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي اٿس. بنيادي طور تي سيتا جي ٽرئجڊي، ليکڪا جي پنهنجيءَ فطرت ۽ سڀاءُ جي ٽڪراءُ جو نتيجو آهي. پنهنجي وطن مان لڏڻ جي تجربي مان، ٽرئجڊي جو عمل شديد ٿئي ٿو، ليکڪا انهيءَ جذبي کي شدت سان محسوس ڪري، هي ناوليٽ لکيو آهي.''(2)

هن ناوليٽ ۾، هندستان جي مسلمانن ۽ هندن جي هڪ ئي ثقافت جا حامي ڏيکاريل آهن. هندن ۽ مسلمانن جي عبادت جي طور طريقن، ريتن،

رسمن ۽ اهم ڏينهن ۾ ظاهري تعاون ڏيکاريل آهي، پر سندن بنياد اصل ۾ هڪ ئي هو. انهيءَ جي باري ۾ صفحي 74 تي هيئن بيان ٿيل آهي:

”جيئن هندن وٽ هر شيءِ جي ڪانه ڪا ديوي يا ديوتا ايجاد ڪيو ويندو آهي، ائين مسلمانن وٽ به هر شيءِ جا جدا جدا پير بنجي ويا، راڳن جا پير، مٽيءَ جي برتنن جا پير، پينگهي جو پير، ساري سنڌ، پيرن جو ديس ٿي ويو. نانگن جي منتر جنتر جا ڄاڻو جوڳي سپ مسلمان هوندا هئا، پر شِوَ جي فرقي سان پنهنجي تعلق ڪي قائم رکيائون، ۽ گرو گورکناٿ کي مڃيندا هئا. انهيءَ سان گڏوگڏ رمضان جو مهينو هندن لاءِ پوتر بڻجي ويو ۽ اهي تعزين جي اڳيان نظر نياز چاڙهڻ لڳا.“(3)

قرت العين حيدر جي هن ناول ۾ انسانيت پرستي ۽ ترقي پسنديءَ جي ڪشمڪش ۽ لهجو مايوُس ڪُن آهي. سندس لکڻيون ترقي پسند تحريڪ جي اوساري جي حيثيت رکن ٿيون. هي ناوليٽ بي انتها خلوص ۽ جذبات سان پريل آهي. هي ناوليٽ ڪردار نگاريءَ ۽ منظر نگاريءَ جي لحاظ کان نهايت ئي ڪامياب ناوليٽ آهي. هن ۾ صفحي 93 تي هن طرح نقش چٽيو ويو آهي:

”بهاولپور ۾ پنج ند جي جهنگل جي به ٻڳهن مٽيءَ هاڻن وڻن ۽ پنج دريائن جي سنگم تي وسندڙ، چانڊوڪي، ڏاڍي خوشگوار هئي. اتان اڳيرو هليا ته چانڊوڪي اڃا وڌيڪ تيز ٿي وئي. روشنيءَ ۾ چمڪندڙ سڌي رستي تي ڪار آڏي، عرفان سيتا کي چيو: ”صحرا جي خنڪ، عجيب چانڊوڪي رات.“(4)

ٻئي هنڌ صفحي 159 تي هن طرح بيان ٿيل آهي:

”ٽئڪسي، ڪولمبو جي پسگردائيءَ مان نڪري سڌي رستي تي رواني ٿي وئي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ٻڳهن وڻن جا گهاٽا جهڳٽا هئا ۽ جهنگل جي اندر وَر وڪڙ کائيندڙ رستن تان لنگهندي، ڍنڍ جي ڪناري تي وڃي بيٺي. وڻن جي هيٺان ٻه ٽي موٽرون هيون. هوءَ لهي، ڪاٺ جي ’بوٽ هائوس‘ (Boat House) ۾ وئي. ڪيس ڏسي ڪشتيءَ واري، موٽر، بوٽ هائوس سان لڳائي ڇڏي. ڪکن جي ٺهيل ڇت جي انهيءَ سنسان بوٽ هائوس ۾ ٻرندڙ سرخ روشني ڏاڍي پُر اسرار ٿي لڳي... بوٽ گهڙ گهڙ ڪندي، پاڻيءَ تي هلڻ شروع ڪيو. ڍنڍ ۾ مڪمل خاموشي هئي، پري ڪنارين تي ناريل ۽ چندن جي جهرمل لڳل هئي. آسمان جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو هو. روشن مٽان ڪير جهڙيون جاپاني قنديلون ٻري رهيون هيون.“(5)

هن ناول جي عبارت ۽ ٻولي به لاجواب آهي. مثال طور هي پئراگراف ڏسو:

”رات گهري ٿيندي وئي. رات، جا چندن جي جهنگلن ۾ پٽڪي رهي



هئي. لونگ ۽ الائچيءَ جي ٻوٽن ۾ سمهي پيئي هئي. رات، جا ’ڪينڊيءَ‘ جي مندر جي ڏاکڻ تي وکريل سفيد گلن تي سمهيل هئي، رات، جا ڪالينڪي گنگا جي ڪناري، دريائي گاهه ۾ نانگ جيئن وراڪا ڏيئي رهي هئي رات، جا اونداهي جهنگلن ۾ لڪل ڊچ ۽ پورچوگالي ديولين جيئن خاموش هئي رات، جا ڪينڊيءَ جي شاهي هاٿين جي مهاوت وانگي باوقار ۽ مغرور هئي، جا گنگا ۾ وهنجندڙ هاٿين وانگر ڪاري ۽ رفتار ۾ ڍري هئي، ٻڌ جي ڏند جو جلوس، ٻڌ جو ڏند، سون چانديءَ سان جهنجهيل، هاٿيءَ جي جڳمڳائيندڙ هوديءَ ۾ رکيل، هيرن جواهرن جي صندوقڙيءَ ۾ رکيل آهي. گاهه تي ليٽيل ٻڌ، ڏند ڪڍي کلي رهيو آهي. ڪيس نقلي ڏند لڳل آهن. مهاتما جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا.“(6)

هن ناول جي مڪمل جائزي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته هن ناول جو موضوع نئون ۽ نرالو آهي. هن ۾ جديد فڪري لاڙا ۽ نظريا به پيش ڪيل آهن. فني سٽاءَ جي لحاظ کان هي هڪ ڪامياب ناوليٽ آهي. هن ناوليٽ جي ڪردارن کي حقيقي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. منظرنگاري ۽ عبارت به دلچسپ آهي. لهاذا هي ناول ڏاڍو متاثر ڪندڙ آهي.

**2. غدار:**

هن ناول جو اصل مصنف ڀارت جو مشهور ناول نگار ڪرشن چندر آهي. هي ناول ولي رام ولڀ صاحب، 1990ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ڪرشن چندر عالمگير نظرين جو حامي آهي. عالمي امن ۽ انسان جو روشن آئيندو، سندس دائمي فڪرن ۾ شامل رهيا آهن. هو بنيادي طرح ڏتڙيل انسانن جي سلامتيءَ ۽ بهبوديءَ جو علمبردار آهي، پوءِ اهو چاهي هندو آهي يا مسلمان، سک آهي يا عيسائي. ڪرشن چندر جي انهن ڏتڙيل ۽ هيسايل، ٿڪل ۽ ماندا ٿيل، وڍيل ۽ وياڪل ڪردارن جي اجهاڻيل اکين ۾ مستقبل جي روشني ۽ انهن جي چپن تي اميدن جي مُرڪ هوندي آهي. ڪرشن چندر هڪ هنڌ فرمايو آهي ته:

”منهنجي ذهن ۾ ڏکن ۽ ڏاکڙن جا ٻڳها پاڇا ايندا آهن، پر مان انهن کي اميد جي روشنيءَ سان پري ڪندو آهيان، ڇو ته انسان جو آئيندو روشن آهي.“(7)

سندس هي ناول (غدار)، 1947ع جي پس منظر تي لکيل آهي. هي اهو زمانو هو، جنهن ۾ هر طرف خونريزي، قتل و غارت، لٽ مار، تباهي، بربادي، هڪٻئي جي خون سان پنهنجا هٿ رڱڻ، دين ڌرم جي نالي سان انسانيت کي اگهاڙو ڪرڻ، نياڻين جي عصمت لٽڻ، معصوم انسان جي بي انتها ڏکن ۽ تڪليفن جو کلي عام مظاهرو هو. هنن سڀني وارداتن جو هڪ

مڪمل جائزو هن ناول ۾ پيش ڪيل آهي. جهڙيءَ طرح هڪ هنڌ لکيل آهي ته:

”منهنجي چئني طرف لاش ئي لاش پيا هئا؛ ڪراڙن جا لاش، جوانن جا لاش، عورتن جا لاش، ٻارن جا لاش، ابتا لاش، سبتا لاش ۽ اوگهڙون لاش. لاش، جن جا ڏڙا گهاڙا هئا، جن جا هٿ سيڻجي ويا هئا. لاش، جن جون اکيون کليل هيون، لاش، جن جون اکيون بند هيون. لاش جن جي هٿن ۾ ڪير جون بوتلون هيون. لاش، جيڪي زندگيءَ جو سمورو زهر پي ويا هئا ۽ هميشه لاءِ سمهي پيا هئا.“(8)

هن ناول ۾ ڪرشن چندر سياسي ڳالهين ۽ مسئلن کي ڇڏي، صرف انهن مظلوم انسان جي ڪهاڻي لکي آهي، جن کي شروع کان ئي مذهبي جنون جي صليب تي ۽ سياسي سرحدن جي ديوار تي لٽڪائي، نفرت جي تيرن سان چٿيو ويو هو. هن ناول جي مقدمي ۾ امر جليل لکي ٿو ته؛

”ناول (غدار) جو پس منظر 1947ع وارو خوني زمانو آهي، جڏهن، دين ۽ ڌرم جي نالي ۾ انسانيت کي اگهاڙو ڪري ملڪي هوس جي چوواٽي تي، سندس عزت لٽي وئي هئي، دوستيءَ، شرم وچان خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. اخلاق آپگهات ڪيو هو، نفرت جو شيطان هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ ويد کڻي، ڌرتيءَ کي لتاڙي ڇڏيو هو. ان افراتفريءَ واري دؤر جي قاتلن ۽ مقتولن جي باري ۾ ڪرشن چندر لکيو آهي:

”مرندڙ جي زبان تي پويون نالو خدا جو هو، ۽ ماريندڙ جي زبان تي به خدا جو نالو هو، ۽ جيڪڏهن مرندڙ ۽ ماريندڙ جي مٿان، تمام پري، مٿي ڪو خدا هو ته بنا شڪ جي بيحد ستم ظريف هو.“(9)

ڪرشن چندر جو هي ناول هڪ ڪامياب ناول آهي. ٽيڪنالاجي جي لحاظ کان هي ناول خود ڪلاميءَ (Monolog) وارو ۽ شعور جي روءَ ۾ لکيل آهي. هن ناول جي منظر نگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي، مثال طور:

”اڄ آسمان جو رنگ ڪارو آهي ۽ ڪوبه تارو ڪٿي نٿو چمڪي، ۽ زمين بلڪل خاموش ۽ ٻپ وچان سُسي وئي آهي. اُفق کان اُفق تائين هڪ سناٽو ڇانيل آهي. هوا به نٿي رڙهي ۽ ٻنهي طرفن کان قلعي جون پٿيون ڏاڍيون مضبوط ۽ اوچيون آهن. تنهن جي فرياد جو آواز انهيءَ مضبوط اونداهيءَ کي چيري، ڪيڏانهن نٿو وڃي سگهي، ڇو ته اونداهيءَ کي دل نٿي ٿئي، فقط پيٽ ٿيندو آهي، ۽ فرياد فقط دل ئي ٻڌي سگهندي آهي، پيٽ ته فقط رت پيئڻ ڄاڻي ٿو.“(10)

هن ناول ۾ 133 صفحي تي ڪرشن چندر هر طرف ظلم، تباهيءَ ۽



انسانيت کان ڪِريل حرڪتن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هاڻي تون ڪيڏانهن ويندين، بيج ناٿ؟ ظلم، ڏاڍ، نفرت ۽ تعصب جي جنهن طرف کان ڀڄي تون اُتان آيو آهين، اهو ته هتي به موجود آهي، ۽ تون جو هاڻي تهذيب جو غدار آهين، سو تون انهن کان ڀڄي ڪيڏانهن ويندين؟، ۽ تون جو هاڻي نه هندستان جو رهين ۽ نه پاڪستان جو، جڏهن تنهنجي لاءِ انهن ٻنهي ملڪن جون نفرتون اجنبي ٿي چڪيون آهن ته پوءِ تون انهيءَ انسانيت کان خالي، ويران دنيا ۾، انهيءَ ٻار کي کڻي ڪٿي پنهنجو اجهو اڏيندين؟ وساري ڇڏ انهن سڀني آدرشن ۽ تخليقي ڳالهين کي، ۽ اڇلينس انهيءَ ٻار کي طوفان جي وهڪري ۾، ۽ واپس هليو وڃ پنهنجي گهر ۾، خاندان ۾، هاڻي اِهو ملڪ، تنهنجو ملڪ نه آهي. هاڻي هيءُ ملڪ ئي تنهنجو ملڪ آهي.“(11)

هن ناول جي باري ۾ امر جليل پنهنجي راءِ هن ريت پيش ڪري ٿو:

”ناول (غدار) ۾ زبردست طاقت آهي، بي پناهه قوت آهي. لفظ لفظ پنهنجيءَ جاءِ تي معنيٰ سان ڀرپور آهي. منجهس ايڏو ته زور آهي جو پٿر جهڙا روڏ ۽ برف جهڙا سرد ذهن به هن ناول جي آتش آڌو رجي ميڻ ٿي ويندا. ڪو اهڙو پڙهندڙ نه ملندو، جيڪو هن عظيم ناول جي اُٿل کي پاڻ کيرائي سگهندو. ناول ’غدار‘ پڙهڻ کان پوءِ، هرڪو سوچڻ تي مجبور ٿي پوندو ته هندستان ۽ پاڪستان جا عوام، جيڪي مانيءَ جا محتاج، بي گهر، اگهاڙا ۽ بيمار آهن، تن جي دلين ۾ هڪٻئي لاءِ نفرت جو ٻج ڪنهن ڇٽيو آهي؟ ڇا ان نفرت سان ڏتڙيل انسانن جا مسئلا حل ٿي سگهندا؟ ڇا هڪ ٻئي لاءِ نفرت جا ڪوُرا سيني ۾ سانڍي ٻنهي ملڪن جا ماڻهو، جيئرا رهي سگهندا؟“

ناول غدار جي باري ۾ ڪرشن چندر لکيو آهي ته:

”هن ناول مان منهنجو مقصد ڇا آهي؟ نفرت؟ هرگز نه. مان پاڪستان جي آزاديءَ ۽ سلامتيءَ جو خواهشمند آهيان، ته هندستان جي سلامتيءَ جو پڻ. مان چاهيان ٿو ته ٻئي ملڪ جدا، پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي آزاد ۽ خودمختيار رهن ۽ هڪ ٻئي جي ڀلائي چاهين، جيئن برصغير جي عوام جا مسئلا حل ڪري سگهن.“(12)

مطلب ته هن ناول ۾ ڪرشن چندر جو مقصد اهو ئي آهي ته اسان پنهنجي ملڪ سان وفادار رهون. هڪٻئي کي تباهه ۽ برباد نه ڪريون. پاڻ ۾ نفرتون ختم ڪري، صلح ۽ سانت جي رجحان کي ترقي ڏيئي، پاڻ ۾ ٺاهه ڪري، سڀني مسئلن جو گڏجي حل تلاش ڪريون. هن ناول ۾ هن هڪ ڪُتيءَ جو مثال ڏيئي، هن انسان لاءِ هن طرح لکيو آهي:

”بيج ناٿ جڏهن فسادن کان جان بچائڻ لاءِ ڪمند جي پوک ۾ گهڙي

پوي ٿو ۽ اوچتو پنهنجي ڪتيءَ کي ڪِرِ ايندي ڏسي ٿو، تڏهن دل ئي دل ۾ ڪتيءَ کي چوي ٿو: تون ته ڪتي آهين، توکي ڪهڙو ڏپ؟ تون انسان ٿورو ئي آهين، جو توکي جان جو خوف هجي. هي سڀ ته تهذيب جون ڳالهيون آهن، وڏن وڏن مذهبن ۾ اخلاقن جا جهيڙا آهن، شڪر ڪر جو تون غير مذهب، جاهل ۽ بي اخلاق آهين، شڪر ڪر جو اجا توکي اها ڄاڻ ڪونهي ته مذهب ڇا آهي، ۽ تون ڪنهن مسجد، مندر ۽ گرجا ۾ نه وئي آهين، تو ڪڏهن آزاديءَ جو مفهوم نه سمجهيو آهي، ڪڏهن ڪنهن سياسي ليڊر جي تقرير نه ٻڌي اٿئي. شڪر ڪر ته تون ڪتي آهين، انسان ناهين.“(13)

مطلب ته هي ناول تمام ڪامياب ناول آهي. ولي رام جي ناولن کي اگر ڏٺو وڃي ته انهن ۾ جيڪا خاص خوبي نظر اچي ٿي اها هيءَ آهي ته سندس ناولن ۾ ترجمي جي ٻولي، ٻوليءَ جا محاورا ۽ مزاج بلڪل سنڌي ٻوليءَ وارو، يعني اصلوڪي ٻوليءَ جو گمان ٿئي ٿو. اهي ناول، ترجما بلڪل ئي نٿا لڳن. بلڪه اصلوڪا ناول محسوس ٿين ٿا. ولي رام جي انهيءَ ترجمي جي خوبين کي ڪيترن ئي اديبن مثلاً: مراد علي مرزا، نجم عباسيءَ، تاج جويي، علي نواز ڦل، طارق اشرف،، هري مونواڻيءَ، نارائڻ شيام، پريم پرڪاش ۽ هوندراج وغيره ساراهيو آهي ۽ ترجمي نگار جي حيثيت ۾ ڪيترائي ڀورڊ ۽ انعام پڻ مليا آهن.

**ڏاريو:**

ولي رام ولڀ صاحب جو هي ناول ”البرٽ ڪاميو“ جي فرينچ زبان ۾ لکيل ناول 'Stranger' جو سنڌي ۾ ترجمو آهي. ’ڏاريو‘ جي نالي سان هي ناول، سنڌيءَ ۾ روشني پبليڪيشن حيدرآباد، ڪنڊياري وارن 1993ع ۾ شايع ڪيو. ولي رام جو هي ناول وجوديت جي نظريي تي لکيل آهي. ان نظريي تحت اها زندگي جيڪا ماڻهوءَ تي زوري مڙهي وئي آهي، انهيءَ زندگيءَ جو ڪو مقصد ئي ڪونهي. اها زندگي واهيات ۽ بي مقصد آهي، جيڪا حالتن جي وس آهي. ماڻهوءَ جو ان ۾ ڪوبه عمل دخل ڪونهي، ڪوبه وس ڪونهي. اهو ماڻهو ائين آهي، جيئن سمنڊ ۾ ڪڪ ترندو آهي. هو سمنڊ جي ڇولين جي مرضيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن وهندو رهندو آهي، پر سندس ڪابه مرضي يا دخل نه هوندو آهي. ولي رام هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”ڪاميو پنهنجي لکڻين ۾ Absurdity & Existentialism جي نظريي پيش ڪرڻ ڪري، اهميت حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ هو اڄوڪي انسان جي اندر جي پيڙا ۽ ذهني ڇڪتاڻ کي سليندو نظر اچي ٿو.“(14)

هن ناول جو مرڪزي موضوع، ماڻهوءَ کي هن ڪائنات ۾ ڪيئن رهڻو



ٿو پوي. اهو يورپي ماڻهوءَ جو ترت مسئلو آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته انسان جي هن دؤر جو اهو هڪ ڳورو سوال آهي. ماضيءَ ۾ مذهب، يورپ کي معنيٰ جو سلسليوار سرشتو ميسر ڪري ڏنو، جنهن ڪري زندگيءَ ۾ انسان جي مقصد ۽ ڪيس اهو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ٿي مهيا ڪئي. جيئن عيسائيت جو اثر گهٽيو ته ڊيڪارٽش ڪان، هيگل تائين جي ٻين سرشتن جو اهو ٻڌايو ته دنيا سمجهه ۾ ايندڙ ۽ منطقي آهي، سارتر ۽ البرٽ ڪاميو جي نظر ۾، ماڻهوءَ جي مقدر ۾ ڪوبه رهنما ٽڪيو يا منزل نه آهي. هن جو ڪو به مقصد ڪونهي. اها واهيات بي مقصد آهي.

هن ناول ۾ زندگيءَ جو نظريو بهترين طريقي سان سمجهايو ويو آهي. ”ميرسو“، هڪ اهو شخص آهي، جنهن کي اهو احساس آهي ته هو جيئن زندگيءَ ۾ پل پل جيئي ٿو، تيئن وٽس ورلي يادون آهن ۽ توقعات نه آهن. هو نه ٻين کي ڪجهه ڏيڻ پسند ڪري ٿو ۽ نه ئي ٻين کان ڪجهه گهري ٿو. هن جو وڏو گڻ، سندس ايمانداري آهي. جيتوڻيڪ سندس زندگي داءَ تي آهي، پر هو باوجود انهن احساسن ۽ آدرشن جي، جيڪي وٽس ناهن، ڊونگ نه ٿو رچائي.

’ميرسو‘ هڪ نوجوان ڪلارڪ آهي. هو هڪ فرينچ، الجيريائي وچئين طبقي جي غير شادي شده نوجوان جي عام نموني جي زندگي، پنهنجي ننڍي فليٽ ۾، پنهنجيءَ محبوبه سان گڏ گذاريندي، فلمون ڏسندي، سر ڪري ٿو، پر سماج جي نظرن ۾ اهو غلط آهي. هو ٻاهران ڪان زندگي، موت ۽ جنس جي حقيقتن جو مشاهدو ڪري ٿو. هو ماڻ ميٽ ۾ اڌول سچائيءَ مان پنهنجا ۽ ٻين جا احساس ۽ عمل سمجهڻ لڳي ٿو. مٿس هڪ خطرناڪ مقدمو هلي ٿو، جنهن جو تاثر مصنف هيئن بيان ڪيو آهي:

”بند ڪمري ۾ هڪ خاص مجموعو هو. منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو. مون ڪورٽ جي ڪمري ۾ نظر ڊوڙائي، پر مون کي ڪوبه ڄاتل سڃاتل چهرو ڏسڻ ۾ نه آيو. عام طور تي ته ماڻهن ڪڏهن مون ڏانهن ڌيان نه ڏنو. مون کي اهو سڄهڻ ۾ ڏاڍي دقت محسوس ٿي ته ڇاهي سموري ڇهل پهل منهنجي ئي خاطر آهي. ماڻهن جي دلچسپيءَ جو ائين مرڪز بنجڻ منهنجي لاءِ هي نئون تجربو هو.“(15)

’ڏاريو‘، هڪ ڪلاسڪ، فنڪارانه ساک، پلاٽ، ڪردار ۽ موضوع جي لحاظ ڪان جديد ۽ نئين طرز تي لکيل ڪامياب ناول آهي. هن ناول مان هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو:

”آسمان مان اُس وسي رهي هئي ۽ هوا ۾ گرمي وڌندي ٿي وئي. مون گرميءَ جون شروعاتي لهرون پنيءَ تي محسوس ڪيون.“(16)

سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ وجوديت جي نظريي ڪان ماڻڪ، شوڪت حسين

شورو، مشتاق شورو ۽ ڊاڪٽر قاضي خادم متاثر ٿيل آهن.

ولي رام جي ناولن جي ترجمن جي خوبين کي ڏسندي، سندس ترجمو ڪيل ناول 'غدار' مان سندس لکيل ٻوليءَ جو مثال پيش ڪجي ٿو، جيئن صفحي 117 تي لکيل آهي:

”پلا ڪنهن فقط هڪ تصور خاطر، پنهنجو ديس تياڳيو آهي؟ عورت پنهنجي مڙس لاءِ مرندي آهي، ماءُ پنهنجي پٽ لاءِ جان ڏيندي آهي، پيڻ پنهنجي پاءُ تي قربان ٿيندي آهي. اهي سڀيئي سمجهه ۾ ايندڙ رشتا ۽ مائٽيون آهن، رت ۽ جسم جا رشتا آهن، پر تو ته ڪنهن سان ڪو اهڙو رشتو نه ڳنڍيو، تو ته امتياز سان شادي به نه ڪئي، تون ته هن جي بيوه به ناهين، تنهنجيءَ کُک ۾ هن جو پار به ته نه آهي، تون هن جي خاندان، ملڪ ۽ مذهب جي به ناهين، پوءِ اسان سڀني کي ڇڏي تون ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ پنهنجي تصور جي ڏور ۾ ٻڌجي کهڙيءَ منزل ڏانهن رواني ٿي ٿئين؟ پڳلي! پلا هن دنيا ۾ ڪو پيار جي لاءِ به هيئن مرندو آهي؟ ماڻهو مرندا آهن پئسن لاءِ، عورت جي جسم لاءِ، شهرت لاءِ، دولت لاءِ، طاقت لاءِ، مذهب لاءِ، آخرت لاءِ، پر رڳو هڪ تصور ڪٽي مرڻ ۽ ساري زندگي ڪنهن جي ياد ۾ هڪ اجنبي ماحول ۾ گذاري ڇڏڻ، ڪجهه سوچ ته سهي پاروتي! اها ڪيڏي نه احمقاڻي ڳالهه آهي! واپس اچ! چنڊ جهڙي مکڙي واري پاروتي، پنهنجي انهيءَ سوڳوار، پر گل جيئن مهڪندڙ شاداب حسن ڏي ڏس!“(17)

ولي رام جي هنن ترجمو ڪيل ناولن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، هو هڪ اعليٰ پايه جو ترجمي نگار آهي. سندس ترجمي جي اها خوبي آهي جو هي ناول ڪٿي به ترجمو محسوس نٿو ٿئي، بلڪه اصلي لکيل لڳي ٿو. سندس انهن ئي خوبين جي ڪري ڪيس اچ اهم مقام حاصل آهي.

## ببليوگرافي


2. ولي رام ولڀ: سيتاهرن، حيدرآباد، آگم پبليڪيشن، 1977ع
3. ايضاً
4. ايضاً، ص 78
5. ايضاً، ص 92
6. ايضاً، ص ص 160 ۽ 189
7. ايضاً، ص 197
8. ڪرشن چندر: ناول غدار، ترجمو ڪندڙ ولي رام ولڀ، ڪنڊيارو روشني پبليڪيشن، 1990ع
9. ايضاً، ص 7
10. ايضاً، ص 4





11. ايضاً، ص 78
12. ايضاً، ص 133
13. ايضاً، ص 7
14. ايضاً، ص 6
15. ولي رام ولڀ: ڏاريو، حيدرآباد / ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 1993ع، ص 6
16. ايضاً، ص 110
17. ايضاً، ص 23

## (ب) پارٽ جا سنڌي ناول نگار

**آسانند مامتوراءِ:**

(**تعارف:** آسانند مامتوراءِ جو جنم 1903ع ۾، ڪراچيءَ جي جهوني شهر، يعني اولڊ ٽائون ۾ ٿيو. هن جي ذات برهمڻ ڪتري هئي. سندن ذات پائين ۾ به اڳ ۾ ڪي اديب، شاعر ۽ تخليقڪار پيدا ٿيا هئا.

ديوان آسانند مامتوراءِ جو ننڍپڻ کان ئي لاڙو فلسفي ۽ ادب طرف هو. قسمت سان هن،انگريزي اسڪول ۾، لالچند امرڏني مل جڳتياڻيءَ ۽ ڪاليج ۾ ڪاڪي پيرومل مهرچند جهڙن ماهر سنڌي دانن وٽ تعليم حاصل ڪئي. هنن جي صحبت جو موقعو مليس، جنهن هن جي دل ۾ ادب لاءِ محبت ڪي پختو ٻٽائي ڇڏيو. ننڍي هوندي اجا اسڪول جو شاگرد هو، تڏهن کان ئي تمام سٺا مضمون لکندو آيو، جن مان هڪ مضمون، پروفيسر اجواڻيءَ ڪاليج جي مخزن ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ ڪاليج جي زندگيءَ ۾، هن (آسانند) ڪيترائي مضمون ۽ سماجي آکاڻيون لکيون، جن ڪيترن ئي عالمن ۽ عام پڙهندڙن وٽ مقبوليت حاصل ڪئي. انهيءَ وقت ڪاليج جي پرنسپال، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن جون ڪهاڻيون پڙهي، هن ڪي اها صلاح ڏني ته هو صرف ڪهاڻيون ئي لکي ۽ ان ۾ ئي مهارت حاصل ڪري. سندس مشهور لکيل آکاڻيون، سنڌي رسالن ۾ شايع ٿيون، جيڪي ٻين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿيون. سندس هڪ ڪهاڻي جيڪا اطالوي ٻوليءَ ۾ شايع ٿي، اها هئي ’ڪڪي‘. هيءَ ڪهاڻي تمام گهڻي مقبول ٿي.

سندس ٻيون به تمام گهڻيون ڪهاڻيون ملن ٿيون، جيڪي معياري ڪهاڻيون آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون پيرو جنسياتي نفسيات جي جهلڪ سندس ڪهاڻين ۾ ئي ملي ٿي. 1939ع ۾ پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون، ۽ پوءِ سال ٻن کان پوءِ ’آرسي‘ ۽ سندس ٻين ڪهاڻين جو مجموعو به شايع ٿيو.

آسانند مامتوراءِ، سنڌيءَ ۾ ٻه ناول به لکيا آهن. هڪ ناول ’شاعر‘ جي نالي سان ۽ ٻيو ناول ’حليما‘ جي نالي سان. هيٺ انهن ٻنهي ناولن تي تبصرو ڪجي ٿو.)

**شاعر:**

سندس هي ناول پهريون ناول آهي، جنهن سنڌي ليکڪن جي دلين مان احساس ڪمتريءَ جي ان شڪ کي ٽڙي ڪڍيو ته سنڌيءَ ۾ ڪو اصلوڪا يا



شاهڪار ناول لکجي نٿا سگهجن، بلڪ هن جهڙو آدرشي ناول سنڌ ۾ ڪو ٻيو ناول لکيو ئي ڪونه ويو هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هن جهڙو آدرشي ناول سنڌ ۾ ڪونه نڪتو، جو پڙهندڙن ڪي ڌرتيءَ جي ڌوڙ مان مٿي ڪڍي عرش ۾ ٻيو اُڏائي. منجهس ڪشمير جي فردوسي واديءَ جا بيان ۽ گهرا فيلسوفياڻا ويچار، موزون ۽ فارسي لفظن جو خوش آواز هئا، جنهن ۾ چيدن هندي ۽ فارسي لفظن جو خوش آواز ميلاپ هو. هن ناول ۾ ڪردارن جي خاص طور، هندو نائڪ جي، جو مسلمان ڪشميري ڇوڪريءَ سان پيار ٿو ڪري. هن ۾ ڪوجنا ايتري ته اونهي ڪيل هئي، ۽ ٻئي پاسي ظاهري واقعا اهڙا ته مانا مانا آندل هئا، جو ائين ڪڍي ڇئجي ته آتما جو نواس هو، سو ڪيس هن اَپورن سنسار جي اَپورن وٽن ۽ جيون ۾ ڪٺا پڙهيو هوندو.“(1)

انهيءَ کان سواءِ هن ناول ۾ سچي سونهن، شاديءَ جي ريتن رسمن، پيار ۽ محبت ۽ اُمنگ جا جذبا پڻ پيش ڪيل آهن. هن ناول جو بنياد جذبي، محبت، انسانيت تي رکيل آهي، ته جيئن اسان جي روزانه زندگي، خوشي ۽ راحت ۾ گذري. انهيءَ زندگيءَ لاءِ اسان ڪي جيڪي اصول تيار ڪرڻ گهرجن، سي ’مادي‘ (materialism) اصولن تي لکيل هجڻ، پر انهن جو بنياد روحاني اصولن تي هجڻ گهرجي، ۽ زندگيءَ جا اصول جيڪڏهن روحانيت مان تيار ڪيا ويا آهن ته هن دنيا ۾ سک پيدا ٿيندو.

هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻه جوڙا گڏوگڏ عمل ڪندا نظر اچن ٿا، جيڪي هڪ ئي مقصد جا پوڄاري آهن. هن ناول جا ڪردار سڀ آزاديءَ جا متوالا آهن، جن جي زبان تي آزاديءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه مقصد نظر نٿو اچي. هن ناول ۾ هڪ ئي مقصد تي ٻئي جوڙا عمل ڪندا نظر اچن ٿا.

هن ناول ۾ ٻولي، اصطلاحن، محاورن ۽ پهاڪن سان ڀرپور ڪم آندل آهي. هن ناول ۾ بلاغت ۽ فصاحت اعليٰ درجي جي ادا ڪئي وئي آهي. ڪيترائي ڳوڙها ۽ پيچيدا مسئلا، تمام سولي نموني آسان ٻوليءَ ۾ سلجهايا ويا آهن. مثال طور:

”هڪ ڦيريءَ کان پوءِ اسان جو هٿ، هٿ ۾ مليو. اکين ۾ ڏيئي جي جهرمر ۽ ڪنن تي آرتيءَ جو مڌر آلاپ ۽ دل ۾ پريم جو انوکڪ نند، مون پاڻ ڪي سرڳ پوريءَ جو نواسي پئي پاتيو... هن جي اکين منهنجي اکين ۾ نهاريو ۽ منهنجي اکين هن جي ۾.... اسان جون دليون، انهيءَ نهار تي، هڪ ٻئي ڪي ارپجي وئيون.“ (2)

هن ناول ۾ منظر نگاري به اعليٰ درجي جي پيش ڪيل آهي. سندس

ناول مان هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

”گهر آڳاٽي زماني جو هون، پر ڪشادو ۽ محفوظ، هر هڪ ڪمرو سادگيءَ، پر لطافت سان سجايل هو. اوطاق ۾ فرش تي هڪ يارقند جو نمودار نمدو پيو هو، جنهن تي اڪروٽ جي ڪاٺ جي ٽپائي رکي هئي. ٽپائيءَ تي اُڪر جو عمدو ۽ نازڪ ڪم ٿيل هو.“(3)

مامتوراءِ جو هي ناول هڪ ڪامياب ناول آهي ۽ هر هنڌ ان جي تعريف ڪئي وئي آهي. پنجن سالن ۾ هي ناول ٻه دفعا ڇاپيو ويو، ۽ اڄ به ناياب آهي.

آسانند مامتوراءِ جي، ناول ’شاعر‘جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ، هر طرف ڪان طبعزاد ناولن لکڻ لاءِ زور پوڻ لڳو، تنهن ڪري هو بجاءِ افسانن جي، ناول لکڻ لڳو. هن انهن تقاضائن ڪي مانُ ڏيندي، 1947ع ڪان پوءِ ’حليما‘ ناول لکيو، جيڪو ڪونج پبليڪيشن، بمبئيءَ وارن شايع ڪيو. هن ناول جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”سنڌي ادب جي شاهڪار ناول ’شاعر‘ جي ليکڪ آسا نند مامتوراءِ جي قلم مان نڪتل، حليما ناول جي لکڻيءَ جي شروعات ورهاڱي ڪان اڳ جي آهي، پر جيئن ته اهو ورهاڱي ڪان پوءِ شايع ٿيو آهي. سو وطني ڇيد جو پاڇو هن ناول جي انت ۾ پئجي ويو آهي.“(4)

هن ناول جو ماحول سنڌ جي ڳوٺاڻن وڏيرن وارين حويلين ۽ ڪراچيءَ جي نيپئر روڊ جي هوٽلن وارو آهي. هن ناول جو مکيه ڪردار هڪ عورت آهي، جا پنهنجن ڏکن واري ڪهاڻي ياد ڪري رهي آهي.

هن ناول جي نائڪا سنڌي ڳوٺاڻي حليما آهي، جنهن جي بينظير نزاڪت پري سوُنهن ۽ چوڏهن سالن جي ڦوهه جواني، شڪار ٿيڻجي پوي ٿي. علي ڳڙهه جي وڏيري جي پٽ واسناميءَ جي پيار جي، زوريءَ زنا جي ستايل بي قصور حليما، ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، وڏيري جي سريت ٿيڻجي وڃي ٿي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هوءَ هڪ نوجوان هاريءَ، رحمان جي عشق ۾ گرفتار ٿئي ٿي. وڏيري جي پٽ جي پيار ۽ هاريءَ جي سچي پاڪ پيار جي پيٽ ۾، هوءَ هاريءَ جي پيار ۾ غرق ٿي وڃي ٿي، پر وڏيري جا چاڙتا، رحمان ڪي ماري وجهن ٿا. هوءَ وري ڏکن ۽ تڪيلفن جي زندگي گذارڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ٿي. هو، رحمان جي پيار جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هو منهنجي ازل جو ساٿي هو. آءٌ ڄائي ئي سندس لاءِ هيس ۽ هو منهنجي لاءِ، قدرت اسان ڪي هڪ ٻئي لاءِ خلقيو هو.“(5)

حليما پنهنجي محبوب سان پهرئين ميلاپ ڪي عاليشان لفظن ۾ بيان ڪري ٿي. آسانند مامتوراءِ، سچيءَ سڪ مان پيدا ٿيل سچي پيار بابت اهڙو اعليٰ نظريو پيش ڪيو آهي. باقي سچي ڪهاڻي نهايت ڏک جي انجام واري آهي. حليما ۽ رحمان جيئن نڪاح وجهي، پڇي نڪرن ٿا ته رحمان جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ، هوءَ هڪ ئي ڏينهن ۾ سهاڳڻ مان ڏهاڳڻ ٿيڻجي پوي ٿي. پوءِ هن ڪي هڪ هندو ڪٽنب، پاڻ سان لاهور وٺي وڃي ٿو، ۽ هن ڪي پنهنجي ڌيءَ سمجهي، اجهو ڏئي ٿو، پر هوءَ اتان موٽي ڪراچي اچي ٿي ۽ سماجي هلچل ۾ ڀهرو وٺي ٿي. ملڪ جي ورهاڱي ڪيس وڏو ڌڪو رسايو. لاهور ۾ جڏهن هندو-مسلم فساد ٿين ٿا ته هوءِ يڪدم اوڏانهن وڃي ٿي، ۽ اهو ڪٽنب جنهن ڪيس اجهو ڏنو هو سو سمورو قتل ٿي ويو هو. هوءَ وري سنڌ ۾ اچي ٿي ته ڪيس دماغي چوٽ لڳي ٿي ۽ هوءَ گدو بندر جي اسپتال ۾ داخل ڪئي وڃي ٿي، پر اتي به هوءَ پنهنجن ساٿين ڪي هميشه اها اپيل ڪري ٿي ته:

”اي هم وطنو، جي توهان ڪڏهن به انسان جي برادريءَ ۽ برابريءَ جو سپنو لڌو آهي ته دل نه لاهيو، اهو سپنو ئي ته جيئڻ لاءِ واجبي سبب آهي.“(6)

اهڙيءَ طرح هي ڏک انجام ناول پڙهندڙن جي ذهن تي هيمشه تاثر ڇڏي ٿو. هن ناول جي ڪاميابيءَ جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”فنڪار جي فني ڪماليت لاشڪ ساراهه جوڳي ٿيڻجي پيئي آهي.“(7)

هن ناول ۾ ٻولي نهايت ئي سادي ۽ محاورن واري استعمال ڪيل آهي. سندس ٻولي ۽ عبارت جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هيءَ راءِ ٿو ڏي:

”جنم ڀومي سنڌ جي مسلم زندگيءَ بابت هي ناول بيحد اتساهه بخشيندڙ آهي. لکيل به عاليشان عبارت ۾ آهي، جنهن لاءِ مامتوراءِ لکين مبارڪون لهڻي. اميد ته هيءُ ناول سنڌ توڙي هند ۾ سرحد جي ٻنهي پاسي سنڌي پاٺڪن ڪي پسند پوندو.“(8)

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”پيڻ دنيا ۾ روئڻ ۽ جهڄڻ سان ڪم نه هلندو، تون همت نه هار، مون ڪي پنهنجي غمخوار سمجهه. هن جهنم ڪان، جرجهنگ ۾ جانورن جيان زندگي ڪي ڪاٽڻ بهتر آهي.“(10)

اڳتي لکي ٿو ته:

”دنيا جي نون خيالن ۽ تحريڪن سندس ذاتي جذبن ڪي دٻائي ڪيس اور جنس بنائي ڇڏيو آهي. هوءَ نه مرد آهي، نه عورت، هوءَ صرف سماجواد جو مجسمو آهي.“(11)

اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

”قسمت اسان ڪي سڏي رهي هئي. انهيءَ ازل ڪان ٿيل آواز جو پڙاڏو

اسان ٻئي ٻڌي رهيا هئاسين. انهيءَ ۾ هڪ قسم جي مجبوري هئي. ائين پئي پاسيو ته اسان ٻنهي جا پير ڪنهن دوُر دراز سفر لاءِ ڪڇي بيٺا هئا ۽ قدرت جون ڪي الکيون طاقتون اسان ڪي پٺيان ڌڪي رهيون هيون. هٿ پرينءَ جي هٿ ۾، مون پاڻ ۾ هڪ عميق اعتقاد جو جذبو محسوس ڪيو۽ زندگيءَ جا سڀ پرم، پو ۽ پولا، انهيءَ عظيم گهڙيءَ، گذشته جي ظلمات ۾ غائب ٿي ويا. انهن ڏينهن سنجها جي منهن اونداهيءَ ۾ مون پنهنجي ڏکن ڏتيءَ زندگيءَ جي نئين پرهه ڦٽندي ڏٺي.“(12)

هن ناول ۾، ٻوليءَ ۽ عبارت سان گڏ، منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري به نهايت ئي سهڻي ۽ دلڪش طرح پيش ڪيل آهي. مثال طور:

”مريءَ مان پڇي، مان سڌو سري نگر آيس. واٽ تي ڇا ڏٺم، ڪهڙا قدرت جا نظارا پسيم، تن جي يادگيري تِر ماتر به ڪانه اٿم. مون ڪي اها به سُڌ ڪانهي ته رستي تي ڪيترا ڏينهن لڳم، ڪنهن سان ڏيٺ ويٺ ٿيم، ڇا ڪاڌم ۽ ڇا پيتم.“(13)

هن ناول ۾ ديوان مامتوراءِ ڪيترائي ڳوڙها نڪتا پيش ڪيا آهن، جن ۾ ظاهري ۽ اندروني (باطني) سونهن جي نڪتي تي هو نهايت اثرانداز طريقي سان هن ريت ٿو لکي ته:

”اڄ گلاب جي گل ۾ ڪهڙي پري پيڪر ڏسي رهيو هئين. هن ڏاڍيءَ گنڀيرتا سان، مان سونهن جو ذاتي روپ ڳولي رهيو آهيان. هي سڀ سهڻيون شيون صرف انهن ڏانهن رستا آهن. مان ضرور سونهن جي الوڪڪ ديويءَ کي ڳولهي رهندس. منهنجي آتما جو نواس ان ۾ ئي ٿي سگهندو، جيستائين مون ڪيس نه پاتو آهي، تيستائين منهنجو روح سدائين بيچين ۽ بي آرام رهندو... منهنجيءَ ڪلپنا ۾ سونهن جو آدرش آهي. انهيءَ کي مان جسماني ويس ۾ ڳولي رهيو آهيان،”(14)

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

”تحقيق سونهن انسان جي هردي ۾ ٿي وسي، نه ٻاهرئين وَٽ ۾. سونهن برابر، انسان جي هردي ۾ وسي ٿي، پر جڳت جون ٻيون به وَٿون ان ۾ ڀهرو وٺن ٿيون. هر هڪ انسان جي دل ۾ سونهن جو پنهنجو پنهنجو آدرش آهي.“(15)

حاصل مطلب ته آسانند مامتوراءِ جو هيءُ هڪ بهترين سماجي ناول آهي. هن ۾ سماج جي ڪيترين ئي براين، وڏيرن جي ظلمن، غريبن سان ڦهر، نياڻين جي زندگي برباد ڪرڻ، انهن کي سريت ڪري ويهارڻ، انهن سان هر طرح جا ڦهر ۽ ظلم ڪرڻ وغيره وارا موضوع نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيا آهن ۽ حليما جي ڪردار کي به سٺي ۽ همت واري ۽ بهادر عورت ڪري پيش ڪيو آهي.



ديوان مامتوراءِ جا هي ٻئي ناول سنڌي ادب جا شاهڪار ناول آهن.

## ببليوگرافي


1. منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ بمبئي، ڪونج پبليڪيشن؛ 1980ع.
2. آسا نند مامتوراءِ، شاعر ناول، ڪراچي، آشا ساهتيه منڊل، پچراپور 1941ع ص 40
3. ايضاً ص 88
4. قيمت هري سنگهاڻي: ورهاڱي بعد هند ۾ سنڌي ناول، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع ص 195
5. آسانند مامتوراءِ: حليما ناول
6. ايضاً، ص 195
7. ڏسو حوالو نمبر 4، ص 196
8. ڏسو حوالو نمبر 1، ص
9. ڏسو حوالو نمبر 5، ص
10. ايضاً
11. ايضاً
12. ايضاً
13. ايضاً
14. ايضاً
15. ايضاً

## پروفيسر رام پنجواڻي

(**تعارف:** پروفيسر رام پرتاب راءِ پنجواڻي، هڪ ليکڪ، هڪ شاعر، هڪ ناٽڪ نويس، سنگيت ڪار، اداڪار، هدايتڪار، مضمون نگار، تنقيد نگار ۽ هڪ ڪامياب ناول نگار پڻ هو. سندس تقريباً ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ڪهاڻين جا چار مجموعا، اٺ ناول، چار ناٽڪ ۽ ٻه مضمونن جا مجموعا وغيره ڇپيل آهن. انهيءَ کان علاوه پاڻ ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا اٿس، مثلاً: ’دوست ڪيئن ڪجن ۽ دليون ڪيئن ڪينچجن‘ ۽ ’ياد ڪندا‘ وغيره شايع ٿيل آهن.

انهيءَ کان سواءِ، رام پنجواڻيءَ، اداڪار ۽ هدايتڪار جي حيثيت ۾ تقريباً پنجاهه کن ناٽڪن ۾ ڪم ڪيو، مثلاً: ’راجا هرشچندر‘، ’نيڪي بدي‘، ’انجنا ديوي‘ ۽ ’گامڻو‘ سيريز وغيره. اُن ڪانسواءِ سنڌي فلمن جهڙوڪ: ’جهولي لعل‘، ’لاڏلي‘، ’سنڌوءَ جي ڪناري‘ ۽ ’هو جمالو‘ ۾ به اداڪاري ڪيائين. شاهه جي سٽن سورمين تي، ناٽڪن مثلاً: ’مومل راڻو‘، ’ليلا چنيسر‘، ’عمر مارئي‘، ’سسئي پنهون‘ ۽ ’مايا جو موهه‘ وغيره ۾ هدايتڪار طور ڪم ڪيو اٿس. انهيءَ کان علاوه ’سماج شيوڪ‘، ’مايا جو موهه‘، ’قربدار ڪنوار‘، ’آيو نئون زمانو‘ ۽ ٻيا به ڪيترائي اصلوڪا ناٽڪ لکيائين، ۽ ’شل ڌيئر نه ڄمن‘، ناول جي آڌار تي سنڌي فلم به ٺاهيائين، جيڪا تمام گهڻي ڪامياب وئي.

رام پنجواڻي، انهن خوبين کان علاوه هڪ تمام سٺو ڳائڻو پڻ هو. هن هڪ سنگيتڪار ۽ ڳائڻي جي حيثيت ۾ بيشمار گيت، ڪافيون، صوفين جا ڪلام، غزل ۽ ڀڄن پڻ ڳايا آهن. آل انڊيا ريڊيو ۽ بمبئي ٽي-ويءَ تان به ڪيترائي دفعا هن، سنگيت جو پروگرام پڻ ڪيو ۽ ڪيترائي دفعا تقريرون به ڪيون.

سندس سڀ کان وڏي خوبي اها به هئي، جو ڪيس قدرت جي طرفان من موهيندڙ آواز جي ڏات مليل هئي. هو سنڌيءَ ۾ ته ڇا، پر ڪهڙي به ٻولي هجي، هن جهڙي فصيح زبان، وندرائيندڙ نموني ۾ وهندڙ ۽ ٺهڪندڙ موزون ۽ موقعي آهر تز لفظن ۾ ليڪچر ڏيندڙ ٻيو ڪو مشڪل ڏئي سگهيو.

”هن جي ڳالهائڻ ۾ ڪشش جي ڪري ئي هندستان ۾ سنڌي ناٽڪ، سنڌي ڀڳت مان ماڻهن کي نئين سر واقف ٿيڻ ۽ سنڌي لوڪ گيت هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجندو رهيو. هن کي ’سنڌ جي چاڻ‘، ’سنڌين جو فخر‘، ’سنڌين جو ايلچي ۽ ’سنڌ جو ابو‘ هجڻ جا لقب پڻ مليل هئا.“(1)

هن ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر يورپ، آمريڪا، جپان، هانگ ڪانگ، سينگاپور، انڊونيشيا ۽ ٿائلنڊ وغيره ۾ سنڌي سنگيت جا ڪيترائي پروگرام ڪيا ۽ سنڌيت جو پيغام پڻ پهچائيندو رهندو هو. سندس شخصيت جي باري ۾



ڪماري پوپٽي هيرانندائي لکي ٿي ته:

”ورهين ۾ ڇا، صدين ۾ به رام پنجواڻي جهڙي هستي مشڪل سان ڄمندي آهي.“(2)

رام پنجواڻي نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جو هيرو هو، پر ڀارت جو هيرو پڻ هو. هن کي انسان ذات کي خوش رکڻ جو ڏانءُ چاهه هو. انهيءَ ڪري ئي سندس لکڻين ۽ ليڪچرن ۾ سکيا ۽ وندر پڻ شامل هوندي ئي.

انهيءَ کان سواءِ رام پنجواڻيءَ کي سندس تصنيفن تي ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا هئا، مثلاً ڪيس ’انوکا آزمودا‘ ڪتاب تي، 1964ع ۾ ساهتيه اڪادمي طرفان، ۽ 1965ع ۾ ڪيس سنڌي تصنيفن تي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، انعام مليا. انهيءَ کان سواءِ ڪيس ’ڀارت سنڌي پئنچات فيڊريشن‘ ۽ ’وشو هندي سميلن‘ ناگپور پاران ۽ ڪيس ملڪ جو وڏو ادبي ايوارڊ، پرم شري وغيره ڪيترائي انعام مليا.

تنهن کان سواءِ رام پنجواڻي ساهتيه اڪادمي جي صلاحڪار بورڊ، ڀارت سرڪار جي نئشنل بڪ ٽرسٽ، سنڌي صلاحڪار بورڊ ۽ اڪئڊمڪ ڪائونسل بمبئي يونيورسٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. انهيءَ کان سواءِ بورڊ آف اسٽڊيز، سنڌي، ممبئي يونيورسٽيءَ جو چيئرمين پڻ رهيو.

هو ورهاڱي کان اڳ ڊي-جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جو، پوءِ جئه هند ڪاليج، بمبئيءَ جي سنڌي وڀاڳ جو چيئرمئن ٿي رهيو. هو ’ڀارتي ڪلا گهر‘ جو برپا ڪندڙ،۽ ڪيترن ئي ڪاليجن جو ٻين سان گڏجي پايو وجهندڙ، ۽ ڪيترن ئي ڪاليجن ۽ اسڪولن جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. پاڻ ڪلچرل پروفيسر آف ايڇ-ڪي چئناڻي چيئر، اين-ڪي-سي گروپ آف ڪاليجز جو انچارج ۽ ايم-اي ۽ پي ايڇ-ڊي جو گائيڊ پڻ رهيو آهي.پروفيسر رام پنجواڻيءَ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ناول پڻ لکيا آهن. انهن ناولن ۾ ’قيدي‘، ’شرميلا‘، ’لطيفا‘، ’اسان جو گهر‘، ’زندگي يا موت‘، ’آهي نه آهي‘، ’ڌيئر نه ڄمن‘ وغيره.

سندس ناولن جو خاص موضوع محبت ۽ فرض آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪن ناولن ۾ گهريلو ماحول مان نڪري معاشرتي ۽ اصلاحي مسئلا به پيش ڪيا اٿس، جن ۾ سندس خاص نظر ڪردارن جي شخصيت تي رهي آهي. سندس ناولن جي ٻي خاص خوبي اها آهي ته هو ڪهاڻيءَ جو ڪوبه مسئلو، ڪٿي به اڌورو نٿو ڇڏي، ۽ نڪي ڪنهن ڪردار جي شخصيت منجهيل ڏيکاري ٿو. هو هر ڪنهن ڪردار جي غلطيءَ جو نچوڙ، بلڪل صاف لفظن ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن ڪري پڙهندڙ جي هميشه سندس ڪردارن سان ئي همدردي رهي ٿي، ۽ اها سندس اعليٰ فني ڪماليت آهي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پهريون طبعزاد ناول ’قيدي‘ آهي، جيڪو هن 1943ع ۾ لکيو هو، ۽ پارت جيون حيدرآباد سنڌ وارن شايع ڪيو هو. سندس هن ناول ۾ هن هڪ راڳيندڙ جا امنگ ۽ خواهشون بيان ڪيون آهن ۽ ناول جي سورمي ۽ سورميءَ جي وچ ۾ محبت جو ناتو، نهايت نازڪ خياليءَ سان پيش ڪيو آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، سندس ناول ’قيديءَ‘ بابت تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو هي نئون سنڌي ناول سنڌي ساهت ۾ انهن جزوي ناولن مان هڪ آهي جي اصليت جي دعويٰ رکن ٿا. لکندڙ خود سنڌ جو مشهور راڳيندڙ ۽ ڪلاڪار آهي، سو هن ڪتاب ۾ سنگيت ۽ چترڪاريءَ جا اهڙا ته اعليٰ امنگ اٿاريندڙ، بيان ڪيا اٿس، جن جهڙا مون ٻئي ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ نه پڙهيا آهن.“(3)

هن ناول جي آڪاڻيءَ ۾ به ڪلاڪار آهن، جن جي پيار ۽ محبت ۽ سنگيت جي شوق جو ذڪر ڪيل آهي.

”آڪاڻيءَ جي ٻن پريمي ڪلاڪارن جي پريم جي سرهاڻ، سنگيت جي پرپاوَ هيٺ، اهڙي ته نفيس ۽ سوڪي نموني ۾ چٽي اٿس، جو منجهس نفس جو ڏنگ ذرو به نه رهيو آهي. هن ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ تي فيلسوفياڻا نقطا اڇي وڃن ٿا، جنهن مان ظاهر آهي ته لکندڙ جيوت جي تجربي مان ڳوڙهاڻ پرائيندو وڃي ٿو.“(4)

سندس هن ناول جي عبارت خوبصورت، زوردار، روانيءَ واري آهي ۽ هن ۾ ڪم آندل شاعراڻيون خوبيون به سچي ناول کي خوبصورت بڻائي ڇڏين ٿيون.

انهيءَ کان پوءِ رام پنجواڻيءَ جو ٻيو ناول، ’شرميلا‘ آهي، جيڪو 1994ع ۾ شايع ٿيو. اهو ناول به پارت جيون ساهتيه منڊل، حيدرآباد سنڌ وارن حيدرآباد پريس مان ڇپايو هو. هن ناول جي ڪهاڻي ڪنهن انگريزي ناول کان متاثر ٿي لکي وئي هئي، جنهن جي باري ۾ خود ناول نگار وڌيڪ وضاحت ڪري ٿو ته:

”ٻه سال ٿيا ته ڪنهن جي انگريزيءَ ۾ لکيل آڪاڻي مون کي وڻي ۽ انهيءَ آڪاڻيءَ جي اوٽ تي ويهي دليان هي قصو ’شرميلا‘ جوڙي پيش ڪيو اٿم.“(5)

هن ناول ۾ رام پنجواڻيءَ بمبئي جي هڪ گجراتي زندگيءَ جو هڪ پهلو، باريڪ بينيءَ سان چٽيو آهي. هن ناول ۾ شرميلا، ناول جي سورميءَ جو نالو آهي، جيڪا هڪ هندستاني عورت جي روپ ۾ انگريز عورت جهڙا ڪم ڪري ٿي. مثلاً: گهوڙي سواريءَ ۾ مهارت رکڻ، ڪتن جي بيماري بابت



چاڻ رکڻ، ڪتا ۽ گهوڙا گڏ رکڻ، جهنگن ۽ ٻرن پٽن ۾ اڪيلو گهمڻ وغيره. انهيءَ کان سواءِ هوءَ گهر جو به ڪم ڪار سڄو خود ڪري ٿي، ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ نوڪري جي تلاش لاءِ ڪارخانن ۾ وڃي ٿي ۽ ڪار جي حادثي ۾ زخمي ٿي، اسپتال ۾ اچي داخل ٿئي ٿي. هن ناول ۾ ’شرميلا‘ جي سڄي زندگي ڏکن ۽ تڪليفن سان ڀريل آهي. مثلاً: سندس ماءُ پيءُ جو موت، محبت جي ناڪامي ۽ ڪار جو حادثو وغيره. اهي سڀ زندگيءَ جا ڏک آهن، پر رام پنجواڻي هن ناول جو انجام ڏاڍو سٺو ڏيکاريو آهي، ۽ آخر ۾ سپني کي گڏي ملائي ڇڏيو اٿس.

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن ناول جي باري ۾ هيءَ راءِ ڏي ٿو:

”هن ناول جو هر منظر ڪنهن يورپي ملڪ جو محسوس ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ هن ۾ نالا سنڌ جي شهرن جا ڏنا ويا آهن. هن ناول جو خاتمو سک انت آهي. جيئن شرميلا، ناول ۾ آخر ساجن سان ملي ٿي ۽ شرميلا اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪري ٿي.“(6)

هن ناول جي ڪهاڻيءَ جي سٽاءَ انگريزي ناول وانگر رکي وئي آهي. انهيءَ ڪري ڪهاڻي جو ماحول ۽ حالتون ديسي نه ٿيون لڳن.

رام پنجواڻيءَ جي هر هڪ ناول جي پس منظر ۾ سنڌ جي ڪنهن نه ڪنهن شهر يا سنڌ جي گهريلو ماحول جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. جيئن سندس ناول ’لطيفا‘ به، جيڪو هن 1945ع ۾ لکيو هو، اهو پڻ سنڌي ڳوٺاڻن مسلمانن جي زندگيءَ تي نهايت همدرداڻي طريقي سان لکيل آهي. هي به هڪ سٺو ناول آهي.

1946ع ۾ رام پنجواڻيءَ جو ناول ’اسان جو گهر‘ شايع ٿيو، جيڪو مشهور فلمي اداڪار ۽ ڊراما هدايتڪار پرٿوي راج ڪپور جي قومي ناٽڪ ’ديوار‘ کان متاثر ٿي لکيو هو. هي ناول به پارت جيون وارن شايع ڪرايو هو.

هن ناول جي ڪردار اصلوڪي هئي، جنهن ۾ تمثيلي طور هندستان جي آزاديءَ ۽ ورهاڱي جي چٽي تصوير چٽيل آهي. هن ناول ۾ رام لعل ۽ شام لعل ٻنهي ڀائرن جي محبت تي ٻڌل ڪهاڻي آهي، جن جي دلين ۾ هڪ انگريز عورت، پنهنجي مفاد خاطر نفاق وجهي، ڪين جدا جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر هوءَ انهيءَ ۾ ناڪام وڃي ٿي.

رام لعل ۽ شام لعل ٻئي ڀائر، پيءُ جي مرڻ کان پوءِ، پاڻ ۾، پيار ۽ محبت سان پنهنجي پيءُ جي جاگير تي حڪومت ڪندا هئا. هي ٻئي ڀائر انصاف ۽ همدردي لاءِ جدوجهد ڪندا رهندا هئا، پر هڪ انگريز عورت جيڪا هنن جي جاگير تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي، هنن ۾ نفاق وجهڻ جي

ڪوشش ڪري ٿي، جنهن ۾ هوءَ شروع ۾ ته ٿوري گهڻي ڪامياب وڃي ٿي، پر آخر ۾ هن جو اهو منصوبو ظاهر ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ اُهي ٻئي پائر ٻيهر پاڻ ۾ ملي وڃن ٿا ۽ هنن جو پاڻ ۾ اهوئي پيار قائم رهي ٿو. هن ناول جو انجام به سٺو آهي ۽ سڀئي پاڻ ۾ گڏجي وڃن ٿا.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ناول 'چانديءَ جو چمڪو' 1947ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول به پارت جيون وارن شايع ڪيو هو. هن ناول جو موضوع به هندستان ۾ قومي آزاديءَ بابت آهي. هن ناول ۾ خاص طور تي اهو ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه مختلف اٽڪلن سان اهي پئسي جا پوڄاري ماڻهو، سورمي ۽ سورميءَ سان گڏوگڏ ٻين قومي جذبو رکندڙن ڪي مصيبتن ۾ ڦاسائين ٿا.

رام پنجواڻيءَ جو هي ناول به ڪامياب قومي ناول آهي. انهيءَ ڪان پوءِ رام پنجواڻيءَ جو 1952ع ۾، پارت ۾ 'زندگي يا موت' ناول ڇپيو، جيڪو پارت جيون وارن شايع ڪيو. هن ناول ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ هندستان ۾ سنڌ مان لڏي آيلن جي ڪلياڻ ڪئمپ واري زندگيءَ بابت، هڪ سچي حقيقت بيان ڪئي وئي آهي. هي ناول سندس هڪ دوست جي مالي مشڪلاتن ۽ نوڪريءَ جي ڳولا تي ٻڌل آهي. هن ناول جي موضوع بابت رام پنجواڻي هن ناول جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

”ڪيترن سنڌواسي نرواسين سان ملڻ پئي ٿيو. انهن جون درد ڀريون وارتائون ٻڌي پريشان من ويتر به پريشان ٿي ويندو هو. هر ڪنهن کي ڪانه ڪا لڳي پئي هئي. ڪين ساهتا جي ضروت پوندي هئي. ڪن کي مالي مدد کپندي هئي. منهنجو هڪ مائٽ، هڪ ڏينهن مون وٽ آيو، سندس منهن هيسائيل هو. حال پريشان هو. هو دک ۽ درد جي تصوير لڳو ٿي. هميشه خوش مزاج، بي پرواهه ۽ توڪلي مڙس، پر هينئر ڏٻرو، لاچار ۽ ٻڍو ٿي لڳو. حال پڇڻ تي چوڻ لڳو ته، 'پاڻي سر ڪان مٿي چڙهي چڪو آهي'. هو روئي ويٺو روئڻ تي هري ويو هو. اکين جي هيٺان نشانن پوري ثابتي ڏني ٿي. چيائين ته نوڪري وٺي ڏي. مون چيس ته توکي ته آرام جي ضروت آهي، ان تي چيائين ته آرام وٺي سگهان ٿو. پوءِ هڪ اشتهار ڏيکاريائين، جنهن ۾ لکيل هو ته: ”گهرجي هڪ شاهوڪار، پنجابي جوان ڇوڪريءَ لاءِ، هڪ غريب نرواسي ڇوڪرو.“ چيائين ته اشتهار ڏسي، ڇوڪري کي ڏسڻ ويس. ڇوڪري جوان آهي، پڙهيل آهي پر منهن تي اڇا داغ آهن. وڏيءَ سوچ ڪان پوءِ ان فيصلي تي پهتو آهيان ته مائٽي اتي ڪريان جو مون کي ڏهه هزار روپيا ملن.“

هي سڄو ناول انهيءَ سچي ڪهاڻيءَ ڪان متاثر ٿي لکيو اٿم. ورهاڱي ڪان پوءِ اسان جي حالت ڇا ٿي، تنهنجو مثال هن ناول ۾ ملي ٿو.“(7)

هي ناول فني لحاظ ڪان پختو آهي. هن ۾ 'سندري' جيڪا هن ناول جي



سورمي آهي، سا پنهنجي پيءُ جي مالي مشڪلاتن ۽ مجبورين جي ڪري، پنهنجي محبت قربان ڪري ٿي ڇڏي. هن ناول جي ڪهاڻي هن ريت آهي ته؛ سندري هڪ پيرسن ماستر جي ڌيءَ آهي. هوءَ پاڻ پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڪمائيندڙ ڇوڪري آهي، پر پيءُ مجبوريءَ ڪارڻ، ڌيءَ جو مڱڻو، هڪ شاهوڪار پر، ڪوڙئي ڇوڪر سان ڪري ڇڏي ٿو، ۽ هوءَ پنهنجي محبت قربان ڪري اها ڳالهه قبول ڪري ٿي ڇڏي. هن ناول جي پڇاڻ به تمام سهڻي نموني ڪئي وئي آهي. هن ۾ ناول نگار، هن سندريءَ کي اهڙي بري هنڌ تي شادي ڪرڻ ڪان بچائي وٺي ٿو ۽ موٽي جنهن سان هن کي محبت آهي، ان سان شادي ڪرائي ٿو ڇڏي ، ۽ روشن لعل، خوشيءَ سان اها قرباني ڏي ٿو. اها هن ناول جي خاص خوبي آهي ۽ هن ناول ۾ رام پنجواڻي جتي ٻين اهم پهلوئن کي ڪنيو آهي، اتي هن سچي پيار جو به ذڪر ڪيو آهي. هن جي نظر ۾ سچو پيار اهو نه آهي جنهن ۾ انسان هڪ ٻئي جي ظاهري حسن کي ڏسي ٿو ڇو ته ظاهري حسن جو نشو وقتي هوندو آهي ۽ اهو جڏهن ٽٽي ٿو ته سواءِ پڇتاءُ جي ڪجهه به نه ٿو رهي. پر هن جو پريم پڪو هوندو آهي. هو هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”پريم جون شاديون ڪيترن وقتن تي ناڪامياب ثابت ٿينديون آهن. امنگن جي وس ٿي، آڳي پيڇي جو خيال نه ڪري، فقط هڪ هڪ ٻئي جي خوبين جو خيال رکندي، جڏهن ٻه جوان، هڪ ٻئي جي ٻاهرئين حسن تي حيران ٿي، ناتو جوڙيندا آهن، تڏهن اهو سمجهندا آهن ته، اسان جهڙو سکي ڪوبه ڪونه هوندو، پر ٿوري وقت ڪان پوءِ جڏهن سپنا ٽٽندا آهن، سونهري دنيا غائب ٿي ويندي آهي، حقيقي دنيا اڏو اچي بيهندي آهي، ديوتائون ڦري ساڌارڻ انسان ٿي پوندا آهن، خوبين سان خاميون به نظر اينديون آهن، نينهن جي نشي ۾ پل ته آسمان جا سير ڪري ڪو سمجهي ته انوکي دنيا ۾ آنند ئي آنند آهي، پر جڏهن اهو ٽٽي ٿو ۽ هو پاڻ کي زمين تي ويٺل ڏسي ٿو، تڏهن اڇرج ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ پنهنجي پسنديءَ تي عجب کائي ٿو. تڙتڪڙ ۾ پتل کي سون سمجهي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ جي قيمت ڪٿڻ ڪان پوءِ، پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ ڪري ٿو. صرف اکين جو پريم دوکو ڪائيندو آهي. من جو پريم پڪو هوندو آهي.“(8)

رام پنجواڻيءَ جو هيءُ ناول تمام گهڻو ڪامياب ويو. انهيءَ ناول ڪان پوءِ رام پنجواڻيءَ 1955ع ۾ طبعزاد ناول، 'آهي نه آهي' لکيو، جيڪو به پارت جيون وارن ڇپايو هو. هن ناول ۾ رام پنجواڻي سنڌي قوم جي ۽ خاص ڪري اڄڪلهه جي انهن نوجوانن کي، اهو يقين ڪونهي ته خدا (ايشور) آهي يا نه آهي؟ يا هيءَ دنيا جيڪا قدرت جي زور تي هلي ٿي، پر انهيءَ جو قادر

ڪير آهي يا نه؛ يا هيءَ دنيا ڪهڙيءَ طاقت جي زور تي هلي ٿي؟ انهيءَ جو حل رام پنجواڻيءَ پيش ڪيو آهي ۽ انهن ڪي اهو مڪمل يقين ڏياريو آهي ته اهو خدا، مالڪ ۽ قادر موجود آهي. هن انهيءَ مسئلي ڪي حل ڪرڻ لاءِ هن ناول ۾ ڪيترائي گهوڙها خيال ۽ نڪتا پيش ڪيا آهن، جيڪي هن مختلف سوالن ۽ جوابن جي ذريعي پيش ڪيا آهن، جن ۾ سوال به پاڻ ڪري ٿو ۽ جواب به پاڻ ڏي ٿو. چيتانند لعلواڻي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”هي ناول، ’آهي نه آهي‘، پارت جيون جي پاڻکن اڳيان رکندي، بيحد خوشي ٿئي ٿي. هي ناول، ناول نه آهي ۽ نه ئي هن ۾ رڳو ونڊر آهي، پر منجهس گهوڙها خيال پيش ڪيا ويا آهن. ايشور آهي نه آهي، اهو اڄڪلهه جي نوجوانن جو سوال آهي، جيڪي سمجهن ٿا ته هيءَ دنيا رڳو قدرت جي زور تي هلي رهي آهي، پر انهن جي هلائيندڙ ڪي مڃين ئي نٿا.“(9)

پروفيسر رام پنجواڻي، هن گهوڙهي خيال ڪي جدا جدا پهلوئن کان ڏسڻ ۽ پيش ڪرڻ جي هڪ ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. هن ناول ۾ اهڙن نوجوانن ڪي وجئه ۽ آشا جي صورت ۾، نرنجن ڀيڙي مهتا ۽ ڪوي بلراج ڪپور جي واتان جواب ۾ پيش ڪيا آهن، هو هر ڳالهه ۾ وشواس، صبر، ايمان ۽ اورچائي جو سبق ڏي ٿو، جيئن هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”منهنجو پٽ هن سنسار مان سڌارجي ويو. منهنجي گهر جو ٻرندڙ ڏيئو اجهامي ويو. سچي سنسار ۾ ته اونده ڪانه ٿي وئي! منهنجي ڏک سان شامل ئي ڪو قدرت پنهنجو رخ ڦيرايو؟ سج ائين ٿو اُڀري، جيئن اڀرندو آهي، تارا ائين پيا چمڪن جيئن چمڪندا آهن. دنيا ائين پئي لڳي، جيئن لڳندي آهي. دنيا جا مزا گهٽيا ڪونهن؛ سرشٽيءَ ۾ ماتام متو ڪونهي؛ رميش ويو، اسان جي دلين ۾ خال چڏي ويو، پر سنسار ڪي ڪهڙي ڪس ٿي، ڪهڙي ڪمي پوندي سمندر ڪي، جي هڪ بوُند سڪي وڃي؟ ڪهڙي ڪاڻ رهندي وڻ ڪي، جي هڪ پن ڇڻي پوي، ڪهڙي پرواهه ريگستان ڪي، جي هڪ واريءَ جو ننڍو اڏامي وڃي.“(10)

پروفيسر آتما رام ڪيئل رام هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”جڏهن ڪان انسان پنهنجي ويچار شڪتي ڪم آندي تڏهن ڪان هڪ مڪيه مسئلو اهو پئي رهيو آهي ته ساري سرشٽي، ڪهڙيءَ شڪتيءَ جي زور تي پئي هلي؟ خاص ڪري هاڻي جيئن دنيا ۾ عقل ۽ ان جي تجويزن سان گڏ، ڏک ۽ ڪليس به وڌيل آهي، تيئن هرڪو ويچاروان پاڻ ڪان اهو ئي پڇي رهيو آهي ته هي ايشور ڪهڙو آهي جو هيترو درد ڏسي به ڪجهه حيلو نٿو هلائي.“(11)

رام پنجواڻي هن ناول ۾ آشا جي زباني، پگهران لاءِ هي لفظ پيش ڪري



ٿو:

”تنهنجو ڪشٽ ڪرائيندڙ پگهوان اٿس ڀيو ڇا؟
سک ۾ سمهڻ ڏيندو ڪونه، اندر نه اپامي پويس؟
مرضن، مصيبتن جو مالڪ، جنگين لڙاين جو ڪوڏيو،
لاشن جا ڍير نه ڏسي ته ننڊ نه اچيس،
هڪ طوفان سان هزارين گهر تالان ڪريو ڇڏي،
اهو آهي دياوان پگهوان؟ اهو آهي ڪرپانڌان پگهوان،
اهڙي پگهوان ڪان ته بس پلي.“(12)

هي هڪ اصلاحي ناول آهي. جيئن ته هن ناول جو موضوع خدا جي هستيءَ جي هئڻ تي ٻڌل آهي، انهيءَ ڪري هن ۾ خاص طور تي قسمت يا نصيب تي به وڏو زور ڏنل آهي. هن جي چوڻ مطابق انسان ڪوشش ۽ محنت ڪري، پوءِ قسمت تي ئي ڇڏي، جيئن هن ناول ۾ لکيو آهي ته:

”انسان ڪهڙو به اُدم نه ڪري، پر جڏهن ڪوشش ڪارگر نه ٿئي تڏهن قسمت تي ئي ڇڏڻو پوندو.“(13)

جيتوڻيڪ انهيءَ اُپاوَ ۽ ايمان واري گڏيل آدرش ثابت ڪرڻ لاءِ هن ناول ۾ ڪيترائي واقعا ڏنل آهن. مثلاً دادا نرنجن جو اڪين جو نوُر وڃڻ ۽ آخر آپريشن ذريعي نور موٽي ملڻ، سندس جهاز جو طوفان ۾ غرق ٿيڻ ڪان بچي وڃڻ ۽ پٽ جو ٻڏڻ ڪان بچي موٽڻ، پر انهن سڀني واقعن ۾ حادثن ۾ جستجو، ڪوشش، ۽ اُدم پيش ڪيل آهي. پروفيسر پنجواڻي اهو صاف لکي ٿو ته، پهرين ڪوشش ڪرڻ ڪپي ۽ يقين سان قسمت تي ڇڏي ڏجي، پوءِ چاهي ڪامياب ٿئي يا نه، تڏهن به اندر ۾ سڪون ته هوندو آهي. هو هن ناول ۾ نصيحت ڪندي لکي ٿو ته:

”وشواس جي معنيٰ آهي آٿت، جنهن ڪي آٿت آهي، تنهن ڪي آنند آهي، آنند جو ٻيو نالو ايشور آهي.“(14)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي وري رام پنجواڻي جي هن ايشور جي وصف هيئن ٿو بيان ڪري ته خدا اهو آهي، جيڪو طاقتور آهي. هو قادر آهي، هو رحم ڪندڙ آهي ۽ انهيءَ تي يقين رکڻ گهرجي، هو لکي ٿو ته:

”پنجواڻيءَ جو ايشور، ڪو سفيد ڏاڙهي وارو شخص، پرماتما يا پٿر جي مورتي نه آهي، جنهن ڪي اڪيون پوري پوڄا ڪجي، سندس ايشور هڪ نرآڪار ليڪن عملي شڪتي آهي، جنهن ۾ ڪرم ڪرڻ ڪان پوءِ وشواس رکڻ سان آخر آنند پراپت ٿئي ٿو.“(15)

پروفيسر رام پنجواڻي هن ناول ۾ اهو به نقطو بيان ڪري ٿو ته، هيءَ دنيا فاني آهي. هن ۾ جيڪو به اچي ٿو، انهيءَ ڪي موت جو مزو ته چکڻو ئي

آهي. هو چوي ٿو ته هيءَ دنيا هڪ قيد آهي، قيد ۾ ڪئين قيدي اچي گڏ ٿين ٿا، جن جي پاڻ ۾ پريت ٻجهي وجي ٿي. پوءِ پلا جڏهن ڪنهن قيديءَ ڪي رهائيءَ جو حڪم اچي ٿو ته ٻين قيدين ڪي ته خوش ٿيڻ کپي، جو هڪ ٻاندي جو ڇوٽڪارو ٿيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”هڪ سيلاني سفر ڪندو اچي، هن ديس ۾ پهتو. ناتا جوڙيائين، پريم جا اقرار ڪيائين... اوچتو سڏ ٿيس.... ۽ پنهنجي اصلي ملڪ ۾ هليو ويو... هاڻي هوهتي وڌيڪ سڪيو آهي ۽ پٺيان جن ڪي ڇڏي ويو، اُهي دکي آهن، ڪٽي ڪي ٻه ڪين ويو، سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن ڇڏي ويو... پر جڏهن اتي پهتو ته آنند ئي آنند ڏسي ڇوڻ لڳو، ڪوڙن سٻنڌن ۾ اٽڪيو پيو هوس، هاڻ ته مُڪت آهيان، اسين انهيءَ مڪتيءَ تي خوش ٿيون يا رنج.“(16)

هڪ ٻئي هنڌ رام پنجواڻي لکي ٿو ته، هن دنيا ۾ جيڪو انسان اچي ٿو، اهو ان پکيءَ وانگي آهي، جيڪو قيد ۾ آهي ته سپني ڪي خوش ڪندو رهي ٿو، پر جڏهن آزاد ٿئي ٿو ته وري موٽي پڃري ۾ واپس اچي ئي نٿو.

”هڪ پکي اچي پڃري ۾ ڦاٿو، پڃري ۾ ميون ۽ مٺاين تي موهجي آزادي وساري ويٺو. هڪ دفعو وري ان قيد مان آزاد ٿي مٿي اڏاڻو، آزاديءَ جو آنند پائي وري موٽي پڃري ۾ نه آيو، طوطيلي ٻوليءَ سان پڃري جي مالڪ ڪي وندرائيندو هو. ٻارن سان ڪلي خوشي ڏيندو هو، آزادي پائي وري نه آيو.“(17)

هن ناول ۾ دادا نرنجن جي ڪردار نگاري اعليٰ درجي جي پيش ڪيل آهي. هو هڪ وڏو سنگيتڪار ۽ شهرت جو صاحب هوندي به نماڻائيءَ ۽ نمرتا جو پتلو آهي، جنهن ڪري سندس فن وڌندي وڌندي ڪماليت جي درجي تي وڃي پهتو آهي.

انهيءَ ڪانسواءِ هن ناول ۾ نوجوان اجيه جو ڪردار به سٺو پيش ڪيل آهي، جيڪو ٿورا ڏينهن اڳ ايشور جو نالو ٻڌي ٺهڪ ڏيندو هو، سو دادا جو سنتوش ۽ ڪامنيءَ جو يقين ڏسي منجهي پيو. اڳ ۾ ته پڪ هيس ته ڀڳوان آهي ئي ڪونه، پر هاڻي شڪ جاڳيو هوس ته متان هجي به. دل اها شاهدي ڏيڻ لڳيس ته ڪا طاقت آهي ته سهي، جو انسان کي آپدا ۾ به آٿت بخشي ٿي.

آشا جو ڪردار به ڏاڍو خوبصورت پيش ڪيل آهي. هوءَ گهڻين تڪليفن ۽ مصيبتن برداشت ڪرڻ جي ڪري پنهنجي ايشور مان وشواس ختم ڪري ڇڏي ٿي. هوءَ چوي ٿي ته:

”ڀڳوان! ڀڳوان! اڃا ڀڳوان؟ ٻوڙو، گونگو، انڌو، ظالم، نردئي، ڪٺور، انيائي، مون ڏٺو آهي. دياوان ڀڳوان، منهنجي پتيءَ جي اکين جي روشني ڦري ورتائين، اها ديا نه آهي، منهنجو رميش ڪسي ورتائين، اها ڪرپا



نه آهي؟“

اڄ جو اُساٿيل، پاڻيءَ لپ لاءِ ٻاڏائيندو مري وڃي ته پوءِ مٺائنس ڪٽي درياءَ ليڻائي ته ڇا ٿيو؟ ٻڌندڙ ماڻهوءَ ڪي سهارو نه ڏي ۽ ٻڏڻ ڪان پوءِ سندس سهائتا لاءِ ڪٽي سوين ٻيڙيون موڪلي ته ڇا ٿيو؟ ڪوڙ آهي، ڌوڪو آهي، دولاب آهي، بڪواس آهي.“(18)

هن ناول بابت منگهارام ملڪاڻي هيءَ راءِ ٿو ڏي ته:

”هي هن جڙوادي زماني ۾ هڪ آشا وادي ۽ آدرشي ناول آهي، پر هن ۾ ڊيڪاريل آدرش واد، جهوني اَنڌ وشواس تي ٻڌل نه آهي، پر هن وگياني زماني جي ضرورتن موجب عقل ۽ وشواس جي ميلاپ واري هئي.“(19)

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي هن ناول ۾ سندس قلم ۾، سندس زبان وانگر فصاحت ۽ رواني آهي، ۽ سندس لفظن ۾ ملاوت ۽ جملن جي بناوت، موزون ۽ خوبصورتي پيش ڪئي آهي. آخر ۾ سندس هيءَ راءِ جيڪا هن ناول بابت ڏني آهي، تنهن ڪي پيش ڪريون ٿا:

”مون هي ناول لکيو آهي، پنهنجا اڌما ظاهر ڪيا اٿم، پاترن جي معرفت، جيڪي ڇوٽوٿم سو چيو اٿم، وڌيڪ ٽيڪا جي ضرورت ڪانهي. مون ڪي جيڪي ٺيڪ لڳو ٿي، ظاهر ڪيو اٿم، منهنجي راين، خيالن ۽ امنگن سان پڙهندڙ، ٻڌل ڪونهي پرمان اهو ضرور چاهيندس ته پاڻ هي ناول مطالعي ڪرڻ وقت، بيهي منهنجن خيالن ۾ بيدرديءَ سان نروار ڪري، پرواهه نه آهي، جي رايا ٺهن نٿا، مان پنهنجي سر خوش ۽ پڙهندڙ پنهنجي سر خوش.“(20)

انهيءَ ڪان پوءِ 1957ع ۾، رام پنجواڻي جو ناول ’ڏيئر نه ڇمن‘ ڀارت جيون مالها وارن شايع ڪيو. هي هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول جو موضوع ڏيتي ليتيءَ جي مسئلن بابت آهي. اڄڪلهه جي دؤر ۾، اسان جي سماج ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪري، ڪو مائٽ اهو چاهي ئي نٿو ته ڪو هن ڪي ڏيئر ڇمن. انهيءَ ڪري اگر ڪنهن ڪي ڌيءَ ڄائي به ته ڄڻ مٿائن ڪا ڇپ ڪِري پوي ٿي ۽ هن جي اولاد پيدا ٿيڻ جي خوشي ڪافور ٿي وڃي ٿي. هو هر وقت انهن فڪرن ۾ رهن ٿا ته ايتري گهڻي ڏيتي ليتي ڪٿان آڻيندسون، جو نياڻيءَ ڪي اڪلائينداسون؟ انهيءَ جو آخر نتيجو اهو ٿو نڪري جو اهڙيون ڪيتريون ئي نياڻيون آهن، جن جا مائٽ انهن جون شاديون نٿا ڪرائي سگهن، ۽ انهيءَ ڪري هاڻي اسان جي سماج ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪري هزارين نياڻيون ڪنواريون ويهي رهن ٿيون، تنهن ڪري اسان ڪي گهرجي ته پنهنجي سماج ڪي هن تباهيءَ ڪان بچڻ لاءِ ڪو حل تلاش ڪريون. رام پنجواڻيءَ انهيءَ ڏيتي ليتيءَ جي ڪري سماج جي تباهيءَ جو منظر هن ريت پيش ڪري ٿو:

”ڏيتي ليتيءَ اسان جي سماج جو رت چوُسي ڇڏيو آهي. اڳي ڏيڻ وٺڻ جي حد پندرهن ويهه هزار هئي ۽ هاڻي شاهوڪارن ۾ لک سوا لک تائين وڃي پهتو آهي. شادي سودو ٿي پئي آهي. هن ۾ ٻوليون لڳن ٿيون، سوُٽيون ڏجن ونجن ٿيون، ڏاج کان علاوه روڪ جي واري ڦيري ٿئي ٿي ۽ ٻلئڪ جا پئسا اڇا ٿين ٿا. ٻين سودن وانگر هن سودي ۾ به دلال آهن. هن پاسي به ڪميشن ڪائين ۽ هن پاسي به ڪليو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“(21)
سندس انهيءَ ڪوشش کي هڪ اعليٰ ڪوشش قبول ڪندي، ڄيٺانند لعلواڻي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”پروفيسر رام پنجواڻيءَ هن ناول ۾ اڄوڪي هندو سنڌي سماج جو چٽر، شاندار نموني ويهي چٽيو آهي. هن هي ڪتاب لکي، اسان جي نوجوانن ۽ بزرگن کي سجاڳ ڪيو آهي. مون کي اميد آهي ته ڪي نوجوان نڪري نروار ٿيندا، جي هن ڏيتي ليتيءَ جي پارو، شوَ، گوپالداس ۽ اِندرا وانگر پاڙ پٽيندا، ۽ ٻين کي به سبق ڏيندا. اسين هن ناول لکڻ تي رام پنجواڻيءَ کي ڏنيواد ٿا ڏيون.“(22)

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ناولن جي جائزي وٺڻ کان پوءِ اسان انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون ته هن جا سڀئي ناول سماجي آهن، هن پنهنجن ناولن ۾ سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ نفسياتي مسئلن کي پيش ڪري، عام زندگي کي سکيو بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. انهيءَ ڪري سندس ناول هندو سماج لاءِ تيسين اصلاح ڪندا رهندا جيسين اهو سماج هوندو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته هن جي ناولن ۾ روزمره جي زندگي ۽ انسان جي فطري امنگن جو عڪس تمام سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي.

ببليوگرافي


1. هري موٽواڻي: ساهتيه ڪلا درسني، الهاس نگر، 1980ع
2. پوپٽي هيراننداڻي: ماڻڪ موتي لعل، بمبئي 1993ع
3. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: مضمون، ’هن سال جا ٻه ناول‘، سنڌو مخزن 1943ع
4. رام پنجواڻي: ناول قيدي پارت جيون ساهتيه مالها، 1944ع
5. رام پنجواڻي: ناول شرميلا، پارت جيون ساهتيه مالها، 1944ع





6. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ: ناول جي ارتقائي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع
7. رام پنجواڻي: زندگي يا موت، ناول، پارت جيون ساهتيه مالها، 1952ع
8. ايضاً
9. ڄيٺا نند لعلواڻي: ناول: آهي نه آهي، ناول، پارت جيون ساهتيه مالها، 1955ع
10. رام پنجواڻي: آهي نه آهي، ناول
11. پروفيسر آتما ڪيئل رام: تبصرو
12. حوالو نمبر 10
13. ايضاً
14. ايضاً
15. ايضاً
16. ايضاً
17. ايضاً
18. ايضاً
19. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سال؟
20. حوالو نمبر 10
21. رام پنجواڻي: ڏيٺر نه چمن، پارت جيون ساهتيه مالها، 1957ع
22. ڄيٺا نند لعلواڻي: ڏيٺر نه چمن، پارت جيون ساهتيه مالها، 1957ع

## پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي

(**تعارف:** پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، 17-جنوريءَ تي پيدا ٿي. سندس تعلق سنڌ جي عامل گهراڻي سان هو. سندس پيءُ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪندو هو. انهيءَ ڪري هن پنهنجي پيءُ سان گڏ سڄي سنڌ گهمي هئي. ٽن سالن جي عمر کان، سکر ۾ رهندي هئي ۽ پوءِ نواب شاهه ۾، تعليم جي سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ رهندي هئي. سندس پيءُ جي وفات کان پوءِ، سندن مالي حالت خراب هئڻ ڪري، ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ، ٽيوشن ڏيندي هئي. ميٽرڪ کان پوءِ حيدرآباد زنانه ٽريننگ ڪاليج ۾ ماسترياڻيءَ جي سکيا به وٺندي هئي، ۽ پوءِ ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول ۽ پگٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماستري به ڪيائين ۽ ميوزڪ ٽيچر پڻ رهي.

ورهاڱي کان پوءِ، ڀارت ۾ 1960ع ۾، نئشنل ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم استاد طور ڪم ڪندي هئي. انهيءَ کان پوءِ اتي ئي ايم-اي پاس ڪيائين ۽ هوءَ اتي ئي پرفيسر ٿي وئي.

پوپٽي هيراننداڻي هڪ شاعره، ڪهاڻي نويس، ناول نگار، مضمون نگار ۽ تنقيد نگار پڻ رهي آهي. هن سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن مان ڪي ڪتاب ممبئي، پوُني ۽ گجرات يونيورسٽيءَ ۾، بي-اي ۽ ايم-اي جي ڪورس طور تسليم ٿيل آهن. انهيءَ ڪانسواءِ هن ڪي هندي، سنسڪرت، فلاسافي ۽ ويدن وغيره سان به گهڻي دلچسپي رهي. هن ڪي موسيقيءَ سان به تمام گهڻو شوق هو. هوءَ هڪ سٺي گلوڪاره به رهي. سنڌي خواه هنديءَ ۾ ڪيترائي ڀڄن به ڳائيندي رهي. پنهنجي انهيءَ شوق جي باري ۾ هوءَ لکي ٿي ته:

”لکڻ پڙهڻ کان سواءِ ٻيابه گهڻي ئي شوق اٿم ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق اٿم، انهيءَ ڪري مان هارمونيم، بئنجو ۽ دلربا وغيره سکي هئس. پهرين نوڪري ملي ته ميوزڪ ٽيچر بڻيس، پر سنگيت ۾ ڪيپي رياض، ۽ رياض ۾ ڪيپي وقت، ان ڪري منهنجو شوق پري هٽي ويو، تڏهن به اڄ تائين، ڊرائينگ روم سنگر آهيان، ۽ غزل ۽ ڀڄن به شوق سان ڳائيندي آهيان.“(1)

پوپٽيءَ کي لکڻ، پڙهڻ، پڙهائڻ، ڳائڻ ۽ شاعري ڪرڻ سڀ خانداني طور ورثي ۾ مليو هو. هن جو نانو ماستر هوته هوءَ اسڪول ۾ ماسترياڻي ٿي ۽ پوءِ يونيورسٽي ۾ پروفيسر به ٿي، ۽ ايم-اي ۽ پي-ايچ-ڊي جي شاگردن کي گائيڊ به ڪندي رهي. هن جي ماءُ ڀڄن ڳائيندي هئي، هن جي ناني چلا ۽ ٻيا لوڪ گيت ڳائيندي هئي، ته هوءَ به غزل ۽ ڀڄن شوق سان ڳائيندي رهي آهي. هن جو پيءُ به گرواڻيءَ مان شبد ۽ ڀڄن ڳائيندو هو. اهڙيءَ ريت



پوپٽي به ڳائڻ سان گڏوگڏ، شاعري به ڪندي هئي. هن لاڏا به لکيا ته سنڌڙيءَ جا گيت به لکيا. هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ لکي ٿي ته:

”زندگيءَ هڪ گوناگونيت واري چيز آهي. زندگيءَ جي هر پهلوءَ سان منهنجي دلچسپي آهي. مان بنارس ۾ پڙهي آهيان. ڀارت جي فيلسوفيءَ سان گهرو لڳاءُ اٿم. سنسڪرت ۽ هندي وِشوَ ڪٽي گرئجوئيٽ ٿي آهيان. ويدن، اپنشدن ۽ سمرتين جو اڀياس ڪيو اٿم. انهيءَ کان سواءِ سنڌيت منهنجي وجود سان جڙي پئي آهي.“(2)

پوپٽي هيراننداڻيءَ جي سڄي زندگي جدوجهد ڪندي گذري. پيءُ جي وفات کان پوءِ ڀائرن، ڀينرن ۽ ماءُ کي سنڀالڻ وغيره جو سڄو بوجهه سندس سِر تي هو. ننڍي هوندي کان ئي ڪيس تلخ ۽ مشڪل حالتن جو مقابلو ڪرڻ ڪري، سندس زندگي ائين ٺڀجي وئي جو هوءَ بجاءِ ڪنهن مشڪلات يا تڪليف کي ڏسي روئڻ جي، هوءَ همت ڪري انهن جو مقابلو ڪندي هئي. هوءَ جيتري جرئتمند هئي، اوتروئي پيار ۽ محبت ڪندڙ ۽ همدرد به. پروفيسر شيوڪاڻي، پروفيسر پوپٽيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”پوپٽي پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾، حياتيءَ جي جدوجهد ۾ پنهنجي پرپور رچنا سنسار ۾ هڪ آزاد، خوددار عورت جي روپ ۾، مگر سڀ کان وڌيڪ بهتر انسان جي روپ ۾، ساراهه جي حقدار آهي. پوپٽي اسان جي برجستي، بيباڪ، ڀوڳٽي ليکڪا رهي آهي. پوپٽي پنهنجي جيون ساهتڪ سرگرمين ۽ رچنا ۾ جيتري جرئتمند ۽ همت واري آهي، اوتري ئي قربدار، ممتاڀري، مهذب ۽ موم واري عورت به آهي.“(3)

پوپٽي اسڪول جي زماني کان وٺي، ننڍا ننڍا مضمون وغيره لکندي رهندي هئي ۽ اُهي پنهنجن استادن کان چيڪ به ڪرائيندي رهندي هئي. انهن قابل استادن هن جي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي. هوءَ ڪهاڻيون به لکندي هئي. هوءَ پاڻ لکي ٿي ته:

”مون لکڻ جي شروعات مضمون سان ڪئي. ڪهاڻين لکڻ جو به گهڻو شوق هو. شروع ۾ ڏهه ڪن هندي ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيم ۽ پوءِ مون پنهنجون ڪهاڻيون لکيون.“(4)

پوپٽي هڪ اهم ليکڪه هئي هن سنڌي ادب ۾ تقريباً چاليهن کان مٿي ڪتاب لکيا. هڪ ليکڪ لاءِ جن ڳالهين جي ضرورت آهي، انهن لاءِ زندگيءَ جي ڄاڻ هئڻ، زندگيءَ جي راز کي سمجهڻ ۽ گهري اڀياس ۽ ڄاڻ جو هئڻ شامل آهي. اهي سڀ خوبيون پوپٽيءَ ۾ موجود هيون، ڇو ته هن زندگيءَ کي گهڻو ويجهو ڏٺو هو. هن لاهيون چاڙهيون به ڏٺيون، ته تڪليفون به سٺيون. هن زندگيءَ کي پسيو، انهيءَ ڪري ئي هن پنهنجي لکڻين ۾ صحيح، سچي ۽ حقيقي زندگيءَ کي پيش ڪيو آهي. هوءَ خود هڪ عام ماڻهو ۽ هڪ حقيقي،

سچي ۾ ڪري ليڪڪ جو فرق واضح ڪندي لکي ٿي ته:
”ليڪڪ ۽ عام ماڻهوءَ ۾ فرق اهو ئي آهي ته ليڪڪ وڌيڪ سڀاوڪ ۽ جذباتي آهي. ڪاٺ جي تختي تي ڌڪ هڻبو ته رد عمل ڪوبه ڪونه ٿيندو، پر ستار جي تار کي فقط آڱر سان ڇهبو ته ڪيتري دير تائين پئي ڏڪندي آهي.“(5)

پوپٽيءَ کي پنهنجي سنڌ ڇڏڻ جو جيڪو ڏک آهي، انهيءَ کي هن پنهنجين لکڻين، افسانن، ناولن ۽ شاعريءَ ۾ بيان ڪيو آهي. هوءَ چوي ٿي ته، ”ورهاڱي اسان مان ڪن کي ليڪڪ بڻائي ڇڏيو ته ڪن کي شاعر بڻايو آهي.“

لکمي ڪلاڻي سنڌس باري ۾ لکي ٿو ته:
”پوپٽي سچ پچ سهڻي آهي. هوءَ هر لحاظ کان سهڻي، ديرينه، همت واري، بي ڊپي، برجستي، خوش طبع، تعليم ۽ تهذيب يافته، غيرتمند، تيزفهم، حاضر جواب، ويدانت گياني، ڏکن ۽ ناڪامين جي نهائينءَ ۾ پچي راس ٿيل، قلم ۽ زبان جي تلوار سان گيدين جا چوڌا لاهيندڙ، بهادرن جي امنگ ۽ اُتساهه بخشي، اڃا به اڳتي وڌڻ لاءِ للڪاريندڙ ۽ همت ۽ حوصلي افزائي ڪندڙ، سونهن جي انيڪ وصفن سان ڀرپور شخصيت جي مالڪڻ آهي. هن من، وچن ۽ ڪرم سان پنهنجي اندر اُجارڻ جو چڻ هميشه جتن پئي ڪيو آهي. اڄ سنڌين جي صحيح رهنمائي ڪرڻ جي صرف هن ۾ ئي جهجهي توفيق ۽ قابليت نظر اچي ٿي. اعليٰ چرتر ٻل جو هن زره پهريو آهي. پوپٽي ساري عمر پاڻ کي ضابطي هيٺ رکي زبردست اڇا شڪتيءَ جو نرماڻ ڪيو آهي.“(6)

پوپٽيءَ جا سنڌي ۾ لکيل ناول، ڪهاڻيون ۽ مضمون هي آهن:
’منجو‘ 1950ع، ’حسرتن جي تربت‘ 1961ع ۾، ’جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تات‘ 1966ع، ’سيلاب زندگيءَ جو‘ 1980ع ۾ ۽ ان جو ٻيو ايڊيشن 1987ع ۾ شايع ٿيو.

1952ع ۾ ’رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون‘، 1953ع ۾ ’پڪار‘، 1967ع ۾ ’ڪلي گلاب جي ساگر شراب جو‘ ۽ 1976ع ۾ ’مون توکي پيار ڪيو‘. پوپٽي هيرانندائي جي هن مجموعي تي ڀارت سرڪار جي طرفان ڪيس 79-1978ع ۾ انعام پڻ مليو. 1976ع ۾ ’خزان جو دور پورو ٿيو‘، سنڌي ڪلام ۾ ’ادبي سڀا‘ وارن شايع ڪيو. 1983ع ۾ ’شهناز‘، جوتي ڪلا مندر وارن شايع ڪيو. 1986ع ۾ ’زندگي، نه ڪويتا نه ڪهاڻي‘ سنڌي ادبي اڪيڊمي وارن شايع ڪيو. 1988ع ۾ ’اسين هت توهين هُت‘ نذرانو پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. 1983ع ۾ ’زندگي جي پوٽريٽ‘. 1985ع ۾ هنديءَ ۾ ’ڪفن ۽ ڪي زندگي‘ شايع ٿيو. 1983ع ۾ گجراتيءَ ۾ ’پوپٽي ني شريشٺ ڪهاڻيان‘ شايع ٿيو. 1988ع ۾ انگريزي ۾ ’دي ڪاورڊ‘ (The coward) شايع ٿيو.



**مضمون جا مجموعا:**

1962ع ۾ مضمونن تي مشتمل سنڌس ڪتاب ’هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون‘ شايع ٿيو. هن ڪتاب تي ساڌو واسواڻي، مشن ايوارڊ ۽ آل انڊيا سنڌي لئنگئيج ۽ لٽريري ائسوسيئيشن ايوارڊ به ڪيس مليو. 1970ع ۾ ’چرن چٽڪن چت‘، 1975ع ۾ ’زنده سا قوم رهندي‘، 1976ع ۾، ’ٻولي منهنجي ماءُ‘، 1985ع ۾، ’سنڌي ڪلهه ۽ اڄ‘ کان علاوه ’ڀارت جي استري‘ 1963ع ۾ شايع ٿيل آهن.

انهيءَ کان علاوه سنڌس ڪيترائي تنقيدي ڪتاب به شايع ٿيل آهن.

1980ع ۾ ’عزيز شخص ۽ عالم‘، 1980ع ۾، ’سنڌي مسلمان گوين جي هندي ڪويتا‘، 1984ع ۾، ’روح سنڌي رچ‘، 1988ع ۾، ’مان سنڌڻ‘، 1961ع ۾، ’ڀاشا شاستر‘، 1964ع ۾، ’سنڌي ساهتيه جي جهلڪ‘، 1977ع ۾، ’ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سکو‘ ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب: انگريزيءَ مان ترجمو ’سنڌي شان‘، ’ماڻڪ موتي لعل‘، ڪبير (هنديءَ مان ترجمو) کان علاوه پؤڦٽي، وينا پبليڪيشن وارن ۽ 1991ع ۾ ’سنڌوءَ کان گنگا جمنا‘ ۽ 1975ع ۾ پوپٽي ڪونج نمبر (شخصيت ۽ لکڻين تي) ڪتاب موجود آهن.

پوپٽي جي لکڻين جي باري ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو ته:
”ڪماري پوپٽي، ساهتيه جي هر شاخ تي قلم آزمايو آهي، پر مضمون نويسيءَ ۾ هوءَ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ادب جي ٻين شاخن جي ڀيٽ ۾ مضمون جو وشيه ڪيتر وسيع آهي، تنهن ۾ به پوپٽي ته ايتري گوناگون اندلٽ پيدا ڪئي آهي جو ٻيو ڪو مشڪل سان ڪري سگهندو. زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڇهيو اٿائين... سنڌس لکڻ جو ڍنگ ايترو سڀاويڪ آهي گويا نهر جهرمر ڪندي وهندي ٿي وڃي. ٻوليءَ جي رنگين، اسٽائيل جي لچڪتا ۽ خيال جي وهڪ گويا هڪ تروبڻي سنگم آهي.“(7)

پوپٽي جيئن ته سڄي عمر جدوجهد ڪندي رهي، هوءَ هميشه سماج ۽ سوسائٽيءَ جي بهبوديءَ لاءِ لکندي رهي. ڪرشن کٽواڻي سنڌس باري ۾ هن ريت راءِ ڏي ٿو ته:
”پوپٽيءَ جون لکڻيون صاف ۽ چٽيون آهن. هن هر مسئلي کي تمام گهڻيءَ خوبصورتيءَ سان پيار ڪيو آهي. سنڌس لکڻين ۾ هڪ عجيب قسم جي نواڻ، تازگي ۽ رواني آهي، جا پڙهندڙن ۾ چاهه، شوق، اُميد پيدا ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي مصروفيت ۽ لکڻ پڙهڻ جي چاهه بابت لکي ٿي ته:
”منهنجون پسنديون۽ ناپسنديون نهايت تيز آهن، انهيءَ ڪري فالتو

ڪمن ۾ وقت وڃائڻ بدران، گهڙيال جي ڪانٽي جيان هر وقت ڪم ڪرڻ جي عادت آهي. لکڻ منهنجو شوق، شغل، ونڊر، موج مزي مطلب ته سڀ ڪجهه آهي، جنهن ڏينهن نه لکان ته سمجهان ڏينهن اجايو آهي.“(8)

پوپٽي سچ پچ بيباڪ ۽ صاف گو ليکڪه آهي. هوءَ جتي به، جنهن سان به ظلم ۽ ناانصافي ٿيندي ڏسي ٿي ته انهن سان جنگ ٿي ڪري ۽ انهيءَ جي روڪڻ لاءِ انهن جي خلاف قلم به کڻي ٿي، جيڪو هن کي ورثي ۾ مليو آهي. هوءَ ٻڌائي ٿي ته:

”مان ليکڪه به آهيان ته لڙاڪ به آهيان. اهو انياءُ خلاف وڙهڻ جو گڻ مون کي ماءُ وٽان ورثي ۾ مليو آهي. جتي به انياءُ ڏسان، اهو مون سان انياءُ هجي يا ٻئي ڪنهن مٽ مائٽ سان، مان انهيءَ انياءَ خلاف اٿي لڙندي آهيان.ءَ(9)

ورهاڱي کان پوءِ جيئن ته سنڌ توڙي هند ۾، ناول ۽ افسانوي جي صنفن کي اهميت حاصل هئي ۽ ماڻهن کي به انهن ئي صنفن سان دلچسپي هئي، انهيءَ ڪري تقريباً هر اديب انهن ٻنهي صنفن طرفان ڌيان ڏيندو رهيو ۽ انهن کي وڌيڪ ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مضمون طرف، هن طرف هنن جو توجهه به گهٽ رهيو، پر پوپٽيءَ انهن مضمونن جا به ڪيترائي مجموعا لکيا، جيڪي هن جا ڪامياب ڪتاب هئا. اهڙيءَ طرح هن، هن صنف کي به هن اوج تي پهچايو. سندس مجموعي 'هک پشپ پندرهن پنکڙيون' تي ڪيس ايوارڊ پڻ مليو آهي. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، پوپٽيءَ جي مضمون نويسيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”اها مضمون نويسيءَ جي صنف آهي. ورهاڱي کان اڳ جي اها مائيدار صنف پارت ۾ پوٺي پوندي وئي پر پوپٽي ان ادبي مضمون جي لڄ ڪافي حد تائين قائم رکي آهي.“(10)

پوپٽيءَ جي مضمونن جا سڀئي مجموعا تمام سٺا ۽ ڪامياب آهن. هن جا مضمون پڙهڻ سان دل ۽ دماغ تي اثر ٿئي ٿو. ارجن سڪايل سندس مضمونن جي باري ۾ هيءَ راءِ ڏي ٿو ته:

”پوپٽيءَ جا مضمون چاهي هندو فلسفي ۽ ويدانت بابت، 'مان ڇا آهيان' جا ورق اٿلايو، پوپٽي هک سگهڙ ليکڪه جي حيثيت پائي، پاٺک جي سموري دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ويندي آهي.“(11)

**ناول نويسي:**

انهيءَ کان علاوه پوپٽي سنڌي ادب ۾ ناول جي صنف تي به طبع آزمائي ڪئي ۽ تمام گهڻي ڪامياب وئي آهي. هن 1950ع ۾ طبعزاد ناول



'منجو' لکيو، جيڪو اجمير وارن شايع ڪيو. هي ناول هک رواجي ڳوٺاڻي ڇوڪري ۽ شهري ڇوڪريءَ تي لکيل آهي، پر منجهس خيال جي گهرائي ۽ جذبو پريل آهي. سندس لکڻي به دلچسپ آهي. هي سندس ڪامياب ناول آهي.)

**سيلاب زندگيءَ جو:**

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي اديبن ۾ هک نئين جاڳرتا جو دؤر آيو هو. اهو دؤر هک تاريخي ولولي جي پيدائش هو ۽ اهو سنڌي اديبن لاءِ هک للڪار بڻجي آيو. هن دؤر ۾ سنڌي ناول جي تما گهڻي اوسر ٿي. هن دؤر جي ناولن ۾ هک طرف ته ملک جي ورهاڱي وارو ڏک ۽ سنڌي اديبن جو پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ جو ڏک، ۽ ٻئي طرف هک ڌارئي ملک ۾ وڃي، ڪئمپن جي زندگي گذارڻ ۽ ڪيترين ئي سماجي ۽ معاشي حالتن کي منهن ڏيڻ وغيره خاص موضوع رهيا آهن. هن دؤر جي اديبن عام طور تي سنڌين کي انهن تڪيلفن سان مقابلو ڪرڻ ۽ زنده رهڻ جي آس جاڳائي هئي ۽ ٻيو ته هن دؤر ۾ سنڌي اديبن وطن وڃائي جيڪا اذيت ۽ ڏک محسوس ڪيو، انهن کي هن سنڌي ناولن جا موضوع بڻايا، جن ۾ انهن، سنڌ جي سک، سنڌ جو ماحول ۽ سنڌ جا خوبصورت منظر پيش ڪيا آهن. پوپٽي به انهن ئي اديبن مان آهي، جيڪا سنڌ مان لڏي هند ۾ وئي هئي. انهيءَ ڪري هن به اها پيڙا ۽ اهو ڏک ڀوڳيو هو، جنهن جو ذڪر هوءَ پنهنجي ناول 'سيلاب زندگيءَ جو' ۾ ڪري ٿي. سندس هن ناول ۾ سنڌي زندگيءَ ۽ سنڌ جو ذڪر ڪيل آهي. پنهنجي ڌرتي کان جدا ٿيڻ بعد سنڌين ۾ جيڪي مانسڪ ۽ سماجڪ تبديليون آيون آهن، انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هن ناول جي مکيه ڪردار، گنگا جي ذريعي سنڌين جي بدلجندڙ قدرن کي چٽيو ويو آهي.

هن ناول کي اڃا به تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ڇاڪاڻ ته هن ۾ سنڌي اديبن، ليڪڪن ۽ سنڌي ماڻهن جو هڪٻئي جي جدائي ۽ وڇوڙي جو ذڪر ڪيل آهي. موتي لعل لڇيرام ٻڌائي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ سنڌي سماج جو سچو ۽ ننگو نقشو چٽيو ويو آهي. هن جي اندر ۾ سنڌين لاءِ سچي سک آهي، سوز آهي، ڏک ۽ درد آهي، ان جو اظهار آهي.“(12)

سندس هن ناول جي ٻولي پختي ۽ فيلسوفياڻي آهي، ۽ هن ۾ اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون تمام گهڻي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيل آهن.

**حسرتن جي تربت:**

پوپٽيءَ جو لکيل ناول، 'حسرتن جي تربت' به هک ڪامياب ناول

آهي. هن ناول ۾ خاص طور عورت ذات جي آزاديءَ کي نمايان ڪيو ويو آهي. ناول جي لکڻي نهايت پختي، فيلسوفياڻي ۽ شاعراڻي آهي. هن ناول ۾ سورمي جي ماءُ کي ٻن ڏيئرن جمڻ جي ڪري مڙس گهر مان نيڪالي ڏيئي، مائٽن ۾ موڪلي ڇڏي ٿو. اتي هوءَ سورمي جڏهن وڏي ٿئي ٿي ته سندس شادي هن جي مرضيءَ جي خلاف هڪ شادي شده پوڙهي مرد سان ڪرائي وڃي ٿي. ان ماڻهوءَ جو نوجوان پٽ به آهي، جيڪو ملڪ کان ٻاهر رهي ٿو، ۽ جڏهن هو واپس اچي ٿو ته پنهنجي ماٽيجي ماءُ تي عاشق ٿي پوي ٿو، پر هوُءَ پنهنجي مڙس سان وفادار رهي ٿي. هن ناول جي ڪهاڻي به پراڻي زماني جي آهي ۽ ماحول به غير سنڌي پيش ڪيل آهي.

پوپٽيءَ جي هن ناول ۾ عورت ذات جي آزاديءَ بابت گهڻي ئي بحث مباحثا ڪيل آهن، پر نتيجو اهو ئي پراڻو ڪڍيل آهي ته:

”استريءَ جي دل ۾ پريم جو خزانو امانت طور آهي، پر ڪيس اها چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي ته پتيءَ کان سواءِ هوءَ اهو خزانو ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ نٿي ڏيئي سگهي، پوءِ اهو پتي ڪهڙو به نالائق ڇو نه هجي.“

پوپٽيءَ کي پاڻ عورت هئڻ تي تمام گهڻو فخر آهي. هوءَ جڏهن به ڪنهن مرد کي ڪنهن عورت جي عورت پڻي جو مذاق اڏائيندي ڏسندي آهي ته هن کي سخت ڪاوڙ لڳندي آهي. هوءَ چوي ٿي ته:

”منهنجي چرتر ڏانهن ڪير آڱر ڪڻي ته مان سندس هٿ ئي وڍي ڇڏڻ چاهيندي آهيان.“(13)

هوءَ پنهنجين ڪهاڻين توڙي ناولن ۾ عورت لاءِ چوندي آهي ته:

”استري شڪتي آهي، شڪتيءَ جو پرتيڪ آهي، شڪتيءَ جو روپ آهي.“

پوپٽي پنهنجن ناولن ۾ عورت جي ڪردار کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي. هوءَ عورت جي سڀاءُ، وهنوار ۽ شخصيت جي جدا جدا روپن کي پيش ڪري ٿي. هوءَ خود لکي ٿي ته:

”مون عورت کي ٻاهرينءَ دنيا جي ٽڪر ۾ آڻي، سندس من جو عڪس چٽيو آهي ۽ سندس عورت پڻي جو اهميت ڀريو مسئلو ڪنيو آهي. مون عورت کي گهر جي ننڍي دائري مان ڪڍي، سندس زندگيءَ کي براڊ بيس (Broad Base) ڏنو آهي.“(14)

پوپٽي هيراننداڻي ٿورن ئي سالن اندر ادب جي گهڻين ئي شاخن ۾ لکڻ سان تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي آهي. موتي لعل، پوپٽي هيرانندڻيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”پوپٽيءَ جي ليکن، سنڌي ڄاڻن جو چڱو چوکو ۽ خاص ڌيان ڇڪايو



آهي. پيڻ زوردار ڍنگ ۽ للڪاريندڙ زبان ۾ انسان ذات جي اڌ حصي استريءَ جي جيوت تي جا روشني وجهي ٿي، تنهن لاءِ هوءَ جس لهڻي.“(15)

**ڪهاڻي نويسي:**

پوپٽي سنڌي ادب ۾ ڪهاڻين جي صنف تي به طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. سندس ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل ڪري چڪيون آهن.

پوپٽيءَ جون ڪهاڻيون اسان جي سماج جون ڪهاڻيون آهن. هندستان ۾ رهندي به هن ڪيتريون ئي بهترين ڪهاڻيون، سنڌ جي سماجي حالتن کي سڌارڻ ۽ بهتر بنائڻ لاءِ لکيو آهي. ورهاڱي وقت پنهنجي، هن ڌرتيءَ، سنڌ کي ڇڏي، پرائي ڌرتي هند ۾ وڃڻ جو ڏک ۽ درد جيڪو هن جي دل تي اڃا تازو آهي، انهيءَ کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ اهڙيءَ طرح ته بيان ڪيو آهي، جو ائين ٿو محسوس ٿئي ته اها پيڙا ۽ اهو وڇوڙو هن کي هاڻ رسيو آهي. هن جي رڳ رڳ ۾ سنڌيت سمايل آهي، جيڪا سندس ڪهاڻين جي صنف مان به ظاهر ٿئي ٿي. گوبند مالهي، پوپٽيءَ جي انهيءَ جذبي جي هيئن ٿو اُپٽار ڪري:

”پوپٽي هيراننداڻي ۽ سنڌيت، ڳالهه مڙيو ئي هڪڙي آهي. هن جي رڳ رڳ ۾ سنڌيت سمايل آهي ۽ اها هن جي رچنا مان جهلڪندي نظر اچي ٿي. پوءِ اها نثر ۾ هجي يا نظم ۾، ڪهاڻيءَ ۾ هجي يا ناول ۾، مضمون ۾ هجي يا ناٽڪ ۾، هن پوري زندگي سنڌيت جي نظر ڪئي آهي. سڀ کان وڌيڪ هن سنڌي پڻي کي فخر لائق بڻايو آهي.“(16)

پوپٽيءَ جي ڪهاڻين ۾ به سنڌي ڪردار ۽ سنڌي جيوت ۽ سنڌ سمايل آهي. هوءَ پاڻ ’مان سنڌڻ‘ جو نعرو هڻي ٿي. نه صرف اهو پر هن سنڌين ۾ قومي، تهذيبي ۽ ادبي سجاڳي پڻ پيدا ڪئي آهي. هوءَ ايتري ته بهادر ۽ همت واري آهي، جو جڏهن به ڪنهن سنڌين ئي وجود کي ختم ڪرڻ چاهيو ٿي ته هوءَ انهن سان هر مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار هئي. لکمي کلاڻي جڏهن پوپٽيءَ کي سنڌين جي رهنمائي ڪندي ڏٺو ته هن جي باري ۾ هيئن لکيو:

”اڄ سنڌين جي صحيح رهنمائي ڪرڻ جي صرف هن ۾ ئي جهجهي توفيق ۽ قابليت نظر اچي ٿي. هوءَ مارئي آهي، جنهن حب الوطنيءَ جو جام پيتو آهي. مڙهه ملير ڏانهن موڪلڻ جي صدا بلند ڪئي آهي، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪيس ئي ’مان سنڌي آهيان‘، جو نعرو لڳائي منصور به ٻڌجٽو پوندو ته سوريءَ سر ڏيٽو پوندو.“(17)

پوپٽيءَ جي ڪهاڻي جي ٻي خوبي اها آهي ته سنجيده ڪهاڻين ۾، ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جو ڏک پڙهندڙ تي خاص اثر ڪري ٿو، ۽ اگر سندس مزاحيه ڪهاڻيون پڙهبيون ته ماڻهو هر وقت پيو کلندو رهندو، مرڪندو رهندو ۽ ٽهڪ ڏيندو رهندو.

ڪهاڻي، پوپٽيءَ جي من پسند صنف آهي، انهيءَ ڪري هن کي جيڪي به اندر جا خيال ظاهر ڪرڻا هوندا آهن ته اهي هوءَ ڪردار خلقي انهن جي ذريعي بيان ڪندي آهي. جيئن هوءَ خود لکي ٿي ته:

”ڪردار خلقڻ ۾ پنهنجي ليکي ئي هڪ قسم جي خوشي ملي ٿي. ٻيو ته مون کي جيڪڏهن ڪي گنڀير ويچار ظاهر ڪرڻا پوندا آهن ته اهي ڪهاڻيءَ جي ذريعي دلچسپ نموني ۾ ظاهر ڪندي آهيان. مان پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن سان ملي هڪ ٿي وڃڻ چاهيان ٿي، جيئن ڪردار ۾ جان اچي ۽ هن جي ئي زندگي جيئان.“(18)

پوپٽي عورت هئڻ جي حوالي سان پنهنجين ڪهاڻين ۾، عورت تي ٿيندڙ هر ظلم تي ڀرپور انداز ۾ لکيو آهي، هوءَ خود به چوي ٿي ته:

”زال جي زندگيءَ کان سواءِ مون کي ٻئي ڪنهن به موضوع تي لکڻ نٿو اچي، ائين ناهي. ٻه اڍائي سؤ ڪهاڻيون لکندي، گهڻائي موضوع ڪنيا اٿم، پر زال کي همت ڏياري ڪيس مدي خارج خيالن خلاف ڪڙو ڪري ٿي بيهاريان. ڪائنس ڪجهه ڪرايان ٿي ۽ چوايان ٿي. مان زال کي مرد نه ٿي بڻايان پر سندس زنانا پڻي کي اهميت ڏيئي، زنانا مسئلا ئي کڻايان ٿي. مثلاً: ’ڪائنات‘ ڪهاڻيءَ ۾ چوي ٿي: ’جانورن ۾ به ماءُ ٻار کي نه ٿي ڇڏي، پوءِ مان ڇو ڪيس ڇڏيان؟ جنهن ٻار جي ماءُ حيات آهي اهو انسان ڪيئن ٿو سڏي سگهجي؟ جنهن مرد کي مون ڏکئي وقت ۾ ڇڏي ڏنو ان جي ڳولها مان ڇو ڪريان؟‘“(19)

نه رڳو ايترو پر عورت طرفان مردن سان محبت جي حوالي سان ڪنهن به ننڍي وڏي زيادتيءَ کي به نه ڇڏيو آهي، ۽ هن پنهنجي قلم مان هر ڪوڙ جي خلاف نهايت متاثر ڪندڙ انداز ۾ نندينڊي لکيو آهي. هن عورت جي زندگيءَ جا سڀ پهلو، هن جي زندگيءَ جا سڀ موڙ بيان ڪيا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ زال هميشه مکيه ڪردار رهي آهي ۽ انهيءَ جو مرد سان سدائين واسطو رهي ٿو. هو خود لکي ٿي ته:

”مان اها عورت آهيان، جنهن تي نه ڪنهن زنجير وڌي آهي ۽ نه ئي هن پاڻ کي ڪنهن نوڙيءَ سان ٻڌو آهي. ان ڪري مان بنا هٽڪ هٻڪ، زال جي زندگيءَ جا سڀ پهلو، هن جي جيون- عمارت جون سڀ ڪنڊون ڏيکاري سگهان ٿي. منهنجي ڪهاڻي، زال کي مکيه ڪردار ڪري هلي ٿي. ان ڪردار



جو تعلق هميشه مرد ڪردار سان رهي ٿو، ان ڪري مرد ڪردار به آهن. منهنجين ڪهاڻين ۾، مگر مان زال جي سپاءُ، وهنوار، ارمانن، امنگن ۽ مسئلن وغيره کي ئي اڳرائي ڏيان ٿي. منهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ٻار اچي ته اها به ڇوڪري ئي هوندي آهي.“(20)

پوپٽي پنهنجين ڪهاڻين ۾ زال جي سپاءُ، وهنوار، ارمانن ۽ امنگن کي ئي اڳرائي ڏئي ٿي. هوءَ سماج ۾ پرڻيل، اڻ پرڻيل، وڌوائن ۽ وئشيائن جي ماحول کي نهايت ئي سهڻي ۽ اثرانداز نموني بيان ڪري ٿي. هوءَ چوي ٿي ته، عورت شادي ٽن سببن جي ڪري ڪندي آهي. هڪ ته ڪيس گڏ گذارڻ جو پڪو آسرو ملندو آهي، ۽ ٻيو ته ڪيس گرهستي هلائڻ جو اڌيڪار ملندو ۽ ٽيون ته هن کي پنهنجي ممتا ڪنهن مٿان هارڻ جو وجهه ملندو آهي. پوپٽيءَ کي زندگي ۾ ڪيترائي ڏک مليا آهن، جن ۾ وطن ڇڏڻ جو ڏک، مائٽن جي مري وڃڻ جو ڏک ۽ پياءُ جي موت جو ڏک وغيره انهي کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڏک هن کي زندگيءَ ۾ مليا آهن ۽ انهن سڀني ڏکن سان مقابلو ڪندي سندس شخصيت گهڙجي وئي آهي. هوءَ عورت ذات هوندي به انتهائي بي جگريءَ جي، اٽل فيصلا ڪرڻ، سادگيءَجا ڏاڍ، ڪٺن ۽ ڪڙا فيصلا، انتهائي دانشمنديءَ سان ڪرڻ ۽ انهن تي بيهي رهڻ به سندس انتهائي بهادري واري ڪردار کي ظاهر ڪري ٿي. سندس هر ڪهاڻي معاشري جي عڪاسي آهي. هن جيترين به ڪهاڻيون لکيون انهن ۾ معاشري جي جدا جدا پهلوئن جي عڪاسي ڪئي آهي. هوءَ پنهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿي ته جيئن ان ڪردار ۾ جان اچي، ۽ هوءَ انهن جي ئي زندگي جيئن. هوءَ عورت جي چؤطرف لڳل جدا جدا قسمن جي زنجيرن جي ئي زندگي جيئي، جن ۾ هو ٻڌل آهي ٿوڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هوءَ عورت کي صرف ٻار ڄڻڻ، مڙس جي خدمت ۾ زندگي گذارڻ، تعليم کان وانجهجي وڃڻ، پنهنجن پيرن تي نه بيهي سگهڻ، ۽ تعليم پرائي ڪمائڻ بعد به هوءَ ڪيترين ئي پابندين ۾ جڪڙيل آهي، بيان نه ڪيو آهي بلڪ انهن ۾ حوصلو ۽ همت پيدا ڪئي آهي. هوءَ پنهنجي ڪهاڻي ’شهناز‘ ۾ هن طرح لکي ٿي ته:

”پيار جو ناٽڪ شروع ڪرڻ وقت هو مون کي پنهنجي ’مومل‘ ڪري سڏيندو هو ۽ مان ڪيس پنهنجو ’سوڍو‘ ئي سمجهندي هيس. فون تي هيلو جي جواب ۾ هو چوندو هو، ’مان-مان آهيان تنهنجو گولو غلام‘ ۽ ’تون منهنجو ڪير ٿين‘، ۽ پڇڻ تي جواب ڏيندو هو ’تنهنجو هم سفر-تاعمر تنهنجو ساٿ، ساٿ ڪين ڇڏيندس‘ ۽ هر عورت جيان مورک ٻڌجي مان به پاڻ کي سياڻي، سوڍي جي مومل سمجهي پنهنجي نصيب تي اترائيندي هيس. ايترو به ڪين سمجهيم ته اهي سڀ لفظ ۽ گفتا، شاديءَ کان اڳ جذبات جي وهڪري ۾

وهي، هن ڪنهن ڪمسن نينگر ڪي چيا هوندا. شاديءَ بعد زال مٿان حق ڄمائڻ لاءِ بعد ۾ مون جهڙيءَ ڪنهن ٻيءَ جي اڳيان پنهنجو پيار رنگين بنائڻ لاءِ مون ڪان پوءِ پاڻ ڪي جوانيءَ جي امنگ سان سينگاريل هئڻ جي ثابتي ڏيڻ لاءِ هيءُ آسانيءَ سان ساڳيا لفظ استعمال ڪري سگهي ٿو.“(21)

**تحقيق:**

ڪهاڻين ڪان علاوه پوپٽي، سنڌي ادب جي تاريخ تي به ڪتاب لکيو آهي. سندس لکيل ڪتاب ’هسٽري آف سنڌي لٽريچر‘ (History of Sindhi Literature) 1980ع ۾ ڇپيو. هي هن جو هڪ اهم ڪتاب آهي. هن ۾ آزاديءَ ڪان پوءِ 1947ع ڪان 1978ع تائين پارٽ ۾ لکيل سنڌي ادب جو تذڪرو ڪيل آهي. شروعات ۾ هن سنڌي زبان جو تعارف ۽ آزاديءَ ڪان اڳ وارو دؤر بيان ڪيو آهي. انهيءَ ڪان پوءِ ورهاڱي جا سماجي ۽ اقتصادي اثر، ادب ۽ ترقي پسند لاڙي ۽ پراڻي ۽ نئين حالتن ۾ نثر ۽ نظم جي مختلف صنفن تي ترقيءَ جو ذڪر ڪيل آهي.

انهيءَ ڪان علاوه ٽئين باب ۾ سياسي ترقي پسنديءَ خلاف رد عمل، ڪهاڻيءَ ۾ داخليت ۽ ناول، ڊراما ۽ شاعريءَ جي ارتقا لکيل آهي. انهيءَ ڪان پوءِ جديد ادب جو ذڪر ڪيل آهي ۽ پوءِ لوڪ ادب، سوانح حيات، آتم ڪهاڻي، ادبي تاريخ، لسانيات ۽ ترجمن ۽ رسالن وغيره جو تفصيلي ذڪر ملي ٿو. سنڌي ليکڪ ناري گرسهاڻي هن ڪتاب بابت لکي ٿو ته:

”پوپٽي جو شمار پارٽ جي بهادر عورتن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هن سنڌي ساهت جي باري ۾ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکي، سنڌي جاتيءَ تي وڏو وڙ ڪيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي جاتيءَ کي هن تي ناز آهي.“(22)

هن ادبي تاريخ کي انگريزيءَ ۾ لکڻ جو مقصد، غير سنڌي ماڻهن کي سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ ڪان واقف ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪان علاوه 1991ع ۾ پوپٽيءَ جو ڪتاب ’سنڌو ڪان گنگا جمنا‘ ڇپيو. هي هڪ نئين قسم جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ پوپٽيءَ ڏانهن سنڌ ۽ هند جي اديبن، شاعرن ۽ لکندڙن جا خط، مضمون ۽ انٽرويو شامل آهن. هن ڪتاب جو پبلشر پرڪاش موٽواڻي آهي. هو هن ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

”پروفيسر ڪماري پوپٽي هيراننداڻي سنڌي ادب جي گهڻ پاسائين ليکڪه آهي، جنهن ادب جي هر شاخ تي ڪلڪراني ڪئي آهي. هن ناول، ڪهاڻي، مضمون، تنقيد، جيوني، ڪويتا، ويدانت جي فيلسوفيءَ تي ’مان ڇا آهيان‘ ۽ ’پاشا شاسترُ‘ جهڙا ڪتاب لکيا آهن.“(23)



**آتم ڪهاڻي:**

پوپٽيءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي ’منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق‘ جي نالي سان لکي، جيڪا سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 1993ع ۾ شايع ڪئي.

سنڌ توڙي هند ۾ پوپٽي پهرين سنڌي عورت آهي، جنهن پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي آهي. هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ هن نه صرف پنهنجي زندگيءَ جون يادگيريون، اهم واقعا، وارداتون ۽ آزمودن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي، جن جو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، سنڌي سماج، سنڌي تهذيب ۽ ڪن اهم سنڌي شخصيتن سان هن جو واسطو آهي. انهن کي نهايت سهڻي طريقي سان، سادي، سولي ۽ خوبصورت ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي. سندس لکيل هي ڪتاب سپني ڪان اهم ۽ ڪامياب ڪتاب آهي. اهو ڪتاب سنڌ توڙي هند ۾، ايم-اي جي ڪورس تي پڙ رکيل آهي. ڪرشن کٽواڻي سندس هن ڪتاب جي باري ۾ چوي ٿو ته:

”هيءُ ڪتاب سندس پوري زندگيءَ جي ساڌنا جو ڦل آهي. هوءَ پاڻ به هن ڪتاب جي مشهوريءَ جا سبب بيان ڪندي لکي ٿي ته: ’هن جا هڪ ڪان وڌيڪ سبب آهن. جيون جي انت کي چاهيندي مون پنهنجي زندگيءَ جي شروعات تي قلم کنيو. ائين ئي آتم ڪٿا لکجي وئي: (1) ان ۾ منهنجي پنهنجي جيون ڪهاڻي آهي، (2) زال جي آتم ڪٿا ۾ گهڻن جي دلچسپي هوندي آهي، (3) خاص ڪري اها زال جا ڪنواري آهي ۽ (4) اها جا ڪن واقعن يا ڳالهين جي ڪري مشهور يا بدنام هجي.“(24)

لڇمڻ ڪومل به پوپٽيءَ جي هن ڪتاب تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”پوپٽي پنهنجي زندگيءَ جي لکيل ڪتاب جي سونن روپن ورقن ۾ انهن پل پل جي پهرن جا اسان تي اهڙا اولڙا وڌا آهن، جن اسان جي عقيدن، احساسن، اعتبار، اميدن ۽ آرزوئن کي خوشگوار ۽ خوفناڪ خوابن سان مسرور يا مايوس ٿي جاڳايو به آهي ته ڇرڪايو به آهي.“(25)

پوپٽي تمام گهڻي بهادر عورت آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جي ڪيترين ئي ڳنڀير ڳالهين تي لکيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جي واقعن، خيالن، رُخن، ۽ روين، ۽ پنهنجي ڪٽنب، ماحول، علمي ۽ ادبي زندگيءَ تي ڪيترين ئي شخصيتن، ثقافتي ۽ تهذيبي تحريڪن، ۽ سياسي ۽ سماجي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ڪان سواءِ هن پنهنجي زندگيءَ جي تلخين، محرومين، ڪامياڀين ۽ ناڪامين، اميدن ۽ نااميدين جو بيان به ڪيو آهي. ڊاڪٽر ارجن ’شاد‘ هن ڪتاب جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”پوپٽي پنهنجي هن ڪتاب ۾، پنهنجي جيون جي جدا جدا ورقن توڙي ورڱن جون انيڪ مورتيون ۽ صورتون، چرتر، رنگ برنگي رنگن ۾ چٽيا

آهن، جي پڙهندي انيڪ يادگيريون اچيو اڪين اڳيان بيهن ٿيون."(26)

موهن گيهاڻي، پوپٽيءَ جي هن آتم ڪهاڻيءَ جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏي ٿو ته:

"مون امرتا پريتم ۽ ڪملا داس جو آتم ڪهاڻيون پڻ پڙهيون آهن، پر جيڪا صداقت پوپٽيءَ جي ڪتاب ۾ آهي، اها هنن جي ڪتابن ۾ ڪٿي؟"(27)

پوپٽيءَ جي هن آتم ڪهاڻيءَ تي ساهتيه اڪادمي طرفان انعام پڻ مليل آهي.

پوپٽي هيرانندڻيءَ سنڌي ادب جي هر صنف تي، جنهن تي به لکيو، تمام گهڻي طريقي سان لکيو آهي. هن جي هر تصنيف تعريف جي قابل آهي. ارجن سڪايل چوي ٿو ته:

"اسين به فخر سان سر اوچو ڪري چئي سگهون ٿا ته سنڌي جاتي هڪ اهڙي نياڻيءَ کي جنم ڏنو آهي، جنهن جي ڪردار تي اسين پيڙهين تائين پيا فخر ڪنداسون."(28)

**شاعري:**

انهيءَ کان علاوه پوپٽي هڪ ڪتاب 'I belong to the Land' لکيو. هن ڪتاب ۾ هڪ بهادر ۽ مها جيون جي هڪ لمبي ڪهاڻي آهي. هيءُ نه صرف شاعريءَ جو مجموعو آهي، بلڪ جدوجهد ڪندڙ حياتين لاءِ هڪ روشن مينار آهي.

انهيءَ کان علاوه پوپٽيءَ جي ڪتاب 'مان سنڌڻ' ۾ سنڌ و سير ۽ سنڌ ۽ سنڌين جو جذبو ملي ٿو. ادبي لحاظ کان هي ڪتاب گهڻيءَ اهميت وارو آهي. پوپٽيءَ جي ڪويتائن جو انتخاب آهي. هن جو عنوان ئي پنهنجي جيون ڪهاڻي آهي.

پوپٽي تمام گهڻي بهادر عورت آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جي ڪيترين ئي گنڀير ڳالهين تي لکيو اهي. هن پنهنجي زندگيءَ جي واقعن، خيالن، رُخن ۽ روين، ۽ پنهنجي ڪٽنب، ماحول، علمي ۽ ادبي زندگيءَ تي ڪيترين ئي شخصيتن، ثقافتي ۽ تهذيبي تحريڪن، ۽ سياسي ۽ سماجي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ کان سواءِ هن پنهنجي زندگيءَ جي تلخين، محرومين، ڪاميابين ۽ ناڪامين، اميدن ۽ نااميدين جو بيان به ڪيو آهي. ڊاڪٽر ارجن "شاد" هن ڪتاب جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"پوپٽي پنهنجي هن ڪتاب ۾ پنهنجي جيون جي جدا جدا ورقن توڙي ورگن جون انيڪ مورتيون ۽ صورتون، چرتر، رنگ برنگي رنگن ۾ چٽيا آهن، جي پڙهندي انيڪ يادگيريون اچيو اڪين اڳيان بيهن ٿيون."(29)



انهيءَ کان سواءِ پوپٽيءَ جو ڪتاب "سنڌي ڪالهه ۽ اڄ" به هڪ بهترين ڪتاب آهي. هن ۾ به هن جو سنڌيت وارو جذبو سمايل آهي.

پوپٽيءَ جي انهن سڀني ڪتابن جي خاص خوبي ٻولي آهي. هن جي هر تصنيف جي عبارت سهڻي، سادي، وڻندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ استعمال ڪئي آهي. هن جي انداز بيان ۾ دلڪشي ۽ اثر آهي. "هن جي ڪتابن جي سٽ سٽ، هنيانءُ کي چاقوءَ جيان چيريندي ويندي آهي."

حاصل مطلب ته پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي سنڌي ادب جي هر صنف ۾ پاڻ موکيو آهي. هوءَ لاڳيتو چاليهن سالن کان لکندي رهي. هن تقريباً هر صنف تي يعني: ناول، ڊراما، افسانا، مقالا، تنقيدي ڪتاب، مضمونن جا مجموعا، ٻولي ۽ زبان تي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ويدن جي فيلسوفي، گيتا، سنڌي عظيم شخصيتن وغيره هر ڪنهن پهلوءَ تي لکيو، ۽ اُن ۾ ڪامياب وئي. هندستان جي سنڌي ادب ۾ جيڪي ٽي ليکڪائون چانيل آهن، انهن ۾ پوپٽي هيرانندڻي، ڪلا پرڪاش ۽ سُندري اُتم چنداڻي آهن. انهن سڀني ۾ پوپٽي هنن کان گوءِ کڻي وئي آهي.

## ببليوگرافي


1. پوپٽي هيرانندڻي: زندگي نه ڪوتا نه ڪهاڻي (مجموعو)، سنڌي ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1984ع، ص 21
2. ايضاً
3. پروفيسر شيوڪاڻي: منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق (آتم ڪهاڻي)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
4. ڏسو حوالو نمبر 1
5. ايضاً
6. لکمي کلاڻي: سنڌوءَ کان گنگا جمنا
7. ڪيرت ٻاٻاڻي: ڏسو حوالو نمبر 3
8. پوپٽي: حوالو نمبر 3
9. ڏسو حوالو نمبر 1
10. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي: ڏسو حوالو نمبر 3
11. ارجن سڪايل: ڏسو حوالو نمبر 3
12. ارجن سڪايل: ڏسو حوالو نمبر 3
13. موتي لعل: لڇيرام ٻناڻي: ڏسو حوالو نمبر 3
14. ڏسو حوالو نمبر 1
15. موتي لعل: ڏسو حوالو نمبر 3
16. گوبند مالهي: ڏسو حوالو نمبر 6
17. ڏسو حوالو نمبر 6

18. ڏسو حوالو نمبر 1
19. ايضاً
20. ڏسو حوالو نمبر 3
21. ڏسو حوالو نمبر ، ڪهاڻي ’شهناز‘
22. ناري گرسهاڻي، ڪهاڻي، شهناز
23. پرڪاش موٽواڻي: سنڌو ڪان گنگا جمنا
24. ڪرشن ڪٽواڻي، پوپٽي، منوهربيدي، جڳديش لڇاڻي، وينا پبليڪيشن الهاس نگر 1988ع.
25. لڇمڻ ڪومل: باقي حوالو نمبر 3
26. ڊاڪٽر ارجن شاد: ايضاً
27. موهن گيهاڻي: ڏسو حالو نمبر 3
28. ارجن سڪايل
29. حوالو نمبر 26




## چندو لعل ڪشچند جئسنگهاڻي:

(**تعارف:** چندو لعل، 14-اپريل1920ع ۾، شهر رتوديرو، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو هو. هن بي-اي ۽ ايل-ايل بي تائين تعليم حاصل ڪئي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ اڪثريت ناولن جي آهي. چندو لعل کي سندس ناول ”پهاڙي چوٽيون“ تي ڪوڙو مل چندن مل، ساهت منڊل طرفان انعام به مليل آهي. سندس لکيل ناولن جا نالا هي آهن: ’زنده‘، ’منهنجي شادي‘، ’بگو بئريسٽر سيريز‘، ’باهه ۽ برسات‘، ’ننگي پنج رنگي‘، ’پهاڙي چوٽيون‘، ’اپراڌي‘، ’يوئر آنر‘، ’ساڌنا جو خون‘، ’بندي‘، ’اُماس‘، ’استري‘ ۽ ايرڪا، ’پرش ۽ پيار‘، ’بادل پومي‘، ’پن پن، پن پون ۾‘، ’گهر گهر هڻ‘، ’روهني جوڙو‘، ’زنده دل‘، ’آهه غريبان قهر خدائي‘ ۽ ’چوڏهن ڏينهن‘.

چندو لعل جئسنگهاڻي، سنڌي ادب ۾ ناولن پنيان ناول لکندو رهيو. هن سيني ليکڪن کان وڌيڪ ناول لکيا آهن. سندس ناولن ۾ جاسوسي ناول به شامل آهن. قيمت هري سنگهاڻي سندس ناولن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”چندو لعل جئسنگهاڻي، ناولن پنيان ناول لکي، ناولن جو انبار ڪڙو ڪري ڇڏيو آهي. منجهن سسپينس، ٿرل، جاسوسي ڪرشما ۽ ڪورٽن جا نظارا، پاٺڪن جو منورنجن ڪندي، دماغي ورزش ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا آهن.“(1)

چندو لعل جي ناولن جي ٻي وڏي خوبي اها آهي ته هن هڪ ئي ڪردار تي ڪيترائي ناول لکيا آهن. مثلاً: ’بگو بئريسٽر‘ ڪردار تي هن ڇهه ناول لکيا، جن ۾ ’بگو بئريسٽر‘، ’ساڌنا جو خون‘ ۽ ’پوتر‘ ناول اچي وڃن ٿا. سنڌي ادب ۾ اهوئي هڪ ڪردار آهي، جنهن تي گهڻائي ناول لکيا ويا ۽ خود ڪردار ناول نگار کان به گوءِ کڻي ويو).

### منهنجي شادي:

ترقي پسند ليکڪن وانگر جهوناڻ ۽ نواڻ، نيڪي بدي، سماجي مسئلن جي باري ۾ ٻين ناول نويسن به لکيو آهي، پر بنا ڏيتي ليتيءَ، پيار ۽برابريءَ جي شادي وغيره جهڙن موضوعن تي چندو لعل پنهنجي ناول جهڙوڪ: ’منهنجي شادي‘ ۾ اهو مسئلو نهايت ئي ڪاميابيءَ سان ۽ شاندار نموني سان پيش ڪيو آهي.

چندو لعل جو هڪ ناول اٽڪل پنج سؤ (500) صفحن ۾ شامل آهي،

جيڪو ’بادل پومي‘ جي نالي سان هن لکيو هو. هن، هي ناول ڪشمير جي خوبصورت ۽ حسين وادين تي لکيو هو. هي ناول تمام گهڻي دلچسپي ڏيندڙ ۽ ڪامياب ناول طور شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. هن ناول جو خاص موضوع انسان آهي. انسان خطا جو گهر آهي. هو خطا ۽ ڀُل چوڪ ڪري ٿو، پر انهيءَ کي معاف ڪرڻ جي خوبي به رکي ٿو. هن ناول ۾ انساني خوبين جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن ۾ ٻڌايل آهي ته انسان محض انسان ئي آهي. هو نه ڪنهن حيوان يا جانور جي فطرت رکي ٿو ۽ نه ئي هو دنيا جو خالق يا مالڪ آهي. ناول نگار هن ناول ۾ سندس انسانيت واريون خوبيون ئي بيان ڪيون آهن. هيٺ چندو لعل جئسنگهاڻي جي ناولن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

چندو لعل جئسنگهاڻيءَ هي ناول، منهنجي شادي، 1954ع ۾ لکيو هو. هن ناول جوخاص موضوع چوڪرن ۽ چوڪرين جي شاديءَ جو مسئلو آهي. هن ناول ۾ چندو لعل، شاديءَ جي مسئلي بابت چوڪرن ۽ چوڪرين جي اڌمن، امنگن ۽ جذبن کي، هڪ انوکي ۽ منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن ناول جو موضوع سنڌس ٻين ناولن کان مختلف آهي.

هن ناول ۾ هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ساندهه ٽن چوڪرين، هر هڪ سائنتا، چندرا ۽ اِندرا کي جدا جدا نمونن ۾ پيار ڪري ٿو. پيار جي اهڙي منجهيل مسئلي کي ليکڪ سهڻي طريقي سان سلجهائي پيش ڪري ٿو. اهي نمونا آهن: جذباتي پيار، جنسياتي پيار ۽ روحاني پيار. ليکڪ مختلف ڪردارن جي ذريعي، باريڪ بينيءَ سان، گهري ۽ اعليٰ سوچ جي ذريعي، خوبصورتيءَ سان انهن مسئلن کي سلجهائي ٿو. انهيءَ ڪري هي ناول ٻين ناولن کان بلڪل جداگانه۽ مختلف نوعيت جو محسوس ٿئي ٿو. پروفيسرمنگهارام ملڪاڻي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”هن پرگتيءَ ۽ آرٿڪ ڪشمڪش واري زماني جي تقاضا موجب، هو ساهت کي صرف وندر يا منچ مزي جو واهڻ نٿو سمجهي، پر ان کي زندگي، بهتر ۽ خوشحال بنائڻ جو وسيلو ڪري ڪم ٿو آڻي.“(2)

چندو لعل جو هيءُ هڪ سماجي ناول آهي، جيڪو سنڌي سماج جي وڏي مسئلي، ڏيتي ليتيءَ تي لکيل آهي. چندو لعل جي هن ناول جي ٻولي سادي ۽ بامحاورا استعمال ٿيل آهي. هن ناول تمام گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي.

**اپراڌي:**

چندو لعل جئسنگهاڻيءَ، ’اپراڌي‘ جي عنوان وارو ناول 1956ع ۾ لکيو هو، جيڪو پارت جيون وارن شايع ڪيو هو. هي به سنڌس هڪ دلچسپ



۽ سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ نوجوان چوڪرين کي گهڻي آزادي ڏيڻ سان جيڪي سماجي مسئلا يا برايون پيدا ٿين ٿيون، انهي موضوع تي لکيل آهي.

هن ناول ۾ هن ڪيترائي ناصحانه نقطا ۽ اعليٰ خيال پيش ڪيا آهن. هن ناول جي سورمي هڪ خوبصورت ۽ سهڻي چوڪري آهي. وقت ۽ زماني جي لحاظ کان مائٽن جي طرفان ڏنل گهڻي آزاديءَ جي لهر ۾ لڙهي وڃي ٿي ۽ سندس انهيءَ آزاديءَ مان ڪيترائي خراب نتيجا نڪرن ٿا.

چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جي هن ۾ اخلاقي نقطا به بيان ڪيل آهن. هن ناول ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته اپراڌيءَ جو انجام سزا آهي، پوءِ اها سزا قدرت جي طرفان هجي يا ڪورٽ جي جج جي طرفان. هن ناول ۾ هڪ ڪردار، چِت آنند نالي آهي. هن ڪردار جي وسيلي ليکڪ ضمير جو آواز پيش ڪيو آهي، جيڪو انسان جي رهبري ڪندو اچي ٿو. هيءُ نُوس حقيقت تي لکيل هڪ ناول آهي.

هن ناول جي اهم خوبي اها آهي ته هن ۾ چندو لعل وڪالت جي پيشي کان متاثر ٿي، ڪيترائي قانوني مسئلا پيش ڪيا آهن، جنهن مطابق پوليس جي اڳيان هڪ اهم وڏو مسئلو يا راز سامهون آهي. مثال طور نوجوان هيرو ڪيڏانهن گم ٿي وڃي ٿو، يا هو ماريو ويو آهي، ۽ سندس لاش ڪٿي ڪنهن ٻنيءَ ۾ پوريو ويو آهي. ٻنيءَ ۾ لاش کي پوري چڙڻ جو واقعو، هڪ جاسوسي ناول وانگر پيش ڪيل آهي.

هن ناول ۾ ڪردارن جي سيرت نگاري به گهڻي همدرديءَ سان پيش ڪيل آهي. هن ناول جو پلاٽ نئون آهي، جنهنکي ناول نگار نهايت ئي خوبصورت ۽ سهڻي طريقي سان موزون عبارت ۾ پيش ڪيو آهي.

**ڀهاڙي چوٽيون:**

چندو لعل جئسنگهاڻيءَ هي ناول ’ڀهاڙي چوٽيون‘ نالي سان 1957ع ۾ لکيو، جنهن کي پارت جيون وارن شايع ڪيو. هن ناول تي ڪوڙو مل چندو لعل ساهت منڊل طرفان انعام پڻ مليل آهي. هن ناول جو موضوع هاٽوڪي سماج جي بي جوڙ شادين متعلق آهي، پر هن ناول ۾ عام اتفاقن ۽ رواجي حادثن تان به ڪم ورتل آهي.

هن ناول جي سورمي جي پيءُ کي، سندس پريميءَ لاءِ دل ۾ نفرت آهي، ۽ پريميءَ جو وڏو پاءُ، لڇمڻ کان سواءِ،سندس مڱڻو ٽوڙي ئي ٿي ته سندس پيءُ ڏيءُ جي شادي ٻئي هنڌ ڪرائي ٿو ڇڏي. اهڙا اتفاق ڪڏهن ڪڏهن قسمت جي لکئي سبب ٿيندا آهن. ناول جو سورمو انهيءَ ڏک ۽ وڇوڙي سبب شاعر بڻجي وڃي ٿو، ۽ هوءَ (سورمي) پنهنجي پيار جي ڏک ۾،

پنهنجي مڙس تي ڪوبه توجهه نٿي ڏي. هڪ دفعي ڪشمير ۾ ٻئي زال مڙس گهمڻ وڃن ٿا، جتي سندس مڙس جو هڪ دوست ڪيس ٻڌائي ٿوته سندس زال شاديءَ کان پهرين ڪنهن ٻئي سان پيار ڪندي هئي، ۽ اتفاق سان شادي توسان ٿي ويس. انهيءَ تي سندس مڙس ڪاوڙجي ڪيس طلاق ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو، پر انهن جي واپسيءَ تي، اتفاق سان هڪ ريلوي اسٽيشن تي چوڪريءَ جو مڙس حادثي ۾ زخمي ٿي پوي ٿو، جنهن کي رت جي ضرورت آهي. اتفاق سان انهيءَ ناول جو هيرو، جنهن سان چوڪريءَ کي پيار هو، ان وقت اتي پهچي ٿو، ۽ پنهنجو خون ڏيئي، هن جي مڙس جي جان بچائي ٿو. هيرو چوڪريءَ کي پيڻ چوي ٿو ۽ اتي ئي مري وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح آخر ۾ چوڪري، سندس مڙس ۽ ٻار پاڻ ۾ باقي حياتي خوش گذارين ٿا.

هن سچي ناول جي ڪهاڻي فلمي محسوس ٿئي ٿي، جنهن ۾ بي جوڙ شادين جو عملي حل پيش ڪيل ڪونهي، ۽ ڪهاڻيءَ جا سلسلا به نٿا ملن.

چندو لعل هن ناول ۾ ڪردار نگاري اعليٰ نموني سان پيش ڪئي آهي. سندس ٻولي سهڻي ۽ عبارت بامحاوره موزون شاعريءَ سان سينگاريل آهي. جيتوڻيڪ هن ناول ۾ ڪيترائي مختلف حادثا پيش ڪيل آهن، پر مجموعي طور هي سندس هڪ ڪامياب ناول آهي.

**ساڏنا جو خون:**

ساڏنا جو خون نالي، ناول چندو لعل جئسنگهاڻي، 1962ع ۾ لکيو هو، جيڪو پارت جيون، بمبئيءَ وارن شايع ڪيو. هن ناول ۾'بگو بئريسٽر' ناول جو هيو ڪيس بيان ڪيل آهي، جيڪو 'فوجداري ناول' (Crime Fiction) طور پڙهڻ ۾ ڪافي دلچسپ محسوس ٿئي ٿو. هن ناول ۾ 'بگو بئريسٽر' جهڙو راز رکيل ڪونهي، هن ناول ۾ راز پهرئين ئي اڌ ۾ ظاهر ٿي وڃي ٿو، جيئن ناول جي شروعات ۾ ئي اهو ظاهر آهي.

هن ناول ۾ عدل ۽ انصاف جي اعليٰ آدرش پيش ڪيل آهن. وڪالت جي ڌنڌي جا پڻ اعليٰ اصول بيان ڪيا ويا آهن. انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ پوليس جي ڪارنامن، انهن جي ڪاررواين،انهن جا بحث مباحثا بيان ڪيل آهن.

هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ اهو چيو ويو آهي ته ساڏنا جي خون ۾ سندس مڙس جوئي هٿ آهي، چو جو هو ڪنهن ٻيءَ عورت سان پيار ڪري ٿو. اهو واقعو هو ناول جي شروعات ۾ ئي سندس وڪيل کي ٻڌائي ڇڏي ٿو. انهيءَ ڪري ساڏنا جو پراڻو عاشق، ڊاڪٽر، جنهن کي سندس خون جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ هن پنهنجي بچاءُ لاءِ بگو بئريسٽر کي وڪيل ڪيو هو.



هوشروعات کان ئي بي گناهه ثابت ٿئي ٿو. باقي اڌ راز به ناول جي ٿوري ئي حصي ۾ ئي کلي پوي ٿو. اهو اڌ راز هيءُ آهي ته ساڏنا جو پاءُ به خون ڪرڻ ۾ شامل هو. اها خبر تڏهن پوي ٿي، جڏهن بگو بئريسٽر ڪلڪتي وڃي، پاءُ سان پيار ڪندڙ هڪ طوائف کان آسانيءَ سان، ساڏنا جي پيءُ جي وصيعت نامو هٿ ڪري ٿو، جيڪو ساڏنا جي پاءُ هن وٽ لڪائي ويو هو چو جو ان ۾ سچي ملڪيت ساڏنا جي نالي ڪيل آهي. انهي ڪري هن ناول ۾ اهو راز، راز نه رهيوته خون ڪنهن ڪيو، بلڪه هن ناول ۾ راز اهو آهي ته اهو خون ڪيئن ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ اهو راز ظاهر ٿئي ٿو ته ساڏنا جو خون ٿيوئي ڪونهي، پراتفاق سان ساڏنا کي انهيءَ سازش جي خبر پئجي وڃي ٿي، ۽ هوءَ اتان پڇي نڪري ٿي. ساڳئي وقت، سندس نٽاڻ جي گاڏي چٽي وڃڻ ڪري، گهر واپس اچي ٿي ۽ اتفاق سان ساڏنا (ساڏنا جي نٽاڻ) جي بدران سندس نٽاڻ جو خون ٿي وڃي ٿو

هن ناول جي آخر ۾ اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته ساڏنا جي خون جو منصوبو، سندس مڙس ۽ سندس پاءُ (ڀنهي) سٽيو هو. روالوَر سندس پاءُ هلايو هو، تنهن ڪري ساڏنا جي عاشق، ڊاڪٽر خلاف ڪيس ختم ٿي وڃي ٿو،۽ ڪيس وري نئين سر هنن ڀنهي ڏوهارين کي گرفتار ڪري،انهن خلاف هلايو وڃي ٿو. هن بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻي تبصروڪندي لکي ٿو ته:

"هن ناول ۾ بگو بئريسٽر جي ڪردار کي ايترو عقل مند ۽ هوشيار نه ڏيکاريو ويو آهي، جيترو بگو بئريسٽر ناول ۾ ڏيکاريل آهي. حالانڪه بگوءَ جو نالو وڏو آهي، پر هن ناول ۾ بگو ويس بدلائي، گهٽي ئي عياري ٿوڪري ۽ حقيقتون پيوڪٽيون ڪري، پر وڪالت جي ڌنڌي ۾ عياري ڪري شوفر جي نوڪري وغيره."(3)

ساڏنا جو خون، چندو لعل جو هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول ۾ هن ڪردار سڌا سادا پيش ڪيا آهن. هن ناول جي عبارت موزون ۽ اصطلاحن، محاورن ۾ پهاڪن سان پريل آهي.

**ننگي پنج رنگي:**

'ننگي پنج رنگي' ناول، چندو لعل 1963ع ۾ لکيو هو، جيڪو پارت جيون وارن شايع ڪيو هو. هيءُ هڪ سماجي ناول آهي. چندو لعل نه صرف ڪرمنل (Criminal) ناول لکڻ ۾ ماهر آهي، پر هو سماجي ناول لکڻ ۾ به ماهر آهي. سندس هي ناول، 'زبردست سماجي اوگهڙ ظاهر ڪندڙ ناول آهي.'

مائٽن جي لاپرواهيءَ جي ڪري، چوڪرين جي چڙواڳيءِ اگهاڙپ

هڪ سماجي مسئلو بنيل آهي، جنهن کي پهريون دفعو هن ناول ۾ بنا خوف خطري جي پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ سنڌ مان لڏي آيل هڪ بيمار پر پئسي واري (امير) بئريسٽر جي ٻن ڌيئرن جي پيار جي ڪهاڻي آهي. ٻئي ڀينرون مختلف طبيعت واريون آهن. وڏي گنيير ۽ ننڍي بي پرواهه، ڇڙواڳ ۽ فئشن پرست آهي.

هن ناول جي شروعات ۾ ٻئي ڀينرون ايس-ايس-پي ۾ پاس ٿيون آهن،پر وڏي گهڻي فضيلت واري ۽ ساڀيا طبيعت واري آهي ۽ ننڍي چلولي ۽ ڇيڳري طبيعت رکندڙ آهي. هوءَ (ننڍي) ڪشميري ڇوڪرين سان پارٽي وغيره ۾ شامل ٿئي ٿي ۽ اڌ رات جو گهر موٽي ٿي، پر هوءَ (ننڍي) تمام گهڻي چالاڪ ۽ هوشيار پڻ آهي. ماءُ پيءُ کي گهر دير سان اچڻ لاءِ مختلف بهانا ٺاهي ٻڌائي ٿي. پهرين سندس پيءُ غصي ۾ اچي ڪيس چماٽ به هڻي ڪڍي ٿو، پر پوءِ هو به خاموش ٿيو وڃي. ڪاليج ۾ هوءَ ترڻ يا ٻين چٽاڀيٽين ۾، اڌ گهاڙا لباس پائي ٿي، انهيءَ ڪري سندس نالو ”ننگي پنج رنگي“ پئجي وڃي ٿو. آهستي آهستي هوءَ دوستن سان سالگره جي پارٽين ۾ اڌ رات تائين ڊانس ڪرڻ، شراب پيئڻ، سگريٽ پيئڻ، ڇوڪرن سان "Swimming Pool" ۾ وهنجڻ، انهن سان هر وقت گڏ رهڻ، هن جو عام ۽ روزمره جي مشغولي يا شغل ٿي ويو هو. سندس پيءُ وري دهليءَ جي هڪ ڪاليجي ڇوڪري کي، پنهنجي گهر ۾ مسواڙ تي رهائي ٿو، جنهن سان هن جو پيار ٿي وڃي ٿو. هن (ڇوڪري) وٽ پنهنجي ڪار به آهي، جنهن ۾ هوءَ سڄو ڏينهن هن سان گهمندي رهي ٿي، نيٺ سندس پيءُ ان ڇوڪري سان سندس مڱڻو ٿو ڪرائي، ۽ شاديءَ جي تاريخ به مقرر ٿي وڃي ٿي.

وڏي ڀيڻ جو وري، ڪاليج جي هڪ پروفيسر سان پيار آهي. هڪ رات جڏهن هنن جو پيءُ بيمار ٿي پوي ٿو، ۽ ماءُ ان سان گڏ اسپتال ۾ رهي ٿي، ۽ ننڍي ڀيڻ سڄي رات پنهنجن دوستن سان ٻاهر رهي ٿي، تڏهن هوءَ، ڊپ ۽ خوف جي ڪري، پنهنجي حفاظت لاءِ، پروفيسر کي پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چوي ٿي. پروفيسر به رهڻ لاءِ راضي ٿي وڃي ٿو. حالانڪ ٻئي شريف ۽ نيڪ نيت آهن. صبح جو جڏهن پروفيسر پنهنجي گهر وڃي رهيو هو ته ننڍيءَ ڀيڻ ۽ هن جي ڪشميري دوست، هن (پروفيسر) کي ڏسي ورتو، ۽ ڪاليج جي پرنسپال کي هن جي خلاف شڪايت ڪري ٿي، جنهن تي ڪاليج ۾ هن (پروفيسر) جي گهڻي بدنامي ٿئي ٿي، ۽ نيٺ هوڪاليج مان نوڪريءَ تان استعيفا ڏيئي هليو وڃي ٿو.آخر ۾ پونيءَ (وڏي) سان سندس شادي ٿي وڃي ٿي. ننڍي ڀيڻ (ڪشميري) جو اڳ ئي ڪنهن ڇوڪري سان مڱڻو ٿيل هو، پر هڪ ٻيو ڇوڪرو جيڪو امير آهي، تنهن سان هوءَ مڱڻو ڪري ٿي ۽ پهرئين



سان ڪيل مڱڻي کي ٽوڙي ٿي، پر پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سندس نئون مڱيتر اڳ ۾ ئي شادي شده آهي ۽ ننگيءَ جي ڪنهن ڪيس ۾ ڦاٿل هو. سندس پراڻو مڱيتر وڪيل ڪري وٺي اچي ٿو. بهرحال پراڻي مڱيتر سان ئي سندس شادي ٿي وڃي ٿي.

هن ناول جو پلاٽ گهڻو دلچسپ آهي، جيڪو بي ڊپائيءَ سان رٿيل آهي. هن ناول جو انجام خوش انجام آهي. ناول جي ٻولي ۽ عبارت موزون، بامحاوره ۽ پهاڪن سان ڀريل آهي. هيءُ سندس ڪامياب ناول آهي.

**يوئر آنر:**

چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جو ناول ’يوئر آنر‘، ڀارت جيون وارن 1966ع ۾ شايع ڪيو. هي ناول بگو بئريسٽر واري، ٽن ناولن جي سلسلي جو هڪ ناول آهي. ناول ۾ هڪ چالاڪ پر ايماندار وڪيل بابت جاسوسي رنگ جو دلچسپ قصو بيان ڪيل آهي.

هن ناول ۾ هڪ ذهين ۽ ايماندار، جوان جج جي ڪهاڻيءَ سان گڏ سندس پيار جي ڪهاڻي به ڳنڍيل آهي، جيڪا آخر ۾ چيني حملي وقت جنگي ڪهاڻي بڻجي پوي ٿي. سندس ٻين ناولن وانگر هن ناول جو پلاٽ به پڪو، پختو ۽ رٿيا وارو آهي، ۽ مکيه ڪردارن جي ڪردارنگاري به سهڻي نموني ڪيل آهي، جيڪا اثرائتي به لڳي ٿي.

چندو لعل جي هن ناول جي خاص خوبي 'Physiognomy' آهي جيڪا ٻين سنڌي ناولن ۾ گهٽ ڏٺي وئي آهي. ڪن هنڌن تي ڪردارن جا چٽ چٽيندي، سندن چهرن ۾ ڦيرگهير ٿئي ٿي. اهڙي چٽ يا ڦيرگهير جي بيان جي يعني چهري جي تاثر کي "Physiognomy" چئبو آهي. هيءَ خوبي ڏاڍي قابليت سان بيان ڪئي اٿس؛ مثلاً:

”جڏهن وڪيل گوپال کي جج جي روش نه وڻندي آهي، ته هو پنهنجي ڪڏ واري ڪاڏيءَ کي سيڻجي ويهندو آهي. ان وقت هن جي پيشانيءَ تي ڪئين گهنج پئجي ويندا آهن. هن جي چهري تي مايوسي ڇانئجي ويندي آهي. نڪ جي نزديڪ هڪ گهنج ظاهر ٿي بيهندو آهي.“(4)

هن ناول ۾ نوجوان جج، شنڪر، جو ڪردار شاندار نموني بيان ڪيل آهي. هن ناول جو مکيه واقعو آهي: هڪ حسين ڇوڪريءَ تي سندس مڱيتر کي قتل ڪرڻ جو مقدمو. مقدمي هلندي جوابدار جي خوبصورتيءَ تي، جج کي اڳواٽ ئي رحم اچي وڃي ٿو ۽ هوسندس جان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اها ڇوڪري، جنهن جو جج پراڻو عاشق هو، تنهن جو پهرين سنڌ ۾ ۽ پوءِ ڀارت ۾ پيار جو پيوند هلندو رهيو، پر ڇوڪريءَ جي پيءُ، پيار جي مخالفت

ڪري ٿو، ۽ ڏيءَ جو مڱڻو ٻئي هنڌ ڪرائي ٿو ڇڏي. ڇوڪريءَ تي سندس مڱيتر جي قتل جو الزام ۾ ڪيس هلي ٿو. ڪيس هلندي، جڏهن جج، هن ڇوڪريءَ کي، جيڪا نالو به بدلائي ٿي ٻڌائي ۽ منهن به اڌ ڍڪيل رهيس ٿو، سڃاڻي ٿو وٺي ۽ ڪيس هلائڻ کان انڪار ڪري ٿو، ۽ استعيفا ڏيئي ٿو ڇڏي. هو(جج) ڪئپٽن مقرر ٿي وڃي ٿو ۽ جنگ لڳي ٿي. جنگ جي دوران هو زخمي ٿي جڏهن هاسپيٽل ۾ اچي ٿو ته هڪ نرس سندس ڏاڍو خيال رکي ٿي. پوءِ هن کي خبر پوي ٿي ته سندس تيمارداري ڪندڙ اها نرس سندس محبوبه ئي آهي، جيڪا ان ڪيس مان بي ڏوهي ثابت ٿئي ٿي ۽ نرس جو پيشو اختيار ڪري ٿي. آخر ۾ هو ٻئي پاڻ ۾ ملي وڃن ٿا.

هن ناول ۾ ناول نگار جا خيالات ۽ سوچ پختي ۽ اعليٰ پيش ڪيل آهي. عبارت به اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوٽين واري ڪم آندل آهي.

**بندي:**

چندو لعل جو لکيل هي ناول، سنڌي ادب جو بهترين ناول آهي. هي هڪ سماجي ناول آهي، جنهن ۾ عورت سان ٿيندڙ بي انصافين ۽ ظلمن جو داستان پيش ڪيل آهي. هن ناول ۾ سماج جي بلڪل صحيح ۽ حقيقي عڪاسي ڪيل آهي.

هن ناول ۾ هڪ عورت کي شڪ جي ڪري گهڻو تنگ ڪيو وڃي ٿو، ۽ پوءِ هوءَ ان سماج سان بغاوت ڪري ٿي. هن ۾ گومتيءَ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. گومتيءَ جي شادي، رام سان ٿئي ٿي ۽ هو ٻئي پنهنجي زندگي سٺي گذاري رهيا آهن. گومتيءَ جو ڏير، راجن، پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ هنن وٽ اچي رهي ٿو، ۽ راجن جو مڱڻو، گومتيءَ جي ڀيڻ 'لتا' سان ٿيل آهي. گومتي پنهنجي گهر ۾، پنهنجي مڙس سان گڏ، ڏير جو به تمام گهڻو خيال رکي ٿي ۽ هوسڀ تمام گهڻو خوش رهن ٿا. گومتي جو ڏير، راجن به سندس (گومتيءَ جو) گهڻو خيال رکي ٿو. هن جي مڙس کي انهيءَ ڳالهه تي شڪ پوي ٿو ته شايد هنن ٻنهي جا پاڻ ۾ ڪي ناجائز تعلقات آهن، جنهن جو اظهار هو هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

”جنهن کي زال کان وڌيڪ پيسي ۾ موهه آهي، سو وڃي ڏنڌو ڪري. انهيءَ ڪري اڄڪلهه، منهنجي زال مون ڏانهن اک کڻي به ڪانه نهاريندي آهي، ۽ سڄو وقت راجن ڏانهن پيئي نهاريندي آهي.“(5)

اتفاق سان سندس مڙس جو ائڪسيڊنٽ ٿئي ٿو ۽ هو مري وڃي ٿو. رام جي موت کي پنج ڏينهن گذري ويا، پر گومتيءَ پنهنجي پيشانيءَ تان 'بندي' ڪانه لاٿي. هوءَ هر روز سنان پاڻي ڪري، آرسي اڳيان سينڌور سينڌ ۾ پري، لپ



اسٽڪ سان بندي لنبائي ڇڏيندي هئي. هن پنهنجي ٻانهن مان چوڙيون(جيڪي سهاڳڻ جون نشانيون هونديون آهن، بندي ۽ چوڙيون) ڪونه لاٿيون، ڇاڪاڻ ته هن کي رام(سندس مڙس) اڳ ۾ چيو هو ته:

”گومتي مون کان اڳ مري ويئيين ته توکي هيءَ بندي لڳائي امر سهاڳڻ ٻڌائي ڇڏيندس، پر اگر مان مري وڃان ته توکي زباني اها وصيعت ٻڌايان ٿو ته، منهنجي مرڻ کان پوءِ هيءَ بندي، پيشانيءَ تان ڪڏهن به نه لاهج، سماج ڇا به چوي، تون محڪم رهج. هيءَ سونهن جي نشاني آهي، سؤ ڀاڳ جي نشاني آهي. هيءَ سهاڳ جي نشاني آهي. ڪنهن به حالت ۾ ميساري نه ڇڏجئين.“(6)

پر گومتيءَ جي بندي نه لاهڻ تي، سندس ساهرن توڙي مائٽن کي به شڪ پوي ٿو ته گومتيءَ ۽ راجن جا پاڻ ۾ ناجائز تعلقات آهن، حالانڪ راجن سان لتا جو مڱڻو به ٿيل آهي، ۽ لتا راجن سان شادي ڪرڻ لاءِ به تيار آهي، پر تڏهن به هن تي بندي لاهڻ لاءِ، هر ڪوئي زور پري ٿو. جيئن هن جي سس چوي ٿي ته:

”اڄ گهر ۾ گهٽيون زالون اڇڻ واريون آهن، انهيءَ ڪري اها بندي لاهي ڇڏ. گهر جي ڪارپيٽ رکڻ لاءِ نه، پر لوڪ لڄا جي ڪري؛ دنياداريءَ کان منهن ته ڪونه موڙبو، اها بندي سهاڳڻ کي سونهندي آهي، ۽ نه اپاڳڻ وڌوا کي.“(7)

گومتي انهن سڀني ڳالهين کان بيزار ٿي چيو ته:

”ٺيڪ آهي، مان بندي لاهي ڇڏيندس، پر وري ڪانه لڳائيندس.“(8)

پر راجن چيو ته:

”مان توکي اها بندي مٽائڻ ڪانه ڏيندس، اها منهنجي ڀاءُ جي نشاني آهي.“(9)

انهيءَ تي داديءَ چيو ته:

”راجن، گومتي هينئر وڌوا آهي. تون اها ڳالهه ڇو نه ٿو سمجهين؟“(10)

جنهن تي راجن وراڻيو ته:

”وڌوا آهي ته ڇا آهي، اڄڪلهه ڪنواريون به پيئيون بندي لڳائين؟“ (صفحو(11)

انهيءَ تي داديءَ غصي ۾ اچي چيو ته:

”بندي سهاڳ جي نشاني آهي. اها سڌي ڳالهه ڇو نٿا سمجهو؟“ راجن ڪاوڙجي اُٿيو ۽ چيائين ته:

”ڀاپي سهاڳڻ نه آهي ته ڇا. اها بندي اتي ئي رهندي.“

بهرحال انهيءَ کان پوءِ مائٽ ۽ ساهرا گومتيءَ کي بُرو ڀلو چئي، هن کي اڪيلو ڇڏي، هليا ويا. راجن، گومتيءَ کي گهڻو ئي چيو، ته تون مون سان شادي ڪر، پر گومتي اها ڳالهه نٿي مڃي، پر جڏهن هن کي سماج ۽ ماڻهن تمام گهڻو تنگ ڪيو، تڏهن هوءَ خود راجن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي ۽ چوي ٿي ته:

”آءٌ راجن جي پاپي يعني ماءُ سمان آهيان، پر سماج جي گهڻي تنگ ڪرڻ جي ڪري آءٌ باغي ٿي پيئي آهيان.“(12)

هوءَ اڪيلي سر هن سماج جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. انهن لاءِ چوي ٿي:

”اشوڪ تون بلڪل صحيح وقت تي آيو آهين. مان اڪيلي سر هلي هلي ٿڪجي پئي آهيان. مان محسوس ٿي ڪريان ته استريءَ جو جيون سنگهرش، پرش جي ساٿ ڪانسواءِ، اڌورو آهي.(13)

چندوءَ جو هي سماجي ناول تمام گهڻو ڪامياب ويو، ڇاڪاڻ ته هن ناول ۾ هندو سماج جي عڪاسي بلڪل حقيقي روپ ۾ ڪئي وئي آهي. سندس هن ناول جي ٻولي، منظرنگاري ۽ ڪردارنگاري سهڻي نموني پيش ڪيل آهي.

**اگني:**

چندو لعل جو هي ناول ’اگني‘ به هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ به عورت جي زندگيءَ جو مقصد، موضوع بڻائي، پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ عورت جي مختلف روپن، ڌيءَ، پيڻ، زال ۽ ماءُ جي عڪاسي شاندار طريقي سان ڪيل آهي.

هن ناول (اگني) ۾ انوراڌا جي ڪهاڻي پيش ڪئي وئي آهي. هونئن ته هر عورت جي ڪهاڻي هڪجهڙي ٿيندي آهي، پر ڀڃاڙي سڀني جي علحدي علحدي ٿيندي آهي. ليڪن انوراڌا جي جيون ڪهاڻيءَ جي ڀڃاڙي به پنهنجي نوعيت جي ۽ انوکي آهي.

انوراڌا، ڌيءَ آهي، زال آهي، ماءُ آهي ۽ ان سان گڏ عورت پڻ آهي. انوراڌا هڪ پڙهيل لکيل، سڌريل سماج جي ڇوڪري آهي، جنهن جي شادي، سندس مائٽن جي مرضيءَ سان، ڪشور سان ٿئي ٿي. پر ڪشور، عياش ۽ ظالم شخص آهي. هن سندس زال سان، پنهنجي ماءُ جي چوڻ تي هر طرح جو ظلم ڪيو. نيٺ انوراڌا، پنهنجي ڪاليجي دوست، اشوڪ وٽ اچڻ وڃڻ شروع ڪري ٿي، جنهن تي ڪشور، ’زنا‘ (adultory) جو ڪيس داخل ڪري ٿو. انهيءَ ڪيس شروع ٿيڻ کان پوءِ، هوءَ ڪشور جو گهر ڇڏي، مائٽن ۾ اچي ويهي ٿي رهي. مائٽ هر وقت هن کي زور ڀريندا رهن ٿا ته هوءَ پنهنجي



گهر وڃي. انهيءَ تي انوراڌا کي ڪاوڙ ٿي لڳي، ۽ هوءَ مائٽن جو به گهر ڇڏي، اشوڪ جي گهر وڃي رهي ٿي. ان کان پوءِ، هن جو اهو ڪيس باقاعدي هلندو رهي ٿو. جڏهن اهو ڪيس ختم ٿئي ٿو تڏهن ڪشور، انوراڌا کي ڪورٽ جي فيصلي موجب گهر وٺي وڃي ٿو. اتي جڏهن انوءَ تي زبردستي ڪري ٿو ته انو هن کي چاتيءَ ۾ چاقو وهائي ڪڍي ٿي. ڪشور اُتي جو اُتي مري وڃي ٿو. ۽ انوءَ کي ٽي سال سزا ملي ٿي. هوءَ پنهنجي ڌيءَ، اشوڪ جي حوالي ڪري ٿي.

هن ناول ۾ چندوءَ، عورت جي ڪردار جي عڪاسي نهايت ئي سهڻي انداز سان ڪئي آهي. مثلاً: هو هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”عورت جي بناوت عجيب ۽ اديت آهي. هوءَ اگنيءَ جيان جيون به ڏي ٿي ته جلائي ڀسم به ڪري ٿي. هوءَ هر وقت پاڻ به جلي ٿي ۽ جيئي به ٿي.“(14)

اگني، جڏهن ڌيءَ جي روپ ۾ آهي تڏهن هوءَ چوي ٿي ته:

”ڇوڪري جيڪا جيستائين مائٽن ۾ آهي، ڏاڍو پيار ۽ محبت ڏنو وڃي ٿو، پر جڏهن اها شادي ڪري ڌارين گهر ۾ وڃي ٿي ته مائٽن جو اهو پيار ۽ رويو ئي بدلجي وڃي ٿو.“ (15)

هوءَ چوي ٿي ته:

”انهيءَ پيڪي گهر آيس، جنهن ۾ ڄائي نپني هيس، جتي وڏي ٿي هيس. هن ئي گهر ۾ ممي مون کي لوليون ڏنيون هيون، گود ۾ وهاري مٺيون ڏنيون هيون. هن پيري پيڪي گهر ۾ منهنجو آدرستڪار ته نه ٿيو پر پاءُ، ممي توڙي پيا جا منهن لٽل هئا. هي آهي ڌيءُ جو جنم“(16)

هوءَ جڏهن شادي ڪري ساهرن جي گهر وڃي ٿي ته زال جي روپ ۾ هوءَ هيئن ٿي چوي ته:

”شاديءَ وقت مون سمجهيو ته مان، صرف پتني آهيان، ۽ سهڻ منهنجو ڪرتو آهي. هاڻ مان سمجهان ٿي ته مان پتني نه آهيان، عورت به آهيان، عزت جي لائق به آهيان. جڏهن ڪان عورت بڻي آهيان، تڏهن ڪان صرف پتني ٿي رهڻ نٿي چاهيان.“(17)

اهڙيءَ طرح، جڏهن هوءَ ماءُ جي روپ ۾ اچي ٿي تڏهن ان ڪردار جو اظهار هن ريت ڪري ٿي:

”هاڻ منهنجي زندگيءَ جو مقصد شادي نه آهي. شالنيءَ کي پالي وڏو ڪرڻ، هاڻي منهنجي جيون جو آديش آهي. ماءُ جو پد، پتنيءَ جي پد کان اوچو آهي. تن جي ترشن ڪان وڌيڪ ماءُ جي ممتا آهي.“(18)

هوءَ مڙس جي ڪردار جي باري ۾ هن ريت ٿي ٻڌائي:

”سچو جيون ساٿي اهو آهي، جو نه صرف پيار ڪري، پر عزت به ڏئي. ڪشور نه مون کي پيار ڏنو ۽ نه عزت.“(19)

عورت جي ڪردار يا روپ جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت ڪندي چندو، انوءَ جي ڪردار مان هن ريت واضح ٿو ڪري ته ”عورت جڏهن شادي ڪري ٿي ته، ان وقت خوشيون ملهايون وڃن ٿيون، پر ڪجهه ئي عرصي ۾ انهيءَ ساڳي عورت کي عذاب ڏيڻ شروع ڪيا ٿا وڃن. ان حد تائين جو هوءَ اهو گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿي..... هوءَ چوي ٿي ته: ”ڪنوار ٿي ساهرن گهر ۾ گهڙڻي هيس، ان ڏينهن ڪهڙي نه مان شان ۽ عزت سان گهر ۾ آندو ويو هو، گهر ۾ گهڙڻ وقت ڪشور جي ماءُ نچي رهي هئي. ان ئي گهر کي الوداع ڪري رهي هيس، جنهن گهر ۾ ڪنوار ٿي گهڙي هيس، تنهن گهر ۾ مان لاش ٿي نڪتيس، زنده لاش. 19

شاديءَ جي باري ۾ سندس خيال هن ريت آهي:

”شادي تاش جي پتن جي رمي راند ڪانهي.

شاديءَ ڪان پوءِ، ڇوڪريءَ لاءِ ٻئي ڪنهن پرش جو تصور ڪرڻ به پاپ آهي.“(20)

هن سماج ۾ عورت جي ڪهڙي حيثيت آهي، ڪهڙو مرتبو آهي؟ هيءَ سوسائٽي جيڪا مردن جي ٺاهيل اصولن ۽ قانونن تي آهي، تنهن عورت کي هر وقت زيردست رکيو آهي، جيئن هن ناول ۾ انو چوي ٿي ته:

”ڳالا جي ٺوڪري، ڇوڪريءَ کي ئي ڀوڳڻي آهي. ڇوڪرا ته ڇٽل آهيو. انهيءَ ڪري ويٺي ڪشور جا خيال ڪريان. زال جي حيثيت ۾، ۽ مرد جي حيثيت ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. انهيءَ فرق لاءِ جوابدار عورت آهي.“(21)

انهيءَ کان پوءِ جڏهن هوءَ هر هنڌان ناڪام ٿئي ٿي ته رب سان شڪايت ڪري ٿي، ۽ بعضي ته پنهنجي خالق مان وشواس ئي ٽٽي ٿو وڃيس، ڇاڪاڻ ته مرد کي هميشه طاقتور ۽ عورت کي هميشه ڪمزور سمجهيو ويندو آهي، جنهن ڪري هميشه عورت کي ڏوهي قرار ڏنو ويندوآهي ۽ ان کي ئي سزا ڀوڳڻي پوندي آهي، جيئن هن ناول ۾ چندو لعل لکي ٿو ته:

”انوراڌا جو ڀڳوان مان وشواس ٽٽي پيوآهي. انهيءَ ڀڳوان ۾ ڪيئن ٿو وشواس ڇمي سگهي، جنهن مرد کي ڪٺور ۽ عورت کي ڪمزور بڻايو آهي. ڀڳوان عورت کي اڏين ۽ نبل چو بڻايو آهي، عورت ڪهڙي خطا ڪئي آهي، جنهن جي ڪري جڳن ڪان سزا ڀوڳي پئي.“(22)

هن سچي ناول ۾ چندو لعل، ٻولي نهايت ئي شاندار ڀاڪن ۽ چوٽين سان پريل، پُر معنيٰ ڪم آندي آهي. سندس هي ناول تمام ڪامياب ناول آهي. هن ناول ۾



سنڌي سماج جي عڪاسي بلڪل سچي ۽ صحيح پيش ڪئي وئي آهي.

**اُماس:**

انهن سماجي ناولن ڪان سواءِ چندو لعل جئسنگهاڻي جو ناول ’اُماس‘ به هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ڪلچر کي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪيل آهي. هن ناول جي هيرو جو پيءُ به سنڌي قوم لاءِ هميشه جدوجهد ڪندي، پنهنجي زندگي قربان ڪئي، ۽ پٽ کي به اها نصيحت ڪري ويو.سندس هن ناول مان سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ پيار ۽ محبت، ۽ سنڌي قوم جي بچاءَ جو جذبو نمايان ٿئي ٿو.

هن ناول ۾ ارجن ۽ سندس مڱيندڙيءَ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. سچو ناول سندن جدوجهد ۽ قربانين سان پريل آهي. ارجن پنهنجي ڏاڏي جي چوڻ مطابق، ڇاڪاڻ ته سندس پيءُ به اها نصيحت ڪري ويو هو ته منهنجي پٽ ارجن کي سنڌي قوم جي قربانيءَ لاءِ تيار ڪر. سندس پيءُ به سنڌي قوم لاءِ جدوجهد ڪندي، مارجي ويو هو،۽ پٽ لاءِ به اهائي خواهش هيس ته هو سنڌي قوم جي حقن لاءِ وڙهي ۽ پنهنجو سِر قربان ڪري. انهيءَ ڪري وقت بوقت هن جو ڏاڏو هن کي تيار ڪندو رهندو هو. اهڙيءَ طرح هن پنهنجو مقصد حاصل ڪيو. هن سان گڏ انهيءَ منزل تي پهچڻ ۾ سچي سنڌي قوم شامل ٿي وئي. هنن جي زندگيءَ جو مقصد به اهو هو ته:

”سنڌو نگر جنهن جو هنن الهاس نگر، نالو رکڻ چاهيو ٿي، ان جي هو خلاف هو. سنڌي گهٽي تعداد ۾ هئا، انهيءَ ڪري هنن کي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ الهاس نگر جي بجاءِ ’سنڌو نگر‘ نالو قائم رهيو. ٻيو مقصد اهو هو ته: سرڪار سنڌي قوم کي ٻين قومن جهڙو سمجهي ۽ برابريءَ جا حق ڏي“(23)

ٽيون مقصد اهو هوته، سنڌي ٻولي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لازمي قرار ڏني وڃي ته، جيئن سنڌي ٻولي هميشه هندستان ۾ زنده رهي. چوٿون مقصد اهو هو ته حڪومت، هنن جا اهي مطالبا منظور ڪيا ۽ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويا. هيءُ ناول خاص طور انهيءَ مقصد لاءِ لکيو ويو ته جيئن سنڌي قوم جي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ٿئي،۽ هو يڪجاءِ ٿي وڃن ۽ گڏجي مطالبا ڪن.

انهيءَ کان علاوه چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جا ٻيا به ڪيترائي جاسوسي ۽ سماجي ناول لکيل آهي. سندس ناولن جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي ته هو هڪ ڪامياب ۽ گهڻو لکندڙ ناول نگار آهي. هن پنهنجن ناولن ۾ سماجي برائين کي ڪڍڻ، سنڌي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ، ۽ ماڻهن ۾ دلچسپي ۽ مطالعو ڪرڻ لاءِ نهايت ئي ڪامياب ۽ شاندار ناول لکيا. سندس نالو، سنڌي ٻوليءَ جي وڏن ناول نگارن، اديبن ۽ جديد رجحان رکندڙ ليکڪن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

چندو لعل سنڌي ادب ۾ گهڻي کان گهڻا ناول لکي، سنڌي ادب جي گهڻي خدمت سرانجام ڏني آهي.

## ببليوگرافي


1. قيمت هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ناول جي اوسر، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 194
2. منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1980ع، ص 195
3. منگهارام ملڪاڻي: ساڌنا جو خون، بمبئي، ڀارت جيون، 1962ع، ص 141
4. چندو لعل جئسنگهاڻي: يوئر آنر، ڀارت جيون، 1966ع، ص 197
5. ايضاً، بندي (ناول)، 141 بمبئي، چندو لعل ناول مالها، 1976ع، ص 111
6. ايضاً، ص 115
7. ايضاً، ص 117
8. ايضاً، ص 122
9. ايضاً
10. ايضاً، ص 123
11. ايضاً، ص 123
12. ايضاً، ص 135
13. ايضاً، ص 201
14. ايضاً، اگني (ناول)، بمبئي،ڪونج پبليڪيشن، 1985ع، پيش لفظ
15. ايضاً، ص 50
16. ايضاً، پيش لفظ
17. چندو لعل جئسنگهاڻي: اگني (ناول)، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1985ع، ص 147
18. ايضاً، ص 137
19. ايضاً، ص 50
20. ايضاً، اُماس، ص 154
21. ايضاً
22. ايضاً
23. ايضاً




## ريٽا شهاڻي:

(**تعارف:** ريٽا شهاڻي، ڀارت جي شهر پوني ۾ رهندي آهي. هوءَ مشهور ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ناول نويس آهي. هن جا هيٺيان ناول ڪافي مشهور آهن.)

### 1. پنيرڪي جي پُڙ پُڙ

ريٽا شهاڻيءَ هي ناول 1985ع ۾ لکيو، جيڪو ڪونج پبليڪشن، بمبئيءَ وارن ڇپايو آهي. هي سندس هڪ بهترين ناول آهي. ريٽا، حالانڪ گهڻ ناول لکيا آهن، پر سندس ناول معياري آهن. ريٽا جي هن ناول بابت هري دلگير تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”ريٽا، ’پنيرڪي جي پڙ پڙ‘ ناول لکيو. ان ناول تي ڀارت سرڪار جو پهريون انعام مليس، ۽ ريٽا کي هڪ پڪي پختي ليکڪا ڪري تسليم ڪيو ويو.“(1)

هن ناول کي ريٽا، موضوع جي مناسبت سان پيٽ ڏيئي، مختلف بابن ۾ ورهايو آهي، جيڪي ترتيبوار هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| باب پهريون: | ڪي اوڏائي ڏور |
| باب ٻيو: | عاشق زهر پياڪ |
| باب ٽيون: | سوري آهه سينگار |
| باب چوٿون: | مون ڪي جنين ماريو |
| باب پنجون: | پڇن سي پسن |
| باب ڇهون: | اڄ پڻ اتر پار ڏي |
| باب ستون: | ٻاريون اجهائين پرين |
| باب اٺون: | ناز منجهان نکري |

هن ناول ۾ ٻن دوستن’آنند‘ ۽ ’اشوڪ‘ جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهن. آنند، ماءُ پيءُ جو هڪ ئي ٻار هو. هن جا مائٽ، موٽر جي ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويا هئا، ۽ هو پوءِ پنهنجي مامي وٽ رهيو. هن جي مامي، هن کي گهڻو پيار ڏنو ۽ مائٽن جهڙي سندس پرورش ڪئي. هن لاءِ ته ماءُ پيءُ، گارڊيئن (سنڀاليندڙ) وغيره سڀ ڪجهه هن جو ماموئي هو. هو جڏهن ٻارهن سالن جو ٿئي ٿو ته هن جي دوستي پاڙي جي هڪ ڇوڪري سان ٿئي ٿي. اهو ڇوڪرو سمنڊ ۾ ترندي ٻڏي وڃي ٿو. انهيءَ حادثي کان پوءِ هو بلڪل خاموش ۽ چپ رهڻ لڳي ٿو. انهيءَ ڪري سندس مامو ڪيس پوني جي، شيوا جي بورڊنگ اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏي ٿو، جتي رهڻ کان پوءِ هو بلڪل صحيح ۽ ٺيڪ ٺاڪ ٿي وڃي ٿو. ان کان ڪجهه عرصي کان پوءِ، سندس مامو به گذاري وڃي ٿو.

كجهه عرصي كان پوءِ سيما نالي هڪ ڇوڪريءَ سان هن جي دوستي ٿي وڃي ٿي. سيما هڪ مالدار پروفيسر جي ڌيءُ آهي ۽ آنند کي سندس گهر جي صرف 500 روپيا مسواڙ ملندي آهي، جنهن مان هو پنهنجو گذر بسر ڪندو هو. بهرحال، هو ٻئي هڪ ٻئي کي گهڻو چاهيندا هئا. هڪ ٻئي سان گهڻو پيار ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻنهي جي مرضيءَ مطابق هنن جو مڱڻو به ٿي وڃي ٿو، پر سيما جيڪا هڪ امير ماڻهوءَ جي ڌيءَ هئڻ ڪري تمام گهڻي عيش آرام سان رهندي هئي، اها پلا هن جي 500 روپين تي ڪيئن گذر ٿي ڪري سگهي، انهيءَ ڪري ڪجهه وقت ڪان پوءِ هن (سيما) اهو مڱڻو ٽوڙي ڇڏيو، ۽ هڪ تمام امير ڇوڪري، ديپڪ سان مڱڻو ڪري ٿي، ۽ پوءِ ان سان ئي سندس شادي ٿي وڃي ٿي. هو ٻئي تمام گهڻا خوش رهڻ لڳن ٿا. آنند، هنن ڪان پري ٿي وڃي ٿو، هوءَ آنند کي هڪ موقعي تي هن ريت چوي ٿي:

”آنند! تون ڇا پيو چوين تنهنجون مٿيون ته سالم آهن؟ 500 روپيا ته منهنجي مهيني جي پاڪيٽ مني آهي. مان سٺي نموني جيئڻ چاهيان ٿي، نه ڪي بکارين وانگيان. مون کي رهڻ لاءِ سٺي جاءِ کپي. اڳتي هلي مان چاهيندس ته منهنجي ٻارن جي سٺي پرورش ٿئي. هنن کي سٺا ڪپڙا ۽ سٺا اسڪول، ۽ سٺي رهائش حاصل هجي. مون کي ڪمائيندڙ پتي کپي ۽ نه سپنن ۾ رهندڙ ڪاليداس ۽ تلسيداس جي سنسار ۾ رهندڙ فيلسوف، عالم. علم، پنهنجي جاءِ تي، ڪمائي پنهنجي جاءِ تي.“(2)

انهيءَ ڪان پوءِ آنند ڪيڏانهن هليو وڃي ٿو، الاهي ڪيڏانهن گم ٿي ٿو وڃي. هن ناول ۾ آنند جي ڪردار تي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو اديب ڪيرت ٻاٻاڻي، پنهنجو رايو ڏيندي لکي ٿو ته:

”آنند جو ڪردار، پهرين حصي ۾ اپرندو ۽ پوئين حصي ۾ اچا مٿينءَ سطح تي اچي، ڪرم ڪيتر ۾ سمائجي وڃي ها ته، ناول کي اچا مٿي وٺي وڃي ها، پر توکي ضرور پنهنجا رچناتمڪ ڪارڻ هوندا.“(3)

انهيءَ ناول تي جيڪا ليکڪا ريٽا شهاڻي جواب ڏيندي لکي ٿي:

”ها مون کي پنهنجا ڪارڻ هئا، پر ڪجهه عرصي بعد مون آنند کي وري ڪرم ڪيتر ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو، ڇاڪاڻ ته منهنجي لاءِ دروازو اُپٽيل هو.“(4)

هن ناول جي ليکڪا پنهنجي ناول جي سورمي، آنند جي گم ٿيڻ ڪريِ فيصلو پڙهندڙن جي سوچ ۽ ذهن تي ڇڏيو آهي ته پلي هرڪو پنهنجيءَ سمجهه آهر اهو بيان ڪري يا سوچي ته آنند ڪٿي ويو هوندو. هوءَ پاڻ ڪي انهيءَ تي تبصرو ڪندي لکي ٿي؛

”مون پنهنجي ناول ’ پنپرڪي جي پڻ پڻ ‘، جي انت ۾ پنهنجي مکيه پاتر (مرڪزي ڪردار) کي پهاڙن ۾ گم ڪري ڇڏيو هو ۽ ان پستڪ جي انتر سٺ هئي. ان ڪان پوءِ آنند جي مون وٽ ڪابه خبر چار ڪانه آئي. مون آنند جي



قسمت جو فيصلو پاڻکن جي ڪلپنا شڪتيءَ تي ڇڏي ڏنو. مون سوچيو ته پل کي سمجهن ته هن سنياس گرهڻ ڪري ورتو، پل کي تصور ۾ هڪ ساڌوءَ جي حيثيت ۾ پروچن ڪندو ڏسن ۽ پل کي ائين سوچين ته هو ايشور ۾ لين ٿي ويو.“(5)

هن ناول جو مرڪزي ڪردار آنند، هڪ باهمت، بهادر، بردبار ڪردار آهي. هو دنيا جي خواهشن بجاءِ رومانوي خوشيءَ جي تمنا ۽ ان لاءِ جستجو ڪندو رهي ٿو. هو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪرڻ ۽ ڪوشش ڪندو رهي ٿو. انهيءَ جي باري ۾ هڪ جاءِ تي هو چوي ٿو ته:

”جيڪڏهن گوتم گهر ٻار نه تياڳي ها ته اسين هن سنسار جا، هن جيون جا رهسيه ڪتابن ۾ نه پائي سگهون ٿا. ڪنهن آدرشيه کي پائڻ جي آس، جيون جي مقصد ڳولڻ جي پياس، هر يُگ ۾ انيڪ پراڻين کي ٿيندي آهي، ڪن کي گهٽ ته ڪن کي وڌيڪ.“(6)

آنند جي باري ۾ ليکڪا ڪان جڏهن سوال ڪيو ٿو وڃي ته تون ڇا ٿي پائڻ چاهين، تڏهن چوي ٿي ته:

”شايد ڀڳوان، هو ڀڳوان يا ڀڳوان جي شڪتي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ ٿو چاهي. پڙهڻ ۽ سمجهڻ ٿو چاهي.“(7)

”مون اڪيچار مندر ڏٺا. ڪن مندرن ۾ ڌرم جي نالي تي پرشٽاچار ۽ پوڇا جو واپار ٿيندو ڏٺم. ٿوري وقت لاءِ ڀڳتيءَ جي اوٽ پٺيان ٿيندڙ ڪارن ڪارنامن منهنجي من ۾ اشانتي پيدا ڪئي. مون کي لڳي پيو ته ڄڻ منهنجي اندر جو دروازو کلي پيو آهي ۽ مان ڪنهن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. هر روز يوگ آسڻ ۽ ميڊيٽيشن ڪرڻ سان شريرڪ ۽ آتمڪ سنتوش ملي ٿو.“

سچائي ڳولي لهڻ جي سچي اِڇا، لڳن ۽ اتڪنٺا، سنسار جي ٻنڌڻ کي ٽوڙي انسانن کي انڌيري ڪان اجالي تائين ضرور وٺي ويندي.“(8)

**2. چنڊ ڪان سج تائين:**

هي ناول به ريٽا شهاڻيءَ جو لکيل آهي، جيڪو هن آڪٽوبر 1989ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ناول سنڌي ادب جي جديد لاڙن مطابق هڪ اَناول (anti-novel) جو قسم آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ هڪ نئين قسم جي صنف جو اضافو آهي. سنڌيءَ ۾ اَ-ڪويتا ۽ اَ- ڪهاڻيءَ جو جنم اڳ ۾ ئي ٿي چڪو آهي. جيئن هري دلگير لکي ٿو ته:

”سنڌيءَ ۾ اَ-ڪويتا ته ڪافي ٻڍي ٿي چڪي آهي ۽ اَ-ڪهاڻي ڦوهه جوانيءَ جي اوسٽا تي پهتي آهي. ريٽا جي هن ناول سان سنڌيءَ ۾ نه فقط نئين ساهتڪ صنف جو جنم ٿيو آهي، پر ڄمڻ سان ئي هيءَ ٻالڪا، نول نيگري نه ٿي چڪي آهي.“(9)

ريٽا جو هيءُ پهريون ۽ نئون تجربو ڪافي ڪامياب ثابت ٿيو آهي. هن ناول جي باري ۾ هوءَ پاڻ لکي ٿو ته:

”اها ڳالهه سچ آهي ته هيءُ پستڪ، ’پنپرڪي جي پڻ پڻ‘ جي ڪهاڻيءَ کي اڳيان وڌائڻ جي ارادي سان ئي لکڻ شروع ڪيو هوم، پرپوري ٿيڻ کان پوءِ محسوس ڪيم ته اهو هرپرو پهرين پستڪ جو محتاج ڪونه هو. هن کان سواءِ به پنهنجي پيرن تي پاڻ، ٻيهي سگهڻ جي قوت رکڻ وارو، پاڻ ۾ سمپورڻ هڪ هستي هئڻ جي اختيار رکڻ وارو آهي.“(10)

هونئن ته هيءُ ناول پنهنجي ليکي هڪ مڪمل ناول آهي پر ٻيءَ طرح هيءُ ناول، ريٽا جي اڳئين ناول، ’پنپرڪي جي پڻ پڻ‘ جو ٻيو ڀاڱو آهي. هي ٻئي ڀاڱا پنهنجي سر به ناول آهن، ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندي به، اڻ ڳنڍيل آهن، جيڪا ليکڪا جي وڏي ڪاميابي آهي. سندس هن ناول جي باري ۾ هري دلگير لکي ٿو ته:

”ريٽا جي آتمڪ هڪ ڪلاڪار جي آتما آهي. ڪلا ريٽا جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. اها ڪلاسندس رچنائن ۽ مڙني ڪتابن جي علاميه گيٽ اپ مان به صاف ظاهر آهي.“(11)

ريٽا جي پهرئين ناول جي آڪاڻي ٻڌائيندڙ (narrator) آهي. اشوڪ آنند جو دوست، جنهنجي منهن سان. سموري ڪهاڻي ٻڌي، سيما جو پاسو، آنند جو، توڙي سندس پاسو، اهو محسوس ڪيو ويو ته هڪ عورت هئڻ جي ناتي سان ڪنهن عورت جا جذبا، سندس سڀاءَ جو نفسياتي پهلو، رويا ۽ ردعمل توڙي زندگيءَ جي مختلف ڪيترن ۾ سندس وهنوار کي مرد کان بهتر نموني ۾ سمجهي ۽ اظهاري سگهي آهي. ليکڪا هن ناول جي ڪردار سيما جي باري ۾ لکي ٿي ته:

”لهٰذا سيما هن پستڪ جي نئريٽر بڻي، ان ڏس ۾ ڪيترو ڪامياب وئي آهي، ان جو فيصلو پاٺڪ پاڻ ڪندا.“(12)

عام طور تي ناول ۾ ڪونه ڪو پلاٽ ٿيندو آهي، ڪا رٿا يا ڪهاڻي ٿيندي آهي، پر ريٽا انهن ٻنڌڻن کي ٺڪرائي، نئين ۽ جديد طرز تي، بنا ڪنهن ڪهاڻيءَ جي، هڪ سٺو ۽ ڪامياب ناول لکيو آهي. جنهن کي رٿا کان سواءِ يا Plotless ناول چئجي ٿو. هن ناول ۾ ائين ناهي ته ڪهاڻي بنهه غير موجود آهي. ڪهاڻي آهي پر نه جهڙي. هڪ سڪئي ستابي گهر ۾، پنهنجي سٺي گهوٽ ۽ پيارن ٻارن سان رهندڙ عورت جي 14 سالن کان پوءِ هڪ شادي شده مرد سان ملاقات ٿي وڃڻ ۽ جنهن سان هن جو مڱڻو ٿيل هو، پر آدرش ۽ اصولن ۾ اختلاف جي ڪري مڱڻو ٽٽي پوڻ، هڪ پراڻي پياري دوست سان ملاقات ٿيڻ، ۽ ٻيون ملاقاتون انهيءَ عورت (سورمي) جي دل تي جيڪو اثر ڇڏين ٿيون، اهي هن ناول جي ڪهاڻيءَ مثل آهي، جنهن کي ريٽا پنهنجي هن ناول ۾ پيش ڪيو آهي.



هن ناول جي شروعات آچاريه آنند ۽ گرهستي زال يعني سيما سان چوڏهن سالن کان پوءِ ٿئي ٿي. هو ٻئي هڪ ٻئي جا پراڻا پريمي آهن. سيما جي دل ۾ جيڪي ڀاوَ پيدا ٿين ٿا، انهن جو عين بين نقش هن ناول يا اَـناول ۾ آهي. ليکڪا لکي ٿي ته:

”اهي ويچار ڪام واسنا يا پلئٽونڪ (Platonic) پيار جا نه آهن. اهي اهڙا سوڪيم آهن، جو انهن کي ڪوبه نالو ڪونٿو ڏيئي سگهي. ساڳئي وقت بلڪل چٽيءَ طرح محسوس به ڪري سگهجن ٿا، جڻ ته اهي ڀاوَ، رنگين پوپٽ وانگر اسان جي اردگرد اڏامي رهيا آهن.“(13)

ريٽا جي هن ناول جي مکيه ڪاميابي اِها آهي ته، هوءَ ڪردارن کي انهن انام ڀاوَ جو پورو پورو احساس ڏياري سگهي ٿي. ساڳئي وقت جنهن ماحول ۾ ناول لکيو ويو آهي، پڙهندڙ ان ماحول کي به اکين آڏو محسوس ڪن ٿا. ان ماحول ۾ ٿپ ٿپ تي انگريزي نظمن جو استعمال آهي، ڪلب آهن، هوائي جهاز جا سفر آهن، موسيقي ۽ محفلون آهن، وڏا ماڻهو آهن ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ڏيکارڻ يا ڪجهه بڻجڻ جي منجهن چاهنا آهن. ليکڪا خود شايد انهيءَ وايومنڊل ۾ گذاري رهي آهي، ۽ انهيءَ ڪري ان ماحول جا عڪس بلڪل سچا پچا پاسجن ٿا:

”ريٽا کي قدرت وٽان اهڙو قلم عطا ٿيل آهي، جنهن سان هوءَ پنهنجي آسپاس واري وايو منڊل جي چترڪاري ڪري، پڙهندڙن جي اڳيان سُندر پر حقيقي تصويرون پيش ڪري ٿي. جڏهن ڪلب جي تصوير ٿي چٽي ته، ان ۾ ماڻهو گهمندا، ڦرندا ۽ ڳالهائيندا ٻولهائيندا نظر اچن ٿا. ناچ ۽ رنگ جا تفصيل اهڙيءَ ڪاريگريءَ سان ٿي ڪري جو ناچڻي نچندي نظر اچي ٿي. ساڳئي وقت وڄندڙ ستار جو سنگيت به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.“(14)

ريٽا ڳائڻ به ڄاڻي ٿي. هن کي راڳ جي به سٺي ڄاڻ آهي. انهن سڀني ڳالهين جي ثابتي سندس هيءُ ناول آهي، جنهن ۾ هن ڪيترن ئي هنڌن تي انهن ڳالهين کي پيش ڪيو آهي.

حالانڪ ريٽا کي سنڌي ادب ۾ لکندي ڏهه سال کن مس ٿيا آهن، پر انهن ۾ هن ست اٺ ڪتاب، نظم، ڪهاڻيون ۽ ناول لکي شايع ڪرايا آهن، سندس سڀئي لکيتون ڏاڍي اهميت واريون آهن. انهن مان هر هڪ ۾ ڪانه ڪا نئين ڳالهه، ڪانه ڪا نئين سوچ ۽ ويچار موجود آهي. ريٽا شهاڻي ڪنهن ٺهيل ٺڪيل ۽ لتاڙيل پيچرن تان هلڻ لاءِ تيار ڪانهي. پنهنجي هر هڪ ڪتاب ۾ هوءَ پنهنجي لاءِ نئين سوچ ۽ نئين راهه جوڙي ٿي. سندس هر هڪ لکت ۾ سندس وڏي اديب هجڻ واريون خصوصيتون موجود آهن. ريٽا جي هنن لکتين ۾ سندس ٻولي به خوبصورت استعمال ڪيل آهي، ۽ موجوده دؤر جي عام استعمال ٿيندڙ ٻولي لکيل آهي. حاصل مطلب ته ريٽا جي هنن سنڌي ناولن کي معياري هئڻ جي حيثيت ۾ وڏي اهميت حاصل آهي.

## ببليوگرافي


1. هري دلگير، چنبڙ کان سج تائين، ناول جو مقدمو، ليکڪه ريٽا شهاڻي
2. ريٽا شهاڻي، پنپرڪي جي پڙ پڙ ناول مقدمو بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1985ع
3. ڪيرت ٻاٻاڻي، ايضاً
4. حوالو نمبر 2
5. ايضاً
6. ايضاً
7. ايضاً
8. ايضاً
9. هري دلگير، چنبڙ کان سج تائين، 1989ع
10. ريٽا شهاڻي: چنبڙ کان سج تائين
11. حوالو نمبر 9
12. حوالو 10
13. حوالو نمبر 10
14. ايضاً




**سُندري اُتم چنداڻي:**

سُندري اُتم چنداڻيءَ، سنڌ توڙي ڀارت جي عظيم ليکڪائن ۾ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ هيءَ پهرين عورت آهي، جنهن ايترو ڪجهه لکيو آهي ۽ خاص ڪري ان وقت کان باقاعدگيءَ سان لکڻ شروع ڪيائين، جڏهن عورتن جو ان ميدان ۾ اچڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو.

سندريءَ جو پورو نالو ’سُندري آسنداس اُتم چنداڻي‘ آهي. هوءَ 28-سيپٽمبر 1924ع تي، ناهين جي پڙ، حيدرآباد سنڌ ۾، ڄائي هئي. 1942ع ۾ تولارام گرلس اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. ذهين هئڻ ڪري، بنارس هندو يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ رهي، انٽر سائنس پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا نه ملڻ ڪري، ساڌو واسواڻيءَ جي ڪوليل ميران ڪاليج جي آرٽس فئڪلٽيءَ ۾ داخلا ورتائين. ان ريت بنارس يونيورسٽيءَ مان بي-اي جو امتحان، 1949ع ۾ پاس ڪيائين.

تعليم حاصل ڪرڻ واري عرصي دوران ئي سُندريءَ جي حيدرآباد سنڌ جي مشهور ليکڪ، ڪامريڊ آسنداس ڇيٺانند اُتم چنداڻي سان شادي ٿي وئي. ڪيس ٻه ڏيئر آهن. ورهاڱي کان پوءِ هوءَ پنهنجي مڙس، اُتم چنداڻيءَ سان، گڏ وڃي بمبئيءَ ۾ رهي، جتي ايم-اي تائين تعليم حاصل ڪيائين، ۽ اتي ئي ڪي-جي کلناڻي اسڪول جي ڪاليج سيڪشن ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرر پڻ رهي آهي.

سندريءَ کي ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ ۽ ساهيڙيون ٺاهڻ ۾ گهڻي دلچسپي هوندي هئي. هوءَ ننڍي هوندي کان ئي پَرين ۽ ديوَتائن جا قصا ۽ مذهبي ڪتاب پڙهندي هئي. ڪيس اهو چاهه، خانداني طور مليو هو. سندس پيءُ ۽ ڏاڏو ٻه ڪتابن پڙهڻ جا شوقين هئا. انهيءَ ڪري سندن گهر ۾ ڪيترائي ڪتاب موجود هئا، جن کي هوءَ نهايت ئي شوق سان پڙهندي هئي. هوءَ ٽئگور، شرت، شيڪسپيئر ۽ برنارڊشا کان متاثر ٿيل آهن.

سُندريءَ جي شادي ٿيڻ کان پوءِ، اُتم سان گڏ هن کي ادبي ماحول نصيب ٿيو ۽ سندس ادبي شعور ۾ نئون موڙ آيو. ورهاڱي کان اڳ هوءَ عورتن جي مخزن ’ساٿي‘، 1949ع جي ايڊيٽر پڻ رهي آهي ۽ پوءِ ’سنڌو سماچار‘ ۽ ’سنڌو سنسار‘ روزانين اخبارن جي عورتن جي پاڱي جي ايڊيٽر پڻ رهي هئي.

سُندريءَ کي راڳ پڻ تمام گهڻو وڻندو آهي، جنهن جي لاءِ هن سنڌ ۾ برهمانند کان راڳ ڳائڻ جي باقائده ٽريننگ پڻ ورتي هئي. انهيءَ کان علاوه هن کي ناٽڪ سان ٻه لڳاءُ آهي. اداڪاره جي حيثيت سان هن ’اَملهه ماڻڪن جو

واپار‘ ۽ ٻين ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ ڪم ڪيو آهي، ۽ سنڌي فلم ’سنڌوءَ ڪناري‘ ۾ پڻ هن پنهنجي اداڪاري ڪئي آهي. انهيءَ کان علاوه آل انڊيا ريڊيو تان به هن ڪيترن ئي ريڊيو ناٽڪن ۾ حصو ورتو آهي.

هوءَ ’سنڌي ساهت منڊل‘ بمبئيءَ جي باني‌ڪار ۽ ’سنڌو ناري سڀا‘ ۽ ’سنڌو ٻال مندر سوسائٽين‘ جو پايو وجهندڙ آهي.

سُندري، ادب جي ميدان ۾ مسلسل پنجاهه سالن کان لاڳيتو لکندي پئي اچي. هن وقت تائين سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. مثلاً: ’اڇا وار ڳاڙها ڳل‘ (1965ع ۾)، ’تو جنين جي تات‘ (1970ع ۾)، ’پوري‘ (1989ع ۾)، ’ٻنڌڻ‘ (1982ع ۾) ۽ ’مرڪ تي منع‘ (1985ع ۾) ۾، ’يگانتر‘ (1989ع ۾)، ’ڪيڙيل ڌرتي‘ (1992ع ۾) شايع ٿي چڪا آهن. انهيءَ کان علاوه سندريءَ جا ٻه ناول ٻيا به شايع ٿيل آهن. پهريون ’ڪرنڊڙ ديوارون‘ (1953ع ۾) ۽ ٻيو ’پريت پراڻي ريت نرالي‘، 1956ع ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندريءَ جي مضمونن جو هڪ مجموعو، ’ڀارت ۽ روس ٻه ڀانهن ڀيلي‘ 1974ع ۾ شايع ٿيل آهي. سندريءَ شاعري به ڪئي آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو ’هڳاءُ‘ 1993ع ۾ ڇپيل آهي.

انهيءَ کان علاوه سندري ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن، جن ۾ مئڪسم گورڪيءَ جي ناول جو ’ٽٽل ساز‘ جي نالي سان 1956ع ۾ ترجمو ڪيائين ۽ ڪرشن چندر جي ناول جو ترجمو ’پياسي ڌرتي‘، ’پياسي دلڙيون‘ جي نالي سان ڪيائين. امرتا پريتم جي ناول، ’هڪ سسئي سؤ سوُر‘ جو 1978ع ۾ ترجمو ڪيائين. انهيءَ سان گڏ ملايالم ٻوليءَ جي ليکڪ تڪشي شنڪر جي ناول جو ترجمو، ’ساگر جي سنتان‘ نالي سان ڪيائين، جنهن تي کيس 1979ع ۾ سوويت نهرو انعام پڻ مليو. ان سان گڏ هڪ سؤ روسي ڪويتائن جو ترجمو، ’امن سڌي پيو‘، 1966ع ۾ ڪيو. ’شولو خوف جي جهلڪ‘ 1975ع ۾، بريزنوف جي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب، ’شولو خوف جي جهلڪ‘ 1975ع ۾، بريزنوف جي يادگيرين تي ٻڌل، ’ملايا زيميليا‘ 1978ع ۾، ۽ روس جو سفرنامو ’نئين سپيتا جو درشن‘، 1980ع ۾ ترجمو ڪيائين. سندس اهي سڀ ڪتاب ڇپيل آهن. هن وقت تائين سندس ويهه ڪتاب شايع ٿيل آهن. سنڌي ساهت منڊل 1949ع ۾ برپا ٿيو، جنهن ۾ ليکڪن کي ڪهاڻيون لکڻ ۽ شاعري وغيره جي سکيا جا ڪلاس ٿيندا هئا. سندريءَ ڪهاڻين جي فن بابت تربيت اتان حاصل ڪئي، ۽ پوءِ هن ڪيترين ئي ٻولين جي بهترين ڪهاڻين جا ترجما ڪرڻ شروع ڪيا ۽ انهيءَ کان پوءِ هن باقاعدي طبعزاد ڪهاڻيون به لکيون، جيڪي نئين دنيا، مارئي، سنگيتا، هلچل، آلڪا ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيون. سندس پهريون ليک ’منهنجي ڏيءُ‘ 1946ع ۾، ساٿي مخزن ۾، شايع



ٿيو هو.

انهيءَ کان علاوه هن ٻين به ڪيترين ئي ٻولين جي ڪهاڻين جا ترجما ڪيا آهن ۽ پنهنجين ڪهاڻين جا ترجما اردوءَ، انگريزيءَ، گجراتيءَ، مرهٽيءَ ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڪيا اٿس. انهيءَ کان علاوه هن 50 کن مضمون ۽ ڏزن کن ننڍا ناٽڪ پڻ لکيا آهن. هن جدا جدا موضوعن تي 100 سؤ کن نظم لکيا آهن، جيڪي اخبارن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس مجموعو ’امن سڌي پيو‘، روسي شعرن جو ترجمو آهي. هن مجموعي ۾ شامل ڪيل شعرن ۾، انساني جذبن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. سندس هن مجموعي تي به کيس سوويت لئنڊ نهرو انعام (ڏهه هزار روپيا) به مليو آهي. سُندريءَ جو مجموعو ’هڳاءُ‘، 1993ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن بابت پرڀو وفا لکي ٿو ته:

”سُندريءَ جو هر هڪ نظم، ٻئي کان بهتر آهي. هر هڪ نظم نازڪ ۽ نفيس اُمنگن سان اوت پروت آهي. هنن ۾ نوان نوان خيال، نئيون تشبيهون اسان کي پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون، سندريءَ جي حساس دل جون ڇلڪون ڏيندڙ چوليون، هر نظم ۾ موجون ماري رهيون آهن. هڪ ٻي خاص خوبي جا هنن نظمن ۾ هن ڏني آهي، سا آهي سنڌي ٻوليءَ جا ٺيٺ لفظ، ويسر جي اونداهين ۾ گم ٿي ويل آهن. سندري انهن کي ٻاهر ڪڍي اُجاگر ڪيو آهي.“(1)

سُندريءَ جو مجموعو ’هڳاءُ‘ نثراڻي نظم ۾ لکيل آهي. سندس هڪ نظم ’ڪام ديوَ جا گل‘ تمام مشهور آهي. هوءَ لکي ٿي ته:

”گل اهڙا هئا  
جو سڳنڌ سان  
سڄو وايو منڊل ئي واسجي ويو  
سهاڳڻ سڳنڌ وارو ساهه اندر کنيو،  
ته ٻاهر بهار ٿي وئي  
اڃي سڄڻ اڳيان رکيائين  
سڄڻ گلن کي سنگهي چيو،  
نالو ڇا آهي هنن گلن جو  
شايد ڪامِ ديوَ جا گل چوندا آهن هنن کي.“

سُندريءَ جي هن مجموعي تي، ڪلا پرڪاش پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿي:

”منظر ڪشي، سندريءَ جي لکڻيءَ جي خصوصيت آهي. آڪاش، چنڊ، تارا، ڪتيون، مينهن، واءُ، واچوڙو، طوفان، اوندهه، سوجهرو، ڌرتي، وڻ ٽڻ، گاهه گل، پن ٻوٽا، سڳنڌ، جبل،ٽڪر، نديون، سمنڊ، آبشار، سنگيت، ساز، بين، بانسري ۽ نرتيه. اهي سڀ سندريءَ کي ايترا ويجها آهن، جيترا انساني ڪردار.... سندري قدرت جا ڪردار، سنگيت جا ساز، نرتيه ۽ انساني امنگن

جي ترجماني ڪرڻ لاءِ سهجتا سان، تز نموني لکڻيءَ ۾ اوتڻ جي قوت رکي ٿو.“(2)

سُندريءَ پنهنجي هن مجموعي ۾ ڪيترائي خيال نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيا آهن. سندريءَ لاءِ اهو به چيو ويو آهي ته اگر صرف هن جو هي مجموعو ئي هجي ها، تڏهن به هوءَ چوٽيءَ جي ليکڪه مڃي وڃي ها. واسديوَ موهي لکي ٿو ته:

”سندري اُتم چنداڻيءَ جون هي ڪوتائون خالص جذبي جون ڪوتائون آهن. اهڙي ماحول ۾، جنهن ۾ اڪثر ڪوتائون پاڻکن کي جنگ جوئين ٿيون ۽ سندريءَ جون ڪوتائون پاڻکن جي نفيس پاونائن کي اُڀارين ٿيون، ۽ ’لاٽ اها جا طوفانن ۾ پڙکي آهي‘، جو احساس ڏيارين ٿيون.“(2)

سندري انوکي شخصيت جي مالڪه ۽ رلڻي ملڻي، فصيح زبان، ڪلمک ۽ همدرد آهي. هن پنهنجي قلم جي جادوءَ سان هند توڙي سنڌ ۾ پاڻ موڪيو آهي.

سندري ساهت ۾، اسرندڙ ليکڪائن لاءِ روشن مينار بڻجي، ڪين راهه ڏيکاريندي رهي آهي. سندري ڀارت لڏي وڃڻ کان پوءِ، اُتي جي سماجي ۽ معاشرتي حالتن ۽ ڀارت جي غريبن جي مفلسي ۽ بيوسيءَ کي ڏسي، انهن کان متاثر ٿي، لکڻ شروع ڪيو. هوءَ پاڻ لکي ٿي ته:

”جنهن وقت آرٿڪ ۽ سماجڪ مسئلا سامهون آيا، ان وقت انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جا ڪي اُدما، من ۾ اُٿيا ۽ مان آکاڻيون لکڻ لڳيس.“

اهڙيءَ طرح سندري ترقي پسند دؤر جي مقبول ڪهاڻيڪار بڻجي وئي، ۽ هن ڀارت جي ورهاڱي کان وٺي، لڳاتار ڪهاڻيون لکندي، پنهنجي فن کي بلنديءَ تائين پهچايو آهي.

سنڌي ادب ۾ مارڪس جي ساميوادي خيالن جي اثرن هيٺ ترقي پسند دؤر شروع ٿيو. ان وقت هندستان کي آزاد ڪرائڻ جي هلچل هلي رهي هئي ته، ٻئي طرف مهاڀاري لڙائيءَ جي ڪري، سماجي ڍانچو ڪشمڪش وارو هو. ترقي پسند دؤر جا مکيه ڪهاڻيڪار: گوبند مالهي، آنند گولاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اُتم، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، تارا ميرچنداڻي ۽ ڪرشن راهي وغيره هئا. سندري به ان اثر هيٺ قلم کنيو. هن پنهنجين لکڻين ذريعي سماجي اوڻاين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان ۾ هوءَ گهڻي قدر ڪامياب وئي.

ادب ۾ سندري، ’ڪلا، ڪلا جي لاءِ نه، پر ڪلا زندگيءَ لاءَ هئڻ گهرجي‘، وارو نظريو ڪٽي، سندريءَ پنهنجين ڪهاڻين ۾ رنگ پريو آهي. ان دؤر ۾ عام ماڻهن اڳيان سياسي، سماجي ۽ آرٿڪ مسئلا تمام گهڻا هئا. هن انهن مسئلن کي پنهنجن ڪهاڻين دوران دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.



هن مارڪس جي سياسي ۽ آرٿڪ اصولن جي پرچار واري ليک کان هٽي، پنهنجين ڪهاڻين ۾، ڪومل خواهشن کي چٽي ڪردار نگاريءَ ڏانهن ڌيان ڏنو آهي.

سنڌ ۾، سندريءَ جي پهرين ڪهاڻي ’ساٿي‘ مخزن ۾ ڇپي، جيڪا روسي ڪهاڻيءَ جو ترجمو هئي، پوءِ 1952ع ۾ هندستان جي ڪهاڻي ’ممتا‘ شايع ٿي، جنهن تي ڪيس ڪيترائي انعام پڻ مليا. انهيءَ کان پوءِ هن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون جيڪي گهڻيون مقبول به آهن. مثلاً: ’اڇا وار ڳاڙها ڳل‘، ’پوري‘، ’ٻنڌڻ‘، ’ڪير ڀريا هٽڙا‘، ’ستيءَ جو چبوترو‘ ۽’وڇوڙو‘ وغيره. انهن ڪهاڻين تي ڪيس وقت بوقت انعام به ملندا رهيا آهن. ڪهاڻي ’چٽاڀيٽي‘ 1952ع ۾، ’ممتا‘ ڪهاڻي 1954ع ۾، ’ڪوشان‘ 1960ع ۾، ’وڇوڙو‘ ۽ ’پوري ڪهاڻي‘ جي مجموعي تي ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي پاران، 1981ع ۾ ڪيس انعام مليا آهن. 1985ع ۾ ’وڇوڙو‘ مجموعي تي به مرڪزي ساهت اڪيڊمي طرفان، ڪيس 10 هزار روپيا انعام ڏنو ويو. سندس مجموعي ’وڇوڙي‘ ۾ ڪل نوَ ڪهاڻيون آهن، جيڪي پڻ مختلف موضوعن تي لکيل آهن، جن ۾ سنڌي سماج ۽ سنڌي سماجي زندگيءَ جي تصوير نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ جا خيال ۽ اڌما، ڏيتي ليتيءَ، پنهنجي وطن لاءِ سِڪ، عورتن جا اڻنگا خرچ، سنڌيت جو جذبو، زال ۽ مڙس جو نازڪ رشتو، گڏيل ڪٽنبن جا مسئلا، غريب گهر ۾ ڇوڪري پرڻائڻ جا مسئلا وغيره، نهايت ئي سهڻي طريقي سان، پڪيءَ ۽ پختيءَ عبارت ۾ پيش ڪيل آهن.

سندريءَ جي ڇپيل ٻئي مجموعي ’يگانتر‘ ۾، ڪهاڻين جو تعداد ٻارهن آهي، جيڪي عورت جي جذبات، انڌو يقين، ٽٽندڙ ڪٽنب، وڏوا، شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ تفاوت ۽ مغربي اثر جي ڪري بدلجندڙ خيالات وغيره، مختلف ڪردارن جي ذريعي، خوبصورت ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهن. سندس ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾، هڪ عورت کي نهايت ئي سليقي مند، صبر واري، اخلاق واري، برداشت ڪندڙ ۽ ڏک سک جي ساٿيءَ طور پيش ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح سندريءَ پنهنجين ڪهاڻين ۾ گوناگون مسئلا پيش ڪيا آهن. انهن ۾ مرد ذات جي بيوفائي، سنڌ جي ياد، لڏپلاڻ کان پوءِ سنڌين جي تڪليف واري حالتن جو ذڪر، ڪئمپن جي زندگيءَ جو ذڪر ۽ ڏيتي ليتيءَ جا برا نتيجا جهڙا موضوع به هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪيا آهن. سندريءَ جون ڪهاڻيون موضوع توڙي ٽيڪنڪ جي لحاظ کان اهم مقام حاصل ڪري چڪيون آهن. وشنو ڀاٽيه سندريءَ جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

”سندريءَ جون ڪهاڻيون، سنڌين جي گهر، سماج ۽ سنگهرش جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي پاڻکن جي دلين تي گهري ۽ اٽمٽ ڇاپ ڇڏين ٿيون.“(3)

سندريءَ جي هنن ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاري نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. سندس ڪردار گهرو زندگيءَ مان ئي ڪنيل آهن ۽ اهي ماحول به اهوئي ٺا ڪٽي اچن. پرپوُ وفا سندس ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاريءَ جي باري ۾ هي راءِ ڏي ٿو:

”سندريءَ جون ڪهاڻيون زندگيءَ جي ٺوس حقيقت تي ٻڌل آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سندس آسپاس واري ماحول ۾ رهندڙ، گهمندڙ ڦرندڙ ۽ جيئرا جاڳندا انسان آهن. هن اعليٰ فنڪاره جو هر ڪردار رت پونءِ مان ٺهيل آهي. انساني دلين ڪي پرکڻ، سُندريءَ ڪي، خاص ڏات مليل آهي. سندس هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ انسان جي سچن احساسن جي فنائتي ڍنگ سان عڪاسي نظر اچي ٿي.“(4)

سندريءَ جي ڪهاڻين ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪيل آهي اها به گهريلو ماحول ۽ گهريلو اصطلاحن واري، پهاڪن ۽ چوڻين سان پُريل پيش ڪيل آهي. خاص طور تي سنڌ لاءِ سڪ ۽ سنڌين جي رهڻي ڪهڻيءَ، اٿڻي، ويهڻيءَ ۽ سنڌي تهذيب ۽ ثقافت ڪي شاعراڻي انداز ۾ پيش ڪيل آهن.

**ناول نويسي:**

سندريءَ ڪيترائي ناول به لکيا. انهن مان ڪن تي خيال پيش ڪجن ٿا.

**ڪرندڙ ديوارون:**

سندريءَ جو لکيل هي ناول، ڪرندڙ ديوارون، 1953ع ۾ ڇپيو هو. سندس هيءُ ناول ٽي دفعا ڇپجي چڪو آهي، ۽ هن ناول تي ڪيس سنڌ مان 1962ع ۾ پهريون انعام به ملي چڪو آهي. سندريءَ هن ناول جو هندي، اردو ۽ بنگاليءَ ٻولين ۾ ترجمو به ڪيو آهي.

سندريءَ جي لکڻين ۾ هڪڙوئي ريئلزم (Realism) يعني حقيقت شناسي وارو اسٽائيل آهي، اهو آهي، جنهن جي لاءِ هوءَ خود به محسوس ڪري ٿي ته، ڪوبه حساس دل فنڪار، هن نئين زماني جي حقيقتن ڪي ڪيئن نه محسوس ڪري سگهندو آهي. اهي تبديليون (Changes) هر فنڪار جي رت ۾ شامل هونديون آهن، جيڪي سندس لکڻين ۾ به اچي وڃن ٿيون. مثلاً جيئن هوءَ خود انهيءَ جي باري ۾ چوي ٿي ته:

”مون ٽيڪنڪ، ڄاڻي ٻجهي، ناهي اپنائي. مون نواڻ ڪي پنهنجو پاڻ اچڻ جي حد تائين لکيو آهي ۽ اها آئي به آهي، ڇاڪاڻ ته ڪجهه نه ڪجهه پڙهبو ۽ سوچبو رهجي ٿو. هڪ لڳاتار بدلجندڙ وايومنڊل به رهجي ٿو ۽ ان ۾ پيدا ٿيندڙ واقعن جي نوعيت به بدلجندڙ ۽ نئين هجي ٿي ته اهي سڀ ڳالهيون ملي ڪري هڪ ٻئي (alternate) يا تبديليءَ طرف وٺي وڃن ٿيون.



منهنجي ڪهاڻين ۾ جائز ۽ سپاويڪ حد تائين اهي تبديليون آيل آهن.“(5)

سندريءَ جي ناولن ۾ خاص طور تي هن، جاگيرداري نظام جي ڪري سنڌي عورت سان ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم ڪي پنهنجو موضوع بنايو آهي ۽ انهن جي خلاف تمام گهڻي جدوجهد ڪئي، جيئن اُن جي باري ۾ هوءَ خود وڌيڪ وضاحت پيش ڪري ٿي ته:

”سنڌي عورتن ڪي جنهن نموني ڏاڍ ۽ جهالت جو شڪار بنايو ويو هو، مان ان سان جنگيون جوٽڻ چاهيان ٿي. سنڌي عورت مان ڏاڳن، ٽوڻن، وهمن ۽ وسوسن جا اڻنگا خيال ڪڍڻ چاهيان ٿي.“(6)

سندريءَ ناولن جا موضوع به گهريلو آهن، جن ۾ گهريلو ماحول ۽ پيار ۽ محبت شامل آهي. سندري، پيار ۽ محبت ڪي، جيڪو هڪ پراڻو جذبو آهي، پر وقت بوقت روپ مٽائيندو رهي ٿو. انهيءَ موضوع ڪي ڏاڍي سلجهيل ۽ سهڻي طريقي سان پنهنجن ناولن ۾ پيش ڪيو آهي.

سندس لکيل ناول ’ڪرندڙ ديوارون‘، جيڪو هڪ مکيه ۽ ڪامياب ناول آهي، اهو به سندس گهريلو ناول آهي. هن ۾ شادي ۽ گهريلو ماحول ۾ زال ۽ مڙس جي هڪٻئي لاءِ عزت ۽ همدردي ڏيکاريل آهي. هن ناول ۾ لڏپلاڻ ڪان پوءِ سنڌ مان هندستان لڏي ويلن جي حالتن ۽ انهيءَ وقت جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪيل آهي. ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌين جو هندستان لڏي وڃڻ ڪان پوءِ، سڀ ڪان وڏو ۽ اهم مسئلو روزگار جو مسئلو هو. ان وقت ڪيترين ئي ڇوڪرين ڪي پڻ پنهنجن مائٽن ڪي سپورٽ (support) ڪرڻو ٿي پيو. گهرن ۾ گڏيل ڪمائي گهٽ هوندي هئي. ڪيترا ته اڃا ٻار هئا جن ڪي پڙهائڻو هو. انهيءَ ڪري ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين، اهڙيءَ صورتحال جو شڪار ٿي ويون. سنڌ ۾ هميشه پوريءَ عمر ۾ ڇوڪريون پرڻايون وينديون هيون، پر هتي گهڻيون جوان ڇوڪريون، ڪنواريون ٿي رهجي ويون. انهن مان ڪن ته نوڪريون به ٿي ڪيون، پر سماجي طور تي اها هڪڙي ڏاڍي ڏکي صورتحال هئي. ٻيو اهم مسئلو اهو به هو ته ڏيتي ليتي تمام گهڻي وڌي وئي هئي، جيڪو سنڌي عورتن لاءِ وڏي ۾ وڏو مسئلو هو. سنڌي سماج ۾ تمام گهڻو ويڇو اچي ويو هو. ڪي ماڻهو ته تمام گهڻا شاهوڪار ٿي ويا ته ڪي گهڻا غريب ٿي ويا. ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين جو هتي رهندڙ سنڌين جي اسٽئنڊرڊ (Standard) ڪي ڏاڍو متاثر ڪيو هو، ڇاڪاڻ ته هو ٻاهران گهڻو ناڻو آڻي، هتي مسئلا پيدا ڪندا هئا ۽ هتي رهندڙ سنڌي، انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي نٿي سگهيا، ۽ نتيجي طور اهي ڇوڪريون ويچاريون ڪنواريون رهجي ٿي ويون. انهيءَ مسئلي تي اسان جي گهڻن ئي اديبن لکيو آهي، جن ۾ سندري به شامل آهي. سندري اهڙي سڀني حالتن ڪان ئي متاثر ٿي هي ناول

لکيو، ۽ هن ناول ۾ هن انهن سڀني مسئلن کي نهايت ئي مؤثر طريقي سان بيان ڪيو آهي. سندري خود هن ناول جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿي ته:

’’’ڪرندڙ ديوارون‘ ته مون انهيءَ وقت لکيو هو، جڏهن سچ پچ ته اسان جي سماج جون ديوارون ڪِري رهيون هيون. اسين مڊل ڪلاس جا ماڻهو، جڏهن هتي آياسين، تڏهن ڏاڍا ڊنل ڊنل هئاسين. اسان جي چوگرد اقتصادي ديوار هئي سا ته بلڪل ڪِري اچي پٽ پئي هئي. ڪهڙيون نه ڏکوئيندڙ حالتون هيون اُهي... جڏهن اسڪول ويندڙ ٻار اسان کي سندن جتيون لاهي ڏيکاريندا هئا، جن ۾ وڏا وڏا ٽنگ هوندا هئا. اسان انهن کي معمولي رپيئر به نٿي ڪرائي ڏيئي سگهياسين. ٻارن کي جتيون نه هجن، چڱا ڪپڙا ۽ صحتمند کاڌو نه هجي، وڏي ڳالهه ته ڪيترن ماڻهن کي ڪو اجهو نه آهي، ڪيڏيون وڏيون دردناڪ تڪليفون هيون اُهي، جيڪي اسان سان گڏ اسان جي ٻارن به ڀوڳيون. ٻار ويچارا ته بس ۾ ۽ ٽرينن ۾ ڪٽمنڙا وڪڻندي، چيڀاٽجي به ويندا هئا. ڪنهن معصوم جي ٽنگ يا ٻانهن جهرڻ ته روز جو معمول هو. هتي حالتون رڳو منهنجي گهر جون ڪونه هيون، پر اسان جو سڄو سنڌي سماج پيڙهجي رهيو هو. اهو ئي درد هو جنهن مون کان اها آکاڻي لکائي، ۽ اها آکاڻي ان وقت جي سنڌي سماج جو عڪس آهي، هڪ اتهاس آهي.‘‘(7)

ڪرندڙ ديوارون هڪ گهريلو ناول آهي. هن ناول ۾ هڪ گهر جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جنهن ۾ هڪ دولت جي پوڄاريءَ، هڪ آدرشي انسان، هڪ رواجي ننهن ۽ هڪ پيار جي چاهنا رکندڙ ڪومل هستيءَ، هڪ ماءُ ۽ هڪ سس جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ گلاب، دولت جو پوڄاري آهي. پنهنجو گهر ڇڏي آفريڪا ڪمائڻ خاطر وڃي ٿو. سندس زال ديوي آهي، جيڪا شاهوڪار مائٽن جي ڌيءُ آهي؛ چندن آهي، جنهن جي دل ۾ غريب، مزدور ۽ هاريءَ جو درد آهي. هو پنهنجو سڀ ڪجهه غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ قربان ڪري ڇڏي ٿو. هو جيل جون تڪليفون سهي ٿو، بکون به کائي ٿو. ايتريءَ حد تائين جو سندس سهڻي ۽ خوبصورت زال ريکا، جيڪا ڏاڍي نازڪ ۽ نفيس آهي، اُن کي مزدورن کان به گهٽ اهميت ڏئي ٿو. هوءَ پنهنجي مڙس جي پيار لاءِ واجهائيندي رهي ٿي، هوءَ پنهنجي مڙس ۽ سس جي سک ۽ آرام لاءِ هر ڏک، تڪليف ۽ طعنا برداشت ڪندي رهي ٿي، ۽ نيٺ پاڻ به پنهنجو پاڻ کي گند جي ڍيرن ۽ ڪڪائن جڳهين ۾ رهندڙ ڪمزور، ڪارن ڪوجهن، پيٽ بکين، انگ اگهاڙن انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪيو ڇڏي، تڏهن اوچتو ڪيس پيار جي لافاني دولت ملي وڃي ٿي.

هن سڄي ناول جو مقصد ساڻي ٻڌڻ آهي. هن ناول کي سندري تمام



عمدي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪري هي ناول عوام ۾ گهڻو مقبول ٿيو آهي. هن ناول ۾ ڳوناڻي زندگيءَ جا نظارا تمام سهڻي نموني چٽيا ويا آهن. هن ناول ۾ سورميءَ جو ڪردار خاص ڪري ڏاڍي اثرائتي نموني پيش ڪيو ويو آهي. سندريءَ پنهنجن ناولن ۾، عورت جي آزاديءَ متعلق به تمام گهڻو ڪجهه لکيو آهي، ۽ انهن کي هن مختلف ڪردارن ۾ واضح ڪيو آهي. مثلاً جيئن هوءَ لکي ٿي:

’’عورت کي پوري آزادي هجڻ کپي، هن لاءِ ائين سمجهڻ ته ڪيس هٿ هيٺ رکڻ ئي درست ڳالهه آهي، ائين ڪونهي. عورت کي اسان هڪڙي چيز نه سمجهون. عورت به انسان آهي. هوءَ به مرد جي برابر آهي. جيڪڏهن مرد، زندگي ۾ ’انجواءِ‘ (enjoy) ڪري ٿو ته عورت به پنهنجي زندگيءَ ۾ اِنجواءِ ڪري سگهي ٿي. مرد ملڪي ۽ سياسي ڪمن ۾ حصو وٺي ٿو، ته عورت به حصو وٺي سگهي ٿي. هن کي صرف اهو سمجهڻ ته هوءَ رڳو ماني پچائڻ لاءِ پيدا ٿي آهي يا هوءَ رڳو اسان جي چيز آهي ته اها انسان دشمني آهي، ظلم آهي. اڄ جي دؤر ۾ عورت کي چيز نه سمجهيو وڃي ته بهتر آهي ۽ نه ئي هن کي پالتو جانور سمجهيو وڃي.‘‘(8)

عورت جي عزت ۽ عظمت کي برقرار رکڻ ئي هن ناول جو مقصد آهي، جنهن کي سندريءَ نهايت ئي سهڻيءَ سيرت نگاري ۽ منظر نگاريءَ سان گڏ، خوبصورت ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي. انهيءَ ڪري ئي سندس هي ناول گهڻو ڪامياب ويو آهي.

**پريت پراڻي ريت نرالي:**

ان کان پوءِ، 1956ع ۾ سندريءَ جو ٻيو ناول ’پريت پراڻي ريت نرالي‘ لکيو جيڪو اجنتا ساهت مالها وارن شايع ڪيو. هن ناول جو موضوع پڻ عنوان وانگر انوکو آهي. پيار هڪ پراڻو، ازلي ۽ همه گير جذبو آهي، پر وقت بوقت روپ مٽائيندو رهي ٿو. انهيءَ موضوع کي سندريءَ تمام سلجهيل ۽ سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪردارن جو موضوع سان لڳاءُ به ٺهڪي اچي ٿو. نارائڻ ۽ سرلا ٻئي رچائي آهن، پر سندس رچائيت نه ڪو جذباتي الهڙپڻو آهيءِ نه ئي وري مٿاڇري ۽ ڏيکاري واري، نه ڪو اهي ٺهيل ٺڪيل ڪردارن جي سانچي مان نڪتل آهن، جن جو ڌنڌو، روزگار، انقلاب ۽ ترقي پسندي هوندي آهي. سڀئي ڪردار فطري، سلجهيل، حقيقت پسند ۽ متوازن ذهن جا مالڪ آهن. انهيءَ ڪري ناول جو موضوع ۽ ڪردارن جو به ان سان لاڳاپو مليل رهي ٿو. هن ناول جي باري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي هيءَ راءِ ٿو پيش ڪري ته:

”هي ناول سندريءَ جي بهترين تخليق آهي. هن ۾ ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن جو چٽو ۽ باريڪ مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. سڀئي ڪردار فطري سلجهيل، حقيقت پسند ۽ متوازن (normal) ذهن جا مالڪ آهن. انهيءَ ڪري ناول جو موضوع ۽ ڪردارن جو ان سان لاڳاپو رهي ٿو.“(9)

هن ناول ۾ ٽي ڪردار پيش ڪيل آهن ۽ ٽنهي ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن جو چٽو ۽ باريڪ مطالعو ڪيو ويو آهي. موتي، تعليم يافته پر بزدل نوجوان آهي. جمنا، هڪ ڳوٺاڻي پر مڙس جي وفادار عورت، ۽ سرلا، تعليم يافته ۽ ڏاڍي سمجهه واري ۽ همت واري ڇوڪري آهي. ناول جي هر هڪ واقعي ڏي ٽنهي جو رد عمل نرالو آهي. هر ڪردار جي واتان ساڳين ساڳين واقعن ڪي مختلف نمونن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ناول جي ٽيڪنڪ ۾ دلچسپيءَ سان گڏوگڏ، انوکائي پڻ پيدا ٿي پيئي آهي. مثلاً: موتيءَ جي شاديءَ جو واقعو، موتي ۽ سرلا ٻنهي جي واتان بيان ڪرايو ويو آهي، ۽ سهڻيءَ فنڪاريءَ سان، موتي ان واقعي ڪي پنهنجي نقطه نظر سان ڏسي ٿو ۽ پنهنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي طريقي ۾ وڏو فرق آهي ۽ وري سندريءَ جو طريقو اهڙو آهي، جو پڙهندڙ جي آڏو ٻنهي جي شخصيت جون اندروني ڪيفيتون اُڀري اچن ٿيون ۽ ٻنهي سان همدردي پيدا ٿي وڃي ٿي.“(10)

هن ناول جي ڪهاڻي هن ريت آهي ته: حيدرآباد نئشنل ڪاليج ۾ هڪ حسين، سمجهدار ڇوڪريءَ سان هڪ ڇوڪرو پيار ڪري ٿو، جنهن جو نئين زماني جي ڪن زنده دل جوانن وانگر شاديءَ ۾ اعتبار ڪونهي، پر پوءِ زبردستي پنهنجي پيءُ جي دڙڪن ڪان ڊڄي، هو هڪ ٻيءَ، پوري سوريءَ (جهڙيءَ تهڙيءَ) ڇوڪريءَ سان، شادي ڪري ڇڏي ٿو. ورهاڱي ڪان پوءِ بمبئيءَ ۾ اها ڇوڪري هڪ سلڇڻي، آزاد خيال جوان سان پيار ڪري ٿي ۽ پنهنجي پراڻي پريميءَ ڪي وساري ڇڏي ٿي، ۽ نئين پريميءَ سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. ايستائين ’پريت پراڻي-ريت نرالي‘ بلاشڪ هئي چاڪاڻ ته اڄڪلهه جون عقلمند ڇوڪريون، بيوفا پريميءَ سان وفادار ٿي، ستي ساوتري ڪونه ٿيون آهن، پر ٻيو ڪو لائق ۽ سٺو پريمي ڳولي، سٺي زندگي گذارينديون آهن، پر جڏهن هو پريمي، بمبئيءَ ۾ اچي زال مرڻ جو ڪوڙو بهانو ڪري، سندس گهر ۾ رهي ٿو ۽ وري ڪوڙي وفاداري جتائڻ لڳي ٿو، تڏهن هوءَ ان ڪان نٺائڻ بدران مٿس رحم ۽ همدردي ڪندي رهي ٿي. هوءَ ان ڪان نفرت ڪرڻ بجاءِ پيار سان پيش اچي ٿي. هن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيڻ ۽ پڪنڪ وغيره تي سمنڊ جي ڪناري وٺي وڃيس ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي نئين پريميءَ ڪي ڏسي، سندس دلي ڪشش وڌندي رهي



ٿي، پر هو دغاباز پريمي، ساڻس شادي به ڪرڻ چاهي ٿو، پر سورميءَ هن سان شادي ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هن ڪوڙي عاشق جو راز اوچتو ڦاٽي پوي ٿو ۽ ڏاڍو شرمندو ٿئي ٿو ۽ پڇتائي به ٿو، ۽ پوءِ پنهنجيءَ زال جمنا، جنهن سان ڪوڙ ڪري ڇڏي اچي ٿو. ان وٽ واپس وڃي ٿو، پر سندس زال جمنا جلدي مري وڃي ٿي ۽ هن ڪي سخت سزا ملي ٿي.

هن ناول ۾ ’جمنا‘ جو ڪردار تمام گهٽو سٺو ڏيکاريل آهي. جمنا اها ڳوٺاڻي ڇوڪري آهي، جنهن جي شادي، موتيءَ سان ٿئي ٿي. سندس ذهني اوسر ۽ ذهني لاڙو موتيءَ جي معيار ڪان گهٽو گهٽ هو، پر هوءَ مڙس جي خدمت ڪرڻ ۽ ان جي پوڄا ڪرڻ، عبادت سمجهندي هئي. هوءَ مڙس جي سڀني عملن ڪي حيرت ۽ تعجب سان ڏسندي رهندي هئي ۽ دل ئي دل ۾ سڙندي رهندي هئي ۽ سندس هر واقعي تي رد عمل، ابوجهه ۽ بيگناهه ڇوڪريءَ وارو لڳندو هو.

هن ناول جي ڪردارن مان هر ڪردار جي اندروني نفسيات جو تمام گهرو مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. سرلا جڏهن موتيءَ ڪان مايوس ٿي پنهنجيءَ آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ نارائڻ ڏي مائل ٿيڻ لڳي ٿي ته ائين لڳي ٿو ته ڄڻ هر واقعو فطري واقعو آهي. سُندريءَ جي هن ناول ۾ هن پنهنجن ڪردارن تي جبر ڪرڻ بدران، ڪين اهو اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي ته هو پنهنجيءَ پنهنجي فطرت ۽ پنهنجيءَ پنهنجيءَ شخصيت مطابق هلن ۽ پوءِ ڪهاڻي ۽ پلاٽ پنهنجو پاڻ اڳتي وڌندا رهن ٿا. سندريءَ جي ناولن جي ڪاميابيءَ حاصل ڪرڻ جي باري ۾ اي-جي اُتم، پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:

”سندريءَ جي ٻنهي ناولن ڪي مليل مقبوليت، ٻئي ڪنهن سنڌي ناول ڪي نه ملي آهي. ان جو مکيه سبب اهو آهي، جو سندريءَ سهڻي سپڪ ۽ اصطلاحي ٻوليءَ ۾، سنڌي زندگيءَ ۽ سماج، سنڌيت ۽ سنڌ جي ساروڻي ۽ ورهاڱي جي درد جي چٽر سان گڏ، ناول نويسيءَ جي مکيه صنفن، جاندار سيرت نگاري ۽ واقع نگاريءَ ڪي فنائتي عبارت ۾ نباهيو آهي. جيئن اڄ جي سندريءَ جي رچنا ڪلا جا ڪٽر وروڌي (مخالف) به ٻنهي ناولن جي خوبين ڪي مڃڻ لڳا آهن.“(11)

سندس ناول ’پريت پراڻي ريت نراليءَ‘ مان سندس عبارت جا مثال پيش ڪجن ٿا:

”پر اهو اڳين زماني لاءِ ئي هو جڏهن سماج چئن ورڻن ۾ ورهايل هو. ان وقت پترن ٻانپڻ ڪارائڻ جا نيم ان ڪري ٻڌايا ويا هئا، جيئن برهمڻن جون سڀ رواجي گهرجون، ٻيا ٽي ورڻ، ڪتري، وئش ۽ شودر پوريون ڪري سگهن، ته برهمڻ سڄو ڏيان وقت ڏيئي، ملڪ جو ساهت ۽ ڪلا وڌائين

۾ ماڻهن کي تعليم ڏين. اڄ ته زمانو بدلجي ويو آهي. اهو ورڻ آشرم وارو سماج ئي نه رهيو آهي. پوءِ اڳئين زماني جي رسمن رواجن کي ڇهڻي ڇو ويهجي؟“(12)

هوءَ اڳتي صفحي 21 تي لکي ٿي:

”نه ڏيءَ! سسن جو ڪهڙو ڏوهه؟ سڀ ڪرمن جو ڦل آهي، نه ته هڪ ئي ناريءَ کي ٽي ڏيئر ڇو ڇمن ها. هڪ هڪ ڏيءَ ڪان پوءِ، وشني، پيءُ جي دل تان لهندي وئي ۽ سس لاءِ ڇڻ پنگياڻي ٿي پيس. وشنيءَ پيءُ، ٻين جا پٽ ڪٽي سگهندو هو.“(13)

”منهنجي اکين اڳيان سرلا جي گهر جو نظارو ڦري ويو. وڏي سنگمرمر جي ميز تي سهڻو گلدستو رکيل، آرسين ۾ مورتين وارا ڪيٽ، گهر سارو ائين پئي چمڪيو جو ڇا ڪٽي ڇئجي. پلا، ايڏو ٺاٺ رکڻ وارا ڪاليج في نه ڀري سگهندا؟“

هوءَ صفحي 166 تي لکي ٿي:

”هوءَ ڪير، مون وٽ رکي واپس هلي وئي. هن لاءِ هڪ عجيب حسرت ڇڏي وئي آهي. آسمان ۾ بادل ڪنا ٿي وڃڻ ان، جا ٻوُساٽ پيدا ٿيندي آهي، ساڳي منهنجي دل ۾ اچي، پرگهٽ ٿي. بي اختيار هڪڙو سڏڪو نڪري ويم. هن گهر ۾ هاڻي مان ڏاري آهيان، بوجهه آهيان.“

”استريءَ لاءِ شادي به جوئا جي آخري داءُ مثل آهي، اگر ڊارو سڌو پيو ته هوءَ ٻن گهرن ۾ هلنديءَ واري ٿي سگهي ٿي، جي نه ته ٻالپڻ واري گهر ۾ به سڀ حق واسطا وڃائي، پرائي ٿيو پوي.“(14)

هن ناول جي جائزي ڪان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا ته سندريءَ جي هن طبعزاد ناول ۾، ڪردار نگاري تمام عمدي نموني پيش ڪيل آهي. هي ناول به زندگيءَ جي انهن حالتن سان واسطو رکي ٿو، جيڪي هر انسان کي ڪنهن به وقت زندگيءَ ۾ پيش اچي سگهن ٿيون.

## ببليوگرافي


1. ڪلا پرڪاش: هڳاءُ، مجموعو، سندري اتم چنداڻي 1993ع
2. واسديو موهي: ايضاً
3. وشنو ڀاٽيه: ايضاً
4. پرڀو وفا: هڳاءُ، 1993ع
5. سندري اُتم چنداڻي: ڪرندڙ ديوارون، 1953ع
6. ايضاً
7. ايضاً
8. ايضاً





9. تنوير عباسي، ڊاڪٽر: پريت پراڻي، ريت نرالي، اجنتا ساهت مالا، 1956ع
10. سندري اُتم چنداڻي: پريت پراڻي ريت نرالي، ايضاً
11. اي جي اُتم: ايضاً
12. ڏسو حوالو نمبر 10
13. ايضاً
14. ايضاً

## كرشن كٿواڻي:

(**تعارف:** كرشن كٿواڻي، سنڌ جي شهر ٺارو شاهه، ضلعي نوشهروفيروز ۾، 7-نومبر 1927ع ۾ ڄائو هو. كيس ننڍپڻ كان ئي پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو، جيكا به خرچي ملندي هيس ان مان گاڏي كاتي جي پراڻن كتابن جي دكانن تان كتاب وٺندو هو. انهيءَ شوق ئي هن كي هك وڏو كلاكار بڻائي ڇڏيو. هن ورهاڱي كان اڳ ئي لکڻ شروع كيو ۽ اڄ تائين لكندو رهي ٿو. هن ادب جي تقريباً هر صنف تي، تمام گهڻو ۽ تمام سٺو لكيو آهي. محترم طارق اشرف هن سلسلي ۾ لكي ٿو ته:

”كرشن كٿواڻي هك سڀاجهو، گهڻ ڳالهائو ۽ قرب وارو شخص آهي.“(1)

سندس اصلي سڃاڻپ كهاڻيكار جي حيثيت ۾ آهي. هن كيترين ئي كهاڻيون لكيون آهن. سندس كهاڻين جو پهريون مجموعو ’ٽٽل تارون‘، 1944ع ۾ شايع ٿيو. ان كان پوءِ سندس ٻه كهاڻيون جيكي سنڌ تي لكيل آهن، انهن مان هك ’طويل كهاڻي‘ آهي. ان كان سواءِ هن سنڌ تي هك سفرنامو پڻ لكيو آهي، جيكو سڄو شعرن ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ انهيءَ قسم جي هيءُ پهريون سفرنامو آهي. هن جو هك ٻيو كتاب سياسي مدبر جي نالي سان پڻ شايع ٿيو. كرشن كٿواڻي سنڌيءَ ۾ پنج ناول لكيا آهن، جيكي تمام معياري ۽ كامياب ناول آهن. انهن ناولن جا نالا هي آهن:

(1) 1961ع ۾ هن ’امر پيار‘ نالي ناول لكيو، جيكو پوءِ هنديءَ ۽ گجراتي ٻولين ۾ ترجمو كيو ويو.
(2) 1962ع ۾ هن ٻيون ناول ’منهنجي منڙي سنڌ‘ نالي لكيو.
(3) 1978ع ۾ هن جو ٽيون ناول ’ياد هك پيار جي‘ جي نالي سان شايع ٿيو.
(4) 1978ع ۾ ئي سندس چوٿون ناول ’وئرٿ زندگيون‘ نالي سان لكيو ۽
(5) 1985ع ۾ هن پنجون ناول ’ست ڏينهن‘ لكيو. ’امر پيار‘ ۽ ’ست ڏينهن‘ سندس لكيل ننڍا ناول آهن.

كرشن كٿواڻيءَ كي سنڌ سان تمام گهڻي محبت هئي. هو ورهاڱي كان پوءِ لڏي وڃڻ جي كري، كڏهن به سنڌ ڌرتيءَ جي محبت، سنڌ جي ڳاڙهي مٽي ۽ سنڌ جا وڻ ٽڻ ۽ جايون جڳهيون ۽ سنڌو درياءَ كي هرگز وساري نه سگهيو، ۽ اهائي محبت سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. انهيءَ محبت جو اظهار هن پنهنجين كهاڻين، ناولن ۽ پنهنجي سفرنامي ۾ كيو آهي.

هو هك هنڌ انهيءَ جو اظهار هن ريت ٿو كري:



”ڀارت جي اولهه ۾ سنڌو ندي ڏيمي چال سان وهندي، ميدانن ۽ برپٽن كي سڃائيندي، سمنڊ ڏانهن پئي وڃي. مٽي ڳاڙهيسري آهي، ٻوٽا ننڍڙا آهن، جبل نه، پر ٽكريون آهن، ۽ آكاش صاف آهي ان ديس ۾. ان ديس كي چون ’سنڌو ديش.‘(2)

كرشن كٿواڻي پنهنجن ناولن ۾ سنڌ ڌرتيءَ سان پيار جو اظهار بيان كرڻ سان گڏ، سماج جي مختلف پهلوئن تي پڻ لكيو آهي، جن ۾ عورت جي سماج ۾ حيثيت، پيار ۽ شادي وغيره موضوعن تي هن ناول لكيا آهن. هو هك ترقي پسند ليكك آهي.

كرشن كٿواڻيءَ جي اها خوبي آهي ته، هو جيكي كجهه چوڻ چاهي ٿو، جيكي كجهه محسوس كرائڻ چاهي ٿو، اهو هن اهڙي انداز سان ته لكيو آهي، جو پڙهندڙ اهي جذبا، پوريءَ شدت سان محسوس كري ٿو. كرشن كٿواڻي پڙهندڙن جي ذهن تي ايترو ته گهرو اثر ڇڏي ٿو، جو هنن جي ذهن تي اهو ورهين تائين تازو رهي ٿو. اهائي سندس فنكارانه خوبي آهي. انهيءَ كري ئي سندس شمار وڏن ليككن ۾ كيو وڃي ٿو. هو هك هنڌ اديب جي باري ۾ لكي ٿو ته:

”كلاكار جي زندگي ڏاڍي ڏكي آهي. عام ماڻهن جيان هو هك دنيا ۾ كونه ٿو رهي، پر ٻن دنيائن ۾ به. هك حقيقي دنيا ۽ ٻي سپنن جي دنيا. هو گهڙيال جي لڏكڻي جيان هنن ٻنهي دنيائن جي وچ ۾ لڏندو رهي ٿو. انهيءَ كري مكمل طرح، كنهن به هك دنيا جو نه آهي. هو ٻنهي كي پيار كري ٿو، ان كري ٻئي دنيائون كيس لپائي سكائينديون رهن ٿيون.“(3))

سندس ناولن مان كن جو اپياس هيٺ كجي ٿو:

### امر پيار:

هن 1961ع ۾، پهريون ناول ’امر پيار‘، لكيو هو. سندس لكيل هيءُ هك، ننڍو ناول آهي. هن ناول جو هنديءَ ۽ گجراتيءَ ۾ به ترجمو ٿي چكو آهي. سندس هن ناول جو خاص موضوع آهي: ’پيار‘. هن ناول ۾ هن اهو ثابت كري ڏيكاريو آهي ته پيار واقعي امر آهي. پيار ئي ته آهي، جنهن تي قدرت جو هي سڄو مانڊاڻ ٻڌل آهي. اهو پيار ئي ته آهي، جيكو انسان كي هميشه لاءِ امر كري ڇڏيندو آهي، پوءِ چاهي اهو كهڙي به روپ ۾ هجي. هو ان نقطي كي پنهنجي هن ناول ۾ هك هنڌ هن ريت واضح كري ٿو:

”هن دنيا جي كنهن كنڊ ۾ كو اهڙو ٻوٽو آهي جو نه صرف هك ڏينهن پاڻي نه ملڻ كري سكي ٿو وڃي، پر هن دنيا ۾ كي اهڙا جيوَ ضرور آهن جي زندگيءَ جي هر دم ۾ پيار ڏيئي سگهن ٿا ۽ موت ۾ هك ڏينهن به پيار كان سواءِ خالي رهي نٿا سگهن. نفرت ۽ كروڌ جي هك ئي نظر سندس دل

کي چيهون چيهون ڪري سگهي ٿي.‘‘(4)

هن پنهنجي، هن ناول (امر پيار) ۾ اهڙي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي، جو هميشه اهو پيار امر ٿي رهي ٿو. هن ۾ سورمن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان تمام گهڻو پيار ڪن ٿا. سورمو شاعر ۽ چترڪار آهي. اهو ڇوڪرو ڪاليج ۾ پڙهندي، هڪ انقلابي تحريڪ ۾ حصو وٺي ٿو ۽ انهيءَ دوران هن کان هڪ سپاهيءَ جو خون ٿي وڃي ٿو. هو انهيءَ خوف جي ڪري پنهنجي پريتما، جيڪا هن جي ٻار جي ماءُ ٿيڻ واري هئي ۽ پنهنجي ملڪ کي ڇڏي، پئرس هليو وڃي ٿو. اتي ڪجهه عرصو رهڻ کان پوءِ هو هڪ ڇوڪري، جيڪا خود چترڪار آهي تنهن سان شادي ڪري ٿو، پر پنهنجي پهرئين پيار کي وساري نٿو سگهي. هن کي ٻيءَ زال مان هڪ پٽ ٿئي ٿو، پر هوءَ جلد ئي مري وڃي ٿي. هن جي موت کان پوءِ سورمو واپس هندستان لڏي وڃي ٿو ۽ اتي آرٽ جو هڪ اسڪول کولي ٿو. انهيءَ اسڪول ۾ ڇوڪري داخلا وٺڻ لاءِ اچي ٿي، جنهن جي شڪل هوبهو هن جي محبوبه سان ملي ٿي. هوءَ جڏهن هڪ تصوير ٺاهي ٿي، جيڪا سندس ماءُ جي دل آهي تڏهن هن کي اها خبر پوي ٿي ته هيءُ سندس ئي ڌيءُ آهي. هن جي ماءُ دل جي بيماريءَ جي ڪري مري وئي هئي. پوءِ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو پنهنجي باوفا پريمڪا جي دلڪش پينٽنگ تيار ڪري، ۽ هو پنهنجي انهيءَ پهرئين پيار، جنهن کي هو زندگيءَ ۾ ڪڏهن به وساري نه سگهيو هو، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سورمي جو پهريون ئي حقيقت ۾ امر پيار آهي.

هن ناول کي ڪرشن کٽواڻي صاحب، اهڙيءَ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي جو هي هڪ حقيقي زندگيءَ جو واقعو لڳي ٿو. سندس هن ناول جي باري ۾ ڪماري پوپٽي هيراننداڻي لکي ٿي ته:

’’هڪ ليکڪ قدرت جا نظارا چٽيندو آهي، ٻيو ان سان گڏوگڏ انسان جي بدن جي سُندرتا به چٽي سگهندو آهي، ٽيون انهن ٻنهي سان گڏ، انساني من ۾ ايندڙ ويندڙ ۽ گهمندڙ ويچارن، امنگن، ارمانن ۽ عڪس کي جهٽي، اهي انسان اڳيان پيش ڪندو آهي. چوٿون انهن ٽنهي ڳالهين سان گڏ، تاڃي پيٽي ۾ فلسفو پريندو ويندو آهي، ۽ پنجون انهن چئني کي پيش ڪندي لکندو آهي. ڪرشن انهن ليکڪن مان آهي، جنهن ۾ ناول ’امر پيار‘ ۾ اهي سڀ خوبيون نظر اچن ٿيون ۽ هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته واقعي پيار امر آهي.‘‘(5)

هن پنهنجي ناول ۾ عورت جي سچي پيار کي نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هو ثابت ڪري ٿو ته عورت پيار ڪندي آهي، پاڻ ڏيڻ لاءِ، پر مرد انهن کي سمجهي نٿا سگهن. هو لکي ٿو:



’’مان اڃرج مان ان در ڏانهن نهاريندو رهيس، جنهن مان ڪويتا ٿورا سيڪنڊ اڳي ٻاهر وئي. مرد، عورت جي پيار کي سمجهڻ ۾ هر هر ڀل ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته عورت پيار ڪري ٿي پاڻ ڏيڻ لاءِ ۽ مرد پيار ڪري ٿو ڪنهن کي پائڻ لاءِ.‘‘(6)

هو اڳتي لکي ٿو:

’’سچ اهو آهي ته عورت ڌرتيءَ تي هلندي آهي ۽ مرد هوا ۾ اُڏامندو آهي.‘‘(7)

هن ناول ۾ ٻولي نهايت سادي ۽ خوبصورت استعمال ڪئي وئي آهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

’’هن دنيا ۾ ڪجهه به مڪمل نه آهي. سڀ اَپورڻ آهي. پورنتا جو پياسي آهي. انساني دل به جنم کان پورنتا لاءِ واجهه وجهندي رهي ٿي، ڇاڪاڻ ته اها ڪڏهن پورنتا پائي سگهي ٿي.‘‘(8)

هن ناول ۾ ڪرشن کٽواڻي منظرن جي نهايت ئي سهڻي عڪاسي ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

’’هوءَ پنهنجن ننڍن هٿن سان واريءَ جو قلعو ٺاهي رهي هئي. قلعو ٺهندي ٺهندي ڪِري پيو، هن چيو انسان جي زندگي ٺيڪ هن طرح ئي آهي. هو واريءَ جا قلعا ٺاهيندو رهي ٿو ۽ اوچتو ئي اوچتو، اهي اچيو پٽ پون، ان لاءِ ڪنهن کي ڏوهه ڏي. پنهنجن هٿن کي يا قسمت کي.‘‘(9)

هي سندس هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول جي ٻولي، ڪردار ۽ منظرنگاريءَ کي سهڻي طريقي سان پيش ڪرڻ جي ڪري سندس هي ناول اهم ناول قرار ڏنو ويو آهي.

**منهنجي منٺڙي سنڌ:**

ڪرشن کٽواڻيءَ جو ٻيو ناول ’منهنجي منٺڙي سنڌ‘ آهي، جيڪو 1962ع ۾ ڇپيو هو. هي ناول ٻيو دفعو سنڌ ۾ 1991ع ۾، سنڌ ذڪي پريس، سنڌيڪا اڪيڊمي وارن شايع ڪيو. ڪرشن کٽواڻيءَ جي دل ۾، سنڌ لاءِ سدائين محبت رهي آهي. اها محبت هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. هو پنهنجي وطن سنڌ کي سدائين ياد ڪندو رهيو آهي، جنهن جو ثبوت سندس هن ناول مان ملي ٿو. هن، پارٽ لڏي وڃڻ کان پندرهن سال پوءِ، هي ناول لکيو، پر ايترن سالن کان پوءِ به پنهنجي ڌرتيءَ کي ڇڏڻ جو ڏک ۽ احساس اهڙيءَ ريت ته چٽيو اٿس جو ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڄڻ ته جنهن وقت ڪرشن سنڌ ڇڏي آهي، انهيءَ وقت جي پيڙا ۽ ارمان جو هو اظهار ڪري رهيو آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي کان پوءِ پهرين سنڌ جي حالتن جي مڪمل ڇاڻ، ۽ پارٽ لڏي وڃڻ کان پوءِ اتي جي حالتن جو به ذڪر ڪيل آهي. حالانڪ ٻين به سنڌي

هندو ليکڪن لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي حالتن، سنڌ جي ماحول ۽ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي حالتن ۽ سنڌيت واري جذبي سان ٿمٽار ڪيترائي ناول لکيا آهن، پر انهن سڀني ليکڪن کان ڪرشن کٽواڻيءَ گوءِ کٽي ويو آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌ سان محبت ۽ سنڌ جا جذبا، سنڌي ڪردارن ۽ سنڌ جو دلفريب وايومنڊل ۽ وطن وڃائڻ جو جذبو، هُن، هن ناول ۾ بيان ڪيو آهي. هي ناول جديد ناولن جي صف ۾ مقبول جڳهه والاريندو.“(10)

ڪرشن جي هن ناول لکڻ جو مقصد ڌرتيءَ جي اهميت ۽ ڌرتيءَ سان پيار ۽ محبت آهي، جنهن لاءِ هو هر قرباني يعني جان، مال، عزت، دولت ۽ اولاد وغيره سڀ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. هو هن ناول ۾ لکي ٿو ته:

”ڌرتي اسان جي ماتا آهي. سندس ڪُک مان اسين پيدا ٿيون ٿا. اسان کي هوءَ پالي پوسي وڏو ڪري ٿي ۽ جڏهن اسين ٿڪجي پئون ٿا ته هوءِ اسان کي چڪي ڇاتيءَ سان لائي پنهنجي گود ۾ سمهاري ڇڏي ٿي.“(11)

ورهاڱي کان اڳ هلايل آزاديءَ واري تحريڪ، ان وقت جي سوچ ۽ سندن مسئلا، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهندڙن جي سوچ جي فرق، انهن سڀني مسئلن تي پنهنجي ناول ۾ گهڻي روشني وڌي آهي. هن پنهنجو سچو ماضي، جيڪو هن سنڌ ۾ گذاريو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا شهر، ڳوٺ، اسڪول، ڪاليج، واپار، ڌنڌو، سنڌ جي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي حالتن، مطلب ته سنڌ جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ ڏني آهي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جا هندو لڏي، پارت وڃن ٿا، پر پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار، هنن جو قدرتي پيار هٽڻ ڪري، اڄ به هو سنڌ کي انهيءَ اُتساهه سان ياد ڪن ٿا. سنڌ مان لڏي وڃڻ جو منظر هو، هن طرح پنهنجي ناول جي ڪردار، شيام جي اظهار سان ڪري ٿو:

”شيام محسوس ڪيو ته، بين ماڻهن جيان هو به ڪي ملڪيتون سنڌ ۾ ڇڏي آيو هو، پر اهي ملڪيتون ڌن نه هو، زمين ۽ جايون هيون. سهڻي، سندر نوري، سڀ هن جي زندگيءَ ۾ آيا. هو انهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي.“(12)

ڪرشن کٽواڻي صاحب جي هن ناول جو موضوع ڪافي وسيع ۽ همه گير آهي، جنهن کي هن نهايت ئي شاندار ۽ بامقصد طريقي سان نباهيو آهي. ورهاڱي وقت اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون هيون، جو ليڪڪ، سنڌ اڏڻ جا جيڪي سپنا اکين ۾ ڪنيو پئي هليا، سندس خيال ۾ ته، ’سنڌ کي سوني بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته هتي جو هر هڪ باشندو تعليم يافته هجي، بنا تعليم ڪڙمي



انڌا آهن ۽ هو ڦرجي ٿا وڃن‘، ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي مقصد هن پنهنجي ناول ۾ پيش ڪيا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌين کي سنڌ ڇڏي، هندستان وڃڻ ۽ هتي سنڌ ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿي وڃڻ، جنهن ڪري نه صرف ڪين لڏڻو پيو پر سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ به، سندن ڌرتي تنگ ڪئي پئي وئي. انهن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون، جو خود سنڌين جو پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي جيئڻ ئي جنجال ڪيو ويو. ڪرشن کٽواڻيءَ جي انهن جذبن ڪي، طارق اشرف هن ناول جي مقدمي ۾ پيش ڪندي لکي ٿو ته:

.ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناول، ’منهنجي منڙي سنڌ‘، پڙهڻ کان پوءِ ائين لڳي ٿو ته، اهو ناول اڄ جي دؤر تي لکيو ويو آهي. ورهاڱي وقت اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون، جو شيام کي جيڪو نئين سنڌ اڏڻ جا سپنا اکين ۾ ڪنيو پئي هليو، تنهن کي پنهنجي ڌرتي ماءُ ڇڏڻي پئي. چوئيتاليهن سالن کان پوءِ، هڪ سازش تحت سنڌ مان وري هندن کي لڏايو پيو وڃي. نه فقط سنڌي هندن کي هتان لڏايو پيو وڃي، پر هتي جي سنڌين لاءِ پڻ سندن ڌرتي تنگ ڪئي پئي وڃي ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون پيون وڃن جو سنڌين جو پنهنجي ڌرتيءَ تي جيئڻ جنجال ٿي پيو آهي.“(13)

ڪرشن کٽواڻي پنهنجي هن ناول ۾ زندگيءَ جي حقيقت ۽ سچائي، جن ڳالهين مان حاصل ٿئي ٿي، انهيءَ جي باري ۾ هن ريت لکي ٿو:

”زندگيءَ ۾ هڪڙو سچ آهي، جو انسان ڪتابن مان پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ۽ ٻيو سچ آهي جو انسان مٽيءَ جي خوشبوءَ مان پائي ٿو. شيام پهرئين ستيه کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ سهڻيءَ ٻئي ستيه کي ڇاتو هو ۽ جڏهن انهن ٻنهي جو ٽڪر ٿيندو هو ته سهڻيءَ جو سچ ئي سوڀ پائيندو هو.“(14)

ڪرشن کٽواڻي پنهنجي هن ناول ۾، ورهاڱي کان پوءِ، هندستان لڏي وڃڻ جي ذڪر ۽ سنڌ جي ياد، ۽ انهيءَ ياد ۽ سنڌ ڌرتيءَ کي سڪ سان ساريندي، هو جڏهن وري ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌ ۾ اچي ٿو ۽ انهيءَ وقت سنڌ جون جيڪي حالتون آهن، انهن کي پنهنجي هن ناول ۾ نورالله جي ڪردار جي ذريعي، سنڌ جي ڳاڙهي زمين، هي ڪليل آسمان ڪيترا نه سهڻا آهن. مان جڏهن سنڌ کان ٻاهر هوس ته هيءَ مون کي سدائين سڏيندي رهي هئي، ڏاڍي پياري ٿئي ٿي، پٽي (مٽي) پنهنجي وطن جي، اِها لکا تڏهن ٿي پوي، جڏهن وطن کان وڇڙجي ٿو. مان موٽي آيس پنهنجي وطن، پر هت به هن ۾ ماٺ نه ٿي. هڪ لوچ ۽ تڙپ سدا تڙپائيندي رهي. ملڪ سائو آهي، پر ماڻهو غريب، سڀ زميندار ڪنيو وڃن. سڀ واپاري ۽ سيٺيون ڦريو وڃن ۽

اَنُ اُپائيندڙ هاريءَ کي پورو ويلو به پلئه نٿو پوي.“(15)

ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناول جو ٻيو اهم ڪردار ’نورالله‘ آهي، جيڪو هڪ انقلابي هلچل ۾ شامل آهي، ۽ هو انهيءَ لاءِ بم تيار ڪري ٿو. پر انهيءَ بم سان تباهي ۽ بربادي ٿيڻ جو سوچي، هو پنهنجي وطن واپس اچي ٿو ۽ اسڪول ۾ ماستر بڻجي ٿو، ۽ اوڙي پاڙي جي ٻارن ۽ هارين کي واندڪائيءَ ۾ تعليم ڏئي ٿو. سندس هي ناول لکڻ جو اهم مقصد سماج کي سڌارڻ آهي. قيمت هري سنگهاڻي سندس هن ناول جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿو:

”پنگتي سڌار جو اپديش سامهون رکي، ناول خلقيو ويو آهي، جو روحاني پيار لاءِ ويچار فيلسوفياڻا ۽ باريڪ بينين، وزندار ۽ شاعراڻي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهي.“(16)

ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناول جو هيرو، شيام، هڪ آئيڊيل قسم جو ڪردار آهي، جيڪو شاعر آهي. هو دلي طور تي ته شاعر آهي، پر دماغي طور تي سوچيندڙ فيلسوف آهي، جنهن جي معرفت هن ڪيترائي خوبصورت قدرتي منظر ۽ شاعراڻا جذبا ۽ ڳوڙها نقطا بيان ڪيا آهن. سندس ئي ڳوٺ جي ماستر نورالله جي صحبت ڪري، منجهس انقلابي ۽ آزاد خياليءَ جي سوچ پيدا ٿئي ٿي، ۽ جڏهن هو شهر ۾ اچي ٿو ته پنهنجا هم خيال دوست ڳولهي ٿو وٺي. خاص طور ’سندر‘، جيڪو ڪميونسٽ آهي. هو ’سندر‘ سان گڏ ادبي ڪچهرين ۽ مزدورن جي بستين ۾ وڃي ٿو. سندر هن ۾ نئين سنڌ جي اڏڻ لاءِ اُتساهه جاڳائي ٿو،۽ نئين سنڌ کي اڏڻ ۽ فرسوده نظام کي بدلائڻ جون ڳالهيون سمجهائي ٿو، ۽ هي ٻئي پنهنجا اِهي سهڻا خيال ڪٽي، ماڻهن وٽ وڃن ٿا ۽ انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا. ورهاڱي وقت اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون، جو شيام کي سنڌ ڇڏي وڃڻي پوي ٿي ۽ ڀارت جي شهر بمبئيءَ ڏانهن وڃي ٿو ۽ ڪيس وري سنڌ اچڻ جي خواهش پيدا ٿئي ٿي.

شيام پنهنجي سچي زندگي، قدرت ۽ حسن جو پوڄاري رهي ٿو. انهيءَ ڪري هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ٽن خوبصورت عورتن سان پيار ڪري ٿو. پهرين هو ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ، سهڻيءَ سان پيار ڪري ٿو، جيڪا ڪانئس عمر ۾ وڏي آهي، تنهن ڪري هنن جو پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ وانگر رشتو رهي ٿو. هو سهڻيءَ جي خوبصورتيءَ جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

”شيام، نگاهون چنڊ تان هٽائي سهڻيءَ طرف ڪيون، سندس منهن ۽ ٻگهي ڳچيءَ تي چانڊوڪي نچي رهي هئي.“(17)

ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناول ۾ ٽن جدا جدا پريمين جي پيار بابت وضاحت ڪندي، قيمت هري سنگهاڻي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته:



”هن ناول ۾ پريمي هڪ ته پريم ڪهاڻيون ٽي آهن، جيڪي الڳ الڳ نموني ۽ علحده ماحول ۽ مختلف وقتن تي ناٽڪ جي سمپرڪ ۾ اچن ٿيون. ليکڪ ٽن قسمن جي جذباتي، جسماني ۽ حقيقي پيار جي اظهار جو مقصد سامهون رکي، موزون ماحول ۽ جداگانه ڏرتيءَ جي چونڊ ڪري ٿو. هڪ سادي سودي، سڀاڃهي سنڌ جي ڳوٺ جي ڇوڪري جيڪا مسلم ٻاغائيءَ جي ڌيءَ آهي. عمر ۾ هن کان ڪجهه وڏي آهي، ته هو ان کي ڀيڻ مڃي ٿو. پاڪ پيار جي جهلڪ ڏيکاري ٿو. ٻي ڪراچي شهر جي ڪاليج ۾ پڙهندڙ نوجوان خوبصورت ڇوڪري آهي. ان مان هن جي دل ڪٽي ٿي پوي ٿي ۽ پوءِ ٽين ڇوڪري، جيڪا حقيقي عشق جي مجسم مورت، جيڪا مسلمان آهي ۽ سِلهه جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. ان سان به ڀاءَ ڀيڻ جو پاڪ رشتو قائم رکي ٿو.“(18)

ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناول ۾ سندس لهجو نرم ۽ سڀاءُ سٺو آهي. سندس هن ناول جي بيان ڪرڻ ۾ ڪٿي به بناوت محسوس نٿي ٿئي، بلڪ سچي ڪهاڻي هڪ حقيقت لڳي ٿي. سندس بيان جي طرز اهڙي آهي جو هر پڙهندڙ کي اهو محسوس ٿئي ٿو ته اها حقيقت آهي ۽ اهو عنصر هو اڪين سان ڏسي رهيو آهي. مثال طور هي پئراگراف ڏسو:

”ڪارا ڪڪر آڪاش ۾ چؤطرف ڦهلجي چڪا هئا، اوندهه زمين تي ليٽي ريڙهيون پائي رهي هئي، پيچري جي ٻنهي پاسي ٻنيون هيون، نالين ۾ ڏيڏر ٽان ٽان ڪري رهيا هئا.“(19)

سندس هن ناول ۾، حالانڪ هن ڪردار به تمام گهڻا آندا آهن، پر سندس گرفت مضبوط آهي. ڪردار نگاري به اهڙي سهڻي طريقي سان ڪئي اٿس جو هر ڪردار جيئرو جاڳندو، اکين آڏو بيٺل محسوس ٿئي ٿو. سندس هن ناول ۾ شيام ۽ سُندر جي ڪردار نگاري اعليٰ طرح پيش ڪيل آهي. مثال طور:

”سُندر! تنهنجي قرباني، تنهنجي دماغي ۽ آتمڪ جرئت، تنهنجي محنت ۽ تنهنجا آدرش صرف تنهنجا نه آهن، اهي چؤطرف ڦهلجندا ۽ منهنجا به آدرش ٿي رهندا. هن پنهنجي زندگي ارپي آهي ٻين لاءِ، تون سج آهين جو سڀني کي روشني ڏين ٿو، گرمي ڏين ٿو، جيئن سڀ گرم رهن پر پاڻ جلندو رهين ٿو.“(20)

ڪرشن کٽواڻيءَ وچولي درجي مان ڪردار چونڊيا آهن، ۽انهن جي مسئلن لاءِ هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان جو واسطو سنئون سڌو انهيءَ وچولي طبقي سان رهي ٿو. هو هڪ سچو ۽ ترقي پسند ليکڪ آهي. هن ناول ۾ نورالله جي ڪردار کي به چڱو خلقيو آهي. نورالله جي واتان وطن جي

واڪاڻ دل جي گهراين سان ڪرائي ٿو.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي لکڻين ۾ سنگيت به نظر اچي ٿو ته چترڪاري به نظر اچي ٿي. سندس سياءُ سٺو هوندو آهي ته سندس ڪردار به گنڀير هوندا آهن. سندس هن ناول مان ڪي ٽڪرا مثال طور پيش ڪجن ٿا:

”سنڌ جي ڳاڙهي زمين، پٽي لڪا کهڙا نه دلڪش لفظ آهن.“

انهيءَ کان سواءِ هي جملو:

”پنهنجي دل جا ٽڪرا ڪپي، هنن کي ڏيئي آيو هو ۽ ان جي بدلي ۾ هن جي دلين جا ڪپيل ٽڪرا ڪٽي، هن پنهنجي دل سان ڳنڍيا هئا.“(21)

هو نوريءَ جي ڪردار کي هن ريت پرڪشش عبارت ۾ پيش ڪري ٿو:

”نوري! تون ڪيتري دور آهين، پر تڏهن به منهنجي پر ۾ رهندئين. تنهنجي ياد سدا مون کي ڏکن ۽ ڪشالن ويل، سر اوچو جهلڻ لاءِ آماده ڪندي رهندي. جڏهن به مان رستو ڀلجندس ته تون تاري جيان مون کي صحيح رستو ٻڌائيندين؛ جڏهن مان نااميديءَ جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳندس، تڏهن تنهنجي مرڪ مون کي ياد ڏياريندي ته انسان ۽ انسان جو پورهيو ناس نٿو ٿئي.انسان سدا زنده آهي. هو انسانيت جي روپ ۾ امر رهندو. تنهنجون پوتر نگاهون ۽ ڀالوڀولو چهرو سدائين منهنجيءَ دل جي گل کي پاٽي ڏيندا رهندا، ۽ مون کي اُتساهه ڏياريندا ته مان به هن دنيا ۾ پوتر رهان؛ گند جي تلاءُ ۾ رهندي به ڪنول جيان مٿي هجان.“(22)

**ياد هڪ پيار جي:**

ڪرشن کٽواڻيءَ، 1978ع ۾، ’ياد هڪ پيار جي‘ نالي ٽيون ناول لکيو. هي پاڪ پيار جي موضوع تي، دل ۾ چيندڙ ۽ هڪ درديلو ناول آهي. هيءُ ناول درد سان پريل نفيس ۽ اعليٰ خيالن سان پريل آهي. هن ناول جو هيرو هڪ جذباتي انسان آهي. هو پهرين هڪڙي ڇوڪريءَ سان پيار ڪري ٿو ۽ انهيءَ سان شادي به ڪري ٿو، پر سندس اها شادي ناڪام ٿي وڃي ٿي، پوءِ هو مختلف عورتن سان پيار ڪري ٿو. ڪنهن کي ماءُ ۽ ڪنهن کي ڀيڻ جي روپ ۾ پيار ڪري ٿو، ۽ آخر ۾ وري به هڪ ڇوڪريءَ سان پيار ڪري ٿو، پر سندس سڀ پيار پاڪ آهن. سندس هن ناول جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

”ڪرشن کٽواڻيءَ سنڌي ناول کي روحاني پيار جي سوغات ڏني آهي.“(23)

سندس هن ناول جو موضوع بلڪل نئون آهي. هن موضوع تي سنڌيءَ ۾ ٻيو ڪوبه ناول لکيل ئي ڪونهي. هن ۾ خاص طور تي عورت، قدرت ۽



حسن جي پوڄاريءَ بابت هڪ درد ڀريل سوچ ۽ ويچار واري فلسفي طرز تي لکيل ناول آهي. هن ناول لکڻ جو مقصد شادي ۽ پيار جي رشتن بابت آهي، جنهن ۾ شروع کان آخر تائين هڪ ڀيڻ جو پيار، هڪ ماءُ جي مامتا ۽ هڪ معشوقه سان سچو پيار پيش ڪرڻ آهي. هن ناول کي، ڀارت جي ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان انعام به ڏنو ويو آهي. هن ناول جو هندي، گجراتي ٻولين ۾ ترجمو به ٿي چڪو آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ، انهن موضوعن سان گڏوگڏ عورت جي سماجي حالت، سماج جا ٻنڌڻ، سماجي ريتن رسمن ۾ عورت جو درجو، شادي مُراديءَ جي مقصد تي سندس اهميت وغيره سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي آهي. سندس هن ناول مان ڪجهه مثال ڏيئي، انهيءَ ڳالهه کي وڌيڪ واضح ڪري سگهجي ٿو.

عورت جي سماجي حالت بابت هو پنهنجي ناول ۾ لکي ٿو ته:

”عورت جيستائين پنهنجن پيرن تي نه بيٺي آهي، تيستائين هوءَ سماج ۾ عزت حاصل ڪري نٿي سگهي. مرد سدائين ڪيس طابع رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.“(24)

انهيءَ جو هڪ ٻيو مثال به پيش ڪجي ٿو:

”ساوتري جو گهوٽ گذاري ويو هو.“

”تون راند ڪرڻ جيڏي ٿئين مس جو سماج توکي گهر جي چوديواري اندر بند ڪري ڇڏيو، ۽ هڪ ڏينهن توکان پڇڻ بنا توکي ڳوُڻ ۾ بند ڪري ان گهر ۾ موڪلي ڇڏيو، جتي ڪوبه تنهنجو چاتل سڃاتل ڪونه هو ۽ نه ڪنهن توکي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، تون ڄڻ ڪا ڳانءِ هئينءَ.“(25)

”تون به هڪ انسان آهين ۽ توکي پنهنجو رايو رکڻ جو حق آهي؛ صدين کان عورت کي هڪ خريد و فروخت جي چيز سمجهيو پئي ويو آهي، شايد هڪ ٻي ضروري چيز جنهن جو ڪو مُلهه ڪونهي.“(26)

اُهي سماجي ٻنڌڻ، جن ۾ عورت هميشه ڀيڙجندي رهي ٿي، ۽ هوءَ انهن جي خلاف به ڪجهه نٿي ڪري سگهي:

”هوءَ جيئري ئي مري وئي، ڪيس زنده رهڻ جو حق آهي، پر زندگي ماڻڻ جو نه، هوءَ ڪنهن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ويهي، پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن ڳڻيندي رهندي. هوءَ وري شادي نٿي ڪري سگهي، ان لاءِ جيڪي سماجڪ ٻنڌڻ آهن، تن کي ساوتري جهڙي عورت ٽوڙي نٿي سگهي؛ هوءَ ڪمائي، پنهنجن پيرن تي نٿي بيهي سگهي ڇاڪاڻ ته هوءَ پڙهيل نه آهي.“(27)

سنڌ ۾ سڱابندي ۽ شاديءَ جي وقت عورت ۽ مرد جي عمر ۾ ڪيترو به فرق هجي، هنن جا خيالات ڪيترا به مختلف هجن، هنن جا خاندان ڪهڙا به

هجن، پر جيڪي مائٽ چاهيندا آهن ’اُٺ پنيان گهنڊڙي ٻڌڻ! ۾ به دير نه ڪندا آهن. سندس ناولن مان مثال ڏيئي، انهيءَ ڳالهه کي هن وڌيڪ واضح ڪيو آهي:

”ڪيڏي نه وڏي آهي هيءَ عمر، ننڍڙو ننڍڙو ٻار، ڪٿي ڪيڏو نه ننڍو ٻار، اگر زميندار مون کي ماءُ جي هنج ۾ ڏسي ها ته ڇا مون سان شادي ڪرڻ بابت سوچي ها؟ هن بدن کي ڇا ٿو ٿئي، هي بدن جيان وڏي ٿو وڃي، وڻ ۾ ميوا چو ٿا ٿين، برسات بنا زمين سُڪي چو ٿي وڃي؟“(28)

هو پنهنجي ناول ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ لاءِ، خوبصورت ۽ پُرڪشش انداز اختيار ڪندي لکي ٿو ته:

”اگر هينئر هيءُ چنڊ گم ٿي وڃي، تارا گم ٿي وڃن، چؤطرف اونداهه انڌوڪار ٿي وڃي، دنيا جون سڀ بتيون، سڀ ڏيئا، هميشه لاءِ گم ٿي وڃن، سورج ٻاهر نڪرڻ کان نابري واري ته پوءِ هيءَ دنيا ڪهڙي هوندي؟ هيءَ دنيا ئي ڪانه رهندي نه، پوءِ زميندار منهنجي سوُنهن ڪيئن ڏسندو، منهنجي ماءُ منهنجي ڏک ڪيئن ڏسندي؟“(29)

ڪرشن کٽواڻيءَ پنهنجن خيالن جي عڪاسي نهايت ئي خوبصورت طريقي سان ڪئي آهي. هو اهو به واضح ڪرڻ چاهي ٿو ته، هر شيءِ فنا آهي انهيءَ ۾ انسان جو جسم به ختم ٿي وڃي ٿو. انهيءَ مقصد کي به هن پنهنجن ناولن ۾ چٽيءَ طرح پيش ڪيو آهي مثلاً هو لکي ٿو ته:

”هيءَ زندگي هڪ سپنو آهي. ڏس چنڊ به ته صبح جو گم ٿي ويندو آهي؛ چنبيليءَ جو گل به مرجهائجي ويندو آهي. انب به رکئي رکئي بانس وارو ٿي ويندو آهي، سڀ شيون مرنديون آهن. صرف هيءَ دنيا سدائين قائم آهي، چاڪاڻ ته هن کي بدن نه آهي. هن کي به اگر تو ۽ مون جهڙو بدن هجي ها ته هوءَ به مري وڃي ها.“(30)

هو دنيا جي ڪيتيءَ جي باري ۾، دنيا جي ڪاروبار جي باري ۾، ۽ قدرت جي نام جي باري ۾ نهايت ئي ڪارآمد نقطا پيش ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته:

”ڏس ٻج جيڪو حقيقت آهي، سو ڌرتيءَ ۾ پوريو پيو آهي، ۽ گل هوا ۾ اڏامي جهومي رهيا آهن. ڪڙمي، جو اَنُ ۽ ميوا اُپائي، تنهن کي ان جي سواد جي به خبر نه آهي ۽ شاهوڪار، جنهن کي خبر نه آهي ته اهي ڪيئن پوکبا آهن، تنهن کي ان جي سواد جي پوري ڄاڻ آهي.“(31)

مطلب ته جڏهن ڪرشن کٽواڻيءَ جي هن ناولن جو جائزو پيش ڪجي ٿو ته، سندس ناولن ۾ ڪيترين ئي خوبيون نظر اچن ٿيون. مثلاً هند ۾ لڏي وڃڻ کان پوءِ، سنڌين جي دل ۾ پنهنجي پياري ڌرتيءَ ’سنڌڙيءَ‘ بابت هن



نهايت ئي گهرائيءَ سان جائزو پيش ڪيو آهي. جڏهن هنن جي ڌرتي هنن کان کسجي وئي ته اهو ڌرتيءَ جو وڇوڙو، ان جي ياد سندن دل ۾ هميشه تازي زخم وانگر تڪليف پيدا ڪندي رهي ٿي، جنهنجو اظهار هن ڪيترن ئي هنڌ، پنهنجي ناولن ۾ ڪيو آهي. انهيءَ کان سواءِ پيار ۽ شاديءَ جهڙي سدا حيات موضوع کي به هن پنهنجن ناولن ۾ پيش ڪيو آهي. هن انهن موضوعن کي پنهنجي اعليٰ فيلسوفياڻن ويچارن سان بيان ڪيو آهي.

**ست ڏينهن:**

ڪرشن کٽواڻيءَ چوٿون ناول ’ست ڏينهن‘ نالي سان لکيو، جيڪو 1985ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ به هڪ سئو موضوع پيش ڪيل آهي، جيڪو گهرو زندگيءَ سان واسطو رکي ٿو.

هن ناول ۾ هڪ نئين شادي شده جوڙي جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ هڪ ڊاڪٽر شرد ۽ سندس زال سوميتا جي گهرو ۽ ذاتي زندگيءَ جو تفصيلي جائزوپيش ڪيو ويو آهي. هي ڊاڪٽر جوڙو پنهنجي زندگيءَ جي مصروفيتن کان بيزار ٿي، شهر جي گوڙ ۽ گهمسان واري زندگيءَ ۾ ماحول کان پري، ڪنهن پهاڙيءَ تي ’ست ڏينهن‘ گذارڻ وڃن ٿا، ۽ انهن جي اتي وڃڻ جو ٻيو مقصد اهو به آهي ته هواڪيلائي ۽ واندڪائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ، سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪن.

اهڙيءَ طرح سماج جي نظرن ۾ آدرشي سڏجندڙ هي جوڙو، پنهنجي من جي اندر آئيني ۾، پنهنجي اصليت جو هوبهو نقش پسي ٿو. هن ناول جي اڏام پنهنجي جدا رنگ ۽ ڍنگ جي آهي. قيمت هري سنگهاڻي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”منشا اندر ۽ ٻاهر ڪهڙو روپ ڌاري ٿو، ان جي عمدي تصوير هن ناول ۾ ڪڍيل آهي.“(32)

هن ناول جي ٻولي به شاعرانه انداز واري بيان، پر اثر ۽ مائيدار پيش ڪيل آهن. هن ناول ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ فنڪارانه ۽ باريڪ بين نظر سان ساراهه جوڳي نقاشي پيش ڪئي آهي. سندس هي ناول ٻوليءَ ۽ عبارت جي لحاظ کان ڪامياب ناول ليکيو وڃي ٿو.

ببليوگرافي

1. طارق اشرف: منهنجي منڙي سنڌ (مقدمو)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1991ع
2. ڪرشن کٽواڻي: ايضاً، ص 167
3. ايضاً، ص 37

4. ايضاً، امر پيار، 1961ع لاڙڪاڻو، پبليڪيشن 1981ع
5. پوپٽي هيراننداڻي: امر پيار (تبصرو)، ڪراچي، چونڊ پبليڪيشن، آر-ايچ ائنڊ برادرس پرنٽرس، 1961ع، ص 36
6. ڪرشن کٽواڻي: امر پيار (ناول)، لاڙڪاڻو، چونڊ پبليڪيشن، 1981ع، ص 23
7. ايضاً، ص 23
8. ايضاً، ص 22
9. ايضاً، ص 21
10. منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، حوالو ڏنل آهي، ص 175
11. ڪرشن کٽواڻي: منهنجي منڙي سنڌ، سنڌ ذڪي پريس، 1991ع ص 13
12. ايضاً
13. حوالو نمبر 1 مقدمو، ص 18
14. حوالو نمبر 2، ص 31
15. ايضاً، ص 48
16. قيمت هري سنگهاڻي: ورهاڱي بعد هند ۾ سنڌي ناول، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 197
17. حوالو نمبر 2
18. حوالو نمبر 16، ص 15
19. حوالونمبر 11 ص 16
20. ايضاً
21. ايضاً
22. ايضاً
23. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: حوالو نمبر 10
24. ڪرشن کٽواڻي: ياد هڪ پيار جي (ناول)، لاڙڪاڻو، چونڊ پبليڪيشن، 1978ع
25. ايضاً، ص 126
26. ايضاً، ص 125
27. ايضاً، ص 125
28. ايضاً، ص 126
29. ايضاً، ص 126
30. ايضاً، ص
31. ايضاً، ص 36
32. حوالو نمبر 16، ص 31




## ڪلا پرڪاش:

(تعارف: ڪلا پرڪاش، پارومل چانڊواڻي جي ڌيءُ آهي. هوءَ 2-جنوري 1924ع تي، ڪراچي ۾ پيدا ٿي هئي. شروعاتي تعليم هرديوي گرلس هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪئي هئائين ۽ ورهاڱي کان پوءِ، ڪي جي ڪلناڻي اسڪول مان ۽ پوءِ S.N.D.T يونيورسٽي بمبئيءَ مان سنڌي ۾ ايم-اي جي ڊگري ورتائين ۽ 'ڊپلوما اِن هائر ايجويشن' (Diploma in Higher Education) (ڊي-ايچ-اي) بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين.

ڪلا پرڪاش، 1954ع کان 1971ع تائين، مرڪزي سرڪار جي ڪاتي ۾ آڊيٽر پڻ رهي، ۽ 1971ع کان 1977ع تائين آر-ڪي تلريجا ڪاليج الهاس نگر، مهاراشٽر ۾، سنڌيءَ ۾ ليڪچرار رهي، ۽ 1980ع کان 1982ع تائين دبئي جي هڪ اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس پڻ ٿي رهي آهي.

ڪلا پرڪاش، 1954ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ مها اديب، ڊاڪٽر موتي پرڪاش سان شادي ڪئي ۽ ڪيس ٻه ٻار آهن، هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ. 'ڪلاپرڪاش' ۽ 'موتي پرڪاش' هڪڙو خوشنصيب ۽ ادبي جوڙو آهي، جنهن کي مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ، انعام سان نوازيو آهي.

ڪلاپرڪاش، ڪهاڻيءَ جي صنف سان ادب ۾ پير پاتو. سندس پهرين ڪهاڻي 'ڌوهي بي ڌوهي' آهي، جيڪا هن 1953ع ۾ لکي هئي، جيڪا پوءِ 'نئين دنيا' مخزن ۾ ڇپي به هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو، سندس لکڻين ۾ عجيب قسم جو موهه هو. اُتم ۽ جڳت آڏواڻي مخزن لاءِ آڪاڻيون طلبي ڪيس لکڻ لاءِ آماده ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪهاڻيون لکندي هوءَ هڪ سٺي ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار ۽ شاعره بڻجي وئي.

ڪلاپرڪاش جا هيستائين ست ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. انهن ۾ سندس سنڌي نثري- نظم جو مجموعو 'ممتا جون لهرون' 1973ع ۾، ڪهاڻين جو مجموعو 'مُرڪ۽ ممتا' 1973ع ۾، 'وارن ۾ گل'، ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو. سندس پهريون ناول 'هڪ دل هزار ارمان'، ٻيو ناول 'شيشي جي دل' 1973ع ۾، 'هڪ سپنو سُکن جو'، 'حياتي هوتن ري' 1974ع ۾، 'وقت وڻيون۽ وڇوٽيون' ۽ 'آرسي ۽ پيار' ناول شايع ٿيل آهن. 1984ع ۾ سندس سفرنامو 'هينئڙي منجهه هُرن' به لکيو اٿائين، جيڪو 1987ع ۾ سچائي اشاعت گهر وارن شايع ڪرايو هو.

سنڌي ادب ۾ ڪلاپرڪاش جي لکيل ڪهاڻين، ناولن، شاعريءَ ۽ سفرنامي کي اهم مقام حاصل آهي. سندس لکڻ ۾ نهايت ئي گهرا احساس ۽ سوچون پيش ڪيل آهن. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ هڪ نئين جاڳرتا جو دؤر آيو هو،

جنهنجو اثر سنڌي ادب تي به ٿيو. هن دؤر جي ادب جو اهم موضوع سماج هو، سماج جي پراڻين رسمن ۽ رواجن، قدرن ۽ ويچارن جي بجاءِ، نون قدرن ۽ نون ويچارن جنم ورتو. هن دؤر ۾ سنڌي ادب ۾ هڪ جولانۍ هڪ اُڀار آيو. هن دؤر ۾ ڏيتي ليتيءَ، پيار جي شاديءَ، وڌوا وواهه وغيره ادب جا خاص موضوع رهيا.

ڪلا پرڪاش جو نثري نظم جو مجموعو، 'ممتا جون لهرون' 1963ع ۾ شايع ٿيو. هي مجموعو، سندس پٽ شريڪانت ۽ ڌيءُ سنڌوءَ جي ابهرائينۍ البيلائن تي لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ هن پنهنجي من جي امنگن ۽ خواهشون کي ظاهر ڪيو آهي. لعل پشپ، ڪلا جي هن، ڪتاب کي 'سچي ترقي پسند دؤر جي سڀ کان بهترين ۽ سڀ کان اصلوڪي تخليق' سڏيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪلا، ماءُ ۽ اولاد جي نازڪۍ سچي رشتي جو چٽ چٽيو آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪلا جي انهيءَ مجموعي جي فارم تي چوي ٿو ته: ''سنڌي ساهت اندر سندس اهو فارم ۽ ان فارم ۾ جڙيل جذبا گهٽ ۾ گهٽ مني ڪلاسڪ درجو رکن ٿا.'' هري موٽواڻي به ڪلا جي هن ڪتاب کي، 'سنڌي ادب جو لاثاني ۽ مثالي پستڪ ثابت ڪيو آهي.' ڪلا جو ڪتاب، هڪ لاجواب ڪتاب آهي. سندس شاعراڻي خوبي، ممتا جون لهرون نهايت ئي سهڻي نموني جهلڪي رهيون آهن. پوپٽي هيراننداڻي چوي ٿي ته: ڪلا صرف 'ممتا جون لهرون' ڪتاب ئي لکي ها تڏهن به هوءَ اوچي چوٽي جي ليکڪا ليکجي ها. سندس هن ڪتاب مان ڪجهه مصراعون پيش ڪجن ٿيون. مثلاً هو لکي ٿي ته:

''امي، نهرو چاچا جي جنم ڏينهن تي،
موڪل چو ٿي ملي اسڪول مان،
مون به گنڀير ٿي وراڻيو،
''نهرو تمام وڏو ماڻهو آهي.''
تو ڪاٿو چڙي اُٿي ڪڙو ٿي
پپن تي بيهي پڇئيه
هن ڪان به وڏو،
آئون ڪل ۾
چيم نهرو سنو ماڻهو آهي، گلَ
ٻي گراهه وات ۾ وٺي وري پڇئيه
امي منهجي جنم ڏينهن تي،
اسڪول چو نٿو بند ٿئي.''

ماءُ جي هردي مان ممتا جو جهرڻو وهائيندڙ ڪلا پرڪاش، عورت ذات جو شان ۽ فخر آهي. هوءَ سنڌيت جو به شان آهي. هن عظيم ليکڪ جي ادبي



خدمتن تي کيس سنڌي ٻولي ساهت سڀا طرفان انعام پڻ مليو آهي.

ڪلاپرڪاش ڪهاڻيون به لکيو آهن. سندس پنجاهه کن ڪهاڻيون مختلف رسالن، مخزنن مثلاً: 'نئين دنيا'، 'هلچل' ۽ 'ڪونج' ۾ ڇپيل آهن. سندس ڪهاڻين جا ٻه مجموعا 'مُرڪۍ ممتا' 1973ع ۽ 'وارن ۾ گل' 1993ع ۾ پڻ ڇپيل آهن.

ڪلا جي لکيل ڪهاڻين جا موضوع گهڻو ڪري گهريلو زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن. گهريلو زندگيءَ جي ننڍن ننڍن مسئلن ۽ ماڻهن جي مالي حالت صحيح نه هجڻ وغيره جي ڪري، پيدا ٿيندڙ ڪيترن ئي مسئلن جو ذڪر ڪيل آهي.

ڪلا پرڪاش جي ڪهاڻين جي مجموعي 'مرڪۍ ممتا' ۾، جيڪي ڪهاڻيون لکيل آهن، انهن جا موضوع ماءُ جو پيار، تنگدلي، بيوسي، سنڌ جي يادگيري وغيره تي ڪيترائي افسانا لکيل آهن. اهڙيءَ طرح سندس ڪهاڻين جي ٻي مجموعي 'وارن ۾ گل' ۾، ڪاليجي زماني ۾ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو پيار، چاچيءَ ۽ ڀائٽي جو پيار، ماءُ جي ممتا، ماءُ پٽ جو پيار، پيءُ ۽ پٽ جو پيار، زال مڙس جي پيار جي زندگيءَ ۽ نرس جي پنهنجي پيشي سان وفاداري وغيره جي موضوع تي ڏهه ڪهاڻيون لکيل آهن، جيڪي نهايت ئي خوبصورت ڪردار نگاريءَ ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن.

ڪلاپرڪاش جا انهيءَ کان علاوه ناول به نهايت ڪامياب لکيل آهن.سندس ناول 'هڪ دل هزار ارمان'، جيڪو اجنتا ساهت مالا وارن ڇپايو هو. اهو خاص انهيءَ موضوع يعني ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي، جيڪو ڀارت جو اهم موضوع هو ۽ جنهن جي ڪري ڪيترائي خاندان تباهه ۽ برباد ٿي چڪا هئا. هي ناول، هن 1957ع ۾ لکيو، جيڪو هڪ ڪامياب ناول ليکيو وڃي ٿو. ڪلا پرڪاش، ڪهاڻي نويس جي حيثيت ۾ ته، اڳي ئي ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪي هئي، پر هن ناول جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ سندس نالو وڌيڪ روشن ٿي ويو. هن ناول جو انجام ڏک تي ختم ٿئي ٿو. هن ۾ هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جيڪو مائٽن جي مرضيءَ جي خلاف ڏيتيءَ ليتيءَ بنا، ننڍپڻ جي هڪ ساٿياڻيءَ سان شادي ڪري ٿو ڇڏي. شاديءَ وقت هو ٻاڻ ته ٻئي خوش هئا پر ڇوڪريءَ جا ساهرا، مٿس هر وقت ۽ هر طرح جا ظلم ڪندا رهندا هئا. سندس مڙس به آهستي آهستي مائٽن جي چوڻ تي لڳي، هن کي مارڪٽ ڪندو رهندو هو. آخر هن کي انتو ٻار ڄمي ٿو نتيجي ۾ ڇوڪري پنهنجن ساهرن ۽ مڙس جا عذاب ۽ تڪليفون برداشت ڪندي مري وڃي ٿي. هي هڪ جذباتي ناول آهي، پر گهڻو ڪامياب آهي. چاڪاڻ ته هن ناول جو پلاٽ، ڪهاڻي، ڪردار نگاري ۽ ٻولي نهايت ئي سهڻي ۽ شاعراڻي استعمال

ڪيل آهي. منگهارام ملڪاڻي هن ناول جي تعريف ڪندي لکي ٿو ته:

”ڪلاپرڪاش پهرئين ناول لکڻ سان ڪامياب ناول نويسڻ بنجي وئي.“

ڪلاپرڪاش هن ناول ۾ ڪهاڻيءَ سان گڏ، ڪردار نگاري به اعليٰ طرح جي ڪئي آهي. سندس انهيءَ خاصيت کي پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي هنن لفظن ۾ بيان ٿي ڪري:

"Kala's characters display the details of life, that affect the woman."(1)

جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته، ورهاڱي ڪان پوءِ جي دؤر ۾ اديبن جي نظر ۾ هڪ طرف ملڪ جي ورهاڱي جو مسئلو هو ته ٻئي طرف ڪين لڏپلاڻ جو مسئلو درپيش آيو. پنهنجي ماتر ڀومي ڇڏڻ جو درد به هنن اديبن لاءِ هڪ وڏي پيڙا مثل هو. هن دؤر ۾ ڪوبه اهڙواديب ڪونه هو، جنهن سنڌ کي ساريو نه هجي. سنڌ جي سهڻي ڌرتيءَ جي يادگيرين جا تصور نه ڪيا هجن. اهڙي وقت ۾ پنهنجو وطن ڇڏي وڃڻ جي احساس سنڌي ادب ۾، ڪيترن ئي موضوعن کي جنم ڏنو، جن کي پنهنجي لکڻين ۾ پيش ڪري هو (سنڌي هندو ليکڪ) پاڻ کي سنڌ ۾ ويٺل محسوس ڪندا هئا.

اهي جذبا ۽ احساس هن ناول جي صنف ۾ بيان ڪيا ويا آهن. هڪ طرف وطن جي سڪ ۽ ٻئي طرف سنڌ جي ماحول جو نقشو، سنڌ سان جذباتي انس ۽ محبت، سنڌي ڪردار ۽ سنڌي وايومنڊل جو منظر ۽ ان سان وري گڏ ڀارت ۾ هنن لاءِ ڪيترائي مسئلا جهڙوڪ: پنهنجا محلن جهڙا گهر ڇڏي مجبوراً ڪئمپن ۾ رهڻ، اتي جي ڏکي زندگي، معاشي ۽ سماجي مسئلا، هن دؤر جا خاص موضوع رهيا. ڪلا پرڪاش به هنن موضوعن کي ڪٺي، پنهنجن ناولن ۾ انهن جا منظر چٽيا.)

آئون ڪلا جي چوند ناولن تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريان ٿي:

**شيشي جي دل:**

1970ع ۾ ڪلا ’شيشي جي دل‘ نالي هڪ ٻيو ناول لکيو، جيڪو گهريلو زندگيءَ تي لکيل ناول هو. قيمت هري سنگهاڻي هن ناول جي موضوع بابت لکي ٿو ته:

”شيشي جي دل 1970ع ۾، ڏيتي ليتيءَ بابت ٻن جوڙن جو هڪٻئي جي ابتڙ چترڻ ڪيل آهي.(2)

ڪلا پرڪاش جو هي ناول به هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي ڪان اڳ جي، ڪراچيءَ جي زندگيءَ جو احوال، سنڌ جون يادگيريون ۽ ورهاڱي ڪان پوءِ ڀارت جي زندگيءَ ۽ انهن مسئلن جو احوال



پيش ڪيل آهي.

هن ناول ۾ ڪراچيءَ جي هڪ خاندان جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن ۾ هڪ ننڍيو ڀاءُ ۽ وڏي ڀاءُ جي زال گڏ رهن ٿا. ننڍيو ڀاءُ پيار جي شادي ڪري ٿو، ۽ وڏي ڀاءُ جي گهر ۾ رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته سندس ڀاڄائيءَ ئي ڪيس ننڍي هوندي ڪان پاليو هو. وڏو ڀاءُ پنهنجي زال کي ڪابه اهميت نٿو ڏي، پنهنجي ڀاڄائيءَ (يعني ننڍي ڀاءُ جي زال) کي پيار ڪري ٿو، جنهن تان ٻنهي زال مڙس جي وچ ۾ جهيڙو ٿئي ٿو، ۽ هو(وڏو ڀاءُ) سينگاپور هليو وڃي ٿو، ۽ اتي وڃي ٻي شادي ڪري ٿو. ننڍيو ڀاءُ، جنهن کي سندس ڀاڄائيءَ پاليو آهي، ان ڪان هن جي (وڏي ڀاءُ جي زال) جي تڪليف برداشت نٿي ٿئي. انهيءَ ڪري هو پنهنجي ڀاڄائيءَ سان همدرديءَ خاطر سندس گهڻو خيال رکي ٿو، جنهن ڪري هن (ننڍي ڀاءُ) ۽سندس زال جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پوي ٿو. نيٺ هو (ننڍو ڀاءُ) به پنهنجي زال کي، ٻار سميت مائٽن ۾ ڇڏي اچي ٿو. آخر اتي هو پنهنجي ڀاڄائيءَ سان سول مئريج ڪري ٿو. هن ناول جي سچي ڪهاڻيءَ ۾ ڏير ۽ ڀاڄائي، سموري ڪهاڻيءَ تي ڇانيل آهن. ڪلا پرڪاش جي هن ناول تي پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي تبصرو ڪندي هن ريت ٿي لکي ته:

"In her novel Shishe-ji-Dil, every character narrates his or her own story. Though written as a novel of social reaslism, the hero of this novel, with his strange behaviour towards his and sister-in-law is not convincing. Kala's language is simple and idiomatic and there is a poetic flow in her words"(3)

ڪلا پنهنجي هن ناول جي ڪهاڻي ڪردارن جي زباني پيش ڪئي آهي. سندس هن ناول جي ٻولي شاعراڻي، سادي ۽ پختي آهي.سندس هن ناول جي ٻوليءَ تي ڪرشن هميراجاڻي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”شيشي جي دل، ناول داد جي قابل آهي. جهڙي آهي ڪهاڻي روچڪ تهڙي آهي ٻولي پڪي ۽ پختي. ڪلا بيشڪ ڪيرون لهڻي.“(4)

هن ناول جو انجام ڏک تي ٿئي ٿو. هن ناول ۾ ڏيتيءَ ليتيءَ بابت ٻن جوڙن جو هڪٻئي جي ابتڙ هجڻ جو نقش چٽيو ويو آهي. سندس هن ناول جي ڏک واري انجام تي، ڪرشن هميراجاڻي لکي ٿو ته:

”دنيا جا شاهڪار ناول اهي ئي پئي رهيا آهن، جن جي ڪهاڻي دک-انت رهي آهي. ڪهاڻي جيئن بيٺي آهي، تيئن سپاويڪ پيئي لڳي.“(5)

ڪلاپرڪاش جي هن ناول تي ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”ڪلاپرڪاش جو هي ناول گهڻي اميد جاڳائي ٿو، پر هوءَ بيحد جذباتڻ آهي، تنهن ڪري جذبات وهيڻي ٿي، پنهنجن ڪردارن کي هيڻ مٽي ڪري ٿي ڇڏي.-(6)

بهرحال هن ناول پڙهڻ سان اهو واضح ٿئي ٿو ته ڪلا پرڪاش هن ناول ۾ جيڪو موضوع ڪنيوآهي، ان کي نهايت ئي عمدي طريقي سان نباهيو آهي. هر ڳالهه کي صاف ۽ واضح لفظن ۾ پيش ڪيو اٿس. ان کان علاوه سنڌ جي شهرن، سنڌي ماحول ۽ سنڌي زندگيءَ جو نقشو، هن ناول ۾ نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. سندس هن ناول جي ٻولي ۽ عبارت کان سواءِ ڪردار نگاري ۽ منظر نگاري به سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. هي هڪ مثالي گهريلو ناول آهي.

**وقت، وٿيون ۽ وڇوٽيون:**

ڪلا پرڪاش، ٽيون ناول ’وقت، وٿيون ۽ وڇوٽيون‘، 1988ع ۾ لکيو، جيڪو پهرين پوني ۾ ڇپيو ۽ پوءِ سنڌ ۾ نيوفيلڊس پبليڪيشن طرفان، 1989ع ۾ شايع ڪيو ويو.

ڪلاپرڪاش جو هي ناول عورت جي مجبورين ۽ محرومين، ان جي اهنجن ۽ ايذائن جي ڀرپور عڪاسي پيش ڪري ٿو.

سندس هن ناول ۾ مختصر دؤر جو جيئرو جاڳندو چٽو عڪس پيش ڪيل آهي. وقت جي بي رحمين سان، انساني ناتن ۾ پيدا ٿيندڙ وٿين ۽ وڇوٽين جي باري ۾ هي ناول هڪ آئينو آهي.

هن ناول جي ڪهاڻي، وقت جي ڪانٽن ۾ جيئندڙ، معاشي جدوجهد ڪندڙ عورت ۽ ورڪنگ ليڊي سريتا جي زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي وقت، قيد ڪري، هن جون سموريون خوشيون ڪسي ورتيون آهن. سريتا، جنهن جي اندر ۾ شاعر جي دل سمايل آهي، جيڪا زندگيءَ جي لطافتن مان لطف اندوز ٿيڻ چاهي ٿي، تنهن کي ايتري فرصت ئي نٿي ملي جو، هوءَ گهڙيءَ ڪن لاءِ آسمان ۾ ڊوڙندڙ، ٻُوندو وسائيندڙ بادلن ڏانهن به نهاري سگهي. هوءَ به گهڙيون آرام سان گذارڻ لاءِ، پنهنجو پاڻ سان، پنهنجي اندر جي حسن ۽ شاعريءَ سان ملڻ ٿي چاهي. پنهنجي لاءِ محدود سوچن جي سهڻي تصويرن ۽ نقش وغيره جو سير ڪرڻ ٿي چاهي، پر هن جي زندگي ٻين سان ايڏي ته گهري جڪڙيل آهي، جو هڪ گهڙي يا هڪ لحظو به هن جو پنهنجو ناهي، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي اندر ۾ پيهي، پنهنجو پاڻ سان هم ڪلام ٿي سگهي. هن وٽ زندگيءَ جي حسن جو جيڪو تصور آهي، تنهن کان واقف هوندي به هوءَ، ان جي باري ۾ سوچڻ ۽ ان جو عڪس پيش ڪرڻ، يا ان جي نقاشي ڪرڻ کان بيوس آهي.



هن ناول ۾ ڪلا پرڪاش جا پيش ڪيل سمورا خيال، تصور، انهن جون گهرايون ۽ اونهائيون، پڙهندڙن جي دل ۾ لهندي محسوس ٿين ٿيون. اهڙي سنجيده ۽ غور طلب مسئلي تي قلم کڻي، ڪلا عورت جي مجبورين، محرومين، ڏکن ۽ تڪليفن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. ڪلا پاڻ به جيئن ته هڪ عورت آهي، انهيءَ ڪري عورت جي جذبن، احساسن ۽ جبلتن جي اعليٰ قسم جي عڪاسي ڪئي اٿائين. ڪلا پرڪاش جي باري ۾ ماهتاب محبوب پنهنجي راءِ ڏيندي هن ريت ٿي لکي:

”ڪلا وٽ لکڻ جو بنيادي جذبو، ممتا آهي. اها ممتا ان ماءُ واري ناهي، جيڪا رڳو پنهنجي اولاد سان پيار ڪري ٿي، پر هيءَ اها ممتا آهي، جيڪا سڄي ڌرتيءَ تي پکڙجي سموري انسان ذات کي پنهنجي قربن جي وسيع دائري ۾ جهلي ٿي بيهي. ڪنهن کي به نه ڪورنج ٿو رسي نه ئي ممتا ڏکوئجي ٿي.“(7)

بهرحال ڪلا جو هي ناول به گهڻو ڪامياب ناول آهي.

**حياتي هوتن ريءَ:**

انهيءَ کان علاوه ڪلا پرڪاش جو ناول ’حياتي هوتن ريءَ‘ 1978ع ۾ شايع ٿيو. هي به سندس هڪ ڪامياب ناول آهي. ڪلاس سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ، ۽ سندس لکيل هن ناول جي ڪامياب ٿي وڃڻ کان پوءِ، هن 1992ع ۾ هڪ ٻيو اهم ناول ’آرسي‘ لکيو. تڏهن سڀني جو ڌيان هڪ نئين طرز جي ناول ڏانهن ويو ۽ هي ناول ايترو ته ڪامياب ويو جو ’مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ‘ طرفان سندس هن ناول کي سال جو بهترين ناول مڃي ڪيس انعام ڏنو ويو. ساڳئي ئي ناول تي ڪيس ’مهاراشٽر راجيه، سنڌي ساهتيه اڪادميءَ‘ ڏهن هزارن جو انعام به مليو.

’آرسي‘ پڻ ڪلا جو هڪ گهريلو ناول آهي، جنهن ۾ زال مڙس جي پيار جو ذڪر نهايت سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. ناول جو سورمو ڊاڪٽر انوپ اگروال ۽ سندس زال سيتا، ناول جي سورمي آهي، جيڪا پڻ ڊاڪٽر آهي. ٻنهي زال مڙس جي پيار جي شادي ٿي آهي، پر پنهنجي پيشي جي ڪري هو هڪ ٻئي کان گهڻو دُور ٿي ويا. سيتا، مختلف غلط فهمين ۽ شڪ جو شڪار ٿي وڃي ٿي، هوءَ نٿي چاهي ته سندس پٽ پنهنجيءَ پيءُ جي صحبت ۾ رهي، آواره ٿئي، پر ڊاڪٽر انوپ کي پنهنجي پٽ سان بيحد گهڻو پيار آهي. هو به ان کان پري رهي نٿو سگهي، انهيءَ ڪري اولاد جي سڪ هنن ٻنهي زال مڙس کي وري هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيو.

هن ناول ۾ ڪلا، ڊاڪٽر انوپ جي ڪردار نگاريءَ کي ڏاڍو باريڪيءَ

سان اُپاريو آهي. هن جي پنهنجي فيلسوفي آهي، جنهن کي ڪلا نهايت ئي بيباڪيءَ سان بيان ڪيو آهي. هن ڪردارن ۾ جيڪي خوبيون ۽ خاميون آهن، اُهي نهايت ئي فهميدي نموني بيان ڪيون اٿس.

ڪلا جو هي ناول 'آرسي'، عبارت ۾، سندس ٻين ناولن جي ڀيٽ ۾ ميچوئر نظر اچي ٿو. هن جي ٻولي چيدي ۽ لڪٽي دلچسپ آهي، جيڪا آخر تائين دلچسپي قائم رکي ٿي. ڊاڪٽر ستيش، ڪلا جي هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”ٽيڪنڪ جي خيال کان هي ناول هڪ تجربو ڪري ليکڻ گهرجي. ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته مرد جي من کي مرڪز بڻائي، ان جي ڀنپرتا سان ڏوهه ڪرڻ، وارو هيءُ هڪ بيحد سٺو ناول آهي.“(8)

ڪلا پرڪاش جي ناولن جي خاص خوبي اها آهي جو اهي ترقي پسند ماحول جي پيدائش آهن. هن جي ناول جا ڪردار وچولي طبقي جي زندگي گهاريندڙ آهن. هوءَ هڪ ڪامياب ناول نگار آهي. هوءَ زندگيءَ جي ڏکن ۽ تڪليفن کي پنهنجين لکڻين ۾ نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪري ٿي. هوءَ زندگيءَ جي تڪليفن کي بجاءِ روئڻ پٽڻ جي، همت ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻ، انهن کي منهن ڏيڻ جي هدايت ۽ نصيحت ڪندي رهي ٿي. مثال طور هوءَ هن ناول ۾ لکي ٿي ته:

”ڪڏهن ڪڏهن خودداريءَ بابت سوچيندي آهيان، ائين لڳندو آهي، ڏک سپني کي لڳل آهي. مسئلا سپني کي آهن، ڏکن ۽ مسئلن کي حياتيءَ جو حصو سمجهي جيئڻو آهي. ٻي ڪا واهه ڪانهي، ڏک ته اسان جو پيڇو ڇڏيندو ڪين، ويندي قبر تائين، تنهن ڪري چا روئي روئي حياتي وڃائڻ گهرجي.“(9)

ڪلا پنهنجن هنن ناولن ۾ ٻيا به ڪيترائي اهم نقطا بيان ڪري ٿي. مثلاً هوءَ لکي ٿي ته:

”ڇڏ مهيش! ماضيءَ کي ياد نه ڪر. ماضي... انهيءَ ڪري ڪتاب پڙهڻ ضروري آهن. ڪتاب سان دوستي رکڻ ضروري آهي. شاهه، سچل ۽ ٽئگور پڙهڻ ضروري آهن وغيره وغيره.“

ڪلاپرڪاش پنهنجن ناولن ۾ سنڌ ۽ سنڌي زندگي، سنڌ جو ماحول، سنڌي ادب ۽ سنڌي ڪلچر، سنڌ جي تهذيب، ريتون ۽رسمون پيش ڪيون آهن. هوءَ سنڌي هئڻ تي پاڻ تي فخر محسوس ڪري ٿي. هوءَ سنڌي هئڻ جي ناتي سان، سنڌ جي ماڻهن سان جيڪي سڱ يا رشتا جوڙي ٿي، انهن کي هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿي. مثلاً: ”منهنجي واقفيت اها آهي ته مان سنڌي آهيان، سنڌي ٻولي، هن سنڌ ڌرتيءَ جي ڌيءَ، جيڪا توهان ۽ مون گڏ پيتي آهي. اهوئي توهان جو ۽ منهنجو سڱ آهي، جيڪو ڪڏهن به نه ٽٽندو. سنڌ ڌرتيءَ



سان هن کي بي انتها پيار هو، وڇوڙي کان پوءِ سنڌ جي سڪ جو اظهار هن پنهنجي سفرنامي 'هينئڙي منجهه هُرن' ۾ ڪيو آهي. جيڪو سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ، سٺيهه سالن بعد وري جڏهن سنڌ گهمڻ آئي هئي تڏهن لکيو هئائين: سنڌ ڌرتيءَ تي اچڻ سان هن کي جيڪو سڪون مليو آهي انهيءَ کي هوءَ هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿي:

”سنڌ جي سرزمين تي قدم رکندي، منهنجيءَ دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي وئي. مون کي خود خبر نه هئي ته جنم ڀوميءَ کان دوُر هئڻ جو غم چمڙي چيري، دل ۾ سوراخ ڪري، روح ۾ وڃي اٽڪيو آهي. ائين پئي چاهيان ته جيڪر ڌرتيءَ سان لپيٽجي پوان ۽ روئي چوان، اما! مون کي پيار ڪر، توکي سارڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ جو وقت به نه ڏنو ويو آهي. زندگيءَ مون کي. ڪلا پنهنجي هن ڪتاب ۾ سنڌ ۾ اچڻ سان ۽ سنڌ مان واپس اچڻ وقت، هن جي جيڪا ڪيفيت آهي، انهيءَ کي هوءَ هنن لفظن ۾ لکي ٿي ته:

”سنڌ ۾ پهچي ائين لڳو هو ڄڻ سالن جا سال امڙ جي ٿڃ لاءِ ٻاڪارڻ بعد اها ملي آهي؛ جيجل ڇاتيءَ سان لاتو آهي ته اسان کي ڄڻ سڪون جي ننڊ اچي وئي، پر واپسيءَ ۾ ائين لڳو ته ڪنهن بي رحميءَ سان ماءُ جي ڇڳڙ وٺندي سٺل ٻارن کي ڇڪي الڳ ڪيو آهي. ماءُ کان پوءِ ٻار وانگر، ڦٿڪي ڦٿڪي روئي رهيا هئاسون...“(10)

هن سفرنامي ۾ هن سنڌ ۾، جن به اديبن سان ملاقات ڪئي آهي انهن جو ذڪر هن تمام سهڻن لفظن ۾ ڪيو آهي. هوءَ ظفر حسن ۽ آپا قمر شاهه جي لاءِ لکي ٿي ته:

”اسان جي ملاقات ظفر حسن جي سهڻي ڪنوار قمر سان ٿي. هن سان ڳالهائيندي منهنجي دل سڪون ۽ فخر سان ڀرجي وئي ته هوءَ هيڏي خوبصورت ۽ هيڏي ذهين عورت آهي، يا ظفر حسن (مرحوم) لاءِ چوي ٿي ته، ”ظفر پنهنجي ابي امڙ جو بيحد لائق فرزند آهي“. عابده پروين ۽ غلام حسين شيخ لاءِ اهو ريمارڪ ڏي ٿي ته: ”هنن جو پاڻ ۾ روح جو رشتو آهي ڄڻ صوفين واري مجازي عشق جي منزل پار ڪري روحاني منزل تي پهچي ويو آهي. ”انور ۽ نسرين جي خوبصورتيءَ بابت ٻڌائي ٿي ته: ”خدا ڪڏهن انسانن ۾ به گلن جهڙي سونهن ۽ خوشبوءِ پريندو آهي. خدا جي ان ڪرامت کي سجدو ڪيوسون، جڏهن انور ۽ نسرين کي ڏٺوسون. ”اختر ۽ گل جهڙي نازڪ نفيس بابت هوءَ هنن سهڻن لفظن ۾ بيان ڪري ٿي ته: ”هوءَ گل جهڙي نازڪ آهي. سندس مرڪ گلن جي پنکڙين جهڙي نفيس آهي، هن جي ڄڻ اکين ۾ التجا آهي، گهرائي ۽ شوخيءَ جهڙيون ڳالهيون هوءَ نه سجاڻي نه ڄاڻي.“(11)

اهڙيءَ ريت ماهتاب محبوب جي ڏنل پيار واري رويي بابت لکي ٿي ته:

”چنڊ ۽ چڪور جي تشبيهه اسڪول ۾ پڙهي هئيسين ۽ ادب ۾ به پڙهي اٿئون، پر اها خبر ڪانه هئي، ان تشبيهه جا ڪردار ڪڏهن زندگيءَ ۾ منهان منهن ملندا، ماڻهو جي روپ ۾، ماهتاب ڏاڍي سهڻي آهي ۽ پيار جو مجسمو ۽ تصوير آهي.“(12)

**سکن جو سپنو:**

ڪلا پرڪاش جو پنجون ناول ’سکن جو سپنو‘ شايع ٿيو. سندس هن ناول بابت پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي لکي ٿي ته:

"Kala is sometimes very timid. She can not face the fact that husband and wife may have mental angulan ritics which when years of living together will not smooth over. Hence here portrayal of husband and wife characters lack, the vitality of real life. But she keenly observes the social scnece around her and depicts it sicnerely. The subject matter of her novel as well as that of her stories is the same.That is tiny problem of every day life arising out of economics stresses in the lower middle class families."(12)

حاصل مطلب ته آزاديءَ کان پوءِ هندستان جي ٽن اهم ليکڪائن ۾ سُندري اُتمچنداڻي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ ڪلاپرڪاش جو نالو وڏين ۽ اهم ليکڪائن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ڪلاپرڪاش، پنهنجي شاعريءَ ۾، پنهنجن مضمونن ۾، ڪهاڻين ۽ پنهنجن ناولن ۾ اهم مقام ۽ اهم حيثيت رکي ٿي. هن جو پنهنجو اسٽائيل آهي، پنهنجو اسلوب آهي ۽ پنهنجو انداز آهي. هوءَ ترقي پسند اديبن ۾ شمار ٿئي ٿي، ته هوءَ رومانيت جي نظريي جي به قائل آهي. سندس ناولن ۾ هن جديد طرز جي مطابق نون موضوعن تي، سادي ۽ سولي عبارت ڪم آندي آهي، جنهن ۾ تشبيهون به آهن ته استعارا به آهن، اصطلاح ۽ پهاڪا ۽ چوڻيون به استعمال ڪيون اٿس. سندس ناولن ۾ خوبصورت منظر ۽ ڪردار نگاري پيش ڪيل آهي. مثلاً هوءَ پنهنجي ناول. ’حياتي هوتن ريءَ‘ صفحي 101 ۾ لکي ٿي ته:

”اچانڪ سڄي ڳوٺ جون بتيون بند ٿي وئيون. هتي ائين ٿيندو رهندو آهي. ماڻهو ان تي ايترو ته هريل آهي، جو هنن جي ڪرت ڪار ۾ ڪو فرق نه پوندو آهي. منشاراماڻيءَ به هري مري ويو آهي، پر لالجي ڏاڍو پريشان ٿيندو آهي. بجلين، بتين سان جڳمڳائيندڙ بمبئي شهر جو رهاڪو لال جي!



بمبئيءَ جو شهر جيڪو رات جي ڪنهن به پهر ۾ هيڏو اڪيلو نه لڳندو آهي. هتي نوين بجي هونئن به اڌ رات لڳندي آهي. باقي بتي بند ٿيڻ تي ته گهوُر اوندهه ٿي ويندي آهي. لال جي ڊڪندو ويو ۽ لائيٽ هڪ ڪوڪي ۾ ٽنگي هليو ويو. وايومنڊل ۾ ٺڪار آهي، تنهن ڪري پکي جو نه هئڻ گهڻو ڪٿڪي نٿو. ٻاهران صرف جيتن جي چين چين ۽ پنن جي سر سر جو آواز اچي رهيو آهي. چؤطرف اوندهه انڌوڪار. ائين ته وايومنڊل کي پؤپريو سڏي سگهجي ٿو، پر هنن اونداهين جو ٻاهر جي اوندهه سان ڪوبه واسطو ڪونهي. هنن جي محفل روشن آهي. دوستيءَ ۽ پيار جي شمع سان. حقيقت ۾ هو روح رهاڻ ۾ اهڙا محو ٿي ويا آهن، جو چڻ ڪائڻ پيئڻ سان به سندن ڪو پريوجن ڪونهي. ڪيترا وسڪيءَ جا گلا پريا ۽ خالي ٿيا ۽ لال جيءَ هنن کي چا چا ڪارايو، اها به ڪين خير ڪا سُڌ آهي.“(13)

حاصل مطلب ته ڪلاپرڪاش موجوده دؤر جي جديد ناول نگارن ۾ اهم مقام حاصل ڪري چڪي آهي. سندس ناولن ۾ گڏيل ڪٽنب جي گهريلو زندگيءَ جي مسئلن، ڏيتي ليتيءَ جي مسئلن، عورتن جي سماج ۽ معاشري ۾ حالت، عورتن جي ڪمزوري، همت ۽ بهادريءَ وارن پهلوئن سان گڏوگڏ سنڌيت جي جذبي جي اُپٽار پڻ ڪئي اٿس. لهٰذا هوءَ هڪ ڪامياب ناول نگار مڃي سگهجي ٿي.

ببليوگرافي


1. Popati Hiranandan, Professor: History of Sindhi Literature, Bombay, Pop Printers,
2. قيمت هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ناول جي اوسر، پوپال، رميش پرنٽرس، 1970ع، ص 206
3. ڏسو حوالو نمبر 1
4. ڪرشن هميراجاڻي: رهاڻ 86، جئپور، راجستان سنڌي اڪيڊمي، 1986.
5. ايضاً
6. ڪيرت ٻاٻاڻي: ادب ۾ حقيقت نگاري، بمبئي، سورٺ پبليڪيشن، 1987ع
7. ماهتاب محبوب: وقت، وٿيون ۽ وڇوٽيون، تبصرو، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1988ع
8. ڊاڪٽر ستيش، ناول آرسي، 1992ع
9. ڪلاپرڪاش: حياتي هوتن ريءَ (ناول)، شڪارپور، نئين دنيا پبليڪيشن، 1979ع
10. ايضاً
11. ايضاً
12. ايضاً
13. ايضاً، ص 101

## گوبند مالهي:

(**تعارف:** گوبند مالهي، 5-آگسٽ 1921ع ۾ ٺاروشاهه، ضلعي نوشهروفيروز ۾ پيدا ٿيو هو. هو ورهاڱي کان اڳ به سنڌ ۾ لکندو رهندو هو. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي وڃڻ کان پوءِ، هو هر سال هڪ ٻه ناول لکندو رهندو هو. هن سنڌيءَ ۾ ناٽڪ، ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون.انهيءَ کان علاوه هن ٻين صنفن تي به ڪافي لکيو آهي. اٽڪل سندس 23 ڪتاب شايع ٿيل آهن.

گوبند مالهيءَ جي لکيل ناولن ۾: 'شرم ٻوٽي'، 'لوڪ آهي ٻوڪ'، 'عشق ناهي راند'، 'ديسي سيڻ ڪجن' ۽ 'پيار جي پياس' وغيره سٺا ناول مڃيا ويا آهن. سندس ناول 'پيار جي پياس' تي، 1953ع ۾ ساهتيه اڪادميءَ طرفان ڪيس ادبي انعام پڻ ڏنو ويو. انهيءَ کان علاوه هن ڪيترائي ڪتاب ترجمو به ڪيا. سندس ڪتاب، ڪهاڻي پبليڪيشن، نئين دنيا، نئين زندگي، ڪوُنج، سنڌو ڌارا ۽ سنڌو سماچار وغيره ادارن شايع ڪيا.

گوبند مالهي، ڏهن ناٽڪن جهڙوڪ: 'ڪفن'، 'گهوٽ ڪنوار'، 'مهمان'، 'جُهو جي ڪناري سان گڏ' هدايتڪاريءَ جو ڪم به سرانجام ڏنو. انهيءَ کان سواءِ هن سنڌي فلم، 'سنڌوءَ ڪناري' ۾ ڊائريڪٽر طور به ڪم ڪيو. هري موٽومل تنواڻي، پنهنجي ڪتاب ساهتيه ڪلا درسني ۾، مالهيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

''شروعاتي دؤر ۾ سنڌي ناٽڪ جي اوسر لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ، بعد ۾ نرتيه ناٽڪ. ان وقت سنگيت ڪيتر ۾ خاص سيوائون ڏيندڙ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي سنگيت جا پروگرام پيش ڪندڙ، نون سنڌي راڳن، ڪلامن، ڪافين ۽ ڏوهيڙن لاءِ نيون ڪمپوزيشنس ۽ تجربا ڪرڻ سان گڏ، نج سنڌي سنگيت دوران، 'سنڌيت' جو پيغام ڏيندڙ، ڀارت کان ٻاهر دبئي ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ سنڌي سنگيت جا پروگرام ڪندڙ، آل انڊيا ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان پڻ ڪيترائي پروگرام پيش ڪندو رهندو هو.''(1)

اڳ ۾ عرض ڪري آئي آهيان ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ناول لکندڙن جو گهڻو تعداد هندو ليکڪن جو ئي هو. ورهاڱي کان اڳ هنن جا سنڌ ۾ ڪيترائي ناول شايع ٿي چڪا هئا. حالانڪ هندو ليکڪن جي لڏي وڃڻ جي ڪري، سنڌ ۾ ناول نويسيءَ واري صنف کي تمام گهڻو نقصان رسيو، تاهم هنن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ، ڀارت ۾ به ڪيترائي نوان ادبي ادارا وجود ۾ اچي ويا، جن نه صرف نون ناول نويسن کي همٿايو ۽ انهن جا لکيل نوان ناول شايع ڪرايا، پر انهن ادارن، اڳوڻن سنڌي ناولن کي به ٻيهر ڇپايو. ساڳئي وقت ڪيترائي ناول ٻين ٻولين تان ترجمو به ڪيا ويا، نتيجو اهو نڪتو جو سال



کن ۾ هڪ ڊزن کان به وڌيڪ ناول شايع ڪيا ويا.

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ ناول نويسيءَ لاءِ هڪ نئين جاڳرتا جو دؤر آيو. اهو دؤر ڀارت ۾ لڏي ويندڙ سنڌي اديبن لاءِ هڪ للڪار بڻجي آيو هو. هن للڪار جي هنن آجيان ڪئي. ان سان ٽڪر کائي، هنن هڪ نئين دؤر جي شروعات ڪئي، جنهن کي ناول نويسيءَ جو جديد دؤر چئي سگهجي ٿو. هن دؤر ۾ ناولن ۾ نوان نوان موضوع شامل ٿيا. مثلاً سنڌ مان لڏي آيلن ۾ وطن جي ڇڪ ۽ سِڪ، لڏپلاڻ واري افراتفري، ۽ گذر معاش توڙي مالي حالتن کي منهن ڏيڻ کان سواءِ سندن لاءِ هڪ نئين ماحول، نئين معاشري، نئين رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ريتن رسمن جو مقابلو ڪرڻ وغيره.

هن دؤر جي ناولن جون ڪهاڻيونساديون هيون، جن ۾ عام ڪردار ۽ ماحول پيش ڪندي، ناول نويسن پنهنجي ذاتي مشاهدن تي ٻڌل حالتن کي ظاهر ٿي ڪيو. هر طبعزاد ناول ۾ پنهنجي ديس جي تهذيب ۽ تمدن، اخلاقي ۽ اصلاحي حالتن ۽ سياسي رجحانن کي پيش ڪيو ويو هو. ڪن ليکڪن ماضيءَ جي يادگيرين کي دهرائيندي، مستقبل جي راهن کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ ڪنارو ٿي ڪيو، ۽ پنهنجي اتي جي مشاهدن جي مدد سان پنهنجن جذبن ۽ احساسن کي پيش ڪندي تخيل جي پرواز جي وسيلي، معاشري جي منتشر واقعن کي موضوعن جي شڪل ڏني.

انهيءَ کان سواءِ معاشري جي هر فرد جي عمل جو ردعمل ۽ حالتن جي ڦندي ۾ ڦاٿل هجڻ ۽ ان تي معاشري جي اثر کي چڱيءَ طرح ظاهر ڪيو، ۽ وقت جي هر حالت کي معاشري جي هر فرد جي اڳيان آندو. انهن موضوعن کي اديبن پنهنجو مقصد بنايو. اهڙيءَ طرح اديبن معاشري جي هر فرد جي زندگيءَ جي مسئلن ۾ اندر پيهي، ان (فرد) جي ذهن جي پرک ورتي. هو مسئلن جي تهه تائين ويا، ۽ پوءِ هر فرد ۽ جماعت جي هڪ ٻئي سان تعلق کي، ناولن جو موضوع بنايو. اهڙين حالتن جي هڪ ٻئي سان تعلق کي، ناولن جو موضوع بنايو. اهڙين حالتن ۾ ڀارت ۾ جيڪو پهريون ناول نويس، سنڌي ادب جو انقلاب ٿي اُڀريو، اهو گوبند مالهي ئي هو. قيمت هري سنگهاڻي سندس باري ۾ هن ريت اظهارِ خيال ٿو ڪري:

''ورهاڱي بعد شروع ۾ جن سنڌي ساهتيه لاءِ سر پٽ پاونا سان ساڌنا جيون ڪاٿيو، ان پهرينءَ صف ۾ گوبند مالهيءَ کي پهريون نمبر جو جس جو ڇٽ پهرائڻو پوندو. هن برک اديب ورهاڱي جو رد، ماتر ڀومي، سنڌڙيءَ جي ساروڻيءَ جي سرٽار ٿي جيون جا درديلا درشيه، سماج سڌار سندا ۽ مختلف موضوع، مثلاً وِڌوا، انترجاتيه وِواهه، ٻي جوڙ شادي ۽ ناول جي سدا حيات وشيه، پيار تي پنهنجي قلم کي عام رواني عطا ڪري، جنبش ۾

آندو. سنڌي جيوت جا گوناگون چٽر، قصن، ڪهاڻين، ايڪانڪي ناٽڪن ۽ مضمونن ذريعي پاٺڪن اڳيان ميسر ڪري ڇڏيا.“(2)

گوبند مالهي هڪ سٺي ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نويس هئڻ سان گڏ هڪ سٺو ناول نگار پڻ آهي. هن جي، هن نصف جي ميدان ۾ اچڻ کان اڳ سنڌي ناول خاموش، بيجان ۽ ڪنهن به تحريڪ کان خالي هو، پر مالهيءَ جي ايندي ئي ناول ۾ وڏو انقلاب اچي ويو. جڳديش لڇاڻي، گوبند مالهيءَ جي فن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مالهيءَ جي ڪلا، جيون جي سمان ارٿي آهي. ان جا اپنياس گويا ساهت جي سرشٽي نه، پر جيون جي سرشٽي آهن. اهو ئي سبب آهي جو هن جون رچنائون، پاٺڪن جي هرديه کي لوڏي ڇڏينديون آهن. انهن جي انپوءَ ۽ همدرديءَ جا دروازا کولي ڇڏينديون آهن.“(3)

**ناول نويسي:**

گوبند مالهي سنڌي ادب ۾ شهاب ثاقب (پڇڙ تاري) جيان آيو، ۽ ايندي ئي هو سنڌي ادب تي ڇانئجي ويو. سندس ناولن جا خاص موضوع آهن: ڏيتي ليتي، پيار جي شادي، وڏواهه وِواهه، خانداني شاديون، گڏيل ڪٽنب جو مسئلو، طلاق جو مسئلو ۽ امن ۽ شانتي. انهن کان سواءِ هن ٻين به ڪيترن ئي سماجي مسئلن کي پنهنجن ناولن جو موضوع بنايو. اهڙيءَ طرح هن جي ناولن ۾ سنڌ جي سِڪ، سنڌ جو ماحول، سنڌي جذبا، سنڌي ڪردار ۽ سنڌ جو وايو منڊل گهڻي حد تائين نظر اچي ٿو.

هيٺ سندس ڪن ناولن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

**آنسو:**

گوبند مالهيءَ، سنڌ ۾ به ڪيترائي ناول لکيا هئا، پر ورهاڱي کان پوءِ پارت لڏي وڃڻ کان پوءِ، سندس پهريون ناول ’آنسو‘ هو، جيڪو 1954ع ۾ لکيو ۽ سرگرم جي بانيڪارن ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ اهم ناول ليکيو وڃي ٿو. هن ناول ۾ سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ، ممبئي شهر ۽ ان جي آسپاس ڪئمپن ۾، ورهايل سنڌي عوام جي زندگيءَ جي تصوير پيش ڪيل آهي. خاص ڪري نوجوان سنڌي ليکڪن جي گروهي زندگي، انهن جون گڏجاڻيون، بحث مباحثا ۽ سرگرميون، جن جي ذريعي هنن سنڌي سماجي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ ٿي چاهيو. انهيءَ سموي ماحول جو نقشو، هن نهايت ئي دلچسپيءَ سان چٽيو آهي.

گوبند مالهيءَ جي هن ناول ’آنسو‘ جو مکيه مسئلو چوڪرن ۽



چوڪرين جي پيار جي شادي آهي، جنهن جو حل ليکڪ اهو ڏنو آهي ته، نوجوان جي اها شادي ڪامياب ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ نه صرف دلين جو جذبو پيار هوندو، خيالن ۾ هڪجهڙائي هوندي ۽ چوڪرو ۽ چوڪري ٻئي ڪمائيندڙ ۽ اقتصادي طور آزاد هوندا. انهن خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن ’وشن‘ جو ڪردار خلقيو آهي، جنهن جو تاثر سڄي ناول تي ڇانيل آهي. سندس هن ناول جي ڪردار نگاري ۽ اسلوب نهايت ئي دلچسپ ۽ وڻندڙ آهن.

**زندگيءَ جي راهه تي:**

گوبند مالهيءَ جو انهيءَ ساڳئي سال ۾ ڇپيل ٻيو ناول آهي ’زندگيءَ جي راهه تي‘. هي ناول، ڪهاڻي پبليڪيشن وارن ڇپايو هو. هن ناول ۾ ڪيترائي سماجي مسئلا بيان ڪيل آهن. انهن مان هڪڙو اهم مسئلو ’گڏيل ڪٽنب‘ جو آهي، جنهن ۾ گڏيل ڪٽنب جي نعمتن ۽ لعنتن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. هو پاڻ ان جو حل اهو ٿو ڏي ته هن دؤر ۾ گهرو تڪليفن جي ڪري گڏيل ڪٽنبن جو زوال اچي وڃڻ کپي، جنهن ڪري اهي ٽٽي ننڍا ننڍا ڪٽنب ٿي وڃڻ کپن، ته جيئن انهن جي پاڻين جي وچ ۾ نفرت ۽ ڌڪار جي بدران، اتفاق ۽ محبت قائم رهي. سندس هن ناول جي باري ۾ جڳديش لڇاڻي هن ريت ٿو لکي:

”مالهيءَ ’زندگي جي راهه تي‘ ناول ۾ هاڻوڪي سماجڪ حالتن سان گڏوگڏ، گڏيل ڪٽنب جي روايتن تي به روشني وڌي آهي.“(4)

گوبند مالهيءَ جو هي ناول هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي، جنهن ۾ انهيءَ مسئلي کي نهايت ئي سهڻي طريقي سان سمجهايو ويو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ سندس انهيءَ ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:”هي ناول اصلاحي آهي، جنهن ۾ مصنف پنهنجي قوم جي سماجي مسئلن کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ خاص مسئلو، ڪٽنب جو پيش ٿيل آهي.“(5)

هن ناول ۾ ٻيو مسئلو، محنت ڪش طبقي جو پيش ڪيل آهي. وچولي طبقي وارا ماڻهو، جيڪڏهن هيٺئين محنت ڪش طبقي سان ملي جلي ڪم ڪن ته هي سماج خوشحال ٿي ويندو. پاڻ انهيءَ مسئلي کي به سهڻي طريقي سان پيش ڪيو اٿس. مالهيءَ جي هن ناول ۾ اهم خوبي خيالن جي پختائي، آکاڻيءَ جي رٿابندي، سيرت نگاري ۽ طرزِ بيان آهي. سندس هيءُ ناول هر لحاظ کان هڪ ڪامياب ناول چئي سگهجي ٿو.

**جيون ساٿي:**

گوبند مالهيءَ جو ساڳئي سال ۾ لکيل هي ٽيون ناول آهي، جيڪو

ساڳئي اداري شايع ڪيو. هن ناول جو به خاص مسئلو، پيار جي شادي آهي، جنهن ۾ معاشري جي معاشي حالتن ۽ ريتن ۽ رسمن جو ذڪر ڪيل آهي.

هن ناول ۾ ٽن مختلف جوڙن جي زندگي جو احوال آهي، جيڪي دل توڙي دماغ کان وٺي، سماجي رنڊڪن کي بردباريءَ سان منهن ڏيئي، ختم ڪن ٿا، ۽ آخر سچا ساٿي بڻجن ٿا. هن ناول جي ڪهاڻي مرڪب آهي، جنهن ۾ پهرئين جوڙي جي ڪهاڻي تمام عمدي نموني ۾ پيش ڪيل آهي، پر آخر ۾ هيروئن جو نااميد ٿي، بدمعاشن ۾ وڃي نڪرڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي. ٻيو جوڙو پهرئين جوڙي سان بلڪل مليل جليل نظر اچي ٿو، پر ٽيون جوڙو ڪهاڻيءَ ۾ بلڪل جدا هلندو نظر اچي ٿو، جنهن جو پهرئين ۽ ٻئي جوڙي ان ڪوبه تعلق نٿو هجي.

**من جو ميت:**

گوبند مالهيءَ جا، 1953ع ۾ به ناول ڇپيا، جيڪي ڪهاڻي پبليڪيشن وارن شايع ڪيا. انهن ۾ پهريون ناول هو 'من جي ميت'. هن ناول جو موضوع به پيار جي شادي آهي، پر هن ناول جو دائرو جيون ساٿيءَ ڪان وڌايو ويو آهي. جيون ساٿي ۾ ٽن پيار ڪندڙ جوڙن جي ڪهاڻي آهي، اهي جوڙا هڪ ٻئي سان ڳتيا پيا آهن.

هن ناول جو ماحول ڪلياڻ ڪئمپ، ممبئي، جو بيان ڪيل آهي. هن ناول جو پلاٽ تمام عمدي نموني ۾ ادا ٿيل آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ناول بابت پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ٿو ڪري:

''منهنجي خيال ۾ هڪ مرڪب (Complex) ناول هوندي به، هيءُ مالهيءَ جو چونڊيءَ وارو ناول آهي، جنهن ۾ رٿا، ماحول ۽ مقصد جي ايڪتا بهترين نموني نباهي وئي آهي.''(6)

هن ناول جي خاص خوبي اها آهي جو منجهس اهي عملي طريقا ٻڌايل آهن، جن سان هڪ آدرشي سنڌ پيدا ڪري سگهجي ٿي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ناول جي انهيءَ خوبيءَ بابت لکي ٿو ته:

''هن ناول جي خاص خوبي اها آهي، جو منجهس عملي طريقا ڏسيل آهن ته ڪيئن سنڌو نگر جي پنچاتي سرشتي کي سڌارڻ، سهڪار منڊليون برپا ڪرڻ ۽ ڪارخانا کولي، ماڻهن کي مشغولي ڏيڻ سان هڪ آدرشي سنڌ پيدا ٿي سگهي ٿي.''(7)

**پکيئڙا ولر کان وڇڙيا:**

هن ئي سال (1953ع) جو، سنڌس ٻيو ناول 'پکيئڙا ولر ڪان وڇڙيا' آهي. هيءُ هند ۾ سنڌ جو بهترين ناول ليکيو وڃي ٿو. هن ناول کي به ممبئيءَ ۾ 1953ع جو بهترين ناول ليکيو ويو هو. هن ناول جو سمورو ماحول ورهاڱي ۽ پاڃ واريءَ سنڌ جو آهي، جنهن ۾ لڏي ويلن جي دلين ۾، وطن جون يادگيريون پيش ڪيل آهن. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي هن ناول ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي لڏپلاڻ جي موضوع جي باري ۾ لکي ٿو ته:

''گوبند مالهيءَ جي ناولن ۾، شروعاتي دور ۾ لڏپلاڻ، ڪئمپن ۾ سنڌين جي دربدر زندگي، سنڌ جي ياد، سنڌيت جو جذبو، سندس ناول، 'پکيئڙا ولر ڪان وڇڙيا' ۾ ملي ٿو. انهيءَ ڪان سواءِ 'شرم پوٺي' ۽ 'ڏيهي پرڏيهي ٿيا'، ناولن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي زندگيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.''(8)

حقيقت اها آهي ته هن ناول ۾ هندستان ۾ سنڌين جي ڪشمڪش جو ذڪر ڪيل ئي ڪونهي، بلڪ ناول، سنڌ ڇڏڻ مهل وارن واقعات تي ختم ٿئي ٿو.

هن ناول جي شروعات ۾ هڪ ڳوٺ ۾، ملڪ جي ورهاست ڪان پهرين هندن ۽ مسلمانن جي ٻڌي، پيار ۽ محبت سان گڏ رهڻ ۽ ورهاڱي ڪان پوءِ انهن ۾ ڪيئن دشمني، ڪٽرپڻو ۽ نفرت وڌي ٿي، وارو موضوع بيان ڪيل آهي. ايستائين جو هندن جو، سواءِ لڏي وڃڻ جي ٻيو ڪو حل ئي ڪونه هو. قيمت هري سنگهاڻي، گوبند مالهيءَ جي هن ناول بابت لکي ٿو:

''ناول جي شاعراڻي عنوان مان ئي ناول جو موضوع پڌرو ٿي پيو آهي. جنم ڀوميءَ سنڌ جي وڇوڙي، هند ۾ لڏي آيل سنڌين جي دل سان ڇهندڙ وطني حب، درديلو ذڪر، ناول ۾ پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. سنڌ اندر ورهاڱي ڪان اڳ هندو ۽ مسلمان ڪهڙي نه قرب ۽ ميٺ محبت ۾ رهندا هئا. ڌرم يا مذهب هنن جي زندگيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ ڪونه هو، پر ورهاڱي ئي نفاق ۽ نفرت جي نانگ کي ڦڻ ڦهلائي ڏنگن لاءِ آماده ڪيو، ۽ نتيجي طور لڏپلاڻ جو درديلو درشيه اڀري آيو ۽ پريمي به پريمڪائن سان وڇڙڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا.''(9)

گوبند مالهيءَ جي هن ناول جو هيرو 'سانول' به پنهنجي مسلمان معشوقه سان سچي محبت هئڻ ڪري، ٻيءَ ڪنهن به عورت سان شادي نٿو ڪري، حالانڪ هندستان اچڻ ڪان پوءِ هڪ عورت ساڻس پيار ڪري ٿي، پر سانول جو پيار ته سنڌ ۾ هو. سندس ان پيار جي ياد هر وقت هن جي دل ڏکوئيندي رهندي هئي. سندس هن ناول جو مقصد به اهو آهي ته سچو پيار پنهنجي امرتا قائم رکي ٿو.

گوبند مالهيءَ هن ناول ۾ سنڌ جي ڳوٺن جي منظر ڪشي ۽ عڪاسي نهايت ئي سهڻي طريقي سان ڪئي آهي. اي-جي اُتم پنهنجي مضمون ۾ گوبند مالهيءَ جي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"مالهي شروع ۾ اڪثر هر سال هڪ يا وڌيڪ ناول لکندو هو. اهڙا شروعاتي اهم ناول اٿس: 'پکيڙا ولر کان وڇڙيا'، 'شرم ٻوٽي'، 'ديسي سيڻ ڪجن'، 'ڏيهي پرڏيهي ٿيا' ۽ 'سنڌوءَ ڪناري'، جنهن تي هن فلم به ٺاهي هئي. انهيءَ ڪري ڪو ڪيس 'ناول-سمراٽ' سڏي ٿو، مالهي ان جو حقدار آهي. ترقي پسند ليکڪن سنڌي زندگيءَ سان گڏ، سنڌيت ۽ انسانيت جي جذبن تي به زور پئي ڏنو آهي، ته سنڌ جي سار ۽ ورهاڱي جي دور جو به چٽر آهي، جيئن مالهيءَ جي مٿين ناولن مان به پڌرو آهي."(10)

سنڌس هن ناول جي ڪردار نگاري ۽ منظرنگاري، طرز تحرير ۽ اسلوب ناول کي خاص طور ڪامياب بنايو آهي.

**للڪار:**

1954ع ۾ گوبند مالهيءَ جا ٻه ناول شايع ٿيا. انهن مان هڪ ناول 'للڪار' آهي، جيڪو راڻي پبليڪيشن وارن ڇاپيو هو. هي ناول گوبند مالهيءَ جو هڪ نرالي ڍنگ وارو ناول هو، جنهن ۾ غنڊن ۽ داداگيرن جي روپن کي پيش ڪيو ويو آهي، ۽ سماج جون ڪمزوريون ۽ بي انصافيون، هن ناول جو خاص موضوع آهن. مرڪزي لحاظ کان هي ناول نئون ۽ دلچسپ آهي. هن ناول تي تبصرو ڪندي جڳديش لڇاڻي لکي ٿو ته:

"ناول 'للڪار' ۾ سپيه سماج جي اندرين ڪمزورين، بي انصافين ۽ حقارت ڀريل حالتن جو اظهار ڪيل آهي."(11)

هن ناول جا ڪردار سنڌي ۽ مرهٽا مرد توڙي زالون سڀ ٺڳ، بي ايمان ۽ ٺڳائي آهن، پر تنهن هوندي به ڪيس انهن ڪردارن سان همدردي ٿئي ٿي، ڇو جو اُهي سڀ شخصي يا ماحول جي مجبورين جو شڪار ٿيل آهن. منجهن خامين سان گڏوگڏ ڪيترين ئي خوبيون پڻ موجود آهن. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ناول تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

"هن ناول ۾ گوبند مالهيءَ جو خاص مطلب آهي ته جڏهن سڀئي گنهگار يڪمشت ٿي سماجڪ مجبورين جو مقابلو ڪندا، تڏهن ئي سماج ۾ اوچ چرتر وارا انسان پيدا ٿيندا ۽ اهائي ناول جي للڪار آهي."(12)

هن ناول ۾ معاشري جي بگڙيل فردن تي تنقيد ڪيل آهي ۽ انهن فردن جي بگڙجڻ جي جوابداري معاشري تي مڙهيل آهي. هي ناول موضوع ۽ ڪردارن جي لحاظ کان بلڪل نئون آهي. هن ۾ هر ڪردار جا سڀ پهلو، ناول ۾ عڪاسي ڪن ٿا. هن ناول جي ٻولي ۽ ماحول به نهايت ئي موزون، سهڻو، دلڪش ۽ دلچسپ پيش ڪيل آهي.



**چنچل نگاهون:**

هن ئي سال، يعني 1954ع ۾ سنڌس لکيل ٻيو ناول آهي، 'چنچل نگاهون' جيڪو ڀارت جيون پبليڪيشن وارن ڇاپيو. هن ناول جو موضوع 'پيار جي شادي' آهي، پر هن انهيءَ موضوع جو دائرو وسيع ڪري، جيئري تي جيئري شاديءَ جا مسئلا ۽ طلاق جا مسئلا به شامل ڪيا آهن. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ناول جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"هن ناول ۾ شاديءَ جي مسئلن جو بيان ڪيل آهي، جن ۾ طلاق ۽ ٻي شادي سنڌس خاص مقصد آهي."(13)

هن ناول جي ڪهاڻي حالانک روايتي ڪهاڻي آهي، پر هن ۾ مسئلن کي نهايت ئي هوشياريءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول تي منگهارام ملڪاڻي صاحب پنهنجي راءِ هن ريت ٿو پيش ڪري:

"هن ناول ۾ گوبند مالهيءَ جو مقصد آهي ته مرد ۽ عورت جو ميلاپ، جيڪڏهن پريتي وواهه تي ٻڌل آهي ته اهو آدرشي سنبنڌ آهي، پر جيڪڏهن ڪن زبردست ڪارڻن ڪري، ٻنهي ۾ محبت قائم رهي نه سگهي ۽ مورڳو ٻنهي جي زندگي زهر ٿي پوي ته پوءِ ڪين طلاق معرفت هڪ ٻئي کان الڳ ٿيڻ جو حق حاصل ٿيڻ کپي."(14)

هن ناول ۾ مالهيءَ، سماج جي بلڪل حقيقي ۽ سچي تصوير پيش ڪئي آهي. هن ناول ۾ هن ڪردار نگاري ۽ منظر نگاري نهايت ئي دلچسپ ۽ دلڪش انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي. ٻولي، اسلوب ۽ طرز تحرير نهايت ئي وڻندڙ پيش ڪيل آهي. هي به سنڌس ڪامياب ناول چئي سگهجي ٿو.

**عشق ناهي راند:**

هن ناول کان پوءِ گوبند مالهيءَ، 1955ع ۾ 'عشق ناهي راند' ناول لکيو. هي ناول ڪهاڻي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. سنڌس هن ناول جو موضوع بي جوڙ شادي آهي، جنهن ۾ بي جوڙ هجڻ جي ڪري، سورميءَ کي پڇتائڻو ٿو پوي. هي ناول رومانوي ناولن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن ناول ۾ سورمو پنهنجي دوست جي محبوبه جي خوبصورتي ڏسي، مٿس عاشق ٿيو پوي. هن کي هڪ طرف ته دوست آهي ۽ ٻئي طرف اها ڇوڪري، پر هوءَ هن کي پاءُ ڪونه ٿي، پر نيٺ هو انهيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ٿو جيڪا بي جوڙ شادي آهي. انهيءَ ڪري هو ڏاڍو پڇتائي ٿو، ۽ پوءِ ٻئي پاءُ پيٽ ٿي زندگي گذارين ٿا، ۽ آخر ڇوڪريءَ کي ٽي-بي (T.B) ٿئي ٿي ۽ هوءَ مري وڃي ٿي.

پوءِ سنڌس پراڻو عاشق گوئا جي آنڌولن ۾ پنهنجي جان ڏئي ٿو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ناول تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”گوبند مالهيءَ جي هن ناول ’عشق ناهي راند‘ ۾ نيچ نائڪ کي پڳوان، پرارٿنا ۽ تقدير ۾ اعتبار رکندڙ ڏيکاريو آهي. هڪ هنڌ ڪانئس ائين به چوارايو اٿس ۽ سچي سماج کي تلاهي ٺهرائي ويو آهي. اها به هڪ انساني ڪمزوري آهي، پنهنجي هر ڪمزوريءَ لاءِ ٻئي ڪنهن کي مجرم ٺهرائڻ، ٻيو ڪو نه مليو ته سماج ته هوندو ئي آهي. شڪر جو ترقي پسند ليکڪ، شخصي ڪمزورين کي به مڃڻ لڳو آهي، ۽ هر خاميءَ لاءِ سماجڪ سرشتي کي ڏوهه نٿو ڏي.“(15)

گوبند مالهيءَ هن ناول ۾ سماجي مسئلن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مالهيءَ ان مسئلي وانگر ٻين به ڪيترن ئي سماجي مسئلن کي ڇهيو آهي. هونئن به هو هميشه نوان موضوع ڪڍندو آهي، ۽ سنڌس هر ناول ۾ سماجي ڀهبوديءَ جو مقصد ئي شامل هوندو آهي. انهيءَ ڪري سنڌس ناول مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن ۽ ڪامياب ويا آهن.

گوبند مالهيءَ ڳوٺاڻي زندگيءَ کي تمام ويجهڙائي تان ڏٺو آهي. هو انهيءَ زندگيءَ جا چٽ چِٽڻ ۾ بيحد ڪامياب ويو آهي. سنڌي زبان ۾ هن جو ناول ’شرم ٻوٽي‘ به ڳوٺاڻي زندگيءَ تي لکيل، هڪ ڪامياب ناول آهي، جيڪو هن 1956ع ۾ لکيو هو ۽ راڻي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو.

هن ناول جو موضوع سنڌي خانه بندوش بازيگرن جي زندگيءَ تي ٻڌل آهي. مالهي ترقي پسند ليکڪ جي حيثيت ۾ شخصي ڪمزورين کي مڃي ٿو. انهيءَ لاءِ هو سماجي نظام کي ڏوهه نٿو ڏي. هيءُ به مالهيءَ جو هڪ ڪامياب ناول ليکيو وڃي ٿو.

**لوڪ آهي ٻوڪ:**

گوبند مالهيءَ جو 1957ع ۾ ڇپيل ناول آهي ’لوڪ آهي ٻوڪ‘، جيڪو ڀارت جيون مالها وارن ڇپايو. هن ناول جو موضوع وڏوا ووااهه جو مسئلو آهي. هن ناول ۾ پراڻي رواج موجب، ڪنهن اڻ ڏٺل ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ جي سنڌن مائٽ شادي ڪرائين ٿا، پرشاديءَ کان پوءِ انهن ۾ تمام گهڻو پيار وڌي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هو ڪجهه وقت ته خوشي ۽ آرام ۾ گذارين ٿا، پر جلد ئي ڇوڪرو سلهه (T.B) جي بيماريءَ جي ڪري مري وڃي ٿو، ۽ سنڌس نوجوان زال ڪجهه وقت ته پنهنجي مجازي خدا جي ياد ۾ گذاريندي رهي ٿي. سنڌس مڙس جو دوست جيڪو ساڻس همدردي ڪندو رهي ٿو، تنهن جو ساڻس پيار ٿي وڃي ٿو، پر هوءَ ان سان شادي نٿي ڪري. هوءَ نيٺ هڪ جوڳيءَ



سان شادي ڪري ٿي ڇڏي. گوبند مالهيءَ جو هي هڪ سماجي ناول آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ناول تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته:

”منهنجي نظر ۾ هن ناول ۾ وڌوا جو چرتر ڪِري پوي ٿو. وڌوا ووااهه جو مسئلو برابر نئون ۽ سماجڪ سڌاري وارو آهي، پر اهو ڪنهن شانائتي طريقي سان اڃڻ ڪپي ها. هن ۾ وڌوا وواهه جو مسئلو ڪامياب طور حل نٿو ٿئي. هن ناول جو موضوع سٺو هوندي به منجهس سيرت نگاريءَ جي کوتاهي آهي.“(16)

گوبند مالهي جي هن ناول ۾ سماج جي سچي عڪاسي پيش ڪيل آهي. هن ناول جي خاص خوبي طرزِ تحرير آهي، جنهن ڪري سنڌس هي ناول ڪامياب ويو آهي.

**ديسي سيڻ ڪجن:**

گوبند مالهيءَ، 1958ع ۾ ’ديسي سيڻ ڪجن‘ ناول لکيو، جيڪو ڪهاڻي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. مالهيءَ جو هيءُ هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول لکڻ بابت خود مصنف لکي ٿو ته:

”سورهيائي به انهيءَ ۾ ئي آهي ته سيني مشڪلاتن جو مقابلو ڪري اسين پنهنجي پوتر ۽ پوتر وستوءَ ۽ سنڌين کي سنياليون، سانڍيون ۽ وڌايون. هن ناول جو مرڪزي خيال به اهوئي آهي.“

گوبند مالهيءَ جي هن ناول ۾ سنڌ جي ڳوٺن، ماڻهن ۽ سنڌي تهذيب جي عڪاسي ڪيل آهي. هن سنڌ ۾ رهندڙ مختلف ذاتين مان، ماڇي (مهاڻن) ذات وارن جي عڪاسي ڪئي آهي ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ريتن رسمن جو نقشو نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي.

قيمت هري سنگهاڻي هن ناول جي باري ۾ هيءَ راءِ ٿو ڏئي:

”مالهي، جنم ڀونءِ سنڌ کي موهه وچان پنهنجو ديش مڃي ٿو، پوءِ چاهي اتان جي ناگرڪتا حاصل ٿيل ڪونه اٿس. ناول نويس جي نگاهه کان فنڪار جي فن جي لحاظ کان منهنجي ويچار ۽ مالهيءَ جو هيءُ ناول سنڌس مڙني ناولن ۾ بهترين اُپري بيٺو آهي،“(17)

**ڏيهي پرڏيهي ٿيا:**

گوبند مالهيءَ، سنڌي زندگيءَ، سنڌي ڪردار، سنڌي جذبا يا سنڌ جو دلفريب وايومنڊل، پنهنجن ناولن ۾ بيان ڪيو آهي. انهن خوبين هن جي ناولن کي ڪافي جان بخشي آهي. هن خيال کان سنڌس ناول، ’ڏيهي پرڏيهي ٿيا‘ هڪ بيحد ڪامياب ناول آهي، جيڪو 1961ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ناول جون

به خاص خوبيون آهن. هڪڙو ته ان ۾ موضوع جي نواڻ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هاڻوڪن باشندن ۽ هندستان ۾ لڏي آيل پراڻن باشندن جي وچ ۾ ميلاپ آڻڻ آهي، ۽ ٻي خوبي سٽاءَ جي نواڻ آهي، چاڪاڻ ته هيءُ سچو ناول خطن ذريعي پيش ڪيل آهي، جنهن ۾ هند-پاڪ ننڍي کنڊ جي ٻن ساهيڙين جي وچ ۾ لکيل خط آهن. ناول لکڻ جو اهو انداز ۽ اسلوب، سنڌي ناول ۾ پهريون دفعو ڪم آندو ويو آهي. هن ناول جي مهاڳ ۾ گوبند مالهي خود به هند ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين جي وچ ۾ تعلقات وڌائڻ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مستقبل ۾ سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ سنڌين جو ميلاپ آڻڻ لاءِ هن ناول ۾ صحيح جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.“(18)

سندس هن ناول جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻيءَ پنهنجي راءِ پيش ڪندي لکي ٿو ته:

”ناول جو بنياد اهو ساڳيو ديش جو ورهاڱو ۽ وشيه به ناول جي عنوان مان ظاهر آهي. ناول ٻن پريمي جوڙن جي سچي پيار کي شاديءَ جو عملي جامو پهرائي ٿو. اهو ڪيتري قدر ممڪن سمجهي سگهجي. ان ۾ به شڪ پيدا ٿئي ٿو، ۽ من ٻولي ٿو اُٿي، ته مالهيءَ جو هند سنڌ ٻنهي ديشن جي سنڌين جو سک، پريم وارو محض آدرشوادي منطق سچي صدق وچان ظاهر ڪيو ويو آهي، ۽ هڪ جوڙي ۾ پريمي سنڌو نگر جو ۽ پريميڪا ٺارو شاهه سنڌ جي، شاديءَ بعد سنڌو نگر ۾ اچي رهن ٿا. محض خوش خياليءَ خاطر مٽا سٽا جو رخ اپنائيندڙ مالهي، هند جي سنڌي پريتما کي سنڌ جي مسلم پريتم سان لائون لهندي به ڏيکاريو آهي. جيئن ته ڌرم ۽ مذهب ۾ هيٺين مٿئين پُڙ ۾ برابري رهي. سڪ ڏجي وٺجي، به، ڌرمي ايڪتا به قائم رهي.“(19)

هن ناول جي عبارت پڪي، پختي ۽ مائيدار آهي، ۽ ٻولي شاعراڻي ۽ عام روانيءَ واري آهي. هن ناول جي خاص ۽ اهم خوبي خطن جي ذريعي ناول جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جيڪو هن ڏس ۾ نئون تجربو آهي.

**پيار جي شڪست:**

1961ع ۾ 'پيار جي شڪست' نالي، گوبند مالهيءَ جو نئون ناول شايع ٿيو، جيڪو تمام اوچي معيار وارو ۽ ڪامياب ناول سمجهيو ويو آهي. هيءُ ناول ٽڪنڊي پيار جي پراٽي پر سدا دلچسپ موضوع تي لکيل آهي. خاص ڪري ٻن پائرن جو ساڳيءَ چوڪريءَ لاءِ پيار، ۽ انهيءَ ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڏيکاريل آهي. ٻئي پائر بلڪل مختلف طبيعت وارا آهن، جن جي سيرت نگاري گهڻي قابليت سان پيش ڪيل آهي. ٻنهي عاشقن لاءِ چوڪريءَ جي من



اندر ڏٽر ۾ ڪشمڪش سهڻي نموني سان بيان ڪيل آهي. ننڍي پاءُ کي پيار ڪندي به، غلط فهميءَ وچان سندس (چوڪريءَ جي) وڏي پاءُ کي پيار ڪندي به، سندس (چوڪريءَ جي) وڏي پاءُ سان شادي ٿئي ٿي. پوءِ ٻنهي عاشقن سان ساڳئي گهر ۾ رهندي، حاسد مڙس جي مار ڪائيندي، هوءَ پيار ۽ فرض جو سنبنڌ قائم رکي ٿي، ۽ پنهنجي سچائپ ۽ سهڻي سلوڪ سان، پائرن ۾ پيار قائم ڪري ٿي، تڏهن هيءَ ننيڙي گهوٺاڻي چوڪري، ان وقت وڏي سورمي بڻجي وڃي ٿي. سراسري طور هن ناول جي رڻا ۾ مقصد اثرائتو آهي. هن ناول ۾ به سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگي ۽ سنڌ جا نظارا سهڻي نموني ۾ پيش ڪيل آهن.

**سنڌوءَ جي ڪناري:**

1961ع ۾ گوبند مالهيءَ جو نالو 'سنڌو جي ڪناري' شايع ٿيو. هيءُ ناول سنڌ جي زندگيءَ جي موضوع تي لکيل ناول آهي. سندس اهو ناول به ڪامياب ناول آهي، جنهن ۾ خاص خوبي سندس اسلوب ۽ طرز تحرير آهي.

**هڪ انسان سؤ طوفان:**

1965ع ۾، گوبند مالهيءَ جو هي ناول، 'هڪ انسان سؤ طوفان' ڇپيو. هي ناول پارت جيون وارن شايع ڪيو. موضوع جي لحاظ کان هيءَ ناول وڌوا وواهه جي مسئلي تي لکيل هڪ ڪامياب ناول آهي.

هي ناول جئپور ڪئمپ جي ماحول تي ٻيهاري، هڪ سنڌي پهلوان، شراب، جوئا جو اڏو هلائيندڙ، پر سون ورني دل رکندڙ هيرو بابت، هڪ خوبصورت، ناول آهي. هن ناول جي هيروئن هڪ خوبصورت، سٺي ۽ سريلي جوان بيواهه آهي. هوءَ به - ٽي سال ته پنهنجي مڙس سان نهايت ئي وفاداريءَ سان رهي ٿي پر اوچتو سندس مڙس بيمار ٿي پوي ٿو. سندس مڙس مرڻ وقت ڪيس اها وصيت ڪري ٿو ته سندس مرڻ کان پوءِ، هوءَ هن جي دوست سان ٻي شادي ڪري، تڏهن سندس دوست جي ماءُ راضي نٿي ٿئي، پر پوءِ اتفاقاً حالتون هنن جي حق ۾ وڃن ٿيون ۽ ٻنهي جي شادي ٿي وڃي ٿي ۽ خوش رهن ٿا.

گوبند مالهي صاحب هن ناول ۾ سماجي مسئلن کي نهايت ئي سهڻي طريقي سان، موزون ۽ مائيدار عبارت ۾ لکيو آهي.

**محبت جي راهه ۾:**

1975ع ۾ گوبند مالهيءَ جو پندرهون ناول، 'محبت جي راهه ۾' جي

نالي سان ڇپيو، جيڪو مارئي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هن ناول ۾ محبت، زندگي، انسان ۽ انساني رشتن جون جهلڪيون پيش ڪيون ويون آهن. هن ناول ۾ به جيون ساٿيءَ ۽ سنتو ڪناري وانگر ٿي محبتي جوڙا ڪنيا ويا آهن. هن ناول جي موضوع بابت مصنف خود لکي ٿو ته:

”مون هن ناول جو عنوان ’محبت جي راهه ۾‘ انهيءَ ڪري چونڊيو، جو زندگيءَ جي راهه تي ناول اڳ ۾ ئي موجود آهي. مان هن ناول ۾ موضوع جي نواڻ جي دعويٰ نٿو ڪريان. محبت پراڻو موضوع آهي، هر ليکڪ ساهتيه جي هن شاخ تي طبع آزمائي ڪئي آهي، شايد ان ڪري جو محبت ۽ انسانيت جي وچ ۾ اٽوٽ سنبنڌ رهيو آهي. ساهتيه جي آغاز ڪان محبت ان سان جڙي رهي آهي، رت ماس جي رشتي جي طرح مون هن ناول ۾ محبت کي پراڻو موضوع ئي رهڻ ڏنو آهي. پريت خواهه ان جي ريت ۾ نواڻ ڳولهڻ ۽ جتائڻ جي ڪوشش نه آهي. بس محبت، محبت آهي، آڏ ڪان اڄ تائين، اڄ ڪان انت تائين محبت، محبت رهندي، ٻيو ڪجهه به نه.“(20)

هن ناول ۾ ’گوپال‘ ۽ ’شيلا‘ گهران ڀڄي نڪتا آهن. محبت جي راهه ۾ ’پرمانند‘ ۽ ’پدما‘ جي پيار جي وچ ۾، پرمانند جي زال دست اندازي ٿي ڪري، ۽ پوءِ به هنن جو ڀهريون پيار سندن آخرين پيار بڻيو رهيو آهي. مدراسي ليکڪ، پنجابي ڳائڻيءَ سان پيار ڪري ٿو، تنهن ڪان اڳ هن ڪنهن سان نه صرف محبت ڪئي هئي، پر شادي به ڪئي هئي. پريتم شاديءَ بعد هن جو مڙس ته بڻجي ويو پر هو پريتما کي زال ئي نه، پر شخصي ملڪيت سمجهڻ لڳو. ان ڳائڻيءَ جي بغاوت ۽ ليکڪ جي همدردي نئين محبت کي جنم ڏنو. اها محبت نئين هوندي به پراڻي پيار جهڙي دستوري آهي. البت ان همدرديءَ ۽ بغاوت جا عنصر به موجود آهن.

هن ناول جو ڪئنواس محبت نه، پر زندگي آهي. زندگي محبت ڪان وڌيڪ گوناگون آهي. هن ناول ۾ گوبند مالهيءَ باندرا ڪان بوريولي ويندڙ ٽرڪ ۾ ڪن ڪلاڪن جو سفر جو ناول آهي، جيڪا پڻ ٽيڪنڪ جي نواڻ آهي.

**تون، مان ۽ هوءَ:**

’تون، مان ۽ هوءَ‘ ناول به گوبند مالهيءَ جو لکيل آهي.هن ناول جو موضوع پيار آهي. ’پيار‘ انسان خواهه حيوان ۽ هر جاندار لاءِ انوکي اهميت رکي ٿو. پوءِ چاهي اهو پراڻي زمين تي هلندو هجي، يا پاڻيءَ ۾ تڙڳندو هجي يا هوا ۾ اُڏامندو هجي.

شادي، مائٽن جي مرضيءَ مطابق ڪئي ويندي آهي ته ڪڏهن وري پيار



جي شادي به ٿي ويندي آهي. سندس هي ناول ٽڪنڊي پيار واري موضوع تي لکيل آهي. هن اهڙيءَ طرح ٽطرفي پيار جي مسئلي کي پيچيدو بڻائي، پيش ڪيو آهي. نتيجي ۾ ان پيار جون ٿيئي ڪنڍون، تڪليفون، پيڙا ۽ هنگامي واريون ٿي پيون ٿيون.

هن ناول جي عبارت ۽ ٻولي به سهڻي آهي. سنڌيءَ وارا چيدا ۽ مائيدار لفظ، اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون سڄي ناول ۾ ڪم آندل آهن، جن سان ناول ۾ دلچسپي پيدا ڪئي وئي آهي. مثلاً: ڳالهه ٻولهه مان ڳالهوڙو ڪرڻ، ڇهري تي هيڏ هارجي وڃڻ، ڪمان مان ڇٽل تير جو واپس نه اچڻ، ڪکر ۾ ڪڙو لڳڻ، ٺونٺ لڳي ساهيڙي ڀڳي، امي اڪبر بابو مڪبر، جنڊ به ڳورو پڙ به ڳورو، لاچار اڳيان نه ڪو آچار ۽ ڏنو سڀ وسار، اڻ ڏٺي کي ياد ڪر وغيره.

**پيار جي پياس:**

گوبند مالهيءَ جو هي ناول، ’پيار جي پياس‘ به هڪ ڪامياب ناول آهي، جنهن کي 1953ع ۾ ساهتيه اڪادمي طرفان انعام پڻ مليل آهي. هن ناول ۾ هڪ عورت جي سچي ۽ حقيقي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. هري موٽواڻيءَ جو چوڻ آهي ته، هن ناول ۾ هڪ سنڌي عورت جو حقيقي چٽ چٽيو ويو آهي.

گوبند مالهيءَ هن ناول ۾ انساني زندگيءَ جي بنيادي مسئلن، زال ۽ مڙس جي تعلقات، حالتون، ماحول، ريتون رسمون، چڱاين ۽ براين وغيره جي اثرن جي ڪري پيچيده رشتا بڻيا آهن. انهن ئي رشتن جي سايي ۾ انسان پنهجون خواهشون، رومانيت، ايمان، آزادي ۽ انفراديت وغيره حاصل ڪرڻ لاءِ تلاشيندو رهي ٿو.

هن ناول ۾ ڪي حقيقتون پيش ڪيل آهن. مثلاً اهو صحيح آهي ته سماج ۾ عورت جي شخصيت کي ڪا مڃتا ڪانهي، ۽ نه ئي ان جي عزت ڪئي وڃي ٿي، ۽ نه ئي ڪو ان جي آزاديءَ کي سٺو مڃيو وڃي ٿو. عورت کي هميشه مرد جي زيردست رهڻو پوي ٿو. هن جي مرضيءَ ۽ خواهش مطابق زندگي بسر ٿي پوي ٿي. هن کي صرف مڙس جي خدمتگار ٻار پيدا ڪندڙ، پاليندڙ ۽ گهر گرهستيءَ ڪرڻ وغيره ڪان وڌيڪ ڪجهه به نٿو سمجهيو وڃي.

هن ناول جي ڪهاڻي ’موهنيءَ‘، جيڪا هن ناول جو مرڪزي ڪردار آهي، جي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي. سندس ڪردار سڄي ناول تي ڇانيل آهي. انهيءَ ڪان علاوه سنڌ جي شهر سکرنڊ جو ذڪر هن ناول ۾ پيش ڪيل آهي. ناول جي عبارت نهايت ئي شاندار آهي. مثلاً: هن ناول جي صفحي 40 تي

هو لکي ٿو:

”مان هيمن جهڙي ڏڍي سان تنهنجي زندگيءَ کراچت ٻڌان ها. مگر... ياد اٿئي تو ڪڏ تي منهنجي شريمتيءَ سان پيار جو ڏيک اڇليو هو. مون غصي ۾ اچي توکان بدلو ورتو. جتي پيار هوندو آهي، تتي ڌڪار به رهندي آهي، بدلي جي پاونا به رهندي آهي. مون ڪي اجا توسان سرو بدر ٿيو آهي.“(21)

انهيءَ کان علاوه هي جملا:

”کير جو سڙيو، ڏڌ به ڦوڪي کائيندو آهي؛ موهني مرد جي پيار جي پاڇي کان به ڀڄڻ لڳي. (اڳتي هلي) پوءِ به هن جو پنارو ملک بيک ڌاري ساڌوءَ سان پئجي ويو.“(22)

هن ناول ۾ ليکڪ واقعن ۽ ڪردارن بنسبت پنهنجي راءِ کان وقت بوقت واقف ڪندو ٿو رهي. مثلاً جيئن هو چوي ٿو ته:

”ڏکندي ڏينهن ڪٽبا رهيا، روئندي راتيون گذرنديون رهيون.“(23)

مطلب ته سندس هي ناول هر لحاظ کان ڪردار نگاريءَ، منظر نگاريءَ، اسلوب بيان، ۽ ماحول وغيره جي لحاظ کان شاندار ۽ ڪامياب ناول آهي.

انهيءَ کان علاوه گوبند مالهيءَ حرن جي هلچل تي تاريخي ناول ’سوري جنين سيج‘ به لکيو آهي.

گوبند مالهيءَ جي ناولن ۾ جتي موضوعن جي گهڻائي ۽ نواڻ شامل آهي، اتي سندس ناولن ۾ ٽيڪنڪ جي به جدت پيش ڪيل آهي. سندس ناولن جي خاص ۽ اهم خوبي سندس اسلوب بيان ۽ طرز تحرير آهي. هو پنهنجن ناولن ۾ ٻولي نهايت ئي شاندار، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين سان پريل پيش ڪري ٿو. سندس ناولن مان ٻوليءَ جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) ”ڪي ڳالهيون اڄا به اٽل آهن ۽ آئيندي به اٽل رهنديون، ۽ چئو ٿا ته زمانو ڦريو آهي، منڍ کان وٺي زر، زمين ۽ زن تي جهڳڙو هلندو ٿو اچي.“(24)

(2) غلطي هر ڪنهن کان ٿيندي آهي، قبول مهان انسان ڪندو آهي. بخشائيندڙ تهائين مهان پرش آهي.“(25)

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

(3) اڳ مان سمجهندو هوس ته سڌانت اٽل آهي، هاڻي سمجهان ٿو ته هر چيز زمان ۽ مکان سان بدلجندڙ آهي. سچي سنسار ۾ صرف ڦيرو ئي اٽل آهي. پارت جو ئي مثال وٺون نه گانڌي جي رهيو نه گانڌيواد. پارٽيه ۾ پرمپرا جون ڏڇيون اُڏامي رهيون آهن. سنڌانتن جي نالي ۾ آزادي اٽپوري، وڏوان چون چون مربو، ملاوٽ هر شيءِ ۾، سڌانت ۾ به، انسان پرولي ٻٽجندو پيو وڃي، نه سلجهندڙ پرولي.... دنيا ۾ سبب ۽ نتيجو سدائين ساڳين ڳالهين لاءِ ساڳيو نٿو ٿئي، ڇو؟ دنيا ۾ سوال ئي سوال آهن، جواب نه آهن. انهيءَ لاءِ مون جوابن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي.“(26)

(4) ”سونهن عورت جي، طاقت مرد جي، اها چوڻي اڄ جيئن جو تيئن سلامت آهي. باوجود ان جي ته زماني جي ڦيري گهڻين جي مفهوم سان هٿ چراند ڪئي آهي. پوءِ به مڃيو وڃي ٿو ته جهونا قدر بدلجندڙ آهن، مٽجندڙ آهن ۽ چڪنا چور ٿيندڙ آهن.“(27)

مجموعي طور تي سندن ناولن کي ڏٺو وڃي ته هن جي ناولن جا موضوع، سندس خيالات ۽ سندس فڪر، ٻين کان جداگانه آهن. هن خاص طور تي سماج جي سماجي، اخلاقي، معاشرتي ۽ اصطلاحي پهلوئن کي پيش ڪيو آهي.

## ببليوگرافي


1. هري موٽومل تنواڻي: ساهتيه ڪلاڪار درشني، الهاس نگر، پرميلا پبليڪيشن، 1980ع ص 108
2. قيمت هري سنگهاڻي: آزاديءَ بعد سنڌي ناول جي اوسر، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع ص 162
3. جڳديش لڇاڻي: اپنياس سنڌي اپنياس، الهاس نگر، ريٽا پبليڪيشن، 1982ع ص 187
4. ايضاً
5. پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر: ورهاڱي کان پوءِ ناول، سنڌي ادب، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع
6. منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1980ع
7. ايضاً
8. هيرو شيوڪاڻي، پروفيسر: سنڌي ڪٿا ساهتيه ۾ سنڌي جيون، شبد سنسڪرتي، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 182ع، ص 53
9. حوالو نمبر 2، ص 162
10. اُتم اي-جي: شبد ۽ سنسڪرتي، حوالو نمبر 8، ص 84
11. ڏسو حوالو نمبر 3
12. ڏسو حوالو نمبر 6
13. ڏسو حوالو نمبر 5
14. ڏسو حوالو نمبر 6
15. ايضاً، ص 196
16. حوالو نمبر 6
17. حوالو نمبر 2

18. گوبند مالهي: ناول ڏيهي پر ڏيهي ٿيا، 1961ع
19. حوالو نمبر 2
20. گوبند مالهي، محبت جي راهه ۾ 1975ع
21. ايضاً، پيار جي پياس 1983ع، ساهتيه اڪادمي
22. ايضاً
23. ايضاً
24. ايضاً
25. ايضاً
26. ايضاً
27. ايضاً



**لعل پشپ:**

(**تعارف:** لعل پشپ سنڌي ادب جي نئين پيڙهيءَ جو اديب آهي. هو نهايت ئي ذهين، وسيع مطالعو رکندڙ ليکڪ آهي. هن هر دؤر ۾ پنهنجو پاڻ سان ۽ ادبي لاڙن سان بغاوت ڪئي آهي. هن تمام گهڻو لکيو آهي، سندس ڪهاڻين جا تقريباً ڏهه مجموعا ڇپيل آهن، جيڪي هن ريت آهن:

’ٻنڊڻ نرماڻ 1965ع، ’وشواس اَوشواس‘ 1958ع، ’واريءَ جا محل‘ 1966ع، ’پنر ملن‘ 1966ع، ’دائرو‘، ’خال ۽ قرض جي درخواست‘ 1970ع، ’تنهنجي وچ ۾‘ 1976ع ۽ ’چوند ڪهاڻيون‘، جلد پهريون، 1976ع وغيره.

لعل پشپ ترقي پسند ڌارا ۽ رومانوي ڌارا جو وڏو ليکڪ شمار ڪيو وڃي ٿو.

آزاديءَ واري عرصي کان وٺي سنڌي ڪهاڻي، ترقي پسند ڌارا جي اثر هيٺ رهي آهي. هن دؤر جي ڪهاڻين ۾ لڏي ويلن جي گذاريل ذليل زندگي، بک، بيروزگاري، ڪئمپن جي دوزخي زندگي، پاپڙ وڪڻندڙ سنڌي عورتن ۽ ڏيتي ليتيءَ سبب خانداني مسئلا وغيره انهيءَ ڌارا جي لکندڙ ڪهاڻي نويس جا موضوع هئا، جن ۾ لعل پشپ به شامل آهي. هن جي ڪهاڻي ’انسان ۽ ڪلاڪار‘ ۽ ٻيون ڪهاڻيون انهن موضوعن تي ڇپيل آهن.

انهيءَ کان سواءِ لعل پشپ، رومانوي ڌارا جو اهم ڪهاڻيڪار به آهي. آزاديءَ کان پوءِ آهستي آهستي سنڌي ماڻهن جا، زندگيءَ جا، اٿي، لٿي ۽ اَجهي وارا مسئلا گهٽجي ويا. پوءِ سنڌي اديبن، ڀارت ۽ يورپ جي ٻين ٻولين جي ادبي تبديلين ۾ چاهه وٺڻ شروع ڪيو. انهيءَ دؤر ۾ ادب ۾ نئون موڙ آيو. انهيءَ دؤر ۾ سنڌي ادب ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو، انهيءَ کي رومانوي ڌارا ئي پُر ڪيو. ترقي پسند ڌارا ۾ جتي سماج جي مجموعي روپ کي ترجيح ڏني ويندي هئي، اُتي هينئر اديبن جو ڌيان فرد ۾ وڃي کُتو، يعني هو فرد کي وڌيڪ اُڀاري، اُن ڌارا (ذريعي) جي تصوير پيش ڪرڻ لڳا. انساني جذبن، ڪيفيتن، پيار ۽ رومانس جي مختلف پهلوئن تي هنن ليکڪن به ڪهاڻيون لکي، سنڌي ڪهاڻيءَ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو، جنهن ۾ هو نهايت ئي ڪامياب ويا. انهيءَ رومانوي ڌارا جي ڪهاڻيءَ ۾ فرد کي گهڻي اهميت ملڻ، عورت ۽ مرد جي زندگيءَ جا مختلف روپ ۽ فرد جي ڳُولها وغيره کي اهميت ڏني وئي.

لعل پشپ جي ڪهاڻين ۾ انسان، من جي تهن اندر جيڪو لڪل آهي، اڻ ڇتو آهي، پيچيدو آهي، اُن کي هو هن ڇيد ذريعي ڇٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”ٻيا پل ٻين جي تلاش ۾ رهن، مان هميشه پنهنجي تلاش ۾ رهندو آهيان. مان پاڻ کي سمجهڻ ٿو چاهيان، پنهنجي من جي گهراين ۾ لهي، ان مان اُن جو درشن ڪرڻ ٿو چاهيان، جو نج مان مان آهيان.“(1)

لعل پشپ جي اڪثر ڪهاڻين ۾، ڪهاڻيءَ جو عنصر گهٽ آهي، پر من ۾ ٻڌيءَ جو ورنن وڌيڪ آهي. فيلسوفياڻا نقطا بيان ڪرڻ جي موهه ۾ اچي، هن پنهنجين ڪيترين ئي ڪهاڻين کي گهوُر دماغي ٻڻائي ڇڏيو آهي. مطلب ته سندس ڪهاڻين ۾ انساني بيگانيت، اداسيت ۽ ٻي وسي وغيره کي ساڻ ڪري هلن ٿيون.

لعل پشپ جا ڪهاڻين کان سواءِ ڇهه ناول پڻ ڇپيل آهن. اهي هي آهن: ’آتم مريادا‘ (1962ع)، ’هڪ سرد ديوار‘ (1969ع)، ’هن جي آتم جو موت‘ (1973ع)، هن ناول (آتم جو موت) کي (1973ع) ۾ ساهتيه اڪادميءَ طرفان انعام پڻ مليو هو. ’تڏهن ۽ هاڻي‘ (1975ع)، ’اُها ديوار آسمان تائين‘ (1981ع) ۽ ’ڪجهه نه ٿيڻ جو حادثو‘ (1982ع).

انهيءَ کان سواءِ تنقيد واري موضوع تي ٻه سندس ٻه ڪتاب ’ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس‘ (1972ع ۽ ’درشني ۽ درشتي‘ 1972ع ۾ شايع ٿيا. انهيءَ کان علاوه پرڏيهي ادب جا چار ناول ۽ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون پڻ ترجمو ڪيائين. لعل پشپ ’پرهه ڦٽي‘ رسالو پڻ ڪڍندو هو ۽ ان جو ايڊيٽر پڻ هو. ڪن ٻين رسالن جا خاص پرچا به ايڊٽ ڪيا اٿس. هو هڪ نقاد، ڪهاڻي نويس، ناول نگار ۽ صحافي پڻ رهيو آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب پارت توڙي پاڪستان ۾، يونيورسٽي جي نصاب طور تسليم ڪيل آهي.

لعل پشپ جي نالي وٺڻ سان ئي ذهن ۾ هڪدم جديد ادب جو چٽ اُڀريو اچي. سندس جرئتمندانه ويچار، سنڌ جي جديد ادب تي اثر انداز ٿيندا رهيا آهن. لعل پشپ پنهنجي ادبي ڪتابن لکڻ بابت هن ريت لکي ٿو ته:

”مان جيڪي ڪجهه لکندو آهيان، اهو مون کي ٻاهران ملندو آهي. منهنجو سڀاءُ يا فطرت اها رهي آهي ته زندگيءَ کي جيئندي ماڻيندي، انيڪ ڪندي جيڪي ڪردار اچن ٿا، پنهنجي 'Situation' سان اچن ٿا. 'Situation' ۽ ڪردارن کي ڪٽي، مان، پنهنجي ذهن ۾ پري ڇڏيندو آهيان. ان تي چار مهينا لڳاتار سوچ پئي هلندي آهي. پوءِ اوچتو ئي اوچتو مان ڏسندو آهيان ته اڌ رات جو اُٿي الائي ڪيئن لکڻ ويهي رهندو آهيان. ڪيترا دفعا ته مان پنڌ ڪندي رستن تي نوٽ بڪ وٺي اتي لکندو آهيان. مون کي اڪيلائي يا ٻيون ڳالهيون نه کپن. مون گهڻو ادب بسن ۾، ٽرينن ۾، رستن تي، هوٽلن ۾ ۽ بازارن ۾ ويهي لکيو آهي.“(2))

سندس ناولن مان هيٺ ڪن تي پنهنجا خيال ظاهر ڪريان ٿي.



**آتم مريادا:**

اهڙيءَ حالت ۾ هن سنڌيءَ ۾ جيڪي ناول لکيا آهن، انهن مان سندس پهريون ناول ’آتم مريادا آهي، جيڪو هن 1962ع ۾ لکيو هو. هن ناول ۾ آڪاڻي به ننڍي آهي. هن ناول جو مرڪزي خيال آهي: ته لوڪ مريادا کان وڌيڪ آتما مريادا جو مهٽو آهي. هن ناول جي نائڪا ’لوڪ مريادا‘، چالاڪي ڪري، مڱيل ڇوڪري کي ڇڏي، سچي پريميءَ سان ملڻ وڃي ٿي، جنهن سان من توڙي تن جو پريم اٿس، ۽ اهڙيءَ طرح آتم مريادا قائم ٿي ڪري. پاڻ هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”آتم مريادا پهريون ناول آهي، جيڪو 'Immature' تجربو هو، جنهن تي اڳيه ۽ جئتندر ڪمار جو اثر آهي، ان ۾ اوريجنلٽي (originality) تمام گهٽ آهي.“(3)

لعل پشپ ۽ ڪويتا پشپ جي لکيل هن ناول ’آتم مريادا‘ جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”هن ناول جي مرڪزي موضوع ۾، ’آتم مريادا‘ مٿان ’لوڪ مريادا‘ قربان ڪئي آهي. ناول جي نائڪا مڱ کي ڇڏي، پنهنجي سچي پريميءَ سان ناتو نباهيندي، لوڪ لڄا جي ڪابه پرواهه ڪانه ٿي ڪري.“(4)

**هڪ سرد ديوار:**

هن ٻيو ناول ’هڪ سرد ديوار‘ لکيو. پهرين ته سندس اها هڪ ڪهاڻي هئي، پر پوءِ ان ۾ مختلف ڪهاڻيون، جنهن ۾ هو پنهنجي مقصد جو اظهار ڪرڻ چاهيندو هو، لکندو رهيو ۽ نيٺ ناول جي صورت وٺي ويو، حالانڪ سندس اهو هڪ ننڍو ناول آهي. لعل پشپ انهيءَ جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت ڪندي هن ريت لکي ٿو:

”هڪ سرد ديوار، پهرين ته اها هڪ ڪهاڻي هئي، پوءِ مان هميشه پڇتائيندو هوس ته جيڪو ڪجهه مون کي چوڻو هو سو، ان ڪهاڻيءَ ۾ چئي نه سگهيو آهيان. ان کان پوءِ هڪ ٻي ڪهاڻي ٿي، ٽين ڪهاڻي ٿي ۽ يڪو هڪ ناول ٿي پيو. ناول لکڻ کان پوءِ مون کي لڳو ته حقيقت ۾ اهو ناول ننڍو آهي، جنهن ۾ مان پوري ڳالهه چئي نه سگهيو آهيان، تنهن ڪري ان کي مان ’ٽريالاجي‘ (Triology) ڪري ويس. ’هڪ سرد ديوار‘ کان پوءِ ’ٽريالاجي‘ ٿهي وئي، ان جي ٻي ڪڙي، ’اها ديوار آسمان تائين‘ ڇپيل آهي. باقي ٽين ڪڙي، ’هڪ دفن ديوار‘ اڃا نه ڇپي آهي.“(5)

لعل پشپ کي پنهنجي مقصد کي بيان ڪرڻ لاءِ ناول جي صنف وڌيڪ موزون لڳي، جنهن ۾ هن پنهنجي مقصد کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي.

لعل پشپ جو ناول، ’هک سرد ديوار‘ 1969ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ نئين ٽيڪنڪ تي لکيل ناول آهي. سنڌي ادب ۾ هي پهريون ناول آهي، جيڪو ’هستيواد‘ (Existentialism) يعني ’وجوديت‘ جي نظريي تحت لکيل آهي. سندس لکيل هي ناول هڪ قسم جو نئون ۽ سٺو تجربو آهي. هن، هن ڪتاب جي ڪوَر تي، نئون ناول لفظ به استعمال ڪيو آهي.

اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته لعل پشپ، جديد رجحانن، ترقي پسند نظريي، رومانيت (Romanticism) جي نظريي تحت ڪيترائي افسانا ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن، پر هي ناول وري هڪ نئين نظريي ’هستي واد‘ (Existentialism) يعني ’وجوديت‘ واري نظريي تحت لکيو ويو آهي، جيڪو سندس پهريون ۽ ڪامياب تجربو آهي.

هن ناول جو پلاٽ نهايت ئي مختصر آهي ۽ ڪردار صرف ٻه پيش ڪيل آهن. هن ناول ۾ صرف گڏجاڻين جا ٽي ڏينهن ۽ پريميءَ جي گفتگو ۽ هيرو (سورمو) ڪي ايندڙ خيال، گڏي وڌايو ويو آهي. شروعات وارن ٽن ڏينهن ۾، پهرئين ۽ ٻئي ڏينهن ڪان پوءِ، پهرئين ۽ ٽئين ڏينهن جو ذڪر ڪيل آهي. هن ناول جي باري ۾ قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”لعل پشپ جو هستيواد وارو، پريم جي وشيه تي، منوو گيانڪ ڇيد وارو ناول، ’هڪ سرد ديوار‘، سنڌي ادب ۾ انوکو اسٿان رکي ٿو. ناول جي ڪهاڻي ’لکنو سنڌي سميلين‘ جي ٽن ڏينهن جي پيدائش واري آهي، جنهن ۾ شادي ڪيل نائڪ، هڪ ٻي شادي شده پريمڪا سان پريم جي مختلف پهلوئن تي لڳاتار ٽي ڏينهن ويچار وندي ٿو. ان بعد دهلي روانو ٿي ٿو وڃي ۽ ساري رات سهڻي پريمڪا جي پريم واريون پلڪون، سندس تصور ۾ ڦرنديون رهن ٿيون. ناول جي ڪٿا، ڪردار ڪي ڳچ حصي تائين ساٿ ڏيندي آهي، پر هتي ان جي عدم موجودگيءَ، نئين ناول لاءِ ڪا حد ڪونهي.“(6)

هن ناول ۾، سواءِ ٿوري ذڪر جي، باقي سڄو ناول هستيواد طرز ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ڇوڪريءَ ڪان جدا ٿي، هيرو لکنوءَ ڪان دهلي تائين سفر ڪري رهيو آهي، ۽ رات جو ننڊ ڪرڻ بدران، انهن ڏينهن جي ملاقاتن جو تفصيلوار يادگيريون ڪري رهيو آهي. هي ٻئي پريمي اڳ ۾ ئي شادي شده آهن، پنهنجن ساٿين سان به هنن ڪي ڪابه شڪايت ڪانهي، تنهن هوندي به ٽن ڏينهن ۾ تڪڙو تڪڙو گهائل ٿي ٿا وڃن.

هن ناول ۾ پهرئين ۽ ٽئين ڏينهن جو بيان، جنهن ۾ لکنوءَ سميلين تي هيرو جي، ڇوڪريءَ سان گڏجاڻي ٿئي ٿي، ۽ گڏ گهمن ڦرن ٿا، تنهن ۾ هستيواد جو طريقو ڪونهي. باقي سڄو ناول هستيواد طريقي جو آهي. منگهارام ملڪاڻي سندس هن ناول تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:



”لعل پشپ جي خصوصيت موجب، پريمين جي رشتي جو ڳوڙهو، منووگيانڪ ڪيل آهي، جو سموري ناول ۾ هليو اچي. ڪيترن هنڌن تي اڪري آتشبازيءَ جا ڦٽاڪيءَ جي نوع ۾ لکيل آهي. اينگهه ۽ دهراءِ ڪيل آهي، جا هن ليکڪ جي خصوصيت آهي. انهن ٽن ڏينهن جو بيان هڪ الڳ ڪهاڻي بڻجي سگهي ٿي ۽ ان صورت ۾ اڳي ئي شايع ٿيل آهي ۽ ’حقيقت وادي‘ (Realism) طرز تي لکيل آهي.“(7)

بهرحال لعل پشپ جو هي هڪ جديد طرز تي لکيل ناول آهي. هي ’هستيواد جي رجحان جو شروعاتي ناول آهي. انهيءَ ڪري ٿوري ڪهاڻيءَ ۾ اهو نظريو موجود ڪونهي. هي ناول سڄو انهيءَ طرز تي لکيل آهي، جيڪو پهريون، نئون ۽ دلچسپ ۽ ڪامياب ناول چئي سگهجي ٿو. هن ڪان پوءِ ٻين ناول نگارن هن طرز تي لکڻ شروع ڪيو، جنهن لاءِ خود لعل پشپ لکي ٿو ته:

”سرد ديوار، مابرن ناول تسليم ڪيو ويو“ (8)

ناول ۾ ٻولي ۽ عبارت نهايت وزندار استعمال ڪيل آهي، مثلاً:

”تنهنجي ٻن هٿن آڪيري اندر گهڙي، انهن ٻن ننيڙن ننيڙن سفيد پکيءَ ڪي پڪڙي ورتو.“(9)

يا ٻئي هڪ هنڌ هيئن ٿو لکي:

”هن جي ڳلن ۾ ڪير ۽ چپن ۾ شراب هو.“(10)

هن ناول ۾ لکيل ڪي جملا تمام ڊگها ۽ طويل آهن، ۽ ڪيترائي هندي لفظ پڻ ڪم آندل آهن، جنهن ڪري هن ناول جي ٻولي سمجهڻ ۾ ڪجهه مسئلو پيدا ٿئي ٿو.

سندس هن ناول جي موضوع جي نواڻ سبب (جنهن ۾ انساني زندگيءَ جو بي مقصد هجڻ ۽ اچانڪ سڀ ڪجهه ٿيڻ جي) ڏاڍو مقبول ويو آهي. سندس ناول جو هيرو، مقرر اصولن ۽ اخلاقي حدن سان ٽڪرائيندو، گهايل ٿيندڙ ڏيکاريل آهي. هو نه ان جو حل ڳولهڻ ۾ پاڻ پرو آهي ۽ نه ئي وري ڪجهه ڪري سگهڻ جي طاقت ئي ان ۾ رهي آهي. مثلاً هو لکي ٿو ته:

”هن رشتي جي ڪائي منزل نه هئي... منهنجي پيرن ۾ زنجيرون هيون... ۽ هن جو، هن ان ڏينهن ٻڌايو. رشتو لڳ ڀڳ طئي ٿي چڪو هو.“(11)

”هي رستو ٻن طريقن سان پورو ٿيندو اهي. هڪ پاڻ ڪان اڳ سرد ٿي ويندو، ٻيو پاڻ ڪان پوءِ سرد ٿي ويندو آهي.“(12)

حال ۾ جيئڻ جي دعويٰ ڪندي به هو ماضيءَ ڏانهن گهلجي وڃي ٿو. حالتن جو مضبوط چڪر ان کي ايترو ڪمزور ٿو ڪري ڇڏي، جو هو ڪجهه به

طئي ڪرڻ لاءِ قابل نٿو رهي. ٿوري ٿوري تي شخص جي چاهيل آزادي، ارادي ۽ عمل اڳيان ديوارون ئي ديوارون آهن.

**هن جي آتما جو موت:**

ان کان پوءِ لعل پشپ جو ناول ’هن جي آتم جو موت‘ لکيل آهي. هي ناول سنڌي ناول نويسيءَ کي نئون موڙ ڏيندڙ، اعليٰ تخليقي تجربو آهي. هن ناول جو مقصد اعليٰ رکيل آهي. آتما جو موت ڏکئي ۾ ڏکيو اسم آهي. باقي سڀ ادنيٰ آهي. هڪ ٽانڊي جي چوڌاري گڏ ٿيل رک جي ڍير وانگر، اسان وٽ علامت (Symbol) جي روپ ۾، خلاص ٿي وڃڻ جي سوچ به آهي، ته رک جي هر ذرڙي کي پنهنجو اتهاس آهي، اهو ان جو ادنيٰ هئڻ جو سبب آهي.

هن ناول جي علحدگيءَ جو ٻيو سبب اهو به آهي ته هن ناول ۾ ڪردارن جي سماجي زندگيءَ جو حوالو ڪٿي به پيش ڪيل نه آهي، پر انسان جي زندگيءَ جا مسئلا، اچوڪي زندگيءَ جا مسئلا، جن سان انسان کي هر وقت مقابلو ڪرڻو آهي، انهن خطرن کي ٻئي ڪنهن به ناول نويس پيش نه ڪيو آهي. هن اهي سڀ مئسلا بيان ڪيا آهن. هن جي باري ۾ پرهه ڦٽي رسالي ۾ وڏيڪ تفصيل سان هيئن لکيل آهن:

”اهي خطرا ڪهڙا آهن؟ انسان کي صرف ٻاهرين حالتن جو انشچيه يا دٻاوٽي نٿو گهٽي، بلڪ سندس هن شرير / شرير من جي اڪائيءَ تي سندس بي وسي به ڪڏهن ڪڏهن سندس هستيءَ کي برِيءَ طرح سان ڏوڏي ٿي ڇڏي. شرير ۽ من جي رشتي جي ڪابه آخرين صورت ڪونهي، نه درشن، نه منووگيان، نه شرير وديا ئي ان ڏس ۾ ڪو آخرين فارمولا ڳولهي ڪيو آهي. ٻاهرين سنگهرش ۾ پاڻ اڇلائڻ کان اڳ ئي بعض موقعن تي انسان پنهنجي ئي وجود جي بار هيٺان پيڙهجي ٿو وڃي. ان لاءِ ڪنهن وڏي آپگهات جي ضرورت ڪونهي. ڪا معمولي اٽيٽ به ڪيس ڪيتر ڪان ٻاهر ڪيڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ جي هڪ دفعو ان اڪائيءَ جو سنبت ٽٽي پوي ته انسان جي حالت پهاڙ جي ڪنهن اوچائيءَ تان ڪِرِيل اُن پٿر جيان ٿي ويندي، جنهن کي پهاڙ جي ڪا ڪنڊ جهل نه ڏيئي سگهندي آهي.“(13)

هن ناول جي شروعات هڪ معمولي واقعي کان ٿئي ٿي. هن ناول جو ڪردار ’ڪافور‘ کي ڳالهائيندي ڳالهائيندي، ڪاٻي اک ڀوڻ جي عادت پئجي وئي آهي. اها معمولي ڳالهه ڪافور کي پڻ تان لاهي ٿي ڇڏي ۽ ان کان پوءِ آخر تائين ان کي ڪا دشا ڪانه ٿي ملي. لعل پشپ جي هن ناول تي تبصرو ڪندي، شوڪت حسين شورو هن ريت ٿو لکي:



”هن ناول ۾ چٽي بيباڪي آهي، پر ان کان وڌيڪ ناول ۾ جيڪو 'under current' آهي، درد ۽ انساني بيوسيءَ جو، پيرن ۾ زنجير هئڻ جو، سو من کي ڇهي ٿو وڃي. ناول ۾ پيڙا سان ڀرپور سچيوئيشن آهن، جنهن مان نڪرڻ لاءِ ڪو رستو نٿو سُجهي. تباهي ٻنهي طرف آهي. گڏ هلڻ لاءِ توڙي الڳ ٿي وڃڻ سان، جيڪا پيڙا آهي، اها وري ناول کي پڙهڻ تي وري وري، وچان وچان ٽڪرا ڏسڻ تي مجبور ڪري ٿي.“(14)

هن ناول جي سڀ کان ڏيان ڇڪائيندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته ان سڄي ناول ۾ هڪ Trivial سوچ ذميوار آهي. هيءُ لعل پشپ جو هڪ سٺو تجربو آهي، جنهن ۾ صرف يادگيريون ئي آهن. هن ناول ۾ پتين ۽ چتين جي بجاءِ، مٽيءَ، گرد ۽ چاري جا چٽ نمايان آهن. هن ناول ۾ آيل مڪمل ۽ نامڪمل مثال، سوال، ٺهراءَ اڻ سڌا، اڻ چٽا، اشارا، ڪردار جي دماغي لاهين چاڙهين کي قوت بخشين ٿا.

انهيءَ کان سواءِ هن ناول جي خاص خوبي ان جي ٻولي آهي، جيڪا سادي، طنزيه ۽ بي پرده پيش ڪيل آهي. انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ ماحول، تهذيب ۽ ڪلچر سڀ نج سنڌي پيش ڪيل آهي.

**تڏهن ۽ هاڻي:**

لعل پشپ جو ناول، ’تڏهن ۽ هاڻي‘ 1975ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو ماهوار پبليڪيشن پرهه ڦٽي وارن مارچ 1975ع ۾ شايع ڪيو. لعل پشپ جو هي ناول به هڪ نئين ٽيڪنڪ تي مشتمل آهي، جنهن ۾ صرف هڪ ئي ڪردار آهي، جيڪو سڄي ناول جو قصو بيان ڪري ٿو. هن ۾ صرف هڪ عورت جو ڪردار آهي، جنهن سان مڙس ۽ ٻار به آهي، پر سڄي ڪهاڻي هوءَ اڪيلي بيان ڪندي رهي ٿي.

هن ناول ۾ مرڪزي ڪردار هڪ عورت آهي، جيڪا تمام گهٽي شڪي طبيعت جي آهي. هوءَ انهيءَ ئي شڪ ۾، يا انهيءَ ئي خوف ۾ رهي ٿي، هر وقت اهوئي سوچي ٿي ته سندس مڙس جي مختلف عورتن سان دوستي آهي. هن جو مڙس رتن، جيڪو هن سان گهرو زندگيءَ ۾ هر طرح جو تعاون ڪندو رهي ٿو، پر سندس ذهن مان آخر تائين اهو وهم يا شڪ ختم نٿو ٿئي، جنهن ڪري هوءَ پنهنجي مڙس سان هر وقت جهيڙا جهڳڙا ڪندي رهي ٿي. مقصد ته سڄي ناول ۾ هن جا شڪي خيالات پيش ڪيل آهن. سندس ساهيڙيءَ سان گفتگو ڪندي، مختلف مردن ۽ عورتن جي فطرت هن ريت پيش ڪن ٿيون، جنهن مان ناول جو مقصد واضح ٿئي ٿو.

”هو ٻيءَ ڪنهن کي پيار ڪرڻ لڳو آهي. هو ڇا اڄ ڪلهه گهر ۾ نه رهندو آهي؟ سيتا پڇيو:

سيتا: رهڻ لڳو آهي، بس نه! ايترئ ڳالهه لاءِ ايڏو پريشان ٿي آهين،

مون سمجهيو ته ٻيءَ ڪنهن ڪي، جنهن ڪي پيار ڪرڻ لڳو آهي، پڇائي ويو آهي، ۽ اڄڪلهه گھر ۾ نه آهي. ٽن ٻارن جي ماءُ ٿي وئي آهين، پر وڏي ڪڏهن ٿينديئين؟ چاليهه چڙهئين، پراڇا تائين ٻار رهجي وئين. مون ڪي شروعات ڪان ئي تو ۾ شڪ هو ته تون انهن زالن مان ٿينديئن، جيڪي وڏيون ڪڏهن نه ٿينديون آهن، حقيقت شناس ڪڏهن به نه ٿينديون آهن. رتن جو بس ڏوهه اهو آهي، جو هو اهڙو چالاڪ نه آهي، جو توڪان ڪا ڳالهه لڪل رکي، ۽ انهن زالن جو ڇا جن جي خبر ئي ڪانهي ته سندن مڙس هڪ ننڍي نيٽي ڦاسائي ويٺا آهن.

اڙي توڪي ته خوش ٿيڻ گهرجي، پڳلي ته گهوٽئين جو اهو آخري عشق آهي. ان ڪان پوءِ هن جي عمر ئي نه رهندي جو ڪنهن سان عشق ڦشق ڪري.“

”اهو هڪڙو آخرين ٻڊاپي ڪان اڳ عشق ته هر مرد ڪندو آهي. اگر نه ڪندو آهي، ته موقعو ئي نه ملندو اٿس، پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته ڪرڻ ئي نه چاهيندو آهي، گهٽو ڪري ڪندو آهي جو موقعو ملي ويندو اٿس، جو اهڙيون گهٽيئي ننڍيون نيٽيون آهن، جن ڪي پيءُ جو پيار نه مليو آهي، يا جن جي پيءُ جو عڪس پيءُ ۾ نه مليو آهي. فرق فقط ڊگرين جو هوندو اهي ته اهو ڪيترو سنهو، ٿلهو عشق آهي. بس ڪنهن مرد ڪي نئين نئين عورت وٽندي آهي.“(15)

مردن جي فطرت جي باري ۾ ڪليفورڊ رهوڊز (Clifoord Rhodes) هيءَ راءِ پيش ڪري ٿو:

”هر طرف جي هلت لاءِ چست منووگيانڪ سمجهاٽيون عام سطح تي، حاضر ڪيون وڃن ٿيون. اگر مرد پنهنجيءَ زال طرف وفادار آهي، ته هو سيڪس ڪان ٻڇي ٿو. اگر هن ڪي زال جي صحبت پسند آهي ته هوءَ ماءُ ڪيندرت ڊان جان آهي.اگر هو مردن جي صحبت وڌيڪ ڪري ٿو،اگر هو اڪيلائي پسند آهي ته اُتم موهه يا آتم رتي جو شڪار آهي.“(16)

لعل پشپ جو هي ناول هڪ دلچسپ ۽ ڪامياب ناول آهي. هن ناول ۾ ڪيترائي ڳوڙها نقطا پيش ڪيل آهن. هن سڄي ناول جو مقصد اصلاحي آهي. ٻولي به نهايت ئي وزندار ۽ معنيٰ خيز استعمال ڪيل آهي. هن ناول جي آخر ۾ سڄي ناول جي مسئلي جو حل پيش ڪيل آهي. مثال طور: مڙس پنهنجي زال ڪي چوي ٿو:

”تون، مون ڪي ختم ڪري ئي رهنديئن،

ڪير به ڪنهن ڪي ختم نه ڪندو آهي، جيسين ماڻهو پاڻ تيار نه ٿئي ۽ تون پاڻ ڪي ختم ڪرڻ لاءِ سنپري آهين.“

۽ زال آخر انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿي ته:

”رتن شاديءَ بعد ان پهرينءَ عورت سان ويو هو. واپس گهر موٽيو



آهي. انهيءَ ڪان پوءِ ٻين سان ويو هو، واپس گهر موٽيو آهي. مون وٽ، شايد نه، اسان جي گهر ۾، روئيندي، رڙندي به ڪٿي، سڀ ڪجهه پچي ڇڏڻ جي جرئت خود ۾ نه پائي، ان سڀ سان مون صلح ڪري ورتو هو، نه مون چاهيو هو، پر ٻيو ڪو رستو مون لاءِ نه هو. جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن جو به ٿي سگهي ٿو، اهو ڪنهن جو نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن منهنجو به نٿو ٿي سگهي ته ڪٿي ان مليل منهنجي دل ڪي دائمي تسڪين ڏني هئي. مون ڪي پتي نٿي مليو، اسان جي ٻارن جو پيءُ ته ملي ٿو. هو هنن ڪي بيحد چاهي ٿو. گهر ۾ ڪڏهن به هنن جي ڪا خواهش يا فرمائش نه ٽري آهي. ٻيءَ طرح به ڪڏهن ڪوٽ ڪي محسوس ڪرڻ نه ڏنو آهي. هن وٽ جڏهن جيترو به آ پر هن ٻنهي هٿن سان لٽي ڇڏيو آهي.“(17)

حاصل مطلب ته لعل پشپ جو هي ناول هڪ سٺي موضوع تي لکيل آهي، ۽ انهيءَ ڪي ڪامياب ناول جي فهرست ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

**اها ديوار آسمان تائين:**

لعل پشپ جو ٻيو ناول ’اها ديوار آسمان تائين‘، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، ممبئيءَ وارن طرفان 1981ع ۾ ڇپايو هو. هي ناول سندس اڳ ڇپيل ناول، ’هڪ سرد ديوار‘ جي ٻي ڪڙي آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اڇي چڪو آهي.

هن ناول جو موضوع به ساڳيو ۽ ڪردار به ساڳيا آهن. موضوع زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي. هن ۾ هڪ مرد شادي شده هوندي به اڪيلو آهي. هو هڪ مڱيل عورت سان پيار ڪري ٿو. هوءَ به انهيءَ مرد سان پيار ڪري ٿي. عورت ۽ مرد جي رشتي سان تعلق رکندڙ موضوع ڪيترو به پراڻو هجي، پر وقت، حالتن ۽ دردن جي مسلسل تبديليءَ سان اهو وقت نئون آهي ۽ دائمي آهي، جيستائين انسان جو وجود هن ڌرتي تي قائم آهي، تيستائين عورت ۽ مرد جي وچ ۾، چاهي ڪهڙي به صورت ۾، اڻ ٽر آهي، ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي. انهيءَ ڪري هميشه نئون آهي.

هن ناول ۾ ٻه ڪردار آهن. هڪ مرد (سورمو) جيڪو ليکڪ آهي ۽ سنڌي ساهتيه سميلن جي موقعي تي لکنوءَ ويو هو ۽ اتي هن جي ملاقات هڪ سنڌي ڇوڪريءَ، سواميءَ سان ٿي هئي. تارا جيڪا پنهنجي مڙس سان ملڻ لاءِ لکنوءَ ڪان بمبئي آئي هئي. ٻنهي ڪي خواب آهي ته سندن سفر جي ڪا منزل ڪانهي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن هن گهڙيءَ يا ايندڙ ڪن گهڙين ڪان پوءِ، ٻنهي ڪي الڳ ٿي وڃڻو آهي، ۽ الڳ جيئڻو آهي. پوءِ به هڪ اجهل ڇڪ ٻنهي ڪي جڪڙيو ويو آهي، پر الڳ ٿيڻ ۽ وڇڙي وڃڻ جو احساس ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ پيڙا، ٻنهي ڪردارن جي من تي ۽ سڄي ناول تي ڇانيل اهي. تارا جڏهن لکنوءَ مان دهلي، ممبئي اچي ٿي ته جسماني طور ٻئي هڪ ٻئي جي قريب اچن ٿا، پر جسماني طور ايترو قريب اچڻ ڪان پوءِ اها ديوار آسمان تائين

بلند ٿي وڃي ٿي. ان جا ڪارڻ آهن. ٻنهي جون محدودگيون، ڏپ، ٻنڌڻ ۽ قانون جون پابنديون آهن. سواميءَ تي پنهنجي زال، گهر ۽ ٻارن جون جوابداريون مڙهيل آهن. تارا (سورمي)، هن جي ٻار جي ماءُ بنجڻ چاهي ٿي، تڏهن لڳي ٿو ته ڪو خوفناڪ انقلاب اچڻ وارو آهي.

هن ناول ۾ ليکڪ جسماني تعلقات کي نهايت ئي بيباڪيءَ سان بيان ڪيو آهي. بهرحال هي سندس هڪ ڪامياب ناول آهي. مطلب ته لعل پشپ جديد دؤر جي ناول نگارن ۾ هڪ ڪامياب ناول نگار آهي. هن هر موضوع کي هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪيو آهي. سندس هر ناول جو موضوع جدا جدا آهي. هو موجوده دؤر جي جديد نظرين مطابق لکي ٿو، چاهي اهي سندس افسانا هجن يا ناول. هن تقريباً هر موضوع مثلاً: وجوديت، رومانوي پهلو، زال ۽ مڙس جي ناتن ۾ موجوده ترقي يافته دؤر ۾ سوچ جي تبديلي، مڙس جي زال ڏانهن حڪمرانيءَ واري رخ جي تبديلي ۽ ان جي جاءِ تي برابريءَ جو احساس پيدا ڪرڻ، جنسي آزادي، آتم مريادا وغيره کي پنهنجي ناولن کي نهايت ئي سهڻي طريقي سان، سهڻن، فيلسوفياڻين خيالن، سادي ۽ سولي پر وزندار ۽ پر معنيٰ ٻوليءَ ۾ نهايت ئي سهڻي ڪردار نگاريءَ سان پيش ڪيو آهي.

## ببليوگرافي


1. جڳديش لڇاڻي: ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻي، پوپال رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 132
2. لعل پشپ: انٽرويو، آرسي (5)، سهيڙيندڙ: ولي رام ولڀ ۽ ظفر حسن، حيدرآباد، آرسي پبليڪيشن
3. لعل پشپ: آتم مريادا (ناول)، 1962ع
4. قيمت هري سنگهاڻي: ورهاڱي بعد هند ۾ سنڌي ناول، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 108
5. ڏسو حوالو نمبر 2
6. ڏسو حوالو نمبر 4، ص 208
7. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1969ع
8. لعل پشپ: هڪ سرد ديوار (ناول) پرهه ڦٽي پبليڪيشن 1969ع
9. ايضاً
10. ايضاً
11. ايضاً
12. ايضاً
13. ايضاً، ص 272
14. شوڪت حسين شورو: تبصرو، هن جي آتم جو موت
15. لعل پشپ: تڏهن ۽ هاڻي (ناول)، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، 1975ع
16. ڪيرت ٻاٻاڻي: ادب ۾ قدرن جو سوال، بمبئي، سورٺ پبليڪيشن 1974ع





17. حوالو نمبر 16

**موهن ڪلپنا:**

**(تعارف:** موهن ڪلپنا، 23- نومبر 1930ع ۾، ڪوئٽڙي،، سنڌ ۾، ڄائو هو. شروعاتي تعليم ڪوئٽڙيءَ مان ئي حاصل ڪيائين، پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي هليو ويو، ۽ اتان ئي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1947ع ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ ڀارت لڏي ويو. اتي هو آل انڊيا ريڊيو ۾ ٽي-ويءَ تان تقريرون ڪندو هو، ۽ 'اکنڊ ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا' جو جنرل سيڪريٽري به ٿي رهيو. روزانه 'سنڌڙي' اخبار جو ايڊيٽر به هو.

موهن ڪلپنا اديب هئڻ سان گڏوگڏ، هيٺين تحريڪن جو به سرگرم رُڪن ٿي رهيو.

چيئرمئن مهراڻ ادبي سنگت؛ سيڪريٽري تعليم ڪميٽي، لکنو؛ سيڪريٽري ساهت سڀا؛ سيڪريٽري، ليکڪ سگهه، سنڌو نگر؛ سيڪريٽري ساهت منڊل ممبئي؛ سيڪريٽري رائٽرس گلڊ دهلي؛ سيڪريٽري سنڌو ڪرانتي دل؛ ڪنوينئر سنڌو دل؛ وائيس چيئرمئن شهيد هيمون ڪالاڻي لئبريري ۽ چيئرمئن انڊو پاڪ برادر هُڊ).

موهن ڪلپنا ڪيترائي ناول به لکيا آهن جن مان ڪن تي تبصرو اڳتي ڪيو ويو آهي.

**ناول:**

'آواره' 1953ع، 'لگن' 1954ع، ۽ سنڌ ۾ 1957ع، 'عورت' 1956ع، 'زندگي' 1957ع، 'پٿر جو جگر ميڻ جي دل' 1958ع، 'وشواس' 1958ع، 'رڄ ۽ ڀاڇا' 1966ع، سنڌ ۾ 1967ع ۾ 'پيار جي پڇاڙي' 1969ع، 'جلاوطني' 1974ع ۾ سنڌ ۾ 1975ع، ۽ 'تون منهنجي سُندرتا جو آرنيُ آهين' 1975ع. انهيءَ ڪان علاوه سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا هن ريت ڇپيل آهن.

'موهن نرموهي' 1961ع، 'چانڊني زهر' 1964ع، سنڌ ۾ 1971ع، 'فرشتن جي دنيا' 1967ع، 'اها شام' 1981ع ۾ شايع ٿي.

موهن ڪلپنا جو ٻارن لاءِ لکيل ناول 'سرڳ جي گولا' 1958ع ۽ 1981ع ۾ شايع ٿيو سنڌس مقالو، 'سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش' 1963ع ۾ ڇپيو. انهيءَ ڪان علاوه 'فنڪار ۽ فيلسوف' 1973ع ۾، شاعريءَ جو مجموعو 'جهاز جي ڊيڪ تي' 1983ع ۾ شايع ٿيا.

موهن ڪلپنا، سنڌ، سنڌي جاتيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو البيلو عاشق رهيو آهي. هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي تسليم ڪرائڻ، سنڌي ٻوليءَ جي



لپي ديوناگري نه، پر موجوده عربي سنڌي لپي ڪرائڻ واريءَ هلچل جو هڪ اڳواڻ هو. هن تحريڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ، ساهت سڀا، آزاد سنڌ ڪائونسل ۽ ٻين سنڌي تنظيمن به وڏو حصو ورتو، مظاهرا ڪرايائين، بک هڙتالون ۽ احتجاج ڪيائين، پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ وزيراعظم کي ميمورنڊم ڏيڻ، ملاقاتون ڪرڻ لاءِ اهم جتن ڪيائين ۽ ليک به لکيائين. اهڙيءَ ريت ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين، سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين جي اٺين شيڊول ۾، قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪرائي ورتو. موهن ڪلپنا خود به ڪيترو ئي وقت، سنڌي ٻولي تسليمي ڪاميٽي جو ڪنوينر پڻ رهيو.

سنڌ سان هن کي بي پناهه محبت ۽ عشق هو. هن جو سنڌ جي مٽيءَ سان پيار ۽ عشق هو. اهوئي عشق سنڌس لکڻين ۾ هر هنڌ ظاهر آهي. مثلاً: جيئن هو لکي ٿو ته:

"منهنجي لاءِ ڀڳوان ان ڏينهن مري ويو، جڏهن سنڌي، سنڌ مان نڪتا" (آتم ڪٿا).

هڪ ٻئي هنڌ موهن ڪلپنا انهيءَ سڪ جو اظهار هن ريت ٿو ڪري:

"مان زندگيءَ جي هر رات جو، سنڌ کي سپنن ۾ ڏسندو آهيان، ۽ ڀاڻ کي سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، روڊن ۽ رستن تي گهمندو ڏسندو آهيان. ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ جو درد ته مان ڪڏهن به وساري نه سگهيو آهيان."(1)

سنڌ سان موهن ڪلپنا جي بي انتها عقيدت جو ثبوت انهيءَ مان ملي ٿو ته جڏهن ڪلياڻ ڪئمپ جو نالو 'الهاس نگر' رکيو پئي ويو تڏهن ان جي بنيادي پٿر جو مهورت، ڀارت جي پهرئين گورنر جنرل راڄ گوپال آچاريه ڪيو. ان موقعي تي ڪلپنا شهر جا سنڌي گڏ ڪري، وڏا وڏا مظاهرا ڪيا ۽ مطالبو ڪيو ته هن شهر جو نالو شهر مان گذرندڙ، الهاس نديءَ جي نالي پٺيان 'الهاس نگر' نه، پر 'سنڌو نگر' رکيو وڃي، ڇو ته هن شهر کي 'سنڌين' ئي اچي آباد ڪيو آهي. مقصد ته موهن ڪلپنا هند ۾ به سنڌين جي سڃاڻپ هو، جن جو وجود ته وڃيل هو، پر انهن پنهنجو ضمير بچائي ورتو هو.

موهن ڪلپنا سنڌي ٻوليءَ جو اهو عظيم ليکڪ هو، جنهن کي سنڌ ۽ هند جي تاريخ تي به عبور حاصل هو، جنهن سنڌي ليکڪ کي سنڌ جي تاريخ جو شعور ۽ ڄاڻ حاصل آهي، اهو ئي هن جي لکڻين کي سمجهي سگهي ٿو. موهن ڪلپنا جي لکڻين ۾ تلخي، سچائي ۽ حقيقت پسندي موجود آهي. سنڌس تخليقن ۾ موجود، ان تخليقيءَ، ان سچائيءَ ۽ ان حقيقت پسنديءَ پٺيان، جلاوطني، وطن جي وڇوڙي، ورهاڱي جي ڪلوُرن ۽ شرنار ٿي جيون جي عذابن جا اولڙا آهن. انهن عذابن ۽ احساسن جي پوڄنائن، هند ۾

رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن ۾، جيڪا تلخي پيدا ڪئي هئي، اها نه رڳو سندس تخليقن مان ظاهر ٿئي ٿي، پر عام زندگيءَ ۾، گفتگو وقت به ظاهر ٿي پوندي هئي.

موهن ڪلپنا سنڌيءَ جو حساس ليکڪ آهي. هو هميشه سچ لکندو آهي. هن جي زندگي سچ ۽ سونهن جي ڳولا، ۽ جدوجهد ۽ جاکوڙ جو نالو آهي. ان راهه تي هلندي هن ڏاڍا ڏک ڏٺا آهن. ڪوڙ ۽ ڪپٽ جي هن ماحول ۾، سچ ۽ سونهن جي ڳولا ۾، ان سان پيار، ڏاڍو اوکو ڪم آهي. اهو ئي سبب هو جو سچيءَ دنيا ۾ اُن جون خواهشون مسيح جيان صليب تي چڙهنديون رهيون، ۽ هن جا خواب ۽ سپنا، سقراط جيان هر گهڙي زهر پيئندا رهيا. مثلاً هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”مان شايد پنهنجيءَ سوچ ۽ وهنوار ۾، ۽ فطرت ۾ نهايت تخليقي آهيان. مان مصنوعيت کان پگهو آهيان. مون قدرن جي تلاش ڪئي آهي ۽ ان لاءِ ڪي اصول قائم ڪيا، قدر پائي نه سگهيس ته قدر نه ڇڏيم، اصول ڪي ڇڏيم.“(2)

ورهاڱي واري عرصي ۾ پارٽ جي سنڌي اديبن تي سياسي دٻاءُ گهٽو هو، چاڪاڻ جو هڪ طرف سندن پس منظر ۾ پورن آزاديءَ جو احساس هو، ۽ ٻئي طرف هنن جي نظر ۾، پارٽ جو ورهاڱو هڪ گهري سياسي سازش جو نتيجو هو، جنهن جو لازمي اثر اُڪڙيل قومن ۾ اهوئي نمايان هو. اهو ئي سبب هو جو سنڌي ادب ۾ سياسي واقعا ۽ مسئلا جيڪي زندگيءَ جو حصو هئا، اثرانداز ٿيا. سنڌ ۽ هند جا اهي سنڌي اديب ئي هئا جن بيباڪ نموني سان، انهيءَ زندگيءَ ۽ سياسي اثر کي قلم ذريعي، لفظن جي روپ ۾ چٽڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان دؤر جي ٻي اهم خصوصيت وطن پرستي هئي. هندو سنڌي اديبن پنهنجو وطن، سنڌ وڃائي، جيڪو درد ۽ جيڪا پيڙا حاصل ڪئي هئي ان موضوع، ڪيترين ئي تصنيفن کي جنم ڏنو. جديد سنڌي ناول ۾ جيڪو نقطو خاص طور داخل ٿيو، اهو هڪ طرف وطن جو وڇوڙو ۽ سڪ هئي، ۽ ٻئي طرف سنڌ جي ماحول جو سهڻو ۽ دلين کي متاثر ڪندڙ نقش هو. موهن ڪلپنا به ورهاڱي کان پوءِ، شروعاتي عرصي ۾، شعوري طور سنڌي زندگيءَ تي گهڻو ئي ڪجهه لکيو، جنهن ۾ هن، ڪلياڻ ڪئمپ جي ڏکوئيندڙ زندگيءَ جو نقش خاص طور چٽيو آهي.

موهن ڪلپنا، سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ناول لکيا آهن. انهن ۾ ’جلاوطني‘، ’ماءُ‘، ’ڪانءُ ۽ سمنڊ‘، ’اوڙاهه‘، ’لڳن‘، ’اڃا رات باقي آهي‘، ’عورت‘، ’زندگي‘، ’وشواس‘، ’ٻه ناول‘، ’سرڳ جي ڳولها‘، ’پنهنجو موت‘، ’خالي



هٿ‘، ’نازنين‘، ’شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي‘، ’جيون جو سنگرام‘، ’درد جودريا‘، ’پٿر جو جگر‘، ’ميٺ جي دل، ’پيار جي پڇاڙي‘، ’ڏينهن جا تارا‘، .’نئين نظر‘، ’رڄ ۽ پاڇا‘ ۽ ’تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين‘ خاص ناول آهن. قيمت هريسنگهاڻي، موهن ڪلپنا جي ناولن بابت تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

”موهن ڪلپنا جا ناول قدم قدم تي انيڪ مثالن، حوالن ۽ تشبيهن سان ڀريا پيا آهن، جيڪي هن جي تهن کي کوليندي، پاٺڪ کي دماغي ورزش ڪرڻ لاءِ آماده ڪن ٿا، ۽ ناول جي مکيه گهٽنا جي رواني‍ءَ ۾ چڱو چوکو رخنو وجهڻ کان به وقتي پنٽي ڪونه ٿا پون.“(3)

موهن ڪلپنا جا ناول ’جلاوطني‘، ’ماءُ‘ ۽ ’ڪانءُ ۽ سمنڊ‘ هڪ ئي سلسلي جون ٽي ڪڙيون آهن، جيڪي سنڌ کان شروع ٿي هند ۾ ختم ٿين ٿيون. قيمت هري سنگهاڻي انهن ناولن جا مقصد هن ريت بيان ٿو ڪري:

”موهن جي مٿين ٽنهي ناولن جا محض ٻه مقصد آهن. هڪ ڪميونزم جو پرچار ۽ ٻيو پاڪستان جي سنڌين لاءِ وڪالت. پوئين مقصد جي برٿوابيءَ ۾ سڦلتا ملي اٿس.“(4)

سندس ناولن مان ڪن تي تبصرو ڪجي ٿو:

**جلاوطني:**

موهن ڪلپنا پنهنجي ناول ’جلاوطنيءَ‘ ۾ خاص طور ڪلياڻ ڪئمپ جي زندگيءَ جو نقش چٽيو آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي، انهيءَ سنڌي زندگيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ڪئمپ جي زندگي، سنڌي جيوت جو هڪ تاريخي سچ هو. هڪ اهڙو سچ، جنهن جي گهراين ۾ وڃڻ ۽ دل کولڻ سان انساني همت، وشواس ۽ پيڙا تي هڪ وير-چِتر- ڪٿا (Epic) لکي سگهجي ٿي.“(5)

هي ناول (جلاوطني)، 1973ع ۾ لکيو ويو هو. هي ناول، ناول نگار جي سنڌ ديس سان محبت سان ڀريل آهي، باقي زال ذات سان محبت جي باري ۾ صرف ڪجهه سٽون لکيل آهن. گويا سنڌ ئي سندس محبوبه آهي. سنڌ سان سندس عشق آهي. موهن، هن دور جي انهن ليکڪن مان هڪ هو، جنهن کي جلاوطنيءَ جي طوفان هٽي، پڇي، پورا ڪري ڇڏيو هو. هو خود لکي ٿو ته:

”مون جلاوطني ناول لکيو هو ته جيئن هن اپکنڊ جا ماڻهو هڪ ٿي وڃن، هر ڪو پنهنجي ڌرم ۽ مذهب تي قائم رهي، پر نفرت نه هجي. جلاوطنيءَ لاءِ مون کي اِها `Feeling' هئي ته هتي جيڪو بيگانيت جو

احساس آهي، ماڻهن ۾، اهو مان پيش ڪريان. هندو يا مسلمان، سک يا عيسائي، سڀني کي زندگي پياري آهي. جيترا گهڻا ورهاڱا، جيترا گهڻا مذهب، جيتريون گهڻيون فوجون، جيتريون گهڻيون نفرتون ۽ جدايون، اهي سڀني انسانن کي تباهه ڪري ڇڏينديون.“(6)

موهن ڪلپنا جي هن ناول (جلاوطني) جي هيري جونالو به ’موهن‘ آهي. هو ڪراچي ڪاليج مان ادب ۾ بي-اي پاس ڪيل آهي. اتي هو پنهنجي هڪ هم ڪلاسي، ’شيلا‘ سان پيار ڪري ٿو، پر ورهاڱي جي ڪري هو ان کي ڇڏي، پنهنجي ماءُ ۽ ننيڙيون ڀينرون ساڻ ڪري، وطن کي الوداع ڪري، ممبئي وڃي ٿو، ۽ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي رهي ٿو. جتي طوفان جي ڪري ڇت ڊهي پوي ٿي، ۽ سندس ماءُ زخمي ٿي پوي ٿي ۽ آخر هوءَ مري وڃي ٿي. هيري (موهن) کي مختلف ماڻهن کي مارڪٽ ڪرڻ ڪري، ستن سالن جي سزا ملي، ٿي ۽ هن کي جيل موڪليو وڃي ٿو، پر پوءِ جيلر ساڻس همدردي ڪري ڪيس ڇهن مهينن ۾ آزاد ڪري ٿو ۽ نصيحت ڪريس ٿو ته جوش، عقل جي هار آهي. جوش، عقل ۽ دليل رستي ظاهر ٿيڻ گهرجن. هو (هيرو) پنهنجن ڀينرن کي سنڀالي ٿو، ۽ نيٺ هيڊ ماسٽر بڻجي وڃي ٿو. هوُ هڪ شاعره سان شادي ڪري ٿو ۽ آخر ۾ ڀينرن جي به شادي ڪرائي ٿو ڇڏي. هن ناول ۾ تاريخي حقيقتن تي بحث، هند ۽ سنڌ جو تاريخي احوال، جنگ جي مسئلي، سياسي مسئلن، هند و پاڪ جي ورهاڱي ۽ ٻوليءَ تي بحث ڪيل آهي. وشنو ڀاٽيا موهن جي ناولن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”موهن ڪلپنا، هند ۽ سنڌ جو عظيم ساهتڪار آهي. سندس خلقيل ساهت، ڪالپنڪ گهٽ ۽ حقيقي وڌيڪ آهي. هن پنهنجي رچنائن ذريعي سنڌي ساهت ۾ مخصوص جڳهه والاري آهي. هو هند ۾ جلاوطن ۽ سنڌو ماٿر جو لاڏلو پٽر آهي. هند ۽ سنڌ جي سرحدن جو راڄنيتڪ ورهاڱو هن لاءِ بي معنيٰ آهي. موهن جهڙو ليکڪ ڪنهن به ساهت ۾ صدين ۾ هڪ ئي پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي ڪابه ڪاربان ڪاپي هئڻ ناممڪن آهي.“(7)

موهن ڪلپنا جو هيءُ ناول جيئن 1975ع ۾ سنڌ ۾، ڇپيو، ته هن ناول کي پاڪستان خلاف بغاوت جو باعث قرار ڏيئي، ان تي بندش وڌي وئي. هن ناول بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، هيءَ راءِ پيش ڪري ٿو:

”ٽيهن سالن جي عرصي بعد، هندستان ۾ سنڌي گهڻي ڀاڱي ٺانيڪو ٿيڻ جي باوجود، هن ليکڪ کي جلاوطني ۽ اجنبي، پڻي جو احساس سخت پيڙا پهچائي رهيو آهي، جيڪو سڄي ناول تي ڇانئيو پيو آهي، پر آخر ۾ اها اميد ڏيکاري اٿس ته آخري، ڪن پيڙهين ڪان پوءِ، يا ڪن صدين ڪان پوءِ، هند و پاڪ ۽ بنگلاديش وري هڪ ٿي ويندا، وطن جا وڻ وري هلي پسبا، ماتر



پوميءَ جي مٽيءَ کي مستڪ تي لائبو.“(8)

موهن ڪلپنا جو هي هڪ تمام گهڻو ڪامياب ناول آهي. هن ۾ جيڪي ڪردار پيش ڪيا آهن، اهي تمام گهڻا بهادر ۽ همت وارا آهن. هن ناول جي ٻولي به تمام سليس ۽ شاندار اثرانداز استعمال ڪيل آهي. هيءُ ’بنا پلاٽ‘ (Plotless) ناول آهي. هن ۾ صرف تاريخي حقيقتون ۽ بحث مباحثا پيش ڪيل آهن. هند ۽ سنڌ جو تاريخي احوال، جنگ جي مسئلي تي ڊگهو بحث، سياسي مسئلن تي بحث، نئين ڪنڊ هند-پاڪ جي ورهاڱي تي بحث ۽ ٻولي جي لپي تي بحث ڪيل آهي.

هن ناول مان ظاهر آهي ته موهن ڪلپنا کي ايتري عرصي ڪان پوءِ به جلاوطني ۽ اجنبي پڻي جو احساس، سخت پيڙا يا اذيت پهچائي رهيو آهي. وري به آخر ۾ اها اُميد ڏيکاري اٿس ته:

”ڪن صدين ڪان پوءِ هند پاڪ هڪ تي ويندا، وطن جا وڻ وري هلي پسبا، ماتر پوميءَ جي مٽيءَ کي مستڪ تي لائبو.“

جديد سنڌي ناول ۾ ڪي نيون ڪوششون به ٿيون آهن. سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ڌارا ڪان پوءِ، رومانوي ڌارا جو اثر شروع ٿيو. رومانوي ڌارا جي اثر ڪان موهن بچي نه سگهيو. بنيادي طور هو (موهن) هڪ رومانوي ۽ انفراديت پرست ليکڪ آهي. هو پنهنجين لکڻين ۾ اڪيلائپ جو احساس وڌيڪ پيدا ڪري ٿو. هن جا موضوع محبت، تنهائي، مفلسي ۽ ذهني ڪشمڪش آهن. هو لکي ٿو ته:

”مون شروع ڪان پنهنجي اڳيان ڪنهن فيلسوفي يا واد جو نظريو نه رکيو آهي، ڇو جو واد ۽ فيلسوفي هڪ ٻئي کي رد ڪن ٿا. مون زندگيءَ کي الڳ ڪُندن ڪان اٿلائي پٿلائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ زندگيءَ کي جيئن آهي تيئن، يا زندگي ائين به ٿي سگهي ٿي جو سنگهرش ڪيو آهي.“(9)

موهن پنهنجن ناولن ۾ انسان جي بيوسيءَ جا دل ڏاريندڙ چٽا چٽ چٽي ٿو. زندگيءَ جي ٺوس حقيقتن ۽ سچاين ڪان بچڻ ۽ ڀڄڻ جو جذبو ۽ پوءِ ان لاءِ فيلسوفياڻا سبب تلاش ڪري ٿو. هن پنهنجن ليکڪن ۾ سماجڪ پهلو گهٽ، ڪردارن جي شخصيتي زندگي وڌيڪ بيان ڪئي آهي. جڳديش لڇاڻي موهن ڪلپنا جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”موهن، ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيئي، ڪهاڻيءَ کي سطحي حقيقت نگاريءَ ڪان نجات ڏياري ٿو. هن ڪهاڻي کي جدت جي سرحد تائين پهچائي، ڪيس فرد جي اندروني شخص جي مانسڪ ۽ ذهني عڪاسيءَ جو واهڻ بڻايو. هن ڪهاڻي جي رِٿا ۽ ٽيڪنڪ ۾ گهربل پختگي پيدا ڪئي. ڪلپنا اسٿول مسئلن جي بدران سوڪيم منو وگيان جو سهارو ورتو. هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين

درشٽي ۽ فيلسوفياڻي گهرائي ڏني“(10)

موهن پنهنجن ناولن ۾، تاريخي پس منظر ۾ کي تاريخي ڪردار به ڪنيا آهن. انهن ۾ ’اجا رات باقي آهي‘، موهن جي هڪ رپورتاج آهي، جنهن ۾ گوئا جي انقلاب جي جيئري جاڳندي تصوير، هن جي قابل ذڪر ۽ قابل قدر ڪوشش آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي، پنهنجي مضمون ’ادب ۾ قدرن جو سوال‘ ۾ موهن ڪلپنا جي انهيءَ جدت جي تعريف هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

”منهنجي خيال ۾ موهن ڪلپنا ٻن ڌارائن، حقيقت نگاري ۽ ڇايا واد جي وچ ۾ ڪشمڪش ڪري رهيو آهي، ۽ ٻنهي جي دامن کي هڪ ئي وقت پڪڙي بيٺو آهي. ڪٿي ڪٿي سندس رچنا، زندگيءَ جي خوبصورت جهلڪ ٿي ڏيکاري، ته ڪٿي ڪٿي هو من ڇيد ۽ فيلسوفي جي الجهن کي سلجهائڻ جي گول چڪر ۾ ڦرندو رهي ٿو.“(11)

موهن ڪلپنا موجوده ناول نويسن ۾ هڪ اهم جڳهه والاري ٿو. هن (موهن ڪلپنا) تصوراتي اٿل يا بيٺل مسئلن جي بدران، نئين سوچ ۽ ذهانت جو سهارو ورتو آهي. هن سنڌي ناولن کي هڪ نئين سوچ ۽ فلسفياڻي گهرائي ڏني آهي. سندس ناولن ۾ ’زندگي‘، ’پٿر جو جگر‘، ’ميڻ جي دل‘، ’عورت‘ ۽ ’وشواس، اهڙا ناول آهن، جن ۾ هن ڪردارن جي مونجهارن ۽ سندن شخصي حالتن جو ذڪر ڪيو آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، موهن ڪلپنا جي ناولن بابت لکي ٿو ته:

”هن کي هڪ طرف ڪلپنا جي اُڏام آهي ته ٻئي طرف انڀوئن جو خزانو، جنهن جي سهاري هو پنهنجين رچنائن ۾ سُندرتا ۽ رس پرڻ ۾ بيحد ڪامياب ويو آهي. هن جي ناولن ۾ پاونائن جي جيڪا سندرتا، ٻوليءَ ۽ عبارت جي جهڙي پختگي موجود آهي، اها ڪنهن به ناول ۾ نه آهي.“(12)

**لڳن:**

موهن ڪلپنا پنهنجن ناولن ۾، ٻڪ ۽ رومانس تي لکڻ بعد، ورهاڱي جي درد، صداقت ۽ وحشت کي پيش ڪرڻ کان پوءِ، آزاديءَ لاءِ لڳن ڏيکاري آهي، جيڪا هن پنهنجي ناول ’لڳن‘ ۾ بيان ڪئي آهي. هن هي ناول 1954ع ۾ لکيو، ۽ پارت پبليڪيشن وارن شايع ڪيو ويو.

هن ناول ۾ آزادي پسند عورت جو ذڪر آهي، جنهن جي آزاديءَ لاءِ هن ناول ۾ لڳن ڏيکاري وئي آهي. هوءَ هڪ ٻئي پٺيان ٻن مردن کي پيار ڪري ٿي پر اهي ئي سندس پيار جو قدر نٿا ڪري سگهن، ۽ ٻنهي وٽان هوءَ ٺوڪر کائي ٿي. هوءَ پوءِ ڪن هندن جي ٽوليءَ ۾ ڦاسي پوي ٿي، ۽ آخر ۾ آزادي حاصل ڪري وٺي ٿي. هن ناول بابت موهن ڪلپنا، ناول جي مقدمي ۾



لکي ٿو ته:

”لڳن ناول ۾ مون هڪ ان استريءَ جو چٽر ڪنيو آهي، جنهن کي مون، زندگيءَ ۾ ئي نهايت ئي ويجهڙائيءَ تان ڏٺو آهي. هر استري هن ۾ آهي ۽ هر استري هوءَ آهي. هن جي ڪهاڻي، هر استريءَ جي ڪهاڻي آهي. استريءَ جي آزادي، ان جي حد، پرش طرف هن جو پيار، پرشن جي استرين طرف مختلف نقطه نظر، ان سوپ جي ئي جهلڪ سندس زندگيءَ ۾ نمايان آهي.“(13)

عورت چاهي ٿي ته، هن لاءِ استريپڻو ئي سڀ ڪجهه آهي، جڏهن اهو نٿو رهي ته ڪجهه به نٿو رهي، ۽ هوءَ اهو به چاهي ٿي ته عورت جي پختي ڪردار اڳيان، مرد جي ڪمزور ڪردارن جي ڪابه معنيٰ ڪانهي، ڪيس خبر آهي ته دنيا ۾ جن جن به عورتن سچ کي اپنايو آهي، صرف انهن جو ئي نالو تاريخ ۾ ياد رهندو.

هن ناول جي سورمي، زندگيءَ ۾ صرف اڳيان وڌڻ سکي آهي. اڳيان وڌندي ڏسي ٿي ته ڪوبه سچائيءَ سان هن جي دل، هن جي جذبات، هن جي چاهنائ ، هن جي اصليت کي عملي طرح سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. هوءَ هر قسم جون ٺوڪرون کائي ٿي، مگر ان هوندي به هوءَ هميشه اڳيان ئي وڌي ٿي ۽ وڌندي وڌندي، زندگيءَ جي هر وکڙ تي استريپڻي جو امر يادگار قائم رکي ٿي. ديال آهوجا، موهن ڪلپنا جي هن ناول (لڳن) تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

”هن ناول ۾ موهن استرين جا نوَ مختلف روپ پيش ڪيا آهن. ڪو هن جي آتما جو پوڄاري آهي، ڪو روپ جو، ڪو جسم جو، ڪنهن جي لاءِ هوءَ ديوي آهي، ته ڪنهن جي داسي، ڪو هن کي سر جو تاج، ته ڪو پيرن جي خاڪ سمان سمجهي ٿو. ڪو هن کي وڪڻڻ جهڙي چيز ٿو سمجهي، ته ڪو ئي خريد ڪري پئسو ڪمائي ٿو وغيره.“(14)

موهن ڪلپنا جو هي ناول تمام سٺو ناول آهي. هن ناول جي لڳن نالي جو تعلق ان ڪردار سان آهي، جنهن جي لڳن، ٻونگ، چالبازي ۽ ٻاهرئين ڏيک کان آزاد آهي. هي هڪ وندرائيندڙ دلچسپ ناول آهي.

**اجا رات باقي آهي:**

موهن ڪلپنا جو هي ناول ’اجا رات باقي آهي‘ 1955ع ۾، پرڀات ساهتيه مالا وارن شايع ڪيو.

هن ناول جو پلاٽ هڪ سچي قصي تي ٻڌل آهي. هن ناول ۾ موهن ڪلپنا، گوئا جي آزاديءَ ۽ آندولن ۾ شامل ٿيڻ جا شخصي آزمودا بيان ڪيا

آهن. سنڌي ادب ۾ هن قسم جو هي پهريون تجربو آهي، جنهن کي ’رپورتاج‘ (Reportage) چئجي ٿو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”ڪلپنا انهن ٿورن دلير سنڌي جوانن مان هو، جي ورهاڱي واري مصيبتن هوندي به هندستاني ستياگرهين جي جٿي سان گوئا ويا هئا ۽ هڪ ٻن پورچوگيز سپاهين جون گوليون۽ گرفتاريون به سٺيون، پر آخر سر بچائي، موٽي ماڳ آيا. ڪيترائي هندستاني هن ڪتاب جي لکندڙ ۽ ٻين هزارن وانگر زمين تي ليٽي نه پيا، پر سرحد تي ترنگو جهنڊو اوچو ڪري، گولي بازيءَ جو شڪار بڻجي، شهيد ٿي ويا، جن کي ئي ڪلپنا هن ڪتاب ۾ ارپيو آهي.“(15)

اهڙيون سڀ اکين ڏٺل حالتون، موهن ڪلپنا پنهنجي هن ڪتاب ۾ نهايت ئي دلچسپيءَ واري انداز سان بيان ڪيون آهن. اهي احوال ۽ حالتون بيان ڪندي ليکڪ جي پنهنجي اندر جا اُڌما، احساس ۽ جذبا نهايت ئي سچائيءَ ۽ دليريءَ سان هن پيش ڪيا آهن. جيئن هڪ هنڌ هو لکي ٿو ته:

”مرڻ لاءِ تيار آهيان، پر چاهيان نٿو.“(16)

**عورت:**

هن ناول کان پوءِ، 1956ع ۾ موهن ڪلپنا جو ناول ’عورت‘، پشپ ڪمل پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هي ناول ورهاڱي کان پوءِ جي دؤر ۾ تخليقي حقيقت نگار (Creative realism) جو آديش سامهون رکي لکيو ويو هو.

هن ناول جو موضوع ’پيار‘ آهي، جنهن بابت ناول نويس پاڻ ناول جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

”جيڪو ماڻهو پريم، سنبنڌ جي مهانتا قبول نٿو ڪري، ان تي وشواس به ڪير ٿو ڪري سگهي؟ ادب جا اربين موضوع آهن. جهان ۾، پريم سڀ کان مکيه ۽ مٺي آهي... مان ائين نٿو چوان ته صرف پريم تي ئي لکڻ کپي... پريم تي لکڻ ضرور گهرجي، ڇو ته صرف پريم آهي جو منش ۾ جيون جي بهتريءَ لاءِ وشواس ۽ همت پيدا ڪري سگهي ٿو.“(17)

هن ناول (عورت) ۾ موهن ڪلپنا، عورت جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو گهريلو عورت کان بازاري عورت تائين هن سندس ڪردار جو تفصيلي جائزو پيش ڪيو آهي. هن کي خبر هئي ته عورت پيار جي بُکي آهي، ۽ عورت ئي آهي، جيڪا پيار، شادي ۽ ٻار جي ڄم کان درد جي صحرائن ۾ سسئيءَ وانگر ڀٽڪندڙ آهي، ۽ عورت جڏهن انتقام وٺڻ تي لهي ٿي ته پوءِ ڪيس وئشيا، طوائف ۽ بازاري عورت جي نالن



کان به نفرت نٿي ٿئي. عورت اها لطيف ۽ پيار پري صنف يا جنس آهي، جا طوائف بڻجڻ کان پوءِ به عورتپڻي وارا جذبا نه ٿي وساري، البت وقتي طور تي ڪٽي ڪا نفرت سندس من ۾ ضروري اُپري ٿي، پر هوءَ يعني عورت همدرديءَ ۽ پيار جو ٻيو نالو آهي. انهيءَ پيار جي ئي موضوع کي ڪٽي، موهن ڪلپنا عورت جو نالو ڏنو آهي.

هن ناول ۾ ٻه-ٽي پيار ڪندڙ جوڙا پيش ڪيل آهن، جيڪي ظاهري طور تي هڪ ٻئي سان پيار ڪن ٿا، پر شاديون ٻين سان ڪن ٿا. اها به دنيا جي هڪ حقيقت آهي، ۽ موهن ڪلپنا انهيءَ حقيقت کي هن ناول ذريعي ظاهر ڪيو آهي ۽ ان حقيقت جي بنياد تي ئي پنهنجي خواهش يا ڪلپنا جي عمارت اڏي اٿائين.

سندس هن ناول ۾ ڪيترائي فيلسوفياڻا نقطا پيش ڪيل آهن. سندس لکڻي به سٺي ۽ اثرائتي آهي.

**زندگي:**

1957ع ۾ موهن ڪلپنا جو پنجون ناول ’زندگي‘، پارت پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هن ناول جو پلاٽ نئين طريقي جو آهي، جنهن مطابق ڪهاڻي، ”اڄ منهنجو هو اچي رهيو آهي“، سان شروع ٿئي ٿي. هن ناول جو مرڪزي خيال آهي ته، ”اصل ۾ اهو انساني دماغ ئي آهي جو حالتن کي ٺاهي ۽ بگاڙي ٿو. هو پاڻ سان هڪ وڏو ڦهلاءُ کڻي آيو ۽ ان ڦهلاءُ ۾ پيڙا جي فيلسوفي، ڪلا جو پرڀاو، سنڌي ٻوليءَ جو سوال، ستيه ۽ گيان، ۽ ان نموني ادب ۾ وگيان رستي، زندگي ۽ ڪائنات جي ڇاڻ جو موضوعن پاڻ کولڻ شروع ڪيو. هن ناول جو مرڪزي خيال فيلسوفياڻو آهي ته:

”اسين پاڻ ۾ نٽا رهون، پر جو ڪجهه اسان جي اوسي پاسي آهي، اسين ان جو هڪ حصو ٿا بڻجون.“(18)

هي ناول انساني زندگيءَ جي درد ۽ پيڙا وارن موضوعن تي لکيل آهي. اهي هن ناول جا ڪردار به پوڳين ٿا. هن ۾ انساني ذهن جي گهٽتائيءَ جون جهلڪون به موجود آهن، ته انساني عظمت جو اولڙو به. انساني بيوسي، لاچاري، مجبوري ۽ پيار جي ڪهاڻي به هن ناول ۾ بيان ٿيل آهي.

هي فيلسوفياڻو ناول آهي، جنهن ۾ زندگي، پيار ۽ فن تي تمام ڳوڙها ۽ گنڀير خيال پيش ڪيل آهن. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

”هي ناول ڪلپنا جو سڀني کان وڌيڪ رسيل ناول (Mature novel) نڪتو. هي فيلسوفاڻو ناول هو، جنهن ۾ جيوت پريم ۽ ڪلا جو اُديشن تي گنڀير ۽ ڳوڙها ويچار ظاهر ڪيل هئا، جنهن ڪري سڀاويڪ طرح منجهس منووگيان

نک ڇيد ۽ ڪردار نگاريءَ تي گهڻو زور ڏنل هو ۽ پلاٽ جا واقعا تمام پڇاڙيءَ ۾ آندل هئا.“(19)

موهن ڪلپنا هن ناول جي سچي ڪهاڻي، ناول جي سورميءَ، جيڪا مئٽرڪ پاس ڪيل آهي، جي واتان چوائي ٿو، جيڪا فقط فلمون ڏسڻ ۽ اخبار پڙهڻ ۾ وقت صرف ڪندي آهي، پر پوءِ هن ۾ ادبي ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو. هن ناول جو سورمو حيدرآبادي ڇوڪرو آهي ۽ سندس پيار شڪارپور جي هڪ ڇوڪريءَ سان ٿئي ٿو. ٻنهي پنهنجن پنهنجن مائٽن کي بنا ڏيتيءَ ليتيءَ جي رشتو ڪرڻ تي مجبور ڪيو. اچانڪ ڇوڪريءَ جو بيروزگار ۽ شرابي پيءُ انهيءَ ضد ۾ اچي ٿوته هوءَ شاهوڪار رنڙ سان شادي ڪري نه ته هو سپني جو خون ڪندو. پيڻ، انهيءَ خوف جي ڪري پنهنجي پيار کي ختم ڪري ٿي، ۽ پيءُ جو چوڻ مڃي وٺي ٿي ۽ چوي ٿي ته ’اڄ منهنجو هو اڇي رهيو آهي.‘ اتي ناول پڇاڙي کي پهچي ٿو.

هن ناول ۾ موهن ڪلپنا جي گفتگو شاعراڻن ۽ فيلسوفياڻن نقطن سان پريل آهي. مثلاً هڪ هنڌ هو لکي ٿو ته:

”ياد ڪرڻ آهي ته يڌشٽڙ جيان...جي جيون لاءِ، ستيه لاءِ، سندرتا لاءِ، انهن جي عزت ۽ رکيا لاءِ سنگهرش ڪن ٿا، تنهن کي ساٿ ڏيڻو آهي. جيون سونيه ٿيو چا ٿيو ان ۾ ’اهم‘ ته آهي. ’اهم‘ کي ’اهم‘ سان ملي، پرم ٻڌجڻو آهي، پرم ئي وشوَ روپ انسان جي آتم آهي. پرم ئي لين ٿيڻو آهي وديا معرفت آدرشن ۾ سمانتا آڻجي ته پوءِ پرڪرتيءَ کي انسان جا چرڻ چمڻا ئي پوندا.“(20)

هن ناول جي ٻوليءَ عبارت فيلسوفياڻي ۽ ڳوڙهي آهي، انهيءَ ڪري هو ان کي سمجهي نٿو سگهي. هن ناول جي مهاڳ ۾، ناول نويس پنهنجي ناول لکڻ جي باري ۾ هيئن ٿو لکي:

”هن ناول کان پوءِ لکيل ڪتاب به ڇپجي ويا، پر هيءُ ناول ٽي چار سال، دل ۽ خيالن ۾ پئي سُجهيو ۽ آخر ان جا ڪردار جڏهن پچي راس ٿيا، تڏهن مڪمل ڪري ڇپايم.“(21)

**وشواس:**

موهن ڪلپنا، 1959ع ۾ ’وشواس‘ ناول لکيو، جيڪو سهڻي ڪتاب گهر، بمبئيءَ وارن ڇپايو. موهن ڪلپنا جو هيءُ ناول هڪ ليکڪ جي وشواس جي ڪهاڻي آهي، جيڪو وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهندو رهي ٿو. آزاديءَ جي ويرين سان وڙهڻ لاءِ نڪتل، ان قومي ڪارڪن جي ڪهاڻي آهي، جيڪو اها اميد ڪڻي نڪتو هو ته هو وطن جي ويرين جي ننڊ حرام ڪري ڇڏيندو، ۽ انهن کي



اهڙا گهاوَ يا عذاب ڏيندو، جو هو سندس وطن مان پنهنجا تڏا ويڙهي هليا ويندا، ۽ هو پاڻ ڪنهن نماڻن نيڻن ۽ سڀاجهي مرڪ هٿان پنهنجي ننڊ ڦٽائي ويٺو هو ۽ پاڻ گهاوَ کائي ويٺو هو. هيءَ انهن گهاوَن، ان پيڙا ۽ ان درد جي ڪهاڻي آهي.

هيءَ شيکر، سشيلا ۽ شاردا جي ڪهاڻي آهي. هيءُ ليکڪ سشيلا سان محبت ڪري ٿو، ان کي ماڻڻ لاءِ هرڪو جتن ڪري ٿو، ۽ سشيلا کان، جيڪا قومي ڪمن ۾ سندس ساٿياڻي به آهي، محبت جي تقاضا ڪري ٿو، ۽ ان سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو، پر سشيلا هن سان شادي نٿي ڪري. هيءَ ڪهاڻي شيکر جي ان عاجزي، ۽ ايلاز ۽ منٿن جي ڪهاڻي آهي. سشيلا جي ڌارئي ۽ پرائي هجڻ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ سشيلا ۽ شيکر جي تڙپندڙ محبت، جدائي، وڇوڙي ۽ وصل جي ڪهاڻي آهي. موهن ڪلپنا هن ناول جي مقدمي ۾ ناول بابت لکي ٿو ته:

”جيون جو ارٿ ۽ وشيه آهي وشواس. جيون جو ارٿ، سنگهرش ۽ سهڪار ۾ آهي. سنگهرش جو مرڪز ڪرم آهي ۽ سهڪار جو وشواس جيون هڪ سنگهرش آهي، اهوته سڀ ڄاڻن ئي ٿا، ان ڪري مون جيون جو ارٿ سمجهائيندي، ڪرم کان وڌيڪ وشواس تي زور ڏنو آهي.“(22)

هن ناول جو سورمو شيکر آهي، جيڪو ليکڪ به آهي، جنهن سشيلا طرفان ڏنل درد کي گهٽائڻ لاءِ شاردا جو سهارو ورتو، ۽ ان کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهيو. هيءَ ان سهاري ۽ وشواس، احساس ۽ جذبن جي ڪهاڻي آهي، جن احساسن ۽ جذبن، شيکر جي سچي ڪائنات، شاردا کي ٺاهيو، پر هو شاردا جي نظر ۾ واندو هو. هو ڪجهه به نه ڪندو. هو اديب هو. ليکڪ هو، قومي ڪارڪن هو، تڇ هو، پر ان تڇ ماڻهوءَ جي سيني ۾ لازوال محبت هئي. هن جي زندگيءَ جو مقصد هو. هن ناول ۾ موهن ڪلپنا لکي ٿو ته:

”جيون ياترا ڪندي سفر ۾ ڪڏهن ڪي اهڙيون شخصيتون ملي ويندیون آهن، جي ملنديون آهن وڇڙڻ لاءِ، ۽ وڇڙنديون آهن، وري ڪڏهن به نه ملڻ لاءِ. ان ملڻ جي سنٻنڌ جو ڪوبه سلسلو نه هوندو آهي. زندگي کي مون هڪ ليکڪ جي ڪهاڻيءَ جيان ڪڏهن به نه سمجهيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ زندگي باسلسلي ۽ بامقصد هوندي آهي، ليڪن اصل ۾ زندگي هڪ سڌي ليڪ تي هلندڙ ڪائي گاڏي ڪانهي، ڪوئي جهاز ڪونهي، اهو ته هڪ آزاد پنڇي آهي.“(23)

سندس هن ناول ۾ تمام گهرا خيال پيش ڪيل آهن. ٻوليءَ ۽ عبارت جي لحاظ کان به هيءَ سندس (موهن ڪلپنا جو) هڪ اهم ناول قرار ڏنو ويو آهي.

**ماءُ:**

موهن جي ناول (وشواس) کان علاوه، سندس هڪ بهترين ۽ ڪامياب ناول 'ماءُ' آهي، جيڪو هن 1979ع ۾ لکيو هو. ماءُ ناول جو موضوع حب الوطني ۽ نفسياتي عشق ۽ مادري محبت آهي. قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

''سندس ناول، ماءُ جو منطق آهي.''(24)

هن ناول ۾ ماءُ جو ڪردار هڪ قوّت ۽ سرگرم هيروئن جو آهي، جنهن جي لاءِ هن کي نه صرف دلي همدردي هئي، پر بي انتها عزت ۽ احترام به هو. وطن لاءِ بيحد محبت ۽ سک جي ڪري، سندس دکدائڪ موت، ماءُ کي هڪ تحريڪ يا هڪ هيروئن بڻائي ڇڏي ٿي.

سندس هن ناول جو موضوع آهي: 'انگريزن اسان سنڌين کي پهرين هندستاني ۽ پوءِ پاڪستاني بڻايو'، پر سنڌي نه فقط سنڌي آهن، اهي سچيءَ معنيٰ ۾ نه هندستاني آهن ۽ نه پاڪستاني آهن. ڇوٽڪاري جو فقط هڪ رستو آهي آزاد سنڌ. سنڌ سنڌين جي آهي، چاهي، اهي هندو هجن يا مسلمان. هندستان ۾ سنڌي پنهنجو وجود قائم رکي نه سگهندا، ڇو جو هتي ڪين ڪو زمين جو ٽڪرو نه ملندو ۽ شايد سؤ سالن جي اندر، هندستان اندر سنڌي ٻولي ۽ تهذيب به ختم ٿي ويندي. هن ناول ۾ ڪلياڻي، ماءُ جو ڪردار ادا ڪري ٿي. هوءَ غريب فاقا ڪڍي به، پٽ حشوءَ کي وڏو ليکڪ بڻجڻ جا سپنا سيني ۾ سانڍي، هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ، هر وقت تيار ٿئي ٿي. هوءَ چاهي ٿي ته ليکڪ جي مخصوص هستي ٿيندي آهي، هوسماج جي ترجماني ڪندو، ان جي رهنمائي ۽ رهبري به ڪندو آهي. هوءَ چوي ٿي ته:

''ٻن روٽين مان هڪ شخص جو پيٽ ڀرجندو آهي، مگر هڪ گيت مان هزارين ماڻهن جي اُساٽ لهندي آهي ۽ هر عورت ماديت کي مڃيندي آهي. هن کي گهر ڪپي، ڪپڙا ڪپن، مٺيا ڪپن! سنسڪرتي ڪويتا سنسڪرتيءَ جي آتما آهي. انسان ماديت جي متضاد نظام ۽ ان جي ڇپن هيٺان پنهنجي آتما کي زمين دوز ڪري ڇڏيو آهي... گنگا جتي ڪٿي به هردوار ۽ رشڪيش ڪونهي. ايشور ڏانهن وڃڻ جو رستو بند آهي ۽ باقي امرتا، گنگا ۾ وڏيون پائيپ لائينون آهن.''(25)

هن ناول ۾ ڪلياڻيءَ جو، ماءُ جو ڪردار ڏاڍو سٺو اڀري پيئو آهي. سس، ننهن جي سلوڪ نباهڻ ۾ هن ڪيترائي سٺا مڪالما ڇپا آهن. مثلاً:

''مالڪياڻي! مرد اڃا به هن سماج ۾ زال کي پنهنجو زيردست سمجهي ٿو، ليڪن گهر جي مالڪڻ تنهنجي ملڪيت ۽ تو مٿان ماءُ جو حق، مون کي اهو حق نه ڪپي، جو ان سان سرلا دکي ٿيندي.''(26)

موهن ڪلپنا جو هي سچو ناول، ڏکن ۽ تڪليفن سان ڀريل آهي، جڻ



سچي زندگيءَ ۾ سک ملڻو ئي ڪونهي. انهن ڏکن ۾ آخر حشوءَ جي حشمت کي هيستائين چوُر ڪري ڇڏيو آهي. مثلاً:

''سڀ بي عزتيون ۽ ذلتون سهندس، آواز نه ڪندس، سڀ ڪان بچي بچي هلندس، اميءَ جو آدرشواد، اميءَ جو آزاد سنڌوديش، اميءَ جي جمهوريت ، اميءَ جو سماجواد، اميءَ کي نيبهه.''(27)

موهن سنڌين جي اڪثريت جي باري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

''سنڌ فقط ٿيهن لکن سنڌي هندن جي نه، پر هڪ ڪروڙ سنڌي مسلمانن جي به آهي.''(28)

قيمت هري سنگهاڻي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو:

''موهن جو هيءُ ناول، محض پرچاري ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سهانپوتي حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي. پارٽيه درشن، پارٽيه انتظام ۽ پارٽيه راڄنيتي پارٽين (سواءِ ساميواد جي) خلاف نفرت ظاهر ڪئي وئي آهي. ماءُ ڪلياڻي پٽ ڏانهن مخاطب ٿي چوي ٿي: 'هن وقت مسلمانن ۾ اڪبر جهڙو ڪو اڳواڻ ڪونهي، جو گرونانڪ جيان هندو مسلمان، ايڪتا تي زور ڏئي. هندن ۾ مسلمان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون شاديون ٿين ۽ ڪهڙو سٺو وايومنڊل پيدا ٿئي، جو مذهب جي نالي ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ واري شخص کي جيل ۾ وڌو وڃي، ڪڏهن ڪڏهن پٽ، اکين جي سامهون سپنن جا ٺهيل محلات ڊهي اچي پٽ پوندا آهن. نيازي مسلمان ڪونهي. هڪ هندوءَ جي محبت جو تاج محل آهي.''(29)

پارٽي نظام جي خلاف ناول جو هيرو، حشوءَ واتان هن ريت چوائي ٿو:

''اڳي گورا ماريندا هئا، هاڻ ڪارا مارڻ لڳا آهن. اڳواڻن جو رنگ بدليو آهي، ڪارناما بدليا آهن، زالن تي گولي بازي! هي ملڪ اسان جو ٿي نٿو سگهي. سنڌين لاءِ هي ڌاريو ملڪ آهي. مهاتما گانڌيءَ چيو ته آزاد هندستان مٿان ڪو حملو ڪندو ته، اسان جون عورتون سرحد تي چرخا ڪٽي هلنديون. سرحد پري رهي، پنهنجن ماڻهن تي بندوقون! ڇا سنڌي هندستاني نه آهن؟ هن نظام ۾ انقلاب جي ضرورت آهي... جيستائين هندستان ۾ ساميوادي راڄ شروع نه ٿيو آهي. مان عشق نه ڪندس، عشق دماغ جو خلل آهي، عشق انقلاب جي جذبي کي ماري ٿو... هيءُ ڪهڙو ديش آهي، جتي ٻارن کي ڪتاب نه، دبا ٿا ملن. 'I hate it' مان هن ديش کي ڪڏهن به پيار نه ڪندس.''(30)

هو سنڌ مان لڏي وڃڻ، پنهنجي وطن کان وڇڙڻ جو ڏوهي، هن جهان جي خالق کي ٿو ڪوٺي، جيئن هن ناول ۾ لکي ٿو:

”پڳوان ته ضرور مري ويو آهي. ان کي جيئڻ جو کھڙو حق آهي، جو ٻين جي جيئڻ جو حق نٿو تسليم ڪري. هندستان ۾ پڳوان 15 آگسٽ 1947ع تي مري ويو. انسان جا مندر پڳوان جي موت جو سماڌيون آهن.“(31)

موهن ڪلپنا، ڪلياڻيءَ جي ڪردار ذريعي پنهنجي اندر جي خواهش هن ريت ٿو ظاهر ڪري:

”منهنجو گورو گنگا ۾ نه، سنڌوءَ ۾ پرواهه ڪج.“(32)

موهن ڪلپنا جو هي ناول سندس سڀني ناولن کان گوءِ کٽي ويو. هن ناول ۾ ڪردار نگاري توڙي منظر نگاري نهايت ئي عمدي طريقي سان پيش ڪيل آهي.

**ٻه ناول:**

موهن ڪلپنا جو هڪ ٻيو ناول ’ٻه ناول‘ آهي، جنهن ۾ ٻه ناوليٽ شامل آهن.هڪ آهي ’تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين‘ ۽ ٻيو ناولٽ آهي، ’تاريخ جي موڪل‘.

سندس پهرئين ناوليٽ ’تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين‘ ۾ هن ٻن دلين جي محبت ۽ جسماني آزاديءَ کان سواءِ، هڪ اهڙي طبقي جي عڪاسي به ڪئي آهي، جنهن ۾ فراريت جي گهر ڪئي وئي آهي ۽ پنهنجيءَ زندگيءَ جي پڇاڙي، صفا گنگا جي زندگيءَ جي پڇاڙي ڪرڻ گهرن ٿا ۽ مليل زندگيءَ کي ڪجهه به نٿا سمجهن ۽ اهڙو طبقو هتي به جام آهي. موهن جي ان ناوليٽ کان پوءِ گهڻا پڙهندڙ مٿس اگهاڙپ جو الزام هڻي چڪا آهن، پر موهن، جنهن سچائيءَ سان اهو سڀ ڪجهه لکي، پاڻ مٿان فتوائون جاري ڪرايون آهن، اهي سموريون فتوائون ۽ الزام موهن جو وڏو اثاثو آهن.موهن کي جيترو فخر هوندو، ان جو شايد الزام هڻندڙن کي به احساس گهٽ هوندو.

**تاريخ جي موڪل:**

اهڙي طرح موهن ڪلپنا جي ٻئي ناوليٽ ’تاريخ جي موڪل‘ ۾ هن، ورهاڱي وقت، سنڌين سان هند ۾ ٿيل عقوبتن ۽ حادثن ۽ اُن پوءِ هنن جي سموري ترقي ۽ ڪيترين ئي ڪارگذارين کان به، اسان کي واقف ڪيو آهي. ان سموري عرصي ۾ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين ۽ پارت لڏي وڃي رهندڙ سنڌين، ڪي ڪٿي به الڳ نه ڏيکاريو آهي، ۽ هند جي سنڌين جي سوچن، ارادن ۽ جذبن تي لکيو آهي ۽ هتي جي سنڌين، جيڪي ڪجهه ڀوڳيو آهي ۽ سنڌ توڙي هند جي سنڌين جي تڪليفن ۽ عذابن تي ڀرپور نموني ۾ لکيو آهي، ناڪامين ۽



شڪست جو تجزيو ڪيو آهي، ۽ رستا ۽ راهون تجويز ڪيا آهن، ته ڪاميابيون ڪهڙي رستي سان مرادون ماڻينديون آهن.

**ڪانءُ ۽ سمنڊ:**

انهن ناولن کان علاوه موهن ڪلپنا جو هي هڪ ٻيو ناول جيڪو هن 1977ع ۾ لکيو هو، سو سندس بهترين ناولن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هن ناول بابت موهن ڪلپنا هن ريت لکي ٿو ته:

”مون چنچر 30-جولاءِ تي قلم کنيو. روز ڏهه ٻارهن ڪلاڪ لکندو رهيس. هر ڏينهن اها خبر نه هوندي هئي ته مون ڪي چا لکڻو آهي، ۽ جڏهن ڪجهه لکي پورو ٿي ڪيم ته اهو سوچي نٿي سگهيس ته سپاڻي مون ڪي چا لکڻو آهي. هي ڪتاب لکندي، شايد مان پاڻ کي پاڻ بدلايو آهي. گهڻا دفعا، گهڻو وقت، قلم هٿ ۾ جهلي، پنهنجي تحت الشعور جي زمين کي کوٽيو آهي ۽ ان مان جو مواد، جنهن روپ ۾ مليو آهي، پيش ڪرڻ جي پاڻ سان هيءَ جدوجهد ڪئي اٿم.“(33)

انگريزن چالبازي ڪري مختلف مذهبن کي پاڻ ۾ ٽڪرائڻ جو منصوبو سٽي، هڪ ديش کي ٻن ٽڪرن ۾ ورڇي وڌو، جنهن جي نتيجي طور هندو سنڌين کي پنهنجي ڌرتيءَ (جنم ڀومي) کان الڳ ٿيڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. هڪ طرف هو پنهنجي ڌرتيءَ کان نڪتا، ته ٻئي طرف، سنڌ جا مسلمان پنهنجي ماتر ڀومي پاڻ سان هئڻ جي باوجود، پنهنجي نظام وسيلي ڌاريا ٿڄي ويا. فرقي پرست فسادن جو ڦهلاءُ، قبضي کان ٻاهر نڪري ويو. حالتن کي سازگار بنائڻ خاطر ناول جو سورمو چوي ٿو:

”ساميواد جيو خوني انقلاب ئي واحد علاج ٻڌيو، پر هند پاڪ جي جنتا ئي اهڙي آهي، جو روسي ساميواد جي ڪنهن به نموني حمايت نه ڪندي، ۽ حالتون اهڙيون ئي قائم رهنديون.“(34)

موهن ڪلپنا جي هن ناول، ’ڪانءُ ۽ سمنڊ‘ بابت قيمت هري سنگهاڻي لکي ٿو ته:

”موهن جو هي ناول به محض سنڌ جي مسلمانن جي سهانپوتي حاصل ڪرڻ وارو پرچاري ٿڄي رهيو آهي. سلامت پنهنجي ڀيڻ ڪملا جي شادي مسلم ڪردار مشتاق سان ڪرائي سچ جوڙيو آهي.“(35)

ساميواد سمرٿڪ سلامت جي حالت، جاتڪ ڪٿا جي ان ڪانءَ سمان وڃي ٿي آهي، جنهن پريمڪا ڪانويليءَ کي سمنڊ جي لهر چڪي وئي، مگر ڪانءَ همت نه هاري. هن فيصلو ڪيو ته چهنب ۾ سمنڊ جو پاڻي ڀري، ان کي ڪٿي ڀري وڃي هاريندو، ۽ آخر سمنڊ کي ريگستان بڻائيندو.ڪانءُ سمنڊ کي

ريگستان ته ڪونه ٿو ٻڌائي سگهي، پر سمنڊ جي ڇهرين وير، هن کي گهلي وڃي ٿي، ۽ ٻي لهر ڪاڻ کي ڏکي وڃي، واڳوءَ جو ٻک ٻڌائي ٿي. ڪاڻ جي ڦاٽل ڇهنب ڪناري تي پيئي آهي، جنهن جي هڪ ڪنڌ مان ٽيپو ٽيپو پاڻي ڳڙندو رهي ٿو. هن ناول جو پلاٽ بابت موهن ڪلپنا لکي ٿو ته:

”ڏنم ته هڪ ماڻهو آهي، جو تاريڪي رات ۾ رستو ڳلجي پيو آهي. هن کي ڪيڏانهن ته وڃڻو آهي، ڪيس ٽارچ آهي، ست قدم ڪٽڻ سان روشني به ست قدم اڳتي وڃي ٿي. مگر ٽارچ جا سيل فيل ٿي وڃن ٿا.“(36)

هو اڳتي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هي ڪتاب پڙهڻ بعد مون کي ائين لڳو ته سنو ڪتاب آخرين ڇيد ۾ هڪ فڪر ۾ بند آهي. انقلابي سوچ، وگيانڪ فتويٰ موجب ڇريائپ آهي.“(37)

سندس هن ناول ۾ ورهاڱي جا ڏک ۽ تڪليفون پيش ڪيل آهن، جن ۾ سنڌ لاءِ سڪ، هندو مذهب لاءِ نفرت، ڪانگريس ۽ ٻين عوامي پارٽين جي ليڪچر، سچي ناول ۾ پيش ڪيل آهن. سچي ناول ۾ صرف ناول جو هيرو سلامت ئي ڇانيل آهي. هي سندس هڪ نئين ٽيڪنڪ وارو ناول آهي. مطلب ته هي سندس ڪامياب ناول آهي، جنهن کي ضرور داد ڏيڻو پوندو. هن ناول ۾ موهن فحاشي گهڻي پيش ڪئي آهي، جتي ڪٿي هن اهڙا جملا استعمال ڪيا آهن. موهن ڪلپنا پنهنجي ناول ’جلاوطن‘، ’ماءُ‘ ۽ ’ڪاڻ ۽ سمنڊ‘ جي لکڻ بابت وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”ادب مون لاءِ ذاتي انڀوءَ جو قابل اعتماد، ايماندارانه اظهار آهي، تنهن سان شعوري طور قومي يا بين الاقوامي ادبي لاڙن جو سلسلو ته ضرور رهي ٿو. مون اڪثر ذاتي انڀون کي اپياس موجب حاصل ڪيل ڄاڻ مٿان ترجيح ڏني آهي. مون ڪڏهن به پنهنجي انڀوُ کي ڪنهن اڳواٽ قائم ڪيل، سياسي، فلسفي، مذهبي عقيدي يا سرحد اندر محدود قوميت يا ديش ڀڳتيءَ ۾ بند نه ڪيو آهي. جلاوطن لکڻ بعد، جو اپورڻتا جو احساس ٿيم، ان ماءُ لکايم؛ ماءُ ۾ جنهن اپورڻتا جو احساس ٿيم، ان ’ڪاڻ ۽ سمنڊ‘ لکايم.“(38)

**سرڳ جي ڳولها:**

انهيءَ کان علاوه موهن جو هڪ ٻيو ناول ’سرڳ جي ڳولها‘ به هڪ بهترين ناول آهي. هي ناول ٻارن لاءِ آهي. موهن خود هن ناول بابت لکي ٿو ته:

”ٻارن لاءِ هيءَ منهنجي اها پهرين رچنا آهي.“(39)

ڪرشن راهي ۽ سُندري اُتمچنداڻي هن جي راءِ سان متفق آهن. هو



چوڻ ٿا ته هي ٻارن جو ناول نه آهي.

هن ناول ۾ ناول جو هيرو سرگم به ٻار ئي آهي، جنهن ۾ مستي، شوخي، ساهس، سچائي ۽ ڪلپنا جي اُڏام سان گڏوگڏ، دنيا جي اندر ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي خواهش به آهي. ٻار اڪثر چنچل، ڀورالا، ضدي، شرارتي ۽ همت ڀريا ٿيندا آهن. پنهنجي معصوم شرارتن، ناٽڪي ويرتا ۽ فلسفيانه گفتگوءَ سان، هو اهڙا ته مسئلا کڙا ڪري ڇڏيندا آهن، جو انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻارن جي من و گيان جا ڪيترائي طريقا ڳولايون ٿا ۽ پوءِ به ڀروسو نه هوندو آهي ته ڪو حل ملي سگهندو به يا نه؟

سرگم جي سيني ۾ هڪ ’راهي‘ آهي، ڪو ايملي آهي، ڪو شيڪر آهي. سرگم اڳيان هڪ عورت آهي، جيڪا گلن تي قبضو رکڻ چاهي ٿي. سرگم کي گل تمام گهڻا پسند آهن، ۽ هو وڙهي به گل هٿ ڪرڻ چاهي ٿو. هو ڳائيندو به آهي، پر پنهنجي خواهش مطابق ٻين جي اشارن سان به، ۽ هن کي دنيا جي خالق سان وڙهڻ جو خيال به صرف انهيءَ ڪري آهي، جو هڪ عام چوڻيءَ مطابق، هن جي پيڻ جي بيماريءَ جو سبب فقط اهو ئي مالڪ آهي. تڏهن ڪان هو ڪيسي ۾ هڪ ننڍو چاقو وجهي، خدا جي خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ رب جي خاص ٻئنڪ، سرڳ جي ڳولها ۾ گهر مان ڀڄي نڪري ٿو. ڏينهن ۽ رات جبل جهاڳيندو، ڏرتيءَ ۽ آسمان کي هڪ ڪندو، طرح طرح جي تڪليفن ۽ پريشانين سان مقابلو ڪندو، يڪايڪ هو پاڻ کي سرڳ ۾ پائي ٿو. مگر اهو سرڳ آسمان ۾ آهي. ان سرڳ ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ جون نديون نه آهن، اتي محنت آهي، ۽ محنت جو ڦل به آهي، هڪ ٻئي ۾ يقين، ڏک ۽ سک ۾ ساٿ ڏيڻ جو احساس ۽ ايڪتا معرفت جيون ۾ بهارن تي ضابطي جو حسين ماحول به آهي.

موهن ڪلپنا اهو ليکڪ آهي، جنهن شڪست ڪڏهن به نه قبولي هئي. زندگيءَ ۾، آدرش ۾، سپنن، خواهشن ۾، ماڻهو ڇئي سگهن ٿا ته هن جي سپنن ۽ خواهشن سنڌ ڏسڻ کان اڳ مري وڃڻ جي صورت ۾ شڪست کائي ورتي. موهن لکي ٿو ته؛

”شڪست جهڪڻ ۾، سنگهرش (جدوجهد) کان منهن موڙي ڀڄڻ ۾ آهي، ناڪامياب وڃڻ ۾ نه آهي، ڇو ته ان ناڪاميابيءَ ۾ سنگهرش ۽ صرف سنگهرش آهي. لڙندي ٽڪبو هرڪو آهي، ڪجهه ڀڄندا به آهن، مگر عارضي طور، ڇو جو جهڪڻ ۽ ڀاڄ انسان جي بنيادي سڀاءُ جي خلاف آهي، جنهن لاءِ انساني تاريخ ۽ ادب ساکي آهي.“(40)

موهن ڪلپنا جي ناولن جي مڪمل جائزي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته هن پنهنجن ناولن ۾ پلاٽ ۽ ٽيڪنڪ ۾ پختگي پيدا ڪئي، ۽ منجهيل مسئلن کي

ڪٿي انهن جو آسان حل پيش ڪيو آهي. هن زندگيءَ جي ٺوس حقيقتن ۽ سچاين کان بچڻ ۽ پڇڻ جو جذبو ۽ پوءِ ان لاءِ فيلسوفياڻا سبب تلاش ڪرڻ سان گڏوگڏ جنسيات ۽ سيڪس جا کليل چِٽ چِٽيا آهن. سندس ناولن جي ٻولي فيلسوفياڻي گهرائيءَ واري، دلچسپ ۽ شاعراڻي آهي. سندس ڪن ناولن مان مثال پيش ڪجن ٿا. سندس لکيل ناول ’درد جو دريا‘ ۾ صفحي 62 تي هو لِکي ٿو ته:

”مان ڪو رام نه آهيان، جو هٿ ۾ تير جهليان ۽ سمندر ديوتا هٿ جوڙي اڳيان اچي بيهي. مان ڪو هنومان به نه آهيان، جنهن هٿ ۾ جبل کنيو، مان ڪرشن به نه آهيان، جنهن سدرشن چڪر سان وناش ليلا رچائي، پر مان، مان آهيان، منهنجو هئڻ هنن ماڻهن جي نسبت ۾ مون کان تقاضا ٿو ڪري ته مان اهو ڪريان، جو ڪين ان زندگيءَ کان بچائي ۽ هڪ مان ته نه آهيان. هن غيرتمند سماج ۾ مون جهڙا لکين هوندا. اسين هڪ ٻئي کي ڳولهي لهنداسين، پر اهو سلسلو جڙڻ کان، مان پل اڪيلو، سوال ڪندس ته هيءَ ڪهڙي سرڪار آهي، جنهن اسان کان وطن ڇڏايو؟... پندرهن لک سنڌي هندو ڪيڏانهن ويندا؟ هڪ ٻئي کان الڳ ۽ ڪٽيل رهي، اسين پنهنجو وجود ۽ سڃاڻپ قائم رکي سگهنداسون؟...“(41)

”ماڻهو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا، اگر ڪين خبر پوي ته ڪين ڇا ڪرڻو آهي. اهو مان ڄاڻان ٿو ۽ وقت گذرڻ سان ٻڌائيندس ته ڪين ڇا ڪرڻو آهي. ڇو ته مان هڪ اهو سنڌي آهيان، جنهن کي جڙ کان ڪٽي ڪنهن اوپري جڳهه تي ڦٽو ڪيو ويو. انارڪلي ته پٽيون ڳاري وئي، پر تون کليل زمين، کليل آسمان ۾ اڪيلو، بيوس، ٿڪل، اجايل ماندو پيو رهه ۽ ايترو پري جو تنهنجي نظر به اسان تائين نه پهچي.“(42)

موهن پنهنجي ناول ’تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين‘ ۾ لکي ٿو ته:

”مون کي خوشيون ئي خوشيون آهن. تڙپندي آهيان ته ڪنهن ڳالهه تي، غم ٿئي ها‘ مون کي غم نه هئڻ جو غم آهي. پر مون کي ڪهڙو غم آهي؟ خوشي ڪوڪلاپڻ جو کليو رستو آهي،جو سدا خوش آهي. اهو دائما ڪوڪلو آهي. غم کي پنهنجون گهرايون آهن. غم جون اونهايون ماپي سگهجن ته سچي سرشٽي تنهنجي اکين جي گهراين ۾ لاپتا ٿي وڃي. هيترا يُگ تون ڪٿي هئين؟...“(43)

ٻئي هنڌ لکي ٿو:

”پناهگير آهين، رات وڻ هيٺان ڪاٽي سگهين ٿو، ريل جا پٽا ۽ ميدان خالي پيا آهن، جڏهن سنڌ مان ڀڳا، تڏهن جناح کان پڇيو هوَ ته هاڻ ڪيڏاهن



وڃون...!“ تون هن وقت کان نه هندستاني آهين ۽ نه پاڪستاني، تون رفيوجي آهين، رفيوجي. نه تنهنجو هتي گهر آهي ۽ نه تنهنجو هُتي گهر آهي. ۽ نه تنهنجو هتي گهر آهي. اوهين ڌوٻيءَ جي ڪتي جيان نه گهر جا آهيو نه گهاٽ جا‘... ’هيءَ دنيا، موهن اُٿي بيٺو، ”توهان جهڙن ماڻهن سبب ٽڪرا ٽيل آهي. جي انسانيت، انسان جي عظمت، زندگيءَ جي قدرن، ان جي سونهن ۽ اهميت سمجهڻ کان ناقابل آهن. هندستان کي ٻه اڌ فقط جناح نه ڪيو آهي پر انهن به ڪيو آهي، جن جي دماغ ۽ نفاق ۽ پيد پيل آهي.“(44)

’تاريخ مان موڪل‘، ناول ۾ موهن هن ريت لکي ٿو:

”تاريخ، سنڌين کي نه رڳو الڳ ڪلچر ۽ زبان بخشي آهي، پر اهو مهانڊو ڏنو آهي، جو ان زمين جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جو نالو سنڌ آهي.“

”سنڌي محنت ڪش، ٿوري فائدي، گهٽي برڪت جا حامي آهن. سنڌين تاريخ ۾ تلوار کنئي، لکين ملڪن جي ماڻهن فوجون ٺاهي، هن آباد ماٿريءَ تي حملا ڪيا، لڳاتار ۽ هزارن حملن سهڻ بعد هنن ماڻهن محسوس ڪيو ته تلوار سان جيئڻ مشڪل آهي، ان ڪري هنن پنهنجي وجود جي بچاءَ لاءِ تلوار ڦٽي ڪري، تارازي کنئي. هو حمله آور جي طاقت جي تنبوءَ ۾ معاشي ماهر ٿي اندر گهڙيا، جنهن مان حمله آور پنهنجي فائدي سبب خوش ٿيو ۽ ڪيس اهڙي خوشي بخشي سنڌين پنهنجو وجود قائم رکي.“(45)

”اوهين سنڌين کي ماري نه سگهندا. سنڌ، سنڌين جي سيني ۾ آهي ۽ ان سيني جي اندر جا گولي ويندي ته ان مان وهندڙ رت مان زمين تي سنڌوءَ جو نقشو ٺهندو.“(46)

”جن موهن جي دڙي جي وارثن کي ختم ڪرڻ لاءِ چاليهه چورس ميل ميدان ڏنو ويو آهي، ته اوهين اُن ۾ زمين دوز ٿي، پنهنجي وجود کي غضب جي بندش بخشيو، پر اتان سنڌين جو روح اُٿندو. جنهن ڪلچر مارئيءَ کي جنم ڏنو آهي، اهو ان جي هڪ هڪ فرد کي پنهنجي وطن سان ڳنڍيندو، تاريخ جو عمر، وقت جي مار کائي جهڪي ويندو.(47)

موهن ڪلپنا پنهنجي ناول ’زندگي‘ ۾ عورت جي بربادي ۽ همت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”سماج ۾ ڪڙي نظر پلي عورت تي رکي وڃي، ليڪن جڏهن استري ڪنهن پرش سان آهي، پرش جي بازوءَ ۾ جڏهن هن جو هٿ آهي ۽ پرش، ساهس، سپيتا وارو شخص آهي. استري سماج جي ڪڙي نظر کي مسڪراهٽ سان بي اثر ڪيو ڇڏي. ٻن ڄڻن جو پاڻ ۾، وشواس جو آهي، ليڪن وشواس هئڻ سان به پرش سماج طرف ڪجهه گنڀير رهي ٿو... صرف اهو ڪارڻ

آهي، جو هو جڏهن سماج سان نظر ملائي ٿو، تڏهن هن جي اکين ۾ تيز جوالا رهي ٿي. پنهنجي واري اڇڻ سان استري خود جوالا بڻجي وڃي ٿي، ليڪن هن ۾ اها جوالا، پرش جي پيٽ ۾ ڪجهه دير سان ئي پيدا ٿيندي آهي. پرش جي پيٽ ۾، هن ۾ سهن شڪتي وڌيڪ آهي.“(48)

انهيءَ کان علاوه موهن ڪلپنا پنهنجن ناولن ۾ منظر ڪشي به نهايت سهڻي پيش ڪئي آهي. مثلاً هو پنهنجي ناول، ’درد جو درياءَ‘ ۾ صفحي 25 تي لکي ٿو ته:

”ٻيءَ مهاڀاري جنگ سبب ڪراچيءَ ۾ هلڪي بليڪ آئوٽ هئي. بلبن تي چوڌاري ڪارا پنا، رستي تي، گهرن ۾، ڪارين جي بجلين جي چوڌاري ڪراچي هڪ اها عورت لڳم، جنهن وٽ نه ڪو زيور هو، جو زيب بخشيس، پر رات جيتري وڌيڪ ڪاري، اوتري رات جو گهرو احساس. اسين ٻيءُ پٽ سنان پاڻي ڪري تيار ٿياسين، ته ڪار به اچي وئي ۽ ڪار هلڻ لڳي. ڪار هلي رهي هئي ۽ رستو پٺيان ٿي رهيو هو. پاڻي مان پي رهيو آهيان، مگر مون کي هيءَ کهڙي پياس لڳي رهي آهي.“(49)

موهن پنهنجي ناوليٽ ’تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين‘ ۾ صفحي 22 تي لکي ٿو ته:

”ڪا هِل اسٽيشن ۽ ان مٿان پهاڙي، جهرجهر ڪندي، ڪرندڙ هلڪو آبشار، ان آبشار مان ڪنهن هنڌان ٽٽي، ڪٽجي الڳ ٿي ويل اجا به هلڪي ڌارا ۽ چٽانن سان ٽڪرجي، وري چٽانن سان ٽڪرجي ۽ ائين هيٺ ۽ وڌيڪ هيٺ ڪري، خاموش فضا ۾ هلڪو آواز ان جو پڙاڏو ٿي، ان کان اڳ ٻيو آواز ۽ ان ريت آوازن ۽ پڙاڏن جي ترنم ۾ جڪڙيل،اها ڌارا ائين لڳي، ڄڻ اها ڌارا نه آهي گنگا جي ڪِل آهي. هوءَ ڪلي ته مرڳو ذهن ۾ دٻيل نه معلوم گهڻا منظر يادن جي زنجير ۾ جڪڙيا پيا آهن، ڪي سڪي ويل گلن ۽ ڪي چمڪندڙ موتين جيان چوندا آهن. روئندي عورت ۽ ڪلندي مرد ٻئي خطرناڪ ٿيندا آهن... پر مان اداس هئس ۽ منهنجي اُداسين ۾ سجاڳ خواهش ۽ ان مٿان مار ڪاڏل پيار جو پس منظر هو.“(50)

بهرحال موهن ڪلپنا ڪي جديد ناول نگارن ۾ اهم ناول نگار شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس هر ناول مان سنڌيت جو جذبو اُڀار ٿئي ٿو. پوءِ چاهي سنڌي ماڻهو هجي، سنڌ جو شهر هجي، سنڌ جا ڳوٺ هجن، سنڌ جون جايون جڳهيون، سنڌي ثقافت، رهڻي ڪهڻي، شڪل شبيهه، عادتون، سنڌي ماڻهن جي محبت، پيار، خلوص، مهمان نوازي، سادگي وغيره ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ ڪي هن پنهنجي ناول جي ڪنهن نه ڪنهن حصي ۾ ضرور پيش ڪيوآهي، ۽ آخر ۾ اها به اميد ڏيکاري اٿس ته مري وڃڻ کان پوءِ سندس رک به سنڌوندي ۽



سنڌ جي مٽيءَ ۾ سرن ڪئي وڃي. سندس ناولن ۾ نه فقط سنڌ جي سک ۽ پيار، پر سنڌ جي آزادي، سنڌين سان پارت ۾ ٿيل قهرن ۽ ظلمن کان علاوه، زندگيءَ جي قصد، اصولن ۽ عورت سان سماج ۾ ٿيندڙ ناانصافين ۽ تڪليفن جو ذڪر ۽ عورت سان همدرديءَ جو اظهار ڪيل آهي.

## ببليوگرافي


1. موهن ڪلپنا: ٻک، عشق ۽ ادب (آتما ڪهاڻي)، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، 1991ع
2. ايضاً
3. قيمت هريسنگهاڻي: ورهاڱي بعد سنڌ ۾ سنڌي ناول، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع 177
4. ايضاً، ص 177
5. ڪيرت ٻاٻاڻي: جلا وطني، ناول
6. موهن ڪلپنا: جلاوطني (ناول)، مقدمو، 1974ع
7. وشنو ڀاٽيا: موهن ڪلپنا جا ناول، تبصرو
8. منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1980ع، ص 229
9. ڏسو حوالو نمبر 6
10. جڳديش لڇاڻي: ورهاڱي بعد سنڌي ڪهاڻي، پوپال، رميش پرنٽرس، 1992ع، ص 177
11. ڏسو حوالو نمبر 5
12. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 143
13. موهن ڪلپنا: لڱن (ناول)، پارت پبليڪيشن، 1952ع
14. ديال آهوجا،
15. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 221
16. ڏسو حوالو نمبر 13
17. موهن ڪلپنا: عورت (ناول)، پشپ ڪمل پبليڪيشن، 1956ع
18. موهن ڪلپنا: زندگي (ناول)، پارت پبليڪيشن، 1957ع، سنڌ ۾ آر-ايچ-احمد ائنڊ برادز، 1958ع
19. ڏسو حوالو نمبر 8، ص 221
20. ڏسو حوالو نمبر 18
21. ڏسو حوالو نمبر 18
22. ايضاً، وشوداس، مقدمو
23. موهن ڪلپنا: وشواس (ناول)، مقدمو، بمبئي، سهڻي ڪتاب گهر 1959ع
24. قيمت هريسنگهاڻي: ماءُ (ناول)، بقايا حوالو نمبر 3 ص 178
25. موهن ڪلپنا: ماءُ، (ناول)
26. ايضاً، ص 129
27. ايضاً
28. ايضاً
29. ايضاً، حوالو نمبر 3. ص 180
30. قيمت هريسنگهاڻي: ص 181

31. ايضاً
32. موهن ڪلپنا: ڪانءُ ۽ سمنڊ (ناول)، ص 158
33. ايضاً، ص 185
34. ڏسو حوالو نمبر 3، ص 185
35. ايضاً
36. ڏسو حوالو نمبر 33، مقدمو
37. ايضاً
38. موهن ڪلپنا: سرڳ جي ڳولها (ناول)
39. ايضاً
40. موهن ڪلپنا: درد جو درياءُ (ناول)، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن 1992ع ص، 26
41. ايضاً
42. موهن ڪلپنا: تون منهنجي سندرتا جو آرنيپ آهين (ناول)، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، 1990ع، ص 23
43. ايضاً، ص 113
44. موهن ڪلپنا: تاريخ جي موڪل (ناول)،حيدرآباد،سنڌي ساهت گهر، 19901ع، ص 152
45. ايضاً، 154
46. ايضاً، ص 155
47. ڏسو حوالو نمبر 18، ص 30
48. ڏسو حوالو نمبر 41، ص 22
49. ايضاً، درد جو درياءُ: ناول
50. حوالو نمبر 41



## هري موٽواڻي:

(**تعارف:** هري موٽواڻي، سنڌ ۽ هند جو هڪ وڏو ناليوارو، اديب، ناول نگار، ڪهاڻي نويس ۽ پبلشر شمار ٿئي ٿو. هو سنڌ جي شهر لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويو هو. سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. انهن ۾ ابو 1988، اجهو 1990ع پاڙيارا پکي 1993، ڪوڙو سچ 2000، پنگار 2004ع ۾ ناول لکيل آهن ۽ هڪ لهو 1975ع، ڌرتي 1983ع، خود دار 1991ع، اڇا وار ڪارا پونئر 1994ع وغيره ڪهاڻيون لکيل آهن. ان کان سواءِ ماڻيءَ منجهه مهي سفر نامو 2002ع ۽ آتم ڪٿا پڻ لکيل آهي. سندس وڏو ڪارنامو ’ڪونج‘ رسالو آهي، جيڪو باقاعده شايع ٿيندو رهيو. سندس هن رسالي جي ذريعي هن ڪيترن ئي نون سنڌي اديبن کي متعارف پڻ ڪرايو، هن ڪيترن ئي اديبن جا نمبر ڪڍي، انهن جي همت افزائي ڪئي ۽ سنڌي ادب جي مختلف صنفن تي مضمون به شايع ٿيندا رهيا ۽ ان کان علاوه هن ڪيترن ئي ليکڪن جا ناول، افسانا ۽ ٻيا ڪتاب شايع ڪرايا.)

### 1. اَبو:

هري موٽواڻيءَ جو هي ناول (اَبو) سنڌ آرٽ پرنٽرس، بمبئيءَ وارن 1988ع ۾، ڇپائي پڌرو ڪيو. هيءُ ناول ورهاڱي کان پوءِ، فرقيوارانه فساد ٿيڻ، پنجاب، فرنٽيئر ۽ سنڌ مان هندن جي لڏي وڃڻ، ورهاڱي جي ڪلوُرن، دل ڏاريندڙ ۽ لڱ ڪانداريندڙ حالتن کي موضوع بڻائي پيش ڪيو ويو هو. هيءُ ناول، لاڙڪاڻي محلي جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي ۽ ڪردار به اتان جا ئي ڪٽي پيش ڪيا ويا آهن. هن ناول کي چئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي، اهي باب هي آهن:

(1) 1945ع، (2) 1946ع، (3) 1947ع، (4) 1948ع

باب پهرئين (يعني 1945ع) ۾، ان دؤر جا حالات پيش ڪيل آهن. انهيءَ وقت جڏهن سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان گهڻي پيار ۽ محبت سان رهندا هئا. ان دؤر ۾ اتي الفتون ئي الفتون ۽ محبتون ئي محبتون هونديون هيون، ۽ نفرتن توڙي ڪلفتن جو ڪنهن نالو به ڪونه ٻڌو هو؛ جيتوڻيڪ محبتون ۽ رنجشون، انساني سڀاءُ جو انگ آهي، جيڪي دنيا ۾ هر هنڌ پيون محسوس ڪبيون آهن، پر سنڌي، انهن ڳالهين ۾ ٻين قومن کان ڪجهه مختلف آهن. هو پيار جو پنڌ وڏيڪ پچائيندا آهن، تنهن ڪري ئي سنڌ ڌرتيءَ تي پيرن فقيرن توڙي ساڌو سنتن ۽ سنياسن جي هڪجيتري مڃتا رهندي آئي.

هن سچي ناول ۾ سنڌ سان پيار، محبت ۽ عقيدت، سنڌ سان عشق جو اظهار پيش ڪيل آهي. تقريباً سچي ناول ۾ سنڌ جو ذڪر ڪيل آهي. مثال طور انهيءَ جذبي ڪي ناول نگار هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

”ورهاڱو ٿيو ۽ منهنجو وطن سنڌ، پاڪستان جو حصو بڻجي ويو. اهو ڏينهن ۽ هيءُ ڏينهن، آءٌ پاڻ ڪي جلاوطن پيو سمجهان، جڏهن ته مون ڪوبه ڏوهه ڪونه ڪيو هو.“(1)

هن ناول ۾ ٻولي ۽ عبارت به نهايت ئي خوبصورت طريقي سان پيش ڪئي وئي آهي. پنهنجي وطن سان محبت ۽ عقيدت ۽ پنهنجي اندر جي جذبات کي هن طرح بيان ٿو ڪري:

”مون کي لڳو آڪاش ۾ اُڏامندي اُڏامندي اوچتو ڪنهن، باز، پکيءَ جا پَرَ ڪپي ڇڏيا آهن ۽ اهو پر ڪٽيل پرندو، ٻُولاٽيون ڪائيندو، آسمان مان هيٺ ڌرتيءَ تي اچي ڪِريو آهي.“(2)

انهيءَ کان علاوه هن ناول ۾ هري موٽواڻي صاحب منظرنگاري به نهايت ئي پرڪشش انداز ۾ پيش ڪئي آهي. مثال طور:

”مون دريءَ کان ٻاهر هيٺ ڌرتيءَ طرف نهاريوته ڏسندو ئي رهجيس ويس. ڇاته وڻندڙ نظارو هو، سنڌ ڌرتيءَ جي ايڏي سونهن ڏسي، من گد گد ٿيڻ لڳو. مان جيڪڏهن نقاش هجان ها ته ان ڏيک جي اهڙي نقاشي ڪريان ها جو سچو ڏيهه ڏسندو رهجي وڃي ها. تازو سنڌ ۾ ايتري برسات پيئي هئي، جو درياءَ سان گڏ واههءِ واهيون به مستيءَ ۾ پرجي ڇڙواڳ وهنديون پئي ويون. انهن مٿان جڏهن سج جو تڙڪو پئي لڳو ته چڻ پگهريل چاندي وهندي پئي وڃي.“(3)

هري موٽواڻيءَ جو هي ناول هڪ ڪامياب ۽ پختي پلاٽ وارو ناول آهي.

**2. اَجهو:**

هري موٽواڻيءَ جو ٻيو نالو ”اجهو“ جي عنوان سان شايع ٿيو، جيڪو هن 1990ع ۾ لکيو هو. هري صاحب جو هي سڀ کان ڪامياب ناول آهي.

هن ناول جو موضوع سنڌين سان ٿيل ناانصافين، ظلمن ۽ ڏاڍاين کي محسوس ڪرائڻ ۽ انهن جي خلاف احتجاج ڪرڻ آهي. هندستان ۾ سنڌين سان اهڙو ورتاءُ ڪيو پئي ويو جو چڻ ته انهن کي مهربانيءَ طور اجهو ڏنو ويو هو. انهيءَ ڪري غير سنڌين، سنڌين سان سدائين زورا وريون پئي ڪيون. هري موٽواڻي، انهي ڏاڍ کي برداشت نٿي ڪري سگهيو. انهيءَ جو اظهار هو هن ريت ٿو ڪري:

”مان پاڻ سنڌي جاتيءَ جو هڪ انگ آهيان، تنهن ڪري منهنجي



جاتيءَ جو ڏک سور، منهنجو ڏک سورُ آهي، منهنجي جاتيءَ جو سومان، منهنجو سومان آهي. منهنجي جاتيءَ جي هٺڪ منهنجي هٺڪ آهي.“(4)

هي ناول ورهاڱي کان پوءِ، سنڌ مان لڏي آيل سنڌي هندن جي زندگيءَ تي لکيل آهي. سنڌ ۾ جيڪي ماڻهو تمام گهڻا سکيا ستابا هئا، انهن جا پنهنجا ڌنڌا ۽ ڪاروبار هئا، ڪين پنهنجون جايون ۽ جڳهيون هيون، پنهنجا رعب ۽ تاب هئن، پنهنجو مانُ، مرتبو ۽ عزت هين. اُهي هندستان ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ ڪيترين ئي مصيبتن، پريشانين ۽ مسئلن ۾ اچي جڪڙيا هئا. اُنهن کي کاڌي خوراڪ، رهائش، اجهي ۽ روزگار وغيره جا مسئلا ۽ تڪليفون سامهون آيون. انهن سڀني مسئلن لاءِ هنن جيڪي محنتون ۽ ڪوششون ڪيون، ۽ انهن ۾ خاص طور تي اجهي جي تلاش ۾ هنن جيڪي ڪجهه برداشت ڪيو، اهو هن ناول ۾ بيان ڪيل آهي. هن ناول لکڻ جي باري ۾ هري موٽواڻي صاحب هنن لفظن ۾ اظهار ٿو ڪري:

”مون پنهنجن جذبن جو اظهار ناول جي هيرو موهن معرفت ظاهر ڪيو آهي، جيڪو هر خوددار سنڌيءَ جو اظهار آهي. مون پنهنجي جاتيءَ جي ڪن اوڻاين طرف به اشارو ڪيو آهي، جي اسان جو ورثو نه بلڪ اهي هتي اچي اسان جي جهول ۾ پيون آهن. مان چاهيندس ته اسين انهن خامين تي نظرثاني ڪريون. اسان کي ڌن دولت ۽ رواجي ڏيک ويک ۾ نه ڦاسي، پنهنجن ملهائتن قدرن جو قدر ڪرڻ گهرجي، جن بدولت اسان جو جڳن کان، جڳت ۾ ناماچار آهي. اديب جو ڪم آهي، پنهنجي ڳالهه ۽ پنهنجا ويچار لوڪن تائين پهچائي ته جيئن هو صحيح ۽ غلط جي تڪ تور ڪري سگهن. ليڪن جيئن ته اديب ۽ فنڪار سماج شيوڪ نه آهي، تنهن ڪري اهو اپديش ڏيڻ کان ڪنارو ڪري ٿو، راهه ڏيکاري سگهي ٿو. ليڪن ان راهه تي اڳڀر کان وٺي هلي نٿو سگهي.“(5)

هن ناول جو مرڪزي ڪردار موهن آهي. موهن جا مائٽ سنڌ ۾ ڪافي سکيا ستابا هئا. ورهاڱي کان پوءِ پارت ۾ اچي الڳ الڳ شهرن ۾ ڌنڌا ڪرڻ ڪري، ڪافي نقصان پاتو هئائون. آخر بڙودا ۾ اچي رهيا. موهن ننڍو هو، پڻس عالمچند، جوُئا ۾ پنهنجي موڙي به هارائي چڪو هو. موهن جي ماءُ ڏک ۽ تڪليفون سهي نه سگهي ۽ مري وئي. عالمچند، ٻيڙين جي ڪارخاني ۾ نوڪري ڪندو هو، ۽ موهن به خرچ جي پورُت نه پوڻ ڪري نوڪري ڪرڻ لڳو. عالمچند ٿوري عرصي کان پوءِ ٻي شادي ڪئي. ان مان به هن جا ٻار ٿيا. موهن اتان نوڪري ڇڏي، ڪلياڻ ڪئمپ، الهاس نگر ۾ پنهنجي مامي وٽ آيو، ۽ نوڪريءَ کي لڳي ويو. اتي هڪ ڇوڪريءَ، شوپا سان هن کي پيار ٿي ويو. پوءِ شوپا کي ڇڏي، هو بمبئي آيو ۽ اتي ئي نوڪري ڪيائين.

هن ناول ۾ موهن (هيرو) کي اجهي لاءِ تمام گهڻي تڪليف ڏسڻي پيئي، هو انهيءَ جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته:

”هن کي جنهن لفظ ’اجهو‘ کان چڙ هئي، نفرت هئي،“(6)

اهو ئي بار بار سندس اڳيان اچي ٿو. ان هڪ لفظ، هن کي جيترو ڪجهه پوڳايو هو آڳهات پهچايو هو، اوترو ٻئي ڪنهن به نه پهچايو هو. هو اها ڳالهه ڪڏهن به سهي نه سگهندو هو ته ڪير ڪيس ٻي گهر، ٻي اجهي، سمجهي ’اجهو‘ ڏي.“(7)

هري موٽواڻي صاحب پنهنجي هن ناول ۾ هندستان ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ظلمن جي عڪاسي ڪئي آهي. هو پاڻ سنڌي آهي انهيءَ ڪري جتي به، جنهن به علائقي ۾ سنڌين سان ٿيل ناانصافين کي برداشت نه ڪندي، انهن جي خلاف آواز اٿاريو آهي. هو پنهنجي هن ناول جي مقدمي ۾ نهايت ئي سهڻن لفظن ۾ هن ريت پنهنجا خيالات پيش ٿو ڪري:

”اديب ۽ فنڪار، جيڪو پنهنجي جاتيءَ، پنهنجي قوم جو هڪ انگ آهي، اهو جڏهن پنهنجي جاتيءَ تي ٿيل ڏاڍايون، پاڻ تي ٿيل ڏاڍيون محسوس ٿو ڪري، تڏهن هن جي قلم ۾ جنبش اچي ٿي، ۽ هو پنهنجي قلم مان ان جبر خلاف احتجاج ڪري ٿو.“

هو اڳتي لکي ٿو ته:

سنڌيءَ جو باشعور ۽ ترقي پسند شاعر ايشور آنچل، جيڪو ڳپل عرصي کان من جي شانتيءَ لاءِ پنهنجي ئي من جي غفائن اندر سماڌي لڳائي ويٺو هو، تنهن جڏهن ڏٺو ته بمبئيءَ جي لوڪل ٽرينن ۾، غير سنڌي، امن پسند سنڌين سان عقوبتون ڪري رهيا هئا ته هن جي آتما بي آرامي ٿي پيئي ۽ سندس اها بي آرامي، ان ڏاڍ خلاف دانهن، شعر جي روپ ۾ نڪري نروار ٿي. باغي شاعر ”آنچل“ جي اها دانهن، اها ويدنا، پنهنجي جاتيءَ سان وفاداري هئي،“(8)

سندس هن ناول ۾ ڪردارن جي عڪاسي نهايت ئي سهڻي طريقي سان ڪيل آهي. انهيءَ کان علاوه هن پنهنجي هن ناول ۾ ٻولي تمام گهڻي اثرانداز ۽ موضوع سان واسطو رکندڙ پيش ڪئي آهي. سندس ناول مان ٻولي ۽ عبارت جا ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) ”سوئر جا ڦر، مون توکي ’اجهو‘ ڏنو ۽ هينئر تون مون سان مهاڏو ٿو اٽڪائين“ (ص 11)
(2) ”بس انهيءَ طعني، ان هڪ لفظ هن جا حواس خطا ڪري ڇڏيا. هن جي دماغ جون نسون نستيون ڪري ڇڏيائين.“
(3) ”اوهان کي روز ۽ ’اجهو‘ ڏيڻ جو اهو مطلب ناهي ته اوهان جي هرڪا گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيون. ٻيو ته اوهين سنڌ مان پڇي



آيا آهيون، سپاٽي هتان به پڇي وجو ته اها رقم ڪير ڏيندو.“(ص 28)
(4) ”بي ايمان، نمڪ حرام، توکي نوڪري ڏنم، روٽي ڏنم، اجهو ڏنم، تنهن جو تون هيءَ بدلو ٿو ڏين. منهنجي منهن ٿو لڳين، سالا حرام خور، مون توکي ’اجهو‘ نه ڏنو آهي.“(9)

مطلب ته سندس ناولن جي جائزي وٺڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو، ته هن جي ناولن ۾ سنڌيت جو جذبو ڀريل آهي. سندس ٻئي ناول سنڌي ادب جا شاهڪار ناول آهن، جن جي ڪاميابيءَ جو سبب سندس سنڌي هلچل جي حيثيت ۾، سنڌ، سنڌي قوم، ۽ سنڌي ماڻهن سان پيار، محبت ۽ عقيدت، جنهن کي هن نهايت ئي جذباتي انداز ۾ پنهنجي ناولن ۾ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي.

## ببليوگرافي


(1) هري موٽواڻي: اَبو، بمبئي، سنڌ آرٽ پرنٽرس، 1988ع، ص 14
(2) ايضاً، جڙيل جن سان جند (سفرنامو)، حيدرآباد، سهڻي پبليڪيشن 1988ع ص، 15
(3) ايضاً، ص 15
(4) ايضاً، اجهو، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1990ع ص 6
(5) ايضاً، ص 6
(7) ايضاً، ص
(8) ايضاً، ص 2 مقدمو
(9) ايضاً، ص 11، 28

باب نائون

# ورهاڱي کان پوءِ ڇپيل طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل سنڌي ناولن جي فهرست

## ضميمو پهريون

### (الف) سنڌ ۾ ڇپيل ناول

(1) 1947ع، ’سونهري پرڀات‘، ڇيٺانند رگهومل، ترجمو: تيرٿ سڀاڻي، پائينيئر پرنٽنگ پريس، حيدرآباد.
(2) 1947ع، ’ميواڙ جا موتي‘، بلرام، ترجمو: پي-ڊي- هيرانندڻي، ساهت سندر ڪراچي
(3) 1947ع، ’ويرداس‘، شري شرت چندر چئٽرجي، ترجمو: بهاري لال ڇاٻڙيا، سندر ساهتيه زندگي پبليڪيشن
(4) 1947ع، ’قسطنطنيه جي شهزادي‘، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(5) 1947ع، چرتر هيڻ، شري شرت چندر چئٽرجي، ترجمو: ديو سڀاڻي، آشا ساهت منڊل، ڪراچي
(6) 1947ع، ’باغي جوان‘، شري ڪشوها ڪانت، ترجمو: ڇيٺانند پاونداس لعلواڻي، پارت جيون ساهتيه منڊل
(7) 1947ع، ’سونهري پشپا‘، تيرٿ سڀاڻي، ترجمو: اندرا هميراجاڻي، پارت جيون ساهتيه منڊل
(8) 1947ع، ’ويرداس‘، چندرسن خوبچنداڻي، ترجمو: بهاري لال ڇاٻڙيا، ڇاٻڙي زندگي پبليڪيشن
(9) 1947ع، اورنگزيب، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت حيدرآباد، طبعزاد
(10) 1947ع، ’به دليون‘، اندرا هميراجاڻي، طبعزاد
(11) 1947ع، ميونسپل ڪائونسلر ڇيٺانند لعلواڻي، طبعزاد
(12) 1947ع، حسن جي هار، حڪيم الله بخش، طبعزاد



(13) 1947ع راڻي، ڊي - جي آهوجا، طبعزاد
(14) 1947ع، شهنشاهه جهانگير، ارجن سامتاڻي، طبعزاد
(15) 1948ع، سمراٽ چندر گپت، ترجمو: ڀڳوانجي تولاڻي، پارت جيون ساهتهي منڊل، ڪراچي
(16) 1948ع، ’سلطان ٽيپو شهيد‘، محمد عثمان ڏيپلائي، هندو ساهتيه پرڪاش، حيدرآباد، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(17) 1949ع، ’غازي احمد شاهه ابدالي‘، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه درالاشاعت، حيدرآباد.
(18) 1949ع، ’مسلمان بادشاهه‘، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(19) 1949ع، ’مسلمان عورت‘، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(20) 1949ع، ’دکي دنيا‘، ترجمو: ميلارام منگترام واسواڻي، سندر ساهتيه آفيس، حيدرآباد
(21) 1949ع، مهاراڻي چندر راڻي، ڇيٺانند پاونداس، پارت جيون ساهتيه آفيس، حيدرآباد
(22) 1949ع شيدا، شري شرت چندر چئٽرجي، ترجمو: مهراج ديونندرام شرما، اسلاميه دارالاشاعت حيدرآباد
(23) 1949ع، مينا بازار، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(24) 1950ع، روم جي راڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(25) 1950ع، ڪومايل ڪلي (ٻيو ڇاپو)، تارا ميرچنداڻي
(26) 1951ع، خيبر جون خوبانيون، ترجمو: محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه دارالاشاعت، حيدرآباد
(27) 1950ع، سمرقند جو صوف، ترجمو: محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه درالاشاعت، حيدرآباد
(28) 1950ع، محبت ۽ فرض، محمد طيب ابڙو، آزاد بڪ ڊيپو، اصلوڪو
(29) 1952ع، باغي، ترجمو: محمد بخش جوهر، آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد
(30) 1952ع، شيطان جي ناني، ترجمو: محمد بخش جوهر، آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد
(31) 1952ع، هاريءَ جي سجاڳي، ڪرشن چندر، ترجمو: عبدالغفور، انصاري، اداره ادب انسانيت
(32) 1952ع، زبردستي، اردو ناول، ترجمو: محمد بخش جوهر، آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد
(33) 1952ع، لاش، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ار-ايڇ احمد ائنڊ برادرس،

حيدرآباد

(34) 1952ع، گناهه، عبداللطيف راز بلڙائي، سلسله اشاعت، ٽنڊو محمد خان، طبعزاد

(35) 1952ع، ڪاروان زندگي، انجم هالائي، طبعزاد فردوس پبليڪيشن، هالا

(36) 1952ع، فرعون جو معشوق، ترجمو: مرزا همايون بيگ

(37) 1953ع، هاري، قربان علي نقشبندي، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(38) 1953ع، شريف ڏاڪو، پير بخش الهداد قريشي، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(39) 1955ع، محبت ۽ فرض (ٻيو ڇاپو)، طيب ابڙو، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(40) 1956ع، ٻاويهه سو ٻاويهه، قاضي فيض محمد، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(41) 1956ع، جنسار، قاضي فيض محمد، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(42) 1956ع، بيوس بيوي، رسول بخش خمار، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(43) 1956ع، ڏڪڻ مان ٿو سج اُڀري، ڪرشن چندر، ترجمو: سراج آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس حيدرآباد

(44) 1957ع، سندري، ساقي سجاولي، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(45) 1958ع، ٻولي، شيخ محمد حسن ڪنڊيارو، طبعزاد سلسله اشاعت، شاهپور چاڪر

(46) 1958ع، ستونتي ديوي، محمد هاشم سومرو، همدرد پريس، ميرپورخاص

(47) 1958ع، ڪنوار جو آئينو، عبدالڪريم تراب، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ترجمو

(48) 1959ع، شرلاڪ هومز جاسوس، ترجمو: محمد بخش جوهر آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(49) 1959ع، خوفناڪ ڪتو، ترجمو، محمد بخش جوهر. آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(50) 1959ع، خوني ميل، ترجمو: نذير حسين پٺي، ار-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(51) 1959ع، خوني پڇرو، الله بخش ٽالپر، ترجمو: نذير حسين پٺي، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(52) 1959ع، راتيون جاڳڻ جي، ناصر مورائي، زندگي پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد



(53) 1960ع، انساني ڪوپڙي، ترجمو: نذير حسين پٺي، ار-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(54) 1960ع، گردش افلاڪ، محمد طيب ابڙو، فردوس پريس، حيدرآباد. طبعزاد

(55) 1960ع، سورج شاخون ڪيون، محمد علي پٺي، طبعزاد

(56) 1960ع، آسمان جي هيٺ، خدا بخش مغل، ادارا آواز ادب، حيدرآباد

(57) 1960ع، حسنه، رسول بخش خمار، عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، طبعزاد

(58) 1960ع، دريا جي ڪپ تي، گل نصرپوري، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(59) 1960ع، عاشي، هينري لائڊر، ترجمو: فضل محمد ٻچاڻي، اداره سنڌ، ٽنڊوالهيار

(60) 1961ع، اديون ڏيوم صلاح، شوق سنڌي، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(61) 1961ع، ڪاليجي ڪِڪي، محمد بخش جوهر، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(62) 1961ع، چلولي، محمد حافظ شاهه حسيني، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، طبعزاد

(63) 1961ع، ڪفن چور، خواجه احسان پرويز، برسات پبليڪيشن، تلهار، طبعزاد

(64) 1961ع، ور وطن ڇائي، شعبان بخت، سنڌو ساڻيهه ساهتيه منڊل، طبعزاد

(65) 1961ع، نوَ قبرون، احمد شاهه ٻچل شاهه رفيق، جمالي پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، طبعزاد

(66) 1961ع، نجمه، ماستر الهه ورايو طارق صديقي، شڪارپور، علي ڳڙهه بڪ اسٽور، طبعزاد

(67) 1962ع، عورت ۽ پيار، پيري لوئي، ترجمو: غلام نبي مغل، اداره ادب نو- حيدرآباد

(68) 1962ع، شرلاڪ هومز جو موت، سر آرٿر ڪاننڊائل، ترجمو: منظور عرساڻي، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(69) 1962ع، بلبل بنگال عرف ڍاڪا جي نوابزادي، ترجمو: محمد هاشم سومرو، آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد

(70) 1962ع، روح جي ڳولا، ترجمو: گل محمد شاهه، فضل ٻچاڻي، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(71) 1962ع، اُداسيءَ جون آهون، الله بخش ٽالپر، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(72) 1963ع، سوري آ سينگار، عبدالجبار شام، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(73) 1963ع، نادره، غلام علي ڪوڪر، اداره سنڌي ادب، ٽنڊو محمد خان، طبعزاد

(74) 1963ع، مجاهد، نسيم حجازي، ترجمو: منظور عرساڻي، رونق ادب،

حيدرآباد

(75) 1964ع، جاڙا، ضياءَالله غلام علي، ترجمو: پروفيسر مشتاق علي، مشتاق پبليڪيشن، حيدرآباد

(76) 1964ع، روشنيءَ جي تلاش، آغا سليم، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(77) 1964ع، وڇڙيلن جو ميلو، سيد حافظ محمد حيات شاهه، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(78) 1964ع، عصمت، ڪاظم علي ڪاظمي، حيدرآباد، طبعزاد

(79) 1964ع، سونهن پٽر ۽ پيار، طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(80) 1965ع، پڳل ڪنيڙون، خليل جبران، ترجمو: محمد نواز محزون، اداره آواز ادب، حيدرآباد

(81) 1965ع، سلطانه بيگم، سيد حافظ محمد حيات شاهه، اداره آواز ادب حيدرآباد، طبعزاد

(82)1967ع، زوال، البرٽ ڪاميو، ترجمو: قاضي خادم، ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد

(83) 1967ع، شيشي جا گهر، گل هالائي، هالا اسٽوڊنٽس فيڊريشن هالا، طبعزاد

(84) 1967ع، مهرو، عمرالدين بيدار، اداره آواز ادب، حيدرآباد، طبعزاد

(85) 1968ع، غدار، ڪرشن چندر، ترجمو: ولي رام ولڀ، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد

(86) 1968ع، ڪوماڻو ڪنول، عبدالقيوم صائب، اورينٽ پبليڪشن، حيدرآباد، طبعزاد

(87) 1968ع، هن ڌرتيءَ تي، خدا بخش مغل، مدينه پرنٽنگ پريس، طبعزاد

(88) 1968ع، سورن سندو ساٿ، پريم پياسي، ادبي سوسائٽي، سانگهڙ، طبعزاد

(89) 1970ع، سونهن جي ديوي، پيري لوئي، ترجمو: قاضي خادم، مادرن پبليڪيشن، حيدرآباد

(90) 1970ع، روشنيءَ جي تلاش، تسليم ممتاز، جمالي پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، طبعزاد

(91) 1970ع، پرديسي مسافر، حافظ بدرالدين ابڙو، محمدي اليڪٽرڪ پريس، شڪارپور، طبعزاد

(92) 1970ع، پڙاڏو سوئي سڏ، سراج الحق ميمڻ، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(93) 1971ع، لڙهندڙ نسل، ناوليٽ، ماڻڪ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، طبعزاد

(94) 1973ع، جي ماريا نه موت، نگوين وان ترويئي، ترجمو: تنوير عباسي، سردار پريس، حيدرآباد

(95) 1973ع، پيار، يان پال سارتر، ترجمو: قاضي خادم، مادرن پبليڪيشن،



حيدرآباد

(96) 1973ع، چيرائيس چيري، محمد سومار شيخ، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين، طبعزاد

(97) 1973ع، عبراني، محمد سومار شيخ، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين، طبعزاد

(98) 1973ع، ڪاهوڙي ڪجن، جام ساقي، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، ڄامشورو، طعزاد

(99) 1974ع، اڪيلي، چارلس شا، ترجمو: ڊاڪٽر عبدالجبار شام، مابرن پبليڪشن

(100) 1974ع، پيار ۽ پڇتاءُ، گل محمد چنا، گاج پبليڪيشن، دادو، طبعزاد

(101) 1975ع، خزان جا موتي، غلام صغران پٽي، پرهه ڦٽي اشاعت گهر، طبعزاد

(102) 1975ع، اوڙاهه، حليم، بروهي، بروهي پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(103) 1976ع، جواري، دوستو وسڪي، ترجمو: قاضي خادم، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد

(104) 1976ع، ڪارو ڪارونڀار، عبدالحق عالماڻي، سنڌي اڪيڊمي، حيدرآباد، طبعزاد

(105) 1976ع، رڃ ۽ پڙاڏا، ماڻڪ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، طبعزاد

(106) 1977ع، پوڙهو ۽ سمنڊ، ارنيسٽ هيمنگوي، ترجمو، عمر ميمڻ، سردار پريس، حيدرآباد

(107) 1977ع، سيتاهرڻ، قرت العين حيدر، ترجمو: وليرام ولڀ، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد

(108) 1977ع، سسيهنس جي ناڪار پاتال ۾ بغاوت، ترجمو: ماڻڪ، روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو

(109) 1977ع، اڻ پورو انسان، آغا سليم، سنڌي اڪيڊمي، حيدرآباد، طبعزاد

(110) 1977ع، ننگي لاش جو سفر، عابد لغاري، رهبر پبليڪيشن، طبعزاد

(111) 1977ع، پيار ۽ سپنا، ڊاڪٽر قاضي خادم، زيب ادبي مرڪز، طبعزاد

(112) 1978ع، بند دروازو، امرتا پريتم، ترجمو: ولي رام ولڀ، آگم پبلشنگ ايجنسي

(113) 1978ع، امراءُ، جان ادا ٻيو ڇاپو، مرزا رسوا، ترجمو: هرومل سدارنگاڻي، ساهتيه اڪيڊمي

(114) 1978ع، اونداهي ڌرتي، روشن هٽ، آغا سليم، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(115) 1979ع، پريت پراڻي نه ٿئي، عبدالله خان سولنگي، ساڪن ڪرڙ خان سولنگي، طبعزاد

(116) 1979ع، يتيم جذبا، اگناٽ هرمين، ترجمو: نذير احمد راهوجا، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي

(117) 1979ع، پريت پراڻي ريت نرالي، ٻيو ڇاپو، سندري اتم چنداڻي، عظمت ادبي اڪيڊمي، طبعزاد

(118) 1980ع، حياتي هوتن ري، ٻيو ڇاپو، ڪلا پرڪاش، سنڌ فورم نئين دنيا، طبعزاد

(119) 1980ع، ان داتا، ڪرشن چندر، عظمت ادبي اڪيڊمي، ترجمو

(120) 1980ع، غدار، ٻيو ڇاپو، ڪرشن چندر، ترجمو: ولي رام ولڀ، سهڻي پبليڪيشن، ڪنڊيارو

(121) 1980ع، دل جو بندر، روئورل آئيويس، ترجمو: نصير اعجاز، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(122) 1980ع، ميرو ڏاڙيل، طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(123) 1980ع، پرديسي مسافر، حافظ بدرالدين ابڙو، محمدي اليڪٽرڪ پريس، طبعزاد

(122) 1980ع، روشنيءَ جي تلاش، آغا سليم، ملير ادبي اڪيڊمي، طبعزاد

(123) 1981ع، جنسار، ٻيو ڇاپو، قاضي فيض محمد، سردار پريس، حيدرآباد، طبعزاد

(124) 1981ع، سپنن جو سنسار، ڪلا پرڪاش، چونڊ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، طبعزاد

(125) 1981ع، زندگيءَ جا چار ڏينهن، گوپ ڪمل، سنڌ فورم پبليڪيشن، شڪارپور، طبعزاد

(126) 1981ع، درد جي خوشبو، ڊاڪٽر قاضي خادم، نيوفيلڊس، پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(127) 1982ع، سڊارٿ، هرجن هيس، ترجمو: فضل احمد بچاڻي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(128) 1982ع، سيلاب زندگيءَ جو، چوٿون ڇاپو، پوپٽي هيراننداڻي، سگهڙ پبليڪيشن، طبعزاد

(129) 1982ع، ساٿي، ٻيو ڇاپو، گوبند مالهي، چونڊ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، طبعزاد

(130) 1982ع، لاکو ڦلاڻي، ٻارن جو ناول، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڪتابي دنيا، حيدرآباد، طبعزاد

(131) 1982ع، محمد بن قاسم، پروفيسر اسدالله ڀٽو، فڪر و نظر پبليڪيشن، سکر، طبعزاد

(132) 1983ع، سڪٽيون سوچون خالي هٿ، پرويز ميمڻ، سنڌ فورم پبليڪيشن، طبعزاد

(133) 1983ع، آسيه، هينري رائڊر، ترجمو: فضل احمد بچاڻي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(134) 1983ع، چتر ليکا، ڀڳوتي چرن شرما، ترجمو: رشيد ڀٽي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(135) 1983ع، ڪنول، الهه ڏنو ڪاڪا، زندگي پبليڪيشن، طبعزاد

(136) 1984ع، ٿر اندر ٿاڪ، ايس-ايم بچل شاهه، بزم مهر ادب، گمبٽ طبعزاد

(137) 1984ع، حليما، ٻيو ڇاپو، آسانند مامتوراءِ، چونڊ پبليڪيشن، طبعزاد

(138) 1984ع، سونهري پشپا، ٻيو ڇاپو، پرل ايسرڪ، ترجمو: بهاري ڇاٻڙيا، رابيل پبليڪيشن، لاڙڪاڻو



(139) 1984ع، شرابي نگاهون، ٻيو ڇاپو، امرتا پريتم، ترجمو: هوندراج بلواڻي، رابيل پبليڪيشن، لاڙڪاڻو

(140) 1984ع، هڪ سسئي سؤ سور، ٻيو ڇاپو، امرتا پريتم، ترجمو: سندري، اُتم چنداڻي، مشعل پبليڪيشن، سڪرنڊ

(141) 1984ع، جميلا، ٻيو ڇاپو، چنگيز اعتماتون، ترجمو: سندري اُتم چنداڻي، رابيل پبليڪيشن، لاڙڪاڻو

(142) 1984ع، رام محمد ڀيسوزا، علي رضا، ترجمو: عمر ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊمي

(143) 1984ع، بي اولاد، اگناٽ هرمين، ترجمو: نصير اعجاز، عظمت ادبي اڪيڊمي

(144) 1984ع، نينگرو عشق ۾ بغاوت، ڪرسٽوفر، ترجمو: نصيراعجاز، نيوفيلڊس پبليڪيشن، لاڙڪاڻو

(145) 1984ع، ڌرتيءَ ماءُ، چنگيز اعتماتون، ترجمو: زيب سنڌي، سگهڙ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو

(146) 1984ع، ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾، جوليس فوچڪ، ترجمو: نور خان، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

(147) 1984ع، مس سدا بهار چنبيلي، يان پال سارتر، ترجمو: الطاف شيخ، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(148) 1984ع، ڪنوار، مارگيٽ ارون، ترجمو: نور محمد عباسي، شهباز پبليڪيشن، حيدرآباد

(149) 1984ع، انقلابي سپاهي، گوبند مالهي، ساٿيهه اشاعت گهر، طبعزاد

(150) 1984ع، رهجي ويل منظر، طارق عالم ابڙو، حسينا سيد پبلشرس، طبعزاد

(151) 1984ع، پيار ڪهاڻي، نجم عباسي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(152) 1984ع، بلنديون، نجم عباسي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(153) 1984ع، شرم ٻوٽي، ٻيو ڇاپو، گوبند مالهي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

(154) 1984ع، اونداهي ڌرتي روشن هٿ، آغا سليم، ترجمو: نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

(155) 1985ع، اٽو، لٽو ۾ اجهو، ڪرشن چندر، ترجمو: عمر ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊمي

(156) 1985ع، هڪ اداس ڇوڪري، امرتا پريتم، ترجمو: عرفان مهدي، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد

(157) 1985ع، سون ورني ڌرتي، پرل ايس بڪ، ترجمو: نظام عباسي سندر چانديو، عظمت ادبي اڪيڊمي

(158) 1985ع، مان زنده رهندس، ڪرشن چندر، ترجمو: نظام عباسي سندر چانديو، رابيل ادبي اڪيڊمي

(159) 1985ع، سمتي، ٻيو ڇاپو، شري شرت چندر چئٽرجي، ترجمو، بيدار پبليڪيشن،
(160) 1985ع، جنگ ۽ امن، ٻيو ڇاپو، ليئو ٽالسٽاءِ، ترجمو: بهاري لال، رابيل پبليڪيشن
(161) 1985ع، ٻه ننڍا ناول، اڌ پورو انسان، آغا سليم نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد طبعزاد
(162) 1985ع، همه اوست، آغا سليم، جمالي پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، طبعزاد
(163) 1985ع، سانگهڙ، ٻيو ڇاپو، محمد عثمان ڏيپلائي، صداقت بڪ ڊيپو، طبعزاد
(164) 1985ع، وفا جا موتي، رستم علي سولنگي، عظمت ادبي اڪيڊمي، طبعزاد
(165) 1985ع، لڳ منهنجا لوهه، محبوب علي سولنگي، عظمت ادبي اڪيڊمي، طبعزاد
(166) 1985ع، زندگي، ٻيو ڇاپو، موهن ڪلپنا، سنڌي ساهت گهر، طبعزاد
(167) 1985ع، موهن جو دڙو، ٻيو ڇاپو، علي بابا، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد
(168) 1985ع، ڪاهوڙي ڪجن، ٻيو ڇاپو، جام ساقي، صداقت بڪ ڊپو، طبعزاد
(169) 1986ع، رويو وهامي راتڙي، نديم قاضي، سنڌي ادب اڪيڊمي، طبعزاد
(170) 1986ع، ويرن جي وسندي، آتم ٻڪ، ترجمو: رشيد ڀٽي، عظمت ادبي اڪيڊمي
(171) 1986ع، ميري چادر، ٻيو ڇاپو، راجندر سنگهه بيدي، ترجمو: لڇمڻ ساٿي، سڳنڌ پبليڪيشن
(172) 1986ع، ڪورو دستاويز، علي نواز ٽنيو، اسرار پرنٽنگ پريس، ترجمو
(173) 1986ع، ساهه مُٺ ۾، ماڻڪ، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، طبعزاد
(174) 1986ع، ٽي ناوليٽ، رڄ ۽ پڙاڏا پاتال ۾، قرت العين حيدر، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، ترجمو:
(175) 1987ع،، ڊايار پل جا پار، ڪرشن چندر، ترجمو: ناز سنائي، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
(176) 1987ع، روپ ٻهروپ، ٻيو ڇاپو، خواجه احمد عباس، ترجمو: سندري اُتم چنداڻي، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد
(177) 1987ع، ناري، شريمتي امالا ديوي، عظمت ادبي اڪيڊمي، ترجمو
(178) 1987ع، سسي نيزي پاند، نجم عباسي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد
(179) 1987ع، نيروليءَ جو ڪن، محمد عثمان ڏيپلائي، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، طبعزاد
(180) 1987ع، ترتيءَ جي جنگ، ملڪ آگاڻي، سرسوتي پبليڪيشن، طبعزاد
(181) 1987ع، اندر ۾ ابليس، قبول ابڙو، ڪلاڪار پبليڪيشن، طبعزاد



(182) 1987ع، ٻنل اکين جا خواب، قبول ابڙو، ڪلاڪار پبليڪيشن، طبعزاد
(182) 1987ع، بلنديون، ٻيو ڇاپو، نجم عباسي، لطيف ادبي سوسائٽي، طبعزاد
(183) 1988ع، رات وچ ۾، بريٽ هيليڊي، ترجمو: فضل احمد بچاڻي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
(184) 1988ع، ماسترياڻي، اليگزينڊر سدافيمووچ، ترجمو: نجم عباسي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
(185) 1988ع، زلزلو، ڊي ڪين، ترجمو: نجم عباسي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
(186) 1988ع، ڏکڻ مان ٿو سج اُڀري، ڪرشن چندر، ترجمو: سراج الحق، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد
(187) 1988ع، اڪ سور، ڇاپو ٻيو، رابندر ناٿ ٽئگور، ترجمو: چوهڙ مل، هندوجا، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
(188) 1988ع، ميرو ڏاريل، طارق اشرف، سهڻي ڪتاب گهر، حيدرآباد، طبعزاد
(189) 1988ع، منهنجي دنيا هيڪل وياڪل، سراج الحق ميمڻ، نيوفيلڊس، پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد
(190) 1989ع، مرڻ مون سين آءُ، سراج الحق ميمڻ، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد
(191) 1989ع، جنگ ۽ انسان، ميخائل، ترجمو: عمر ميمڻ، عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد
(192) 1989ع، سرڳ جي ڳولا، موهن ڪلپنا، سنڌ پبلشرس، ڪراچي، طبعزاد
(193) 1989ع، تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول، سراج الحق ميمڻ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد
(194) 1990ع، ڏونگر منجهه ڏيئو، بورس پوليرائي، ترجمو: پرويز، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
(195) 1990ع، فراق، عنايت حسين رند، موهن جو دڙو پبليڪيشن، طبعزاد
(196) 1990ع، منهنجي دنيا مرگهه ترشنا، سراج الحق ميمڻ، نيوفيلڊس، پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد
(197) 1991ع، ستل واديون، ٻيو ڇاپو، ڪرشن چندر، ترجمو: لڇمڻ ساٿي، منصور اڪيڊمي، حيدرآباد
(198) 1992ع، سنڌ جي زينت، نرجن دوداڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، طبعزاد
(199) 1993ع، پر ڪٽيل پکي، عنايت حسين رند، هئپي هوم پبليڪيشن، طبعزاد
(200) 1993ع، ڏاريو، البرٽ ڪاميو، ترجمو: ولي رام ولڀ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
(201) 1993ع، پرين پڳهه چوڙيا، شهيد الله قيصر، ترجمو: غلام نبي ناشاد، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
(202) 1993ع، تصوير جو خون، آسڪر وائلڊ، ترجمو: غلام نبي ناشاد، روشني

پبليڪيشن، ڪنڊيارو
(203) 1993ع، مسافر، شيخ عبدالرزاق راز، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، طبعزاد
(204) 1994ع، پياسي ڌرتي رمندا بادل، سراج الحق ميمڻ، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد.
(205) 1994ع، قيدي، ترجمو: غلام نبي مغل، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
(206) 1994ع، آواره، ٻيو ڇاپو، موهن ڪلپنا، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ترجمو
(207) 1994ع، اوڙاهه، ترجمو: غلام نبي مغل، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
(208) 1994ع، اڻ ڇاڻ، قاضي فيض محمد، سنڌي ساهت گهر، طبعزاد.
(209) 1994ع، نيٺ گونگي ڳالهايو، امر جليل، عبرت گروپ آف پبليڪيشن، حيدرآباد، طبعزاد

## (ب) ڀارت ۾ ڇپيل ناول:

(1) 1951ع، ماستر، پگهوان لڪاڻي، ڀارت جيون منڊل، طبعزاد
(2) 1952ع، ڪولي، ملڪ راڄ، ترجمو: ڪيرت ٻاٻاڻي، سرگرم ساهتيه مالا، بمبئي
(3) 1952ع، انسپيڪٽر جنرل گوگول، ترجمو:، داس طالب، سرگرم ساهتيه مالا، بمبئي
(4) 1952ع، ماءُ، مئڪسم گورڪي، ترجمو: گوبند مالهي، ڀارت جيون مالها، بمبئي
(5) 1952ع، لين دين، شري شرت چندر چٽرجي، ترجمو: نارائڻ ڀارتي، ڀارت جيون مالها، بمبئي
(6) 1952ع، جيون ساٿي، گوبند مالهي، ڪهاڻي ساهتيه ڀارت، طبعزاد
(7) 1952ع، زندگيءَ جي راهه تي، گوبند مالهي، ڪهاڻي ساهتيه، ڀارت، طبعزاد
(8) 1952ع، آنسو، گوبند مالهي، سرگرم ساهتيه، ڀارت، طبعزاد
(9) 1952ع، ڪامنيءَ جو ڪتاب، ڪيشو مالتي، ڪمل سيريز ڀارت، طبعزاد
(10) 1952ع، زندگي يا موت، رام پنجواڻي، ڀارت جيون ساهتيه منڊل، طبعزاد
(11) 1952ع، اڙٻنگ، ڪماري، راڻي پبليڪيشن، طبعزاد
(12) 1953ع، ڪالنڊ داس، تارا شنڪر، ترجمو: موتي پرڪاش، سرگم ساهتيه منڊل، ڀارت
(13) 1953ع، جاڳرتا، شري شرت چندر چٽرجي، ترجمو: نارائڻ ڀارتي ڀارت جيون مالها
(14) 1953ع، وجيه، شري شرت چندر چٽرجي، ترجمو: سريچند، سرگرم ساهتيه منڊل، ڀارت
(15) 1953ع، آخر جيت اسان جي، شري سياح سنامي، ترجمو: ڇيٺانند ڀاونداس، سرگم ساهتيه منڊل، ڀارت



(16) 1953ع، مصر جي آزادي، ترجمو: سوپراج، سرگم ساهتيه منڊل، ڀارت
(17) 1953ع، ڌرتي ماتا، تارا شنڪر بئنرجي، ترجمو: گوبند مالهي، سرگم ساهتيه منڊل، ڀارت
(18) 1953ع، شوپا، جي-ايس عالم، ترجمو: ڇيٺانند ڀاونداس، ڀارت جيون مالها
(19) 1953ع، آواره، موهن ڪلپنا، ڀارت جيون مالها، طبعزاد
(20) 1953ع، گمان، شري رامناڻي، ڀارت جيون مالها، طبعزاد
(21) 1953ع، من جي جيت، گوبند مالهي، ڀارت جيون ناول مالها
(22) 1953ع، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، گوبند مالهي، ڀارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(23) 1953ع، ڪرنڊڙ ديوارون، سندري اُتمچنداڻي، ڀارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(24) 1954ع، بک، نٽ همسن، ترجمو: جيوت چاولا، سهڻي ڪتاب گهر، بمبئي
(25) 1954ع، شري، شري شرت چندر، ترجمو: تيرٿ هنگوراڻي، ڀارت جيون ناول مالها
(26) 1954ع، ڌن، شري شرت چندر، ترجمو: گوبند مالهي، ڀارت جيون مالها
(27) 1954ع، سوداماڻي، شري شرت چندر، ترجمو: تيرٿ هنگوراڻي، نرگس پبليڪيشن، پونا
(28) 1954ع، لگن، موهن ڪلپنا، سرگم ساهتيه مالها، ڀارت، طبعزاد
(29) 1954ع، چيخ، داس طالب، ڪهاڻي ساهتيه مالها، بمبئي، طبعزاد
(30) 1954ع، مڃو، آنند گولاڻي، رام جهر ساهتيه مالها، بمبئي، طبعزاد
(31) 1954ع، انڌيرو اجالو، موتي پرڪاش، ڀارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(32) 1954ع، چنچل نگاهون، گوبند مالهي، راڻي پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد
(33) 1954ع، للڪار، گوبند مالهي، راڻي پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد
(34) 1954ع، منهنجي شادي، چندو لعل جئسنگهاڻي، ڀارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(35) 1955ع، پئسا، نوتن گوپالاڻي، ترجمو: رمڻدال سنسلال، ڀارت جيون ناول مالها
(36) 1955ع، نئين روشني، عادل رشيد، ترجمو: ڇيٺانند ڀاونداس، ڀارت جيون ناول مالها
(37) 1955ع، ٻه پينر، وسنت ديشڪ، ترجمو: لڇمڻ هردواڻي، ڪونج، پبليڪيشن، بمبئي
(38) 1955ع، ڪلياڻي، جئندر ڪمار، ترجمو: لڇمڻ ساٿي، ڀارت جيون ناول مالها
(39) 1955ع، چنگاري، شري شرت چندر چٽرجي، ترجمو: نوتن گوپلاڻي، ڀارت جيون ناول مالها
(40) 1955ع، ساهڙي، لڇمڻ ساٿي، نرگس پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد
(41) 1955ع، داغ بي داغ، ڪماري، پرڀات ساهتيه مالا، بمبئي، طبعزاد

(42) 1955ع، اجا رات باقي آهي، موهن ڪلپنا، سرگم ساهتيه، بمبئي، طبعزاد
(43) 1955ع، مداري، داس طالب، ڪونج پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد
(44) 1955ع، عشق ناهي راند، گوبند مالهي، ڪهاڻي ساهتيه مالها، طبعزاد
(45) 1955ع، آهي نه آهي، رام پنجواڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(46) 1956ع، راهگير، شري شرت چندر چٽرجي، ترجمو: نوتن گوپلاڻي، پارت جيون ناول مالها
(47) 1956ع، نئين روشني، پاڳو ٻيو، عادل رشيد، ترجمو: چيٽانند پاونداس، پارت جيون ناول مالها
(48) 1956ع، ضدي، ڏي جئه، ترجمو: آنند ٽي ڇاڇاڻي، پارت جيون ناول مالها
(49) 1956ع، مس بامبي، شري ڀڳوتي چرڻ ورما، ترجمو: چندرسن خوبچنداڻي، راج رتن پارت جيون مالها
(50) 1956ع، شرم ٻوٽي، گوبند مالهي، راڻي پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد
(51) 1956ع، اپراڌي، چندو لعل جئسنگهاڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(52) 1956ع، عورت، موهن ڪلپنا، پشپ ڪمل پبليڪيشن، طبعزاد
(53) 1956ع، ٻهروپي، شود رامناڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(54) 1956ع، شانت اشانت، ڏي-جي آهوجا، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(55) 1956ع، ڌرتي ۽ سرڳ، رمڻ لعل ڏيسائي، ترجمو: ڀڳوان سي-ميواڻي، پارت جيون ناول مالها
(56) 1957ع، داءُ، جارج آرناد، ترجمو: ڪرشن راهي، راڻي پبليڪيشن، بمبئي
(57) 1957ع، لوڪ آهي ٻوڪ، گوبند مالهي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(58) 1957ع، ڏيئر نه چمن، رام پنجواڻي، پارت جيون ناول مالها
(59) 1957ع، آشا، سرڳواسي شيوارام پڳٽ، پات جيون ناول مالها، طبعزاد
(60) 1957ع، الفت جي آگ، ايشوري جوتواڻي، نرگس پبليڪيشن، طبعزاد
(61) 1957ع، زندگي، موهن ڪلپنا، پارت جيون ناول مالها، اصلوڪو
(62) 1957ع، هڪ دل هزار ارمان، ڪلا پرڪاش، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(63) 1957ع، واپس، گنو سامتاڻي، پارت جيون ناول مالها، اصلوڪو
(64) 1957ع، پهاڙي چوٽيون، چندو لعل جئسنگهاڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(65) 1958ع، ٽٽل ساز، مئڪسم گورڪي، ترجمو: سندري اُتمچنداڻي، سنسا ساهتيه، منڊل، بمبئي
(66) 1958ع، جنگ ۽ صلح، ليئو ٽالسٽاءِ، ترجمو: بهاري لال، سرگم ساهتيه منڊل، بمبئي
(67) 1958ع، ست قوم، شري شنڪر بئنرجي، ترجمو: بهاري لال، سرگم ساهتيه منڊل، بمبئي
(68) 1958ع، اڌوري پياسي، ترجمو: گلشن نندا، راجستان پبليڪيشن
(69) 1958ع، داغ، شري ڪڪڙيجا، ترجمو: جڳديش لچاڻي، جوالا پبليڪيشن



(70) 1958ع، ديسي سيڻ ڪجن، گوبند مالهي، ڪهاڻي پبليڪيشن، طبعزاد
(71) 1959ع، ٻه سير اَنُ، تڪشي شو شنڪر پلٽي، ترجمو: ڏيچند ڪنئڙا، ساهتيه اڪادمي، دهلي، طبعزاد
(72) 1959ع، پتلي، گٽومل دوداڻي، ساهتيه اڪادمي، دهلي، طبعزاد
(73) 1959ع، سنڌو، رام هنگوراڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد
(74) 1959ع، وشواس، موهن ڪلپنا، سنڌي ساهت سمتي، طبعزاد
(75) 1959ع، پدما، رام پنجواڻي، سهڻي ڪتاب گهر، طبعزاد
(76) 1959ع، پريت ڪئي پيڙا ملي، جڳديش هري، سهڻي ڪتاب گهر، طبعزاد
(77) 1960ع، چانديءَ جو چمڪو، رام پنجواڻي، جڳديش بڪ ڊپو، بمبئي، طبعزاد
(78) 1960ع، ساڏنا جو سپنو، گني سدارنگاڻي، هندستان ڪتاب گهر، اصلوڪو
(79) 1962ع، پريت پراڻي ريت نرالي، سندري اُتم چنداڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(80) 1962ع، پيار روئي ڏنو، هري همٿاڻي، اجنتا پبليڪيشن، اجمير، طبعزاد
(81) 1962ع، آتم مريادا، لعل پشپ، ڪويتا پشپ، ساهتيه مالها، ببمئي، طبعزاد
(82) 1962ع، منهنجي منڙي سنڌ، ڪرشن ڪٿواڻي، ڪهاڻي پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد
(83) 1962ع، پيار ۽ دوکو، لچمي آميشر، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(84) 1962ع، جهرٽا، پرم ابيچنداڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد
(85) 1962ع، ساڏنا جو خون، چندو لعل جئسنگهاڻي، پارت جيون ناول، مالها، ممبئي طبعزاد
(86) 1963ع، ستل واديون، ڪرشن چندر، ترجمو: لڇمڻ ساٿي، ساهتيه ادبي اڪيڊمي، دهلي، طبعزاد
(87) 1963ع، سنجوڳ، رابندر ناٿ ٽئگور، ترجمو: چوهڙ مل هندوجا، پشپ ڪمل، پونو
(89) 1963ع، دردن ماري دل، وشنو ڀاٽيه، پشپ ڪمل، پونو، طبعزاد
(90) 1963ع، نئون صبح نئون گيت، ڪيرت ميرچنداڻي، سنڌو پبليڪيشن، طبعزاد
(91) 1964ع، ننگي پنج رنگي، چندو لعل جسئنگهاڻي، سنڌو پاڪيٽ بڪ سيريز، طبعزاد
(92) 1964ع، قسمت جا رنگ، شيام جئسنگهاڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي طبعزاد
(93) 1964ع، چندا عرف نرتڪي، لڪشمي ٿي ديناڻي جيوتي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد
(94) 1964ع، هڪ ڇر، ٻه ڇپون، پرم ابيچنداڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد
(95) 1964ع، نراس ناري، ايسپ جين، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(96) 1964ع، زخمي دل، لڇمي آميشر، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(97) 1965ع، هڪ انسان سو طوفان، گوبند مالهي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(98) 1965ع، يوئرآنر، چندو لعل جئسنگهاڻي، پارت جيون ناول مالها، اصلوڪو

(99) 1965ع، جعلي پاسپورٽ، چندو لعل جئسنگهاڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(100) 1965ع، پريت جي راهه اٽانگي، ڪشنچند ناگراڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(101) 1965ع، ڪنول جاڳي اٿيا، سڳن آهوجا، نئين دنيا پبليڪيشن، طبعزاد

(102) 1965ع، ڪندن پريون راهون، ارجن سڪايل، ڪلپنا ڪتاب گهر، طبعزاد

(103) 1965ع، جيون سپنا، ايمچين، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(104) 1965ع، پومي، گلاب هنگوراڻي، ڪلپنا ڪتاب گهر، طبعزاد

(105) 1967ع، ڪچا ڌاڳا، شيام جئسنگهاڻي، ديپ شڪا ڪونج پبليڪيشن، طبعزاد

(106) 1967ع، ستل واديون، ڪرشن چندر، ترجمو: لڇمڻ ساٿي، ڪهاڻي پبليڪيشن، ممبئي

(107) 1968ع، اجنبي البرڪامئو، ترجمو: لعل پشپ، پرهه ڦٽي پبليڪيشن

(108) 1968ع، رُڃ ۽ پاڇا، موهن ڪلپتا، سنگم پبليڪيشن، ممبئي، طبعزاد

(109) 1968ع، هاءِ منهنجي دل، لڪمي ڪلاڻي، ڪونج پبليڪيشن، ممبئي، طبعزاد

(110) 1969ع، اُلفت جي آگ، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، پارت جيون مالها، ممبئي، طبعزاد

(111) 1969ع، پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون، ڪرشن چندر، ترجمو: سندري اُتم چنداڻي، پارت جيون مالها، ممبئي، طبعزاد

(112) 1969ع، روپ بهروپ، ڪرشن چندر، ترجمو: اُتم چنداڻي، لعل پشپ جيوتي پبليڪيشن

(113) 1969ع، هڪ سرد ديوار، لعل پشپ، ترجمو: اُتم چنداڻي، لعل پشپ جيوتي پبليڪيشن،

(114) 1976ع، بندي، چندو لعل جئسنگهاڻي، چندو لعل ناول مالها، بمبئي، اصلوڪو

(115) 1970ع، نئين ليکڪا، سندر حشمتراءِ، پارت جيون، ساهتيه منڊل، طبعزاد

(116) 1970ع، تلاش، موهن ڪلپنا، پارت جيون، ساهتيه منڊل، طبعزاد

(105) 1971ع، پن پن پن پون ۾، چندو لعل جئسنگهاڻي، پارت جيون، ساهتيه منڊل، طبعزاد

(117) 1971ع، شفاخانه، تارا شنڪر، ترجمو: ساهتيه اڪادمي نئين دهلي

(118) 1971ع، پرڏيان ڪرٿوڏي، هري نارائڻ، ترجمو: ٺهل رام آزاد، ساهتيه اڪادمي، نئين دهلي

(119) 1971ع، دلين جو ميلاپ، پنا لال پٽيل، ترجمو: جڳت آڏواڻي، ساهتيه



اڪادمي، نئين دهلي

(120) 1972ع، چهل، سندر حشمتراءِ، پارت جيون، طبعزاد

(121) 1972ع، شيش محل (ٻيو ڇاپو)، دولت رام پراسرام ٺهلراماڻي، پارت جيون ممبئي، طبعزاد

(122) 1973ع، جيون جو سنگرام، موهن ڪلپنا، پارت جيون ممبئي، طبعزاد

(123) 1973ع، اڪ سور، رابندرناٿ ٽئگور، ترجمو: چوهڙ مل هندوجا، ساهتيه اڪادمي، نئين دهلي

(124) 1974ع، هُن جي آتم جو موت، لعل پشپ ساهتيه اڪادمي نئين دهلي، طبعزاد

(125) 1974ع، جلاوطني، موهن ڪلپنا، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(126) 1974ع، ڪومايل ڪلي، ٽيون ڇاپو، تارامير چنداڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(127) 1974ع، دشمن دليون، سندر حشمتراءِ، پارت جيون ناول مالها، ممبي، طبعزاد

(128) 1975ع، نارنگي ٽريفڪ لائيٽ تي، ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي، اصلي نيلم پرنٽنگ پريس، طبعزاد

(129) 1975ع، حياتي هوتن رِي، ڪلاپرڪاش، سنڌي ناول مالها، نئين دهلي، طبعزاد

(130) 1975ع، تڏهن ۽ هاڻي،لعل پشپ، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، طبعزاد

(131) 1976ع، محبت جي راهه تي، گوبند مالهي، مارئي پبليڪيشن، احمد آباد، طبعزاد

(132) 1976ع، بندي چندو لعل جئسنگهاڻي، چندو لعل ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(133) 1977ع، ڪاهيءَ جي چوطرف، شيام جئسنگهاڻي، ڪونج پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد

(134) 1977ع، انورا داتا، شري شرت چندر چٽرجي، ترجمو: نارائڻ پارتي، سنڌي ٽائيمز پبليڪيشن

(135) 1977ع، جمالي نوٽ، ترجمو: سشيلا لعلواڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي

(136) 1977ع، رات جون راڻيون، سندر هشمتراءِ، پارت جيون ناول مالها، ممبئي، طبعزاد

(137) 1978ع، خون ڪٿوري، جهمٽ مل خوبچند پاوناڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد

(138) 1978ع، حليما، آسانند مامتوراءِ، ڪونج پبليڪيشن، بمبئي، اصلوڪو

(139) 1978ع، ڪيل نصيب جو رضا رب جي، تارا شنڪر، ترجمو: جڳت آڏواڻي، شوپا پبلڪيشن، بمبئي

(140) 1978ع، آيو نئون زمانو، رام پنجواڻي، پارت جيون ناول مالها، ممبئي،

طبعزاد

(141) 1978ع، جاسوسي جاني، رميش جيوتاڻي، آر-ڪي پبليڪيشن، جهونا ڳڙهه، طبعزاد

(142) 1979ع، وئرٽ زندگيون، ڪرشن کٽواڻي، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، طبعزاد.

(143) 1979ع، ياد هڪ پيار جي، ڪرشن کٽواڻي، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، طبعزاد

(144) 1979ع، گياندبوَ، پرشوتم شبونت ديشاندي، ترجمو: ڪرشن راهي، ساهتيه اڪادمي، دهلي

(145) 1979ع، ساگر جي سنستان، تڪشي شو شنڪر پلئي، ترجمو: سُندري اُتمچنداڻي، ساهتيه اڪادمي، دهلي

(146) 1980ع، ڪٺ پلتي جو ناچ، ماڻڪ بندو پاڌيا، ترجمو: لڪمي ڪلاڻي، ساهتيه اڪادمي، دهلي

(147) 1981ع، ماءُ، موهن ڪلپنا، سنگيتا پبليڪيشن، بڙودا، طبعزاد.

(148) 1981ع، قيدي، رام پنجواڻي، پارت جيون ناول مالها، طبعزاد.

(149) 1981ع، اها ديوار آسمان تائين، لعل پشپ، ڪويتا ساهتيه، احمد آباد، طبعزاد

(150) 1981ع، پيار جو آئينو، وشنو ڀاٽيه، گيتا پون پرنٽنگ پريس

(151) 1981ع، ڪانءُ ۽ سمنڊ، موهن ڪلپنا. گيتا پون، پرنٽنگ پريس، طبعزاد

(152) 1982ع، ڪجھ نه ٿيڻ جو حادثو، لعل پشپ، لعل پشپ ساهت مالا، طبعزاد

(153) 1982 سيلاب زندگيءَ جو، پارت، اجنتا پبليڪيشن، اجمير، طبعزاد

(154) 1982ع، رات جو بيو پهر، هري همٿاڻي، اجنتا پبليڪيشن، اجمير، طبعزاد

(155) 1982ع، اهي رشتا ناتا، ڊاڪٽر جوتواڻي، اجنتا پبليڪيشن، اجمير، طبعزاد

(156) 1983ع، ميري چادر، راجندر سنگهه بيدي، ترجمو: لڇمل ڪومل، اجنتا پبليڪيشن، اجمير

(157) 1983ع تپسيا ٿئي پئي، ارجن سڪايل، اجنتا پبليڪيشن، اجمير، طبعزاد

(158) 1985ع، ڇهين سگ جي ڌرمشالا، جولي ناٽڪ، ترجمو: بهاري ڇابڙيا، سنڌي ساهتيه سڀا، جام نگر

(159) 1985ع، پنيرڪي جي پڙ پڙ، ريٽا شهاڻي، ڪونج پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد

(160) 1985ع، شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي، موهن ڪلپنا، سنڌي ٽائيمز پبليڪيشن

(161) 1985ع، اگني، چندو لعل جئسنگهاڻي، ڪونج پبليڪيشن، ممبئي، طبعزاد

(162) 1985ع، ڪوٽ، ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي، سنڌي ٽائيمز پبليڪيشن، طبعزاد

(163) 1988ع، ست ڏينهن، ڪرشن کٽواڻي، سنڌي ٽائيمز پبليڪيشن، طبعزاد

(164) 1988ع، آبو، هري موٽواڻي، ڪونج پبليڪيشن، ممبئي، طبعزاد

(165) 1988ع، ائين به آهي. پرم ابيچنداڻي، اصلي پارت پرنٽنگ پريس، طبعزاد

(166) 1988ع، وقت وٺيون ۽ وڇوٽيون، ڪلا پرڪاش، آسورام درياڻي، پونا

(167) 1990ع، اِجهو، هري موٽواڻي، ڪونج پبليڪيشن، بمبئي، طبعزاد



ضميمو ٻيو

# سنڌ ۾ علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارا

## (الف) ورهاڱي کان اڳ جا اشاعتي ادارا ۽ پريسون:

انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ ۽ سنڌي صورتخطي ٺهڻ کان پوءِ، سنڌ ۾ ڪيترائي ادبي ادارا ۽ پريسون قائم ٿيون. انهن مان سڀني کان پهرين، حڪومت طرفان ادارا ۽ پريسون قائم ڪري سنڌيءَ جا ڪتاب ڇپايا ويا ۽ پوءِ ڪيترائي خانگي ادارا به وجود ۾ آيا، جن سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي ڇپائيءَ ۾ تمام گهڻي خدمت ڪئي. انهن مان ڪيترائي ادارا انهيءَ وقت کان وٺي آزاديءَ تائين هلندا رهيا ۽ ڪيترائي نوان ادارا آزاديءَ کان پوءِ قائم ٿيا. انهن مان ڪيترائي ادارا ڪجهه وقت هلي، پوءِ بند ٿي ويا، جيڪي ادارا ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، سکر ۽ ٻين شهرن ۾ قائم ٿيا، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1) ڪراچيءَ جا اشاعتي ادارا ۽ پريسون:

- گورنمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪمشنرس آفيس، ڪراچي
- سنڌ گزيٽ ڪمرشل پرنٽنگ پريس، ڪراچي
- مرڪنٽائيل پريس ايلفنسٽن روڊ، ڪراچي

(2) ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل خانگي ادارا ۽ پريسون:

- آشا ساهت منڊل، ڪراچي
- باغي ساهت منڊل، ڪراچي

- رابندر ناٿ ٽئگور لئبريري ۽ ڊراماٽڪ ڪلب
- رتن ساهتيه، گاڏي کاتو، ڪراچي
- زندگي پبليڪيشن
- سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊراماٽڪ سوسائٽي
- سُندر ساهتيه منڊل
- سناتن ڌرم پرچارڪ سوسائٽي
- سڪ ينگ مين ايسوسيئيشن
- عباسي پبليڪيشن ائنڊ نيوسنڌ پريس
- قومي ڪتب خانو
- آرين پريس
- آزاد پريس
- آلبرٽ پريس
- اڳتي قدم پرنٽنگ پريس
- ابوفضل پرنٽنگ پريس
- انصاري پرنٽنگ پريس
- الوحيد پرنٽنگ پريس
- انجمن معاون اسلام
- ارون پريس
- اسلاميه پريس
- اردو اڪيڊمي
- انگلش بڪ اسٽال پرنٽنگ پريس
- اسٽر پرنٽنگ پريس
- الحق پريس
- ايجوڪيشنل پريس
- ايڪسلشر پريس
- بلوچ پريس
- پارت پرنٽنگ پريس
- پاڪستان هيرالڊ پريس
- ڊيسينٽ پريس
- ڊيلي گزٽ پريس
- رايل پريس



- سنڌ ٽائمس پريس
- سنڌ نيشنل پرنٽنگ پريس
- سنڌ نيشنل ايسوسيئيشن پريس
- سلطان پريس
- سليم پريس
- شمس پريس
- ڪمرشل پريس
- ڪراچي پريس
- ڪوهنور پريس
- لال پرنٽنگ پريس
- محبوب پريس
- منصور پريس
- ميٽ پريس
- نيو ڊائمنڊ پريس
- وينس پريس
- وزير پريس
- وڪٽوريا پريس
- هوندراج ائنڊ سنز پريس
- هارون پريس
- هلال پريس

(3) حيدرآباد جا سرڪاري ۽ خانگي اشاعتي ادارا ۽ پريسون

**سرڪاري دارا:**

- گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو

**خانگي ادارا ۽ پريسون:**

- اميچوئر ڊراماٽڪ سوسائٽي
- ايجوڪيشنل پبلشنگ پريس
- پارت جيون ساهتيه منڊل
- پڳونداس ائنڊ ڪمپني
- ماهوار ناول ادارا

- سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي
- سنڌي ساهتيه سوسائٽي
- سنڌ پبلشنگ هائوس
- سنڌ جو وينائيل ڪوآپريٽو سوسائٽي
- ست ڌرم سڀا سوامي هيمراج
- نوجيون ساهتيه منڊل
- نئين سنڌي لئبريري
- چرچ مشنري سوسائٽي
- ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل
- لوڪومل نئين سنڌي لئبريري ۽ سستو عمدو ساهت مالا
- مهراڻ پبلشنگ ڪمپني
- آفتاب پريس
- اسٽئنبرڊ پريس
- امر پريس
- اوريئنٽ پريس
- بلوشڪي پريس
- بگومل پريس
- بابا پرنٽنگ پريس
- پارت پريس
- پارت واسي پريس
- پائيبند پريس
- پيپلز پريس
- پرنٽنگ پريس
- جارج پرنٽنگ پريس
- منصور پريس
- محمدي پريس
- منسڪ پريس
- موتي پريس
- چندن پريس
- ڪرشنا پريس
- قيصريه پريس



## (4) سکر جا سرڪاري ۽ خانگي اشاعتي ادارا ۽ پريسون

**سرڪاري ادارا:**

- سنڌ گزٽ پرنٽنگ پريس

**خانگي ادارا ۽ پريسون:**

- بزم الشعراءِ سنڌ
- سناتن ڌرم لوڪ سڀا
- ماستر هري سنگ ڏينگو مل
- تلڪ پريس
- پريئمر پريس
- دٻدٻه حيدري پريس
- سنڌ زميندار پريس
- ڌرم وير پريس
- هيمنداس پريس
- ويلز پريس

**لاڙڪاڻي جا اشاعتي ادارا ۽ پريسون:**

- لاڙڪاڻه گزٽ پريس
- ويڙهومل ڪٽمل پريس

**شڪارپور جا اشاعتي ادارا ۽ پريسون:**

- سنڌو ساهت منڊل
- منشي پوڪرداس ٿانورداس پبلشرز
- مطبع فتح الڪريم پريس
- ديوي پرنٽنگ پريس
- راڄپال اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
- سنڌ پرنٽنگ پريس
- شيام سندر پرنٽنگ پريس
- مسافر پريس
- مسلم پرنٽنگ پريس
- موتي پريس
- منوهر پريس
- لڪشمي پريس
- ڪريم پريس

**(ب) ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ علمي، ادبي ادارا ۽ پريسون**

1947ع کان پوءِ، سنڌ جي کن ماڻهن پريسون کوليون ۽ ڪي ادبي ۽ علمي ادارا به قائم ڪيا، ۽ کن ماڻهن ڇپائيءَ جو ڪم پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو. ڪيترائي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارا قائم ٿيا، جن جي مدد سان، سنڌي ادب جي مختلف صنفن جا ڪتاب وري نئين زور شور سان ڇپجڻ لڳا. اهڙيءَ طرح هندن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ، ادب ۾ مسلسل اضافو شروع ٿيو. آزاديءَ کان پوءِ جيڪي ادارا قائم ٿيا، انهن جا نالا هي آهن:

وزارت تعليم حڪومت پاڪستان، اسلام آباد، سرڪاري ادارو آهي.

**ڪراچي جا سرڪاري ادارا:**

- پاڪستان سرڪار جو اشاعتي ادارو
- پاڪستان رائٽرس
- پاڪستان پبليڪيشنس
- اقبال اڪيڊمي

**ڪراچيءَ جا خانگي ادرا:**

- اسماعليه ايسوسيئيشن
- سنڌي ادبي سنگت
- سنڌي ادبي سوسائٽي
- عباسي ڪتب خانو
- مدينه پبلشنگ ڪمپني
- هاري ادارالاشاعت ڪمپني
- سنڌيڪا پريس

**حيدرآباد جا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري اشاعتي ادارا:**

- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، نيم سرڪاري
- پيغام پبليڪيشن، سرڪاري ادارو
- سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، سرڪاري
- لطيف ميموريل ڪائونسل، سرڪاري



- سنڌي ادبي بورڊ، نيم سرڪاري ادارو
- سنڌ سائنس سوسائٽي، نيم سرڪاري
- سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، نيم سرڪاري
- شاهه ولي الله اڪيڊمي سرڪاري
- ڀٽ شاهه، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز
- پاڪستان اسٽڊيز سينٽر، سنڌ يونيورسٽي
- شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي

**حيدرآباد جا خانگي ادارا:**

- آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرز
- آزاد بڪ ڊيپو
- آر-ايم فتح ائنڊ برادرز
- ادارا آواز ادب
- ادارا ادب نو
- اداره انسانيت
- اسلاميه دارالاشاعت
- انجمن اماميه سنڌ
- اداراه حيات ادب
- اداراه شهباز
- محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي
- آدرش پبليڪيشن
- آڪاش پبليڪيشن
- اسٽوڊنٽس پبليڪيشن، احباب پبليڪيشن
- اڳتي قدم پبليڪيشن
- ادبيات پبليڪيشن
- بروهي پبليڪيشن
- باغبان پبليڪيشن
- ڀنڀور ڪلچرل پبليڪيشن
- تحريڪ پبليڪيشن
- پرڀات پبليڪيشن
- پرهه ڦٽي اشاعت گهر
- جمالي پريس
- حيدرآباد پريس

- دفتر لطيفي
- روشني پبليڪيشن
- راڻي پبليڪيشن
- رهبر پبليڪيشن
- زينت پريس
- زندگي پبليڪيشن
- زيب ادبي مرڪز
- سنڌ رنگ
- سنڌي عوام ڪتاب گهر
- سنڌي نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن
- سنڌ پبلشرز
- صداقت بوڪ ڊيپو
- سنڌي اڪيڊمي صدر
- سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽوَ سوسائٽي
- سنڌي ساهت گهر
- سنڌي زبان پبليڪيشن
- سنڌي ڊراما پبليڪيشن
- سهڻي پريس
- ساٿيهه پبليڪيشن
- سنڌ سورهيه پبليڪيشن
- شاگرد پبليڪيشن
- شاگرد پبليڪيشن
- عظمت ادبي اڪيڊمي
- عبرت پريس
- عظيم پبليڪيشن
- ڪينجهر اشاعت گهر
- گلستان ادب
- مشعل راهه پبليڪيشن
- مڪتبه ضيا
- ماڊرن سنڌ پبلشنگ هائوس
- مارو پبليڪيشن، ڄام شورو
- نئين دنيا پبليڪيشن
- ڪويتا پبليڪيشن



- ناري پبليڪيشن
- نيوفيلڊس پبليڪيشن
- لقمان پبليڪيشن
- وينجهار پبليڪيشن
- يادگار پبليڪيشن

**سيوهڻ جو سرڪاري ادارو**

- قلندر شهباز ميموريل ڪاميٽي

**ڀٽ شاهه ۽ هالا:**

- ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
- بزم طالب الموليٰ
- انجمن فروغ ادب
- انوار بڪ ڊيپو
- آڪاٽي پبليڪيشن

**لاڙڪاڻو**

- سڳنڌ پبليڪيشن

**ٽنڊي محمد خان جا ادارا:**

- اداره سنڌي ادب
- سلسله اشاعت

**ڪنڊ ڪوٽ جا ادارا:**

- اداره ستاره ادب ڪنڊ ڪوٽ

**سجاول:**

- لاٽ پبليڪيشن

**جهول جا ادارا:**

- ساڻي پبليڪيشن

**دادوءَ جا ادارا:**

- ساگر پبليڪيشن
- ڪيرٿر پبليڪيشن

**نصرپور جا ادارا:**

- مصري شاهه ميموريل ڪوآپريٽو سوسائٽي
- مجيب پبليڪيشن

**مورو جا ادارا:**

- مورو پبليڪيشن

**خيرپور جا ادارا:**

- سچل ڪوآپريٽو اڪيڊمي لميٽيڊ

**لاڙڪاڻي جا ادارا:**

- سنڌ سڌار سوسائٽي
- اسلم پبليڪيشن
- جمعيت الشعراء سنڌ

**سکر جا ادارا:**

- لطيف اڪيڊمي
- حبيب پبليڪيشن
- مقبول ميمڻ برادرس
- نئون دؤر پبليڪيشن
- عجائب اسٽور

**بدين جا ادارا:**

- جيلاني پبليڪيشن
- سنڌ اسٽوڊنٽس پبليڪيشن
- لاڙ ادبي سوسائٽي

**تلهار جا ادارا:**

- راحت پبليڪيشن

**شڪارپور جا ادارا ۽ پريسون:**

- اداره محل پبليڪيشن
- سنڌي ڊراما پبليڪيشن



- منظور احمد برادرس

## (پ) ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ علمي، ادبي ادارا ۽ پريسون

- ساهتيه اڪاڊمي (سرڪاري ادارو آهي)
- اپسرا پبليڪيشن، (احمد آباد خانگي)
- اجنتا پبليڪيشن، اجمير
- انجنا پبليڪيشن، احمدآباد
- آتم درشن پرڪاش منڊل
- آر-ڪي پبليڪيشن، جهوناڳڙهه
- پرهه ڦٽي، بمبئي
- ڀارت واسي، بمبئي
- جهولي لعل، احمد آباد
- ڀارت جيون ساهتيه منڊل، بمبئي
- جڳديش بڪ ڊيپو، الهاس نگر
- چندو لعل ساهت منڊل، بمبئي
- ٻال ساهت، احمد آباد
- سنڌي ڪتاب گهر، الهاس نگر
- سنڌي سپوت ساهتيه پرڪاش
- سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس، اجمير
- سورٺ پبليڪيشن، بمبئي
- سرگم ساهت مالا
- شوڀا پبليڪيشن، بمبئي
- سنگيتا، ٻڙودا
- پورڻما، بمبئي
- پرميلا، الهاس نگر
- ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر
- ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، اجمير
- ڪونج پبليڪيشن، بمبئي
- ڪويتا ساهتيه مالها، احمد آباد
- ڪويتا پبليڪيشن، الهاس نگر

- عامر جائي پبليڪيشن، ٻئرا ڳڙهه
- گلستان پبليڪيشن، احمد آباد
- نيلم پبليڪيشن، جئپور
- نيو سنسار سماچار پبليڪيشن، بمبئي
- نو جيون ساهتيه منڊل، اجمير
- سرگم ساهت مالا
- نرگس پبليڪيشن، پونا
- هلچل، بمبئي
- ونڊر، الهاس نگر
- مومل، بمبئي

**رسالا ۽ مخزنون:**

- الڪا، بمبئي، سالياني 1968ع
- آتم درشن، اجمير، ماهوار 1954ع
- آدرش، اجمير، ماهوار 1972ع
- آريه پريمي، اجمير، ماهوار
- آريه وير، اجمير، ماهوار 1977ع
- آهار، الهاس نگر، سالياني 1973
- اسٽيج، احمد آباد، ٽماهي 1978ع
- اظهار، احمد آباد، ٽماهي، 1977ع
- پرهه ڦٽي، بمبئي، ماهوار 1961ع
- پشپ، بمبئي، ماهوار 1958ع
- جوت، بمبئي، ماهوار 1950ع
- جيجل، بمبئي، سالياني 1974ع
- جيوت جوت، بمبئي، سالياني 1970ع
- جيون سنگرام، بمبئي، سالياني 1975ع
- جهاز راني، الهاس نگر، سالياني 1969ع
- چانڊوڪي، آگرو، 1970ع
- درويش درشن، احمد آباد، ماهوار 1979ع
- راجستان، بمبئي ماهوار 1938ع
- رچنا، ڪلڪتو، ٽماهي 1979ع
- رهاڻ، جئپور، سالياني



- زندگي، بوگها، ماهوار
- ستيون، آگرو سالياني 1954ع
- سرهاڻ، الهاس نگر، سالياني 1965ع

سنڌ ۾ ادب جي مختلف صنفن ناول، ڊرامه، افسانا، تحقيقي ادب، تنقيدي ادب، مضمونن ۽ مقالن جا مجموعا، شاعريءَ جا مجموعا، مختلف شاعرن ۽ نثر نويسن جي سنڌي ادب ۾ ڪيل خدمتن، انهن جي زندگيءَ ۽ ٻين پهلوئن بابت ڪتاب شايع ڪندا رهن ٿا، انهن ادارن مان ڪن علمي ۽ ادبي ادارن بابت ڄاڻ ڏجي ٿي:

1- سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو:

سنڌ جو هي هڪ وڏو بين الاقوامي معيار جو، علمي ۽ ادبي ادارو آهي. هن جو بنياد سائين جي ايم سيد، (سيد غلام مصطفيٰ شاهه) 1940ع ۾ وڌو هو.، جڏهن پاڻ ڪجهه عرصي لاءِ سنڌ جو وزير تعليم مقرر ٿيو هو، ان وقت هن اداري جو نالو، ”سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ رکي ڪم شروع ڪيو هو. ان وقت جو چيئرمين سيد ميران محمد شاهه هو. پر بعد ۾ 1951ع ۾ سنڌ سرڪار ان کي، ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي نالي سان، نيم سرڪاري خودمختيار اداري جي حيثيت سان جاري رکيو، محمد ابراهيم جويو کي، ان وقت سيڪريٽري جي عهدي تي نامزد ڪيو ويو هو.

سنڌي ادبي بورڊ جي قيام سان، سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ڪلچر، ثقافت، ادب، تصوف، لغت، لوڪ ادب ۽ ٻين موضوعن تي معياري ڪتاب لکرائي شايع ڪرايا ويا. خاص طور تي لوڪ ادب اسڪيم دوران، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان، 40 چاليهن کان به وڌيڪ ڪتاب لکرائي شايع ڪيا ويا آهن اهڙيءَ ريت سنڌي لغات تي ڪتاب لکرايا ويا، جيڪي پنجن ڀاڱن ۾، هن اداري طرفان شايع ڪيا ويا. انهيءَ کان سواءِ تاريخ جا مختلف ڪتاب، مختلف شاعرن جو ڪلام ۽ ڪيترن نئين وڏن اديبن جا ڪتاب شايع ٿيندا رهن ٿا.

هن اداري جي ڪاميابيءَ ۾، سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ ليکڪن جو اهم ڪردار رهيو آهي، خاص طور تي، علامه آءِ. آءِ. قاضي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، عثمان علي انصاري، سيد ميران محمد شاهه، محمد ايوب کهڙو، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، سائين جي ايم سيد، پير علي محمد شاهه راشدي، سيد حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مخدوم طالب المولیٰ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مولانا غلام محمد گرامي، محترم حسين شاهه راشدي، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، امداد حسينيءَ، شمشيرالحيدريءَ وغيره جي مخلصانه ۽ اڻٿڪ علمي، ادبي، تحقيقي خدمتن جي ڪري، هن وقت به بين الاقوامي معيار قائم رکندو اچي.

هن اداري طرفان 1955ع کان، جديد سنڌي ادب جي اشاعت لاءِ معياري، سه ماهي رسالو ”مهراڻ“ جاري ڪيو، جيڪو اڄ تائين باقاعدگي سان شايع ٿيندو رهي ٿو. هن رسالي ۾ تحقيقي ۽ تخليقي مضمون، تنقيدون، انٽرويوز، ڪتابن تي تبصرا، افسانا، ڪهاڻيون ۽ شاعري پيش ڪئي ويندي آهي. هن رسالي لاءِ امداد حسيني ۽ نفيس احمد ناشاد ۽ ٻيا ايڊيٽر طور پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا رهن ٿا. هن وقت به مهراڻ رسالي جو شمار دنيا جي

بهترين رسالن ۾ ٿئي ٿو. ان کان علاوه هن اداري طرفان، ٻارن جو رسالو، ’گل ڦل‘ جي نالي سان جاري ٿئي ٿو، ۽ عورتن جي لاءِ به ماهوار ’سرتيون‘ رسالو جاري ٿئي ٿو، جنهن ۾ عورتن جا لکيل مضمون، شاعري، ڪهاڻيون، انٽرويو ۽ تبصرا شامل ڪيا وڃن ٿا. سرتيون رسالي ۾، گلبدن جاويد ۽ نجمه پنهور،تمام اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

سنڌي ادبي بورڊ ۾،تحقيق ڪرڻ لاءِ هڪ ناياب ڪتابن سان ڀريل لائبريري به موجود آهي، جنهن ۾ اهم ڪتابن سان گڏ،تقريبن چار سو ڪن ناياب ۽ قيمتي قلمي نسخا پڻ موجود آهن.

هن اداري کي هلائڻ لاءِ،سنڌ سرڪار بورڊ آف گورنرز جي مقرري ڪندي آهي ۽ تعليم کاتي طرفان گرانٽ ملندي آهي ۽ ان جو چيئرمين، سيڪريٽري ۽ بورڊ آف گورنرز وزير تعليم، وڏي وزير جي مشوري سان مقرر ڪيو ويندو آهي.

هن اداري ۾ پرنٽنگ جو شعبو، ڪمپيوٽر جو شعبو، پبليڪيشن ۽ ڪتاب گهر وغيره موجود آهن.

2- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي:

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽيءَ جو علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارو آهي، هِي ادارو ڊسمبر 1962ع ۾،ان وقت جي وائيس چانسلر رضي الدين صديقيءَ جي ڪوشش سان قائم ٿيو، هي ادارو شروع ۾ مرحوم محمد حنيف صديقي، پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سهڪار سان، اولڊ ڪيمپس ۾، هڪ روم تي مشتمل، (سنڌ اڪيڊميءَ) جي نالي سان شروع ٿيو. هن اداري جو پهريون اعزازي ڊائريڪٽر مرحوم محمد حنيف صديقيءَ کي مقرر ڪيو ويو. 1964ع ۾ هن اداري جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر غلام علي الانا کي مقرر ڪري ان جا انتظامي ڪم سندس حوالي ڪيا ويا. انهيءَ کان پوءِ پير حسام الدين راشديءَ ۽ ٻين جي تجويزن سان هن اداري جو نالو ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“ رکيو ويو، جيڪو ٿوري ئي عرصي ۾ دنيا جو مڃيل ادارو بڻجي ويو.

جڏهن اولڊ ڪيمپس ۾، 1971ع ۾ هن اداري جي لائبريريءَ کي شرپسندن باهه ڏيئي ساڙيو هو، انهيءَ کان پوءِ سنڌالاجيءَ کي هڪ ڪمري مان ڪڍي، ڄام شوري ۾ هڪ وڏي جامع ۽ خوبصورت عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي ان وقت جي وائيس چانسلر، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير حسام الدين راشديءَ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي سهڪار سان، هن عمارت ۾ ڪيترائي نوان شعبا مثال طور: تاريخ، ڪلچر ۽ اينٿراپالاجي وغيره قائم ڪيا هئا. هن اداري جو خاص مقصد، هڪ تحقيقي لائبريري قائم ڪرڻ هو، جنهن ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي، ڪلچر، ثقافت، سوشالاجي، اينٿراپالاجي، جي ڪنهن به پهلوءَ تي تحقيق ڪندڙ اسڪالرن جي ضرورت کي پورو ڪرڻ هو. ان کان سواءِ سنڌ متعلق سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڪتاب شايع ڪرائڻ هو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڏينهن رات محنت سان، هن اداري جو علمي ۽ ادبي پروگرام نهايت ئي گهڻو وسيع ٿيندو رهيو. هن اداري جي 36



سال مڪمل ٿيڻ تائين، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جو ڪلچر ۽ ثقافت کان سواءِ سوشالاجي ۽ اينٿراپالاجي وغيرِه جا ڪيترائي شعبه ترقي ڪندا رهيا، جنهن جي رپورٽ 1987ع ۾، سنڌالاجيءَ جي سلور جوبلي ملهائڻ جي موقعي تي پيش ڪئي ويئي.

هن خوبصورت عمارت ۾، هڪ ريسرچ لائبريري موجود آهي، جتي ملڪي ۽ غير ملڪِي اسڪالر، نئين ۽ سائنٽيفڪ طريقي جي ريسرچ ڪندا رهن ٿا. هن لائبريريءَ ۾ ڏيڍ لک کان به مٿي ڪتاب موجود آهن، ڪيترائي ناياب قلمي نسخا به، هن لائبريري ۾ محفوظ آهن.

سنڌالاجي ۾، پير حسام الدين راشدي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو گيلري به موجود آهن. هن اداري جو خوبصورت ترين ميوزم، دنيا جي وڏن ۽ مشهور ميوزمن جهڙو آهي. جيڪو سڄي دنيا جا عالم، اديب، اسڪالر، سياستدان وغيره گهمڻ ايندا آهن ۽ سنڌي ڪلچر ۽ ثقافت کي ڏسي گهڻو متاثر ٿيندا آهن. ان کان علاوه هتي آواز، فلم وغيره جو شعبو، آرٽ گئلري ۽ بڪ شاپ وغيره به موجود آهن.

سنڌالاجي طرفان سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت، تاريخ، اقتصاديات سماجيات، لسانيات، تحقيق، تخليق ۽ تنقيد وغيره جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيندا رهن ٿا. هن اداري طرفان، اداري جي سرگرمين، ڪارنامن، اداري ۾ ٿيندڙ ڪانفرنسن، ليڪچرز ۽ ٻين علمي ۽ ادبي پروگرامن جي رپورٽ سان گڏ، سنڌالاجي ۾ ٻاهران گهمڻ لاءِ ايندڙ شخصيتن بابت ڄاڻ، هر مهيني جي، نيوز ليٽر مان ملندي آهي، جنهن کي محترمه عائشه لالائي ترتيب ڏيندو آهي. ان کانسواءِ ڇهه ماهي سنڌي ادب به شايع ٿيندو رهندو آهي، جنهن جو ايڊيٽر عبدالقادر جوڻيجو هو ۽ هاڻ رضيه ڀگهيو رهيا آهن ۽ گڏوگڏ انگريزي ۾ سنڌالاجيڪل اسٽڊيز رسالو به شايع ٿيندو آهي. هن اداري جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا، مهتاب راشدي، محمد حسين شيخ ۽ شوڪت شورو رهيا آهن.

3- سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد:

سنڌي لئنگويج اٿارٽيِ، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج ڪرائڻ لاءِ قائم ٿيو. هي ادارو سنڌ اسيمبليءَ مان، 1991ع ۾ منظور ٿيل آهي، جنهن ۾ غير سنڌين کي سنڌي ٻولي سيکارڻ سان گڏ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڳالهائڻ، سنڌ جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ۾، ڪورٽن ۾، سنڌيءَ جو استعمال ڪرائڻ، ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارن، رسالن ۾، ۽ ڪورس جيِ ڪتابن ۾ ٻوليءَ جو درست استعمال ڪرائڻ، مقابلي جي امتحانن ۾، سنڌيءَ جو پيپر رکرائڻ، سنڌي ٻوليءَ جي اينسائيڪلوپيڊيا ٺهرائڻ وغيره خاص مقصد هئا، جن تحت هي ادارو قائم ٿيو. هن اداري ۾ انهيءَ مقصد لاءِ مختلف سيڪشن ٺاهيا ويا، جن ۾ انتظامي حصو، اڪائونٽ وارو حصو، آڊيو ۽ پلاننگ وارو حصو شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اڪيڊمڪ لحاظ کان، ترقي ۽ واڌاري واري حصي ۾، پروگرامنگ سيل، ٽريننگ سيل، مانيٽرنگ ۽ Evolution سيل، بيورو آف پراڊڪشن ۽ پبليڪيشن ۽ ٽرانسليشن (ترجمي Publication and Translation سيل، جنهن جي تحت اينسائيڪلوپيڊيا، ريسرچ سيل، سنڌي انگريزي ڊڪشنري سيل، ڊاڪيومينٽري ۽ ببليوگرافيڪل سيل، انڊيڪس سيل، مطالعاتي (Tools)

ڊڪشنري سيل، ريسورسز، ريفرنس، ڊيٽابيس ۽ مائڪرو فلم سيل موجود آهن آڊيوويزل سيل، ميوزڪ، فلم، فوٽوگرافي، سلائيڊس ۽ ٻولي سيکارڻ لاءِ ليبارٽري سيل، ڪمپيوٽر سيل، مارڪيٽنگ سيل، ويئر هائوس ۽ مشهور اسڪالرن جون گيلريون وغيره موجود آهن.

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي پروگرامن ۾ مختلف ليکڪن جا ٻوليءَ بابت لکيل ڪتاب، ڊڪشنريون، اينسائيڪلوپيڊيا، ٻارن جي بيمارين متعلق سائنسي ٽرم. ٽيڪنيڪل ٽرم، سائنس ۽ آرٽ جا خاص لفظ وغيره، متعلق ڪتاب شايع ڪرائڻ ۽ ٽريننگ پروگرام، ورڪشاپ، سيمينار، ليڪچر، ڪانفرنسون ڪرائڻ ۽ سگهڙن سان ڪچهريون ڪرڻ، ايوارڊ ڏيڻ سان گڏ، ڪتاب ترجمو ڪرائڻ، ڇپرائڻ، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، سنڌي شارٽ هئنڊ، ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ، ڪالم لکرائڻ، ڪتاب جي ڊزائن ڪرائڻ، گرافڪ ڊزائن وغيره جا ڪلاس ۽ گڏوگڏ ادبي ڪلاس منعقد ڪرائي مختلف اسڪالرن کان ليڪچر ڏيارڻ، سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ثقافت تي، سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي ڊيٽا بيس Data Base تيار ڪرائڻ وغيره اهم ڪم آهن. ان سان گڏوگڏ قانون جا ڪتاب ترجمو ڪرائي سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ، ان کان سواءِ اسڪولن جي استادن کي ٻولي سيکارڻ لاءِ پروگرام ٺاهڻ، حيدرآباد، ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ غير سنڌي آفيسرن ۽ شهرين کي، اليڪٽرانڪ ميڊيا تي، سنڌي ٻوليءَ جو صحيح استعمال ڪرائڻ، اينسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا (ٽي جلد) تيار ڪرائڻ، سنڌي سماجي لسانيات جي مختلف لهجن ۽ قومن ۽ قبيلن بابت ڄاڻ حاصل ڪري ڊڪشنريون ڇپرائڻ کان علاوه ورهاڱي کان پهرين جا ڇپيل ڪتاب، جيڪي مختلف ڪلاسن (ڪاليجن ۽ يونيورسٽين) ۾ ڪورس تي رکيل آهن، انهن کي نئين سري سان ڇپرائڻ وغيره جو ڪم هي ادارو ڪندو رهي ٿو. هن اداري تحت پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين جي استادن ۽ ادارن جي رهنمائي ڪي، سنڌي ٻولي سيکارڻ، مثال طور: ڪوئيٽا يونيورسٽيءَ جو پاڪستان اسٽڊي سينٽر، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڊپارٽمينٽ آف اورينٽيل ڪاليج، پنجاب يونيورسٽيءَ، سرائڪي ڊپارٽمينٽ آف اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور، فيڪلٽي آف اورينٽيل لئنگويجز ۽ پشاور يونيورسٽيءَ جي استادن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ وغيره اهم ڪمن ۾ شامل آهي.

هن اداري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر نواز علي شوق، حميد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، اين بي جتوئي، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر فهميده حسين چيئرپرسن جي عهدن تي ۽ تاج جويو ۽ ٻيا سيڪريٽريءَ رهيا آهن.

هن اداري کي ڪلچر ۽ ثقافت کاتي جي طرفان گرانٽ ملندي آهي ۽ هن اداري جو سيڪريٽري بورڊ آف گورنرز به ڪلچر ۽ ثقافت کاتو مقرر ڪندو آهي.

4- سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو:

هي هڪ سرڪاري ادارو آهي. جيڪو پاڪستان جي تعليمي ادارن جي درسي ڪتابن شايع ڪرائڻ لاءِ وجود ۾ آيو. شروعات ۾ هي ادارو، ويسٽ ”پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ“ جي نالي سان ڪم ڪندو هو ۽ ان جي ريجنل آفيس حيدرآباد ۾ هئي. پر پوءِ جڏهن ون يونٽ ٽٽو ۽ صوبا بحال ٿيا،



تڏهن هر صوبي جا بورڊ جدا ٿيا، اهڙيءَ ريت 1971ع ۾، هي بورڊ سنڌ صوبي ۾ وجود ۾ آيو ۽ پوءِ اهو ”سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ“ جي نالي سان ڪم ڪري رهيو آهي. هن بورڊ جو پهريون چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، پوءِ سيد غلام مصطفيٰ شاهه هو ۽ پوءِ ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني، علي محمد مهر، محمد صالح راهو، پروفيسر اڪرم انصاري، مراد علي خان نظاماڻي، غلام رسول ڪوڪر، ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ، محترم حميد سنڌي، پروفيسر مشتاق سندراڻي، ڊاڪٽر شريف ميمڻ، پروفيسر عزيز مهراڻوي وغيره چيئرمين جي عهدي تي رهيا آهن.

هن بورڊ جو خاص مقصد، سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾، پهرين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين، درسي ڪتاب شايع ڪرڻ آهن، جن ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي سبجيڪٽ کان سواءِ اسلاميات، عربي، ميٿس، جاگرافي، سوشل اسٽڊي، فزڪس، ڪيمسٽري، بائلاجي ۽ پاڪستان اسٽڊيز وغيره جا ڪتاب شايع ڪري، مناسب قيمت تي مهيا ڪرڻ آهي. هن وقت ته حڪومت طرفان بورڊ جا ڪتاب اسڪولن ۾ مفت تقسيم ڪيا وڃن ٿا.

هن بورڊ کي، درسي ڪتاب جو سليبس، سينٽرل گورنمينٽ کان ملندو آهي، جنهن تي بورڊ جو چيئرمين مختلف سبجيڪٽ جي ماهرن جو پينل مقرر ڪندو آهي، جن کان ڪتاب لکرايا ويندا آهن. ڪتابن ۾ ٻوليءَ وغيره جي درستگيءَ لاءِ رويو ڪاميٽي به مقرر ڪئي ويندي آهي. هن وقت سنڌيءَ جي ڪتابن جي رويو ڪاميٽيءَ ۾ آئون پڻ ميمبر طور ڪم ڪندي رهان ٿي. هي واحد ادارو آهي، جنهن وٽ جديد مشينن واري پنهنجي پريس آهي، جنهن جي ذريعي ڪتاب شايع ٿيندا آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پاڻ وٽ پبلشرس، رجسٽرڊ ڪندي آهي، پوءِ انهن جي تجربي مطابق معياري ڪتاب ڇپرائڻ ۽ وکرو ڪرڻ لاءِ Allocation ڪندي آهي. انهن کان رائلٽي به وٺندي آهي، جنهن تي بورڊ جو ڪاروهنوار هلندو آهي. هي سيلف ارننگ ادارو آهي، جنهن کي گورنمينٽ جي طرفان ڪابه گرانٽ نه ملندي آهي. هن اداري طرفان شايع ٿيندڙ ڪتابن جي قيمت تمام گهٽ هوندي آهي. ڪتابن جي قيمت، بورڊ پنهنجي فارمولا تحت مقرر ڪندي آهي، جنهن ۾ ڪتاب جي ڇپائيءَ جو اصل خرچ، رائلٽي ۽ پبلشر جو نفعو ڏسي، قيمت مقرر ڪئي ويندي آهي.

هن اداري جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي، سيڪريٽري ايجوڪيشن هوندو آهي. هن اداري جي چيئرمين جي تقرري، وڏي وزير جي منظوري سان ٿيندي آهي ۽ سيڪريٽري جي تقرري ايجوڪيشنل ڊپارٽمينٽ ڪندو آهي ۽ بورڊ آف گورنرس، وڏي وزير جي مشوري سان تعليم کاتو ئي مقرر ڪندو آهي.

هن اداري ۾ مختلف شعبا ڪم ڪندا رهندا آهن، انهن ۾ انتظامي شعبو، اڪائونٽس جو شعبو، آڊٽ جو شعبو، سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، پبليڪيشن، پروڊڪشن، اڪيڊمڪ سيڪشن، لائبريري، اسٽور سيڪشن، پيپر سيڪشن وغيره شامل آهن.

5- شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد:

هي ادارو 1962ع ۾، شاهه ولي الله جي، اسلامي حڪمت عملي ۽ سندس تعليمات، علمي ۽ تحقيقي ڪم ۽ فلسفي کي فروغ ڏيڻ لاءِ ۽ سندس فڪر جي اشاعت کي عام ڪرڻ لاءِ قائم ٿيو هو.

شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد لاءِ، سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽي جي ويجهو، سجاول جي هڪ علم دوست خاتون، مرحوم شاهه عبدالرحيم جي اهليه، اڍائي لک روپيا روڪڙ ۽ ٻارنهن سو ايڪڙ زمين جو عطيو، اوقاف کاتي کي، شاهه ولي الله جي تعليم کي اُجارڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ ڏنو هو، انِ وقت جي سنڌ جي گورنر، جناب امير محمد خان جي دور ۾، هن اڪيڊميءَ کي قائم ڪيو ويو.

هن اڪيڊميءَ جو خاص مقصد، شاهه ولي الله جي اسلامي فڪر ۽ فلسفي کي فروغ ڏيڻ هو، انهيءَ ڪري شاهه صاحب جي تصنيفن ۽ ان جو پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ ترجما ڪرائڻ ۽ انهن کي شايع ڪرائڻ سان گڏ، شاهه صاحب جي تعليم ۽ فڪر تي ڪتاب لکرائڻ ۽ انهن جي نشر و اشاعت جو انتظام ڪرڻ، هڪ بهترين ۽ معياري لائبريري قائم ڪرڻ، جتي شاهه صاحب جي اسلامي تعليمات ۽ تصنيفن جو ذخيرو مهيا ڪرائڻ ۽ شاهه صاحب جي ڪتابن عام ماڻهن تائين، واجبي قيمت تي پهچائڻ هو، جنهن سان عام ماڻهو شاهه صاحب جي علم ۽ فڪر کي سمجهي سگهي ۽ ڄاڻ به حاصل ڪري سگهي هنِ اداري طرفان مختلف رسالا پڻ جاري ڪيا ويا، جيئن ’الرحيم‘ رسالو سنڌيءَ ۾، ’الحڪمته‘
رسالي هن اداري طرفان شايع ٿيندو رهيو.

هن اداري جو پهريون نگران ۽ ڊائريڪٽر علامه غلام مصطفيٰ قاسمي هئا، جن سان گڏ، هن اداري کي هلائڻ لاءِ نون ڊائريڪٽرن جن ۾ پروفيسر غلام حسين جلباڻي، مخدوم امير احمد، قاضي احمد محمد، مولانا عزيز احمد، محمد سرور ۽ سيد باقر علي شاهه وغيره تي مشتمل هڪ بورڊ ٺهيو، جيڪو پنجن سالن تائين ڪم ڪندو رهيو. هن اداري جو علامه قاسمي صاحب تاحيات چيئرمين رهيو ۽ هاڻي ڊاڪٽر عابد لغاري چيئرمين آهي.

هن اداري جي ڪم ڪار جي نظرداريءَ لاءِ پنجن فردن تي مشتمل مجلس عامله جي تقرري ڪئي ويئي، جنهن ۾ اوقاف کاتي جو چيف ايڊمنسٽريٽر، چيئرمين هو، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، وائيس چيئرمين، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ميمبر ۽ محمد سرور ميمبر ۽ اوقاف کاتي جي سدرن زون جو ايڊمنسٽريٽر ميمبر هوندا هئا. هن اداري طرفان ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا شايع ٿيندا رهيا.

6- آر. ايچ. احمد برادرس، حيدرآباد

هي ادارو ورهاڱي کان پوءِ ترت ئي قائم ٿيو، هن اداري طرفان سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرنِ ۽ ليکڪن جا ِ درسي، علمي ۽ ادبي ڪتاب، ڊڪشنريون، ناول ۽ شاِعريءَ وغيره تي سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب شايع ڪيا، سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ هن اداري اهم ڪردار ادا ڪيو، پر هاڻ هي ادارو بند ٿي ويو آهي.

7- سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي:

هيءُ ادارو 1939ع ۾، ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽي قائم ڪيو. هن اداري ۾ سنڌي ليکڪن جون قديم ۽ جديد تصنيفون، يعنِي نوان لکيل ڪتاب ۽ اڳ ۾ لکيل ڪتابن کي وري نئي سري شايع ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌي ادب جي حفاظت ۽ ترقي ڪرائڻ، هن اداري جو خاص مقصد هو. ڊاڪٽر صاحب جي وفات کان



پوءِ، سيد ميران محمد شاهه، هن اداري جو روح روان هو. 1968ع ۾ هن اداري طرفان بيگم خديجه دائودپوٽو، ’اديون‘ رسالو شايع ڪرايو، ان کان سواءِ هن اداري طرفان ڪيترائي علمي ۽ ادبي ڪتاب شايع ٿيندا رهيا.

8- زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد:

هي ادارو، سنڌ پرنٽنگ پريس جي مالڪ شيخ احمد رحمان بائينڊرس، ورهاڱي کان ترت ئي پوءِ 1951ع ۾ قائم ڪيو هو. هنِ اداري طرفان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچِ جو ڪتاب، ’پيلاڙين جا ٻول‘ ڊاڪٽر غلام علي الانا جا ڪتاب، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ۽ ’سنڌي نثر‘ جي تاريخ ۽ ٻيا ڪيترائي درسي ڪتاب، علمي ۽ ادبي ڪتاب، افسانا، ناول، ڊراما، تاريخ، لوڪ ادب ۽ تنقيدي ادب جا ڪتاب شايع ٿيا هئا. جنِ مان ڪجهه ڪتاب مثال طور: آخري رات، ممتازِ مرزا جو، ڦڙاڦو سوئي سڌ، سراج الحق ميمڻِ جو، پٿر تي ليڪو، نجم عباسيءَ جو ۽ غريبن جو وارث، نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جو وغيره شايع ڪيا.

9- سنڌي اڪيڊمي صدر، حيدرآباد:

هيءُ ادارو، ڪن سنڌي نوجوان اديبن جي سرپرستيءَ هيٺ، 1976ع قائم ٿيو. اسلم لغاري هن اداري جو روح روان هو، هن اداري ٿوريِ ئي عرصي ۾ ڪيترائي ادبي ڪتاب شايع ڪيا، جن ۾ ناول، افسانا ۽ شاعريءَ جا مجموعا شامل آهن. انهن ۾، ’اڻ پورو انسان‘، ’تخليق جو موت‘، ۽ ’مرگهه ترشنا‘ ڪتاب وغيره شامل آهن.

10- اداره ادب نو، حيدرآباد:

طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل، 1959ع ۾ ’اداره ادب نو‘ نالي سان، هي اشاعتي ادارو قائم ڪيو، هن اداري جو پهريون ڪتاب، پهريون قدم 1960ع ۾ شايع ڪيو، جنهن ۾ مختلف افسانه نگارن جا لکيل افسانه شايع ڪيا، ٻيو قدم 1968ع ۾ شايع ڪيو، جنهنِ ۾ غلام نبي مغل جون ڪهاڻيون شايع ڪيون ۽ ٽيون قدم ۾ شمشيرالحيدريءَ جو مجموعو ”لاٽ“ شايع ڪيو. ان کان علاوه، هن اداري طرفان ڪيترائي افسانن جا مجموعا، ناول ۽ سفرنامه وغيره شايع ڪيا. انهن ۾ سونهن پٿر ۽ پيار، نئون شهر، عورت ۽ پيار، ڪرنڌڙ ديوارون، غدار، بندر بازاريون، وايون وڻجارن جون، ڏوري ڏوري ڏيهه وغيره ڪتاب شامل آهن. هن اداري تحت 1966ع کان سهڻي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو هو، جنهن ۾ غلام نبي مغل، نظير ٽيپو، منصور قريشيِ، نسيم کرل، ظفر حسن شاهه به سهڪار ڪندا رهيا. سهڻي رسالو باقاعدگيءَ سان نڪرندو هو ۽ ان جا خاص نمبر جن ۾ شيخ اياز نمبر، امر جليل نمبر ۽ نسيم کرل نمبر، خاص اهميت رکندڙ آهن. طارق اشرف هن رسالي جا بهترين ايڊيٽوريل لکندو رهيو.

11- محمد بن قاسم، سنڌي ادبي سوسائٽي، حيدرآباد:

هي ادارو، سيِد علي مير شاهه جي صدارت ۾ قائم ٿيو، هن اداري پاران خليق مورائيءَ جو ناول، ”سنڌري“ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا.

12- سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد:

محترم محمد ابراهيم جويي ۽ ع- ق شيخ، هي ادارو 1975ع ۾، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ، منصور چيمبرس، گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ قائم ڪيو. هن اداري پاران ڪيترائي معياري ڪتاب شايع ڪيا ويا، جن ۾ ”شاهه، سچل ۽ سامي“، ڪپر ٿو ڪُن ڪري، ڪنول پاڙون پاتال ۾، محبت جي راهه تي، ٻاويهه سو ٻاويهه، ڳالهيون من اندر جون، جنسار وغيره ڪيترائي ناول، افسانا ۽ شاعريءَ جا ڪتاب شايع ڪيا ويا ۽ هن اداري طرفان، ”الوحيد“ جو آزاد نمبر وغيره پڻ شايع ٿيا.

13- راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد:

هن اداري طرفان ڪيترائي علمي، ادبي ڪتاب جهڙوڪ ناول، ڊرامه، افسانا وغيره شايع ڪيا ويا، جن ۾ ”ساهيڙي“ ناول ۽ ”اڌري وچ ري ڪونج“ شامل آهن.

14- ناري پبليڪيشن، حيدرآباد:

هن اداري جي روح روان پروفيسر نظير ناز آهي، هن اڪيلي سر پنهنجي ذاتي خرچ تي ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا ۽ نون ليکڪن کي متعارف ڪرايو. هوءَ ڪتابن جي ڇپائي ۽ معيار جي سلسي ۾، ظفر حسن شاهه، ماهتاب محبوب ۽ ٻين سان وقت بوقت صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ رابطو رکندي هئي. سندس اداري مان اڄا تائين به ڪتاب شايع ٿيندا رهندا آهن. روشن چانورو، پيار جو آئينو، هٿ ريکائن ڪان خالي، علي بابا گم، غزل چو نه چوان، جيون ليکا، امن جي تلاش، شمع ٻاريندي شب، پرهه ٻاڪون ڪڍيون، جيل ڪي ڊائري، زندگي پوگ، امريڪا جا رنگ، ماندي ٿي نه مارئي وغيره ڪتاب جن ۾ ڪهاڻيون، ناول، آتم ڪٿا، سفرنامه، جيل ڊائري، يادگيريون ۽ شاعِري وغيره جا ڪتاب شامل آهن. نذير ناز پاڻ به هڪ سٺي ليکڪا آهي، انهيءَ ڪري سندس ڪتاب جن ۾ هيل نه ڪو سنگ ڪاٿم، ڪل جا خستوري، ڌاهيون ڌڪ ڌسن، اڄايل ناري، ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، هي ڪهڙو ٻنڌڻ، هنج، جهرٽا وغيره ڪتاب شايع ڪيا.

15- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد:

هي ادارو گلشير بلوچ قائم ڪيو. هن اداري طرفان سنڌ جي ڪيترن ئي ليکڪن جن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نورافروز خواجه، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، مولانا عبيدالله سنڌي، مرزا قليچ بيگ، مرزا فتح علي بيگ، مير عبدالحسين سانگي، نارائڻداس ملڪاڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي وغيره جا 70 ڪان وڌيڪ ڪتاب جن ۾ تحقيقي ۽ تنقيدي مضمونن جا مجموعا، ناول، ڪهاڻيون، تاريخ وغيره شايع ڪيا آهن.

16- گنج بخش ڪتاب گهر، عمران بڪ، حيدرآباد:

هن اداري کي، حاجي محمد عثمان ۽ عمران پنهنجي ذاتي خرِچ تي قائم ڪيو آهي. هي ادارو ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ رجسٽرڊ به آهي، انهيءَ ڪري



درسي ڪتاب شايع ڪرڻ سان گڏوگڏ ادبي ڪتاب، لغت ۽ گرامر جا ڪتاب، شاهه جو رسالو، شيخ اياز بابت ڪتاب ۽ ڪيترائي تحقيقي، تخليقي ڪتاب، ناول وغيره شايع ڪندو رهي ٿو. هن اداري طرفان، ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي، ڊاڪٽر نور افروز خواجه، قربان علي سولنگي، قيوم طراز صاحب، مشتاق مسرور باريچو، اڪرم انصاري لاڙڪاڻي وارو وغيره جا ناول، افسانه ۽ شخصيتن وغيره تي ڪتاب شايع ڪيا آهن.

17- سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو:

سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان مختلف استادن، عالمن ۽ اديبن جون لکڻيون، انهن جا تحقيقي مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا. هن اداري طرفانِ سوڪڙي، سوغات، پرک ۽ ڪينجهر جا 11 پرچا ۽ شاهه لطيف جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي، خاص ڪتاب ”اگهيا سٽ سندا“ ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ شعبي طرفان تحقيقي مخزن، ڪينجهر جي شايع ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي.

18- ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد:

ماڻڪ موتي تنظيم جو بنياد، محمد عثمان منگي، 1980ع ۾ وڌو. هو اڪيلي سِري، پنهنجي ذاتي خرچ تي هن اداري کي تمام گهڻي ڪاميابيءَ سان هلايو آهي. هن اداري جو خاص مقصد سنڌي اديبن، اسڪالرن، عالمن، اداڪارن، سگهڙن، استادن ۽ ذهين شاگردن، صنعتي هارين ۽ پورهيتن جي همت افزائي ڪرڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، محمد عثمان ڏيپلائي، نواب ولي محمد لغاري، نسيم احمد کرل، احمد ملاح وغيره تي ڪتاب شآيع ڪرايا، جن ۾ انهن ليکڪن جي زندگي، علمي ۽ ادبي ڪاوشون، خط يادگيريون شايع ڪيون، هن تنظيم جي آئنده جي پروگرامن ۾ شاهه لطيف جي زندگي ۽ شاعري ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا، شوڪت شورو، ڊاڪٽر قاضي خادم تي ۽ ماءُ جي دعا جيِ نالي ڪتاب شايع ڪرڻ جو پروگرام آهي.

انهيءَ کان علاوه حيدرآباد، ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به ڪيترائي اشاعتي ادارا، ادبي ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪري رهيا آهن ۽ ڪيترن عالمن، اسڪالرن جي تاج پوشي ڪئي ويندي آهي ۽ ڪيترن کي انعام و اڪرام سان، نوازيو ويندو آهي.

19- زندگيِ پبليڪيشن حيدرآباد

هيءَ پبليڪيشن، محترم حميد سنڌيءَ پنهنجي ذاتي خرچ تي شروع ڪئي. جيڪا 1958ع کان باقاعده ڪم ڪندي رهي ٿي. هن پريس جي ذريعي شروعات ۾، سنڌي اديبن ۽ ليکڪن جا ڪتاب شايع ڪيا ويا، جن ۾ سيمي (حميد سنڌي)، پشو پاشا (جمال ابڙو)، آبحيات (غلام رباني)، اداس واديون (حميد سنڌي) ويرون (حميد سنڌي)، راتيون جاڳن جي (ناصر مورائي ۽ رسول بخش پليجو جا ڪتاب شايع ٿيندا رهيا.

حميد سنڌي ويهن (20) سالن جي عمر ۾ 1960ع کان هن پريس ذريعي ماهوار ”روح رهاڻ“ رسالو جاري ڪيو، هن رسالي جي مشهوري سبب هن جون پهرين هڪ هزار ڪاپيون، پوءِ پندرهن سو ۽ آخر ۾ به هزار ڪاپيون شايع ٿينديون ۽ وڪامنديون هيون.، هن رسالي ۾، ڊاڪٽر غلام علي

الانا جا لندن مان سلسليوار خط، لندن جي ڊائريءَ جي نالي سان شايع ٿيندا هئا. ان کان سواءِ امر جليل، جمال ابڙي، آغا سليم، عنايت بلوچ، شيخ اياز، شمشيرالحيدري، امداد حسيني، نياز همايوني ۽ رسول بخش پليجي جا مضمون، شاعري ۽ ڪهاڻيون وغيره شايع ٿيندا رهيا. هن رسالي ذريعي سنڌي ادب ۾ پيدا ٿيل نون لاڙن جي نمائندگي پڻ ٿيندي رهي. ان کان سواءِ هن رسالي ذريعي ترقي پسند ليکڪن، رجعت پسند ليکڪن جون لکڻيون گڏوگڏ شايع ٿينديون رهيون. حميد سنڌي هن رسالي جا ايڊيٽوريل لکي، سنڌي قوم ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي ادارن جي تحفظ بابت شعور پيدا ڪندو رهيو.

هن رسالي جا ليکڪ جن ۾ اشفاق، سليم خواجه، امداد حِسيني، حفيظ شيخ، ناصر مورائي، جام ساقي وغيره ڪي بقول حميد سنڌيءَ جي جنوني گروپ هو، انهن جديد ادب تخليق ڪرڻ سان گڏوگڏ ون يونٽ جي خلاف، تعليم عام ڪرڻ لاءِ بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ نوجوانن ڪي تحفظ ڏيڻ لاءِ وغيره جي مسئلن تي به لڳاتار لکندا رهيا. هن رسالي جا 1969ع تائين تقريبن نوي 90 ڪامياب پرچا نڪتا ۽ 1965ع کان هن اداري طرفان هر سالِ جشن روح رهاڻ جو فنڪشن ڪيو ويندو هو، جيڪو هن وقت به حميد سنڌيءِ جي گهر ۾ هر ٻئي آچر تي يعني هر پندرهن ڏينهن روح رهاڻ جي نالي سان گڏجاڻي ٿيندي آهي جنهن ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن ۽ ليکڪن ڪي پنهنجي اظهار جو موقعو ملندو آهي، جنهن ۾ سنڌي اديبن سان گڏجاڻيون ۽ انهن جي علمي ادبي خدمتن تي روشني وڌي ويندي آهي، ان کان سواءِ سنڌي اديبن ۽ عالمن اسڪالرن ۽ شاعرن جا ڏهاڙا پڻ ملهايا ويندا آهن. مثال طور شاهه لطيف، سچل، گرامي صاحب وغيره.

هي رسالو 1969ع کان سرڪار طرفان ڊڪليريشن ختم ٿيڻ ڪري بند ڪيو ويو.

20- سنڌ يونيورسٽي پريِس: حيدرآباد

سنڌ يونيورسٽيءِ ۾، علامه آءِ. آءِ. قاضي، 1952-53ع ۾ وائيس چانسلر مقرر ٿيو. پاڻ 1954ع ۾، جرمنيءَ مان ڏيڊ لک روپين ۾، جديد مشين گهرائِي پريس جي شروعات ڪئي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پرِيس جي ڪميٽيءَ جو شّروعاتي ميمبر هو، علامه صاحب، جي يونيورسٽيءِ جي لاءِ اها سوچ هوندي هئي ته ان ۾ لائيبريري پريس، ڪتاب وغيره سڀ موجود هجڻ گهرجيِ، ته جيئن شاگردن ۾ تعليم جو شوق پيدا ٿئي ۽ پريس ذريعي يونيورسٽيءِ جا پنهنجا پيپر ڇپجن، ڪتاب شايع ٿين، مخزن ۽ تحقيقي رسالا وغيره شايع ٿين.

علامه صاحب جي انهيءَ خواهش جي پيروي ٿي، جو هن پريس ذريعي ڪيترائي تحقيقي ڪتاب، ترجمو ڪيل اردو ۽ انگريزي ۾ ڪتاب شايع ٿيا. هن پريس لاءِ هڪ مئنيجر مقرر ڪيو ويندو آهي، جيڪو سڄو ڪم ڪار سنڀاليندو آهي، صديقي صاحب، پٺو صاحب، ذوالفقار سيال ۽ ٻين مئنيجر طور ڪم ڪيو آهي. هن پريس ذريعي ادبي ڪتابن سان گڏ ڊڪشنريون، تحقيق، مخزن ڪينجهر، سنڌي شعبي جو ۽ ٻيون مخزن، ڪئٽلاگ، امتحاني پيپر، آفيس ورڪ جا پيپرز وغيره شايع ٿيندا رهندا آهن.



21- مارئي پبليڪيشن: حيدرآباد

سنڌي عورتن جو واحد پاڪيزه پهرين هفتيوار ۽ پوءِ ماهنامو، ”مارئي“، آڪٽوبر 1955ع کان وٺي شروع ٿيو. هن رسالي جي ايڊيٽر، بيگم زينت چنه هئي. بيگم زينت چِنه خود هڪ اديبه هئي، سنڌس ڪيترِيون ڪهاڻيون به شايع ٿيل آهن. انهيءَ ڪري هن ادبي رسالي ڪڍڻ جو سهرو به سندن مٿي تي هو. شروع شروع ۾، هي رسالو سنڌ يونيورسٽي پريس مان نڪرندو هو. مارئي رسالي ذريعي، سنڌ جي عورتن جي ترجماني ڪئي ويندي هئي. عورتن جا لکيل سفرنامه، افسانا، مضمون، شاعري، رڌپچاءُ ۽ صحت جون ڳالهيون وغيره شايع ٿينديون هيون، جنهن ڪري سنڌي عورتن ۾ لکڻ پڙهڻ جو شعور وڌندو رهيو ۽ انهن جي همت افزائي ٿيندي رهي، هن رسالي ۾ عورت ليکڪائن مثال طور: زينت چنه، ثميره زرين، رشيده حجاب، سندري اتم چنداڻي وغيره سان گڏ مردن جون لکڻيون به شامل ڪيون وينديون هيون. مثال طور: ناصر مورائي، بلاول پرديسي، حميد سنڌي، شبير مورياڻي، بردو سنڌي، مولائي شيدائي، تنوير عباسي وغيره.

هن رسالي جا ايڊيٽوريل، بيگم زينت چنه لکندي هئي. جنهن ۾ عورتن جي مسئلن ۽ انهن جي حقن بابت، خاص طور تي لکيو ويندو هو، هن رسالي ۾، ٻارن جي نفسيات تي، گلن جهڙا ٻارڙا عنوان سان مضمون شايع ٿيندا هئا. عورت ۽ اسلام ۾ عورت بابت ۽ عورت جي ازدوا جي زندگيءَ بابت ۽ ننڍپڻ جي شادي، عورتن تي مغربي تهذيب جو اثر، خوشحال زندگي ۽ عورتن جي ڪمزورين، پٽ، پاراتا ۽ ڪامڻ ۽ ٻين خاص ڳالهين بابت اصلاحي مضمون پڻ شايع ٿيندا هئا. هن رسالي جا ڪيترائي خاص نمبر پڻ نڪرندا هئا. مثال طور: عيد نمبر ۾، جڏهن عيد ٿيندي هئي ته سپني ڪي مضمون ذريعي اهو پيغام ڏنو ويندو هو ته هر مارئي ڀيڻ جو فرض آهي ته پنهنجي اوڙي پاڙي، غريبن يتيمن، بيوسيلن ۽ انهن جي ٻارن ٻچن جو خيال رکن.

خاص نمبر 1957ع مئي ۾، مضمون، افسانا، نظم، غزلِ، لاڏا، سهرا، ڪافيون، هنر، گهرو ادب وغيره ۽ آزادي نمبر ۾ آزاديءَ بابت مختلف مضمون شايع ڪيا ويندا هئا. بيگم زينت چنه جو بمبئي جو ۽ ٻين اديبائن جا سفرنامه وغيره پڻ شايع ٿيندا هئا.

پاڪستان کان پوءِ، عورتن جو اهو واحد ئي پرچو هوندو هو، جيڪو باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندڙ ۽ ڪامياب رسالو هو. فيبروري 1958ع ۾ هن رسالي جي، پهرين سالگرهه نِهايت ئي ڌام ڌوم سان ملهائي ويئي، هي رسالو 1960ع تائين هليو، پوءِ انهيءَ جو ڊڪليئريشن رد ڪيو ويو. وري 1972ع ۾ بيگم نصرت ڀٽو، انهيءَ رسالي کي جِاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته عورتن جي رسالي کي جاري رکيو وڃي، انهيءَ ڪري وري هن رسالي کي جاري ڪيو ويو ۽ هر مهيني تقريبن 4000 ڪاپيون شايع ٿينديون هيون. هن رسالي ۾ محترم عبدالله چنه، حميد سنڌي، بيگم زينت چنه سان سهڪار ڪندا رهندا هئا.

22- سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي:

سنڌيڪا اڪيڊمي، برطانيه جي ’برٽينيڪا‘ جي طرز تي 1991ع ۾ قائم ڪئي ويئي. سنڌيڪا، سنڌ جي قومي وجود جي سگهاري تسلسل لاءِ، ٿيندڙ گهڻ طرفي جاکوڙ جو آزادانه ۽ اڻ ڌريو محاذ آهي. جيڪو بنا ڪنهن ريا ۽

تعصب جي، سنڌين جي علمي، ادبي، شعوري، نفسياتي، سائنسي ۽ سماجي ترقي لاءِ، علمي بنيادن تي ڪوششون ڪندو رهيو آهي.

سنڌيڪا جو مقصد آهي. سنڌين جي ڏاهپ جي سرچشمن جي تسلسل ۽ مستقل وهڪري کي، يقيني بنائڻ لاءِ ڪوشش جاري رکڻ. هيءَ اڪيڊمي پنهنجي محدود وسيلن علمي، شعوري ۽ سماجي ميدانن ۾ رهيل ڪوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ٿي. انهيءَ لاءِ هن پريس ذريعي سنڌ جي ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت، مختلف علمي ۽ سنجيده ادبي ڪتابن کي شايع ڪرڻ، مختلف موضوعن تي لکيل شاهڪار ڪتابن جو، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اهم ۽ ناياب ڪتابن کي ڇپرائڻ سان گڏوگڏ، جديد دور جي تقاضائن مطابق گهربل ڪتاب، لکرائي شايع ڪرايا آهن. هن وقت تائين تقريبن 250 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي نهايت ئي خوبصورت ٽائيٽل سان ٺهيل، سٺي پني تي ۽ تمام بهترين نموني سان ڇپايل هوندا آهن. سندن ڪتابن جي معياري هجڻ جي ڪري، اهي گهڻا ماڻهو پڙهن ٿا ۽ اهي ڪتاب گهڻي تعداد ۾ وڪامجندا. هن اداري ذريعي، سنڌ جي تاريخ، فلسفي، ادب نثر خواهه شاعري، سنڌ جا ماڳ مڪان، ڪوٽ ۽ قلعا، مختلف تحريڪن، ڪراچي ۽ ٻين شهرن بابت مڪمل ڄاڻ ڪان سواءِ، شاهه لطيف جو رسالو، غلام محمد شهواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، شيخ اياز جو ترجمو ڪيل ڪتاب عطا محمد ڀنڀرو جو ترجمو ڪيل ڪتاب، آفتاب ابڙي جو شاهه لطيف بابت ڪتاب، سوانح عمريون، يادگيريون، شخصيتن بابت ڄاڻ، وتائي فقير، بينظير ڀٽو، مختلف خليفن، حضرت علي وغيره جو ذڪر، عالمي تاريخ ۽ تهذيب، جن ۾ قومن جي تاريخ ۽ تهذيب جوِ ذڪر هوندو آهي، اخلاقيات ۽ ڏاهپ تي ڪتاب، مثنوي مولانا روم، سعديءَ ۽ روضي جون رهاڻيون، فلسفي جي ڪتابن ۾ شاهه ولي الله ۽ ٻين جو فلسفو، فڪشن يعني ادب جِي ڪتابن ۾ ڪهاڻيون، لوڪ ڪهاڻيون، تحقيق ۽ لسانيات جا ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ۽ سنڌ جي قديم قبيلن بابت ڪتاب، تنقيد جا ڪتاب، صحت، تعليم، نفسيات، جديد تعليمي ۽ تدريسي طريقي تي گرامر جا ڪتاب، ڊڪشنريون جن ۾ اسٽوڊنٽس، پاڪيٽ ڊڪشنري، بيسڪ گرامر، اسڪول گرامر، اسٽوڊنٽس گرامر، پريڪٽس گرامر، اپلائيڊ گرامر، ٻارن جا ڪتاب، ٻارن جون ڪهاڻيون، ٻاراڻا ٻول، روشن تارا گيت، شخصيت سيريز، پاڪيٽ سيريز، متفرقه ڪتاب، اسلام جا ڪتاب، مذهب جو فلسفو، ڪيميائي سعادت، قرآنيِ الاهيات، نبي پاڪ جو پيغام، قرآن جو ذڪر، شريعت، ڪاميابيءَ جي زندگيءَ جو ذڪر ۽ اسلام جي تاريخ، قصص الانبياءِ، مسلمان عورت، اسما الحسني، سيرت النبي، قرآني آيات، ملفوظات، مختلف سياسي ليڊرنِ، اديبن ۽ شاعِرن، نيڪ عورتن وغيره جا ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن اڪيڊميءَ جي ڪاميابيءَ جو سهرو محترم نور احمد ميمڻ جي سر تي آهي.

23- ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد:

ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، موهن مدهوش جي سرواڻيءَ هيٺ 2004ع ۾ وجود ۾ آئي. هن اداري ٿوري ئي وقت اندر سنڌ ۽ هند جي وڏن ليکڪن جا ڪتاب ڇپائي پنهنجي مڃتا ماڃي آهي. ڪتابن جي گيٽ اپ ۽ سهڻي ڇپائي، هن اداري جي اهميت ۾ واڌارو آندو آهي. ڪويتا پبليڪيشن پاران اڄ تائين تقريباً 58 ڪتاب ڇپايا ويا آهن، جن ۾ ناول، افسانا، آتم ڪٿا، تاريخ، تحقيق، شاعري،



ڪهاڻي، ثقافت، صحت ۽ تحقيق شامل آهن. ڪويتا پبليڪيشن نه صرف نون ليکڪن ۽ شاعرن کي متعارف ڪرايو آهي پر سنڌي ادب جي اهم نالن جهڙوڪ: جمال ابڙو، شيخ اياز، عطا محمد ڀنڀرو، قاضي خادم، عبدالقادر جوڻيجو، مراد علي مرزا، نصير مرزا، ماهتاب محبوب، ماڪن شاهه رضوي، اشتياق انصاري، اڪبر سومرو، ولي رام ولڀ، ريٽا شهاڻي، ڪلا پرڪاش، گوبند خوشحالاڻي، شريڪانت صدف، پروفيسر سترامداس سائل، ايوب ڪوسو، دانش مهدي، ادريس جتوئي، سوز هالائي، عامر سيال، گلشن لغاري، پروفيسر فخرالنساء ٽالپر، مهاتما گانڌي، امين ارباب ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن جي ڪتابن کي ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. ڪويتا پبليڪيشن جو مقصد ـ سنڌ جي سماج، تهذيب، ثقافت ۽ شعورِ کي اُجاگر ڪرڻ آهي، جنهن لاءِ ٻين ٻولين مان ڪتاب ترجمو ڪرائي سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ، هن پبليڪيشن جي ترجيح رهي آهي.

# ببليوگرافي


**سنڌي ڪتاب:**

(1) ابراهيم خليل، ڊاڪٽر: بلبلِ سنڌ، حيدرآباد، سلسله اشاعت 1961ع
(2) ايضاً، ادب ۽ تنقيد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد 1975ع
(3) اُتم اي-جي: شبد ۽ سنسڪرتي، بمبئي، ڪونج پبليڪيشن، 1982ع
(4) امر جليل: دل جي دنيا (افسانه)، سگنڌ پبليڪيشن، 1991ع
(5) ايضاً، جڏهن مان نه هوندس، نيوفيلڊس پبليڪيشن 1991ع
(6) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي نثر جي تاريخ، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1962ع
(7) ايضاً: ادبي اوسر، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد
(8) ايضاً، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1996ع
(9) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: لوڪ ڪهاڻيون، جلد 7، سنڌي ادبي بورڊ 1987ع
(10) ٻوهيو، الهداد ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع
(11) پٺاڻ، غلام حسين ڊاڪٽر: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ، ايضاً، 1982ع
(12) پرم ابيچنداڻي: ست سار، اجمير، ڪوهنور پرنٽرس، 1992ع
(13) پريم پرڪاش، ڊاڪٽر: سنڌي ناٽڪ جي اوسر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1993ع

(4) لياقت نئشنل لائبريري، ڪراچي

**نيم سرڪاري لائبريريون:**

(1) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبريري
(2) پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو لائبريري
(3) رام ڪرشن لائبريري، ڪنڌ ڪوٽ
(4) سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريري
(5) سنڌ يونيورسٽيءَ جي مرڪزي علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري
(6) سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي سيمينار لائبريري
(7) سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي جي سيمينار لائبريري
(8) سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف لئنگوئيجز جي لائبريري
(9) شاهه ولي الله اڪيڊمي لائبريري حيدرآباد

**خانگي لائبريريون:**

(1) آغا خان لائبريري، پرنس علي روڊ، حيدرآباد.

**ذاتي لائبريريون:**

(1) ڊاڪٽر شيخ محمد اسماعيل جي ذاتي لائبريري
(2) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ جي ذاتي لائبريري
(3) ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ذاتي لائبريري
(4) ڊاڪٽر قاضي خادم حسين جي ذاتي لائبريري
(5) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي ذاتي لائبريري
(6) محترم عبدالقادر جوڻيجي جي ذاتي لائبريري
(7) محترم جاويد اقبال جي ذاتي لائبريري
(8) محترم شوڪت حسين شوري جي ذاتي لائبريري
(9) محترم ظفر حسن شاهه جي ذاتي لائبريري
(10) محترم حبيب بخاري، ٽنڊي محمد خان واري جي ذاتي لائبريري
(11) محترم زيب ڀٽي ٽنڊي محمد خان واري جي ذاتي لائبريري
(12) محترم عبدالله ورياهه جي ذاتي لائبريري
(13) محترم ولي رام ولڀ جي ذاتي لائبريري
(14) محترم فيروز بلوچ، ٽنڊي محمد خان واري جي ذاتي لائبريري

**سنڌي ناول:**

1. آسانند مامتوراءِ: شاعر، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع
2. آغا سليم: اڌ پورو انسان، حيدرآباد نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1985ع
3. آغا سليم: روشني جي تلاش، ايضاً 1987ع،
4. ايضاً: اونداهي ڌرتي روشن هٿ، ايضاً 1984ع



5. الله بخش ٽالپر: پرديسيءَ جو پيار، حيدرآباد آزاد بڪ ڊپو، 1952ع
6. ايضاً: اداسيءَ جون آهون، حيدرآباد، اداره آواز ادب، 1963ع
7. انجم هالائي: ڪاروان زندگي، حيدرآباد، فردوس پبليڪيشن، 1952ع
8. امرجليل: نيٺ گونگي ڳالهايو، عبرت گروپ آف پبليڪيشن، 1994ع
9. الانا، غلام علي: لاش ۽ آر- ايچ احمد برادرس، 1956ع
10. پمپاڻي، نارائڻداس، پروفيسر: غريبن جو ورثو، سنڌي ادب گهر، ڪراچي 1961ع
11. ايضاً: مالهڻ، حيدرآباد پاپا پرنٽرس پريس، 1967ع
12. ايضاً وڏوا، ڪراچي، نارائڻداس پمپاڻي، 1943ع
13. ايضاً: پاپ ۽ پاڪيزگي، ايضاً، 1945ع
14. پوپٽي هيراننداڻي: سيلاب زندگيءَ جو، بمبئي، شري راج ڪمار چاٻڙيا
15. ايضاً: جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات 1966ع
16. ايضاً: حسرتن جي تربت
17. ايضاً
18. رام پنجواڻي: شرميلا، ڀارت جيون ساهتيه، 1944ع
19. ايضاً: زندگي يا موت، ڀارت جيون مالها
20. ايضاً: آهي نه آهي، شري راڄ ڪمار چاٻڙيا، 1981ع
21. ايضاً: ڏيئر نه چمن، ڀارت جيون مالها، 1975ع
22. رام هنگوراڻي: سنڌو، بمبئي، سنڌي ساهتيه سهڻي 1959ع
23. ريٽا شهاڻي: پنيرڪي جي پڻ پڻ ۽ چنڊ ڪان سج تائين ڪونج پبليڪيشن، 1985ع
24. ڏيپلائي، محمد عثمان: سانگهڙ، شيخ غلام علي ائنڊ سنز، 1963ع
25. ايضاً: مينا بازار، حور بغداد شيوا جي شيش محل، شير ايران، نور توحيد، ڏاهري رنگ محل، مرشد جي ڏاڙهي، ڪتي جو پڇ
26. ڄام ساقي: ڪاهوڙي ڪڄن، حيدرآباد، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، 1985ع
27. چندو لعل جئسنگهاڻي: ساڌنا جو خون ۽ ڀارت جيون بمبئي، 1962ع
28. ايضاً: اپراڌي، ڀارت جيون مالها ممبئي، 1956ع
29. ايضاً: ننگي پنج رنگي، ايضاً: 1963ع
30. ايضاً: يوئر آنر، ايضاً: 1966ع
31. ايضاً: اُماس، ڪونج پبليڪيشن ممبئي
32. ايضاً: بندي، چندو لعل ناول مالها، ايضاً 1976ع
33. ايضاً: اگني، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، 1985ع
34. خليق مورائي: سندري، حيدرآباد، بشير احمد ائنڊ سنز، 1976ع
35. سندري اتمچنداڻي: ڪرنڌڙ ديوارون، مڪتبه فروغ ادب ڪراچي، 1963ع
36. ايضاً، پريت پراڻي ريت نرالي، اجنتا ساهت مالها، 1956ع
37. سراج الحق ميمڻ: ڀڙاڌو سوئي سڌ، نيو فيلڊس حيدرآباد، 1988ع
38. ايضاً تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول، نيوفيلڊس، 1989ع
39. ايضاً، منهنجي دنيا مرگهه ترشنا، ايضاً، 1990ع ص 221
40. ايضاً، پياسي ڌرتي رمندا بادل، ايضاً، 1989ع

41. شيخ،محمد حسين: بولي، آر.ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 1958ع
42. طارق اشرف: ميرو ڏاڙيل، سهڻي پبلشرس، 1980ع
43. عبدالحق عالماڻي: ڪارو ڪارونپار، حيدرآباد، سنڌي اڪيڊمي 1976ع
44. عبدالرزاق راز: مسافر، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، 1993ع
45. علي بابا: موهن جو دڙو، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1985ع
46. عمرالدين بيدار: مهرو، اداره آواز ادب حيدرآباد، 1967ع
47. غلام علي الانا: ڊاڪٽر، لاش، آر ايچ احمد برادرس حيدرآباد، 1952ع
48. گل نصرپوري: درياءَ جي ڪپ تي، اداره آواز ادب حيدرآباد، 1960ع
49. غلام نبي مغل: اوڙاهه، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1994ع
50. ڪرشن کٽواڻي: منهنجي منڙي سنڌ، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1991ع
51. ايضاً: امر پيار، چونڊ پبليڪيشن، 1981ع
52. ايضاً: ياد هڪ پيار جي، 1978ع
53. ايضاً، ست ڏينهن، 1985ع
54. ڪلا پرڪاش: حياتي هوتن ري، نئين دنيا پبليڪيشن، 1979ع
55. ايضاً: هڪ دل هزار ارمان پارت جيون ناول مالها، 1957
56. ايضاً: شيشي جي دل ۽ هڪ سپو سُکن جو
57. قاضي، خادم، ڊاڪٽر: پيار ۽ درد جي خوشبو، نيوفيلڊس پبليڪيشن، زوال، سنڌي ساهت گهر، 1976ع
58. قبول ابڙو: ڊنل اکين جا خواب، لاڙڪاڻو، ڪلاڪار پبليڪيشن، 1987ع
59. ايضاً: ذرتي جي جنگ، ايضاً، 1987ع
60. ايضاً: گوبند مالهي: شرم ٻُوٽي، 1957ع
61. ايضاً:  لوڪ آهي ٻوڪ، پارت جيون مالها، 1957ع
62. ايضاً: عشق ناهي راند، ڪهاڻي پبليڪيشن، 1955ع
63. ايضاً: ديسي پيار ڪجن، ڪهاڻي پبليڪيشن 1958ع
64. ايضاً: پيار جي پياس، ساهتيا اڪادمي، 1953ع
65. ايضاً: آنسو، ايضاً: 1954ع
66. ايضاً: زندگي جي راهه تي، ايضاً: 1954ع
67. ايضاً: من جو ميت، ڪهاڻي پبليڪيشن، 1953ع
68. ايضاً: پکيئڙا ولر ڪان وڇڙيا، 1953ع
69. ايضاً: چنچل نگاهون، پارت جيوت مالها، 1954ع
70. ايضاً: ڏيهي پرڏيهي ٿيا، 1961ع
71. ايضاً: پيار جي شڪست، 1961ع
72. ايضاً: سنڌو جي ڪناري، 1961ع
73. ايضاً: هڪ انسان سو طوفان، پارت جيون مالها، 1965ع
74. ايضاً: محبت جي راهه ۾، مارئي پبليڪيشن، 1975ع
75. ايضاً: تون مان ۽ هوءَ
76. لعل پشپ: هڪ سرد ديوار، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، 1969ع
77. ايضاً: اُها ديوار آسمان تائين





78. ايضاً: آتم مريادا،
79. ايضاً: تڏهن ۽ هاڻي، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، 1975ع
80. ايضاً: هن جي آتم جو موت، پرهه ڦٽي پبليڪيشن، 1975
81. ملڪ آگاڻي، نيروليءَ جو ڪُن، سرسوتي پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 1987ع
82. مرزا قليچ بيگ: زينت، سنڌي ادبي بورڊ، 1962ع
83. ايضاً: دلارام، ايضاً، 1975ع
84. موهن ڪلپنا: زندگي، پارت پبليڪيشن، 1957ع
85. ايضاً: لگن، ايضاً، 1954ع
86. ايضاً: ماءُ، 1979ع
87. ايضاً: جلاوطني، 1974ع
88. ايضاً: آواره، 1953ع
89. ايضاً: سنڌ ۾، 1957ع
90. ايضاً:  عورت، پشپ ڪمل پبليڪيشن، 1956ع
91. ايضاً: پٿر جو جگر ميڻ جي دل، 1958ع
92. ايضاً: وشواس، سهڻي گهر، ممبئي، 1958ع
93. ايضاً: رُج ۽ پاچا، 1966ع
94. ايضاً: جلاوطني، 1974ع
95. ايضاً: تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين، سنڌي ساهت گهر 1975ع
96. ايضاً: اجا رات باقي آهي، پرپارت ساهتيه مالها، 1955ع
97. ايضاً: ڪانءَ ۽ سمنڊ، سنڌي ساهت گهر
98. ايضاً: سرڳ جي ڳولها
99. ايضاً: درد جو درياءَ
100. ايضاً: تاريخ جي موڪل، 1990ع
101. ايضاً: سهڻي ڪتاب گهر، 1957ع
102. ايضاً: تاريخ جي موڪل، سنڌي ساهت گهر، 1957ع
103. ايضاً: ڪانءُ ۽ سمنڊ، 1987ع
104. ايضاً: سرڳ جي ڳولا
105. ايضاً: درد جو دريا، روشني پبليڪيشن، 1992ع
106. ايضاً: تاريخ جي موڪل، سنڌي ساهت گهر، 1990ع
107. ايضاً: تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين. سنڌي ساهت گهر، 1990ع
108. ملڪ آگاڻي: نيروليءَ جو ڪن، لاڙڪاڻو، سر سوتي پبليڪيشن، 1987ع
109. نجم عباسي: بلنديون، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1984ع
110. ايضاً: پيار ڪهاڻي ايضاً، 1984ع
111. ايضاً: تلاش، ايضاً، 1987ع
112. ايضاً: ڏنم اڻ ڏٺل، سنڌي ساهت گهر، 1980ع
113. ولي رام ولڀ: سيتا هرن، آگم پبليڪيشن حيدرآباد، 1977ع
114. ايضاً: غدار، روشني پبليڪشن، 1990
115. ايضاً ذاريو، ايضاً، 1993ع
116. ايضاً: بند دروازو، حيدرآباد، آگم پبليڪيشن، 1978ع

117. هري موٽواڻي: اَبو، بمبئي، سنڌ آرٽ پرنٽرس، 1988ع
118. ايضاً: اَجهو، بمبئي، کونج پبليڪيشن، 1990ع
119. هري همٿاڻي: رات جو ٻيو پهر، اجمير، اجنتا پبليڪيشن، 1986ع


**English Books:**


1. Abdul Latif: "Influence of English Literature, on urdu literature " London, 1924.
2. Ajwani, A.L.Professor, "History of Sindhi Literature" Dehli Sahitya Academy, 1970.
3. Allana, G.A. Professor: "An Introduction of Sindhi Literature" Sindh Adabi Board, 1991.
4. Austen Warren and Rene Wallek: "Theory of Literature," London, 1961.
5. Collins, A.S: "English Literature of Twentieth Century:" London, 1962.
6. David Douches: "The Novel and the Modern World," Chicago, 1964.
7. Ibid.:"The Study of Literature", New York, 1948.
8. Dorthy, Brewster and J.A Birrell: "Modern World Fiction", U.S.A, 1951.
9. Dorthy, M.Hoare:" Some Studies in Modern Novel", London.
10. Edoby, B.Rajan: "The Novelist as Thinkers", London.
11. Edmund Wilson: "The Triple Thinkers", London, 1948.
12. Edwin Muir:"The Structure of the Novel'. London,1966.
13. Ernest A. Baker: "The History of English Novel", London.
14. Forster, E.M: "Aspect of the Novel", Penguin Book, England, 1966.
15. Francis Hovey: "The Evolution of the English Novel", London, 1923.
16. Gerald Bullet: "Modern English Fiction", London.
17. Graham, Bailey: T: ".History of Urdu Literature". Calcutta, 1932.
18. Granville, Ed: "The Living Novel Fiction", New York, 1957.
19. Henry James: "The House of Fiction"' Mercury Book, London, 1962.
20. I bid: "The Future of the Novel", New York.1956.
21. Howells: "Criticism and Fiction", New York.
22. Ian Hayward: "Selected Prose", T.S.Elliot, London, 1963.
23. Lewis G.S: "An Experiment in Criticism" London, 1961.
24. Lyn Phelps: W: "The Advance of the English Novel", New York, 1976.
25. Marion, F.Crawford: An Introduction to the Study of Novel and People.
26. Miriam Allot: "Novelist on the Novel", London, 1959.





27. Muller: J: "Modern Fiction", New York, 1937.
28. Nancy Hale: "The Realities of Fiction", Mac Million Co.Ltd. Canada, 1962.
29. Pelham Edgar: "The Art of the Novel", New York, 1923.
30. Pritchett: "The Living Novel", London, 1954.
31. Philip Henderson: "The Novel Today" London, 1936.
32. Popati Hiranandani Professor: "History of Sindhi Literature", Bombay, 1984.
33. Ralph. Fox: "The Novel and the People", Moscow, 1956.
34. Richard Satang: "Theory of Novel in England", London, 1959.
35. Riley cernantes: "Theory of the Novel ", Great Britain, 1964.
36. Richard Church: "The Growth of English Novel", London, 1966.
37. Robert Liddell: "Some Principal of Fiction", Indiana, 1954.
38. Ibid: "A Treatise on the Novel", London,1960
39. Robert Humphrey: "Stream of Consciousness in Modern Novel", U.S.A, 1962.
40. Routh H.V: "English Literature and Indians in the Twentieth Century", London, 1950.
41. Scott R.A. James: "Fifty Years of English Literature"' London, 1953.
42. Ibid: "The Making of Literature", London, 1958.
43. Somerset Mangham: "The Summing up", U.S.A, 1957.
44. Ibid:" The World's Ten Greatest Novels", NewYork, 1956.
45. Thomas Wolf: "The Story of a Novel", NewYork, 1936.
46. Thomas Hazel: "The Technique of the Novel", U.S.A, 1947.
47. Walter Allan: "Modern Novel", New York, 1964.
48. Walter Raleigh Sir: "The English Novel", London, 1935.
49. Wilbur: L.Cross: "The Development of English Novel" London, 1959.
50. William Make Peace: "The English Novelist".
51. William Henry Hudson: "An Introduction to the Literature" London,1963.


**DICTIONARIES AND ENCYCLOPADIAS**


1- Andrei Segal: "Careers Encyclopedia", 9th Edition, Great Britain, the Came to Press. New York, 1978.
2- George Chamber's Encyclopedia, Newness Ltd. London, 1950.
3- Hemingway Benton: Encyclopedia Britannica, , London, 1960
4- Encyclopedia Americana, Americana Corporation, New York, 1955
5- John Megan: The Concise Oxford Dictionary of English Literature, Oxford University Press,.

6- The Concise Dictionary of English Literature, London, 1951
7- William Allan: Webster New International Dictionary of English Language, 1950.